Sindh Jo Loke Saqafati Wariso Wali Muhammad Tahirzado 2007
سنڌ جو لوڪ ثقافتي ورثو ولي محمد طاهرزادو، پهريون ڇاپو: 2007ع
سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، سنڌ، سنڌي ادبي بورڊ

# سنڌ جو لوڪ ثقافتي ورثو

سهيڙيندڙ

## ولي محمد طاهرزادو

**پهريون ڇاپو 2007ع**

**سنڌي ادبي بورڊ ،**

## ڄامشورو

## سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو

Gul Hayat Institute

**ولي محمد طاهرزادو**

# ڇپائيندڙ پاران

ڪتاب ”سنڌ جو لوڪ ثقافتي ورثو“ سنڌي ادبي بورڊ جي هڪ سگهڙ ۽ سياڻي ڪارڪن محترم ولي محمد طاهرزادي جو پورهئي جي سهيڙ آهي. هن ڪتاب جي شروعات، تاريخ ۽ ثقافت جي لاڳاپن ۽ هڪ ٻئي تي اثر انداز ٿيڻ واري ڳالھ کان شروع ٿي سنڌي ٻوليءَ جي اڪٿ لفظي خزاني جي ذڪر تي وڃي پوري ٿئي ٿي.

محترم ولي محمد طاهرزادو ٽنڊوالهيار جو رهواسي هو، ۽ سنڌ جي اڳوٽي ڳوٺاڻي ٿهيءَ جي ”داستان گو“ ۽ ڏاهپ واري سهڻي گفتگو ڪرڻ واري ڏاهن ماڻهن مان هڪ هو. هن پنهنجو هيءُ پورهيو 1970ع ڌاري بورڊ جي حوالي ڪيو.

(ولي محمدطاهرزادو بورڊ جي انهن چند ورڪرن مان هئو، جنهن پنهنجي نوڪريءَ سان گڏوگڏ لوڪ ادب ۽ ورثي کي محفوظ ڪري هڪ وڏو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي. هن جا پارن جي وندرورونهن تي لکيل ڪهاڻين، راندين ۽ سنڌ جي هڪ ڏاهي لوڪ ڪردار ”وتايو فقير“ وارا ڪتاب سندس حياتيءَ ۾ ئي بورڊ پاران ڇپجي پڌرا ٿيا.

هن ڪتاب جي مند، تاريخ واري پاڳي ڪان وٺي سنڌي ٻوليءَ جي لفظن واري خزاني ”ٻڙ ٻڏياد“ تائين سوڌ سنوار وارو ڪم بورڊ جي انچارج ايڊيٽنگ سيل عبدالحفيظ قريشي وڏي عرق ريزيءَ سان مڪمل ڪيو آهي.

سنڌ جي لوڪ ثقافتي ورثي جي رکوال ۽ هڪ لوڪ سڄاڻ ماڻهوءَ جو هيءُ پورهيو منهنجي ايام ڪاريءَ ۾ چيچي نروار ٿيڻ تي مون سان گڏ سڄي سنڌ کي ضرور سرهائي ٿيندي ۽ اميد آهي ته سنڌ جي لوڪ ادب جي اِتهاس ۾ هيءُ ڪتاب هڪ عاليشان واڌارو ليکيو ويندو.

چام شورو، سنڌ                    اعجاز احمد منگي

اربع 9                              صفر

1428هجري                          سيڪريٽري

بمطابق 28 فيبروري 2007ع          سنڌي ادبي بورڊ

Gul Hayat Institute

# دلي اظهار

گهڻن ڏهاڙن کان اهو خيال هانءُ ۾ هري رهيو هئم ته آخر سنڌي ساهت ۽ ٻوليءَ جو ڇا ٿيندو؟ هڪ پاسي پرڏيهي ٻولين جي والار ۽ ٻئي طرف مشيني دؤر اڇي سهڙيو آهي. ڪيتي لاءِ مشنيون استعمال ٿي رهيون آهن ۽ ٿينديون رهنديون. اسان جو نار ۽ ڏاند پوک جو طريقو ۽ اوزار سڀ جا سڀ ڪٿجي غائب ٿي ويندا، نه رهُو پوکون، پر اسان جي ڪرت: جن ۾ هزارين نج سنڌي ٻوليءَ جا اکر ڪتب پيا اچن سي پڻ بدلجي ويندا! ڪيڏانهن ويا گاڏير ۽ گاڏيون، گهاڻا ۽ چيچڙا، مانڌاڻيون ۽ ماٽيون، نجا کير ته نبار گيهه! ڏسان پيو ته انهن جي جاءِ تي مشينون ۽ موٽر ڪارون، اليڪٽرانڪ اوزار وغيره والاريندا پيا اچن. تڏهن ڇا، سنڌي ٻوليءَ جو اُتوپتو گم ٿي ويندو؟ ڪيترائي لفظ متروڪ ٿي ويا آهن ۽ ٿيندا پيا وڃن. ڪن جي اصليت گم ٿيندي وڃي، ڪي ته گڏجي مسجي پنهنجو وقار ۽ اصليت وڃائي ويٺا آهن. ڪن جو پورو مطلب نڪي سمجهه ۾ ٿو اچي، نڪي ادا ڪري ٿو سگهجي. ٻوليءَ جي ڄاڻوئن هوندي، ٻولي هن طرح پائمال ٿيندي رهي، ته ڏاڍي ڏک جي ڳالهه آهي!

اسان جي ٻولي برجستي برمحل ۽ مڪمل آهي، منجهس ڪابه کوٽ يا گهٽتائي ڪانهي، پر نئين ٿهيءَ وارا اهو پسند نٿا ڪن، ته تز اکر، جملن ۾ پنهنجي مطلب کي واضح ڪرڻ جي لاءِ سانڍي رکن ۽ انهن جي مالها ڦيرائيندا رهن. هاڻي ته مرڳو خاص شين، خاص عضون جي جاين تي آڱر رکي اشارا ڪيا ٿا وڃن. جڻ ته ٻولي گهٽجي ۽ تنگ ٿي رهي آهي. اسان جا محاورا، پهاڪا، چوڻيون ۽ تجنيسون سڀ وئڙث وڃي چڪيون آهن، جي سنڌي ٻوليءَ جي چند عالمن کان سواءِ ٻيا رڳو پڙهيل ڪڙهيل به ڪم ٿيائو ٿي پيا آهن.

جنهن ٻوليءَ جا قومي ۽ عوامي شاعر موجود هجن ۽ پنهنجي ٻوليءَ کي ترقي وٺائڻ بجاءِ ٻين ٻولين جي انڌي تقليد ڪندا رهن ۽ پنهنجن اکرن، حرفن، لفظن، جملن کي ميساري وساري ڌاريون ترڪيبون، ۽ ترتيبون استعمال ڪرڻ کي فخر ڄاڻن ۽ دل ۾ اهو ڌيان ڌارين، ته اباڻي ٻوليءَ کي مالامال ڪري رهيا آهن، ته اهو ڪو چڱو مثال ناهي، جنهن به سماج ۾ اُن جي ٻوليءَ جو واهپو جيترو وڌندو ان جي ترقي ۽ بقا اوتري ئي ممڪن هوندي ۽ رهندي.

هن وقت سنڌي ٻوليءَ ۾ نه ڪو سائنس جا ايترا ڪتاب نقل ٿي آيا آهن، نڪي ڊاڪٽري يا سرجريءَ بابت ۽ نه وري ڪي قانوني ڪتاب ترجمو ٿيل آهن. اجا ڪالهوڻي ڪالهه

جي ڳالھ آهي، تہ سنڌي ٻولي ڪورٽن جي ٻولي هئي. قاعدن قانونن جا ڪتاب، آفيسن جا فارم، سپڪجھ سنڌي ٻوليءَ ۾ بي انداز ملي سگهندا هئا. جنهن ڪتاب جي گهر ڪبي هئي، اهو سنڌيءَ ۾ ملندو هو. انگريزن جي زماني ۾ سنڌي ٽائيپ رائيٽر بہ تيار ڪرايا ويا هئا. سمجهيو هوسين تہ ٻولي پنهنجي منزل ڏانهن تڪڙا قدم کڻي رهي هئي، تہ پلو ٿئي ڪن جعفرن ۽ صادقن جو، جن اُسرندڙ عروج مند ٻوليءَ کي نپوڙي گهوگهاٽي مرڪز جي حوالي ڪيائون. ون يونٽ ڪونہ ٺهيو، پر نڙيءَ تي ننهن آيو. ڪيڏانهن ويون اهي خوشحاليون تہ ڪيڏانهن ويون قيل مقالون! جو جٽ سو تٽ سڪي بيهي رهيو. پوءِ تہ نادرشاھ جي ڪوس وانگر دهليءَ جو ٻار ٻچو، زال زنب، وهٽ وانو، ڪٺو ۽ ٻڌو ٿي ويو. ڪي ساڙ سڙيل بهانو ۽ وجھ ڇاڻي سچي ملڪ ملير مٿان چانئجي ويا. ساڳي مدد خان واري ڦرمار، لٽ لوھ لڳي ويئي. ڪير ڪچي تہ يڪدم ٿا الزام لڳن، ويٺا ڏسون عجب رنگ خدا جا، هتي اچي جن پگهر ٺاري وسرام وٺي ملڪيتون ناهيون ٻچا پاريا. عزت جي زندگي گذاري، سي خود ڦري ڦاڏا ٿي پيا. جن جون سوين مهمانيون ڪيون سين، ڪين ٿڌي چانوَ ۾ ويهاريو، جڏهن ملڪ ملير مرڪز جي حوالي ٿيو تہ اهي هوڙ دنگا ٿي بيٺا. ڪوڙن ڪليمن، ڪوڙن ڊوميسائلن ۽ سرٽيفڪيٽن جو ڪاروبار اوج تي



Gul Hayat Institute

وجي پهتو، ڌرتي ڌڻين جي سموري ڪاروهنوار تي قلف لڳي ويو. فريادي به پاڻ ته جوابدار به پاڻ، حاڪم به پاڻ ته محڪوم به پاڻ. هاري به پاڻ ته زميندار به پاڻ ٿي ويا.

”مڙيا مڇَ هزار، پاڳا ٿيندي سهڻي“

جي مثال وانگر ملڪ ملير ٿي ويو، ڪنهنجي مجال جو ان بغداد بابت ٻڙڪ به ٻاهر ڪڍي سگهي، ڪو ڪڇي ته وات تي هٿ رکي پيا چونس ته ميان ماٺ ٿئي پلي.

”نڪي ڪڇ نڪي پڇُ اندر ۾ پيو لڇ“

خدا جي ڪمهري ٿي آهي. پنهنجا ڏوهه آڏو آيا آهن. اوپرن کي گهر جو سڀ سامان ڏيکاريو اٿئون. هنن جي خدا ٻڌي، هنن پنهنجا گندا مندا ڪامورا ڪرڙا الائجي چاچا ڏياري موڪليا ته: جهٽ ڪري ملير کي ڏُهو ۾ ڪائو. اهڙو سٽپوگراهه وري هٿ نه ايندو. اصل بيداد ننگري بنائي رکيائون. جيڪو مئو سو ماريو، جيڪو چپيو سو ڦٻيو!

سچ آهي ته الله سائين وٽ دير آهي، پر انڌير ناهي. قدرت نيٺ پنهنجي جوش ۾ آئي بدقسمتيءَ جا ڏينهن پورا ٿيا، موسم آهر واهوندا وريا. ملڪ ملير بحال ٿيو، ”حق حقداران بر سيد!“ اهو به شڪر ٿيو. ڪنهن جي نيڪ نيت ۾ گمان آڻڻ ڪفر آهي. جزاڪ الله. الله تعاليٰ دلين تي درجا ۽ پنڌ تي پاڙا مقرر ڪري ڇڏيا آهن.



Gul Hayat Institute

خير، آءٌ پنهنجي مقصد کان هٽي البت ٻاهر پري نڪري ويس، تنهن ڪاڻ معافيءَ جو طلبگار آهيان.

سو ڳالهه ٿي ڪيم ٻوليءَ جي، پيهار اوج تي آڻڻ جي، متروڪ ٿيل ورثو ته وري انهن پيرن تي ڪين اچي سگهندو، البته جيڪو ذخيرو موجود آهي، ان کي ساهه سان سانڍڻ جو پڪو په ڪري. هن ڪتاب لکڻ کي لڳي ويس ورهين جي پورهئي تي، ٻارهن مهينن جي مٿا ڪٺ ڪري ۽ ٽڪرن ٽاڪرن کي ٽاهي جوڙي اڄ هن کي مڪمل ڪري سنڌي ادبي بورڊ جي حوالي ٿو ڪريان جنهن لاءِ لطيف گهوٽ فرمايو آهي ته

”توتي لڄ لطيف آهي سنڌي عام!“.

منهنجا لايا سجايا ٿيندا، جي سنڌي ادبي بورڊ هن محنت جي قدرداني ڪري مون کي سرفرازي جو موقعو بخشيندو.

والسلام

ولي محمد طاهرزادو

اڱارو 10- مارچ 1970ع

بمطابق 2- محرم 1390ھ

Gul Hayat Institute

# مهاڳ

دنيا جي سمورن قومي سماجن جي ڪلاسيڪل ادب جو بنياد سندن لوڪ ادب ۾ آهي، انهيءَ لوڪ ادب جو سرجڻهار عوام آهي. اِهو لوڪ ادب پيار ۽ محبت جي داستانن وانگر سينو به سينو سفر ڪندي هرِ پراڻي پيڙهيءَ کان نئين پيڙهيءَ تائين پهچي ٿو. سنڌ جو لوڪ ادب ۽ لوڪ ثقافت جو تاجي پيٽو سنڌ جي قديم تاريخ ۾ نظر ايندو. قاضي قاضن جو ڪلام هجي يا شاهه عنايت جو ڪلام يا شاهه عبداللطيفرح جو رسالو. هنن ۾ سمورا چرندڙ پرُندڙ ڪردار سنڌ جي لوڪ ادب مان ئي کنيل آهن. رڳو انهن ڪردارن ۾ انبلڻي رنگ پرڻ وارو پورهيو لطيفي فڪر جو ڪارنامو آهي.

دنيا جا سمورا انساني سماج پنهنجي عوامي اتهاس جي تاريخ مان ڦٽندا ، وڌندا، ويجهندا ۽ فنا ٿيندا آهن. جيئن وڻ پنهنجي پاڙن مان ريج وٺي اُسري نسري وڏو چانورو بڻجي ٿو ۽ زماني جي گردش، مناسب آبياري نه هئڻ ۽ ٻين ڪيترن مادي سببن ڪري پنهنجي ئي پاڙن ۾ ختم ٿيندا آهن.

سنڌ جي لوڪ ادب ۽ لوڪ ثقافت جو سرجڻهار سنڌ جو پورهيت عوام رهيو آهي. سنڌ جي انهيءَ لوڪ ادب ۽

لوڪ ثقافت جو سفر سنڌي ٻوليءَ ذريعي ئي ممڪن ٿيو آهي. ٻولي جا عوامي امنگن، خواهشن، اميدن کي ظاهر ڪري ٿي، جنهن قومي سماج ۾ ٻولي جيتري سگهاري هوندي، اتي جو لوڪ ادب ۽ لوڪ ثقافت به اوتري طاقتور ۽ اثرائتا هوندا آهن. لوڪ ادب ۽ لوڪ ثقافت جو تعلق ڌرتي ۽ ڌرتي واسين سان هوندو آهي. ڪوبه لوڪ ادب ۽ ثقافت هوا ۾ ڪونه ڦٽندو آهي. هن جون جڙون پاتار ۾ هونديون آهن. پاتار سان هتي مقصد انهيءَ ڌرتيءَ جي معلوم ۽ نامعلوم تاريخ سان آهي، جنهن جو تعلق لوڪ ادب ۽ ثقافت سان هوندو آهي.

دنيا جو هر هڪ قومي سماج هڪ زنده ايڪو (Organic Unit) هوندو آهي، جنهن جو جياپو پنهنجي ڌرتي ۽ پنهنجي ٻوليءَ کان سواءِ ممڪن نه هوندو آهي. ان ئي ڪري ڪنهن قومي سماج لاءِ اُن جي ڌرتي (وطن) کان پوءِ اُن جي ٻولي ئي سندس خاص اڪيلي قومي سڃاڻپ، هن جو حقيقي روح ۽ گڏيل قومي سوچ هوندي آهي.

اِها ٻولي ئي آهي جا ڪنهن سماج منجهه ايڪو ۽ ٻڌي پيدا ڪرڻ وارو واحد، مستقل ثقافتي جز، مک عنصر، اوزار ۽ وسيلو هوندي آهي. جيڪا سماج جي هر سطح تي وسندڙ سمورن ماڻهن جو پاڻ ۾ رابطي، ڳانڍاپي، گڏيل جياپي جو هيڪلو حيلو ۽ وسيلو پڻ هوندي آهي.

دنيا جي هر هڪ قومي سماج ڪي يڪ جان ۽ هڪ مٺ بڻائيندڙ انهيءَ ٻوليءَ وسيلي، اهو سماج نه رڳو پنهنجي ثقافت جو ڀرپور اظهار ڪندو آهي، پر اِها ٻولي ئي آهي، جنهن جي ذريعي ڪنهن قومي سماج جي، سموري ثقافتي تاريخ، سرويچي، سورهيائيءَ ۽ اڏول پڙي وارا جنگي داستان، روايتون، ريتون، رسمون، رواج، رهڻي ڪهڻي هنر، سنگيت، ڪلا ۽ جياپي جو ٻيو سمورو ثمر اچي گڏ ٿيندو آهي. اِهو (سمورو ثمر) ئي هوندو آهي، جيڪو گهگهه اوندهه رات ۾ سهائي ۽ سوجهرو پيدا ڪري پنهنجي وجود جي سڃاڻپ ۽ ساڃاهه ڏيڻ سان گڏ پاڻ وسارڻ، لساني ۽ ثقافتي طرح سان پاڻ وڃائڻ ۽ گم ٿيڻ کان بچائيندي، ترقي ۽ بقا ڪي هٿي ڏيندو آهي.

ٻولي ۽ ثقافت واري انهيءَ گڏيل قومي ثمر ۽ اباڻي موڙيءَ کي قوم جي هر لائق پيڙهي وڃائڻ بدران سانديندي، سنڀاليندي ۽ ان جي چنڊڇاڻ ڪري، ان کي وڌائيندي، ويجهائيندي سموري سونهن ۽ سوڀيا ساڻ پنهنجي ايندڙ پيڙهيءَ تائين رسائيندي آهي. اِها پيڙهي وري ساڳيءَ ريت اُن کي وڌيڪ اُجاري ۽ سنواري ٻي ايندڙ پيڙهيءَ تائين پهچائيندي آهي، دنيا جا تمام زنده سماج ۽ زنده قومون ان ئي ريت جيئنديون ۽ پنهنجي وجود کي امرتا ڏينديون رهنديون آهن. ڌرتيءَ جي سمورن انساني سماجن جي

Gul Hayat Institute

اوسر ۽ ترقيءَ جو اهو سلسلو ان ريت تاريخ جي شعور واري اک پٽجڻ کان به اڳ جاري هو، جاري آهي ۽ جاري رهندو.

دنيا جي سڀني قومي سماجن لاءِ، وطن، ٻولي،ثقافتي، اقتصادي ۽ حق حاڪميت وارا مفاد، هڪ ٻئي جا مستقل، لازمي ۽ اٽوٽ انگ هوندا آهن. انهن منجهان ٻوليءَ جي ترقي وطن، قوم، ثقافت، اقتصاديات ۽ ملڪ جي ترقي هوندي آهي، ان ريت انهيءَ خاص سماج جي هر سطح تان ٻوليءَ جو تڙجڻ، اصل ۾ ڌرتي واسين جو ڌتڙجڻ هوندو آهي.

سنڌي ثقافت جو هڪ وڏو تاريخي اتهاس موجود آهي، انهيءَ ثقافتي اتهاس جو تاجي پيٽو سنڌ جي موجود حدن کان گهڻو ٻاهر تائين به موجود رهيو آهي. سنڌ جي لساني ۽ ثقافتي اثر پذيري هڪ عالمگير حقيقت رهي آهي. ٿورن لفظن ۾ سنڌو سڀيتا پنهنجي مرڪز مان نڪري، سڄي نندي کنڊ سان گڏ ايشيا، آفريڪا، وچ اوڀر، ويندي يورپ تائين ڪيترن ئي انساني سماجن تي پنهنجو اثر وڌو. انهيءَ جو ثبوت سنڌي ٻوليءَ جا لفظ آهن، جيڪي دنيا جي ٻين ٻولين ۾ نئين شڪلين ۾ اڄ به زنده آهن ۽ پڻ ٻين سماجن سان انهن واپاري ۽ ثقافتي لاڳاپن جو اثر، سنڌي سڀيتا تي پوڻ، ٻين ٻولين ۽ آرڪيالاجي جي اڀياس مان ثابت ٿئي ٿو.

هزارين ورهين اڳ (1800 ق.م) تائين، سنڌو سڀيتا جي سمورن ماڳن، ڪالي بڱنگن [وڃر پنجاب- هريانه] هڙاپا [پنجاب] موهن جو دڙو [لاڙڪاڻو]، چانهوءَ جو دڙو [نواب شاهه]، ڍول ويرا [ڪڇ]، لوٿل [گجرات] مان لڌل ٺڪر جي ٿانوَن تي ٿيل چٽساليءَ وارو فن، ڪلا ۽ ڪلاونت ۾ جا هڪجهڙائپ رکي ٿو، سا انهيءَ قديم سنڌو سڀيتائي مرڪز جي مضبوطي کي ظاهر ڪرڻ سان گڏ اهو به ثابت ڪري ٿي ته قديم سنڌوسڀيتا، پنهنجي فن ۽ ڪلا جي وڏي محافظ ۽ رکوال هئي، انهيءَ مثال مان اِها پڪ ٿئي ٿي ته جنهن سڀيتا پنهنجي ٺڪر جي ٿانوَن جي ڪلا جي ايڏي حفاظت ڪئي، تنهن پنهنجي ٻولي، ريتن ۽ رسمن جي به سارسنڀال به ڪئي هوندي. اڄ سنڌي ٻوليءَ جا لساني رابطا ۽ لاڳاپا دنيا جي تمام قديم ٻولين، قديم ايراني ٻولي، آڳاٽي دراوڙي ٻوليءَ سان ثابت آهن. ڪتاب ”سنڌ جو لوڪ ثقافتي ورثو“ نه رڳو سنڌ جي تاريخ جو مختصر اڀياس آهي، پر هن ڪتاب ۾ سنڌي ٻوليءَ جي انهيءَ قديم لهجي کي پڻ محفوظ ڪيو آهي، جا سنڌ جي سامونڊي ڪناري ۽ ڏاکڻي علائقي ۾ رهندڙ ڪڙمين ۽ ڪاسبين جي عوامي ٻولي آهي. اها ٻولي جا سنڌ جي ڪلاسيڪل ۽ بنيادي شاعريءَ جي پيڙهه آهي، جتان پير صدرالدين شاهه جا گنان، قاضي قاضن جو ڪلام، ميون

شاهه عنايت جو ڪلام، شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمه الله ڪلام سرجيو. اها ٻولي انهن ساموندي ڪنارن کان نڪري دنيا جي انيڪ سماجن تائين پهتي ۽ سڄي دنيا سان نئون تعلق قائم ڪندي اڄ به امر آهي. سنڌ جي انهيءَ لوڪ ادب جو تاڃي پيٽو ”رگ ويد“ جي سوترن منجهه به آهي. ڪنهن سنڌي (رشي) سنڌوءَ کي لفظن ۾ جيڪي پيٽا ڏني آهي، تنهن جو تفصيل ڪاڪي پيرومل آڏواڻيءَ ”ڪتاب قديم سنڌ“ ۾ ڏنو آهي.

**اي سنڌو:**

جڏهن تون ميدانن مان وهين ٿي،
تڏهن بيشمار ڪاڏو پاڻ سان آڻين ٿي،
تنهنجو پاڻي اُتم آهي.

**اي سنڌو!**

جيڪڏهن تنهنجي خوبصورتيءَ جي ڀيٽ ڪجي ته
تون نووراني ڪنوار وانگر آهين،
تون سدائين جوان ۽ سدائين سهڻي آهين،
سنڌوءَ جا گڙگاٽ ڌرتيءَ تان اُٿن ٿا،
اُها آسمان ڀريو ڇڏين،
سنڌو نهايت زور سان وَهي ٿي ۽ منهن مٽيادار اٿس،
سندس پاڻيءَ جو آواز اهڙو ٿو ٿئي جو ائين پيو ڀانئجي ڄڻ
ته،

Gul Hayat Institute

مينهن جون اوڙڪون گجگوڙ ڪري پئيون وسن،
اِجها، سنڌو ڍڳيءَ وانگر رنڀندي پيئي اچي.
**اي سنڌو!**
جيئن سوئا ڳئون کير سان پريل اُوهن سان،
پنهنجن ڦرن ڏي ڊوڙن ٿيون،
تيئن ٻيون نديون جدا جدا هنڌان پاڻي کڻي،
تو ڏي رنڀنديون اچن ٿيون“
”رگ ويد“ ۾ جنهن سنڌي رشيءَ هي لفظ چيا آهن، تنهن، جنهن مهل سنڌوءَ جي پرتي ڪنڌڙ ندين کي، سنڌوءَ طرف وهندو ڏٺو آهي، تنهن مهل تشبيهه ئي اور ڪم اندي اٿس.
هو چوي ٿو:
۽ اي سنڌو! جيئن ڪو راجا يڌ ڪرڻ لاءِ
نڪرندو آهي ۽ پٺيان لشڪر هوندو اٿس،
تيئن تون به ندين جي اڳيان،
مهندار ٿي هلين ٿي،
۽ ٻيون نديون به پلٽڻيون ڪري،
تنهجي پٺيان ائين هلن ٿيون، جو ڄڻ ته
ساڄئي رٿ ۾ سوار آهيو.“
* * *
ڪاڪو پيرومل اجا به اڳتي، رگ ويد مان وڌيڪ حوالو ڏيندي لکي ٿو ته:

۽ سنڌو، جا اجيت آهي سا، سڌي وَهي ٿي
سندس ورڻ يا رنگ اڇو ۽ روشن آهي،
۽ هوءَ وڏي ندي آهي. سندس پاڻيءَ ۾،
تک گهڻي آهي، ۽ چئن ئي طرف
پوڙ پوڙان ڪري ٿي،
جيڪي به چرندڙ شيون آهن سي اهڙيون تيز رفتار نه آهن،
جهڙي هيءَ سنڌو ندي
سپاڳيءَ سنڌو، جا،
ماڪي ڏيندڙ گلن سان سينگاريل آهي.“
* * *
ڪتاب ”سنڌ صدين ڪان“ ۾ علي اي.جعفري هڪ وڏيڪ حوالو ڏنو آهي، جنهن ۾ ڪنهن سنڌي (رشي / ڪوي) سنڌو ۽ سنڌ جي واکاڻ هنن لفظن ۾ ڪئي آهي.
”اي اَجهل، اَڻموٽ سنڌو،
ٻل واري، سگهاري ”سنڌو“ ڏيهن ۽ ميدانن مان،
اَپار پاڻيءَ جا ڦهلاءَ ڪڻي،
جرڪندي، ڪڙڪاٽ ڪندي وهندي رهي ٿي،
جهڙي ابلق گهوڙي، سونهاري ۽ سوپياوان.
(سنڌو) پلن گهوڙن ۾ شاهوڪار آهي،
۽ اُهي شاهوڪار رٿن ۽ ويسن وڳن ۾،
سهڻي گهڙيل سون ۾ شاهوڪار، اَڻ مئي مايا جي مالڪ،



Gul Hayat Institute

هتان جا گاهه نيڻ ٺار
۽ لذت وارو اُنَ، اهڙي جو ويٺو ڏس،
شربت جو ميٺاج نه پڇ.
* * *
هيءُ سمورو ويدن جو ڪلاسڪ سنڌ جي لوڪ ادب جي پيڙهه مان ئي سرجيو هوندو. اِهو لوڪ ادب سنڌي عوام کان سرجيو ۽ پوءِ اهو ننڍي کنڊ جي مذهبي اتهاس جو حصو بڻجي ويو، هنن لفظن کي غور سان پڙهجي ته صاف لفظن ۾ درياءَ ۽ ڌرتي جي حب جي پلر واري پالوٺ نظر ايندي، ساڳيو لطيفي فڪر، تمنا ۽ دُعا نظر ايندي.
سائين! سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار،
دُوسَ! مٿا دلدار! عالم سڀ آباد ڪرين.
سنڌو سڀيتا، پنهنجي اوج ۾ هڪ ٻلوان ۽ ڪرشماتي سماج جي حيثيت ۾ زنده رهي آهي. هن جو اهو ڳڻ گهڻ رخو رهيو آهي، هڪ پاسي سنڌ جي پٽي لوڪن جو واپاري وهنوار، وچ اوڀر، آفريڪا ۽ يورپ سان رهيو. ٻئي پاسي انهيءَ سماج جي اُن وقت جي مهندارن جو رابطو ۽ ڳانڍاپو سنڌ جي زرعي سماج ۽ پرپاسي جي ڏوٿي ۽ شڪاري سماجن سان به تهائين پختو ۽ مضبوط رهيو. اهي سمورا تعلقات پنهنجي بنياد ۾ واپاري هئڻ سان گڏ ثقافتي به هئا. ڏيتي ليتي واري انهيءَ وهنواري ۽ ڪاروباري لاڳاپن

سنڌي ٻوليءِ ثقافت کي گهڻ رنگو ٻڌائي ڇڏيو. اڄ جي سنڌي ٻوليءَ جا لاڳاپا دنيا جي مڙني ٻولين سان ثابت آهن. ان ريت سنڌ جو ثقافتي تعلق آريائي ۽ دراوڙي سماجن کان متاثر ۽ ڪين به متاثر ڪندڙ رهيو آهي.

محترم ولي محمد طاهرزادي پنهنجي ڪتاب ”سنڌ جو لوڪ ثقافتي ورثو“ جي منڍ ۽ آخر ۾ اهڙي ڪٿا بيان ڪئي آهي. هن جو هيءُ ڪتاب سنڌي لوڪ ادب ۽ ثقافت جي هڪ وڏي سهيڙ آهي.

سنڌي سماج پنهنجي بنياد ۾ زرعي ۽ پٽي سماج هئڻ وارا گڏيل گڻ رکي ٿو. آڳاٽي سنڌي سماج ۾ گهوٽ کي تيار ٿيڻ مهل ”هر“ تي ويهاري وهنجاريندا هئا، اهو ساٿ ان ڪري ڪندا هئا، جيئن هو ٻني وارو ۽ پنهنجي جوڳ وارو ٿئي.

شادي جي رسمن ۾ تر مئڻ مهل ڳائل ڳيچ آهي ته:

جيترا تر مئيندي، اوترا پٽ ڄڻيندي

* * *

ڪنوار جي گهر ۾ اچڻ مهل ڳائل ڳيچ آهي ته:

ڪونج ڪاڏئون آئي ڙي!

ڪونج ولر واري!

پيٽڻ پائرن واري.

* * *

ٿري لوڪ گيت:

مانرا لال وڻجارا جي، ماني لئي هالو گجرات،
تانتڻ هوئي تو توڙ لون، پريت توڙي ڪم جاءِ
ڪٿڪ وارتا پريم ري، مک سون ڪهي ڪم جاءِ.
* * *
لطيف سائين جي هيءَ وائي به وڻجارن جو گيت آهي.
آيل ڪريان ڪيئن، منهنجو نينهن اَپليو رهي،
ويو وڻجارو نڪري، مون کي چاڙهي چيئن،
ساموندين جي سڱ کي، رُئان راتو ڏينهن.
* * *
اهي وڻجارا جيڪي سري لنڪا، جاوا، سماترا، مسقط، بحرين ۽ عراق تائين ويندا هئا.

هڪ ساحلي سنڌي ڳيچ آهي ته:
چيٽا هنب چڙيسان
مسقط مان پيڙي آئي، جنهن ۾ آيا انب،
آءٌ ڪايان ڪلي ڪلي، توکي ڏيان ڏنپ
چيٽا هنب چڙيسان
ڪراچيءَ جي ساحلي علائقي جي ميربحرن جو گيت آهي ته:
لئي لئي خشان خشان،

Gul Hayat Institute

ٻڌ لئي خشان خشان.
شادي ٿئي ميلي ۾
پٽ رڌان چيلي ۾
لئي لئي خشان خشان،
ٻڌ لئي........
زيبل کي ڪڪو ڪپي،
مومل کي چڪو ڪپي.
لئي لئي خشان خشان،
ٻڌ لئي.........
ميرايو! ميرايو!
گهوٽ گهمي گهر آيو...
لئي لئي خشان خشان،
ٻڌ لئي.........

سمورن سنڌي لوڪ گيتن ۾ عوامي امنگ آهن پوءِ اهي سنڌ جي ساحل جا هجن يا ٿر جا هجن. سنڌ جي لوڪ ثقافت جا انيڪ رنگ آهي. جنهن جون حدون تمام وسيع آهن. هن ۾ سنڌيءَ جا سمورا لهجا، ٻوليءَ جا رنگ ۽ دؤر شامل آهن.

- هڪ سنڌي پهاڪو آهي ته:
”کهڙا ڦاڙها ماريا اٿس.“
هيءَ شڪاري دؤر جي نمائندگي ڪندڙ پهاڪو آهي.

Gul Hayat Institute

* هڪ ٻيو سنڌي پهاڪو آهي ته:
”پاڳ ڏي پيڙو ته دال مان سيرو.“
اهو لفظ ”پاڳ“ اصل ۾ پاڱ/پاڱو ”حصو“ آهي، هيءُ لفظ شڪاري دؤر سان تعلق رکي ٿو. انهيءَ زماني ۾ انساني قبيلن جو گذران جو مک ذريعو رڳو شڪار هو، شڪاري قبيلن جي ”نيات“ جي اصولن مطابق سڀ شڪاري پنهنجو پنهنجو ڪيل شڪار، پنهنجي چڱي مڙس وٽ جمع ڪرائيندا هئا، اِهو ”مکي“ سموري گڏ ڪيل شڪار جا پاڱا ڪري، سڄي برادري ۾ ورهائيندو هو، جيئن ڪو ٻکيو نه رهجي وڃي. شڪاري دؤر جي انهيءَ چڱي مڙس کي ”پاڱوان“ ڪري ڪوٺيندا هئا، شڪاري دؤر جو اِهو برادريءَ جو پريو مڙس زرعي دؤر ۾ ”پڳوان“ ”خدا“ سڏجڻ ۾ آيو.
ان ريت اهو لفظ پاڱ، ”پاڳ“، ”پاڱ“ ۾ بدلجي اڄ سڄي سنڌي ڪنڌ ۾ نصيب جي مفهوم ۾ استعمال ٿئي ٿو.
انهيءَ نموني ڏنارڪي دؤر ۾ جڏهن ماڻهن جهنگلي جانور: اُٺ، ڳئون، مينهن، رڍ ۽ ٻڪري ڌارڻ شروع ڪيا ته وڌيڪ نوان پهاڪا ٻوليءَ منجهه آيا، جهڙوڪ:
”ڏڻ ته ڏٽي نه ته وڪڻ ڪٽي.“

Gul Hayat Institute

ڏن دولت، اهو لفظ ”ڏن“ اصل ۾ ڏڻ ئي آهي، انهيءَ زماني ۾ ۽ اڄ به جتي جتي سانگي لوڪ رهن ٿا. اُتي ملڪيت جو ڪاٿو ”ڏڻ“ جي ڳاڻيٽي تي لڳايو وڃي ٿو.
لطيف سائين جي هڪ بيت جي سٽ آهي:
”ٿوري قوت قراريا، رهن سپر سٽ.“
اهو لفظ قوت يا ”پيٽ قوت“ ڌوٿي دؤر جي نمائندگي ڪري ٿو، جنهن جي معنيٰ پيٽ گذران ڪرڻ آهي. ان ريت سنڌي سماج پنهنجي جوڙجڪ ۾ گذران جي لحاظ سان گهٽين سطحن تي ورچيل رهيو آهي، هتي ڌوٿي ۽ آهيڙي، زرعي ۽ جديد سماج جا نه رڳو لفظ پر ڪيترن جاين تي اهي سماج اڄ به پنهنجي ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ موجود ۽ چرپر ۾ به آهن.
- سنڌيءَ جون ڪيتريون چوڻيون مڇي مارڻ واري انهيءَ شڪاري سماج جي نمائندگي ڪن ٿيون. جهڙوڪ:
”ٻيڙيءَ تريا“
يا ڪنهن کي پٽ ۽ پاراتو ڏيڻ ته:
”ٻيڙي ٻڏئي!“
سنڌي سماج جون ڪيتريون رسمون ۽ ريتون پنهنجي قدامت ۾ تمام جهونيون آهن:
ننڍن ٻارن کي ننڊ ۾ چرڪ پوڻ تي سنڌن ويهاڻي هيٺان ٻگهڙ جي ڪل رکڻ، مڇي مارڻ واري ڄاري، سيرانديءَ

ڪان رکي ”منهن رکيءَ“ جي مثان وجهڻ وغيره. انهيءَ قديم شڪاري دؤر جو سونسائي ڳالهيون آهن، جيڪي اڄ به سنڌي سماج ۾ موجود آهن ۽ موجود رهنديون.
سنڌي سماج پنهنجي اصل جوهر ۾ پنهنجي سچي قدامت کي سانديندڙ ۽ سنڀاريندڙ رهيو آهي. هن جي قدامت ۽ ڪلاسڪ ۾ گهرو رابطو ۽ رشتو رهيو آهي.
لطيف چيو آهي ته:
گهوڙن هنيون گهٽيون، اڃن هنئي آنءُ،
جا نينهن ڳنهندي نانءُ، سا مون جيئن پوندي مامري.

مطلب: ”گهوڙن (وارن) ته گهٽن (سڄي قوم) سان هاڃا ڪيا آهن پر مون سان اُنن (وارن) ظلم ڪيو آهي.“
هن بيت ۾ سڄي سنڌ جي ويجهڙ واري تاريخ اچي وڃي ٿي، ته گهوڙن تي چڙهي سنڌ تي ڪيتريون ڪاهون ڪيون ويون.
لطيف چيو آهي ته:
سي ڪوهيارا ڪنَ نيا، ماريا جن ٿي مڇ،
گهوڙا! تن گهوٽن جا، پيا رُلن رَڃَ،
پاٽهي مرو مڇ! ويو ماٺُ مرڻ جو.
* * *
جاڳي جان ڏٺائين ته، گهوڙا! گهر نه سپرين.

*        *        *

اِهو لفظ ”گھوڙاڙي گھوڙا!“ اڄ سنڌ ۾ ظلم ۽ هاڃي ٿيڻ تي استعمال ٿئي ٿو.

سنڌ ۾ شاديءَ جي رسم ۾ ڪنوار جي گهر جي چائنٺ تي ڏڪڻي ٽوڙڻ جي رسم ٿيندي آهي. لطيف سائين انهيءَ رسم تي چنيسر جي ڦڏن پيرن بابت چيو آهي ته:

پوچا ڏنم پير، ڏڪڻ مٿي ڏول جا،
پروڙيم تنهين وير، ته ڪوجهي ڪندو پريتڙي.

مطلب: ”گهوٽ (چنيسر) جا پير ڊولائتا نه هئا، ڪنوار (ليلا) ڏڪڻي ٽوڙڻ مهل اهي پير ڏسي سمجهي ورتو ته هن جي محبت به اهڙي ئي (عيب واري) هوندي.“

ان ريت هن ڪتاب ۾ لکيل ريتون رسمون زماني جي بدلجڻ سان پلي بدلجي وڃن، پر هيءَ ڪتاب ”سنڌ جو لوڪ ثقافتي ورثو“ هڪ اهم ثقافتي اپياس جي ڪتاب طور صدين تائين ياد رکيو ويندو.

هن ڪتاب ۾ ولي محمد طاهر زادي پنهنجي وت ۽ پور هئي آهر اهي سمورا رنگ اُوتڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر اهو ممڪن ئي ڪونهي ته ڪنهن هڪ ڪتاب ۾ هيڏي وسيع سنڌ جا سپ رنگ اوتجي سگهجن، چاچي محمد خان مجيدي جي چوڻ مطابق:



Gul Hayat Institute

جوئي آهيان، سوئي سنڌ،
توکي ڳايان، رنگ رچايان،
منهنجو رنگ اهو ئي سنڌ،
هيءُ ڪتاب سنڌ ۽ سنڌي سپيتا سان سندس پيار جي املهه پورهئي جو ثبوت آهي.

هن ڪتاب جي ٻولي اِهائي آهي جا قاضي قاضن ڪان شاهه عبداللطيف ڀٽائيرح جي ڪلام ۾ ڪتب آيل آهي. هيءُ ڪتاب سنڌ جي اُتم شعر واري ٻوليءَ جو لهجو رکڻ جي ڪري به خاص اهميت ۽ جوڳو ڌيان لهڻي ٿو. هن ڪتاب کي لکڻ ۽ سهيڙڻ ۾ محترم ولي محمد طاهرزادي جيڪو پورهيو ڪيو، جو پنهنجي مشاهدي ۽ مطالعي ۾ آيل تمام ضروري ڳالهين، جهڙوڪ: سنڌ جي تاريخ، خاص تاريخي واقعن جا سنڌي ٻولي ۽ ثقافت تي پوندڙ اثر، قدرتي حادثا، جهڙوڪ: ٻوڏون، زلزلا ۽ ان جا سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ ثقافت تي ثيل اثر، سمورين ثقافتي وٿن، شين جو تاجي پيٽو ويهي جوڙيو آهي. هن ڪتاب ۾ سنڌ جي تاريخ، رهڻي ڪهڻي، هنر، ڪلا، سنگت، زيور، ريتون، رسمون، ڪرتون، وندرون ۽ لاڙ جي شاهڪار ٻوليءَ کي استعمال ۾ آندو ويو آهي.

هن ڪتاب جي سوڌ سنوار ۾ مون کي پنهنجي استاد ڊاڪٽر غلام محمد لاکي سان گڏ محترم اعجاز احمد منگي، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ کان به گاهي ماهي رهنمائي حاصل رهي آهي، ان ريت نئين ترتيب سان هيءُ ڪتاب درست ڪري راس ڪيو ويو آهي.

جوڳيئڙا جهان ۾، نوري ۽ ناري،
ٻري جن ٻاري، آءُ نه جيئندي اُن ري.

چام شورو، سنڌ عبدالحفيظ قريشي

سومر 16- ذوالحج 1427هجري

سومر 8- جنوري 2007ع

Gul Hayat Institute

## واحد جي واکاڻ:

اول الله عليم، اعليٰ عالم جو ڌڻي،
قادر پنهنجي قدرت سين، قائم آهي قديم،
والي، واحد، وحده، رازق، رب، رحيم،
سو ساراهه سچو ڌڻي، چئي حمد حڪيم،
ڪري پاڻ ڪريم، جوڙون جوڙ جهان جون.

Gul Hayat Institute

# منڍ

## مها ملڪ سنڌ

(سموترا)

سورهين صدي ق.م، سنڌ جو ملڪ تمام وسيع هو، يعني موجوده حدن کان ٽيڻو - چوڻو: ويڪرائي ۾، ايران جي هميل نديءَ (جا خراسان جي لڳ آهي) کان راجپوتانا جي قنوج رياست تائين (جنهن ۾ ڪڇ، گجرات، جيسلمير، راجسٿان، پنجاب، افغانستان ۽ بلوچستان اچي ٿي ويا) ۽ ڊگهائيءَ ۾، ڪشمير کان گجرات تائين (جنهن ۾ جوڌپور، جيسلمير، بيڪانير، مارواڙ، جوناڳڙھ، ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ شامل هئا.) اهو سارو پرڳڻو سنڌ سڏبو هو.

انهيءَ زماني ۾، سنڌ ملڪ ۾ ڳوٺ، واهڻ، وستيون گهٽيون هيون، پر وڏا شهر ڇدا پادا ۽ بلڪل ٿورڙا هئا، مثلاً: ڪوٽ ڏيجي(1)، هڙپا(2)، واهه(3)، مهن(4)، آمري (5)، ٽئڪسيلا(6) وغيره.

انهيءَ جڳ جي رهاڪن کي، دراوڙ يا ٻرويد يا دسيوَ يا پئشاچ چوندا هئا. انهن اصلي رهاڪن جو تاريخن ۾ هڪ بيان هن ريت آيل آهي ته اها سميري يا سامري(1) قوم هئي، جن 257 ق.م، بابل ۽ نينوا تي هزارين ورهيه

حڪومت ڪئي هئي. هنن لکپڙهه ڪرڻ لاءِ اکر ٺاهيا هئا، چمڙي رڱڻ، ڪپڙي اُڻڻ، سونا ۽ روپا ڳهڻا (زيور) ٺاهڻ، پوک ۽ کيتي ٻاڙي ڪرڻ ۾ ماهر هئا، هو واهه کوٽائي، کوهه کٽائي آباديون ڪندا هئا. حڪومت هلائڻ لاءِ ڪيترائي قاعدا ۽ قانون ٺاهيا هئائون.

جڏهن سامين ۽ عڪادين بابل ۽ نينوا تي فتح حاصل ڪئي، ته هيءَ قوم مغلوب ٿي عراق جي ڏکڻ ۾ دجله ۽ فرات ندين جي ڪنارن تي پکڙجڻ لڳي، انهن مان ڪي هيٺيرو وڌي اچي سنڌو نديءَ جي ڪنارن تي ۽ ميدانن تي شهر ٻڌي رهڻ لڳا.

هيءُ ماڻهو سج، چنڊ، تارن، دريائن، مينهن، وڻن ٽڻن جي پوڄا ڪندا هئا. وڏا ويڙهاڪ، نجومي ۽ سائنسدان هئا. سندن سپيتا، ”سميري سپيتا“ سڏي ويندي هئي.

هنن وٽ درٻاريون، مارڪا (معرڪا) ڪچهريون، رس رهاڻيون، پڳتون، پوڄائون ۽ رنگ روپ هئا، وٽن گائڪ، نائڪ، سگهڙ، ڪلاونت، سچيت ۽ سڄاڻ پڻ هئا. وٽن وندر لاءِ رانديون رونديون پڻ هيون. جيئن ته ڪندروءَ (پاڻيءَ اندر ٽٻي هڻي جهلڻ) يا ڏاهي، ڏاڪ چميءَ (ٻوڙي وڻن تي چڙهي ڪانچائڻ) ونجهه وٽي، ٿاپونءَ، سيڙهه ڪينهوڙي وغيره جهڙيون ٻوڙڻ ٻڪڻ جون رانديون هيون

۽ ويٺي جون چنر، چوپڙ، نوٽڪي ۽ شطرنج جهڙيون رانديون سندن ئي ايجاد ڪيل هيون.

سنڌ جي ثقافت تي اثر وجهندڙ واقعات:

سر جي تان سور، ساماٽي، تان سک ويا،
اهي ٻيئي پور، نماڻيءَ نصيب ٿيا.
(لطيف رحمه الله)

سنڌ جي سڀيتا تي انهن واقعن جو اثر هلندو پئي آيو آهي: (1) زلزلا، (2) ڌارين جون ڪاهون، ۽ جنگيون، (3) ڏڪار ۽ بيماريون، (4) علم و ادب ساهتيه، (5) آزاديءَ جا علمبردار، (6) درياءَ سنڌ جون ڦيريون گهيريون، (7) درياءَ جون اٿلون ۽ ٻوڏون، (8) ملڪ جو طبعي ڏيک ۽ (9) متفرقات.

زلزلا:

سورن سانديياس، پورن پالي آهيان.
سڪن جي سيد چئي، پکي نه پياس،
جيڪس آءُ هياس، گري گوندر ول جي.
(لطيف رحمه الله)

جڏهن جڏهن ڌرتيءَ جا ڌوڏا، ڀونڪئنپ ۽ زلزلا پي ٿيا آهن، تڏهن کان سنڌ ديس جي طبعي بيهڪ بدلجندي پي رهي آهي. انهن زلزلن جي ڪري درياءَ توڙي سمنڊ پنهنجيون جايون ڦيرائيندا ۽ اڳيون حدون ڇڏيندا پي رهيا

Gul Hayat Institute

آهن. مثال طور: چوٿين صدي عيسويءَ ۾، ڪڇ ملڪ ۾ ذوڙو آيو ته سمنڊ ڏڪڻ - اپرندي طرف چار سؤ ميل هٽي ويو. ڪڇ وارو علائقو ان دور ۾ سنڌ ديس سان شامل هو. سن 1200ع ۾ ٻيو زلزلو آيو، ته سمنڊ ٽي سؤ ميل پيا به، ريتي ۽ رائو ڇڏي اڳيرو هليو ويو ۽ ڪل ست سؤ ميل پهرينءَ جاءِ کان پري هٽي بيٺو. انهيءَ ڇڏيل رڻ پٽ کي اڄ اسان، ڪڇ جي رڻ واري نالي سان ياد ڪريون ٿا.

سن 787ع ۾، گهارو درياءَ، زلزلي سبب سڪي ويو جنهن جي پر تي ٻنڀور جو شهر اڏيل هو، جنهن کي باربرائبڪ يا بن بهار چوندا هئا ۽ سندس اوج جي ساراهه ڏي، سڪندر اعظم جهڙو ماڻهو به منجهس اچي سهڙيو هو. به صديون ق .م، دنيا جي عظيم شهرن سان بر ميچي رهيو هو، سو برباد ٿي ويو. تباهه به اهڙو ٿيو جو سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي ته ٻنڀر ٻينگ ڪيئين، يعني ٻنڀور واري ٻينگ يا سچ ٿي ويئي.

سن 846ع ۾، الور يا اروڙ(1) جو شهر به پڙيانگ ٿي ويو. هيءُ شهر دَلوراءُ سومري جي گاديءَ جو هنڌ هو. پوءِ واري مخالف تاريخ دانن دلوراءُ کي هڪ عياش، ظالم ۽ نفس پرست حاڪم ڪري لکيو هو، ته هو هڪڙي سوداگر نالي سيف الملوڪ جي زال بديع الجمال جي سونهن جي ساراهه ٻڌي موهت ٿي پيو ۽ ان کي زوري پنهنجي قبضي ۾ آڻڻ لاءِ سوداگر کي مجبور ڪرڻ لڳو. هن کان سوداگر ٽن

ڏينهن جي مهلت گهري. دلوراءُ مٿس زبردست پهرو بيهاريو. سوداگر، ٽي راتيون ۽ ٽي ڏينهن الله تعاليٰ کي ٻاڏايو. ٻي ڏينهن طوفان لڳڻ شروع ٿيو ۽ رات جو ڌرتيءَ ڌوڏو کاڌو، درياءُ پنهنجو رخ مٿائي الور کي الوداع ڪري ٻي پاسي وهڻ لڳو، سوداگر جا ٻيڙا وهڪري ۾ اتان نڪري ويا ۽ الور ڪنڌرَ بڻجي ويو.(1)

سن 950ع ۾، ٻانڀڻاهه / برهمڻ آباد(2) جو شهر، ڌرتي ڌٻڻ شرط دٻجي ويو. هيءُ شهر همير سومري جي گاديءَ جو هنڌ هو. هن بابت مختلف تاريخ لکندڙن لکيو ته هيءُ هڪ وڏو زاني ۽ ظالم حاڪم هو. هن جي ئي ڏينهن ۾ مومل ۽ مينڌرو وارو عشقيه داستان مشهور ٿيو هو.

سن 712ع مطابق سن 93ھ کان پوءِ، ديبل ندر،(3) جنهن ۾ صبح شام راجا ڏاهر جي حڪومت جي نوبت پئي وڄندي هئي ۽ سنڌ جو جهونو بندرگاهه هو. (سرنديپ /سري لنڪا جي راجا جون موڪليل سوغاتون /سوکڙيون، جي راجا، دوستي ڳنڍڻ لاءِ خليفي وليد بن عبدالمالڪ ڏانهن غورابن ۾ روانيون ڪيون هيون، سي درياهي چورن /قزاقن ڦري لٽي آٽي هٿ ڪايون هيون، تنهن به عربن جي حملي جي سٽ نه سهي ۽ هميشه لاءِ پنهنجي شڪل مٽائي ڇڏي.

سن 1025ع مطابق سن 283ھ ۾ منصوره جو شهر، جيڪو محمد بن قاسم جي پٽ، برهمڻ آباد جي سامهون جيڪو

درياءَ جي ڀيءَ پر ِ تي نئون شهر ٺهرايو هو، سو به زلزلن جي سٽ سهي نه سگهيو ۽ زمين دوز ٿي ويو.
سن 1552ع ۾ ٺٽي جو، لاهري بندر به ٻوڏن جي نذر ٿي ويو.
سن 1725ع ۾، ڌرتيءَ تي وڏو ڌماڪو ٿيو، ان ۾ ڪيترا واهڻ ۽ ڳوٺ ميسارجي ويا، ان کان سواءِ شاه بندر، اورنگابندر، وستي بندرن جا وسلا ئي ويڙهجي ويا.
سن 1729ع ۾ کڙڪ بندر، جو ڪراچي بندر جي وجود ۾ نه اچڻ سبب، حب نديءَ جي چوڙ تي واپار لاءِ مکيه بندر هو ۽ هتي مشهور سيٺ نائونمل جا وڏا رهندا هئا، سو به جوتي جوت سمايو.(1)
سن 1751ع ۾ اهڙو زبردست ٻوڏو آيو جو لوهاڻو درياءُ جنهن جي ڪنڌيءَ تي نصرپور(2) جو مشهور شهر هو، درياءُ، سورهن ميل اپرندو طرف چڙهي، حيدرآباد کان چار ميل الهندي طرف وهڻ لڳو.
سن 1819ع ۾، رڻ ڪڇ ۾ جيڪي ڏيٺون هيون، سي به زلزلي جي سٽ نه ساري، سُڪي ويون.
سن 1844ع ۾، وڪر ۽ گذاري بندر به غرق ٿي ويا.
ڏارين جون ڪاهون ۽ جنگيون:
اڳي ايئن هياس، جو پنهونءَ ڏوتم ڪپڙا،
هاڻي ايئن ٿياس، جيئن جتَ نه نينم پاڻ سين!

(لطيف رحمه الله)

چوڻي آهي ته جڏهن ڪڏهن سنڌڙي توکي قنڌارئون جوکو قنڌار لفظ کي گهڻا ماڻهو قلات وارو قنڌار سمجهن ٿا، چاڪاڻ ته ان کي بولان لڪ يا بولان دڙو ويجهو هو ۽ ڪاه ڪندڙ، هندستان تي خيبر لڪ کان ۽ سنڌ تي بولان لڪ کان ايندا هئا. پر ائين ناهي، قنڌار معنيٰ ٿلهي متاري ڪنڌ وارو ماڻهو يعني پهلوان. تنهنڪري چئبو ته سنڌ ديس تي هميشه مغز ڦريل ماڻهن جلهون پئي ڪيون آهن.

هلندي هوتَ پنهونءَ ڏي، کهجن ڪي کوٺيُون،
پهڻُ تنين پٿُ ٿئي، جي لاءِ لالنَ لُوٺيون،
سپ سهيليون سڪَ کي، چنجهون ۽ چوٺيئون،
بانپڙ ٿي بوٺيون، ته ڪتا ڪينس ڪيچ جا.

(لطيف رحمه الله)

**ايراني:**

سنڌ ديس تي جن ڌارين سپ کان پهرين ڪاهون ڪيون، تن ۾ ايراني اڳيرا هئا. ايران جي بادشاه دارا 518 ق.م پنهنجي اميرالبحر سيلوڪس جي چوڻ تي حملو ڪيو. سيلوڪس ڪابل ندي وسيلي سنڌوءَ جي گس کان واقف ٿيو هو. تي ڪاه ڪئي، ان کان پوءِ ڪوروش ڪبير 550 سال ق.م سنڌ ملڪ فتح ڪري ان کي ايران سان ملائي

چڙهيو، پر ان جي بادشاهه يزدگرد جي پٽ جي شادي ٿي، ته سنڌ جو ملڪ ان کي ڏيج ۾ ڏنو ويو(1) .

سن 18-519 کان 450 ق.م ۾ ايران جي هخامنشي خاندان جي حڪومت سنڌ تي به قائم رهي.

**سڪندر اعظم:**

سڪندر 325 ق.م ۾ سنڌ تي حملو ڪيو. انهن ڏينهن ۾، پنجاب ملڪ ۾ راجا پورس، الور ۾ راجا موسڪيناس، سيوهڻ ۾، راجا سامبس ۽ پٽيالا ۾ راجا موريس راڄ ڪندا هئا.

سڪندر جڏهن سيوهڻ ۾ اچي پنج - ڇهه مهينا رهيو، ته انهيءَ وچ ۾ هلي وڃي پٽيور جو شهر ڏٺائين. سيوهڻ ۾ يادگار طور هڪ قلعي جا بنياد پرايائين پوءِ جلد ئي ملڪ وڃڻ جو ارادو ڪيائين ۽ سمنڊ رستي پنهنجي ملڪ ڏانهن روانو ٿي ويو، پر پنهنجي سپهه سالار نيارڪس کي حڪم ڪيائين، ته انتظام رکڻ کان پوءِ هو باقي لشڪر سميت، ٻيڙين رستي درياءُ اُڪري سمنڊ وٽ پهچي. پوءِ هو وطن ڏانهن روانو ٿيو، پر بابل ۾ مري ويو.

**آريائي قومون:**

آرين جا ٽي قبيلا ان زماني ۾ پکڙيل هئا. هڪڙا ايراني، ٻيا باختري يا بختي ۽ ٽيان هندي.

چوڏهن سؤ وريه ق.م ۾، آريائي نسل سنڌونديءَ ۽ گنگا نديءَ جي ڪنارن ۽ دوآبي وارن ميدانن ۾ پکڙجڻ لڳا، جيڪي پويان ٿي آيا، تن اڳين کي جنگيون ڪري ڌڪي اڳيرو ٿي ڪڍيو. تنهڪري هي ماڻهو هندستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچي ويا ۽ اهڙيءَ طرح سنڌ ديس ۾ به پهتا.

**موريا گهراڻو:**

سڪندر يونانيءَ جي موت جو پڄي، 301 ق.م، بهار جي موريه گهراڻي وارن سنڌ تي چڙهائي ڪئي، سپني کان پهرين ڪڇ کي فتح ڪيو بعد ۾ سڄي سنڌ مان هڪ هڪ ڪري يونانين کي تڙي ڪڍيو. انهن جي ڏينهن ۾ سنڌ ديس ۾ ٻڌ ڌرم پکڙجڻ لڳو ۽ پالي ٻوليءَ جو اثر وڌڻ لڳو. هنن جو حاڪم سمراٽ چندرگپت موريا هو.

**يوناني باختري گهراڻو:**

سن 184 ق.م ۾ مورين تي باختري آرين هلان ڪئي ۽ کانئن سنڌ وٺي پنهنجي هٿ ڪيائون. هنن جو راجا جئدرٿ هو، جنهن جي راڻيءَ جو نالو دهسلا هو، جا راجا ڌرت راشٽر جي ڌيءَ ڪورَوَن منجهان هئي. هن جي شاديءَ تي، ٽيه هزار برهمڻ سنڌ کي ڏاج ۾ مليا. جڏهن ٽي صديون ق.م، هستناپور جي تخت لاءِ، ڪرکيتر ۾ پاندون ۽ ڪورَوَن جي پاڙ ۾ لڙائي لڳي، (جي ٻئي هڪٻئي جا سؤٽ هئا)، تڏهن سنڌ جي راجا هڪ لک لشڪر، ڪورَوَن جي

مدد ۾ موڪليو ۽ گجرات جي راجا ڪرشنا ڏيڍ لک لشڪر، پانڊون جي همراهيءَ لاءِ روانو ڪيو. ان لڙائي ۾ پانڊون ڪئيو ۽ ڪورون هارايو.

**سٿين گهراڻو:**

سن 70 ورهيه ق.م، سٿين / ساڪ لوڪن سنڌ تي حملو ڪيو ۽ سنڌ کي فتح ڪري، پنهنجو ديرو ڄمايو. هنن پهرين صدي عيسويءَ ۾ سنڌ ديس جو نالو ڦيرائي ”اندوسٿا“ سڏيو. هنن جو اولاد، جاٽ، جت، گجر ۽ راجپوت آهن، ”جيڪي ڏکڻ سنڌ جي مالوند/ڏنار لوڪن جو گڏيل نسل آهي.(1) جي اڄ تائين سنڌ ۾ موجود آهن ۽ انهن پاڻ کي پرمار راجپوت سڏايو. پاڻ ٻڌ ڌرم جا پوڄاري هئا.

**پارٿين گهراڻو:**

سن 46ع ۾ سٿين کان پوءِ پارٿين لوڪ سنڌ تي ڪاهي آيا، جن سٿين تي گهٽيون ڪاهون ڪيون، پر ڪڏهن سٿين جي هار ته پارٿين جي جيت، ڪڏهن وري پارٿين جي سوڀ ته سٿين پؤٽائي ٿي پئي. هنن جي وچ ۾ اٽڪل اڌ صدي ويڙهه هلندي رهي.

**ڪشن خاندان:**

ڪشن خاندان جي حاڪمن سن 65ع ۾ سنڌ کي فتح ڪيو، ٽالميءَ جي لکڻيءَ مان پتو پوي ٿو ته سن 65ع کان 175ع تائين سنڌ تي ڪشن خاندان حڪمران رهيو.



Gul Hayat Institute

انهيءَ دوران سنڌ تي هن لوڪن حملو ڪيو. ٻڌمت وارن تي هن گهراڻي وارن جلهه ڪري، انهن جو زور پڇي ڇڏيو ۽ پاڻ تخت جا ڌڻي ٿي ويٺا.[(1)]

**ساساني گهراڻو:**

ايران جي ساساني خاندان سن 176ع ۾ سنڌ تي قبضو ڪيو. پر ٿورڙي عرصي ۾ سنڌ جي گهڻن ڀاڱن تي هتي جي اصلوڪن ماڻهن جون حڪومتون قائم ٿي ويون. جڏهن ته ساساني حڪمرانن جو اهو نالي ماتر سياسي غلبو سن 365ع، تائين هليو. انهيءَ سڄي دور ۾ سنڌ جي مڪاني حڪومت ساسانين جي ڏن پرو رهي.

**وهليڪا گهراڻو:**

سنڌ، سن 367ع ڌاري پوريءَ ريت خودمختياري حاصل ڪري ورتي. ان دور ۾ چندر گپت ٻئي، ڪڇ، ڪاٺياواڙ، گجرات ۾ ساڪ لوڪن جي حڪومتن کي ختم ڪيو پر سنڌ کي ڪڏهن به فتح نه ڪري سگهيو. وهيلڪا خاندان جو راڄ اٽڪل 470ع تائين رهيو. اٽڪل 500ع ۾ سنڌ جي راءِ گهراڻي ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات کي سنڌو سلطنت ۾ شامل ڪري ورتو.[(2)]

---

[(1)] ڪوٽ ڏيجي، هيءُ شهر ناري درياءَ (جو سنڌونديءَ جي هڪ ڇاڙهه (ڪونه هو نارو پاڻ هڪ الڳ درياءَ هو، جنهن کي واهندو ساگر يا هاڪڙو چيو ويندو

آهي.) تي راءُ ڏيواڄي ٻڌايو هو، جو هن يا هؤن گهراڻي جو پهريون راجا ٿي گذريو هو. اهو شهر ان جي نالي ٻڌايل ۽ آباد ٿيل هو، شهر کي چوڌاري عالم پناهه ديوار ٺهيل هئي. ان ڪري شهر کي ”ڪوٽ ڏيواڄي“ ڪوٺيندا هئا، پوءِ نالو بدلجي ڪوٽ ڏيجي ٿي ويو آهي. (ليکڪ)

(2) هڙاپا جو اصلي نالو هرديه رُوپيا هو. (ليکڪ)

(3) واهه، لفظ جي معنيٰ وڏو شهر آهي، مثلاً ويرا واهه يعني ويري جو شهر، پانيڻ واهه يعني پانيڻاهه واهڻ، ننڍي ڳوٺ کي چئبو هو، جو واهه جو تصغيرو آهي. (ليکڪ)

(4) مهن يا مهڻ جي معنيٰ رتائتو ٿيڻ آهي. هيءُ اهو شهر آهي جنهن کي مين (مهاڻن) موهن يا مهن يا موئن جو دڙو ڪوٺيو ٿو وڃي. هن شهر تي رات پيٽ ۾ زلزلو آيو ۽ سنڌو درياءَ اٿل ڪائي شهر ٻوڙي ڇڏيو ۽ درياءُ به اتان رخ بدلائي ٻئي پاسي وهڻ لڳو. ماڻهو رات وچ ۾ انڌا ڌنڌ ڀڄڻ لڳا. ڪي پاڻيءَ ٻوڙيا ڪي پٽين هيٺان دٻجي مري ويا ۽ ڪن ڀڄي جان بچائي. انهن باقي بچيلن ڏکڻ طرف ڀڄي اچي هڪڙو نئون شهر ٻڌو جنهن کي نالو ڏنائون سه واهڻ بد واهڻ معنيٰ چوٽڪاري جو هنڌ، جنهن کي اڄڪلهه سيوهڻ چيو ٿو وڃي. غرق ٿيل شهر کي انهن ماڻهن خود نالو ڏنو هو واهه مهڻ يعني رت رئاريندڙ شهر. (ليکڪ)

Gul Hayat Institute

(5) آمري، هيءُ شهر، سميرين يا سامرين پنهنجي ڏاهي ۽ هوشيار حاڪم ”حمورابي ڇهين“ جي نالي تي (جو وڏو قانوندان ۽ هردلعزيز هو) ٻڌي آباد ڪيو هو. هن جو نالو ڪثرت استعمال ڪان حمورابيءَ مان بدلجي فقط آمري وڃي رهيو آهي. (ليکڪ)

(6) ٽئڪسيلا، هن جو نالو ٽاڪرشالا هو. (ليکڪ)

[(1)] ڪي چون ٿا ته: سميري يا سامري سپيتا، سامي تهذيب کان گهڻو پراڻي آهي. سامي، حضرت نوح عليه السلام جي پٽ سام جو اولاد آهن ۽ سميري يا سامري، حضرت موسيٰ عليه السلام جي نون (9) قبيلن مان هڪ قبيلو آهي. سامري لفظ جي معنيٰ آهي اڳرائي يا اڳواٽي ڪندڙ. حضرت موسيٰ عليه السلام جي قوم مان هن قبيلي کي الله تعاليٰ برقي طاقت تي دسترس ڏني. هنن کوجنا (ريسرچ) ڪري برقي وهڪرو ۽ (ڪرنٽ) پنهنجي قبضي ۾ آندو. پوءِ هنن هڪ مشين (جنريٽر) ٺاهي جا ڇئن ٽنگن تي بيٺل هئي ۽ ان کي ڳابو ٿي ڪوٺيائون. ان جي ٻن تارن (وائرن) کي جڏهن پاڻ ۾ ٿي ڳنڍيائون ته ان مشين مان هارن جهڙو آواز (هوبهو اڄڪله جي ريلوي ڊيزل انجن جي آواز جهڙو) ٿي نڪتو. ان کي ڳابي جي رنڀ ڪوٺيائون. سامري قوم جي سائنسدان هئڻ جو ذِڪر قرآن مجيد ۾ به ملي ٿو. (ليکڪ)

[(1)] الور کي، اروڙ، اَلر، اليدر، لوهڙ، روهڙ نالن سان به سڏيو ويو آهي. (ليکڪ)

[(1)] ڪتاب سنڌ جو مهراڻ (از: راورٽي) ۾ لکيل آهي سيف الملوڪ نالي سوداگر درياءَ تي بند ٻڌائي ان جو رخ تبديل ڪرايو. (نظرثاني ڪندڙ)

[(2)] ٻانڀڻا = ٻانڀڻ + واهه/ٻانڀڻ جو شهر برهمڻ آباد جو اصلي نالو ايراني بادشاهه بهمن آباد رکيو.

[(3)] ديبل يا ديول، هن بندر کي سڀ کان اول، راجا ڏاهر جي نوبت وڄڻ ڪري ڏاهر - پيڙ سڏيندا هئا، پوءِ لفظ بدلجي ڏيبر ٿيو. عربن کي اهو تلفظ نه آيو، تن هن کي ديبل ۽ ديول لکيو. (ليکڪ).

[(1)] هن جي تباهه ٿيڻ کان پوءِ ترت ئي ڪراچيءَ کي بندر بنايو ويو. (ليکڪ)

[(2)] نصرپور جو شهر، سن 989ع ۾، نصير مهاڻي، لهاڻي درياءَ جي ڪنڌي تي (اڄ به اُتي ئي آهي) ٻڌايو هو، منجهس ست هزار ڪپڙي اُڻڻ جا آڏاڻا ۽ ايڪويهه هزار رڱو

ڪوري رهندا هئا، پين ڪاسبي ماڻهن جو ته ليکو ئي ناهي. هتي جا ڪيس، سوسيون، اڳٿ، ململ، بافتو، ڪاڏي، تسر، قناويز تمام مشهور اُٿت هئي ۽ ڪاشيءَ جو ڪم به ديسان ديس مشهور هو. سن 1653ع ۾، ايسٽ انديا ڪمپنيءَ هن شهر مان لکين رپين جو رڳو بافتو خريد ڪيو هو. هي شهر مرزا شاهه حسن جي حڪومت جي زماني ۾ سنڌ جو چڱ ته گاديءَ جو هنڌ هو. چو ته شاهه حسن پنهنجو گهڻو وقت اتي گذاريندو هو. (نظرثاني ڪندڙ)

(1) ايرانين پنهنجن بادشاهن جي يادگيري قائم رکڻ جي لاءِ منچر ڍنڍ جو نالو 'منوچهري) ۽ ميرپورخاص لڳ ڀڏايل شهر جو نالو ڪيڪائوس رکيو هو، جنهن کي هاڻي 'ڪائو' جو دڙو) سڏيو وڃي ٿو ۽ رني ڪوٽ جو نالو'ايراني ڪوٽ) رکيائون. (ليکڪ)

(1) نظر ثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)

(1) نظر ثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)

(2) ايضاً.

*

Gul Hayat Institute

**راءُ گهراڻو:**

هون لوڪن کان ترت پوءِ سنڌ جي اصلوڪن رهاڪن راءِ گهراڻي سن 499ع ۾ حڪومت جون واڳون ورتيون. جن پاڻ کي راءُ گهراڻي جي لقب سان سڏايو.(1)سندن راجائن جو تفصيل هن ريت آهي:

1. راءُ ڏيواجي، 2. راءُ سهاراس پهريون، 3. راءُ سهاسي پهريون، 4. راءُ سهاراس ٻيو، ۽ 5. راءُ سهاسي ٻيو ٿي گذريا آهن.

راءُ گهراڻي جي سنڌ تي حڪومت جي دؤر ۾، ايرانين هن ديس ۾ ڦرلٽ ڪئي، پر ڪين سنڌ جي راجا پچائي ڪڍيو. انهن جي ڏينهن ۾ سنڌ جي گادي نيرون ڪوٽ يعني حيدرآباد لڳ هئي.

**برهمڻ گهراڻو:**

راءُ گهراڻي کان پوءِ سن 642ع ۾ وري برهمڻ گهراڻي، سنڌ تي ڌاڪو ڄمايو، هنن جا مشهور راجا: چچ، چندرا، ڏهر ۽ ڏهرسين ٿي گذريا آهن. هنن جي ڏينهن ۾ سنڌ ۾ سنسڪرت ٻوليءَ زور ورتو ۽ سرڪاري لکپڙهه پراڪرت ٻولين ۾ ٿيڻ لڳي. هنن جي گاديءَ جو هنڌ الور هو.

Gul Hayat Institute

**عربن جون ڪاهون:**

عربن سنڌ تي ڪل چوڏهن حملا ڪيا. سن 712ع واري عربن جي ڪاهه جو بظاهر سبب اهو هو ته سرانديپ / سري لنڪا جي راجا، خليفي وليد سان دوستي قائم رکڻ خاطر ڪي غوراب (ٻيڙا) پرائي دمشق موڪليا، جن ۾ ڪي حاجي، حج ڪرڻ لاءِ سوار هئا ۽ انهن ٻيڙن ۾ ٻانهيون، موتي ۽ جواهر، ٻيون به سوکڙيون پاکڙيون جام هيون. اهي غوراب، جڏهن سنڌ جي حدن واري سمنڊ ۾ داخل ٿيا، ته ڪي قزاق (درياهي چور) انهن کي ڦري آيا. سمورا غوراب لٽي ديبل بندر تي پهتا. انهيءَ ويل مال جي حاصل ڪرڻ جي لاءِ خليفي، ان وقت جي راجا ڏاهر کي لکيو ته چورن کي جهلي سزا ڏيئي، سامان ۽ ماڻهو اسان ڏانهن موڪل، پر ڏاهرَ هن جي خط جي ڪاڻ نه ڪئي. نتيجي طور سنڌ تي عربن کي ڪاهڻ جو موقعو مليو.

**محمد بن قاسم:**

سن 711ع ۾ بزيل جي مارجي وڃڻ کان پوءِ، ٻئي سال محمد بن قاسم ثقفي، جيڪو بغداد جي گورنر حجاج بن يوسف جو ڀائٽيو ۽ ناٺي هو. سو ڪاهي آيو ۽ فتحياب ٿيو ۽ سنڌ تي قبضو ڪيائين ۽ ڏاهر مارجي ويو. انهن ڏينهن ۾ سنڌ ديس دمشق جي ماتحت رهيو.

Gul Hayat Institute

عربن جي حڪمرانيءَ وارن ڏينهن ۾، سنڌ ملڪ تي عربي ٻوليءَ، مذهب اسلام، اسلامي روايت، رهڻي ڪرڻي ۽ لباس جو گهڻو اثر ٿيو. عربن جي حڪومت جي زماني ۾ هڪ ڀيرو پرمار راجپوتن حملو ڪيو، پر شڪست کاڌائون.

**هباري خاندان:**

عربن، سوا سؤ ورهيه سنڌ تي حڪومت ڪئي. پڇاڙيءَ ۾ عربيءَ النسل سنڌي هباري خاندان سن 854ع ۾ سنڌ جو خودمختيار حاڪم بڻجي ويو. جن ڪان سن 1010ع سومرا راجپوتن مڪمل نموني سنڌ وٺي پنهنجي قبضي ۾ ڪئي، ۽ عربن جو باجگذار ٿي رهڻ پسند ڪيو، جڏهن 60 ورهيه اڳ سن 950ع ۾، پهريون سومرو حاڪم نالي سومار ملتان کي گادي بنائي تخت تي ويٺو.

**محمود غزنوي جي ڪاهه:**

سن 1028ع ۾، محمود غزنويءَ سنڌ تي ڪاهه ڪئي. هن جي ڪاهڻ جو ڪارڻ هيءُ هو ته: فردوسي شاعر، جنهن سان محمود انجام ڪيو هو ته هو مون کي شعرن ۾ سڄو شاهنامو، ايران جي بادشاهن جي تاريخ جهڙو لکي ڏيندو ته ڪيس هرهڪ مصرع لاءِ هڪ سوني مهر ڏيندس. ان ۾ ڪل سٺ هزار مصرعون ٿيون. ايتري رقم، وزير جي صلاح موجب، محمود، فردوسيءَ کي ڏيڻ قبول نه ڪئي.

تنھنڪري فردوسي شاھنامي جي پچاڙيءَ ۾ ھن تي ھجوَ (گلا جا بيت) لکي پاڻ وڃي دمشق ۾ خليفي قادربالله وٽ پناھ ورتائين.
محمود، خليفي کان فردوسيءَ جي ٻانهن جي گهرُ ڪئي، جنھن ڏيڻ کان انڪار ڪيو. جيئن ته ان زماني ۾ سنڌ جون واڳون اڃا خليفي جي ھٿ وس ھيون، تنھنڪري خليفي کي مجبور ڪرڻ واسطي، ھن سنڌ تي چڙھائي ڪئي. پوءِ سنڌ تي حملو ڪري وڏي ڦرلٽ ڪيائين، پر سنڌ ڪڏھن به غزنوي سلطنت ۾ شامل نه رھي.

**غوري جي ڪاھ:**

محمود کان پوءِ سن 1032ع مطابق 571ھ ۾، شھاب الدين غوريءَ پھريون دفعو سنڌ تي حملو ڪيو، پر ڪامياب نه ٿيو، وري سن 1040ع مطابق 558ھ ۾، ٻيو ڀيرو زبردست حملو ڪري سنڌ فتح ڪئي، ۽ سنڌ کي افغانستان جي ڏن پرو ڪيائين.

**سومرا گهراڻو:**

Gul Hayat Institute

سن 1030ع کان پوءِ سومرا راجپوت محمود غزنوي جي حملن جي ڪري سڄي سنڌ جا ملتان تائين حڪمران بڻجي ويا. ان ريت سومرا سنڌ تي حڪومت ھلائڻ لڳا. ڳاديءَ جو ھنڌ وڳھ ڪوٽ ڪيائون.

سن 1125ع ۾، سومرن راجپوتن کان سوڍن راجپوتن ڏکڻ سنڌ جي حڪومت کسي ۽ پاڻ مسلمان ٿي سنڌ تي حڪومت ڪرڻ لڳا. هنن پنهنجي گاديءَ جو هنڌ عمرڪوٽ رکيو.
سن 1226ع مطابق 427ھ ۾، ترم شيرين عرف علاؤالدين نالي دهليءَ ۾ رهندڙ ايراني سالار، سنڌ تي ڪاهيو، جنهن سان سومرن سخت مقابلو ڪيو ۽ ترم شرين پوئتي موٽ کاڌي.
سن 1236ع ۾، هندستان جي التمش بادشاھ، پنهنجي وزير نظام الملڪ کي سنڌ تي چاڙهي موڪليو. ان وقت رڳو بکر خطي جو حاڪم ناصرالدين قباچه هو، باقي سنڌ جا والي سومرا هئا. نظام الملڪ ناڪام ٿي پوئتي موٽيو. سومرن اٽڪل ٿي سؤ ورهيه سنڌ تي حڪومت ڪئي. جيئن ته سوڍا راجپوت مسلمان ٿيا هئا، تنهنڪري هنن جي ڏينهن ۾ اسلام زور ورتو.

**سمن جي اقتدار وٺڻ جي هڪ لوڪ روايت:**

سن 1333ع ۾، سومرن جي پوئين حاڪم معين الدين عرف ارمائيل عرف همير کان سمن حڪومت هٿ ڪئي. سومرن سمن کي غيرت ڏياري، نه ته سما سدائين سندن صلاحڪار رهندا ٿي آيا. اهو ذڪر هن طرح آهي ته: هڪڙي جشن لاءِ سومرن جي شهزادن کي پاڏي جي گوشت جي ضرورت ٿي. سو بنا پڇاڻي سمن جي گهر مان

هٿ ڪري وڃي ڪٺائون. اها ڏاڍائي ڏسي، سمن جي زالن، مردن کي هشڪاريو ته اڄ بنان موڪل جي پاڏو ڇوڙڃي ويا آهن، سپاٽي توهان جون زالون به وٺي ويندا. انهيءَ طعني سمن کي مجبور ڪيو، ته سومرن کان حڪومت کسي پنهنجي قبضي ۾ رکن.

**سما گهراڻو:**

سن 1335ع سمن جو پهريون حاڪم ڄام انڙ پٽ بانڀيڻو(1)، جيڪو لشڪر جو سردار هو، تنهن کي تخت تي ويهاريائون.

سمن جا حاڪم، جن ۾ ڄام نظام الدين عرف ڄام ننڍو ۽ ڄام جوڻو بهترين حڪمران ٿي گذريا آهن. ڄام جوڻي سنڌ جي اُترئين حصي بکر تي ڪاهه ڪري، اهو حصو ترڪن کان ڇڏائي، سنڌ جو حصو بنائي ڇڏيو. اهو حصو گهڻو زمانو سنڌ کان ڌار ليکيو ويندو هو.

ڄام فيروز جي ڏينهن ۾ ڄام صلاح الدين کي حڪمران بڻائڻ لاءِ گجرات جي راجا سنڌ تي ڪاهه ڪئي، جنهن کي وزير اعظم ۽ سپه سالار دولهه درياهه خان سخت شڪست ڏيئي، پٺتي پڇائي ڪڍيو. سمن جي گاديءَ جو هنڌ ساموئيءَ جو شهر گهاري درياءَ جي ڪپ تي هو.

سن 1351ع ۾، محمد شاهه تغلق سنڌ تي ڪاهه ڪئي، بکر وٽ پهتو ته پلو تيار ڪرائي خوب کاڌائين، جنهن جي

ڪري پيٽ ۾ ولوڙ پيس ۽ مري ويو ان ريت اهو لشڪر وڃي.
سن 1362ع ۾، محمد تغلق جي جاءِ نشين فيروز شاهه تغلق، سنڌ تي چڙهائي ڪئي ۽ سنڌ کي فتح ڪري، دهليءَ جي تابع ڪري ڇڏيو. سنت ئي ڄامن لشڪر گڏ ڪري ڄام جوڻي ۽ ڄام خيرالدين، تغلق جي لشڪر سان وڙهي سنڌ آزاد ڪرائي.
(سمن جي راڄ ۾ ڄام صدر الدين عرف ڄام ٻانڀڻيو II جي دور ۾) سن 764هه / 1362ع ۾ دهليءَ جي سلطان فيروز تعلق ڪاهه ڪري پوکون ساڙائي ڇڏيون، تنهنڪري ملڪ ۾ ڏُڪار پئجي ويو هو.
**ارغون گهراڻو:**
سن 1520ع ۾، سمن جي پوئين حاڪم ڄام فيروزالدين کان ميرزا شاهه بيگ ارغون جنگ کٽي. هن جنگ ۾ سمن جو بهادر سپهه سالار دولهه درياهه خان شهيد ٿي ويو، سمن هارايو ۽ ارغونن جي سنڌ تي حڪومت شروع ٿي، هنن پهريائين گاديءَ جو هنڌ ٺٽو ۽ پوءِ نصرپور ڪيو.
**همايون جي ڪاهه:**
سن 1540ع ۾، هندستان جي بادشاهه همايون کي، بنگال جي حاڪم شير شاهه سوريءَ شڪست ڏيئي ڀڄائي ڪڍيو، جو

Gul Hayat Institute

ٻه لک فوج ساڻ وٺي راجپوتانا مان رلندو سنڌ ۾ اچي سهڙيو. پورا ٽي سال سنڌ ۾ پئي ڦريو.
سن 1542ع ۾ همايون کي سنڌ ديس اندر عمرڪوٽ کي ويجهو اڪبر نالي پٽ ڄائو، جو پوءِ هندستان جو شهنشاهه ٿيو.
همايون، سيوهڻ تي حملو ڪيو، پر ميرزا شاهه حسن کي تابع ڪري نه سگهيو. پوءِ سنڌ مان نڪرڻ جو خيال ڪيائين، پر وڃڻ لاءِ سواريون به هٿ ڪري نه سگهيو. آخر مخدوم سرور نوح رحمه الله، هن کي ٻيڙين جو بندوبست ڪرائي ڏنو ۽ سنڌ مان ڪوچ ڪري ايران هليو ويو.
**ترخان گهراڻو:**
سن 1552ع ۾، ارغونن جي ميرزا شاهه حسن حاڪم کان ترخانن جي اڳواڻ ميرزا عيسيٰ پهرئين حڪومت هٿ ڪئي. جڏهن ارغونن ۽ ترخانن جي وچ ۾ ويڙهه هلندڙ هئي، ته ميرزا عيسيٰ ترخان اول بکر جي حاڪم محمود ڪوڪلتاش خلاف پورچوگيزن کي مدد لاءِ لکيو هو.
سن 1555ع ۾، پورچوگيزن جو جنگي ٻيڙو پيڊرو بئريٽو جي سرڪردگي هيٺ ٺٽي ۾ اچي وارد ٿيو. پر ميرزا عيسيٰ ترخان پورچو گيزين جي پهچڻ کان اڳيئي بکر جي حاڪم سان ٺهي ويو هو، انهيءَ ڪري هن پورچوگيزين جي

ڪابه پرگهور نه لڌي، تنهنڪري هنن ڪاوڙجي ٺٽي شهر ۾ ماراماري ۽ ڦرلٽ ڪيائون ۽ پڇاڙيءَ ۾ شهر کي باهه ڏيئي ساڙي هليا ويا.

**مغل:**

سن 1593ع ۾، اڪبر بادشاهه عبدالرحيم خان خانان جي اڳواڻيءَ ۾ فوجون موڪليون، ترخانن جي پوئين حاڪم جاني بيگ کي شڪست ڏيئي، سنڌ ڪانئس ڇڏائي، دهليءَ جي تابع رکي ۽ سنڌ ملڪ کي ملتان جو هڪ ضلعو ڪري ليکيو.

هڪڙي درويش ان وقت پيشنگوئي ڪئي ۽ چيو.

جيسين نديءَ نير، تيسين طبل تنهنجو،

ڪلهوڙو قلات مان آندوسين اُڪير،

ڪلهوڙي جا ڪيرَ، پورياسين پاتار ۾.

مغلن جي قبضي ۾ اچڻ کان پوءِ، سنڌ تي پار هڪ سؤ ورهيه کان مٿي (1621ع - 1737ع) تائين مغلن حڪومت ڪئي.

سن 1600ع ۾، ترخانن جو زور گهٽجي ويو. ڏاکڻي سنڌ جي حصي تي مغلن پاران مقرر ڪيل اهلڪار خسرو خان چرڪس خودمختيار ٿي حڪومت ڪرڻ لڳو. ترخانن جي گاديءَ جو هنڌ پڻ ٺٽو ٿيو.(1)

**دائودپوٽا:**

سن 1617ع ۾، اتر سنڌ تي دائودپوٽن قبضو ڪيو ۽ شڪارپور کي گاديءَ جو هنڌ مقرر ڪيائون. اهي ڪلهوڙن جا سڳا سوٽ هئا.

**ڪلهوڙا گهراڻو:**

سن 1657ع ۾، ڪلهوڙا، قلات کان سنڌ ۾ موٽي آيا. هيءُ قبيلو اصل سنڌ جو رهواسي آهي، هنن جي ڏاڏي جو نالو اوڊاٽو هو. سنڌ ۾ ڪل هڪ گاهه جو نالو+ واڙ معنيٰ ”لوڙهو“. اها زمين جنهن تي ڪل جو گاهه گهڻو نڪرندو هو اتي رهيا. تنهنڪري کين ”ڪلهوڙا“ ڪوٺيائون.(1) هيءُ هڪ ويڙهاڪ قبيلو هو. هنن کي سن 1570ع ۾ مغلن باغي چئي، کين ملڪ نيڪالي ڏئي ڇڏي. هنن قلات ۾ وڃي پناهه ورتي هئي.

سن 1558ع کان سنڌ ۾ هن قبيلي جا ڪي درويش فقير: ميان آدم شاهه ميان شاهه محمد ۽ ميان الياس پيري مريديءَ وسيلي پنهنجو سماجي، مذهبي ۽ سياسي زور، وڌائيندا رهيا، پر مغل حڪومت جو هنن طرف اڳ ۾ ڪو ڌيان نه هو.

سن 1658ع ۾ ڪلهوڙن لشڪر ٺاهي، مغلن سان چوٽون کاڌيون، مغلن مجبور ٿي، دهليءَ تخت پاران ميان يارمحمد ڪلهوڙي کي سنڌَ ڏيئي، پنهنجو نائب ڪري سنڌ جو والي بنايو.

Gul Hayat Institute

سن 1700ع ۾، ميان يارمحمد پاڻ کي سنڌ جو خودمختيار حاڪم سڏايو ۽ پنهنجي گاديءَ جو هنڌ خداآباد کي بنايو. سن 1718ع ۾ سندس پٽ نورمحمد ۽ محمد خان به قلات کان لڏي سنڌ ۾ آيا. سن 1719ع ۾، ميان نورمحمد ڪلهوڙي اتر سنڌ مان دائودپوٽن جو زور پڃي، سنڌ جي سياسي وحدت کي مستحڪم ڪيو.

**نادر شاھ جي ڪاھ:**

سن 1739ع ۾، ايران جي بادشاھ نادر شاھ هندستان تي ڪاھ ڪئي ۽ محمد شاھ مغل جي ڌيءُ پنهنجي پٽ کي پرڻائي ۽ سنڌ، هن کي ڏاج ۾ ڏني، نادرشاھ سنڌ کي ورهائي ڇڏيو. اتر سنڌ وارو حصو دائودپوٽن کي مليو، اتر - اولھ وارو پاڱو قلات سان ڳنڍيو ويو. سنڌ وري ٽڪر ٽڪر ٿي ويئي.

سن 1747ع ۾، نادرشاھ جي موت کان پوءِ، احمد شاھ ابدالي سنڌ تي چڙهائي ڪري آيو، ڏاڍو نقصان ڪيائين. نورمحمد ڪلهوڙو وڃي عمرڪوٽ جي قلعي ۾ بند ٿيو، پوءِ ڏن پرڻ جي ضمانت ڏئي، پنهنجي تخت تي ويٺو.

**ٽالپر خاندان:**

سن 1781ع مطابق 1198ھ ۾، ميان عبدالنبي ڪلهوڙي جي مدد لاءِ، افغانستان جي حاڪم تيمور شاھ، هڪ وڏو ڪٽڪ، مدد خان پٺاڻ جي ڪمان هيٺ سنڌ ڏي ڏياري

موڪليو. جنهن کي عبدالنبيءَ کان وعدي ڪيل ڏن جي رقم نه ملي. هنن سڄي سنڌ ۾ ٻائيتال ٻاري ڏنو: ڦرلٽ ڪئي، شهر ساڙيا، ماڻهن کي ماريو اصل مانڌاڻ وجهي ڇڏيو. مدد خان جي قهري ڪارنامن ڪري سنڌ ۾ هيءَ چوٽيون عام ٿيون:

گهل ڙي گهل، گهوڙا! ڙي گهوڙا!

چو ڪو مدد خان پويان پيو اٿئي چا؟

هن دور ۾ نصرپور، اگهم ڪوٽ، عمرڪوٽ، چاچرو، ڪانٽيو، فتح باغ، جوڻ ۽ بدين جا شهر ڦريا لٽيا ۽ ساڙيا ويا. عبدالنبي ڪلهوڙي جي ظلم کان تنگ ٿي هڪ درويش بيت ڏنو(1).

نڪو نديءَ نير، نڪو طبل تنهنجو،

ڪلهوڙو قلات جو، تڙي ڪيوسون تغير،

ڪلهوڙي جا ڪيرَ، پٽياسون پاتار مان.

نيٺ مدد خان کي، فتح علي خان ٽالپر پروچن جو لشڪر وٺي، ان سان وڙهي سنڌ مان ڀوڙائي ڪڍيو.

ٽالپر خاندان کي، ڏيره غازي خان کان ميان محمد خان پٽ يارمحمد خان ڪلهوڙي لڏائي، آڻي سنڌ جي لشڪر ۾ ڀرتي ڪرايو هو.

Gul Hayat Institute

ٽالپر: سن 1782ع ۾، هالاڻيءَ جي جنگ ۾ مير فتح علي خان، ميان عبدالنبي ڪلهوڙي جي لشڪر کي زبردست شڪست ڏئي، سنڌ پنهنجي قبضي ۾ آندي.

سن 1783ع ۾، مير فتح علي خان، ٽالپرن پاران سنڌ جو پهريون حڪمران ٿي گاديءَ  تي ويٺو. گاديءَ جو هنڌ حيدرآباد کي ڪيائين.

ٽالپرن پنهنجي حڪومت، ٻن چؤيارن بنائڻ سان ڏاڍي قرب ۽ محبت سان هلائي، سنڌ ديس کي ٽن حصن ۾ ورهايائون ۽ هر هڪ پاڙو جدا جدا ملڪ سنڀالڻ لڳو.

**اعظم خان جي ڪاهه:**

سن 1810ع ۾، قنڌار جو هڪ وزيراعظم خان وڏي فوج وٺي سنڌ تي ڪاهي آيو. لاڙڪاڻي واري حصي تي حملو ڪيائين. ميرن نوَ لک رپيا خراج ڏنس جيڪا وٺي، هو خوش ٿي روانو ٿي ويو.

**شاهه شجاع جي ڪاهه:**

Gul Hayat Institute

سن 1828ع مطابق 1248ھ ۾ شاهه شجاع، هندستان جي لڌياني شهر مان منزلون هڻندو، سنڌ ۾ افغانن جو خراج اڳاڙڻ لاءِ پهتو. جنهن جي ڪري ڪرڙيءَ واري جنگ لڳي، جنهن ۾ سوين سنڌي شهيد ٿيا.. پر پوءِ سگهو ئي صلح ٿيو. اهو به خراج وٺي افغانستان هليو ويو. جو انگريزن

ڪيس وري تخت تي ويهارڻ جو سانباهو ڪيو هو. ميرن جون شڪستن تي شڪستون سٽي صوفي صادق فقير سومري بيت چيو:

نڪي ٿو چاڙهيان لانگ، نڪي ٿو چاڙهيان ٻانگ، پورا اچي پيل، ساري سنڌ صادق چوي!

(يعني لانگ وارا هندو ۽ ٻانگ وارا مسلمان حڪومت ڪرڻ کان چٽا، مرڳو نئين قوم پورن (انگريزن) جي ٿي اچي.)

**انگريز جي حڪمراني:**

سن 1838ع ۾ انگريزن سنڌ ۾ پختا پير جمايا. ٽالپرن کان اجازت وٺڻ لڳا ته: اسان کي شاهه شجاع جي مدد ڪرڻ واسطي، افغانستان ڏانهن لشڪر موڪلڻ لاءِ، سنڌو نديءَ مان لنگهڻ جي اجازت ڏيو. گهڻي ڪوشش کان پوءِ اها اجازت حاصل ڪيائون. سنڌ ۾ ته اڳئي ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾ واپار سانگي ڪوٺيون وڌيون هئائون. جڏهن ميرن کي شڪست ڏئي سنڌ جي حڪومت هٿ ڪيائون، ته ماڻهو چوڻ لڳا ته ”آئي ٽانڊي ڪاڻ، ٿي ويٺي بورچاڻي“ چو جو واپار جو بهانو بنائي، سنڌ ملڪ جي ڪنڌ ڪڙڇ جاچي دغا سان ميرن کي منجهائي ۽ پاڻ ۾ ويڙهائي حاڪم بنجي

ويا، پر ميرن لاءِ به اها ڳالهه مشهور ٿي ويئي ته: ”ميرن کي ڪٿان لڳي؟ چي: گهر مان.“ هنن انگريزن جي چالاڪي نه سمجهي هئي، هو ويا معاهدن تي معاهدا ڪندا ته ٽالپر به ويا صحيحون وجهندا!

سن 1843ع ۾، مياڻي ۽ دَٻي ڳوٺن وٽ پوئين ميرن نصيرمحمد ۽ شيرمحمد خان انگريزن سان جنگيون ڪيون، پر پڇي نه سگهيا.

انگريزن قبضو حاصل ڪري سنڌ جو پهريون گورنر سرچارلس نيپئر کي مقرر ڪيو ۽ سنڌ جي گادي ڪراچيءَ ۾ ڪئي.

سن 1847ع ۾، سنڌ مان گورنري راڄ ختم ڪري، انگريزن سنڌ صوبي کي ممبئي پرڳڻي سان ملائي ڇڏيو. سنڌ جو پهريون ڪمشنر پرنگل کي مقرر ڪيائون.

سنهان پاڻءِ مَ سپ، وياءَ واسنگن جا، جنين جي جهڙپ، هاٿي هنڌان ئي نه چري.

سن 1914ع ۾، يورپ ۾، انگريزن سان جرمنن جي لڙائي لڳي، جنهن ۾ سڄو ننڍو کنڊ انگريزن جا مددگار رهيو. اها جنگ جرمنن کان انگريزن کٽي ورتي.

اچي عزرائيل ستي جاڳائي سسئي، ٿي بوڙائي دليل، ته پنهونءَ ماڻهو موڪليو.

Gul Hayat Institute

**سنڌ جي بمبئي کان انتظامي جدائي:**
سن 1937ع ۾، قائداعظم محمد علي جناح، سر سلطان محمد شاھ آغا، سيٺ حاجي عبدالله هارون، سر غلام حسين هدايت الله، محمد ايوب کهڙي، جي. ايم سيد ۽ ميران محمد شاھ جن گڏجي سنڌ کي ممبئي پرڳڻي کان ڌار ڪرايو. سنڌ هڪ صوبو سڏجڻ ۾ آيو، جنهن جو پهريون گورنر سرلانيسلاٽ گرهام مقرر ٿيو.
سن 1939ع ۾ وري جرمنن سان انگريزن جي ٻيو ڀيرو لڙائي لڳي. ان ۾ به انگريزن کٽيو. هن دفعي هند ۽ سنڌ انهيءَ شرط سان انگريزن جي مدد ڪئي، ته جي انگريزن کٽيو ته هند ۽ سنڌ کي مڪمل آزادي ڏيندا.
انگريزن پورا هڪ سؤ ورهيه سنڌ ملڪ تي حڪومت ڪئي.
پاڪستان جو ٺهڻ: سن 1947ع ۾ انگريزن جي پوئين وائسراءِ لارڊ مائونٽ بيٽن جي ڏينهن ۾ هند ۽ سنڌ آزاد ٿيا ۽ انهن جو ورهاڱو ٿيو. هڪ نئون ملڪ ”پاڪستان“ وجود ۾ آيو. هن ۾ پنجاب، بلوچستان، سرحد ۽ سنڌ صوبا الهندي پاڪستان جي نالي سان ٺهيا ۽ اڀرندو بنگال نالي، اڀرندي پاسي اوڀر پاڪستان جو حصو قائم ٿيو، جن کي گڏي پاڪستان نالو ڏنو ويو.

Gul Hayat Institute

انهي نئين ٺهيل ملڪ پاڪستان جو گورنر جنرل، قائداعظم محمد علي جناح ٿيو. ڪراچي کي گاديءَ جو هنڌ بنايو ويو.

منڪر ۽ نڪير کي، جڏهن ڏٺائين،
اڳيان اٿي ان کي، پنهون پڇيائين،
ادا! اُئائين، ڪو ويو ساٿ سڄڻ جو؟

## ون يونٽ:

سن 56 - 1955ع ۾، پاڪستان جي گورنر جنرل غلام محمد، سنڌ کان صوبائي اختيارات کسي، سنڌ کي اولهه پاڪستان جو هڪ انتظامي حصو قرار ڏئي ”ون يونٽ“ ۾ شامل ڪري ڇڏيو ۽ لاهور کي گاديءَ جو هنڌ بنايو.

هيڪليائي هيل، پورينڊس پنهونءَ ڏي،
آڏا ڏونگر لڪيون، سوريون سجهن سيل،
ته ڪر پيلي آهن پيل، جي سور پريان جا ساڻ مون.

ان وقت سنڌ جو وزير محمد ايوب کهڙو هو. جنهن سنڌ کي ون يونٽ ۾ شامل ڪرايو. ان ريت ٻئيهه ڪروڙ رپيا سنڌ جو فنڊ به اولهه پاڪستان جي خزاني ۾ جمع ٿي ويو.

ٻلر لڳو ٻاڻَ، پسو! جوءِ جرا ٿئي،
سا منڌ مري نه جيئي، پيئي پڇاڙي پاڻ،
سسئي سورن ساڻ، سنپوڙي سيد چئي.

مٿين ڪاهن، جنگين ۽ ڦيرين گهيرين، سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن تي وڏو اثر وڌو آهي: مارا ماري، ڀڄ ڀڄان ۾ ماڻهن پنهنجا ڏنڌا، گهرگهاٽ، هنر حرفتون وقت بوقت پئي تبديل ڪيون، تنهن ڪان سواءِ ڪاهيندڙن جي ظلمي ڪاررواين ڪري امن ۾ سدائين خلل پوندو آيو. خونريزيون، ڏڪار، بيماريون به نڪري نروار ٿيون. ڌارين پنهنجا قاعدا قانون به زوريءَ سنڌ جي رعيت مٿي مڙهيا.

انهن ڪاهن ڪندڙن ۾ ڪڙا ته اهي هئا، جي سنڌ کي وطن بنائي ويٺا ۽ ٻيا وري اهڙا هئا، جي ماري هاري بگريون پري هليا ويا. تنهنڪري ماڻهو مطمئن ۽ مستقل مزاج نٿي رهي سگهيا. ڪنهن چيو آهي ته:

سنڌ سونهاري سڦري، ڪي ماڻهو منجهس خام،
جيڪو هٽي موچڙو، تنهن جو پرين سلام!

**لطيف سائين چيو آهي ته:**

آدمين اخلاص، مٿائي مانو ڪيو،
هاڻِ ڪائي سپڪو، سندو ماڻهوءَ ماسُ،
دلبر هن دنيا ۾، وڃي رهندو واس،
ٻيو سڀُ لوڪ لباس، ڪو هڪدل هوندو هيڪڙو.

(لطيف)



Gul Hayat Institute

**ڏڪار:**

سن 1806ع ۾ ڪڇ ملڪ ۾ ڏڪار پيو، ڏڪار ڪري ماڻهو سنڌ ڏانهن اٿلي پيا.

سن 1811ع ۾، هندستان جي گهڻن ڀاڱن ۾ ڏڪار منهن ڪڍيو، سن 1856ع ۾ هڪ ٻيو ڏڪار جنهن کي ”ڇپني“ جو ڏڪار ٿا ڪوٺين. هن ڏڪار جي ڪري ڪاٺياواڙ، گجرات، مارواڙ ۽ ڪڇ جي ماڻهن سنڌ ڏانهن رخ رکيو. معصوم ٻار خاص طرح نياڻيون وڪڻي ويلا وارڻ لڳا.

سن 1869ع ۾ برساتن نه پوڻ ڪري، هڪ وڏي ڏُڪار سنڌ جي نارا ويليءَ کي وڪڙ ۾ ورتو. ان جو گهڻو اثر ٿر واري حصي تي ٿيو هو. ان وقت جي سرڪار ڏُڪار جي ماريلن کي اُهڃ ڏيڻ ڪاڻ نوان واهه کوٽايا ۽ نوان رستا ٺهرايا.

سن 1892ع ۾ وري ٿر ۾ ڏُڪار پيو. سرڪار جمڙائو واهه جي رٿ رِٿي. هي واهه، ٻن ڀاڱن ۾ کوٽائڻ شروع ڪرايائون. هڪڙو ميرپورخاص جي اڀرندي پاسي وهندڙ يعني وڏو جمڙائو ۽ ٻيو ميرپورخاص جي الهندي طرف کان وهندڙ يعني ننڍو جمڙائو. انهيءَ واهه جي کوٽائڻ ڪري ڏڪاريلن کي پيٽ ۾ ساهه پيو ۽ خوش ٿي چوڻ لڳا.

جيئي جمڙائو، جنهن جي ڪچي پئي ڪاٿي،
ٿيندو اَنُ سهانگو، پئسي لڳندي پاٿي،

سن 1899ع ۾ جمڙائو واھ جو سرڪار مهورت ڪيو، ته ساڳئي سال وري ڏڪار ڏند ڏيکاريا!

**بيماريون:**

سن 60 - 1659ع ۾ ۽ سن 99 - 1698ع ۾ مهامري يعني وڏي پليگ جي بيماريءَ سنڌ کي نهوڙي نيو.

سن 1764ع، سن 1847ع، سن 1886ع، سن 1900ع ۽ 1921ع سن 1934ع ۾ ڪالرا قهر ڪيا، شهرن جا شهر ڊُف ٿي ويا. لکين ماڻهو ٻن - ٽن ڪلاڪن ۾ اُلٽين ۽ دستن وگهي لڇي لڇي ڦٿڪي ڦٿڪي ٿي مئا.

روئان ڪئين ڪري، مادر ملاحن کي.

سنڌو ندي (سپت سنڌو)

گهڙو پڳو، منڌ مئي، وسيلا ويا،
تنهان پوءِ سئا، سهڻيءَ سڏ ميهار جا.
(لطيف)

**سنڌو نديءَ جا نالا:**

سنڌ ۽ سنڌو نديءَ جي انهيءَ نالي پوڻ بابت ڪقيتريون روايتون ۽ قصا آهن، جهڙوڪ: حضرت نوح نبيءَ جنهن کي آدم ثاني سڏيو ويو آهي. ان جي هڪ پوٽي جو نالو



Gul Hayat Institute

”سنڌو“(1) هو. اهو ياڻ ۾ سندس اولاد، شام کان هلندو هلندو اچي هن درياءَ جي ڪناري تي آباد ٿيو ۽ اتي ئي يڪڙيو. هنن ڪيتي باڙي ڪرڻ، بيڙيون هلائڻ ۽ مڇي مارڻ جي هنرن ۾ ڪمال حاصل ڪيو. انهن ڏنڏن ڪري،”گنڌرا“ نالي سان سڏجڻ لڳا. گنڌرا معنيٰ پاڻيءَ جي پر تي جاليندڙ ماڻهو.

هنن جي رهڻ جو وڏو مرڪز پشاور جي ويجهو هو، تنهنڪري انهيءَ مرڪز کي گنڌار(1) ڪوٺيندا هئا. هنن پنهنجي وڏي ڏاڏي کي عزت ۽ مانُ ڏيڻ خاطر هن درياءُ جو نالو سنڌو رکيو، هن نديءَ جيڪو ملڪ آباد ۽ سرسبز ٿي ڪيو، ان ساري پرڳڻي کي سنڌ ٿي سڏيائون.

2. چيو وڃي ٿو ته: جڏهن سامين ۽ عڪادن، سميرين کي بابل ۽ نينوا جون حڪومتون ڦري کين پچائي ڪڍيو، تڏهن هو عراق ملڪ جي ڏکڻ ڏي هلندا وڃندا هندستان ڏي آيا. جڏهن هن نديءَ جي ڪناري تي پهتا، ته پرينءَ پر اُڪرڻ اڙانگو ٿي پين ۽ اتي ئي رهي پيا ۽ ان ريت وڏن ۽ ويجهڻ لڳا ۽ جن هنڌن تي وڌيا، انهن کي ”سامراڏ“ يعني سامرين جو اڏو سڏيائون. تنهنڪري نديءَ جو اهو نالو سامراڏ هو، جو پوءِ بدلجي سنڌو ٿيو آهي.

3. ائين به چيو وڃي ٿو ته: چوڏهن سؤ ورهيه ق.م، آريا لوڪ وچ ايشيا کان لڏي، پارت ڏي آيا. منهن ۾ اچڻ شرط

Gul Hayat Institute

هيءُ درياءُ ڏسي پانيائون ته ڪو سمنڊ آهي ۽ هن کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ سينڌو يعني سمنڊ سڏيائون.

4. آرين کي سفر ڪندي هيءَ ندي سامهون آئي. هنن ايڏي وڏي ندي اڳي ڪابه ڪانه ڏٺي هئي، تنهنڪري هن کي ”سندر“، يعني سامهون روڪ ڪندڙ ڪوٺيائون. جنهن تان ڦري، هن جا نالا سنڌو ۽ سندو پيا.

5. جڏهن اندوسٿين، سنڌ تي ڪاهه ڪئي، تڏهن هنن سنڌ کي اُندوسٿاءِ سڏيو ۽ هن نديءَ کي ”اندس“ نالو ڏنو.

6. ڪن هن نديءَ کي مهراڻ به ڪوٺيو آهي. مها+ ارڻو، جنهن ۾ مها معنيٰ وڏو ۽ ارڻو معنيٰ پاڻي. اهو نالو اٿين صديءَ کان به اڳ اُچاريو ويندو هو.

جيئن ته هن نديءَ جي اُٿلن، ٻوڏن ۽ ڦيرين گهيرين ملڪ جي ثقافت تي ڳوڙهو ۽ گهرو اثر ڇڏيو آهي، تنهنڪري هن جو بيان ڪرڻ پڻ لازمي آهي.

سهسين سائر ٻوڙيون، منڌ ٻوڙيو مهراڻ،
وَهه وچايو پاڻ، هٿي ڪنڌ ڪپن سين.

(لطيف)

سنڌو نديءَ کي ست ٻيون نديون، جن مان به الهندي طرف کان ۽ پنج اڀرندي طرف کان پرتي ڪندڙ هيون ۽ انهن کان سواءِ ٻيا ڪيترا واهڙ به سنڌوءَ جون پرتي ڪندڙ شاخون آهن.

اها ندي، هماليه جبل جي مانسرور ڍنڍ جي ڪيلاش پربت وٽان نڪري، ڪيترين ئي شاخن، نهرن، ڇاڙهن ۽ ڦاٽن ۾ ورڇجي، پوءِ وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندي آهي.

هن نديءَ گهٽ ۾ گهٽ ته به پنج لڳا پنهنجو پيٽ پئي ڦيرايو آهي. انهيءَ ڪري هن کي ”پورالي“ ندي به ڪري ڪوٺيندا آهن، جا سراسري ٻن - اڍائن صدين کان پوءِ پيٽ بدلايو وڃي. هن جي وهڪري جو رخ دائمي طرح سن 1829ع ۾ ڦري گهري دنگ ٿيو. ان کان پوءِ ساڳين ڪنارن ۽ پڊن تي وهندي اچي. انگريزن ته هن کي بند مٿان بند ٻڌائي، انهن کي اندرين پاسن کان پٿرن جي پچنگ ڪرائي چڙهي آهي. جيئن ڪنهن پاسي چري نه سگهي.

هيءَ ندي جڏهن سنڌ ديس جي ڏکڻ ۾ گهٽين ڇاڙهن ۾ ورهائجي وهندي هئي، تڏهن سندس صورتحال هن طرح هئي: سمنڊ ۾ ڪل ست ڇوڙ ڪندي هئي، انهن مان ٻه ڇوڙ، ڪڇ رياست جي ڏکڻ - اپرندي واريءَ ڪنڌ وٽ، ٽي ڇوڙ، هاڻوڪي ساماري تعلقي جي سڌو ڏکڻ ۾، ڏيپلي ۽ بدين تعلقن کان سڌائي ۾ هينئرو ڪاڇيل تي ۽ باقي ٻه ڇوڙ، ميرپورساڪري تعلقي جي اولهائين طرف سمجهجن ٿا.

نديءَ ملتان جي حدن مان نڪرڻ کان پوءِ ٻه ڇاڙهون اپرندي طرف ٿي واهيون ٿي، انهن مان هڪڙي جو نالو

هاڪڙو درياءُ(1) هو. اهو درياءُ جيسلمير کيآباد ڪري ننگرپارڪر تعلقي مان وهي پاري ننگر بندر وٽان (رڻ ڪچ کان ڪوري نار ۾ وڃي ڪرندو هو) سمنڊ ۾ ٿي پيو.
هن مان جيسلمير ۾ هڪ ندي ڪوري نالي جدا ٿئي ٿي، جنهن ڪچ ملڪ کي آباد ٿي ڪيو ۽ ننگرپارڪر تعلقي ۾ منجهانئس هڪ ڦاٽ ملهار(2) نالي ٿي نڪتو، جنهن ننگرپارڪر جو اتريون پاڱو آباد ٿي ڪيو.
پيو هو نارو درياءَ، جنهن جي ڪپ تي ڏيجيءَ جو مشهور وڏو شهر آباد هو. سنڌ پرڳڻي جو اپرندو حصو آباد ڪري، لکپت وٽان نڪري، ڏوتڙ بندر وٽ (رڻ ڪچ سمنڊ (ڪوري نار) ۾ ٿي ڪريو.
هيءَ ندي، الوُر وٽان پوريون ٿي شاخون ٿي وهندي هئي. هڪ جو نالو مهراڻو درياءُ هو. هن تي ڪيڪائوس(1) جو شهر (هاڪڙي ڪائو جو دڙو) عمرڪوٽ ۽ وڳهه ڪوٽ مشهور معروف شهر هئا. ساماري تعلقي جي سڌو ڏکڻ ۾ سنڌڙي بندر وٽان ڦيرو ڪائي، لوهاڻي درياءَ سان وڃي ٿي مليو، ٻي چاڙهه هئي لوهاڻو درياءُ، جنهن جي ڪنڌيءَ تي بانڀڻياه، منصوره، نصرپور ۽ اگهم ڪوٽ جا وڏا وڏا شهر هئا. هي ٻئي درياءَ اگهم ڪوٽ کان هيٺيرو پاڻ ۾ گڏجي ويندا هئا، جنهن کي درياءُ پراڻ(2) سان سڏبو هو. اهو پراڻ درياءُ رحمڪي بازار وٽان اُڪري، سمنڊ ۾ ٿي داخل ٿيو.

Gul Hayat Institute

ٿين شاخ خود پاڻ سنڌو ندي هئي، جا وڏو وڪڙ ڪائي موجوده ڏوڪري تعلقي جي ڦتل شهر موهن جي دڙي (واهه مهن) ۽ سيوهڻ (واهه سهن) ڪان ٿيندي، منڇر (منوڇهر) جي ڍنڍ جو پيٽ ڏاهي وري اپرندي طرف ڦيرو ڪائي هالڪنڊيءَ(3) (پراڻا هالا) چڙهي هيٺيرو ٿي ٿيو ته منجهانئس ساڱرو درياءُ ٿي نڪتو. هيءُ درياءُ به ساري سماواتري(4) پرڳڻي کي آباد ڪندو هو. هن کي منڍ ۾ ساڱرو ۽ هيٺ لاڙو ٿيڻ تي ريڻ(5) (ريڻي ندي) سڏوٿيندا هئا. مٿس ٿنڌي الهيار تعلقي ۾ اَبل جو مشهور شهر هو. جنهن کي هينئر ابل جو دڙو چيو وڃي ٿو. هن درياءَ تي جوڻ، فتح باغ جا پڻ شهر هئا، بديڻ (بدين) جي اولهائين طرف کان سمنڊ ۾ ٿي پيو.
نديءَ جڏهن گنجوگام ٿي چڙهيو، ته جبل جي دامن وٽان هن مان پيو هڪ پاڳو، پٿيهل درياءُ جنهن جي منڍ وٽ پٿيالا(6) پٽاسلا جو شهر هو، ٿي نڪتو. هن درياءَ تي پير پٺو جو شهر هو، هيءَ درياءَ تعلقي شاهبندر ۽ ساڪري(1) کي آباد ڪري شاهه بندر وٽ سمنڊ ۾ ٿي داخل ٿيو، باقي هلندڙ چاڙهه، گهاري درياءَ جي نالي سان سڏبي هئي. هن تي ساموئي، پنپور ۽ ديبل جا شهر هئا. پوچڙيءَ ۾ ڪيترن ڦاٽن ڊيلٽائن (ٽڪنڊي شڪل) جي صورت ۾

Gul Hayat Institute

لاهري بندر، ڏاراج بندر، وڪر بندر. اورنگا بندر، وستي بندر ٺاهي، ڪراچي تعلقي مان سمنڊ ۾ ٿي ڇوڙ ڪيائين.
جن هنڌن تي اهي ڇاڙهون لنجي ويون آهن، انهن کي ڦٽو يا ڊورو ڪري ڪوٺين ٿا، ٿر ۾ ته اتانهيون واريءَ جون پٽون ۽ ڊنيون انهن شاخن جي گم ٿيڻ جا پورا نشان پتا ڏيئي رهيون آهن.(2)

جيڪي ڏٺو مان، سو جي ڏٺو جيڏيين،
گهر وَرَن سان، هوند گهٽين گهوري ڇڏيا.
(لطيف)

**سنڌو نديءَ جون اٿلون ۽ ٻوڏون:**

سن 1740ع ۾، 1874ع ۾، 1944ع ۽ 1956ع ۾ هن نديءَ ٻوڙان ٻوڙ ڪئي، پر پيٽ نه ڦيرائي سگهي. ڳوٺن جي ٻڏڻ ڪري لوڪ لڏا ڪٽي رلندو ٿي وتيو. هن جي اُٿل آسپاس جا ڳوٺ، چوپايو مال ۽ اسباب، ته ڪٿي ماڻهو پئي ٻوڙيا آهن. مٿين سالن ۾ وڏيون وڏيون اٿلون ٿيون.

**موجوده وقت جو وهڪرو:**

Gul Hayat Institute

هاڻ به هيءَ ندي هماليه جبل جي مانسرور ڍنڍ جي ڪيلاش پربت وٽان نڪري، ڪشمير، پنجاب ۽ سنڌ علائقن مان 1800 سؤ ميل وهي تعلقي گهوڙاٻاريءَ جي ڪيٽي بندر وٽ (ٽڪندو) ٺاهي، سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. هن کي الهندي طرف گلگت ۽ ڪابل نديون ۽ اڀرندي طرف جهلم، چناب،

راوي، ستلج ۽ بياس نديون پرتي ڪن ٿيون.(1) مثلاً اٽڪ، ڪالا باغ، ديرو اسماعيل خان، ديرو غازي خان، مٺڻ ڪوٽ، ڪشمور، روهڙي، سکر، ڪوٽڙي ۽ گدو بندر مکيه شهر آهن. هن تي اٽڪ، سکر ۽ روهڙي، ڄامشوري، ڪوٽڙي ۽ گدوبندر وٽ پليون ٺهيل آهن(2). هن مان اپرندي طرف ڦليلي، پڃاري اوچتو، ححامڙو ڦاٽ نڪري وهن ٿا، الهندي طرف ٻگهاڙ، ڪلري، مير ڄاجيو ۽ ڦراڙي ڦاٽ نڪري وهن ٿا. هن نديءَ کي ڪنهن زماني ۾ ”سوسامان“ به سڏيو ويندو هو.

سنڌ جون سرحدون:

هن ملڪ جي طبعي ڏيک جو به سنڌ جي سڀيتا تي وڏو اثر رهيو آهي، تنهنڪري سرحدن کان واقف ٿيڻ به بيحد ضروري آهي.

سپريان جي ترهي، ٻڏي! هٿ مَ لاءِ،
صباح تو چونداءِ: اسان تو اُڪاريو.
(لطيف)

**سنڌ نالو:**

هن ديس تي سنڌونديءَ تان ”سنڌ“(1) نالو پيو. جڏهن سٿين يا ساڪ لوڪن هن ملڪ تي قبضو ڪيو، ته انهن نالو ڦيرائي ”اندوسٿا“ رکيو، پر انهيءَ نالي گهڻو جٽاءُ نه ڪيو. پراچين سنڌ جي سرحدن درجي بدرجي گهٽجڻ شروع

Gul Hayat Institute

ڪيو. پنجاب پاڻ کي پنجن ندين وارو الڳ صوبو سڏايو ۽ ٻيون پرواريون رياستون ۽ ملڪ ناتا ٽوڙائي ٽٽي ڌار ٿيا. سن 1592ع ۾ اڪبر بادشاهه سنڌ کي فتح ڪري، هن ملڪ جون سرحدون گهٽائي باقي ايتريون ڇڏيون جي موجوده نقشي ۾ ڏسون ٿا. اڃا به سنڌ ملڪ سان سسيءَ واري ڪار آهي: مڙيا مڇ هزار، پاڳا ٿيندي سهٽي. (لطيف)

**طبعي بيهڪ:**

قدرتي طرح هيءُ پرڳڻو پنجن پاڱن ۾ ورهايل آهي. سرو، وچولو، لاڙ، ڪوهستان ۽ ريگستان يعني ٿر.

وچولي کان سواءِ ٻين پاڱن جي آبهوا سياري ۾ سرد ته اونهاري ۾ تمام گرم رهي ٿي. البت لاڙ جي آبهوا گهميل آهي، ڇو ته سمنڊ ويجهو اٿس. وچولي کان سواءِ ٻين پاڱن جي آدمشماري به گهٽ آهي. اتي جي ماڻهن جو گذران گهڻو ڪري چؤپائي مال ڌارڻ تي ٿئي ٿو. چؤپائي مال جو جياپو برسات آهي. خاص طرح ٿر ۽ جبل جا ماڻهو جن جي حدن ۾ ڪو واهه يا درياءُ ڪونهي، آسمان تي اک رکن ٿا. جيڪڏهن هڪ سال به مينهن نه وسندو آهي، ته ماڻهو ڏتڙجي ويندا آهن ۽ ڏڪار ڏائڻ وانگي ڏند ڪڍي ڏيکارڻ شروع ڪندو آهي. ماڻهو ۽ مال پريشان حال ٿي ويندا آهن. جيڏانهن به ڪا گاهه جي جوءِ يا وسڪاري جي واس سجهندي اٿن، ته اباڻا ڇاڇا ڇڏي، ڏڙڪيون ڍوهي اوڏانهن

اُسهندا آهن. جي سندن ملڪ تي مينهن مانداڻ ڪيا ۽ بارش برهاڙا ڪيا، ته رانجهن لڳي ويندا آهن. ملڪ ڪشمير جون سڪون پلائيندو آهي. ”وٺو ته ٿر، نه ته آهي بر.“ مشهور پهاڪو آهي. جي نٿو وسي ته برجنسي رت جي بوءِ اچڻ لڳندي آهي. تڏهن ته شاهه صاحب ڪين هميشه جي لاءِ دعائون ٿي ڪيون.

سائين سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار،
دوس! مٺا دلدار! عالم سڀ آباد ڪرين.
(لطيف)

حدون: هن ديس جي اتر ـ الهندي طرف کان هالار جبلن جي قطار آهي. جنهن ۾ ڪرُو، کيرٿر ۽ پبُ جبل اچي وڃن ٿا. اهي جبل اهڙا ڪي اتانهان ڪين آهن، جي گرم سرد هوائن ۽ ڌارين جي ڪاهن کان سنڌ ملڪ کي بچائين ٿا. هنن تان ته ماڻهو پوٺي ڏيڻ ۽ گڏهن تي لڏون لڏي، اچ وڃ پيا ڪن. هنن جبلن مان حب نالي هڪ ندي سؤ سورهن ميل ڊگهي وهي، سنڌ جي حد کي قلات جي حد کان پري ڪري، راس ڪماري وٽ اچي سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿي.
اتر ڏي پنجاب جو وڏو ويڪرو ۽ وسيع علائقو آهي. اپرندي ڏي جيسلمير، بيڪانير ۽ جوڌپور رياستون ۽ انهن سان لاڳيتو ٿر جون پٽون به ڳرو ڏيو بيٺيون آهن. (اهي پٽون پنهنجن مائرن کي اوچا ڳاٽ کنيو پيون ڳولهين، جن

Gul Hayat Institute

جي پيٺن مان پيدا ٿيون آهن!)، ڏکڻ ڏي ڪڇ جو رڻ ۽ عربي سمنڊ آهي، جنهن جون ڇوليون، ٻانهون مٿي کڻيو سيپني ڌارين قومن کي دعوت ڏئي سڏ پيون ڪن ته ”هيڏانهن هليا اچو. هتي نڪو آهي ڪو اوچو جبل، نڪي ٻيلا، نڪي گهاٽ. ماڻهو سڪيا ستابا، مهمان نواز، لاپرواهه توڪلي ”پلي بک پرم جي شال مَ وجي شان“. اچو اچي هتي وسي پئو. هيءُ دنيا جي چال ۽ ڍنگ کان واقف نه آهن. نون هنرن ۽ حرفتن جي پروڙ ڪانهين، سادو ڪائين سادو هنڌائين، ٿلهو ڳالهائين، ٿلهو سمجهن، پر محبت ۾ گهر تڙ لٽائڻ لاءِ تيار آهن. هنن کي اچي چئو ته ”اسان توهان وٽ آيا آهيون، اسان کي ڇا ٿا ڏيو ۽ توهين اسان وٽ ايندا ته اسان لاءِ ڇا کڻي ايندا؟“ ائين چئي کين جيئڻ جا جتن ڪرڻ تي مجبور ڪيو.

پائي ڪان ڪمان ۾ ميان مار مَ مون،
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توکي لڳي.

جي اسان جي سنڌ جون قدرتي طور حدون ڪمزور نه هجن ها، ٻڪڻ هندستان وانگيان هڪ پاسي الهندا گهاٽ، ته ٻئي پاسي اڀرندا گهاٽ، مٿان ونديا ساتپورا جبل، ڏکڻ هندي وڏو سمنڊ هجي ها، ته هزار ورهين تائين به اسان جي تهذيب ۾ ترَ جيترو به ڦيرو نه اچي سگهي ها. هن طرح ڪيترين قومن ڪڙڻ جي قتلَ، حدن جي حفاظت جا

بهانا بنائي، ٿانڊي لاءِ اچي بورچي بنجي نه ويهي سگهن ها! خير قدرت، سنڌ ديس کي چونڊيو ئي هو دين فطرت جي آبياري لاءِ، سو نيٺ ته سنڌ ديس ”باب السلام“ بنيو، سندس گود مان ڪئين گوهر نڪري نروار ٿيا. جي هنڌين ماڳين مشهور ٿيا. وري به سنڌ سونهاريءَ کي انهن تي فخر آهي.

اوڙاهه ويا نه وريا، آءُ تن ماري ويڻ!
ڪري سامونڊي سيڻ، جسي جارُ پرايو! (لطيف)

**وڇور:**

متو آهين مڇ، ٿلهو ٿو ٿونا هٽين،
جا تو ڏني اڇ، تنهن پاٽيءَ پنا ڏينهڙا. (لطيف)

چار صديون ق.م کان ڇهه صديون ق.م تائين سنڌ ايرانين جي قبضي ۾ هو، اهي پورا ٻه سؤ ورهيه ايراني نشست - برخاست، ادب اخلاق جو اثر مٿس رهيو.

چوٿين صدي ق.م کان ٽيءَ صدي ق.م تائين پورا هڪ سؤ ورهيه هي ديس يونانين جي قبضي ۾ رهيو، ايراني تهذيب تي يوناني تهذيب جو اثر غالب پئجي ويو.

سنڌ تي پنجاهه ورهيه تائين موريا گهراڻي حڪومت ڪئي، هيءَ خالص پر واري ملڪ جي سپيتا هئي، تنهنڪري سنڌ ۾ ٻڌ ڌرم جلد ۽ گهڻو پکڙيو ۽ ڪيترائي پوئلڳ پيدا ڪيائين.

ٻڌمت واري سنڌ تي آرين اڳرائي ڪئي، راجا جئدرٿ ۽ ان جي پوين سنڌ ۾ هندو ڌرم آندو، هنن پورا هڪ سؤ ورهيه راڄ ڪيو.

عيسوي پهرين صديءَ کان سنڌ تي جدا جدا قومن حڪومتون ڪيون. جهڙوڪ: سٿين، پارٿين وغيره اهي چوٿين صديءَ تائين هئا، پر سنڌ جي سڀيتا تي ڪو خاص اثر ڪونه پيو.

پنجين صديءَ کان ڇهين صديءَ راءُ گهراڻي کي سنڌ جي حڪومت هٿ لڳي، هنن به هڪ سؤ ورهيه حڪومت ڪئي. ڪو خاص ڦيرو ڪونه آيو. ڇهين صدي عيسويءَ کان ستين صدي عيسوي تائين وري آرين جي برهمڻ گهراڻي کي سنڌ قبضي ۾ آئي، هنن ملڪ کي وڌايو، هندو ڌرم کي زور وٺايو، تڏهن به سنڌ مان ٻڌ ڌرم کي ختم نه ڪري سگهيا.

اٺين صديءَ کان ڏهين صديءَ عيسويءَ تائين، اٽڪل اڍائي سؤ ورهيه سنڌ ملڪ عربن جي زيردستيءَ ۾ رهيو. هنن جي حڪومت ۾ مذهب، علم ۽ ادب، نشست برخاست، لباس، ڍنگ سڀڪجهه بدلجي ويو ۽ ٻوليءَ ۾ به وڏو ڦيرو اچي ويو.

ڏهين صدي عيسوي کان اٺويهين صدي عيسوي تائين رڳو مسلمانن حاڪمن جو سنڌ تي راڄ رهيو. اٽڪل اَٺ سؤ

Gul Hayat Institute

ورهين تائين اسلامي تهذيب سنڌ ۾ پنهنجا پرَ پکيڙيا، تنهنڪري پراچين سنڌ وارو مذهب ۽ ڌرم مان بدلجي اسلام ٿيو. ان جو اثر ٻوليءَ ۽ سنڌ جي تهذيب تي به ٿيو.

پئي ڪٺي پساهه، پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي! (لطيف)

اٺويهين صديءَ کان ويهين صديءَ تائين سنڌ تي انگريزن پورا هڪ سؤ ورهيه راڄ ڪيو. هنن جي ڏينهن ۾ نوان قاعدا قانون هلڻ لڳا. سائنسي ۽ پولٽيڪل علمن زور ورتو. روحانيت جو نالو نڪري ويو. يورپ جي انڌي تقليد ماڻهن پنهنجو شيوو ڪري ورتو. ”لباس المؤمنين ۽ قلوب الڪافرين“ ماڻهن جو متو ٿيو. هيءَ تهذيب سڀني تهذيبن کان گوءِ کڻي ويئي. هڪ سؤ ورهين ۾ هتي جي ماڻهن تي مغربي طور طريقن ۽ تهذيب وارو اثر وڌي ويو.

اڄ گهرجين يار، ٻداماڻي پنرا،
ڪاڇي ٻئي پار، اڇي ويرين ويڙهيا.
(لطيف)

**آزاديءَ جا متوالا:**

جي ليلائي نه لهين، ته پڻ ليلائج،
آسر مَ لاهيج، سڄڻ ٻاجهيندڙ گهڻو!
(لطيف)

سنڌي سپيتا ۾، جي حريت جي پروانن جو ذڪر خير نه ڪيو ويو، ته محنت ئي رائيگان ٿي ويندي. اُهي حق

Gul Hayat Institute

جا علمبردار جيڪڏهن نڪري نروار نه ٿين ها، ته سنڌ ديس جو وجود ئي هن دنيا جي تختي تي اڄ ڏسڻ ۾ نه اچي ها. انهن سرويچن پنهنجي جان تي ڪيڏي، سدائين ڪاميابيءَ جا سهرا سر تي پئي سونهايا آهن. ۽ پوئين لاءِ آزاديءَ جهڙو مقدس ميوو ميراث ڪري ڇڏي ويا آهن، ته پل ايمان جي پرک پوي ۽ اهي به مڃي مڙس ٿين.

سن 1518 - 450 ق.م تائين سنڌ جا وارث هخامنشي سلطنت جي قبضي کي ختم ڪرڻ ۾ رڌل رهيا.

سن 325 ق.م ۾ سڪندر جي وڃڻ کان پوءِ سنت پوءِ سڄي سنڌ ۾ بغاوتون شروع ٿي ويون.

سن 324 ق. م، بهار جي مورين گهراڻي وارن، يونانين کي سنڌ مان هڪالي ڪڍيو. سنڌ ۾ گهر ڪري ويٺا.

سن 184 ق.م ۾ يوناني باختري گهراڻي جي هڪ شهزادي لاڙ تي هلان ڪري قبضو ڪيو.

70 - 46 ورهيه ق.م، سٿين سنڌ فتح ڪئي، پر موريا گهراڻي وارن، انهن کي دبائي سنڌ پنهنجي حڪم هيٺ رکي.

سن 46ع - 78ع تائين پارٿين جو سنڌ تي قبضو رهيو.

Gul Hayat Institute

- سن 750ع ۾، سومرا راجپوتن، عربن کي هٿائي، سنڌ پنهنجي حوالي ڪئي ۽ وڳهه ڪوٽ کي گادي جو هنڌ بنايو.
- سن 1125ع ۾، سومرا راجپوتن کان سوڍا راجپوتن واڳون ورتيون. پاڻ مسلمان حاڪم ٿي، حڪومت هلايائون ۽ گادي جو هنڌ عمرڪوٽ کي مقرر ڪيائون.
- سن 1368ع ۾، جڏهن فيروز شاهه تغلق، سنڌ تي ڪاهه ڪئي ته: خيردين ۽ جوڻا خان سمي(1) ۽ فيروز شاهه تغلق وچ ۾ مخدوم جهانيان صلح ڪرايو.
- سن 1520ع ۾ جڏهن شاهه بيگ ارغون جي سپاهين ٺٽي ۾ برجنسي قيام پيدا ڪري ڏني هئي، تڏهن قاضي قادن سيوهاڻيءَ هڪڙو درد ڀريو خط، دل جهلي ميرزا شاهه بيگ ارغون کي لکيو. جنهن جي پڙهڻ سان، ميرزا کي رحم اچي ويو ۽ هلندڙ خونريزي بند ڪرايائين.

سن 1540ع ۾، جڏهن همايون بادشاهه تخت ڇڏي، رلندو اچي سنڌ ۾ پهتو ۽ سيوهڻ تي قبضو ڪرڻ لاءِ ان کي گهيرو ڪيائين. سنڌس ماڻهن سنڌ ۾ ظلم جي بازار گرم ڪري ڇڏي ۽ ميرزا شاهه حسن پاڻ کي سيوهڻ جي قلعي اندر محفوظ رکيو، تڏهن مخدوم سرور نوح رحمه الله، همايون سان اچي ڳالهايو ۽ کيس سنڌ ڇڏي وڃڻ تي مجبور ڪيو ۽

ڪيس سيڪاٽ مان ٻيڙين جو بندوبست ڪري ڏنو ۽ هو ايران ڏانهن هليو ويو.

- سن 1592ع ۾، اڪبر بادشاهه، مغلن جو وڏو ڪٽڪ سنڌ تي چاڙهي موڪليو، جن سنڌ کي فتح ڪري، دهليءَ جي تابع ڪري ڇڏيو. سنڌ، پورا به سؤ سال مغلن جي ماتحت رهي. ان کان پوءِ سن 1658ع ۾، ميان يارمحمد ڪلهوڙو مغلن جي لشڪر سان ڏايو وڙهيو، نيٺ مغلن، کيس پنهنجو نائب ڪري سنڌ جو والي بڻايو، پوءِ سن 1701ع ۾ هن پاڻ کي خودمختار حاڪم ڪوٺايو.

- سن 1719ع ۾، نورمحمد ڪلهوڙي، دائودپوٽن جو زور ڀڃي، شڪارپور وارو ڀاڱو، سنڌ سان ملائي ڇڏيو. انهيءَ مهم ۾ سندس سپهه سالار شالمين شيديءَ پاڻ موڪيو.

- سن 82 - 1781ع ۾ مدد خان پٺاڻ، سنڌ تي ڪاهه ڪري، ملڪ کي برباد بالا ڪري ڇڏيو، جنهن کي مير فتح علي خان ٽالپر، سنڌ مان هڪالي ڪڍيو.

- سن 1843ع ۾، جڏهن ٽالپرن ۽ انگريزن جي وچ ۾ مياڻيءَ واري جنگ لڳي، ته سپهه سالار هوش محمد شيديءَ نعرو هنيو ته: ”مرويسون، پر سنڌ نه ڏيسون.“ ميرن جي مدد لاءِ سيد فتح علي شاهه لڪياري دربيلي وارو پنهنجا مريد خادم وٺي، انگريزن سان لڙڻ لاءِ آيو. هن جنگ ۾

Gul Hayat Institute

پهرين لغاري ۽ پوءِ نوڙها ۽ پچاڙيءَ ۾ پرڳڙي به پڇي ويا، پر شاهه صاحب ڏانهن ماڻهن سوڌو اتي شهيد ٿي ويو.

- سن 1830ع ۾، پير صبغت الله شاهه اول، پهرين حرن جي فوج، سکن جي خلاف، سيد احمد شاهه بريلويءَ ۽ اسماعيل شاهه شهيد جي مدد لاءِ تيار ڪري موڪلي چو ته سکن جو ارادو سنڌ ملڪ وٺڻ جو هو.

- سن 1847ع کان 1890ع تائين، سنڌ ديس جي بچاءَ ۽ ننڍي کنڊ جي انگريزن کان آزاديءَ لاءِ حرن جا لشڪر تيار ٿيڻ لڳا.

- سن 1857ع ۾، هندستان ۾ جنگ آزادي جي تحريڪ شروع ٿي. انهيءَ کان متاثر ٿي ڪري. جيڪب آباد ويجهو هڪ سيد شاهه عنايت نالي ۽ ٻن سندس خاص دوستن انگريزن جي خلاف ماڻهن کي ترغيب ڏيئي، لشڪر تيار ڪيو. جاسوسن، جيڪب صاحب کي ٻڌايو. جنهن فوج ڪشي ڪري، ٽنهي کي گرفتار ڪيو ۽ سندن لشڪر کي پسپا ڪيو. شاهه عنايت جي ٻنهي دوستن کي ڦاسيءَ تي لٽڪايو ويو، ۽ شاهه صاحب کي توب جي منهن ۾ ڏنو ويو. قدرت خدا جي! ٽي دفعا توب هلائڻ سان به نه چٽي ۽ منجهانئس پاڻي وهڻ لڳو. جنرل جان جيڪب، شاهه جي اها ڪرامت ڄاڻي، کيس هميشه لاءِ سندس ڳوٺ ۾ نظربند ڪري رکيو، جيستائين سندس طبعي عمر پوري ٿي.

- سن 1896ع ۾ پير صبغت الله شاهه ثانيءَ انگريزن جي خلاف ٻي حرتحريڪ تيار ڪئي. جاسوسن انگريزن کي خبردار ڪيو.

- انگريز، حر مجاهدن کي گرفتار ڪري، لوڙهن ۾ بند رکيو. جڏهن سن 1914ع واري لڙائي انگريزن ۽ جرمن جي وچ ۾ لڳي، ته ان وقت جي گاديءَ تي ويٺل پير شاهه مردان عرف ڪوٽ ڌڻيءَ انگريزي فوج کي مدد ڏني، تنهنڪري انگريزن حرن کي لوڙهن مان ڪڍي آزاد ڪري ڇڏيو.

- سن 1930ع ۾، پير صبغت الله شاهه ثالث، انگريزن جي خلاف، ٽين حرتحريڪ تيار ڪئي. سن 1939ع ۾ وري ٻي جنگ انگريزن ۽ جرمن جي وچ ۾ لڳي. انهيءَ وقت جي گادي نشين، انگريزن کي ڪابه مدد نه ڪئي، تنهنڪري ڪيترن بي گناهه حرن کي غدار سڏي ڦاسيون ڏنيون ويون ۽ گولين سان اُڏايو ويو ۽ سندن ٻارن ٻچن، پوڙهن پڪن کي لوڙهن ۾ قيد رکيو ويو. خود پير سائين صبغت الله شاهه کي انهيءَ آزاديءَ جي تحريڪ هلائڻ جي پاداش ۾ 20- مارچ 1943ع ڦاسي ڏيئي شهيد ڪيو ويو.

آيل اُن نه وِسهان، هنجون جي هارين،
آٽيو آب اکين ۾ ڏيهه کي ڏيکارين،

سچڻ جي سارين، سي نڪي روئن نه چوَن ڪي.
(لطيف)

سن 1915ع کان 1944ع تائين انگريزن جي خلاف، مولانا عبيدالله سنڌي نِنڌي ڪنڌ جي، آزاديءَ جي تبليغ ڪرڻ لڳو. هن روس، ترڪي، عربستان ۽ افغانستان جا دؤرا ڪيا. ساڻس گڏ مولانا عبدالله لغاري به شريڪ حال هو. انهن کان سواءِ مولانا تاج محمد (تاج محمود) امروٽي، غلام محمد خان پرڳڙي بئريسٽر، جان محمد جوڻيجو ۽ پير تراب علي شاهه راشدي هئا، جن ريشمي رومال تحريڪ هلائي، جلسا جلوس ڪيا ۽ پاڻ کي افغانستان جي رعيت ڪوٺايو ۽ ڪلي طرح انگريز سان قطع تعلقات ڪئي.

سن 1936ع کان سنڌ کي، ممبئي پرڳڻي جي انتظام هيٺ هئڻ کان جدا ڪرائڻ لاءِ قائداعظم محمد علي جناح، آغا سلطان محمد شاهه، سر غلام حسين هدايت الله، سيٺ حاجي عبدالله هارون، شيخ عبدالمجيد، جي - ايم سيد ۽ ميران محمد شاهه جهڙن رهبر سياستدانن، همتون ۽ مڙسيون ڪري، سنڌ کي انتظامي طرح آزاد ڪرايو.

ور سين وجهي ڪاڻ، ڪرَ سين کلون پائيين،
پوري منڌ اَجاڻ، ڪڻ چڙيو ته ميڙيين.
(لطيف)

Gul Hayat Institute

[(1)] راءِ گهراڻي وارا اصلوڪا سما آهن، ڪڇ جا جاڙيجا سما حاڪم راءِ سڏائيندا هئا ۽ آهن (نظرثاني ڪندڙ)

[(1)] بابينو، نه پر ”ٻانپيڻو“ لقب آهي. اهو اسم عربن ۽ فارسيدانن کي اُچار ڪرڻ ۾ ڏکيو پئي لڳو، تن بابينو لکيو آهي، ساڳيءَ طرح جونوخان يا جوڻاخان به غلط لکيو اٿن. ان جو صحيح نالو ڄام جوڻو آهي جيڪو سما حاڪمن جو شاهي لقب آهي. (نظرثاني ڪندڙ)

[(1)] ٺٽي لفظ، لاءِ ذڪر آيل آهي، ته هڪ پيري راجا چچ ديبل بندر کان لڙيءَ رات جو نڪتو ۽ الور ڏي ويو. انهيءَ جاءِ تي ڪيس سج اُڀريو ۽ سج جي پوڄا ڪرڻ لاءِ پاٽيءَ جو لوٽو گهرائي، پاٽي سج جي سامهون لار ڪري هارڻ لڳو. اهڙي پوڄا ڪندڙ کي سنسڪرت ۾ ”تتيه“ يعني دراءُ پنٿي ۽ سورج پنٿي ڪري ڪوٺين ٿا. هن جاءِ کي انهيءَ سببان ٺٽو سڏيو ويو. ڪي چون ٿا، ته هن جو اصلي نالو سامي ڳڙھ هو. ڪن جو چوڻ آهي ته چار سؤ ورهيه اڳ هن شهر جو بنياد ڄام ڪندي سمي وڌو هو. پراڻي شهر کي ننگر ڪوٺيندا آهن. نئي شهر جو بنياد ڄام نندي نظام الدين رکيو هو ۽ هن کي گاديءَ جو هنڌ بنايو. ٺٽي جو اوج تمام گهڻو وقت هليو. هتي ڪئين هنري مڪتب، مدرسا هئا، جن مان وڏا عالم ۽ ڪاريگر پيدا ٿيا. سن 1635ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني نه فقط نصرپور مان، پر ٺٽي ۽ سيوهڻ مان به ڪپڙو خريد ڪيو هو. مطلب ته اهي سنڌ جا برک شهر هئا، جتي سچي سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن جو وڏو اوج رهيو. (ليکڪ)

[(1)] هيءُ قبيلو ”ڪلور“ ٺڪريءَ تي رهڻ سبب ”ڪلورو“ پوءِ ڪلهوڙو بڻيو. (نظرثاني ڪندڙ)

Gul Hayat Institute

(1) ڪلهوڙن جي ڏينهن ۾، مخدوم عبدالرحمان کهڙن وارو، شاهه عنايت جهوڪ وارو ۽ خود ميان سرفراز محمد شهيد ڪرايا ويا هئا.

(1) چون ٿا ته: حضرت نوح عليه السلام کي چار پٽ هئا: پهريون حام، جنهن جو اولاد آفريقي نسل وارا آهن، ٻيو سام، جنهن جو اولاد يورپي نسل وارا آهن. ٽيون ڪنعان، جنهن جو اولاد آريه يعني وچ ايشيا وارا، عرب ۽ اسرائيل وغيره آهن ۽ چوٿون يافث، جنهن جو اولاد، منگول، چيني، جپاني ۽ هندستاني نسل وارا آهن. هنن ۾ تضاد آهي. ڪي ٽي پٽ چون ٿا ۽ ڪنعان پوٽو ٿا چاڻائين. ٻيا وري هيئن ٿا چون ته: ڪنعان ۽ ”سنڌو“ پوٽا هئا. هنن جو اولاد، آريا، يعني ايراني، افغان ۽ هندي آهن! جي سچ پچ حضرت نوح عليه السلام جي پوٽي جو نالو سنڌو هو ۽ هو لڏي اچي هن نديءَ جي ڪپ تي وڏيو ۽ ويجهيو، ته پوءِ اسان جي ديس جي تهذيب توڙي سڀيتا خالص سنڌي سڏي ويندي ۽ نه سامي يا سميري. (ليکڪ)

(1) ڱنڌار، بروزن فعال، جمع جو جمع آهي. سامي ٻولين جو جمع جو جمع انهيءَ فعل سان ٺهي ٿو. (ليکڪ)

(1) هاڪڙو درياءُ دلوراءُ سومري جي حڪومت ۾ آيل زلزلي سبب لٽجي ويو. جڏهن سمن جي سنڌ تي حڪومت شروع ٿي، ته هنن پنهنجن ڀائرن سمن لاءِ جي ڪڇ ملڪ ۾ رهندڙ هئا، هن درياءَ کي وري الور وٽان ڪوٺائڻ شروع ڪيو، جيئن ڪڇ ملڪ کي پاڻي پهچي. چوندا هئا ته

هاڪ وهندو هاڪڙو، پچندي ٻنڌ اروڙ،

ٻه، مڇي، لوڙهه، ويندا سمي سوکڙي. (ليکڪ)

مطلب: ’هيءُ درياءُ ڪچ ملڪ ۾ ٻيه، پٻڻ ۽ لوڙهه پيدا ڪندو، جي سنڌ جا سما، پنهنجي ڪڇ جي ڀائرن سمن کي سوغات ڪري موڪلي رهيا آهن. )

(2) هي ڦاٽ جنهن زمين جي خطي کي آباد ڪندو هو، ان کي ملهار يا ملير ڪوٺيندا هئا. پر اسان غلطيءَ کان ماروي‌ءَ جي ڳوٺ کي ملير ٿا ڪوٺيون. جڏهن ته ماروي‌ءَ جو ڳوٺ جو نالو ڀالو آهي. هو نئين ملير معنيٰ سائو ۽ سر سبز آهي. (ليکڪ)

(1) هي شهر ايرانين پنهنجي بادشاه جي يادگيري ۾ ٻڌايو. هتي پوءِ ٻڌ ڌرم وارن قبضو ڪيو. (ليکڪ)

(2) پراڻ جي معنيٰ، پرڻ + ارٿو، پاڻيءَ جو هلي اچي گڏجڻ آهي.

(3) ساڳري درياءُ جو اصلي نالو سڪندرو درياءُ هو. جڏهن سڪندراعظم، سيوهڻ کان ئي پنهنجي ملڪ موٽيو، ته سندس سپهه سالار نيارڪس لشڪر وٺي هن درياءَ مان اُڪري سمنڊ ڏانهن ويو. ان لشڪر جي لنگهڻ ڪري سڪندرو ۽ پوءِ بدلجي ساڳرو ٿيو آهي. مؤلف

(4) هيءُ نصرپور کان ساماري تائين وچ وارو علائقو هو. هتي سمات ذاتيون گهڻيون رهنديون هيون.

(5) ريڻ، ٽوڻ مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ٿوري ٿوري پاڻيءَ مان گهٽو ٿي وهڻ. (ليکڪ)

(6) پٽيهل جي معنيٰ آهي ٻه وهڪرا، يا دريائن جو سنگم، پٽيهل درياءُ تان پٽيالا شهر تي اهو نالو پيو. جنهن جو مطلب آخري ياتري وارو شهر آهي. (ليکڪ)

(1) ساڪرو، عربي ٻوليءَ جي سڪره معنيٰ بند تان اهو نالو پيو. جڏهن ٻه سمنڊ ۾ وير چڙهندي هئي، ته اهو علائقو سڄو ٻڏي ويندو هو ۽ درياءَ توڙي ڦاٽن جو پاڻي پڻ کارو ٿي ويندو هو ۽ زمين تي آبادي نه ٿي سگهندي هئي. تنهنڪري حڪومتن، بندن جي اڳيان بند ٻڌائي سمنڊ جي پاڻيءَ کي (ڪلفٽن جي بريڪ واٽر وانگر) روڪايو.

Gul Hayat Institute

تنهنڪري هن زمين کي ساڪره سڏيائون. اتي ٽالپرن هڪ شهر ٻڌايو انکي ميرپورساڪرو سڏيائون. (ليڪڪ)

[(2)] سنڌ جو سن 1500ع وارو نقشو شامل آهي، ان ۾ وهڪرا ڏسو. (ليڪڪ)

[(1)] پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ، پارت وارن راوي، ستلج ۽ بياس ندين جو سن 1970ع کان پاڻي ڏيڻ بند ڪرڻ جو معاهدو ڪيو آهي. چو ته انهن ندين جا منڍ هندستان ۾ آهن. تنهنڪري پاڪستان سرڪار، منگلا ۽ تربيلا ڊئم ٺهرائي، انهن ندين جو وهڪرو جاري رکايو آهي. (ليڪڪ)

[(2)] لليا پتڻ وٽ وڏيڪ ٻيڙين جي هڪ پل تيار ڪرائي ويئي آهي، جيڪا دادو ۽ نوابشاه ضلعن کي ڳنڍي ٿي، ۽ نتي ۽ سجاول کي ڳنڍيندڙ پل پڻ جوڙي وئي آهي. ستين بيراج جي صلاح مصلحت هلندڙ آهي، جي اهو ٺهيو ته هڪ پل وڌيڪ ٺهندي. خيرپور وٽ به هڪ وڌيڪ پل ٺهڻ جو امڪان آهي. (3) ۽ (4) هنن ڦاٽن ۾ ڦيرگهير ڪري، ڪين سڏاري واهن جي صورت ۾ آندو ويو آهي. (ليڪڪ)

[(1)] عالمن کوجنا ڪري ثابت ڪيو آهي، ته سنڌ ديس کي آدجڳاد کان پنهنجي ئي سپيتا هئي. هن ملڪ جو نالو سنڌ، سامري يا سميري تهذيب جي بانين دراوڙن رکيو هو. اهي ماڻهو انهيءَ جڳ ۾ به ڪپڙي، چمڙي جي صنعت ۽ پوک ڪرڻ ۾ ماهر هئا. اج تائين ڪپهه کان وٺي پچڻ، سبڻ اوڍڻ تائين گهڻو ڪري دراوڙي حرف استعمال ٿيندڙ آهن. هنن جو واپار چين، مصر، بابل، عربستان، يونان جي ملڪن سان هلندو هو، جنهن ۾ ڪپڙو، چمڙو ۽ اناج مکيه شيون هيون. انهن ملڪن ۾ سنڌ ديس جي ڪپڙي کي سندس سنڌَه، سنڌو، سنڌوني، سندونا، سنڌن ۽ سنڌٽا نالن سان سڏيو ويندو هو.(ليڪڪ)

[(1)](#) جوڻا يا جونا خان، غلط آهي. پارسيدانن ۽ عربن کي خاص طرح سمن ۽ سومرن حاڪمن جا سنڌي نالا صحيح اُچار ڪري لکڻ نه ايندا هئا. انهن ڄام جوڻي کي جونا ۽ ڄام ٻانڀيڻو کي بابينو لکيو آهي. (ليکڪ)

**

Gul Hayat Institute

# باب پهريون
# سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهت جي اپٽار

الا! ڏاهي مَ ٿيان! ڏاهيون ڏک ڏسن،
مون سان مون پرين، پورائيءَ ۾ پال ڪيا.
(لطيف رحمه الله)

سنڌ ملڪ جي ساهتيه ڪي سوچ ۽ ويچار سان جاچبو ته: پهريائين دراوڙي (سنڌي) ٻولي ساريءَ سنڌ ۾ سر ڪڍي هلندڙ هئي. انهيءَ ٻوليءَ جا گهڻا تڻا ڪيترا سارا لفظ اڄ به رواج ۽ وهنوار ۾ ڪتب ايندڙ آهن، اُهي ائين ئي ڳالهايا ٿا وڃن، جيئن اڳ ۾ ڳالهايا ويندا هئا.

مثال: گهوٽڪ معنيٰ گهوڙو ۽ گهوٽ معنيٰ سوار. گهوٽ لفظ قائم آهي، ٽالهو معنيٰ گونچڪرو. هن اسان ڪان ٽالهي ٻڌا رپيا ورتا آهن.

نجاپجا: پڊ، ڪوٽ، ڳڙه، پنجڙ، ڏوڪڙ، واه، ٽنبو، واهڻ، ڪوڏي، ڪونڌر، ڊينگو، ڊينگر، ڊانڊيو وغيره، پيا اهي به لفظ آهن، جن ڪي حرف تابع، يا حرف جملو ۽ يا پرائپ جا لفظ ٿو ڪونجي. ماڻهو چيڻو، جيوُ جنتر، ڪيٽ ڪنڌر، نئون نڪور، پئسو پنجڙ، گاه پٺو، نيرن، چاندو، انهن ڪان سواءِ سماٽ قوم جون ذاتيون: اوٺا، سومرا، سما، شورا،

پنيرا، گهڙا، داسڙا، ڏاهري، ڇڄڙا وغيره ۽ انهن جا خاص نالا: پاڪڙيو، توريپو، ماڪرپيو، پارپيو، نيندو ۽ اوپايو وغيره.

مٿي مائٽيءَ وارا لقب به گهٽو ڪري دراوڙي هلندا اچن ٿا. مثال: ماءُ - پيءُ، پاءُ پيڻ، جوءِ ڪانڌ، ور وني، هنن مان گهاٽي مائٽي وارن کي جڏهن عام صورت ۾ ڳالهايو ويندو آهي، ته سندن هوبهو شڪل ۽ آواز ساڳيو بيهندو آهي، جو اصلي رنگ ۾ هوندو آهي:

ماڻهين = ما + اٿهه + هوءِ(1)، پڻهين = پ + اٿهه + هوءِ، پاڻهين = پا + اٿهه + هوءِ، پيڻهين = پي + اٿهه + هوءِ، جوڻهين(2) = جو + اٿهه + هوءِ، سسڻهين = سس + اٿهه + هوءِ ۽ ڏيڻهين هنن کي دعائيه يا آسيسا وارا لفظ چون. هنن کان پوءِ بيا مائٽي وارا لفظ چاچهين = چاچ + هين، مامهين = مام + هين، ڏاڏهين =، نانهين + نان + هين. اهڙيءَ طرح باقي بيا عزيزن قريبن جا لقب گهٽ دعائيه ٿوري آسيسا وارا آهن. ڪورين جا ڪيترا لفظ(3)، زراعت جا به ڪئين لفظ اوزارن سميت، وڪر ۽ پسار جا گهڻا لفظ، وڻن ٽڻن جا نالا گهٽو ڪري ساڳيائي آهن.

سميرين جي ڇهين حاڪم حمورابيءَ، حڪومت جا قاعدا قانون ديسي ٻوليءَ ۾ تختن تي اُڪرائي، ملڪ جي چؤسولن تي کوڙائي ڇڏيا هئا.

ڀھريون پنڊت پاڻني ھو، جنھن ٿي صديون ق.م، آريائي ٻولين لاءِ صرف و نحو لکيو. ان وقت سنڌي ٻوليءَ کي به آريائي ٻولي سمجھيو ويندو ھو.

پنڊت وروچي ٻيو ماڻھو ھو، جنھن ڇھين صدي عيسويءَ ۾ ”پراڪرت پرڪاش“ نالي گرامر لکيو. ھن جي زماني ۾ سڄي ڀارت ۾ چار مکيه ٻوليون شمار ٿيل ھيون: مرھٽي، مگڌي ۽ پئشاچي ۽ سورشيني ساڳي سنڌي ٻولي پراڻي ھئي.

جڏھن ايرانين سنڌ ديس تي قبضو ڪيو، ته ڪروشتي (گڏھن جي چين جھڙا) اکر لکيا ويندا ھئا. اھي ٻي صدي عيسوي ۾ راجا لسديو جي دؤر تائين موجود ھئا.

پنجين عيسوي صديءَ ۾، جڏھن راءُ گھراڻي جي سنڌ ملڪ تي راجڌاني ھئي، تڏھن دفتر جي لکپڙھ سنڌي ٻوليءَ ۾ ٿيڻ لڳي.

ستين - اٺين عيسوي صديءَ ۾، ھن ملڪ ۾ گپتي رسم الخط رائج رھيو.

اٺين صديءَ کان پوءِ سرڪاري دفتر عربي ٻوليءَ ۾ لکيو ويندو ھو.

ٻارھين - ٻارھين عيسوي صديءَ ۾، ڏنپال آچاريه ”پايلڇي“ ۽ ھيمچندر آچاريه ”ديس نام مالا“ ٻئي ڪتاب ٻوليءَ جي سڌاري ۽ واڌاري تي لکيا.

Gul Hayat Institute

- چوڏهين صديءَ ۾، دودي چنيسر جو قصو مشهور ٿيو. سيوهڻ، ٺٽي ۽ بکر ۾ مدرسا کليا.
- پندرهين صديءَ ۾ ادب انشاءُ پارسي ٻوليءَ ۾ لکجڻ لڳو. شيخ پرئي، اسحاق آهنگر، راڄي درويش ۽ شيخ حماد جو ڪلام عام ماڻهن جي زبانن تي رائج هو.
- سورهينءَ صديءَ ۾، عمر - مارئيءَ جو قصو لکيو ۽ پڙهيو ويندو هو. اگهم ڪوٽ(2) ۽ ولهار ۾ ديني مدرسا کليا. قاضي قادن ۽ ماموئيءَ (معمائي) جا بيت، سنڌ جا ماڻهو ذوق سان چوندا هئا.
- سترهين صديءَ ۾، مٽڪنديه، پراڪرت ٻولين تي صرف و نحو لکيو ويو. ان ۾ سنڌي ٻولي به شامل ڪيائين. ان زماني ۾ شاهه عبدالڪريم بلڙي واري جو ڪلام ۽ مخدوم سرور نوح رحمه الله جا بيت به عوام ۾ مقبول هئا. جمن چارڻ جي مداح ان ٺاٽي برک ليکي ويندي هئي. ان کان سواءِ صدر دين، فتح فقير ۽ حافظ پنيو به مشهور شاعر ليکيا ويا.
- ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دؤر حڪومت ۾ يعني سترهين - ارڙهين صديءَ ۾ ديني مدرسن ۾ ميان ابوالحسن جي سنڌي پڙهائي ويندي هئي. جنهن جي سنڌي لپي يا پٽي عربي ٻوليءَ جي اناويهن اکرن تان اتارو ڪري ٺاهيل هئي.

Gul Hayat Institute

- ارڙهين صديءَ ۾، شاهه عنات رضويءَ جو ڪلام، شاهه عبداللطيف ڀٽائيرح جو ڪلام، ميان سرفراز جي مدح، اهي نظم عوام جي سينن جي سونهن ٿيا.
- اڻويهين صديءَ ۾، سچل سرمست جو ڪلام ۽ ساميءَ جا سلوڪ پڻ ظاهر ٿيا.
- هندو ماڻهو، اٺين صديءَ کان ديوناگري اکر لکندا آيا، پر ارڙهين صديءَ ۾، هنن وڻج واپار لاءِ هندو - سنڌي يا ٻٽا اکر استعمال ڪرڻ شروع ڪيا.
- سن 1856ع ۾، جڏهن سربارٽل فريئر سنڌ ملڪ جو ڪمشنر ٿي آيو، ته هن موجوده سنڌي الفا بيٽ يعني سنڌي لپيءَ کي ترتيب ڏياري، ملڪ ۾ مروج ڪرائي.
- سن 1853ع ۾ ڪئپٽن ايسٽوڪ سنڌي گرامر لکيو.
- سن 1854ع ۾ منشي اُڌارام سنڌي وياڪرڻ لکيو.
- سن 1860ع ۾، ميان محمد حيدرآبادي سنڌي ٻوليءَ تي صرف - نحو لکيو.
- سن 1866ع ۾، والٽن صاحب سنڌي ٻوليءَ تي گرامر لکيو.
- سن 1872ع ۾، ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ سنڌيءَ تي گرامر لکيو ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائيرح جو رسالو ڇپائي پڌرو ڪيو.

Gul Hayat Institute

- سن 1892ع ۾، جهمٽمل وسناڻيءَ نئون سنڌي وياڪرڻ ۽ ٻوليءَ جا بنيادي ڌاتو يا اشتقاق ”وئتپتي ڪوش“ نالي ڪتاب ۾ گڏ ڪري ڇپايا.
- سن 1919ع ۾ گئريسن صاحب ”لئنگسٽڪ سروي آف انڊيا“ نالي ڪتاب ڇپايو، جنهن جي اٺين جلد جي پهرئين باب ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اپٽار ڪئي اٿس.
- سن 1920ع ۾، مرزا قليچ بيگ سنڌي گرامر لکيو، جنهن ۾ صرف - نحو به اچي ٿي ويو.
- سن 1935ع ۾ پيرومل مهرچند ”سنڌي وڏو وياڪرڻ“ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ لکي.
- سن 1960ع کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ تي غلام علي الانا، سراج ميمڻ ۽ علينواز جتوئي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڌار ڌار تاريخون لکيون آهن.

نئين تحقيقات ڪندڙن ۾، مسٽر علينواز جتوئي ۽ مسٽر غلام علي الانا ٻوليءَ متعلق نوان نوان ذخيرا هٿ ڪري، ڪتابي صورت ۾ عوام جي اڳيان رکيا آهن، ٻوليءَ ۽ ادب تي اجا ريسرچ هلندڙ آهي. تند کي بند ڪانهي!

اجا کي آهين، سزا وار سڳين جا،
ويٺا وڃائين، جي تون سنياسي سڻئين.
(لطيف رحمة الله عليه)

**نئين پراڻي پوشاڪ:**

ڏور اڇي لڙ پيئي، يا هٿان پئي، جو هيٺي کي نه هٽي!

اڳئين سمي، ماڻهو تسين تي به تسيا ٿي، منجهن نت نت نهاليون، وڏوڏو لهاريون هيون، ڏڪار جو نانءُ نشان به ڪونه هو. سدائين وَسئن ۾ ويروتار ٿي وَهسيا. ڪنهن اڙيات جو ارٿ ڪرڻ مرڪ ٿي ڇاتائون.

اڄڪلهه ناڻي جي ڪوٺ به ڪانهي. چؤپار ٿوبِ ٺهريل آهن. وَٿون پڻ اپر اڳريون آهن. پوءِ ڏيهه ۾ ڏهڙو پئجي ويو آهي، ماڻهو گوندريا گهمن. پتو آهي ته لٿو ڪونهي ۽ لٿو آهي ته اجهو ڪونهي. ڪنهن کي به ويلن وارڪائي ڪانهي؟ ان جو ڪوته ڪارڻ آهي!

ويچائجي ٿو ته اڳين، جي اونڌر، ويس ۽ وڳا ڪانڌ ڪندا هئا، تن ۾ مڙئي ڪو پرتوو پيو پروڙبو هو. هو سدائين ڪپڙو ڍڪيندا هئا: مٿي تي ڦيڙهو، جو ڪوڙي کن هٿ ڊگهو هوندو هو، موڪرو وڏو پهراڻ، گوڊوار جهولدار سٿڻ يا هلڪي ڦلڪي ڪانچ، صدري ۽ چادر ته اوس وڳي سان واڳيل هيون. اهو ڦينٽو يا پٽڪو ۽ ٻيا لٽا اهڙا اَڇا جهڙا ڪير هئا! هٿ جي ڪتيل سٽ جا هوندا هئا، جو سٽ پنهنجي هٿن سان ڪتيندا ۽ وٽيندا هئا. جي ڪنهن رس رهاڻ ۾ ڇُڻ پڻ پيا ڪندا هئا، ته هٿ مڙوئي حاج ۾ هوندو هئن. اها وَرَ وَڙَ ويڙهيل پاڳ، مانُ مهت جو سيڙهو سنڌو ليکبي هئي.

جنهن ڪري ساڳاهي هلڻ سندن شيوو هو. گهٽن سرن واري سلوار، لمبو چولو اوڍڻ جي مکيه پر هئي، جيئن انگڙا مڙئي ڊيکيل هئڻ گهرجن.
ساڳيءَ ريت، جوئن جو اولو سوَلو اوچڻ پڻ اٽسهائيندو لڳندو هئن. انهن ڪاڻ، گهيراوان گهگها، پڙا، پيشگير، پيرچندَ، بوچٽيون ٻڪل (ٻوڪر) هٽڻ لاءِ پرم پيون پائيندِيون هيون. اهي لڳڙ جي بت تان چوڙجي لٿا ته آرڙهه سياري واسطي، هنڌ بسترا هيڪاندا ڪري رکندا هئا، پوءِ آيو ويو، اوي سوي، اوپرو سوپرو، پر - پنهنجو اهي هنڌ وچائي سمهي وهسي پيو اُٿندو هو. خاص طرح انهن جون ڪٿاهه تي ڪتريل ۽ ڪور واريون ٿڪرين تي ٿوپيل رليون اُٿ جي اگهه ناٽي تي وڪامنديون هيون. جن جي دستڪاري ۽ سيبي جي سٽائي صفائي انهن کي گل ڪريو ڪٽيو بيٺي هوندي هئي.
انهن ڏينهن ۾ گهرَ جي سونهن سوپيا، گهرَ جون اٽورچ سگهڙ ۽ پورهيت گهرڌچاٽيون ليڪيون وينديون هيون. ٻارهوئي هيج سان حاجون پيون ڪنديون هيون. چڳيون چوکيون هاتڪ ويچاٽيون پاڻ هيون، ستي ڦڪي ٻار ٻچي جي پاٽان پيون پرگهور لهنديون هيون. اهي ڏسَ ٿوٺڪا، پٽون پٽ، ستن پيڙهين کان پيڙهيءَ به پيڙهيءَ وڏڙين کان کين ورثي ۾ نيبهه ٿيندا پئي آيا.

ٽوپي ٽنگڙ، لائي لاباري، چنبُ چڙ، جنبُ چڪيءَ، آتڻ
چرخي سان چوچ چاهه هوندو هئن. پنهنجي ڪڙهه اندران ڪا
ٽڪ يا مال جي پڇي به اوس هوندي هين، جنهن جي آڪر
ڪٽي تي سيئي گذر ڪندڙ هوندا هئا. اُهي جويون ڪڏهن به
اَساريون يا وانديون ٿي نه ويٺيون.
مرد پڻ ٻني ٻاري، پري مزوريءَ کي ڇهٽيا پيا هوندا هئا:
ڪيتي ڪٽي ته ڪاٽي ڪرڙي، لاڏو لڏڻ، وٽج واپار بلڪ هر
قسم جي پورهيي ڪارهيي ۾ رڌل رهندا هئا. ڪم ڪرڻ
عيب نه هو، نر ناريءَ ۾ ڪم بنسبت ڪو پيد ڀاءُ نه هو. هر
ڪو بوتي سارو پنهنجيءَ ۾ پورو هو، نه هئا اڄ جهڙا
اوراڇا ۽ ٽڪساٽ، نه هو اولاڪو. پانتين پانتين وسترَن،
سترَن ۽ سترَچين سان.
ڪو ساڱيون واڱيون، سينڌو سنگتي تڏي هلي آين ته ٻلهار
پيا ٿيندا هئا. گوندر جي ته گم ئي ڪانه هوندي هيئن. حقيو
تڪيو جيڪي حاضر هوندو هو سو آڏي اڳيان آڇيندا هئس.
ڇا جا چورما ۽ چشڪا! جائيءَ جواريءَ تي خوش. اهڙا
ٻاجهارا ۽ سنگت جا سچا سرويچ، جو رُڪَ رئيءَ ۾ به ساهه
تان آهو ڪٽي اڇي اوکيءَ ۾ ساٿي ٿيندا هئا. پر هاءِ! سچ ٻه
پاڇا. اڄ اهو جوڙ جوڳيڙن جو ناهي. رڳو ڏسڻ جا سهٽا
ٿوهه وجي بچيا آهن. سو ڳالهه ٿي ڪيم ڪيڙن جي:

اسان جون قراقليون، فيض ڪئپون، انورڪئپون، هئٽ فيلٽ، جناح ڪئپون، ترڪي ۽ بنگلور ڪئپون (ٽوپيون) ملهه مهانگي هوندي به ٿورئي وقت ۾ تيل ۾ چڪڙ ٿي اڇلائڻ لائق بنجيو وڃن، جن جي قيمت پنجن روپين کان وٺي ٿي سؤ روپين تائين ٿئي ٿي.

اهڙي ريت زريدار ڪلاهه، يزدي، مشهدي، پشاوري، ٺٽوي توڙي نصرپوري لونگيون جي پڻ اَتاهه ملهائتيون آهن، پر رَلِيءَ جي پچن ڌاران ٻي ڪنهن ڪم ڪونه ٿيون اچن. وٺو ڪوٽن جو ڪپڙو: الپاڪو، اطلش، صوف، ٿاسا، سرج، ڪشميرو، شڪاري ڪلاٿ، ٽيوڊ، گئبرڊين، هناوا، ڪرنڊي، ڊَڪ، زرين، ڪمخاب، بلئزر، شارڪ پين، سلڪ ۽ ٻيا سوين نمونا. ڪوٽن جي ڦاٽڻ کان پوءِ اُهي ڪپڙا ٻارن جي جهاڙي اُگهڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبه ڪم ڪونه ٿا ڏين. انهن جي هڪ وال جي بها ۽ ٺهراڻي، سباڻي ۽ سلائي بازار ۾ وڃي ڪنهن بزازي يا درزيءَ کان پڇي ڏسو ته ٻيڻي ٻيڻي بيهوشي يا ڏندين آڱريون مڙي ويندوَ يا ته مرڳو ڄڀا ڄمي ويندوَ! وري اچو قميض جي ڪپڙي تي. پٽئي يا هرڪ يا بافتي جي ڪپڙي کان سواءِ، ٻيو ڪهڙو به ڪپڙو، ڪهڙي به رنگ جو بدن تان ڦاٽي لٿي کان پوءِ هرگز ڪارگر نٿو ٿئي. پوءِ پل ته بوسڪي، سئڪس، چيڪ، چڪنو، سمر، ڪيرولين، پاپلين، ٽرڪولين،

ٽئڙون ۽ نئلون هجي. البت اها چوتي چڙهيل ٻچانگي سفيد سٽڻ (پتلون ته بنهه بس) وري به ڪنهن رَليءَ ڌڙڪيءَ جي پڙ ڳنڍڻ ۾ ۽ ٻيا رنگ ليهه ۾ ڪم اچي سگهن ٿا.

جٿ يا ڦڪڙي ته اها آهي جو اسان کي پنهنجن گهرن ۾ پنهنجن هٿن سان ڪپڙن ڌئڻ ڌئارڻ جي هير ڪانهي! ”ڌوٻي ڌوئي، ڌٽي روئي“ پهاڪي مشهور هوندي به خيال ڪونهي. ڌوٻي، وڳا تيزاب، ڪاسٽڪ، ائش يعني سوڍا سان کنپ چاڙهيو، ساڙيو خاڪ ڪريو ڏي. اُچي ۾ اُچو وڳو به ٿي ڌوپ لاچار ٿو هلي. اهي نقصان ڏسي به اسان سنجمي سوس ڪونه ٿا رکون! پوءِ ڪپڙي جي مهانگائي، اُن جو اٽسهائيندو اوڏڻ ۽ ڌئارڻ اسان کي پنڻ پريڪو نه ڪندو ته ٻيو ڇا ڪندو؟

ساڳيءَ پر، زالاٽي ڪپڙي جون، ٻانڊٽيون، ٻٺون، چنبيون، بوچٽيون، پڙا پيشگير، گهگها، گجَ، لاوٽيون، لاڪير، گلبندن، مونڙا، گربيون، گيگم، ڌماچ، تسر سوسيون، اچڪلهه جي ڪريف، ڦناوين، اسپان، سٽين، چيٽ، پاپلين، ڪرومڪ، بخمل، نف، پئنٽ، ليڊي هئملٽن، بروڪيڊ، چڪوري، ليلم ۽ نائلان، بجلي، فجوٽي، شئفون، زربفتن ۽ پٽن ڪان سؤ رتيون ڪٿر هيون. اُهي ته سوين سوَڙين پٽراٽين ۽ رلين ۾ پيون رهائيڻديون هيون.

چري ڦٽ ۾ خوش! انهن تي سائڻ سڳوري فاطمه ۽ عزت ماب عائشه سڳورين جو اِٽيءَ جيترو به اولڙو ڪونهي.
وڏو تعجب ته اهو آهي، جو اهي مرد، جن وٽ بيبدوليون متاريون جهڙيون مينهون يا اُڏوهيءَ لڳل لچڪٽيون لڪڙيون، جي لٺ للهانگڙي تي پيون تڳن، تن کي حق جو ڪلمو نٿا ساڻائين ته: پاڻ کي دين اسلام چا ٿو سيکاري؟
اسلام سيکاري ٿو:
پرهيزگاري، پيار، همدردي، هدايت، صرفو سنجم. سچ:
رنون رمز رُلايون، ڏاڙهين ڪهڙا ڏوهه!
عورت بازار ۾ خود خريدار، پر بل بالم تي! جو آهي اٽڪٿيءَ جو موت سمان! يا ته آهي نڙ نپ ٺينگن ڏيڻ جو ٺام ٺڪاڻو وکچرن ڪاڻ!
**شاه ڪريم رحمه الله فرمايو آهي ته:**
پاٽيهاري سيڪا، جا سرگهڙو ذري،
ڪا لئي سندي سڄڻن، ڪا پورهيي ڪاڻ پري!

Gul Hayat Institute

**سنڌ جي سکر ماڻهن جي رهڻي ڪرڻي:**
سنڌ جي سکر ماڻهن جي رهڻي ۽ عام پورهيت لوڪ جي رهڻي ۾ ٿورو تفاوت رهيو آهي. پر هڪ ڳالهه انهن ۾ ساڳي رهي آهي سا آهي سادگي، پلي پڪي حويلي هجي يا

جهوپڙي ٻنهي ۾ اڎاوت جي نموني ۾ سادگيءَ واري سونهن صاف نظر ايندي.

ادائي - ٽي صديون اڳ جي ڳالھ آهي ته: ساڱري واھ جي ڪپ تي هالا ذات جا ڪي ماڻهو هالا حويليءَ ڳوٺ ۾ رهندڙ هئا. ان ڳوٺ کان پنجويهن - ٽيهن جريبن پنڌ تي هڪڙو وڏو ڪشادو ميدان هو، اُتي جي هڪ پرئي مڙس جي حويلي مشهور هئي.

**حويليءَ يا جاءِ جي بيهڪ:**[(1)]

چوڏاري گنب پٽين سان اٽڪل ٽيھ هزار پرھ ديگھ ۾ ويڪر ۾ هڪ ڪشادو مڪان سرزمين تي موجود هو. ان ميدان کي لتاڙي اندر حويليءَ وٽ پهچبو هو ته ڏکڻ طرف هڪ ڪاٺ جو ويھ - پنجويھ فوٽ ديگھ - ويڪر وارو ٿلهو دروازو، هڪڙي طاق ۾ چار چار فوٽ دريءَ سان ڏسڻ ۾ ٿي آيو، جنهن جي اڳيان ڏيڍيءَ جي پٽ اوٽ ڏنل هئي. دروازي اندر اوسار دالان هو، جنهن تي اڏيل ڇت هئي. اوسار يا دلان جي چيڙي سان سڌي لام ۾ چاليھ - پنجاھ فوٽ رڏڻو هو، جتي ٻني پچندي هئي. ان سان لاڳو توشا خانو (اناج وغيره جي رکڻ جو گدام پڻ اڏيل پنجاھ - فوٽ ماپ جو هو. ان جي پر ۾ پر پٿئين پاسي پئي) ويڙهو (ڪاڪوس) ٺهيل هو جو بنا اڎاوت جي هو. ڪاٺين رکڻ لاءِ پڻ هڪ ڪنڊ خالي رهندي هئي.

ڏکڻ سامهون انگاسي يا ڇڇرين جي مدنين سان ٿي صفا اَڏيل ڊُئارن (بنا طاقن چڙهيل در) سان جي ڏھ - ويھ فٽ ماپ جا ٿيندا، جن جي مٿان مينهن جي پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ ٺڪر جا نيارا به - به هڪبئي مٿان جڙ ٿيل پوري وچ تي لتل هئا، جن مان پاڻي آڳنڌ تي ٿي ڪريو.

انهن ٺنهي صفن جي وچ ۾ به گهٽيون ڇڏيل هيون، جن مان لنگهي، اتر طرف هڪ خاص اڱڻ ۾ جو مهاڙي واري اڱڻ جو پنجو - ڇهون حصو اٽڪل ٿيندو، اتي ڪن جاين ڏانهن ضروري ڪمن سانگي وڃڻو پوندو هو، نه ته گهٽي اچ وچ ان طرف ڪانه ٿيندي هئي. صفن جي الهندي ۾ اپرندي پاسن ڏي ونگن وارن درن سان به - به ڪوٺيون هيون. ڪوٺين ۾ صفن جون ڇتون، ڪامن داسن، ڪاين، نکن، ٺوئن ۾ ڪرراڻيءَ جهڪ سان بند ٿيل هيون، ڪن تي وري مٿان ڪهچر ۾ پاڻ وجهي گاري سان لتو ويو هو. داسن ۾ ڪامن جا چيڙا بنهين بند ڪرڻ جي بجاءِ هوادار جارين ۾ ڳڙکين وارا ڇڏيل هئا يعني ڇت ۾ بنيادي پٽين کي اڏاوت وٽ ڪليو ڇڏيو ويو هو. آڳنڌ وڏو ويڪرو ٿلهو هو، جنهن کي ”اوٺو“ چيو ٿي ويو. اوٺي چوڌاري ڪنهڙو ڏنل هو ٻاهرئين پاسي حويليءَ سان لاڳيتو اوتارو (مسافر خانو) هو. اهو به چڱو خاصو موڪرو هو. اڳيان آڳنڌ ڪليل هئس، ٻغل ۾ سامان سڙي جي رکڻ لاءِ هڪ ڪوٺي هيس، جنهن

۾ مسافرن لاءِ نکون، تڏا، تونريون، رليون، ٿانءَ جن ۾ طباق، پاٿيون، سڙڪون، ڳنرون، ٿپيون، لوٽا، دکيون، دلا، مٽ، ناديون وغيره ۽ ٻيو به ڪيترو فالتو سامان رکيل هوندو هو. اوتاري اڳيان ميدان تي جهندو به کتل هو.

**حڪمت يا شفاخانو:**

مسافرخاني جي پٺ سان شامل ٿورو ڏکڻ ڏي پر اولهائين لام ۾ شفاخاني جي جاءِ اوسريءَ سان هئي. جنهن جي پٽين ۾ جارا ۽ کڏا (ڪيٽ) هئا، جن ۾ (جڙي ٻوٽين مان سٽيل ڪٽيل) ستيون ڦڪيون، ڪکَ، ڪشتا، معجونون، ڏيپ دارون، ٻڪيون ٻوٽيون ٽپن، لوٽن، طسن، پاٿين، دابلن دابلين، سونگن سونگين ۽ ڀهگڻن ۾ بند ۽ کليل پيون نظر ايندِيون هيون. شيشن ۾ عرق گلقند ۽ ماکيون هيون.

شفاخاني ۾ به اوتاري وانگيان نکون پٿريل هيون ۽ اُلهدائين پٺ سان لاڳيتو هڪ ٽيڙيءَ مٿان ٺاهوڪي رلي وڇايل هوندي هئي، جنهن تي سائين پريو مڙس پاڻ ويهندو هو. ان ڪري ان جاءِ کي سائين جي گادي سڏيندا هئا. شفاخاني جي ڪنڊن ۾ هاوَن دستا، ڏنبا ڪونڊا، اُکرلا مهلڙا، عرق چڪائڻ لاءِ ٽامي جا ڪرنقل ۽ حقني جو سامان ۽ ٻيون به ڪيتريون ئي شيون پيون ڏسبيون هيون. ڪنهن ڪنڊ ۾ سڪل توڙي آلين جڙي ٻوٽين جا انبار لڳا پيا هوندا هئا،

جن جي ڏِسڻ سان ماڻهو وِسهي ويندا هئا ته وڏين وڏين بيمارين ۽ مرضن جي مجرب نسخن جي پوري پوري ڄاڻ سائينءَ کي آهي. حويليءَ جي حدن کان ٻاهر ڪيترائي مريد، معتقد، هاري ناري، ڪمي ڪاسبي مڙسان تار لوڙها ڏيو گهر اڏيو ويٺا هوندا هئا، ان ڪري حويلي پري کان هڪ ڳوٺڙو نظر پئي ايندي هئي. سڄي حويليءَ ۾ ٺڪر جي ڏيئن سان روشنيءَ جو انتظام ڪيل هو.

پريو مڙس، نه فقط شاعر ۽ حڪيم هو، پر دوا سان گڏ سندس دعا به هڪ ٺڪ هئي. انهيءَ ڪري حبيب شاھ جي فيض جي هاڪ پري پري تائين پکڙيل هئي. گهڻو ڪري هيءُ گهر نماز جو متقي هو، روزي جو صائم هو ۽ غريب ساداتن جو گهر هو. ماڻهن جا انبوھ زالين مڙسين ڏاڍي ڦيٽي، دوا درمل، دعا شفا، زيارت ڪچهري لاءِ اچي ڪٺا ٿيندا هئا. پاڻ به پريت سان مريضن کي دوائون ۽ دعائون، قرضين کي دلداريون، سيڪڙيا تن کي تسليون، اسيرن يعني قيدين جي ڇوٽڪاري لاءِ هٿ (ٻڪ) کڻي دعا پنڻ ۽ گمراهن کي هدايت ڪرڻ جو بار سرانجام ٿيندو رهندو هو.

**گهرو انتظام:**

مسافرن ۽ ايندڙن ويندڙ لاءِ سدائين لنگر جاري هو. اهو رڌ پچاءُ يعني بٺيءَ جو ڪم اندر حويليءَ ۾ ٿيندو هو.

گوليون، ٻانهيون، مريدياڻيون ۽ ٻيبيون حويليءَ جا سڀ ڪم ڪار پاڻ ڪنديون آهن. مريد ۽ خادمن جي آکڻ جون ڪي زالون، حويليءَ جو اندريون ڪم: رڌ پچاءُ، ٻهاري سوهاري، هنڌ بسترو، ڇنڊ ڦوڪ، ڇڙڻ ڇنڊڻ، ڏرڻ پيهڻ جي ڪمن تي مقرر هونديون آهن، ٻاهريان ڪم: ڪيتي ٻاڙي، ٻاڻي پرپُ، مسافرن جي ٽهل ٽڪور، ستيون ڦڪيون ڪٽڻ، گڏڻ جا ڪم مريدن پاڻ ۾ ورهائي ڪٽندا آهن. ڪي خاص ماڻهو. ٽراڙ: ٽنار پهنوار، ميهار ڳنوار، وچار گابار، وهٽ وانن جي سارسنڀال ڪندڙ، گهوڙن جا سئس ۽ اُٺن جا اونار وغيره پڻ وٽن هئا. ڏهائي جو ڪم پاڻ هٿن سان به ڪندا هئا ته ڪڏهن ويهي نظر مان به ڪيندا هئا. پاڻ مارُو ماڻهو هئا. مال ڌارڻ وڌائڻ تي گهڻو شوق هئن.

سندن انتظام اهڙي طرح هلندو رهندو هو، جو ڪيڏيءَ مهل به آيل مسافر کي ٽڪر ٽانبو، جهڻ لسي، کير ڪنب، ڏڌ مکڻ حيثيت سارو پيو ملندو هو. ڪيترا معتقد ماڻهو پاروٿا ٽڪر، تبرڪ طور ڳنڍ ۾ ٻڌي ڳوٺ کڻي ويندا هئا ۽ لنگر جي کٽي جهڻ، ٻاجهر جي مانيءَ جا سڪل ڳپا وڏي صدق سان ڪائي خوش ٿيندا هئا.

**عبادت:**

ڪجه ميداني مفاصلي چڏڻ کان پوءِ اولهائين - ڏاکڻي ڪنڊ ڌاري هڪ مسجد سڳوري گنب پٽين سان ٺهيل جنهن ۾ به

- ادائي سؤ ماڻهو صفون ٺاهي بيهن موجود هئي. مٿس ڪاشيءَ جون نيلون چڙهيل ۽ مهاڙي ۾ ڪانسن سان لڳ ڪاشيءَ جا مصلا جڙيل هئا، اندران سڄي چن سان ٺهيل گچ سان لتل هئي.

پريو مڙس، رات جي پوئين حصي ۾ ننڊ نه ڪندو هو، فجر ٻانگ ٻڌڻ سان مسجد ۾ اچي باجماعت نماز ادا ڪندو هو. نماز به گهڻو ڪري پاڻ امام ٿي پڙهائيندو هو. نماز کان پوءِ قرآن شريف تلاوت يا ڪو ورد وظيفو ختم ڪري، پوءِ ڪن حڪمت جي ڪتابن مان نسخا ڪڍي واچيندو هو. وٽس شعر، طب ۽ حڪمت بابت قلمي توڙي ليٿو ڇاپ وارا ڪتاب موجود هئا. مطالع کان واندو ٿي بيمارن لاءِ شفاخاني ۾ اچي نسخا منتخب ڪندو هو ۽ ڪن ماڻهن کي ڪاڳرن جون چٺڪيون لکي ڏيئي اُن سامان آڻڻ لاءِ تاڪيد پيو ڪندو هو.

اٽڪل پهر کن سج مٿي چڙهيي کان پوءِ سڌو اوتاري (مسافرخاني) ۾ اچي نون آيل ماڻهن سان حالي حوالي ٿيندو هو. پوءِ پنهنجي شفاخاني ۾ اچي گاديءَ تي ويهي، آيل بيمارن جي نبض شناسي، علاج ڪرڻ، دوا ڏيڻ، ڪري يا پرهيز ٻڌائڻ، ڦيٽو وجهڻ، پاٽي پڙهي ڏيڻ، نئين دوائن جي تيار ڪرڻ يعني سڻ ڪٽڻ، ڇاڻڻ، ڪاڙهڻ، ملائڻ ۽ ٺانءَ ۽ شيشا ڀري رکڻ جا حڪم ڏئي ڪم پيو وٺندو هو.

ٻنپهرن جو ماڻهن کي ماني ڪارائي ۽ پاڻ ماني ڪائي، پوءِ اندر حويليءَ ۾ وڃي آرامي ٿيندو هو، يا اهل عيال سان ضروري ڳالهين ۾ مشغول رهندو هو. اڳينءَ ٻانگ ٻڌڻ ڪان اڳ اڪ جو زهر ڪڍي وڃي نماز پاڙهي، پوءِ اچي ڪچهري شروع ڪندا هئا. جا سانجهيءَ نماز تائين هلندي رهندي هئي، وچ ۾ رڳو وچينءَ جي نماز ڪاڻ اُٿندا هئا.

**جمعي جي نماز:**

جمعي جي ڏينهن خطبي کان اڳ وعظ نصيحت ماڻهن کي ڪئي ويندي هئي، جمعي نماز تي آسپاس جي نواحي ڳوٺن جا ماڻهو به ايندا هئا. اتي ڪي آيل عالم ماڻهن کي تفسير، حديث، حڪايتون ۽ ٻيا عمدا مقولا پڙ ٻڌائيندا هئا. اتي ويهي ٻڌڻ وارن توڙي ٻڌائيندڙن جو انداز فرحت ڏيندڙ دلڪش نظارو پيش ڪندو هو. ماڻهو حيرت جي ڪن ۾ منهن مونن ۾ پايو پيا ٻڌندا هئا. دنيا جي بيوفائي ۽ زندگيءَ جي بي اثباتيءَ تي ٿڌا شوڪارا پيا ڀريندا هئا. جمعي نماز بعد آرام ڪري ڪچهري ڪونه ڪندا هئا، پر ٻني ٻاري ۽ چؤپائي مال وغيره جي نظرداري ڪندا هئا.
سانجهي ٻانگ مهل هڪدم اچي مسجد ۾ حاضر ٿيندا هئا. نماز کان پوءِ ڪجهه ورد وظيفو پڙهي اتيئي ويٺا هوندا هئا. تان جو سهماٽيءَ جي ٻانگ ايندي هئي. سهماٽي جي نماز

Gul Hayat Institute

پڙهائي پڙهي، ڪلاڪ اڌ جماعت سان ذڪر ڪري، ماڻهن کي ماني کارائي هنڌ اوڇڻ ڏيئي وڃي ننڊ ڪندا هئا. سندن اهو روزمره جو دستور هوندو هو، پر ڪڏهن بيمار نه ٿيا!

**ڪچهري:**

ڪچهريءَ ۾ ديني مسئلا به ڇڙندا هئا، بيت بازي به ٿيندي هئي. شاعرن کي داد به دل کولي ڏنو ويندو هو. ڳائڻا ۽ راڳي به پنهنجي پنهنجي فن ڪان اچي واقف ڪري انعام وٺندا هئا. عالمن سان علمي گفتگو ٿيندي هئي. ماڻهن جي سڱن بندن، ڏيتي ليتي، جهيڙن جهٽن، وڻج وهنوار جا به فيصلا ڪچهري ۾ ٿيندا هئا.

**ڪکائان گهر:**

گهر مڙئي گهر، پر ڪکن سان ڪونه لڳي!

پڪن گهرن ۽ جاين کي ڪٽي محل، محلات، ماڙي، به - ماڙ، ٽي - ماڙ، بنگلو وغيره ڪوٺين، پر ڪچن گهرن کي چنو، چپرو، چانولو، لانڍي، جهُنرو، جهوپڙي، جهوپڙو، پونگي، پونگو، جهُنڪي بيڙبڻي، جهُنڪي بيڙيءَ پٺي، جهُنڪي مڇيءَ ڪنڊي، جهُنڪي ڍاروين (سلاميءَ ٽي) سڏين. هن لاءِ پنهنجي سنڌ پٽن ۾ جيڪي گاهه ٻوٽا وغيره

ٿين، سي ڪتب آندا ويندا آهن. هنن ڪاڻ ٿوٽيون، منيون، منگها، مل، چڙون ڪوڙي ڪپائي، مٿان يا پاسن ڪان ڪانا، ڪڙٻ، پلال، ناڙي، سڻ، ڪانهه، سرَ، ٻپ وۄٽانيون، ليون، ڪرڙن جو جهڪ، اڪارو، ڏِير، بانٺ، چار، پن، ڪجيءَ ڦرها، ڪپ، جهلَ، ٻاتي ُڪمند جا پاندر ”ڪيوڙي جاپن“ ۽ ٻيا ڪک ڪاچر به استعمال ڪيا ويندا آهن، چوٽي آهي:

رهڻ ڪاڻ هجي پل جهوپڙي ڪکن جي،
ڏيکارجي دشمن کي، هلي لوڏ لکن جي.

انهن ۾ جيڪي چڊا پاڊا ڪکاوان گهر اَڏيل هوندا آهن، تن کي، پونگو، پونگي، جهوپو، جهوپڙي، اَجهو، منهه، مڏ، چپر، چانولو، پکو ۽ پيهو چون.

مال ٻڌڻ ڪاڻ: ٿاڻ، وٿاڻ، وَلهه جهل، منهه، گبرو، اولو، ڪڙهه، ڪوئين.

گهر وچ نڪر ٿلهي، ٻاهر شير بهادر بلي!

Gul Hayat Institute

ڪکائون گهر جوڙڻ بابت هڪ نظم هن ريت آهي:

## ڪکائون گهر

بسم الله ڪري بانڪا بيهندا ڪري هاديءَ کي هڪل نريون هٽي نوڙيءَ کي اچي ماپيندا به ملَ

ڪاچو ڪري ڪوڏر ڪٽي هٽندا چريون چلَ
ڏرا ڏاڍي ڏاهپ سان هوندا خانن جا ڪوٺيل
ٻه جنڊايون ڦوٽيون تن ڪي جهمڻ ڪان ڏٻي جهل
وڏو وَرو وَري تن تي رکبو اهڙي سان اٽڪل
جيئن ڪپا تنهن جا ڪپ ٿين ڏيئي تورليءَ تي تل
هيٺيون منهن منڙي جو ٿيندو اَڏيءَ ۾ اٽڪيل
اها لاٺ بيهندي هڪ ڦوٽيءَ، ٻي ٻنديءَ سندي ٻل
چار ڦوٽيون چوُنڪ برابر ٿلهي ڪبيون ٿل
چار وَرا تنهن چوُنڪ مٿان رکي ڪبا رَل
ڏه اڏورا آڏا رکبا ڏيئي وَرن مٿان وَل
انهن تي اَٺ پٽيون آڏيون رکي هٽبا قابو ڪلِ
ڪايا تن تي قرب مان مڙهبا منڊي مل
هاڻ چڏيو رڱو چنو ٿن سو ٻڌبو ٻيءَ مهل.
پٽين جي بنائڻ لئه، ٿا سوهڻ ڪڍن سل
نوڙيون ان جون ناز مان، آهن ور ڏيئي وَٽيل
ٻپ ڍين جو ناهڪو، آهن پاٽيءَ ۾ پسيل
هاٽي پاڪر پري بانٺ، جا آٽين ڏيئي اُچل
چريءَ مٿي چاه مان، ٿا رکن ڪري رِلمل
تن ڪي ڪوڙين ٿا، خوشيءَ مان ڏيئي منين مل
جن ۾ چار لئي جميو وجي، پر باهڻ ڏي ٿو بل
لڙهين سندي لئون ٻڌي ٿا همراه ڪن هڪل

Gul Hayat Institute

ادا، آڳج کي ٻيو، تون واري تي ”وريل“ انهن اهڃاڻن سان ٻڌن، ڪنڌيءَ کي ڪامل جنڊا تنهن جا جهونجهارن، آهن بنايا بلڪل هاڻ وري چڙهي ويا، چوٽ مٿي، ڪاين تي ڪامل چاڇي سندي چيچ جي، آهي رانجهن رمز رٿيل پکا پهرين ٿا پکيڙين، ڪاين مٿا ڪل رکن ڏير ڏاهپ سان ٿا پکيڙيو پلپل چاڇو چمڪيو چوه مان، جڏ لڏئون ڪانه جي ڪل چوُنڪڙيون چٽساليءَ جون، ڏس نوڙين سان نرمل نيوا تنهن جا ناز منجهان، ٿا وڃيو ڪرن ڪل اهڙي سان اٽڪل، هنن چاڇو ٻڌي چيه ڪيو.

**جاين جو اِسلح:**

وٺ سوريندي وَلها ويو تيل ٻري!

Gul Hayat Institute

**روشنائيءَ جو انتظام:**

**ڏيئو:**

ٺڪر جو ڏيئو، هن ۾ ڪوڙو تيل يعني پيڙيل ڄانپي جو تيل، ڪپاھ جي ڦوڦيندي وَٽ وٽي، ڏيئي جي تيل ۾ ٻوڙي، پوءِ ڪنهن جاري، طاقي، مدنيءَ يا ڏيئي جي لاءِ پٽ ۾

خاص جوڙيل ڪڏيءَ ۾ رکندا هئا. پر مسجدن، مقبرن ۽ مندرن ۾ ڏيال ٻاريو ويندو هو، جنهن ۾ گهٽو تيل پوندو هو ۽ ڏيئي کان وڏو ويڪرو هو. هن جي هيٺان ٺڪر جي ٿاٻ يا ڪونڊي رکبي هئي ان ڪونڊيءَ جي وچ تي مٿيءَ جو پنوڙو اُڀرو ٿاهي، تنهن جي مٿان رکبو هو ته جي تيل هارجي ويرجي پوي ته ڪونڊيءَ ۾ ڪري.

**ڏياٽي:**

لوهه جي ٺهيل ڏياٽي، هڪ لوهي ڏيئو هو جنهن جي تري جي وچ وٽان هڪ ٻگهي لوهي سيخ ڳنڍيل رهندي هئي جا ٽن پيرن تي بيهندي هئي. مسجدن دڪانن ۽ هٽن ۾ ٻاري ويندي هئي.

**ٽلاٽي:**

ٽلاٽي، ساڳي ڏياٽيءَ وانگر جڙيل هئي، مگر هن ۾ هڪ وٽ بجاءِ ٽي خانا وٽ جا ٺهيل هئا، تنهنڪري منجهس ٽي وَٽون پيون ٻرنديون هيون. هٿ-واٽيا رات جو هن جي سوجهري تي ٻنديون اُٽلائي ليکو چوکو ٺيڪ ٺاڪ ڪندا هئا. شم يا متو، ٽين جي پتري مان ٺهيل دهلڙيءَ جي شڪل وانگي هو. مٿان انچ کن چنبي انچ قطر واري ويڪري نلڪيءَ ٺڪر جهڙي تنهن ۾ وٽيل سٽ جا سڳا وَٽ ڪري وجهندا هئا. ڀِرِ ۾ گاسليٽ وجهي ٻاربو هو. هيٺيان ٽينَ جو پورو نلڪي جهڙو اڌ فوٽ مٿيو، ڪنهن ڇهنبدار ڪاٺي ۾

ڪپائي، ڪاٺيءَ کي زمين ۾ کوڙي چڙهيو هو. هيءُ ميلن ۾ پرچالن ۽ آسٽن اڳيان گهڻي سوجهري لاءِ ٻاريندا هئا، ڪي ڪي شادين مرادين ۾ چنن ۾ متا ٻاري رکندا هئا. ان سان گڏ ڏياٽ يا مشعل به ٻاري سنواري سوجهرو ڪندا هئا.

**چمني:**

چمني، ٽين جي پتري مان ٺهيل، گول ڊيڊر به - اڌائي انچ قطردار، مٿان پوري چنبي جنهن ۾ اُٽيل سٽ جي گول وٽ پتل پاسي کان جهلڻ لاءِ چلو يا ڪنڊو، هن ۾ گاسليٽ وجهي پوءِ ٻاري رکندا هئا. هن کي گاسليٽي ڏيئو به چيو ويندو هو. پوءِ جلد ئي اهڙيون چمنيون نڪتيون جن کي پيٽ ۾ ٽنگي ٻيهارڻ لاءِ ڊيڊر جي پٺيان، ٽين جي پٽي ٽنگ سان ريهيل هئي ۽ مٿان لئمپ يا لاپ شيشي جو رکي سگهبو هو ۽ پٽيءَ جو سوراخ پيٽ ۾ ٺوڪيل ڪوڪي يا ڪليءَ ۾ وجهي اٽڪائي ٻيهاريو ويندو هو.

**فانوس:**

فانوس، سڄو ٽينَ جي پترن مان ٺهيل شڪل مستطيل ڪعب اُپي پٽيءَ وانگر مٿان دونهين جي نيڪال لاءِ گول برج لڳل پاسن کان ڪاٺي يا شيشي جون تاڪيون، ٽينَ جي ڪندن وارين چيپاٽن ۾ پچايل - وچ تي گاسليٽ سان پريل ڊيڊر واري بتي يا چمني جنهن جي مٿان منڊو پتل جو، ان جي ڏندن ۾ لئمپ يا لاپ ڪاٺي جو ڪپايل - منڊي ۾ چيٽڙي اُٽيل

وٽ پيل جنهن کي ٻارڻ سان چٽو ۽ شفاف سوجهرو پکڙجي ويندو هو. فانوس جاين، گهرن، دڪانن، هٽن، بلڪ جهوپڙين کان سواءِ جتي ڪٿي ٻاريا ويندا هئا ۽ ٻاريا وڃن ٿا.

**شمعدان:**

شمعدان هيءُ به ٿينَ مان جوڙيل هوندا هئا، پر شيشي جي چئن تاڪين بجاءِ اَٺ تاڪيون هونديون اٿن. هيٺيون تاڪيون مستطيل يا چورس ته مٿيون تاڪيون وري ”ٽراپيزم“ نموني تي هونديون اٿن. هن ۾ به گاسليٽ جي چمني لئمپ سان وچ تي رکبي آهي. ڪيترا شمعدان ڳوٺن جي گهٽين، مقامن، مقبرن، مسجدن جي ايوانن ۾ ڪنهن ٿوڻيءَ يا پول ۾ سندن هيٺين ڳرڻ سان قابو ٿيل ڏسڻ ۾ ايندا آهن.

**قنديل:**

قنديل، هيءُ پڻ شمعدان وانگر اٺ پاسو چار هيٺ چار مٿي پاسن سان ٺهيل ۽ شيشن پيل تاڪين وارو ٿيندو آهي. وڏن وڏن گهرن ۾ ٻاريو ويندو آهي. روشنيءَ کي اجا به تيز ڪرڻ لاءِ فانوسن شمعدانن توڙي قنديلن کي پٺ واري پاسي لڳ، گول آرسي نما چنبڊ پڻ لڳايو ويندو هو.

## لالٽين:

لالٽين يا لئمپ بتي، هن بتي جو اصلي نالو ”هريڪين“ انگريزيءَ ۾ هو پوءِ بدلجي مٿيون نالو پيو آهي.

هيءَ بتي اهڙي نموني جي ٺهيل آهي، جو هٿ ۾ کڻي هلڻ ۾ سولي. جهڙي ڦڙي ۾ نه وسامندڙ آهي. هن جي چمني لئمپ سپ گولائي واري نموني تي آهن. هن جي منڍي ۾ چپٽري سٽ جي وٽ ٻرندي آهي. هر جڳهه هر جاءِ تي، هر ميدان ۾ هر رات، هر هنڌ ٻاريو ويندو آهي (هن جي جاءِ هاڻ ٽارچ) لائيٽ وٺي رهي آهي) بجلي بتي، هن جا ٻه پاڳا هئا: هڪڙو مٿيون پاڳو جنهن جو نمونو اُبتي هيٺ وانگر هو هيٺان پيالي وانگر لوهه جي تار سان مڙهيل شيشو ٺهڪيل هوس ۽ ”نوزل“ ناليءَ رستي منجهس گاسليٽ اچي منٽر يا وَٽ کي ٻاريندو هو. اهو پاڳو مٿي کنهن چٽ ۾ کنڊي يا ٿوڻيءَ کي مدني هٽي تنهن ۾ لڙڪائي ڇڏبو هو، ۽ ٻيو هو گاسليٽ جو سلينڊر يا ڪولو جنهن ۾ ميٽر گئج (ماپ) پڻ لڳل هئي ۽ پاسي ۾ پمپ، هوا پرڻ ڪاڻ هوس - ڪولوءَ ۾ هوا پرڻ سان گاسليٽ ٽاميءَ جي نڪليءَ مان مٿي چڙهي ٻرندڙ پاڳي جي منٽر وٽ پهچندو هو ۽ پوءِ تيلي ڏيڻ سان هن کي ٻاربو هو. تمام تيز سفيد روشني ڇوڏاري پکڙجي ويندي هئي. شادين، وهانئن، وڏاڻن، دڪانن، هوٽلن، ميڙن ملاکڙن ۾ ٻاري ويندي هئي. هن ۾

Gul Hayat Institute

هڪڙو نقص هو، جو ڪٽي هلڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي هئي بلڪ هڪ هنڌ رکي ٻارڻ ۾ سولائي هئي.

**گولو:**

گولو، جڏهن بجلي بتي ڪٽي هلڻ ۾ بيڪار ٿي ته گولو ڪڍيائون. هن جي تيل جي ٽانڪي ٻرندڙ پاڳي مٿان رکيل هوندي هئي، جنهن ۾ هوا ڀرڻ جو پمپ ۽ ميٽر گيج پڻ هئا. گولي جي ٽانڪي گولائيءَ ۾ ۽ مٿان مٿي لڙڪائڻ لاءِ ڪنڊو، هيٺان ٻرڻ لاءِ منٽر، منٽر کي ڍڪڻ ۽ حفاظت لاءِ لوهه جي تار سان مڙهيل شيشو ڪنگريءَ جي تري وانگر هو. اتيئي هوا ڀرڻ سان گاسليٽ منٽر وٽ پهچندو هو. تيل گرم ڪرڻ ۽ نوزل ۾ هلڻ لاءِ اسپرٽ به ٻارڻو پوندو هو. هن مان هي خوف هميشه رهندو هو ته اوچتو پڙڪو ڪري باهه ٽانڪي تي پهتي ته ٻاريندڙ کي جلائي رکندي هئي. سهولت اها هئي جو ٿن لانگن واري ٿهيل چڪي ۾ مٿان ڦاسائي مٿي تي کٽي هلي سگهبو هو، تنهنڪري شادين، غمين، هوٽلن، رستن وغيره تي آسانيءَ سان ٻرندو رهندو هو.

**پيٽرومڪس:**

پيٽرومڪس يا هٿ بتي، هن جي تيل جي ٽانڪي لالٽين وانگر تري ۾ هوندي آهي ۽ ميٽر گيج ۽ لڳل هوندو آهي. هوا ڀرڻ سان گاسليٽ هڪدم منٽر تي پهچندو آهي. منٽر

گرم ڪرڻ لاءِ منجهس اسپرٽ پاريو ويندو آهي. هن جو سهائو (شعاع) هر طرح گولي ۽ بجليءَ جو مقابلو ڪندو آهي. شادين غمين ۾ ۽ ڀهراڙين جي هوٽلن منجھ مارڪن ۾ هي گهڻو استعمال ٿئي ٿو. (هاڻ ته چوڏاري اليڪٽرڪ سٽي جو بندوبست ٿيندو وڃي. ڀهراڙين ۽ ٻنين تي به ٽيوب ويلن لاءِ اليڪٽرڪ ڪتب اچي ٿي. جلد ئي سارو ملڪ منور ٿي ويندو).

**پاڻيءَ سان پري رکيل ٿانءَ:**

مٽ، ماٽوڙا، دلا، گهڙا، دليون، گهڙيون، گگهيون، گهاگهرون ۽ ناديون، اهي سڀ ٺڪر جون ٺهيل آهن. هنن ۾ پاڻي ڏاڍو ٺرندو آهي. پر ٿر ملڪ ۽ ڪوهستان واري پاڳي ۾ ماڻهو پاڻيءَ جون کليون پري پاڻ سان گڏ ڪٽي گهمندا وتن.

**ٽامي يا ڌاتن جا برتن پاڻي لاءِ:**

ٽامي جا گهڙا، موريا، ۽ چروُن، انهن سيني کي ڍڪڻين، ڍڪڻن ۽ بونبن سان ڍڪي رکبو آهي. (خالي گهاگهرون راڳ روپ جي ڪچهرين ۾ ڪاريگر وڄائيندا به آهن).

**پاڻيءَ پرڻ جو طريقو:**

کوه، واه، تلاءُ يا درياءَ تان، شهرن ۾ نلن تان پاڻي پريو ويندو هو. ڪو ماڻهو دلو يا مٽ ڪلهي تي رکي پري ايندو

هو. ڪو ڪنواٽي ڪٽي ان ۾ به ڳهڙا ٻڏي پريندو هو. ڪنواٽي، هڪ ڪاٺ جو پڃر آهي جنهن جا ٻيئي پاسا مچيل آهن، جن جي پڇاڙيءَ ۾ هر هڪ پاسي هڪ رسي ٽڪر به - اڍائي فوٽ ڊگهو ٻڌبو ۽ ان ٽوڙهي جي هيٺين پاسي سرڪڻ جوڙبي آهي جا ڳهڙي جي ڳچيءَ ۾ سوگهي ڪبي آهي. ڪنواٽيءَ ۾ به ڳهڙا آساني سان ڪڇي سگهندا آهن. ٽين جا دٻا، ڏول ۽ بارديون (بالٽيون) جي به ڪنواٽيءَ ۾ وجهي پربا آهن، پر انهن ڪنواٽين جي پڃرن ۾ ٽوڙهن بدران لوهه جون سيخون هونديون آهن، جن جو آنڪڙو ڏول جي مٿيي جي ڪنڍي ۾ وجهبو آهي.

(الف). پاٽي پرڻ ڪن ماڻهن جو پورهيو آهي. اهي ڪوهه تي چم جو ٻوڪو واري چرخو ڦيرين ته ورت چرخي تي ويڙهجي ويندي ۽ ٻوڪو ٻاهر نڪري ايندو. پوءِ اهو پاٽي هڪڙي چمڙي جي پکال جنهن جي منهن ۾ ٽينَ مان ٺهيل ڪيف يا ڪمُ پيو هوندو، تنهن ۾ نائيندا ويندا تان جو ٻن - ٽن ٻوڪن جي پاٽيءَ سان پکال پرجي ويندي - پوءِ ٽيتين ڪي گهر گهر ڏيندا وتندا (ان ڪم يا ڪيف جا ننڍڙا نمونا به ٽين جن سان دڪاندار وري شيشن ۾ تيل اوتيندا آهن. ۽ وڏن ڪمن سان، سوڙهن ٺانئن ۾ اٽو به لاهي ڏيندا آهن.

(ب). پاٽي پرڻ جا ٻيا هوندا آهن، چمڙي جا ساندارا، جيڪي پورهيت ماڻهو درياءُ يا تلاءَ تان پري وهٽن تي رکي

ڳوٺن ۾ انهن مان پخالون پري رسائين. ٿر پاڳي ۾ ماڻهو ڪاٺ جي ٺهيل جندن تي دلا رکي پري اچن. ٿر جا ڪوھ ڳوٺن ڪان پري ٿين ۽ ٿين به تمام اونهان. ڪي سٺ هٿ اونهان ته ڪي اجا به وڌيڪ اونهان ٿين. پاڻي به ٻاڙو يا کارو (جرڪو) ٿئي. پاڻي ڪوئسن سان ڪڍڻ انهن ۾ سان به جوٽين ته اُٺ به هلائن.(1)

**پاڻيءَ جي ڪم آڻڻ جا برتن:**

ڪوئنرو، هن سان هٿ منهن ڌئاريا وڃن، گروڙيون ڪرايون وڃن ۽ ڪاڪوسن يا پوين ۾ طهارت لاءِ پڻ رکيو ويندو آهي. چلمچي، هن ۾ هٿ منهن ڌوئڻ ۽ گرڙين جو پاڻي ڪٺو ڪري ٻاهر هاريو ويندو آهي. ڳنوڙ يا ڪاڍو، هن سان ديڳن ۾ پاڻي پري پري وڃبو آهي. ڪونجي يا ڪري هن ۾ پيئڻ جو پاڻي مسافريءَ ۾ کڻبو آهي. ڪنگر يا لوٽو، هن ۾ پيئڻ لاءِ پاڻي پري رکن ۽ نار ۽ هرلن ۾ پاڻي ڪڍڻ لاءِ مالهه ۾ ٻڌن، ٽيو ٽيپي - پاڻي پري پيڻ لاءِ ڪم آڻين. هيءُ ٿانءُ نڪر توڙي ٻين ڌاتن مان به ٺهيل موجود آهن. جهڙوڪ: ٽامو، آليومينم (جست) پتل وغيره مان. ٿينَ مان ٺهيل پيئڻ لاءِ ڪم ايندڙ ٿانءَ ڪي چل ۽ ٻين ڌاتن مان ٺهيل ڪي گلاس چون ۽ ٻدنو به ڪم اچي. (هن وقت سڀ ڪنهن قسم جا ٿانءَ پلاسٽڪ جا نڪري پيا آهن ۽ جڳَ به پاڻيءَ

جي استعمال لاءِ ڪم پيا اچن جي هر ڌاتوءَ مان توڙي پلاسٽڪ ۽ شيشي مان جوڙيا ويا آهن.

**کائڻ پيئڻ جي ڪم ايندڙ باسڻ:**

لوٽو، ڪرسيو، گڏون، ڪرمنڊل، چروڙي، چؤنري، هنن ۾ کير، گيهه ۽ پاڻي ڪم آڻي سگهجي ٿو. هي باسڻ ڌاتن جا ٺهيل هوندا آهن.

**رڌڻ لاءِ:**

ديگڙي، ديگڙو، ديگ، هنڊي، هنڊو، تاپيلي، تاپيلو، ڪٽلي، ڪٽلو. ديگڙن ۾ پاٽيڪ، ٽويڪ، ڪاسڪ وغيره ٿين، پر رڌڻ لاءِ ٽڪر جو ڪنو ۽ ڪنڙي به ٿين. ڪٽليءَ ۾ چانهه ڪاڙهي ويندي آهي، جنهن جو هاڻ رواج پيو آهي ۽ وڏن ماڻهن وٽ ٽي سيٽ آهن جي چينيءَ ۽ ڌاتن وغيره مان ٺهيل عمدا ڏسڻ ۾ ايندا آهن. ديڳڙن ۾ پٽ، پلاءُ، کيرٽيون، ڪارڪون، سيبون، پيهون، چنگاليون، چاشنيون ۽ ٻوڙ وغيره رڌين يا کير ڪاڙهين. ٽامي جا سپني قسمن جا برتن قلعي ڪرائي پوءِ ڪم آڻبا آهن.

**وندر ورچ جي لاءِ:**

وٽا، وٽيون، ڪٽورا، ڪٽوريون، تاسريون، جنگا، مخبا، ٻهگڻ، ٻهگڻيون، ٿالهه، ٿالهيون، ٻنگاريون، ڊاڪون، ڊاڪمان آهن جيڪي ٽامي، ڪنجهي، جست، پسي، پٽل ۽ ٻين ڌاتن مان جوڙيا ويندا آهن، پر ٺڪر جا آهن: پاٽ،



Gul Hayat Institute

پاٿوڙو، تسڙو، تس (هنن ۾ اٽو رکندا آهن) ڪنڙو، جمني، جمن، پيالو، پيالي، سٽڪ، طباخ، پارڙو (هن ۾ دڪاندار وکر وجهي رکندا هئا) انهن ٺڪر جي ٿانئن مان ڪي ڪاشيءَ چڙهيل به هوندا آهن. (رڪابيون، پليٽون، ساسرون ۽ ڊيش، ٺام چيني، لوهه چيني ۽ شيشي جا برتن هاڻ نڪتا آهن ۽ هنن جو هاڻ گهر گهر رواج پئجي ويو آهي).

**رڌڻي جو اسباب:**

رڌڻي ۾ مٽيءَ جي چلهه، گول چلها، آڳيٺي ۽ بخارو هوندا هئا، سياري ۾ آڳيٺي ٺاهي ان ۾ مٽيءَ جا مارنگ رکي رڌ پچاءَ ڪبي هئي. بخارو، جاءِ جي پٽ سان شامل ٺهيل هوندو هو، جنهن جو دونهن مٿان منگهوٽيءَ مان نڪرندو هو. جلد ئي لوهه جي ٽه ٽنگي چلهه، ڪل، سگري وغيره نڪتا جي هاڻ ڪم اچي رهيا آهن.

ٺڪر جا ٿانءَ جن ۾ پاٺ ۾ اٽو ڳنو (ڳوهيو) ويندو آهي، پر هاڻ ٿالهه ٿا ڪم اچن. تسڙن ۽ ڪنگرن ۾ اٽو ۽ چانور رکيا ويندا هئا، پر هاڻ ڏٻن ۽ ٽينن ۾ رکيا ٿا وڃن، ٺڪر جي پٿالي جنهن ۾ تماڪ ۽ لوڻ وجهي رکبو هو، سو پڻ دٻن ۾ رکيو وڃي ٿو. گيهه، ٺڪر جي دڪين ۾ وجهي رکبو هو ۽ ڪپڙو پري پوءِ ڪم آڻبو هو، سو هاڻ چؤنرين ۽ دٻن ۾ ٿا رکن، ٿر ملڪ ۾ گيهه جي رکڻ لاءِ چمڙي جون دٻيون پاءَ ڪان وٺي اڍائن مڻن تائين جدا جدا ماپن جون جوڙيون

ويندي‌يون هيون. انهن ۾ ٿر جو ڪستوريءَ جهڙو گيهه وجهي اُنن تي لڏي پري پري ڏيساورن تي موڪليو ويندو هو. رڌڻي ۾ ٺڪر جي دانگي يا پٿر جي ٿوبي هوندي هئي، جنهن تي جوئر، ٻاجهر، مڪائي ۽ چانورن جي ماني پچائي ويندي آهي، پر هاڻ لوهه جو تئو ڪم ٿو اچي جنهن تي ٻين مانين کان سواءِ ڪٽڪ جا ڊِڳڙ، ڦلڪا، اڦراٽا، بسريون يا ڳڙهاريون، ستپڙيون پڻ پچايون ٿيون وڃن.

ڪيري، رڪ، ڦلهيار يا چار ڪٽڻ لاءِ لوهه جو ڪفگير، مانيءَ اٿلائڻ لاءِ لوهه جي ڦڻي، وراٽي يا ڪرپي ڪم ٿي اچي. ٿانڊي يا جاڳتي ڪڍڻ ڪاڻ لوهه جو چمٽو استعمال ٿئي ٿو. اڳي ڪير ڪپڙي مان ڇاڻبو هو، پر هاڻ لوهه جي ڄاريءَ واريون ڪير ڇاڻيون ڪم اچن ٿيون ۽ جست ۽ ٻين ڌاتن مان به ڇاڻيون ٺاهيون ويون آهن. اٽي ڇاڻڻ ڪاڻ، پرٽي يا پرڻ لوهه جي ڄاريءَ جو هو، هاڻ جست مان جڙيل پرڻ ڪم اچڻ لڳا آهن. لوهه جون تيئون، ڪڙڇيون، لڳلام انهن ۾ شيون تريون ويندِيون آهن. لوهه جي منجڻ تي ٻلو پچايو وڃي ٿو، ۽ ڪڙاهي ۾ کير ڪاڙهبو ۽ مائو ۽ سيرو وغيره ٺاهيو ويندو آهي.

وڍڻ ڪاڻ، رُڪ جون ڇريون، ڪاتيون، ۽ چاڪو هوندا آهن، جن سان بصر، سائي ٿوم، ساوا مرچ، ڪوتمير، ڏاٽا ۽ ڀاڄيون وغيره ڪاتر ڪن، گوشت وڍي ڪپي سڌيون

ڪن ۽ تکي ڪرڻ لاءِ روهي به رکن ۽ ڪات سان گوشت کي ڪاٺ جي ڏيڍ فوٽ قطر واري گول اُپي اڏيءَ تي رکي چٽي چلهي قيمو بنائين. انهيءَ قيمي کي بصرن جي رڌل بريان سان ملائي ڪباب ۽ ڪوفتا جوڙين (هاڻي قيمي ڪرڻ ۽ سيين بنائڻ جون مشنيون ٿيون ڪم آڻجن). ڪاٺ جي به ادائي فوٽ ڏوئي سان پٽ ۽ پوڙ رڌيو ويندو آهي. پر هاڻ چمچا ۽ قاسقا نڪتا آهن، جي ڌاتن مان ٺهيل آهن. انهن سان ڏوئنرو، گيھ، ساڏاڻو به ڪڍبو آهي. ننڍا چمچا وري کائڻ واسطي استعمال ڪيا ويندا آهن. کرپي هلائڻ سان ڪڙهيل کير مان مائو ٺهندو آهي. کير جي پائڪ ماپ کي مبري به چون ۽ تيل، گيھ ڪيڻ واري ماپي کي ٿپري يا ڪرنڍي ڪوٺين. جا لوھ جي ٺهيل ٿئي ٿي. ويگِر مسالي ڪٽڻ لاءِ ڪاٺ جو اُکرلو ۽ مهلڙو به هوندو آهي، ڪي وري اکرلي جي عيوض پٿر جي ننگھ ۾ به ويگِر ڪٽيندا آهن. تئي تي ماني پچائڻ لاءِ ڪي زالون هٿ تي ماني ٿڦين ته ڪي ويلڻ چڪري کي ڪم آڻين، ويلڻ ڪاٺ جو، چڪرو نڪر جو به ٿيندو آهي.

رڌ پچاءَ واسطي رڌڻي ۾ ڪاٺين ٻارڻ جو انبار، ڇيڻن جي ڳوڻ يا پريل ڇڄ يا ڪوئلن يا اڳرن جو ڍير به هوندو آهي. باھ ٻارڻ ڪاڻ ماچيس (اڳي چقمق پهڻ)، ۽ وجٽو دکائڻ خاطر رکيل هوندا آهن. گاسليٽ جو دبو، گاسليٽ جي ٻاٽلي

يا شيشو ڪن سرند گهرن ۾ اوس هوندو آهي. (هاڻ ته صاف گئس ۽ سئي گئس استعمال ٿيڻ لڳيون آهن).

**گهر جا ٿانءُ ٿپا:**

هيءُ گهڻو ڪري ڪپڙن ۽ لين جي لامن ۽ ٿامن مان ٺهيل ڪارا ۽ ڪاريون تن ۾ رکيا ويندا آهن (هاڻ لوھ جي پٽن وارا به ڪارا نڪتا آهن)، ڪاريون جيڪي وڏيون هونديون آهن، سي ڪانھ جي تيلين مان ٺهن ٿيون جن جي تيلين مان سپ ۽ چج شاھ جا شڪاري جوڙين ٿا. انهن ڪارين ۾ پورهيت زالون لابارو ڪري لائيءَ جا سنگ وڍي وجهي گهر ڪٺي اينديون آهن ۽ ڪنهن وهانءَ وڏاڻي تي ڀهراڙيءَ جون زالون اهي ڪاريون ڪٺي شهرن ۾ وڃي انهن ۾ ونواھ جو سامان پچائي وٺي، پري ڪٺي ڳوٺ ڏانهن ورنديون آهن. مانيءَ رکڻ خاطر، پيش، ڪن ۽ ڪٽڪ جي ناڙيءَ جي تيلين مان ٺهيل دٻڪيون، پنديون، چٻريون ۽ چاٻون هونديون آهن. انهن مان ٺهيل چٻين ۽ چٻن ۾ ڳنڍڻ جهڙوڪ: مڇي، پلو، گوشت، پاڇي، ترڪاري وغيره آندي ويندي آهي ۽ ڪي ماڻهو ميوات به چٻي ۾ وجهي ڪٺي ويندا آهن.

**اناج رکڻ جو بندوبست:**

گهرن ۾ مٽيءَ جون ٺهيل گنديون، گندلا، پليون رکيل هونديون هيون، جن جي تري لڳ هڪ ڪپڙي جو لڳل

ليڙو لاهي اَن ڪيبو هو. اَن ڇلين سان پري گندي ۾ وجهبو هو. اناج جي ماپ ڪاٺ جي چوٿاين، پاٿين، ٿوين ۽ ڪاسن سان ٿيندي هئي، جي گهروارا موجود رکندا هئا. ڪن گهرن ۾ ساهميون يا ترازيون به هونديون هيون جن جي ترارن يا وٽن سان اناج توريو ويندو هو. اهي دڪانن تي به موجود رکيل هيون ۽ اڄ به آهن پر اڳي ڪاٺ جي ڪاني واريون ۽ هاڻ لوھ جا ڪانٽا ڪم اچن ٿا.

**شادي يا وهانءَ جو رڌ پچاءُ:**

گهر کان ٻاهر چنو اڏبو هو، ۽ چلها کوٽبا هئا. چني جي لڳ هڪ چري کوٽي ويندي هئي. اتي ڳوٺين مان چانور ڪڍي نڪن تي ڊيگ ڪري پوءِ ماپ ڪري نڪر جي ڪوندين ۾ وجهي ڌوئيندا هئا. پر ۾ پريل چرُون يا ناديون تن مان ڪاڏن سان پاڻي ڪڍي ديڳن ۾ پلاءُ رڌڻ لاءِ وجهندا هئا، به ڪاٺ مان ٺهيل هر هڪ ٽي - ساڍا ٽي فوٽ ڊگهي اٺلائٽي ڪاٺي ڌوئيلو ۽ ٻيءَ کي انبيو سڏين ڪم آڻيندا هئا. ديڳيون رڌجي چڪيون ته انهن جي ڪنن ۾ رسو وجهي لاهي ۽ ڪپڙي جو هڪ ٽڪر جنهن کي صافي سڏين، مٿان وجهي ڍڪ ڏيئي ديڳون دميندا هئا، جن ۾ پلاءُ يا تانهري، چاشني وغيره هوندي هئي، پوءِ اها ماني انبيي سان اُٿيڙي، پٽ لوھ جي چاٽيءَ سان، ڦيلهين، ٿولهين، طباخن، ٻاٽين ۽ سٽڪن ۾ وجهي آيل چاچين ماچين ۽ نيڍُئن کي چني ۾ کارائيندا هئا.

ماني جي ڪوٺ يا ڪاپي ٿي ته چوندا هئا ته وڃي چر تان وٺي آءُ.

**گهرن ۾ پٽ تي وڇاڻو:**

تڏو، تڏي، پٽڇ يا پڙڇ، نک، تؤنري، چتري، اهي پيش يا ڪکن مان ٺهيل هوندا آهن. ڪي ماڻهو مئي جي عذر خواهي لاءِ جنسي ڪک وڇائي پکيڙي ڇڏيندا هئا انهن کي پٿر سڏيندا هئا. ٻيو ڏاس يا ملس جون کرڙيون، سٿ جا جاجم، گلم، غاليچا، قالين (ايراني غاليچا) فراش، ٿپڙ، ٿپڙيون، گودڙيون، ڏڙڪيون، رِليون ۽ طول وغيره وڇايا ويندا آهن، پر مٿي ويهڻ ۽ سمهڻ ڪاڻ کٽون، کٽولا، منجيون، منجولا، چپر کٽ (چاپرکٽ) پلنگ، صندل، پٽيايون منجيون، صندليون ۽ پيڙها هوندا آهن.(1)

**وينل ماڻهوءَ جي واءَ ۽ آرام لاءِ:**

ڪن گهرن ۾ ڪپڙي جون ٺهيل جهليون، وجڻو، پکو، مورچل (جيڪو مور پليءَ جي پڇ جي کنڀن مان جڙيل هوندو آهي)، جهلي به - چار فوٽ ڊگهي تختي جي لار ۾ هيٺان پيڻو ڪپڙو ڪري وچ ڪوڪن سان بند ڪري، رسين يا سيخن سان مٿي ڇت ۾ داسي، ڪام يا دامن، ڪايي ۾ اهي اٽڪائي ڇڏيندا هئا ۽ وچ مان رسي ٻڌي ڇڪيندا هئس. ستل ماڻهوءَ جي واءُ لاءِ هندورا ۽ پينگها گهرن ۾ عام جام هئا ۽ ٻارن لاءِ جهولڻا يا لوڏون هونديون هيون.

**گهر جي صفائي:**

گهرن ۾ جاين کي ٻئي - ٽئي مهيني چيڪي مٽي ڪٽي ڇيڻو يا لڏ ملائي ليپو يا پوچو ڏنو ويندو هو. جنهنڪري پٽيون اڇيون لڳنديون هيون. پڻ ٻهارڻ لاءِ پيش جا ٻهارا ڪم ايندا هئا ۽ ڪٿي وڏا ميدان هوندا ته وڻن جا ٽارا پڇي انهن سان صفائي ڪبي آهي. گند ڪچرو ڪڍڻ لاءِ ڇڄ يا ٽپڙ يا ڪو ٽانگر يعني پڳل نڪر جو ٽانءُ ڪم آڻبو آهي. اهو ڪچرو ٻاهر هڪ ڍڳ، جنهن کي اروڙي چوَن وجي ان تي ڦٽو ڪن. جنهن کي سڙڻ کان پوءِ پاڻ، ڇم چوَن ۾ ڪڍائي ٻنين ۾ وجهن. ڪي وري ڪاٺ جي ڳنيءَ ۾ اڳڙيون ٻڌي ڇنڊڻي جوڙين. ان سان پٽيون، هنڌ، کٽون، ڪرسيون، ميزون ڇنڊي ڇڏيندا آهن (هاڻ ته برش سان صفائي ڪرڻ جو رواج نڪتو آهي). گهرن ۾ صفائي خاطر نڪر جا ٽڪا به رکيا ويندا هئا، جو پوءِ رڳو مسجدن ۾ وڃي رهيا.

نڪر جي لوٽي ۾ پتر وجهي بيمار ماڻهو اڳيان رکندا هئا، انکي ٽڪو چئبو هو. جلدئي پوءِ لوهه چينيءَ جا ٽڪا نڪتا جن ۾ پترن عيوض پاڻي اڌورو پري رکبو آهي. گهرن مان جهرڪين کي پچائڻ لاءِ جيئن ويهي وٺيون نه ڪن، هڪ اڳڙين جو نهيل ڏڙهو نوڙيءَ سان گهرجي وچ تي ڇت ۾ ٻڌل ڏسبو جنهن سان جهرڪين کي پچايو ويندو آهي.

**پٽين جو سينگار:**

اسان جي ملڪ ۾ ڪي جايون گنب مٿيءَ جون، ڪي ڪچين سرن جون ۽ ڪي پڪين سرن جون ته ڪي پٿر جون به جڙيل آهن. لاڙ جتي ڪلر گهڻو آهي ۽ ٿر جتي واري گهڻي آهي اتي ماڻهو ڪکايون جهوپڙيون ۽ چؤنرا جوڙي انهن کي اندران راڳائي ڇڏين. ڪي سرند ماڻهو اتي لاڙ ۾ڪاٺ تختن تي (تيڪيي تي)، گهرَ ڪاٺ مان جوڙائين يعني ڪانين جي جڙَ جڙي مٿان ليپو ڏيارين. سونهن خاطر پٽين ۾ جارا، ڪڏڙا ٺاهين ۽ مٿان وري ڪوڪن ۽ ڪلين سان تختا، طاق، گلاس دانيون، ڪپڙن ٽنگڻ لاءِ ٽنگڻيون يا ڪاٺ يا گهوڙا وغيره هڻي ڇڏين. ڪن گهرن جي پٽين تي ڪليءَ ۾ پيش جو مصلو بيٺو ٽنگيل هوندو آهي، جنهن تي نيڪبخت زالون نماز پڙهنديون آهن ۽ ان جي ٻينج ۾ ڪي ڪپڙا، ڏندڻ، تسبيح، سوئڙو، اڳٺ وجهڻي رکنديون آهن، ڪن گهرن ۾ پچنديون (دوچتيون) به هونديون آهن، انهن تي ڪاٺ جون پيٽيون، صندوقون ۽ لوهه جون ٽرينڪون رکنديون آهن. تختن ۽ طاقن تي قلعي ٿيل ديڳڙا جن جي ترِي تي مٽي جو ليهه چڙهيل هوندو آهي قطارون ڪري رکن.

(1) ڪڏڙن ۽ جارن ۾ به گهڻيون ڏڪڻيون شيون حفاظت سان رکيون وينديون هيون. گلاس دانن تي گدانيون، مخبا، فنجان به رکبا هئا.

## (2) زيور ۽ ڳھ ڳنا ٿينَ جي دبلن دبلين، ڀھڳڻ، ڪاٺ جي ڪمانگري سونگن ۽ سونگين ۾ وجھي

پوءِ ڪڏڙن ۾ اندر رکندا ھئا يا پٽين ۾ لنبائي رکيا ھئا. ڪاڌي جي شين کي ڪيولين ۽ ماڪوڙين کان بچائڻ لاءِ پيش ۽ واڻ مان ٺھيل چڪا يا چئن ڪاٺين جي تري وارا واٽيل چڪا ٽاھي انھن کي گھرجي ڇت ۾ ٽنگي انھن مٿان اھي شيون ڍڪي رکبيون آھن، جو رواج اجا ھلندڙ آھي. ڪن ھنري گھرن ۾ ڪارچوب تاجي ڪيڙ جا قالب به ٽنگيل ھوندا آھن. ڪٿي ڪٿي ڪنھن گھر جي ڪنڌ ۾ پئسن گڏ ڪرڻ لاءِ پنداري به ٺھيل ھوندي آھي. ٻارن جي پئسن گڏ ڪرڻ لاءِ ٺڪر جو بوگھو يا بگرو يا ڪيڙو پڻ ڪم اچي ٿو.

**ڪپڙا ڌوئڻ ۽ رڱڻ واسطي پرھو:**

ڪاٺ جو مستطيل ڪعب به ادائي فوٽ ويڪرو ٿلھو داٻڙو يا ننڍي داٻڙي ۽ جي اھو پٽر جو ھجي ته ان کي چون ڦرھو. (لاش کي جنھن تختي تي غسل ڏيندا آھن تنھن کي به ڦرھو چئبو آھي) پوءِ ڏيڊ - به فوٽ ڪاٺ جي مٿيي سان گھڙيل ڏونگري جنھن کي ڌڪي يا سوئٽي به سڏين. ڪپڙا ڪار سوڍا ڦليءَ يا صابڻ جي پاٽيءَ اوگھار ۾ ملي پوءِ داٻڙي تي رکي ويھي سٽين. پر ۾ پاٽيءَ جي ڪوندي يا ڪونر پري

Gul Hayat Institute

رکن، جي ٺڪر جا ٺپندا آهن. انهن ڪوندين ۾ اڳي ڳارو ڪٽي لنبائي به ڪندا هئا.

(1) ڪپڙا ڌوئي ڌمالي پوءِ اگهڻ ۾ ٻڌل رسيءَ تي يا گهرن جي ٻاهرئين لوڙهي تي سڪڻ لاءِ وجهندا هئا. اڳين زماني ۾ گهڻو ڪري ٿلها ڪپڙا جا ڪپڙا پاڻ سٽ ڪتي جوڙائيندا هئا. ڪپڙا سگها سگها ميرا نه ٿين تنهن لاءِ خاص طرح موڳي ساوا، هلواڻ يا ماهوت جا ڳاڙها، ساوا نيرا رنگ نيروٽيءَ کان رڱائي انهن ۾ چلڪ پيدا ڪرڻ خاطر مڱريءَ سان ڪوڙائي پوءِ پهريندا هئا.(2)

**ڪپڙن رکڻ لاءِ:**

ڪي زالون مصلي جي بينج ۾ يا هڙ ۾ ڳوٿري ۾، چمڙي جي ٻڌَ يا ٻدوڪي ۾ ڪپڙي جي ٻجڪي يا ٻخچي ۾، صندوق پيٽيءَ ۾ ٽرينڪ ۾ پيش جي ٿهيل چلي يا چٻي ۾ ڪورا يا ڌوتل ڪپڙا رکنديون هيون.

ڪکائين ٺيٺي جا ڍَڪ سان هوندي هئي (پٽاري يا ننڍي چليءَ)، رلين ڪاڻ ڌوتل ٽڪريون، پٽ سٽ جا سڳا، ريل، پتو ۽ ڊيري، سين جي پڙي، ڏوڏي (انگشتا)، قئنچي يا ڪترُ، پرت پرڻ جو سامان سگهڙ زالون وجهي رکنديون هيون.

رِليون، رلڪا، ڳاديلا، سوڙون، پٽراٽيون، وهاڻا، تڪيا سڀ اُٿ ڪري ڪنهن صندل تي يا منجيءَ تي يا گهر جي

ڪنڌ ۾ ٻڌل لٺ تي جا ڪنواٽي جي ابتڙ هڪ ڪاٺي جنهن جا رَسا مٿي چٽ ۾ ٻڌل ۽ ڪاٺي هيٺ لڙڪيل هوندي هئي، ان تي يا لوڏ تي جيڪو رسو ٻيٺو ٿي چٽ جي جدا جدا ڪاين ۾ ٻڌل هوندو آهي، تنهن تي سٿا ڪري رکنديون هيون.

**سمهڻ لاءِ اوڇڻ:**

هنڌ بسترو تنهن ۾ هيءُ ٽيڙ موسم يا منڊ سارو پيل هوندا هئا. رليون جيڪي سنو پريون زالون پاڻ سبنديون هيون، رڳ رتيون سوڙون، سيءَ رکون، پٽراٽيون، چوون، وياٽا، لويون، ڪمرون، ڪٿيون، ڪٿا، اجرڪون، چادرون، چانديون، ٿوال، فراسيون، ڪرڙيون، ٽيڙيون، غاليچا وغيره جي هنن ۾ ويڙهي رکبا هئا.

**زالن جي سينگار جو سامان:**

آرسي يا آهري، سرائي، سرميداڻي يا آنڙو، ڦٽي زالاٽي (مرداڻي الڳ) ڏنڊڻ ڪبڙ جي پاڙ، جهل، ٻاٽي، نم يا ٻير جو مٺ جيڏا ٽڪر ڪري ڪم آٽيندا هئا. (1) تيل ڪوڙو ۽ مٺو يا سرهو تيل جو پيالين ۽ شيشن ۾ پريل هوندو هو. عطر جو ٻڙو ڪن ۾، ڪجل جي چانديءَ جي ڪاني يا تيلو باڪس ۾ رکيل، ميندي، مساڳ، اُبٽڻ يا پٽي دٻلين ۾ پيل (هاڻ پائوڊر ڪم ٿو اچي) هن ڪي منهن صفائي به سڏيندا هئا. مجيٺ (1) جا پيرن جي ڪڙين کي هٽي ڪڙيون ڳاڙهيون

ڪنديون هيون يا هنگلو ڪم ايندو هو. هن سان سياري ۾ پيرن تي چلر چڙهندا هئا يا پير ڦٽي ڦاٽي پوندا هئا ته ٺڪر جي جنبڙي (پير – ڪرچڻي) تي پير گسائي لسا ڪنديون هيون.

**ٻارڙن لاءِ سامان:**

هن اسان جي سنڌ ۾ وڏي ڪوشش ڪئي ويندي هئي، خاص ڪري ٻارَ جي مٿي ويهارڻ تي زالون ٻار ڪي ٿڃ، دوا يا ستي، ڪنهن سپيءَ يا ستيئڙي ۾ وجهي پوءِ صحت جان چئي پياريندون هيون. ٻار ڪي ڏُڪو يا مکڻ چٽائي، تيل سان آڊي مکي پوءِ وهنجاري تنجڻ سان تنجي (سندس ٻانهون ٽنگون خاص نموني سان ڪپڙي ۾ ٻڌي) پوءِ منجيءَ يا پينگهي ۾ سمهارينديون آهن. ان جي سيرانديءَ کان دڪي يا منهن رکي رکنديون آهن (جنهن کي مول متارو يا مٿيارو يعني مٿيءَ جو پاسيرو ڪمان وانگر ٺهيل مارنگ پڻ چوندا آهن). جنهن جي مٿان ٻه فوٽ کن ڊگهيون ڪاٺيون اُپيون کتل هونديون، هيون سو مٿي ۾ نراڙ سان لڳائي رکنديون آهن. ٻار کي مٿي رلڪن جي اُٺ تي سمهارينديون، جيئن سندس ڳچي ۾ مٿو هيٺ لڙڪيل هجي ۾ ڪيڏانهن چري پري نه سگهي، پوءِ ان تي سنهڙو رئو يا پوتي مٿان وجهي ڇڏين ته ٻار کي هوا لڳي ۾ مکيون نه پٽين. اهو مول متارو يا مٿيارو پينگهي توڙي منجيءَ تي

رکيو ويندو آهي. (منهن رکيون يا موريون يا ڏُمدار هاڻ ٿا
ڪم اچن) ٻار ڪجھ وڏيرو ٿيو ته انکي نڪر جي گھوڙيءَ
۾ ٽيڪون ڏئي ويهاريندين آهن، ۽ ٻانبڙن پائڻ جيڏو ٿيو يا
ڪٺ کي جهلي هلڻ جهڙو ٿيو ته ڪاٺ جي نهيل ٽڦيٽي گھلٽي
گاڏي ڏيندس ته پنڌ ڪرڻ سگهي. ڪن ٻارن کي وري ڪاٺ
جي جوڙيل چوڦيٽي گاڏي ۾ ويهاري انکي اڳيان رسو ٻڌي
ٻيا وڏيرڙا ٻار گاڏو ڇڪي گهمائيندا آهن. ٻارن جي ستيءَ
ڦڪي ڪٽڻ گھوٽڻ واسطي گھرن ۾ لوھ يا پٽل جو هاون
دستو (همام دستو) به هوندو آهي. ڪي زالون ڪاٺ جي
ڏنبي سان نڪر جي ڪونڊي ۾ ڦوٽا وغيره لڙهي، ٻارن
کي وجهن، ڪي ماٺهو انهيءَ ڏنبي ڪونڊي سان ٿاڌل ۽
پنگ وغيره گھوٽين.

**ڇڙ ڇنڊ ۽ پيهڻ جا ٿانءَ:**

ڪانھ جي تيلين مان نهيل سپ يا ڇڄ هوندو آهي، جنهن ۾
اناج وجهي ڇنڊبو ۽ وائربو آهي. پوءِ نڪر جي اُکريءَ ۾
ڪاٺ جي وچ ڪپيل منيي واري به منهين مهري سان اَن
ڇڙين، ڪي پٿر جي ننگھ ۾ اَن ڇڙين. اها ننگھ پيالي وانگر
هوندي آهي. ڪي وري ان ۾ مسالو ويگر وغيره ڪٽين ۽
ڇنڻي ڪٽي کائين.
اَن پيهڻ لاءِ گھر جي ڪنڊ ۾ پٿر جو جنڊ ٻن پڙن سان،
نڪر يا مٽيءَ جي جوڙيل تار سان رکيل هوندو آهي. ڪن

گهرن ۾ سارين ڏرڻ ڪاڻ ٺڪر جون جنڊيون به هونديون هيون (هاڻ ته چڙڻ، ڏرڻ، چنڊڻ ۽ پيهڻ لاءِ مشينون موجود آهن.

**ولوڙو ڪرڻ:**

ڪنهن سمي غريب غربي وٽ ٻچن جي پالڻ لاءِ هڪ ٺڪَ ضرور هوندي هئي. چؤ پايو مال هوند ۽ سرند هئڻ ۽ سڀاڳ جو سڱڻ سمجهيو ويندو هو. هر هڪ پاڳيري گهر ۾ ولوڙو ڪندي هئي. ان لاءِ گهر ۾ ٺوٽي، منگهو يا نهيرو ڪتل هوندو هو. مانڌاٽي، منڌي سان يا جهرٽي يا منڌيئڙي سان ٺڪر جي چاڏي يا ماٽي ۾ چاول ڪير وجهي ولوڙي مکڻ ڪڍي وٺنديون هيون. جو وري هڪڙي ٺڪر جي دڪيءَ ۾ گڏ ڪنديون هيون.

**سٽ ڪتڻ ڪپاه ڻاٽڻ:**

گهرن ۾ ڪاٺ جا چرخا، ايٽ يا ارٽ موجود هئا. زالون ڪپه جا لوليها ٺاهي انهن مان پوٽيون يا پانديون هٿ ۾ جهلي چرخي جي ٺڪ جي منهن ۾ ڏيئي ڌاڳو ڪڍنديون ويندیون ۽ نڙا پري اهو ڌاڳو ڪپڙي جوڙڻ لاءِ ڪم آڻينديون هيون. مرد ماڻهو به گليون هڪٻئي مٿان آرپار رکي ان کي چرخي بنائي اُن تي ڌاس، ملس، سٽ ڪتي رسا جوڙيندا هئا. ڪن گهرن ۾ ارٽيون به هيون، جن تي ڪپه ڻاٽي ويندي هئي يعني ڪپه ڌار ته ڪڪڙا ڌار ڪيا ويندا هئا.

**گڏ وچڙ سامان:**

1. گهڻن گهرن جي زينت چلم هئي. جنهن ۾ نڙ، گوءِ، ٺوپي يا ڦل ۽ ٻول موجود هوندا هئا. زالن جي ڪچهري چلم جي ڦوڪ تي مچندي هئي. مرد ماڻهو حقو ٽيڪي ويهندا هئا.(1)

2. آچار يا سانڌاڻي سنڌڻ لاءِ ماٽيون يا ڪولا به گهرن ۾ رکيل هئا.

3. سياري جي موسم ۾ گهرن جي مهاڙين ڏُئارن کي ٺپڙ، پکو، چڪ، پراڻين رلين ۽ پٽر سان اوٽ ڪندا هئا. شادين ۾ جي آڳنڌ تي اُس ٿيندي هئي ته ڇانوَ ڪرڻ واسطي پال مٿان پکيڙي ٽنگي ڇڏبو آهي.

4. جي ڪنهن گهر ۾ ڪتو ڌاريل هجي ته انکي ٺڪر جي چِٺ ۾ پاڻي وغيره ڏيندا آهن. اها چِٺ، ٺڪر جي ڪني يا چلم جي گهانگهي لهڻ کان پوءِ هيٺيون حصو هوندي آهي.

5. ڪن جاين ۽ دڪانن ۽ هٽن تي ڪاٺ جي يا لوهه جي پڃري واري ڪئامار به رکيل هئي. ڪي زالون طوطو يا مٺو يا ڇٽون ڌاريندون هيون ته ان جو ڇاريدار لوهي پڃرو پڻ گهر جي زينت هو، پر جي مرد تتر ڌاريندا هئا ته انهن ڪاڻ بانس جي ڇانپين مان پڃرو ڇڙو يا ٻتو ٺهيل هوندو هو جيڪو پنهنجي ٻاهر نڪرڻ تي پاڻ سان گڏ کڻي نڪرندا هئا.

6. گهرن ۾ ڪوٺين، پيتين، صندوقن ۽ هٿن جي وڏن دروازن کي ماڻهو ڪلف (قفل) هڻندا هئا. اهي ڪلف به ڪنهن جاري يا مدنيءَ تي گوشائتا رکيا هوندا آهن. جن گهرن کي لوڙها آهن ته رات جو يا ٻاهر نڪري وڃڻ تي انهن جي لنگهه مٿان ڪنهن ڪنڊن واري وڻ جا ڏار وڍي ڪڙهه ڪري ڏيئي ڇڏين.

**سهائيندا سخن چوندڙ ماڻهو:**

اُهي، جيڪي ننڊ مان اُٿڻ شرط ڪلمو پڙهندا هئا ۽ چوندا هئا: ته ”رب منهنجا! تنهنجا لک لک شڪرانا، جو وري ماڻهو ڪري اُٿاريو اٿئي. صبح جا سائين! ڏک درد، قرض مرض کان پناهه ڏجان“، صبح جا سائين! ٻيڙا ٻنين لائين، ٻئي جهان موچارا ڪريين! پورهيو پلئي پائين، ڪنهن جو ڪين وجائئين. روزيءَ ۾ برڪت وجهج. سچ کي اپرندو ڏسي چوندا هئا، ”اُپريو آهي لکن جو ڏاتار“! ۽ ڪم تي چڙهڻ مهل يا اُستاد پير لقمان حڪيم حڪمت جا سائين.

ڳُٽڻ شروع ڪندا هئا: ”بسم الله جي برڪت“ يا ”او هيءُ بابرڪت“. وچ ۾ ترسڻ تي ”ڪل جو پلو“ پڻ چوندا هئا(1).

ڪو ڪم رهجي ويو ته ”اول خير، سڀاڻي باقي رهيل ڪم اچي پورو ڪنداسون“. هر ڳالهه ۾: انشاءَالله، ماشاءَ الله پيا چوندا هئا. سندن تڪيو ڪلام هو: ”الله توکي نيڪي ڏئي؟“

ڪنهن حادثي جو ٻڌائون يا ڪنهن ڏک ڪاڏو يا ڪو وڏو ڇيهو پاتو ته يڪدم وات مان نڪري ويندو هون الله اڪبر! ماني ڪائي اوگرائي ڏيندا هئا ته: شڪرانا رب ڪريم جا! اڄڪي به ننگيءَ تي ننگ آهي يا مٿس ننگ آهي، شل حق حلال جي روزي ڪارائي!

ڪنهن سان وهنوار يا واپار ڪيائون ته: ”حقئون به رکي ته ناحقئون به رکي وٺي“. چوندا هئا، اڳلو وري چوندو ته ”دين ايمان توتي“ مٿان ورندي ملنديس: عاقبت خير ڪندو يا ادا، خير جي گذرندي.

سمهڻ مهل ڪلما پڙهي سمهندا هئا: چو ته ننڊ موت جي پيڙ آهي. سائين! سڪرات سولي ڪجان، ”مهند موچارو ڪجان“، پٽين جي پيڙَ، محشر جي عذاب ۽ قبر جي سختيءَ کان پناهہ ۾ رکجان“!

جي ڪو ماڻهو غلط سلط ڪم لاءِ چوندو هون ته ٺهہ پهہ چئي ڏيندا هئا: ”هن ڪوڙي دنيا ڪاڻ آءُ پنهنجي آخرت ڪين ٻوڙيندس. الله الائجي ڪهڙين ڳالهين ۾ راضي آهي“!

جي پٽ ڏوهاري هوندو هو ته پيءُ هٿن سان وٺي وڃي حاڪمن جي حوالي ڪندو هوس ۽ چوندو هو ته ”هن ساماڻي، اسان جي سٽن ئي پُرين کي ٺڪو آيو آهي. پٽ هوندو ته ڇا ڪندو، مونکي به مري رب سائينءَ سان جواب ڪرڻو آهي“!.



Gul Hayat Institute

جي ڪنهن حرام ڪائڻ جي ترغيب ڏنن، ته اتي ئي چئي ڏيندا هئا: ”مري، هڪڙيءَ (قبر) ۾ پوندس، ڪائيندس گهڻن سان گڏ، پر جواب ڏيندس هيڪلو! آئيءَ پائي ڳالهه تي، هن دنيا جي مڪر تي لڳي پنهنجو ايمان ڪونه وڪڻندس“! نچ يا چڪ آئي، ته وڏي سر ”شڪر الحمدالله“ چوندا هئا.

مهمان آيو ته ”بسم الله“ چئي، وٺي ويهاريندا هئس. ڪيس هٿ ڌئاري ماني اڳيان رکي چوندا هئا ته: ”ادا، ڪر بسم الله“.

جي مرڻ جيئڻ جو ڪٿي ذڪر چڙيو ته: ”ڪي گذريو آهي، ڪي گذري ويندو يا دنيا گذر جو مڪان آهي. اَمن ايمان سان اُڪاري پار ڪندو. پاڻ ئي مدايون معاف ڪندو!“.

خوشخبري ملندي هين يا ڪو سڪارج ٿيندو هئن ته: ”لک لک ٿورا ڌڻي پاڪ جا، انهيءَ جي هڪڙي ٿوري به نه پڄئون!“ چوندا هئا.

ڪنهن سندن واڪاڻ ڪئي ته ”آءٌ ڪو به نه لهان“ يا ”هڪ ڪوڙي ڪوڏيءَ جي ملهه برابر به ناهيان، اهي احسان آهن الله تبارڪ و تعاليٰ جا مون ڪني ڪوجهي کي نوازيو اٿس! آءٌ ته پاءُ بصرن جو به ڪين لهان!“

Gul Hayat Institute

بيمار جي شفايابيءَ واسطي چوندا هئا: جيڏو الله، تيڏو منجهس رکو آسرو، سچي سائين کي ستايو، راحمين پنهنجو رحم ڪري شال! اِنسان ويچاري جو حال ڪونهي!“.
اوڀاسيءَ اچڻ تي به ”جل جلاله و جل شانه“ چوندا هئا.
ڪنهن ڪا ساکي پٽي شاهدي نه ڏني وَٽ سٽ تي ڳالهايو، تڏهن به چوندا هئا: ”جهڙي نيت تهڙي مراد“، جيڪو ڪندو سو اوس پوڄيندو! الله کان اولاد گهرندا هئا ته: ”هڪڙوئي ڏج پر صالح ڏج!“. جي چيائون ته ”مون کي حرام آهي“. ته وري ان کي نه کاڌائون ۽ نه وري هٿ لاتائون.
ڪنهن پڇين ته ”هي نينگر توهان جو آهي؟“ ته ورندي ڏيندا: ”الله جو آهي، جنهن مون بيوَڙي تي ڪٺي پنهنجو وڙ ڪيو آهي!“
مائرون، ٻارن کي سٽ سٽ پيرا ”بسم الله چئي، رئندڙ ٻار کي هنج ۾ کڻنديون هيون ۽ بسم الله چئي ببو وات ۾ وجهنديون هيون.
مرد ڪنهن طرف اُسهيو ته چوندو هو ”خير جا والي! خير ڪجان“، شل خير سان موٽي ماڳن تي اچان يا ”ڪن پيڙو ٿيان“.
ڪنهن ڪم جي پوري ڪرڻ جي پڪ ڏيارڻ کاڻ ”الله تي رک، اُهو سپوئي سولي ڪندو“ چوندا هئا.

پٽ کي اوڳرائي آئي ته ماءُ چوندي هئي: ”ڏاوا پٽَ!“
ڪنهن بادي ڇنبدي ته چوندو هو ته ”هانءُ ئي ٺري پيو.“
پرڪو وڏو ماڻهو بادي ڪيندو هو ته اهل مجلس چوندا هئا ته ”صحت جان، صحت جان!“
ماءُ ٻارن کي ستي پياريندي هئي ته زبانان چوندي ويندي هئي ته ”ٻچڙن کي صحت جون ستيون ٻچن کي!“
غلطي، ائين ڇئي معاف ڪندا هئا ته ”اِنسان خطا جو گهر آهي، اهو وڻ ناهي جو واءَ نه لوڏيو آهي. اهو ئي بخشيندو پاڻ مرهيندو!“.
ڏنڏي ڪندي چوندا ته ”ٿوريي ڪٿيي گهڻي برڪت“ الله گنج ڪري ڏيندو. پر ڏيه ۾ ڏنڏو ڪنڌڙ هوندا ته سگهوئي وطن واري پيا ڪندا. هينءَ چئي ته ”پئسو وڏ يا گهٽ، پر هل پرين وٽ، روزي رزاق تي آهي. ڪيئليءَ کي ڪڻ، هاٿي کي مڻ اهو پيو موڪلي.
وَهٽ جي هلڻ ۽ هڪلڻ مهل تي چوندا هئا، ”هاڻ آسرو الله جو، شابس بابا!“ ڪنهن کي اجائي وڏائي ڪندو يا ٻٽاڪون هڻندو ٻڌائون ته چئي ڏيندا هئس، ”ڪت ۽ ڪنب، الله جي سرڪار ڏاڍي آهي، شل سولي من پويس جو اِنسان جا عيب نه اُگهاڙي! پوتيءَ پاڪ ڪير به ڪونهي. هرڪو گناهن ۾ گڏيو پيو آهي! چنيسر ساڻ چاڳ، متان ڪا منڌ ڪري!“

جي ڪنهن کي دلڏير ڏيڻي هوندي هين ته، ”متان دل موڙي ڪئي اٿئي. هڪڙي پوري ته سؤ پٽي، ڏيهن جو ڏاتار آهي. اتي شاه جا بيت به پڙهي ٻڌائيندس: تون ڏاتار، ٻيا مڱئي منگتا يا ماندي ٿي نه مارئي الله پي آهي!“.

پنڙيات کان هٿ جوڙي معافي گهرندا، ائين چوندا ته، ”جي ڏجي نه، ته ڏکوئجي به نه!“.

توڪل جو اهو حال هوندو هئن جو چوندا هئا ته، ”ڪيليءَ کي ڪڻ، هاٿيءَ کي مڻ، ڏٽي ڏيڻ وارو آهي، روزي رزاق تي آهي. گهٽو ڏسي سرهو نه ٿجي ۽ ٿورو ڏسي ارهو نه ٿجي. الله تعاليٰ ٿوريءَ تي پرچي ۽ گهڻي تي رُسي، سپڪا وڏائي سائينءَ کي جڳائي. توڪل جا ٻيڙا پار آهن!“.

مينهن وسڻ ڪاڻ هن نموني دعا گهرندا هئا: ”الله سائين! مهر دا مينهن وسائين“!.

ناڻي گڏ ڪرڻ جي خلاف هئا: ”ناڻو هٿ جي مرُ آهي. خرچ ڪاءُ، ڏيندو شاه! اسان سائينءَ کان دين ايمان گهريو آهي. نيٺ مربو، هت رهي آخرت جا تڏا ڪين ويڙهينداسون“ چوندا هئا ”الا مان من آفات الزمان،.

سي اُهي ماڻهو هئا، جي پائرن کي ٻانهن جو ٻر سمجهندا هئا. نياڻين جي ساڃاه هوندي هين، سهائيندو لباس اوڍيندا هئا. منهن مارڪي، ادين کي اوڍڻيون پائرن کي پاڪرون پهرائيندا هئا. وڏي گرُدي ۽ گجيءَ وارا مرد هئا. ڪنهن

Gul Hayat Institute

جي ڪچي ڦڪي ٻڌائون ته ڪنن ۾ آڱريون ڏئي ڇڏيندا هئا، ڪنهن اشراف جو وياءُ ڪرندو سئائون ته ڏندين آڱريون اچي ويندديون هين، ڪڏهن به ڪوڙ، مڪان نه ٻوليائون، ڪنهن سونهاري سٽ ۾ ويٺا ته سچ چئي اُٿيا، ڪو چار چئي ويندو هئن ته ڪلي ڪٽي ماٺ ڪندا هئا. ڪنهن جو رياءُ ۽ ٻپ ٻاءُ ڪرڻ نه ايندو هئن. ڪو هلي اچي سام پيو ته خون به بخشي ڇڏيندا هئا، ڪڏهن لائي ڪاندي تي ڳهڻُ نه ڪيائون، چڱائي مٺائي مڙين جي منهن تي چئي ڏيندا هئا.

اُهي الائجي ڪيڏانهن ويا؟ ڌرتي ڳهي وين يا آسمان اُٿائي وين؟ اُهي صداقت تي ساهه سهسائيندڙ پيو ڳوليان!

ڪا ٻپ جهڙي خبر سڻندا هئا ته ”الله خير ڪندو“ چئي سوچيندا هئا. موڪلائڻ وقت ”الله توهار“ ڪن ساعت ڏار ٿيڻ ڪان پوءِ سلام واري ٻڪ وَجهي هڪٻئي سان خوش خوش ڪندا هئا.

ڪو، ڪنهن ڪم جي پارت ڪري ويندو هئن ته، ”الله ڪي پارت آهي، جو ساري سنسار ڪي ٿو سنڀاري، سوئي چڱي ۽ موچاري ڪندو!“

ماني ڪائيندي، ايندڙ ويندڙ کي صلاح ڪندا هئا، پائو! ماني حاضر آهي، اچي ڪائو. حجاب نه ڪجو!“ مانيءَ جي گرانهه تي به بسم الله بسم الله پيا ڪندا، ٿڪر ڪريو ته چمي نور تي رکندا هئا.

مهمان تي ته ساهہ پساهہ قربان ڪندڙ هئا. مهمان ماني کائي هٿ ڪڍي ورتو ته اُمالڪ چئي ڏيندا هئس ”ماني مولا جي آهي، لڄ نه ڪر، کائي ڍؤ ڪر، رڱو نالو نه ڪر، تو ڪاڻ ته آندي اٿئون!“

ٻارن کان نالا پڇندا هئا ته مٿي تان هٿڙو ڦيرائي پوءِ ٻاٻيس سان چوندس ته ”ابا، تون ڪنهن جو پٽڙو آهين؟“.

ڪنهن کي پٽ پاراتو ڪندو سٽائون ته ڪنن جي پاپڙين کي جهلي، ونگڙي آڱر سان جانو پري توبهون پريندا هئا ۽ چوندا هئا ته ”هندو مسلمان جو خير، جيڪو پٽي ٿو پرَ کي، ته لڳيس ٿي گهر کي!“

سانجهيءَ جو ڏيئو ٻاريندي ڪلمو پڙهندي ڏسبو هئن، پڇبو هئن ته وَٽ چڙهي ڪلما چوٽا پريو، ته چوندا هئا، ”قبر ۾ جڏهن ملائڪ پڇاڻي لاءِ ايندا ته سندن اکيون مشعل وانگر ٻرندڙ هونديون. هير هوندي ته انهن کي ڏسي ڪلمو ياد پوي شل! اتي اسان ڪنن ڪچن جي ماڻ مصطفيٰ مدني ٿيندو ٻيو ليکي لل ڪونهي. اتي الائجي ڪهڙي پر ٿيندي پهنوارن ساڻ! جتي ارڙهن ڪروڙ عالم اچي مڙندا. هاءِ هاءِ ڪي ڪين ڪمايوسون!“

مائرون به پنهنجن ٻچن ڪاڻ ايئن چونديون هيون ته ”الله سائين! ٻين جي ٻچن سنئون، منهنجن ٻچن کي به ساچاهہ ڏي

۽ نگھبان ٺڄ! ٻار کي ڪو ڪمڙو چونديون هيون ته ”ابا! جواني ماڻيين ڪم ڪري آڻي ڏينم“.

جي صرافن لڌيو، تون پڻ لڌج سونَ!
قدر لهندءِ ڪون، نيئي گڏيندءِ گڏونءَ سين.
(ڀٽائيرح)

**ننگائتا وڙائتا ماڻهو:**

آدمين اخلاص مٿائي ماڻو ڪيو،
دلبر هن دنيا ۾، وچي رهندو واس،
ٻيو سڀ لوڪ لباس، دلير دل هوندو ڪو هڪڙو!
(ڀٽائي رحمه الله)

ڪهڙو نه اهو سهڄ سڀاءَ ۽ سڪ سڪار جو سمو هو، جڏهن هن ديس ۾ نيڪيءَ جون نهرون، قرب جون ڪورون، گفتن جون گنون وهڪرا ڪري پيون وهنديون هيون. انهن ايامن ۾ مرد گڻائتا ۽ لڇڻائتا ليکيا ويندا هئا. ڪنهن ڪچهريءَ ۾ ويٺا ته راتيون گذري وينديون هئن. ڪل ڀوڳ ۽ رس رهاڻ ۾ ڪچهري گل ڪيائون، پر تنوار ڏيئي ٽپي ۽ ويڻ ڏيئي وڙهي نه اُٿيا!

ڪنهن ڏانهن پاءُ پاڻي يا ڪو پلئو پلاند رهيل هوندو هئن ته هڪبئي تي ڏک ڏوراپا ڪدي، بخشي اُٿندا هئا يا ته پرائي وٺندا هئا.

ننگائتا به اهڙا هئا جو ڪڏهن ڪنهن جو لوڙهو نه لتاڙيئون، ڪنهن سام چڏي ته سر ڏنائون، پر سام نه ڏنائون. ڪنهن پاڙي پتيءَ ۾ بچڙائي ڪئي ته ان جو هميشه لاءِ حقو پاڻي بند، جيستائين ڏر ڏٽي نه بخشينس.

پلجي به ڪڏهن ڪوڙ نه ڪمايائون، پوءِ پل ته ڪنڌ تي قهري ڪرٿ وهي وڃين. سچ صداقت جا سدائين ساٿي ۽ ساڻي هئا.

ڪنهن ڪوٺ يا ڪم سان ڪنهن جي ٻچن ۾ وڃي رات رهڻي يا ٽڪڙو ٿي پين ته سنگ سرنو، ريپڙ متيرو، ونگو ميهو، گوار پينبدي، مرچ بصر، گجر، گوبي، چانهون گدرو جيڪو موسم سار ميوو ڦل پتو، پاجي پتو هوندو هو، سو پاڻ سان پٺارڪ ٻڌي، انهن ٻچن جي ڪينئڻ (ڪائڻ) ڪاڻ ڪٽي ويندا هئا. چو ته ڪل ئي ڪڙمي ڪٽنب جا پاتي، ٻنيءَ ٻاري ۽ پوکيءَ لديءَ وارا هوندا هئا.

اهڙا مرجاوا وارا مرد ٻچن جي وچ ۾ ويهاريندي به پيا سونهندا هئا، جن جي وات وائي ئي هوندي هئي: جي امان! جي ادي!

نياڻي سياڻيءَ جي ساڃاهه به اهڙي هوندي هين، جي ڪو چار نياڻيون يا چار ڏاڙهيون وٺي، منٿائو ٿي، درئون اندر مٿي آيو ته ان جا مڙئي خون خطائون ۽ ڏوهه گناهه بخش ڪري ڇڏيندا هئا!

Gul Hayat Institute

ڏنڌي ڏاڙي، وڻج واپار، حصي پائيواري ڪم ڪن ڪنهن ساڻن ٺڳي ٺوڳي دغا ڪپٽ ڪئي ته: ”ڪني آڱر وڍي پلي“ چئي، اُن سان ناتا ٽوڙي ڇڏيندا هئا وري پلجي به ان جي چائنٺ نه چڙهندا هئا.

سنگت جا سچار، قرب جا ڪوڏائتا به وري اهڙا جو ڳالهه ئي نه پڇو، ڪنهن سنگتيءَ ساٿيءَ سڏ ڪيو ته سڀ ڪم سميٽي اِجهو اچي سهڙيا! ادا، ڇئو؟ هيءُ زر، هيءُ گهر ۽ هي سر سڀئي تنهنجي ملڪ آهن. هاڻ حڪم تنهنجو. مال صدقو سرن جو، سر صدقو لڄن تان!

سندن وندرون به عجيب هيون، خاص طرح ميڙن ملاکڙن جا شوقين هئا. ڪو سنپريو ۽ سينڌ هنيائين ته سرمو اکين ۾ پائي، تيل منهن کي مکي، سونهاريءَ کي ڦٽي ڏيئي ڪنديري، مڇن کي تاءُ ڏيئي وٺي، منهن مٽيادار بنائي ڪلهي تي کهاڙي يا ڪڇ ۾ ڪڙين واري لٺ ۽ هٿ ۾ تترن جو پڃرو ڪڇي نڪري ٻاهر ٿيندا هئا.

غيرت ته ڪو انهن کان سکي. ڪنهن لڄ لانبڙ کي پنهنجي گهر اڳيان ته نهيو پر پاڙي ۾ بيٺو ڪين سهندا هئا. جي پٽ ڪان پل چڪ پئي يا نڪ نرجائي ڪيائين، لوفر ٿيو ته هرگز ڪين ڇڏيندا هئس، پوءِ جيڪا مرضي راڄن جي، سندن به سا، پر جي ڪنهن جي ٻچڙي ٻڏائون يا ڪنهن غريب جا ڪک تڪيا يا جاڙَ جٺ لوڙهي لتاڙ ڪئي اتي

ئي چني ڳيا ڳيا ڪري ڇڏيندا هئس. مارينڊڙ مرڪندو کهاڙي يا لوڙهه سوڌو سرڪار ۾ اچي سجود ڪندو هو ۽ چوندو ته ”منڪر ڪي ماري آيو آهيان، اڄ هينئون ٺريو اٿم. هاڻ جيڪو حاڪمن جو حڪم، سو برسر چشم! نڪا للي نڪا چپي!“

جي ڪنهن سان وير وروڌ پين ته پرين تائين پيو هلندو هو، جيستان ڪِ پاروٽي نه ڪن يا ڪو سندن اڳيان جهڪي گوڏا نه کوڙي. ڪنهن ڪي بخشيائون ته پنج به ڇڏيائون ته ڏهه به ڇڏيائون، وري پڙڪ ٻاهر نه نڪتي، پر جي اڳلي جي مٿي ۾ واءُ پريل هوندو ته جتي به، جنهن مهل به بل ۾ آين ته اتي هٽي سڙهي رکندا هئس، پويان جو ڪو خيال ڪونه ٿيندو هئن ته پٺيان ڇا وهندو ڇا واپرندو، پر جي پاڻ پاڙو جهاڙو وٺي نه سگهيا يا پڇي نه سگهيا يا ڏينهن پورا ٿي آين ته پونيرن کي ورنائيندا ويندا ته مڙس ٿجو پلئو ڪجو، ننگ ناموس نه ٻوڙجو.

لوڙهي اندر پونگي هجي، پل ته ڪکن جي،
دشمن کي ڏيکارجي تڏهن به لوڏ لکن جي!

قربائتا به اهڙا: وٽن ڪو اوپرو اجنبي، واتهڙو يا مسافر اچي نڪتو ته خوش ٿي ڪيڪاري حال احوال وٺي، پوءِ مٽڪي جهڙيون ڏڏُپستيون مانيون تن تي چاٽو مکڻ جو رکي، ڏُنر وٺو ڏؤنري جو يا جنگو جهڻ جو منهان تار

ڪري آڻي اڳيان رکندس. چوندس ته ڪائي خوش ٿيءُ. ماني مولا جي آهي. پوءِ پل ته ڳيتون ڏيو پيو جند چڙائي ۽ مردن جي مانيءَ جي مقال ملڪن ۾ ڳڻ ڳوڻن ۾ ڳائيندو وتي، پر ڪو سينڌو سرتو، واقفڪار، سنوپرو سونهو ماڻهو يا ڪو نالو پچائي پهتو ته مٿانئس ٻلهار پيا ويندا. ڪلي ڪيڪاري، ٺڪر ٿانبو ڪارائي ڏاڍو آڌر ڀاءَ ڪندس ۽ پوءِ ويهي ڪينئون خبرون وٺندس. جي ساڻس ڪو وهٽ وانو هوندو ته ان جي به پرگهور لهندا، ڳاهه داڻو هوند سارو آڻي حاضر ڪندا، پوءِ وطن ورڻ ڏيندس. اجا به جي ڪو پير مرشد عالم يا الله لوڪ وٽن تڏي لنگهي آيو ته گهورجيوَ پيا گهوربا، سندس اچڻ تي پاڙ ڪي پاڳ وارو پائيندا. منجهانئن جيڪي مريد خادم هوندا سي ته هٿ جوڙيو پير ڪوڙيو حقيا تڪيا حاضر بيٺا هوندا. پاڙ ۾ ڳڏجي مصلحت ڪري، سيڪڙ سنت، فرائضه، چاليهو، ڏَنَ پٽ جيڪو سرين سو سموهي، ادب سان آڻي مهندان پيش ڪندن، وڏي ڳالهه ته سندن رهڻ ۽ ٽڪڻ تي بهار بهار پيا ٿيندا.

Gul Hayat Institute

سڏيءَ سڏ ڏيڻ جي عادت به منجهن سڦري هئي. ڪنهن ماڻهوءَ جي مرڻ جو ڪن تي پڙلاءُ پين ته ڪم ڪاريون ڪوتاهه ڪري، اُن جي پٿر تي پير پري ايندا، اچڻ سان ڪم ڪي جنبي ويندا. هر ڪو هٿو باري پيو ڪرائيندو، تان جو مئي جو سانگ سرهو ڪري وٺندا.

ڪنهن بي پهچ يا اپري ٻاءُ کان بني نه ڪڙي، لاهه نه نڪتا ۽ ڪاٽي نه ڪنئي ٿي، ته همراهه پٽن ذاري ماني ٻڌي اچي ونگار وهندا. اصل هڪبئي سان چيڙ چٻير، آبت ونگار، وٺ بيگر ۾ پاڻهن ٻيلي ٿي بيهندا هئا، چوندا هئا ته اهو مڙس ڪهڙو جنهن کان مهل گسي وڃي!

ساڳيءَ طرح شادين مرادين، وهانئن وڏائڻ ۾ پنهنجو توڙي سياءَ ٻاءُ جو سڪارج ڪوڏان ڪوڏ ڪندا هئا.

ڪا پاڙي ساڙي جي نياڻي نينگري، ڪڙهه اُڪري آئي ته امان، جيجان يا ادي چئي مٿي تي هٿ رکي، پرم ٿئي شل! دعا ڪري پليڪار ڏيندس. پر جي ڪا پرانهين پنڌ تان يا ڏسائتي مائي آئي هوندي ته پوءِ ڏاڍيون مهمانيون جهلي، اوڏيون اوڏائي پوءِ روانو ڪندس. ڪنهن کان لاچاري حالت ۾ ڪو قرض اوڌر ڪنيائون ۽ ڏيڻ ۾ چرڪائي ٿي ۽ اُن منهن پائي گهرين ته هوڏ هرگز ڪين ڪندا هئا. هٿ جوڙي معافي گهري چوندا هئا ته برابر ڏينهن جا ڪوڙا آهيون پر قول جا ڪوڙا ڪين ٿينداسين. جيءُ جيءُ ڪري امانت ڏينداسين، اسان جيءَ ڳچيءَ توهان جي هٿ ۾. پر جي حياتيءَ تي ڀروسو ڪونهي انسان مئو ويٺو آهي آدم، دم نه دم ڪنئي جهڙو ته منهنجا پٽ ويٺا آهن. پيءُ مڙهي تان ڪڏهن به خلق نه ڪلائيندا. حلالي ٻچا آهن ڪوڏي به ڪانه

رڪندا، رقم رئي جهڙي پري ڏيندا. تون ڪنهن قسم جي هوراڪورا ۾ چنتا به نه ڪر!

جي ڪنهن سان ٺاهه يا راضينامو ڪيائون ته دليئون جانيئون ڪيائون ان بابت وري حرف به زبان تي نه آندائون. گئي، گذري! مثال چوندا ته: ”ماريئي ڪان وري به پڏايو چڱو!“

پاڙي جي پريت جا ته پروانا هئا. پاڙيسريءَ تي ته پڳهه ڏيندا هئا. ڪنهن جي چوري چڪاري ٿي ته اڳيون اڳتي ۽ پويون پوئتي رهيون. پيراڻ سان پير ڪڍندا وراڙا وٺي، ووڙون ڏيندا وڃي اها وٿ هٿ ڪندا هئا، جي نه ملي ته ڪاڻ پيئڻ حرام ٿي لڳندو هئا. ڪل ڪم ڪريم جي حوالي ڪري چورن ڪڍ ڪاهي پوندا هئا. پير پڳ ڪڙيندا ڪر، نونهيون نشان ڪندا وڃي ڪنهن واندِ يا پاڻاريءَ تي پوندا هئا. سندن چوڻ هوندو هو ته جي اڄ هن سان همراهي نه ڪئيسون ۽ سڀاڻي جي اسان سان به اهڙي ٿي پوي ته ڪير پڇندو به ڪونه.

ڳوٺ پاڙي ۾ اگهي سگهي نه رڳو هڪبئي کي وڃي پڇندا هئا، پر زالين مڙسين ولر ڪري ويهندا هئا. راتين جون راتيون اوجاڳا ڪري بيمار جي پرگهور پيا لهندا هئا. ڪي ته سڪالي سان ڳڏ گوڏو گوڏي سان بيڪڙي ويٺا وندر ورونهه ڪندا. هن کي وقت بوقت آٿت ۽ دلبريون پيا ڏيندا: خيال نه

ڪر، اگھائي آھي چڙھي ويندي، ھينئون نه ھار، ڳتي نه ڪر، ڪم ڪار سڀ سولو پيو ھلي. الله سائين سگھو ئي اٿاريندءِ پيرين سيرين ٿيندين، پنھنجيون اَڏيون مڏيون ڪندين، ھلڻ ھلائيندين. اگھي جي به دل وڌندي ته ندڻڪو ناھيان. جي چوڻو، اوڻو ناھي، ته اُٿي ڪڙو ٿيندس. تان جو نؤ بنو ٿيندو ويندو. پاڙي وارن جيڪي ساڻس پال پلايا تن جي ھڪڙي ٿوري به نه پيو پڄندو. ائين زبانان پيو چوندو ته بيشڪ پرين اُھي، جني پڪا پکن اوڏڙا! پاڙو ابو اما آھي!

ھنن جو ڏڪاري سان ڏڪپائي ٿيڻ سڦلو شيوو ھو.

تن ڏينھين، منھ مارڪي ننڍ وڏائي جو پڻ خيال رکيو ويندو ھو. ڪا چيڙي نبيري پئي ھلندي ھئي ته مجال آھي ڪنھن ڪلھڙ ڪپوٽ يا ٺاھڙ ٺوٺ جي، جو وچ ۾ ٽپي پوي! سڀڪو ڳل کي ھٿ ڏيو پيو سڻندو، جيستائين نيت نياءُ نبري دنگ ٿئي، پر ڪنھن کي ڪا سھڻي صلاح سجھي آئي ته سرتيو ٿي سليندو ھو.

اڳلا به عقل ۾ ڳڻتي جي ملوڪت کي پرکي سھي ڪري وٺندا ھئا. سچ ته نيڙو بار به منھن تي ئي ڦھڪائي ڏيندو ھو، جي ڪنھن کي سچ نه آئڙي ته پنج پچائي ڪائي. سچ ته بيٺو نچ!

جي ڪنهن پاڻئون وڏي يا پريي مڙس لڳائي چڱائي تان چار اکر ڪنهن کي چئي وڌا ته سپڪو صبر سان سهي ويندو هو.

ٻني ۽ وني لٽائڻ عيب هئي: تڏهن به ڪو ٻنيءَ تي گاهه پٽي لاءِ حج ڪري هلي آيو ۽ مالڪ کان موڪلائي وڃي پنهنجو ارٿ ڪيائين ته مالڪ ڪين ڪيٻائيندو هو، ٿي سگهيس ته هٿوباري به ڪرائيندس.

وهنوار جا به سدا ملوڪ هئا. ڪس ڪٽر کي ڪين ڏسندا هئا. واڻين کي به چئي ڏيندا هئا ته: پائي! ساک پت، دين ايمان توتي! پوءِ پل ته مهندائن پيڏيون هٽيون پيو پچي، تڏهن به ائين چوندس ته کي ڪين ورندءِ ”هڙ هالا، منهن ڪالا“ بي ايمان جو خدا منهن پاڻهي ڪارو ڪندو. ويٺو ڏس ته جيڪو ڪندو سو پريندو.

ويساهه وسوڙل به اهڙا، جو ڪنهن ڪار وهنوار ۾ نياڻيءَ، پٽ، پير مرشد، کير پٽاري، اَن رزق جو سونهن قسم کنيو ته دنگ ٿي ويو. مڙيئي مدايون معاف!

قياسي اهڙا، جو وسئون ڪيڙي به ڪين لتاڙيئون. چوندا هئا ته جو پاڻئون ساهه، سو ٻين سنئون. چغلي چائيءَ کان ڪنارو ڪندڙ هئا. سر تي ٻري آين ته مٿي ڪري پوڳيندا هئا، به چاپڙائي مان ڪين چاڻندا هئا، منافق جو منهن ڏسڻ به پسند ڪونه ڪندا هئا!

ڪنهن جو نيمڪ (نمڪ) کاڌئون ته ان ڪاڻ مري مٽ ٿيندا هئا. زالون به صحابت پريون، سترونڊ، سيلوان هيون، ڪي ڪي ته ٻنهين ڌاڙهين جو مٽ هيون. جو ڪم مڙسن کان پورو نه ٿيندو هو، سو زالون پاڻ ڪري ڏيکاريندڻون هيون. بيشڪ اُهي مائٽن ڪير پي چايون هيون.

ان ٿاڻي حياءُ هو، حقيقت هئي، لڄ هئي، شرم هو. بلڪ چا چا نه هو! گهرن ۾ سگهڙ جوين جي ڪچرائي ۽ چيگرائي سان ته پوندي ڪين هئي گهر لنبي، ٻهاري سوهاري اهڙا کٽي اچا ڪنديون هيون، جو پٽ تي ماني رکي کٽي کاءُ ته به سونهي!

ٻار تاتڻ تنجڻ، پالڻ سانڍڻ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هيون. چا جا ويچ ته چاجا طبيب، پاڻئون واڻئون پچار پيون ڪنديون هيون، ٻڪي ستي، ڦڪي ڦيڻو پيون ڪنديون هيون. ڪڏهن ڪنهن ڊاڪٽر جي ڪاڻ نه ڪيپائون!

سچيون، وفادار، هڏ ڏوکي، مڙسن سان هر حال ۾ ٻانهن ٻيلي، بک ڏک ۽ تڪليف جون ڏاديون، هٺ جون سچيون هيون، جيڪي بدچال ۽ ٻاهر پيريون هيون، تن لاءِ چونديون هيون ته ”آهر آٽي او بٽي ته رن وچائي رنبو!“ اهڙين کي اک ٽيٽ ۾ رکنديون هيون. طاقت نه هين جو هنن لوڙهي اندر لڄ رکندڙين کي تال مڪر ڪري برمائي وڃن. بک ڏک تي اهڙيون شاڪر جو چونديون هيون ته

هتي جا ڏولاوا ۽ ڏاڪڙا قادر ڪٿي مهندَ جا سوجهرا ڪري ڏيندو!

سي ئي سکر ڏينهن، جي مون گهاريا بند ۾!

**ڪچهريون:**

روئي ۽ رڙي، ڪڙي پير پنهونءَ جا!

ڪچهري لفظ جي معنيٰ آهي ڪي + چهرا يعني چار صورتون ڪٿي اچي ڪٺيون ٿين.

سنڌ ديس ۾ ڪچهرين جو تمام گهڻو رواج هو ۽ اجا به آهي. جهرجهنگ ۾ ڏنارن ۽ پهنوارن جون ڪچهريون، هارين نارين جون ڪچهريون. جيڪي نارن ۽ هرلن تي ڪندا هئا، ڳائڻن ۽ ڪافيرن جون ڪچهريون، آيل مهمانن سان ڪچهريون، ڳوٺاڻن جون پاڙ ۾ ڪچهريون. ان ڪان سواءِ هن ديس جي جدا جدا حصن ۾ ڌار ڌار ڪچهريون ٿينديون هيون. مثلاً ٿر پارڪر جي ڪچهرين جو نمونو هڪڙو هو ته ڪوهستان جي ڪچهرين جو ڍنگ ٻيو، سري يا اتر جي ڪچهرين جو رنگ اور هو ته لاڙاين جي ڪچهرين جو ڊول ئي نرالو هو. مطلب ته ڪو واهڻ وسي ڇڏي هوندي، جتي ڪا ڪچهري نه ٿيندي هوندي.

وڏيون وڏيون ڪچهريون ته ڇڏيو، پر جي به - ڳوٺائي، يا به - پائر گهڙي پل ڪاڻ هڪبئي کان ڇڇي ڌار ٿيا ٿي ۽ وري اچي ٿي گڏيا ته هڪبئي کي کيڪاري جدائي واري

وقت جي لاءِ ويهي پاڻ ۾ ڪچهري ڪري حال احوال اوريندا هئا. حاڪمن جون ڪچهريون انهن کان الڳ هيون. اهو زمانو سهانگائيءَ جو هو پٺيان جي اون پلي پئي هوندي هئي. نڪي هيون ايتريون. چوريون چڪاريون، نڪي مڪر فريب ۽ نڪا هٿ ڪس، هڙو دغابازيءَ جو دور ڪونه هو، جنهن ۾ حرام توڙي حلال جانورن جي ”ملڪ پائوڊرن“ مان کير بنائڻ، نباتات مان بناستي گيھ ٺاهڻ، هر شيءِ ۾ ڪانه ڪا ملاوت ڪرڻ جي هنن کي ته ڀوجھ ئي ڪانه هئي. اصل ”سچ سير ڪاري ٻڪري اڇو کير هو“! آءٌ توهان کي اڄ هڪ ڳوناٽي ڪچهري بابت يادگيري ڏياريان ٿو. ڳوناٽي ڪچهري، وڏيري جي اوطاق يا اوتاري ۾ لڳندي هئي. اوتاري کي ٻهاري سهاري چٽڪار ڪري نوان تڏا ۽ توئنريون پکيڙيا ويندا هئا. جي سيارو هوندو هو ته باھ جي مچ جي چوڌاري جنهن ۾ وڏا دوڳ (بنڊ) پيا دُکندا هئا، ڪچهري لڳندي هئي. هڪڙيءَ ڪنڊ ۾ مٽ ناديون يا دلا ۽ ڪوئنرا هوندا، مٿن تي چليون يا ٽپيون پاڻيءَ ڪڍڻ لاءِ رکيل هونديون هيون، پر جي اوطاق تي ڪچهري لڳڻي هوندي هئي، ته اتي پڻ اهو سامان موجود رهندو هو البت وڏيري يا رئيس لاءِ رليءَ جي گادي يا عزت وارن ماڻهن ڪاڻ پيڙها، منجيون مرڙا ۽ صندليون رکيل هونديون

Gul Hayat Institute

هيون. ڪو سيد پير آيل هوندو هو ته ڪچهريءَ ۾ ان ڪاڻ ڪٿ به رڪائي ويندي هئي.

ڪچهريءَ ۾ ڪي ڳائڻا ضرور هوندا هئا جن ۾ گهڻو ڪري الوميان! وارا يڪتاري تي ڳائيندڙ اچي حاضر ٿيندا هئا. يڪتاري سان ڍولڪ يا دهل ۽ گهڙي جي وڄت ۽ سنگت اوس ٿيندي هئي. ڪلام ڏوهيڙي ساڻ ۽ ڏوهيڙو ڪلام سان شامل هوندو هو. سڀڪو ماٺ ميٺ ۾ پيو سڻندو هو. جتي تال پورو ٿيندو هو يا ڪلام ختم ٿيندو هو ته واه واه ٿي ويندي هئي ۽ وري جوڙي سجوڙي جي فرمائش مٿان پئي نازل ٿيندي هئي. اهڙي طرح ڳچ رات ڪلام ٻڌڻ ۽ اُنهن جي ماٺ ڪرڻ تي، ملڪ جو واءُ سُاءُ، هڪٻئي جي حال احوال، ڏينهن ۾ ٿيل ڪمن ڪارن جو جائزو وغيره سڀئي ڪم پيا ٿيندا هئا. صوفين جو سنگ هوندو هو ته پاڻ گهنگهر يا نورا ٻڌي نچندا به هئا، ته ڳائيندا به هئا. ڪٿي ڪڏهن ناچو به اچي نڪرندا هئا. گهڻو ڪري ڪافير ۽ ڳائڻا آسپاس جا هوندا هئا، پر ڪو ٻاهرتو مشهور ڪافير اچي نڪتو ته پلان پلي ٿي ويندي هئي. هوند سارو انعامن جي مٿن ورڪا ٿيندي هئي. ڪي ڳائڻا ڍول مارو ۽ دودي چنيسر جي ڳالهه ڳائڻ سان ڪٽندا هئا.

Gul Hayat Institute

ڪٿي ڪٿي سگهڙن جون ڪچهريون لڳنديون هيون، جن ۾ ڳجهارت، ٻجهارت، ڏٺ، پرولي، دوراهو، ڏور، هنر، سينگار، ڪچهريءَ جو سينگار بنبا هئا.

ڪڏهن ڪنهن آيل مهمان سان ريجهه رهاڻ، رس رنگ لڳندو هو. آيل کي ٻڪ يا پاڪر وجهي ملي، پوءِ هڪ منان ٿي ويهي کيڪار ڪندا هئا:

1. خوش چاق، چڱو ڀلو، نيو نمرو، نؤبنو، ميو متارو، جوڙ جوپ پاڻ پرو - سدا خوش هجين!
2. ننڍا وڏا، ٻار ٻچا کير پٽ، مال رزق - سڀئي خوش!
3. اوڙو پاڙو، سنگت ساٿ، ڳوٺ راڄ - مڙئي خوش!
4. هاري ناري، ڏور ڏيگا، وهٽ وانا - هڙئي خوش!
5. سيدين پيرين مرشدين، مريدن، خادم خليفا - سڀ خوش ”هي خاص خليفي سان کيڪار آهي“.
6. نوڪر چاڪر، ٻيلي ٻانها، ٻنيون ٻارا - سڀئي خوش ”هي وڏيري يا رئيس سان کيڪار آهي“.

آيل ماڻهو ورنديءَ ۾ ڪل خير، پلائي هجنوَ، سڀ خير، الله جون پلايون، ٻاجهون، رب جو ڪرم، دعا آهي، آمين، رحم، مهرباني، شڪرانا وغيره چوندو رهندو.

ان نموني هر هڪ ڪچهريءَ وارو هن آيل سان خوش خيروعافيت ڪندو چشي ڏيندو ويندو ۽ آيل به ورندي ڏيندو ۽ شڪريو بجا آڻيندو رهندو، تان جو سڀ کيڪاري بس



Gul Hayat Institute

ڪندا. هاڻ هلنديون خبرون چارون. يار! ڏي خبر ته ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟ ڪيئن هن پٺ پير ۾ پڌاريا اٿوَ؟ ڪيئن هيڏانهن پير ڊگها ڪيا اٿوَ يا ڪيئن پنڌ پيا آهيو؟ يا اسان تي ٻاجھ ڪئي اٿوَ؟ اڄ اسان کي ياد ڪيو اٿوَ؟ آيل چوندو ته خبرون مڙئي خير. ميزبان چوندو: ڪپي ٻه خير! جيءُ!

آيل نالي، ذات ۽ ڳوٺ جا واقف آهيو ”جي واقف نه هوندا چئي ٻڌائيندو“ پائر آهيون. اڙيءَ اوڏيءَ هڪبئي وٽ پيا اچؤن وڃؤن. ڳالھ هيءَ آهي ته الله جي پلائيءَ سان اٺ جوڙا کن پنهنجا اٿئون. زميندار جي اٽوٽ ۽ ڪٽ پٽ سان گڏ سندس ڪاروهنوار ٻه اسان سان سڻو ڪونه ٿو هلي، اسان سان پائي کنئي اٿس، گهٽو ئي ستايو سونس، چوڻ چائڻ ڪراياسونس، سونهن ساکون ڏنيون سون، پر پنهنجي نواڙيو بيٺو آهي. چئي ٿو ته ”سهي جون ٽنگون ٽي، چوٿين ٿئي ڪانه!“ آهي ڪمدارن ۽ ڪارندن جي چورت ۽ چائت تي. سو پاڻئون نڪو ٿو ڪري پچا نڪي ڳاچا، نڪي ٿو سڻي نڪي ٿو سمجهي. اهو ڳن اهو ڪهاڙو، نڪي ٿو پرجهي نڪي پروڙي. سندس ڪامين جي مرضي آهي ته هنن کي لڏائي ڪي ٻيا راڄ آڻيون. پس پيش پوءِ جو ڪڍي چڏين، تنهن کان چيوسين ته اپريءَ کي سمجهندي پلاڻجي، ڪو اُٿي بلو سلو ڪجي سو هلي آياسين خبر هئي سون ته فلاڻي زميندار وٽ اسان جا مائٽ يا ذات پائي (پائر يا سنگت

وارا يا پير مرشد) پائي رهن ٿا. الله عزت وارو ڪيو اٿن. پنهنجي سنهنجيءَ وارا آهن. اسين به غريب ٻچڙيوال پورهيت آهيون، سنهان ٻچا وٺي ڪيڏانهن ٽلڪون، سو اچي توهان جي پناري پئون ٿا. ۽ توهان جي ڪکن پيڙا ٿيون ٿا. من پنهنجي زميندار کي چوائي ڪٿي ڪو ٻنيءَ ٽڪر وٺرائي ڏيو ته واٽ وهندي ٿي پوندي، ٻيو ڪک پن گاهه جي سٽي ڪانسواءِ هاري ۽ مال وندوءَ ماڻهو اُٻهرا ٿي ٻاهر ڪٿي نڪري به نه سگهئون جيستائين ڪو انسٺو ٿئي. سو هڪلي آيا آهيون. هاڻ سڀ الله جي وس، توهان پائرن جي وس آهي. غريب اَپرن پائرن تي هٿ رکندؤ ته سدا سکي هوندؤ. الله ڪندو ته ڏکيو ڏينهن نه ڏسندؤ اهي آهن حال احوال ٻيو مڙئي خير!

هڪ چوندڙ چوندو، بس بس ڳالهه به ايتري! پاءُ آهين، پلي آئين- جيءُ نچ آئين! سدا آئين! اسان جون اکيون توهان جا پير، ڏک سک وندي ورچي پيا ڪائينداسون، توهان جا ٻچا سي اسان جا ٻچا، ڪڙم ڪميٽا ڪين آهيون. زوراور بادشاهه! الله الائجي ڪهڙين ڳالهين ۾ راضي آهي! پائرن وار وٺي ڪانهي. اسين ڏاڍا خوش ٿيا آهيون. الله چڱي ڪندو. زميندار سٺو ماڻهو آهي. اسان جي ڪڙم کي پنهنجا ٻچا ڪري پائيندو آهي. اسان به ست پيڙهائتا سندس هاري آهيون. ڪڏهن به اسان جي ٻچن ۾ ٻچڙي اک يا اسان جي

ڪمائي ۾ ڪوڏيءَ جي لالچ به ڪانه رکي اٿس، نڪي ڪو ليکي وهنوار ۾ ڏاڍ زبردستي ڪندو آهي، الله ڏينهن ڏئيس! اسان کي گهڻو مانُ ڏيندو آهي، چوندو آهي ته ابا، اسان پاڻ توهان جي پورهيي تي پيا پلجون، جي مڙس ٿيو حق حلال جي روزي پيا ڪمائيندؤ ته ڪنهن کي مجال ناهي جو توهان کي هڙ به چئي سگهي. اسان به حلالي پٽ آهيون ابي سمان ٿا سمجهونس. هو پڪ اسان جو چوڻ ڪندو. تون وري به ڏينهن - ٻه رکي اچي حال ونجان“. اسان سڀئي گڏجي چونداسونس اميد ته اسان سان ناڪار نه ڪندو. اسان جي ڳالهه رکندو. زمين ته يار! گهڻئي پئي اٿس پر ڪو مڙس ٿي ڪمائڻ وارو ڪونهي. پڪ چاڙ ته اهو ڪم ڪري وجهنداسون.

اهڙيءَ طرح ڪي وري آيل کي ماني ٽڪي ڪارائي پوءِ خبرون پڇندا هئا ۽ جي همراه تڪڙو هوندو هو ته پهرين ڪم جو بلو ڪندا هئا، پر جي ڏينهن پهر ترسڻ جهڙو هوندو هو ته ترسائي خوب روح رهاڻيون ۽ خدمت چاڪري ڪري پوءِ جي ڪانئن هن جو مطلب پورو ٿيو ته واه نه ته ڪو پتو پار، هانءَ مشڪان، دلڌير ڏيئي همراه کي روانو ڪندا هئا. رواني ٿيڻ تائين به ڏي، تسليون پيا ڏيندا ته خيال نه ڪجو، اهو ڪم اسان جو پنهنجو آهي، الله گهريو آهي ته سڀ ڪم ڪاريون ڇڏي اول توهان جو ڪم

Gul Hayat Institute

ڪنداسين، ڳٽتي بنھ نه ڪجو. ماڻھن جا ماڻھن ۾ ئي ڪم ٿا پون، ست به سڙائي توھان جو ڪم ڪبو رکو الله تي!
ھو ھمراه (اڙيات) به پارتن تي پارتون ڪندو پيو ويندو، جي وھٽ تي ھوندو ته ساڻس ٿورو اڳيرو يا پيادل ھلي اُماڻيندا. جي پيادل ھوندو ۽ سلام واري ھلڻ جي ڪندو ته چوندو ويندو ته چڱو پلا ھاڻ يارو ياري، خدا حافظ، موڪلاڻي ڪانھي! سدائين گڏ آھيون. ھو به سلام جو جواب ڏيئي پوئتي ورندا.
جھڙي آيس جئن، تھڙي ملان تن کي، قران، قرَ چاريان، ھنئن چئم ھئن، وَجان ڪئن وطن ڏي، ڪاڻ لھنديم ڪيئن. مندائتي مينھن، سونھان سرتين وِچ ۾!

------

[(1)](#) انھن لفظن جي معنيٰ "ماڻھين اٿھي ھجي شال" اھڙي طرح ٻيا. (ليکڪ)

[(2)](#) جوڻھين، سسٽيھن ۽ ڏيٽھين ٺئي مامتا جي ڪري آسيسائي لفظ ۾ آيل آھن. (ليکڪ)

[(3)](#) عبرانيءَ ۾ ڪورين جو ھڪ لفظ "عدلڪ" آھي، يعني وزن کي برابر رکندڙ، سنڌي ڪوري ان کي "اذ لک" چون، ھن ۾ اُچار جي ڦيرگھير ٿيل آھي. (ليکڪ)

Gul Hayat Institute

(2) اگهم ڪوٽ، هتي مشهور درويش مخدوم محمد اسماعيل مدرسو برپا ڪيو. هو اصل گجرات جو هو سيلاني هئڻ ڪري، هن وڏا سفر ڪيا: چين ۽ دهلي مان ڦرندو سنڌ ۾ آيو. چين مان ريشم جي هنر جو واقف ٿيو. وتس پري پري جا شاگرد علم ۽ هنر سکڻ ايندا هئا. جاڙيجا قوم جي ٻن شاگردن، ماڻڪ ۽ ذويڏي جي اصلي ڪڇ جا هئا، هن کان علم ۽ ريشم جو هنر سکي سڄيءَ سنڌ ۾ پکيڙيو. اڄ به سندن اولاد اهو ڪم سنڀاليندو اچي - مؤلف.

(1) اهڙو هڪ مضمون، شاهه حبيب جي حويليءَ جي نالي سان ليکڪ جو ڇپيل آهي. (نظرثاني ڪندڙ)

(1) ٿر ۾ کوھ تي پاڻي ڇڪڻ واري اهڙي اُٺ هلائيندڙ ماڻهوءَ کي ڪيليو چون. (نظرثاني ڪندڙ)

(1) ميزون، ڪرسيون، موڙا،آرا، ڪرسيون، ٽپايون، بئنچ، اسٽول هاڻ ٺا ڪم اچن.

(1) هاڻ ته چيني ۽ شيشي ۽ ڪاشيءَ جا باسڻ قطارن ۾ رکيا ٿا وڃن. (ليکڪ)

(2) ڪپٽ هاڻ نڪتا آهن ۽ چمڙي جون بڱون به هاڻ ڪم اچن ٿيون. (ليکڪ)

(1) لوهه جون تغاريون پوءِ نڪتيون آهن. (ليکڪ)

(2) استريون هاڻ نڪتيون آهن. (ليکڪ)

(1) هاڻ ڏندڻ جي جاءِ تي ٿٿ پيسٽ استعمال ٿئي ٿي. (ليکڪ)

(1) مڄٽ: اهو لفظ لطيف سائين ڪتب آندو آهي.

”روئان رَت مڄٽَ، هاڻ تن پرين ڪي.“ (نظرثاني ڪندڙ)

(1) بيڙيون، سگريٽ ۽ هاڻ ته گٽڪن ۽ ميم پوريءَ جو رواج گهڻو زور ٿي ويو آهي، جنهن سان انيڪ بيماريون پڻ ٿين ٿيون. (نظرثاني ڪندڙ

Gul Hayat Institute

[(1)] محترم ليکڪ جو ساڳئي متن وارو مضمون، ”انهن کي ٿو ڳوليان“ واري عنوان سان رسالي ”نئين زندگي“ماهه اپريل 1968ع ۾ شايع ٿيل آهي. (ادارو)

**

# باب پيو

# ريتون رسمون

## مون ماروءَ سين لڏيون، لوئيءَ ۾ لائئون!

## پرڻي جون رسمون

### سڳ جي ڳولا:

چوکر وڏو ٿيو، ساماڻو ۽ ڪٽيءَ ڪمائي جهڙو ٿيو ته مائٽن کي لڳندي هوراکورا ته پنهنجي جيئري ئي آسون اميدون ڏسن، ”الهه جڙئي“ کي پرڻائي ارڻائي وجون. حياتيءَ کي بقا ڪونهي، الائجي ڪير مرن ته ڪير جيئن! پوءِ، جي چوروچنو ٿيو پيو ڏڪا ڏوما کائيندو، تنهن کان ڪيس اڏي گڏي وجن مائٽن جو ئي جس آهي![(1)]

ماءُ کي ته ماڳهين جهوري لڳي ويندي. ”پنهنجائپ ۾ ڪا ڏاڏي پوٽي ملي وجي ته چڱو“ ڪيئن انسنا پئي جوڙيندي ۽ ڦتائيندي. نيٺ اٿندي وروڙون وجهڻ، باسون باسڻ ۽ مڃتائون مڃڻ. راڄ - ڀاڳ سپ ڏوٽيندي. جي پنهنجائيءَ ۾ ڪا نينگر آماڻيل ساماڻيل بوراڪ ۽ ويٺل نظر چڙهيس ته

Gul Hayat Instutute

سک ڦٽي پوندس. هن سان ڪينرو پئي ڪندي، چي: جواڻ جماڻ ڏيءَ گهر ۾ ويهاري انصاف ٿا ڪن! چڻ مٿي جي جوُن مئي پيئي اٿن! مائي، اهڙا به ڪي مائٽ چئجن! وڏا چوندا هئا ته جنهن گهر ۾ ڏيءَ سامائجي، اُن گهر جو تيسين پاڻي پيئڻ به حرام آهي، جيسين فرض نه لاٿو اٿن! مائي! اڄ تيل ڪونه ٿو ٻري، پر رت ٿو ٻري، گهر گهر ڪي پيو ڪائيّ آڏو ڏائي سپڪنهن ڪي وٺي ويئي آهي! اسين جي غريب آهيون ته به الله ڪيا آهيون ته جهڙن ئي اشراف! ڪو سندن ذات پات، مٿي مائٽي ۾ نه به آهيون چا! جي منهنجي الهه جوڙيي ڪي سگ ڪٽي ڏيندا ته ڪو نڪ ڪونه لهي پوندن! ابو ابي جهڙو ڏاڏو ڏاڏي جهڙو، ڳالهه تيهان ئي تيتري، گهوڙي ڪن ٻئي برابر!

جي بدي (بدلي يا ڦيري) تي سگ ڪرڻا هوندن ته چوندي، اسين به پاڻ وٽ ڪپرُ ويهاريو ويٺا آهيون، آءٌ پهريائين پاڻ ڪي ٿي گار ڏيان، پوءِ ٿي ڪنهن ٻئي شريڪ پاءَ جو نالو وٺان. ڏيئون ته شل دشمن پيٺان به نه چمن! منهنجي چوڪري ڪي چا ٿيو آهي، ڪهڙي منجهس وِڏَ آهي: ڪو منڊو آهي، ٽنڊو آهي! ڪارو آهي يا ڪاڻو آهي، جو اسان ڪان پنهنجا پري ٿا پچن! الله ائين، ڪيس ساڃه بخشي آهي. پنهجي ڏنڏي ۾ پورهيي پوئتان رات ڏينهن رُڌو پيو آهي. ٽڪو ڪمائي ٽڪو ڪائي، ڏهن جو پيٽ پاري! اشراف به

Gul Hayat Institute

وري اهڙو جو نياڻين جي وچ ڪٽي ويهارجيس! سپڪنهن سان امان! ادي! ڪان سواءِ ڳالهائي ڪونه. الله ڏينهن ڏئيس باقي جهڙي ردِ ڏنوَ!

**زالاڻي ڳالھ ٻولھ:**

ميان الھ جڙئي جي ماءُ هر هنڌ اهڙا قصا ۾ ڪؤنسلا ڪندي وتندي. تان جو ڪي همدرد ۾ هڏ ڏوکي زالون پيدا ڪري وجهندي. پلا زالون زالن جو ڪاج، سو ڪٿي نه ڪٿي، ڪنهن منھ مارڪي (معرڪي) ۾ اهو قصو به چڙندو نبرندو. چوڻ واريون چئي ڏينديون. جي ٻي ڌر ”آنھ“ ڪئي ته اُهي مايون چونديون ته: اسين راضياڻيون آهيون، پر اسان جو وس ڪونهي. مڙسن جي ڪن ڳالھ وجهي ڏسو ته چا ٿا چون. اسين به ساڻن ذڪر چوريندیونسين، هشڪاريندیونسون ڪٿن پوءِ مائيءَ جا پاڳ!

ڳالھ، نئون سئون، نيٺ ته هڪڙي ڏينهن، نينگريءَ جي وارثن کي به ڪنڻڪ ڪن پوندي ته فلاڻا اسان کي چڪين ٿا ۾ سڱابندي ڪرڻ جي لاءِ آتا آهن.

Gul Hayat Institute

**مرداڻي ڳالھ ٻولھ:**

هاڻ ملندو مردن کي وارو، ٻه - ٽي جڻا پاڻ ۾ پيهي، رات جو سهي سنپري اچي چتايل پاءَ جي در جو ڪڙو ڪڙڪائيندا. ضرور ڪا پهر ٻاهر نڪري ايندي. آيلن کي ڪيڪاري، وٺي آڻي اوطاق يا اوتاري ۾، ڪٿي گهر يا پڌر

تي ويهاريندا. چلم تيار ٿي ويندي. مانيءَ ٽڪيءَ جي صلاح هٽندن، پوءِ وري وڏي پريي جي اچڻ تي نئين طرح ڪيڪار ڪرڙي ٿيندي: ادا، ڀلي ڪري آئيو، خوش چاق، چڱا ڀلا جوڙ متارا، مردانا، ڪير پٽ، ٻار ٻچا، ننڍا وڏا...... سڀ خوش؟ آيل ورنديءَ ۾ ڀلائي هجيوَ! دعا آهي! شڪر آهي! رب جون مهربانيون آهن وغيره وغيره! چئي جواب ڏيندا. وري مهمان به ساڳيءَ ريت گهروارن کي ڀليڪار ڪندا. ڪيڪار پوري ٿي ته پوءِ هلنديون ڳالهيون.

نينگريءَ جو وارث: ڏيو خبرون چارون خير جون ته ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟ آيل خبرون مڙئي خير! ذات ڳوٺ نالي جا واقف آهيو. ڀائر آهيون. ڀائرن ورَ ويچو ڪونهي. فلاڻي کي سڃاڻو ٿا. ڏٽيءَ جي ٻاجھ سان سندس چوڪر ڪرائيءَ قوت وارو ٿيو آهي. رب سائين شل بخشي بچائي ڏئيس! هڪڙي تند اٿس. مائٽ جي دل. سو، چيائين ته ساهه تي بقا ڪونهي، اِنسان مئو ويٺوآهي. دم ڪنيو نه ڪنئي جهڙو! توهين ڀائر آهيو. چيائين ڀلي! هلو ته هلي فلاڻي ڀاءَ کي ڏسون. ڀاءَ جي منٿ ڳري ٿي. ڪم ڪاريون ڪٽي ڇڏيونسين، هاسيڪار (حاصل ڪار) هڪلي آياسون. چيوسون ته اول آهن پنهنجا، سيواڻي چريو ته پي پٽر اچلي گهر ڏي! پڪين ٻيرين ۾ هرڪو ٿو پٽر هٽي! ٻيو سارو خير! (انهي وچ ۾ ڪو بلغاري چلم جو ٻُڙڪو پيو ڪندو

ته ڪو ٻيانگڙيءَ ۾ ٻيڙي تٽڪيو ويٺو هوندو ته ڪو ڪڪَ پيو پٽيندو. سڀئي انهيءَ ويچار ۾ ماٺ ۾ هوندا ته هاڻ ڏسون ته ڪهڙو ٿو مانُ مليس!)

**مائٽيءَ جي پڪ:**

سڳ جي ڏيٽو هوندو ته ان جو وارث چوندو ته: آءٌ پائرن ڪان پري ڪونه آهيان. اَڪَ ڪاڏي ڏيءَ ڪاڻ پائرن کي بي مانو ڪونه ڪندس. نياڻيءَ جو جيئن لکيو هوندو تيئن ئي ٿيندو. ڏک سک الله جي وس آهن، جي قسمت سولي هونديس ته اولي ڪڏهن ڪانه ٿيندي. ماءُ جٽيندي پٽڙا، پاڳ نه ڏيندي وند! مون نياڻي توهان پائرن جي جهوليءَ ۾ وڌي. کير جو وٿو توهين پريو ته ڪنڌ جو ٻڪ آءٌ ٿو وجهان! هو مٿان چوندا ته ويچارو سچ ٿو چوي. نياڻي جا لکيا اٽل آهن. مائٽ سيڪو پائيندو ته سرهي پري سرتان لاهيان. نياڻين شينهن ڪلهي چڙهي ته سک ٿيو، مٿي جي جون مئي چڳي، ادا، نياڻيءَ جي ماني بادشاه جي گهر ۾ به ڪانهي. تو اسان کي سونو نڪ وجهي چڏيو. ٻڌائتو آهين. اهي ئي ڪم اشرافن جا آهن.

Gul Hayat Institute

نينگري، نندي اٽساميل هوندي ته وارث چوندو ته ”اجا نينگر ماشوم (معصوم) آهي، پئي روئي ڪائي، الائجي مري ڪِ جيئي! جڏهوڪا چڪ تڏهوڪا پاٽي! جڏهن وڏي ٿيندي، پوءِ جيئن لکيو هوندو تيئن ٿيندو. اسان کي ڪائي

ڪونه ڪتايو اٿس. اسان کي اڃا ڪو اونو ڪونهي.“ هو ورائي چوندا ته ميان ڏيئون ڏيوڙيون آهن. نياڻي ڪا نندي چئبي! نياڻي ڄائي ته ڄڻ ناني در تي آيو. اها وڏندي ڪيتري ويرم ٿي ڪري! چوندا آهن ته اپري لڏ کي سڃهندي پلاڻڻ گهرجي يا ته چوندا ٻيلي، پاءَ پاڻ کي ماڻُ ڏنو. هاڻ هن جي به مرضي ڪٽي رکجي! ائين چئي اُٿندا.

پر جي بدي (بدلي) جو سڱ نه هوندو ته چوندا ته ”هڪڙي ڏاڏي جو اولاد آهيون، جي پاءُ پاءَ تي وڙ ڪندو، اپري پاءَ سان وارَ وچائيندو ته الله ۽ ان جو رسول به مٿس سدائين راضي رهندو. اسان به سڄي ڄمار تنهنجا ڳڻ پيا ڳائيندا سون. تنهنجي هڪڙي ٿوري به نه پڄون. چڱن ڪان ئي چڱايون ٿينديون آهن...!

جي سڱ ٽڪن تي وٺو هوندو ته چوندا ”انسان جو ملھ ڪونهي، پر پنهنجي غريبي حال سارو جيڪا ڦلن جي مٿ مناسب هوندي سا هٿ جوڙي جهوليءَ ۾ پائي اڳيان آڻينداسون. تنهن هوندي به اوهان جو اُٿ جيڏو احسان اسان تي ٿيندو...!“

جي ڪنهن ڏَنيل، ڏهاڳڻ زال جي گهرُ ڪرڻي هوندي ته چوندا “اوهان وٽ ڦلاوتني (ڦلاونتي) ٻانهن يا ٻار ويٺل آهي. اڄڪلھ ٻار ويهارڻ جو زمانو ڪونهي، نبين جي نياڻين به حق ڪيا آهن! اسان توهان جا غلام آهيون، جي

Gul Hayat Institute

اسان سان پير پريندؤ ته وڏو ٿورو ٿيندو...!“ ڏَنيل جو وارث ورائيندو ته مون کي ڪجھ مهلت ڏيو ته تن من پڇان، پوءِ جيئن هوندو تيئن ٿيندو“. گهر ۾ اچي اهو وارث پنهنجي ڏهاڳيل (پيڻ يا ڌيءَ) کان رايو پڇندو. چوندو امان! جي مٿي جي چانوَ ڪرين ته اسان جي جهل پل ڪانه اٿئي. فلاڻا فلاڻا پائر گهرُ ڪري رهيا آهن. اسان تي بار پري ڪانه آهين. جيڪي پيٽن ۾ ٿيون مائين، سي ٺڪرپور ۾ ڪين اڙنديون! ائين نه سمجھ ته مائٽ مون مان ڪِڪ (بيزار) ٿيا آهن. اهو خدا ساکي آهي. تون پنهنجيءَ مرضي واري آهين. چوڻ اسان تي فرض آهي. پنهنجي نيڪي بديءَ جي تون پاڻ مختار آهين. سوچي سمجهي، پنهنجو دل من پڇي، پوءِ جيڪا راءِ بيهارين سا اسان جي ڪن وجھ...! جي هن کي مڙس ڪرڻ جي خواهش هوندي ته چوندي ”آءٌ اوهان وارثن جي چوڻ کان ٻاهر ڪانه آهيان، جيئن توهان کي مناسب اچي تيئن ڪريو، آءٌ حاضر آهيان...! پر جي شاديءَ ڪرڻ جو ٻنهه ارادو نه هوندس ته چوندي: ”ڪجھ گذريو آهي، ڪجھ گذري ويندو. آءٌ توهان جن ٻچن جي چاڪري ڪريو ٺڪر کايو ويٺي هونديس يا ته پورهيو ڪريو پئي پيٽ پاليندس. توهان تي پري ٿي ڪين ڪرنديس. الله ڪندو ته منهنجي بديءَ بڇڙائي جي ٻڙڪ

نه ٻڌندؤ! اشراف آهيان، اشرافن جو اولاد آهيان. ويهي وقت گذاري مري وينديس....!

مائٽيءَ ڪان جواب: جواب (نهڪر) جي حالت ۾ جيڪي پائر هام هڻي هلي ملهي، جنهن پاءَ جي تڏي تي اچي نڪتا هوندا، تن سان ڪارو ڪٿو ڳالهائي، انهن کي اهو پاءُ اُٿيڙي نه ڪيندو، نڪي سرڪشي ڏيکاريندو. مڙيئي ڪنهن نيت پات سان پرچائي سرچائي روانو ڪندو. چوندو ته ”آئيو ته پلي ڪري آيئو! پائر آهيون، ڇُهڙن جون ونديون ڇُهڙا ڪٽندا. اوهان جا پير منهنجون اکيون. شرع ۾ شرم ڪونهي. موت ناهي مهڻو، پرڻو ناهي گار! دل ۾ نه ڪجو. اسان جا پنهنجائي مسئلا موڙها پيا آهن (يا اسان ٻئي هنڌ اکيون اٽڪايو ويٺا آهيون). مجبور آهيون، (اسان کي ايڏانهن پير ڪڍڻ جو ارادو ڪونهي) اهڙا وٺ تي جواب ڏيندو، پر ٺپ ناڪار نه ڪندو ۽ ساڻن ملي ڪلي ڪيڪاري ڪين روانو ڪندو.

**پڌريءَ جي ريت:**

ڇڪايلن ”آنهڪار“ ڪئي ته پڌريءَ جو سانباهو ٿيندو. ڪجھ ڏينهن ترسي، گهوٽ ۽ هڪڙو - ٻه مرد ۽ ٻه - ٽي زالون گڏجي، ڪنواريتن ۾ اينديون. گهوٽ آڻڻ جو مقصد اهو هوندو آهي ته پلي ڪنواريتا به گهوٽ کي ڏسن وائسن (جي اڳ ڏٺل نه هوندو اٿن) ۽ پاڻ ۾ گهائل مائل ٿين. اهي

هڪ رات اتي رهندا. جي ڪو ڦيڏو نه هوندو ته ڪنواريتا ڪين تسلي ڏيندا. وهانءَ بابت جيڪي شرط شروط هوندا، سي ساٽن ظاهر ڪندا. اُهي، جي آيلن قبول ڪيا ته ڪين پهرين مبارڪ جو شربت پياريندا. موڪلائڻ وقت، گهوٽيتيون، ڪنوار ڪي خرچي هٿ ۾ ڏيئي موڪلائينديون.

**پائرن جا اڳواڻ:**

راڄ ڪاڄ جي ڪاروبار هلائڻ لاءِ اصلي چار ماٺهو(1) مقرر ٿيل هوندا هڪڙو پريو مڙس، پٽيل يا جمعدار، جنهن جو فيصلو هر صورت ۾ پائرن ڪي قبول ڪرڻو پوندو آهي، ٻيو وزير يا صلاحڪار، جيڪو پريي مڙس سان صلاح مصلحت ۾ شامل رهندو آهي ۽ پريي مڙس جي غير حاضريءَ ۾ پاڻ فيصلا ڪندو آهي، ٽيون چڙيدار، شادي توڙي غميءَ جي پرڻ جي ڪارروائي هن جي چوڻ تي هلندي آهي ۽ چوٿون ڪوٺار، جيڪو پائرن کي حاضر ڪندو آهي ۽ نيندون ۽ ڪانيون ڏيندو آهي.

**پائرن جو ميڙ:**

پڌريءَ تي پڪ ملڻ ڪان پوءِ، ڪاڄيتو، پائرن جو ميڙ ڪوٺائيندو، جنهن مان خبر پوندي ته ڪهڙا پائر ساٽس وڪ پرين ٿا، يعني ڪاڄ ڪائين ٿا ۽ ڪهڙا نٿا ڪائين ۽ چو نٿا ڪائين. ان لاءِ پريي مڙس کي جاڻ ڪندو. پريو مڙس ڪيس هڪ تاريخ مقرر ڪري ڏيندو ۽ چوندو ته مٿائي ڪٽي

ان ڏينهن اوطاق، اوتاري، پريي مڙس جي جاءِ يا پڙر تي حاضر ٿج! ۽ ڪوٺار کي حڪم کندو ته ان رات سڀئي راڄ جا پائر گڏ ڪري. پائر اچي گڏ ٿيندا. چلم کي نش ڪري ڪچهريءَ جي وچ ۾ ڪري رکندا. سڀڪو واري وٺيءَ تي چلم جو ٻڙڪو پيو کندو. پريو مڙس پڇا کندو ته سڀ پائر اچي ويا يا اجا ڪو رهيل آهي؟ ڪوٺار جواب ڏيندو ته "فلاڻا فلاڻا، هن ڪي هن سبب ڪري ڪونه آيا ۽ پنهنجي فتوا فلاڻي پاءَ تي رکي اٿن، کين ڪاڄ نه کائڻ جو عذر ڪونهي". پوءِ چڙيدار اُٿي چوندو ته "پائرو! فلاڻو پنهنجو پاءُ ڪاڄ ٿو ڪري، فلاڻي جي گهران، ان جي مٿائي ورهائڻي آهي. کنهن به پاءَ کي هن تي ڪو ڏک سور هجي يا پاءُ پاڻيءَ جو پاءَ ڏانهن رهيل هجي ته پڙرو ڪري، جيئن سڀئي پائر سڻن!"

**پائر پرچائڻ:**

پائر وري هن ريت عذر پيش کندا: ڪو چوندو ته منهنجا وٽس پئسا رهيل آهن. گهڻي گهرڻ هوندي به نٿو ڏي. وٺي ڏيو، ته ڪاڄ اکين سان کائيندس. ڪو چوندو ته اسانجو سڱابندي جو وهنوار رهيل آهي. ڪو چوندو ته اسان سان مئي/غميءَ جو پير ڪونه کنيو اٿس نه پٿر تي آيو نه "الله ميان ڏاڍي" ڪئي اٿس. ڪو چوندو ته اسان وڙهيل آهيون.

جي هڪبئي سان بچڙي ڪئي هوندائون ته اها به بولي ڏيندا، جي هٿين پيا هوندا ته اهو ذڪر به چڙندو ۽ نبرندو. پائرن ۾ ڪي قصور واري جو پاسو ڪٽندا ان کي ٿيڪو وٺائيندا ته ڪي قصوريل کي. آخر گهڻن جي رايي سان پريو مڙس فيصلو ڏيندو. ڪنهن به اهو نبيرو قبول نه ڪيو ته پت پهت، حقي پاڙيءَ مان ڪڍي چڏيندس، جي پرچي سرچي ويا ته برادريءَ جي هيڪ - ميڪ ٿيڻ جي مٺائي گڙ، ڪارڪون يا پتاشا ورهائيندا، جيڪو غير حاضر هوندو ان جي ورچ فتوا رکيل ماڻهوءَ کي ڏيندا ۽ ڪاچيتي کي هيءُ پيرو به مبارڪون ملنديون ۽ پاڻ ۾ کير کنڊ ٿي پاڪر پائي اُٿندا.

**مڱڻي جي رسم گهوٽيتن ۾:**

جڏهن گهوٽيتا ست سارينداِ، تڏهن اول اول مڱڻو ڪندا. مڱڻي جي معنيٰ آهي گهرڻ. پر اها گهرُ پڌريءَ تي ئي پوري ٿي ويندي آهي. تنهن هوندي به وري اوري پري وارن ڏانهن ڪانڌون ڪيندا. ڪوشش ڪري مڱڻو ڏام ڏوم سان ڪندا. چڱي موچاري ڇڄ وٺي ڪنواريتن ۾ وڃي لهندا. مڱڻو ڪري اچڻ ڪان پوءِ مند - شاخ (جنهن کي ساک به چون) جيڪا به مندائتي جنس پئي لهندي، سا ڪنواريتن کي پيا موڪليندا ۽ وچ ۾ ڪو عيد جهڙو ڏڻ-وار ٿيو ته هڪ اونڌر يا وڳو به ڪنوار کي موڪليندا. جيستائين ڪِ

وهانءُ نبري. روزانو مگڻهار شام ۽ صبح جو در تي دس وڃايو پيا ويندا.

**مگڻي جي ريت ڪنواريتن ۾:**

گهوٽيتا، جيئن ڇج ڪري ڪنواريتن ۾ رسندا ته ڪنواريتا، ڪين اوطاق (چنو) ۾ نک، تڏو، توئنري، ديگ، ٿانءَ ٿپو موجود ڪري ڏيندا. ڪنواريتا، پنهنجيءَ برادريءَ يعني ماجين ۾ سڏ اٿاريندا انهيءَ رات جو سپئي پائر ۽ سياءَ اچي ڪٺا ٿيندا. اجازت سان چڙيدار، گهوٽ جي ڪلهن ۾ لونگي يا ملير وجهندو، جنهن جي جهول ۾ موڙو به هوندو. موڙي ۾ ڏونگهيون، مصري، ڦوٽا، باداميون، جوهر جون ٽڪيون ۽ رومال به هوندو. ان کان پوءِ ڪنواريتا، مٽي ڪڙهيل کير جا وٽا (گلاس) پري ڄاڃين توڙي ماجين کي پياريندا. رواج سارو سپئي ڄاڃي گهور ڏيندا، جا ڪنواريتا کٽندا. ٻاهر اها ريت پوري ٿيندي، تنهن کان پوءِ زالون ڳائي، ڪنوار کي ڪيرول منڊي ۽ ويڙهه آگرين ۾ وجهنديون ۽ مٿان پوتي ڍڪائينديون. ڪنواريتا، ان کي ”پوتي پوڻ“ جي رسم ڪوٺيندا آهن. ڪي وري پوتي پوڻ تي ڪنوار جو نڪ به ٽوپي چڏين، جيئن شاديءَ ٿيڻ تائين سندس نڪ به چٽي وڃي ۽ نٿ پائڻ جهڙي ٿي پئي. نڪ هن نموني ٽوپين، سئيءَ ۾ ڪارو پٽ جو ڌاڳو وجهي نڪ جي چوٽيءَ مان اُڪاري ٽونگ ڪن، سئي ڪڍي وٺن ۽ سڳو نڪ ۾ وٽي

چڙين. مگڻي تي زالون زالن تي ۽ مرد مردن تي گلابي يا ڳاڙهو رڱ اوتين. زالون سڄي رات ڳائي وڄائي، نچي ٽپي صبح ڪن. صبح جو ڄڃ واپس گهر يا ڳوٺ ڏانهن رواني ٿي هلندي آهي.

**ڏينهن چٽا ڪرڻ/ڏينهن ونڻ / ڏينهن پڌڻ:**

گهوٺيتن وٽ جي چار ڏوڪڙ گڏ ٿيا ته هڪدم ڏينهن ونڻ جو سعيو ڪندا. هڪڙي - به زال، هڪڙو - به گهوٽ جو مائٽ، ڪنواريتن ڏانهن هلي ويندا، ڪنواريتا راضي هوندا ته ڏينهن چٽو ڪري ڏيندا. گهوٺيتا ان وقت به ڪنوار کي پوتي ڍڪائي، سانباهي جي رقم پوتيءَ ۾ ٻڌندا(1) ۽ ڪنواريتا گهٽو ڪري اهڙو ڏينهن شادي ڪرڻ جي لاءِ مقرر ڪري ڏيندا آهي، جنهن ۾ ڪنوار چوٽ چاٽ کان آجي هوندي.

**ٻڪيءَ جي رسم:**

ٻڪيءَ وجهڻ ڪري پاڙن کي معلوم ٿيندو ته شاديءَ جو گهماگهم پٽ ٿيندو، جنهن کي ”ڄڃ“ به چون. اهو پٽ ڪائي چاڄي رڄ ڪندا. ٻڪي(2) تڏهن پوندي جڏهن شادي واسطي چانور اڇي ميسر ٿيندا. زالون پنج - ست گڏجي برادريءَ توڙي سيالن کي ٻڪيءَ جو سڏ ڏينديون ته ”سپاٽي فلاڻي جي ٻڪي آهي سهاڳڻيون اڇجو!“ پوءِ ان ڏينهن تي سهاڳڻيون زالون ٺهي ٺڪي اچي ٻڪيءَ جو پرپ

ملهائينديون، يعني گهر آيل چانورن مان پنجن چوٿاين يا پنجن پاٿين جي واڌائي (ماڻ) اُکريءَ ننگهه ۾ وجهي ۽ انهيءَ ۾ ست جوڙا ڪارڪن جا وجهي. اڪرين مهرين کي داءَ (دانگ) جا لينگها ڪري، ست سهاڳڻيون مهريون کڻي، چانور چڙڻ ويهنديون، ست ئي مهريون واري سان پيون ڦرنديون. انهن ۾ جيڪا هوشيار چڙڻ واري هوندي، سا ڪارڪون ڪڍندي ڪائيندي ويندي، ٻيون چپ پيون چٽينديون ڪي اتي ٻڪيءَ جو ”ساٺ ڳيو“ بيٺيون ڳائينديون. تان جو سپ چانور چڙي اُٿنديون.

**گهر چٽڻ:**

ٻڪيءَ واري رات گهوٽيتيون گهر چٽڻ شروع ڪنديون. ڪنپر کان داءُ گهرائي، سڄي گهر جون ڪندون ڪڙچون، جارا، پٽيون، لينگها ڪري ڳاڙهيون ڪري چڍينديون. انهن ليڪن ڪڍڻ مهل به ڳيچ پيون ڳائينديون.

**شاديءَ جي تياري:**

گهوٽيتا، پهريائين پنهنجائيءَ جون ڪنواريون نياڻيون ٽڪڻ ڪاڻ وني اچي پاڻ وٽ رهائيندا، جي ڪم ڪار ۾ هٿوباري به پيون ڪرائينديون ۽ اک ٽيٽ سان سڄي ڪاج جو انتظام رکڻ به پيون سکنديون. مرد ماڻهو منهه يا چنو ٿاهڻ شروع ڪندا، جيئن چاچي سولا اچي رهن. ان کان پوءِ وهاڻءَ جو سامان جهڙوڪ: نڪر جون پاٿون ۽ طباق، ڪؤنرا ۽

چلمچيون، ڦيلهيون ۽ ڳنرون، کهڻ جي لاءِ ڦندرون، ٻارڻ واسطي ڪاٺيون، درزيءَ کان گهوٽ جا ڪپڙا، مينگهواڙ کان گهوٽ جي جتي ۽ ٻيو ڪل سامان گهوٽيتيون ڳائي آڻي پيون گڏ ڪنديون، جيڪي چاڃين جون ساگهرون پيون ايندپون تن کي به گهوٽيتيون گهر کان ٻاهر پرو نڪري، پري کان ڳائي وٺي اچي گهر ۾ ويهارينديون.

**ونواهه جي ريت:**

ڪنوار کي وناهه ۾ شاديءَ رات کان گهٽ ۾ گهٽ تي ڏينهن، وڌ ۾ وڌ پنجن، ستن، يارهن، بلڪ ايڪيهن ڏينهن تائين به ويهاريو ويندو آهي(1) .

پنج - ست زالون شهر مان وناهه جو سامان، ڪؤڙو مٺو تيل، جل ڦل، ڪيسر، ميدو، ڏونگهيون،اکيو(1)، مصري، حلوو، باداميون، ڊاکون، ڦوٽا، ميندي، مساڳ، سوئڙو (سرمه) ڪجل ۽ پيٺي (اڳٺ) جو سامان ڳيچ ڳائي، وجي وٺي اينديون آهن، ان کي؟ وناهه پچائڻ”چون. پيٺي، هن ۾ ميدو اٽو، ڪيسوڦل تيل سان گڏي اُبٽڻ (مرڪب) ٺاهين، اِهو اُبٽن يا ٻٽڻو ونواهه ۾ ويٺل ڪنوار کي روز روز ڳوٺ جي حجامڻ پئي مکيندي، جيئن ڪنوار چٽي گوري ٿئي، سندس منهن ۽ ٻانهن، هٿن، پيٽ، ٽنگن ۽ پيرن تي زور سان مهٽي ويندي آهي، (پچاڙيءَ ۾ اُها ڪنهن واهه يا تلاءَ ۾ اڇلي ڇڏين) اهو اُبٽڻ ۽ پنهنجي گهران گيهه، مکڻ ۽ ماکي ٺانون

۾ وجهي سڀ اسباب هڪ وڏي ڪاري ۾ رکي، مٿان ڳاڙهو ڪپڙو ٻڌي، هڪڙي زال جي مٿي تي رکنديون، پوءِ گڏجي ڳيچ ڳائينديون اچي ڪنواريتن ۾ پهچنديون آهن.

رات جو ڳائي وڄائي اهو اکيو، ڪنوار جي منهن تي ٻڌنديون. ڪنوار کي ڪوٺيءَ ۾ (گهر جي هڪڙيءَ ڪنڊ) ۾ شاديءَ تائين ويهڻو پوندو آهي، ڪنهن به مڙس ماڻهوءَ جي منهن نه لڳندي، نڪي اکيو مٿي ڪري ڏسندي. ڪاتي وڌيو ڪاڌو يعني ماهه مڇي پلو وغيره ڪين کائيندي. روز حجامڻ کيس پيڻي پئي مليندي. اکيي ٻڌجڻ کان پوءِ ست سهاڳڻيون ڪنوار واريءَ ڪوٺيءَ جي سردري (مٿين چانئٺ) ۾ هٿ وجهي، روز شام جو سانجهڙيءَ جو ساٿ ڳيو، ۽ پنج پيراڻا ڳيچ ڳائينديون رهنديون آهن.

ونواهه ٻڌجڻ کان پوءِ سڄو ڪاج ٻن حصن ۾ ورهائجي ويندو. هتي گهوٽيتن جا پرپ ڌار ٿيندا ته ڪنواريتن جا ڌار هوندا. گهوٽيتن ۾ هر رات جو زالن جو ڳائڻ ٿيندو ۽ مڙسن جو وري ڌار مارڪو پيو مچندو جنهن ۾ ناچ، سانگ ۽ ڏونڪا يا ڏانڊيا راند به شامل هوندي آهي.

**گهوٽيتا پرپ:**

گهوٽيتا پرپ(1) هيءُ آهن: گهوٽ کي مينڌي لائڻ، ڳانو ٻڌڻ، ونواهه ويهارڻ، تيلاڙي جو ساٿ ڪرڻ، ڏِک ويهارڻ، پڙو يا ڪوٺو ڏيکارڻ، سروَر هٽڻ، ڄڃ نڪرڻ ۽

ڪنواريتن ۾ پهچڻ ڪان پوءِ، اوجاڳو ڪرائڻ، ڪنڌيءَ جو وڻ وڍائڻ، نڪاح وجهائڻ، گهوٽ وهنجارڻ، ڪپڙا ڍڪائڻ، سرگس چڙهڻ، نفل پڙهڻ، ڏانوَڻ ڏائڻ، رانءِ جهانءِ ڪرڻ، ڍڪٽي پچڻ، ۽ لانئون لهڻ. انهن سڀني پرڀن رسائڻ ۾ سنوڻن جو پورو تفصيل سان بيان هن طرح ڪريون ٿا:

**مينڌي لائڻ:**

شاديءَ ڪان به - ٽي ڏينهن اڳي، گهوٽ کي پينرون ۽ سهاڳڻيون پهرين هٿن کي ۽ پوءِ پيرن کي، ڳائي ڳائي مينڌي لائينديون (جي ڪرڙوڍ هوندو ته پاڻهي ڏاڙهيءَ کي اڳوات مينڌي ڪري ڇڏيندو). اها مينڌي سڪڻ ڪان پوءِ، ذرو پرزو ميڙي سيڙي، ڪنهن کوه، تلاءَ، ڍنڍ يا ڏُبي ۾ اڇلي ڇڏيندا آهن.

ڳانو ٻڌڻي: مينڌي لائڻ ڪان پوءِ، سهاڳڻيون ڳيچ ڳائي، گهوٽ کي جيئڻي هٿ جي ڪرائيءَ ۾ ڳانو ٻڌن. ڳاني ۾ سجاتي جو سڳو، لوهه جا ٽي ڇلڙا ۽ سرهي موڙهي هوندي آهي.

**گهوٽ کي ونواهه ويهارڻ ۽ تيلاڙي جو ساٹ ڪرڻ:**

رات جو گهوٽ کي تيل جو ساٹ ڪن، سهاڳڻيون زالون، سرهي تيل ۽ ماکيءَ مان آڱريون ٻوڙي گهوٽ جي مٿي تي مکينديون ۽ ساڻ ڳيو/ڳيچ، گهوٽ مٿي ڦلڙا، مرچڪيو

لڳي، پيون ڳائينديون. تيلاڙي جو سوٽ پورو ڪري، گهوٽ کي ڏندڻ، ڪاتي ۽ تسبيح ساڄي هٿ ۾ ڪٽڻ جي لاءِ ڏيندا. ڪاتيءَ وڍيو ڪاٺو ڪانڌ نه ڏيندس، اڪيلو به نه ڇڏيندس، جهنڊ هٽي ويهندو.

**ڏک ويهارڻ:**

ڏينهن جو سپ پائر گڏ ٿيندا گهوٽ کي ٻٽ(1) ڪرائي مٿان موڙ(2) ٻڌندس، پوءِ اڳاڙيندا گهور ۽ ناناٽي پريءَ مان هڪڙو اهنيار (اهنر)(3) مقرر ڪندا، جنهن سان گهوٽ جي لانئن لهڻ تائين تعديون پيا ڪندا آهن، ڪپڙا ڦاڙڻ، چونگون ڏيڻ، چرچا پوڳ ڪرڻ وغيره. اهنر گهوٽ جي ٿهل ٺڪور، اٿيءَ ويٺيءَ ۾ مدد جي لاءِ رکيو ويندو آهي.

**سروَر هٽائڻ:**

گهر مان ڇچ نڪرڻ واري رات جو کي گهوٽيتا سروَر(4) جي ڊولڪ وڄارائي گهور وٺي پوءِ ڇچ ٻاهر ڪيندا. پروچ سروَر جو دهل وڄرائيندي پيا سونهندا آهن، پر بين سنڌ جي ذاتين ۾ سرَورَ جو دهل وڄرائڻ ۽ ڪاڇ ڪرڻ جو رواج ڪونهي، پر جيئن ته سروَر جي گهور مڱٽهار ۽ ڳائڻين کي نه، پر ڪاڇيتن کي ملندي آهي، تنهنڪري سروَر رات، سروَر جي ڪرامتن جو خاص ڳيچ ڳايو ويندو آهي.

**پڙو يا ڪونو ڏيکارڻ:**

چڇ نڪرڻ واريءَ رات جو گهوٽ کي ڏنل (ڏيپ) ڏيج جيڪو مائٽن، عزيزن ۽ دوستن ڏنو هوندو، سو گڏ ڪري پيتيون پري، زالون ساجهرئي ڪنهن واقفڪار يا مٽ مائٽ جي گهر پرپرو ڪٽي وجي رکي ايندون آهن. سروَر پوري ٿيڻ کان پوءِ، اهو ڪوناري[(1)] کان اهو ڪونو[(2)] يا پڙو[(3)] ڪٽائي ايندون. ڪٽڻ ويندون به دهلارين ۽ ڳيچن جي للڪارن سان ۽ وري موٽنديون ته به او هيئي شغل سان. گهر پهچڻ تي هڪ وڏي پري زال يا راڄ جي چڱي، پڙي جون سپ شيون: وڳا، زيور، ٿانءَ، روڪڙ ۽ ٻيا تحفا هر هڪ ڏيندڙ جو نالو وٺندي ڏيکاريندي ويندي، آخر ۾ گهر وارن جا وسلا، جن ۾ بسترو به هوندو آهي، ڏيکاريندي ۽ پوءِ بند ڪري ڪنواريتن ڏانهن نينديون.

**چڇ نڪرڻ:**

چڇ نڪرڻ کان اڳ، پنڍي مڱي سوارين جو بندوبست ڪيو ويندو آهي. جن ۾ بيل گاڏيون جن جي ڏاندن کي ساز پيل هوندا، ٻيا مهري اُٺ، جن کي به سينگار جا ساز پيل هوندا ۽ ٿيان هوندا گهوڙا، جن تي پنج سنجي پيل هوندي يا ته ڪونه ڪو سينگار هوندو، آٽي ڪنا ڪندا. چڇ جو ڪنڪ ڏسڻ سان دل ٿپا پئي ڏيندي، هر ڪنهن جي پل پلان لڳي پئي هوندي. جوڙين جو ميدان ڪٽڻ جو تڪر، گهوٽ به هڪ پلي مهري اُٺ تي يا گهوڙي تي سوار هوندو، رات

جي نوائي، ڇڄ جي روانگي، ڪونسي سر مان گهوٽين جي ڳاچن جون للڪارون، ٻڌن جون ٻيڪارون ۽ گهوڙين جون زيلون ۽ گهوڙن جون هڻڪارون، ڇيرن جون ڇمڪارون، شرنائن، قرنائن، متن ٻينن جون ڪوڪارون پيون پونديون. بس زمين، آسمان تي ڪٺي ڏيندا. اڳيان ناچو پيا نچندا هلندا، جڏهن اڌ پنڌ ۾ ايندا ته وٺي پڃ پڃان شروع ٿيندي. ڇڄ جتان پيئي لنگهندي ته ڳاڏين جا ڇيڇاٽ ۽ زالن جا آلاپ، اگهور ننڍ ۾ نهوڙيلن کي به اٿاري ڪڙو ڪندا. جنهن جي شادي ڪيل هوندي، ان جو منُ به اٿي پوندو ته ٻي ڪا شادي ڪريان، پر جنهن جي نه ٿيل هوندي سو ته ڦٿڪڻ لڳندو ته ڪٿان به ڦٽ پٽي اهڙي ڪا لئي ڪرايان!

**ڪنواريتن ۾ پهچڻ:**

اهي ڇاڇي اهڙي دستور، اهڙي رمز ۽ رنگ ڍنگ سان اچي ڪنواريتن ۾ پهچندا. ڪٿي ڪٿي ته ڇاڇين سان ”پڙڇڇ“ ڪندا آهن. يعني پنج سير ڪارڪن وٺڻ خاطر گهوٽين ۾، ڪنواريتي ڏر جا ماڻهو لٽين جا اچي ٿاڇا وجهندا آهن. پوءِ ڪي ڇاڇي ڦٽبا آهن ته ڪي پڇي ويندا آهن. جڏهن هنن کي ڪارڪون يا پئسا ڪارڪن جا ملندا آهن تنهن کان پوءِ اها ماراماري بند ٿيندي آهي.

ڪنواريتي هنڌ تي پهچن کان پوءِ گهوٽ جا باقي پرپ هيءُ آهن:

**اوجاڳو ڪرائڻ:**

گهوٽ جا مائٽ، خود گهوٽ کي ننڊ ڪرڻ نه ڏيندا. ان ڪري سڄي رات چني ۾ ڳائڻ، وڄائڻ، ڪل - پوڳ پيو ٿيندو. شاديءَ رات گهوٽ جو سمهڻ بند ٿي ويندو گهوٽ جي سمهڻ کي بهسوڻ ليکيو ويندو آهي.

**ڪنڌڙي يا سائي ٿاري ويائڻ:**

شاديءَ جي رات جو پهراڙين ۾ گهوٽ کي ڳائي وٺي وڃي ڪنڌيءَ جو وڻ يا ڪنهن وڻ جي ٿاري، ڪاتيءَ سان ڪپارائينديون آهن. چار سهاڳڻيون گهوٽ مٿان اچي چادر جهلي هلنديون، ڳوٺ کان ٻاهر، ڪاتيءَ جي هڪڙ ئي ڌڪ سان ڪا لام وڍڻ لاءِ چوندس، اها ٿاري ڪٽي اچي ڪنوار جي در اڳيان کوڙائينديون. جنهن جو مطلب ته ساهرن جو گهر هريو پريو هجي شال!

**نڪاح پوڻ:**

گهڻو ڪري شادي رات پوئين پهر ۾ نڪاح پڙهايو ويندو آهي. نڪاح مولوي يا آخوند(1) پڙهندو به شاهد ۽ هڪ وڪيل (جي انهن ڪنوارين جا عزيز قريب يا پاڙيوارا منهن لڳ هوندا) تن کي ايجاب ۽ قبوليت جي لاءِ ڪنوار ڏانهن موڪليو ويندو. جي وڃي ڪنوار جو رايو وٺندا. اتي وڪيل ڪنوار کان ٽي دفعا پڇندو ته ”توکي فلاڻو پٽ فلاڻي جو، هيتري مهر يا ڪابين سان شريعت محمدي موجب حق

نڪاح ۾ قبول آهي؟“ ڪنوار ٽئي دفعا هائوڪار جو جواب ڏيندي. ڪي چوندیون ته منهنجو فلاڻو وارث(2) آهي، ان کان اجابت ڪرايو. ڪن جي پاران سندن ويجهي مائٽياڻي هائوڪار ڪندي آهي. وڪيل ۽ شاهد جواب وٺي، چني ۾ ايندا ۽ کنکيءَ سان اسلام عليڪم ڪندا. ويٺل سڀئي و عليڪم سلام جواب وارِيندا. ان کان پوءِ مولوي/آخوند پر ۾ ويهاري کانئن خبر وٺندو. صحيح جواب وٺي وري گهوٽ کان پاڻ پڇندو ته مهر گهڻو ٿو ڏين؟ هو جيڪو مهر چوندو سو ٻڌي وري کانئس پڇندو ته ”فلاڻي ڌيءَ فلاڻي جي تو واري مقرر حق مهر (معجل يا عندالطلب) سان شريعت محمديءَ موجب توکي حق نڪاح ۾ قبول آهي؟“ اهو سوال ٽي ڀيرا پڇندو. هو هائوڪار ڪندو ته نڪاح جي ديني رسم - شروع ٿيندي ۽ سڄو نڪاح پڙهي پورو ڪندو. نڪاح ختم ٿيڻ تي چوڌاري مبارڪن مبارڪن جو هل مچي ويندو. آخوند کي نڪاح جو اُجورو سوا روپيو ۽ ڪارڪون مٿيون پري ڏيندا ۽ سڀني آيلن کي به مٺ مٺ ڪارڪن جي ڏيندا ويندا.

**گهوٽ وهنجارڻ ”ڪپڙا پڪائڻ“:**

نڪاح پوڻ کان پوءِ زالون ڳيچ ڳائي اچي گهوٽ جا ڪپڙا ۽ تيل ميٽ ڏينديون. ڪوٺاري، گهوٽ کي منجيءَ، (کاريءَ يا صندليءَ) تي ويهاري وهنجاريندو. تيستائين زالون بيٺيون

Gul Hayat Institute

ڳائينديون. وهنجڻ کان پوءِ وار سڪائي ڪپڙا ڍڪائيندس، ڪپڙن ۾ سلوار، پهراڻ، جتي، رومال ۽ پاڳ (پٽڪو) جنهن ۾ هڪڙي سرهي موڙهي ڳاڙهي ڳوٿريءَ واري پڻ هوندي. ڪلهن ۾ ڪرڻ لاءِ اجرڪ / لونگي به هوندي آهي، وهاڻُ جو وڳو ڪنواريتا، گهوٽ کي ڏيندا آهن. ڪن ڪن هنڌن تي گهوٽ پنهنجيءَ مرضيءَ تي وٺندو آهي. ڪوناري، پائرن کان ڪپڙن پهرائڻ جي موڪل وٺي، پوءِ پٽيل جي حڪم موجب ڪپڙا: پهرين پهراڻ، پوءِ شلوار، پوءِ جتي، پوءِ پاڳ، جنهن جو پهريون ورُ پٽيل پاڻ پنهنجي هٿ سان ڦيريندو پوءِ باقي پٽڪو گهوٽ ٻڌي چڏيندو. ڪپڙن مٿان ٻٺ وجهندس ان تي موڙ ٻڌندا. موڙن کي سهرو به چون. اهو سهرو وقت زالون ڪپڙن جا جدا جدا ڳيچ ٻيٺيون ڳائينديون. ڪپڙا ڍڪجي ويا ته ڪنواريتا ٻُسريون يعني ڳڙهاريون موڪليندا، جي گهوٽيتا کائي گهور ڏيندا.

**سرگس جي تياري ڪرڻ:**

گهوٽ جي تيار ٿيڻ شرط هلندي چني ۾ ماني، يعني گوشت جو پت. ڦيلهيون پري چاجين اڳيان رکندا جي کائي ڪندا جج. پوءِ اڳڙندو پوئو/ پهت(1) ، ۽ ڳانن موڙن جي گهور. اها ڪاغذ تي لکبي جيئن ان پاءُ کي سندس وهاڻءَ ۾ موٺائي ڏجي. ان کان پوءِ گهوٽ کي سرگس چاڙهيندا. اڳيان

Gul Hayat Institute

دهلاري، شرنائن وارا، ناچو ۽ ڳائڻا هلندا، وچ ۾ پلي گهوڙي/ اُٺ تي گهوٽ چڙهيل هوندو.(1) گهوٽ جي گهوڙي تي چڙهڻ مهل ماءُ يا پيڻ اَڪا اُڇليندي يعني چانور ۽ ڪارڪون گڏي مٿان گهوريندي. گهوٽ جي پٺيان سندس اهنيار ڪي به پيلهو ويهاريندا آهن. جتي دهلن وڄائڻ جو رواج نه هوندو آهي. اتي مولودي مولود پڙهندا اڳيان پيا هلندا آهن. رستي ۾ ڪا مسيت (مسجد) آئي ته گهوٽ گهوڙي تان لهي اندر وجي به شڪراني جا نفل پڙهندو ۽ دعا گهرندو وري اچي گهوڙي تي چڙهندو. پوءِ گهورون گهوريندا، ڳائيندا، ڪافيون ڪچندا نچندا ٽپندا اچي ڪنواريتي در تي پهچندا. جي سرگس رات جو هوندي آهي ته بجليون ۽ گولا ٻري ويندا آهن، رات مان ڏينهن ٿي ويندو ۽ زالون به پٺيان لاڏا ڳائيندیون پيون هلنديون آهن.

گهوٽ ڪنوار جي در تي پهچندو ته ڪيس در جي ٻاهران منجي وجهي ڏيندا ته ان تي ويهي، جيستائين راڄ جون زالون سيئي اچي ڪنيون ٿين ۽ لانئون ڏينس. پوءِ مٿانئس ٻٺ پيل لاهي وجي ڪنوار ڪي ڍڪائينديون ۽ گهوٽ مٿان اجرڪ وجهندا آهن. چاچي ۽ دهلاري پوءِ سپ ٽڙي پکڙي ويندا آهن. ۽ چني ۾ وجي ويهندا.

**ڏانوڻ ڏائڻ:**

زالون اچي ڳڌ ٿينديون، ساٿ ڳيا ڳائڻ سان ساليون ڏاوڻ ڏائينديون يعني سجائتي جي ويڙهي اوبري تي چاڙهي، گهوٽ کي چونديون ته ”ساڄي هٿ جي چيچ اُپي ڪري جهل!“ پوءِ اُپي چيچ ۾ ٿي پيرا ڌاڳو اچلي وجهنديون جئن اُٺ کي مهار اچلي ڪنڌ نوائي ناڪيلي يا لاٽيءَ ۾ ٻڌندا آهن. هوشيار گهوٽ سڳو ٽوڙي ڇڏيندو، پر چيچ ٻڌجڻ نه ڏيندو. ڏاوڻ ڏائڻ مهل هڪڙي سالي ڪوشش ڪندي آهي ته جهٽ لڳي ته ڪنوار وارو اکيو گهوٽ جي منهن تان گهمائي، ڪا وري نڪ پٽڻ جي ڪوشش ڪندي. گهوٽيتيون وري گهوٽ کي وقت بوقت هوشيار پيون ڪنديون ته گونگهٽ ڏاڍو ڪري جهل! ڪا وري منهن ۾ اکن يعني چانورن هٽڻ جي تڪ ۾ هوندي ۽ گهوٽ سان ڪي تعديون به ٿيو گذرن، پر ڪو ڪو انڪلي بچي ويندو. ڏاوڻ ڏائڻ بعد گهوٽ کي سهارو ڏيئي پيڻ پلؤ ڏيئي سيج ڏانهن وٺي هلندي ته ڪنواريتيون ڪنوار کي وهنجاري آگهاريل ڏوپ جو پاٽي پيرن ۾ هارينديون.

**رانءِ جهانءِ ڪرڻ:**

گهوٽ جي در اندران منڊ تي سندس پيڻ پنهنجي وات ۾ ڪارڪ وجهي چباڙي ستَ ڊڪ پاٽيءَ جا پريندي ۽ زالون رانءِ جهانءِ جو ساٿ گيو(1) چونديون.

**ڊڪٽي پچڻ:**

گهوٽ جيئن ئي سيج کي ويجهو ٿيندو ته ٿانڊن تي هرمرو وجهي مٿان ڍڪڻ اونڌو رکي اُهو ڀڃائين، کي خالي ڍڪڻي ڀڃائين. اها ڍڪڻي گهوٽ کاٻي لت جي کڙيءَ سان ڀڃندو، پوءِ ايندو سيج تي لائنون لهڻ.

**ڪنواريتا پرپ:**

تيلاڙي جو ساٽ، ٿار گهمائڻ، گهڙي پرڻ، ڏيپ يا ڏاجو ڏيکارڻ، مينڊو ڪولڻ، وهنجارڻ، سينگار ڪرائڻ ۽ ويس ڍڪائڻ، سيج تيار ڪرڻ ۽ لائنون لهڻ.

**تيلاڙي جو ساٽ:**

هي ساٽ ڪنوار کي به انهيءَ نموني ڪندا آهن، جيئن مٿي گهوٽ واسطي چيو ويو آهي.

**ٿار گهمائڻ:**

هڪڙي ٿالهہ ۾ ڪڻڪ جو اٽو ڳوهي ٿڦي ان جي چوڌاري ڪانا کوڙي وچ ۾ ڪڻڪ جي اٽي جا ست ڏيئا جوڙي، انهن ۾ ڳائو گيهہ ۽ ماکي وجهي روشن ڪن، ڪانن مٿان ڳاڙهو ڪپڙو وجهن. زالون ڳائي سچو ڳوٺ ڦري اچن ۽ پوءِ اهو سنجٽ ڪنهن واهہ يا تلاءُ ۾ اڇلين. اهو ٿالهہ به ڪوٺاري کڻي هلندو. جنهن کي هيرن جا ڳيچ ڳائي جٺيون ڪنديون هلنديون آهن. مثلاً: ڪوٺاري ڪوٺاري ٻول ٻدلو، ڪوٺاريءَ چيلهہ ۾ کوڙيو ڪلو. اهو ٿار گهمائڻ جو رواج گهٽو ڪري ٻهراڙين ۾ آهي.

**گهڙي پرڻ:**

ڪوري ٺڪر جي دِلي، جنهن کي گهڙي به چيو وجي ٿو. زالون دهلارين سان گڏجي ڳائي انهيءَ ۾ ستن کوهن جو پاڻي پري اچن، پوءِ ان پاڻيءَ سان ٻيو گهر جو پاڻي ملائي ڪنوار کي وهنجارين.

**ڏاجو يا ڏيپ ڏيکارڻ:**

گهڙي پري اچڻ کان پوءِ هڪڙي راڄئي (پٽيل) جي زال،آيل زالن کي ڏاجو ڏيکاريندي، هر هڪ مٿ مائٽ جيڪي گهوٽ توڙي ڪنوار کي ڏنو هوندو. يعني مائٽن ۽ ساهرين طرف جو مليل اسباب، نالو وٺي وٺي، راڄ وارن کي ڏيکاريندي ۽ ٻڌائيندي ويندي. انهن ۾ جورا، اونڌر، وڳا، زيور، بسترو، پيتيون، ٿانءَ، سينگار جو سامان، بلڪ سئي سڳي تائين سامان هوندو آهي. ڪي وڏا ماڻهو ڏيپ ۾ زمين جا نمبر ۽ ٻيلي ٻانهان به ڏيندا آهن ۽ سيد، پير وري مريد ۽ خادم به ڏيج ۾ ڏين. ڏسڻ واريون شيون ڏسنديون ۽ واه واه ڪنديون.

Gul Hayat Institute

**مينڊو کولڻ ۽ ڪنوار وهنجارڻ:**

مينڊو چون ٻالجتي وارا چٽڙا، جي سينڌ کان نراڙ مٿان اڳيون جتون ڳتي وجي ڪياڙيءَ تائين چوٽيءَ ۾ اٽڪائيبيون آهن. زالون ڳيچ ڳائي اهي ننڍڙي هوندي جي نشاني، وار کوليندیون. پوءِ ڪنوار کي ڪنهن ڪوندي، (ٻاٺ يا ٿالهه)

۾ ويهاري، تيل ميٿ سان وهنجاريندين ۽ آچريل پاٽي
گوشائتو رکي ڇڏيندين، جو گهوٽ جي اچڻ مهل ان جي
پيرن ۾ هاريندين آهن.

**ڪنوار کي سينگارڻ ۽ ويس ڍڪائڻ:**

ڪنوار کي وهنجاري، ان جو بدن اگهي صفا ڪري سهاڳ
جو وڳو: پهرين سوسي، گلبندن (گيگم) ۽ مونڙي جي گوڊ
واڙ (ججهي ۽ ڳري)، چڙي يا چوڙن سان سٿڻ پارائيندس
يا پڙو، (1) چولو زريءَ يا سرمي ستاري تي ڳلو پريل
هوندو، ڪي لاوٽي يا گج ڍڪائين، پيرن ۾ ٺوئرن سان
جتي. اکين ۾ سرمو يا ڪجل، مٿي ۾ سرهو تيل وجهي چوٽي
ڪري سيند ڪيندس، پوءِ چوٽيءَ ۾ چانديءَ جا چوٽيڦل ۽
پؤڙين ۾ چانديءَ جي ڳرين سان سڳيون، نڪ ۾ ويندو يا
نٿ يا ٻئنسر ان سان گڏ بولو، ڏاڻ واري نٿ جنهن ۾ ڏاڻ
ڳاڙهي ريشم يا سون جي هوندي آهي، اُن ۾ چانديءَ جو
ڪنڊو جو ڪياڙيءَ ۾ وارن سان وچي اٽڪندو آهي ڪي
نراڙ تي آلي ۽ ٽڪڙو به اٽڪائين. ڪنن ۾ جهومڪ،
نسبيون ڦل وغيره ۽ ڳچي ۾ هسي (هس)، دهري، تائيٿ،
ٻانهن ۾ چوڙيون، چوڙ يا چوڙا، ٻانهين ڏورن ۾ ٻانهوٽا،
ٻارڪيون، ڪرائن ۾ منگليون ۽ ڪتريا واڍولا، آڱرين ۾
منڊيون ۽ آڱوٺڙا، پيرن ۾ ڪڙيون، پازيب، نورا ۽ آڱرين ۾
پيرن جون منڊيون ۽ وڇوئڙا پارائيندس. هي ڳيچ ڳائين

Gul Hayat Institute

جنهن تي پنهنجيون توڙي سياليون (سيٽون) ڏاڍو رئنديون آهن.

**ڳيچ جا ٻول:**

اسان جي ويندڙي وارڙي جهمي، ڙي جهمي اسان جي لال ڪنوار،
سون جو پيڙو، ڙي لاڏي تنهنجو وات، ڦلڙن چانيو، ڙي جيڏل تنهنجو ڳاٽ،
توکي لکيو ڄام جراڙ - ڏيءَ ٻائي ڪنديم هار سينگار!

**سيج تيار ڪرڻ:**

سيج، چون گهوٽ ۽ ڪنوار جي هنڌ کي، جو جتي به رکي ان مٿان ٻنهي کي لانئون ڏين. اهو هنڌ پٽ تي نک يا تڏي مٿان ۽ کٽ تي به وڇايو ويندو آهي. جنهن جاءِ تي سيج تيار ڪن ته اتي ڪيترائي ڪرمٽ يا ڪريب ڪن. سيج جي هيٺان زمين ۾ لکيل ڪکڙ جا آنا پورين، ٻه ٻوٽا ڪٽڪ جي اٽي مان ٺاهي، هڪڙي تي گهوٽ جو نالو ۽ ٻئي تي ڪنوار جو نالو رکن. گهوٽ واري ٻوٽي جي وات ۾ سڳو لغام ڪري وجهن ۽ اهو ڪنوار جي ٻوٽي جي هٿ ۾ ڦاسائين، هيٺ زمين ۾ پوري. ڪنوار جا لاٿل چڪڙ ٿيل ڪپڙا، بستري ۽ تڏي جي وچ تي گهوٽ جي ويهڻ واري پاسي پکيڙي وڇائين. لانئن جي جاءِ مٿان، سڌو ڪڌ تي هنو رکي تنهن ۾ لغام اٽڪائي لانئن ڏيڻ مهل هڪڙي ڪنوار جي مائٽياڻي

مٿي چڙهي هني تي ويهي لغام ويٺي ٽڪيندي، جيستائين لانئون پوريون ٿين. هڪڙي ڪنواريتي ڪنهن ڪنڌ ڪونيءَ ۾ ٿامي جو ٽڪو هاون دستي سان ويٺي ڪٽيندي. انهن ٿوٽن ڪرڻ مهل ڪامڻن جو ساٿ ڳيو پيو ڳائبو: ڪامڻ زوران زور لڳي، گهوٽيتون انهن ڪامڻن جي اثر کان بچڻ خاطر گهوٽ کي ڏَس ڏينديون ته هو اهو سمورو وقت ڪاڳر ويٺو ڪتري، يا سوناري کان سون جي تند ڪڍائي ڏيندس ته ڌاڙه ۾ ڌانت جي وچ ۾ زور ڏيئي جهلي ويهي، جيئن انهن ڪريين جو مٿس اثر نه ٿئي.

**لانئون لهڻ:**

پهريائين گهوٽ اچي سيج تي ويهندو. پوءِ ڪنوار کي ويڙهي سيڙهي مونڙي ڪري آڻي گهوٽ کان پرپرو سيج تي ويهارينديون. گهوٽ کي چونديون ته ”رڙهي ويجهو ٿيءُ“ گهوٽ، جي رڙهيو ته کل پئجي ويندي ۽ چونديون ته پهريون شپ سولو ٿيو! هيءُ پهرين گيسي ڪنوار مهندان (اڳيان) ڪئي اٿس! ڪٿي ڪٿي وري پهرين ڪنوار کي سيج تي ويهارينديون آهن، پوءِ لانئون ڏين. شادي/وهانءُ ۾ هيٺيان ساٿ ڪيا ويندا آهن.

**لانءَ:**

مٿو ٽڪرائي ٿنين چٽڻ ٿنين(1) جو ڳيو ۽ لانئن جو ساٿ ڳيو هن طرح چون: هيءَ پهرين لانءَ چنڊ بائڙيءَ، ٿنيي

چِٽڻ: هي پهريون ٿنڀ اَڌڙيو منُ هريو، دولت پريو اسان جو لاڏو سيجڙيءَ چڙهيو. اهو پورو ڪري وري مٿو ڪنوار جو گهوٽ سان، وريئتي يا سهاڳڻ زال ٽڪرائيندي. ڪٿي ڪٿي اهڙو مٿو ٽڪرائڻ يا لانءَ گهوٽ جو پيءُ، مرشد ۽ راڄ جو پٽيل به ڏيندا آهن. (ان ڪان روپيو اچڪلهه مرضيءَ موجب ڏنو ۽ ورتو وڃي ٿو.) اُجورو لانءَ جو وٺن. ڪل ست لانئون انهيءَ طرح ڏين.

(1) ڪير پيارڻ جو ساٿ، (2) منڌي يا مانڌاٽيءَ جو ساٿ (3) ڏامڻ لنڙيون (چمڪون) يا وڃٽيءَ جو ساٿ، (4) سونگِي يا سونگيءَ جو ساٿ،(5) مٺ کولڻ يا ڏوري ڇوڙن جو ساٿ، (6) ترمئڻ (تر ميڙڻ) جو ساٿ، (7) ڦل (گل) چوندائڻ جو ساٿ.

**1. ڪير پيارڻ جو ساٿ:**

مٿو ڪير وٽيءَ ۾ وجهي گهوٽ ۽ ڪنوار جي وچ تي رکن. پهرين گهوٽ جون ڏهئي آڱريون ڪير مان بوڙائي ڪنوار جي اُرهه ڪي چنبدا هٽائين. ائين ٿي گهمرا ڪن ۽ پوءِ وري ڪنوار جون ڏهئي آڱريون بوڙائي گهوٽ کي ٿي پيرا چنبدا هٽائين. گهوٽ کي چون ته ڪنوار جا رومال سان هٿ صاف ڪري ۽ پنهنجا به. ڪي ڪير جو ڏُڪ ڏُڪ بنهي کي پرائين، باقي ڪير آسائتن کي ڏيئي ڇڏين. چون ته پيئو

ته توهان جي شادي به جلد ٿئي. وچ ۾ ساٿ ڳيو پيو ڳائبو آهي.

## 2. منڌي يا مانڌاڻي جو ساٿ:

جنڊيءَ جي ڳڻ واري منڌي ڪٽي، گهوٽ جي اجرڪ جي ڪنڊ کي ڳنڍ ڏيئي، منڌيءَ جو ڦل ان ۾ ٽڪائي، پهريائين ڪنوار جي ساڄي گوڏي، ڪلهي، مٿي جي سينڌ کي ڇهي، ڪاٻي ڪلهي ۽ ڪاٻي گوڏي تائين پهچنديون. اهڙي نموني ٽي لڳا ساٿ ڪنديون. پوءِ وري ڪنوار جي بوڇڻيءَ کي ڳنڍ ڏيئي، ڦل ڦاسائي ساڳيءَ طرح گهوٽ کي ٽي دفعا اهو سنوڻ ڪنديون ۽ ساٿ ڳيو چونديون.

## 3. ڏامڻ لنڙيون يا وڄڻيءَ جو ساٿ:

ڏامڻ هڪڙو گاهه جو قسم آهي جيڪو ڪوهستان ۾ پيدا ٿئي ٿو. ان جون ٿاريون يا لامون پٽي ان جي موڙي ٺاهي ساٿ ڪن. جتي ڏامڻ ناهي اتي وڄڻيءَ جي ڳڻ سان، مانڌاڻي جي ساٿ وانگر گهوٽ ۽ ڪناور کي ٽي - ٽي دفعا اهو ساٿ ڪيو ويندو آهي، پر ساٿ ڳيو ڏامڻ لنڙين (چمڪن) وارو ڳائين. مثال: ڏامڻ لنڙين ڇايا، سڄڻ مون گهر آيا.

## 4. سونگي يا سونگيءَ جو ساٿ:

هي ساٿ به منڌيءَ وانگر سونگو ڪنوار ۽ گهوٽ جي اجرڪ ۽ گنديءَ جي ڪنڊ ۾ ٻڌي، بدن ڇهڻ سان ٽي گهمرا ڪن ۽ ساٿ ڳيو ڳائين.

Gul Hayat Institute

**5. مٽ کولڻ ۽ ڏوري ڇوڙڻ جو ساٽ:**

ڪنوار کي هٿ ۾ ڪارڪ يا منڊي ڏيئي چونديون ته مٽ پيڙ. گهوٽ کي چونديون ته ڏائي هٿ سان هٿ جو بڪ مٽ مٿان رکي، زور ڏيئي، مٽ کول! پيو ڪوبه زور ڏيڻ جو ڍنگ قبول ناهي. جي مٽ نه کوليائين ته چوندس ڪنوار جو ٿورو مڃ. جي کولي ويو ته گهوٽيتيون واه واه ڪنديون، پر گهڻو ڪري مٽ ڪانئس ڪانه کلندي. وري ڪنوار جي پوتيءَ جو پلاند گهوٽ جي لونگيءَ يا اجرڪ جي پلاند سان ڳنڍيون به ڏيئي ٻڌنديون ۽ گهوٽ کي چونديون ته کٻي هٿ جي چيچ ۽ آڱوٺو ملائي پوءِ ڳنڍ کول! کوليائين ته واه، نه ته چوندس ته ڪنوار جو ٿورو مڃ. انهيءَ وچ ۾ ڏوري کولڻ جو ساٽ ڳيو پيو ڳائبو.

**6. تر مئڻ جو ساٽ:**

جي تر موجود هوندا آهن، ته اُهي، نه ته چانور ۽ ڪارڪون ٿالهه ۾ وجهي، گهوٽ ۽ ڪنوار جي وچ تي رکن. پهرين ڪنوار ٻڪ ڀري ٿي پيرا گهوٽ جا ٻڪ ڀريندي، وري ٿي دفعا گهوٽ پڻ ٻڪ ڀري ڪنوار جا ٻڪ ڀريندو. ساٽ ڳيو پيو ڳائبو. جو هن طرح ڳائبو آهي.

جيترا تر مٽيندي، اوترا پٽَ ڄڻندي.(1)

**7. ڦل چونڊائڻ:**

جي سچا گل نه مليا ته ڪپهه جي پوٽيءَ مان پها يا ڦڙا ٺاهي، ست سهاڳڻيون اهي ڦل ڪنوار تي اڇلينديون ۽ گهوٽ کي چونديون ته تڪڙو تڪڙو چوند. ساڻ ڳيو ڳائجي پورو ٿيندو. اهي ٻڙا گهوٽ جي پاڳ ۾ وجهنديون ته ٻاهر وڃي ڪنهن کوهه يا تلاءَ ۾ اُڇل.

**رسمون:**

ساٿ پورا ٿيڻ کان پوءِ هيٺيون رسمون ادا ڪيون وينديون آهن:

**ڪنوار جو منهن ڏسڻ:**

گهوٽ کي ڪنوار جو منهن ڏسڻ کان اڳ ڪنواريتيون چونديون ته چؤ ”ڪانو ڪانو، آءٌ ٻانيءَ جو ٻانهو!“ وري ستت ئي گهوٽيتيون چوندس ته چؤ ”ڪانو ڪانو، آءٌ الله جو ٻانهو!“ انهيءَ تي وڏي ڪشمڪشان هلندي، نيٺ گهٽي ريڙه پيڙه کان پوءِ ڪنوار جي جوٽن تي آهري يا آرسي رکي گهوٽ کي چونديون ته هن آرسيءَ ۾ منهن ڏس. ڪٿي ڪٿي منهن تان پاند کڻي منهن ڏيکارين ۽ ڪانو ڪانو به ڪونه چوائين. ڪي وري منهن ڏني کان پوءِ گهوٽ کي ڪوٺيءَ ۾ وٺي وڃي ڪنوار جا پير ڏئارائين. پوءِ ٻنهي کي اڪيلو ڇڏين. ته محنت جو ڦل ماڻين ۽ مائٽن جا پورهيا صاب پون ۽ اميدون پڄن!

انھيءَ ڏينھن شام جو يا بروقت مارڪو (معرڪو) مچندو. سپ ڪاڇيتيون گھورون گھمائينديون ڳائيندون نچنديون. ڪين چونديون ته ھر ڪا آس پني جي ڦيري ڏي ۽ سياءُ - پيٽون پڻ گھورون ۽ مبارڪون ڏينديون.

**نيڪيٽي:**

جي ڪاڄ ساڳئي ڳوٺ ۾ ڪيل ھوندو ته ورنديءَ رات جو ڪنوار کي مائٽن مان ئي نڪيڙي ڪيندا، پر جي ٻاھرتو ڄڃ ھوندي ته ڪنوار کي پنھنجي ساھراڻي ڳوٺ آڻي، ڪنھن پنھنجاڻپ جي گھر ۾ ترسائيندا. پوءِ اتان پنج ساٿ، جن ۾ 1. ڪير پيارڻ جو ساٿ، 2. منڏيءَ جو ساٿ، 3. وچٽيءَ جو ساٿ، 4. سونگي جو ساٿ، 5. تر مئڻ جو ساٿ ڪري، گھر وٺي ايندس. نڪيٽيءَ جي رات به، تر مئڻ جي ساٿ وقت جيڪي مائٽياڻيون ڪنوار سان تر پرينديون اھي ڪجھ نه ڪجھ ڏڪڙا ۾ ڪنوار کي ڏينديون، پوءِ ان ۾ زيور ۽ روڪڙ به اچي وڃي ٿي.[(1)](#)

تمام پري جي ڄڃ ھوندي ته ڪنواريتا ھڪڙي رات گھوٽيتن کي پاڻ وٽ ٽڪائي ڇڏيندا ۽ اھا رات، سڄي ڄڃ جي پاڻ مھماني جھليندا. ڪنوار کي نڪيڙي اچڻ مھل سندس پوتيءَ جو پلؤ گھوٽ جي لونگي يا اجرڪ سان ٻڌي نڪيٽيءَ جو ڳيچ ڳائي پوءِ گھر ايندون. ھنن سان دھلاري نه ھوندا آھن. جيڏي مھل ڪنوار گھر کان ٻاھر مائٽن کان

موڪلائي نڪرندي آهي، اوڏي مهل روج راڙو پئجي ويندو آهي چٽڪ جيئرو جنازو گهر مان ٻاهر ٿو وڃي. ڪنوار سان پيڻ، ماسي (ٻي ويجهي عزيزياڻي) گڏجي گهوٽيتن ڏانهن هلندي ۽ وري جڏهن ڪنوار ستاوڙي تي پيڪن ڏانهن موٽندي، ته ساڻس گڏجي ايندي. اهو ان لاءِ ڪندا آهن ته ڏاريا ماڻهو ڏاريو ماحول جيئن ڪنوار گهٻرائي نه، سندس مائٽياڻي ڪيس دلڏير ڏيڻ خاطر ساڻس گڏ هجي!

**لاگ ڏيڻ:**

ڪنوار جي گهر پهچڻ تي راڄ وارا مبارڪي ڏيڻ ايندا. جن ڪاڄ جي رهبري ڪئي هوندي انهن کي اجرڪون، پٽيل کي لنگي ڏيندا (روڪڙي رقم) ڏني ويندي. مڱڻهار جدا لاڳ جي گهور وٺندا. ڪٿي ڪٿي ڪدڙا فقير به اچي نڪرندا آهن ۽ ڳائي وڄائي گهور وٺندا. ان کان سواءِ مينگهواڙ جنهن چاندي جي جتي جوڙي هوندي، ڪنڀار جنهن ٺڪر جا ٿانوَ موجود ڪري ڏنا هوندا. سي به اُجوري بجاءِ لاڳ وٺن، ان کان پوءِ جيڪو ماڻهو گهوٽ جي لاءِ ٻوهڻو (سوکڙي) آڻيندو ۽ اچي مبارڪ ڏيندو ته ان کي به ڪجهه ضرور ڏبو آهي. جيڪي نياڻيون ڪاڄ ۾ آئي ٽڪايون ويون هونديون. انهن کي به جورا ۽ اونڌر ۽ روڪڙي خرچي ڏيئي ڳوٺ اماڻي ايندا ُجي مائٽ گڏ هوندا

ته پنهنجن آيل مائٽن سان روانيون ٿينديون. جيڪو ليکو چوکو هوندو سو به پهت پوئي مان لهڻيندارن کي ڏيندا. اُڌارو آندل سامان ڏٽين کي واپس ڪيو ويندو ۽ ڪٽل سامان جي قيمت پري ڏني ويندي آهي.

**ستاوڙو:**

ڪٿي ٽي ڏينهن، ڪٿي پنج ڏينهن ۽ وڌ ۾ وڌ ست ڏينهن. ڪنوار ساهراڻي گهر ۾ ڪوبه ڪم ڪار ڪانه ڪندي. گهوٽ کيس راضي رکڻ جي لاءِ روز رات جو ميوا، مٺايون ۽ ڦل ڦول پيو ڪارائيندو. وڏي شان عزت ۽ ٺٺ سان رهندي، سندس آيل مائٽياڻي سندس اُٿيءَ ويٺيءَ جي حاضري پئي پريندي ۽ پيون به بلهار پيون وينديون. راج ۽ ڳوٺ جون زالون پينديون ڪري ڪنوار جو منهن ڏسڻ پيون اينديون. پوءِ لوڪ منهن موڪ آهي، ڪا چوندي ته "هڙ هلاڪ پئسا پاڻي ۾" ڪي چونديون ته هنن جا وڏا ڀاڳ جو هڙي سدا ملوڪ سلڇڻي ننهن ملي اٿن. ڪنوار به گهر جو سمورو چالامانو ۽ ڪم تي پئي اکٽيث ڪندي. رواج سارو مدي گذرڻ کان پوءِ ٿيندي پيڪن ڏانهن رواني ۽ گهوٽ به ساڻس گڏ هوندو. ٻه - ٽي ڏينهن مائٽن ۾ رهي واپس ساهرين ايندي، پوءِ جي مائٽ دوري تي هوندا ته شادي مرادي، ڏک غميءَ تي وجي ٿيو پئي ايندي. جڏهن مائٽن ۾ پهچندي ته گهوٽ ڪنوار جي لاءِ ويچارا پيڪا،

وسعت سارو ڏاڍيون خوشامدون ڪندا. انگل آرا پورا ڪندا. ساهرين موٽي اچڻ کان پوءِ جي پهريون سهانجو (ويم)، پيڪن ۾ ڪندي، ان لاءِ مهينو ڏيڍ اڳواٽ مائٽن ۾ وڃي رهندي، جي نه ته اتي ساهرن ۾ ئي ٿهي ملي هيڪ ميڪ ٿي ويندي. چوندا آهن ته نئين ڪنوار نوَ ڏينهن، چڪيتاٽي تيرهن ڏينهن، ماري ڪٽي مهينو. جي ساهرن ۾ هري مري ويئي ته پوئتان جي چڪ توڙي سڪ سگهي لهي ويندي!

**ڪنوار کي کهنبا ڏيکارڻ:**

نئين نول ڪنوار، جڏهن پهريون گهمرو ڳرڪري (گرپٽي / پيٽ سان، اميد واري) هوندي آهي ته ان کي ستين يا نائين مهيني پيٽ هڻ تي کهنبو وڳو مائٽ ڏيکارئيندا آهن!

هڪڙي ڇٽي، راڄ کي وڃي ڪوٺ ڪندي، چوندي ته: اڄ شام جو فلاڻيءَ جي ننهن کي کهنبا ڏيکارئبا. جڏهن اهو وقت ٿيندو ته سيڻ سڄڻ ۽ سيالڙيون زالون به اچي ڪٺيون ٿينديون. پهريائين مارڪو لڳندو، جنهن ۾ پٽ چمڻَ جا سهرا ڳائينديون. مارڪي هلندي. ڪنوار کي کهنبو وڳو، جنهن جو رنگ گلابي يا لياري يا نارنگي رنگ جو هوندو، پوتي، چولو ۽ سٿڻ راڄ کي ڏيکاري، راڄ وڏيري پنهنجي هٿن سان ڏيکارئيندي ۽ ڳهه ڳٺا ۽ زيور به پارائيندس، کيس لال ڪنوار ڪري ڪوٺينديون.

Gul Hayat Institute

ڪنوار گونگهٽ ڪري پوتي منهن مٿان ڏاري، اڇي مارڪي ۾ ويهندي، مٿانس کهنبي جي ٻٽ يا ڪيسريو يعني لياري گندي پوندي ته مبارڪون ۽ واڌايون وري ويندايون. مٿي تي هٿ رکي پڪيون پوڙهيون ۽ مائٽياڻيون هن طرح دعائون ڪرڻ لڳنديون: ورَ سهاڳڻ، سپاڳي سدوري، پٽن ماءُ، شال چوٽي ٿڌي هوَنئي! ست پٽيتي، راڄ راڻي، گهر ڌڻياڻي. پنهنجا جڻي پاڻ نپائيندينءَ الله ڪندو ته سدا سهاڳڻ هوندينءَ ائين چونديون مٿائي سندس اڳيان رکنديون جنهن ۾ مصري، پتاشا، حلوو، ڳڙ، مستي، ڏونگهيون وغيره هوندو آهي، سا سندس اڳيان پنهنجيءَ پهچ سارو سير اڌ سير رکنديون ويندايون. ڪي ڪنوار تي مارڪي ۾ رڳو لياري پوتي يا ڪيسريو وجهن باقي ڪپڙا، گهروارا پوءِ اوڍائي چڙهينس. ڪپڙن ۾ گڏوچڙ رنگن جا ڪپڙا، گلابي، ڳاڙها ۽ لياري به هوندا آهن ۽ مٿان گهورون گهوري ڳائڻين کي ڏينديون وينديون آهن.

ڪنوار کي مليل مٺائي تنهن سان گڏ ڦوٽا، ڏونگهيون، باداميون، مصري وغيره گڏي پوءِ سڄي راڄ ۾ ورهائين.

کهنبن ڏڪڻ کان پوءِ، ڪنهن به اڪي انگ واري تاريخ جي رات جو، مائٽاڻي دائي (ڳوٺ/راڄ جي دائي) چار - پنج سير کير وٺي ڪنوار جي گهر ايندي پاڙيواريون ۽ پنهنجون اچي گڏ ٿينديون. فلاڻي ڪنوار کي کير جو سوڻ

ٿيون ڪريون. پوءِ اها ڪير جي چونئري (ٿانوَ) پهرين ڪنوار جي هنج ۾ هيئن چئي رکنديون ته الله پنهنجا ڪير پٽ ڏيس، وڏي ڀاڳ واري وڏي وڳر واري ٿئي شال! پوءِ ڪير سان ڪنڊ ملائي، وٽڙي پري ڪيس پياريندون، ان ڪان پوءِ سندس گهوٽ، سس ۽ ٻيون زالون ڪير جون وٽيون پيئنديون ڪنوار پهريون سهانجو (ويم) اباڻن ۾ ڪندي آهي. هن جي ماءُ ۽ پيئرون ڪير پي گهورَ ڏينديون، ۽ پوءِ سڄي راڄ ۾، سينڌ سٽات ۾، اهو ڪير ورهائبو ۽ گهورَ چار آنا، اَٺ آنا يا روپيو بلڪ ان ڪان به مٿي ملندي(1). اها سموري گهور، ويم ڪرائيندڙ دائي ڪٽندي ۽ سندس ٿيندي، ڪير به پڻ پنهنجن پيئسن سان آٽيندي.

ڪير جهوليءَ ۾ رکڻ وقت به آس پنيءَ جو ڳيچ ڳائيندون آهن.

**ڇٽي ڪرڻ جي ريت(2):**

نندي هوندي جو نينهن ڇنا ته چوري ٿيان!

ڇٽي جي نه ڪبي، ته ”ٻيبي ڇٽي“ ڪاوڙجي پوندي. جنهن گهر ۾ ٻار ڄمندو آهي ته ڇهين ڏينهن اتي اچي حاضر ٿيندي آهي. اچڻ سان ٻار جو جيئڻ ڪان وٺي مرڻ تائين سمورو احوال نصيب ۾ لکي ويندي آهي. تنهنڪري ڇٽيءَ جي رسم پٺ لاءِ ڄمڻ ڪان ستينءَ رات ۽ ڏيءَ جي ڇهين رات ڪبي آهي.

Gul Hayat Institute

**1. ڇٺيءَ رات ملهائڻ:**

ويائل زال کي سوا رپيو پير هيٺان رکي وهنجاري، کهنبو وڳو ڍڪائين، کير جو سوڻ ٻار جي ڳلن، نراڙ ۽ ڪاڌيءَ تي ڪن. ڇٺيءَ رات منٺي ماني گهڙي، اُن جا چار چوٿا ڪن، هر هڪ چوٿو ٻار تان ٿي لڳا گهوري، ڇٺي ڏسن تي اچلي ڇڏين.

هڪڙي ڪٺ تي ويائل زال ۽ ٻار کي سمهاربو آهي ان ڪٺ جي چوڌاري پاڳن سان لڳ، هڪ هڪ ٻاجهر يا جوئر جو ڪانو ڪڙو ڪري ٻڌي ڇڏبو آهي. ان ڪانن جي پر ۾ هڪ هڪ چوڪر هٿ وجهي جهلي بيهندو آهي. پوءِ ڪٺ جي چوڌاري ڇٺي ڪانن کي سٺ جا سڳا زالون ويڙهينديون، جيستائين ست تندا پورا ٿين. سوڻ پورو ٿيو ته چوڪر ڪانن مان هٿ ڪيندا. صبح جو اهي ۽ سٺ ويم ڪرائيندڙ دائي پنهنجي گهر کڻي ويندي. هن جو مقصد هوندو آهي، چوڪر ۽ سندس ماءُ کي بيبي ڇٺي حفاظت ۾ رکي.

کٺي ڪانن ۾ سٺ ويڙهڻ بجاءِ، ”آيت الڪرسي“ جو ڪوٽ چاڙهيو ويندو آهي. اها پڙهي ٻار مٿان دم ڪرائي ويندي آهي. اُهي اکر هي آهن.

آيت ڪرسي، ڪچُ ڪمان، لوهه جي ڪنجي رُڪ جو ڪوٽ.

يا علي! يا علي! تنهنجي اوٽ، تنهنجو ڪوٽ.



Gul Hayat Institute

چٺيءَ رات، به ڪوريون ٿيپون نڪر جون تن ۾ ڪير ۽ ٿامي جو پئسو وجهي، ٻار جي سيرانديءَ کان ڪٺ يا منجيءَ هيٺان رکي ڇڏين. چٺيءَ رات، ٻار جي رلڪي کي ست سيون هٽي ڪٿي جي لوڏ ٻڌي ان ۾ رلڪو وڇائي، ٻار سمهارين. ٻار جو مائٽ، گز ڪمان ڪٽي لوڏ مٿان ڇٽين. پوءِ موڪايا ويل ڏين.

چٺيءَ رات، قرآن، مس ۽ ڪاغذ ٻار جي سيرانديءَ کان رکن. ٻار کي ٻڄيءَ ۾ سون، هٿ ۾ سوني منڊي پائين. چٺيءَ رات مٺو پت رڌين. پاٺ پڙي بيبي چٺيءَ ڪاڻ ٻار جي سيرانديءَ کان رکن، صبوح جو ان پت تي بيبي چٺيءَ کي ختمو ڏيارين. چٺيءَ رات، ويم ڪرائيندڙ دائي، ويائل زال جون ڏهه ئي آڱريون ڪير مان ٻوڙائي، پهرين الهندي طرف، پوءِ اُتر، تنهن کان پوءِ اپرندي آخر ڏکڻ، ان کان پوءِ آسمان ڏانهن ۽ زمين تي ڪير جا ڇنبا هڻائي. اهي ڇنبا ٽي پيرا هڻايا ويندا آهن. چٺيءَ گذرڻ کان اڳ، ڪنهن ماڻهوءَ کي گهر مان جاڳتو يعني ٻريل ٽانڊو ڪڍڻ ڪونه ڏين، نڪي اولانپيون (اُماڙيون) پاڙيءَ سان اُجهائين. چون ته ائين ڪبو ته ٻار کي ڦوڦينڊا ٿي پوندا. چٺيءَ رات ڪاري سٽ جا ڌاڳا ٻاروٿا ٻار جي ٻانهن ۽ ٽنگن ۾ ٻڌن. ٻار کي ان ۾ توري اهو اَن خيرات ڪن. چٺيءَ رات ڪنهن پڙهيل يا بزرگ شخص

جي ڦيٽي ٻار جي تارونءَ کي مکائين. ڇٹيءَ رات، ٻار کي هنج ۾ کڻي سڄي رات گهوڙيءَ جو لغام ڇڻڪائين.

ڇٹيءَ جو سڏ دائي سيالن (سيڻ) توڙي برادر کي ڏيندي آهي. سڀئي گڏ ٿي ڇٹيءَ جا ڳيچ ڳائين ۽ مٿيان سنوڻ ساٹ ڪن. مٿو پٽ رڌي آيلن کي به کارائين ۽ ٿانءُ گهر گهر به ڏياري موڪلين. اتان جيڪا گهور ملندي سان دائي کڻندي آهي.

## 2. عقيقو ڪرڻ:

عقيقي جو سڏ پنهنجن توڙي پاڙيوارن کي موڪليو ويندو آهي. ڪوبه حلال جانور ذبح ڪري گوشت ۾ پٽ رڌي اتي ئي ويهي کائين، چون ته عقيقي جي پٽ مان ڇانور به ڪو پکي يا جانور نه ڇڳي، تنهنڪري باقي بچيل هڏا ڇانور، ذبح ڪيل جانور جي کل، رت به وڏي کڏ کوٹي پوري ڇڏين. عقيقو، جنهن ڏينهن ٻار ڄمي ان کان هڪ ڏينهن اڳ يا پوئٹي انهيءَ هفتي ۾ ڪندا آهن.

## 3. جهنڊ يا جاد:

عام عقيدو آهي ته، جهنڊ نه لهرائبي ته ٻار کي بيماري ٿيندي. جهنڊ ضرور ڪنهن اولياءَ تي لهرائجي، جنهن وليءَ تي جهنڊ باسيل هجي ته اتي ڏجي. ماڻهن جهنڊ سان گڏ جاد يا چوٹي به باسندا آهن. يعني سڄو مٿو ڪوڙائي يا ڪترائي ٿوري ڇڳ وارن جي ڇڏيندا آهن. اها جاد وڏو ڪاج ڪري

Gul Hayat Institute

پير تي باسيل باس پري خير خيراتون ڪري لهرائي ويندي آهي. ان تي شادمان ڪيا ويندا آهن. جهنڊ، الهندي ڏي منهن ڪري لهرائين. ڪي ماڻهو ٻار جي چمڻ شرط جهنڊ لهرائين ۽ پوءِ ٿڄ ڏيارين، چون جهنڊ جا وار پليت ۽ ٿڄ پاڪ آهي. ڪي ٻارهين مهيني جهنڊ ڪترائين، ڪي وري ڏندن اچڻ کان پوءِ.

جهنڊ، مٿي جي پهرين وارن کي ٿو چئجي. جي وارَ ٻار جي منبر مان نڪرڻ سان مٿي تي اُسريل هوندا آهن. انهن کي پليت شمار ڪندا آهن.

بلوچ قبيلا، اٺاري ڏينهن جهنڊ لهرائين ۽ سماٽ قبيلا، اربع ڏينهن جهنڊ لهرائين.

جهنڊ لاءِ پڻ شاديءَ وانگر پري پري جي عزيزن قريبن کي ڪوٺ موڪلبي آهي. جنهن اولياءَ تي، جهنڊ باسيل هوندي آهي اتي ڇج وٺي وڃي ڏاڍا گوشت ۾ پٽ رڌي، جهنڊ لهرائين. ڇج سڄي واٽ ڪڪي جي آسن اميدن جا ڳيچ ڳائيندي هلندي آهي. درگاهه جي پڙَ ۾ پهچي، مجاور کان جهنڊ لهرائي، ٻاڙهي هلواڻ جي ڪپڙي ۾ اُهي وارَ ۽ انهن سان چاندي يا پنج پئسا ڳڏي، ڳوٿري سبي اتي بيٺل ڪنهن وڻ جي ٽاريءَ ۾ ٻڌي ڇڏين. جهنڊ لهڻ کان پوءِ ڳائڻ ۽ ناچ ڪري پوءِ پٽ کائين ۽ گهورون ڏين.

جهنڊ لهرائڻ جي ڏينهن ماءُ، پيءُ ۽ حجام يا مجاور کي روزو رکائين. جهنڊ لهڻ تائين ڪوبه اتي حقو ٻيڙي به ڪونه ڇڪيندو. جهنڊولي جو چولو حجام کي ڏيندا. ڪي جهنڊ لهڻ وقت ڦلا ورهائين، ٻار تان ڪوڏيون گهوري اڇلين، ڪي ڪٽي ورهائين. ڪٽي، ڪٽڪ ڏري ان ۾ مٺاڻ وجهي، گيهه ۾ پچن جا لپئي ٿي پوي، اها کائين، ورهائين. ماءُ - پيءُ ان مان ڪون کائين، چون ته جي ماءُ پيءُ ان مان کاڌو، ته ٻار گونگو ٿي پوندو.

جهنڊ واري ٻار کي اڪيلو ڪونه ڇڏين. جهنڊ لهرائڻ ۾ ڏينهن هوندا ته جهنڊولي جي وارن ۾ ميڻ يا ڪئنچي اٽڪائي ڇڏين. وارن مان جوئن به ڪونه ڪڍن، جي ڪڍن ته مارين ڪونه اُڇلي ڇڏين.

**وڏاڻو:**

جن گهرن ۾ جهٽ جهٽ ڪو خوشيءَ جو موقعو پيدا نه ٿيندو آهي، ته اهي ٻار جو وڏاڻي (سروَر) جي خوشي ڪرائيندا آهن، جنهن ۾ پلاءُ (برياني) رڌي ماڻهو سڏي انهن کي کارائي گهور گهاٻار وننڊا آهن.

واڏڻو آهي ٻار وڏي ٿيڻ جي خوشي، جڏهن ٻار ٻانبڙا پائڻ ڇڏيندو آهي، تڏهن گهروارا ان کي چوندا آهن ته ”اُٿي وڏو ٿيءُ“ ٻار پيرن تي بيهڻ جي ڪوشس ڪندو آهي، اٿي بيهندو پر توازن قائم رکي نه سگهندو ۽ ڪري پوندو، آخر

ايئن ڪندي ڪندي اٿي بيهندو، پوءِ پير ڪڻندو تان جو هلڻ لڳندو. جنهن ڏينهن ٻار ڦد ڦد ڪري هليو ته مائٽ خوش ٿيندا، ڪوڏاٽا ڏيندا، چوندا:
پين پنڌڙو ڪري! وڌو پريو ٿئي، ماڻس رٻڙي رڌي. ماءُ کي ڪمائي كاراءِ وغيره.
پنڌ واري ڏينهن تي مگڻهار گهرائي ٻار جي واڌ ڪاڻ ۽ هلڻ جو وڌاڻو وچارائين، مٺن مائٽن کي سڏين. گهڻو ڪري ڪڻڪ يا ٻاجهر جا ڳڙ ۾ مٺا ڪوهر رڌي ورهائين. هاڻ ته چڻا به رڌي ورهائين ٿا. پوءِ جيڪا گهور ملندي سا مگڻهار کي ڏيئي ڇڏيندا آهن.
طهر/سنت /ختني جي ريب
طهر، معنيٰ پاڪائي، هن ۾ پيشاب جي نليءَ جو غير ضروري چمڙو ڪپيو ويندو آهي. طهر جو رواج حضرت ابراهيم عليه- السلام جي ڏينهن ۾ پيو. ڇا هو ته جنگ ۾ سسي لهڻ کان پوءِ ڪافرن ۽ مسلمانن جا ڌڙ سڃاڻي ڪين سگهبا هئا. تنهنڪري طهر ويهارڻ جو مسلمانن کي حڪم ٿيو ته جيئن اهي پنهنجن مجاهدن جا ڌڙَ هٿ ڪري پوري سگهندا هئا. اسان جي نبيءَ سڳوري محمد ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن پڻ انهيءَ رواج کي قائم رکايو. تنهنڪري طهر کي سنت ابراهيمي يا خالي سنت پڻ سڏين.
ختني جي معنيٰ چمڙو ڪپڻ آهي.

طهر چوڪر جي چڻيءَ گذرڻ کان پوءِ، ويندي بالغ ٿيڻ تائين ڪرائي سگهبو آهي. جيستائين چوڪرو طهر نه ويهندو تيستائين شادي نه ڪرائيندا آهن. طهر جا ڏينهن ٻڌبا آهن.
طهر جي ڪاڌ (ڪوٺ) سيڻي مٽن مائٽن توڙي سيالن ۽ اوري پري وارن کي ڏني ويندي آهي. ڄاڃي اچي گڏ ٿيندا. ٻڪي پوندي آهي. ڪٿي ٻن ڏينهن تائين در تي دس پيو وڄندو آهي، ڪٿي ست راتيون ڳيچ پيا ڳائبا آهن. مقرر رات جو گهوٽ کي هٿن پيرن کي مينڌي لائينديون ڳانو ساڄي هٿ ۾ ٻڌنديون ۽ سڄي رات آس پنيءَ ۾ طهر جا ڳيچ زالون ڳائينديون آهن. صبح جو ڏِڪ ٿيندي.
**ڏک:**
گهوٽ کي چني ۾ ويهاريندا. زالون ڳيچ ڳائي ڪپڙا ڪٽي ايندِيون. پوءِ طهر ويهاريندڙ حجام گهوٽ کي وهنجاري نئين سٽڻ، پهراڻ، پٽڪو يا ٽوپي وجهي اُن جي مٿان ٻٺَ يعني کهنبي پوتي ۽ پرت پريل بوڇڻي گڏي، مٿي تان وجهندو، تنهن جي مٿان موڙ ٻڌندو. پوءِ گهور اگهاڙيندو. ڳانو، موڙن جي گهور ٿالهيءَ ۾ وجهندا، جنهن ۾ چانور ۽ ڪپڙا ڪچي آيا هوندا. چانور ۽ گهور ڪٽندو پاڻ ۾ گهوٽ جا لٿل پراڻا ڪپڙا به ڪٽندو. پوءِ نڪرندي سرگس. ڄاڃي ۽ دهلاري ڳائيندا ڪافيون چوندا، ناچ نچندا سڄي ڳوٺ کي

Gul Hayat Institute

ڦري ايندا گهر. گهوٽ گهوڙي يا اٺ سنجيل تي چڙهيل هوندو، ساڻس اهنيار به هوندو. جنهن سان تعديون پيا ڪندا. گهر پهتو ته سٺڻ لاهي اچي يا ڳاڙهي هلڪي ڪپڙي جي گوڏ ٻڌائيندس ۽ ٺڪر جي ڪوندي پاٺ يا ٽامي جي ٿالهه تي ويهاري پوءِ طهرائيندس.

**طهر:**

حجام چوڪر کي پاٺ تي ويهاري، تکي پاڪي چمٺو ۾ ڳني ڪاٺ جي، اندرين ماس کي آڏي ڏيئي چمٺي، غير ضروري چمڙي جي پچاڙي ۾ وجهي، چمڙيءَ کي اڳيرو چڪي، پاڪيءَ سان چهڪ ڏيندو. بروقت رت تي ڳائي چيٽي جي ڦلهيار (چار) وجهي چڏيندو. مبارڪن جو هل پئجي ويندو ۽ اُن وقت گهور وري طهر ٿيڻ جي پوندي. طهر ويهارڻ مهل جيڏي مهل ڪونديءَ تي چوڪرو ويهندو ته مائٽ سوا روپيو پير هيٺان رکندس. پيءُ يا ٻيو عزيز کيس جهوليءَ ۾ جهلي ويهندو. ڪي ڪي چوڪر، حجام کي چمات به هڻندا آهن، جنهن تي حجام ڪاوڙجي اُٿي ويندو، پوءِ پاٺي پرچي ويندو. جنهن جي عيوض مينهن يا ڍڳي حجام کي ملندي. اهو وڏن ماڻهن جو رواج آهي. چهڪ ڏيڻ کان اڳ چوڪر کي شربت پياريو ويندو آهي ۽ مصريءَ جو ڳنڍو وات ۾ وجهندس. حجام چوندو ته ”مٺي سوني جهرڪي ته ڏس“ هو نهاريندو ته طهر ٿي

ويندو، پوءِ طهريل کي گوڏن وٺان اوڪڙو ڪٽي گهر ايندا آهن.

**گهر اندر ريت:**

طهر ٿيڻ جي مهل تي نينگر جي ماءُ ]ويجهي مائٽياڻي) جنڊ يا قرآن مٿي تي رکي ڪنڊيءَ ۾ پاڻي وجهي، ان پاڻي ۾ پير وجهي بيهندي آهي، الله تعاليٰ کان خير جون دعائون گهرندي آهي. طهر جي ٻاهران مبارڪ ٻڌڻ تي جنڊ يا قرآن لاهي رکي هڪبئي تي پاڻيءَ جا گهڙا اوتينديون آهن ۽ مبارڪن جو هل پئجي ويندو ۽ ويجهي سڱ واريون مائٽياڻيون ۽ مڱڻهاريون ڳائڻ ناچ ڪي لڳي وينديون آهن. چوڪر کي سٽي هنڌ تي ٻنهي پاسن کان طول وهاڻا ڏئي سئين ڪرنگهي سمهارين (يعني سڌو ڪري سمهارين) سندس ڪاڌو خاص هوندو آهي. ٿن ڏينهن کان پوءِ اٿي هلندو آهي. انهيءَ وچ ۾ حجام، روزانه سندس خبر پيو وٺندو، ٻورو ۽ دوائون ڏيندو ويندو. اٽڻ تي جنڊيءَ جو چمٽو به ڦاڪي ڏڪر وانگر ڳني هوندي سا هٿ ۾ ڪٽندو ۽ اها رانَ تي هٽي وڃائيندو وتندو، تان جو ڦٽ ڇٽڻ کان پوءِ مٿي تي صحتياب ٿيڻ (چڱي ٿيڻ) جو پاڻي وجهندو ۽ پوءِ وڃي ڪم ڪار کي لڳندو.

------

سنڌو سڀيتا، پنهنجي اوج ۾ هڪ ٻلوان ۽ ڪرشماٽي سماج جي حيثيت ۾ زنده رهي آهي، هن جو اهـو ڳڻ گهڻ رخو رهيو آهي، هڪ پاسي سنڌ جي پٽي لوڪن جو واپاري وهنوار، وچ اوڀر، آفريڪا ۽ يورپ سان رهيو. ٻئي پاسي انهيءَ سماج جي اُن وقت جي مهندارن جو رابطو ۽ ڳانڍاپو سنڌ جي زرعي سماج ۽ پرپاسي جي ڌوٿي ۽ شڪاري سماجن سان به تهائين پختو ۽ مضبوط رهيو. اهي سمورا تعلقات پنهنجي بنياد ۾ واپاري هئڻ سان گڏ ثقافتي به هئا. ڏيتي ليتي واري انهيءَ وهنواري ۽ ڪاروباري لاڳاپن سنڌي ٻولي ۽ ثقافت کي گهڻ رنگو ٻڻائي ڇڏيو. اڄ جي سنڌي ٻوليءَ جا لاڳاپا دنيا جي مڙني ٻولين سان ثابت آهن. ان ريت سنڌ جو ثقافتي تعلق آريائي ۽ دراوڙي سماجن کان متاثر ۽ ڪين ۾ متاثر ڪندڙ رهيو آهي.

محترم ولي محمد طاهرزادي پنهنجي ڪتاب ''سنڌ جو لوڪ ثقافتي ورثي'' جي منڍ ۾ اهڙي ڪٿا بيان ڪئي آهي. هن جو هيءَ ڪتاب سنڌي لوڪ ادب ۽ ثقافت جي هڪ وڏي سهيڙ آهي. سنڌي سماج پنهنجي بنياد ۾ زرعي ۽ واپاري سماج هئڻ وارا گڏيل ڳڻ رکي ٿو.

آڳاٽي سنڌي سماج ۾ گهوٽ کي تيار ٿيڻ مهل ''هر'' تي ويهاري وهنجاريندا هئا، اهو ساٿ ان ڪري ڪندا هئا، جيئن هو ٻني وارو ۽ پنهنجي جوڳ وارو ٿئي.

Gul Hayat Institute

شادي جي رسمن ۾ تر مٺڻ مهل ڳائل ڳيچ آهي ته:
جيترا تر مٽيندي، اوترا پٽ ڄيڙدي
* * *
ڪنوار جي گهر ۾ اچن مهل ڳائل ڳيچ آهي ته:
ڪونج ڪاڏئون آتي ڙي!
ڪونج ولر واري!
پيٽن پائرن واري.
* * *
ٿري لوڪ گيت:
مارا لال وڻجارا وؤ
منان لئي هالو گجرات وؤ
مارا لال وڻجارا وؤ
* * *
لطيف سائين جي هيءَ وائي به وڻجارن جو گيت آهي.
وڻجارا ٿا ورن ڙي،
ڏينهن ڏئي ٿيا تن کي.
* * *
اهي وڻجارا جيڪي جاوا، سماترا، مسقط ۽ بحرين تائين ويندا هئا.
هڪ ساحلي سنڌ ڳيچ آهي ته:
چيٽا هنب چڙيسان

Gul Hayat Institute

مسقط مان پيڙي آئي،جنهن ۾ آيا انب،
آءُ کايان کلي کلي، توکي ڏيان ڏنپ
چيٽا هنب چڙيسان
هڪ ڪراچيءَ جي ساحلي علائقي جي ميربحرن جو گيت آهي ته:

لئي لئي خـُشان خشان،
ٻڌ لئي خشان خشان.
شادي ٿئي ميلي ۾
پت رڌان چيلي ۾

لئي لئي خشان خشان،
ٻڌ..................

Gul Hayat Institute

زيبل کي ڪکو کپي،
مومل کي چڪو کپي.

لئي لئي خشان خشان،
ٻـُـڏ لئي.................

ميرايو! ميرايو!
گهوٽ گهمي گهر آيو...
لئي لئي خشيان خشيان
سمورن سنڌي لوڪ گيتن ۾ عوامي امنگ آهن پوءِ اهي سنڌ جي ساحل جا هجن يا ٿر جا هجن. سنڌ جي لوڪ ثقافت جا انيڪ رنگ آهي. جنهن جو حدون تمام وسيع آهن. هن ۾ سنڌ جا سمورا لهجا ۽ ٻوليءَ جا رنگ ۽ دؤر شامل آهن.
هڪ سنڌي پهاڪو آهي ته:
”کهڙا ڦاڙها ماريا اٿس.“
هيءَ شڪاري دؤر جي نمائندگي پهاڪو آهي.
هڪ ٻيو سنڌي پهاڪو آهي ته:
”پاڳ ڏي پيڙو ته دال مان سيرو.“
اهو لفظ ”پاڳ“ اصل ۾ پاڱ/پاڱو حصوﷲ آهي، هيءُ لفظ شڪاري دؤر سان تعلق رکي ٿو. انهيءَ زماني ۾ انساني قبيلن جو گذران جو مک ذريعو رڳو شڪار هو، شڪاري قبيلن جي ”نيات“ جي اصولن مطابق سڀ شڪاري پنهنجو پنهنجو ڪيل شڪار پنهنجي چڱي مڙس وٽ جمع

Gul Hayat Institute

ڪرائيندا هئا، اِهو ”مکي“ سموري ڳڏ ڪيل شڪار جا پاڱا ڪري، سڄي برادري ۾ ورهائيندو هو، جيئن ڪو بکيو نه رهجي وڃي. شڪاري دؤر جي انهيءَ چڱي مڙس کي ”پاڱوان“ ڪري ڪوٺيندا هئا، شڪاري دؤر جو اِهو برادريءَ جو پريو مڙس زرعي دؤر ۾ ”پڳوان“ ”خدالله سڏجڻ ۾ آيو.

ان ريت اهو لفظ ”ڀاڳ“، ”ڀاڱ“ اڄ سڄي سنڌي ڪنڊ ۾ نصيب جي مفهوم ۾ استعمال ٿئي ٿو.

انهيءَ نموني ڌنارڪي دؤر ۾ جڏهن ماڻهن جهنگلي جانور: اُٺ، ڳئون، مينهن، رڍ ۽ ٻڪري ڌارڻ شروع ڪيا ته وڏيڪ نوان پهاڪا ٻوليءَ منجهه آيا جهڙوڪ:

”ڌڻ ته ڌٽي نه ته وڪڻ ڪٽي.“

ڌن دولت، اهو لفظ ”ڌن“ اصل ۾ ڌڻ ئي آهي، انهيءَ زماني ۾ ۽ اڄ به جتي جتي سانگي لوڪ رهن ٿا. اُتي ملڪيت جو ڪاٿو ”ڌڻ“ جي ڳاڻيٽي تي لڳايو وڃي ٿو.

لطيف سائين جي هڪ بيت جي سٽ آهي:

”ٿوري قوت قراريا، رهن سبر سٽ.“

اهو لفظ قوت يا ”پيٽ قوت“ ڏوٿي دؤر جي نمائندگي ڪري ٿو، جنهن جي معنيٰ پيٽ گذران ڪرڻ آهي. ان ريت سنڌي سماج پنهنجي جوڙجڪ ۾ گذران جي لحاظ سان گهٽين سطحن تي ورچيل رهيو آهي، هتي ڏوٿي ۽ آهيڙي، زرعي

Gul Hayat Institute

۽ جديد سماج جا نه رڳو لفظ پر ڪيترن جاين تي اهي سماج اڄ به پنهنجي ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ موجود ۽ چرپر ۾ به آهن.
ڪيتريون چوڻيون مڇي مارڻ واري انهيءَ شڪاري سماج جي نمائندگي ڪن ٿيون. جهڙوڪ:
”ٻيڙيءَ تريا“
يا ڪنهن کي پٺ ۽ پاراتو ڏيڻ ته:
”ٻيڙي ٻڏئي!“
سنڌي سماج جون ڪيتريون رسمون ۽ ريتون پنهنجي قدامت ۾ تمام جهونيون آهن:
ننڍن ٻارن کي ننڊ ۾ چرڪ پوڻ تي سندن ويهاڻي هيٺان ٻگهڙ جي کل رکڻ، مڇي مارڻ واري جاري منهن رکيءَ جي مٿان وجهڻ وغيره. انهيءَ قديم شڪاري دؤر جو سونسائي ڳالهيون آهن، جيڪي اڄ به سنڌي سماج ۾ موجود آهن ۽ موجود رهنديون.
سنڌي سماج پنهنجي اصل جوهر ۾ پنهنجي سچي قدامت کي سانڍيندڙ ۽ سنڀاريندڙ رهيو آهي. هن جي قدامت ۽ ڪلاسڪ ۾ گهرو رابطو ۽ رشتو رهيو آهي.
**لطيف چيو آهي ته:**
گهوڙن هنيون گهٽيون، اُن هنئي آنءُ،
جا نينهن ڳنهندي نانءُ، سا مون جيئن پوندي مامري.

مطلب: گهوڙن ُوارنلله ته گهٽن ُسچي قوملله سان هاجا ڪيا آهن پر مون سان اُنن ُوارنلله ظلم ڪيو آهي.
هن بيت ۾ سچي سنڌ جي ويجهڙ واري تاريخ اچي وڃي ٿي، ته گهوڙن تي چڙهي سنڌ تي ڪيتريون ڪاهون ڪيون ويون.

**لطيف چيو آهي ته:**

سي ڪوهيارا ڪُنَ نيا، ماريا جن ٿي مَڇ،
گهوڙا! تن گهوٽن جا، پيا رُلن رَڇَ،
پاٽهي مرو مڇ! ويو ماٿُ مرڻ جو.

****

جاڳي جان ڏٺائين ته، گهوڙا! گهر نه سپرين.

****

اِهو لفظ ”گهوڙا“ اڄ سنڌ ۾ ظلم ۽ هاجي ٿيڻ تي استعمال ٿئي ٿو.

سنڌ ۾ شاديءَ جي رسم ۾ ڪنوار جي گهر جي چائنٺ تي ڏڪٽي ٽوڙڻ جي رسم ٿيندي آهي. لطيف سائين انهيءَ رسم تي چنيسر جي ڦڏن پيرن بابت چيو آهي ته:



Gul Hayat Institute

پوچا ڏنم پير، ڏکڻ مٿي ڏول جا،
پروڙيم تنهين ويو، ته ڪوجهي ڪندو پريتڙي.
ُگهوٽ (چنيسر) جا پير ٻولائتا نه هئا، ڪنوار (ليلا) ڏڪٽي توڙڻ مهل اهي پير ڏسي سمجهي ورتو ته هن جي محبت به اهڙي ئي (عيب واري) هوندي. ﷲ
ان ريت هن ڪتاب ۾ لکيل ريتون رسمون زماني جي بدلجڻ سان پلي بدلجي وڃن، پر هيءَ ڪتاب “سنڌ جي لوڪ ثقافتي ورثي” کي هڪ ثقافتي جي اهم اپپاسي ڪتاب طور صدين تائين ياد رکندو.
هن ڪتاب ۾ ولي محمد طاهر زادي پنهنجي وت ۽ پورهئي آهر اهي سمورا رنگ اُوتڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن سنڌي ۽ سرائيڪي ۽ ٿري گيت سپ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي پر اهو ممڪن ئي ڪونهي ته ڪنهن هڪ ڪتاب ۾ هيڏي وسيع سنڌ جا سپ رنگ اوتجي سگهجن، چاچي محمد خان مجيدي جي چوڻ مطابق:
جوئي آهيان، سوئي سنڌ،
توکي ڳايان، رنگ رچايان،
منهنجو رنگ اهو ئي سنڌ،
هيءُ ڪتاب سنڌ ۽ سنڌي سپيتا سان پيار جو املهه پورهيو آهي.
Gul Hayat Institute

هن ڪتاب جي ٻولي اِهائي آهي جا قاضي قاضن ڪان شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام ۾ ڪتب آيل آهي. هيءُ ڪتاب سنڌ جي اُتم شعر واري ٻوليءَ جو لهجو رکڻ جي ڪري به خاص اهميت ۽ جوڳو ڌيان لهڻي ٿو. هن ڪتاب کي لکڻ ۽ سهيڙڻ ۾ محترم ولي محمد طاهرزادي جيڪو پورهيو ڪيو، جو پنهنجي مشاهدي ۾ آيل تمام ثقافتي وٿن، شين، ڳالهين بابت لفظن جو تاجي پيٽو ويهي جوڙيو آهي. هن ۾ سنڌ جي تاريخ، رهڻي ڪهڻي، هُنر، ڪلا، سنگت، زيور، ريتون، رسمون، ڪرتون، وندرون ۽ لاڙ جي شاهڪار ٻوليءَ کي استعمال ۾ آندو آهي.

هن ڪتاب جي سوڌ سنوار ڪندي مون پنهنجي ۽ سڄڻ غلام محمد لاکي جي صلاح سان گڏ محترم اعجاز منگيءَ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ کان به گاهي ماهي رهنمائي حاصل ڪري نئين ترتيب سان هيءَ ڪتاب درست ڪري راس ڪيو آهي.

جوڳيئڙا جهان ۾، هڪڙا نوري پيا ناري،
ٻري جــن ٻـــاري، آءٌ نـــه جيئندي اُن ري.

(عبدالحفيظ قريشي)

---

[(1)](#) ليڪ جو ساڳئي متن وارو مضمون رسالي مهراڻ 3 - 1967ع ۾ شايع ٿيل آهي. (ادارو)

(1) هيءُ چئن ماڻهن مقرر هجڻ ڪن خاص قبيلن سان لاڳو آهي. اڪثر ڪري هڪڙو ئي پريو مڙس ٿئي جو شاديءَ جا ڪم موقعي سارو ٻين باهمت ماڻهن جي مدد سان نباهيندو آهي. (ليکڪ)

(1) سانباهي جي رقم سڀ ڪنهن قسم جي سڱ ۾ مروج آهي بدي وارو، توڙي بنا بدي، وارو توڙي ٽڪن واري سڱ هجي. (ليکڪ)

(2) سهاڳڻيون چانورن جو ڳارو جنڊ ۾ وجهي ان کي ست اُبتا سبتا ڦيرا ڏين يا ”پڪ“ پري سارين جو جنڊيءَ ۾ وجهي ڏرين، يا چڙين.

(1) بنو، وَنو يا وَنه چون. گهوٽ کي، اصلي ونه وهاڻءُ لفظ هو جيڪو گهٽي استعمال کان ونواه يا وناه چيو وڃي ٿو. ’پر اڄڪلهوڏ ۾ وڏ پنج ست ڏينهن ويهاريو ويندو آهي.)

(1) اکيو، تسر يا ريشمي ململ جي ڳاڙهي يا سائيءَ مستطيل اڳڙيءَ کي اکين جي برابر ڏنگ ڪري ۽ ڪنڊن کان ڏورا ٻڌي وچ ۾ چمڪ، گوٽو، ستارا ۽ ٽڪون مڙهي اڌ هٿ لنبو ٽڪر ٿاهين.

(1) پريپ لفظ جي معنيٰ آهي پريه+ شپ يعني چڱو موقعو.

(1) ٻه گنديون يا پوتيون، انهن مان هڪڙي کهنبي يا گلابي رنگ جي هوندي آهي، جنهن کي ڪيسريو به ڪوٺين، ۽ ٻي پرت پريل بوچڻي. انهن ۾ هيٺان ڪيسريو ۽ مٿان بوچڻي ملائي گهوٽ جي مٿي تان وجهن. ان کي ٻٽ يعني ٻه پوتيون چون مٿان موڙ ٻڌن. (ليکڪ)

(2) هڪڙي دفتري يا پاڻي جو ٽڪر جو نراڙ تي پورو ٿي اچي، ان تي رنگا رنگي پنيون هٽي چمڪائي هيٺان گل ڪاغذ جا نرين ۽ موتين جون لڙهيون ٿاهي، پاس کان مٿي جي چوڌاري ٻڌڻ لاءِ ڏورا وجهندا اٿس انهن کي ڪاڳري موڙ چون. ٻيا

Gul Hayat Institute

ڪپڙي تي ٽڪون ستارا مڙهي، پرت پري هيٺان ڪچ ڪوڏن جون لڙهيون ٺاهي اتڪائين ۽ پٽ جا ڦندڙ به ٽاڪين انهن کي ”پڪاموڙ“ چون. (ليکڪ)

[3] اصل لفظ آنهر وار هو آنهريا آهر معنيٰ مرد وار معنيٰ حفاظت ڪرڻ يا وارڻ. اُن مان اهنيار ٿيو. آنهر آٽي اوپٽي، رن وڃائي رنبو، مشهور چوڻي آهي. (ليکڪ)

[4] سروَر ديري غازي خان ۾ بروچ قبيلن جو مرشد ۽ اولياءُ آهي. ان جو مخدوم سرور نوح رح سان واسطو ڪونهي. (ليکڪ)

[1] ڪوٺاري: ڪوٺي جو سامان ڪٽندڙ. (ليکڪ)

[2] ڪوٺو: ڪوٺيءَ جو مذڪر لفظ آهي. ڪوهستاني ماٺهو. مليل ڏيپ، تؤنرين ٿوئن جي چوڪندي جاءِ ٺاهي ان ۾ ڪٺ وجهي ان تي رکي ڇڏين، جو سڀ چاچي اتي بيهي ڏسن، ان اڏاوت کي ڪوٺي ۽ منجهس رکيل سامان کي ڪوٺو چون. (ليکڪ)

[3] اصل لفظ پيڙهائتو هو پوءِ پڙهو آخر پڙو ٿيو معنيٰ پيڙهه جو يا بنيادي سامان. (ليکڪ)

[1] هاڻ نڪاح يونين ڪائونسل جو مقرر ڪيل مولوي رجسٽري ڪري پوءِ پڙهندو آهي. (ليکڪ)

[2] وارث جي حالت ۾ ڪنوار جي بجاءِ سندس وارث ڪان ٿي دفعا پڇيو ويندو، ”فلاڻي ڌي فلاڻي جي هيتري ڪابين سان فلاڻي پٽ فلاڻي جي کي شريعت محمدي موجب حق نڪاح ۾ ڏين ٿو؟“ (ليکڪ)

[1] پهت جي معنيٰ جيڪي سهسائي سگهجي، ۽ پوئو جي معنيٰ عقلي ورتل آهي. چاڪاڻ ته اڳ ليکي چوکي جي ڪاڳرن کي سگهي ۾ پوئي رکيو ويندو هو. انهن

Gul Hayat Institute

پوتل ڪاغذن کي پوئو چوندا هئا. اهڙي طرح پائرن کان اُڳاڙيءَ واري رقم کي پوئو ڪوٺبو هو، جو پوءِ پوئي رڪندا هئا. (ليکڪ)

(1) اڇڪلهه موٽرڪار جو واهپو آهي. (ليکڪ)

(1) ساٿ ڳيو = ساٿ جا ڳيت.

(1) ڪنوار کي وهانءَ رات پڙو پارائڻ جو رواج سماٽ ذاتين ۾ هو. هاڻ گهٽجي ويو آهي. (نظرثاني ڪندڙ)

(1) ٿڻين جو جيڪو ساٿ ڳيو چون ٿيون. سو صحيح هن طرح آهي. هي پهريون ٿڻپ ٿريو منُ هريو دولت پريو. يعني ٿڻپ معنيٰ ٿار پر هو ٿڻپ، غلط ٿيون چون. (ليکڪ)

(1) نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)

(1) ڏِڪٽا = اهڙي خرچي جا ڏيکاري ڏجي (نظرثاني ڪندڙ)

(1) هاڻ گهور ۾ وڏيڪ رپيا ڏيڻ جو رواج آهي. (ليکڪ)

(2) ساڳئي متن وارو مضمون پر ۾ چاهي عنوان سان رسالي مهراڻ 3 - 1967ع ۾ شايع ٿيل آهي. (ادارو)

*

Gul Hayat Institute

# باب ٿيون

# لوڪ ناچ وارا گيت

”قدرت جو خلقيل هر ساهه وارو ”جيو“ جڏهن خوش ٿئي ٿو ته موج ۾ اچي ”ڪوڏ“ ڪري ٿو. پکي ڪنپ ڪنديري ناچ ڪن ٿا جيئن مور ڪوئل وغيره آهن. مٿيون ٻوليون ٻولين ٿا. هرڻ ڪوڏ ۾ اچي نچن ۽ ٽپن ٿا. هر ساهه واري وانگر دنيا جي هر ڪنڊ ۾ وسندڙ ۽ تمام ٻوليون ڳائيندڙ انسان، قومون ۽ ذاتيون پنهنجا الڳ الڳ قومي ۽ عوامي ڳيچ ۽ رقص رکن ٿيون. جيڪي سندن وڏن خوشيءَ واري لمحن ۾ جوڙيا، جن کي سندن هر لائق پيڙهي، اباڻي ميراث طور سانديو، سنڀاريو ۽ سنواريو، اڳتي نئين پيڙهيءَ تائين پهچايو. ان ريت سنڌ ۾ به هزارين عوامي ڳيچ ۽ سوين عوامي رقص ۽ سانگ آهن، جيڪي اسان سنڌ واسين جي اباڻي موڙي ۽ عوامي ميراث آهن.“[(1)]

نندي ڪنڊ جو هڪ مشهور پهاڪو آهي ته: ”سارو هندستان، گهر گهر ڍولڪ، گهر گهر تان.“ هر ڪنهن ٻڌو ۽ سئو هوندو، پر جڏهن کان پاڪستان ان کان ڇڄي ڌار ٿيو ته اها ميراث وٽس به موجود رهي آهي.

قدرت طرفان ڪن قومن جي رت ۾ رقص شامل هوندو آهي. هنن ڪي خون جو دؤرو اهڙو ميسر ٿيل آهي، جنهن جي ڦڙي ڦڙي ۾ لرزش، لچڪ ۽ پنبي فطرتي هوندي آهي. ڪن چند عورتن ڪان سواءِ زال ذات ناچ ڪي بيحد پسند ڪندي آهي، خود پاڻ به نچندي آهي ته ٻين کي پڻ نچڻ جي ترغيب ڏيندي آهي. سنڌ اهڙو ڪو خوشيءَ جو موقعو ورلي هوندو، جتي ڳائڻا ۽ ناچو نه اچي حاضر ٿيندا هجن.

نچندڙ ماڻهن جي رت جي جزن جو جڏهن ڊاڪٽرن تجزيه ڪيو ته ڪين ڏسي عجب لڳو ته: هنن جي خون جا سفيد ۽ ڳاڙها ذرڙا، ٻين عام ماڻهن جي رت ڪان بلڪل گهڻا، مضبوط ۽ طاقتور، تڪڙا تڪڙا چرندڙ ڦرندڙ هئا، هنن تي بيماريءَ جي جيوڙن جو گهٽ اثر ٿيندڙ هو، هنن کي ڪا مونجھ فڪر يا ڳڻتي وڪوڙي نٿي سگهي، ڇو ته هنن جي حياتي ناچ سان ۽ خوشيءَ سان وابسته هئي ۽ خود ئي ناچ جو مجسمو هئا. مطلب ته سندن رڳ رڳ ۾ ناچ سمايل هو. ڪِلڻ، ڳائڻ ۽ نچڻ هڪ خوش گذارڻ واري زندگيءَ جو سهڻو طريقو آهي. ڳائڻو يا ڳائڻي، پنهنجي سريلي آواز سان گڏ جڏهن نچڻ به شروع ڪندي آهي ته اصل سون تي سهاڳي جو ڪم ٿي ويندو آهي. سڀڪنهن جي نظرن جو مرڪز بنجي ويندي آهي. ماڻهو واه واه ڪرڻ، مرحبا، ۽ شاباس وغيره جي ڏم مچائي ڏيندا آهن ۽

هن جي ڪسب ڪمال جي دل کولي داد ڏيندا آهن ۽ فرحت محسوس ڪري نرت وجهندڙ تي انعامن جي پڙ ورڪا ڪندا آهن.

سنڌو ماٿريءَ مان جي عين وچ مان سنڌو درياءَ ڪنهن البيلي نار جان ٻولائتي لوڏ لڏندو، وروڪڙ ڪائيندو هلندو ۽ وهندو رهي ٿو. سنڌ درياءَ جي آب ڪوثر تي ئي هن وادي مهراڻ جي شادابي ۽ زندگيءَ جو انحصار آهي. سنڌونديءَ جون لهرون سندس مضبوط ۽ نرم ڪنارن سان ٽڪر ڪائي ترنم ۽ سازن جو آواز پيدا ڪن ٿيون، اهي زنده دل اِنسانن جي نس نس ۽ لونءَ لونءَ ۾ اُتما ۽ امنگ اوپارين ٿيون. اهو ئي ڪارڻ آهي جو هن نديءَ جي آب زمزم جهڙي پاڻيءَ جا پياڪ ڳائين وجائين يا نچن، ٿپن ۽ ڪُڏن ٿا. بس اهائي سندن زندگيءَ جي زنده دليءَ جي زيب زينت آهي.

سدا سهاڳڻ سنڌ! جيئي وسي سنڌ! جا راڳن، ناچن، سازن سرودن ۽ پريمي داستانن جو گهوارو رهي آهي. هتي سوز ساز وارا افسانا، درد جي درمان وارا دفتر، خوشي ۽ رنج جي امتزاج جا عـُشاق، حسن ۽ حيرت جا رنگين ۽ رومانوي قصا ۽ ڪهاڻيون سنڌ ملڪ جا خصوصي داستان آهن. جڏهن هن جي سرسبز ميدانن ۾ چوڏهين رات آبتاب سان ماهتاب اُڀري، نور جي ضيا پاشيءَ سان هن ديس جي



Gul Hayat Institute

ريشم نما ارض مقدس تي ڪري ٿو اُهي ڪرڻا، پاري جي قطرن وانگي بيقرار ٿي زمين جي چپي چپي جي بوسه و ڪناري ڪن ٿا، پري پري تائين پکڙجي چانديءَ جي چادر ڪائنات جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين وڇائين ٿا، پوءِ هن قدرتي سازن جي منڊن مزيدار سرن وارن آوازن گيتن کان مخمور ۽ مست ٿي، سچين ۽ سادين دلين ۾، هرين پرين هينئن ۾ اوچتا اُڌما ۽ اثر اُپجن ٿا، هر جاندار جنس جا جسم لرزش ۽ حرڪت ۾ اچي ناچ جو پيشواز پهري اچيو اڳيان الهن.

عوامي ناچن مان مراد اهي ناچ آهن، جيڪي وقت بوقت خوشيءَ جي پرين ۽ موقعن تي يعني وهانئن، وڌاڻن، منهه مارڪن ۾ عام جام ڪيا ۽ ڏنا وڃن ٿا. هر ناچ جو ڍنگ ۽ ڍار، ڌار ڌار آهي، اُن جو ٻول ۽ سر، لئي ۽ تار پڻ الڳ الڳ آهي. اهڙا ڪيترائي ناچ آهن، مگر انهن مان مشهور مشهور هت ڏجن ٿا:

**(الف) ڏاند ڏونڪا ناچ:**

شادين توڙي ڏٺهرن جي موقعن تي وندر ڪاڻ ماڻهو ڏونڪا ناچ به ڪرائيندا هئا. هن ناچ جي پڻ ماڻهن کي ڪوٺ ڏني ويندي هئي، جيڪي چاڙهو هوندا هئا، سي ۽ ڏسڻ وارا اچي رات جو گڏ ٿيندا هئا. رات جو هڪڙي کليل ميدان تي نکون ۽ تڏا پکيڙي ۽ دلو پاڻيءَ جو ۽ چلَ رکندا. ماني ٽڪي کائي

ڪارائي سپئي ماڻهو اتي ايندا، پوءِ مڱڻهار يا منجهائن هڪڙو همراهه دهل ڪٽي وچ تي بيهي ڊريڙي ڊريڙي ”ڏانديا وڇت“ ڪندو. جنهن جون هي پنج ماترائون آهن.
ڊينجان - ڊينجان - ڏينچڪ - تينچڪ - ڊين ......... وڇت پئي ٿيندي، ناچ جا شوقين هٿن ۾ فوٿ - ڏيڍ جون ٻگهيون ڪاٺيون جندي چڙهيل پاليسيون ووئنٽن وغيره جون، جن کي ڏانديا يا ڏؤنڪا ڪوٺين، ڪٽي دهلاريءَ جي چوڌاري گهيري ۾ صف ٻڌي پير پير سان ملائي نرت وجهندا ۽ ڏانديون ڏانڊيي تي تار سان گڏ ٺوڪيندا ڦرندا ايندا.
پهرين صفت سبحان جي شروع ڪندا، جي هيءَ آهي:
اول نانءُ الله جو سو ته ٻانهان ٻيءَ نه لڳ، وو.........
لڳ ته پلي جي آسري، جنهن پر سارو جڳ، وو......
گهوريو گهوريو وڃان تنهنجي نالي تان،
صدقي صدقي سڄڻ! تنهنجي ناوَ تان.
اها صفت ڏاڍي جهيل گهيل ۽ دردي آواز سان ڪندا آهن.
تنهن کان پوءِ وڇت تڪي لئي ۾ ٿيندي يعني:
ڏننتڪ - تننتڪ - ڏن تنا - تان - تان ..........
انهيءَ تي تڪيرا تڪيرا ڏؤنڪا وڃائيندا ۽ ڪافيون ڪچيندا، ڪلي ڪليءَ جي حصي حصي کي وري وري چوندا، ٿلهه کي به گهڻيون اٿلاٽيون ڏيندا ۽ لوڙائو سر ۾ هيٺيون ڪافيون چوندا هئا:

Gul Hayat Institute

(1) پاڻ ڏسڻ آيو پنهنجو تماشو، او، صورت جو سبحان، لا......

(2) واٺ وندر جي وڻ پيا ڏسيندا، چو ٿيون پچو پنڌ پيرا پيرا......

(3) وه واه سڄڻ سائين عيد ڪرائيئي، او، نينان خوب نظاري جي، الا.....

(4) ساڏي ويڙهي آيا ڪرين، وو، يار صبوح شام، لا........

تـُـڪ چئي ماٺ ڪندا وري ڪچندا، ڏانديو وچندو ايندو، پير پير سان ڪچندو ايندو، تار وٺڻ تي سيئي ڦري اچي پول پٽ تي رکندا، ٻئي تال تي ڏيدي ڦيري ڏيندا، ٿيون تال اچي ڦه پٽ تي ڪرندا ۽ اُٿلاٽيءَ تي اُٿي ڪڙا ٿيندا. اها ڏؤنڪن راند يا ناچ تيستائين ٿيندو، جيستائين ڪڪڙ دَسَ (دف) هٽندا، پوءِ ٿيندو سيڪو گهر راهي.

**(ب) بحراٽي تي ڇيج ناچ:**

درياءُ جي پوڄا هندو، سانوڻيءَ جي موسم ۾ نوان آيل پاٽي جڏهن اوج تي رسندا هئا ته درياءَ شاهه تي ”ناريل جي پيٽا“ چاڙهيندا هئا. ان لاءِ بحراٽو ڪيندا هئا. هڪ جنديءَ جي منجي نوار سان مڙهيل ان ۾ وڏو ٿامي جو ٿالهه رکي ان ۾ اٽي مان ٺاهيل ڏيئا گيهه سان ٻاري رکندا هئا ۽ ناريل، مصري، پتاشا ۽ ٻيون شيون ۽ خوشبويون رکندا هئا،

منجهس اگربتيون به ٻاري رکندا هئا، ان سڄي ٽڪساٺ کي ٻحراڻو ڪوٺيندا هئا. پوءِ دهلاري ٻحراڻو وڄت جيڪا ٽڪي لئي ۾ ڪلواڙي جهڙي هوندي هئي. سا وڄائيندا ۽ سپئي پنٺي گهنگهرين سان جنبيءَ چڙهيل ڏؤنڪا هٿن ۾ ڪٽي، پڙ ڪري چيچ هڻڻ شروع ڪندا هئا ۽ ڪي جهانج بيٺا وڄائيندا هئا. ناچو ڏانديا ڏانبين تي هٽي ناچ وجهندا هئا. ڏهن - پندرهن منٽن کان پوءِ دهلاريءَ جي ٽـِڪي ونڻ تي ناچ بند ڪري چوندا هئا: چئو؛ ” لال جا جاٽي، جهولي لال“ ٻيا بيٺل چوندا ته ”جهولي لال“ اهڙيءَ طرح ناچ وجهندا. درياءَ شاهه تي يا ڳوٺ کان ويجهي وهندڙ واهه تي رات جو اهي مـُجراٽي وارو سامان درياءَ داخل ڪري نچندا ٿيندا موٽي اچي پنهنجي ماڳ تي پهچندا هئا.

(ج) ڏُهـَل تي جهمر ناچ يا هنبوچي هڻڻ:

هي ناچ گهوٽ کي لانئن ڏيڻ بعد ٿيندو آهي. دهلاري ڏُهـَل وڄائيندو پوءِ سپئي ننديون وڏيون، پوڙهيون پڪيون اتي ئي جهمر ۾ ڪپي ويندين. هڪڙيون تاڙيون وڄائينديون ۽ ٻيون ”شابي شابي“ پيون چونديون. ڪجھ وقت ماٺ ميٺ ۾ ناچ ڪرڻ کان پوءِ هيءُ ناچ جا ٻول ٻولينديون:

ٿلهه:   راڻا! تو مان راڄ ٿيندا راڻا! راڻل ڙي الهه آٽيندءِ راڻا!

گهوٽ! تو مان ڳوٺ ٿيندا راڻا! .................

ڪلي: دهري گهڙايم سون جي ڙي راڻا! .................

بانهين گهڙايم سون جي ڙي راڻا!
نٿ گهڙايم سون جي ڙي راڻا!
(ٻ ڀين ڳهن ڳڻن جا نالا)

*

ست مامن جي ڪُلهي ســــت چاچن جي ڪُلهي، راڻا
راڻا مور ٻلي ٿو ٿلي گجر جو،
سو ته چاچن جـــي ٻلي ســـو ته مامن جي ٻِــلي، ڏهري
گهڙايم سون جي الهه لڳ راڻا
راڻا تو مان راڄ ڏيندا راڻا تو مان لک ڏيندا.
اُترڙو ٿو لڳي، ٻڙي! واسرو ٿـــو لڳي،
اسين ماڻهو لاڙ جا،درياءَ جي پڇاڙ جا.

*

ٿلهه: هليا ڪاهي اُٺن جون قطارون، جن کي ڳاڙهيون ڳلن سان مهارون،
رات رهي ويا سج نه اُڀاريئون، پر هڦتيءَ جو منهنجو پنهل نيائون.

Gul Hayat Institute

*

ڪلي: ڏهري تنهنجي سوا تولو، ملان مارن کي لهي اولو،
تون منهنجي پيڻ، مان تنهنجو پاءُ، پيءُ ٻنهي جو هڪڙو ماتيجي ماءُ
هليا ڪاهي اُٺن جون قطارون ..................

(۾ پين ڳھڻ جا نالا)

**(د)1- جمالو ناچ:**

هي ناچ دهل تي يا رڳو تاڙين وڄائڻ سان به ڳايو ويندو آهي. جمالو، جتن جو هڪ جوان، ڪاوڙجي لاڙ هليو ويو هو. جـَتَ، زط، جاٽ يا ڄٽ هڪ قبيلي جو نالو آهي، جا اُٺ لڏي ڏورانهن ڏيهن ۾ واپار سانگي سنڌ مان سامان سڙو ڪٽي وڃي پهچائيندي هئي. جمالو جڏهن ڪاوڙجي نڪتو ته ان زماني ۾ اعلان ڪرڻ ۾ ان کي ڳولي هٿ ڪرڻ لاءِ ماڻهن جمالي جون وصفون ۾ اهڃاڻ ڳايا. جي هيءُ آهن:

ٺله: جمالو جتن جو هو جمالو!

ڪلي: لڙي ويو لاڙ ڏي هو جمالو!

جنهن کي سوني مندي چيچ ۾ هو جمالو!

جنهن کي سائو لڪڻ هٿ ۾ هو جمالو!

جنهن جون اکيون رب رکيون هو جمالو!

جنهن جا ڏند دلبند الا هو جمالو!

جنهن جا پير پنج سير الا هو جمالو!

مون کي راڻل ته ريجهائي ڏيو هو جمالو!

مونکي پنهل ته پرچائي ڏيو هو جمالو!

اهو جمالو جڏهن موٽي آيو، ته هي تـُڪون به شامل ڪيائون:

ڪٿي آيو خير سان هو جمالو!

لڙي آيو لاڙ کان هو

جمالو![(1)]

هي ناچ ننڍا وڏا، پوڙها پڪا سڀ ڪنهن خوشيءَ جي موقعي تي ڪن. هي سنڌ ملڪ جو خاص ناچ آهي. هن ۾ جهـُـڪي جهـُـڪي هو جمالو، وراڻي ڏبي آهي. نچندڙ بغل ٺوڪيندو، تاڙيون وڄائيندو، ڦيريون پيو پائيندو آهي، بعضي گهيري ۾ گڏجي ناچ ڪن ته بعضي الڳ. پر هڪڙو ماڻهو ڪلي ڪٽندو، ٻيا سڀ ورندي ۾ اُٿلاٽي ڏيندا ۽ نچندا آهن.

**2. ٿـَلو ناچ:**

هن ۾ به جهمر لڳندي آهي. ناچ جا ٻول هيءُ آهن:

ٿلهه: دومني آچار ٿـِلو! دومي آچار،

اُست بدوڪو ڙي ٿلو است بدوڪو

ڪلي: لئي لئي لاڙو ڙي ٿلو! لئي لئي لاڙو

اُست بدوڪو ڙي ٿلو! اُست بدوڪو.

**(ھ) موائي ناچ:**

مغرمان جي وچت شروع ٿيڻ کان اڳ ۾ موائي ناچ ٿيندو آهي. هي حبشي/شيدي قبيلي جو مخصوص ناچ آهي. انهن کان سواءِ ٻي ڪنهن کي ڪونه اچي. چا ڪندا جو ٻه ٽولا هر هڪ ۾ پنجن کان وٺي ٻارهن تائين ماڻهو ٿين. هر هڪ جي ڳچيءَ ۾ دهل پيل هوندو، بعضي ڪي ٻنا دهل به هوندا.

سڌيءَ صف ۾ هڪڙا اتر کان ڏکڻ ڏي منهن ڪري ويهندا ۽ ٻيا انهن کان پنجاهه قدمن جي مفاصلي تي ڏکڻ طرف کان اتر ڏي منهن ڪري ويهندا. دهلن جي وڄت تي نِيپو (ساراهه) چوندا. هڪڙا نيپو چوندا، ته ٻيا نيپي جي وراڻي ڏيندا. ٻئي ڌريون نچنديون نچنديون هڪٻئي سان اچي ٽڪري سلامي (مجرو) ڏينديون ۽ وري نچندا نچندا اصلي جاين تي وڃي ويهندا، جيستائين مغرمان سڪي تيار ٿئي، تيستائين موائي ناچ پيو هلندو. ان جي وڄت هيءَ هوندي.

تـُمبڪ - تـُمبڪ - تمبان - تان تان ........

” نيپو هن نموني ڏيندا“:

نريرا نچيزا (نور رَءَ نجزا)

نڪ بؤ ڪا نايو گوپا (نَـڪـُبوا اَناءَ الغوغا)

رفو ڪو يا مڙونگو (رؤ فڪم ويا مرحمڪم)

قيامت موٿو موٿو (قيامت مـُوتـُوا مـُوتوا)

**نيپي جي وراڻي ۾ ٻي ڌر چوندي:**

يا ويلو، يالا، يالا، پير محي الدين (يا ولي الله يا ولي الله سيد عبدالقادر جيلاني - پير محي الدين)

**(و) مسينڊو ناچ:**

مغر مان، دف وانگر هڪ طرفي کل چڙهيل ٿي - ساڍا ٽي فوٽ ڊگهو گـُندلي جهڙو هڪڙو ڪاٺ جو ٺهيل ساز آهي. هن کي ڳاڙهي ڪپڙي جي چولي پيل هوندي آهي. سندس

مٿي واري وڄائڻ جي ڪل اُٺ يا ڏڳي جي چمڙي مان ڪيندا آهن. هي حبشين جو مخصوص ساز آهي. هن کي سيڪي تاتي، واس ڏوپ ڏيئي، پوءِ ميدان تي آڻي رکندا. وچت واري جي چوڌاري دهلن وارا حلقو ٻڌي پهلوداري ڪندا. انهن جي پٺيان چوگرد گهيري ۾ نچڻ وارا نچندا آهن. مغرمان جي ناچ يا راند ۾ هٿن ۾ مصراعون ٽين جون ٺهيل چٽڪيون ۽ ڇڇاريون، ڪانين ۽ ڪانهه جون ٺهيل تيليون جن ۾ اندر پٿريون پيل هونديون ۽ سيئي طرف بند هوندا اٿن. اهي ساز به نچڻ ۾ شامل ڪٽندا آهن. ان کان سواءِ ڪوڏ [سنک] ۽ نفيل [ڦاڙهي جو سگ] به وڄائيندا آهن. وچت ڏيڊ تال ۽ يڪ تال هوندي آهي. ناچو پنهنجي چؤڦير ۽ مغرمان جي چوگرد ۽ ڏرتيءَ جي ڦيري وانگي جا سج ۽ پنهنجي چوگرد ڦري پئي] ڦرندا آهن. هيءُ ٻول هڪڙو ماڻهو چوندو ۽ ٻيا ان جي اٿلاٽي يا دهرائڻ سان جواب ڏيندا آهن.

وچت: تنمبڪ تنمبڪ، تنمبڪ تنمبڪ.

**ٻول:**

مڪي سي آيا، مڪي سي آيا، ڪرامت گودلي آيا.

مائي مصران باغ بنايا، آج لي لي.

باغن وارو ٻولي ٿو - آدم دم جيئي!

يا مولاا يا مولاا - آڪينگر!

ماماگو سالب والي! - الا، ماماگو سالب والي!

Gul Hayat Institute

مسالي يا لا مسالي سليما ماسليپر، الا، هو مسالي،
اي ڪاريگر ماما، توڪي الله ڪري آندو!
اي چڪ انگا باڳي ٿنڊي الا لا الـه الا يارسول الله، يا رسول الله! ڪاري موليٰ!

* * *

ڪنڊو لڳو نماڻيءَ جي پير
اسين ماڻهو لاڙ جا گو پينو آ ڪير؟

**3. واهه ڙي ڪـُـئا! واهه ڙي ڪـُـئا! (لوڪ ڳيچ) جا ٻول:**

ٿلهه: واهه ڙي ڪئا واهه، تنهنجو ڏاڍو تماشو!
ڪلي: ڪئي جا ڏند موچارا، ڪئي جا ڏند موچارا،
ڏندن مان ڪوڏيون ڪنداسين، راند جا سڪيا ٿينداسين. واهه ڙي ڪئا واهه

ڪئي جون اکيون موچاريون، ڪئي جون اکيون موچاريون،
اکين مان ڏيا ڪنداسون، ڏسڻ جا سڪيا ٿينداسين. واهه ڙي ڪئا واهه
ڪئي جا ڪنَ موچارا، ڪئي جا ڪن موچارا،
ڪنن مان وجڻا ڪنداسين، واءَ جا سڪيا ٿينداسين. واهه ڙي ڪئا واهه
ڪئي جا هٿ موچارا، ڪئي جا هٿ موچارا،

Gul Hayat Institute

هٿن مان ڏويون ڪنداسين، وڏڻ جا سڪيا ٿينداسين. واه ڙي ڪئا واه
ڪئي جون ڇنگهون موچاريون، ڪئي جون ڇنگهون موچاريون.
ڇنگهن مان چونيون ڪنداسين، ڪيڙڻ جا سڪيا ٿينداسين. واه ڙي ڪئا واه
ڪئي جو پچ موچارو، ڪئي جو پچ موچارو،
پچ مان لڪڻ ڪنداسين، گهمڻ جا سڪيا ٿينداسين. واه ڙي ڪئا واه
ڪئي جا بج موچارا، ڪئي جا بج موچارا،
بجن مان گلم ڪنداسين، سمهڻ جا سڪيا ٿينداسين. واه ڙي ڪئا واه
هڪ نرتڪي/ناٽڪي، مٿين بولن تي هٿن جي اشارن سان ۽ چهري جي تاثرن سان لڏندي لمندي ڪُئي جي تمثيل پيش ڪندو.

* * *

ٿلهه: آ ها! ڏجُو پير پيران، آ ها! ڏجُو پير پيران!
ڪلي: ڏڳا ڪتي هلي پوڪ، مٿان سانوڻ جي مند،
ڏجُو هـرَ نه هلي! ڏجُو پير پيران!
آيا ڪُتي جي ڏينهن، مٿان سانوڻ جا مينهن
ڏجُو هر نه هلي! ڏجُو پير پيران!

Gul Hayat Institute

اهڙو مُـڪي بئمان، ڏٺو ڪاهي ڏنئين ڪوڙو،
ڳِـڌئين اُجورو، جنهن جو ملهه به هزار - ڏٺو پير پيران!
* * *

## لوڪ ناچن جا ٻول:

هڪ ڳيچن جا ٻول، جن تي سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ناچ پڻ ڪيو ويندو آهي. ڪن ٻولن تي هڪ / ٻه ماڻهو ناچ ڪندا آهن، ڪن ٻولن تي ماڻهن جو ميڙاڪو رقص ۾ ٻهرو وٺندو آهي. سنڌ جي جدا جدا پاڳن، جهڙوڪ: ٿر ۽ ڪوهستان ۾ اهڙا انيڪ لوڪ ناچ ۽ لوڪ ڳيچ موجود آهن. جهڙو ٿر ۾ لمڪاڻ لو ۽ همرچو آهي(1) .

ٿلهه: گَـندڻ گـُنديءَ مان رات ڪتو ڪٽي ويو گَـندڻ گـُنديءَ مان ...
ڪلي: سس ڙي سس، تون ته ديگڙي جي ڪس،
تون ته تِـيڪي پرين طس - گندڻ گنديءَ مان ...
ڏير ڙي ڏير، توتي ڪاٺين جا ڍير،
توتي مکين جا ميڙ - گندڻ گـُنديءَ مان ...
ڏيراڻي ڙي ڏيراڻي، تون ته پت رڌين ٿي پاڻي،
تون ته توڙ جي ويرياڻي - گندڻ گنديءَ مان ...
* * *

Gul Hayat Institute

ٿلهہ: وڏي پيو تنهنجو چولو وڏي پئي تنهنجي سڳي، دل منهنجي توسان لڳي.

منهن تو ڇا ڪان مٿيو، تو ۾ آهي ڪهڙي ٺڳي.

ڪلي: ڇوڙين ڇمڪار ڪيو، زلفن تير هنيو، ويتر لالي لبن کي لڳي.

منهن تو ڇا ڪان مٿيو تو ۾ آهي ڪهڙي ٺڳي؟

مٿا ماري ڇڏي، صفا ڳاري ڇڏيئي

ويتر هلندا بيهاري ڇڏيئي - ويٺي آهين ڪهڙي مڳي.

منهن تو ڇا ڪان مٿيو، تو ۾ آهي ڪهڙي ٺڳي.

* * *

ٿلهہ: او رَليءَ وارا آدمي! رَلي ماڻهن جي ويئي:

ڪلي: او جمعدار منهنجي رلي، صوبيدار منهنجي رلي، حوالدار منهنجي رلي،

ڪاري ڏاڳي واري منهنجي رلي، هيٺيءَ پٽيءَ واري منهنجي رلي، اڇي گڏيءَ واري منهنجي رلي

رلي وئي درياءَ جي پار، جنهن چاري چوڪيدار، جنهن جا چاري خبردار!

هاءِ مـُلن جي پاڙي توکي وڃايم رلي!

هاءِ ڪورين جي پاڙي - توکي وڃايم رلي!

* * *

ٿلهہ: پلاڙي پـَـتَ تون!

ڪلي: جيڪو پٽُ ڪري ٿو ٻڙ ٻڙ - سو پي پـَت نا،
جيڪو پٽ ڪري ٿو ڦڦ ڦڦ - سوپي پـَت نا،
جيڪو پـَت ڪري ٿو ”شـُون“ - پلاڙي پـَت تون!
پلاڙي پـَت تون!

* * *

ٿلهه: ڪٿ وڃايئي رومال راڻا؟ - هو ڪريل اوطاق ۾.
ڪلي: ڌهري ته تنهنجي ڪين مان پايان، هو هار تي تڪرار - هو ڪريل اوطاق ۾.

* * *

ٿلهه: پاڻي نانا! پريندي، پاڻي ماما! پريندي.
ڪلي: انهيءَ هرلي جا چٽ گل سهڻا،
اما ڙي اما! انهيءَ هرلي جو منڙو پاڻي - پاڻي نانا! پريندي....

* * *

ٿلهه: آئون جهلي جهلي بيٺيس خان کي - خان متان پوڪين سالم چيڻو!
چيڻو واءَ جو هيڻو، چينو پاڻيءَ جو هيڻو!
ڪلي: چيڻو وڪڻي مون ته جهالر به گهڙائي - چيڻو واءُ جو هيڻو....
(۽ ٻين زيورن جا نالا)

* * *

ٿلھ: نينگر منھنجو ننيڙو ڙي آءٌ پاڻ لوڏيان،
لوڏي لوڏي لس (لسپيلي) وجان ڙي آءٌ پاڻ لوڏيان.
ڪلي: آءٌ پيرل لولي ڙي، آءٌ حاڪم گولي ڙي،
سون سندو بنرو ڙي آءٌ پاڻ لوڏيان.

* * *

ٿلھ: ھل منھنجا ڳوٺ وڏيرا! مون کي عمر بيگ ماري
ڏيانس ڏنپ ٻاري.
ڪلي: منھنجي اکين ڏي نھاري، منھنجي نازن ڏي نھاري
ڏيانس ڏنپ ٻاري.

* * *

ٿلھ: پيچ بلال ڙي! پيچ بلال ڙي!
ڪلي: ماڻھو ھتي ڪين ڇڏيندءِ،
ايندين ويندين ڪين ڇڏيندءِ،
گھمندي ڦرندي ڪين ڇڏيندءِ - پيچ بلال ڙي.

* * *

ٿلھ: عمر آندي جڏھن منڍ مارئي - اڃا خطڙو ڪونه آيو.
ڪلي: ”دھري“ تنھنجي سر سدا سھڻي،
مون پانيو منھنجو ادل اڇڻو - اڃا خطڙو ڪونه آيو.
(ءِ ٻين ڳھن جا نالا)
ٿلھ: ڇڏ ڪل! ڇڏ چرچو! ڇڏ نشي جي نيشاني!
ھار جيڏيون مونکي ھنڌ تي وسريو!

ڪلي: هار خاطر مون ”پائر“ به گهرايا - هار مون کي هنڌ تي وسريو!
(۽ ٻين واسطيدارن جا نالا)

* * *

ٽلهه: لوٽو مون کي واري ڏي، لوٽو مون کي واري ڏي -
پاڻيءَ پرڻ جو لوٽو!
ڪلي: دارونءَ دنگ پياري ڏي، دارونءَ دنگ پياري ڏي -
اهو پاڻي پرڻ جو لوٽو!

* * *

ٽلهه: آسا پاسا، پچ پاسا!
ڪلي: اوجهري ڪري گڙ گڙ، آنڊا ڪن ٺا ٻڙ ٻڙ،
پر دل گهري پتاشا - پچ پاسا.........

* * *

ٽلهه: لاٽون نينگر جو، لاٽون چوڪر جو،
منهنجو ڳاڙهي ڏور وارو - لاٽون نينگر جو.

* * *

Gul Hayat Institute

ٽلهه: پلو موري راما! - سجنا ڪيلو،
ڪلي: اِن ڪراچي جائون، ٺارا گهرالي آئون - آ سجنا ڪيلو!

* * *

اڙي پلا موري راما! تو هيل پنڻ چڙيو.

* * *

اڄ ڪالهه بلي بلي! - اڄ ڪالهه بلي بلي!

* * *

ٽڪو وٽي ڦيري ڏي، او ، بلال ڙي!

* * *

ٻارن کي ننڊ ٿي اچي - اَهين پلائي ڪري گهر هلو!

* * *

ٿلهه: هاءِ هوءِ وچون ڪاڏي
چو ته چوري گهمڻ وئينءَ
الو پلو وچونءَ ڪاڏي
چو ته چوري هنڌ تي ستينءَ؟

* * *

هوڪلڙي! هوڪلڙي!
آڏي ڏڪر پاڏي، ڏڪر پاڏي - هو ڪلڙي!

* * *

چوريءَ کي آنو ڏي - چوري کي ننڊ نه ٿي اچي.
مون سمر ڪنيو ساڻ - هل ٻچيءَ جا ٻار ڏسو!

* * *

هنيل هنيل ڙي، ڪوهيل ڪوهيل ڙي

* * *

الهه لک ٿورا هوتن جا، الهه لک ٿورا پائرن جا!

* * *

Gul Hayat Institute

آءُ تون پنگ پيوڻ - نشا ٿيندءِ!

* * *

او، پلاڙي ڪامڻ ڪُتي، ڪنَ چنديندي اچي!

* * *

ککر ڪائي ويئي، ٻوٿ سڄائي ويئي،
واليڏني جي ووڻن مان، ککر ڪائي ويئي.

* * *

آيل اما! مئن نه ڄاڻا نينهن ڪهڙا!

* * *

عليل مست ڪڪڙ! ڪنهن ته ڳنوائي؟
وڃي پڇو ٻاڙي مان - ڪا اتي ڪڪڙ آئي
ٻيو ته ڪم ڪونه هوس، لياڪو پائڻ آئي
عليل مست ڪڪڙ!

* * *

ماسي ڙي حليمان! جيءُ مريو وڃان جيءُ
ڳاڙهو هندورو جي، - هندورو ڇِيه ڇيهان.

* * *

ٿلهه: هل ڪچوري، نين نينا!
ڪلي: پڪوڙو مٺياري وارو، ڪچوري مهناز واري - نين نينا!
پڪوڙو مسالي وارو، ڪچوري چٽيءَ واري - نين نينا!



Gul Hayat Institute

* * *

هِــندُوڙي گـِـدِ بال، پلا مائي هندوڙي.

* * *

اُٺان نو آڪرو لڳو، ماڻهو سپ سنڌ کي پڳا.
ڏِور وڪٽي، ڏيڳا وڪٽي، وڪٽي ڪاٺ ڪلا - اُٺان نو ....

* * *

منهنجي نئين رلي ڙي، رلي آپ مسلمان!

* * *

وه واه سوڏا، لوڻ سَـلوٽا، ڪائي ڏسو لوڻ تـَلوٽا!

* * *

ڪوتڙيءَ جا هليلا، ڏاڍ متا هليلا.
وٺي ڪاءُ هليلا، آني پاءُ هليلا - ڪوتڙيءَ جا هليلا.

* * *

آيل ڙي پٺونڙي ڪاڏي، مريو وڃي ماندي.
سس وڃڻي واءُ ويٺي واري - مريو وڃي ماندي.

* * *

Gul Hayat Institute

ٻٺو گڏهه جوڳين جو، الا ساميڙا، الا جوڳيڙا.

* * *

بيهه ته ماما گڏيا هلون، ٺيشن سوڏا گڏيا هلون.

* * *

ٺله: الا، چيڙو چڏي ڏي! پڪي چيڙو چڏي ڏي!

ڪلي: لونگي لاڏل جي لڪ جي چيڙي تان قربان - الا چيڙو چڏي ڏي.

* * *

ٿلهه: بولو ڙي بولو ننگر شهر جو.

ڪلي: جنهن جون قيمتي لعلون مور ڙي - بولو ڙي بولو .....

* * *

مون کي اباڻن موڪلي چنڙي، سا ڪئين پايان هن راڄ ۾،
مون کي اباڻن موڪليو ڪنجرو، سو پائي گهمان هن ديس ۾.

* * *

ٿلهه: حقو هالاري جو هار، حقو هالاري جو هار.

ڪلي: نڙ گهرايم نصرپور مان، جنهن جي ٺوپيءَ تي جنسار - حقو

* * *

ڪمانگر ڇيٽو ڪيئن چڙبو؟
جنهن جي الهه پوري ڪندو - ڇيٽو پاڻهي چڙبو.

* * *

دنبو چا ٿو گهري؟ - دنبو لوسڻ ٿو گهري.

* * *

هڙو حرامزادو بي وَڙو، چغل پاڙي مان ڪڍ.

Gul Hayat Institute

نيئي ٻير سان ٻڌ - هڙو حرامزادو بي وَڙو.

* * *

ٿلهه: نه مار منهنجيءَ ڪڪڙ کي حرامزادي تون!

ڪلي: ڪڪڙ منهنجي نيڪ نمازڻ، بي نمازڻ تون.

* * *

ڏيڏري ٿي ڏار ڪائي، لڪيو چپيو ڏار ڪائي! - ٻلو ويٺو پور ڪائي!

* * *

ٿلهه: جل فقيرو محموداڻي، جل فقيرو.

ڪلي: سانولو فقيرو وڃي سوَڙ ۾ سُتو،

اوهان ڳائيندي ڏٺو - محموداڻي....

* * *

الڪان ڪانءُ، بَدي جو ڪانءُ - الا پلاڙي، بدي جو ڪانءُ!

چيٽا ڪيوين چڙيندي؟ -

چيٽا ايوين چڙيسان يار، چيٽا.

ٿلهه: ڏؤنرو ڪاءُ مائي! ڏونرو.

ڪلي: هيءَ به چوي ڏؤنرو ڪاءُ، هوءَ به چوي ڏؤنرو ڪاءُ ڪانه چوي ٿي مکڻ ڪاءُ - خان چوي ٿو ٻانهين پاءِ!

* * *

ناري جي مڇي - جهينگو!

Gul Hayat Institute

درياءَ جو پلو - جهينگو!
لوڙ، لوڙ، ليان، ناري جي مڇي - جهينگو!
* * *
هُش پٽاري گونري، لـُڏي ڪـُڏي گونري.
* * *
نور نور سانبو، ڙي گدڙ مونکي کائي.
اها دهري سونهي گوڙ جي پيو گهٽ گهيڙ تي - واهه ڙي ماما مار گدڙ کي - اهو نور نور سانبو، ڙي گدڙ مون کي کائي.
* * *
ٿله: جيجان، جمعدار جي جـُتي، ڙي ٻول ميان!
جيجان، جمعدار جو لوڏو، ڙي ٻول ميان!
جيجان، جمعدار جو پاڪر، ڙي ٻول ميان!
* * *
ماکي مِـٺي - پچ ڪـَڙولو، ماکي مِـٺي - پچ ڪـَڙولو!
* * *
Gul Hayat Institute
ماکي مٺي ڏاڍي يارو! ماکي ڪيئن چٽندي؟
* * *
ٻار ٻچا پاسي ڪريو - مائي مريڙو پٽي.
ڍور ڍڳا پاسي ڪريو - مائي مريڙو پٽي.
هاري ناري پاسي ڪريو - مائي مريرو پٽي.

* * *

گھِـن گھـِن گھـِنا - بوڙيندا.
اديون منـهنجو آيو سکر کان، ادي ميڏا آيا سکر ڪون
گهن گهـِن گهنا - بوڙيندو.

* * *

ماما مولينا! ڪِڊ ڪُتي پاڙي مان. صوبيدار کي ٿي ڏاڙهي، جمعدار کي ٿي ڦاڙي.
اها ايندن کي ڏاڙهي، اها ويندن کي ڏاڙهي
ڪتي ڪاهي ڪتي ڪِڊ ڪوٺ مان!

* * *

کِـل مان ٻڏي پئي آ، کِـل مان،
هل کـِل مان، ٻڏي پئي آ کـِل مان.

* * *

ٿلهه: پت به پٽرو چاق به ناهينا، کير وجهيو ويٺي کائيان - چاق به ناهيان!
ڪلي: نيرانيءَ مونکي پيهون به رڌي ڏيو،
کنڊ وجهيو ويٺي کائيان - چاق به ناهيان!

* * *

جهنگراڙ ٻلو، چـِپي ويو، بازار ٻلو - چپي ويو!

* * *

کينهوڙو، منهنجي راند جو، کينهوڙو، منهنجي کيڏڻ جو.



Gul Hayat Institute

ڪينهوڙو ڏيئي مون ]وينڊو[ گهڙايو، لڳس ڏيڍ هزار -
ڪينهوڙو.....
* * *
ڪينهوڙي وارو بچي، ڪينهوڙو ڏي ته ڪيڏڻ وڃان!
* * *
او، لالڻ وڇونءَ ڪاڏي - چو ته چوري گهمڻ ويئي؟ پٽ جي
پاڙ ۾ هو، الا
* * *
ٿلهه: ڳاڙهي سائي جهنڊي ڏيکاري
ٽيشن جا بابو! پري وڃاءِ، اها سيٽي پري وڃاءِ.
ڪلي: ٽنڊي مان گاڏي ڇٽي، ميرپور ڌاري،
ميرپور جا بابو! سيٽي وڃاءِ! ڳاڙهي سائي جهنڊي ڏيکار“
* * *
ماما جي ڪُتي - چوڏو!
ڏاڙهياڙي ڪُتي - چوڏو!
* * *
هير مَ پاٽيءَ وڃان، ماما ڙي مولينا!
گهڙو گهڙي تي پچان، ماما ڙي مولينا!
* * *
**(ز) سانگ ناچ:**

Gul Hayat Institute

”سانگ ناچ ۾ ٻولن جي حساب سان ننڍيون وڪون ڪٽندي، مُنهن سان تاثر، هٿن سان اشارا، پيرن سان ڊولائيون وکون ڪٽندي نرت/رقص ڪرڻ سان گڏ سانگ (بهروپ) ذاريو ويندو آهي ۽ تمثيل پيش ڪئي ويندي آهي. اها شيءِ چڻ هڪ نموني جو، عوامي ٻولن تي ناچ وارو ناٽڪ هوندو آهي.“(1)

مثال طور: هڪڙو ناچو مُهري مٿي تي رکي ان جي مٿان پاٽيءَ جو پريل گهڙو رکي، گهنگهرن وارو ڏونڪو هٿ ۾ کڻي پيرن ۾ چير ٻڌي نچڻ شروع ڪندو ۽ هيءُ ٻول چوندو.

**1. سانگ:**

پاٽيئڙي تي ٿي وجان، ڙي منڙا! پاٽيئڙي تي ......

هن ڪوهر جو ڪارو پاڻي، منڙي تي ٿي وڃان،

سنجُ ناهي مِٽي تي - گهڙو گهڙي تي پچان - ڙي منڙا پاٽيئڙي تي......

* * *

نارو ڪيئن ترندي، ڙي منڙا! ڊورو ڪيئن ترندين؟

هن ڊوري جو تار پاڻي، تار منجهان ترندي، ڙي منڙا! نارو ڪيئن.....

ترندي ترندي نچندي ڙي منڙا! نارو ڪيئن......

* * *

**2. سانگ:**

هڪڙو چوڪر اُٿي چوندو: ماما يا چاچا مونکي پرڻاءِ. جواب ۾ ٻيو چوندو ته زال پوڙهي آهي، وري ڏند ڪينهس ـ اها به ڪار.

ٻول: ماما مڱيوآهيان ڙي چاچا تڳيو آهيان.

سرمي سينگار ڪان چٺو آهيان

اَبا زال پوڙهي آهي .......

ڏندڻ مساڳ ڪان چٺو آهيان ـ ڙي ماما مڱيو آهيان.

* * *

## 3. سانگ:

پيٽ ۾ ڪپڙا مٿان ڦُسي وڏو ڀَـڀُ ٺاهي اهو ماٺهو اڪيون پوري ليٽي پوندو:

ٻول: هاءِ ماما ڪي چا ٿي ويو؟ ماما ڪي.....

هڪڙو پڇندو چاچا ڪاڏو اٿس؟

جواب:

ديڳ جي دال ڪاڏئين، هيترو سيرو ڪاڏائين،

ڪڪڙ جو پوڙ ڪاڏئين، ڪارو مانين جو ڪاڏائين،

هاءِ ماما ڪي چا ٿي ويو؟ ماما ڪي.........

* * *

## 4. سانگ:

هڪڙي زال گونگي ٿي پيٽ تي ڪپڙن جي ڳنڍ ٻڌي، ڳورهاري ٿيڻ جو سانگ ڪندي، سور ڪائيندي، (ويم جي

Gul Hayat Institute

سورن جي اَهل ڪندي) ۽ پيٽ ڏي اشارا ڪندي، نچندي، ٻيون مايون پهرين مهيني کان وٺي نائين مهيني تائين هن جي ڪلين ۾ نالا ڦيرائيندي يون آهن.

**ٻول:**

الا! گونگي ڪيئن ڪندي؟
الا! گونگي ڪيئن ڪندي؟
گونگيءَ کي پهريون مهينو پيٽ،
امان! آٽي ڏي تون ميٺ،

الا! گونگي ڪيئن ڪندي!
گونگيءَ کي ٻيو مهينو پيٽ،
کائي کٽاڻ، پئي لم ليٺ،

الا! گونگي ڪيئن ڪندي!
گونگيءَ کي ٽيون مهينو پيٽ،
گهري ساڳ، آيو چيٺ،

الا! گونگي ڪيئن ڪندي!

Gul Hayat Institute

گونگيءَ کي چوٿون مهينو پيٺ،
ڏي پئي آتون، جهلي پيٺ،

الا! گونگي کيئن کندي!
گونگيءَ کي پنجون مهينو پيٺ،
گهوٽ نهاري ٿو اک ٿيٺ،

الا! گونگي کيئن کندي!
گونگيءَ کي ڇهون مهينو پيٺ،
گهري سون جو ٿي سيٺ،

الا! گونگي کيئن کندي!
گونگيءَ کي ستون مهينو پيٺ،
Gul Hayat Institute
پري درگاهه ڏي پئي پيٺ،

الا! گونگي کيئن کندي!

گونگيءَ کي اٺون مهينو پيٺ،
آيو اسو، آيو چيٺ،

الا! گونگي ڪيئن ڪندي!
گونگيءَ کي نائون مهينو پيٺ،
سبي رلڪا ويٺي هيٺ،

الا! گونگي ڪيئن ڪندي!
(خاص زالاڻو سانگ آهي)

**5. سانگ:**

ڪا شئي يا سرون ڪٽي چلھ ٺاهي ان جي مٿان ٺانءُ رکي، جيئن ڪو ڪاڏو تربو آهي.ان وانگي هٿن کي هلائيندیون ڪنديون ۽ نچنديون آهن.

**ٻول:**

ٿلھ: پلو چا ۾ ترينديِ؟ - پلو تئيءَ ۾ تريندي.
ڪلي: دال، دل جو حال متوءَ پڪانان، پلو چا ۾ تريندي - پلو.......
گوشت، دل جو دوست متوءَ پڪانا. پلو چا ۾ تريندي - پلو.....

Gul Hayat Institute

* * *

**6. سانگ:**

هڪڙو ماڻهو ڪپڙي جي ڪُنڊ کي ڳنڍ ڏيئي، ان ۾ مٺ بند ڪري رکي، اهو هٿ ڪِڪو بڻائيندو ۽ ڪڪي جي تنجڻ، مکڻ، ڏُکي ڪارائڻ جا نمونا نچي ڏيکاريندو.

**ٻول:**

اوئان، اوئان ڙي، رات ڇائو مورڙو.
تيل جي تِـري تارونءَ تي مکجانس،
سرمي جي سرائي اکين ۾ وجهجانس،
ڳائي مکڻ جو ڏُکو ڏجانس - اوئان اوئان ڙي رات ڇائو مورڙو.

* * *

**7. سانگ:**

هڪڙوماڻهو اوڪڙو ويهي پٽ ۾ ڪا شئي ڳولڻ لڳندو ۽ هيڏانهن هوڏانهن ٽپڪيون ڏيندو.

ٻول: سئي وڃايم - اتي نهار چوري! اتي نهار!

ڪلي: مائٺ منهنجا زوراور، سئي وڃايم - اتي نهار چوري! اتي نهار!

پرت پرڻ جي سئي وڃايم، - اتي نهار چوري! اتي نهار!

Gul Hayat Institute

مائٽ مونکي ماريندا، سئي وڃايم - اتي نهار چوري! اتي نهار!

* * *

## 8. سانگ:

هڪڙي زال هٿ کي پٽي ٻڌي نچندي به سور ڪان دانهون پئي ڪندي.

ٻول:

ٿلهه: آيل ڙي منهنجي آڱر ڏکي، حيلو ڪريو ته منهنجي آڱر ڇٽي.

ڪلي: ڪراچيءَ ويس، حيدرآباد ويس، ڪوٽڙي ويس

دارون ڪونه لڳي - حيلو ڪريو ته منهنجي آڱر ڇٽي.

* * *

## 9. سانگ:

هڪڙو ماڻهو ٺيندو گدڙ، ٻن ماڻهن کي ڳچيءَ ۾ ڳراهه وجهي ڪتو ڪري جهلي بيهندا، پوءِ ڪتن جي ٻچ گدڙ تي ڪندا، ڪتا ڏاڙهيندا ۽ گير ڪندا گدڙ ڏند ڏيکاريندو ۽ ڪيڪراٽيون ڪندو. پڇاڙيءَ ۾ ڪتا مٿان چڙهي ويندس.

ٻول:

ٿلهه: واهه ڙي ماما! مار گدڙ کي، وٺ ڙي ماما! مار گدڙ کي.

گدڙ مئو پيو گس گهيڙ تي - واه ڙي ماما مار گدڙ
کي.
ڪلي: اها دهري سونهي گدڙ جي زال کي - گدڙ مئو پيو
گهٽ گهيڙ تي - گدڙ مئو پيو
واه ڙي ماما! مار گدڙ کي.

* * *

## 10. سانگ:

ڪا شئي آڏي رکي ان جي پٺيان پوتاڙو يا پٽڪو وٺي
رکي بلا ٿاهنيدا. پوءِ هڪڙو لٺ کڻي ان کي مارڻ جي
ڪوشش ڪندو. پڇاڙيءَ جو نڪاءُ ڪرائيندس لٺ.
ٻول:
ڪينگر ۾ ڪوراڙ، ٻڙي ڪينگر ۾ ڪوراڙ!
سا ته منهنجي ڀاءَ ماري - ڪينگر ۾ ڪوراڙ!

* * *

## 11. سانگ [ڪڳي هٽڻ]:

هڪڙو ماڻهو ڪچون ٺوڪيندو، ٻانهون لوڏيندو ۽
نچندو نڙي گنگهي ڪري هي ٻول چوندو پڇاڙي ۾ ڪاڏيءَ
کي ابتو هٿ هٽي ٽڙاخ ٽڙاخ، جهڙو آواز ڪيندو.
هين جهين گوگو ڪنگهڪار ڪري، ايگ به ايگو!
اي پلو ماني! اي مائي ملوڪان! اي نارو ڍورو!
ايگ به ايگو!

Gul Hayat Institute

--------

[1] نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)

[1] اصل لفظ ”هيج مان هلو““ معنيٰ ”جذبي سان هلو“ آهي. عرب دور ۾ جت ويڙهاڪن ۾ جوڙن لاءِ جوڙيل هيءُ گيت، اصل ۾ هڪ جنگي گيت آهي. جيڪو سوڀ (فتح) کان پوءِ ڳايو ويندو آهي. (نظرثاني ڪندڙ)

[1] نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)

[1] نظرثاني ڪندڙ پاران واڌارو آهي. (ادارو)

Gul Hayat Institute

# باب چوٿون

## ڳيچ

ڳيچ اصل ۾ اندر جا اُتما آهن، جيڪي ٻولن جو روپ ڌاري، ماڻهو (عورت/مرد) جي من جي جذبن جي ترجماني ڪن ٿا. انهن ۾ ميڙائي جا ڳيچ، وڇوڙي جا ڳيچ، خوشيءَ جا ڳيچ سڀ اچي وڃن ٿا. سنڌي ڳيچ سنڌ جي عوام جو لوڪ ورثو آهي. جنهن جو سرجڻهار، سنڌ جو عوام آهي، جيڪا سنڌ جي هر ساچهه وند سيني ۾ سانڍي آهي.
هنن ۾ عوامي خواهشون، امنگ شامل آهن. ”پائرن پگهار منجهان پائلي مـُـڪي آهي“ وغيره. ”سنڌ جا سمورا لوڪ ڳيچ سنڌ جي پورهيت طبقي جي تخليق آهن. جن ڪمهاج ڪندي اهي ٻول چيا، جيڪي امر بڻجي ڳيچ ٿهي ويا ۽ ڳوٺ ڳوٺ ۾ ڳاتا ٿا وڃن.(1) “
زالون گهر جو ڪم ڪار ڪندي، آهستي آهستي ڪجهه جهونگاريندي پيون آهن. انهيءَ جهونگارڻ ڪري سندن ڪمن ۾ گهڻو اُڪلاءُ ٿيندو آهي. انهيءَ جهونگارڻ کي ”ڳاءُ“ به چون، ڳاءَ مان ڳيو، ڳيت ۽ ڳيچ لفظ جڙيو آهي،

ڳيچ جو جمع ڳاچ آهي. انهن ڳيچن کي سنڌ ۾ لاڏا ڳائڻ به ڪوٺين. هنن جا خاص قسم هي آهن: ڳيچ، سهرو، ساٺ ڳيو، ڪامڻ، هيرو يا ڦوٽاڻو ۽ لوڪ گيت.

ڳيچن جي قدامت تمام جهوني آهي. منهنجي خيال ۾ جڏهن حضرت آدم عليہ السلام ۽ بيبي حوا ۾ وڇوڙو پيو ۽ هو پهريون پيرو وچڙڻ کان پوءِ پاڻ ۾ مليا هوندا ته ورلاپ ڪري رُنا هوندا، جڏهن روئي رج ڪيو هونداءون ته پوءِ هڪٻئي کي ساري، سڀ حال احوال ڏنا هونداءون، حال احوال ختم ٿيڻ کان پوءِ منجهن خوشي پيدا ٿي هوندي. انهيءَ خوشيءَ کي ظاهر ڪرڻ لاءِ، خوشي جا ٻول ٻوليا هونداءون، جي پڪ پڪاڻي ڳيچ ئي هوندا ۽ نه ڪو ٻيو نظم.

ان کان پوءِ جڏهن آدم جو اولاد پيدا ٿيو هوندو، وڏيو ۽ ويجهيو هوندو، انهن جون شاديون مراديون ٿيون هونديون، تڏهن به بيبي حوا خوشيءَ جا ٻول يعني ڳيت ڳايا هوندا. ان ڏينهن کان وٺي عورت جي فطرت ٿي ويئي هوندي، ته هوءَ پاڻ کي ڳائڻ ۾ رڌل يا مشغول رکي ۽ مختصر شعر، جنهن کي ڳاءُ ٿو چئجي، سو ڳائيندي رهي. ڳيچن ۾ هڪڙا پيراڻا، مجرو، لولي، ٻيا سماٽڪا (سنڌي) ۽ ٿيان ٻروچڪا ڳيچ سراڪي نه ٿيندا آهن ٻروچڪا يعني سرائڪي ٻوليءَ ۾ ڳايا

ويندا آهن ۽ سنڌ جي هر هڪ ڀاڱي ۾ مٿيان سڀئي قسم ڦيرڦار سان زالون دهل تي يا بنا دهل جي ڳائيندين رهنديون آهن. ڳيچ: ڳيچ جي سٽاءَ تمام سادي ۽ سلوڻي آهي. هن جو مطلب ۽ مضمون رڳو ٿلهه (مطلع) ۾ ئي نروار ڪيل هوندو آهي. باقي مصرعن ۾ دل خوش ڪرڻ جون شيون ۽ ڳالهيون رٿيل هونديون آهن. هن ۾ خاص طرح بنري يا گهوٽ جي عضون جهڙوڪ: اکيون، ڏند ۽ هٿ بعضي پير ۽ پيا سرُ وغيره پڻ ڳائڻ ۾ استعمال ڪن ٿيون. اکين کي انهيءَ ڪري پهرين ڳيچن جي مصرعن ۾ آندو اٿن جو نور کان سواءِ سڀ ڪوڙ آهي، ڏند، گفتگو ڪرڻ ۾ ۽ چمار جي اندازي لڳائڻ ۾ پرکجن ٿا. ڏاهن جو چوڻ آهي ته جنهن جا ڏند سفيد موتيءَ جي داڻي جهڙا هوندا سو ڪڏهن به ڪوڙ نه ڳالهائيندو، جيڪو ڪوڙ نه ڳالهائيندو اهو بهترين اخلاق جو مالڪ ڪوٺيو ويندو. ان کان پوءِ هٿن جو ذڪر ايندو آهي، ڇئني بازن جو مدار هٿن تي آهي. چوندا آهن ته فلاڻو هٿ جو سڄو آهي يعني هنرمند پورهيت آهي يا هٿ جو ميرو آهي، يعني چور، ٺوٺي ۽ بيڪار ماڻهو آهي. اهي ٽي عضوا جنهن ماڻهوءَ جا سلامت نه آهن، اهو اپاهج ۽ بيڪار انسان آهي. ان جي سڀ چمار دک ۽ درد جو پنڊار آهي. ڳيتن ۾ انهن عضون جي نه رڳو ساراهه ڪيل آهي، پر دلي دعا پڻ ڪيل آهي ته اهي شال سلامت هجن!

ٻئي نمبر ڳيچ جي ڪلين ۾ گهٽو ڪري ڳهٽن ۾ زيورن جا نالا ڪتب آندا ٿا وڃن، جن ۾ پهرين نٿ، جنهن کي ويندو، بئنسر وغيره نالن سان سڏيو ويندو آهي، ٻي نمبر ۾ دهري، جنهن ۾ گهٽو سون ڪتب ايندو آهي ۽ رڳو سون مان ئي ٺهندي آهي، ٽين نمبر ۾ ٻيا ڪل زيور جن ۾ هس، ڪنمال، تائٿ، ٻارڪيون، ڪنگڻ، چوڙا وغيره ايندا آهن.

نٿ، سهاڳ يعني ڀاڳ جي نشاني آهي. اها ڪنوارئي کهڙي جنهن کي نڪ ۾ ويندو نه واڳيل هجي! کهڙو به غريب کان غريب گهوٽ هوندو، سو به نٿ اوس ٺهرائي آڻيندو. اٽيڙ هيلن وٽ نڪاح کان وڏيڪ مانُ نٿ جو آهي! جنهن نٿ گهرائي، زال کي وڏي، زال اُن جي ٿي، نه نڪاح واري جي! عام چوڻي آهي. ڪي قومون نٿ ڪونه پائين، جهڙوڪ: سومرا، حجام ۽ سنڌ ۾ اوڏ قوم چانديءَ جي نٿ گهڙائي پاين، ٻيون قومون سڀ سون جي بئنسر جوڙائي پارائين. نٿ جي تور وڌ ۾ وڌ سوا تولو ٿئي ٿي، وڏيڪ وزن واري نڪ چني رکندي، ان کان پوءِ دهري يا ڏُريءَ جو بيان اچي ٿو. دهري هڪ ٻن سرين کان وٺي ستن سُرين تائين ٿيندي آهي. هرهڪ سُريءَ ۾ سونا موتي هوندا آهن جي پٽ يا ريشم جي سڳي ۾ پوتل هوندا آهن. سرين جي پڇاڙيءَ ۾ سونو پٽلو جڙت جڙيل هوندو آهي، موتين جي وچ ۾ مهرون يا گينيون يا سونيون ڪارڪون

Gul Hayat Institute

هونديون آهن ۽ ڏاڳن جي جوڙ وٽ سونيون به دڳنيون هونديون آهن، جن مان سڀ کان وڌيڪ نڪري وڃي ڳچيءَ جي چوڌاري ڦيرائي ٻڌبو آهي. هن کي دهري هن کري کوٺيندا هئا، جو پهريائين فقط هڪ سري يعني ايڪلاٽي هئي پوءِ به سريون منجهس ٿيون ۽ پوءِ وڌي ست سريون ٿيون. جن گهرن جو زالون دهريون ٻڌي راڇن ڪاڇن ۾ ويندڙيون آهن ته انهن کي سرند ۽ مچي مانيءَ وارا يا هوند وارا سمجهي ڪاڇيتيون وڌيڪ مان ڏينديون آهن ۽ انهن گهرن سان مائٽي ڳنڍڻ لاءِ زالون آتايون ٿينديون آهن. ٻيا زيور به قيمتي ۽ سهڻا هٿن پيرن ۽ ڳچيءَ ۾ پائڻ جا هوندا آهن، پر هنن ٻن زيورن کان مٿي ۽ گهٽو کين ڪونه ساراهين ۽ انهن کي غير ضروري سمجهن. زيور، جيڪي ڳچي ۽ ٻانهن ۾ پائين، انهن کي زالون ٻيلهڙ چون ۽ جيڪي پيرن تائين پائين انهن کي ٿيلهڙ وچون ۽ جي سپئي سون جا گهڙايل هجن ته پوءِ انهن کي سوني سائي سڏين. (تيلهڙ، چئبو آهي ڪنوار جي زيورن کي) تيلهڙ، معنيٰ تازي تيل ٿيل.

سَـهرو: سهرو پڻ سڻاءَ ۾ سادو سودو نهيل آهي. پر هن جي مصرعن ۾ ڳيچ وارا زيور ۽ عضوا ڪونه اچن. هن ۾ مائٽ مٽ، پيءُ چاچا ۽ پائر چڙهيءَ لاءِ سواريءَ جا قسم: هرڻو

مهاري، اُٺ، محافو، ڪجائو وغيره، ڪپڙا، وڻ، پکي ۽ ٻيا نالا ريتائتا چئي ڳايا وجن ٿا.

سهرو، ڳائڻ جو ۽ سهرو گهوٽ جي منهن تي ٻڌڻ جو، جنهن کي موڙ به ڪٺي چئجي. ٻئي هڪڙي معنيٰ ٿا رکن. (اصل سَ+ معنيٰ چڱو+ هرو هريه. معنيٰ سائو يا تازو). تازو توانو، آباد، سدا باغ بهار. اهي معنائون سهري جون آهن. چو ته جڏهن گلن جو منگهٽ يا موڙ گهوٽ کي ٻڌن، تڏهن ان کي سهرو چون ۽ جڏهن موتين ۽ ڪچ ڪوڏين جو ٺهيل ڪپڙو پاپنيءَ جو ٺهيل منگهٽ ٻڌن ته اُن کي موڙ چون. جنهن مهل اهو سهرو ٻڌبو آهي ان وقت خوشيءَ جا جيڪي ٻول چيا ويندا آهن، تن کي به سهرو سڏيندا آهن. زالن کي اهڙي موقعي لاءِ جيڪي خاص ڳيت ڳايا جن ۾ آيلن چاچين، گهوٽ جي مائٽن وغيره جي مرحبا، شان ۽ وڏائي بيان ڪئي آهي. ان کي سهرو ٿيون سڏين.

ساٺ ڳيو: هيءُ هر پرپ ۽ موقعي تي ڳايو ويندو آهي، جيڏي مهل گهوٽ کي زالون ساٺ ڪنديون آهن ساٺ ڳيو ايستائين پيون چونديون، جيستائين اهو سنوڻ ساٺ هلي ختم ٿئي. ساٺ ڳيئي جي ساخت ڏکيري ۽ اصلي لفظن ۾ آهي. جي لفظ هاڻ متروڪ ٿيندا ٿا وڃن. ساٺ ڳئي ۾ به دعائون، اميدون ۽ خوشيءَ جو ذڪر ڪيو وڃي ٿو.

ڪامڻ: ڪامڻ لفظ جي معنيٰ دل ڦرڻ آهي. هن لفظ جي ڪري سهڻين زالن کي به ڪامڻي ڪوٺيندا هئا، جنهن جي ڏسڻ سان دل مٺس مست ٿي پوندي هئي. هاڻ زالون جيتوڻيڪ گهڻو ئي هار سينگار ڪن ٿيون، پر تـُرت ڪنهن جي دل تي ڏاڙو نٿيون هڻي سگهن، سبب اهو آهي ته اڳي اپاڪي يا ڪنهن منهِ مارڪي تي زالون سينگار ڪري، مکي چکي نڪرنديون هيون ۽ گهڻو ڪري گهرَ جي ۽ ٻني ٻاري جي ۽ ڏرار پهنوار جي رڌ پچاءُ ۾ وقت گذرندو هون، فرصت ئي ڪانه هوندي هين، جو ڪو ليئو پائن ۽ پاڻ وڻائن، پر جو اوچتو ٿهي نڪي ڏِڪجي نڪرنديون هيون ته گهڻا وايوڙيل ڪيرائي رکنديون هيون. هاڻ نڪي آهي زالن کي ڪم نڪي ڪار، سدائين پاڻ تنجيو پيون هلن ۽ عاشق به ڏسي ڏسي دل مضبوط ڪري ويا آهن، تنهنڪري ڪنهن جي لوري ڪانه ٿي لڳين.

ڪامڻ، ڪنواريتيون ڪنوار کي سينگار ڪرائڻ مهل ڳائينديون آهن. هن ۾ اها گهر ڪيل هوندي آهي، ته مڙس جي دل ڇڪجي زال سان ڳنڍجي، اهو اثر جهٽ پٽ ٿئي، پر دير نه ٿئي!

هيرو ڦوٿاڻو: هيءَ هڪ خوشطبعي، مذاق يا چرچي جي لاءِ خاص قسم ساٿ ڳيو آهي. گهوٽ جي ڪاڻ به ماڻهو مقرر هوندا آهن. هڪ اهنيار يا آنهر ۽ ٻيو ڪوٺاري.

ڪوٺاري، ڪوٺو جوڙيندو آهي، ڪٿي وري پڙو يا ڪوٺو مٽي تي ڪٺي هلندو آهي. ڪن هنڌن تي پائرن کي ڪوٺ يا سڏ ڏيندو آهي، زالون گهوٽ جا ڪپڙا ڳائي ڪٺي اينديون آهن ته ڪوٺاري انهن کان وٺي چني ۾ آٽي ڏيندو آهي. ان ڪوٺاري سان پچاڙيءَ جو زالون عقوبت ڪنديون آهن، ڪانئس به - ٽي روپيا يا ڪارڪن جا پنج سير چڏائينديون آهن. اهو ڪوٺاري گهوٽ جو ويجهو عزيز يا مائٽ هوندو آهي. جيئن گهوٽ جي حفاظت ۽ نظرداري لاءِ جيڪو ماڻهو رکيل هوندو آهي، ان کي انهيار ٿو چئجي، تئن گهوٽ جي وري سامان سڙي جي نظرداري ڪوٺاري ئي ڪندو آهي. هيرو، ان ڪوٺاري لاءِ چيو وجي ٿو. ڦوٽاڻو به هيري جو هڪ قسم آهي جيڪو گهوٽ جي عزيزن ۽ چاچين سان جٺ ڪرڻ ڪاڻ چيو ويندو آهي. ڳاهن جي ڳائڻ جو رواج گهڻو ٿر واري پاڳي ۾ آهي. هيرا ۽ ڦوٽاڻا ٻڌي چاچي ماچي خوش ٿيندا آهن ۽ ڪنهن کي به چڙ يا ڪاوڙ ڪانه لڳندي آهي، پوءِ پل مرد هجي توڙي زال.

لوڪ گيت: لوڪ گيتن ۾ ماحول جو ٻڳهو وسٽار ڪيل هوندو آهي. لوڪ گيتن جا گهڻيئي قسم آهن، جن ۾ هيءُ لوڪ گيت تمام مشهور آهن: سروَر، مورو، جمالو، ٻيلهڻ، گهڙولي، لولي، چلڙو، ڪانگلڙو، ڪارڙو ۽ ٿر پاڳي جا

Gul Hayat Institute

خاص موقعن جا لوڪ گيت جيڪي مختلف وقتن تي ڳايا ويندا آهن..

ڳيچن جا قسم:

پٽ چمڻ جي اميد جو سنڌي ڳيچ(1)

وراڻي: هن اڱڻ تي موليٰ لڌائيندم پٽن جا پينگها!

پٽن جا پينگها، پائرن جا جوڙا!

ڪلي: اڪيون ادل جون پرن مشعالا - ڪجل جوڙ بنايو.

پٽن جا پينگها...

ڏند ابل جا ماڻڪ موتي - سرخيءَ جوڙ بنايو.

پٽن جا پينگها...

هٿ پڙهيل جا ميندي رتڙا - ڳاني جوڙ بنايو.

پٽن جا پينگها...

اميد پوري ٿيڻ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: منهنجي پائرن کي الله ڏيندو پٽَ، پٽُ پينگهن ۾، جهولي جهولن ۾

او مرشد سائينءَ جا لک ٿورا!

ڪلي: پير اسان جو حضرت ميران، روضي جوڙ بنايو.

پُٽ پينگهن ۾...

روضي مرشد جا منارا مهٽا، نيلن جوڙ بنايو.

پٽ پينگهن ۾...

Gul Hayat Institute

رتول، قبي مرشد سونهندو، ڪنگرن جوڙ بنايو. پٽ پينگهن ۾...

امید پچڻ لاءِ مجرو (سلام) پرڻ وارو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: قلندر! سنڙو اُٿي جاڳ، توکي مومل مجرو مجي!
الله ڪارڻ او ميان راڻا! مجرو مجي!

ڪلي: دادلا! درگاهه جا پڑائيم اٿي پاڳ. مجرو مجي....

امید پچڻ لاءِ مجرو (سلام) پرڻ وارو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: دولهه لال! مئن تيڏي در آئي هان، ميڏي من دي مراداں پچاوين!

ڪلي: اکيان ابل ديان برن مشعالي - ڪل دي آس پچاوين. مئن تيڏي در..
مئن رانجهن دي رانجهن ميڏا - کيڑا گهول گهماوين. مئن تيڏي در..
پنجان تنان دي پاکر تئينو - علي چٽُ جهلاوين. مئن تيڏي در..

امید جو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: مئن لال دي زيارت تي ويندي هان، تيل ڦليل ڦلان دي سَهري

ڪلي: اکيان ادل ديان برن مشعالي - ڪجل جوڙ بٽيندي هان. تيل ڦليل....

Gul Hayat Institute

ڏند ابل دي ماڻڪ موتي - سُرخي جوڙ بڻيندي هان. تيل ڦليل...

هٿ لاڏل دي مينديءَ رتڙي - ڳاني جوڙ بڻيندي هان. تيل ڦليل...

پٽ پيدا ٿيڻ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: آيو گل خواب ۾، سانڍيو هئم ساهه سان، عطر گلاب ۾، چندن چوغان ۾

ڪلي: بئنسر لاڏل جي لاڙئون آڻائي - سانڍي هيم ساهه سان.......

(ٻ ٻين زيورن ۽ ڳهڻن جا نالا ورتا ويندا.)

پٽ پيدا ٿيڻ واري خوشيءَ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: الله آهن پٽ ڏنا، صدقو رسول تان!

جوان ٿيندا جواني ماڻيندا.

ڪلي: اکيون ادل جون ٻرن مشعالا - ڪجل جوڙ بنايو، ڏايو رنگ لايو. صدقو رسول تان.

(ٻ ٻين عضون جا نالا)

Gul Hayat Institute

پٽ پيدا ٿيڻ جو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: اسان ڪون لال ڏوايا، لالڏلا آيا، الله اسان ڏي اڄ وي، خاوند رکي لـَجَ وي

ڪلي: باغين دا سائين، پٽ دادلا آيا، رب ساڏي ......

نوڪر چاڪران دا سائين، بنرا آيا، الله ساڏي...

پٽ چمڻ جي مبارڪن جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: دادلو، جهندبولو، جهوليءَ پائين، ڏنڙئي پاڻ خدا، سهاڳڻ پٽ چائو اٿئي!

بئنسر گهڙائج نهري - سهاڳڻ! پٽ چائو اٿئي

(۽ ٻين زيورن جا نالا ورتا ويندا.)

پٽ چمڻ جي مبارڪن جو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: پٽَ جيوَنئي، پوٽا چاپنئي، نوهر هيرا موتي پرونئي ڙي!

نوَ لک مبارڪان هوونئي ڙي!

ڪلي: در مائي دي مٿي اوچڙي ماڙي، سيڪڙيات جهاتيان پاونئي ڙي. نوَ لک..

--

الله ڪرسي اولادي، اسان سوالي تيڏي در دي!

پٽان دي هووي شادي، اسان سوالي تيڏي در دي!

چٽيءَ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: راج گهرايان چٽيءَ تي، سون ورهايان چٽيءَ تي

ڪلي: چڱو ڪيو آهي پاڳ ننڍڙي جو موليٰ!

پٽ جي پينگهي لوڏڻ جو سرائيڪي سهرو:



Gul Hayat Institute

وراڻي:  پٺ الله ڏنا، پٺ مالڪ ڏنا، پٽن جا لوڏيان پينگها ٽڏڙي چانوَ ۾!

ڪلي:  سر لاڏل دي سونا سهرا - پٽين دا لوڏيان پينگها....

چڙهي لاڏل دي هرڻا مهري - پٽين دا لوڏيان پينگها...

لوليءَ جو سنڌي گيت:

وراڻي:  ٻارڙو، نينگرڙو، اوئان اوئان ڪري، لولي اَلا پلا!

لولي ٻارڙي کي ڏيان!

ڪلي:  ڇچ پري جوئر جو مان جانبڙ تي ٿي وڃان،

جانبڙ لڏي ڪانه ڪا مان ڪٺو ڪٺي تي هٽان.

لولي ٻارڙي کي ڏيان!

سينهو رکي مٽي تي، مان گهڙو پرڻ ٿي وڃان،

لولي ٻارڙي کي ڏيان!

کوهر ليي ڪونه ڪو مان گهڙو گهڙي تي پچان. لولي ٻالڙي کي ڏيان.

لوليءَ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي:  لک ٿيندن لک ڇمندن، لک لک ڏيان لوليون، الله پريون جهوليون!

ڪلي:  ٻئنسر بني جي پارئون آٽائيان - لک لک ڏيان لوليون.....

Gul Hayat Institute

(ٻ ٻيا ڳهڻن جا نالا ورتا ويندا.)

مڪتب يا ڪتاب ۾ ويهڻ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: منهنجو جيئي راڻو، ابل ايمي پڙهندو، ٿيئي پارا پڙهندو.

ڪلي: ڪلي ڪتاب ويهندو ڦرهي ڪچ ۾ ڪٽندو. منهنجو جيئي راڻو.

استاد جو ادب رکندو پڙهي پورو ڪندو.

منهنجو جيئي راڻو.

مڪتب ۾ ويهڻ جو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: آوي، هڻ ٻولي، ماءُ اولي گهولي

ماءُ ٺري تيڏي، وه ٻـَـه شان نال بنرا!

ڪلي: اکيان لاڏل ديان ٻرن مشعالي - جل جوڙ بناوان. ٻـَـه شان نال بنرا!

(ٻ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

طهر جي رسم تي سنڌي ڳيچ:

وراڻي: پٽڙو ٿيو سوڀائن وارو، بابي ملهي طهرايو، جيڏيون! ارڏو لاڏو آيو.

ڪلي: اکيون سهڻل جون ٻرن مشعالا - ڪجل سدا رنگ لايو. ارڏو لاڏو آيو.

هٿ سوڍل جا تجلا تجلا - ڳانيءَ رنگ لايو، ارڏو لاڏو آيو.

پير پورل جا سجلا سجلا - ميندي رنگ لايو،
ارڎو لاڎو آيو.

وار سيٽل جا ڪجلا ڪجلا - سُرمي رنگ
لايو - ارڎو لاڎو آيو.

وڏاٽي (سامائجڻ) جو سنڌي ڳيچ:

وراٽي: مون باس باسي هئي، اڄ منهنجا الله وڏا ڪيا!

ڪلي: بئنسر جوڙائج نهري - منهنجا مطلب موليٰ پورا
ڪيا!

(ٻ ٻين ڳهڻن جا نالا ورتا ويندا.)

شاديءَ جي تياريءَ جو سنڌي ڳيچ:

وراٽي: سردار سچو غم لاهيندو، تنهنجي شادي ۾ الھ
راضي ٿيندو.

ڪلي: تنهنجي بئنسر جو ملھ باري هو. الھ راضي ٿيندو.

(ٻ ٻين ڳهڻن جا نالا ورتا ويندا.)

شاديءَ جي تياريءَ جو پيراٽو سنڌي ڳيچ:

وراٽي: باسيم باسون ڏينديس سڪائون، اي گهوٿ! باسون
باسيم پير تي.

ڪلي: منهن سهٽل تنهنجي موڙ جي سهٽا، موتين جوڙ
بنايو. اي گهوٿ!...

(ٻ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

شاديءَ جي تياريءَ جو سرائيڪي ڳيچ:

Gul Hayat Institute

وراڻي: رسيلڙا! واه واه! مرادان ماڻين بنا! سيج ماڻين!
ڪلي: هٿ بني دي مينديءَ رتڙي، ڳاني سدا رنگ لايا -
سيج ماڻين!....

(۽ پين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

گهوٽ کي دعا ڪرڻ جو سنڌي ڳيچ:
وراڻي: منهنجا جڙيا جاني! شال ماڻين جواني! توتي راز رحماني!
ڪلي: اکيون لاڏل جون پرن مشعالا - ڪجل جوڙ بنايو.
توتي راز رحماني!

(۽ پين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

گهوٽ کي دعا ڪرڻ جو پيراڻو سنڌي ڳيچ:
وراڻي: لاڏل توسان حامي حضرت پير، ساڻي ٿيو ميران مير!
ڪلي: بئنسر جوڙائج نهري - توسان حامي حضرت پير!

(۽ پين ڳهڻن جا نالا ورتا ويندا.)

گهوٽ کي دعا ڪرڻ جو سرائيڪي سهرو:
وراڻي: بنا! تيڏا الله نگهبان - بنين بنا ميڏا، جگ جگ جيوين بنا!
ڪلي: بنا! تيڏا الله لايا پاڳ - بنين بنا ميڏا.
بنا! تيڏي سهري لائي بهار - بنين بنا ميڏا.

Gul Hayat Institute

بني دي بابي ڪون ڏيوان مبارڪ - بنين بنا ميڏا.

گهوٽ کي دعا ڪرڻ جو پيراڻو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: هووئي عمر دراز شل ماڻين ڳليان - هووئي پير پناه!

ڪلي: تيڏي مولهي لاوان مئن رابيل ڪليان - هووئي پير پناه!

تيڏي جا جامي لاوان مئن گلابي ڪليان - هووئي پير پناه!

گهوٽ کي دعا ڪرڻ جو سنڌي سهرو:

وراڻي: منهنجي پٽَ جهڙي لاڏي کي شل ڪوسو واءُ نه لڳي!

آءُ راڻا! وسين سوڍا!

ڪلي: ويه ويڙي وچ ۾ منجڻ موچاري - لڳئي گل گلاب جا چوڦير چوڌاري

چاچي ادل جا مان سهجئون گهرايان - جن جي اچڻ سان لڳي ته

بهاري آءُ راڻا

ويس لاڏل جو مان سهجئون گهرايان - جنهن جي اچڻ سان ٿئي

جنساري آءُ راڻا

Gul Hayat Institute

سهرو ابل جو مان سهجئون گهرايان - جنهن
جي ٻڏڻ سان ٿئي
گلزاري آءُ راٽا
مگڻي جو سنڌي ڳيچ:
وراڻي: ٻانڌڻ ٻڌائيندو، سِر تان ٿلائيندو، ٻانڌارو گهر آيو.
اسين توهان جا مزمان، هرڙي ڌاڪ چٻايو،
ماهيڙو کير پياريو.
ڪلي: بئنسر گهڙائيندو - ٻانڌارو گهر آيو.
(ۼ بين زيورن جا نالا ورتا ويندا.)
مگڻي جو سنڌي سهرو:
وراڻي: لاڏي جي مليرڙي لائي بهار - لاڏو پاڻ للهنگ،
ڪيسر پنڙس پاند، انهي ويل ڪوڏيو.
ڪلي: سچڻ سونهن سٿ ۾ - لاڏو پاڻ للهنگ.....
اسان آسون پنيون - لاڏو پاڻ للهنگ.....
واهر ٿيندس واٿ تي - لاڏو پاڻ للهنگ.....
ٻڪيءَ جو سنڌي ڳيچ:
وراڻي: راج سڏايان ٻڪيءَ تي، ادل جي ڪاج تي،
ادل باغ بهار مدد مولا جي مون تي.
ڪلي: بئنسر لاڏل جي لاڙئون گهڙايان - ادل باغ بهار.....
(ۼ بين ڳهڻن جا نالا ورتا ويندا.)
ٻڪيءَ جو سنڌي سهرو:

Gul Hayat Institute

وراڻي: ڇانور ٿو آڻائي اي الله! تنهنجي آسري، ڪر واهر جو ويلو!
ڪلي: پائر ٿو گهرائي - اي الله!......
ڇاڇي ٿو گهرائي - اي الله!.....
ڪاڃ ٿو ڪرائي - اي الله!......
رنگ هٽڻ جو سنڌي سهرو:
وراڻي: اربيلا بنا! رنگ لايان بنا! تنهنجيءَ شاديءَ ۾ سيج وڇايان.
ڪلي: توکي سنهڙي ڪنوار ملايان - تنهنجي شاديءَ ۾.
تنهنجا پائر گهرايان - تنهنجي شاديءَ ۾.
رنگ هٽڻ جو سرائيڪي سهرو:
وراڻي: ڇٽي ڳوري دا بنا! صاحبزاديءَ بنا!
تيڪون سدا ملهاري رنگ لڳا.
ڪلي: تيڏي پاڳ ڪون لاوان مئن بدلي - سدا ملهاري رنگ لڳا.
تيڏي سهري ڪون لاوان مئن بدلي - سدا ملهاري رنگ لڳا.
ڇني يا منهه جو سنڌي ڳيچ:
وراڻي: تنهنجي ڇني ۾ ڇمڪار لاڏا! پنيون اٿئي مرادون.
(۽ ٻين زيورن جا نالا ورتا ويندا.)
ڇني يا مٿه جو سنڌي سهرو:

وراڻي: لاڏو چئي ٿو پيءَ کي منهنجي چاچين دير نه لايو،
ڪلي: جنهن جو منهه موتين چانيو، لاڏو مَـرڪي منهه ۾ آيو.

(۽ ٻين مٽن مائٽن جا نالا ورتا ويندا.)

چني يا مٺه جو پيراڻو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: اوهين ننگڙو سجاڻو، عربي وسيلو، مدني وسيلو!

شافع امت جا توهين حق سين هلايو - پلي پير آيو.

ڪلي: دهل ادل جا چنڙي ۾ آيا، مايون نياڻيون ننگڙو سجاڻو.

چاچي ابل جا چنڙي ۾ آيا، مايون نياڻيون ننگڙو سجاڻو.

پائر لاڏل جا چنڙي ۾ آيا، مايون نياڻيون ننگڙو سجاڻو.

چني يا مٺه جو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: منه مئن جو جهليسان، خطڙا لکيسان،

لهه وج سهڻا! منه مئن جهليسان.

ڪلي: بئنسر مئن جو گهڙائي - چٽ چو نه چڙهيسان - لهه وج سهڻا!

(۽ ٻين زيورن جا نالا ورتا ويندا.)

گهوٹ جي ساراهه جو سنڌي ڳيچ:

Gul Hayat Institute

وراڻي: ابل منهنجو سدا سهڻو سونَ جا سؤدا ڪري، هيري موتيءَ جا پيڙا پري

ڪلي: اکيون ادل جون ٻرن مشعالا - ڪجل جوڙ بنايو - سون جا سؤدا ڪري..

(ٻ بين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

گهوٽ جي ساراهه جو سرائيڪي سهرو:

وراڻي: ڳُـٺان ڳاوَن آتي پيسن، ڳاوَن تيڏيان اديان،
مئن صدقي پئي ويندبان، مئن قربان ٿيوان، لاڏي دي امان!

ڪلي: اُٺ ڪجاوي هرڪوئي آوي - آوي لاڏي امان - ڳاون تيڏيان اديان.

چاچي آون نکون وچاون - واڳن لاڏي ديان اديان - ڳاون لاڏي ديا ماوان

سرتيان آون سهري ڳاوَن - ڳاوَن لاڏي ديان بووان - واڳن لاڏي ديان مٿيان

گهوٽ جي ساراهه جو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: هزاري لاڏا! گلزاري لاڏا! گل ڏي ميڪون.

ڪلي: بئنسر لاڏل دي - هزاري لاڏا!

(ٻ بين ڳهڻن جا نالا ورتا ويندا.)

ونواهه جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: رانيڙو جوپن هيلون ڏي، مائي سوداگر ڍوليو آئيو.

ڪلي: سونهي لاڏيءَ جي منهن تي بئنسر - رانيڙو........

(۽ ٻين زيورن جا نالا ورتا ويندا.)

ونواهه جو سنڌي سهرو:

وراڻي: جهجهڙو لڪيس پنهنجي ور جو سهاڳ، منهنجي جيڏل ڪي ججهڙو لڪيو.

ڪلي: جهڙو تون لاڏو تهڙي سيج سنداءِ - ججهڙو لڪيو.

لاڏيءَ ٻانهون ڳوريون، لاڏيءَ پنيا وار - ججهڙو لڪيو.

لاڏي مائٽن دادلي، لاڏي لال ڪنوار - ججهڙو لڪيو.

تيلاڙيءَ جو سنڌي سهرو:

وراڻي: ڳاڙها ونا، سُرها چنا، آءٌ گهوري وڃان!

آءُ ته چندن لوئين موچارا ونا!

ڪلي: توکي سيڪي سريو، سيڻن منجهان، ٿري لاڏل تنهنجي امان - موچارا اونا

لاڏيءَ ڏندڻ چنيو، ٻائي پلاونا! لاڏو پيءَ پيارو جيئم الا! آءُ ته چندن..

تولئي سس سنپايو، ٻائي پلاونا! لاڏو پيءَ پيارو جيئم الا! آءُ ته چندن..

لاڏو وناهيم ساهرين، ٻائي پلاونا! لاڏو پيءَ پيارو جيئم الا! آءُ ته چندن.

لاڏي ڪي جا لڪڙي، ٻائي پلا ونا! لاڏو پيءَ پيارو جيئم الا! آءُ ته چندن .

شاديءَ جي زيورن يا ڳهڻن جي ساراهه جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: واهه ڙي واهه سونارا! هيءَ تو جا گهڙي آهه.

ڪلي: ٻئنسر منهنجي نڪ جي مون ڏي وَرَ مُڪي آهه.

هيري سان جڙي آهه، جوهر سان ڪڙي آهه -

واهه ڙي واهه سونارا!

(ٻ ٻين ڳهڻن ۽ عضون جا نالا ورتا ويندا.)

شاديءَ جي ڪپڙن جي ساراهه جو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: ڦُلڪاري حسن واري لاڏا! اج گهن ڏيوين ميڪون!

ڪلي: چڱي ٻئنسر جوڙائي آءُ مورلاڏا - اج گهن ڏيوين ميڪون!

(ٻ ٻيا زيورن جا نالا ورتا ويندا.)

گهوٽ جي سواريءَ جي ساراهه جو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: سهڻي دا مهري جنهن ڪون پٽ ديان هن واڳان.

ريٺي ابل دي ڪون زري دا رومال هي،

ميندي ابل دي ڪون ڪل پيران دي پناهه هي.

ڪلي: ٻئسر جوڙائج نهري - ڪل پيران دي پناهه هي.

(ٻ ٻين ڳهڻن جا نالا ورتا ويندا.)

ڄاڃين جي مرحبا جو سنڌي سهرو:

Gul Hayat Institute

وراڻي: هت ٿا اچن خانَ، منهنجا مور لاڏا!
ڪلي: سرهي سيج بني جي مان ٻاهر وڇايان - هت ٿا اچن......
ڳاڙهي کٿ ادل جي مان ٻاهر وڇايان - هت ٿا اچن......
سهڻو پلنگ پنهل جو مان ٻاهر وڇايان - هت ٿا اچن......

چاچين جي آذرپاءَ جو سنڌي ڳيچ:
وراڻي: مهر پريا مهمان اديون! الله آندا، رب آهن ملايا.
ڪلي: کير کنڊ کارايان تن کي، جيڪي آڏيءَ هلي آيا.
ٻئنسر ادل جي لاڙئون گهرايان - رب آهن ملاياس.......
(ٻ بين زيون جا نالا ورتا ويندا.)

آذرپاءَ جو پيراڻو سنڌي ڳيچ:
وراڻي: چاچي سلامي سروَر پير جا، اوهين پلي ڪري آيا.
پلي ڪري آيا، سُرهي سيج وڇايان.
ڪلي: ٻئنسر گهڙائج نهري - اوهين پلي ڪري آيا........
(ٻ بين زيورن جا نالا ورتا ويندا.)
مينديءَ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: سوني ٿالهي آڻايو، تنهن ۾ ميندي پسايو، ڏاڏي پوٽيون سڏايو پاڙيواريون آڻايو.

اول هلي گهوٽل کي لايو، پوءِ وجي ونل کي لايو.

ڪلي: بئنسر ادل جي لاڙئون آڻايو، بولو لاڏيءَ جو روهڙي مان گهرايو - اول هلي

(ءِ بين ٻن - ٻن زيورن ۽ شهرن جا نالا ورتا ويندا.)

مينديءَ جو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: ميندڙي ملڪ ملير دي جنهن وچ ججهڙو سهاڳ، آءُ ونهيان لاڏلا! ميندڙي لاوڻ ڏي.

ڪلي: بئنسر گهڙائج نهري - جنهن وچ ججهڙو سهاڳ...
(ءِ بين ڳهڻن جا نالا ورتا ويندا.)

مينديءَ جو سنڌي سهرو:

وراڻي: آءُ، لائي ميندي گهوٽ پيارا! وقت اَسر جو آيو آهه، وقت فجر جو آيو آهه، وقت لائڻ جو آيو آهه.

ڪلي: پڳ پٽڙي سر سهڻي جا ٺهندي - طُري جوڙ بنايو - وقت لائڻ جو آيو آهه.

لونگي لاڏل کي سهڻي لڳندي - وَر وَرَ جوڙ بنايو - وقت فجر جو آيو آهه.

Gul Hayat Institute

پهراڻ پنهل کي سهڻو بيهندو - پيڙن جوڙ بنايو - وقت اَسر جو آيو آهه.

ميندي ڪڻن جو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: سهڻا! ٿالهه ميندي دا مئن چائي کڙي هان،

چائي کڙي هان، ويس مٿائي کڙي هان.

ڪلي: اکيان ادل ديان ٻرن مشعالي - ڪجل جوڙ بنائي کڙي هان.

(ۼ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

مينديءَ جو سرائيڪي سهرو:

وراڻي: مئن کڙي هان ابا! تيڏي ويس تؤن ٿري هان.

ڪلي: ميندي دي ويلي - مئن کڙي هان.

ٻانهين موڙ ٻڏاونئي، مئن کڙي هان.

پينر ميندي ڳاوَنئي، مئن کڙي هان.

مينديءَ جو پيراڻو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: ادل بنري ڪون، پچي بنري ڪون، حضرت پير دي داون لئيندي هان

حضرت دي مئن لال ميندي پئي لئيندي هان.

ڪلي: اکيان ادل ديان ٻرن مشعالي - ڪجل جوڙ ٻڌيندي هان.

(ۼ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

مينديءَ جو سنڌي سهرو:

Gul Hayat Institute

وراڻي: ميندي لاڏل جي، هلي ليلان کي لايو،
اوهين عطر گلابي، هلي ليلان کي لايو.
ڪلي: رب وارو ورايو، مرشد پاڻ سوپارو - ميندي جوڙيل جي هلي
ليلان کي لايو.
چڱا پائر گهرائي لئي! راڻل جو آيو- ميندي جوڙيل جي هلي ليلان کي لايو.
چڱا چاچي گهرائي لئي! سهڻل جو آيو - ميندي جوڙيل جي هلي ليلان کي لايو.
- ميندي جوڙيل جي هلي ليلان کي لايو.
ڳاني ٻڌڻ جو سرائيڪي سهرو:
وراڻي: ٻڌ ڳانا، هزار ڳانا، الله راضي هوئي سهڻل! ٻڌ ڳانا.
ڪلي: تيڏي ڳاني دا رنگ لڳا ماهي - ٻڌ ڳانا.
تيڏي ميندي دا رنگ لڳا سهڻا - ٻڌ ڳانا.
تيڏي بوچڻ دا رنگ لڳا سوڍل - ٻڌ ڳانا.
ڳاني جو سنڌي سهرو:
وراڻي: ڳانو ٻڌي وڃ بنا! لائئون لهي وڃ بنا! آءُ ڙي بنا!
ڪلي: ٽڌڙيون چائئون انبن جون ڙي بنا! لائئون لهي وڃ.
خاصيون چائئون ليمن جون ڙي بنا! لائئون لهي وڃ.



Gul Hayat Institute

(ۀ ٻين چانءَ دار روٽن جا نالا ورتا ويندا.)

ڳاني جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: ڳانو ٻڌي نه ڪر دير اسين وڃڻ وارا،

اسين وڃڻ وارا، تنهنجي قرب وارا.

ڪلي: اڪيون ادل جون ٻرن مشعالا - ڪجل جوڙ بنايو - تنهنجي قرب وارا.

(ۀ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

ڳاني جو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: مولا راضي هووئي ٻڌانءِ ڳانو،

ٻڌانءِ ڳانو الا! هزار ڳانو.

ڪلي: تيڏي بئنسر ڪون رنگ لاوان ماهي! هزار ڳانو

(ۀ ٻين زيورن جا نالا ورتا ويندا.)

ڄڄ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: مائڙيءَ ڳانا ٻڌايئي، پيڙن ميندڙي لايئي، منهنجا حاڪم زادا!

ڄڄ لاهج اوري، ڄڄ لاهج اوري، سيج وڇايم جوڙي.

ڪلي: اڪيون لاڏل جون ٻرن مشعالا - ڪجل جوڙ بناءِ - منهنجا حاڪمزادا!

(ۀ ٻن عضون جا نالا ورتا ويندا.)

ڄڄ جو سنڌي سهرو:

وراڻي: اٿي ڪر سعيو ساهرين هلڻ جو
چڱي جتي وارو منهنجو پاءُ - ساهرين گهر آيو - اٿي ڪر سعيو...
الله جو ٿيس راز منهنجو پاءُ - ساهرين گهر آيو - اُٿي ڪر سعيو.

چڃ جو سرائيڪي سهرو:

وراڻي: چڃ ڪوٺ برابر آئي هي ڙي! تيڏي ميندي پيڻ پڄائي هي.

ڪلي: تيڏي گگهي جهرمر لائي هي - چڃ ڪوٺ برابر آئي هي.
تيڏي وڳي ذڃ مڄ لائي هي - چڃ ڪوٺ برابر آئي هي.

چڃ جو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: آ لٿي هي، آ لٿي هي، لاڏي دي چڃ آ لٿي هي.

ڪلي: اکيان لاڏل ديان ٻرن مشعالي - ڪجل جوڙ بنايا - لاڏي دي چڃ...
(ۂ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

چڃ جو پيراٽو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: چڃ ته لاڏي گهوٺ جي، جنهن ۾ چيرن جو چمڪار.

الا! هڪل ڪيم پنهنجي پير کي، سائين هڪل سان حاضر.

ڪلي: دهري گهڙايم سون جي - جنهن ۾ چيرن جو چمڪار.

(۽ بين ڳهڻن جا نالا ورتا ويندا.)

ڪنواريتن ۾ پهچڻ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: ادل! ساهراڻو گهر سامهڻين تون ته ناز ڪندو آءُ.

ناز ڪندو آءُ، راڻل ويس ڪندو آءُ.

ڪلي: سوني دهري گهڙائي - تون ته ناز ڪندو آءُ.

(۽ بين زيورن جا نالا ورتا ويندا.)

ڪنواريتن ۾ پهچڻ جو سنڌي سهرو:

وراڻي: مـَـهريءَ وارا لاڏا! مـَـهري ٻڌج انب سان.

ڪلي: ادل خاطر مان سيج وڇايان، لاڏل لاءِ مان هنڌ وڇايان - مهري ٻڌج..

اندر ڪونج ڪنوار لئي ڪاريءَ چڙهي آيو، لائون لهڻ آيو - مهري ٻڌج..

سونهي سڄڻن سٿ ۾ پاڳ سوايو، فجر ويلي آيو - مهري ٻڌج..

ڪنواريتن ۾ پهچڻ جو پيراڻو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: اڱڻ تي اَوَلَي، پير ڪندو سوَلي، پائڙو اُتن تي آيو، ادل اڱڻ تي آيو.

Gul Hayat Institute

ڪلي:  لال سوناري، سا ويندي واري، تنهنجو ويندو اٿئي لک جو،

پائرل هيرائو ڪٿ جو، ڳانو اٿس پٽ جو - ادل اڱڻ تي آيو.

(ٻين زيورن ۽ ڳاني سان جامو ۽ سهرو، ويندو آهي لک جو بجاءِ، سورهيه آهي سٿ جو)

ڪنواريتن ۾ پهچڻ جو سرائيڪي سهرو:

وراڻي:  بنرا اِٿئون هولڙي هولڙي آيا، الھ ملايا، ميڏا وڏي جند والا.

ميڏا اصل دُخالي بنرا جيوين!

ڪلي:  بنرا! تيڏي اما نون ڏيندي هان مبارڪ، پلا ميڪون شربت - وڏي جند والا.

بنرا! جـُـڳ جـُـڳ جيوين، ڪنڊ ڪير وچ گهول پيوين - وڏي جند والا.

بنرا! پريا ٻـُـدا شال ٿيوين خوش خوش ڏيکئي امان - وڏي جند والا.

شاديءَ جي خوشيءَ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي:  پنهنجي منوءَ کي آءٌ ٿي پرڻايا، شاديءَ شغل ڳايان.

ڪلي:  اکيون لاڏل جون ٻرن مشعالا - ڪجل جوڙ بنايان - شادي شغل ڳايان.

(۽ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا آهن.)

شاديءَ جي خوشيءَ جو سنڌي سهرو:

وراڻي: سيڻن جي ڪوٺ جو هلي ڪڙو لاهيو، هلي ڪڙو لاهيو، حقدار لاڏو آيو.

ڪلي: تو لئي سس سنپايو سونگو سون پري - حقدار لاڏو آيو.

لاڏي ڪي جا اڪڙي سنهڙي سينڌ ڪنوار - حقدار لاڏو آيو.

لاڏو هليم ساهرين ڪڏي ڪوٺو ڪوڏ منجهان - حقدار لاڏو آيو.

شاديءَ جي خوشيءَ جو پيراڻو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: شاديون ڪندو خدا، الھ راضي بنا!

تنهنجي شاديءَ ۾ رب راضي بنا!

ڪلي: چڱا پائر گهرائي آ - رب راضي بنا!

چڱا چاچي گهرائي آ - رب راضي بنا!

پنهنجو مرشد گهرائي آ - رب راضي بنا!

شاديءَ جي خوشيءَ جو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: لاڏل ماءُ، شال نري هي، الھ وڏائي هي مولا وڏائي هي.

ڪلي: سر لاڏل دي سوني سهري، موتين جوڙ بنايا هي - مولا وڏائي هي.

Gul Hayat Institute

ڏند لاڏل دي ماڻڪ موتي، سرخي جوڙ بنايا
هي - الھ وڏائي هي.

(ٻ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

گھوٽ جي جاڳي جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: ننڍ جي ڪانهلي کي چٺَ جي چانوَ ڪريو،
منھنجي بنري کي جيءَ ۾ جاءِ ڏيو.

ڪلي: اڪيون ادل جون ٻرن مشعالا، ڪجل جوڙ بنايو -
چٺَ جي چانوَ ڪريو.

(ٻ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

گھوٽ جي جاڳي جو سنڌي سهرو:

وراڻي: اُٿ جاڳ بنا! سائينءَ ڏنا، تو جاڳندڙي جس!
جاڳ الھ جوڙيا لاڏلا!

ڪلي: منھنجا مائٽن جا دادلا - تو جاڳندڙي جس!
نيڻن ننڍ اکوڙ لاڏلا - تو جاڳندڙي جس!

گھوٽ جي جاڳي جو پيراڻو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: جاڳ ته لڳئي پاڳ بنرا! الھ جوڙيا لاڏلا جاڳ وي
منھنجا مور لاڏا توتي الله نبيءَ جو راز وي.

ڪلي: اڪيون لاڏل جون ٻرن مشعالا - ڪجل جوڙ بنائي -
جاڳ وي.

(ٻ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

پڙي يا ڪوٺي جو سنڌي سهرو:

وراڻي:  دهلن ساڻ پڙو، ابا! تو لئي ماءُ سنپاهيو،
سرهيءَ واٺ مٿان اسان جي لاڏل پير گهمايو.
ڪلي:  ڇاڇين ساڻ پڙو - ابا! تو لئي ماءُ سنپاهيو.
نياڻين ساڻ پڙو - ابا! تو لئي ماءُ سنپاهيو.
پڙي يا ڪوٺي جو سنڌي ڳيچ:
وراڻي:  نياڻين ساڻ پڙو، ادل گهوٽ جو راهه ۾ ٿو رَڇي.
سو ته سونهي سندس، سهج مؤن ساهرين گهر ٿو اچي.
ڪلي:  بئنسر گهڙايم نهري - سهج مؤن.....
(۽ بين زيورن جا نالا ورتا ويندا.)
ڇڪيي يا تيلاڙي جو سنڌي ساٺ ڳيو / ڳيچ:
وراڻي:  جاءِ جاءِ ڦلڙا، سرهو تيلائو، سو ته سرهو.......
ڪلي: سوني ڏاوڻ ڏايو - جاءِ جاءِ ڦلڙا.....
سوني تورڻ توريو - جاءِ جاءِ ڦلڙا...
ڳاڙهي ڳانن وارو - جاءِ جاءِ ڦلڙا ...
ڇڪيي يا تيلاڙي جو سنڌي سهرو:
وراڻي:  جيجان تنهنجو سونهڙو، آيل تنهنجو سونهڙو، گجر سان، جي گڏيو.
ڪلي:  سوني ڏاوڻ، روپي ڏاوڻ ڏُرس تيلاڙو.
مڙني نياڻين، گڏجي پيٽن، ساٿيو تيلاڙو.
تيل ڦليل عطر عنبرين، سرهو تيلاڙو.

ٿار جو سنڌي سهرو:

وراڻي:  موتي پايو ٿار ۾، جنهن کي اُڪنڊڙيو. اولاڏا!

ڪلي:  ساٿ سنگهاريون ڪن - موتي پايو ٿار ۾.

سنگهارين گهر سومرو - موتي پايو ٿار ۾.

آيا پالر پير پري - موتي پايو ٿار ۾.

ٿاري ڪپڙ جو پيراڻو سنڌي ڳيچ:

وراڻي:  ٿلي آءُ ٿاريءَ تي، هلي آءُ مومل وٿ،

سيڻن ڏنئي چپر ڪٿ.

ڪلي:  وڍ دشمن جو نڪ - ٿلي آءُ ٿاريءَ تي.

الھ ڏينداءِ همٿ - ٿلي آءُ ٿاري تي.

رسول رکئي پت - ٿلي آءُ ٿاري تي.

ٿاري ڪپڙ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي:  وڍڻ آيو ڪنڊڙي، وني مليس ننيڙي،

سهڻل سوني ترار سان وڍڻ آيو ڪنڊڙي.

ڪلي:  هٿ ادل جا مينديءَ رتڙا. سرخيءَ جوڙ بنايو - وڍڻ آيو ڪنڊڙي.

Gul Hayat Institute

(۽ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

ٿاري ڪپڙ جو سنڌي سهرو:

وراڻي:  هن وڻ منجهان ڙي لاڏا! تنهنجو ڇڳڙو رُتو.

هن وڻ منجهان ڙي لاڏا! تنهنجو مَنڙو موهيو.

ڪلي: لاڏي ڪي جا لِـڪڙي، سنهيءَ سينڌ ڪنوار - مـَنڙو موهيو.

لاڏو لاڏي ننيڙا ڪليو پين ڪير - مـَنڙو موهيو.

گهڙيءَ پرڻ جو پيراڻو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: منهنجي پڄائي آهي پير، گهڙي پرڻ ڪا هلندي؟

ڪلي: منهن لاڏل جي موڙ به سهندا - موتين لاتس شمعان.

اڪيون لاڏل جون ٻرن مشعالا - ڪجل لاتس شمعان.

(ٻ بين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

گهڙيءَ پرڻ جو سنڌي سهرو:

وراڻي: گهڙيون پرڻ هلو، جرَ تي هلو، سمو ڄام جهلو.

لئي! لويان لـُڏڻ گهوٽ ڪي!

ڪلي: ساهرين گهر هلو - سمو ڄام جـَهلو.

جيڪا ماڻس من ۾ - سمو ڄام جـَهلو.

(ٻ بين مائٽن جا نالا ورتا ويندا.)

گهڙيءَ پرڻ جو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: اها پردي هي، ماءُ نردي هي

واه واه گهڙولي پردي هي

ڪلي: اکيان لاڏل ديان ٻرن مشعالي - ڪجل جوڙ بنايا - ماءُ نردي هي.

(ٻ بين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

Gul Hayat Institute

گهوٽ کي وهنجارڻ جو سنڌي ڳيچ:
وراڻي: ڪنوڻون ٿيون تجلا ڪن، پيءَ جو پيارو، جهڙ ۾ جهلايو.

آءٌ گهوري وڃان، وهنجڻ ويلي آيو.

ڪلي: ڌهري گهڙائج سهڻي، گهوٽ لاڏو: جهڙ ۾ جهلايو.

(۽ ٻين زيورن جا نالا ورتا ويندا.)

وهنجڻ جو سنڌي سهرو:
وراڻي: ٿاري واري ڪوهي، جرَ جو پاڻي،

جتي منهنجو ادل وهنجي وار سڪاءِ.

ڪلي: عطر آڻائي لڳن ڪي لائي، چندن آڻائي ونل ڪي لائي.

وهنجي وار سڪاءِ

ادل مشڪ ٿو لڳن ڪي ملائي، تيل ڦليل رلائي
-

وهنجي وار سڪاءِ

بوچڻ سان بدن نچوڙائي، ڦٽيءَ سان وار ٿو ٺاهي -

وهنجي وار سڪاءِ

مينڌي چوڙڻ جو سنڌي ڳيچ:
وراڻي: اڙي مينڌي واري، لال سوناري، مينڌيون چوڙڻ ڏي.

Gul Hayat Institute

ادل حاڪم پٽَ جو، صاحب آهي سنڌ جو، شل
ماڻيندو مومل!
ڪلي: هٿ ادل جا مينديءَ رتڙا، ڳاني جوڙ بنايو. شل
ماڻيندو مومل!
(ٻ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)
ميندي ڦل چوڙڻ جو سنڌي سهرو:
وراڻي: لاڏي! ميندي ڦل چوڙڻ ڏي.
تنهنجو سرتين ويڙهيو ڪوڏ منجهان.
ڪلي: جيجل ويڙهيئي سڪ منجهان - سو ميندي ڦل
چوڙڻ ڏي.
ڳتل ڳوڙهو ڪوڏ منجهان - سو ميندي ڦل
چوڙڻ ڏي.
وار گهنبيدار سنداءِ - سو ميندي ڦل چوڙڻ ڏي.
مٿان سڳوريءَ چانو - سوميندي ڦل چوڙڻ
ڏي.

Gul Hayat Institute

(1) نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)

(1) وڌيڪ ڳيچن لاءِ ڏسو سنڌي ادبي بورڊ جو ڇپايل ”ڳيچ“ (جلد پهريون ۽ ٻيو)
ڪتاب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سال 1963ع.

**ڪنوار کي وهنجارڻ جو سنڌي سهرو:**

وراڻي: هري هري هلو، ويرم لايو، آءٌ هلندڙيءَ آس.

ويھ وينگس سڄري پاڙيءَ!

ڪلي: كول ٻه مينڊڙ، ماءُ جي ڳنڍڙءِ، آءٌ هلندڙيءَ آس.
مر لاهي لڳن مٺان، آءٌ هلندڙيءَ آس.

گھوٽ کي ڪپڙن پھرائڻ جو سنڌي سھرو:

وراڻي: عطر چندن هلي لاڏل کي لايو، بسم الله ڪري آيو.

ڪلي: آيو ونڙيءَ جو مالڪ - بسم الله ڪري آيو.
آيو هندوري جو مالڪ - بسم الله ڪري آيو.
آيو ديري جو مالڪ - بسم الله ڪري آيو.

گھوٽ کي ڪپڙن پھرائڻ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: لاڏي جو جوڙو، ڏڪي ڏي رومال سان،
رومال سان، پر ريشمي رومال سان.

ڪلي: بئنسر لاڏل جي ساري اٺم سون جي - لاڏي جو جوڙو

(ٻ ٻين ڳھڻن جا نالا ورتا ويندا.)

گھوٽ کي ڪپڙن پھرائڻ جو سرائيڪي سھرو:

وراڻي: ميڏي در تي درزي ڪو منگا ڏيوين،
مئن صدقا ٿيسان تيڏي ويس تؤن.

ڪلي: ميڪون چولا سوا ڏيوين بوسڪي دا.
مئن صدقي ويسان تيڏي ويس تؤن
ميڪون گج سوا ڏيوين پٽ دا.
مئن پسند ڪريسان آپڻي مرضي سؤن.

Gul Hayat Institute

پڳ ٻڌائڻ جو سنڌي ڳيچ:
وراڻي: چٽُ جهلي آيو لاڏي ٻني تي،
چٽ جهلي آيو منهنجي جوڙيل تي.
ڪلي: اڪيون ادل جون ٻرن مشعالا - ڪجل جوڙ بنايو - منهنجي ٻني تي
(ٻ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)
پڳ جو پيراڻو سرائيڪي ڳيچ:
وراڻي: چٽي پڳ پيردي پلين زري لايو ڙي
هي پڪي پرديسي، ٻولي سمجھ الاوڻ ڏي.
ڪلي: ٻولي سمجھ الاوڻ ڏي، رنڙا وير مناوڻ ڏي. پڪي ملڪ ملير دا.
چٽا چولا مرشد دا پلوي زري دي ٻڌاوڻ ڏي.
پڪي ملڪ ملير دا.
پڳ ٻڌڻ جو سنڌي سهرو:
وراڻي: لاڏي ڪي جا لڪڙي، لاڏل! ٻڌ کهنبڙي پڳ
ڪر ولائتي ويس توکي ساري سنڌ انعام، سهڻل نظر نوازئين!
ڪلي: توکي پائر ڪن سلام - ٻڌ کهنبڙي پڳ.
لاڏو هليم ساهرين - ٻڌ کهنبڙي پڳ.
گهوڙي لانگ وراءِ - ٻڌ کهنبڙي پڳ.
ذري پير رڪيب ۾ - ٻڌ کهنبڙي پڳ.



Gul Hayat Institute

پڳ ٻڌڻ جو پيراڻو سنڌي ڳيچ:
وراڻي: لاڏو انهيءَ ويل ڪوڏيو!
ڪلي: ٿريس ٿاهيو ٻڌي پڳ، جڙيس جوڙيو ٻڌي پڳ، لاڏو!

ٿيس پنجتنان جي پاڪر، ٿيس علي نبيءَ جي آڌر. لاڏو!

ٿيس حامي حضرت پي، ٿيس واهر وهلو پير. لاڏو!

موڙن ٻڌڻ جو پيراڻو سنڌي ڳيچ:
وراڻي: سهڻل ساٿ ڪجانءِ ڙي! شاهه پلي آيو،
ٻڌو موڙ محبوب کي - شاهه پلي آيو.
ڪلي: چني چنيه ٿوٽيون - شاهه پلي آيو.
گهورون گهوريو گهوٽ تان - نور پلي آيو.
موڙ ٻڌڻ جو سنڌي ڳيچ:
وراڻي: موڙ ته ٻڌندم وچ ۾، سونهندم سٿ ۾، جيڏل ٻائيءَ پاءُ،

هيءُ اميد پنڙيم، هيءَ ويل گهُرڙيم، سچي صاحب ڪنان.
ڪلي: ٻئنسر گهڙايم نهري - جيڏل ٻائيءَ پاءَ.
(۽ ٻين زيورن جا نالا ورتا ويندا.)
موڙن ٻڌڻ جو سنڌي سهرو:

Gul Hayat Institute

وراڻي: جاءِ جا گلڙا ٽڙن، لاڏي کي موڙ ٻڌن، لاڏو سونهيم الا!

پائرن سٺ ۾، هڪ سرتن ڇڄ ۾!

ڪلي: لاڏو هليم ساهرين وٺي پائرن ڇڄ - لاڏي کي موڙ ٻڌن.

تو لئي مس سنپاهيو سونگو سون پري - لاڏي کي موڙ ٻڌن.

اسان آسون پنيون ماڻس پنڙا ڪاڄ - لاڏي کي موڙ ٻڌن.

موڙن ٻڌڻ جو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: تيڏي سهري لائي بهار ميڏا هريالا بنا!

شل جيوين ميڏا شهزادا بنا!

ڪلي: سِر لاڏل دي سوني سهري - موتين لائي بهار - ميڏا هريالا بنا!

اکيان لاڏل ديان ٻرن مشعالي - ڪجل لائي بهار - ميڏا هريالا بنا!

(۽ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

هار پائڻ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: سهڻل! توکي هار مان پايان گلن جو،

هار گلن جو سينگار گلن جو.

ڪلي: ٻئنسر سهڻل جي مان لاڙئون آڻائيان - هار گلن جو.

Gul Hayat Institute

(ۄ ٻين ڳھٽن جا نالا ورتا ويندا.)
هار پائڻ جو پيراڻو سنڌي ڳيچ:
وراڻي: حضرت پاتو گلن جو هار.
گل گلابي، رنگ رسولي، سھرو سندن سينگار.
ڪلي: اڪيون لاڏل جون ٻرن مشعالا - ڪجل جوڙ بنايو - گلن جو هار.
(ۄ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)
ڪنوار جي سينگار جو پيراڻو سنڌي ڳيچ:
وراڻي: اُٿي بيبي ڪر سينگار، سردار تنھنجيءَ جھوليءَ جھُلندو،
پرڻي رات رسول جي حورن پاتا هار.
ڪلي: اڪيون ابل جون ٻرن مشعالا، ڪجل جوڙ جنسار - ڪر سينگار.
(ۄ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)
ڪنوار جي سينگار جو سنڌي ڳيچ:
وراڻي: سونَ جو ٻيڙو ڙي لاڏي! تنھنجو وات،
ڦُلڙن چانيو ڙي جيڏل! تنھنجو ڳاٺ.
توکي لکيو چام جرار - ڏيءَ ٻائي ڪنديم هار سينگار!

Gul Hayat Institute

ڪلي: اسان جي ويندي وارڙي جهمي، ڙي جهمي اسان جي لال ڪنوار.

سون جو بيڙو ڙي لاڏيّ! تنهنجو وات.....

(ٻ ٻين ڳهڻن جا نالا ورتا ويندا.)

ڪنوار جي سينگار جو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: ڪنوار ساڏي بيڙي زري دي چولي والي،

تيڏي موتيان لائي هي بهار.

ڪلي: نڪ ڪنوار دي بئنسر سونهندي - ڏاڍي ناز والي - لائي هي بهار.

ڪن ڪنواردي سنبڙيان سونهنديان - ڏاڍي مان والي - لائي هي بهار.

هٿين ڪنوار دي مُندڙيان سونهنديان - ڏاڍي شان والي - لائي هي بهار

پيرين ڪنوار دي جتڙي سونهندي - ڏاڍي ناز والي - لائي هي بهار.

سرگس جو سنڌي سهرو:

وراڻي: هنجھ مور گهوڙي پلاڻ - سرخيءَ پاءِ اَلياڻ.

ڪلي: منهنجي دلدار لاڏي لاءِ - گهوڙي پلاڻ.

منهنجي ديندار لاڏي لاءِ - گهوڙي پلاڻ.

منهنجي زميندار لاڏي لاءِ - گهوڙي پلاڻ.

سرگس جو سنڌي ڳيچ:

Gul Hayat Institute

وراڻي:  چڙھ گھوٽ گھوڙي، ٻڌ موڙ جوڙي
آهي رب جيڪو جوڙون ٺو جوڙي.
ڪلي:  خاصي بئنسر جوڙائي - ڪنھن جي خوشي ٿي ڳايان
اهي خوشيون خالق ٿو جوڙي. چڙھ گھوٽ گھوڙي.
(ٻ بين ڳهٽن جا نالا ورتا ويندا.)
سرگس جو سرائيڪي سهرو:
وراڻي:  چڙھيا گھوٽ گھوڙي نعرا ماريندا،
شڪر خدا دا پيا هي ڳويندا.
ڪلي:  الله هِس شادي ڪيتي نبي دا چٽ هي جهليندا.
الله تيڪون گهوٽ ڪيتا، مبارڪ هووئي چل ڪليندا.
سيد ساڻي ٿيا هئي، هووي خير ڪـُلين دا.
سرگس جو پيراڻو سرائيڪي ڳيچ:
وراڻي:  پير سلامت هووي، مرشد! سلامت هووي.
ڪلي:  لاڏل چڙهندا گهوڙي - مرشد سلامت هووي.
لاڏل چڙهندا مهري - پير سلامت هووي.
لاڏل چڙهسين محافي - پير سلامت هووي.
نفل پڙهڻ جو پيراڻو سنڌي ڳيچ:
وراڻي:  مسيت منھنجي پير جي سڄي آهي سونَ جي،

Gul Hayat Institute

مٺس گل گلاب جا، حورن رانيو گهوٽ کي!

ڪلي: سيد آيو سيج تي، ڦل چوندبيندو جوٽ تي - مٺس گل گلاب جا.

احمد آيو اُٺ تي لائون ڏيو گهوٽ کي - مٺس گل گلاب جا.

نفل پڙهڻ جو سرائيڪي سهرو:

وراڻي: ميڏا ابل مسيتين ويندا پئي،

جڏهن پڙهندا قرآن سٽندان پئي.

ڪلي: ميڏي پير دا در هي علي حيدر شاه،

جنهن دا فيض جڳ ڪون وندبيندان پئي.

ميڏي الھ دا شان وَڏيندان پئي،

اُهندي نازين نال موهيندان پئي.

نفل پڙهڻ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: منهنجا پڙهيا! پڙهيل ويھ مسيت ۾،

منهنجا جڙيا! جڙيل ويھ مسيت ۾.

ڪلي: لائون لهندو - آءٌ قربان وڃان - منهنجا پڙهيا!

چڱي دهري گهڙائي - آءٌ قربان وڃان - منهنجا پڙهيا!

(۽ ٻين زيورن جا نالا ورتا ويندا.)

ساهرن ۾ پهچڻ جو سنڌي ڳيچ:

Gul Hayat Institute

وراڻي:  اڱڻ ادل جي شمعون جلايان، ساري سنپاري پينرون گهرايان.
ڪلي:  اکيون ادل جون ٻرن مشعالا - ڪجل جوڙ بنايان - اڱڻ ادل جي.

(ٻ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

ساهرن پهچڻ جو سنڌي سهرو:

وراڻي:  منهنجي ادل مٿان مهر وسندي اچي،
مهر وسندي اچي، ماءُ ٺرندي اچي.

ڪلي:  هيئون ادل جي هرٽا مهري - ڪوڏ منجهئون ڪڏندو اچي.

چڙهيءَ ابل جي ابلق گهوڙو - ناز منجهئون نچندو اچي.

ساهرين پهچڻ جو پيراٽو سنڌي ڳيچ:

وراڻي:  پير جا مريد توکي الله ڪٽي آندو.

ڪلي:  هتي لام ليلان، هتي ميم مجنون - توکي الله ڪٽي آندو.

گهوٽ گهوڙي چڙهه تون - هري هري هل تون - توکي الله ڪٽي آندو.

لاڏا! وني وٺ تون، پنهنجي گهر ور تون - توکي الله ڪٽي آندو.

سيج جو سنڌي ڳيچ:

Gul Hayat Institute

وراڻي: سعيو ٿيو تنهنجيءَ سيج جو،
ماءُ ٺريئي، بخت وريئي، سيج ماڻ. لاڏلا!
ڪلي: بئنسر جوڙائج نهري، ادل تو، لئي ماءُ سنپاهيو - لاڏلا.
(ءِ ٻين ڳهڻن جا نالا ورتا ويندا.)
سيج جو سرائيڪي ڳيچ:
وراڻي: اندر نه وڃ ڏکڻ هير پڪا مئن جهليسان،
پڪا مئن جهليسان، سرهي سيج وڇيسان.
ڪلي: ڏند ادل دي ماڻڪ موتي - سرخي جوڙ بڻيسان - پڪا مئن جهليسان.
(ءِ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)
سيج جو سرائيڪي سهرو:
وراڻي: مئن ڦلاندي سيج وڇائي هي، ميڏا دلبر وي،
تون نازين نالا آوين، ميڏا رانجها وي.
ڪلي: ڦلاندي واڙي وچ بلبل پئي بوليندي هي،
تاڙي مار اُڏارين - ميڏا رانجها وي.
ڦلاندي بازار وچ، بوچڻ ميڏا اٽڪيا،
نازان نال چڙاوين - ميڏا رانجها وي.
ڦلاندي باغ وچ، چولا ميڏا اڙڳيا،
نخري نال ڪڍاوين - ميڏا رانجها وي.

Gul Hayat Institute

## ڦل چوندڻ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: ڦل چوندبيندي ٻچڙي! گل پائي ٻچڙي

ڪلي: ٻئنسر پائي سهاڳ جي، ميندي لائي سهاڳ جي - ڦول چوندبيندي.

(ٻين زيورن ۽ مساڳ، ڪجل ۽ هار جا نالا ورتا ويندا.)

ڏورڙي چوڙڻ جو سنڌي سهرو:

ورڻي: ڏورڙو وينجهارين جو وٺيل، ڏورڙو ڪيئن چٽي؟

ڪلي: تنهنجيون ماسيون ٺيون چينپين لاڏا! ڏورڙو ڪيئن چٽي؟

(ٻيا پيٽيون، ڦڦيون ۽ چاچيون نالا ورتا ويندا.)

ڪير پيارڻ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: ابل! ڪير پيئڻ وارا، جڙي تنهنجي جواني!

جڙي تنهنجي جواني، شال وني ماڻين!

ڪلي: ٻئنسر ادل جي مان لاڙئون گهرايان، شال وني ماڻين!

(ٻ ٻين زيورن جا نالا ورتا ويندا.)

لانئن جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: انبن توتن جون ٽڏيون چانوان، سهڻل لهندم لانوان

Gul Hayat Institute

ڪلي: بئنسر سهڻل جي لاڙئون گهڙيان، تنهن تي مينا رڪايان - لهندم لانوان

(ٻ ٻين ڳهڻن جا نالا ورتا ويندا.)

لانئن جو سنڌي سهرو:

وراڻي: تنهنجي بنگلي اڳيان بيٺي ڳايان، سهڻا لال!

لانئون لهندو سيج تي اچ، موڙ ٻڌندو سيج تي اچ!

ڪلي: تنهنجي پرڻي جي ويلي، ماءُ ٺري منهنجا لال! لانئون لهندو سيج تي اچ

(ٻ ٻين مائٽياڻين جا نالا ورتا ويندا.)

لانئن جو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: لاڏل لانوان لڌيان، مئن ڏاڍي خوش ٿي هان،

جڙيل لانوان لڌيان.

ڪلي: سر لاڏل دي سوني سهري، موتين جوڙ بنايا - مئن ڏاڍي خوش ٿي هان.

اکيان لاڏل ديان ٻرن مشعالي، ڪجل جوڙ بنايا - مئن ڏاڍي خوش ٿي هان.

(ٻ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

ڪنوار جي منهن ڏسڻ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: منهنجي گلابيءَ جي گل کي ايڏي دير مَ لايو، مومل ساڻ ملايو،

Gul Hayat Institute

منهنجي صرافيءَ جي شمع کي ايڏي دير مَ لايو.

ڪلي: اکيون ادل جون پرن مشعالا، ڪجل جوڙ بنايو - دير مَ لايو.

(ٻ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

ڪنوار جي منهن ڏسڻ جو سنڌي سهرو:

وراڻي: چتونئڙو درياءَ پار جو، چاچين آڻايو،

ڪلي: ٻولي ٿو ونل سان، لاڏل ويهاريو.

ڪٽي اکڙيون نيڙي نهاري - چاچين آڻايو.

سونن سنجن نيري گهمائي - چاچين آڻايو.

مارڪي (معرڪي) جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: گڏ گوڏي ويهي، ادل مون پرڻايو،

اتان پرڻايو، جتي سندس رايو.

ڪلي: ٻئنسر ادل جي مون سوني ٺهرائي - ادل مون پرڻايو.

دهري راڻل جي مون سوني ٺهرائي - ادل مون پرڻايو.

جهومر مومل جي مون سوني ٺهرائي - ادل مون پرڻايو.

ٻانهين سهڻل جي مون سوني ٺهرائي - ادل مون پرڻايو.

Gul Hayat Institute

جهانجهر پورل جي مون سوني ٺهرائي - ادل
مون پرڻايو.
مبارڪن جو سنڌي ڳيچ:
وراڻي: آيل توکي نوَ لک مبارڪون، تنهنجو رب وارو
ورايو.
سوڊل ماءَ کي مبارڪون، تنهنجو واليءَ بخت
پڙايو.
ڪلي: چڱي ٻئسنر جوڙائي، لاڏل لاڙئون جو آيو - بخت
پڙايو.
(ٻ ٻين ڳهڻن جا نالا ورتا ويندا.)
مبارڪن جو سرائيڪي سهرو:
وراڻي: سهليان اربيليان ڙي! ميڪون ڏيوو مبارڪان،
مئن جڙيل پرڻائي، گهر آئي هان.
ڪلي: چڻ چڻ چنبيلي ديان ڪليان، جوڙيل ماڻ سهري
دي ڳليان. ڏيوو مبارڪ
چڻ چڻ گلاب ديان ڪليان، لاڏل ماڻ سنهري
دي ڳليان ڏيوو مبارڪ
چڻ چڻ رابيل ديان ڪليان، سهڻل ماڻ سهري
دي ڳليان ڏيوو مبارڪ
مبارڪن جو سرائيڪي ڳيچ:

Gul Hayat Institute

وراڻي: ڏيوو ڏيوو نوَ لک مبارڪان، ڏيوو سؤ سٿ مبارڪان.

ڪلي: اکيان لاڏل ديان پرن مشعالي - ڪجل جوڙ بنايا. ڏيوو ڏيوو.....

(ٻ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

## مبارڪن جو سنڌي سهرو:

وراڻي: نوَ لک مبارڪون ڏيو ڙي! بابس کي ڏيو ڙي، ماڻس کي ڏيو ڙي! پلي پلي ڏيو.

ڪلي: سونهن ۾ ادل منهنجو سرس سوايو، مائٹن کي ادل آهي ڏاڍو پيارو.

نوَ لک

مبارڪون ڏيو ڙي!

الله وڏايو پيرن جوڙيو، مون تي الله جو آهي ٿورو

نوَ لک

مبارڪون ڏيو ڙي!

مبارڪن جو پيراڻو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: دران مرشد جي ملي ٿئي مبارڪ، دران دلبر جي ملي ٿئي مبارڪ،

توسان حامي حضرت پير، توسان مدد محي الدين.

Gul Hayat Institute

ڪلي:  لاڏل ماءُ الله وڏائي، سيڻن سدا رنگ لايو - توسان حامي.....

اکيون لاڏل جون ٻرن مشعالا، ڪجل جوڙ بنايو - توسان حامي....

(ٻ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

گهور جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي:  سونُ، پڙهيل توتان صدقي،
گهوري گهمائي ماءُ.

ڪلي:  اکيون ادل جون ٻرن مشعالا، ڪجل جوڙ بنائي - گهوري گهمائي ماءُ.

(ٻ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

گهور جو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي:  سونُ ادل توُن صدقا ڏيسان،
مولا ڪرايم شاديان.

ڪلي:  اکيان ادل ديان ٻرن مشعالي، ڪجل جوڙ بناوان. مولا ڪرايم شاديان

Gul Hayat Institute

(ٻ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

گهور جو سنڌي سهرو:

وراڻي:  گهوري ڏي گهوٽ جا ابا! گهوٽ مٿان ئي سونُ،
ڏي ڏاند، ڳئون، مينهن، گهٽ وٺنداسون ڪونه.

ڪلي:  گهوري ڏي گهوٽ جي ماءُ گهوٽ مٿان ئي سونُ.

ڏي وڳو ڪپڙن جو، گهٽ وٺنداسون ڪونه.
گهوري ڏي گهوٽ جا پائو، گهوٽ مٿان ٿئي سونُ،
روپيا هجن روڪڙا، گهٽ وٺنداسون ڪونه.
ڪنواريتن ۾ رات ٽڪڻ جو سنڌي سهرو:
وراڻي: هير توسين هلندي، ڪلي سيج ويهندي،
منهنجا الله جوڙيا لاڏا: لاڏي توسين هلندي.
ڪلي: اُٺ ٻيلھ چڙهندي، ڪلي ڪٽ ويهندي - منهنجا الله جوڙيا لاڏا!
پاڳ سهاڳ ماڻيندي، ڪلي جوٽ ويهندي - منهنجا الله جوڙيا لاڏا!
ڪنواريتن ۾ رات ٽڪڻ جو سنڌي ڳيچ:
وراڻي: ريل جا راڻا! توکي محل ۾ مومل ملندي،
توکي ساهرين رات پوندي.
ڪلي: اکيون ادل جون ٻرن مشعالا، ڪجل هي رنگ لايو - محل ۾ مومل...
(ٻ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)
نيڪيٽيءَ يا موڪلاڻيءَ جو سنڌي ڳيچ:
وراڻي: جيڏل! ڏاج سنڀاءِ پنهنجيءَ ڏيءَ جو، اسان راڻل آهي آندو،

هاڻ لاهي ڪڙو هن ڪوٺ جو، اسين ساعت نه سهنداسين،

اسين ساعت نه سهنداسين، اسين مومل نينداسين.

ڪلي: دهري گهڙائج نهري - اسين مومل نينداسين.

(ٻ ٻين ڳهڻن جا نالا ورتا ويندا.)

نيڪيٽي يا موڪلاڻيءَ جو سنڌي سهرو:

وراڻي: اُٺ سنپر ڏيءَ ٻائي! آيا ٺئي اُٺ ڪجاوا،

ڪلي: ڪا گهڙي ترسو ڏيءَ ملي پنهنجي ماءُ کي - آيا ٺئي اُٺ ڪجاوا.

(ٻ ٻين عزيزاڻين جا نالا ورتا ويندا.)

گهر ڏانهن موٽڻ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: اڄ ڏينهن سدورو ٿيندو، سهڻل گهوٽ گهر ايندو.

ڪلي: ٻئنسر بار پريو، جوڙيل وني چاڙهي وريو - گهوٽ گهر ايندو.

(ٻ ٻين زيورن جا نالا ورتا ويندا.)

گهر ڏانهن موٽڻ جو سنڌي سهرو:

وراڻي: سڄڻ سونهارا! تنهنجي ڏسڻ لئي واڻون نهاريان.

ڪلي: اکيون پرينءَ جون ڪاريون ڪجليون، سرمي اکين کي ڏاڍو عجب بنائيئي

سِـرَ تان سڄڻ جو سون ۾ سهڻو، لونگيءَ جي جوڙ ڏاڍو عجب بنايئي
هٿ سڄڻ جا مينديءَ ڳاڙها، چلڙن جي جوڙ ڏاڍو عجب بنايئي.

گهر پهچڻ جو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: آءُ ڙي بنا! مور بنا! بنا! تنهنجو وارو الهه ورايو، تنهنجو لايو ٿيم سجايو.

ڪلي: دهري گهرائج نهري - لايو ٿيم سجايو.

(ٻ ٻين زيورن جا نالا ورتا ويندا.)

گهر پهچڻ جو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: ميڏا رانجهن پلي آيا، ميڏا ڍولڻ پلي آيا.

ڪلي: اکيان لاڏل ديان ٻرن مشعالي، ڪجل جوڙ بنايا، ڍولڻ پلي آيا.

(ٻ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)

گهر اچڻ جو پيراڻو سنڌي ڳيچ:

وراڻي: پير محي الدين اڱڻ اسان جي آيو، ناز وارو نينگر اسان جو آيو.

ڪلي: چمڪدار ويندو جو جوڙايم - ناز وارو نينگر اسان جو آيو.

(ٻ ٻين زيورن جا نالا ورتا ويندا.)

گهر اچڻ جو سنڌي سهرو:

Gul Hayat Institute

وراڻي: اڄ مون وٽ آيو، جند جان ڪريان قربان،
پنم روح جو رايو.
ڪلي: ڏاڙهن لام لڙي - پنم روح جو رايو.
(ٻ ٻين وٽن: ليمن، انبن، لونگن، ڦوٽن جا نالا ورتا ويندا.)
ڪنوار جي ساراهه جو سنڌي ڳيچ:
وراڻي: رب جو مٿس راز پلي پانهن لوڏي.
ڳاڙهي مليس ڪنوار پلي پانهن لوڏي.
ڪلي: چڱي ٻئنسر جوڙائي، ادل پانهن لوڏي.
(ٻ ٻين زيورن جا نالا ورتا ويندا.)
ڪنواريتن جي ساراهه جو سرائيڪي ڳيچ:
وراڻي: شمع شهزادا ميڏا ٻٽيا وي،
الله چا ڪيتا تيڏا چڱيا وي.
ڪلي: اکيان لاڏل ديان ٻرن مشعالي، ڪجل لاتس شمعان وي.
(ٻ ٻين عضون جا نالا ورتا ويندا.)
مرادن پڇي اچڻ جو سنڌي پيراڻو ڳيچ:
وراڻي: شاديون مـُراديون اسان جون پير پڇايون،
عيوض انهيءَ جو ڏينديس سـُکائون.
ڪلي: نالي ڏٽيءَ جي خوش ٿي ڪارايون - ڏينديس سـُکائون.

Gul Hayat Institute

پائر پينر گڏجي گڏاريون - ڏينديس سُـڪائون
مون کي مولا مرادون ڏيکاريون - ڏينديس سُـڪائون.

مرادن پڇي اچڻ جو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: صدقي صدقي وڃان، گهوري گهوري وڃان،
من مرادان هن ميڏيان پنيان.

ڪلي: نک لاڏيءَ دي نٿڙي سونهندي، نٿ لائي هي شمعان.

(۽ بين عضون ۽ زيورن جا نالا ورتا ويندا.)

مرادن پڇي اچڻ جو پيراڻو سرائيڪي ڳيچ:

وراڻي: من ديان مرادان ميڏيان. الھ پڄائيان،
دل ديان مرادان ميڏيان.

ڪلي: الله دي در تي مٺن منٿيان سُـڪاوان - الله پُڄائيان.
محمد دي در تي مٺن منٿيان سُـڪاوان - الله پـُڄائيان.
مرشد دي در تي مٺن منٿيان سُـڪاوان - الله پڄائيان.

ڪنوار جو پيڪن لاءِ سک جو سماڻڪو سهرو:

وراڻي: منهنجي اورڻ ماءُ! منهنجو لکيو آهي ڏور.

ڪلي: پار درياءَ جي تتر تنواري - منهنجي اورڻ ماءُ.
هينئڙو حيران پونم پـُور - منهنجي اورڻ ماءُ.

Gul Hayat Institute

ڪنوار جو پيڪن ڪاڻ سڪ جو سنڌي ڳيچ:
وراڻي: قابو آهيان ڪوٺن ۾، جيئن منهنجي قسمت!
قدرت ڪيو ڏکن ۾، ايئن منهنجي قسمت!
ڪلي: بئنسر ادل جي مان لاڙئون آڻائيان - ائين منهنجي قسمت!

(۽ ٻين زيورن جا نالا ورتا ويندا.)

ڪنوار جو پيڪن لاءِ سڪ جو سرائيڪي ڳيچ:
وراڻي: ميڏي سر دا سالور پنان پنان، مئن گهڙي نه ڏيسان مانگوان.
ڪلي: لونگي لاڏل دي، بوچڻ ميڏا، مئن ملھ هزاري گهـِنان گهـِنان
وني ابل دي سهاڳ ماڻي بنا، مئن ملھ هزاري گهـِنان گهـِنان

ساٿ ڳيا: هيءُ ساٿ ڳيا وري وري پيا ڇئبا آهن، جيستائين پرڀ جا سَنوڻ ساٿ ختم ٿي ويندا آهن.
ٻڪيءَ جو ساٿ ڳيو:
چانور چڙيو، هوءِ هوءِ جهمڙي، چوڪا چڙيو، هوءِ هوءِ جهمڙي.
لاڏو ڦلڙن هوءِ هوءِ جهمڙي.
مهري ۽ مانڌاڻيءَ جو ساٿ ڳيو/ڳيچ:
ڳاڙهي ڦرهي، مهري چومي،

Gul Hayat Institute

ڳاڙهي ڦرهي، مانڌاڻي چومي.
جنڊ جو ساٿ ڳيو:
جنڊ ٻڪي، جنڊ ٻُڪي، سا پائي جنڊ جتا، ڪَيئن پَتا!
گهوٽ ڪنوار سهسين سڪيا!
چني اڌڻ جا ساٿ ڳيا:
چني چٽيھ ٿوٽيون، ٻٽيھ ڏيا ٻرن،
گلڻ گهوٽ! ساليون هنڌ وهاڻا گهُرن.
*    *    *
پڪڙو پيرن اڏريو، پڪڙي ٻيلي الله، پڪڙي مينهن وسي،
نئين سيج لاڏل، گلڻ گهوٽ چڙهي گهوڙي.
ونواهہ ٻڌڻ جو ساٿ ڳيو/ڳيچ:
اِندر ڪٺورن ۾ ٻار ونا! وٽيءَ ۾ سرڪنڊ، موچارا ونا!
*    *    *
اڪيو اڪيو نه ڪريو، اڪيي ۾ لال ڪنوار،
سؤ ڏيئي روڪڙو، اچي ڏسو ڳاڙهي ڪنوار.
*    *    *
Gul Hayat Institute
نيرڙي، ٻڌ ٻاٻلي، چنڊ جهلندو پيو اچي،
عقلدار لاڏلو، سڀن ملوڪ سانولو.
مون ته لڏڻ ۾ سجاتو، مون سڃڻ سيج تي سجاتو.
سانجهڙيءَ جو ساٿ ڳيو/ڳيچ:

”سانجهڙ سانجهڙي“ ساجهر ڏجي، ڏيءَ وناهين ويڻي جتي.
جنهن گهر سانجهڙي ڏجي، سوگهر وسي، آءُ سلڇڻي تون ٻه تتي.
سونَ دبلڙو جوٽ ڏرجي، ماءُ پيءَ سندڙو چيو مڃجي.
سس صهري جي شيوا ڪجي، پيڻ پاڻيجيءَ جورو ڏجي.
ٻهاري سوهاري ڪنڊ ڏرجي، اُڪلڙو مـُهلڙو نا اورانگهجي.
ورت وهندڙي نا اُڪرجي تتڙو گيهڙونا تورجي.
پير سين پينگهڙو نالو ڏجي، ستڙو ڪتڙو نا جاڳائجي.
سانگ صرفي سان هلجي.
سونهي جو ساٿ ڳيو/ڳيچ:
پرينڙُو جوپن هيلون ڏي.
سونهي ڪـُهنبن ساڻ ڪنوار، سونهي ٻانڌڻن سان ڪنوار.
سونهي تارن ۾ جيئن چنڊ، سونهي تارن پرڙي رات.
سونهن ڇڄ ويندڙ ڇاڇي، سونهي ڪنوار ڪلهي ٻانهين.
سونهي واهڻ ڪنڌيءَ ڪانهه، سونهي پار وهندڙ پاڻي.
سونهي مينهن ۾ جيئن سانهه، سونهي ڳوئين ۾ جيئن ڳوڌو.
سونهي هاري هرَ سين جتڙو.
گهوٽ ڪي مينڌي لائڻ جا ساٿ ڳيا/ڳيچ:
مينڌڙي مامن آندي، سهرو ڪاڪن آندو،

رکي ادل گهوٽ کي، ٻاروچو ٻانڊٽو ڏي.

*　　　*　　　*

مينديءَ رتڙا گل، مندي لائڻ ڏي،
پٽ ڳٽڪو ابا! مندي لائڻ ڏي.
ڪنوار جي مينديءَ جو ساٿ ڳيو/ڳيچ:
مندي ڏيوڻ آيان، ست ئي سهاڳڻيان، مندي ساوي ڊوليي دي،
خوب کهنبڙا لڳا، لاڳ مندي دا لڳا، هٿين پيرين رنگ جهليا.

*　　　*　　　*

سڄڻي گهرايو ساٺ تي، لال مندي جو رنگ جهلي،
لال مندي پيرڙا رڱي، هٿڙا چِٽي.
گهوٽ کي ڏِکَ ويهارڻ جو ساٿ ڳيو/ڳيچ:
ڏِک چڙھ ونا! تنهنجو سينگار موتين هار،
اديون منهنجو لاڏو، ڏِکَ چڙهي گهر آيو.
گهوٽ جي تيلاڙي جو ساٿ ڳيو/ڳيچ:
چوٿ مٿي ڦلڙا، مر چڪيو لڳي،
اسان سندي ونڙي، مر چڪيو لڳي.
ڪنوار جي تيلاڙي جا ساٿ ڳيو /ڳيچ:
چوٿو ڦلن چانيو، مر چڪيو لڳي،
اسان سنديءَ ونڙيءَ، مر چڪيو لڳي.

Gul Hayat Institute

*　　　*　　　*

سوني تورڻ توريو تيلاڙو.

اما! پوري ننڍڙو، جيجان پوري چتڙو،

جاءِ جا ڦل، سرهو تيلائو! جاءِ جا گل.

ڏانوڻ ڏانئڻ جا ساٽ /ڳيچ:

ڏانوڻ ڏانيو، اُپو سائين، ونيءَ تائين.

*　　　*　　　*

سون جو ڏانوڻ ڏانيو، سُرهي سيج وڇايو، پائم پلي ڪري آيو.

*　　　*　　　*

ڏانوڻ ڏانئي، سيج وڇائي، تنهن تي ريڏو راڄ،

ادل! سهنج مڙئي سونَ جو.

رانءِ جهانءِ جو ساٽ /ڳيچ:

رانءِ جهانءِ هنجهڙا، تو پڻ ستَ سمنڊ لنگهڙا،

مون پڻ پنڙي آس!

## ٿنپ چٽڻ ٿنپ ٺرڻ/ جا ساٽ /ڳيچ:

هي پهريون ٿنپ جو اَڏيو، منُ هريو، دولت پريو، ونڙي ڏاڏاڻن،

آءُ مٺا! ونڙيءَ وڻ هريو، سرهيءَ سيج ڙي الا! اسان جو لاڏو چڙهيو.

*　　　*　　　*



Gul Hayat Institute

پهريون ٿنپ جو اَڏڙيس، اَڏڙيس موڙهي، ساري سو ته
ونڙي باباڻن،
وَرَ ونيءَ جي سهاڳ کي، سي تان سهاڳڙو.
لانئن جا ساٿ /ڳيچ:
هيءَ پهرين لانءَ چنڊ ٻائولي، ٻاٻل ڏيءَ ڪنوار گهمندي
نوري،
گهمندي نوري، اچڙي چوڙي، هيءَ ننيڙي پرٽجي.
ماٽڪ پيڙا ماڻ ماٽس پيڙس مانَ):
جيءَ توچائو! ونو پرٽي رات موڙن سين ڳتو،
سرهي سيج ڙي الا! اسان جو لاڏو چڙهيو.
* * *
هيءَ پهرين لانءَ چنڊ ٻائولي، ٻاٻل ڏيءَ ڪنوار گهمندي
نوري،
گهمندي نوري اچڙي چوڙي،
اسان هير ڏنو سڄڻ سيج چڙهيو - اسان هي به ڏٺا سڄڻ
سيج چڙهيا.
سيجڙي ماڻ ڳاڙهي وني، ونيءَ پرٽي رات هيءَ ويل چڱي.
ڪوڏ جهڙي ڪنوار، سُڌ جهڙو ونو، الا هاڻ ماٽس آسون
پنيون.
* * *

Gul Hayat Institute

سيجڙي پنهنجي پاڻ ماڻيندو، هيءَ هڪڙي لانءَ سنگ بسوڙو،
ٻاٻل ڏيءَ ڪنوار لمندو جهوڙو، اسان لاڏو ڏنو سيج چڙهندو.
سيجڙي سپ چڱي ڳاڙهي وني.
*	*	*
ليلڙي لانوان سنگ بسوڙو، ٻاٻل ڏيءَ ڪنوار ٽڙه ڪپه وار،
هيءُ وڻ ڪيئن رُتو، رُتس ٻيلهڙي، پرڻي رات موڙن سين جتو.
*	*	*
سانگ مسوڙي، ٻاٻل ڏيءَ ڪنوار لمندي جهوڙي،
اسان هاٿي ڏنو ٻيٻيءَ سين بنو سيج چڙهندو،
واڙ ڪا هي واڙ هي ڪنهن رُتو، مانَ پهرين ساڻ،
جي تون پانئين، ٻاٻل پرٽيم رات موڙ سجدو.
*	*	*
Gul Hayat Institute
هڪڙي لانءَ ڪنڊ ٻجهوڙي، ڏيءَ ڪنوار گهمندي نوري،
نوري نوري ڳاڙهي جوڙي، سڄڻ ماروءَ سيج وِهائي آهي.
*	*	*
هيءَ پهرين لانءَ چنڊ باهولي، ٻاٻل ڏيءَ ڪنوار گهمندي نوري،

اسان چنڊ ڏٺو نوڙندو، اسان ونو ڏٺو سيج چڙهندو.
سيجڙي نور رڱي، چوڪائي چڱي، گهوٽ پرڻي رات سپ سوَلي.

*		*		*

هيءَ پهريڙي لام سنگ بجوڙي، پلڙي بابي ڏيءَ گهمندي نوري،
ٻه ڪپڙا ڏجانس ٻهڳڻ سندا، اسان هير ڏٺا، مٿا ٻئي سيج چڙهندا.
سيجڙي ماڻ ڪلي، ڳاڙهي وني شپ سرڪن رات هڙي بني.
ترمئڻ جا ساٿ /ڳيچ:
جيترا تر مئيندي اوترا پٽ جٽيندي، سهرو چوندو ڪانه ڪچندي،
سس ڪي نمي پيرين پوندي، لوٽا شپ سلوٽا، لوٽا هٿ سلوٽا.

*		*		*

لوٽا سپ سلوٽا، جيڪي ونڙ وڏي سا پڻ ونڙي جهلي،
رتا ٻنڌٽا ٻاڻ، هيءَ ننيڙي ڪنوار - ڪوٺي ۾ ويهندي، ست پٽ جٽيندي.

*		*		*

جيترا تر مئيندي، اوترا سک پسندي، سس سهري سان نوڙت ڪندي،
وڏي ڏير جا پير مليندي، ننڍي ڏير جو چيو مڃيندي.

*          *          *

جيترا تر مئيندي، تيترا پٽ چٽيندي، سپن سان ڪير ڪلندي، سس چوندس ڪين ڪڇندي، چيو چايو ڪين ليکيندي.

لوٽا سرب سلوٽا، جيڪي ونڙو ڏي، سو پڻ ونڙي جهلي، رتا ٻڌڙا ماڻ، آهين ننيڙي ڪنوار، ڪوٺي ۾ ويهندي سهاڳ ڀاڳ ماڻيندي.

ٻامڻ لنڙين، وجڻي ۽ اٽين جا ساٽ /ڳيچ:

ٻامڻ لنڙين چايا، سڄڻ مون گهر آيا،

هرڙي ٻاک چٻايا، سڄڻ ڏيري ڏيري آيا.

*          *          *

ٻامڻ لنڙين رانيا، مون گهر سڄڻ آيا، جهيڻي جهيڻي گهر آيا،

ٻامڻ لهه لنڙيون، جنهن منڊ مرڪن، ڀوليي ڏنيون ٻه سون جون لِـڪڙون،

سونهن جيڏل هار ۾، لئي! سـُرها ونا!

*          *          *

ٻامڻ لنڙيون، جي منڊ ڏنڙيون، جيتڻ لو!

*          *          *

ٻامڻ لنڙيون ٻامڻ لنڙيون، ڀوليي ڪـُٽي ڙي، ڀوليي ڪٽي ڙي.

ڪين ڪڇي سا ونا! ونڙي.

*          *          *

ٻامڻ لنڙين ٻاما، ڪين ڪڇي ڙي ڇامان، پاڻ سر ڊڪي ٿي ڇامان.

وڃڻيءَ ڇا ساٽ /ڳيچ:

وڃڻيءَ واءَ ڪجي، پوري ٻائي! وڃڻيءَ واءُ ڪجي.

هٿين جهلي وڃڻي، وڃڻيءَ واءُ ڪيو، ونڙي واءُ ڪيو،

ونڙيءَ واءُ ڪيو اُرھ لڳو، سو ته سيباڻو.

هرڙ هارڙو، ڏُڄڻ ڏارڙو، سڄڻ جيءُ جيءُ آيو.

*          *          *

وڃڻيءَ واءُ لڳو، سو تنَ سيباڻو، هٿ جهلي وڃڻي،

ونيءَ واءُ ڪيو، ونيءَ کي سيباڻو، وڃڻيءَ واءُ لڳو.

اِٽين جو ساٽ ڳيو:

اِٽيون اِٽيون سپئي پنيون، پيڙيون به پڇن.

ڪُهنبو ڪُهنبو پيٽن ساريو، ڏيج ڏيج ڳاجرو،

ٿوهالو هريو هريو، سڄڻ سيجڙيءَ چڙهيو، لُڏڻ موتين مڙهيو.

مانڌاڻيءَ جو ساٽ /ڳيچ:

منڌيءَ ولوڙيو هوءِ هوءِ جهمڙي، مکڻ ميڙيو هوءِ هوءِ جهمڙي،

لاڏو ڦلڙن ويڙهيو.

سونگي جا ساٽ /ڳيچ:



Gul Hayat Institute

سونگڙي ساٿ ڪجن، پوري ٻائي سهجان سيڻ ڪجن.

* * *

ڪوڏ ڪمانگر چٺيو، سرها ونا!
سونگڙي ساٿ ڪجن، سهجا سيڻ ڪجن.

* * *

هرڙ هرڙيو، ٻوڙي گهرڙيو، سون ڪمانگر چٺڙيو،
سونگي ساٿ ڪجن، وني ٻائي!

* * *

جس ڪمانگر ڪي، جنهن سونگڙو چٺيو، انگڙو ونگڙو واڍي گهڙيو.

* * *

سونگي سمانا سونا سڏائي، سونا سڏائي، سيا ڪوٺائي،
بنل اگڻ واھ ڪٽائي، اچڙي ڪنڊ ڦڪائي، ڪچڙي ڏاک چبائي.

ڦل چوندڻ جا ساٿ /ڳيچ:

گل چونڊيندي، ڦل چونڊيندي، وني ءَ وني نيڻ ٺريا.

* * *

سؤ جو لاڏو آئيو، لاڏي جا ڄاڄي سندان ڙي!
آءٌ اُن مهل چونڊينديس ڦلڙا.

* * *

تو لئي ويهي وهائيم راتڙي، آءٌ پرھ چونڊينديس ڦلڙا.

*       *       *

ڦل چوندينديِ وني دي نال وي، ميڏا اصل دخالي لاڏلا.

*       *       *

ڦل چوندي سا وني ونـِي، ڪين ڪچي سا وني وني.

ڳنڍ يا ڏوري ڪولڻ جا ساٽ /ڳيچ:

ڳنڍ ڪولاٽي، ڏي موڪاٽي، چوڙ ته چوڙڻ ڏيانءِ

*       *       *

ڏورڙو وينجهارين وٺيل، لاڏا! ڏورڙو ڪين چڙي،

ڏورڙو ڏاهين جو وٺيل.

*       *       *

ڏورڙي ڏه ڳنڍيون، لاڏا! ڏورڙو ڪئين چـُڙي.

ڪير پيارڻ جا ساٽ /ڳيچ:

ڏه ئيءِ آڱريون ڪير ۾ ڏهيءِ پتنگڙيون، ونيءَ اُرهي لڳڙيون سي پڻ سيباٽيون.

هرڙ هارڙيو، ڏُڇڻ ڏارڙيو، سڄڻ سيج چڙهيو.

*       *       *

Gul Hayat Institute

ڪيرول ڪير پيتو، وَرنيءَ وَرَ پريو،

چوٺيريءَ چاڳ ڪيو، چنڙيءَ سهاڳ ڪيو.

*       *       *

ابل! ڪير پيئڻ وارا، جـُڙي تنهنجي جواني، شال وني ماڻين!

*       *       *

وَريڙيءَ وَرُ ڪيو، ڪيروندي ڪير پيتو،
چوڙيليءَ چاڳ ڪيو، ڪُندن ڙيءَ ڪوڏ ڪيو.
* * *
رات ٻڏڙا ماڻ، ڏيءَ ننيڙي ڪنوار،
ڪونڙي ويهندا، ڪير پت ڪينئندا.
* * *
سا ڪيران سا ڪيران، تو جو ننيڙو گهوٽ،
توکي رتڙو ٻڌو، توکي چگڙو لڪيو.
ڪارڪ يا مٺ چڏائڻ جا ساٺ /ڳيچ:
ڪارڪ چڏاٽي، ڏي موڪاٽي، چوڙ ته چڏڻ ڏيان.
* * *
مٺ ڪولاٽي، ڏي موڪاٽي، چوڙ ته ڪولڻ ڏيان.
ڪامڻ: سنڌ ڪي ڪي برادريون، ڪامڻ جو ڳيو، ڪنوار ڪي سينگار ڪرائڻ مهل ڪنواريتيون زالون گڏجي چون.
جيستائين سينگار پورو ٿئي.
ڪامڻ زوران زور لڳي، ڪامڻ بولان پول لڳي،
تيل ڦليل وانگر لڳي، چوئي چندن وانگر لڳي،
رتي مينديءَ وانگر لڳي، ڪامڻ زوران زور لڳي.
ڍاٽڪي ڪامڻ ڳيو / ڳيچ:
ڪامٽيئارا رَسيا گسيا، انگ لاڏلڙي را لسيا.

Gul Hayat Institute

ساسو سهي ٺانري ڪامڻ جاٽي، سا سوسهي ٺانري ڪامڻ جاٽي،
هيڪي چونڪي جان جيماڙي، پانتيا ڪري اُنياڙي.
ساڙات ٺانري ڪامڻ جاٽي، ساڙات ٺانري ڪامڻ جاٽي،
هتاڙي ۾ سرس رووپاڙي، پاچي ڪري چمڪاڙي.
ساڙي سهِي ٺانري ڪامڻ جاٽي، ساڙي سهِي ٺانري ڪامڻ جاٽي،
هتاڙي ۾ نانگ نچاڙي، ڪوتڪ ڪري ڏيڪاڙي.
هيرو يا ڦوٺاٽو: هن ڳيي ۾ هلڪي قسم جون گاريون، ٺٺوليون، زالون پاڻ ۾ يا گهوٺيتن سان ڪنديون آهن:
چـُڙ ڪوٺاري(1) بول بدولو، ڪوٺاريءَ ڪـُڙهه ۾ ڪوڙيو ڪـِلو،
اُلڙ ڙي ڪلامَ ڪـِرماٽو، هـڪڙي جا جوٽس پيو جو ناٽو.
ڏارڙي ڏارڙي، رنگ ڪري ٿي پار ڏتار ڙي،
ڪوٺاري ڏيندو زال اُڏاري، فلاٽي نالي وار ڙي.
ڍاٽڪي / ڦوٺاٽو ڳيو /ڳيچ:
پاڏي پڳي جائي پاڏي پڳي جائي، چورو جاٽي ڏاڏي پڳي جائي،
نا ڙي چورا! ڏاڏي ڪونهي، پاڏي پڳي جائي!
گابو پڳو جائي، گابو پڳو جائي، چورو جاٽي بابو پڳو جائي،

نا ڙي چورا! بابو ڪونهي، گابو پڳو جائي!
ڪوئو پڳو جائي، ڪوئو پڳو جائي، چورو جاڙي ڦوئو (پڦڙ) پڳو جائي.
نا ڙي چورا ٿو ئو ڪونهي، ڪوئو پڳو جائي.
(۽ اهڙي طرح ٻيا مائٽن جا نالا ورتا ويندا.)

## لوڪ گيت

لوڪ گيت: گهڻو ڪري تُڪبندي تي اٽلاٽي وارا ۽ ٻگهي سنگهر جي بيتن وانگر هوندا آهن. هن ۾ جمالو، چلو، مورو، لولي، ٻيلڻ، ڍولو، گامڻ، موڏي، ڪانگلڙو، سروَر ۽ رمضان شريف جا جاڳا ان کان سواءِ ڪيترا ڍاٽڪي ٻوليءَ ۾ ٿري لوڪ گيت اچي وڃن ٿا، سنڌي لوڪ گيت نموني طور هيٺ ڏجن ٿا:
جمالو: هو جمالو، هو جمالو. منهنجو لڙي ايندو لاڙ کان، هو جمالو!
چلڙو: پلا پلا جانان! چلي ڏادي لائي هي.
ڪلي:
چلا چوڪر آهين، ميڏا ساھ سڪائين، ڪيون منهن لڪاوين. پلا پلا جانان!
چلا ڪر پيا پٿ تي، جاني ٻيٺا ڪٿ تي، چُمي ڏيوان چپ تي - پلا پلا جانان!

Gul Hayat Institute

چلا ٻاڙها گدرا، ساڏا يار ننڍا، چڪ ٻڌونس سندرا - پلا پلا جانان!

چلا سائي اڳڙي، رن پيئي بگڙي، جيوين چِتي گِدڙي پلا پلا جانان!

چلا هڙا تهڙا، تئن لاتا جهيڙا، قادر ڪرسين ميلا - پلا پلا جانان!

**مورو:**

مورو ناهي ٿورو، حاڪم! مورو ويٺي ڳايان.

ڏانٽي ڏندا ٽيه، منهنجي لاباري جا ڏينهن - حاڪم! مورو ويٺي ڳايان.

ٽڪر مٿي ٽاندو، سهڻو ٻڌم ڳانو - حاڪم! مورو ويٺي ڳايان.

**لولي:**

اوهو مارو لولي، وي لوڪ نينگر لولي!

گهُوڪ نه ڳيرا! پيٺا هانءُ ڏليندا.

وسريان جو ڳالهيان پيٺا ياد ڏويندا - مارو لولي!

گهُوڪ نه ڳيرا! چپ اَلَـه دي نانءَ تي،

وسريان جو ڳالهيئين لکيان کڙيان هانءَ تي - مارو لولي!

**ٻيلڻ:**

ٻيلڻ وي هـُڻ تيڏي ٻيلڻ بيٺي ڳاوي.

رمزان دي ماري، کهڙي بارڙي چاوي - ٻيلڻ وي.

**ڀولو:**

Gul Hayat Institute

جيوين ڏولا!
بزار وڪانديان ريڙهيان، ميڏا ڏول وَهيندا پيڙيان،
پتڻ ملهيسان - جيوين ڏولا!
**گامڻ:**
گلڙا پي آيا، ميڏا سانول نه آيا،
ڪنهن ڪنون پچان، سارا ساٿ پرايا - گامڻ وو ......
**موڏي:**
موڏي ميڏي سجڻ دي، موڏي وچ واڻ وي.
مين ته تيڏا نوڪر، تون ڄاڻين نه ڄاڻ وي.
**ڪانگلڙو:**
آيم رات وريم ڪالهه، وير ڪان وريو ڪانگلڙو!
لئو سپان لئو سپان.
**ڪلي:**
پـُويو پـُويو پائيان هن ڪانگل کي ڪوڏيون،
ڏيکاريندم ڏيهه ڏٽي، هن لالڻ جون لوڏون،
منهنجو لوڏن وهيٽو - ڪانگلڙو!
هيٺينءَ ڏنڍ مڇي مري، مٿانس مياٽي،
اُڃ مرندي نه پيان، هن پرينءَ ري پاٽي،
منهنجو اُڃ وهيٽو - ڪانگلڙو!
مون ۾ جيڏل وچ ۾ سونو ٻهارو،
سوري سوري چڙيان، پر هينئڙو ويچارو،



Gul Hayat Institute

منهنجو ڪوڏ وهيڻو - ڪانگلڙو!

-

**ٽلهه:** آئون ويٺي وَس گهران، پنهنجي وڳر شال وران،
ڙي ٻڙا ڪانگلڙا اُڏامي وڃ.
ڪلي: ڪوٺي مٿي ڪانگلڙو لنيو لاتيون لوءِ
پچو پاڙي واريون، مام ڪڄاڙي چوءِ - ڙي ٻڙا ڪانگلڙا....
اچي ميڙي اوجلي، جنهن ۾ لڳي ٿڌو واءُ،
ڪتيان ويٺي چوئن ۾، آيم موپي ياءُ - ڙي ٻڙا ڪانگلڙا....
ماکيءَ مٿي مصري، مٺو ماءُ وياءُ،
مٿي پرڏيه سوکڙي، مٺو موپي ياءُ - ڙي ٻڙا ڪانگلڙا....
ماءُ ته مون کي موڪليو وٺي ۾ آمون،
آمون کاڌم پيٽ ۾ وٺو نشانون - ڙي ٻڙا ڪاگلڙا...
اچو اُبيچڙ چانپ سين، مڪو منهنجي ماءُ،
مرڪي ڪنديس مٿي تي، اُوچٽئين ڪوڏ منجهان - ڙي ٻڙا ڪانگلڙا....

Gul Hayat Institute

**ڪارڙو:**
اهو ڪارڙو! اکين ڳاڙهڙو،
ننڊ نه ڏي ٿو نماڻيءَ کي.
ڪلي: پيلوڙي پيلو، مون داءُ ڏتاري ويو،
ڏسي چٽ ڪنپار جو، منهنجي روح ڏنو ريلو،

محبتي ميلو، ٿيندو يار ميهار سان - اهو ڪارڙو اڪين ڳاڙهڙو.
اڇي چـُني ڇِـٽ گهـٽا ڇـِٽيل هـُيم ٻانهين،
هٿ هئم هاج ۾ اکڙيون اوڏانهين،
سهڻل تون سائين، موٽي اچ مينڌرا - اهو ڪارڙو اڪين ڳاڙهڙو.
ڪاڙهي تتي جهڙ پنيان لڳيم هينئين لـُـڪ،
چاڙهيو جان جنڊيءَ تي ڌريان ويٺي ڌُڪ،
ماٺهو چون ٻـُـڪ، مونکي سڪ سڄڻ جي - اهو ڪارڙو اڪين ڳاڙهڙو.
**سروَر:**
الا، اول سوران مئن ٻڙائي هي خدا،
تنهن تؤن سوران مئن نبي هي رسول،
ڪلمان جنهن دا پيا هيم قبول.
تنهن تؤن سوران مئن سروَر پير،
سُـڪيان نديان وهندا هي ڪير.
تنهن تؤن سوران مئن پير جيلاني،
ٻـُـڪيان نون اَنُ تـِـهايان نون پاڻي.
تنهن تؤن سوران مئن ميان راٺا،
در الهه دي وچ جو اڳهاٽا.
سروَر دي گهر وڄدا هي ڏُهل،



Gul Hayat Institute

جيوي مائي ببيي دا جوڙ.
سروَر دي هٿ وچ هي ڪنا،
جيوي مائي ببيي دا ونا.
سروَر دي گهر وچدي هي شاهي،
سروَر جملي دي آس پُڄائي.
ڪيڙين پيڙين ڪيتا هي ڊوهه
ڪڪري چير نڪتي هي روهه.
سروَر دي هٿ ڏُنبدي لڪڙ،
ڪوڙ مريندا آپڻي آ پڙ.
سروَر دي منهن وسدا هي نور،
اسي وڻ وڃي پهلا هي پور.
اسي ڪوهه ڪريندي نُوراني،
ڪهه ڪر پيران دي پاڙ ڇني.
جو حجونديان حج تي ڳييان،
آون آپڻي جهوليان پريان.
حج وندان دا حج هي قبول،
پرو ڪلمان پوسي قبول.
**جاڳا:** چنڊ ڏٺو رمضان جو، ڏيو ٻريو اسلام جو،
مسلمانا مومنا سعيو ڪريو رمضان جو.
* * *
جاڳڻ ويل ٿي آهي رحمت ويل ٿي

Gul Hayat Institute

اوهين اُٺي الله ياد ڪريو - جاڳو اوهين جاڳو مومنا.
مسلمانو اٺي جاڳو - هنئين جي هيج سان جاڳو!
اٺي جاڳو الله يارو، وڃي ٿو ماهه رمضان جو!
شهادت ۾ پريل سارو، وڃي ٿو ماهه رمضان جو!

---

(1) اهو ماٺهو جيڪو پڙو يا ڪوٺو مٿي تي کڻي هلي يا زالن کان گهوٽ جا ڪپڙا وٺي چني ۾ آڻي.

http://www.sindhiadabiboard.org/catalogue/Folk_Litrature/Book23/Book_page7.html

Gul Hayat Institute

# باب پنجون

# زيور يا ڳهڻا

”سنڌ جا زيور پنهنجي خوبصورتيءَ ۾ مُلڪان ملڪ مشهور آهن. موهن جي دڙي مان نڪتل زيورن بابت سرجان مارشل چيو ته: ”اهي اهڙا سهڻا جُڙيل آهن چڻ لنڊن جي سونارڪي بازار“ بانڊ اسٽريٽ ”مان اجهو هاڻ ٺهي آيا آهن.”سنڌ ۾ وسيل انيڪ ذاتين ۽ قبيلن وٽ پنهنجا پنهنجا الڳ الڳ زيور آهن. جي پنهنجي جڳهه تي الڳ الڳ سُونهن ۽ سوڀيا آهي.“(1)

سنڌ ديس جي گوري لاءِ ڳهڻا بلڪل ضروري آهن. پر دنيا ۾ اهڙا به ملڪ آهن، جتي زيورن جو زالون استعمال ڪونه ڪن ۽ چون ته اهائي سونهن سڌر آهي، جيڪا ڌڻيءَ سڳوري آدم ڪان اَرپي آهي. پاڪ - ڀارت ۾ طرحين طرحين جا زيور زالون ٺهرائي پائي، پنهنجي سونهن ۽ سينگار ۾ اضافو ڪن ٿيون. اڻ پاتل زيورن ڪي اهنڊ چون. زيور لفظ جي معنيٰ هڪ عالم ڪئي آهي ته زيور اصل ۾، زيب + آور يعني زينت بخشيندڙ شيءِ جو ناو آهي. ڪن عالمن هن ريت چيو ته زيور جي معنيٰ زر + وَر يعني

سون وارا ٺيڙ آهي. جن کي صفا سنڌيءَ ۾ اسين ڳهٽا ٿا
ڪوٺيون، يعني جيڪي ڳهي يا گروي ۾ رکي ڪو ڪارج
نباهجي. سچ پچ ته غريب ماڻهو زيور گروي رکي اوکيءَ
ويل تي پاندي پوري ڪندا آهن، پر ڳهٽن جي لفظ جو اهو
اشتقاق غلط ٿيندو ته ڳڻ + هاٽا يا ڳٽن وارا.

جيڪي زيور ڪنهن عضوي ۾ به به گڏ پيل هجن. مثال طور: ڳچيءَ ۾ دهري ۽ ڪنمال ته انهن کي"ٻيلهڙ" چون پر جي ٽي - ٽي گڏ هجن جيئن دهري، ڪنمال ۽ چندن هار وغيره ته انهن کي ٽيلهڙ، چون. سيئي زيور پيرن کان چوٽيءَ تائين سونا پيل هجن، ته انهن کي "سوني ساهي" يعني سون جي "سايي" ۾ ڪوٺين، يا سون ۾ جهنجهيل چون. زيور، گهڻو ڪري سون ۽ چانديءَ مان ٺاهيا ويندا آهن. ڳهٽا ٻن قسمن ۾ ورهايون ٿا: هڪڙا اڳوٽي زماني جا (الف) نشان سان ٻيا فئشني (ب) سان ڏنل آهن.[(1)]

الف - مٿي جا زيور: جهومر، ٽڪو، بنديا، چوٽيڦل، اَلي، ڏائي، ڏاڻ جو ڪنڊو، ٻٽيون ڏاٽيون، سڳين جا گر، ٽڪلو، مانگ ڏاٽيون، بيناٺون، مانگيٽو يا مانگوو، چوٽيون، پاسا، بڪل.

ب - فئشني: بڪل، پنون ۽ تاج، جهمرپٽو.

الف - ڪنن جا زيور: والا، واليون، جهالر، جهومڪ، پنڙا، لڪون، منڌر يا منگر (مگدر)، نسبيون، جهمٽيون، الو

لڪ، مرڪيون، ڪيوٿيون، دُر، ٻندڙا، ڪنڊل، ڪرڪون، گوڪون، الولڪ، جندڙو، ڪنَ ڏاوٽيون يا ڪن دهريون، والڙيون، چلڙيون ۽ چيلهڪون.

ب - فئشني: ايرنگ، ٽوڪن، ڦل، ڪوڪا ۽ نيلم.

الف - نڪ جا زيور: شورخي (سرخي) نٿ، مورڪي نٿ، سورڪي نٿ، جمالڪي نٿ، جتڪي نٿ، بئنسري نٿ، چلائين نٿ، چڪائين نٿ، حيدرآبادڪي نٿ، ويندو، چپرائون بولو، بئنسري بولو، موتيائون بولو، ڦلي، ڦلڪو، لونگڙو ۽ ڏاڻ.

ب - فئشني: فئشني نٿ، جهانءِ تي نٿ، چيٿيءَ واري انگريزي نٿ، واڳي ۽ هيرو.

الف - ڳچيءَ جا زيور: دهري، ڪنمال، چندن هار، راٽي هار، نيڪلس، لاڪيٽ، هسُ، هسلي، ٻيجوڙا، دلپاڪ. ڪارڪ، تائيٿ، نموري واڙلو، سرڪنڊي، ڏندڙيون، جهرمر، چوبڪلي، ڏندريون، ڏندڪن ڪوٽيون، ڳچيءَ جا ٻيڙا (سرٿ)، سنگهر/سئنڪلي، دڳنيون، پٽلا، ڊولٽا، مهرون ۽ طوق. مانڊريا، ويلا، سريون، ڏرگل، پونائڙيون، پنبڙيون، پوپٽ، مومن، ڪيوٿيون، دربچا، ٻندا.

ب - فئشني: ڏورو، لڪڙي، لاڪيٽ، هار، گلوبند/ڳلپٽو.

Gul Hayat Institute

الف - ٻانهن جي ڏوري جا زيور: ڏورڙا، ٻانهونٺا، ٻارکيون، ڪارڪون، ٿپٽا، بازوبند، ٽليون، جهاٻا، اُلهي ڪلهي ٻانهين.
الف - هٿ جي ڪرائي جا زيور: ڪڙولا، واڍولا، ڪاتريا، ڪنگڻ، منگليون، دستيون، چوڙا ٻيڙا، چوڙ، ڪنگٽيون، پئونچي، هٿ گجريون، چنگل، وانئٺيون.
ب - فئشني: پٽي ۽ واچ.
الف - هٿ جي آڱرين جا زيور: چنڙو، هٿ ونگيا، ڪيرول، ويڙهه، چڪائين منڊيون، ٽڪ واريون منڊيون، عقيقي منڊيون، ٻيلڙا، ڇلا ۽ آڱوٺڙا، پڏوڪان.
الف - پير جي پنيءَ جا زيور: پير ڪڙيون (ڪرف ڪنجيءَ تي ڪڙيون)، پوريون ڪڙيون، نهريون ڪڙيون، چِمڪي واريون ڪڙيون، پازيب، گهنگهريا، نورا، چير، سانٺا، سانٺيون، رول جهول، پٺيون، ٺوڙها، جهانجهر، وچوٽا، پير ڇلا، پولڙيون، ڪاڏليا.
الف - پير جي آڱرين جا زيور: پولڙيون، پير منڊيون،اَٽوَٽ،آڱوٺا، ڇلا، چمڪيون، ڇلڙيون، وچونئڙا، ويڍ، ورٽا، ڏيڏيون.
متفرقه: اڳٿ جون نريون ۽ وچٽيءَ جوڳن جي چاندي يا سون جا هجن ته اهي به زيورن ۾ شمار ڪن.

**زيورن جو نظم:**

(1)

سترهين رات سنپري آندا عمر کي سينگار نٿ، بولو نياز سان، ڏانڻ سندا ڏار ڪڙيون، ڪنمالون ڪيتريون چوڙا چندن هار ميندي ڦل، مرڪيون ايرنگ آيا اَپار وچون، پونچون، پيرن جون چيرون ڪن چمڪار دهريون ڏُسريون، دلپاڪ جا درشن ٿيا ديدار هس، بانهيون هيج مان، ڪنگڻ قربدار ڪرولا، ڪتريا ڪيئي، تائيث ڪيائين تيار اَليون، باليون اُتم آندائين، والڙين وٽڪار ويد، ورٽا ڪيترا، دُرَ، ڏيديون ڏار مڪ، جهمٽيون موچاريون، ڪرَ مزيدار نسبيون، ڳل پٽيون ڳهن ۾ جوهر منجھ جنسار ڦلڪا، ڦلڙيون ڪيتريون جن چٽ آهن چوڏار چلا، منديون، آهرا، ڪيرول ميناڪار والا، چلڙيون سون جا دلئو ڪجي دُرُ پچنجو ديدار ”علي محمد“ ڪيئن نه ڪريان سرتين سندي سنپار پائي ڳلي هار، مارئي ويھ نه محلات ۾.[(1)](#)

Gul Hayat Institute

**ڳهن جو نظم:**

(2)

سوني ساھ، تيلهر(1) تنهن کي ننهن سر موتي مڙهياس

بئنسر، بولا، نٿ، نموريون، سينڌ ٽڪي سر جنهور جڙاياس

جهڳمڳ جهومڪ، جهالريون گجر ڪاڻ گهڙاياس

ڏُر، ڪُر، ڏُهرا ڏُربچا، روپَ ڳهين رنگ لاياس

ڏيديون، ڪوڪيون، پاڪن، پنڙا ڪنين تي ڪان جهلاياس

مرڪيان، مهريان، اَوَر منڙا سر سوني ڏاوڻ ڏاياس

ڏر، توڏر، چاڳ پتڪيون، ميندي ماٽڪ، موتي مک ڳتياس

نورا، پؤنرا، نانگلا، بيا هار، هسين ڳر پاياس

ڪنديان، بنڌيان، بارتا سهجان ساھ سيباياس

پئنچان، سنگيان، واھ وَنگئڙا، پوچ پنهڙيون ٿي چمڪلين سر چاياس

ايڪ داٽي، ديکو دوسري، تؤ سي طلسمي طوق بچاياس

ڪنمالون قيمت ڳؤريون، تن تي لعلون سر لٽڪاياس

ٻانهين، ٻانهونتا سونهن ٻانهون بازو بند بناياس

ڪنگڻ، ڪرولا، ڪتريا تنهن وڏ واڍولا آياس

جهرمر، جهانجهر، پيرن ڪڙيون، پازيبا، گهنگهريا، گجريون وچ تن وچڙياس

ننهڙا، وچوئان، بهوت منديان گجر لئي گهات گهڙاياس

بورينديا ”ابراهيم“ چئي جوڙ چڱيءَ جهٽڪاياس
مانگهه، ڦليان، چالي چلا، چوڙا چلڪي چٽڪاياس
بيحد بچاياس، ڱلم، غلاف ۽ گاديون(2)

**ڳهن جو نظم:**

(3)

وٺا مينهن ملڪ تي جيئن گوندر ويا جار ميان
موريا ڪک ملير ۾، آهن سرها ٿيا سنگهار ميان
ٻڪريون چاريون، ولر واريون، ٻي رڍن جي رڙڪار ميان
جيءُ ساري ٿو جن کي منهنجو، آءٌ اُڪنديس تن اپار ميان
پونم ياد، ڪريان فرياد ٿو اندر ڏئي اوچنگار ميان
ڪر سڏايون سومرا، هيءَ بند مان ڪيو بندڪار ميان
ڪيئندس اچُون، پيئندس پچون، سرتين سين سردار ميان
تو جي رضا، مڃيان نه قضا، بت نه باسي بار ميان
ڪين پهريان پٽ پاڻ کي، آهم لوئيءَ جي للڪار ميان
ورڻ، ڪيرون، ونديون ويهي، نه وجهندي ماٺڪ ڪان مروار ميان
ڪنگڻ، ڪڙولا، ٻانهن ٻانهوٿا تنهنجا مان نه وجهان موچار ميان
سڳيون تنهنجون سونيون گهوريان، نه ڪريان گجرين مان

گذار میان
ٻارڪيون، ٻانهن ۾ ڪريان، تنهنجي پؤنچن ڪين پچار ميان
دستيون، تنهنجيون دل ۾ نه پيئيون ننهڙا وجهان نه نار ميان
ڪڙيون، وچونئڙا، پيرن پيڙا، نه ڪريان نورن سان نروار
ميان
پازيب، ڪڙين ريب، ڪر گهنگهر پنهنجا غار ميان
جهِرمڙيا جهوڙي، وجه تون پوڙي، تن تي من نه ڪري
منٺار ميان
آءٌ دُر نه وجهان دولت تنهنجي، هسُ نه هڪيءَ تي هار
ميان
چمڪيليون چوڙي، جهانجهر جون، نه وجهان عطرداني
اظهار ميان
ڪنمالون، نه وجهان لعلون، نه تنهنجي تائيڻ تار ميان
منڙا آٽيو ڪنڊيون پوئن، سرتين ڏاران سسيءَ نه سونهن
جي ڪرين حرف هزار ميان
طوق، دوسري، چِمر، چپيتي سي نه ڪريان سينگار ميان
نٿ گهڙائي، ڏاوڻ ڏائي، نه وجهان تنهنجو ڪُنڍڙو منجهه
ڪاپار ميان
ميندين ڦل، پٿيون گل، تنهنجي بينائن ڪان بيزار ميان
ايڪ داڻي، وجهان نه ڏاڻي، ڏوڏر نه تنهنجا ڏار ميان
بازوبند، وهان نه ٻنڌ، جن منجهه لعلائي لغار ميان

Gul Hayat Institute

ڪرڪون، پتنگ پايان نه ڪنين ڏيدا نه وجهان تنهنجا ڍار
ميان
پيڪن پنڙا ڪوڪيون ڪٿائي ڪريان ڏُربچ تنهنجا ڌار
ميان
واليون تنهنجون وير نه وجهندس نه ڪريان چتن سين
چانگار ميان
ماڙيون تنهنجون مون نه قبوليون، ٿرَ ري ناچي نار ميان
وطن منجهه "ولي محمد" چئي، ڪن سرتيون منهنجي سار
ميان
ڇڏ تون زورو، ٿيندو ٿورو، ڪندا سامَ ئي هٿ سنگهار ميان
ساري وٺندا سومرا حق سپئي حقدار
ميان
اهي پـُرس پروڙج پار ميان، ته ڪونهي هيءُ جڳ جيئڻ
جو. (1)

Gul Hayat Institute

**(4)**

سسئيءَ جي شاديءَ جو هو ڪٿين منجهه خمار
لکيي ويل لائئن جي سسئيءَ ڪيو سينگار
ڪني پائي ڪيوٽيون، دلپاڪ وجهي آپار

نٿ، بولو، نسبي، ڏانوڻ جي ڍڪار
ڏونرا سونهن ڏانوڻ ۾ اَليءَ جي آڌار
زري، پوپٽ زلف وسين ڪارا منجھ ڪپار
ماڻڪ موهيڙا منهن ۾ موتين جي مقدار
ڪمال دهري ڪنڌ ۾ دلپاڪ وجهي دلدار
نورن اتي ناٿَ ڪيا جهرمر ڪري جهالار
وجهي وچون ويندين ڪي، هلي ٿي هوشيار
پنڙا ڪڙيون پريءَ سان هيرا مُڪئون هزار
ٻانهين هيس ٻانهن ۾ سرلين جي سنوار
موريون، دُر، منگواليون مندي هئي موچار
جهاٻا سونهن جهوڙن سين، بازوبند بهار
ڪتريا، ڪڙولا قيمتي، سو هس ڪٽي هيڪار
پانچ وڏا پيرن ۾ ڪنگڻن جي ڪٽڪار
تسبيح پڙهي تائيث تي، طوطن جي تنوار
چنگل پاتا چتونءَ سين، چوڙا چندن هار
ميندي ڦل موچارا، جڙيا سان جنوهار
وريلي پنهنجي وايولي سين، ڪيرول جي خمار
ڪڙو، نپائو قرب مان حُور پاتو هار
ڪنجي، مينڻ، ڪوُنچ وَٿَ، ڦلڙيءَ ڪي ڦلڪار
ڪرڪون، ڪرَ، قلب ۾ ڪَلِمُين جي قطار
نرمل وڏو نونهڙو، چيرن ڪئي چمڪار

چوٿيءَ ۾ چتونءَ جي، سونهن سڳيون صدبار
عطر مکيو اکين تي خوشبو ڪري ڪينڪار
سسئيءَ سينڌ سنواري، آرسيءَ منهن اُجار
مينڌري رکي مومل ٿي، ڪيچيءَ سندي ڪنوار
ٻانهيون تنهن سان ٻيله هيون چؤ طرف چوڌار
ساراهيان تنهن سبحان کي، جو ڏيهه ڏٺي ڏاتار
جانيءَ ڪاڻ ”جوکيو“ چوي، تون غافل ٿي نه گذار
تنهن لکيي جي لغار، پرٺ ملي هئي پنهل کي.

**(5)**

ساراهيان سچو ڏٺي جو صاحب رب ستار چوان
ايرنگ آڱوٺي، آلي اوجر، ٻئنسر بولو ڌار چوان
بازوبند، بولو ٻئنسري طوق تسر تعويذ طوئي ڌار چوان
سوني سنگهر سانچو سري، سڳي، سرباهه، سينڌر يار چوان
چوڙا، چوڙي، هسي، هار هلائي، زر زيور ڌار چوان
زنجير ظاهر، ڪنگڻ، ڪنٺا، ڪنڌو ڪار چوان
ڪنمال ڪرڪون، ڪڙي، لڙهي، لڙڪا ڌار چوان
لئون، لکون، لعل لالي، مين منڌي مهندار چوان
مور، منگلي، موڙ، موراکي، مالها مٽڪو ڌار چوان

Gul Hayat Institute

مٽيو، موتي، مهرَ، مرڪي، مانگهه وڏي موچار چوان
رچ، ريهه، نورا، نسبي، نٿ نموريون، ويڙهه، والي ڏار
چوان
والا، واڄي، در ديداري، ٻيڙو ٻانهين، ٻنڌا ٻانهوٽا ڏار چوان
پٽي، پتلو، پنڙو، پؤنچي، پيچ، پوتل پارڙا پار چوان
ٻانهن رکي، ٻورو، ڪسوٽي، ڪناري، ڪوڪو، ڪيوٽي
ڏار چوان
ڊولڻ، ڊارو، ڏاوٽي، ڏوري، گهار، گهات، گهنڊي ڏار چوان
چٽ، چڳي، چمڪا، چڪو، چلو، چپر، ڦلي، جهالر
جهومڪ ڏار چوان
لطف ڪجاڻءِ تون ”لعلڻ“ چئي، صاحب رب ستار
چوان.(1)

**(6)**

Gul Hayat Institute

منٿ مڄ تون مارئي ڏيئين پٽ پٽولا چار
ڪنگڻ، ڪنمال، ڪڙيون، منڊيون ميگهه ملار
پٽي پازيب، پنڙا، واڄيون ڏيئين و ستار
جهالر، جهومڪ، جهمٽيون، ڏس جهانجهر جا جنسار
دلپاڪ، دولي، دستيون، واهه دهريءَ جو ديدار

ڪتريا، ڪنڊا، هٿ گجريون، چرخيون چندن هار
ٿوڙها، وَرَ، وِچوها، مالها پائي مينُ موچار
والا، وايولا، ورڻا، اٽوٹ، ڪئين انبار
مانگ، منگليون، مورنٿ ۽ هسي حسندار
پانهين، پانهوٽا، پارڪيون، چوڙا ڏس چوڏار
پٽي، پٽلي، پارڙا، سگِيون سونهن وار
ويندو، ويڙهه، واليون، مرڪي دُر، دينار
نورا، اَلي، نسبيون، سوئڙيون سوَ هزار
تند، پارڙا پيرٽو، سوني لئون ستار
لعل، ڪٿڻ قل، ڪارڪون، چوٽيقل چمڪار
ٽڪلي، ڦلڙي، سنگهيون، ٿي چير ڪري چمڪار
ڏاوٽي ڏيئين ڏاج ۾، سا دلئون پائي دلدار
ڳانا سونهن ڳچيءَ ۾، تعويذ تهدل تيار
ٻئنسر، بولو بي بها، بازوبند بهار
ڇلا، پويٽ، ڏورٽا، سونا سرٹ سچار
ايرنگ ”اميد علي“ چئي ڪيوٽيون ڪارونپار
روپا سونا طوق جن ۾، ٽڪن جو جنسار
سي پائي ڪر پسار، مارئي محل منهنجي ۾. (1)

**(7)**

Gul Hayat Institute

ساراهيان سچو ڏٽي جو صاحب رب ستار
منڊِ مِڙن جو مصطفيٰ جو تِڪ لنهگائيندو تار
هردم وسن هينئين ۾، پرين اهڙا پار
منهن ۾ مٽيا محبوب کي، ٻيا وچوڙا ويچار
گل ٻڌانس گهنگهريا، ٻيو جهرمريو جڙادار
پيرن ۾ پدمٽيءَ کي، هيون ڪڙيون ڪرفدار
چٽنس نورا چٽاٽ ڪيو، ٻيون جهانجهرون جنسار
ٻڌائونس ٻانهين، ٻانهن رکيون ٻانهن ۾ ٻيو درس جوڙائي ڏار
ڪنگڻ، ڪڙولا، ڪيوٽيون، ٿهيو ڪنس ٿيون ٿار
ويڙهه، وادولا، ڪتريا، ٻي پاولڙن پچار
مهرون، منگليون مادريا، ٻيا دستين ڪيا ديدار
ڪنڊِي، ڏاٽي، ايڪداٽي، عجيب ڪي، مٽان لِڪَ لغار
سڳا ٿيا سڳين ۾، ٻيا ڪيئين چوٿيڦل چوڏار
مڙهيا هئا ڪي ميندن ۾، ڪي مينديڦل مٿهيار
چلي، وَرٽي چمڪو لاتو، ٻڌس ڪيرولن ڪينڪار
ميناڪاري منديون هئس هٿن ۾ هزار
ڏيديون، جهمٽيون ڏک ڪري، لائي لئون لغار
ياڪ رکائون پاٻوڙا، ٻيا دربچا ديدار
نٿ، ويندو نڪ ۾ هئس ڦلڙيون ڦيردار

ڪرڪون، ڪنٺا، نسبيون نسبت جون، هئَس ڪنڊو منجھ ڪپار
ڏاٽيون، ڏاندڙيون ڪيتريون، ٻي هئي بولن جي پـَلڪار
ڪـُرُ ٻـُندا تنهن ڪامڻ ڪي، ڪيا والڙن واپار
سيبي ساجن ڪي اُتي، غوڪؤن غم گذار
ڪٽن ٺا خوشيءَ سان بيک ايذائي بار
بدڪن واري، پؤنچن واري لعلون لک هزار
مالها، ڪنديڙو، منهن سج طوق، تهڪ، ٻي لڙڪن سندي لار
هٿ گجريون، تنهن حاڪم ڪي، هئي ڏولڻ جي ڏلڪار
نو سـَري، مانگ، ٻيڙو چانپ، ٺوٺيون ٺـِڪڙا، ٻيا چاڳ
چندن ڪي چار
اَ لـُو لڪ، ويلهو جهـَل ڪري پاتائين قرب مان، ڪيا
سانوليءَ سينگار
اَٽوَٺ، آڱرٺا، زيور، زيوريون، ٻيا جوڙن جا جنسار
ٺوڙها، ٺيلهڙ، ڏورٽا، ٻيئي بازوبند بهار
رتي، رانهي، رِٹڪرا، ٻي هئَس گُلن جي گلزار
سونهان، سينڪلي، سورخيون، ٻيون هئَس چرڪڙيون
چوڏار
امل ماڻڪ، موتي مرجان، ٻيا هئَس ايرنگن اپار
ياقوت، زمرد، هيرو، جواهر، جنهن جي هئَس لنءَ لنءَ

منجھ لغار

ڪلي، ڪوڙ، ڪچ، ڪپت، اوهين سيهي لهجو سار
پيش، پارس، پارڙا پريت مان هئي ڪلي ڪئي ڪينڪار
دنيا، دولت، دمڙي، پرپائي نه هلندي پار
قسمت، ڪروڙ، ڪسوٽي، توهين ماسا ڪجو مدار
سوين سينگار سورٺ ڪي، ڏنا هئا ڏيھ ڏٽي ڏاتار
هن به سپئي ساڙيا سلڪٽيءَ، ڏسي ڏڙ سسيءَ ڪؤن ڏار
ڪئين خان ڪپي ويا، جن ڪي هنيون ڪلنگيون منجھ ڪپار
هميشه ”حاميد“ چئي، هوندو خالق خلقٽهار
پوءِ ڪلمو جن قرار، هونداسين ايمان سين.(1)

**(8)**

سهٽي لهي سر ڪيا خماري خوابن تي
چنڊ چوڏهينءَ چمڪيو جهُليو جهُولن تي
پانچ پيرا، گهنگهريا، ويندا وچوڙن تي
نورا، ڪڙيون، جهانجهر، چم چم چيرن تي
وَر، ڪيروليون، ورٽا ون ون واڊولن تي
ڪنگڻ، گينيون، ڪڙولا، بازوبندن تي
چوڙا، ٻيڙا، ٻانهيون اچيون عاجن تي

Gul Hayat Institute

منديون مڙهيون، مينا جڙيون چلا چاپن تي
ڪنڍي، ڌهري، ڪنمال، هس هار چندن تي
تائيٿ گهڙيا، جوهر جڙيا چٽ چاندين تي
سونا دُر سهٽا، پئنچون پنڙن تي
ڏيدا، وريا، والڙيون جهالر جهمڪن تي
منگليون، مرڪيون پئڪڙا، پڏون پائڪن تي
ڪر، پوپٽيون پٽريون مقو منڌيئڙن تي
ڪوڪيون،نسبيون، ڪتريا، جهومڪ جهـُڙن تي
نماڻي نٿ پائي هئي بينا بولن تي
ڏاڻ، ڏاڻي ڦلڙي، جنهن پير پؤنرن تي
ڏنگو ڏاڻ، زريءَ ساڻ، ڪنجي ڪڙن تي
سوني رپي سينڌ پٽي، چم چم چيرن تي
ٽڪلو راڻيءَ جو جڙيو جلسو جلسن تي
املهه ماڻڪ، اشرفيون قيمت ڪـُندن تي
پايو پائي پدمڻي ڦير وڏي ڦلڪن تي
ڌهرا، دريچا، سريا سهٽا سهيلين تي
چوڙيون، چپڪليون، اَليٽپُ اکين تي
سينڌ ڦل، سڳي سهٽي، واهه ويڙهيل وارن تي
موتي مٽيا، زيور ڳٽيا، ليڪا لعلن تي
تنهن نماڻيءَ کي ”نالي چڳو“ چئي، رهيو رُوحن تي
ڪلمو قائم ٿيو راس رسولن تي

سا ويٺي لانئن تي، گھوٽ گھمي گھر آئيو.(1)

**(9)**

ساراھيان سچو ڌڻي جو صاحب رب ستار
بادشاھ ھو بلوچ، جو ڀاروچاڙو ڀار
سسي ھئي ڀنڀور ۾ صورت جي سردار
موديءَ سندس مورت ڌِڻي نازڪ ۽ نروار
واڻيو وري آيو جنھن ڌنا پنھونءَ کي پار
ڪيائين نيڪي نار جي آھي ڌوٻياڻي ڏاڪيدار
سڏي بات بلوچ اھا ٿيو غازي ترت تيار
وجي پڳين لڳو پيءَ کي ٻيا پرجھل ھئس پارَ
گھريائين موڪل ماءُ کان ڪري آزيون انتظار
سيٺ منھنجي سودو ورتو آھي واڻيي سو واپار
ٻٺ ويندس ٻاٻيھي سان ھاڻ ھلي آءٌ ھِڪوار
راضي ٿي رخصت ڏنائونس ڪيائون ڪوشش قرار
عطر مشڪ عمدا ڪنيائين ڪٿوري خوشبودار
لالڻ ليڙا پلاڻيا، ترت ٿيو اُت تيار
ورتائين واٺ وندر جي لاٿئين ڀنڀور ۾ بار
پڇائي در ڌوٻيءَ جو بيٺو نوڪرن سان نروار

پگهار پچيائين ڪينڪي تنَ ڪي لڳي هيس تار
سسئيءَ ساجن ڏنو جنهن ڪي ٻري آگ اندار
جيڏيون منهنجو جوڙ آهي من ڏياري ڏاتار
پاڻ ڏٽيءَ پريت جي وت ورھ اندر وار
ڪيائين سگ سسيءَ جو ٿيو نالي سو نروار
پيئي خبر ”خميسو“ چئي، ماڻهن ۾ موچار
مبارڪون مليون مرد ڪي واڌايون ٿيون گهر گهر وار
ڪيائين سعيو شاديءَ جو اهو وري ويچار
گهرايائين سونارا شهر جا جي ڏاها هئا وينجهار
آڻي ڏيو ساهي سسئي لئه مون ڪي عمدي عجبدار
زر زريون ياقوت پيا آڻي ڪيائون حاضر هيرا جنوهار
سسئي اُٿي سونهن خاطر پاتا ساز وڏا سينگار
پائي ويٺي پيرن ۾ وَرَ، وچون منديون ميناڪار
نازَ ڪريو ٿي نورا پائي جهانجهر جهمڪي دار
پازيب پيرن ۾، ڪڙيون وڏيون ڪرفدار
مينا ڪاري ملمعو مٿن هو چٽيو چٽهار
گاذر ٻڌا گهنگهر يا هيج منجهان هيڪار
امل منڊي آ هيرو، آهن آڱر ۾ اسرار
ڪيرون، ورڻو خوشيءَ مان آهي سهراڻو سماچار
ونيءَ پايون وچونڙيون پيون باداميون بيشمار
چوريءَ پاتا چلڙا، منڊيءَ سان جال ۾ جڙاوار

مرڪي پائي ٿي منگليون چوڙا چمڪيدار
ڪنگڻيون پاتائين قرب جون، ڪنج وڏيءَ خمار
ڏِڪَ ٻڌائين ڏؤنرڙا، جن تي رکيو هو سوناري سينگار
ٽِپڻو هو ٽِڪن سان چمڪيو ٿي چوڏار
ٻڌائين ٻارڪيون ٻانهن ۾، جن ۾ گهنگهرو گلزار
ٿؤنر ٿليا ٿي تن جا جي جهاڻ سين جنسار
لڪائي پاتئين چاتيءَ تي ڪو هينئين مٿي هار
دلپاڪ هئس دل تي هسُ ڳچيءَ هيڪار
ڪامڻ ٻڌي ڪنڌ ۾ دهري وڏي ديدار
عجب هئي ايڪداڻي، جنهن گينيون لک هزار
دانــه ٻڌي دهري جنهن ۾ جڳليون جوهردار
ٽَـڪا ڏنائين ٽداڻيءَ تي ٻي ڪنمال قيمتدار
طلب هئي تائيث جي جنهن جي چانديءَ جو چمڪار
سسيءَ سريون پاتيون ٻيا جوري مٿي جنسار
ڪيڏا ڪم ها ڪنڌليءَ تي جنهن ۾ هئي لونگن جي للڪار
پري پاتيون پالڙيون ٻيا بندا ٻهڪدار
ڪـُر پاتائين ڪنن ۾ ٻيا اِرنگ عجبدار
ڏاهيءَ ڏيڊيون پاتيون ۽ پنڙا پوشدار
جيڏين جوڙ جهرمر لائي ڪڙيا ڪنٺهار
ٻيل ڏيڊا پاتا ڪري سونهن وڏا سينگار
نازڪ پاتو نڪ ۾ بولو بئنسر دار

لُڏن لعلون تنهن ۾ جي لهن لک هزار
لکياڻيءَ لونگڙو پاتو ڦلڪو ڦيريدار
نٿ نهاڻيءَ پاتي ويڙيو وڏي ويچار
ڪنجيون هيس ڪلف سان جي پريون بيشمار
ڦيردار ڦلڙي جنهن تي جڙاءُ ۽ جنسار
مٽيا موتي تنهن جا جنهن ۾ هيري جي هُبڪار
پوتا هئا پوئڻ واري ساري ڪنهن سنگهار
ڏانگ ڪيائين ڏاڻ ڪنڊو منجھ ڪپار
سينڌ پٽي سر مٿي جنهن ۾ ڏاٽيءَ ڪيو ڏيکار
عجب تنهن جي آلي هئي جنهن ۾ لاڙن جي للڪار
دبڪ دانـهـ ويڙهيو جو وڏو وقفدار
مينديڦل ملوڪ کي چوٽيڦل چڱي آچار
چوٽو سندس چؤسرو جنهن ۾ سگيون جو سينگار
جهوڙا جهاپا تنهن ۾ جڙيا گل ٽڙن گلزار
ڪئين هيون ڪچ ڪوڏيون گوندريون گينوردار
”خميسو“ چوي خانوندا، تنهنجي آهه اختيار
مُرهين مون ڏٺي تون صاحب رب ستار
عيب اگهاڙن تون ڍڪين، ڍڪج ڍڪڻهار
مرڻ ويل منهنجي تون سوکي ڪج سڪرات:
ڪلمو جن جي وات، سي مرڪن ميڙي محمد جي.[(1)]

-------

---

(1) نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)

(1) ڪن ڪن زيورن تي مينا چڙهيل هوندي آهي، جن کي ميناڪاري ڪوٺين. ۽ غريب ماڻهو چانديءَ جي زيورن تي ڳاڙهو رج چاڙهائي پائيندا آهن. (ليکڪ)

(1) نظم نمبر 1 سگهڙ علي محمد جو چيل آهي. (ادارو)

(1) تيلهر معنيٰ نئين ڪنوار

(2) نظم نمبر 2 سگهڙ ابراهيم جو چيل آهي (ادارو)

(1) نظم نمبر 3 سگهڙ ولي محمد جو چيل آهي. (ادارو)

(1) نظم نمبر 5 لعلڻ فقير جو چيل آهي. (ادارو)

(1) نظم نمبر 6 اميد علي سگهڙ جو چيل آهي. (ادارو)

(1) نظم نمبر 7 سگهڙ حاميد علي جو چيل آهي. (ادارو)

(1) نظم نمبر 8 فقير نالي چڱي جو چيل آهي. (ادارو)

(1) نظم نمبر 9 سگهڙ خميسي جو چيل آهي. (ادارو)

Gul Hayat Institute

# باب ڇهون

# پــِـرمن جو رواج

پرم، وهم ۽ سنسو ڇا آهي؟ ڳالهه هجيئي ڪانه، ماڻهو وِسهي ته ڪجهه ضرور آهي، تنهن ڪي، پرم ٿو چئجي! ڪي ماڻهو هن کي شرڪُ ۽ وسوسو به سڏيندا آهن. پر اهي عربي ٻوليءَ جا لفظ آهن، عربي ۾ سندن معنيٰ ٻي طرح آهي، تنهنڪري اهو بيان ڇڏي ڏجي ٿو، هتي انهن لفظن جي معنيٰ ۾ مطلب به پرم ۾ ئي شمار ڪيو ٿو وڃي.

پرمن جي تاريخ تمام جهوني آهي. چون ٿا ته جڏهن حضرت آدم عليه السلام کي بهشت جي ميون مان هڪ وڻ کي ويجهي وڃڻ جي منع ڪئي ويئي، تڏهن ابليس بيبي حوّيٰ کي انهيءَ وڻ جي ميوي کائڻ لاءِ پرمايو ته حوّيٰ جي دل ۾ هورا کورا يا سنسو پيدا ٿيو. ان ڏينهن کان وٺي اِنسان جي سرشت ۾ پرم توڙي وهم به واسو ڪيو.

جيتوڻيڪ گهڻو وقت گذرڻ ڪري، پرمن ۽ سونسن جا به ڪئين ۽ ڪيترائي نمونا پيدا ٿي چڪا آهن ۽ ٿيندا پيا رهن. تن جو ڳاڻيٽو ڪرڻ محال آهي، ان هوندي به پرمن جي متن پڙهڻ سان اهو راز کلي پوي ٿو. شروع ۾ ڪيترن

ڪاهل ماڻهن جو گذران انهن پرمن جي طريقن تي هو. انهن پنهنجي ڏنڌي کي چلڪائڻ لاءِ ابوجهن کي پنپلائڻ ۽ ڦاسائڻ لاءِ رڻون رٿيون، اٽڪلون ويڙهايون ۽ ٺيڪڙ ڪيا. مثلاً= ڪنهن ماڻهوءَ ۾ مرشد ٺيڻ جي پد تي پهچندي به، ”ڪائي ڪرامت جي روحاني طاقت ڪانه هئي، پر مريدن جو دائرو، ڪشادو ڪرڻ، پنهنجو گذر سفر سهنجو بنائڻ ۽ عيش عشرت جون سُکيون گهڙيون گهارڻ واسطي، ڪن ماڻهن کي حال محرمائيءَ ۽ ڪن کي رس ۾ شامل ڪري رکيو. پوءِ اهي چالاڪ ماڻهو، فاسفورس(1) ڪٺي مرشد کي نه مڃيندڙ ۽ گلا ڪندڙ جي لوڙهي ۾ اڇلي، هٿراڌو باه ڏئي جهٽ ڪان اڳ غريب جو جهڳو جهڻ ڪري اچي ڪچهريءَ ۾ لاف هڻندا هئا ته ”جنهن هن سائينءَ کي نه مڃيو ۽ منجهانئس عيب ثواب ڪڍيا، تنهن جو حال ڏسو ته گهر کي باهه وڪوڙي ويئي اٿس!“ انهيءَ نموني ماڻهن جو زوريءَ پاڻ ۾ اعتقاد رکائي، انهن ڌيچوڙن لاءِ ڪي سوڻ سڳڻ مقرر ڪري ڇڏيا، جي انهن جي سٽن پيڙهين تائين هلندا آيا ۽ هلندا اچن:

سائي سومار ڏينهن سهاڳڻ زال تيل ميٺ ڪري نه وهنجي، ٿي شيون ڪنهن کي به نه ڏجن،
ڏيءَ ڏند ڪرتي ته نياڳ، پٺ ڪرتي ته سپاڳ!

وري ڪن ڪارخانيدارن يا زميندارن ماڻهن جي اٽاٽ ۽ ڪم جي سرسائي ڏسي، چالاڪ ماڻهن کي هٿ وس رکي، انهن جي معرفت جاهل ۽ وسوڙلن مزدورن، ڪمين، ڪاسبين ۽ هارين نارين ۾ مشهور ڪرايو ته: هڪڙا ڏينهن سعد يعني سڀاڳا ۽ ٻيا ڏينهن نحس يعني نڀاڳا اٿوَ، تنهنڪري جمعي جي ڏينهن ڏکڻ طرف نه وڃجي ۽ منهن ڪاڻ يا فاتح خواني نه ڪجي، اربع ڏينهن اتر طرف نه وڃجي نه ته وڏو نقصان رسندو.

ساڳيءَ طرح ڪن حرفتي زالن به پنهنجن ٽوڻن، تائيٿن (تعويز) ۽ ڳنڍين ڌاڳن رسن تي اعتبار رکائڻ خاطر عوام ۾ هينءَ پکيڙيو ته: ٻار کي نظر ٿي لڳي، ديون پرين جو چانولو ٿو پويس، پوءِ ٻاراڻو يا ديجڙو ٿو ٿئيس وغيره.

وهمن جو زور شور ڏسي چالاڪ ماڻهن جو به حرص وڌڻ لڳو. ڪن منڊين جي ٻڙن لاءِ پڌرو ڪيو ته هنن ٻڙن سان ماڻهن جون قسمتون ڳنڍيل آهن، ڪن وري خوابن ۽ بيمارين جا چڱا ۽ بڇڙا ويچاڻا يعني تعبير ڪيا، ڪن بيمارين دفع ڪرائڻ لاءِ ڪڪڙن ۽ ڇيلن جا ڪاڌاڻا ڪڍايا، ته - واٽن تي تيل هارايا ۽ پڙهيا يعني ڪامڻ ڪڍائڻ جون صلاحون ڏنيون!

ملن وري بيمارين جي علاج ڪرائڻ عيوض تپُ ٻڌائڻ، فال وجهائڻ، تائيٿ لکائڻ جا طريقا ڏسيا.

نيٺ ته پوءِ ڪي رمال ۽ نجومي به نڪري ظاهر ٿيا، جن وري گرهن ۽ سيارن جي اڳيان پويان هئڻ جا ٻپ چاڙهي، ماڻهن جون مٽيون منجهايون.

هن دنيا ۾ ڏسڻ ۾ آيو آهي ته جيڪي سست پنهنجي زندگي سهنجي گهارڻ جا خواهشمند هئا، تن هميشه اناڙين ۽ ابوجهن کي پئي برغلايو آهي. اهڙين حرفتن ۽ حرڪتن ڪرڻ سان پرم ۽ وهم ماڻهن جي مٿن ۾ کپ کوڙي ويهي رهيا. هاڻ انهن جو علاج ڪرڻ نه رڳو مشڪل، بلڪ محال به ٿي پيو آهي. اهو ته ڪيئن دفعا ٻڌو سڻو هوندوَ ته فلاڻي جاءِ، فلاڻو وڻ ۽ فلاڻو مقام ڏاڍو ڳرو اُگرو آهي! هاڻي ڏسڻو آهي ته ڏاڍو چون ڇا کي ٿا؟ ورندي آهي ته: انهيءَ ۾ جن آهن. چڱو، جي جن آهن ته اهو وڻ وڍي ڇڏيو ۽ جاءِ ڊهرائي ڇڏيو ته ڪٿڪو ۽ اُلڪو لهي وڃي! حجت ڪندا: ڏاڍي جاءِ ۽ ڏاڍي وڻ کي ڪيئن ٿو وڍائي ۽ ڊهرائي سگهجي، جتي جنات گهر ڪيو ويٺي آهي؟ جن هٽي ماري رکن! جڏهن انسان کي الله تعاليٰ سڀ شيءِ مٿان قادر ڪيو آهي ۽ اشرف المخلوقات جو لقب ڏنو آهي، ته پوءِ جنن کي خود انسانن جو خوف ڪرڻ گهرجي، پر نه آدم کي جنن کان ٻپ هجي! مرڻ جو ڏينهن هڪڙو مقرر ٿيل آهي. ان ڏينهن ئي مربو. باقي ٻئي ڪنهن کي مارڻ جي طاقت ڪانهي. ڇا اهو ڪونه ٻڌو اٿوَ ته ”موچڙن کان ته جن ئي

پڇيو وڃن!“ تڏهن به توهان کي ايڏي بزدلي الائجي ڇو!(1)

وهمي ماڻهوءَ کان دنيا جو ڪوبه ڪم ڪار ڪونه پڇي سگهندو. ٿوري گهڻي ڏينهن سندس وهم وڌي وڃي سوداءَ جي درجي تي پهچندو. اهو ماڻهو گهر ۾ ويٺي ويٺي پاڻهي پاڻ کي پيو ڊيڄاريندو ۽ پاڻ کي بيمار ۽ بيڪار بنائي رکندو. پور پچائي پچائي مٿي نگاهه ڪري دانهن ڪندو ۽ اهو اُٿ مٿي ۾ پيدا ٿيندس، ته جي اها ڇت منهنجي مٿان ڪري پوي ته پوءِ آءٌ ڪهڙيءَ واهه ويندس، هٿ ۾ ڪليل چاڪو يا ڇري ڪٽي چوندو ته جي هيءَ منهنجي پيٽ ۾ لڳي وڃي ته آءٌ ته اُقت مري پوندس، وري پٽ ڏانهن ڏسي ڏسي چوندو ته جي اها پٽ ڦاٽي پوي ته منجهانئس ضرور به اکيون ڏسڻ ۾ ايندين. اهي لاشڪ ته ڪنهن ديوَ جون هونديون وغيره! ڏسو ته اهڙي قسم جو ماڻهو ڪيڏا نه خطرناڪ اُبڪا دل ۾ سانديندو وتي! انهن وسوسن جي ڪري پاڻ ته گيدي، ڪانئر، بزدل ۽ ضعيف نحيف ٿيو پيو گذاري، پر سڄو گهر ئي سورن ۾ وجهي ٿو ڇڏي! ڪوبه ماڻهو، هن سان ڳالهائي ساءُ نه لهندو. ڇو ته وهمي ماڻهو، هرڪار ۾، هر ڳالهه ۾، هر وهنوار ۾ وهم ئي وهم پيو ڇاڻندو. تنهنڪري ان جي دل توڙي دماغ جو علاج ڏري گهڻ ناممڪن ٿي پوي ٿو. جي توهان سندس ٻڪي ڦڪي

ڪنهن ويچ يا ويد کان ڪرائي ڏسندا، ته يڪدم اوهان کي چئي ڏيندو ته اهو دوا ۾ زهر ملائي ڏي ته پوءِ؟ اهو حڪيم منهنجو دشمن هوندو. توهان مون کان بيزار ۽ ڪٿا ٿيا آهيو....؟ ان نموني اٿلندو علاج ڪرائيندڙن جي به دل سست ڪري وجهندو. ”دنيا جي سمورين قومن، قبيلن ۾ سنوڻ ۽ ساڻ ڪيا ويندا آهن. انهن سمورن سَنوڻن جو بنياد انسان ذات جي ازلي وهمي فطرت آهي.“

ماءُ منهنجو جندڙو، ڪنيو خيالن
ڪوڙن، ڪذابن، ڏاگهن ڏڏي آهيان(1) (پٺائي)(2)

-------

**الف ـ وهمن جا وسيلا**

**عام وهمن جو وستار:**

ڪنهن به اميد پوري ٿيڻ واسطي جنهن ۾ شادي ٿيڻ، پٽ ڄمڻ، بيماري ڇڏڻ لاءِ پيرن فقيرن ۽ قبرن مقبرن، وڻن ٽڻن ۽ دريائن تي مڃتائون مڃين، پيٺائون پيٺين ۽ سکائون سـُـکين ۽ باسون باسين!

ڪي وري امام ضامن جو سوا روپيو، پنج آنا ۽ يا پنج پئسا ڳاڙهي اڳڙيءَ ۾ سبي تائيٺ ڪري، ٻانهن جي ڏوري ۾ ٻڌن. جڏهن مطلب پورو ٿئين تڏهن ان رقم جي مٺائي وٺي ورهائي ڇڏين.

Gul Hayat Institute

ڪن ڪن سڪائن ۾ ڦنبر، پڙ، جهنڊ (جاد)، ديگ پٽ جي، مٺائي، روٽ ۽ ڏيندا آهن.

ڪي وري ميتا ميڻ ۾ مشڪلڪشا (علي رضه) جو سوا پهري روزو رکن. اهو روزو رات جو رکي صبح جو سج اڀريي جو ڪاري ٻاڪ ۽ پڳڙن تي ڪولي چڙين.

ڏيءُ يا پٽ ٿيڻ بابت سَنوڻ:

پيٽ ساڻ زال، ٻار جا رلڪا اڳوات سبندي آهي. جي رلڪو چوٿو ۽ چورس ٿيو ته ڏيءَ ڄمندي ۽ جي ڊگهو ۽ مستطيل ٿيو ته پٽ ڄمندو، رلڪن پٽريندي جي ڪو اوچتو چوڪر گهر اندر لنگهي آيو ته پٽ ڄمندو 7 سالن جي ڪا نينگري اندر آئي ته ڏيءُ ڄمندي.

آهيڻي زال جي اُٺي هلڻ مهل پهريائين جيئڻو (ساڄو) پير کنيو ته پٽ پيدا ٿيندو ۽ جي ميئڻو (کاٻو) پير کنيائين ته چوڪري پيدا ٿيندي. هلڻ مهل اُچت پير کنيئاين ته چوڪرو ٿيندو ۽ جي گهلجي گسرائي وک وڌائين ته چوڪري ٿيندي.

ڳپوراڙي زال، سونهن ڪڍي، ته نياڻي ايندي، پر جي ڪوجهي ٿي ۽ بدن ۾ ڳرندي ويئي ته پٽ ايندو.

ڪي وري زالون هن نموني آزمودا لهنديون آهن: ڳرڪـُريءَ زال [پيٽ واري عورت] جي مٿي تي ڪک يا ڪپه جو ٻڙو اهڙيءَ طرح رکنديون آهن، جيئن کيس سماءُ نه پوي. پوءِ جي سينڌ مٿان هٿ ڦيرايائين ته نينگري، ۽ جي

نڪ چپ تان هٿ گهمايائين ته نينگرو. هڪڙي ٿانءَ هيٺان ڪئنچي ۽ ٻئي ٿانءَ هيٺان ڪپَ يا چاڪو ڍڪي رکنديون ۽ ڍڪي زال کي چونديون ته هنن ٻنهي مان هڪڙي ٿانءُ کڻي سنئون ڪر. جي قئنچي وارو ٿانءُ اُٿلايائين ته ڌي ۽ جي ڪپَ وارو ته پوءِ پٽ.

گرڀڻي زال جي اوائلي ڏڄ مان به ڪجھ جا پها پري، پاڻيءَ پريل ٿانءَ ۾ وجهن جي پها ٻڏي ويا، ته پٽ ملندس، جي ترندا رهيا ته ڌيءَ، ڳورهاڙي جي ڏڄ جوگوهو پٽ تي هڻائين ۽ ان جي مٿان پاڻيءَ جي لار نائين، جي ڏڄ پٽ تان ميسارجي ويئي ته چوڪري ۽ جي بيٺي رهي ته پٽڙو، ساڳي طرح به - جيئي زال جي ڏڄ، تريءَ تي ڇڊو ڪري، ان ۾ماڪوڙي ڇڏين، جي ماڪوڙي تري نڪري ويئي ته پڪ نينگري اٿس ۽ جي ڦٿڪي ڦٿڪي اتي مري ويئي، ته پيٽ ۾ نر ٻار اٿس.

اهي آزمودا يا پرکون ان ڪاڻ وٺنديون آهن، جو چون ته پٽ - ماءُ جي ڏڄ ڳوري ۽ گهاٽي ٿيندي آهي ۽ ڌي - ماءُ جي ڏڄ ڇڊڙي ۽ هلڪي ٿيندي آهي.

ڳورهاڙي زال جي ڏڄ ڌهي وٽي ۾ وجهي ته - واٽي تي رکن، جي پهريائين ڪو مرد يا چوڪر اچي لنگهيو ته نر اولاد ڄمندس، پر جي ڪا عورت يا چوڪري اچي لنگهي ته مادي اولاد ملندس.



Gul Hayat Institute

چون ته جيڪو مرد رات جو ڪٺ جي ٽانگهه [واڏڻ] چڪيندو، ان کي ڏيون ملنديون.

**ٻار صفا نه ڄمي ان جا سـَنوَڻ:**

ڪنهن ويائل زال جي گرم اورَ (چِر) تي سڪڙيات زال چڙهي ويندي ته سنڪا ٿيندي.

**پٽ ڄڻڻ جا خاص سنـوَڻ:**

پيٽ سان زال، نئون ڪپڙو ٽئين، پنجين، ستين ۽ نائين يعني اِڪي انگن وارن مهينن ۾ اوڍيندي ته پٽ کي جنم ڏيندي، سج لهڻ کان پوءِ به جيئي زال نه ڪنهن گهاٽ يا تڙ تي وڃي، نڪي پاٽي پرپ پري. قبرستان يا مئي ماڻهوءَ جي جنازي تي به نه وڃي، نڪي رات جو ڪنهن قبرستان وٽان لنگهي. پر جي اهڙي ڳورهاري زال اوچتو ميت تي وڃي ته جوڙيءَ يعني ڪفن جو ڌاڳو ڪڍي چيچ سان ٻڌي ڇڏي.

ڪي ٻار جو پڳل ڏند ڪپهه ۾ ويڙهي ڪڏ تي اُڇلي چون ته ڏسون اول ڏند ٿو ڄمي يا پٽ ٿو ڄمي:

حامله جي سوانجهڙي [سهنجڙي] جون شيون اڪي مهيني ۾ وٺبيون ته پٽ ٿيندو.

ويم ڪرڻ ۾ دير پوڻ جا سـَنوَڻ:

Gul Hayat Institute

گل مريم، جو عرب ملڪ مان حاجي سڳورا تبرڪ ڪري آڻيندا آهن، سو سوريتيءَ جي سيرانديءَ کان پاڻيءَ جي پريل ٿانءَ ۾ وجهي رکن، گل ڦٽندو ته ويم يڪدم ٿي ويندو. سوانجهڙي واري زال جو مڙس، ڇٽيندڙ زال جي وڇاڻي وٽان ادائي ٻرانگهون سامهون هلي، وري ادائي ٻرانگهون پوئتي هٽي اچي سهنجي يا ڇٽڻ لاءِ دعا گهرندو ته جهٽ ڇوٽڪارو ٿي پوندو. ويم جي تڪليف کي آسان بنائڻ لاءِ حلال جانور ذبح ڪرائي، ان جي رت جا ڇنڊا سوريتيءَ جي نراڙ ۽ ٻاهرئين دروازي تي هڻائيندا آهن. جنهن جاءِ ۾ ويم ٽيڏو هوندو آهي، ان جي ڇڻي ڪنڊن تي پيٺل ڪارا مرچ ڇٽي ڇڏين. هڪڙيئي هٿ ۾، ستن گهرن مان ان جا داڻا پني، اهو اَن هڪ ئي هٿ سان جنڊ ۾ وجهي پيهي، ماني پچائي کارائينس ته جلد پاسا آجا ڪري. ستن قسمن جا اَن گڏي، جهوليءَ ۾ وجهي ڪنهن مادي گڏه جي اڳيان جهولي جهلي بيهن، گڏه کائي جڏهن ڦونگهارو هڻي ته باقي بچيل اَن جا داڻا ڳڻين. جيترا داڻا، جنهن جنس جا گهٽ بچندا، اوترا ڏينهن ويم ۾ دير پوندي. پسيءَ جو وَٽو منجيءَ هيٺان رکي، ان منجيءَ تي سوريتيءَ کي ويهاري، ستن کوهن جو پاڻي آڻي ملائي وهنجارين ته جهٽ شفاياب ٿيندي. ويم ۾ چرڪائي ٿئي ته چون ته ڳرڪُريءَ ڪنهن گهوڙيءَ جي پچاڙيءَ واري رسي اورانگهي آهي.

ويم جي سوڪائي لاءِ:

ويم وقت، گهرجي اڳڻ ۾ زالون گول چڪر ٺاهي ويهنديون آهن، ته جلد هٿ پير لهي، خاص طرح ستين، سترهين ۽ ستاويهين تاريخ تي ويم سٺائو ٿيندو آهي.

چون ته حامله زال مينديءَ ۾ هٿ وجهندي ته ٻار گونگو پيدا ٿيندو!

**چم بابت چوڻيون:**

ذيءَ، سئين پيرين ڄمندي آهي، پر پٽ اونڌو، ذيءُ جو ڄمڻ نڀاڳ ۽ پٽ جو ڄمڻ سڀاڳ ليکيو ويندو آهي. پوڻيٺي [پهرياتي] جي پٽ ڄمڻ تي هلائين ته ذيءَ ڄائي آهي. [متان دماغ تي خوشيءَ کان اثر ٿئيس]. ڪا سيڪڙيات [سڪايل] جا پٽ جي مٿيءَ جي پنوڙي ملڻ ڪاڻ آتي هوندي، ته ان کي جي ذيءَ ڄائي ته به چوندس ته پٽ ڄائو اٿيئي جيئن دل هول نه ٿئيس.

ٻار ڄمڻ کان پوءِ جا سَنوَڻ: ڪي قبيلا نئين چاول ٻار کي، ڀاڻيءَ ۾ گڏهه جي لڏ وجهي پوءِ وهنجارين. ڪي سون يا چاندي ڀاڻيءَ ۾ ڌوئي اهو ڀاڻي ٻار مٿان هارين ۽ ٻيا به انهيءَ ڀاڻيءَ سان ڌوئارائي پوءِ ٿڃ پيئڻ ڏين. ٻار جو سوني منڊي يا ڇلي سان وات ڪڇين ته ننڍو ٿئي.

پٽ ڄمڻ تي ٻاهرين دروازي جي سردري ۾ نم جي ٽاري ۽ بصر جي ڳنڍ، ڪجَ کان ٻڌي ڇڏين. در جي چانئٺ

وٺ ننيڙي ڪڏ ڪوٺي پاڻيءَ سان پري چڙين. ان ۾ ڪارا مرچ به گڏين. جئن لاڻ نه لڳي ۽ ٻاهران ڪو اوٺو يا مٺي ميرو ماڻهو اندر اچي، ته پير پسائي پوءِ اندر گهڙي. ڏيءَ جي اورَ چلھ ۾ يا دلي هيٺان ۽ پٽ جي اورَ گهڙامنجيءَ هيٺان يا ٺه - واٽي تي ڪڏ ڪوٺي پوري چڙين. ويم واري گهر ۾، مٽڪن وارو يا مالها وارو ماڻهو اچڻ ڪونه ڏين. پر حيض واري زال به گوشو ڪندي آهي. نڪي گهوڙيءَ جا سنج اندر رکڻ ڏين جيستائين ڪ ِ چلو (چاليهو) پورو ٿئي. ڪي ماڻهو ويائل زال ۽ ان جي نئين ڄاول ٻار کي گڏه جو ليڏوٽو پاٽي ۾ نيوڙي وجهي ۽ ان ۾ تلوار جي ڌار گهي پيارين. ان لاءِ چون ته ماءُ کي اهو پاٽي پيارڻ ڪري ان جو اثر ٿڃ رستي ٻار ۾ پهچندو ۽ اهو ٻار وڏي هوندي تلوار جي ڌڪن جي پرواهه نه ڪندو ۽ گڏه جهڙو نڙ ٿيندو.

ٻار جو نالو رکڻ:

ڪي بروقت رکن، ڪي ٽئين ڏينهن ۽ ڪي ڇٺيءَ تي (پٽ جي حالت ۾ ڇٺيءَ تي نالو رکندا آهن).

**آچر ڏينهن ڄاول ٻار جو نالو:**

آچار يا آچر، سومر ڏينهن، سوامر يا سومر، اڱاري ڏينهن، اڱڻ يا اڱاريو، اربع ڏينهن، اربو يا ارباب، خميس ڏينهن، خميسو، جمعي ڏينهن، جمعو يا جمڙو رکيو ويندو آهي.

Gul Hayat Institute

**هندو ماڻهو ڏينهن جي نالن تي:**

منگل مل، ٻڌر مل ۽ جمڙو مل نالا رکندا آهن.

**محرم واري مهيني ۾ ڄاول ٻار جو نالو:**

محرم، صفر واري مهيني ۾، صفر، ربيع الاول واري مهيني ۾، عرس (هن مهني کي عرس، يعني نبي ڪريم صه جن جي ڄمڻ يا خوشيءَ وارو مهينو چون)، ربيع الاخر واري مهيني ۾، ٻارو، يار محمد، ٻارل، (1) رجب واري مهيني ۾، رجب، رجو ۽ رجب علي يا لکانو، لکيءَ ڏنو ۽ لکو. (2) شعبان واري مهيني ۾، شعبان، شعبان بخت، برادي(3) ، شبراتي، رمضان واري مهيني ۾، رمضان، رمو، شوال واري مهيني ۾، شوالو، ذوالحج واري مهيني ۾، حاجي، حاجن، حاجو ۽ ڏين جا نالا حاجاڻي ۽ حاجو ۽ حاجل رکن، عيد رات ڄاول ٻار پٽ جو نالو عيدو، عيدن ۽ ڌيءَ جو عيدَ، ڪي وري موسمن وارا نالا رکن سانوڻ، سارنگ، بادل، ملهار ۽ مينهن ۾ ڄاول جو نالو مينهل يا مينهون پڻ رکن.

Gul Hayat Institute

**باس باسيل ٻارن جا نالا:**

پيراڻو، پيرو، پيران ڏنو، (پيران ڏتي) پير ڏنو، شهڏنو (شاهڏني)، شاهو، شاهن، فقيرو، فقير بخش، قلندر بخش، شهبازي، لال ڏنو (لال ڏني)، سڪيلڏو، مگيلڏو (سڪيلڏي،

مڱيلڏي) پنيلڏو، پينيل، سڪو، سڪٽو، مڱڻ، مڱيو، پنيو، هندن ۾ دولهہ ڏنو، موٽيو دريانو وغيره.

**اميدن پريا نالا:**

تورپيو، اوپايو، الهہ بچايو، (بچائي) نيپندو، جيئندو (جيئندي) سگهو، حيات (حياتان) وسايو (وسائي) جيئو (جيئان) جڙيو، الهہ جوڙيو، الهہ رکيو (الهہ رکي)، الهہ ورايو (ورائي)، بنرو، بنو، سکيو (سکي) ستابو (ستابي) پوڙهو (پوڙهي)، پريو، چٽو (چٽي) متارو (متاري)، مچندو (مچندي)، ساهو، سپاڄو (سپاڄي) ۽ ماڪرپيو وغيره نالا رکن.

**ڳرا نالا:**

ڪي ماڻهو پنهنجن وڏن جا نالا ڪونه رکن، چون ته ٻارن کي انهن نالن وٺي چوڻ سان، جڏهن ڪرڻ سان وڏن جي نالن جي بيحرمتي ٿيندي. ڪي چون ته انهن جا نالا ڳؤرا آهن، ٻار بيمار ٿي پوندا ۽ اهو نالو رکيو وڃي، ته پيو به لاڏڪوڏ جو نالو ضرور رکڻ گهرجي. ڪنهن بيمار جو نالو ڪونه رکن، وسوسو ٿئين ته متان اسان جو ٻار به بيمار نه گذاري. ڪنهن بخيل، ڏوسي، ڪنجوس ۽ بدنام جو نالو ڪونه رکن، متان اُن جي نالي جو اثر ٻار تي پوي. ڪنهن نپٽي نانگي جو [جنهن کي اولاد نه ٿئي] نالو ڪونه رکن، ڏڻ ڏيئن جو هجي، ان جو نالو رکڻ به عيب سمجهن، جنهن جو نالو مشهور آهي ۽ ڳوٺ جو چڱو

مڙس، سردار، پٽيل، نواب، مير، پير، مرشد ۽ مالڪ هوندو ته ان جو نالو هن جي ڪاوڙ جي پوڻ جي ڊپ کان ڪونه رکن. يا چون ته جيئرن جا نالا جيئرن تي ڪيئن رکبا! جيڪو جواني ۾ گذر ڪري وڃي ان جي نالي رکڻ کان به پاسي ڪن.

**ٻار جي حفاظت جا سَنوَڻ:**

ٻار جو هنڌ اگهاڙو ڪونه ڇڏين، ٻار کي جي اگهاڙي هنڌ تي سمهارين ته پهرين هنڌ کي ٿي ڏَڪ يا ٿي ٺڪون هڻي، پوءِ ٻار سمهارين. سٺل ٻار جي سيرانديءَ ڪپ يا ڪاتي يا ڏوئي رکي ڇڏين، جي اهي هٿ نه اچن ته لوهه جي سيخ يا ڪو لوهه جو ٽڪرو رکن، جي نه ته غئبات جو اثر ٿيندو.

ٻار کي سمهارڻ واري هنڌ جا سَنوڻ:

وچ هنڌ ۾ وهاڻو رکي ڇڏين، مٿان اوڇڻ وجهي هنڌ ڍڪين. ڪاٺ جي پٽي يا ڦرهيءَ (فرحي) تي ”ياسين“ قرآن جي سورت لکائي، پينگهي جي سيرانديءَ سرائي ۾ لڙڪائي ڇڏين. ڪي وري سڪل ڪل ڇاهي جانور جي ڪندن واري، پينگهي جي سرائي ۾ ٽنگين يا ٻگهڙ جي ڪل جو ٽڪرو يا تائيٿ لکائي، ٻار جي ڳچيءَ ۾ ٻڌن. ٻار کي چانڊوڪيءَ ۾ يا هونءَ به اڪيلو ڪين ڇڏين، متان مٿس پرين جو پاڇو پوي!

**ٻار جي روج راڙي بند ڪرڻ جا سَنوَڻ:**

رات روئڻي، هڪڙو جيت آهي، سو جيئرو جهلي، سڪائي، اڳڙيءَ ۾ ويڙهي، ٻار جي ڳچيءَ ۾ ٻڌي ڇڏين. ست آگر پاٽيءَ جي لوٽي ۾ وجهي، ٽڪار مهل يعني سانجهيءَ جو ٻار مٿان گهوري، اهو پاڻي ته - واٽي تي گول دائري ۾ هاري، وچ تان مٽي کڻي، ان ۾ ست ڳڙيون ڦٽڪي يا ست ڪٽا لوڻ ۽ ٽي ڳاڙها مرچ ملائي، وري به ٻار مٿان ست اُبتا ست سبتا ڦيرا ڏيئي، گهوري، اهو ڪمام باه ۾ ساڙين.. صبح جو اهو ساڙ ۽ ڦٽڪي ڪڍي، ته - واٽي تي وجي ڦٽي ڪن. مهاڻن جو مڇيءَ ڦاسائڻ وارو ڄار، ستل ٻار جي مٿان پکيڙين. ٻارَ جي سيرانديءَ هيٺان ڏينهن جو ڏيئو ٻاري رکن ۽ رات جو اهو ڏيئو ڪاڪوس ۾ وجي اُجهائين. ۽ چون ”ٻار نه روئي، ڏيئو ٻري“ ٽڪار ٽاني يعني سج لٿي مهل اشهد آگر دانگي يا تئي جي پٺ تان ڪاري ڪري، ٻار جي منهن تي لينگهو ڪڍن. ٻار جا رلڪا اُس ۾ سُڪندي، جڏهن سج اورانگهي وڃي، يعني سج اُڪري وجي ۽ اتيئي پيا هجن، ته اهي کڻي، شام جو ورندڙ چؤپايي مال خاص طرح ٻڪرين جي پيرن ۾ اڇلي وجهن، جي مٿانئن وڪون واري وڃن، اهڙن رلڪن تي سمهڻ ڪري ٻار جي راڙ بند رهندي!

**ڪُهائي:**

ڪُ معني خراب + ويائي معنيٰ ويم. جيڪو ٻار پورا مهينا ماءُ جي پيٽ ۾ روڪجي نه سگهي ۽ اڳ ۾ ئي ضايع ٿي پوي، ان کي ڪُـهائي يا اسقاط حمل چون. اهڙي ٻار ڪيرائيندڙ ماءُ لاءِ چون ته ڦسڪڻو روح اٿس يعني خسيس شئي تي سڏ ڪري ٻار ڪيرائيندڙ آهي.

**کهائيءَ جي روڪ جا سَنوڻ:**

خچر جي ڳچيءَ ۽ پڇ جا وار ڪتري، سڳو وٽي چيلهه ۾ ٻڌجي، ٿامي جا سڪا نوَ (9) يا يارهن (11) ٽنگ ڪري پوئي يا ڳوٿريءَ ۾ سبي چيلهه سان ٻڌجن. گهوڙيءَ اڳيان ٻه ٿويا ڪوبه اناج رکجي، ڪائي جڏهن اڌ تائين پهچي ته اهو اَن کڻي وٺجي، وري پاڻيءَ جي بالٽي يا ڏول پريل اڳيان رکجيس. پاڻي پي جيڪو بچائي، تنهن اوباري پاڻيءَ ۾ اهو اناج ڌوئي سُـڪائي، اها کهائي ڪندڙ زال خود پنهنجي هٿ سان اناج پيهي اٽو ڪري. پوءِ ان پيٺل اٽي جي چپٽي، روز ڪاڇرو اٽي سان ملائي، ٻار سرجڻ يا سجرڻ واري ڏينهن کان وٺي، ويندي ويامڻ تائين اهو کائيندي رهي. اها زال صابڻ سان بدن مهٽي نه وهنجي، نه ڪپڙا ڌوئي. مکڻ نه کائي نه اُن کي هٿ لائي. ڪنهن جانور يا عورت جي ويم کي نه ڏسي. گهٽو نه گهمي. ريشمي ڪپڙا نه پائي. لوهه جي ڪڙي ٺهرائي ڏائي پير ۾ وجهي چڙهي.

**ٻار نه بچي تنهن جا سَنوڻ:**

جڏهن ڪو ڪاج ٿئي ته سڪڙيات ماءُ مردن جي چني ۾ اچي گونگي ٿي هٿ ٽنگي ٻيهي، پوءِ جيڪي مليس يا عيد ڏينهن عيد گاه تي وجي در اڳيان گنگي ٿي ڀني اتان به جيڪي مليس، انهن پئسن سان ٻيا پنهنجا پئسا گڏي سونو جيئندڙو [ڪنَ جوڳهِ] ٺهرائي ڪنَ ۾ وجهي ڇڏي. جيڪا زال پاڻ چنو يا عيدگاه ڀني ڇڪي هجي، سا پاڻ ٻيءَ اهڙيءَ سڪڙيات کي ڪجھ به نه ڏي! سڪڙيات مئل ماڻهوءَ جي گهر تيستائين نه وڃي، جيستائين جنازو ڪچي وجي ۽ ڪڙي ڪني يعني مئل ماڻهوءَ جي ڪانڌيي جو پٽ، ٽيجهو، ختمون، ٻاراهو وغيره نه ڪائي. ڪنهن سهاڳڻ يا ٽڏي پيٺ واري زال (جنهن جو ننيڙو اولاد ڪڏهن نه مئو هجي) تنهن ڪان سندس اوڏڻ واري ڪپڙن مان ڪو ٽُڪر وٺي، ان جو پوتاڙو يا رلڪو ٺاهي اڳواٺ رکي. ٻار ڄمڻ مهل ان ڪپڙي ۾ ويڙهي وٺجي يا ڪيس صفا ڪري، پوءِ ان ۾ ويڙهجي، ڦاٽڻ تائين اهو ڪپڙو ڪم آڻجي، ٻڌل ٻيڙي جي لوهه جي ڪڙي ٺهرائي ٻار جي پير ۾ وجهجي. ٻار جو نندي هوندي ئي مڱٽو ڪري ڇڏجي.

**ٻار جي ٻچڻ جا سَنوَڻ:**

ڪچو ڪُنو مٽيءَ جو وٺي، اُن ۾ اوَر وجهي، ڳاڙهي ڪپڙي سان منهن ٻڌي، ٻن قبرن جي وچ تي يا ٽن ائنئن جي مفاصلي تي وجي پوري ڇڏجي. ٻُڏيءَ ٻيڙيءَ جي لوهه

مان سڪڙيات لوھ جي ڪڙي ٺهرائي، ڏائي پير ۾ وجهي. وڏي ڪاغذ جي چوڏاري سورت ”ياسين“ لکائي، ان پني جو وچ گولائي ۾ ڪتري، جڏن ٻار ماءُ جي پٺيان نڪري ته ان ڪاغذ جي پور مان اُڪري اچي ٻاهر پوي. ڪنپار ڪان ڪچي مٽيءَ جي گرڻ ٺهرائي، چمندڙ ٻار ان جي خال مان لنگهائي ونجي، ڪي وري ڪوڙا ۽ خراب نالا ٻار جي بچڻ لاءِ مٿس رکندا آهن: ٿوھ، ليڏو، ڪبڙ، اڪ، نم، ڪرڙ، ڪندو، گهمڻ، ڪوڙو، مرچو، ڪانديرو، ٻير، لئو، ماڪوڙو، بصر.

ٻار بچڻ خاطر ان ٻار جي اورَ باھ ۾ ساڙي چڏين، اورَ مان سئي ڀوڙي، ان ٻار جو بولو يا نتڙي ڏائي پاسي ٽوپين، پٽ هجي ته نٿو، بولو، ناٿو، نٿر ۽ ڌيءَ هجي ناٿي يا بولي نالو رکن. ٻيا وري بچڻ لاءِ ٻار جا دُر باسين ۽ ڪن ٽوپين. ان جو نالو دُرو، دُورو ۽ چوڪري دُري ۽ دورخاتون ٿئي.

ٻار بچڻ ڪاڻ ٻار کي وڪڻڻ وارو سنوڻ:

ٻار چمڻ واري جاءِ کي جي دري هوندي ته ٺهيو نه ته هٿرادو دري پٽ مان ڪڍي، نئين چاول ٻار کي ناڙو موڙي پوءِ دائي يا ڪا سهاڳڻ زال دريءَ مان ڪڍي اچي گهر جي دروازي تي بيهي چوندي ته ”آءٌ هي ٻار وڪڻان ٿي، آهي ڪو وٺڻ وارو؟“ پوءِ ٻار جو مامو، چاچو، يا ڪو ٻيو مائٽ، چوندو ته هن جو ملھ ڇا آهي؟ مائي چوندي ته



Gul Hayat Institute

پاءُ بصرن جو يا لپ لوڻ جي يا چپٽي مرچن جي، پوءِ مائي ڪي انهن مان هڪ شئي پلاند ۾ ڏيئي ٻار اندر گهر ۾ ڪٽي ايندا. جي پٽ هوندو ته نالو: بصر، مرچو، لاٽو، وڪيو ۽ ڌيءَ هوندي ته بصران وڪائي يا ڪؤڙي سڏيندس. اهو ٻار جنهن شئي تي وڪاٽو هوندو، اها ڪڏهن به ڪنهن ڪي سوال ڪرڻ تي يا گهرج پوڻ تي گهر پاتي نه ڏيندا.

**پهرئين ٻار، ڌيءَ مٿان پٽ ڄمڻ جا سَنوڻ:**

پهرئين ٻار ڌيءَ ڪي مٿي جي پوئين حصي يعني ڪياڙي مٿان ڳاٽ جو گول چندو هوندو ته سَوَڻ ڳڻيندا ته هن ٻار مٿان پٽ ڄمندو ان چندي کي ”پڳ ور“ چون. جنهن ڪي پهريون ٻار ڌيءَ هوندي ته اهي سَوَڻ خاطر ڌيءُ جون والڙيون ڪونه ٺوپائيندا آهن، چوندا ته جڏهن پاءُ ڄمندس تڏهن اهو پاٽهي واليون ٺهرائي ڪنن ۾ وجهندس. ڪي ماڇهين نياٽيءَ جا ڪن ئي ڪونه ٺوپائين، جيستائين ڪِ پٽ ڄمي، جي ٻيو نمبر ٻار نه بچندو آهي ته، ٻئي ٻار جي ڄمڻ شرط انهيءَ جي پڻن تي مٿاڻ يا ڪنڊ مکي پهرئين ٻار کي چٽارائيندا آهن ۽ نئين چاول ٻار جو منهن پرڻ سان پهرئين کي ڏيکارين ته جيئن پاڻ ۾ ريس، حسد ۽ آڙو نه ٿئين. ڪي وري نئين چاول ٻار جي پٺيءَ مٿان ڏونگهي جهلي پوري پهرين ٻار کي کارائين.

**ٻار جي ڇُرپُر بابت وسوسا ئي ڳالهيون:**

جي ڪو ٻار ستي گهڻو مٿي پيو نهاريندو، چوندا ته سندس ڪپڙا يا رلڪا ڌوئي مٿي سڪڻا وڌا اٿوَ تنهن ڪري مٿي ٿو نهاري. ٻار آرس پيو موڙيندو يا ڪرَ پيو پچندو ته چوندا ته ڪپڙا زور سان نپوڙيا اٿوَ تڏهن پيو وٽ پيچ کائي! ٻار، ستي ننڊ ۾ نڙيءَ مان ڪو چيچاٽ ڪيو يا ساھ ڪٽندي ڪا سنهڙي سيٽي ٻُڌڻ ۾ آئي ته چوندا ته: ماڻس پيٽ تي (پيٽ ۾ هئڻ واري مدي ۾) ڪو پڪي رڌل کاڌو آهي، جنهن جو آواز پيو نڪري! ٻار جي پيٽ ۾ هوندي جي ٻارَ جي ماءُ ڪي پٿونءَ يا وڇونءَ ڏنگيون ته چوندا آهن ته انهي ٻار جي ڄمڻ تي، مٿس پٿونءَ جي ڏنگ جو اثر نه ٿيندو.

**گهڻا ٻار نه ڄمن، ان لاءِ سَنوڻ:**

ٻارن جي ماءُ آخرين ٻار جي اورَ مٿي تي رکي چوندي ته ”هاڻ مونکي ٻار نه گهرجن“.

**جلد جلد ٻار نه ٿيڻ جا سَنوڻ:**

ساهڙي وِيائل زال جا پائني ته ڪيس جهٽ جهٽ ٻار نه ٿئي. اها جنهن کٽ تي ستل هجي، ان جي ننڊ ۾ هوندي، انهيءَ جي کٽ ڪي ٽي پيرا ريڙهبو: اڌ وک ڪن اڳيرو ڏکي، وري چڏي ڏبي، وري ٻيو پيرو ريڙهي، ڇڏبي ۽ ٽيون گهمرو ڏڪبي ته پوءِ ان کي سگهو سگهو ٻار نه ٿيندو.

**ٿڃ وڌائڻ جا سَنوڻ:**

ٻار جي ماءُ ٻڪريءَ جي اوجهري رڌي ڍڪڻ ۾ وجهي ڪائي ۽ گهر کي ٻهاري به پئي ڏيئي. سهائي آچر ڏينهن ڦلا پُـجي، جهوليءَ ۾ وجهي ڦڪيندي به وڃي ۽ ٻهاري به پائيندي وڃي.

**ٽڪڙ ٻار جا سَنوڻ:**

ٽه+ ڪڙ يا ڪڙھ، ڪڙھ معنيٰ ڪک به آهي يعني ڪک مان ٽيون ٻار نڪتل. عام طرح پيٽ مان چاول ٻار کي زالون ڪک مان نڪتل به چونديون آهن، ڪي وري ان کي ٽپوڪڙ ٻار به ڪوٺين. ٽن ڌئين کان پوءِ پٽ ڄمي ته انکي ٽڪڙ پٽ چون، جو چون ته ناناڻن جي سُـڄ ڪري ڇڏيندو، ٽن پٽن جي مٿان ڌيءَ ڄمي ته ان کي ٽڪڙ ڌيءَ سڏين، اها به نڀاڳي ليکين. اهڙي ٽڪڙ ٻار جي نڀاڳائي دور ڪرڻ جي لاءِ ان جو مٿو ڪونه ڪوڙائين، نار جي پانديءَ مٿان چاڙهي ٻئي پاسي اُڪارين. ان جي ڄمڻ تي گهرَ جي نيساري مان تلي وهائين. ان کي ٻوڪي ۾ وجهي کوھ ۾ وارين، ڄمڻ وقت سڳي ٻڌي، جي اها نه هجي ته پيڻ يا ماسي يا چاچي سنل ٻار جي پاسي ۾ ناريل پچي ويٺلن کي ورهائي ڏي. چوڪري کي ٽن سالن تائين پٽڪو ٻڌڻ ڪونه ڏين. ڪي نڪ ٽوپين ۽ ادائين مهينن تائين ساڳيءَ جاءِ کان ٻاهر ڪونه ڪڍن، ٽڪڙ ٻار کي مُـنڊڻ ڪاڻ نانو يا مامو، ٻنان ڪاڏي پيتي جي لوهار کان لوھ جا ڪنگڻ هٿن ۾ ۽

Gul Hayat Institute

ڪڙيون ٻار جي پيرن ۾ وجهڻ لاءِ ٺهرائي اچي پائي. مامو يا نانو، ٺامي جو ٽڪو ڪٽارائي، ان مان ننيڙي وٽڙي ٺهرائي، تنهن ۾ ڪٽي مهٽي، ان ٻار کي کائڻ ڪاڻ ڏي. ٽڪڙ ٻار جي ڄمڻ وقت روهي يا ڪو پٿر پڇي چڏين.

**ٻارن جي اگهائي جا سَنوڻ:**

عام ماڻهن جو خيال آهي ته جي باسيل سُکان نه ڏبي ته ٻار بيمار گذاريندو. ٻار جي ماءُ ماکي کائيندي ته ٻار گونگو ٿيندو. ٻار جي ماءُ ڏونگهي کائيندي ته ٻار جوجهير (پيٽير) ٿيندو. ٻار جي پيٽ ۾ هئڻ تي جي سندس ماءُ تي جنازي جو پاڇو پيو ته ٻار کي ڪنگي يعني ٻاراٽي سله ٿيندي. ٻار رڳو پيو روئي يا اوندو سمهندڙ هجي ته ان کي نپاڳو ٻار ليکين!

ٻار سگهو نه ڳالهاءِ ته ڪانگن جو وٽاريل اَن کارائيس. ٻار کي گهٽي گگ ٿئي ته مانيءَ ٽڪر گگ مان ٻوڙي، ڪتن ڪانگن کي ڏجي. ڪپورَ ٽاندن تي پچارائي کارائينس. مُٽندڙ ٻار کي جنڊ جو پڙ چٽائين يا جنڊ جو نائو (اگڙي) پاٽي ۾ چنڊي اهو پاٽي پيارين يا ڳوهيل اٽي وارا هٿ ڌئاري پيارين. اُماڙي يا اُلانبيءَ تي پيشاب ڪرائين. رات جو ننڊ ۾ ستي ڏنپينس. ٻار ڪنڌ نه جهلي سگهي ته ٻڪريءَ جي ڪنڌي جو گوشت ماڻس کي کارائجي. پر چيله نه جهلي سگهي ته اُن کي سهائي سومار ڏينهن مامي

هٿان ست مهرين جا ڏڪ آهستي آهستي چيلھ تي هڻائجن يا ڪوسي ڪوسي ماني ڪنجهي جي وٽي مٿان رکي چڙجي ۽ وٽي ۾ جيڪو مانيءَ جو پگهر ٿئي سو ٻار جي چيلھ تي مکجي، تسبيح تي لک صلواتون پڙهائي ان تسبيح جو سڳو ڪڍي ٻار جي چيلھ سان ٻڌجي.

رات جو هنڌ ۾ هنگندڙ ٻار جا سَنوڻ:

اهڙي ٻار کي ڳابي يا ٻڪريءَ جي پٺيءَ تي ابتو ڪري ويهارين، يعني ٻار جو مهن جانور جي پوڇ ڏانهن ٿئي. اهو سَنوڻ شام جو ڪن ۽ نالو وٺي چون ته ”هي جانور هنگي رات جو ۽ ٻالڪ هنگي ڏينهن جو.“

**ڏانوڻ پيل ٻار جا سَنوڻ:**

جيڪو ٻار چئن - پنجن سالن جي عمر جو ٿي به پنڌ نه ڪري ته ان لاءِ چون ته ڏاوَڻ پيا اٿس، سي ڪپائي ڇڏيوس. ڏاوڻن ڪپڻ جو ڪرمٿ هيءُ آهي: سٽ جو رسو ٻار جي ٽنگن ۾ ونگي، مامي کي ڏاتو هٿ ۾ ڏين ته اهو سٽ جو پيل ڏاوَڻ ڪپيس. گهر ۾ پرپرو ٻُسري (ڳڙهاڙي) پاٿ سان ڍڪي رکن، مامو ڏاوَڻ ڪپي ٻُسري کڻي وٺي پڇندو. پاتي ٻالڪ کي چوندا ته: ڊوڙي جهلينس. جي ٻار انهيءَ مهل پوئتان نهاريو ته ٻڇڙو ٿيندو، جي مامس جي پوئتان پڇندي ٿاٻو کاڌائين ته سدائين ڏڪا ڏوما پيو کائيندو پر جي تکڙو هليو ويو، ته پڇڻ جو چوهو ٿيندو. ڪي وري هن

ڪرمٺ ۾ ٻڪن جي نوڙي ڏانوڻ ڪري ٻار جي پيرن ڪي ونگين ۽ مامي ڪان ڪپارائين. ٻار پنڌ ڪري ته ڪوهر ورهائين.

**ڏندن چمڻ بابت وسوِسا ئي ڳالهيون:**

چون ته ڪنهن به ٻار ڪي اول مٿيان ڏند چاوا ته ناناڻن جي لاءِ چڱا ٿيندا يعني منجهن ڪو ماڻهو مرندو يا پونگو پينگ ٿيندن.

**مرڻ بابت وسوسا ئي ڳالهيون:**

مهري اُپي ڪري رکبي ته ڪو ماڻهو مرندو. خواب ۾ ڏند ڪرندو ڏسبو ته به ماڻهو مرندو. خواب ۾ ڪنهن مئل ماڻهوءَ ڪاڏو گهريو ته صبح جو لولي پڪل تي بصر جي ڳنڍ ۽ مرچ رکي ڪنهن فقير کي ڏين يا جهنگ ۾ ڪنهن سائي وڻ هيٺ چڏي اچن. مئي ماڻهوءَ جي وهنجارڻ لاءِ جيڪو ميٺ پچن، سو بجاءِ ڪنهن ٻئي هنوڙي جي، مهري سان پچن، چون تهائين نه ڪبو ته مئو وري ٻئي کي پاڻ ڏانهن چڪ ڪندو. انهيءَ ميٺ جا (جنهن سان ميت ڪي تڙ ڏبو) پورا پهرين پاٽ ۾ وجهن پوءِ مٿان پاڻي نائي ميٺ پچائين.

**تيرهن تيزين (تيجين) جا سَنوڻ:**

گهڻو ڪري تيزيون يعني تڪيون تاريخون، انهن کي تيجون به چون. صفر مهيني جون پهرينءَ ڪان وٺي تيرهين

تاريخ تائين اهي تيز يا نحس تاريخون آهن. انهن ڏينهن ۾ ڪن خاص ڪمن کان گوشو ڪن. انهي تاريخن ۾ جيڪڏهن جي ڪي ماڻهو پاڻ ۾ وڙهيا ته سدائين ڪين ٺهندا. ڪنهن وٺ ڪاٺي جي توڻ ڪٽي ته ٻارهن مهينا پيو گاپاٽا ڪائيندو. انهن ڏينهن ۾ قرض ڪٽڻ، اوڌر ڏيڻ، سفر ۽ شادي ڪرڻ کان به لنوائيندا آهن.

**تيرهن تيزين ۾ مئل جا سَنوڻ:**

انهن تاريخن ۾ جيڪو ماڻهو مري ته ان جي قبر جي سيراندي توڙي پيرانديءَ لوهه جون ڪليون ڪوڙي انهن ڪلين ۾ چوڌاري اڇا سڳا ويڙهي تاڄي ڪڍي ڇڏيندا آهن، ڪي ٻنيءَ جي چوڌاري ننڍو ٻنڙو مٽيءَ جو ٺاهي پاڻيءَ سان ڀري ڇڏين. جنهن جاءِ يا پٽ تي لاش رکن ته اتي به ڪليون ڪوڙي ڇڏين. ميت ڪي جتي وهنجارين ان جاءِ کي ”حد“ چئبو آهي، اتي چريءَ وانگي ڪڏ ڪنيل هوندي آهي، ان ۾ اَڪَ جي ٿاري وجهي پوءِ لٽي ڇڏين. جيڪي زالون اُن جي پٺر تي سياڪو ڪرڻ يا پير ڏيڻ اچن ۽ جڏهن گهرن ڏانهن واپس وڃن ته سڀئي پنهنجون جتيون ڇنڊي، پوءِ پيرن ۾ وجهي گهر ڏانهن راهي ٿين، اتي پهچي پهرين پئيءَ يا موريزم وجي، پوءِ گهر ۾ اندر گهڙنديون آهن. ۽ مرد ماڻهو مقام تان موٽڻ بعد مرداڻي پٺر تان ٿي مسجد مان ٿي پوءِ گهر ويندا آهن. اهڙي مئل لاءِ چون ته ”قبر ۾ ڪفن ٿو

ڪائي، جي سَنوڻ نه ڪبا ته سپني گهر جي پاتين کي چِڪ ڪندو يعني سپئي لاڳيتا هڪ ٻئي جي پوئتان مري ويندا.

**پنجڪين مئل جا سَنوڻ:**

هر هڪ مهيني جي پنجين، پندرهين ۽ پنجويهين تاريخن کي ”پنجڪيون“ ڪوٺين. انهن تاريخن تي جيڪو مرندو تنهن سان به تيرهن تيزين ۾ گذريل واري ماڻهوءَ واريون پريون يا سڳڻ ڪندا آهن، جي اهڙي مئل ماڻهوءَ جي ڪٿي ڳالھ نڪتي ته زالون يڪدم چونديون ته ”شل قبر ڏي ڪن هجنس.“

صفر مهيني پوري ٿيڻ تي، هڪڙي گهڙي ۾ پئسو وجهي، اهو ٻاهر پچي ڇڏين. صفر مهيني ۾ به ماڻهو نه ڪنهن کي اُڌارو ڏين، نه اُڌارو وٺن. صفر مهيني ۾ تمام گهڻو لوڻ وٺي رکن. جيڪو ٻارنهن مهينا هلي، چو ته انهيءَ لوڻ هلائڻ ڪري توڻ ۾ گهٽتائي ڪين ٿيندي.

**سڪرات جا سونسا:**

ڌن واري يا دولتمند ماڻهوءَ جي سڪرات ڏکي ٿي پوندي آهي، ته ان جي ڇاتيءَ تي سون يا روپين يا نوٽن جون سٿيون يا ڳوٿريون جهلي رکي ڇٽڪائين ته ساھ سولو وڃيس. هندو ماڻهو پوٿي ۾ پيل يعني سڪرات واري کي چون ته ”پرائي پرڪر“ يعني ڪلمو پڙھ ته ساھ سولو

نڪرئي. ڪو ڪنوارو مرد گذرندو آهي ته ان جي هٿن پيرن کي ميندي لائي، لاش کي موڙ ٻڌي جنازو ڪڍڻ. چون ته هن جو لائنون قبر سان آهن.

حرف ڦيرائي چوڻ وارا سونسا:

خاص طرح زالون، ڪي حرف ۽ جملا ۽ لفظ سونسي پوڻ سبب ڦيرائي ڳالهائيندڀون آهن: رات جو ميٺ کي چون ”اچڙو“ لـُوڻ کي چون ”مٺو، ٽانڊي کي چون ”جاڳتو“، سئي کي سڏين سبٽي، بيمار کي چون ”سکالو“، سدا خوش، بي مزي، مار کي ڪوٺين ڊينب، ياسين سورت جو نالو ڪونه وٺن [چو ته سڪرات واري ماڻهوءَ تي پڙهي ويندي آهي] چون ته ”قرآن جي اها سورت جنهنجو نالو نه وٺجي“. ٻار پيٽان ڪري پوي ته چون ڪهائي، ڏيئي وسائڻ کي ڪوٺين ته گلڪر. گهر ۾ ڪير نه هجي ته چون ”خير ڪو آهي“. گهر مان نڪري وڃي ته چون ”اُسهيو آهي“. تپ کي چون ”ڪوسو“، ”ڪٽس لگ سچر“ يا لگ ٿيا اٿس يا تؤنس ٿي اٿس، ڪير هارڻ کي چون ڪير وڏاءِ چڏ. پٺ کي پٺين ته چون ”دشمن جو ڪنڌ پڄئي.“ ڇڳيءَ چال واري کي ”ڇٽيھ لڪٹو“ يا ماءُ ڪير پي جائو. مئل ٻار ڄمي ته چون ٿڌو ٻار يا وري آيو يا ڪير ڇٺو، يا ”سرڪتو“. ويامڻ کي چون ٻاسا آجاڪرڻ، يا هٿ پير لهڻ يا ڇٽڻ. ڊڪي يا پيٽ

سان زال کي چون ڳرڪري، ڳؤرهاري، ٻه - جيئي (ٻن ساهن سان) اميد واري، پيٽ واري.
ڪنهن مسجد، مقام، وڻ ۽ جاءِ جنهن ۾ جنن ڀوتن جو واسو سمجهن ته انکي ڏاڍو يا اگرو ڪوٺين، جنهن زال جو مڙس جيئرو هجي، ٿوري وقت ۾ اولاد نه ٿئيس ته سڏينس ”وَر سهاڳڻ“ هميشه لاءِ اولاد نه ٿئيس ته سنڍ، ور سهاڳڻ کي ڪو ڪپڙو يا زيور لاهي رکڻو هجي، ته چونس ته وڏاءِ رک! هلندي ٻار ڪريو يا ڏڪو ڪاڏائين ته چون اُٺ ماڪوڙي ماري وڏءِ! ڪو ماڻهو سڙيو ته چوندا ”ٺريو“ آهي، انڌي کي چون ”اکين وڏو“، ٻوڙي کي چون ”ڪنن ڳرو“ يا ”ڏيٻر“ چوري ڪندڙ ٻار کي چون ”پردي ۾ چاول“، ڪفن کي چون ”جوڙي“، گهر سجي ٿيڻ کي چون گهر مسيت، ٿلهي ٿيندڙ ٻار کي چون ”سڳا وڏا اٿس.“ اپري ٿيندڙ ٻار لاءِ چون ته ”سنڍي ماس جي نٿو چاڙهي، مري ويل نيڪ لاءِ چون چولو مٿايائين، اک پوريائين، جهان چڏيائين، پيالو پيتائين، برقعو مٿايائين، بهشت گهڙيو. ٿڃ ڇڏائڻ کي چون ٿڃ مٺي ڪرائڻ، گهڻو وقت سڪرات هلڻ واري جي نالي چون ”الله سان ڳالهيون اٿس، مئل لاءِ پير ڏيندڙ زالون چون ته وڃون ٿيون ”فلاڻي جي سک تي.“ ماڻهو ڪو جيل ۾ پيو ته چون ته ”فلاڻو ڏڪجي پيو آهي“. پوڙهي يا پيرسن ماڻهن ڪاڻ چون ته ٻه قبر ۾ پير لڙڪايو

ويٺو آهي، يا مانا ڪائي مٿي آيو آهي، يا پڳيءَ پر تي آهي، ٻپ ڏيارڻ واسطي چون ته ميان! مري ٻه - ٿپيءَ (قبر) ۾ پوندين. زالن کي دعا ڪرڻ لاءِ چون سداءِ چوٿي ٿڌي هونديءِ، [مطلب ته مڙس جيئرو هونديءِ، سدائين پئي وهنجندينءَ] ٻار ۾ ڪو عيب يا وڏ ٿي ته چون چنڊ گرهڻ ٿي اٿس يا پرين جو پاڇو پيو اٿس! ٻار کي دوا پيارڻ مهل چون پيءُ محبت جون سٽيون ڪُئن کي چون گهر ڏٽي، ٺنڙيا يا ٻدڙيا اونڌر (نه ته وڌي ويندا). بيماريءَ مان اُٿيل ماڻهوءَ جي پهرين وهنجڻ لاءِ چون صحت جو پاڻي نايو اٿس، سنئين لڳين ٿيو آهي يا پاڻ پرو ٿيو آهي.

**(ب) پرمن جون بيماريون:**

**علاج جا نمونا:**

لڳت جي حساب واري بيماري لاءِ، ميانوال فقيرن يا جنائي فقيرن کان جن ڪڍائين. ٻي بيماري لاءِ، ڪامڻ، پڙهيا ۽ ٻوه ڪڍائين. نانگ بلا جي چڪ جي لاءِ، مانڊو ويهارين. وچونءَ جي ڏنگ واسطي جهاڙ وجهائين. اک، ڪنَ ۽ ڏاٿ جي سور لاءِ ڪيئان ڪڍائين. بيمارن کي اوليائين جي قبرن تي جاڳو ڪرائين. مٿين جو پاڻي پيارين. عام بيمارين واسطي فالون وجهائين، تائيث (تعويز) لکائين، ڏاڳو ڦيٽوڪرائين. ڪنهن مسجد يا قبر تان هٿ ڦيرائي بت کي مکين يا قبر جي مٽي ”خاڪ“ ڪري ڪائين ۽ ڳاري پيئن،

چتي ڪتي جي چڪ واسطي شيخ ريحاڻ تان پاڻي پڙهائي آڻي پيارين ۽ سڄي بت کي مکين، جڏهن گهڻيءَ ۾ وڃي پوي ته نير ڀڏل ڪپڙو مٿانس وجهن ته مريو وڃي. سنڌن جي سُور، پيٽ جي سـُور ۽ ڪن جي بيمارين لاءِ ڏنڀ ڏيارين ۽ نجومن کي هٿ ڏيکارين.

**ٻارڙن جي بيمارين بابت ٻيا سنوڻ:**

ڪنگي يا ٻارن جي سلهه بابت چون ته ”ٻار کي ٻلي ٿي اورانگهي تڏهن اها بيماري ٿي ٿئي“. ٻار کي نڙ اولاربو ته ٻار سنهڙو ٿيندو، تنهنڪري اُلاريل نڙ کي چڪ هڻي پوءِ پٽ تي رکجي. مئل ماڻهوءَ جي جنازي جو ٻار تي پاڇو پوندو ته به ڪنگي ٿيندي. ڪنگي واري ٻار کي آچر جي ڏينهن ڪوريءَ جي آڏاڻي جي تر هيٺان ٿي پيرا اُڪارجي. ڪنگي واري ٻار کي آچر جي ڏينهن ٻين پاڙي وارن گهرن مان ڪٺ جا ٿانوَ آڻي انهن ۾ تورجي، ائين ٽي آچر جا ڏينهن لاڳيتا ڪجن. ڪنگي واري ٻار کي چٽن ۾ تورجي، اهي چٽا واهه يا کوهه ۾ ڦٽا ڪجن، پوءِ جيئن چٽو پاڻيءَ ۾ پيو ڦڏبندو، تيئن ٻالڪ ويندو ٿلهو ٿيندو. ٻلي جهلي، ڪنگي واري ٻار کي ان جي مٿان ويهاري وهنجارجي. ڪنگي واري ٻار کي جمعي جي ڏينهن مسجد ۾ آيل جماعتين جي جـُتين ۾ توريندا آهن ۽ ٽي پيرا ائين ڪن. سهائي سومر ڏينهن تي ڪنهنجي ڪٽڪ چورائي، اُها پـُسائي، ڏاڳن ۾

پوئي انهن جون سرون ٻار جي ٻچيءَ ۾ هٿن جي ڪرائن ۽ پيرن جي مرن مٿان ٻڌن. ڪي ٻار کي چانديءَ ۾ تورين، ته ڪي نمازين جي موچڙن ۾ تورين. سهائي سومر جي ڏينهن تي ڪتي جي سسيءَ مٿان ٻار کي جهلي وهنجارين. پُسيءَ جي وٽن ۾ تورين. عاج جا ٻه چوڙا ٻنهي ٻانهن ۾ وجهي چڙهين. سهائي آچر ڏينهن موچيءَ کان چمڙي جون وڌيون چيرائي، ٻار جي ٻانهن ۽ ٽنگن ۾ ٻڌن. ان ٻار کي ٻوڪي ۾ سمهاري يا ويهاري کوھ ۾ ڏارين، ڪي چون ته ننڍو ٻار هنڌ تي سٽل هوندي مٿان ڪنجهي جو وٽو گهمائبو يا ٻئي ڪنهن کي ٽانءُ ڏيٽو هوندو ۽ ٻار مٿان ٻانهن ورائي ڏبو يا ڪنهن جي ٽانءَ ۾ ٻار کي کارائبو يا ٻار واري منجيءَ هيٺان ڪنجهي جو ٽانءُ پيل هوندو، ته ٻار کي ڪنگي ٿي پوندي. پر ڪنهن ٻار جي اڳيان ڪنگيءَ جو نالي وٺڻ سان به ڪنگي ٿي پوندي آهي. ڪنگيءَ ۾ ٻار کي پهريائين سنهون بخار پيدا ٿيندو ۽ پوءِ بدن ۾ ويندو ڳرندو، ان جو مٿو ۽ پيٽ ويندا وڌندا ۽ وڏا ٿيندا ۽ ڳري وڃي هڏن جو پڃرو بچندو. سهائي آچر تي مينهن جو آلو ڇيڻو آڻي، ٻار کي ان سان توري، پينگهي جي سامهون اهو ڇيڻو پٽ تي ٿڦي، ابتي ماٽهوءَ جي شڪل وانگي ٺاهي ڇڏجي، ڪي وري ٻار کي سچ سامهون جهلين، پوءِ جيترو پاڇو ٻار جو پٽ تي پوي اوتري قد جيترو ڇيڻو ٻار جي ٻوتي وانگر

بنائي ٿڦين. چون ته جيئن چيٽو سڪندو ويندو تيئن ٻار مچندو ويندو. ڳوٺ جي ڪڏ يا تلاءُ جيڪو ٻار ڏٺو نه هجي، سهائي آچر رات جو جهرڪين جاڳڻ کان اڳ اَسر جو بنا ڳالهائڻ جي چپ چاپ ان تلاءَ تان چيڪي مٽي يا پٽر ڪٽي اچجن ان سان ٻار کي توري، اوتري مٽي ڪٽي ڳوهي پينگهي سامهون ٻار جي ابتي شڪل، ٽنگون مٿي ٻانهون هيٺ ڪري مٽي ٿڦي ٿاهجي. جيئن ٻار جي ان تي نظر پئي پوندي ۽ مٽي پئي سڪندي تيئن ٻار ويندو چڱو ڀلو ٿيندو. ٻلو پڪڙي ان کي ٻار جو چولو ڀارائي مٿان ٻار جهلي وهنجارجي، پوءِ اهو چولو لاهي ڪڏ ڪٽي پوري ڇڏجي. مئل ڪتي جي کوپريءَ مٿان ٻار کي وهنجاربو رهجي، جيستائين سڌري، سهائي آچر جو به اَڪ جون ٽڙيون (ڪاٺيون) آڻي ٻار کي ماپي، ٻار جيڏا ٽڪرا ڪري چانوَ ۾ سڪڻ رکجن، جيئن ڪاٺيون سڪنديون، تيئن ٻار چڱو ڀلو ٿيندو ويندو. قبر وانگي زمين ۾ ڪڏ کوٽي ان ۾ 5 - 10 منٽ ٻار کي سمهاري پوءِ ڪڍجي. ٻار جي مامي جي جاءِ جي ڇت کي ڳڙڪ ڪري، سٽ پيرا ٻار اُن مان آڻجي ۽ نجي.

**ٻارن جو ڊيڇڙو:**

هن کي ٻاراٺو به ڪوٺين. هن ۾ ٻار جو ساهه منجهندو به آهي. ڪن حالتن ۾ مائٽ خود ٻار جي ڊيڇارڻ جو ڪارڻ

ٻڌبا آهن. روئندڙ ٻار ماٺ نه ڪندو ته ٻپ ڏيندس ته فلاڻي بلا ٿي اچيئي ماٺ ڪر، نه ته جيجائو هائو ۽ رات جي ماءُ ڪٽي ويندئي. ٻاگهڙ، پئي اچي، اهي ڳالهيون ٻڌي اوچتو ٻار چپ ٿي ويندو آهي. اها ماٺ به هن بيماريءَ جو سبب آهي. ڪي ٻارن اڳيان جنن ڀوتن ۽ اگرين جاين ۽ مقامن جون ڳالهيون ڪندا آهن. اتفاق سان ٻار اتان لنگهندي ڊڄندو آهي ۽ مٿس بيماريءَ جو حملو ٿيندو آهي. انڪي گهڙيالو يا گهڙولي جو ڪرمٹ ڪن: ڪنهن ڪونڊي يا ٿاٺ جي وچ تي جهنگ جو چيٽو ٿانڊا يا موئڙو ٻاري رکندا. ان جي مٿان چونري يا ڏڪي يا دلي اونڌي ڪري رکندا، پوءِ ان جي مٿان زناني جتيءَ جو ٿادر اونڌو رکي، ان جي مٿان ٿڦٽي رکي ٻار جو ساڄو هٿ مٿانئس رکائي ٿاڻيءَ جو لوٽو ڀري ٻار جي هٿ تان هاريندا، ته ٿاڻي ٿاٺ ۾ اچي ٿوندو. ڪي وري ته - واٽي جي مٽي ڪٽي ست ڳڙيون لوڻ، ست آگار ۽ ست مرچ ٻار تان گهوري ٿاڻي ۾ وجهي، اهو ٿاڻي دلي مٿان رکيل موچڙي ۽ چمٽي تان نائين. ٿاڻي ٿاٺ ۾ ٿوڻ سان گهٽڪا ڏيندو يعني ”گهٽ گهٽ“ جو آواز ايندو، جي اهو آواز نه آيو ته ڊيڄڙو نه آهي. ٻاراٽي لاءِ ٻار ڪي نرڙ تي ڏنپ ڏيارين، ٻار جو چولو ابتو ڪري، سندس سيرانديءَ ڪان ڪليءَ ۾ ٽنگين يا منهن رکٽي يا ڌُنبدار تي ابتو ڪري وجهن. ٻار ڪي ماٽس جي ابتي چولي ۾ سمهارين، ڳاڙهو

بصر گھوٽي پيارين، بصر جو پاڻي ڪڍي ڪچن ۾ چڙهن کي زور سان مکين، هگ به سونگهائين. ڪٽڪ جي اٽي جا ست گلولا ٺاهي، ٻار تان گھوري رات جو ٻاهر ۾ وجهن، صبح جو اهي سڙيل گلولا ڪڍي ٻار کي ڏيکاري ڪُڌ تي اڇلي ڇڏين. اڏوڙيا مار وارو پاڻي ٻار جي پيرن کي مکين يا اُن پاڻيءَ سان وهنجارين.

**اڏوڙ / مارِ جا سونسا:**

مينگهواڙ، چمڙي جي رڱڻ جي لاءِ وهٽن جي چوڙي ۾ ٻير جي چوڏي هريڙون ۾ چن ٻيا مسالا پاڻيءَ ۾ وجهي، ان سان چوڙو(ڪـَل) پرين، انکي اڏوڙ چئي اُس ۾ ست ڏينهن ٽنگي ڇڏيندا آهن، جڏهن اهو پاڻي مچي ڏپ ڪندو آهي تڏهن ان پاڻيءَ کي مار جو پاڻي ڪوٺيندا آهن.

ڪي ٻار جو ديچڙو، ڪنهن ديڊ، چهڙي يا پنگي کان پڙهائين. ديچڙي واري ٻار کي ٺه - واٽي تي سمهاري، پيٺ مٿان پادر گهمائين. اُن جي پيٺ هيٺان لنگهائين. ڪنهن ڏڳي جي ڪن کي ٽڪو ڏيئي، تازو رت ڪڍي ٻار جي پيٺ کي ملين.

ڪن ٻارن جي عادت هوندي آهي ته ننڊ مان چرڪ پري يا روئي اُٿندا آهن. ان لاءِ ٽوٽائي کان ڌاڳو وٽائي ٻڌن. ڪي وري اهڙو ڌاڳو چمڙي جي کل ۾ سبي تائيٺ (تعويز) ڪري ڳچيءَ ۾ ٻڌن يا ست سچيون ڪوڏيون پڙهائي هار

Gul Hayat Institute

ٿاهي ڳچيءَ ۾ پائين. ٻار جي سمهڻ وقت پادر اونڌو ڪري سيرانديءَ کان رکي ڇڏين، گهگهه پکي (چبرو يا چب) جو کنڀ تعويذ ڪري ڳچيءَ ۾ ٻڌن، لوهه جو ڇلو ٺهرائي ٻار کي چيچ ۾ وجهي ڇڏين.

**ماتا ۽ ان جا سَنوڻ:**

هن بيماريءَ کي ٿرمائي، سيتلا، ماتا، کهنبڙي مائي وغيره نالن سان ڪوٺيو ويندو آهي. هيءَ وچڙندڙ ۽ نگري بيماري آهي. ان لاءِ به سَنوڻ ڪن، علاج ڪونه ڪرائين. ماتا واري ٻار جي اڳيان پانهون ٻڌي ٻيهن، جيڪي گهري سو آڻيو حاضر ڪن. ماتا جي بيماريءَ کي هندو ماٺهو ديوي سمجهي، واس ڌوپ ڪن ۽ چوٽ چاٽ کان پري رکن. ڪا هندو زال واڄاٽي يا سوٽاري گهرائي، هن کان لولي ڏيارين. ماتا واري وٽ، پيٽ واري زال کي اچڻ ڪونه ڏين. ماتا واري کي اکين ۾ سرمو يا سوئڙو پائين ۽ ٻت تي چڙڪائين. هن بيماريءَ کي هڏ ڦوڙ بيماري ڪوٺين، چون ته هيءَ بيماري جي ڪنهن کي اڳ ٿيل نه هوندي ته قبر ۾ به ٿيندي، ۽ نه ڇڏيندي. ماتا واري گهر ۾ گهر جا پاتي نئون ڪپڙو ڪونه ڍڪين. گهر ۾ پٽَ يا ٻوڙ کي داغ ڪونه ڏين. ڪي ٻارهين ڏينهن ”ٿڌو“ ڪن، يعني بيماري جي ڇڏڻ تي چڻبو هٽن، چڻدي هٽڻ کان پوءِ مٺا لولا رات جو پچائي، صبح جو ورهائين. ڪي پندرهين ڏينهن ماتا جي ڪڙين لهڻ کان

پوءِ، مريض جي مٿي تان پاٽي نائين، وهنجارين. وهنجارڻ کان پوءِ چلو، ڪرو يا ڪج ختم ٿئي. ان ڏينهن ڦڪا يا الوٽا چٽا رڌي ورهائين. چله ۾ پاٽي وجهي، اُجهايل ڪاٺيون، اَگر، ڪيري، رک يا ڦلهير ڪٽي وجي ڪڏ يا وهندڙ واه ۾ اڇلائين، ۽ چون ته ”ٺريءَ پنهنجو ٺار ڪيو“. اُن چله تي وري رڌ پچاءُ ڪونه ڪن. زالون، جيڪي واه ڪوه يا درياءَ تي رک ڪيري چڏڻ وڃن، سي پاٽيءَ ۾ ٽبي ڏئي ٺڏيون ٺي پوءِ گهر اچن. جڏهن گيدوڙي ۽ نم جي وڻن جي پنن تي ويهي ماتا وانگر گهٻ گهٻ ٿيل ڏسن، تڏهن چون ته ”هاڻ ماٺهن مان نڪري، ماتا وڻن تي وڃي چڙهي آهي.“ ماتا لاءِ لولي يا اوراڻو هن طرح چون:

پيو ته اٺئي امانُ، ننڊڙو ٻار،
تنهن جي مٿان رکجان هلڪڙو بار!
ماتا، دهل دماما وڄي چير، سيتلا، آيم سولي پير،
ماتا، پهرين ڏهاڙي پرگهٽي، ماتا ڏوجهي ڏينهن ڏاتار،
ماتا، ٽيجهي ڏهاڙي مائي منائي، چوٿين ڏهاڙي چاڙهه،
ماتا، پنجين ڏهاڙي وسي جا بينم، پاٽيءَ تي ٿي منٺيار،
ماتا، ڇهين ڏهاڙي چلڙو چڏايم، ٺي لاٽن کان هوشيار.

**ارڙي/همبسڙا ٿيڻ جا سَنوڻ:**

”هن بيماريءَ ۾ ساڳيا ماتاوارا سَنوڻ ڪيا ويندا آهن. گهڻو ڪري اها بيماري ننڍن ٻارن کي ٿئي. بيمار جي ويجهو

ڪنهن ڪي وچڻ ڪونه ڏين. بيمار جي ڪمري جي ٻاهران نم جا ساوا پن چـُڳن ۾ ٻڌيو چڙهين. گهر جي صفن ۾ اڱڻ جي چٽڪار ڪن. جيئن بيماري ٽڏي ٿئي.(1)“

**گهوٻي يا ڪرٿيءَ جا سَنوڻ:**

هن ڪي گهبرو به چون. هن ۾ سڪي پڪَ واري ڪنگهه ٿيندي آهي. نڙي ويهي رهندي آهي. آواز گگهو ٿي ويندو آهي. بعضي ڪنگهندي ڪنگهندي هوڪ ٻڌهو ساهه ڪوڪ سان ڪڇندو آهي. هي پڻ وچڙندڙ بيماري آهي. ٻارن ڪي ٻارهن - ٻارهن سالن عمر تائين ٿيڻ جو امڪان آهي. چون ڪرٿيو جنهن اُڪاريو، سو نئون ڇائو. ڪنگهندي ڪنگهندي اتائين، ٿيندي آهي، يعني دم چڙهي ويندو آهي، ٻن - ٽن منٽن ڪان پوءِ دم وري هيٺ لهندو آهي. ٻار ڳرندو ويندو، ڪنگهه سان گڏ اُلٽيون به ٿينديون آهن. هن جو مدو وڏ ۾ وڏ اڍائي مهينا ٿيندو آهي. بعضي ڇانڊوڪين جو ڪرٿيو وري ڇانڊوڪين ۾ ڇڏيندو آهي ۽ اونداهين جو اونداهين تائين هلندو آهي.

سؤ سالن جي ڪندي جي وڻ جي پاڙ هيٺان سهائي آچر تي ٻار کي لنگهائجي، پاڙ ڪا ٻاهر نڪتل نه هجي، ته ڪوٺي ظاهر ڪري ان هيٺان گسرائجي. ان وڻ جو ڇوڏو ڌاڳي ۾ ٻڌي ڳچيءَ ۾ پائجي. آچر جي ڏينهن اروڙيءَ تان ٻار جي ماءُ پراڻي اڳڙي ڳولهي آڻي پنهنجي گندي يا چنيءَ تي سبي ٽڦي رکي، ان اڳڙيءَ جي چتي ٻار جي چولي تي پڻ هڻي

Gul Hayat Institute

چڙي. نوريئڙو رڏي ان جو شوروو پيارين، ڪارِي گڏھ جو ڪير پڻ پيارين. ڪٽڪ جو اٽو، ڳُڙ پاڻيءَ ۾ ڳوهي، لولا ٺاهي ڪڙو تيل ساڙي، ان ۾ تري ٻار کي کارائين. ٻار کي گيھ، ڏڌ، کنڊ کائڻ نه ڏبي آهي ۽ ٿڌ ۾ نه سمهاربو آهي.

**گھوٻي جي لاءِ ڪرمٺ:**

گھوٻي کي ختم ڪرڻ لاءِ سنوڻ طور سرَ جا ٻوڙا ڪپي ان جو رسو وٺي يا مٺ ۾ جهلي ڪرٺيي واري جي ڳچيءَ جي چوڌاري ڦيرائي، پوءِ ڏانتي سان اهو ٻوڙو ڪپيندا به ويندا ۽ چوندا ”گھٻو ڪپيان؟“ ٻيو ٻيٺل چوندو ته ”ڪپ، پلي ڪپ.“ اهو ڪرمٺ صبح شام ٻپھرن جو ڏينهن ۾ ٽي پيرا ڪندا آهن.

ننڍي ٻار جو مامو ٻين جي نوڙي، ٻار جي ڳچيءَ ۾ وجهي، ان نوڙيءَ ۾ ابتو ڏانٽو ۽ سبتي ڪاتي وجهي چوندو ته ”پاڻيجي جو گھوٻو وڍيان؟“ هو يا ڪو ٻيو چوندو ته ”وڍ، وڍ!“ ائين ٽي دفعا ڪندو، وري ابتي ڪاتي ۽ سبتو ڏانٽو نوڙيءَ ۾ وجهي، چوندو ته ”مامو گھوٻو وڍي“ وري به چوڪر پاڻ يا سندس پاران ٻيو ڪو چوندو ته ”وڍ پلي وڍ!“ ائين به ٽي پيرا ڪندو. اهو ڪرمٺ پورو ڪري، گھوٻي واري جي ڳچيءَ تي ناناڻي گھر جي دانگيءَ جي ڪارنهن يا چُلھ جي ڪاراٺ ڪٽي مکيندو. ته - واٽي تي، ٽي مٽيءَ جون ڊيڳڙيون ٺاهي، انهن جي مٿان گھٻي واري

ڪي ٿپائين. ڪرٽيي جو علاج ڪونه ڪرائين. زميندار ڪان سڳو وٽائي ٻڌن. لال ڪبر (مينا) جهلي پاڻيءَ ۾ ٿهڪائي اهو پاڻي پيارين. مامي هتان ٽلي يا مٽر گهرائي ڳچيءَ ۾ پائين. نينڻ ٻوٽي جا ڏينا چني ڳچيءَ ۾ ٻڌن. چون ته ”ڪنهن ساهواري يا جانور ڪي لوه اُلاربو ته ان ڪي ڪنگھ ٿيندي“.

**ٻاراڻو /اُم الصبيان جا سنوڻ:**

هيءُ هڪ ٻارن جي نمونيا جو قسم آهي. سٽپ ڪائي مٿان پاڻي پيئڻ، ٻاهر ولهه تي ٻار جو سمهڻ، گرم بدن واري ڪي ٿڌو پاڻي پيارڻ، سيءُ لڳڻ، ماءَ جنڊ پيهي يا مانيون پچائي ٻار کي يڪدم ٿڃ پياريندي ته ان جي اثر ڪري، ته هيءَ بيماري ٿيندي آهي. هن حالت ۾ ٻار سهڪندو آهي، ڇاتيءَ ۽ سيني ۾ سور هوندو اٿس، پاسن ۾ کڏون پئجي وينديون اٿس، ساهه ڏچڪي سان پيو کڻندو آهي. بدن تي بخار، اکين ۾ ڳهر هوندي اٿس، ٻبو نه وٺندو.

ان لاءِ ڪيوڙي جا ساوا پن لسيءَ ۾ اوٻاري، اهي گرم گرم ڇاتيءَ ۽ پاسن تي ٻڌجن. سيڙڪي چار(1) جا پن پٿي ڪٽي ٻاجهريءَ جي اٽي سان ملائي، ان جي ماني گهڙي هڪڙو پاسو پچائي ۽ ڪچي پاسي تي تيل مکي مٿان سنهڙي هيڊ ٻُرڪي ٻار جي پاسن ۽ سيني تي ٻڌجي، صبح جو کولي ڇڏجي. گيدوڙي جا پن لسي يا جهڻ ۾ ٻڙڪائي سهسائيندا ڪري ٻڌجن. هن لاءِ ڪي ڦيٽو وجهائين، صبح جو ٻاڪ

Gul Hayat Institute

ڦٽيءَ مهل ۽ شام جو ٽڪار مهل ڦيٽي وجهڻ وارو، ٿانڊي تي گگر وجهي ڏوپ ڪندو ۽ ان جي دونهن جي پرسان ٻار کي جهلي، ڪپڙي جي پلاند سان هن کي چنڊيندو ۽ پلاند مٿانس ڦيرائيندو رهندو.

ست سچليون ڪوڏيون وٺي، جهاڙ واري کي ڏين، جو ڏوپ ڪري انهن کي پڙهي واپس ڪندو. اهي ڪوڏيون ڏاڳي ۾ پوئي هرهڪ ڪوڏيءَ جي وچ ۾ ٿوم جي ڳڙي ۾ وجهي، پوءِ ٻار جي ڳچيءَ ۾ ٻڌندا آهن. ٻار جي چولي تي جهڙ وجهائي اهو کيس پارائيندا آهن. لوڪڙ جي ٻڪي تازي يا سڪل ٻار جي ڳچيءَ ۾ ٻڌن. تلور پکيءَ جي گُجي تازي يا سڪل ٿوري پاٽيءَ ۾ وجهي، ان ۾ ٿورو ڳڙ وجهي ڪاڙهي، چمچي سوا جيترو پاٽي، ٻار کي سُتي ڪري پيارين. ماکيءَ برانديءَ ۾ وجهي چٽائين. مڇيءَ جو تازو يا سڪل ڳچ (ڱيهه) سيڙڪي چار جا پن، سوئا، جاڻ، چچ جي ڪشي جي ڳنڍ، ارڙسو ۽ ڳڙ گڏي ڪاڙهي، پوءِ ٿاري، صبح ۽ شام ٻار کي پيارين. هن کي ست ڏيي سُتي چون. صبح پهر اڪ جي پيلي پن تي جيڪي ماڪ جا ڦڙا ملن، سي گڏي ٻار کي چٽائين. چون ته ”جي چڱو پلو ٻار اهي ماڪ جا ڦڙا چٽيندو، ته يا جمار کيس ٻاراٽو نه ٿيندو. ابتڪنڊڙي(1) ڪاڙهي، ان جي ستي پيارين. سهي جو رت به ٿورو پيارين. سهائي آچر جي ڏينهن ڪنجهي جي وٽي ۾

ڪڙو تيل وجهي، ان ۾ ٿامي جو پئسو رکي، پوءِ اهو وٽو ٻار جي دن مٿان رکي، ڪپ يا ڪاتي جنهن تي عاج جو ڳن چڙهيل هجي، ان ڳن سان پئسي کي وٽي ۾ ڦيرائجي ۽ جهاڳ پڙهجي. ڪرمٿ پوري ٿيڻ کان پوءِ پئسو جهاڳ واري زال ڪٽي ويندي ۽ تيل ائٿ کي مکي ڇڏين. هن کي ٻاراٽي يا لاڳاٽي جو هٿ هڻڻ چوندا آهن.

سهائي آچر جي شام جو ڪنجهي جي وٽي ۾ ٿورو ڪڙو تيل وجهي، ٻار جي پينگهي يا منجيءَ هيٺان رکي ڇڏين، صبح جو اهو تيل ڪٽي وجي ڪنهن سائي اڪ جي ٿاريءَ مٿان هاري ڇڏين. اڪ سڪڻ تي ٻار ڇڱو ڀلو ۽ تندرست ٿيندو.

**نڙيءَ جي سور، ڪليون ۽ ٻلاڦن پرجڻ جا ديسي ٽوٽڪا ۽ سَنوڻ:**

هن ۾ ٻلاڦا خراب رت جي گڏ ٿيڻ سان پرجي پوندا آهن ۽ نڙي سور ڪندي آهي. چون ته جي پيشاب مٿان پيشاب ڪبو ته نڙيءَ جون ڳوڙهيون پرجي پونديون ۽ ڪنهن جي گونهه مٿان هنگبو ته به ائين ٿيندو. ان لاءِ ته - واٽي تي ويهي ناناٽي گهر جي چلهه جي چار نڙيءَ تي مکين، لوڻ، چيٽي جي چار سان ملائي ڪنهن عورت کان ڪليون پچائين. هٿ جي آڱوٺي ۽ ڏسٽي آڱر واري وچ واري ڪرنڊ يعني وچوٽي واري چمڙيءَ جي ڳوڙهين کي مهٽين.

**ڪلين لاءِ ديسي ٽوٽڪا:**

ڪليون پچندڙ زال اشهد آڱر لوڻ ۽ چار سان پري اندر وات ۾ وجهي، نڙيءَ جي ٻنهي پاسن تي زور ڏيئي ڳوڙهيون پچندي ۽ چوندي ”ڪوئليون/ڪليون پچان؟“ ۽ ٻيو ڪو چوندو ته ”پلي پچ“. ته رت پونءِ نڪري ايندي ۽ آهستي آهستي سور به لهي ويندو. ڪاٺ جي ڏوئيءَ جو ڳڻ ڪر ۾ وجهي ڪوسو ڪري، ڪنهن ڪپڙي ۾ ويڙهي نڙي کي ٽاڪور ڪن. اُٺ جي ڳسي ۾ ٿورو لوڻ وجهي ڪوسو ڪري لپڙي ٺاهي ڳچي کي ٻڌن. بصر ڪارائين، ٻاجهر جو ڏريو يا دال اونگهي رڌي ان جا ڪوسا ڪوسا ڍڪ پرائين، السي ڪير ۾ رڌي ٻڌن. ايريال جي پن تي هيٺ ٻرڪي باهه ۾ پوئي اهو به ٻڌن.

**نڙيءَ جو پٽ يا ڪنبڙي جا سَنوڻ:**

هن جي ڪري ٻار ٿڃ نه وٺندو آهي. الٽيون پيو ڪندو آهي، ان لاءِ ڪنبڙي جو هٿ هٽبو. هن کي پٽ به چون. نڙگهٽ وٽ هڪ چلر وانگر وکو اڀري بيهندو آهي. نڙي سور ڪندي آهي، پوءِ جاٺو زال پيٺل لوڻ مان آڱر پري ان پٽ کي ڦيهي چڙهيندي آهي. ڪي وري ڦوٽا، ڦودنو اُٺ جي ليڏوٽي جي سڙيل چار سان گڏ ڪٽي، ملائي، سفوف ٺاهي، ان سان سَنوڻ ڪنديون آهن. اهو سَنوڻ صبح ۽ شام ڪيو ويندو آهي، ننڍي ٻار کي ”تباشير، ڦوٽا: ڦودنو گهوٽي يا

لڙهي ستي ڪري پيارين. لڪچپ ۾ ناناڻي گهرَ جي دانگيءَ جي ڪاراڻ آڻي ڳچيءَ ڪي مکين.

**ڪاڪڙي ڪِرڻ جا سَنوڻ:**

ڪاڪڙو گرميءَ جي اثر ڪري يا گهڻي بار ڪٽڻ ڪري لهي پوندو آهي، جنهن ڪان هلڪي هلڪي ٺؤنڪار بيٺي هوندي آهي، ماڻهو موڳو ٿي پوندو آهي. ڪاڪڙي ڪٽڻ لاءِ صبح جو نيراني آڱوٺو ڪاڪڙيءَ هيٺان رکي، انکي مٿي ٿي - چار زور ڏجن، ائين به - ٿي پيرا ڪرڻ گهرجي، پاڻي ۾ لوڻ وجهي ان جا غرورا ڪرڻ گهرجن. ڪاپار جا وار ڪوڙائي چتي ڪدائي ان تي مکڻ رکي، مٿان ڪپه جو پهو پکيڙي رکجي. ان کي مکڻ جي پني رکائڻ چون. لوڻ جي ڪڻ ٿوري ٿوري چوسڻ گهرجي. ڳوڻ وکر جي پني چاڙهين، جنهن ۾ ڳوڻ وکر، سينهڙو، کؤنر، اُٺ جي ليڏوڻي جي چار، ميٺ، ڪنڊيءَ جا پن، نر ڦوٽو، ننڍا فوٽا، سيئي ڪٽي سنهون ڪري، ڪپڙي چاڻ ڪجن، پوءِ پاڻيءَ ۾ ملائي لئيءَ وانگر ضماد ٺاهي، چتيءَ مٿان رکجي ان جي وچ تي آڱر ٽنبي خال رکجي. اها چپڙي پاڻهي چنبڙي ڪاڪڙو مٿي کڻي وٺندي.

**وائل يا اک جي لاڻ لڳڻ جا سنوڻ:**

اوچتو واءُ لڳڻ ڪري اک ۾ ڪٺر، ڪک، مٽي يا ڪو سنهڙو جيت پئجي ويندو آهي کٽڪندو ۽ ڏاڍي تڪليف

ڏيندو آهي. ان کي هرٽ/ سرٽ يا وائل چون. انهيءَ کان سواءِ اوچر، گهوتر، ماهيڙ، پٽاشو، انب، ۽ موريسر اکين جي لاڻ لڳڻ واريون بيماريون آهن. ان جو سَنوڻ هن نموني ڪن. عورت جي ڪن جو والو پنڙ يا گول منڊي ان کي ٺڪر جي پاٽ ۾ پاڻي وجهي پسائي، پوءِ اک جو ڇپر مٿي کڻي ڳن انهيءَ جاءِ تي ڪجھ زور سان ڦيرائينديون، چونديون ته ”هرٽ / سرٽ پڃان / وائل پڃان؟“ جواب ۾ اڳلو چوندو ته ”پڃ، پڃ.“ ائين ٽي دفعا ڪن. اک تي ڪپڙو رکي ڦوڪ ڏيئي، چون ته ”ڪک هجي ته ترِي وڃي پٽر هجي ته پري وڃي. ڪي جهرڪي کي پونبو ڏيارين، ڪي ڇانور اک جي پونجھ تاتنري ۾ ڇپَرَ پٺي رکي سمهي پون. ڪوسي ڪر اڳڙيءَ ۾ وجهي ٽاڪور ڪن.

**اک جي آنڙيءَ جا سَنوڻ:**

چون ته ڪنهن جو ٿورو تڪبو يعني ڇئبو ته ”هڻ، هيڏو يا هيترو!“، ٻيو هڪبئي جي پرسان ويهي ڪاڪوس ڪبو ۽ جي ان گونھ ۾ ڪاٺي نه ڪوڙبي ته هڪ رتائتي ڳوڙهي اک جي هيٺينءَ يا مٿينءَ وٽ ۾ نڪري پوندي، جنهن کي آنڙي چون. ان جي ڇڏڻ لاءِ ڪرفتيءَ ۾ ڪاٺي کوڙي چون ”آنڙي گونھ ڪانڙي، اڄ مون کي سپاڻي توکي“ ست ٻير جا پن اک تان گهمائي ٻير جي ڪنڊي سان پٽ ۾ ڳنڍي ٽنبي ڇڏين. پٽ مان پراڻو اگر ڪوٺي ڪڍي گهي آنڙيءَ تي

مڪين. جيڪو مرد به زالون پرڻيل هجي، ان جي گهر مان اَگر آڻي گهي مڪين. ڪوريئڙي جي اڇي چار آنڙيءَ تي چنبڙائين. ڪاري مس به مڪين. جهونيون سوپاريون ساڙي، گهوٽي ضماد يا ليپ ڪري، آنڙيءَ تي ٺڦين. ٻوهه جي ڪاٺيءَ جو ڏندڻ ڪري اهو ڪاڪوس ڪرڻ ڪان پوءِ ڪرفتيءَ ۾ ٺنبين. ٻه - جوئي مرد جي گهر جي پٽ يا لوڙهي ڪي رات جو ڏندن سان ڪٽين. پير جا ست پن، هڪ هڪ پن اک تان گهمائي پير جي ٻيو پيٺ واري زال ست سرايون پڙيءَ جون ۽ ست سرايون سوئڙي جون آنڙيءَ واري ڪي ابتي يعني ڏائي هٿ سان وجهندي آهي. يا ست پن پير جا آنڙيءَ تان گهمائي جيڪو در سج جي سامهون هوندو، ان ۾ پير جي ڪندي سان ٽنبي ڇڏين ته جيئن پن جلد سڪن ۽ آنڙي ختم ٿئي. ڪندي ۾ پوئي لوڻ جي ٿانءَ ۾ وجهي ڇڏين. انهن جي سڪڻ تي آنڙي ڇڏي وڃي.

**اکين جي چوٽ جا سَنوڻ:**

چون جنهن ٻار جي اکين ۾ اوَر جو پاڻي پوندو تنهن جون اکيون هميشه ڳاڙهيون رهنديون. ان لاءِ مُڇ جي نوڙي آڻي ان جي هڪڙي پاسي ڪپهه ويڙهي، انکي تيل ۾ ٻوڙي، پوءِ وٽو پاڻيءَ جو پري. چوٽ واري ڪي گهنڊ گهنڊالو ڪرائي، پوءِ نوڙي جي ڪپهه واري پاسي ڪي ٻاري، ان پاڻي جي وٽي مٿان جهلي بيهن ۽ بيمار ڪي چون ته پاڻي ۾

چتائي ڏس. ڪيھ مان تيل جا ٿيپا پيا پاڻيءَ ۾ ڪرندا، پاڻي جي سطح پئي چمڪندي تيل ڪرڻ بند ٿيو ته سَنوڻ به بند ڪندا آهن.

**اکين اُٿڻ جا سَنوڻ:**

پيرن جا اڱوٺا ٻڌي ڇڏين. ان کي آرسي ڏسڻ کونه ڏين ۽ مکڻ کائڻ کان منع ڪن. ٿڌي دلي واري پاڻيءَ سان هرَ هرَ اکيون ڌوئين.

**بيمار ٿيڻ جا سَنوڻ:**

ڪنهن گهر تي چيرو يا چپ ويهندي ته گهر وارا بيمار ٿيندا. ڳئون جو متاڳو ڪٽي ڪنهن جي در اڳيان اڇلبو جيڪو پهريون ماڻهو ان کي اورانگهيندو سو بيمار ٿيندو. جنهن گهر جي چلهه ۾ ڪارا مرچ سڙندا سي بيمار پوندا.

**پيشاب جي بيماريءَ جا سَنوڻ:**

جيڪو ٻار اُماڙي يا اُلانبي هٿ ۾ ڪٽي ڦيرائيندو، سو رات جو هنڌ ۾ پيشاب ڪري اُٿندو. جي چوانتي ڪٽي هلندو ته به پيشاب ڪندو.

”هنڌ ۾ پيشاب ڪرڻ واري ٻار کي ““”هنڌ ۾ مٽڻ“ کان روڪڻ لاءِ ديسي ڪڪڙ جي بيدي جي کل کي تئي تي سيڪي، جڏهن پوري ڪاراڻ مائل ٿئي ته، تئي تان لاهي پيهي ڪري دبلي پري رکبي آهي. ان مان ذرو رات جو ٻار کي کارائبو ته هنڌ ۾ مٽڻ بند ڪري ڇڏيندو.(1)“

**ڪک يا سنهڙين ڦرڙين وارو مرض جا سَنوڻ:**

هن بيماريءَ ۾ چيلھ ۽ پيٺ جي چوڌاري هزارين ننڍڙيون ڦيسڙ ڦرڙيون پيدا ٿينديون آهن. ان لاءِ چون ته ڀهاري جو ڪک بدن کي لڳي ٿو ته ٿئي ٿي. تنهنڪري ڀهاري مان ڪک چني ان کي ٿڪ هڻي اڇلي ڇڏين. خوني ماڻهوءَ يا اُن جي ڪنهن مائٽ کان پاڻيءَ تي ڦيٽا وجهارائي ان جا ڇنڊا هڻن. خوني کوه، موري يا واھ (جتي ڪو ماڻهو ٻڏي مئو هجي) ان هنڌ جي مٽي کڻي، ڦرڙين مٿان ٿڦين، ميٺ پڙهائي پسائي گهاٽوڪري ٿڦين.

**ڇڪي پوڻ جا سَنوڻ:**

ڇڪيءَ جا ٻه قسم آهن: هڪڙي ابتي ڇڪي ۽ ٻي ڏُن ڇڪي.

(الف) اُبتي ڇڪي بادي شين کائڻ ڪري پوندي آهي. ان لاءِ ڇڪي واري کي اونڌو سمهاري پنيون، سٿرون، چيلھ ۽ پٺا لتاڙائجن. گول ننڍڙا پتر کڻي ڪيڙي ۾ ويڙهي پنين جي وچ تي ڇڪي ٻڌجن. پيرن کان ڏُڏ تائين ٽنگن کي ڪپڙو ڇڪي ويڙهجي. چيلھ کي ڇڪي سندرو ٻڌجي. ٻائوري وڻ جا پن گهوٽي رس ڪڍي، ان ۾ گيھ وجهي پيارجي. هٿن ۽ پيرن جي ترين کي تيل جي مالش ڪجي.

**(ب) ڏُن ڇڪي جا سنوڻ:**



Gul Hayat Institute

گهڻو بار ڪٽبو، نالي/ڪسي ٿپبي يا ٿاٻو آيو، ٿپ ڏنوته هيءَ چڪي پئجي ويندي. ڏُن هيٺان شھ شريان ٿڙي وجي پاسو وٺندي، هٿ سان ڇهبو ته ڳنڍيو لڳندو، تنهنڪري ٿنگون پيون وسامنديون، ڪاڏو ڪين جيورندو، (لڳندو) بٽ ضعيف ۽ پيو نجهرندو ۽ بي آرامي وڌندي ويندي. هن لاءِ ٻُـڪيون يا پنيون چڪي ٻڌائين. ٻيو چڪي آڍائين، جنهن کي”هٿ هٽڻ“ چون. پٺ تي رلي پٿاري نيراٽي بيمار کي سنئون سمهاري تيل يا پاڻيءَ سان پيٽ مکي، پوءِ ابتا سبتا هٿ جا زور ڏيئي ٽڙيل ڳنڍيو ڏُن هيٺان آڻيندا. ڪا چڪي ڪک ۾ ويهي رهندي آهي، ته ان کي اُبتو هٿ هڻي ان جو ناپون چڪي ويجهيون ڪندا آهن، جيڪي زالون توڙي مرد مکيندا آهن. چڪي آيڻ ۾ ٽنگون ٻانهون زورائتيون مکين. هٿن ۽ پيرن جون آڱريون چڪين، چيلھ تي پير رکي کاٻي ٽنگ ساڄي ٻانهن پٺن پويان چڪين ۽ وري کاٻي ٻانهن ساڄو پير چڪين. چڪي واري جا آڱوٺا وارن يا اڇن يا ڪارن سڳن سان ٻڌن. پتر گرم ڪري ڏُن تي ٽاڪورين، دن مٿان پاڻيءَ پريل گهڙي يا گهڙو رکن. سٿرن ۽ پنين تي لتون ڏيارين. ڪي چڪيءَ جا عادتي، ٽامي يا چانديءَ جا ڇلا ٺهرائي آڱوٺن ۾ وجهن. ڦوڳ وڻ جا پن جهاروٽي يعني گرم ڪري ڏُن تي ٻڌن. مريض کي چڪي ٻڌڻ کان پوءِ گيھ ۾ اڌ تولو ڪارا مرچ ڪٽيل وجهي پيارين. وڏف ۽

جوهر جون ٺڪيون ڪارائين. ڪي وري مُري ڪان چار آڱر مٿي ماپ ڪري ٻاهرين پاسي پوپي سان ڍنپ ڏين.

**وائي سُور جا سَنوڻ:**

سچليون ڪوڏيون ست داڻا ڪاري ڌاڳي ۾ پوئائي، ڪٻي پير ۾ ٻڌن.

**مٿي ۾ ڦٽ يا ڦرڙيون نڪرڻ جا سَنوڻ:**

مٿي ۾ ڦٽ ٿي پون ته ان ڪي پٽ چون، چون ته جي مٿو ڪوڙائي يڪدم نه ڌوئبو ۽ ڪنهن ڪتي جي نظر ان ماٺهوءَ جي روڌ تي پئجي ويئي ته پِٽَ نڪرندا.

---

[(1)](#) فاسفورس هڪ اهڙو ڌاتو آهي جيڪو کليءَ هوا تي يڪدم ٻري پوندو آهي. (ليکڪ)

[(1)](#) هن باري ۾ هڪ ڳالهه ٻُڌايان، جا پڙهندڙن جي دلچسپيءَ جو باعث ٿيندي: هڪڙي ماڻهوءَ کي رات جو مقام وٽان لنگهندي، هڪڙيءَ قبر مان باهه جي لاٽ وانگي روشني نڪرندي نظر آئي. اها ڳالهه هن ڳوٺ وارن سان وڃي ڪئي. وهمي ماڻهو انکي "ڏاڍو اُگرو مقام" چوڻ لڳا. بر وقت، ان لاٽَ ڏسڻ لاءِ هڪڙي ڊاڪٽر کي چيائون- جنهن جو اهڙين ڳالهين ۾ صفا عقيدو ڪونه هو- هن هڪدم چيو ته مونکي اها قبر ڏيکاريو ۽ انهيءَ ۾ ضرور انساني فاسفورس شعاع ڪري رهيو آهي. جڏهن اتي پهچي قبر کوٽائي ڏٺائون ته ڊاڪٽر وارو قياس صحيح نڪتو. قبر جي هڪ وٿي مان هوا جي داخل ٿيڻ تي اهو فاسفورس ٻري رهيو هو ۽ اها حقيقت ڊاڪٽر سيني کي سمجهائي، مگر تنهن هوندي به جيڪي پورڙا پرمي ماڻهو هئا.

سي ڦيرو ڪائي چوڻ لڳا ته ”اهو گنهگار بندو هوندو، مٿس قادر جو قـَهـَر ٿيل آهي. هن کي ملائڪن دوزخ مان هڪ دري ڪري ڏني آهي ۽ قيامت تائين پيو انهيءَ عذاب ۾ سڙندو ۽ پچرندو“. مطلب ته ڪيترين حالتن ۾ وهمي ماڻهو يا وسوسو ڪندڙ ماڻهو عقل جي ڳالهه مڃڻ جي اهليت وڃائي ٿا ويهن! (ليکڪ)

(1) نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)

(2) وهم ۾ ورتل ماڻهن جو مسئلو هميشه کان منجهائيندڙ پئي رهيو آهي. هاڻ جي انهن کي ڪنهن ٽوٽائي ڦيٽائيءَ، لوپي ٽوڳيءَ، نجومي رَمال، پوپي ٽوٽڪائي ۽ مُلن ميانوال جي حوالي ٿو ڪجي، ته هو يڪدم پنهنجي چالاڪي ۽ تجربي جي آڌار تي سيني جي مٿي ڪوڙڻ ۾ ويرم نٿي نٿا ڪن! تنهنڪري تمام ضروري آهي، ته ماڻهن کي ماڻهپو سيکارجي، موحد بنائجي ۽ خوداعتمادي پيدا ڪري باهمت، بيخوف ۽ حوصله مند زندگي گذارڻ جو موقعو ميسر ڪري ڏجي. سندن دلين مان هر قسم جو ڀرم ۽ سونسو جو اٽڄاٽائي ۽ جهالت جو نتيجو آهي، اُکوڙي ڪڍجي. ڇو ته علم ۽ ڄاڻپ جي روشنائي، جهالت جي اونداهيءَ جا سڀ نشان هڪدم غائب ٿيو وڃن. جيڪڏهن منهنجي هن ادنيٰ ڪوشش وسيلي، جنهن ۾ مون سنڌي سماج جي ڪن عام ڀرمن ۽ وسوسن جي پڌرائي ڪئي آهي ۽ جيڪي اڄ به عوام ۾ مروج آهن ۽ ڏينهن ڏورا ۽ رات چوڻا ٿيندا وڃن. انهيءَ جهالت جي ٻاڻ ۾ حقيقت جو ڪوبه ڪرڙو داخل ٿيو، ته آءٌ پنهنجو پورهيو صاب سمجهندس.

(1) هن مهيني کي يارهينءَ وارو مهينو معنيٰ سيد عبدالقادر جيلانيءَ جي ڄمڻ وارو مهينو ڪوٺين. (ليکڪ)

(2) رجب واري مهيني کي لڪاني وارو مهينو به چون. (ليکڪ)

(3) شعبان مهيني کي براد يا برات وارو مهينو چون نبي ڪريمﷺ جن جي پهرين شادي هن مهيني ۾ ٿي هئي. (ليکڪ)

(1) نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)

(1) جنهن جا پيلي رنگ جا پيرون ٿيندا آهن ۽ جنهن جا ڳاڙهي رنگ جا پيرون ٿيندا آهن، تنهن کي راتڪي چار چون. (ليکڪ)

(1) داماهو/دماسي کي اُبتڪنبڙي به چوندا آهن. هن جو عرق ڪشيد ڪري پيئڻ سان پراڻي کان پراڻي خارش به ختم ٿي ويندي. (نظرثاني ڪندڙ)

(1) نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)

## چُڪ پوڻ جا سَنوڻ:

چون ته بار ڪٽڻ ڪري، ٿابي کائڻ يا پير ترڪي وڃڻ ڪري يا مهري اورانگهڻ ڪري لچڪ يا چُڪ پئجي ويندي آهي. هن کي چيلهه جي ست پوڻ به چون. مهري چيلهه هيٺان رکائين. جاڙي چاول ماٿهوءَ يا پيرڙئي چاول ماٿهوءَ کان ٿامي جو ٽڪو ڏُڏ تي رکائي لتَ ڏيارين. ٽن مڙسن واري زال (ٽه مڙسي) يا ٽن زالن واري مڙس (ٽه - جويي) کان به چيلهه تي لت ڏيارين. ڪي اپين پيرين چاول ماٿهوءَ هٿان ست نڪريون، ست پن ڪبڙ جا گهرائي شام جو بيمار کي پٺ تي اونڌو سمهاري، سندس چيلهه جي پوري وچ تي ڍاڪن مٿان، ڪبڙ جا پن، تن مٿان نڪري رکي، هڪڙي هٿ ۾ مهري جو مٿيون منهن جهلي ۽ هيٺيون چيڙو زمين

تي ڪوڙي، بيمار جو ڪاٻو پير مٿي اُڀو ڪرائي، ان جي آڱوٺي کي هٿ ۾ پڪڙي، ٺڪريءَ تي پنهنجي پير جي ڪُڙي رکي، مهريءَ جي ٺيڪ سان زور ڏئي اُٿلي ٻئي پاسي ٺيندو ۽ چوندو ”لچڪ پچان؟“ مريض چوندو ”پلي پچ“. پوءِ اهي ٻن ۽ ٺڪري اچلائي ٻيا ٻن ۽ ٺڪري رکندو ۽ مٿئين وانگر ست پيرا زور ڏئي ٻئي پاسي ڏي اُٿلندو. جي شام جو فائدو نه ٿيو ته وري صبح جو ائين ڪندو.

هڪ پيءَ جون ڏيئرون جي ٻن سڳن پائرن جو زالون هجن. سي چڪ واري جي آمهون سامهون بيهي چيله تي کيڙ جا ٻن انهن تي ٺڪري رکي ڪڙيءَ جو زور ڏئي، هڪڙي هڪڙي طرف ٿپي ويندي ته ٻي ٻئي طرف ٿپي ايندي ۽ چونديون پيون ته ”لچڪ پچان؟“ مريض چوندو ته ”پچو“. اهو ٺوٺو به ست دفعا ڪن.

ڪا زال ست ننڍڙا پٽر ڪٽي، چڪ واري ڪان لڪي بيهي چوندي ته ”پلو پٽ پاڳل جا، ڪو آهين؟“ مريض چوندو ته هائو اها زال پڇندي تون ڪير آهين؟ چُڪ پچائيندڙ چوندو ته ”آءٌ چڪ آهيان“. پوءِ اها زال هڪڙو پٽر ڏانهنس اچلي چوندي ته ”پچ ڙي چڪ، پڳياٿمانئين چڪ!“ ائين ست دفعا پڇندي ۽ پٽر اچليندي ويندي.

**هئو يا ڦڻ جي ڪوئلي جا سَنوڻ:**

پٺيءَ ۾ ڦڦڙ جي وچ ۾ نس چڙهي پوندي آهي. اها گهڻو ڪري آڏ پاسيرو يا جهول ڪٺولي تي سمهڻ ڪري تڪليف ٿيندي آهي. زالن کي جندڻ پيهڻ، دلا ڪڍڻ سان پڻ پئجي ويندي آهي. هن کي ڦر پوڻ يا ڦڦڙ جو سور چون. ڦڦڙ جي نبض کي ست دفعا چپٽي ۾ جهلي زور ڏين. آڏي آڏي زناني جتيءَ جا ست ڏڪ هڻن. ڪي ست مڪون هڻن. ٺڪر جي لوٽي ۾ ڪوسي ڪر وجهي ٿاڪوڙين. اڪ جي پيلي پن تي ڳڙ رکي گرم ڪري ڦڦڙ تي چنبڙائين. مخالف هٿن جي آڱرين جا ڪرنڊ زور سان مهٽين.

”هئو پچڻ لاءِ ٿوال رسيءَ وانگر وٺي، انهيءَ ڪنپراٽي مٿان هنيو ويندو آهي ۽ بيٺل مايون چونديون ته هئو پچان! هئو ورتل همراه چوندو پچ! پوءِ اهو ٿوال ڪلهي تي زور سان هڻنديون.(1)

**ڪنڌ ۾ وَر پوڻ جا سَنوڻ:**

هي بار ڪڍڻ ۽ ڏکيي سمهڻ سببان هڪ پاسي ڪنڌ جي نس وٺ ڪائي وجڻ ڪري سور پيدا ٿيندو آهي. سپ يا چڇ تي مٿو رکي بيمار کي سڌو سمهاربو، پوءِ اَن تارڻ وانگي چڇ هلائي جهٽڪو ڏبو. يا اُن جي ڪاڏي، ڪبي گوڏي کي اُپو جهلائي ان تي رکبي آهي. مريض جي ڪنڌ جي رڳن کي مناڙي مناڙي اوچتو ڪنڌ کي مخالف پاسي وٺي ست ڏبي آهي، ۽ پوءِ ان جي ٻئي پاسي ڪنڌ لوڏي وٺي ست

ڏبي، ڪنڌ مان نڪاءُ نڪرڻ سان 5 - 10 منٽن ڪان پوءِ سور گهٽجڻ شروع ٿيندو آهي ۽ ڪوسي ڪر جي ٽاڪور به ڪبي آهي.

**ڏنديون اچڻ جا سَنوڻ:**

ڏندين اچڻ سان ٻارن کي اچا بدبو وارا دست ٿي پوندا آهن، يا اکيون اوبر جي پونديون آهن. تنهنڪري ڏندين اچڻ کان اڳواٽ ٻار جي ڀڦي سهائي آچر تي، ساڄي هٿ جي ڏسٽي آڱر ٻار جي وات ۾ ڦيري چڙهيندي ته ڏند آسانيءَ سان ڄمندس. مٿينءَ جاڙي ۾ جي پهريائين ڏند چاوا ته ناناڻن لاءِ چڱا ڪين آهن. تنهنڪري مامو ڪنجهي يا ٽامي جي وٽي ٺهرائي، ان ۾ ڪٽي مهٽي پري پري پنڌ تي وجي پوري اچي، يا مامو اها وٽي ترن سان پري مٿان ٽامي جو ٽڪو رکي سهائي آچر تي ٻار کي ڏيئي وجي.

**ڏندن ڪرڻ جا سَنوڻ:**

پٽ ڏند ڪرٽي ته سياڳ، چي، دشمن جو سر ٿو ڪرٽي. پر جي ڏيءَ ڏند ڪرٽي ته نياڳ ليکين. ڏند ڪرٽيندڙ ٻارن کان ستي ڪي پڇن ته چا ڪائيندين؟ ۽ سُجاڳ ٿي ڪنهن شيءِ جو نالو ورتائين ته اها ڪيس يڪدم ڏني ويندي ته چڱو، پر جي بابا يا اما چيائين ته جنهن جو نالو وٺندو سو پهريائين مرندو. هن لاءِ ستل ٻار جي وات ۾ واري يا لوڻ يا چانور وجهن. ڪي ستل جاءِ جي چوکٽ جي مٿي ڪٽي،

ڏندن کي مکينس، ڪي اهو ڪوه، جو ٻار جو ڏنل نه هجي، ان جي سارڻ جو پتر (يعني پڳ جو) ٻنان ڳالهائڻ جي ڪٽي اچي ست دفعا ڏندن کي لڳائين.

**هِـڏڪي ٿيڻ جا سـَنوڻ:**

ڪي چون ته آندو وڏي ٿو. ڪي چون ته ڪو ياد ٿو ڪري ته هڏڪي ٿي ٿئي. ان لاءِ واقفن جا نالا وٺڻ شروع ڪن، چيچ ۾ سڳو ٻڌن. ست ڍڪ پاڻي پيئن. اوچتو ٻپ ڏيارين، ڊيڄي جو رت نڙيءَ کي مکين، خيال مٽ ڪرائين. اک مٿان ڪک رکن. ٻارن کي هڏڪي ٿئي، ته اُن کي ”وڏڙي“ ڪوٺين ۽ چون ته ”وڏڙي وڏي کير پٽ لاءِ، ڦلاڻو ٻار وڏي ماءُ پيءُ لاءِ“.

**منهن تي چِـٽي يا اڇاڻ جا داغ ٿن جا سـَنوڻ:**

ڪنهن پنگي يا پنگياڻي کي اوچتو پٺيان وجي پاڪر پائبو ته چٽي ڇڏي ويندي. نيراني مٿس ڦيٽي مکبي ته ختم ٿي ويندي.

**مرگهي ٿيڻ جا سـَنوڻ:**

ڇڄ يا سپ مٿان نچ يا ڇڪ ڏبي ته مرگهي ٿيندي. مرگهيءَ واري کي پراڻو سڪل پادر سنگهائين.

**ڪرائيءَ ۾ سور يا ٻانهن ۾ ڳانو پوڻ:**

ڪو مرد يا زال، اڌورو ڪم ڪري ڇڏي ويندو، مثلا: جنڊ اُڏاڻن ڪان اڳي ڪنهن ڪم سان پيهندڙ زال وجي هلي، باقي

اَن ٻي زال اڃي پيهي پورو ڪري ته ان کي ڳانو پوندو، دانگي، تئو يا ٿوبي چله تي چاڙهي، ڪا زال ماني پچائڻ ويهي، وچ ۾ ڪنهن ڪم سببان اُٿي وڃي، ٻي زال اچي مانيون گهڙي پچائي ته ان کي ڪارائي ۾ سور پوندو.

ڳاني جي سور ڇڏائڻ جي لاءِ سَنوڻ:
اها ڇوڪري يا ڇوڪرو جنهن جو ماءُ - پيءُ ۽ سس - سهرو جيئرو هوندو ان کان سرمائي سڳي کي يڪساهي ست ڳنڍيون ڏيارائي ڪرائيءَ ۾ ٻڌن. ڳوٺ جي جندن جي ڳاريءَ مان ٿي - ٿي داڻا، جدا جدا اناجن جا ڪٽي سرمائي اڳڙيءَ جي ڳوٿري ٺاهي ان ۾ اهو اَن وجهي ڳوٿري سبي ڪرائي ۾ ٻڌن. ته - واٽي تي ويهي سپڪنهن واٽ ويندڙ (واٽهڙيءَ) کان ڦيٽي مڪائين. ڪِپ، ٻوهه، ڪرڙ جا ڳل پٽي ٻانهن ۾ ٻڌن. ٻهاري جو ڪک ڇني آلو ڪري ٻانهن ۾ ٻڌن.
**ويلڻ چڙهڻ جا سَنوڻ:**
ڪنهن به ٽنگ جي ڦٽ ڦرڙي جي آڪيڙ کان ڇڏن وٺ ڳوڙهي ٿيندي آهي، جا سُور ڪندي آهي. ان لاءِ پهريائين ڦٽ جو علاج ڪبو ته ڇٽي ويندي. ان جا هيٺيان سُڳڻ ڪن:

پيرڙئي چاول ٻار ڪان ويلڻ جي ڳوڙهيءَ تي ٽڪو رڪائي، مٿان ڪڙيءَ جو زور ڏيارين، ايئن ٽي پيرا ڪن. اسر جو مريض جي ننڊ ۾ هئڻ مهل زنانو زيور (هسيءَ) ست دفعا ويلڻ تان ڦيرائجي، جيئن بيمار ڪي سجاڳي نه ٿئي. مانين پچائڻ جو ويلڻ ستي يا سجاڳ ٿئي، ٽي پيرا ويلڻ مٿان گهمائجي.

ٻرهال يا هيانچي جا سَنوڻ:

تلي وڏي ويندي آهي، ته سُور ڪندي آهي. ان لاءِ مٿي جي ماني پچائي، هيانچي مٿان رکي، پوءِ ان کي ڪاتيءَ سان وڍين، چون ته ”هيانچو وڍيان؟“ مريض چوندو ته ”وڍ، وڍ“. ڪي ڪچي ايريال جي ڳر ڪارائين.

**پيٽ جي سور جا سَنوڻ:**

هن سور لاءِ چون ته ڪا شيءِ ڪائيندي ڪنهن جي بدنظر لڳي هوندي. ماني ڳڌجي ڪائڻ ۾ سپني ڪان اڳ اُٺڻ واري ۽ سپني ڪان پوءِ اُٺڻ واري کي پيٽ ۾ سور پوندو، تنهنڪري ڪُتي کي مانيءَ جو ٽڪر پچي ڏبو ته خير ٿيندو. چيچ ۽ شاهد آڱر جنهن جي هٿ جي پٺ ڪان مڙي اچي ڳڌجي، اها ٻڌائي آڱر پيٽ تان ابتي سبتي ست پيرا گهمائجي ست لولا پچائي مٿان ڪچي سٺ جا ڌاڳا ويڙهي جي پيٽ مٿان ست ابتا سبتا ڦيرا ڏئي، باه ۾ وجهن. جي ڌاڳا سڙي ويا ته چئبو بد نظر ڪانهي، جي نه سڙيا ته پوءِ پڪ نظر آهي.

**ننڍڙن ٻارن جي پيٽ جي سور جا سَنوڻ:**

ٻار جو پيٽ لوڻ سان ڇٽين. ڪنهن ته واٽي تي تيل رکي چڙين. جڏهن انهي ته واٽي تان ٽنهي پاس کان واٽهڙو لنگهي وڃن، تڏهن اهو تيل ڪٽي وجي ٻار جو پيٽ آڍائين.

**موهيڙن جا سنوڻ:**

نيرانو پيشاب ڪري ان ۾ ٺڪ وجهجي ته چڙي ويندا. ماني کائي هٿ ڌوئڻ کان سواءِ، منهن تي هٿ ڦيريو ته موهيڙا چڙي ويندا.

**پنواٽي يا مغز جي ڦيري جا سَنوڻ:**

هيءَ بيماري مغز جي ڪمزوريءَ ڪري ٿيندي آهي. چون ته: مئل ٻار جي مٿان جيڪو ٻيو جيئرو ٻار ڄمندو، تنهن کي ضرور ٿيندي. ان لاءِ تيل گهوري سائي ٻوٽي تي هارين. ڪڪڙ گهوري جيئرو ئي ڪڍ کوٽي پوري ڇڏين. ماني گهڙي، ڪچي ئي ڪچي بيمار هٿان ته واٽي تي رکائين ۽ چون ته ”بيماري واٽ وٺي ويندي رهندي“.

**سائي يا يرقان جا سَنوڻ:**

هي بيماري گهڻي بخار يا هيڊائي سببان ٿيندي آهي بيمار ڳرندو ويندو، اکيون پپ ٿي ويندس ۽ پيشاب جو رنگ به ڪچيءَ هيڊ جهڙو ٿيندوآهي. اڪ جون ڦلڙيون يا چوٽيون ڏاڳي ۾ پوئي هار ڪري ڳچيءَ ۾ پائين. ڪن مٿان ٽڪو ڏياري رت ڪڍائين. واهي جون پاڙون ڳريون ڳريون

ڪري، پڙهائي ڪنڊلي بنائي ٻڌيءَ ۾ وجهن. جوئر جي اٽي جو سيو يا ماني پچارائي صبح ۽ شام کارائين. ڪي وري جوئر جي اٽي جو روٽلو ڪر ۾ وجهي، هيٺان مٿان ٿانڊا رکي پچارائي چنبڙي ڦوڪي کائين. صبح ۽ شام جهاڙ وجهارائين. پڳڙا پڙهائي کارائين. زنانا اوڍڻ وارا ڪپڙا پڙهائي مريض کي پارائين. هن جو پيشاب نڪر جي لوٽي ۾ وجهي، ٻڪرين جي ڦولهڙين جي دونهيءَ تي گرم ڪرڻ لاءِ رکي ڇڏين. جيستائين بيماري ڇڏي، تيستائين دونهيءَ ۾ ڦولهڙيون وجهندا رهن. سائي واري ماڻهوءَ کي ته - واٽي تي اوڪڙو گهنڊالو ڪري ويهاري، اُين گوڏن تي تيل جو ٿانءُ رکي، ڪپ يا سائي نم جا ٿارا تيل مان گهمائين. ٿي آچر ائين ڪن.

**ويلڙو پوڻ جا سَنوڻ:**

هن کي سد ڪاڪ، سد پاڪ يا سڌڪار چون. سٽيي ٿانءَ ۾ پاٽي پيئڻ، سٽيي شيءِ کائي مٿان پاٽي پئبو ته ٿيندو، يا گوشت مٿان کير کائبو، کير مٿان پاٽي پِئبو، اُس مان ٻوڙي ٻوڙي اچي پاٽي پئبو، ته به ٿي پوندو. هن کان پيٽ ۾ سور، پيچش، وٿ ۽ اوت ٿي پوندي، خالي پيٽ مان آت ۽ اوڪارا ۽ اُبڙڪا پيا ايندا آهن.

**ويلڙي جا سَنوڻ:**

هن جو سَنوڻ هن نموني ڪن: ڪي بيمار ڪي ويهاري ڦلهير مان ٻنهي هٿن جا آڱوٺا ڏسٽيون ۽ وچيون آڱريون پري، پهرين نراڙ جي ٻنهي پاسي لوڙن وٽ زور ڏين، پوءِ نڪ جي ٻنهي پاسن، ۽ ٻنهي ڳلن، ڪن جي پاپڙين، ڪلهن، گوڏن تي هٿ رکي زور ڏيئي چون سڏڪار پچان! اڳلو چوندو ته ”پچ.“ ائين پنج پيرا ڪري، مريض کي اٺاري پنيرو بيهاري پاٽيءَ جو چنبو هٿن يا ڦلهيار تي سبتو هٿ رکي مريض جي پيٽ تي گهمائين ۽ ڏُن وٽ چپٽيءَ سان مهٽ ڏين. ڪي زالون زناني پادر جي پٺ تي آڱر سان گول چڪرو يا منڌيئڙو يا آرپار ليڪا ڪڍي، اهو نشان وارو پاسو نرڙ، ڪلهن، ٻانهن، پيٽ، پنيءَ، ٽنگن جي پنين، پيرن ۽ هٿن جي ترين تي زور ڏيئي گهٽي چون ته ”ايلڙو ويلڙو پچان؟“ اڳلو چوندو ته ”پلي پچ.“ ائين ٽي پيرا پادر عضون تي گهنديون آهن. پچاڙيءَ جو منهن تي پاٽيءَ جو چنبو هٽي، ڪملو پڙهائي چوندس هاڻ ٻاهر نڪري وڃي ڪنهن ڪُتي جو منهن ڏس.

باهه ۾ تقٽي يا چمٽو ڪوسو ڪري، پاٽيءَ جي ٿانءَ ۾ اهو وجهي ٺاري ان کي ”پاٽي ڏنپي پيارڻ“ چون پيارين. ڪي ٻريل ڪاٺي اُماڙي پاٽي ۾ ٺاري، اهو پاٽي پيارين. تئي يا دانگيءَ تان آڱريون پري سيڪي سنڌن تي زور ڏين، ڪي وري لوڻ ۽ چار سان اهو زور سنڌن کي ڏين.

Gul Hayat Institute

**مٺي جي سُور يا سچ آوتي جي سُور جا سَنوڻ:**

هن کي ”سچ اوپارو“ سور پڻ چَون. هي گهڻو ڪري سچي مٺي ۾ سور هوندو آهي. هن جي لاءِ ڪنجهي جي ٻنگاري يا ٿالهي ۾ پاڻي وجهي، اُن ۾ جوئر جا داڻا وجهي، سُور واري کي ان پاڻيءَ ۾ سچ ڏيکارين ۽ هيءَ ڪوَت ڪن:

سچ سورج تون، مٺي جو سور لاهِ تون،

ٻنيون گهرن ٻچ، هاري ڪيڙين هر، مون سين رضا توسين قضا!

بيمار کي سچ جي سامهون ٻيهاري، منهن کي پرڻ آڏو ڏيئي چنبا هڻندا آهن ۽ چوندا:

سچ اوپارا! هڻ سُور کي ٻهارا.

سچ اُپرڻ کان اڳ ان جا داڻا ڪٽي کوهه ۾ نهاري، مريض پنهنجي اولڙي کي اهي داڻا چتائي هڻي ۽ چوي: ”سورَ اچئي ٿو.“

اڌ رات کان پوءِ ڪنهن کان سجاتي جو سڳو وٺائي ٻڌن، پاڻي جو ٿالهه پري ان ۾ سچ جو عڪس يا اولڙو ڏسي، ان کي چٻارا ڏين. سچ اپرڻ کان اڳ اپرندي مهڙ ڪري ماٿ ڪري ٻيهجي، جيستائين سچ اُپري.

مٺي وڏي پوڻ جا سَنوڻ:

Gul Hayat Institute

جڏهن مٿي ۾ سور گهڻو وقت هلندو آهي، ته چون مٿو وڏي پيو آهي. پوءِ پير اُبو جهلي ان جي چوڏاري سڳو ڦيرائي، ان سڳي سان بيمار جو مٿو ماپين، ڪي ڪاري ڏاس جي رسيءَ سان پير ڪچي، اوتري رسي ٻيڻو ڪري پوءِ ان سان مٿو ڪچين، جي ڏاڳو يا رسو مٿي جي چوڏاري پورو ٿي آيو ته خير ۽ جي ڪٿو ته چون مٿو وڏي پيو آهي. ان جو سَنوڻ ڪرايو. پوءِ اهو هن طرح ڪن. بيمار کي ٿه - واٽي تي ويهاري، ڏاس جو ڪارو رسو مٿي کي چوڏاري ٻرٽر ڦيرائي، پوءِ ان کي ڏوئيءَ سان آڪيڙو چاڙهي چون: "سور پچان؟ يا مٿو ڪُٽائي پورو ڪريان؟" اڳلو چوندو ته "پچ يا پورو ڪر". هن کي ڪي ماٺهولوطي سُور به چون، ڪٻيءَ اک ڪان ڪياڙيءَ تائين اڌ مٿي ۾ اهو سُور هوندو آهي.

**چاپا ڪي يا شفقي جا سَنوڻ:**

هن بيماريءَ ڪري سڄو بت ٻبڙ ٻبڙ يعني شام جي آسماني شفق وانگي ٿي پوندوآهي. جنهن ۾ خارش هوندي آهي. ان لاءِ چاپاڪو پکي ماري، ان جو رت بدن کي مکين(1) يا جنهن اهو پکي ماريو هوندو، ان جا هٿ ڌئارائي مريض جي بدن کي اهو پاڻي مکين يا پيارين. يا اُن جا هٿ تيل ۾ مهٽرائي، اهو تيل بدن تي مالش ڪن، ۽ ڪٿي ۾ ويڙهي

Gul Hayat Institute

ويهارين. ڪي وري چاپاڪي پڪيءَ جو رت پاڻيءَ سان ملائي، ان سان بيمار کي وهنجارين.

**سرڻي ٿيڻ جا سنوڻ:**

هي بيماري رت جي خرابي ڪري ٿيندي آهي. اوچتو منهن يا چپ سُجي ٿوٿرجي پوندا آهن. هن جي لاءِ، سرهي سر يا ڪنڊي ڳچي ۾ پائين. تيل ۽ لوڻ گڏي بدن کي مالش ڪن، نارنگين جي کلن جو پاڻي جسم تي گهي مکين. ڪابه سرهاڻ گهوٽي، سفوف تيار ڪري، منهن تي ليپ ڪن. ڪپور(ڪافور) ڪچرين جو هار ڳچيءَ ۾ ٻڌن. نازبوءِ جا پن مهٽي منهن تي ملين. عطر يا ٻي خوشبوءِ پڻ مکين.

**ڏاٿ جي سُور جا سنوڻ:**

ڏاٿ مان ڪينئان ڪڍائين. مُلن کان تائيث (تعويز) لڪائي ان کي ٿنڀ ۾ ڪوڪي سان ٺوڪي چون ”سور پچان؟“ اڳلو چوي ”پچ“. اهڙيءَ طرح ست ڏڪ يا متر ڪا هٽي ڪوڪو ٿنڀ ۾ قابو ڪن.

**کونگهرن يا گوگهرن هٽڻ جا سنوڻ:**

انهي ماڻهوءَ جي جتيءَ جو هڪڙو پادر، سنڌس نند ۾ هڻڻ تي ڪٽي، وهاڻي هيٺان اونڌو ڪري رکن. ته واٺي جي مٽي ڪٽي ستي ئي سنڌس مٿي ۾ وجهن.

**سيئو تپ يا مليريا جي بخار جا سنوڻ:**

هن لاءِ ڪنڌُ ڄانڌن ۾ وجهي، ان جو واس ڏين. هاٿي جي لڏ، ڄانڌن تي رکي ان جو واس ڏين، اهو واس اهڙيءَ طرح ڏين، جيئن تپ واري کي خبر نه پوي، مليريا وارو جي هنڌ چڙهي پيشاب يا ڪاڪوس لاءِ ٻاهر نڪري ته ان جي هنڌ تي ڏاس جي ڪرڙي وجهي، مٿان ٻهارو رکي چڙهين. ڪڙي تيل کي ڄاندن تي هاري، ان جو واس ڏين. تپ واري جي سيرانديءَ سندس جتيءَ جو پادر اونڌو ڪري رکن ۽ پيرانديءَ کان ٻهارو.

**روز شام جو ايندڙ تپ جا سنوڻ:**

تپ واري جو پاچولو ڏنيين، ڇا ڪن جو موئڙو ڏاهي، ان کي ڌُڪائي تيپل کي سڄ ڏي منهن ڪري بيهارين ۽ ان جي ٽنگن وچان سڄي پاچولي تي اهو ٻرندڙ موئڙو گهمائين.

**رات جي ايندڙ تپ جا سنوڻ:**

هن کي چور تپ چون. ان جي لاءِ چور کان ڏاڳو وٺائي ٻڌن. گگھ پکي رات جو آواز ڪري ته ڏاڳو ڪٽي انکي ڳنڍيون ڏيڻ شروع ڪن، جيستائين پولي پولي ماٺ ڪري تيستائين ڳنڍيون ڏين، جڏهن ست ڳنڍيون ٿين، ته اهو سڳو سندس ڳچي ۾ پائين.

**منجهند کان وٺي ٻي ڏينهن تائين هلندڙ تپ جا سنوڻ:**

هي تپ روزانو شام جو پاڻمرادو گهٽجي ويندو آهي، پوءِ سانجهيءَ کان صبح تائين ڏاڍو زور رکندو آهي. مٿيءَ جو

اُٺ ٿاهي، ان تي ٻن ماڻهن جا مٿيءَ جا ٻه پتلا ويهاري، ڳوٺ کان ٻاهر سڌ پنڌ تي ڇڏي اچن، موٽڻ مهل چون ته ”فلاڻي جي تپ کي جهلجانءِ“.
ڪنهن واهه تي ٻنپهرن جو وچي گهٽ ۾ گهٽ پنج پيرا، وڌ ۾ وڌ نوَ پيرا، تپ ڏيئي ٽپيون ڏيارين. تپ واري کي ٻوڙون پارائين. ٻارن کي چون ته هن جي پاڇي کي لڪڻ سان سٽيو. تپ واري کي اوچتو ڇرڪ ڏيارين. تائيٺ (تعويز) لکرائي نرڙ تي چمبڙائي ڇڏين.
**ٻيئڙ تپ جا سَنوڻ:**
جيڪو تپ هڪ ڏينهن ڇڏي، ٻي ڏينهن تي اچي، تنهن کي ٻيئڙ تپ، ٻه - ڏڙو يا واري جو تپ چون. انهيءَ جي لاءِ مڇ جي نوڙي پاڻيءَ ۾ پُسائي، ڪنهن سائي وڻ سان ٻڌي چون ته فلاڻي جي بخار کي جهلجانءِ. مڇ جي نوڙي ڪرڙ جي ڪاٺيءَ تي پڙهي پڙهي تپ کي ٻڌي ڇڏين. ٻن نڪاحن واري زال يا مرد کان سڳو وٽائي ٻڌن. تپ وارو پنهنجي پاڇي کي پونڊا ڏي. جيڪو وڻ پيل هجي يعني کپ ٿيل هجيس، ان جو ڇوڏو لاهي ڳچيءَ ۾ ٻڌن. جتي ٻه جدا جدا قسم جا وڻ، مثال ڪٻر ڪندو يا ڪرڙ ۽ ڪٻر هڪٻئي سان وَڪڙ هڻي جڪڙجي پيدا ٿيا هجن، انهن ٻنهي جا ڇوڏا سڳي سان ٻڌي ڳچيءَ ۾ پائين. مسجد جي پٽ جي ڦوڙ يعني درز، گاري سان لنبارائين. پپر جي وڻ کي پاڪر پارائين،

۽ چون ته هن جي مهمان کي جهلجان”. دانگي يا تئي تان
بجو پري تپ واري کي ننڍ ۾ منهن تي مکين، ننڍ مان اُٿڻ
تي آهري يا آرسي سامهون جهلي ڏيکارينس. ٻڪريءَ جا
ٻه جاڙا ڦرَ هٿ ڪري انهن جا ٿورا وار ڪتري، انهن جو
سڳو بنائي ٻچيءَ ۾ وجهن. تپ وارو ننڊ مان اٿي ته پونڊو
ڏينس. بخار واري جو مائٽ، پُٺيءَ پويان ڍڪڻ جهلي
پاڙي ۾ گهر گهر چوندو ڦرندو ته ”آءٌ ڪونه ٿو، پنان پر
فلاڻي جو بخار ٿو پني، ڪجھ ڏيوس“. پوءِ ڪي انهيءَ
ڍڪڻ ۾ ٽانڊا، اُماڙيون يا اگر وجهندس. جنهن کٽ تي بيمار
ستل هجي، ان جي واڏڻ يا ٽانگھ ۾ ڪلف بند ڪري هڻي
ڇڏين. تپ واري جي بستري ۾ مـُهري ليٿائي چون ته اسين
وجون ٿا ٻاهر شاديءَ تي، تون مهمان کي جهلجئين. ڪي
وري ٻن گڏيل وڻن جون ڪاٺيون نڪ جي ڌيگھ جيتريون
پچي، ڪچي سٽ سان وراڪي ڪنڌ ۾ پائين. رات جو ٻه
پتر آڻي سيرانديءَڪان رکي سمهي پون. اَسر جو ماٺ ميٺ
۾ ٻاهر نڪري پرپرو وجي ٻه ڍڳيون مٺي جون ٺاهي، انهن
جي وچ مان لنگهي ۽ پتر ٻئي جهنگ ۾ اڇلي، وري انهن
ڍڳڙين جي وچ مان لنگهي اچي سمهي پون. بخار وارو پاڻ،
چپ چاپ سج لٿي مهل ڪجھ اَن جا داڻا ۽ پاڻيءَ جي دلي
کڻي، جتي کپ جو ٻوڙو بيٺل هجي، ان جي پرسان داڻا
رکي، مٿان پاڻي نائي، ان کپ جون ٽي لامون يا تگيون هٿ

۾ جهلي، جيئن زالون چوڻي ڳُتيندون آهن، تيئن ڳُنڍي، موڻي اچي. شام جو مٽيءَ جي ماني پچائي، ان ۾ ٻير جا ست ڪنڊا ٽنبي، لوٽو پاڻيءَ جو ڀري، ماٺ ميٺ ۾ ڪنهن اڪ جي پاڙ ۾ رکي، پاڻي مٿان وجهي هليو اچي. ڪي ٻه ماڻهو اُٺ تي ٻيلهه چڙهيل هجن، ته انهن کان بخار واري جي لاءِ، ڪائڻ جو ڏس پڇجي. انهن مان هڪڙو جيڪي چوي اها شيءِ ڪارائجي.
ڪي ٽوٽڪائي ٻيئڙ تپ جي رات جو ڪهاڻي ڪندا آهن، تپ وارو رات جو انڌاريءَ ۾ هڪ خالي سانداري ۾ ٻي مُهري ڪڍي اُن پوپي وٽ پهچندو. پوءِ اهو ڪهاوت وارو هڪ هٿ ۾ سانداري ۾ ٻئي هٿ سان اَن جي مٿ پريندو، پر ۾ مهري رکندو. تپ واري کي پرپرو پٺيرو ڪري ويهاري آڪاڻي شروع ڪندو. بيمار ويٺو ٻڌندو. آڪاڻي پوري ٿيڻ تي، اهي داڻا سانداري ۾ وجهي، پوپو سانداريءَ جو منهن سڳي سان ٻڌي ڇڏيندو. تپيل گهر هليو ايندو، پٺيان نه نهاريندو. سامان ٿيو پوپي جو. ٻه - جويي مرد جي پٺڪي جي ريڙ ڦاڙائي، بيمار کي ڳچي ۾ وجهن. وڻ جنهن جي ٿاريءَ تي گگهه (چبرو) ويٺل هجي، ان جي ٻنهي پيرن جي وچ واروڪانيءَ جو ٽڪر ڪپي، ڌاڳي ۾ ٻڌي، ڪنڌ ۾ پارائين.
**ٽيئڙ تپ جا سَنوڻ:**

اهو تپ، جو به ڏينهن چڙهي، ٽئين ڏينهن اچي. تنهن کي ته - ڏَڙو تپ به چون. هن لاءِ ٿي ٻڪري جا ڦرَ ٽيڙوان چاول هٿ ڪري انهن جا وار ڪتري انهن جو سڳو وٽائي ڳچيءَ ۾ وجهن، ته - نڪاحي مرد يا عورت کان سڳو وٽائي ٻڌن. صبح جو ته - واٽي تي ٿي مانيون پچائي وجي رکن. تپ وارو پاڻ پنهنجي پاچي کي ٿي لڪڻ هٽي. تپ واري کي دانگيءَ جي ڪاراٺ جا ٿي ليڪا ساڄي ڳل تي ۽ ٿي کابي ڳل تي ڪڍن ۽ آرسي ڏيکارين. ٿي ڏيڙيون مٽيءَ جون ٺاهي، انهن کي ٿي - ٿي پادر هڻن. ڪي به ٿي ماٿو ڪنهن وهٽ تي ٽيل چڙهيل ڏسن، ته انهن کان بخار واري لاءِ ڪاڏي کائڻ جو ڏس پڇن. پوءِ جيڪو اهو ڏسي سو تيار ڪرائي کارائين، جي ڪو اڻ سهندو ڏس هجي، ته اَٽي مان اها شيءِ ٺاهي استعمال ڪرائين. تپ واري کي هدايت ڪن ته ڪٿي به به چٽا ماني کائيندا ڏسين، ته بنان صلاح جي انهن سان جنبي وڃج ۽ انهن جي کائي اُٿڻ کان اڳ هٿ ڪڍي هليو وڃج. ڪي به ٿي وڻ وڪوڙيل گڏ بيٺل هجن، ته جنهن ڏينهن تپ جو وارو هجي، ان رات جو اَسر مهل چپ چاپ ڪچي سٽ جو ڌاڳو ڪٽي وڃي انهن ٽنهي وڻن جون سنهڙيون ڦانگون پڇي ڌاڳي ۾ ويڙهي ڳچي ۾ وجهي، موٽي اچي سمهي پوي. ٽن گهرن ۾ ساڳئي وقت ٿي دانگيون چڙهيل هجن ته ماٺ ميٺ ۾ اٿو ڳوهي ماني گهڙي، هڪڙو

Gul Hayat Institute

پاسو هڪڙي گهر ۾ پچائي، اٺلائي ٻيو پاسو ٻئي گهر ۾ پچائي، باقي ماني ٽي گهر ۾ پچائي، پوءِ پنهنجي گهر ۾ اچي جام گيهه وجهي چوري مهٽي ڪائي. سهي جي ٽن سالن جي ستن پراٽين ڦولهڙين کي نڪر ۾ ساڙي انهيءَ جي چار جا ست وزن ڪري ڏينهن ۾ ٽي پيرا ڦڪي. ڳئون جو ٽن سالن جو پراڻو ڇيڻو پڻ ڪنهن ٿانءَ ۾ رکي ساڙي، ان جي رک سان ڳڙ ملائي گوريون ٺاهي صبح، ٻپهر ۽ شام جو وزن وٺي.

**اولڙي جا سنوڻ:**

هن لاءِ چون ته جي آرسي سج کي ڏيکاربي ۽ اهو آرسيءَ وارو سج جو ڏَئو ڪنهن ننڍڙي ٻار تي پيو يا ٻاٽيءَ جي پاٺ يا ٿالهه واري ٻاٽي جو اولڙو ڪنهن ٻار تي پيو ته ان کير پياڪ ٻار کي التيون، بخار ۽ دست ٿي پوندا. پوءِ ان کي اولڙي جو هٿ هٽائين. چاڪن جو هڪ مائي جنهن کي ڏاهي يا ڦوڪاري واري به ڪوٺين. اها ست اَڱر ڪٽي، اَن پرڻ جي چوٿائي جي پٽ يا زناني جتي جي پادر جي پٽ تي هڪ اَڱر سان منڊيئڙي جو نشان ڪري، اهو نشان ٻار جي ڳل ۽ نراڙ تي زور ڏيئي چٽيندي ۽ چوندي ته ”اولڙو ويلڙو پچان؟“ ٻار جو مائٽ پيو چوندو ته ”پچ“. وري ٻيو اڱار ڪٽي نشان ڪري. ٻانهن، ٺونٺن، ڪراين ۽ آڱرين تي هٽندي، ٿي اڱار جو نشان ڪنڌ جا ٻئي پاسا، چيلهه ۽ پٺن تي

چهندي. چوٿين اگر سان، سينو، هنيو ۽ پيٽ ٺڦيندي. پنجين سان ساڄي سٿر، پني ۽ پير جي تري، ڇهين اگار جي نشان ۾ کاٻي سٿر پني ۽ پير جي تري سڃيندي ۽ ستون سَنوڻ ڪُکن ۽ بغلن سان ڪندي. هيءُ سَنوڻ صبح، منجهند ۽ شام تائين ٻه - ٻه پيرا ڪيو ويندو آهي. سَنوڻ ختم ٿيڻ تي چوندس ته ڪُتي جو منهن وڃي ڏس ته اولڙو ويلڙو وڃي ڪُتي تي ڪرندو.

**سَتَ پوڻ جا سَنوڻ:**

هيءَ بيماري نندڙن ٻارن کي يڪدم ٿي پوندي آهي. ٻار ڪٽ يا منجي تان اُٿلي ڪري پيو يا ڪٽندڙ ڪان ٻالڪ ڇڏائي وڃي هيٺ ڪرنگهي يا تارونءَ پر ڪريو، ته پٺيءَ جو ڪنڌو جهڪ هٽي ويندس. هن کي سڪ سٽ چون. ان درد کان ٻار نجهرندو ۽ ضعيف ٿيندو ويندو. پاٽيءَ وارا دست تمام گهڻا ۽ بدبودار ٿي پوندس ۽ ساٽو ٿيو پيو هوندو. هن جي لاءِ ٻار کي تيل سان آيين. اونڌو سمهاري ريڙهه جي هڏيءَ کي آڱوٺي جي تل سان مٿي ڪڻن ۽ پٺيءَ جو ڪنڌوآڊي مٿي ڪڻن. ٻانهن جي ٻُڪن ۽ ٽنگن جي پنين کي هلڪڙو زور ڏيئي ٻڌي ڇڏين. وڌيرڙي ٻار کي اُٺ جو ليڏوٽو ٻڌن. جي ٻار جي ڏک ۾ ڪاڪڙو لهي پوي ته ڦودنو، ڦوٽا لڙهي ان جو ڦوڪارو ڏين ۽ نڪ ۽ ڪنن ۽ وات ۾ اهو ڦوڪ سان

ڪٽائين. ڪي آڱر وات ۾ وجهي ڪاڪڙي ڪي مٿي ڪٽي وٺن.

**ڏندڻ پوڻ جا سنوڻ:**

گهٽي ڏک يا درد ڪان ماڻهوءَ جون ڄاڙيون هڪٻئي سان چنبڙي ويندئون آهن. انهن کي ”ڏندڻ پوڻ“ چون. ان لاءِ سرميداڻيءَ واري سرائي ڏندن جي وچ ۾ وجهي، ٻئي ڄاڙيون هڪٻئي ڪان جدا ڪن. نيري اڱڙي دکائي مريض جي نراڙ تي ڏنب ڏين، ڪي ڪياڙيءَ وٽ ڏنب ڏين. هٿن پيرن جي ترين کي سڪي هٿن سان يا تيل سان مالش ڪن.

**بخار لوءَ يا جهولو لڳڻ جا سنوڻ:**

اونهاري ۾ ڪاڙهي تتي پنڌ ڪرڻ ڪري يا گرمي مان اچي يڪدم ٿڌو پاڻي پيئڻ ڪري، ننڊ مان اُٿي ٿڌو پاڻي پيئڻ ڪري جهولي جي جهڙپ لڳي ويندي آهي. جنهن ۾ بخار، مٿي جو سور ۽ تاس ٿي پوندي، پيٽ ۾ جاءِ نه هوندي به پاڻي پي پي ماڻهوءَ جو پيٽ پيو ڦاٽندو آهي. ته اُج نه لهندي آهي يا آلو ڪپڙو مٿان وجهي اُس ۾ ملبو آهي ته ”اوسو“ ٿي پوندو آهي يعني بدن ڏاڍو گرم ٿي ويندوآهي، خشڪي وڌندي ويندي آهي. ان لاءِ ميٺ ۾ بصر ملائي وهنجارين يا بصر وارو ميٺ بدن کي مکي ڪلاڪ اڌ ترسڻ کان پوءِ بدن ڌوئي ڇڏين. ڪي بصر سان انبڙيون به ذرا ذرا ڪري ملائين.

**ڪڇوراڙي نڪرڻ بابت سَنوڻ:**

چون ته جيڪو ڏيڏري ماريندو، تنهن کي ڪڇوراڙي يعني ڪڇ/بغل ۾ ڦوڙهي ٿي پوندي ۽ سخت سور پئي ڪندي. ان لاءِ ڪنڙو ۽ سنڌي تماڪ گهوٽي لپڙي ڪري ٻڌن. ڪڇ کي ٿـُـڪ مکي ڪوريئڙي جو چارو ٿڦي چڏين. ڏيڏري جهلي ڦوڙهي تي ٻڌن. جڏهن اها اتي مٿي ته پوءِ چوڙي چڏين. ڪاريهر نانگ جي کل، ٿـُـڪ مکي چنبڙائين. گـُـگر گهوٽي صابڻ جي گجيءَ سان ملائي ڪپهه جو ٻڙو پري ڪڇ تي ٻڌن.

**بتَ، ٻوهه يا جادو ڪيائڻ جا سنوڻ:**

ڪي ٺوڳي ماڻهو چالاڪي ڪري، ڪنهن سودائيءَ کان رقم ڦرڻ جي لاءِ، اڳواٽ مانهه جي اٽي جو بوتو بنائي، ان کي سيون هٽي، ٻاڙهي اڳڙيءَ ۾ ويڙهي ڪنهن قبرستان ۾ پوري چڏيندا آهن. پورڻ کان اڳ ان ماڻهوءَ جو نالو ٻاڙهي ڪپڙي تي لکي، جنازي نماز پڙهي، پوءِ بوتو پوريندا. پوءِ اهي جادوگر يا پوپا، انهيءَ ماڻهو کي ڏاڍي حرفت سان خبر ڏيندا ته ”اسان کي آشارن مان معلوم ٿيو آهي ته فلاڻي ماڻهوءَ تنهنجو بتُ وجهارايو آهي، ان جو ڪو بلو ڪراءِ نه ته مفت ڳري مري ويندين!“

ڳالهه ونئون سئون - پر ٿورن گهڻن ڏينهن کان پوءِ سودائي يا سچيل ماڻهوءَ جو سک ڦٽي پوندو، پاڻئون واڻئون پيو

ٻاڦيندو ته ”مونکي بدن ۾ سيون پيون چڀن ۽ هٿن پيرن ۾ ٻاھ پئي ٻري!“ نيٺ انهن پوپن کي پئسا ڏيئي ڏُوھ ڪيرائيندو، پوءِ اھي ٺوڳي جتي ٻوتو پوريو ھونداٺون اتي وٺي ويندس. اُن جي روبرو ساوا ليمان اڇلي ٻه - ٽي جايون کوٽي نيٺ نشامبر جاءِ کوٽائي ٻوتو ڪيندا، اُن مان سيون ڪڍي ڪير ۾ وجهندا، پوءِ اھو سڀ ڪچرو ڪنهن تلاءَ يا وهندڙ پاڻي ۾ اڇلي ڇڏيندا. اھو ڏسي اڳلي جي هورا ڪورا يا وهم لهي ويندو. چون ته مڇي جا ڇلر اورانگهبا ته به ڪامڻ پوندا.

**فال وجهڻ:**

ڪوبه بيمار يا سودائي طبيعت وارو وهمي ماڻهو، جو پاڻ کي سدائين بيمار پيو ڄوائيندو. تنهن کي ملن وٽ وٺي ويندا. اھو فال وجهي چوندو ته هن جي سر تي ڳري هئي، پر الله مٿس مهرباني ڪئي جو سويل ئي مون وٽ پهچي ويئو. تائيٺ (تعويز) لکي ٿو ڏيان، سو چانديءَ ۾ مڙهائي ڳچيءَ ۾ ٻڌوس، ڇيلو يا ڪڪڙ مٿانئس گهوري ڏکڻ طرف جهنگ ۾ (جتي اڳ ئي ڪو ماڻهو لکو ويٺو هوندو) سائي وڻ هيٺان ڇڏجو، پٺيان نه نهارجو، اصل ڇڏي مٺيون پيڙي وٺي پڄجو! وڌيڪ چوندن ته ٽي پاٽيون يڪ رنگو اناج ڪنهن غريب کي ڏجو.

**لڳت ۽ حساب جي بيماريءَ جا سنوڻ:**

ڪن بيمارين لاءِ چون ته ”هن کي جن يا جنڙي ٿي پئي آهي. انهيءَ جي لاءِ ميانوال فقير، جن کي ڏيرائي فقير يا سرندائي فقير به چون، تن کي گهرايو. چو ته انهن کي جنن ڪڍڻ جو هذن، هدو يا اُذن مليل آهي.“

**فقيرن جو ڍونگ:**

اهڙو لڳت جو حساب گهڻو ڪري زالن کي ٿيندو آهي. اتفاقي ڪو مرد هوندو آهي، جنهن کي وري جنڙي جو جهيٽيل چوندا آهن. فقير اچڻ سان پاڻ جهولڻ شروع ڪندو معلوم ڪندو ته هن کي ڪهڙو جن جو قسم آهي؟ پوءِ حڪم ڪندو ته هن کي جن جو واسو آهي، شادمانو ڪريو، شاهه گودڙئي تي، غازي شاهه تي، لطيف تي، قلندر شهباز تي، لڪيءَ جي شاهه صدر تي وٺي وڃوس، اتان ڇوٽڪارو ٿيندو. جن چوي ٿو ڪاڙهي تتي جو اسان جي آستان تي اچي، اسانجو سک ڦٽايو هئائين، يا اسان جن ٻچن کي لتاڙيو اٿس وغيره. پوءِ ماڻهو منٿائو ٿيندا ته فقير توهان کي خدا هٿ جس ڏنو آهي توهان ئي هن غريب جي انهيءَ بلا مان جند ڇڏايو.

**جنن ڪڍڻ جو ڪريب:**

عورت کي ويڙهي ويهاريندا. سرندن تي لهرو پيو وڄندو. فقير ان جي چوڏاري گول ليڪو ڪيندو ۽ پڙهڻ شروع ڪندو، عورت تي ڪٺي جو پلاند پيو چنڊبيندو، اوچتو اوچتو

رڪي رڪي چوندو ”هيءُ بادشاهه پير جو ليکو آهي. ان جي مهابي هن کي ڇڏي ڏي.“ وري پڙهي پڙهي چوندو ”جن هجين پوت هجين يا ڪو ٻيو مرض هجين، الله جو سونهن اٿئي، پنجتن جي ٻوهي اٿئي، ڇئن جو اسم اٿئي، هن کي ڇڏي وڃ“. (لهرو تکي لئي سان زور سان وڃڻ لڳندو) تون رحم جو گهر آهين، هن اسان جي چيليءَ يا ٻالڪيءَ تي رحم ڪرَ، هن کي ڇڏي ڏي ۽ جي چيائين ته نه ڇڏيندس، ته ميانوال فقير ان عورت کي چوٽيءَ کان جهليندو [جيڪا لهري جي آواز تي پنيا پکيڙي پئي جهولندي] ۽ ليکي ڪيڻ واري لٺ سان پٺن، ڇاتي، ڏُڏن، ٻنبڙن تي ڪشي ڏک واهيندس، پوءِ هن جو جن روئڻ ۽ زاريون ڪرڻ لڳندو. ڏاڍي مار ڏيڻ کان پوءِ وري ميانوال پڇندس: ٻڌاءِ ڪٿان جو فقير (جن) آهين؟ جواب: قلندر جي دونهيءَ جو. هن کي ڇو ورتو اٿئي؟ جواب هن منهنجا ٻچا لتاڙيا هئا. يا هن جو مڙس هن کي ماريندو هو، هوءَ مون کي ننڍي هوندي کان وڻندي هئي، تڏهن مون منجهس واسو ڪيو، هاڻ هن کي ڇڏين ٿو يا نه؟ ”بس هاڻ هليو ويندس، فقط چوڏهينءَ چنڊ تي پيرو ڪريو ويندس. ۽ ميانوال: نه نه، توکي هميشه لاءِ ڇڏي وڃڻو پوندو. ڇا خيال آهي؟ نه ته آءٌ وري ٿو لٺ کڻان؟ جن: دستگير وچان ضامن آهي يا شاهه پنجو وچان ضامن ڏيان ٿو، قلندر جو قسم کڻان ٿو، وچان

ٿو، هاڻ مون کي مار نه ڏي. چڱو ڏي بادشاهه پير جو هٿ. هائو اجهو وٺ! پر مونکي پيالو پياريو ته هليو وڃان، ميانوال: ڪهڙو پيالو پيئندين؟ ڪڙو پيالو پيئندين يا کاڪي پيالو؟ آءٌ ڪڙو پيالو پيئندس (کاڪي پيالي ۾ چار وجهي پاٽي جو پري ڏين). ڪڙي پيالي ۾ مرچ ڳاڙها گهوٽي، وٺو پري ڏيندس جو ڏوگهي ويندو. ميانوال چوندس چڱو هاڻ پيالو پيتئه اُسر! هوَ ساعت کان پوءِ ”ڪڪڙوتو ڪڪڙوتو“، ڪڪڙ جي ٻانگ جهڙو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو. جن ٿيندو راهي.

**چٽي ڪُتي جي چڪ ڪاٽل جا سنوڻ:**

چٽي ڪتي جي ڪاٽل کي، پير ڳاديءَ واري، پير راضي خاناٽي ۽ شيخ ريحاڻ تي وٺي وڃن ۽ پاٽي شيخن کان پڙهائي پيارين. يا نيرَه ڳوٺ (تعلقي ميهڙ) ۾ وٺي وڃي ڪيس ڪاٺ ۾ وجهائين.

ڪتي جي چٽي ٿيڻ لاءِ چون ته ”جي جهنگ ۾ ڪو تتر تمام، گهٽي اُڏوهي کائي مري پوندو ۽ اُن جو گوشت جيڪو گدڙ کائيندو ته اهو گدڙ چٽو ٿي پوندو، جي ان کي ڪنهن ڪتي چڪ وڌو ته اهو ڪتو به چٽو ٿي پوندو آهي، اهڙو ڪتو ڪنهن به جانور يا ماڻهوءَ کي چڪ هڻندو ته اهو به چٽو ٿي پوندو. چٽو ماڻهو، جڏهن چاق نه ٿيندو ته مٿانئس نير ٻڌل ڪپڙو وجهبو ته يڪدم مري ويندو!

**رواجي ڪتي جي چڪ جو اثر گهٽائڻ جا سنوڻ:**

چڪ جي جاءِ تي ست پادر هڻن، تماڪ جي ڪاڻ جا حقي يا چلم جي ڦل (ٽوپي) جي خاني ۾ سڙيل هوندي آهي، اها ڦٽ مٿان رکي ڦٽ ٻڌجي يا ڳاڙهو مرچ رکي ان جي مٿان ٿامي جو ٽڪو يا پئسو رکي چڪي ٻڌي ڇڏين.

**بلا يا نانگ جو چڪ جو اثر هٽائڻ وارا سنوڻ:**

حقي يا چلم جي ڪٽ چڪ واري جاءِ تي ٻڌن. آريٺا ڪٽي ڦڪائين، نم جا پن زهر معلوم ڪرڻ لاءِ ڪارائين.، جهاڙ وارو يا مانڊو مريض مٿان ويهارين. مريض جي جاءِ ۾ گهڻو دونهون ڪن. وڏيڪ چون ”ڏينهن واري يعني پيٽ سان ڏڪي زال جي نگاهه جي نانگ يا بلا تي پوندي ته يڪدم انڌا ٿي پوندا“ مريض مٿان نم جو ٿار گهمائين. ڪي ڪاريهر نانگ ڪي جن فقير ڇاڻن.

**وڇونءَ يا ڀٽونءَ جي ڏنگ جو سور مٽائڻ جا سنوڻ:**

وڇون ساڙي ان جي رک ڏنگ واري جاءِ تي ٻڌن. ڪيترائي وڇون جهلي، ڪڙي تيل سان گڏ شيشي ۾ وجهي ڇڏيندا آهن، جي پيا اُت سنڊبا آهن. اهو تيل ڏنگ واري جاءِ تي لڳائين. مور پکيءَ جو کنڀ، چلم يا حقي ۾ وجهي، تماڪ وانگي مٿان ٿانڊو رکي ڦوڪ پرائين. گدامڙيءَ جو ڇيڇو گهي ڏنگ مٿان رکن ۽ جهاڙ وجهائين.

**جهاڙ پڙهڻ وارا سنوڻ:**

جهاڙ پڙهي ڏنگ واري جاءِ تي هٿڙا گهمائين. ڪپڙي تي جهاڙ پڙهي ان کي هر هر نپوڙين. پاڻيءَ تي جهاڙ پڙهي ان ماڻهوءَ کي پيارين، جهاڙ پڙهي بيٺل ماڻهوءَ کي نڪاءُ ڪرائين چماٽ، ته سور ڇڏيو وڃي.

**ڏنگڻي جيت جي چڪ جو اثر ميسارڻ جا سنوڻ:**

ٻيءَ ذات جي ماڻهوءَ کان ڏنگ تي ڦڪ مڪائين، ڏنگ واري جاءِ تي اڳٺ گهمائين. اها جاءِ گرم ڪن ٽاڪوڙ سان.

**بيمار لاءِ سَنوڻ:**

بيمار جي اڳيان ڪنهن مري ويل جو نالو ڪونه وٺن. بيمار جي در تي رَلي ڪونه ٽنگين، ۽ ڇون بيمار کي پڇڻ وڃجي ته ”نه مٿو اگهاڙو ڪجي ۽ نه پٽ تي ويهجي“.

**بد نظر:**

جيڪو ٻار نندي هوندي ڪرفتي کائيندو، تنهن جي بد نظر لڳندي آهي ۽ جنهن جي ڪاري زبان هوندي ان جي ڀَڪَ سان نظر لڳندي آهي.

**نظر بد لاهڻ جا سنوڻ:**

ڪنهن چڱي ڀلي ماڻهوءَ کي هلندي هلندي ذڪ لڳو، طاقت جو ڪم ڏيکاريندي ذڪ لڳي. سٺا يا نوان ڪپڙا پائڻ سان داغدار ٿي پيا يا ڦاٽي سڙي پيا، ڀلو اُٺ يا ڏاند هلندي يا وهندي ڪري پيو يا تڪائي ڇڏي ڏنائين. ڀلي مينهن يا ڳئون کير ڏهندي لت هڻي بيهي رهي يا کير سڪائي يا گهٽائي

ويئي. يا مکڻ ڏيڻ چڏي ڏنائين. ڪلنڌڙ ٻار اوچتو روئڻ لڳو. سٺو ڀلائٹو ڀلائيندي ڀلائيندي ڪُـھتجي پيو يا اِذن پڇي پيو. ڪنھن سٺيءَ شيءِ کائيندي پيٽ ۾ سور ٿي پيو، ته اھڙين حالتن ۾ چون ته مٿس ھوس[(1) (حسد) يا بد نظر جو اثر آھي. ان جا سَـنوڻ ھن نموني جا ڪن. ٻارن کي سينگارڻ يا تنجڻ مھل ڪارنھن جو](#) ليڪو يا تلوڪڙيون ڳل ۾ نراڙ تي ڪدين. ٻارن کي ڪارا ڌاڳا يا ڪارا چوڙا ٻانھن ۾ پائين. وھٿ کي بد نظر کان بچائڻ خاطر ڪارو ڌاڳو يا ڏورو يا پراڻو پادر سوراخ ڪري ڳچيءَ ۾ ٻڌن. ان لاءِ ڪنھن ناظروءَ کان ڌاڳو وٺائين يا ڦيٽي مکائين. ڌاڳي کي ست ڳنڍيون ڏيارين. ناظروءَ جو اکيون ڏناري ان پاڻيءَ جو ڏُک جھڙ پيل کي پيارين يا ڇنڊا ھڻن. چؤواٽي تان مٽي آڻي ست اڳار، ست لوڻ جون ڪڻيون وجھي مريض مٿان گھوري چلھ ۾ وجھن. وٽن کي نظر کان بچائڻ لاءِ جيئڻ ميوي ڏيڻ ۾ گھٽائي نه ڪن، انھن جي پر سان دانگي ابتي ڪري رکي ڇڏين يا ڪاني ڪوڙي ان ۾ پراڻو ڪنو اونڌو ڪري ٽنگي ڇڏين. جنھن ماڻھوءَ کي نظر لڳي ھوندي، ان جي مٿان ڪير جو پريل ٿانءُ رکي، سڳا پڙھي ڪير جي ٿانءَ جي چوڌاري ويڙھيندا، پوءِ اھو ٿانءُ ٽانڊن تي رکندا. جي ڌاڳا نه سڙيا ته بد نظرآھي، جي سڙي ويا ته نظر ڪانھي. بدنظر جو سڳو وٺيندي يا بد نظر ڪٽندي جي نظر ڪٽنڌڙ يا

جهڙپيل اوٻاسيون ڏنيون ته پڪ نظر لڳل آهي. نظر واري تان ڳاڙها مرچ گهوري ٻاهه ۾ وجهن، جي مرچن سڙندي ڌپ نه ڪئي، ته پڪ نظر لڳل آهي ۽ ڌپ ڪيائون ته نظر ڪانهي. ناظروءَ جي پير جي مٿي يا رڳو ڦٽڪي جهڙپيل تان گهوري ٻاهه ۾ وجهن، جي ڦٽڪي ڦلجي ماڻهوءَ جي بوتي وانگر ٿي ته پڪ ئي پڪ نظر اٿس! ڪچي سٽ جو ڌاڳو ٻار يا جهڙپيل جي قد جيڏو ڪچي، اٿو ڳوهي ان مان ماڻهو جو بوتو ٺاهي، ان تي اهو ڌاڳو ويڙهي چلهه جي ڪِر ۾ پوري ڇڏين، جي ڌاڳو نه سڙيو ته نظر جو اثر آهي، جي سڙي ويو ته مڙئي خير آهي. چون ته جيڪو ماڻهو ڪنهن شيءِ يا وهٽ کي چتائي ڏسي، سو پڪ ناظرو آهي. ناظروءَ کي پٺيان پوندو ڏجي، ناظروءَ جي پيرن جي مٿي چلهه ۾ وجهجّي، ناظرو سٽل هجي ته مٿانس جنازي نماز پڙهجي، ناظرو جي پيرن ۾ اوچتو ٺانڊا اڇلجن.

**سنساري سونسا**

**چنڊ گرهڻ يا سج گرهڻ جا سنوڻ:**

ڪن ماڻهن ۾ وِڏ يا عيب ڄائي ڄم کان ٿيندا آهن. مثلاً: لسڻ، عضون جو وڏڻ، جهڙوڪ، ڇهه آڱريون ٿيڻ، عضوا ڦڏا سڏا ٿيڻ، چپ جو چيرجي بيهڻ، هٿ رونٽڙا ٿيڻ، پير ٽنڊا، ٽنگون لولهيون، بدن پنگلو، ڪن ڪولهو يا ڪرو، اک لتل، پٺن ۾ ڪٻ ياگڪ ٿيڻ. اهي سڀ نشانيون جڏهن ٻار

ماءُ جي پيٽ ۾ سر جي رھيو ھوندو آھي يعني ڪچن مهينن جو ھوندوآھي، تڏھن ٿينديون آھن، تنهنڪري اھڙي ڳپوراڙي زال کي ھار سينگار ڪرائي گرھڻ واري مهل گذرڻ تائين، سنئون سڌو ڪري ڪٺ تي سمهاري ڇڏين ۽ سندس سٿڻ جي ورَ ۾ ڪنجهي يا ڪٺ جي ڪاني يا سرائي پڻ وجهي ڇڏين، جيستائين اھو ٽاٽو ٽري وڃي ۽ ٻار جي پيءُ کي به انهي عرصي ۾ ڪو ڪم ڪار ڪرڻ ڪونه ڏين. جي ھو ڪا شيءِ وڍيندو يا چيريندو ته اھڙو نشان ٻار کي بدن تي ظاھر ٿي بيھندو(1) .

**گرھڻ جا نقصان:**

گرھڻ جي وقت اندر، جي ٻار جي ماءُ اکيون ٻوٽيون ته ٻار انڌو ڄمندو، ڪپڙي کي ٽوپو ڏيندي ته ٻار گونگو ٿيندو، اک ٻٽيندي ته ٻار ٽيڏو يا ٻاڏو ٿيندو، جي پٽ کي ليپو ڏيندي يا گُنديءَ جو آڻ يا ليڙو لنبدي ته ٻالڪ جي وھڪ جي جاءِ لتل بيھندي.

**ايڙھا پيڙھا لھڻ جا سَنوڻ:**

Gul Hayat Institute

چون چنڊ جهلجي (گرھڻ مان)، ڇتنڊڙ ھجي، ته وھنجي، تيل وٽي ۾ وجهي، ان ۾ پنهنجو منهن ڏسجي، پوءِ ڪنهن پنگيءَ کي اھو تيل ڏيئي ڇڏجي ته ايڙھا پيڙھا (ريب ڪريب ۽ ايندڙ ڏک ڏوجهرا) لٿي. جي تيل اپاڪي ھارجي پيو ته

به. چنچر جي ڏينهن شام جو تيل ڪٽي وجي ٺه واٽي تي گولائي ۾ هاربو.

**ڪاڏي يا رزق جي تنگي ٿيڻ:**

سج سوا پهر مٿي چڙهي اچي ۽ پوءِ به ڪو سنتو رهي ته اها ڪاڏي جي تنگي جي نشاني آهي.

**هوائن جي لڳڻ لاءِ سونسائي چوڻيون:**

ايڪيهه (21) ”پور“ جن جي نالي پويان اچي، اهي شهر، يڪساهي ست دفعا ڳڻجن مثلاً خيرپور، نصرپور، ميرپور، دولتپور، سعيدپور وغيره ته هوا چنڪي پوندي.

چون: ”حاجي گاگڙا! ڪول واءَ جا ڏاڳڙا.“

چون: ”آءُ ڏکڻ ڏيهي، پچ مڇرن جي پيهي!“

چون: ”گهوڙو ٻڌم ٻير سان، ڏکڻ آيو چير سان.“

واچوڙي جا سنوڻ:

چون ٿا ته جڏهن جنن جي شادي ٿيندي آهي، تڏهن واچوڙو اُٿندوآهي ۽ ان ۾ جنن جا ڪٽڪ پيا ويندا آهن. جي واچوڙي جي غبار ۾ پادر اچلبو ته ڪارڪن سان پرجي اچي هيٺ ڪرندو ته، سمجهبو ته جن شاديءَ تي پيا وڃن، پر جي گند سان پرجي هيٺ ڪرندو ته سمجهبو ته ڪنهن موت تان موٽيا آهن. جي پادر سبتو مٿي هليو ويو ته سونَ سان پرجي ايندو ۽ ابتو ويو ته گند سان پرجي ايندو. واچوڙ جي لاءِ چون:

واچوڙو واٽيون، پٿينس نياٽيون،
اڳيان ڪڏ، پٺيان ڪوھ، اسين شاھ جا مريد.
اھو انھي لاءِ چون ته متان واچوڙو ڪٽي نه وڃي!

**مينھن نه وسي جا سنوڻ:**

ڪنپار جي آوي يا نھائين دکندڙ ھوندي ته انھيءَ ڏس ۾ مينھن نه پوندو، انڌلٺ نڪتي يا ڏکڻ واءُ لڳو ته مينھن نه پوندو. پر جي اتفاقاً ڏکڻ جي لڳندي مينھن وٺو ته ٻوڙ ٻوڙان ڪري ڇڏيندو. مشھور آھي ته:

ڏاکڻو نه وسڻو، وسي ته ٻوڙي،
ڪانئري نه وسھڻو، ھٽي ته جھوري.

**وسندڙ مينھن کي بند ڪرڻ جا سَنوڻ:**

ست ننڍڙيون ڏيڏريون ٿيي ۾ وجھي، ان ۾ مينھن جو پاڻي وجھي، مٿان ڳٽي ست اگر ان ۾ وجھي. پوري ڇڏبا ته مينھن پوڻ بند ٿي ويندو. مـُھريءَ کي ست ڏک ھٽي پوري ڇڏين. پيٽ اُگھيو يا پيٽ ڇٺو ٻار (اھو ٻار جنھن جي ڇمڻ کان پوءِ وري ان جي ماءُ کي ڪو ٻار نه ڄمي) جي ڏوئي پٽ تي ٽنگيندو ته به بند ٿي ويندو، ٻھارو پٽ جي پر ۾ اُپو ڪري رکبو ته به نه پوندو. پيٺ ڇٺو ٻار ڇوٿائي ۾ پاڻي وجھي آسمان پٽ جي پر ۾ اُپو ڪري رکبو ته به نه پوندو. پيٺ ڇٺو ٻار ڇوٿائي ۾ پاڻي وجھي آسمان ڏانھن ست پيرا اڇليندو ته به نه وسندو. ست ڪاٺا ٻڌبا يعني ڏاڳو ڪٽي ڳوٺ جي

هڪ - هڪ ڪاٺي ماٺهوءَ جو نالو وٺبو ۽ ڏاڳي کي ڳنڍ ڏبي وجبي، ته بارش نه وسندي. مينهن وساڙا (هندوٽا) جيت جهلي جيئرا ڪنهن ٺڪر جي ڪپي ۾ وجهي پوربا ته به برسات ڪانه وسندي. مينهن جو پاڻي ٻهارن سان ڏڪي ڪيبو ته به نه پوندو. ڪُنو ٺڪر جو اونڌو ڪري رکبو يا ڪنو چاڙهي ان ۾ ڪپڙا ٺهڪائي وجي ڏوپ ڪبو، تڏهن به مينهن بند ٿي ويندو. ڪُڪَڙ جي اکين ۾ سرمي يا سوئڙي جون ڪانيون پري وجهبيون، تڏهن به مينهن وسڻ بند ٿي ويندو.

**مينهن وسائڻ لاءِ سَنوڻ:**

جنهن به چوڪر جي پيڻ نه هوندي، ان کي وٺي مسجد وٽ بيهاري، سندس منهن تي ڪاراڻ مکي سڄو ڳوٺ هينءَ چوندا پنائيندا وتندا.

ڪڪر ڪارڙو، ڪمارڙو، الله جو پيارڙو،

اَن پاڻي ڏيوَ ته مينهن وسي!

**پار مينهن لاءِ چون ته:**

جنڊ ۾ مڪڙو، مينهن آيو تڪڙو.

پٽ تي نوڙي، مينهن آيو ڊوڙي.

پٽ تي جهرڪي، مينهن آيو ترڪي.

پٽ تي وادو، مينهن آيو ڏادو

ڪرڙ جو گهوٻاٽو، مينهن آيو گهاٽو.

پوءِ قَنَ مان جيڪو اَن ملندن اُن جا ڪوهر ان وقت سپني جي اڳيان رڌي، پوءِ چوڪر ڪي تيستائين منهن ڌوئڻ ڪونه ڏيندا، جيستائين ڪ مينهن وسي. ٽي ڏينهن ٽنڊٽيون جهلي مسجد جي اڱڻ ۾ پورين ته مينهن وسي.

**مينهن وسڻ جا ڪرمٿ:**

اڳڙين جو گڏو ٺاهي، ان کي سائي وڻ ۾ ٽنگي مٿانئس پٽرن جو وسڪارو ڪن، جيستائين اچي پٽ تي ڪري. اهو سانگ پنج لڱا (پيرا) ڪن. ڪنهن انڌي، ڪاڻي، لولهي، يا لنگڙي کي ستن ذاتين جا ست سڳا هٿ ۾ ڏين ته عيبدارن جا نالا وٺندو ۽ ڌاڳن کي ڳنڍيون ڏيندو وڃ. پوءِ انهن سڳن کي اُس ۾ پوري ڇڏين ۽ چون ته "انڌا، منڊا، لولها، لنگڙا سپئي پيا اُس ۾ سڙن، جيستائين مينهن وسي." (1)

**ڪنوڻ ڪرڻ جا سونسا:**

چون ته مينهن پوندي مٿو اگهاڙو ڪري هلبو ته مٿان وڄ ڪرندي. ڪنجهو يا ڪنجهي جو ڪوبه ٺانءُ مينهن وسندي ۾ رکبو ته ان تي وڄ ڪرندي ۽ ڪنو جي مينهن وسندي ۾ اونڌو ڪري رکبو ته به ڪنوڻ اچي مٿان ڪڙڪندي.

**چوپائي مال جا سَنوڻ:**

ڏڳي يا ڏڳيءَ، جي خريد ڪرڻ مهل بوسو (چيٽو) لاٿو ته چڳو، جي پيشاب ڪيائين ته خراب. نئين خريد ڪيل مال کي سون ڌوئي ان جا چندا هڻن ۽ چون:

”سونَ جي رتي کان مال جي رتي ڪٺر“.

چوپائي مال کي سمهاڙي (بيماريءَ) ٿيڻ جا سَنوڻ:

مال جي لنگهه مٿان قرآن شريف ٻڌي ڇڏين. مٿر يا چنگ پڙهائي ڳچيءَ ۾ ٻڌي ڇڏين. ڪنهن اولياءَ جي مقبري جي چوڌاري مال کي ڦيرائين. ٻارن کي چون ته چينگهه ٺاهي ان تي چڙهي ڦرو ته ان جي چيچاٽ تي بيماري ڀڄي ويندي.

**چوپائي مال کي ڪيڙن پوڻ جا سَنوڻ:**

چئن وياج خورن جا نالا لکي ڏورن جي ڳچيءَ ۾ ٻڌن. انهن نالن جي هيٺان هينءَ لکن: جي تو هان هن ڏور کي نه ڇڏيندا ته ڏينهن قيامت جي وياج خورن مان ٿي اُٿندا. چون ته ڪنهن ساهه ڀري شي. جانور يا پکي جيڪو به ذاريل هجي ۽ ان جو اگهه چڙهي اچي ته وڪڻي ڇڏجي، نه ته مري ويندو. چون ته ڌرتي سموري ”ڏيي ڏاند جي سڱ تي بيٺل آهي.“ ٻڪري، ڪنهن ڪنجهي جي ٿانءَ ۾ ڏهبي ته ٿڻن ۾ فترو (ڦٽڙو) ٿيندس.

**مکڻ سيڻڻ يعني غائبانه چورائڻ جا سَنوڻ:**

جي ڪنهن جي ٻلي ڳئون يا مينهن مکڻ گهٽو ڏيندي هوندي، ته زالون مکڻ سيڻينديون آهن. يعني رات جو لوڪ

سٽي ان ڏور جو چيڙو ڪٽي اچي ان سان پنهنجي ماٿيءَ جي رڪڻ واري جاءِ وارو پٽ راڳين. منڌي يا مانڌاٽي ڪٽي وجي انهيءَ مال ۾ ڦيرائين، جتي ڪو مڪٽائتو ڏور بيٺل هوندو. اڳيچٽي ابتي مٿي تي رکي ويهي ڪير ولوڙين، ڪي وري هڪڙيءَ بوچٽي يا چنيءَ ۾ ويڙهجي يا ماڳهين الف اگهاڙيون ٿي اهڙي وٿاڻ مان مال جو چيڙو آڻين، جتي پڪ ٿئين ته پلو ڏور بڌل آهي ۽ پوءِ اُن سان پٽ راڳين. ڪي ابتي سٿڻ، ابتو چولو به طرفو (هڪ ته ڏڪڻ وارو پاسو بدلائين ٻيو رخ جو پاسو يعني اڳ ڪپڙي جو پٺ ڏانهن، ۽ کهرو پاسو بدن ڏانهن) ڏڪي، پوءِ چيڙو ڪٽي اچن. ماٿيءَ ۾ مانڌاٽي وجهڻ کان اڳ ٿي ڦيرا اُبتا ۽ ٿي ڦيرا سبتا ڏئي، پوءِ ولوڙو ڪن. ۽ چون ”هن جو به هن ۾، هن جو به هن ۾، مطلب ته ڪُل پاڙي جو مکڻ منهنجي ماٿي ۾ اچي وڃي. وهمي ماڻهو، ڪير جي ولوڙو ڪندڙ کي سانجهيءَ جو ”سنپاڻ“ يعني ڪير سانبڻ لاءِ انبيڙڻ لاءِ ڏڌ جو ڦڙو يا ليڙي جهڻ ڪانه ڏين.

**سيٺڻ کان بچاءُ جو سنوڻ:**

موچڙو اونڌو ڪري ماٿيءَ جي پر ۾ رکي ولوڙو ڪن. چيٽي جو پونڊو ٿاهي نهيري جي پٺيان هٽي چڏين.

**چمار وڏي ٿيڻ جا سَنوڻ:**

ڪوهه جي چڪ جي وچ مان يڪساهي ست پيرا اچجي وچجي پر هٿ ڪنن ۾ پيل هجن. ستل اُٺ جي ڳچيءَ هيٺان گسري لنگهجي. ڪنهن ياد ڪيو يا ڳالهه ڪئي، اهو ماڻهو مٿان اچي نڪتو. جيئري ڪي مئل هلايو ويو. جيئري ڪي خواب ۾ مئل ڏٺو ويو ۽ جنهن ڪانگ جي اوبر ڪاڍي. انهن سڀني حالتن ۾ عمر وڏي ٿيندي.

**چمار نندي ٿيڻ جون سونسائي ڳالهيون:**

ستل ماڻهوءَ کي اورانگهبو يا ستل ماڻهوءَ مٿان ڪاڍي پيتي جون شيون ٽپائبيون ۽ اُهي شيون جيڪي به ماڻهو ڪائيندا انهن جي عمر نندي ٿيندي.

**اڏاوتن جا سَنوڻ:**

اربع جي ڏينهن اڏاوت جو ڪم شروع ڪجي، چپ چپ سان نه لڳي، ان ڏينهن تي اڏاوت لاءِ ڪاٺ وڍائجي ۽ چيرائي ڪم آڻجي. جيڪو ڪاٺ اگاري، چنچر ۽ آچر جي ڏينهن تي وڍائبو ان کي اڏوهي نه لڳندي، نڪي سرو ڪائيندو. جاءِ ٺهرائڻ جي بنيادن کي ڪڏهن به پوئتي هٽائي نه ڪٽائجي. نه ته گهر جا ماڻهو ڪٽڻ لڳندا.

**ڪوهه جي چڪ جا سَنوڻ:**

چڪ کي ڪوهه جي تري ۾ لاهڻ کان اڳ جـُـجُ پت ڪن. چڪ کي ڳانا موڙ ٻڌي ماڻهن کي پت ڪارائي رڄ ڪن. اها خوشي پوري ڪري پوءِ چڪ کي ڪپڙي جي چولي

چاڙهي (ڪفن) ويڙهي، پوءِ کوهه ۾ هيٺ لاهين. ان لاءِ چون ته اها واري ٻاهر ڪانه نڪرندي هميشه لاءِ مري ويئي.

**دانگيءَ يا تئي جا سَنوڻ:**

انهن کي خالي چلهه تان لاهي هيٺ رکبو ته پٽيندا، تنهنڪري پچاڙيءَ واري ماني جي پچڻ تي اُن سميت لاهي هيٺ رکن. پوءِ ماني ڪڍي وٺن.

**ڪپڙن ڌوئڻ جا سَنوڻ:**

ڪني ۾ ٿهڪندڙ ڪپڙن کي لوهه جي سيخ يا چمٽي سان اُٿلائبو ته ڪپڙا ڌوپي اڇا ڪين ٿيندا. ٿهڪندڙ ڪپڙن ۾ ٺڪ وجهبي ته اڇا ٿيندا.

**آچار يا سانڌاڻي جا سنوڻ:**

رات جو بتي جي سوجهري تي سانڌاڻو ٿانءَ مان ڪڍبو نه ته روشني پوڻ سان ڪِنو ٿي ويندو. ميري مٿي واري ماڻهوءَ جي سانڌاڻي واري ٿانءَ تي نگاهه پوندي ته به خراب ٿي ويندو.

Gul Hayat Institute

**ويسارو ٿيڻ جون سونسائي ڳالهيون:**

جي وهنجندي پيشاب ڪبو ته ويسر ٿيندي. اُٺن جي قطار جي مهارن هيٺان لنگهي وڃبو ته به، تربتن تي رکيل سرون (مصليٰ يا ڪتبا) پڙهبا ته به؟

**نقصان يا نڀاڳ واريون سونسائي ڳالهيون:**

گوڏا يا جوتون اونڌيون ڪري ويهڻ، ٽنگ ٽنگ تي چاڙهي سمهڻ، جتي پير ۾ پائي سمهڻ، جوان مڙس جو ڪانپ ڪڍي ويهڻ، رات جو سائو وڻ وڍڻ، هيڪلي وڻ هيٺان ويهي ڪائڻ. سُهائي سومار ڏينهن سهاڳڻ زال جو تيل ميٽ پائي وهنجڻ. ٽي مانيون يا ڪي به ٽي شيون گڏي ڪنهن کي ڏيڻ، پير سان پينگهو لوڏڻ. جتي سان کٽ تي چڙهڻ يا تڏي تي ويهڻ. آگرين مان ويهي ٽڪاءَ ڪڍڻ. پوڪر ڪرڻ. پير پير تي، پير گوڏي تي رکي ويهڻ، ڏند چبا نڪرڻ. (ننڍڙي ٻار جي مٿي کي ڦٽي ڏبي ته ڏند چبا نڪرندس) مٿي جي سينڌ ۾ اُبتي پؤنري (وارن جو چڪر) هجڻ. چائنٺ تي چڙهي ويهڻ (ان لاءِ چون ته قرض ٿو لهڻي چا) رات جو پڳڙا ڪائڻ. ڪتي جو رات جو اوناڙون ڪرڻ. چون ته رات جو آسمان مان آفتون لهنديون ڏسي اوناڙو ٿو ڪري. رات جو ڪپڙا ڌوئي سڪڻا وجهڻ. پنڌ ويندڙ ماڻهوءَ جي پيرن جي ٺپي تي پير رکي هلڻ. ڪتي جو گيسيون ڏيڻ (ان جاءِ تي پاڻي هاري ڇڏين) مانيءَ جو گهڙيندي ٽٽي پوڻ. ان لاءِ چون ته بڇڙي خبر ملندي. جنهن کي وهاڻُ نه ملي يا ڏنڌو نه لڳي، ان کي به نڀاڳو سمجهن. ابتي هٿ جي ننهن سان مٿو کنهڻ. ماديءَ ڪڪڙ جو ٻانگ ڏيڻ، ان کي ڪهي ڇڏين. اربع ڏينهن اتر طرف وڃڻ، خميس ڏينهن ڏکڻ پاسي لاڙ يا ڪاچيل ڏي وڃڻ. رات جو

ڪٿ اُپي ڪرڻ. جمعي ڏينهن واڍڪو، رازڪو ۽ موچي کو ڪم ڪرڻ. رات جو ٿوپو ڏيڻ. جـَهل پوندي به اهو ڪم ڪرڻ. منهن تي باني (چٽ) وارو وهٽ وٺڻ. اٺٽيهين تاريخ نحس تارو زمين ڏي ٿو لڙي، ان ڏينهن جو نيڪ ڪم جو سعيو ڪرڻ. رات جو ڪانگن جو لنوڻ، جتي لاهڻ سان پادر جو اونڌو ٿي پوڻ. خالي ٿانءَ يا دلي جو سامهون گڏجڻ. دڪاندار جو بنان مـُهڻيءَ جي صبح پهر اوڌر ڏيڻ.

جيڪا زال ٽين تاريخ رات جو اُپ ۾ تارا ڏسندي، ان تان اُهو سڄو مهينو بدنامي، خواري، گلا ڪانه لهندي. نياڻي ماڻهوءَ جي لاءِ چون ته اُن جي ڪڙي ڏنپي چڙجي.

**ڪم نه ٿيڻ جون سونسائي ڳالهيون:**

ملهاري يعني ملهاري پکيءَ جو آواز صبح جو جيئن کي ساڄي طرف کان ٻڌڻ ۾ آيو ته ڪم ڪونه ٿيندو. تتر، ساڄي پاسي تنواريو ته. نيراڻي، ڪاڻي ماڻهوءَ تي نظر پئي ته، صبح سان شيرو ماڻهو سامهون مليو ته. (اهڙي حالت ۾ انهن کي پٺيان بجو ڏين) ويندڙ ماڻهوءَ کي ڪنهن پٺيان سڏ ڪيو ته ان لاءِ چون ته ڪيس ٿورو ترسي پوءِ وڃڻ گهرجي. گڏه اوچتو هينگ ڪئي ته. ڇڪ يا نڇ آئي ته، اڳيان ڪاري ٻلي، سهو يا گدڙ لنگهيو ته، گدڙ جي نالي وٺندي، کو گدڙ اڇي مٿيو ته به ڪم ڪونه ٿيندو.

Gul Hayat Institute

جي ڪنهن جو ڪم نه ٿيندو ٻڌندا آهن ته چون ته ”گرهه آڏا آيا اٿس“.

**ڪم ٿيڻ جو سونسائي ڳالهيون:**

ڏائي ٻولايو ته يعني ميٺي (ڪاٻي) پاسي کان ملهاري ٿي ته ۽ کٻي پاسي کان تتر تنواريو ته.

**ڪم ٿيڻ لاءِ چون:**

چنچر ڏينهن چيهه نه ڪجي، اُپرندي آچار،
ٻه پهر جمعي جا تون ويهي گهر گذار،
ته قادر تنهنجي ڪار، حاصل ڪندو حاج پئي.
ٻه چڪون يا نچون گڏ آيون ته، گهوڙي ڦونگهارو هنيو ته، ڳالهه وسريل ياد آئي ته، اُهي ڪم جلد ٿيندا.

**سپاڳ جا سَنوڻ:**

ڏينهن ڏٺي جو گدڙ اونائي يا ڪيڪراٽي ڪئي، سبتي پؤنر مٿي جي سينڌ ۾ هوندي ته. گنج کٹل ٻه، جمعي جي ڏينهن يا رات جو پڳڙا خاص طرح ڪائڻ ڪري ٻه، آچر، جمعي، سومر ۽ اڱاري تي نوان ڪپڙا پائڻ ٻه. دروازي اڳيان گپ جو ٿيڻ. ٻار کي اربع يا خميس ڏينهن پڙهڻ ويهارڻ. پوليس کي جاچ ۾ نڪرندي اڳيان جنازي جو ملڻ، سپاڳ جون نشانيون آهن.

**مهمان اچڻ جون سونسائي ڳالهيون:**

ٻلي پيرَ چٽي پنهنجي منهن تي گهمائيندي ته مهمان ايندو.ڪتو گهر اڳيان ليٽڙيون پائيندو ته به. ڪيانتو يا ڪانگ لوَندو ته به. گراهه مانيءَ جو هٿ مان ڪري وڃي مانيءَ مٿان پوندو ته پڻ. مانيءَ گهڙيندي مانيءَ جو ڪو پاسو وڏي ڇپو ٿيو ته پڻ. گراهه کائيندي اپاڪي (اوچتو) آڱر ۾ چڪ ڪپي ويو. ڪڪڙ ڪنپ ٽيڙي وڃي اُس ۾ ٻرجي ليٽي پئي ته به مهمان گهر ۾ ايندو.

چون ته ڪي به ٽي ڄڻا گڏجي ڪٿي مهمان ٿي نه وڃن، نه ته ان گهر تي مصيبت نازل ٿيندي. چوٿون ماڻهو پاڻ سان ڳوٺ جو وٺي پوءِ ڪنهن جي گهر ۾ وڃجي.

**مهانگ ٿيڻ جون سونسائي ڳالهيون:**

گهوٽ سيج تي ڪلندو. ٽئو يا دانگي ڪلندي يعني ان کي هيٺ لاهڻ کان پوءِ به هيٺيون پاسو چٽگون چڙهندو. ڪپڙي جي تند ساڙبي ته ڪپڙو مهانگو ٿيندو.

**گلا جا سَنوڻ:**

مَڪ منهن مٿو ويٺي پٽيندي يا ڪٽيندي ته گلا ٿيندي. زبان ۾ اوچتو چڪ لڳي ويو ته به، پير جي پب ۾ ڪئي (خارش) ٿي ته پڻ. باهه پڙڪو ڪري ٻرندي تان پڻ گلا پئي ٿيندي.

**مسافري ڪرڻ جا سَنوڻ:**

جتي لاهيندي پادر پادر تي چڙهي پيو ته مسافري ڪرڻي پوندي. پير جي ترڙيءَ ۾ خارش ٿي ته به. پير جي ترڙيءَ ۾ تر هوندو ته اهو ماڻهو سدائين مسافري ۾ هوندو.

**ڳالھ جي سچائي جي ثابتيءَ جا سنوڻ:**

ڳالھ ڪندي نڇ آئي ته ڳالھ برابر سچي آهي، ۽ جي مٿان ٻانگ آئي ته به ڳالھ سچي آهي.

**ٻڪايل هئڻ جون سونسائي ڳالھيون:**

سونارو، سون توريندي ذرو ذرو وڌائيندو رهندو ۽ مٿان چئي ڏيندو ته اڙي نيرانو آيو آهين ڇا؟ ماني، دانگي يا تئي تي آيماڻ لڳندي ته آيل مهمان گهڻي بک هئڻ ڪري پائنبو آهي.

**عجيب غريب سونسائي ڳالھيون:**

هٿ جي ترڙيءَ ۾ خارش ٿيندي ته ڪٿان پئسا ملندا يا ڪنهن کي ڪينڪاربو. جي اوچتو ڪنهن ڪنهن جي نالي تي ڪنهن کي سڏ ڪندو ٻڌو ۽ ٻاهر نڪرڻ تي ڪا پهر ڏسڻ ۾ نه آئي، ته چون ڪنَ ٿا وڄنس، قبر پئي ڪوٺيس. گهڻن ڏينهن کان پوءِ ڪو دل گهريو ماڻهو اچي ته چون ته دلو يا مٽ پچو. صبح مرداني ڪنهن جي به ڪنهن ڪوڙي نهيل زيور تي نگاهه پئي ته چڻ سوا سير ڪرفتيءَ جو ڪاڏائين. سڄي ڇمار ۾ جي ڪنهن سوا مڻ سوئڙي جو اڪين ۾ وڌو ته ڏينهن قيام جي پُڇاڙو ٿيندس. ڇِـٻ، ڇبري يعني گگهر

پکي جو جتي به پاچولو پيو ته اُت سج ٿيندي ۽ جتي ويٺو ته ست پاڙا ڦٽائيندو. همان پکيءَ جو جنهن تي پاچولو پوندو، سو بادشاھ ٿيندو. گدڙ ڏينهن جو اونائي ۽ ڪانءُ رات جو ڪانگيرو ڪري ته ڏڪار پوندو يا ملڪ جو بادشاھ بدلبو.

سنجھي يعني اوائلي رات ۾ ڪڪڙ جي بانگ ٻڌڻ ۾ اچي، ته پڪ ڪٿي ڪو قضيو (ماڻهو مئو) ٿيو آهي يا ڪا چوري ٿي آهي. ڪو ڪوڙو افواھ اُٿي چون ”ڪنهن جي گهوڙي ويائي آهي يا ڪنهن جي ڪنڪُري آهي (نيروٿي ماڻهو اڳي ڪن مان ڪيڙا پوڙي نيرا يا ماوا ڪندا هئا).

چون اِنسان جي بدن ۾ هڪ سوئَر وار ٿيندو آهي. ان لاءِ جي ستاويهن تاريخ ماھ رمضان، قدر جي يا نائين تاريخ ماھ ذوالحج جي اَسر جو يا صبح جو سوير اُٿي وهنجبو ته اهو وار پسندو ۽ پنهنجي نحوست چڏي ڏيندو، ٻي صورت ۾ هر چڱي ڪم جي لاءِ اڳ ڦرندو رهندو. جي مٿين تاريخن تي وهنجي وجي ٻير جي وڻ کي ذوٽبو ته جيترا پن ڪرندا اوترا گناھ ميسارجي ويندا، ٿر جي پاسي جدا وهمي ڳالهيون آهن[(1)](.)

**ٻيون عجيب سونسائي ڳالهيون:**

پاروٺو طعام کائبو ته هنيانءُ انڌو ٿيندو. پؤنر گهر ۾ اُڏامندو ڏسي اُن کي پاٽيءَ جا چنبا هٽي پچائين، چون ته مئل مائٽن

جو پڻڪيل روح آهي. نئين خريد ڪيل ڪڪڙ کي گھر جي چلھ مٿان ست ڀيرا ابتا سبتا گھوري پوءِ ڇڏين، ڇون ته هاڻ انهيءَ گھر کان سواءِ ٻئي پاسي جي سونهين ڪا نه ٿيندي. ڪنهن پير جي مريد ٿيڻ واسطي وارن جي پيشانيءَ وٽان چڳ ڪترائين، ان کي ”چڳ وڍيو“ مريد چون. پنهنجي پاچولي کي هر هر ڏسبو ته ماڻهو چريو ٿيندو. تارو ٽُٽي ۽ ڪڙي ته چون، ”شيطان کي اُماڙي پيا لڳن“. سنجهو ٿاري پوءِ ڪيڏانهن پنڌ نڪرجي، نه ته پنڌ وڏي پوندو. چون زال ذات ۾ عقل ڏائيءَ کڙيءَ ۾ آهي، سڄ لٿي کان پوءِ اهو به چٽ ٿي ويندو اٿس.

جمعي جي ڏينهن پڳڙا نه ڪائبا ته ماڻهو قرضي ٿيندو. چانڊوڪي رات ۾ کير اگھاڙو ڪري ڪين رکن، جي اتفاقي مٿس چنڊ جو سهائو پيو ته کير مان آڳريون ٻوڙي چنڊ ڏانهن ڦڙا اُڇلين، چون ته کير تي ضرور پرين جو پاچولو پيو هوندو. سامهون ڪو کير کڻي ويندڙ گڏبن ته ان کان تري تي سرڪي وٺي چسڪين. ڀاڳيا ماڻهو پلجي کير يا پس ڪونه کائين. چلھ ۾ پاڻي هارڻ سان ماڻهو قرضي ٿيندو. چوڻي:

ٻڌيھ منڊ منڊي ۾، اسيءَ ۾ ڪاٺو، شيرو شرارتي ٿئي، ٻاڏو، ٽيڏو تاڏاٽو، گنجو گرو ساماٽو، ته مڙني کڻي ماٿ ڪئي.

هٿ جي ترِيءَ ۾ تر هوندو يا خارش ٿيندي ته پئسا جام پيا ملندا. جنهن کي پير ۾ پدم (پير جي اها ريکا يا ليک جا آڱوٺي ۾ شامل آڱر جي وچ کان نڪري سڄو پٻ اُڪري پير جي پيٽ وٽ اچي ختم ٿيندي آهي) هوندو، اهو سگهو ئي شاهوڪار ٿيندو. جنهن ماڻهوءَ مان بيزار ٿجي، ان جي ٻاهر نڪرڻ تي، ڏوڙ جي چپٽي کڻي پٺيان اڇلجيس. گوشت رڌيندي نه ڳري ته ان گوشت جو هڏو ڪڍي چلهه ۾ ساڙجي، ڪتو پونڪي ته پوندو ڏجيس ته ماٺ ڪندو وري نه ٻهندو يا چئجي:

لام تر، چار ڪرف، پنجون پڇ، ڪتا! تون ڪڇ.

خالي مٽ يا دلو رات جو گهر ۾ نه آڻجي. ڪوري دلي يا مٽ جو پاڻي پهريائين چيڙاڪ طبع جي ماڻهوءَ کي پياربو ته پاڻي پيو ٺرندو. کٽ تي نماز پڙهبي ته ماڻهو پولڙو ٿيندو. ڪاري ۾ ويهندڙ پولڙو ٿيندو. سياريءَ جي رات جو ڪپهه جو ٻُڙو مٽي کڏ تي رکي ڇڏين، صبح جو اُٿي ڏسن جي گهميل هوندو ته سال سٺو ۽ سڪار وارو ٿيندو، جي سڪل هوندو ته ڏڪار وارو ۽ ڏکيو سال گذرندو. ڪڪڙ مک بدن تي ويهندي ته ٻه سال سٺو ٿيندو. ٻار جي اک جي ٽيڏاڻ ڪڍڻ لاءِ ٻرندڙ ڏيئي ۾ ڪوڏي وجهي ڇڏين. يا ننڍڙي ٽوپي ڇڏين. ڳوهيري جي چڪ جي زهر نڪرڻ واسطي چون ته ست ڦيلهيون ڪرفتيءَ جون

ڪانٽيون پونديون. چمڙو جي چڪ هٽندو ته تيستائين وات ڪونه ڪيندو جيستائين ڪو ڪارو ڳڏهه هينگ ڏيندو. بصر ويندي ان جو پاڻي اکين کي تکو لڳي ته چون ”مالهيءَ ڦـُوس ڏئي پوءِ بصر پوکيو آهي.“

ليمي جي نالي وڻ تان داوا قوم چڙيو پوي؟ ماکيءَ تان حجام؟ ڪنڊ تان ڪنڀار؟ واڳڻ تان واڍا؟ مـُڳن تان مڱڻهار؟ گهر مان ڪو پاتي ٻاهر پري اُسهيو ته تيستائين گهر مان ٻهارو ڪونه ڪڍن، جيستائين وري خير سان موٽي اچي؟ چون ته هٿ يا پير جو ننهن ڪنهن جي گهر ۾ ڪري پيو ته ان جو جهڳو ئي ڏوپي ويندو؟ ٻلو يا ٻلي ماربي ته ست ورهيي پوندي يعني ست سال گهر جي ڏسڻ کان اهو ماڻهو وانجهو رهندو؟ اُٺ جي ٽٽ تان ڪلبو ته هسا نڪرندا. جنهن ماڻهوءَ جي اکين جون ماڻڪيون پيليون هونديون، سو ڪڏهن به ڪنهن سان وفادار نه رهندو. بندري کي شيطان ۽ ڊگهي کي بيوقوف شمار ڪن. چون ته ٽٽيهر پکي رات جو ماڻهن جا ٻچا ٿو پٽي يا پاراتا ٿو ڪڍي.ان جي ٻولي ٻڌي چون ته:

ٽٽيهر آنا پٽ ۾ پر بچائڻ وارو تون!

**جهيڙو ٿيڻ يا نه ٿيڻ جا سَنوڻ:**

ڪانولي، ڪنهن گهر مٿان ويهي ٻوليندي ته اُن گهر ۾ جهيڙو ٿيندو. ننهن ڪنهن جاءِ ۾ ڇڏبا ته اُتي جهيڙو ٿيندو.

جهر ڪيون ۽ ڪبرون جي پاڻ ۾ وڙهن ته ضرور ڪٿي جهيڙو ٿيندو. ڪره ڪڪڙي جنهن کي ڪڙه ٿنڊڻي به چون، اها ڪٿي اچلبي ته به. ڪٿي ويهي چيٽو پوربو ته به. هڪڙي جي ڦٽي ٻيو بنا موڪل جي مٿي کي ڏيندو تڏهن به، ڪنجون ڪڙڪائيبيون، چمٺو وڄائبو ته به . سيڙه جانور جو ڪندو ڪنهن گهر ۾ اڇلابو ته به انهن ۾ جهيڙو لڳندو. ڪنهن گهر ۾ مڱ اڇلبا ته ماٺ ٿيندي.

**مرڻ ۽ مئل ماڻهو جا سَنوڻ:**

ڏائڻ ماڻهن جا هنيانءَ ڪڍي کائيندي آهي. ڏائڻ وڏ گهراڻي زال يا ڪا سوناري ٿيندي آهي. جنهن گهر ۾ ڏائڻ پيدا ٿي ته اتي هاتار يا چراخ پاڻهي اچي نڪرندو. ڏائڻ جي اکين ۾ ماڻهو جي شڪل ابتي ڏسڻ ۾ ايندي يعني ٽنگون مٿي ته ڳچي هيٺ هوندي. ڏائڻ هاتار تي چڙهي رات جو قبرستان ۾ وڃي مئلن جا هانءَ ڪڍي ٿي کائي.

ڪلهي تي هٿ رکي ويهڻ سان ان جو پاءُ جلد مرندو. ڪنجهي جو وٺو يا ٿالهي وڄندي ٻڌي مئا سپ اُٿي ويهندا، سمجهندا ته قيامت اچي ويئي، ڪير پياڪ ٻار مرندو ته قيامت ۾ ماءُ جو اُره سونگهي اُن کي بهشت ۾ پاڻ سان گڏ وٺي ويندو. مئي ماڻهوءَ کي ڪنهن وهٽ تي ڪائي ٻڌي ڪڍن ته ان وهٽ کي گهنگهر ويا چيرون گوڏن تي ٻڌن ۽ ڪنن ۾ ڪپاه ٿوسي وجهن ۽ چون ته ”لاشو هلندي تڪليف

ڪان اهڙيون ٿو ريهون ڪري جو ماڻهو ڪونه ٿا ٻڌن وهٽن جا ڪن ڦاٽيو پون ۽ وٺيون ٿهن. لاڙو ڪنهن موٽر، لاري يا مشنريءَ مٿان رکي ڪٽي هلبو ته ان جون ڪلون خراب ٿي وينديون. ڏک لڳڻ سان ڪو ساهوارو يا جانور ساڻو ٿي پوي ته مٿيون ڦوڪين، ڇو جو ساهه ورندس. هڏڪي ٿئي ته چون ته ”ڪهن ياد ڪيو آهي“.

**فال وجهڻ جا ڍنگ:**

شيءِ گم ٿئي ته فال وجهائين. بيمار جي چڱي ڀلي ٿيڻ جي لاءِ به ماڻهوءَ ۽ چوريءَ جي حقيقت لهڻ لاءِ به فال وجهائين.

1. فال جي لاءِ ڪتاب پڙائين. ڪتاب ۾ خانا ٺهيل هوندا جن ۾ احوال لکيل هوندو آهي. فال وارو، آيل کي اکيون پورائي دائري وارن نمبرن تي هٿ رکائيندو، پوءِ نمبر وارو احوال پڙهي ٻڌائيندو.

2. ڌرتي تي ليڪا ڪڍي، اهي ليڪا اِڪي - ٻڌي ڳڻي، پوءِ اٽڪل تي انهيءَ جو مطلب ٻڌائين.

3. فال وجهندڙ زال، پنهنجي ئي ٻانهن جي نريءَ تي، ٺونٺ کان وٺين آڱر جي چوٽيءَ تائين هينءَ چئي ٻاڙيون مئندي ”سچي بيبي فاطمه، سچو علي شير“ پوءِ ڏُکي تي مطلب سڻائيندي.

4.	ننيڙي بي سمجھ ٻار ڪان سوال پڇندا، ويل ماڻهوءَ بابت ته ”فلاڻو اڪيئين ڪي ڪنين؟“ يعني ويجهو آهي پري؟

5.	پٽ لنبي ان تي گول ليڪو ڪڍي، پوءِ ان جي مٿان آڱر جي ٺيڪ سان ڌوئي جهلي ٻيهن، پوءِ ڌوئي جنهن پاسي لاڙو ڪندي ته ٺاهيل مطلب، ماڻهوءَ جي حالتن پٺاندڙ ڪٽي ٻڌائي خوش ڪندس.

6.	اڪيون پوري ٻنهي هٿن جي وچين آڱرين کي پاڻ ۾ ملائين. جي مليون ته چڱي خبر، جي نه مليون ته بد خبر.

7.	تسبيح، ترڪيءَ مٿان اُپي جهلين جنهن پاسي لوڏو کائي ته اهڙو بيان ڪري ٻڌائين.

8.	نڪر جو ڪورو ڪوُنرو پاڻيءَ سان پري مٿئي ۽ ٻنڌي کي ڏيڻ سان بندي ڪري. پوءِ مٿئي واري سوراخ ۾ مشڪوڪ ماڻهن جا نالا پني تي لکي وجهي، مٿئي واري گرڻ اشهد آڱريون ڏوڙيون ڪري انهن تي ڪوُنرو مٿي ڪٽيندا ۽ چور جو نالو ايندو ته ڪوُنرو وٺي تڪڙو ڦرڻ لڳندو.

**عضون جي ڦڙڪڻ يا ڦرڻ جا سنوڻ:**

چون ته مرد جي ڪبي ۽ زال جي سڄي اک ڦڙڪندي ته چڱو سَنوڻ آهي. ڪلهو ڦڙڪندو ته ڪنهن نئين آيل

ماڻهوءَ کي پاڪر وجهبو. چپ ڦڙڪيو ته جهيڙو لڳندو. سٺر ڦڙڪي ته ملاقات ٿيندي.
اک جي ڦڙڪي بند ڪرڻ جي لاءِ مسجد جي نُڪ جو ڪک ڇـِني اک تي رکن. ڪنهن ڪاٺي ماڻهوءَ کان اک تي هٿ گهمارائين.

**پارس ۽ سونَ جون پرمي ڳالهيون:**

ڳِجھ ۽ سرڻَ جي ٻچن جون اکيون سون ڏسڻ کان پوءِ ڪلنديون آهن. اهي ڪٿان نه ڪٿان سونُ آڻي آکيرن ۾ رکنديون آهن. ڇانه ۽ ڦوسي پکيءَ جا آنا تڏهن ڦٽندا آهن، جڏهن اُهي پارس پٿر آڻي آنن سان ڇهنديون آهن.
عربستان ۾ ٻڪرار پنهنجين ٻڪرين جي کرن ۾ لوھ جا نعل هڻي ڇڏيندا آهن. ڪنهن ڏينهن اُهي نعل سونا ڏسڻ ۾ ايندا آهن سبب ته عربستان جي ريتيءَ ۾ ڪٿي ڪٿي پارس جا ڪٽان پکڙيل آهن.
حيدرآباد ضلعي جي لاڙ واري پاڱي ۾ ڏؤنرن هنگورن جون ماڙيون مشهور هيون جي هاڻ ڊهي پٽ ٿي ويون آهن. انهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته هنگورن جو ڪو زميندار سرڪاري ڍل پري نه سگهيو ۽ کيس گرفتار ڪري حاڪمن جي روبرو سپاهي وٺيو ٿي آيا، رستي ۾ گنجي ٽڪر جي پاڙ ۾ ان سپاهين کي روڪي پيشاب ڪرڻ جي اجازت گهري ۽ هڪڙي ٽونگڙي ۾ پيشاب ڪرڻ لڳو.

اوچتو ان تونگڙي مان هڪ پٿون نڪري آيو، جنهن کي لت هڻي ماريائين ته ان جي پيٽ مان چمڪندڙ ڪڻ نڪتي جا ڪٽي ڪيسي ۾ وجهي چڏيائين. سندس ڪيسي ۾ ڪي ٽامي جا سڪا پيل هئا. شهر ۾ پهچڻ تي ٻيڙين وٺڻ لاءِ جهڙا پئسا ڪيسي مان ڪڍيائين ته سڀ سونا ڏسڻ ۾ آيس. سونارن کي ڏيکاريائين جن صفا سون چئي ڪيس ان جي رقم ڏني، جا خزاني ۾ پياري اچي ڳوٺان نڪتو. ڳوٺ ۾ ماڙيون محل ٺهرايائين ۽ چڱو وقت گذارڻ لڳو. نيٺ جڏهن پاڻ کي موت جي قريب ڏٺائين ته اهو پارس پٿر ساڻ ڪٽي ٻيڙيءَ ۾ چڙهي ڳوٺ جي ٻاهران ڍنڍ ۾ اڇلي ڇڏيائين ۽ اها ڳالهه سربستي پنهنجن پونيرن کي ٻڌائي مري ويو. سندس مرڻ کان پوءِ سندس وارثن ڍنڍ جو پاڻي سڪارائي مٽي ولارائي، پرڻ مان ڇاڻائي مگر پارس پٿر وري هٿ نه آيو!

**سون ٺاهڻ جو مهوسين جو نسخو:**

دنيا ۾ سون جون کاڻيون آهن، سون انهن مان مٽيءَ گاڏڙ حالت ۾ ملي ٿو ۽ پوءِ ان کي ڪوٺارين ۾ وجهي، آٿي صفا سون ٿو بنائجي. جتي سون لپي ٿو اتي هڙتال، شنگرف، پارو، هيراڪس، اولاسار يا نوشادر، ٽامو، چاندي، مارشيشا پڻ لپن ٿا. انهن کي جڏهن گرميءَ جو مقرر درجو رسي ٿو، تڏهن منجهائن ڪي ڳريو وهڪرو ڪريو وجيو بين سان گڏجن ٿيون ۽ سون ٿيو پون.

تنهنڪري مهوسي (سون ٺاهيندڙ) مٿين شين کي ڪوٺاري ۾ وجهي چرخ يعني باهيون ڏيندا آهن. جيئن اهي رجي سون ٿين. ٿامي جو اڪسير ايريال يا ڪنوار ٻوٽيءَ جي رس ۾ يا سورج مکيءَ جي رس ۾ ”گـِل حڪمت“ ڪن، پوءِ اهو اڪسير چاندي يا پاري سان ملائي ڪوٺارين ۾ وجهي چرخ چاڙهين، ۽ ائين چون ته ”رڳو هڪڙي چرخ جي ضرورت اٿس، جوڙو تيار آهي. عمر گذري ويئي اٿن. ملڪيت پينگ ٿي ويئي اٿن، پر اهو ڳاڙهو جوڙو اڃا تيار ٿي نه سگهيو آهي“![(1)]

---

(1) نظرثاني ڪندڙ پاران واڌارو آهي. (ادارو)

(1) چاپاڪو هڪڙو ميرانجهڙي رنگ جو مٽيءَ رنگ تي نيڙو پکي آهي، جيڪو گهڻو ڪري رات جو اُڏامندوآهي. (ليکڪ)

(1) ا هـُس جي پڙٽمي هـُس آهي. (ادارو)

(1) وهمن کي پڪو ڪندڙ ڳالهيون:

چون ٿا ته جڏهن شهنشاهه جلال الدين اڪبر سندس ماءُ حميده بيگم زال همايون جي پيٽ ۾ هو ۽ ڪچن مهينن جو هو ته سندس ماءُ سچ گرهڻ جي خبر ٻڌي، پنهنجي پنيءَ تي سئيءَ سان منديئڙي جو نشان ڪيو. اهو نشان ڪيندي ڪيس همايون بادشاهه ڏسي ورتو ۽ نشان ڪرڻ جوسبب پڇيو. پوءِ حميده بيگم ڪيس گرهڻ ٿيڻ ۽ ٻالڪن جي نشانن بابت ڪيس ٻڌايو بادشاهه کلي ڪٽي ماٺ ڪئي، مگر جڏهن اڪبر ڄائو ته ڪيس اهو نشان ساڄيءَ ٽنگ جي ساڄي پنيءَ تي هو.

Gul Hayat Institute

[1] مينهن وسائڻ جي هڪ وهمي ڳالهه: بڪيرا شريف، تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ هڪ ڳوٺ آهي، جتي نور محمد ميمڻ جو گهر آهي ۽ اُن کي ڪي ماڻهو ماستر ابراهيم ميمڻ جو گهر چون ٿا. ان گهر جي سيني پاتين کي اهڙو اِذن مليل آهي ته ”جي انهن مان ڪوبه گهر پاتي ڪنيار ڪان ڪورو گهڙو وٺي، قائم الدين قلندر جي درگاهه جي ڪوهه تان پري، درگاهه جي پاهرين در جي چائنٺ تي هٽي پچندو، ته مينهن وسندو!“ (ليکڪ)

[1] ٽر پاڳي جي پرمن جون ڳالهيون:

هڪڙي زال ڏاڍي وهمي هوندي هئي. ان جي پٽ کي ٽي سال ٿيپ آئي. مائي ڪنهن کي به نه ٻڌائي، پلا وهمي جو ٿي! آخر ڳوٺ وارن پاڙ ۾ صلاح ڪري سندس چؤنري جي پر ۾ ويهي رهاڻ ڪري انت ورتو. هڪڙي چيو ته هن مائي جي پٽ کي به ڏهه سال سزا لڳي هئي. مائي يڪدم چيو ته ايندي سندس دشمنن کي. وري ٻي چيو ته ڏهه نه باقي ست سال پڪ آئي اٿس تڏهن به مٿيون جواب ڪيائين. آخر جڏهن ٽن سالن تي اچي بيٺا ته چيائين ته مڙس جو پٽ آهي، ڪمائي ايندو. بدسُنوڻ سمجهي انگ نٿي ٻڌايائين. هڪڙو چاچو ۽ پائٽيو چوريءَ تي رات جو وڃڻا هئا، پر سُنوڻ سڦلو ٿيڻ تي وڃڻو هون، سو چا ڪيائون جو دلي جو گانگهو ڪبڙي ۾ٻڌي ويهي چاچو ڏسڻ لڳو ته جي ميٺو پکي ان مان وچان لنگهي ويو ته وار به ونگو ڪونه ٿيندو. اتفاق سان چاچو ضرورت لاهڻ لاءِ اُٿي ويو ۽ پائٽي کي سنيال ڪرڻ لاءِ چيائين جڏهن موٽي آيو ته هن ٻڌايس ته ميٺو برابر اُڪري ويو آهي.

پوءِ ٻئي چوريءَ تي ويا، هڪڙي شاهوڪار جي چؤنري ۾ گهڙي سامان ڪنيائون. اوچتو گهر جي ڌڻين کي سجاڳ ٿي ”چور چور“ ڪيائون. چور سامان چڏي پر ۾ چاپرو پيو هو ان جي هيٺان لڪي ويٺا. ماڻهو رات جو بتيون ڪٽي هنن کي ڳولڻ لڳا.

چاچي پائڻي کان پڇيو ته سچ ٻڌائي ته ميٺو لنگهيو هو يا نه؟ جي توکي شڪ هجي ته پڇي جان بچايون. پر ڇوڪرو چوي ته ويهه ويسا لنگهيو آهي. چاچو چوي ته جي لنگهيو آهي ته پوءِ پاڻ کي نڪو لـهـرَ نڪو لوڏو. تان جو يڪدم هڪڙو ڪڪر وسڻ شروع ٿيو، ٻتيون وسامي ويون ماڻهو پسي ويهي رهيا چور هليا ويا. (3) بڪيرن وارن غوثيه پيرن جا مريد ٿر واري پاڳي ۾ آهن. انهن کان ڏن پـٽَ، چاليهو فرائضه وٺڻ لاءِ سيڪڙن ۾ سدائين مسافريءَ ۾ هجن. انهن مان هڪ وڏي پير ڳالهه ڪئي ته: آءٌ نوڪرن خادمن سان هڪڙي ڳوٺ ۾ وڃي لٿس. رات جو ڪچهري ٿي. اتي برسات وسڻ جون ڳالهيون نڪتيون. هڪڙي ٿريي ڳالهه ڪئي ته ڳوٺ کان ٻاهر هڪڙو پٿر پيل آهي. اهو جڏهن گهمبو آهي، تڏهن مينهن جا نارا نئي پوندا آهن. اسان جي ماڻهن مان هڪڙو جٽو ٿريي کي ڪوڙوڪرڻ ۾ ان جي وهم وڃائڻ لاءِ رات جو اُٿي وڃي ان پٿر مٿان پيشاب ڪري اچي سمهي رهيو ۽ اها ڳالهه رڳو مون کي ٻڌايائين. صبح جو اسان ٻيءَ منزل تي وڃڻ واسطي سنبرياسين ته اهو ٿريو ڊوڙندو آيو چيائين ته ميان صاحب! پڇٽو هجيوَ ته پجو پٿر گهميو بيٺو آهي، مينهن اجهو آيوڪِ آيو! اسان هن کي چيو ادا، تون ٺيڪ ٿو چوين، اسين پيا مينهن ۾ به ويندا‌سين. دل ۾ هن جي پورائيءَ تي کلي رهيا هئاسين. هو چوي بچين! گهبرَ نه ڪريو. وهٺن کي تڙيو هن سيم مان نڪري وڃو. پوءِ اسان وهٺن تي چڙهي سڌ پڌ مس ڪيو ته اوڙاڪون او هيرا ڪري نيئي پيون، پڇي پٽ ٿي پياسون چار ڪوهه پورا اهو مينهن اسان جون مٿيون منجهائيندو رهيو. مرڳو حرڪت مان برڪت ٿي پئي. (4) مرحوم مولوي قادربخش شيخ اسان جي استاد ڳالهه ڪئي ته: آءٌ گبڙي ۾ ماستر هوس. بدلي ڪرائڻ لاءِ صبح جو اُٺ تي چڙهي گبڙي جي اسٽيشن تي گاڏي پڪڙٽي هيم جو ڪراچي وڃي اي - آءِ صاحب کي روبرو عرض ڪري حيدرآباد ضلعي ۾ پاڻ ٽرانسفرڊ ڪرائٹو هئم. جيئن اُٺ تي لانگ ورايم ته

ڪاٻي پاسي کان گڏھ ھينگيو. اھا ھينگ ٻڌي ٽريي جٽ چيو ته سَنوڻ سٺو آھي. سائين، تون وڏي نصيب وارو آھين جنھن ڪم لاءِ نڪتو آھين تنھن ۾ تنھنجا پئون ٻارھن آھن. مون پڇيس سو ڪيئن؟ چيائين سوار ٿيندي، جي ڏائي طرف کان گڏھو ٻولي ته ڦاسيءَ تان به ماڻھو لھي اچي.

پوءِ ٿيو ائين جو آءٌ درخواست ڪٽي آفيس ۾ ويس ته ٺھ پھ منھنجي بدليءَ جو آرڊر ڪري ڏنائون. ھينگ تي ته منھنجو اعتبار ڪونه ھو، ڇو ته سڀ ڪم ٻاڻ مُسَسببُ سبب الاسباب ٿو ڪري پر ٽريي جٽ کي ٻه جس ھجي جنھن حال في الحال دلڏير ڏيئي ڇڏي!

پرم نه رڳو ايتري ۾ ختم ٿي ويا پر روزانه نت نوان وھم، سنسا، شرڪ، وسوسا اپرندا ٿا رھن. ڇو ته اڄوڪي انسان جو ٽوڻن، ڦيڻن، منڊن، منترن جنترن، جھاڙن جھپن ۾ پروسو ٻجھندو ٿو رھي. ھٿن جون ريکائون ڏيکارڻ، خوابن جي ويچاڻ (تعبيرن) تي اعتبار ڪرڻ، منڊين جي ٻڙن سان قسمت نھڪائڻ ُانھن پٿرن ۾ عقيق، مرجان، نيلم، پکراج، زمرد، لعل، ياقوت، ھيرو، فيروزو وغيره اچي ٿا وڃنلله آسمان جا ستارا يا گرھ پڇڻ، پوٿيون پٿائي ڏسا سول پرکڻ، فالون وجھائي نحس، سعد ساعتون ڪڍائڻ. وارن جي پؤنرين مان نپاڳ سپاڳ سمجھڻ. ترن ۽ ھنس مان نيڪ بختي ۽ سياھ بختي معلوم ڪرڻ. طلسمي يا مقناطيسي منڊيون، ڪڙا ۽ پٽا پائي بيماريون روڪڻ ۽ انھن ڪمن جي پوئتان بي انداز رقمون ريلڻ اھي سڀئي سنسن ۾ شامل آھن. اڃا به الائجي ڪھڙيون ڪھڙيون پرکون ۽ حيلا وسيلا ھلندا. خدائي بھتر ٿو ڄاڻي! مردن کان وڌيڪ زالن جو حصو گھڻو ئٹو ويساھ وسوڙيل آھي. سدائين پير فقير، ملا موسڙا پيٽيندين وتن. ھن سائنس جي زماني ۾ به وسوسائي ماڻھن جي اونڌي مت چوٽ چڙھيل پئي ڏسجي. الله ھڪڙي کي ڇڏي،

ماڻهو مڪرن، ٽيڪڙن، ٽڻ ٽڪاٽن، ٽوڳي ٽولن. ٽوڻ ٽوٽڪن جي پوئتان ڦيريون پائيندا وتن! الله سائين شل ايمان بخشي! آمين! (ليکڪ)

[(1)](#) سون: سون هڪ عنصر آهي، جنهن جو هڪ منفرد ايٽمي نمبر هوندو آهي، جڏهن ته هن جا منفرد نيوٽران ۽ پروٽران نمبر آهن. انڪري هو سون آهي. ان ريت، ٻين ڌاتن جا به جدا جدا ايٽمي نمبر آهن. هن ڌرتي تي جيڪي به عناصر (Elements) آهن، تن کي نه وڌائي سگهجي ٿو، نه ئي گهٽائي سگهجي ٿو. ٿورن لفظن ۾ عنصر يا عناصر کي پيدا نٿو ڪري سگهجي. اهي ڪمپاونڊ ڪونهن، جيڪي ٻن يا ٽن شين سان ملائڻ سان جڙندا آهن. عنصر جي اها خوبي آهي ته ان کي جيترو به ونڊبو ۽ ورهائبو هو پنهنجي خاصيت ۾ اِهوئي رهندو جيڪو هوندو. سون جو ذرو به سون هوندو آهي ۽ ان جي رتي، ماسو ۽ تولو ويندي ڪلو تائين سون ئي رهندو. ونڊجڻ يا ورهائجڻ سان اِها شيءِ متجي ٻي ڪا شيءِ بڻجي سگهجي، انڪري سون کي پيدا ڪرڻ واري خواهش ۽ شوق بي وقوفي کان سواءِ ڪجهه به ڪونهي. (نظرثاني ڪندڙ)

# باب ستون

# مرڻي جون رسمون

**جياري جياري ماريندو،**
**پر ماريندو به اَلاجي ڪيئن؟**

**بيماري ۽ سڪرات:**

ماڻهو اگهو يا بيمار، هل هلان ۾ ٿيو ته ڪيس مٽ مائٽ، عزيز قريب، اوڙو پاڙو ۽ واقفڪار پڇڻ (عيادت) لاءِ پيا ايندا ويندا. خاص طرح زالن جا ته روزانه ڪٽڪ پڇڻ ڪاڻ پيا ايندا، جن ۾ سينڌ سڻات، سيڻ سڄڻ ۽ راڄ پاڳ واريون سڀئي عورتون هونديون. ڪي خود مرڻينگ ڪان ته ڪي سندس ٺهل ٽڪور ڪندڙن ڪان پڇڻ لڳنديون ته: فلاڻي جو ڪهڙو حال آهي، اهي ڪي سڪر يا آهي چاقڙو؟ اهي ڏک ۽ ارمان مان ورندي ڏيندا ته: اجهو اهو حال اٿس، جيڪو توهين توڙي اسين اکيئين پيا ڏسون، الله سان ڳالهيون اٿس! اُهڪيءَ ۾ آهي يا سير ۾ آهي، الله سائين اُڪاري پار ڪندس! اسان ته پنهنجي وس ۾ ڪونه گهٽايو

آهي. ڪئين حڪيم، طبيب، ويج وڙا ووڙيا اٿئون، پر ڪٿان به اجا ڀاڄھ جي ڀُڪي نه ملي آهي. سائين ڪي وڏي سگھ آهي، وري ته ويرم ڪانهي! جڏا جياري، مرڪندا ماري: رب ساڻي ٿيندو!

پچندڙ عورتون دلذير ڏيڻ ۽ آٿت ڪاڻ چونديون ته:

ماندي ٿيءُ نه مارئي، تنهنجو الله پيو آهي،
سئو ورهيه جا ڏکڙا، هڪ لحظي ۾ لاهي،
اهڙوئي الله آهي، جو ماڳ رسائندءِ مارئي!

مائي، مٺي محبوب ڪي وڏي وڏائي آهي، ڀاڻهي ڪٽي معافي ڪندو. بندي جا شل عيب نه اگهاڙي. انهيءَ مهل ڪي سڪرات چوندا آهن. سڪرات ۾ بيمار ماڻهو، کائڻ، پيئڻ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ ڇڏي ڏيندو آهي. گوگهري پئي لڳندي اٿس ۽ اکيون ڇت ۾ اٽڪيل هونديون اٿس. هر هر دؤرجي پيو ويندو آهي. مائٽ مٺ آسرو لاهي ويهندا آهن. اهڙي مهل تي ڏَس ڏيندڙ چوندا آهن ته: خيرات ڪريو، صدقو ڪڍو. من رب پنهنجو رحم ڪري!

**خيرات ڪرڻ:**

سڪرات واري ماڻهوءَ مٿان ڦندر، ڀهرو، ڇيلو، ٻڪرو ڪُهي خيرات وجهندا. ان جانوَر تي مرڻينگ جو هٿ ڇهائي، پوءِ ان کي تڪبير وجهي ذبح ڪري، گوشت غريب غربي کي ورهائي ڏين، ڪي جانور کي بيمار جي



Gul Hayat Institute

چوڏاري ڦيرائي کهي گوشت ورهائي ۽ جانور جو ڪجھ رت دروازي تي هڻي ڇڏين. ان جو مطلب اهو سمجهيو ويندو آهي ته اها قرباني يا خيرات خود مرڻينگ ڪئي آهي. خدا قبول وجهندو. ڪي مٺو پٽ رڌي ٻارن معصومن کي کوٺي کارائي، پسئو پئسو هٿ ۾ ڏين. اهو پئسو مرڻينگ جي هٿان ڏيارين. سڪرات ۾ اَڳهي ماڻهوءَ جي سيراندي کان قرآن شريف مان سورت ”ياسين“ يا الجاثيته پڙهائيندا آهن. اهي سورتون گهڻ ۾ گهڻ تي پيرا ۽ وڌ ۾ وڌ انتقال تائين پيا پڙهائيندا آهن. ڪي بروقت قرآن شريف جا ٽيهه ئي پاره پڙهائين، ڪي مرڻينگ جي پر ۾ ويهي وڏي آواز سان ڪلمو طيب لا اِلـه الاالله محمد رسول الله پڙهن. جيئن ڪلمي جو آواز ڪنن ۾ ٻُريس، ۽ پاڻ به ڪلمو اُچاري يا سندس سيرانديءَ کان ويهي تلقين ڪن. جنهن ۾ ڪيس نالو وٺي چون ته پر ڪلمو مٺي محمد صلي الله عليه وآله وسلم تي.

ٻُچندڙ زالون، اتي ئي بيمار جي حالت ڏسي چونديون ته ”هاڻ ڳالهيون الله سان اٿس! تار ۾ آهي، هاڻ بچڻ جي اميد گهٽ اٿس، نڪ نڪري آيو اٿس، هٿ ذر ذر شهپر تي پيو هڻي [جي زال ذات هوندي ته چونديون سينڌ پئي ٺاهي] اکيون ڪوڙيون ٿي ويون اٿس، هيٺيون ڏڙ صفا ساهه ڇڏي ويو اٿس، هٿن پيرن جا ننهن ڪاراڻجي ويا اٿس.

Gul Hayat Institute

ڀيو مرڻ کي سگ ڪونه ٿيندا آهن. توهين به ننڍڙيون ڪونه آهيو. اَئي فلاڻي! تنهنجي هٿن مان به ساٿ ويا آهن، چا ٿي سمجهين؟“ ڀيون چونديون ته ”برابر سچ ٿيون چئو، اِتئين چڙهيو ته ڪر نئون چائو، حال ڪونه ٿو ڏسجي، الله سائين راڻن کي راڻا ۽ ڪاڻن کي ڪاڻا شل بخشي بچائي ڏي، جوانن کي جواني بخشي، مُشڪل آسان ڪري. سانگ سرهو ڪريس، اِنسان ويچارو نيٺ جيءُ جيءُ نيٺ مرندو، نڪر جو نهيو آهي سو پڇڻ ڪاڻ، الله جي در سدائين توبه آهي، ويچارو دم پهر جو مهمان آهي. گهڻي تڪليف ۽ لوچ پوچ ڏسي ائين به چونديون ته ”انهن عذابن کان رب پاڪ ڪٽي پنهنجو ڪريس ته چڱو!“ ڀيون وري ڏڍ ڏيڻ ڪاڻ چونديون ته ”مائي! الله جا عجب رنگ آهن. من ڪٽي ڪيس جيءَ ڏاڻ ڏي! پريان ڏور ڏاڍي هونديس ته چوٽو، اوٽو ٿيندو ئي ڪين، جنهن جي اک ۾ گهاٽو گهميو، تنهن به موت نه قبوليو! هوڏانهن مرٽينگ جي ڦوڪ نٽي ته، هيڏانهن يڪدم روج راڙو شروع ٿي ويندو: اي منهنجا جيجڙا ابا! آ منهنجا جيجڙا ادا! آ مون ويهيءَ جا ور! آ لنگهه گهوٽم پٽم! (جي زال هوندي ته، جيجڙي اما! جيجڙي ادي! وغيره) ڪي پيون زالون ٻاڪاريندون ۽ هوشيار زالون مردي جي سيرانديءَ کان وهاڻو ڪڍي اکين جي مٿان هٿ رکنديون، جيئن اکيون کليل نه رهنس. اڳڙيون ڪٽي چاڙهي

ٻڌنديس ۽ ٻنهي پيرن جا آڱوٺا چڪي ٻڌندس ۽ ٻانهون سڌيون ڪري، ڪٽ جي سيراندي ڪان واڻ ۾ ٻڌي لٺ ڪوڙي ان جي مٿان رلي وجهي ڇڏينديون.

**ميت جي سرانجامي:**

گهر جا مڙس ماڻهو ۽ ڪي پاڙي جا همراه اوطاق، اوتاري يا پڌر تي تڏو وڇائي پٽ وجهي ويهندا ته راڄ وارا ۽ مائٽ همدردي ۽ ڪم ۾ مدد ڪرڻ لاءِ اتي اچي ڪٺا ٿين. ڪي جوڙي پوتي (ڪفن) وٺڻ ويندا، هڪڙو ڄڻو مردي تان ڪانو ڪڇي قابروءَ ڏانهن ويندو، جي قبر کوٽڻ وارو مقرر ڪيل نه هوندو ته منجهائن ئي ٻه - ٽي همراه قبر کوٽڻ ويندا. هڪڙو غسل يعني تڙ ڏياريندڙ مُلن ڏانهن ويندو. منجهائن ڪو غسل ڏيڻ جو تختو يا ڦرهو کڻي ايندو. ڪو غسل جي پاڻي ڪوسي ڪرڻ لاءِ، ڪٿان ديگ آڻيندو. هڪڙو قاصد ٿي راڄ کي قضيي جي خبر ڏيندو ته، فلاڻو گذريو آهي، فلاڻي وقت کڻندس اچي پتر پائي ٿجو. پرانهين پنڌ تي پڻ ڇتاءَ لاءِ قاصد موڪليو ويندو، جو خاص طرح مئل جي پٽ، پاءُ، ڌي، پيءُ، ماءُ وغيره جهڙن ويجهڙن مائٽن کي وڃي خبر ڏيندو ته جهٽ پهچي هلي منهن ڏسن. اهڙي قاصد کي زباني لکت ۾ اهڙو احوال ٻڌائيندا ۽ چوندس ته اُڏام، ڇڙ ته ويو ئي ڪونه آهين. مطلب ته ساٺ سرهو

ڪرڻ جي لاءِ سپ مٿ مائٽ مئي جي ڪم ۾ جنبي ويندا آهن.

سگھري مرد جو ميت

**جوڙي پوتي /ڪفن آڻڻ:**

جيڪو ماڻهو جوڙي پوتي/ڪفن وٺڻ ويندو، سو پاڻ سان هيءُ سامان آڻيندو: اٽڪل ٻارهن وال پٽيو يا هرڪ، هڪ وال بافتو، اڇي ڪپه، عطر جون شيشون، ڪافور، ڏوپ، گلاب جو عرق، ميٽ، سُئي ڌيري، سرهو صابڻ، چاپيل عهدنامو، ٻه اجرڪون (هڪ لڱ نچوڙڻ لاءِ ۽ ٻي چاڙ وجهڻ لاءِ)، نئون تڏو، ٻه نوان ٺڪر جا ڪؤنرا اهو سامان آڻي اوطاق (پڙ) تي رکندو. جوڙيءَ تي گهٽ ۾ گهٽ ويهه - پنجويهه روپيا خرچ اچي ويندو آهي. پر هن دور ۾ اهو خرچ گهڻو وڌيل آهي.

**جوڙي پوتي ناهڻ:**

مُلو (غسال) بروقت ان هرڪ کي ڦاڙي ٻه چادرون اٽڪل ساڍن پنجن فوٽن ماپ جون ڪندو، ۽ هڪ چولي (الفي) اٽڪل چئن فوٽن جي جدا ڪري رکندو، ڪپڙي جي ٻرَ کي ٽوپو ڏيئي ٻيئي چادرون ڳنڍيندو، بافتي مان ٻه هٿيا اٽڪل چار آڱر ماپ جيترا ٽڪر ڦاڙي ڌار رکندو، انهيءَ ڪم ۾ پڙ تي ويٺل ماڻهو پڻ همراهي ڪرائيندس. پوءِ اهو سامان تڏي ۾ ويڙهي رکندو.

Gul Hayat Institute

**تڙ/غسل جي تياري:**

جنهن جاءِ تي مڙدي کي تڙ ڏيڻو هوندو، اُتي اول ته چري (ڪڏ) کوٽيندا ته پاڻي منجهس گڏ ٿئي. اُن کي ”حد“ به چون. حد جي پاسن کان پڪيون سرون رکي پوءِ انهن جي مٿان ڦرهو (تختو) ٺهڪائي رکندا آهن. پاسي ۾ سرن جي چلهه ٺاهي ان تي ديگ رکي پاڻيءَ سان پريندا آهن، پاڻي ۾ ٻير جي وڻ جا پن يا ٿورو لوڻ وجهي، انهيءَ کي ٻارڻ ڏيندا، جيئن پاڻي نـَهـَنَ سهسڙو ٿي سجر ٿئي.

**تڙ /غسل ڏيارڻ:**

لاش جي کٽ کي هڪ ماڻهو سيرانديءَ کان ۽ ٻيو پيرانديءَ کان جهلي کٽ کي کڻي آڻي ”حد“ وٽ رکندا. پوءِ لاش لاهي ڦرهي مٿان الهندي پير ۽ اپرندي مٿو ڪري سنئون سمهاريندا. ملو پاڻ سان سڀ سامان ڪڻرن سميت کڻي اتي اچي ويهندو، به همراه ڪيس ڪڻرا ڌوئي ڌمالي پاڻيءَ سان پري واري تي ڏيندا ويندا. ملو اول مڙدي جون پٽيون ۽ اڳڙيون کوليندو، ڪو زيور پيل هوندس ته اهو به لاهيندو، پوءِ بت جا ڪپڙا لاهي، سٿرن تي بافتي جو ٽڪر ستر پوش ڪري مٿان رکندس. ڪنهن ٽڪر جي پاٽ يا طباق، يا وٽي ۾ بنا تيل جي ميٺ پسائي ملي جي پر ۾ رکندا. ملو ڀهريائين هٿ جي مٿان ڪپڙي جو ٿيلهو يا هٿيو چاڙهي، هٿ ۾ ڪڙو يا پتر کڻي مڙدي جي استنجا

ڪرائيندو، پوءِ وضو سارائيندس. پوءِ لڱن کي ميٺ ملي لڳ ڌوئاريندس. ميٺ ڪڍڻ کان پوءِ سڄي بدن کي سرهو صابڻ هڻندس، اهو ڌئاري، پوءِ شهادت جي ڪلمي سان ٿي ڪؤنرا پاڪائي جا نائيندس. غسل مهل مڙدي جي ڪنن، ناسن ۽ وات ۾ ڪپهه وجهي ڇڏيندو جيئن تڙ جو پاڻي اندر جسم ۾ داخل ٿي نه سگهي. وهنجارڻ کان پوءِ ڪنهن ڪپڙي يا اجرڪ سان لڳ نچوئيندس.

**ڪفن ڍڪائڻ:**

کٽ تي نئون آندل تڏو وڇائي، انجي مٿان بيئي چادرون ٻگهيون پکيڙي انهن جي مٿان الفي يا ڪفنيءَ جي هٿ سان ٻڇي ڦاڙي، پوءِ انهي الفي يا چوليءَ تي ”خاڪ شفا“ يعني عربستان مان آيل مٽيءَ جي ٽڪي (جيڪا حاجي سڳورا عربستان مان آڻيدا آهن) گلاب جي عرق مان يا صاف پاڻيءَ مان ٻوڙي آلي ڪري يا عربستان مان آيل زمزم جي پاڻيءَ جي ڏَبي يا ڏُنگي کولي ان مان ٻوڙي چوليءَ تي اشهد جو ڪلمو يا ڪلمو طيب لکي ۽ صلوات سڳوري لکي، چوليءَ جو هڪڙو هيٺيون پاسو چادر مٿان وڇائي، ٻيو پاسو ٻڇي وارو اُپو ڪري اُٿلائي مٿي جهلي بيهندو. ٻه ماڻهو لاش کي ڦرهي تان کڻي کٽ تي الهندي طرف پير ۽ اڀرندي طرف مٿو رکي ڪفن تي لاش سمهاريندا، پوءِ ملو ڦاٽل ٻڇي مٿي مان اُڪاري، ڪفنيءَ جو مٿيون پاسو پيٽ

تان اُٿلائي برابر ڪري هيٺين پاسي بيهاريندو، چادرن جون ٻئي انديون ڦاڙي، هڪڙيءَ جا پورا ٻه ٽڪرا ڪري سيرانديءَ ۽ پيرانديءَ جي مٿين جي ٻڌڻ لاءِ ۽ وڏي لنبي اَندي چاتي يا سيني جي ٻڌڻ لاءِ رکندو. لاش جي چاتي، ڪنن، ناسن ۽ اکين جي چپرن مٿان(1) ڪافور پوري برڪيندو، ان ڪان اڳ عطر منهن ۽ بدن ڪي مکي چڏيندس ۽ مٿان چٽيندس، پوءِ ريڙن يا اندين سان ٻيئي مٿيا سيرانديءَ ۽ پيرانديءَ جو ۽ سينو ٻڌي، ميت جي سيرانديءَ جي ساڄي پاسي کان قرآن شريف ۽ زمزم جون ڏُنگيون ۽ چپيل عهدنامو رکي، ملو نڪري ٿيندو ٻاهر.

**منهن ڏسڻ يا لاش کان موڪلائي:**

جڏهن اوري پري جا سيئي تعلقدار اچي گڏ ٿيندا، ته پهريائين منهن ڏسندا، هڪ مائٽ، منهن ڏيکارڻ لاءِ لاش جي سيرانديءَ کان بيهي مٿيو کولي سيني ڪي سڌ ڪندو ته ويجها ٿي منهن ڏسو. جنهن تي مڙئي ماڻهو زالون توڙي مرد جيڪي محرم هوندا اوچنگارون ڏيندا، اشهد جا ڪلما پڙهندا، سبحان الله سبحان الله ۽ استغفار پڙهندا ڪٿ جي چوڏاري ڦري اچي بيهندا. ان مهل ”عدت واري زال“ پنهنجي مڙس کي حق مهر به شاهديءَ ملائڪن جي بخشيندي آهي، ڪجھ وقت منهن ڏسڻ کان پوءِ مٿيو بند ڪيو ويندو. پوءِ ميت تي چاڙون يا سامون وجهندا، جن

مائٽن ڪپڙو نه آندو هوندو، سي وارثن کي روڪڙي رقم ”ننگ“ ڪري ڏيندا. چاڙن ۾ اجرڪون ۽ لونگيون هونديون آهن ۽ زال جي لاءِ پوتيون.

**جنازو مقام قبرستان ڏانهن کڻي هلڻ:**

منهن ڏسي، رڙي، روئي واندا ٿيندا ته ڪانڌين کي جنازي کڻڻ جو سڏ ٿيندو، جي پٽر تي اوسيڙي ۾ ويٺا هوندا. پهريائين ٻاهر هڪڙي کٽ يا ڏولي وجهندا، پوءِ ٻه - ٽي مائٽ لاش کي تڏي سميت سيرانديءَ پيرانديءَ ۽ چيله وٽان هٿ ڏيئي ٻاهر کڻي آڻي کٽ تي رکندا. ان سان گڏ پرڻ ۾ ڪو اناج جو زالون پتڻ اُڪرڻ لاءِ ڏينديون، قرآن شريف ۽ آب زمزم جون دونگيون عهدنامو وغيره لاش جي ساڄي پاسي ڪان رکندا، يا ڪو ماڻهو جنازي سان گڏ کڻي هلندو. ڪانڌي ڪلمهءِ شهادت پڙي اچي ڪلها ڏيندا. ان مهل تي جنازي مٿان ڪارو غلاف وجهن، جنهن تي سوره فاتحه، چار قل ۽ آيت الڪرسي زري يا ريشمي ڌاڳي سان پريل هوندي آهي. وڏن ماڻهن ۾ انهيءَ مهل دهل تي ٻڊ يا ڊنڊ وڄائين، اوسارا چون ۽ ڪارا ڪپڙا ڍڪي ماتم ڪن. امير ماڻهو لاش کڻڻ وقت ان جي مٿان سونا ڦل ۽ روپيا گهوري اڇليندا آهن. پهريائين چار ماڻهو ڪلهو ڏيندس، پوءِ جيڪو نئون ماڻهو ڪلهو ڏيڻ لاءِ ايندو، سو اول سيرانديءَ ساڄي پاسي واري همراه جي اڳيان وڌي پاڳي کي اچي جهليندو،

اهو همراه پوئتي هئي، ساڄي پاسي واري پيرانديءَ واري کانڌيءَ جي اڳيان ٿي هن کي آجو ڪندو، اهو ساڄيو همراه وڌي اڇي کاٻي پاسي سيرانديءَ کي ڪلهو ڏيندو ۽ پهريون کانڌي هٽي، پيراندي ڏي ويندو. اهڙيءَ ريت هرهڪ ماڻهو چار ڪلها ڇئني پاسن کان ڏيندو رهندو. جنازي کي پير پير ۾ آهستي آهستي کڻي پيا هلندا ۽ اشهد جا ڪلما هري هري يا وڏي سڏ پڙهندا هلندا. چوندا هلندا ته ”آهستي آهستي هلو، جيئن ميت کي لوڏو يا تڪليف نه اچي“. تنهن هوندي به جي تڪڙو هلندا آهن ته چوندا آهن ته ”ميت کي قبر جي ڇِڪَ ٿي ٿئي“.

جي مولودي ميسر هوندا ته اهي جنازي اڳيان مولود چوندا هلندا. چوندڙ، ميت جي وارثن ۽ پٽن کي چوندا ته ”بابا! مڙس ٿي ڪلها ڏيوس، اچ مهل اٿوَ، جيترا ڪلها ڏيڻا هجنوَ سي ڏيوس، آخري خدمت اها اوهان جي سنپرندو. الله ڪيو جو پنهنجن جي هٿن ۾ سرهو ٿيو. پنهنجائي هلي ٿا لوڙه لٿينس. اهڙيءَ طرح جنازو آڻي مقام جي پر ۾ ڪنهن اچي پڌر يا جنازي نماز واري مسجد ۾ اولهائين طرف رکندا.

**جنازي نماز:**

کانڌي جنازو رکي وجي وضو سارينداا. جڏهن رهيا کهيا نمازي سڀ اچي گڏ ٿيندا ته اِڪي درجي ۾ صفون ٻڌي بيهندا

يعني هڪ يا ٽي يا پنج يا ست صفون ٻڌندا. پوءِ ملان جنازي جي اپرندي طرف لاش جي سيني برابر بيهي، ميت جي ويجهن عزيزن مان، پيءُ، پٽ يا ڀائرن مان هڪ کان جنازي نماز پڙهڻ جي اجازت گهرندو. اجازت ملڻ کان پوءِ هيئن نيت ڪندو، ”نيت ڪيم جنازي نماز جي، ساڻ چئن تڪبيرن فرض ڪفايه منهن طرف ڪعبته الله جي ثواب ڪارڻ هن ميت!“ [جماعتي چوندا پٺيءَ هن امام جي] پوءِ الله اڪبر چئي هٿ ٻڌي دعائون پڙهندو، وچ ۾ چار تڪبيرون هڻندو. جماعتي به پوئتان هٿ ٻڌي بيهندا ۽ تڪبيرون چوندا. پڇاڙيءَ ۾ ٻنهي ئي سلام ورائيندو. سلام کان پوءِ سيئي ماڻهو قُل پڙهندا ۽ قُلن جو ثواب ميت کي بخشيندا.

**قرآن بخشائڻ:**

ملان جنازي جي سيرانديءَ کان ويهي قرآن شريف ڪٽي وارثن مان هڪڙي کي اُپ ڪوڙي يعني اوڪڙو ويهاري ٻنهي هٿن ۾ قران جهلڻ لاءِ ڏيندو ۽ پاڻ چوندو ته ”هن جيڪي ننڍا توڙي وڏا (صغيرا و ڪبيرا) ڏوهه گناهه ڪيا آهن. جيڪي فرض سنتون ڇاڻي ٻجهي يا ويسر ۾ ڇڏيون آهن يا گُسائيون آهن، جيڪي اسلام جا ارڪان جي مٿس فرض هئا ۽ پورا نه ڪيا آهن (جن ۾ صدقا، نذر ۽ نياز سڀ اچي ٿا وڃن)، رهجي ويا آهن، تن سڀني واسطي هيءُ قرآن

شريف بخشايان ٿو.“ هو به سندس چيل اکرن کي ورجائيندو. پوءِ ملان قرآن بخشڻ جي دعا گهرندو ۽ ان جو ثواب بخشيندو. عزيز ان جو اُجورو حيثيت سارو اتي ئي ڏيندس. يا پوءِ گهر وڃي پهچائيندس.

**بخشان بخشي ڪرائڻ:**

ڪي وري پاءُ يا اڌسير ڪاڌي جو روزانو جي حساب سان سڄي عمر سارو ڀڌي اهو بخش ڪرائين. مثال ميت جي ڄمار اٽڪل پنجاه ورهيه مقرر ڪيائون ۽ سندس ڏيلَ ۽ قدبت سارو روزانه اڌ سير اناج ڪاڌي واسطي ڀڏندا. انهيءَ حساب سان مهيني جا ٿيندا پندرهن سير ۽ هڪ سال جا ٿيندا هڪ سؤ اسي سير يعني ساڍا چار مڻ، پنجاه ورهيه عمر واسطي اناج ٿيندو ٻه سؤ پنجويه مڻ. چوندا ته اي الله سائين هن بندي تنهنجي ڏنل رزق مان اٽڪل مٿئين انداز جيترو اناج ڪاڌو ۽ تنهنجا فرمان پڳا اٿس. هن جو ڪو هاڻي توکان سواءِ بغير بلو پيٽي ڪونهي. هن قرآن شريف جي محابي تون هن کي بخش ڪر.

**قدم ڏيارڻ:**

جنازي کي، جنازي نماز جي جاءِ تان کڻڻ مهل، چار ماڻهو پاڳن جي جوڙ وٽ کٽ جي ايس ۾ هڪ هٿ وجهي اشهد جو ڪلمو پڙهي، کٽ کي زمين کان اڌ فوٽ کن مٿي کڻي به - ٽي وکون هلي وري هيٺ رکندا، اڳيون ماڻهو ساڄئي

پاسي جي پوئين طرف ۽ پويون ساڄئي پاسي جي اڳئين طرف وڃي ايندو ۽ وري ڪٽ يا ڏوليءَ کي ڪٽي ڪلما پڙهي به - ٽي قدم وري هلندا ۽ جنازي جو رخ به پيا ڦيريندا ۽ ٽيون پيرو به ساڄيا ماڻهو ساڄين طرفن تي اڳئين وانگر بيهڪ وٺي، ٽي قدم ڏيئي جنازو ڪلهن تي رکندا ۽ قبر ڏانهن هلندا. انهيءَ مهل وارثن مان هڪڙو ماڻهو ڪانڌين کي چوندو ته ”ادا، ڪم ڪار واري کي موڪل آهي.“ جي قبر تيار هوندي ته لاش قبر ۾ لاهيندا، جي دير هوندي ته ترسندا. تيستائين مولودي مولود پيا پڙهندا.

ڳوٺ مان پرانهين مقام ڏانهن يا پرديس مان پنهنجي مقام ۾ لاش آڻڻ جو دستور:

ڪو ماڻهو وفات هڪ هنڌ ڪندو آهي، پر ان جو لاش سينگاري پڪاري ڏورانهين هنڌ تي نيٺو پوندو آهي. اهڙي لاش جي کڻڻ لاءِ ڪائي(1) استعمال ڪندا آهن.

اُٺ کي پاکڙو يا پلاڻ وجهي ان جي مٿان اُٺ جي مدوءَ واري پاسي ڪائيءَ کي سوگهو ٻڌي ٻئي پاسي پونجهه واري پاسي کان هڪ ماڻهو ان کي جهلي ويهندو آهي. اُنهيءَ اُٺ کي ڳچيءَ ۾ وڏو ٽلو يا چنگ ٻڌندا. چو ته انهن جي چوڻ موجب مئو ماڻهو سچي واٽ رڙيون ۽ دانهون ڪندو هلندو آهي، جو آواز رڳو جانور ٻڌندا آهن. تنهنڪري ان چنگ جي آواز ٻـُرڻ ڪري اُٺ جي ڪنن تي رڙين جو اثر نه

ٿيندو. اهو ماڻهو اُٿ هڪلي جڏهن ڏُر پهچندو آهي ۽ مـُڙدي جو گهر گهاٽ به اتي ئي آهي، ته ڪيس سڌو قبرستان نه نيندا، بلڪ گهر ۾ پهر پلڪ ترسائي مٿن مائٽن کي منهن ڏيکاري گهر جو آسائش يا وسرام وٺائي، پوءِ وڃي دفن ڪندا آهن. اهو تڏهن ڪندا آهن جڏهن ماڻهو ٿورا ۽ منزل گهٽي هوندي آهي، پر جي ٿوري پنڌ تي وڃڻو هوندو آهي، ته فقط ٻه ماڻهو، هڪڙو ڪٿ جي سيرانديءَ وٽ تي ٻيو پيرانديءَ وٽ تي مٿو ڏيئي ميت ڪٽي اُٿي هلندا آهن. ڪجهه پنڌ ڪرڻ ڪان پوءِ انهن کي واري وٺائو اچي مدد ڪرائيندا آهن.

**قبر کوٽڻ ۽ ٺاهڻ:**

ڪوشش ڪري اتي قبر کوٽائيندا آهن جتي ميت جا ٻيا مائٽ به پوريل هجن، چو ته چوندا آهن ته ”جيئن مائٽن جا هڏا هڏن پيڙا ٿين“. جي ڪو مقرر قابرو نه هوندو ته ٻه همراه ميت تان ڪچيل ڪانو ۽ اوزار ڪوڏر، رنبو ۽ تيشي ڪٽي اچي مقام ۾ ڊرندا ۽ ميت جي پاڙي ۾ اُتر کان ڏکڻ طرف قبر جو پڙواڏو کوٽيندا، جو ماڻهوءَ جي سيني برابر هيٺ کوٽي، پوءِ ان جي اولهائين طرف هڪڙي چيهه، جنهن کي ڳجهٽ، چر ۽ سامي به چون، تيشي ۽ رنبي سان ماڻهوءَ جي ڪن تائين ٻگهي ۽ اڌ فوٽ کان ڏيڊ يا ٻن فوٽن تائين

ميت جي ڏيل موافق ويڪري ڪوٺيندا. اها ڪوٺجي تيار ٿيندي ته لاش هيٺ لاهيندا.

**لاش قبر ۾ دفن ڪرڻ:**

لاش هيٺ لاهڻ ڪان اڳ ڪي ماڻهو ڪچيون سرون ۽ وڏا ڪڙا يا گاهه ۽ ڪبڙ جا ساوا پن آڻي اتي گڏ ڪري رکندا. ڪي وري پئسا پري، اهي موجود ڪرائي رکندا آهن. جيئن زمين جي حالت سارو اهي ڪم آڻي سگهجن.

ميت واري ڪڏ يا ڏولي قبر جي الهندي طرف بلڪل ساميءَ جي مٿان آڻي رکندا. ٿي همٿ پريا ماڻهو جي ميت جا ويجها عزيز هوندا، سي ور ڪنجي پڙاڏي [لحد] ۾ هيٺ لهي پوندا، ٻيا ماڻهو ميت جي چاتيءَ هيٺان ۽ پٺن ڪان هڪڙو پوتاڙو ڏيو ڪري اُڪاري، جنهنجو الهندو پوچڙ ٻگهو ۽ اپرندو پوچڙ مٿ ۾ جهلڻ جيترو ڇڏيندا. ميت تان گهٽيون چاڙون يا سامون لاهي، باقي ايڪڙ ٻيڪڙ ڇڏيندا. هڪڙو ماڻهو سيرانديءَ ۾ ٻيو پيرانديءَ ۽ ٽيون چيلهه واري پوتاڙي کي قابو جهلي لاش کي قبر ۾ لاهيندا ۽ وچون ماڻهو ڪٺ مٿان چڙهي لاش لاهڻ ۾ همراهي پيو ڪندو، نيٺ قبر جي پڙواڏي ۾ بيٺل ماڻهن مان هڪڙو سيرانديءَ ڪان ۽ ٻيو وچ تي چيلهه ڪان ۽ ٽيون پيرانديءَ ڪان هٿ سنوان جهلي انهن هٿن تي لاش وٺي، امالڪ جهُڪي ڳجهٺ ۾ نيندا. اندر رکڻ ڪان پوءِ ٻڌل ريڙون ڇوڙي ٻاهر ڪنهن وڻ تي

ٽنگيندا. ميت جو منهن قبر ۾ موڙي الهندي ڏانهن ڪندا ۽ ان طرف چپيل ۽ عهدنامو سامهون رکندس. مٿس گلاب جو عرق يا آب زمزم جون ڏُنگيون کولي هاريندا. پوءِ ڪڙن يا ڪچين سرن سان ان چر کي بند ڪندا، ڪي ساميءَ ۾ رکڻ مهل به ميت جو منهن ماڻهن کي وري ڏيکاريندا آهن. ساميءَ جي بند ڪرڻ مهل ڪچيون سرون هرهڪ سر پاسيري اُپي منڊي پر ٻُتيندا سٽيندا ويندا. هيٺان تري ۾ چاڙهپ لاٿل سرَ جي لام ٺهڪائيندا ايندا، تان جو وچي پيرانديءَ وٽ ٻن - ٽن سرن جي وچوٽي چڙهيندا، پوءِ اُن لوگهي ۾ هٿ وجهي باقي رهيل سامون يا چاڙون چڪي ڪڍي وٺندا ۽ اهو لوگهو بند ڪري، سرن جي چوٽين تي ڪڙا رکي، پوءِ قبر واري مٿينءَ مٽيءَ مان گارو ٺاهي، ان سان ٻُجهه جون وٿيون ليپو ڏيئي لنبي چڙهيندا. انهن مان هڪڙو ماڻهو انهيءَ وچ ۾ ڪڙن جي جهول پري جيڪي ڪانڌي ۽ پٽر پائي ٿيا هوندا، تن کان قل، درود يا صلوات سڳوري ڪڙن تي پڙهائي. جهولي ئي آڏي سيرانديءَ قبر کان لاهيندو. ان کان پوءِ مٽ مائٽ اشهد جا ڪلما پڙهي هٿن سان مٽي ريڙهي قبر جو پڙواڏو پريندا ويندا، جيستائين ساميءَ واريون ڪچيون سرون ڍڪجي وڃن، پوءِ ڪوڏر سان مٽي گهلي پڙواڏو پريندا، جيستائين سڄو پڙواڏو نه پرجي، تيستائين ساميءَ جي مٿان زور نه ڏيندا. ڪٿي ڪٿي واري يا نرم

مٿي يا ڏُبڻ جهڙي زمين هوندي آهي ۽ سامي نه ٿهي سگهندي آهي، اُتي پڙواڏي جي وچ تي يڪنپي ڇيهه ڪٽي ان ۾ لاش رکي، پوءِ ٻنهي پاسن کان اُپيون پاسيريون سرون ڏيئي چڙهيندا ۽ پاسن کان پنجو پري چڙهيندا آهن. زمين ڪرڪ وارياسي هوندي آهي ته ڏَڪ وَڏِي اهي ڪوڙي مٿان تڏو، گاهه يا ڪانا ۽ ڪبڙ جا پن وجهي، قبر بند ڪندا آهن. جبل طرف وري پٿرن سان سامي بند ڪن. پر ڪنهن به حالت ۾ باهه جي سڙيل سر يا پٿر استعمال نه ڪندا آهن. ڪوهستاني وري سامي وچ تي جوڙين، پر جتي زمين پٿريلي ۽ سخت ناهي، اتي دستور موجب الهائين طرف ڳجهه ڪٽندا آهن، پڙواڏو سندرجي ويو ته قبر جي چئني ڪندن تي نشان ڪري يا ڪانيون ڪوڙي، پوءِ ٻُٺي يا تُربت تي مٿي چاڙهي فوٽ - ڏيڍ لوڙهه مٿي ڪري بيهاريندا. قبر جي مٿي ذرڙو به پري نه چڙهيندا، ريڙهي ويجهي ڪندا، بلڪ اوزار ڏوئي انهن جي ڏَر به ٻُٺي تي وجهندا. ان کان پوءِ باقي بچيل ڪچيون سرون تربت مٿان چوڏاري لامن پر رکي پکيڙيندا ۽ زمزم جون خالي ٿيل دنگيون به سيراندي وٽ رکي مٿان پاٽي چٽڪاري تربت سوگهي ڪري بيهاريندا آهن(1) اَنَ جيڪو پٽڻ اُڪارڻ جو آندو هونڊائون، سو به قبر جي پر ۾ هاري چڙهيندا ته پکي پکڻ چگي وجن.

**ميت ڪاڻ دعائون گهرڻ:**

قبر جي نيڪ ٺيڪ تي، سيئي ماڻهو اچي قبر جي ويجهو بيهندا، پوءِ مـُلان قبر جي سيرانديءَ کٻي پاسي سيني برابر بيهي سوره ”حشر“ جو آخري رڪوع يا ڪاٻي سورت مٺي آواز سان پڙهندو. ان کان پوءِ مـُلون دعا گهرندو. ان وقت ملو توڙي آيل ماڻهو سڀ جـُتين ۽ بـُوٽن مان پير ڪڍي پادر مٿان اگهاڙو پير رکي بيهندا ۽ ڪـُل پڙهي ثواب بخشيندا. هڪڙو ماڻهو يا مـُلان قبر جي سيرانديءَ کان کاٻي پاسي بيهي ٻانگ ڏيندو ۽ دعا گهري ختمو بخشي، ڪانڌي مقام کان ٻاهر نڪري، ڪنهن پڊر يا جنازي نماز واريءَ جاءِ اڳيان اچي ڪٺا ٿي ويهندا. هوڏانهن قبر وٽ ميت جو ڪو مائٽ تيستائين ويٺو ڪلما طيب وڏي آواز سان پڙهندو، جيستائين مڙيئي ماڻهو مقام مان روانا ٿي ويندا. پندرهن - ويهن منٽن ترسڻ کان پوءِ پاڻ به ٻاهر اچي جتي ٻيا ماڻهو گڏ ٿيا ويٺا هوندا، اتي اچي انهن جي وچ ۾ يا پاسو وٺي ويهندو. ان وقت مـُلان هٿ کڻي سورت ”فاتح“ پڙهندو. ٻيا به ٻـُڪ کڻي دعا گهرندا. دعا پوري ڪري ڏانهنس هٿ سنوان ڪندا يعني عذرخواهي ڪندا. چوندا ”بس يار، خدا ڏاڍو بيپرواهه بادشاهه آهي! ويچاري تنهنجي مائٽ جي قسمت! ڪي چوندا خواهش هجئي! هاڻ مڙس ٿي دنيا کي منهن ڏجان“، مائٽ ڪنهن کي نيبهه نه ٿيا آهن!“ اتي هڪڙو ماڻهو اڳواٽ ماڻهن ۾ نـَڪـُل، ريوڙيون،

Gul Hayat Institute

چوهارا يا بسڪوٽ ورهائي ڇڏيندو، جنهن کي ”سوٽي“ چون. ان جو مقصد اهو هوندو ته ڪانڌپي جي ماني تيار آهي، اها پٽر تي هلي کائي پوءِ وڃجو.

**مقام تان موٽ:**

هٿ فاتح کان پوءِ، سڀئي گهرن ڏانهن ورندا. ڪي سڌا ميت جي پٽر تي اچي انتقالو يا ڪانڌپو يعني دال ۾ رڌل چانور کائيندا، ڪي رڳو گوڏي ٻيڪڙ ڪري اُٿندا. ڪانڌين جي مقام تان موٽڻ کان اڳ هڪڙو ماڻهو تڏو، ڪٽ، چاڙون ۽ قرآن شريف کڻي اچي ميت جي گهر پهچندو. چاڙون ۽ قرآن شريف اندر گهر ۾ ڏيندو، ۽ ڪٽ ٻاهر دروازي لڳ ٻِٽ سان پاسيري ڪري اُبتي ليٽائي رکندو. جنهن مان آئي - وئي کي خبر پئي پوندي ته هت تازو قضيو ٿيل آهي. ڪي ته تڏو بروقت جنازي نماز واري جاءِ ۾ ڇڏين، جي اهڙي جاءِ موجود نه هوندي آهي ته تڏو مُلن کي ڏين. ڪي واریاسي زمين جي نڪرڻ تي لاش دفن ڪرڻ مهل تڏو به ڏَکن مٿان وجهي پوري ڇڏين. ڦرهو ۽ ڏولي جتان آندي هوندائون، سي اُتي پهچائي ڇڏيندا ۽ پاٽيءَ جي ديگ جي پرائي آندي هوندائون ته ڏٽين کي رسائيندا. ”حد“ جنهن ۾ مڙدي جي وهنجڻ جو پاڻي پيل هوندو، ان ۾ مڙدي واريون اگھڙيون، غليظ ٿيل ڪپھ ۽ پاٽ يا طباق، جنهن ۾ ميٽ مليو

هوندائون، ان کي به پڇي سپئي ان ۾ چريءَ ۾ وجهي حد لٿي چڏيندا.

**لاش امانت ڪري دفن ڪرڻ:**

جيڪو لاش امانت طور زمين ۾ دفن ڪرڻو هوندو آهي، ان جو وارث، لاش لاهڻ کان اڳ چوندو ته ”خدا واحد شاهد آهي ته هيءُ لاش آءٌ هن زمين ۾ امانتي دفن ڪريان ٿو. جڏهن آساني ٿيندي، تڏهن اچي ڪيندس.“ اهڙو لاش ڪنهن ڪاٺ جي پيتي (تابوت) ۾ يا تڏن ۾ ويڙهي سيڙهي دفن ڪندا آهن. اهو لاش باقاعدي پين ميتن وانگر ئي سينگاريل هوندو آهي. اهو قبر جي پڙواڏي جي وچ ۾ پوربو آهي. اُن جي دفن ڪرڻ کان پوءِ قبر جي مٿان بانگ ڪانه چون. لاش کي جنازي نماز پڙهي دفن ڪن. جي اهو ڪڍائي ڪنهن مقرر جاءِ تي دفن ڪيائون ته وري مٿس جنازي نماز پڙهي ويندي ۽ قبر تي بانگ ڏني ويندي آهي. اها مرقد آخرين آرامگاهه هوندي اٿس. ڪي ماڻهو امانت لاش رکڻ جو معياد به مقرر ڪندا آهن. چوندا ته ”هيتري کي هيتري عرصي اندر اچي ڪڍائي ويس ته واه، نه ته هن خاڪ جي اندر سپرد ڪيم.“ امانتي لاش واري قبر جي چوڌاري ڪوڏر سان قط ڪيندا آهن، جي لاش نه ڪڍيائون ته اهو قط ڪرڙي ڍاهي سنئون پٽ ڪري چڏيندا آهن يا آگر سان ليڪو ڪيندا آهن، جو پوءِ پاڻهي ڊهي

ويندو آهي. وڏ ۾ وڏ ٽن سالن تائين لاش امانت رکي سگهبو آهي.

**پٽر:**

پٽر ٻن قسمن جا پوندا آهن. هڪ زالاڻو، ميت جي گهر ۾ پيل هوندو آهي، ٻيو مڙساڻو، جيڪو ٻاهر اوطاق، اوتاري يا پڌر تي پيل هوندو آهي.

**(الف) مڙساڻو پٽر وجهڻ:**

هڪڙو عزيز ٽن ڏينهن تائين پٽر تي ويٺو رهندو، جنهن وٽ ماڻهو جيڪي ميت دفنائڻ ۾ شريڪ نه ٿيا هوندا، عذر خواهي ۽ هٿن سنون ڪرڻ واسطي پيا ايندا. جيڪي پٽر پائي نه ٿيا هوندا ۽ مئي جي مائٽن سان جيءُ پلائي يا ڪو تعلق رهيو هوندن يا جيڪي پرانهان مائٽ، ياري دوستاري مئي جو سڻي آيا هوندا، سي سپ پٽر تي ويٺل سان ”الله ڏاڍو ميان“ ڪندا.

آيل، السلام عليڪم! چئي ويهندو ۽ ٻڪ ڪڍي سورت فاتحه پڑهندو پيا ويٺل به هٿ کڻندا. سورت پوري ڪري چوندو ته ”الله بي نياز بادشاه آهي! توبه ڪبي ويچاري جي قسمت! ويو وارو وڃائي! پوءِ اڳلو چوندو بس، جيڪا رضا الله جي! ڏاڍي سان پڄڻ پيڻي ڪانهي، رضا تي راضي رهڻوآهي! ائين چئي آيل کي هٿ ڏيئي پليڪار ڪندو. جي ويجها قريب هوندا ته روئي به ڏيندا. پوءِ ويهي خبرون

چارون ڪندا، جن ۾ مرهياتي جي اگهائي کان وٺي مرڻ تائين ۽ سندس ڪمن ڪارين جو ذڪر پيو هلندو. ان کان پوءِ ننگ پرڻ لاءِ روڪڙا روپيا پنهنجي پنهنجي دستور موجب وارث جي ڪپي پير وٽ رکندو. جو پوءِ اٺڻ مهل کٽي ڪيسي ۾ وجهندو ۽ گهر ۾ وڃي آيل جي ماني ٽڪي جي بندوبست ڪرڻ لاءِ چاڙ ڪندو. ٽي ڏينهن ڪڙيون ڪنيون هلنديون. پورا ٽي ڏينهن اهو پٿر تي ويٺل شخص يا ڪو پيو عزيز صبح ۽ شام مقام تي وڃي مرحوم کي قل پڙهي ختمو بخشي پيو ايندو. ان پٿر تي ٻيا مائٽ ۽ لاڳاپيدار به پنهنجا هنڌ بسترا کٽي ٽي راتيون اتي ئي اچي سمهندا ۽ ڪم ڪار ۾ هٿو هٿ پيا ڪرائيندا. جيستائين ”ٽيجهي“ جو ختمو ڏيارجي. ٽيجهي يعني ٽي ڏينهن تي ختمي اچڻ کان پوءِ اهي مٽ مائٽ پنهنجا بسترا کٽي گهر هليا ويندا ۽ اهي ٽي ڏينهن ڏکويل سان همدردي ۽ ڏک هلڪي ڪرڻ ۾ سندن به وقت گذري ويندو.

ٽيجهي جي ختمي جي دعوت سڀني ڳوٺ وارن جن سان مرڻ جيئڻ جو رستو هوندو، اهي اوري هجن يا پري، تن کي دعوتون موڪليندا ته ”مرحوم جي خيرات جي ماني فلاڻي تاريخ تي ٿيندي. اچي ثواب بخشيندا.“ پوءِ جيڪي ٻن ڏينهن ۾ نه آيل هوندا سي ٽيجهي تي اوس ايندا، اچي ننگ ڳڻائيندا. ان ڏينهن پلاءُ يا گوشت ۾ پٽ رڌي ماڻهن کي پٿر

Gul Hayat Institute

واري جاءِ تي ڪارائيندا ۽ ڪن کي گهرن ۾ ٿانءُ ٿانءُ به موڪلين. ڪي ماڻهو اها ماني پهت يا پاهت(1) جي ڪري هلائين، يعني پٽ ڪاڻڻ کان پوءِ هرڪو ماڻهو روپيو يا به وارثن کي ڏيندو. جئن ميت تي ڪيل خرچ ۾ اوج اچين. يا انهيءَ ماڻهوءَ جي ڪا به آس اميد، شادي مڱڻي وغيره جي مائٽن ڪانه ڏٺي هوندي، ته ان ڪوٺ کي پري پوري ڪرڻ لاءِ، دل کي اهڙو آٿت اچين. ٿن ڏينهن کان پوءِ ٻاهر اُپي ٿيل ڪٽ به ڪٽي اندر گهر ۾ وجهندا.

**(ب) زالاڻو پٽر:**

جيئن ڪانڌي ميت دفن ڪري مقام تان موٽندا، ۽ زالن کي خبر پوندي ته باقاعدي ”سياڪو“ يعني روج راڙو شروع ٿيندو. ان مهل، زالون منهن ڊڪي روئڻ لڳنديون، هڪ راڄ راڇئي يا وڏي پري زال اشارو ڪندي ته منهن ڊڪيو، جنهن تي سڀئي زالون پنهنجي پنهنجي منهن تي پوتيءَ جو پلؤ وجهي روئنديون ۽ پنهنجن پنهنجن نوَن پراڻن مئل مائٽن کي ياد ڪري اوچنگارون ڏينديون.ڪي نالا وٺي وٺي پيون ٻاڪاريندون. گهر وارن جو ته حال اور هوندو جن جو تازو قضيو ٿيو هوندو. ان ڪاڻ ئي چوندا آهن ته:

”پٽر پرائو سور سيڪا پنهنجا روئي“.

ٿورو ترسي هرهڪ زال ميت جي مائٽياڻين سان ڳلي لڳندي. اهي سڀ پٽ جي پر وٺي قطار ڪريو ويٺيون

هونديون. اتي ڏاڍا دردناڪ للهنگ پار ڪڍي روئنديون ۽ هانءُ ڦاڙ راڙو ڪنديون. جڏهن سيپئي زالون يا راج منهن ڏيئي پورو ڪندو ته اها جمعدارڻ روج بند ڪرائيندي چوندي: اما، توبه ڪريو. توبه توبه! ڌڻيءَ جي شيءِ هئي، ڪنهن جو وس ٿوروئي ٿو هلي! الله ڏاڍوآهي! توهان جن هٿن ۾ سرهو ٿيو ڌڻي شل مرهيس! گهڻن سورن کان ڇٽي پيو! الله جي سرڪار ڏاڍي آهي! ويو سو نه وريو! گهڻو روئي هن جي روح کي تڪليف نه ڏيو! پاڻ ڪڙهون پنهنجي حال کي، باقي وڃڻ وارو پنهنجو وارو وڃائي ويو!، ويچاري توهان کان ڪي ڪين نيو آهي، سڀڪجهه اتي پيو آهي. سڀڪو مري ماگ مٿيندو! هاءِ هاءِ، اڳتي ڪاڻ ڪي ڪين ڪيوسين. ويهي وقت وڃايوسين!

سياڪو پورو ٿيو ته آيلون هٿ مٿي سنئون ڪٽي، انهن عزيزياڻين کي پرچاڻي ڏينديون. پوءِ دنيا جا لهوارا اوپارا قصا ڪٿي ۽ نويسرا ڪري پنهنجي گهرن ڏانهن روانيون ٿينديون.

Gul Hayat Institute

**سياڪي ڪاڻ اچڻ:**

ٽي ڏينهن صبح ۽ شام زالون پيون پڙ تي اينديون، ۽ عزيزياڻيون بسترا ڪٽي اچي اتي سمهنديون. ٽيجهي جي ختمي کان پوءِ ڪنڊ (اُڪنڊ) ڪڇڻ تائين رڳو شام جو پيون اينديون ۽ روئي سياڪو ڪنديون. عدت ڪڇڻ تائين سومر

۽ خميس وارن (ڏينهن) تي ايندڙيون رهنديون، باقي پوءِ ڪڏهن ڪڏهن پيون ايندڙيون، جيستائين پڙچ ڪجي. انهيءَ وارن تي وڃڻ ڪاڻ چون ته هنن جو وات رت سان پريل آهي هلو ته ڪن پهر پلڪ ويهي، هنن سان هانءَ مشڪان ڪري اچون.

**ڏينهن يا وارَ ڪرڻ:**

زالن وٽ هڪڙا سعد ۽ ٻيا نحس ڏينهن ٿين. مئي جي واسطي وارَ ڪرڻ جا ڏينهن، اڱارو، خميس، ڇنڇر ۽ سومر سنڀالين، جي نڀاڳا آهن، پر جمع، آچر ۽ اربعا سڀاڳا ڏينهن ڄاڻن. سعد ڏينهن ۾ ڪنهن سان منهن ڪاڻ پرچاڻي، عذر خواهي، هٿ فاتح يا سياڪي ڪاڻ ڪنهن جي گهر ڪونه وڃن. فقط جمعي جي ڏينهن به جمعو بعد ڪري پوءِ وڃن. چڙي ماڻهوءَ جو چاليهي تي يعني چاليهن ڏينهن ڪانپوءِ پٽچ ڪٽي ڇڏين ۽ سگهري جو عدت گذرڻ ڪانپوءِ. انهيءَ وچ ۾ جيڪو ڏينهن تهوار ٿيندو، تنهن تي ۽ اُڪنڊ ڪڇڻ تائين (جا نائين، يارهين ڏينهن تي به ڪنئي ويندي) ۽ پڪي طرح ايڪهين ڏينهن ڪجندي، تيستائين زالون پيون مئي جي پٽر تي ايندڙيون آهن.

**عدت ويهڻ:**

عدت جو معياد چار مهينا ڏهه ڏينهن آهي. مئل جون هڪ يا هڪ ڪان وڌيڪ جيڪي به گهرواريون هونديون، سي

عدت ويهنديون. عدت، شريعت انهيءَ ڪري منظور ڪيو آهي، ته متان ڪا سنگها رهيل يا حمل هجي. اُهي موت مهل، ٻانهيون ٻيڙا پچي لاهين ۽ سڀ زيور لاهي رکن ۽ اهي زالون ڏهاڳ جو وڳو ڍڪين، مئل جي زالن سان گڏ سندس مائٽياڻيون ٻه لسا ڪپڙا يعني بنا رنگ بنا پرت اڇا ڪپڙا ڍڪين. انهن کي سوءَ (سوگ) چون. ڪي ٽن ڏينهن کان پوءِ اهي ڪپڙا پائين ۽ ڪي ڪارا ڪرائي پائين. زالون پٽر تي سمهن عدت واري زال سيرانديءَ کان پڪي سر رکي، ان تي مٿو رکندي ۽ گهر جي هڪڙي ڪنڊ وسائي ويهندي، وڏي سُر نه ڳالهائيندي، سندس منهين ڪوبه رهائيندو مائٽ نه لڳندو، باقي پٽ، پاءُ ۽ پيءُ پيا ايندا ويندا. پاڻ انهيءَ جاءِ تي تسبيح، نماز، قرآن ۽ صلوات ويٺي پڙهندي، جيستائين عدت جو مدو ختم ٿيندو. ٽي راتيون پهريون مئل جي خدا ڪارڻ جي ڪٽڪ جي ماني پچائي ان تي ڪنڊ ۾ گيهه وجهي وچٽي مٿان رکي، ٺڪر جو ڪوُنرو پري، ڏيئي ۾ تيل وجهڻ لاءِ ڪٽائي مسجد ۾ موڪليندين. مسجد جي ڏيئي کي ٻاري، پوءِ ماڻهو مونٿندو هن لاءِ چون ته مهند جو سوجهرو ٿيندس.

**مٿا ڌوئڻ:**

زالون ٻه پيرا مٿا ڌئنديون آهن، هڪڙو دفعو ٽيجهي يعني چويهن پهرن پورن ٿيڻ تي ۽ ٻيو گهمرو ڪنڊ (اُڪنڊ) ڪڇڻ

واري ڏينهن تي، مٿن ڏئارڻ لاءِ تيل ميٽ موجود ڪري ڏيڻ ۽ پاڻي پرائي رکڻ جو ڪم به اهو ماڻهو ڪندو، جنهن پهرين ڪُني ڏني هوندي. گهر وارين سان گڏ راڄ واريون به فقط مٿو نوڙائي ڏئاريندي، پر گهر واريون سارو بدن وهنجي ڌوئيندي. ٻيون زالون پڻ هن ڪم ۾ مدد ڪرائينديون.

**ڪڙيون ڪُنيون ڪرڻ:**

پهرين پهرين ڪني ناني ڏيندو. پر زال مئل هوندي ته سندس پاءُ ڏيندو، پوءِ پاڙ، عزيز مٽ مائٽ ڏيندا. ڪُنيون ٽي راتيون ۽ ٽي ڏينهن هلنديون آهن، جيستائين چوويهين پهر ٽيجهي جو ختمو اچي. انهن ۾ ڪانڌيو اچي ويندو آهي. ڪنيءَ ۾، چانور چڻن جي دال ۽ گيه وجهي رڌي ديگ لاهين. اهو پٽ ٻوڙ، آچار يا ڏئونري سان ڪائين. پر مٺاڻ ۽ کير سان ڪونه کائبو آهي. ڪي ماڻهو ڪنين بدران روڪڙا روپيا (ننگ) ڏين. ڪنيءَ جو پٽ اوڙي پاڙي موڪلين. گهڻا ته اهو پٽ پٽر تي ڪائين، ڪي ته ماڳهين حيلو آڻين، نڪو پٽ اچڻ ڏين نڪو ڪائين. ٽيجهي جي ختمي ۾ ته وڏا ماڻهو هڪٻئي کي ماني موڪلين ته ان سان ميوات سڪي توڙي تازي به ڏياري موڪلين. ان ميوات کي ”چوپا“ سڏين. ڪنين ۾، دال پٽ، گوشت پٽ، پلاءُ پساءَ وغيره رڌي ڪائين.

**فقير ڪارائڻ يا ختمو ڏيارڻ:**

ميت کي چوٿين پهر گذرندا ته فقير ڪارائيندا. ست رَڇي رڌبي جنهن ۾: پلاءُ، ٻڳڙ، گوشت جو ڀوڙ، سيرو، ڪيرڻي، رڌل پاڇي، مڇي يا پلو، پيهون وغيره هوندا. هڪ ملو، هڪ سيد، ڪي معصوم ٻار يا ڪو پڙهيل شخص ۽ ڪي عزيز گڏجي ويهي کائيندا، ۽ ختمو بخشيندا. ڪاڏي ڪائڻ ڪان پوءِ سڪو ۽ تازو ميوو سندن ڪائڻ يا ڪٽي وجڻ جي لاءِ رکندا. سرهو تيل جنهن ۾ نازبوءِ جا پن به پيل هوندا، سوپاريون، ڦوٽا، جوهر جون ٽڪيون به هونديون. تيل مان هٿ پري سونهاريءَ ۾ مٿي کي مکيندا.

وجڻ مهل ملي (غسال) کي نئون وڳو جنهن ۾ ڳاڙهو رومال، اڇي ٽوپي، اجرڪ، اڇو پهراڻ، اڇي سٿڻ اڳٿ سميت سو خدا ڪارڻ ڏيندا. امير ماڻهو وري هنڌ بسترو، ٿانءَ، سونا زيور جن ۾ سئنڪلي، پيڙا، منڊي وغيره هوندي آهي ڏين. ڪي وري ميٿ وارو وٿو ٻت نچوئڻ واري اجرڪ به ڏيئي چڏين. زالن لاءِ به مُـلياٽي کي ٿه ٿهڪندو اونڌر ڏين. ٽيجهي ڪان پوءِ ايڪيهي تي ۽ هر جمعي جي رات مٿو پٽ، پينهون، سنيون رڌي ختمو ڏياريندا رهندا. پر ان ڪان پوءِ جمعاٽي چانداٽي به ختما ڏياريندا رهندا آهن.

**ڪنڊ /اُڪنڊ ڪڇڻ:**

مئي جي ڪنڌ ستين، نائين ۽ بعضي يارهين يا ايڪيهين ڏينهن به ڪٽي چڙهين. اها سعد ۽ نحس ڏينهن جو حساب لڳائي پوءِ ڪٽنديون آهن. ان ڏينهن وهنجي ”وار“ ڪنديون يعني روئنديون رات جو يا شام جو مقام تي وڃي قـُل بخشي يا پڳڙا ورهائي اچن. ڪي وري مچي ماني تياري ڪري وڃي مقام تي کائين ۽ کائي پي موٽي گهر اچن.

**عدت مان اُٿڻ:**

چار مهينا ۽ ڏهه ڏينهن پورا ٿيڻ کان به - ٽي ڏينهن اڳواٽ ٻڍڙيون پچائي ۽ سيرو رڌي، ٻڍڙي سان گڏ سيرو رکي برادري ۽ سيالن کي ڄاڻاٽيءَ جو موڪلين. ان مان خبر پوندي ته فلاڻي زال عدت مان اٿڻ واري آهي، پوءِ انهيءَ ڏينهن تي راڄ واريون زالون اچي ڪٺيون ٿينديون.

ان رات جو اسر مهل ٻه - ٽي مرد ۽ ٻه - ٽي زالون عدت واريءَ سان گڏجي مقام تي ويندا. عدت واري مڙس جي ٻئي ڏسي قل بخشي گهر ايندا. ڏينهن جو ”وار“ ٿيندو. سڀئي زالون پنهنجا پنهنجا قريب ياد ڪري ڏاڍو ڪاڙهو ڪنديون، پوءِ راڄ جمعدارڻ اٿي سڀني کي سوءَ لاراهيندي. پهرين سرمي جي ڪاني پري سڀني کي اکين ۾ وجهڻ لاءِ ڏيندي، تيل مکارائيندي، لسا ڪپڙا لاهرائي سبوٽ پهرائينديون. سڀئي مائٽياڻيون هڪ ٻن کي اونڌر ڏينديون. جن وٽ ڪپڙا نه هوندا، سي روڪڙ ڏينديون، پچاڙيءَ ۾

پڳڙا ورهائي گهروارين ۽ عدت واري کي پرچاٽي ڏيئي، کٽ تي ويهاري ٿينديون روانيون. ان کي چوڻ ”پٽچ کنيو“ عدت واري زال کي پوءِ مائٽ پاڻ وٽ گهرائي پاٽي پيارين يعني ٿڪائين.

## چڙهي يا ڪنواري جو ميت

## لاش سينگارڻ:

ڪنواري مرد کي تڙ ڏيڻ کان پوءِ مينديءَ جو سَنوڻ ڪن. سندس جنازي کي موڙ ٻڌي پوءِ کڻن. چون ته هاڻ هن جون لانئون قبر سان آهن. هن جو پٽر چاليهي پوري ٿيڻ تي، ختمو ڏياري کٽي چڙهين.

## زال ضاعفان جو ميت

## لاش سينگارڻ:

زال کي زالون ئي تڙ ڏين، جي مُلي مقرر هوندي ته اها تڙ ڏيندي. زال ماڻهوءَ جي ميت کي ڪفن وڏيڪ ڍڪائين. ان جي چاتيءَ تي سينا بند ٻڌڻ جو اڌوال ڪپڙو هوندو ۽ پٽيءَ وانگي سڄي چاتيءَ کي ڦري ايندو ۽ مٿي تي رومالي [نقابو] مٿان نراڙ کان سڄي مٿي تي ڪسابي وانگي ورائي ڪاڌيءَ هيٺان ٽانڪو هڻي بند ڪن. مٿانئس سامون يا چاڙون گنديون، پوتيون، چنيون ۽ اوڍڻيون وجهن، هن جو پٽچ به چاليهي جو ختمو ڏياري کٽي چڙهين. يا ايڪيهين ڏينهن کڻن. مٿس جنازي نماز پڙهي پوءِ دفن ڪن.

**ٻار جو ميت**

**ميت سينگار:**

ٻارڙي کي، پنهنجا مائٽ ئي تڙ ڏيندا آهن. ان جي ڪفن ۾ چولي ڪانه ٿئي. جوڙيءَ ۾ ئي بند ڪري ننڍڙيءَ منجيءَ تي رکي يا ٻانهن تي کڻي مقام ڏي هلن. مٿس جنازي نماز پڙهي دفن ڪن. ٿن ڏينهن کان پوءِ ان جو پٿر کڻي چڙهين. اهي ٽي ڏينهن ننڍڙن معصومن کي پيهون کير ۾ وجهي ۽ کنڊ ٻرڪي کارائين. جي ٻار جي ماءُ جيئري هوندي ته ٽئين ڏينهن تي هٿ منهن ڌئارائي سندس جهوليءَ ۾ ميوات وجهن. سندس ڏک لاهڻ لاءِ هدايت ڪن، هاڻ ٻين جو خير گهرُ، گهڻو روڄ راڙو چڱو ناهي. الله سائين تنهنجي خالي جهولي سگهوئي سائي ڪندو يا پريندو. هن جي خزاني ۾ ڪائي ڪمي ڪانهي! ڏک کي پٺن پويان ڪر، رب جي رضا تي راضي رهُ!

**ترڪو ۽ ورثو**

**ترڪو:**

ميت جي ملڪيت، جنهن ۾ پئسا، مال، ڍور ڍڳا، وهٽ، زمين، جايون، ڪارخانا، زيور (ڳهڻا) ٿانءَ ٿپا، هٿيار پنوهار ۽ موٽر گاڏيون وغيره جيڪي به هونديون انهن سڀني کي ترڪو چئبو يعني انهن شين کان تارڪ ٿي ويو.

**ورثو:**

مئل جا ويجها مائٹ، جيڪي به جيئرا هوندا، تن ۾ ترڪي واري ملڪيت، شريعت موجب ورهائي ويندي آهي. انهن ماڻهن کي مئي جا وارث چون. پوءِ جيڪو شريعت موجب سندن حصو ٿيندو سو هرهڪ کي ملندو (انهيءَ حصي جو فيصلو علماءَ ڪندا). مليل حصي کي ورثو چئبو.

**مقام سان لاڳاپا**

**قبر تي وڃڻ:**

مئي جي ٻُنيءَ تي پهريان ٽي ڏينهن مڙدي جو ڪو مائٹ روز صبح ۽ شام پيو ختمي لاءِ ويندو. اُڪنڊ ڪچڻ تي زالون وڃي قل بخشي ايندیون آهن. عدت مان اُٿڻ تي مڙدي جي زال، مرد جو لوڙهه ڏسي دعا بخشي ايندي آهي. ڪي ماڻهو چاليهي ۽ ٻاراهي تي به مزار تي وڃن. هر محرم مهيني جي ڏهين تاريخ ماڻهو مائٹن جي قبرن تي مٽي وجهن يا لنبائين. رمضان جي عيد تي پڻ ماڻهو مائٹن کي ختمو بخشڻ جي لاءِ ويندا آهن.

ڪو بزرگ، درويش، عالم، مجذوب، ولي، غوث، قطب يا ملڪ جو مشهور ماڻهو هوندو ته ان جي قبر، چوڪنڊي، مقبري ۽ قبي تي ماڻهو وڃن ۽ ٻاراهو عرس ڪرائين. ڪي ماڻهو باسون باسين جن ۾ جهنڊ، جاد ڏين، ڦندر وجهن، پڙُ ڊڪائين. ڪيترن اوليائن تي سدائين مجاور ۽ متولي ويٺا آهن ۽ ماڻهو پيا زيارتون ڪن.

**مئي سان ناتا نڀائڻ:**

ڪي ماڻھو رمضان شريف جي مهيني ۾ قرآن شريف سڄو پڙھي يا پڙھائي ختمو بخشارائين. مائٽن جي نالي ڪپڙا خيرات ڏين. ڪي مائٽن جي روحن لاءِ هڪ ويلو يا ٻه ويلا خيرات جي ماني خدا ڪارڻ ڪري ڏين. ڪي سرند ماڻھو مائٽن جي نالي تي ڪن غريبن کي وٺي وڃي حج ڪرائي اچن.

**اوسارا ۽ پار**

اوسارا: اصل لفظ ”انوسريا“ جيڪو گهٽي استعمال کان اوسارا ٿيو آهي، امامن جا اوسارا دهل جي وڄت جنهن کي ٻڍ يا ڍنڍ چون تنهن تي چون. ڪي وري وڏن ماڻهن اميرن، نوابن ۽ پيرن جي موت تي چون. پر هاڻ وڏن ماڻهن تي ڪونه اوسارين، فقط امامن کي اوساريو ويندو آهي، جنهن کي ”پڙ“ به ڪوٺين.

پار: اصلي لفظ ”پاروٽا“ جيڪي وعدا، ٻول، انجام، سخن ۽ وچن ڪجن، گهٽي استعمال کان فقط پار لفظ رهيو آهي. اهي پاروٽا روز الست جا آهن. جو روحن کان رب سائين پڇيو هو ته الست بربڪم چيائون ٻلا. آءٌ توهان جو پالڻهار ناهيان؟ چيائون هائو. پار ان وعدي پوري ڪرڻ جي يادگيري ٿا ڏيارين. زالون سپڪنهن ماڻھوءَ جي موت تي پار ضرور ڪدين. اُهي اهڙيءَ ته جهيل، آلاپ ۽ جذبي ۽

جولان سان چون، جو پتوئي پگهرجيو وڃي! سخت دل ماڻهو به هيڪر ڪونئرو ٿيو پوي.

پار، ڪنهن علم عروض جي يا موسيقيءَ جي قدرن مان ناهي. پار اَندر جو اُڌمو آهي، ڏک درد وارين زالن جي هانءَ جي باهه آهي، جا پڙڪو ڪريو ٿي اُپري ۽ ان جي گهٽجڻ تي ڏک هلڪو ٿيو وڃي! هن جا مختصر جملا پر بيان حقيقت کي نروار ڪن ٿا:

**پرڏيل مرد تي پار:**

رَنون هوند نه چڱيون، توڙي بادشاهزاديون هون!

*　　　*　　　*

رَنون رَنون نه چئو، رنون روهه جيئَن!

*　　　*　　　*

پتين پرويهي گهٽا گذارين ڏينهڙا!

*　　　*　　　*

ڪلهي ڦاٿم ڪنجرو، مٿو اگهاڙو!

**پيءَ ماءُ تي پار:**

مائٽ ڪن جا نه مرن، مرن ڏکيون ڏيئرون!

مائٽن ري ڏيئرون، ڪوٺي ڪنهن نه پڇيون!

*　　　*　　　*

ساڳين سان سڳ، منهنجو ويڳين سان وراڪو!

*　　　*　　　*

Gul Hayat Institute

مر مران آءُ، منهنجن ڪيچن ڪي ڪيم ٿئي!

**پائرن تي پار:**

پائر وڏي وڪري، مر حياتي هون!

جيئري ٻر ٻانهن جو، مئي ڪلها ڏين!

* * *

پائر مڱيا نه ڏجن، ڏجن هاري ڏاند!

* * *

پائرن پيرو نه ڪيو، منهنجي ادل لائي اوير!

**پٺ تي پار:**

پٺ ڪن جا نه مرن، مرن ڏکيون مائرون!

آءُ ته لوڏيئين لال، پينگهه وٺائي پٺ جي!

* * *

ڪنگوءَ رتئي ڪپڙا، مينديءَ رتئي پير!

* * *

مرن سپ طبيب، جن ٻڪي ڏني نه ٻاجهه جي.

* * *

Gul Hayat Institute

پٺن مايڙون، روئيو راڄ پڇن!

* * *

راند ڪندي ريل ۾، تو ڪيئن جهٽايو پاڻ!

ڏيءَ تي پار:

مري ڪام جواڻ، جواڻين جوکو مَ ٿئي!

*            *            *

مائون ته ڏيئرون، توڙي هئن پينرون!

*            *            *

هجنئي سڳي ماءُ ته ٻڌنئي سورن سندرو!

*            *            *

لالر آءٌ لڙي، تو گهٽا لايا ڏينهڙا!

**ميرن، پيرن ۽ مرشدن تي پار:**

ڪونڌر ڪنڌ سندن، پاڳون سندن ڏُنباريون!

*            *            *

پيرل (ميرل) پاءِ پير رڪيب ۾، گهوڙي سونا سنج!

*            *            *

پيرل (ميرل) ڪٿي گهوڙو باهڙيو، ڪٿي چڙهيئين سوار؟

*            *            *

پٽراٽيءَ پير ڌرين، تنهنجو رُنو وهاڻو!

**عام پار:**

ڪونجن ڪوه ٿيو، منهنجون وري وطن نه آئيون!

ڪونجن ڏنا ڪڪَ، منهنجون ڍبَ ڏسيو ڍرڪيون،

ڍرڪيون ڍول مٿان، منهنجون اڇي بوچڻ واريون!

**بيتن ۾ پار:**

ڪانگل! ڪڄاڙو ٿيئي، پئين پٺ ڪري؟

ڪڏهن اُس تڙڪو نه سنئي، اڄ سارو ڏينهن لنگهيئي؟

هڙا حال ڏسي، تولئي ڪانگن ڪانگيرا ڪيا!

*　　*　　*

تن سَڪن ڪهڙي سار ڪ وٺا مينهن ملير تي!

*　　*　　*

مئا منجھ مقام، سِڪن ٿا سلام ڪي!

*　　*　　*

جي مارئي نه چائي، ته هوند مارو پيا نه مامري!

*　　*　　*

ڪچ ڪمايم ڪوڙ، پڳم عهد الله جا!
پيرو جو پاين جو، چوٽيءَ تائين چُور!

*　　*　　*

هو ٿا پلاٽين منهنجو هينئو ٿو هيٺو ٿئي!
تنگ مهارون توبرا، بيٺا جت جڙين!
باروچي بولي ڪري پنهون پاڻ سان ٿا نين!

--------

Gul Hayat Institute

(1) اکين جي چپرن مٿان حج تان آندل محمد + جي نالي جي چپيل مٿيءَ جون مهرون به رکندا آهن. (ليکڪ)

(1) ڪائي يعني ڪاين واري. ڪايو چليل ڪائيءَ کي چون. اها ڪائي ٻن لڙهن جي وچ ۾ ڏک ٻڌي ڏاڪڻ وانگر ٺاهيندا آهن. جا ميت جي قد جيتري هوندي آهي. (ليکڪ)

(1) ڪٿي ڪٿي تربت مٿان نڪر جون ڪِريون يا ڪونجيون ۽ ڪؤنرا به رکي چڏين. سرند ماڻهو ٽن ڏينهن کان پوءِ گاري ۽ پڪين سرن سان قبر ٺهرائي چڏين نه ته به ايندڙ محرم مهيني تي تربت ٻڌائي چڏين. (ليکڪ)

(1) پهت جو مطلب پچت آهي. پهت، پُچڻ مان نڪتل آهي يعني پاڻهي پاڻ سان مشورو ڪري پاءُ ماڻهوءَ سان پير کڻڻ يا برادريءَ ۾ مدد ڪرڻ. (ليکڪ)

Gul Hayat Institute

# باب اٺون

# مذهبي ڏهاڙا ملهائڻ

**سَيُن يا 15 شعبان جي رسم:**

15 شعبان جي رات مسلمانن جا ٻار مشعال، متا يا ڏياٽيون [جيڪي ٻگهن ڪانن ۽ ڪانئن جي پچڙين تي اڳڙيون ويڙهي، تيل مان ٻوڙي ٻارين] ڀڙ ساڻ ڪٺي ڳوٺ ۾ ڦرن ۽ چون:

عيد مشعالو، دشمن جو منهن ڪارو،
اســـــان جـــــي نبيءَ جو منهن موچارو.

شعبان جي مهيني جي آخر ۾، مسجدن ۾ قرآن شريف جا ختما ٿيندا آهن، انهن ۾ حاضرين کي ڪارڪون ورهائي ڏيندا آهن. اهي ڪارڪون ۽ ٻيون بازار مان خريد ڪيل ڳڏي، اٺتيهين يا ٽيهينءَ رات جو انهن کي ڌوئي ڳڙڪيون ڪڍي، صفا ڪري، چيري ٻه اڌ ڪري پاڻي ۾ پسائي رکن، جي ڳري نرم ٿين، پوءِ ججهي کير ۾ کنڊ وجهي انهن کي رڌين ۽ صبح تائين ٺرڻيون رکن.

Gul Hayat Institute

15 شعبان جو ڪارڪون ۽ ڳڙڪيون جيڪي ڪارڪن مان نڪرن سي مرد ماڻهو ڪٺي مقام تي وڃن ۽ پنهنجن مئل عزيزن کي ختمو بخشي اهي ختمي واريون بچيل ڪوٺون. قبرن تي نشانيءَ طور رکي گهر موٽن. چون ته انهن جو وڏو ثواب مئلن کي ٿو ملي. گهر اچي پهريائين فطرو ڏين.

گهر اچڻ سان رڌل سئيون ۽ ڪارڪون جن کي کيرڪارڪون [کيڪون] چون، سي کائي رات وارو روزو کولي، وهنجي ڪپڙا نوان يا اڇا اُجرا پهري، ٿين مسجد ڏانهن راهي. رستي ۾ هڪبئي کي پاڪر پائيندا، دين ايمان جون مبارڪون ڏيندا، تڪبيرون ۽ نعرا هڻندا ۽ مولودن جا شغل پڙهندا مسجد ۾ پهچن. نماز پڙهي پوري ڪري اچي اوطاقن، اوتارن ۾ رس رهاڻيون ڪن. جتي ڳائڻا يا مولودي چڱي رونق لڳايو رکن. اهڙيءَ طرح زالون سڄو ڏينهن ٻارن کي ٻوڙائين ته فلاڻي فلاڻي گهر ۾ چنگي ڏيئي اچو ۽ ٻار خرچيون وٺندا ڪلندا ڪڏندا ڏينهن پورو ڪريو ڇڏين.
ٽن ڏينهن گذرڻ ڪان پوءِ چون ته:
”عيد وئي اَڪن ۾، ماڻهو پيا ڏِڪن ۾.“
حشر جو ڏينهن
ڪتابن ۾ آيو آهي ته: ڏهين تاريخ محرم مهيني جي، الله تعاليٰ آدم عليه السلام کي ٻيبي حوا سان ملايو، حضرت سليمان عليه السلام کي تخت واپس ڏياريو، حضرت يونس

Gul Hayat Institute

عليه السلام کي مڇيءَ جي پيٽ مان نجات ڏياري، حضرت يوسف عليه السلام سڳورو پنهنجي پيءَ حضرت يعقوب عليه السلام سان مليو، حضرت ابراهيم عليه السلام لاءِ نمرودي آڙاهه سرد ٿي گلزار بنجي ويو. حضرت عيسيٰ عليه السلام کي دشمن جي ڦاهيءَ کان الله تعاليٰ پاڻ وٽ گهرايو، پر حضرت امام حُسين رضي الله عنها حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليـه وآله وسلم جو ڏهٽو، ڪربلا جي ميدان ۾ يزيدي لشڪر هٿان اُڃ ۽ بک ۾ معصومن سميت شهيد ٿي ويو. اهو جمعي جو ڏينهن ۽ محرم جي ڏهين تاريخ هئي. اسان اهو ڏينهن سوءُ (ڏک) جو ڏينهن ڪري ملهايون ٿا. هن ملڪ ۾ چند ماڻهن کان سواءِ ان ڏينهن تي ماڻهو گهرن ۾ دانگي ڪونه چاڙهين، چون ته دانگي يزيد جي ماءُ چاڙهائي هئي ۽ مٺيون مانيون پچارائي ورهايون هيون، ته حسين شهيد ٿيو، هاڻ يزيد جي حڪومت گهٽو جٽاءُ ڪندي، وغيره.

سيئي ماڻهو چڻا، مگ، چؤنرا، مٽرن جا ڪوهر اُٻارين، ڪي انهن ۾ ڪڻڪ به ملائين، اهي ڪوهر ۽ چڻن جي نياز سڄو ڏينهن پاڻ به کائين ۽ مسجدن ۾ اوتارن، پڙن ۾ به موڪلين، پر ڪي پٽ به رڌي کائين.

نندڙا ٻار صبح جو اُٿي گهر گهر ۾ ”حشر جون پايون“ پنڻ وڃن. جن کي زالون ويهاري، منهن ڌوئاري،

اکين ۾ سرمو ۽ مٿي تي تيل جي تري مکين ۽ پائي پائي هٿ ۾ ڏين. انهن پئسن مان ٻار پاڻيءَ جون سبيلون لڳائن ۽ حشر ڏينهن (10 محرم) تي نياز ڪن.

مرد ماڻهو، صبح سان اٿي مقام تي وڃن، مائٽن جي قبرن تي مٽي وجهي يا وجهائي تربتون سڌارين ۽ سنوارين، مٿان پاڻيءَ ڇٽڪار ڪرائين، ڪي قبرن کي لنبائين، قبرن تي گل وجهن، ناز بوءَ جا پن وجهن ڪٿي ڪپڙن جا ساوا پن رکن ۽ مٿن مصليٰ (ڪتبا) رکن قل پڙهي بخشي واپس گهر اچن. ڪي وري مسجدن ۾ وڃي خدا ڪارڻ نفل پڙهن ۽ قرآن شريف جو ختمو ڪڍي، امامن جي روحن کي بخشين ۽ مٿائي ورهائين.

شيعا مسلڪ جا ماڻهو، ڪن جاين اڳيان جهنڊا* ڪوڙي رکندا آهن. انهن کي امام جو اوتارو يا امام واڙو سڏين ۽ ڪي انهن کي پڙُ به ڪوٺين. انهن پڙن تي يا اوتارن ۾ سڄو ڏينهن نقارا (نغارا) پيا وڄندا آهن، جن کي امام جي نوبت ڪري ڪوٺين. وڄت کي ياحسين جو ڏؤنڪو، هسواري، ٿاهو، ٻڌ يا ڊنڊ چون. نغارن سان گڏ دهلاري ۽ شرنائي وارو به هوندو آهي. شرنائي ۾ پڙ، نوحه ۽ زاريون ڳائين ۽ ڍانڊين کان پٽارائين. شيعا مسلڪ جا ماڻهو حشر جي ڏينهن ڪارا ڪپڙا ڍڪين، ڪٿون اونڌيون ڪن ۽ مٿي

۾ خاڪو (چار) وجهن. پنهنجن پڙن تان تعزيه يا ظهورا ڪڍن. ظهورن ۾ هي شيون هونديون آهن.

1. تابوت: ڪربلا ۾ امام حسين عليه السلام جي روضي مبارڪ جو نمونو هوندو آهي.

2. سيجون: سينگاريل کٽون جن تي بستري مٿان اعليٰ قسم جو وڇاڻو هوندو آهي امام قاسم لاءِ ڪڍي ويندي آهي.

3. پينگهو: سچو جنديءَ جو رانديڪن سان خاص امام علي اصغر جي ياد ۾ ڪڍي ويندي آهي.)

4. ڍير: ڪاٺ جي تختن جي پنين ۽ گلن سان سينگاريل قبر جو نمونو يا ڪنهن منجيءَ مٿان ڪمان وانگي ڪاٺيون ٻڌي، انهن ۾ ڪپڙن جا ليه وجهي ٻنيءَ جو نمونو.

**گهوڙا سينگاري ڪڍڻ:**

امام حسين عليه السلام جي گهوڙي جو نالو ذوالجناح ۽ حضرت عليءَ جي گهوڙي جو نالو دُلدُل آهي سڀ شيون سينگاري ڪڍن. ذوالجناح جو جلوس سڀ ڪڍن. ذوالجناح جو سينگار بهترين هوندو آهي، پٺيءَ تي هيلخوري مٿان بهترين زريدار جهل، ان جي مٿان مقيس ۽ چانديءَ جي تارڪشي يا زردوزيءَ تي تل ۽ ٽڙا هوندا. انهن جي مٿان هنو چانديءَ جي تار تي مڙهيل مرد چل سان هوندو ۽ هني سان چانديءَ وارا دوال ۽ پيتلي رڪيب، مٿان ريشمي گاشو جنهن جو ٻڌڻ جو تنگ پڻ چڪمدوزي سان هوندو آهي،

پاسن ڪان به سپرون يا ڍالون جن مثان جڙاءُ دار مـُـٺين سان تلوارون مياڻ يا ڪپن ۾ پيل پاسيريون جڪڙيل هونديون. هڪ چاندي جي هٿ واري ڪلس [چوٽيءَ] وارو جهنڊو جنهن جي ڪندري رڪيب ۾ اٽڪيل مٿان سائي بيرق پئي ڦڙڪندي، هني جي پرڻي ۾ پاڳ يا چٽ ڪپايل هوندو. گهوڙي جي دونار تي سونيون ڌهريون ۽ سرون هڪٻئي مٿان ٻڌل سجي ٻوٽ ڪي وڪوڙي بيهنديون، ڳچيءَ ۾ جنوئي جهاڻ سان ڳلخور سرواڳ لغام، مـُـچي پٽلي سان، ڳانيون گهنگهرن موتين پرت سان ۽ چانديءَ جون هونديون آهن. پٺيءَ تي چانديءَ جي ڊُمچي ڪيڙي جي ڊُمچيءَ مٿان پستنگ سان پئي جهرڪا ڏيندي آهي. گهوڙي جي سـُـنبن کي ڳاڙهو يا گلابي ڪري نورا پازيب وجهن. اهو گهوڙو دڙهن سان پٺ وليندو هلندو ۽ ماڻهو چوندا آهن ته ماتم ڪندو ٿو هلي. هلندي هلندي ڪنهن مسجد يا حويليءَ جي چائنٹ تي پڙ مٿو ٽيڪيندو هلندو آهي. انهن پڙن تي مرثيه خوانيءَ جون مجلسون به ٿينديون آهن ۽ ماڻهو نوبت تي پٽيندا (ماتم) به آهن.

جلوس ۾ ماڻهو مرثيا، لولي، نوحو، سلام، فاتحه ۽ فرياد ڏک واري سـَـر ۾ پڙهن:

**مرثيو:**

ڪربلا جي قتل جي ڪر ڪا خبر، اي آسمان!

ڪيئن ڏنئي نيزن چڙهيا شاهن جا سر، اي آسمان!

*　　*　　*

اي خدا جا لاڏلا سردار سروَر يا حسين!

مرتضيٰ موليٰ عليءَ جا ماهه منور يا حسين!

نائين رات جو امام قاسم جا مرثيه پڙهندا آهن، ڏهينءَ صبح جو امام علي اصغر جا مرثيه ۽ لوليون چون (1) .

لولي:

اصغر ويو هاڻ ڏيان ڪنهن کي لولي، هاءِ!

اصغر ويو خالي ڪري منهنجي جهولي، هاءِ!

*　　*　　*

**سرائيڪي ۾:**

شادي تيڏي دا بند عجب هي پالا

چاچي تيڏي دا بنرا ويس هي ڪالا

*　　*　　*

آءُ منهنجا اصغر!

لوڏي سمهاريئين، آءُ منهنجا اصغر!، ڪير پيارئين آءُ منهنجا صغر!

رانديڪا تنهجي راند جا بابا! آءُ ته ڏيکارئين، آءُ منهنجا اصغر!

**مرثيو:**

ڪير پيڻ وارو بچو، جنهن جو مري ڪير ري


Gul Hayat Institute

اُن جي امان اُن جي غم سر پٽي روئي مري!

*    *    *

جڏهن لڳو حلق ۾ اصغر کي تير
زخم کان اُن جي لڳو تڙپڻ صغير!

اصغر جي مرثين کان پوءِ وري اڪبر جو مرثيو پڙهن:

جڏهن اڪبر مظلوم کي گهايل ڏٺو گهوڙي،
رڻ کي ڇڏي خيمي طرف منهن هليو موڙي!

امام قاسم جا مرثيه جي نائين رات چون:

قاسم جي چاچي ڪئي دعا مينديِ مبارڪ قاسما!
سڀ چاچي ماچي رڻ رهيا مينديءَ مبارڪ قاسما!

*    *    *

قاسم وني کي وهانءَ جي مينديِ ٿي لائجي،
رت جون نديون گلاب ٿو گهر گهر وسائجي!

*    *    *

وهانءَ وڳي سان جڏهن رڻ ڪٺو قاسم ونو،
ٻانهين پڇي منهن پٽيو، اُن جي وني‌ءَ رت رُنو!

*    *    *

شام جو تعزين کي گهوم لاءِ پڙن تان ڪٺي نڪرندا ۽ خلقون خدا جون پويان پيون هلنديون، رستي تي نوحه چوندا جن تي پٽ (ماتم) پئي پوندي.

**نوحو:**

آئي عرش مٿان اوچنگار، هڪ نينگر ننڍڙي ٻار!
اڄ ساٿي ساٿ سنپايو وڃن، منهنجا مائٽ ماڳ مٿايو وڃن!
شام جو پنجين بجي وري هيءُ مرثيو پڙهن:
ڪربلا جو واءِ ڏاڍو واقعو،
هائي ڪڏهن ٿيو ڪونه اهڙو حادثو!
**رباعي:**
جي ڪربلا ۾ آب گهريو ٿي شهه زمن،
تان تنهن کي اُت هيئن ٿي چيو ظالمن،
حاڪم جو حڪم آهي ته پاڻي، بشر پين،
مور پين پکي پين ۽ شتر پين،
ڪافر به جي پين ته نا ڪنهن کي منع ڪجؤ،
مگر آل مصطفيٰ کي نه پاڻيءَ ڦڙو ڏجو!
**سلام:**
شاه شهيدان حسين، توتي صلاوت و سلام!
دين ۽ ايمان حسين، توتي صلوات و سلام!
**فرياد:**
Gul Hayat Institute
ٿيا ڪربلا ۾ محشر، فرياد يا رسول!
لھ سار تن جي سروَر فرياد يا رسول!
حسين ڪاڻ مديني ۾ مصطفيٰ ٿو روئي،
امام آءُ وري هرهڪ جدا ٿو روئي.
**فاتحا:**

مومنا چئو متفق ٿي مصطفيٰ تي فاتحه!
نهر وقت فاتحه پڙهن ۽ چهلم (چاليهي) تي هيءُ مرثيه پڙهن:

**مرثيو:**

چنڊ چڙهيو ماتم جو موٽي ٿي قيامت ٿي قيام،
اڄ وري جهوليا جهنڊا نڪتا نشان آيا امام!

ڪي ماڻهو محرم جي ڏهن ڏينهن ۾ سبيلون قائم ڪن. ماڻهن کي ٿڌو ۽ مٺو شربت پيارين. حشرَ ڏينهن ڪي زالون گهر ۾ ويهي قرآن شريف، نفل ۽ تسبيح پڙهي ثواب امامن کي بخشين، پر ڪي پنهنجن گهرن ۾ امام جون مجلسون ڪن، جن ۾ ڪوهر ڪارائين، شربت پيارين ۽ پڙ يا اوسارا چون. ڪي سيدن ۽ پيرن جي حويلين تي وڃي پڙين ۽ اوسارين. زالون هن قسم جا پڙ چون.

جهنڊن ويلي روئي مصطفيٰ، جنهن جا ڪُٺا آهن ڪَلها!
هئي هئي حسين، ماتمي حسين!
* * *
”تابوتن“ ويلي گهوٽ ٿي ڪنو،
هاءِ قاسم لاءِ ڪڪر نير ٿي وٺو!
* * *
سڪيلڏا اصغر! آءُ ته پينگهو لوڏيانءِ،

Gul Hayat Institute

آءُ ته پينگهو لوڏيان، تنهنجي جيجل روءِ زارو زار -
سڪيلڏا اصغر ....

*        *        *

”گهوڙن“ والي پاڻي آڻ، هئي هئي روئي سڪينا!
پاڻيءَ پياسي سڪينا، هاءِ علمدار الله آڻيندءِ!

*        *        *

سيجن والي لڳئي نه ڪوسو واءُ،
هاءِ اصغر مڪي ﷺ موٽي آءُ!

*        *        *

تنهنجي ”آيل“ روئي زار زار، سر تان چادر لاهي پچار!
شهادت جي رات، هاءِ حسين غم هو، غم ﷺ ماتم هو!

*        *        *

تنهنجي ”جيجل“ ٿي روئي رت زار و زار،
سو ته سيجن ويلي موٽي آءُ امام
هاءِ پينگهو خالي ڏسيو سر پٽي تنهنجي ”ماءُ“!

*        *        *

”نيزن“ والي شير هو او قاسم ڪارو ويس،
قاسم ويو پرديس!

*        *        *

ڪربلا سارو ساٿ، روئي زار و زار
مؤمنا ڪريو ماتام!



Gul Hayat Institute

قاسم جا طنبو لـُٹيائون - ڪربلا سارو ساٿ...

(ۂ پيا ظهورن جا نالا)

*  *  *

هئي، واءِ، هوءِ! امام ويرين ويڙهيو.

”تابوت“ آيو منهنجي شاهه جو، شاهه پاڻ نه آيو.

مٺيس ڪهڙي رڻ رهيو - هئي، واءِ، هوءِ امام ويرين ويڙهيو!

*  *  *

هاءِ مسلم جا دلدار، ڪوفي، شير شهيد ٿيا.

گهوڙن والي شير هو، مسلم جا دلدار - ڪوفي، شير شهيد ٿيا.

*  *  *

رَئي چڙهي آسمان، ملڪن ڪيو ماتام،

”گهوڙو“ گهوٽ پلاٽيو - رَئي چڙهي آسمان، ملڪن ڪيو ماتام.

*  *  *

Gul Hayat Institute

هاءِ اڪبر گهوڙي چڙهي آءُ،

هئي ناحق ماريا، جوڏ جواني ويئي، سر جي تاج ويئي.

”گهوڙن“ والي، هاءِ اڪبر گهوڙي چڙهي آءُ-

*  *  *

هاءِ ”موڙن“ بڏڙا، ويندا ڏورانهان،

هاءِ هاءِ نيراڻا وجي رانيا، سيد پري وجي رانيان،
هاءِ هاءِ امر الله جي وجي رانيا!

* * *

هاءِ هاءِ مجيئون رب جي رضا!
ناحق ماريا ڪوٺي ڪُنڙا
چڙهي ٿن ڪمانُ، منهنجا وارث ڪريو ڪا ورڻ جي.

* * *

هاءِ هاءِ مٿي پوءِ لٿجو!
سيج نه ماڻي، منهن ڏسڻ ڏي - هاءِ هاءِ .....
ڪوٺي ڪنڙا، منهن ڏسڻ ڏي - هاءِ هاءِ.....

* * *

هاءِ هاءِ بيبي! قاسم ڪئي آهي سچ نسب،
ناحق ماريا لال، اچ ٿا لال لڏين - هاءِ هاءِ .....

* * *

هاءِ مدينو سچ ويران! ڪربلا ۾ ڪوٺي ڪُهايئون
جهندن والي مدينو ويران - ڪربلا ..........

* * *

هاءِ هاءِ شاه مڪي ۾ موٽي آءُ،
هاءِ "جيجل" ساريا ٻئي ڪبوتر ويا، روئي آيل ماءُ!
يا حسين شاه مڪي ۾ موٽي آءُ!

* * *

Gul Hayat Institute

گھوم ۾ سيني پڙن تان ڦيرو ڪندا ۽ جهنڊن کي ڦيرا پڻ ڏيندا هلندا. جيئن سج لڙو ٿيندو ويندو، تيئن رباعيون، سلام، فرياد ۽ فاتح پڙهي وڃي مقرر جاءِ تي نهر ڪندا.

---------

* اهي جهنڊا هر محرم مهيني جي پهرين تاريخ، مرمت ڪري نين بيرقن ۽ چولين سان سينگاري وري چاڙهين. (ليکڪ)

(1) ڏهين جي رات تائين امام اصغر جي نيت ڪري ماڻهو ننڍڙن ٻارن کي مٺي کير جون وٽيون پري پيارين.

Gul Hayat Institute

# باب نائون

# سنڌ جا پراڻا هنر ۽ ڪاريگريون

هڪ روايت آهي ته: نصرپور جو شهر سن 989ع ۾ نصير مهاڻي، لوهاڻي درياءَ جي ڪپ تي ٻڌايو هو، جيڪو اڄ تائين آباد آهي. مرزا شاهه حسن ارغون جي ڏينهن ۾ اهو شهر جهڙوڪ سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ هو. منجهس ست هزار ڪپڙي اُڻڻ جا آڏاڻا هئا، جن ۾ زنانين سٿڻن جي ڪپڙي جا نمونا: سوسيون، گربيون، مونڙا، گلبدن، پٽ گربيون، ٿهنديون هيون، انهن کان سواءِ کيس، جي چپر کٽن مٿان پکيڙين ۽ اوڍين، اٺن ۽ گهوڙن جي گاشن مٿان رکي ٻڌا ويندا آهن، چانڊنيون، پٽاهڙ اڳٺ، لونگيون، تسر، ململ، قناويز، ڪيتون [قيطون]، چادرون، ڪاڏي ۽ بافتو اُٽيو ويندو هو.

سن 1635ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني هن شهر مان فوجن لاءِ هڪ لک روپين جو رڱو بافتو خريد ڪيو هو. هتي انهيءَ

زماني ۾ ايڪيھ هزار ڪوري رهندا هئا. ٻيو هنر ڪاشيءَ جو هو، جو هتي ته جام هو پر هالا، بلڙي، ٺٽي، سيوهڻ ۽ خيرپور ۾ به ان هنر جا ماهر ڪاريگر رهندا هئا.

**ڪاشي:**

ڪاشيءَ جو ڪم هوبهو ڪنڀار جي ڪم جهڙو آهي. ڪاشيگر ڀهريائين ڳولي سُٺي چيڪي مٽي هٿ ڪندو آهي، پوءِ ان کي ڪُٽي ڇڃي پوري ميدي جهڙي ڪري پسائي ڳوهي، چاڙا يا پنوڙا جوڙيندو آهي. اهي پنوڙا چڪ تي چاڙهي جهڙي قسم جو ٿانءُ يا برتن گهربل هوندو اٿس، چڪ ڦيرائي تيار ڪري وٺندو آهي. فقط سرون، مُصليٰ (ڪتبا)، ڪارب (قالب) [ڍانچي/سانچي] ۾ وجهي ٺاهيندو آهي. انهن کي سُڪڻ کان پوءِ رنگ چاڙهيندو ۽ چٽ گل ڪڍندو ۽ مٿان هڪ لاڪ جهڙي مسالي جو پوٺو يا هٿ ڏيئي، اهي ٿانءَ ڪوريءَ ۾ پچڻ لاءِ وجهندو. ٺن ڏينهن کان پوءِ ڪوري کولي تمام سهڻا سهڻا ڪاشيءَ جا پيالا، ڪوپ ساسرون، گگهيون، گلدان، طباق، ٻاٽيون، سرون، مصليٰ،نيلون، رانديڪا، چڪلا، صندليون، ڪونڊا، جمنيون، دلا، دڪيون ۽ ٻيو به سامان ڪڍي ٻاهر ڪندو آهي، جيڪو ڏُور ولايتن تائين وڃي وڪامندو آهي. ڪاشي، سيوهڻ ۽ بلڙي شهرن ۾ پڻ جوڙي وڃي ٿي.

**مٽايون:**

نصرپور ۾ بهترين کيرپڙا ڪيسر ملائي مان ٺاهيا ويندا آهن، ٻئي نمبر ۾ مٽيارين جو مائو ۽ کيرپڙا به مشهور آهن. هي هنر جنهن ۾ مٺايون به اچي ٺيون وڃن، ٿر جي گهڻن وڏن شهرن ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ڇو ته ڇوپايو مال اتي گهڻو آهي. مٺائي ته هر ڪنهن هنڌ ٿوري گهڻي ضرور ٺاهي ويندي آهي.

**عاج:**

ٺٽي الهيار جو شهر، جيڪو ميرالهيار خان پٽ فتح خان، ڳاهوري واهه جي ڪپ تي سن 1864ع ۾ ٻڌرايو هو، هن اصل ڳوٺ جو نالو ڪنڊي مهاڻي جي وسي سڏبو هو. اتي عاج جي ڪاريگرن جا اٽڪل ٽيهارو کن دڪان يا ڪارخانا هئا، شهر جي هڪ بازار جو نالو اڄ تائين ”چوڙيگر بازار“ رکيل آهي.

ڪچو عاج، برما ۽ آفريڪا کان واپاري گهرائي، پوءِ ان کي جنڊين تي چاڙهي چيري، وڏي ٽڪي منجهانئس. چوڙا، ٻانهيون، چڪا، ڏارا، رانديڪا، اڱٺ وڃهٽيون، ڏٻليون، ٻٽڻ (ٻيڙا)، عطردان، گلابدا ۽ ٻيو عاج جو پرٽ ڪاٺ تي ڪندا هئا. عاج جڏهن مهانگو ٿيو ته هاڻ وري پلاسٽڪ (ڪافور) مان اهو ڪم ورتو ٿو وڃي. عاج جو ٿورو گهڻو ڪم حيدرآباد ۽ ٻين شهرن ۾ به ٿئي ٿو.

**ٽڪون يا ڪچ:**

هي ڪم به ٺٽي ۽ الهيار ۾ خاص طرح ٿئي ٿو. سنڌ کان ٻاهر پاڙيپٽ پنجاب ۾ هن جا وڏا وڏا ڪارخانا آهن. چا ڪن جو سنهڙو پتلو شيشو ان کي پٽ کان شيهي جو هلڪڙو پردو چاڙهي بڻيءَ ۾ پچڻ رکن پترن ٺهڻ تي ٻاهر ڪڍن ته آرسيءَ وانگر پيو ٻکي ۽ منجهس منهن پيو ڏسڻ ۾ اچي، ان کي ڪچ يا ڪاچ ڪوٺين. ان جا ٻه قسم ٿين. جيڪو ڪڙ ٻڙاڻ تي هجي ته ان کي ”گلو ڪچ“ ۽ جيڪو شفاف هجي، ان کي چٽو ڪچ ڪوٺين، پوءِ ان ڪچ جا چٻا يا ڏَٻا پري ڳوٺن ۾ پورهيت زالن کي موڪلين، جي مختصر اُجوري تي ڪرنڊَ (پٿر) ڪٽي، انهن ڪاچ جي پترن کي ڪـُرند جا نيشان وجهي مستطيل پٽين جي شڪل ۾ پچن، جن کي وري همچورس هڪ پاڱي چار انچ جي صورت ۾ ٻيهارين، هڪڙيون عورتون اهو ڪم ڪن ۽ ٻيون وري ڪترون يا قئنچيون ڪٽي انهن چورس ٽڪرين جون ڪنڊو لاهي ڪوري انهن کي گول بنائين. انهيءَ گول جنس کي ”ٽـِڪون“ ڪوٺيو ويندو آهي.

اهي ٽڪون گجن، چولن جي ڳلن، بوچڻين، ٽوپين تي پرت سان پري قابو ڪيون وينديون آهن ۽ رات جو اهي ڏاڍا چمڪاٽ پيون ڪنديون آهن. اهي ٽڪون هن شهر مان ٿر ۽ ڪوهستان ۽ ڪن ملڪ جي ٻين پاڱن ڏي پڻ موڪليون وينديون هيون. اوچتو ٽڪن جو رواج گهٽجڻ لڳو ته

ڪارخانا به بند ٿي ويا. هاڻ به اُڙيو ٿڙيو ڪو هٿ دڪان باقي وڃي بچيو آهي.

**ريشم يا پٽ:**

سنڌ ديس ۾ ريشم جي ابتدا ٺٽي الهيار ڪان ٿي. جيتوڻيڪ پٽ جو ڪم حيدرآباد، ماتلي، ٺٽي محمد خان ۽ ٺٽي باگي ۾ به ٿيندو هو. پٽ جي واپارين کي پاٽولي يا ريشم فروش ڪوٺيو ويندو آهي. هي واپاري ”ڪچو ريشم“ ممبئيءَ کان گهرائيندا هئا ۽ اتي وري اهو چين ملڪ ۽ بخارا کان ايندو هو، چين ملڪ واري ڪچي ريشم کي ”ٻاڙهو گل“ ۽ بخارا واري کي ”اچو گل“ ڪري سڏيندا هئا. هلڪي قسم کي ”بانٺ“ ۽ اُچي قسم کي ”گل“ ۽ ڪوٺ کي ”ڏَڪري“ چون.

ڪچو پٽ، اوبرن تي اوبي ان جون اول چڳون ٺاهين، پوءِ ان کي سوڍا ۾ مَـني ديگين ۾ ڪاڙهي، ڦرهن تي ڌوئي، پوءِ رنگ چاڙهين. ريشم تي گهڻائي رنگ چاڙهيا ويندا آهن(1) جن جو ڪاٺو ڪونهي. رنگ چڙهڻ کان پوءِ وري به چڳن کي اوبرن تي چاڙهي، ڪاريگر گوڏن تي ويڙهيندا آهن، جن کي ”چڙيون“ چون. انهن چڙين کي ڪاٺ جي منگرين ۾ وجهي موڙيندا يا نپوڙيندا آهن. ته مٿي ۽ دز نڪري ويندي آهي ۽ پٽ چمڪڻ لڳندو آهي. ڏڪريءَ مان جـُتين، گجن ۽ بيرقن جا ڦندڻ يا ٺوٺرا ٺاهيندا

هئا. ٻين ذاتين مان اڳٿ چار يا نوان، ڳانا، ڏورا، سڳيون، زيورن پوئڻ ڪاڻ بند ڏاف ڪلابات هٽي ننگ تيار ڪن. گهٽو تٽو پرت پرڻ ۾ ريشم ڪم اچي، جنهن ۾ سنوپريون زالون ڪپڙن تي هـُرمچو پرين، جنهن ۾ سبوٽ، چوٗمڪي، پڳڙو، پيٽ ڦاتو، مشڪرو، اڏڪوٿ، سچو ڪوٿ، پرٽو، نانگڻ، توت، ول، بوندي، هار وغيره پورهٽي پرت ڪن ۽ انهن کان سواءِ ڪـِيلَ، ڪنڊڙو، اُرمو ۽ وٽ به پرين.

**پٽ جي ڪم تاريخ:**

پٽ جي ڪم جي تاريخ ابتدا تندي الهيار کان ڪيئن ٿي؟ تنهن بابت هيئن چيو وڃي ٿو: مخدوم محمد اسماعيل اگهمي جيڪو اصل گجرات جو رهاڪو هو، سو سير سفر ڪندو جاوا، چين، بخارا، ڪلڪتي، دهلي، ملتان مان گهمندو اگهم ڪوٽ رسيو، هو پٽ جو وڏو ڪاريگر هو.(1) جنهن کي هاڻ اگهاماٽو سڏيو ٿو وڃي. اهو مهراڻي درياءَ جي ڪپ تي سمن سردارن جي گاديءَ جو هنڌ هو.(2) اتي اچي هڪڙو ديني مدرسو کوليائين. ان ۾ ٻين سان گڏ ڪچ جي جاڙيجا، سما، راجپوتن جا به راجڪمار هن جي پناهه ۾ اچي رهيا. هڪ جو نالو ماڻڪ جي ۽ ٻئي جو نالو ويڏا جي هو. پاڻ انهن کي مسلمان بنائي پاڙهي. اهو هنر پٽ ٺاهڻ جو، جيڪو هـُن ڪيترن ئي ملڪن مان سير سفر دوران سکيو ۽ ان ۾ مهارت حاصل ڪيائين، سو هنن نو مسلم راجپوت

Gul Hayat Institute

نوجوانن کي سيکاريائين. جڏهن ڇوڪرا وڏا ٿيا ۽ شاديون ڪيائون ته پنهنجي اولاد کي اهو هنر به سيکاريائون. سندن گهڻو اولاد ٽنڊي الهيار ۾ اچي رهيو ۽ ٿورا ٻين مٿين شهرن ۾ وڃي رهيا. هنن پاٿولين کي جيڪي ماڻڪ جيءَ جو اولاد آهن، تن کي ماڻڪاڻي پاٿولي جيڪي ويڌاجيءَ جو اولاد آهن تن کي ويڌاڻي پاٿولي سڏيو وڃي ٿو. هينئر گهڻو ڪري سپني پٽ تيار ڪرڻ جو ڌنڌو ڇڏي ڏنو آهي ۽ زمينون وٺي وڏا زميندار ۽ ڪارخانيدار ٿي ويا آهن.

**رڱاوت:**

هيءُ ڪم ٽنڊي الهيار، مٽياري، سعيدپور ٽڪر واري، ماتلي، ٻٺوري ۽ ميرپور ساڪري ۾ به ٿيندو آهي. هتي هندو کتري قوم هي ڪم تمام سٺي نموني سان ڪندي آهي. هن ۾ اجرڪون، سوڙون، پٽراڻيون، ملير، ريٽا، سوسيون رڳ رتيون، چيٽون، چادرون، پڙا، ٻگ، پيٽيون، چُنيون، ٻانڌڻيون، بونديون، دمچيون، لاوڻيون، رڱي تيار ڪندا آهن، انهن ۾ ٻانڌا پڙا، سرمائي ٻگ، ڪاريون ٻانڌڻيون ۽ دمچيون پينديون ٻڌي پوءِ رڱيندا آهن. رڱڻ جو ڪم هن ريت ٿيندو آهي.

هرهڪ ڌڙڪ تي ڏهه - ٻارهن ماڻهو واري ڦيري ڪندا آهن. پهرين ڪورو ڪپڙو ڌوئي نرم ڪندا، پوءِ اليجر [هليجر/هنجر] مسالي ۾ ٻوڙيندا، تنهن جي مٿان نير ڏئي ان

Gul Hayat Institute

جو پلاند تيار ڪندا ۽ مٿان ساڪڻ پرڪيندا. وري ان کي ڌوئي پوءِ چـُريندا ۽ پوءِ ڪڙڪندس يعني مٿان پاڻ وجهي چڏينس، سڪڻ تي وري هليجر ڏئي رنگ چاڙهيندس. سڪڻ تي وري ڌوئندس. اهو هليجر مسالو رنگ پڪي ڪرڻ جي لاءِ بار بار پيا ڏيندا آهن، ٿوروئي رنگ هلڪو ٿيو ته هليجر ڏيندس. شاهه صاحب پڻ چيو آهي ته:

**انهيءَ پڪي رڱاوت بابت لطيف سائينءَ چيو آهي ته:**

رچــي جي ريٿو ٿيا، ڪين اُپاتجن اوءِ،
ڪنپ نه ڪاري اُن کي، جي هالاري هوءِ،
توڙي ڌوبي ڌوءِ، ته لالي لهي نه اُن جي.“(1)

اسان جي ملڪ ۾ اڄ ماٺهو ڪاريون/ماويون سٿڻون يا صدريون نيروٽين ڪان يا ڪي ڪپڙا نيرا به ڪرائي ڪوڙائي پائيندا هئا، جي ڦاٽڻ کي ڦاٽي ويندا هئا، پر رنگ ۾ رولو ڪونه پوندو هون. اهي به هالاري رڱيل چيا ويندا هئا. مٿين هنرن کي ”سمواتري هنر“ پڻ چيو ويندو هو. چو ته لوهاٽي ۽ مهراٽي دريائن جي چاڙهن واري پاڳي کي يعني نصرپور کان اگهاماٽي تائين جيڪو دوابو هو، تنهن ۾ سماٽ ذاتيون رهنديون هيون ۽ هيءُ انهن جا هنر چاتا ويندا هئا.

**جنڊي (2):**

Gul Hayat Institute

هيءُ ڪم هالا، خانوٽ ۽ ڪشمور ۾ جام ٿئي ٿو. جيڪي ڏيهي ماڻهو ڪم ڪن تن کي وگهامل چون. هن ڪم جا چاڻو برو هي ماڻهو به آهن، جي هڪ هنڌ ويهي ڪم ڪونه ڪن. ڪڏهن ڪِٿ ته ڪڏهن ڪِٿ. جنڊي تي پيڙ، گيدوڙي، پيا ڪاٺ به ڪم اچن، پر هن ڪم جي ڏانءُ جو ڪاٺ باهڻ [بهڻ] وڻ مان نڪري ٿو. بَـهڻ جا ئي وڻ سنڌو درياءَ جي ڪناري وارن ٻيلن ۾ جام آهن. [بَـهڻ باهڻ بهن] کي چون ئي پَـهڻ، هيءُ نرم به آهي ۽ جهالائو پڻ آهي. جنڊيءَ مان هي گهرو سامان ٺهندو آهي: ڪٺون، پينگها، هندورا، پلنگ، ڪرسيون، ٽيبلون، منجيون، بنب [دلن جا ڍڪ] ، سونگا، سونگيون، دٻلا، ڏٻليون، فريم، اڳٽ وجهٽيون، مخبا، ويلڻ، چڪلا، اڪرلا، مهرلا، مهريون، چوٺايون، پاٽيون، وجٽين جا ڳن، ڏويون، مانڌاٽيون، رانديڪن ۾ ٻارن جا گاڏا، اِٽيون ڏڪر، طهر وارن جا چمٽا، جهنجهٽا، چوپٽيون، گلدانيون، ڪپڙن ٽنگڻ جا گهوڙا، گلاس دانيون، لڪڻ ۽ ڏنڊا، گنج، پاٿوڙا، ڳنيون، ڏونڪا ۽ ٻيا پي اڪيچار نمونا ٺهن ٿا.

**وارن مان جڙيل سامان:**

هن ديس جي اُپرندين پاڳي کي ”ٿر“ ڪوٺين. اتي چؤپايو مال ڍڳيون ڍڳا، ٻڪريون، رڍون ۽ اُٺ، گڏھ جام ٿين. هيءُ پاڳو برسات تي مدار رکندو آهي. جي وٺو ته مال ميو متارو

جي نه اُنو ته مال جي وچي پوچڙي بيهندي آهي ۽ ملڪ ڏڪار هيٺ اچي ويندو آهي. ججهي مال ڪري رڍن جي اُنَ مان: ڪمرون، ڏها، ڪٿا، ڪٿيون ۽ تلَ ٺهن، ٻڪرين جي ڏاس مان: رسا، خرزينون، ڪرڙيون، فراسيون ۽ ڪرڙا جڙن، ۽ اوجا، جوال، ڪريٺا، ٽنگڻ، مرئيول، تاڪيون به ٺهن. انن جي مِلس مان: پڙ فراسيون، ٻوجها، ٽيڙ ٺاهين.

**چمڙي جو سامان:**

مال جي چمڙي مان: گيهه جون دٻيون، چيپون، تيل جا دٻا، ڪونجيون، پاڪڙا، هنا، حقا، نطعون، پکالون، سانداريون، رونڊا، نيٺا، سيٺ، وڍيون، جتيون، موزا، ڪٺا، جالنگ، ٺرا، ٺڙيون، بيڊڪون، گلاس تلوارن جون مياڻون، ڪتابن جا جلد وغيره ٺاهين. تازي چمڙي مان زيلن، ٻمن [نقارن] دهلن ۽ پيرن دفن، ڪنجرين تي ڪل چاڙهي مڙهي وڄائين. ننگر پارڪر ڏي هنرمند زالون موتين جي تمام نفيس پوچ ڪن، جن ۾ دعا سلامت جا ڦوٿا، لونگ ۽ سوپاريون به موتين جي پوچ ۾ مڙهي موڪلين.

Gul Hayat Institute

**رليون:**

سنڌ جي ٿر ۽ وچين پاڱي ۾ تمام سهڻيون بهترين رليون به سگهڙ زالون سبن، جن ۾ ڪاڪا رلي اُٺ جيترو ناڻو لهي. رلين جا گهڻائي قسم آهن.ڪتر تي رلي، ڪٺاه تي رلي، ٽڪرين تي رلي، پرت تي رلي. رلي جا به پڙ ٿين، هڪ

هيٺيون جنهن کي لسو پڙ چون. ٻيو مٿيون، جنهن تي هنر ۽ ڪاريگري ٿيل هوندي آهي. ٻنهي پڙن جي وچ ۾ سنهڙي ۽ ٿوري ڪپاهه يا پڇ يعني اڱڙيون ٿڳڙيون جن کي ليهه چون، وجهي رليءَ کي توپي جي پر ۾ ٿوپو ڏيئي ڏاڍي ڪن. پلاندن تي اُپيون پٽيون انهن جي مٿان گڏيون رکي رلي تيار ڪن. جا ماڻهوءَ جي ڏيگهه جيتري ٿئي. رلين جا نالا: ڪانگ پيري، ڪجيءَ تي، لهر تي، لسي، فرش گل، وڇونءَ ڏنگ، مڇيءَ پتو، مڇيءَ ڦوٽو، بازر، چوپڙ، چنڊ تارو، نٿ بولو، اُٺ ڪجائو، پٽ ٽپ، لوڙهو ٽپ، گدري ڦار وغيره.

**ٿانءَ:**

اسان جي ملڪ ۾ ڪنڀار ڪاريگر جتي ڪٿي رهن ٿا، جي چڪ تي مٽي جا پنوڙا رکي ٺڪر جا ٿانءَ جوڙي انهن کي داڳ ڏيئي چٽ گل ڪڍي پچائي وڪڻن ٿا. اهي ٿانءَ ڳاڙها ٿيندا آهن ۽ ماڻهو ٺوڪي وڄائي پوءِ وٺندا آهن، ته متان گوگهيتو يا سير يا ٽنگ نه هجين. پر دادو ضلعي ۾ جوهي تعلقي جي مٽي، ميٽوڙي رنگ تي اڇي ٿيندي آهي، اتي جا ڪنڀار انهيءَ مٽي مان جيڪي ٿانءَ دلا، مَٽَ، گهگيون، ڪونڊا، جمنيون ڪوزا وغيره ٺاهين ٿا، سي پڪي ڪان پوءِ، سفيد رنگ جا هوندا آهن ۽ منجهن پاڻي ڏاڍو ٺرندو آهي. ان ڪان سواءِ ڪونڊيون، طس، ڪنا، پاٿيون. سٽڪون، لوٽا، ٿيا، ٿپيون، دَڪيون وغيره به ٺاهين.

ڪکن ڪاڇرن مان جوڙيل شيون:
لاڙڪاڻي طرف ڊپن جي تيلن مان. اڏاوت ڪرڻ ڪاڻ پکا، ۽ وڃٽيون، چڄ، ڪونڊا، سپ، پهارا، ٿلهين ڪانين مان چڪون وغيره ٺهن.

نوابشاهه ۽ ٻوبڪ واري پاسي ڪٽڪ جي تيلين مان دٻڪيون، پنڊيون، ڍاڪمان ٺاهين.

ڪوهستان ڏي پيش يا ڦيش جي ڦرهن مان نکون، تڏا، چتريون، واڻ، چپيون، چاٻون، پاٽ، وڃٽيون، دٻڪيون [پنڊيون]، ڪيڙر، چٻا، چڪا وغيره جوڙين.
اترسنڌ ۾ مڃ گهٽي ٿئي ٿي، ان کي سٽي ڪٽي واڻ ٺاهين جنهن سان کٽون، پينگها ۽ موڙا واڻين.
لاڙ ڏي، پاڻي تي گهٽي پن ۽ سرَٽين، انهن مان تڏا، توئنريون، گهرن جي اڏاوت لاءِ پکا جوڙين، ڪٻڙن ۽ لين جي ڪاٺين مان ڪارا، ڪاريون، ۽ ڊپن مان نوڙيون وٽي ٺاهين. سچي سـَرَ مان ڪٽن جو سنهو واڻ ٺاهين.

**کٽون واڻڻ:**

جتي جتي جنديءَ جو ڪم ٿيندو آهي، اُتي زالون کٽون، ڪرسيون، موڙها، منجيون سنهي واڻ سان گلڪاري وارن گلن، چنڊن ۽ چوڪن سان واڻينديون آهن [(1) .](#)

**ٽوپيون ٺاهڻ:**

سنڌ جي انيڪ ڳوٺن ۾ سنڌي ٽوپيون ٺاهيون وينديون. هالا، سعيدآباد، سکر ۽ لاڙڪاڻو ان هنر ۾ ڪامياب ۽ هاڪارا آهن(1) .

**اجرڪ:**

اجرڪ جو ڪم هالا، مٽياري، نصرپور ۾ بهترين ٿيندو آهي. ان کان علاوه ڪپڙي ٺاهڻ جا اڏاٽا جن تي ڪاڌي ٺاهي وڃي ٿي، سي پڻ هنن شهرن ۾ گهڻا آهن(2) .

------

(1) **رڱاوت جو طريقو:** سفيد رنگ ڪاڻ ڪچو ريشم صابڻ ۽ سوڊا ۾ ڌوئبو هو ۽ ڪاري رنگ ڪرڻ لاءِ ان کي انجٽين سان گڏ ڪاڙهي ڪارو ڪندا هئا ۽ لتاڙي لتاڙي رنگ پڪو ڪندا هئا. پٽ کي ڳورو يا وزندار رکڻ لاءِ ڪلمي شورو يا ڳڙ به وجهي ڪاڙهيندا هئا. (ليکڪ)

(1) انهيءَ زماني ۾ تمام الله وارا گذرسفر لاءِ ڪونه ڪو هنر سکندا هئا. (ادارو)

(2) هاٽي دهي پڙپانگ ٿي ويو آهي،ضلع بدين ۾ موجوده شهر گلاب لغاري تعلقي ماتليءَ لڳ آهي، اتي وڃڻ ويجهو ۽ سواريءَ ملڻ وارو رستو ٿندي الهيار کان آهي. (ليکڪ)

(1) نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)



Gul Hayat Institute

(2) جنڊي جا اوزار آهن، پر ڪاٺ چلي گهڙي گول ڪري ان تي رنگ چاڙهين ان کي جنڊي چون. حقيقت ڪري اهو جنڊيءَ جو ڪم چئجي ته صحيح آهي. (ليکڪ)

(1) نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)

(1) ايضاً.

(2) ايضاً.

Gul Hayat Institute

# باب ڏهون

## عام وندرون

اسان جي ديس ۾ ڪيترن ئي قسمن جون وندرون هيون ۽ آهن. هتي جمڻ کان پيريءَ تائين وندرن جون حقيقتون ملن ٿيون. ٻار ڄائو ته پهرين ان کي ڪوڏاٽا ڏين. ٿورو وڏيرو ٿيو ته رات جو ان کي ڪهاڻيون ٻڌائي پرچائين، ان کان پوءِ خود ٻار پنهنجي واتان"ٻاراٽا ٻول" ٻوليندو وتي. چڙيون چانبڙ زالون، چتون يا طوطو ڌاري ان کي پاڙهين ۽ چتونءَ جون چانگارون ٻڌڻ تي خوش ٿين ۽ وندرن. مرد ڪڪڙن ۽ تترن کي ڌارين، تيارڪن ۽ ويڙهائين. منهن معرڪي آبت ونگار جنگ توڙي شادين ۾ هڪٻئي سان چرچا گهٻا ڪري پاڻ وندرائين. موالي نشي وٺڻ مهل صدائون هڻن ۽ ان کان سواءِ ٻاراٽي وهيءَ کان وٺي ٻڍاپي تائين ڪئين نمونن جون رانديون رونديون ڪري ماڻهو، پاڻ کي پائين.

**ڪوڏاٽا:**

ٻارڙي جي جمڻ شرط مائٽن جو من اچلون کائڻ لڳندو آهي. ٻار کي ماءُ، پيڻ، پڦي، ڏاڏي ڪوڏاٽو ڏيئي پنهنجي محبت

جو اظهار ڪنديون آهن. سِڪي پِني چاول يعني سڪيلڌي ٻار ڪي تمام گهڻا ۽ اثرائتا ڪوڏاٽا ڏين. جيئن ماءُ جي مونجهه ۽ درد تڪليف خوشيءَ ۾ بدلجي وڃي ۽ دلشاد رهيس. ڪوڏاٽا ٻڌي، پٽ ماءَ ته ڪپڙن ۾ نه پئي مائيندي آهي. وڏن ماڻهن خاص طرح پيرن، ميرن ۽ اميرن جي گهرن ۾ نرينو اولاد ديرائتو ۽ ٿورو ڄمندو يا نه ٻچندو آهي،انهن ڪي مائٽياڻين سان گڏ گوليون ٻانهيون، نوڪرياڻيون، چاڪرياڻيون، دايون ٻايون ۽ سائٽيون سڀئي واري وٺيءَ تي هٿن ۾ کڻي ڪُڏائي ڪوڏاٽا ڏينديون آهن.

ڪوڏ+ هاٽا، معنيٰ پيار جا جملا. هنن ۾ سچ پچ پيار محبت، آس اُميد ۽ زندگيءَ جي خوشيءَ جو سامان نقش ٿيل هوندو آهي. سرندَ ماڻهن جي ٻارن جي ڪوڏاٽن ۾ عشق بازي، شيل شڪار، بيپرواهي ۽ البيلائي جا راز رمزون چاڙايل هونديون آهن.

ڪوڏاٽا نه رڳو پٽن ڪي ملن، پر ڌيئن ڪي مائرون ڏينديون آهن، ته سدا سکيون ستابيون، سوليون سهنجيون حياتي گذارين ۽ پنهنجيءَ هلندي چلنديءَ واريون ٿين.

ٻارڙو هونگڙيون ڏيندو ته ماءُ ٻلهار ٻلهار پئي ويندي. ان کي چمندي چٽيندي، اکيون ٻايو پئي ڏسندي، خوش ٿيندي، مُرڪندي مُشڪندي: منهنجو الهه جوڙيو، منهنجو الهه

ڏنو، مون تي رب جو ٿورو، هڙا ٻچا مِـنا، الله اٺم ڏنا، منهنجو گلاب جو گل، منهنجو اکين جو ٺار! ائين چوندي چتائيندي چنبڙندي وجي ڪوڏاٽن تي پوندي.

اسان جي شاعرن نظم جي ٻين جنسن سان گڏ ڳيچ ۽ سهرا به چيا آهن، پر اڄ تائين ڪوڏاٽا چئي نه سگهيا آهن. تنهن جو سبب اهو آهي، ته ڪوڏاٽن ۾ مامتا گهرجي جا شاعرن ۾ هرگز پيدا ٿي نه سگهندي.

**الف پـُٺاٽا ڪوڏاٽا:**

ٻڌو پريو ٿيندو، ماءُ کي کٽي ڪمائي کارائيندو.
ڳاڙهي هندوري وجهان پٽ جي ڏور،
جنهن ۾ ابل لڏندم شهزور.

* * *

ابل منهنجو نندڙو، پوئانس ڪنڊڙو.

* * *

ابل منهنجو ٻار، پوئانس هار.

* * *

ابل ايندم هل ڪري، جورو ڏوئي ڏيانس گل ڪري.

* * *

ابل ايندو دوڙي، جنهن جي مينهن ويائي نوڙهي،
جنهن کي رسو نڪو نوڙي.

* * *

Gul Hayat Institute

ابل جي جاد [چوٿيءَ] ۾ جون، سا ته چوندي ڪڍي مون.

*　　*　　*

پٽ پٽ ڪنديسانس، ٽڪو روڪ ڏينديسانس،
ساڻم گڏ شهر گهمائينديسانس.
ڪپيس ته توت وٺي ڪائي، ڪپيس ته صوف وٺي ڪائي.

*　　*　　*

ابل ميان، توکي خٽاب (خطاب) نيان، فرحي (ڦرهي) لکائي ڏيان،
تون پڙه ته آءُ جيئان، ميانجيءَ کي لال لونگي ڏيان، خٽابن ۾ مٺائي ورهائي ڪنيان.

*　　*　　*

ٺري ٺري آئون، ڏيانس لائون،
ٻڌانس موڙ، چنانس ڳور.

*　　*　　*

ابل پلي گهوڙي پاڻ چڙهندو، گڏه مٿي دائي،
انبن هيٺ پاڻ ويهندو، توتن هيٺ سپاهي.

*　　*　　*

ابل منهنجو آري، ٿيندو باغ جو ٻڪاري،
پٺي ايندو ٺاري، لونگن ڦوٽن واري،
زال پرڻبو سوناري، ننگر ٺٽي واري.

*　　*　　*

Gul Hayat Institute

دوڙ دوڙ دنگي، ماما دي ڏيءَ منگي،
مامانهين ڏيندا، چاچا سڏ ڪر پيا ڏيندا،
ماما دي ڏيءُ گوڏي دا بند، چاچا دي ڏيءُ دل دا بند.
جي چاچي دي ڏيءُ اُڪاٽي، پٽ پرٽسين روھ پٽاٽي.
*　　*　　*
پٽ پٽيتيءَ جو، چاٺو چيٺيءَ جو.
*　　*　　*
پٽ پٽيتيءَ جو، ڪنگڻ پائيندو هزاري،
ناٺي زميندار جو، ناٺي شاهوڪار جو،
زميندار نه ڏيندو ته شاهوڪار سڏ ڪري ڏيندو.
*　　*　　*
ابل جي نرڙ تي ٽڪو، وجي لالر لاءِ لڪو،
لالر تون نه ڏينس ڏڪو، تنهنجي ليهي لاءِ لڪو منجھ سس
*　　*　　*
ٻوڙي ڀڳو: آڏي آيس ڪنڊي،
ڪنڊيءَ ڦاڙي ڏنس گندي،
چڏ ڙي ڪنڊي، مون تي جيجل ڏمر ڪندي.
پٽ ته اٺم شينهن، مٺان پوي ٺو مينهن،
ته گهتون هٽي ٺو گهر ۾.
*　　*　　*
ابل ونيون ست: هڪ ماڙيءَ ٻي ڪٺ، ٺي پر هي ويٺي پٽَ،

Gul Hayat Institute

چوٿين سوڍي سنگهار، ٻين ٻه اسٽين تي آر، ڏاڏي پوٽي سپني جي سردار.

*	*	*

لالڻ لوڏيو آٽي شئي، ماءُ کي ڪي ڪ نَ ۾ چڱي،
سس کي نميو پيرين پئي، زال کي جيءُ جيءُ ٻيو چئي،
پيڻ کي جورو ونيو ڏي.

*	*	*

ٿري ٿري لوءِ. اٿس ٻانهياري جوءِ، جيڪا مرَ سين مٿو ڏوءِ.

*	*	*

ابل ماري روجهڙي، دوگ درياءَ تي ڏنئين،
پورو پيڻ کي ڏنئين، وهوني ءَ کي ڏنئين،
ماءُ کي ڪي ڪنَ ۾ چيئين.

*	*	*

ب - ڏيئاٽا ڪوڏاٽا:

امي امي چوٽيءَ لمي، منهِ نينڌا مگّي
هيءَ ڏيءَ اٿم ستن پٽن کان چگّي.

*	*	*

ڏيءَ اٿم طوطي، منهن ۾ اَهنس موتي،
سائي ڍڪايانس پوتي.

*	*	*

Gul Hayat Institute

اما منهنجي تون، تنهنجيءَ جادڙيءَ ۾ جـُون، سا ڳولي ڪڍي مون.

*   *   *

ڏيءَ ڏنا، ڪائي ڳنا، پر هي پٿولا، درياءَ تي پاند وجهي گهري پائيڙا.

*   *   *

اما! اما! حور، تنهنجي ڪنن ۾ ڪـَپـُور، توڏانهن سج نه ڪري گـُهور،
تنهنجا ڪن اکيون نه ڪن سور.
اما! اما! تولئي ساهي سنپائيندا سما.

*   *   *

**2- آڪاڻيءَ جي ڪٽڻ ۽ ڪهاوت:**

دنيا ۾ لوڪ ڪهاڻين ڪٿڻ ۽ چوڻ جو پنهنجو پنهنجو رواج آهي. پر اسان جي ملڪ ۾ آڪاڻين جي ڪٿڻ وقت ڪهاوت [ڪـَهوت] ۾ جيڪو وڌاءُ ڪيو ٿو وڃي، سو هرو پرو هر هنڌ ناهي.
آڪاڻيون ۽ آڇاڻيون سياري جي مند ۾ جڏهن راتيون وڏيون ٿينديون آهن تڏهن پوڙهيون، پيڙيون مايون يا گهر جا پاتي ننيڙن ٻارن کي ٻڌائيندا آهن، جي يا ته لوليءَ سان گڏ ذهني اوسر جو به ڪم ڪنديون آهن، يعني ٻارن کي ننڊ ڏيارين يا انهن جي ذهن ذڪاءَ کي هوشيار ڪري، وڌائينديون

ويجهائينديون آهن. انهن آکاڻين جي ٻڌڻ سان ڪن معصوم ٻالڪن جي دل ”سچ پچاڻي هئڻ“ جهڙي حقيقت ۽ اثر ٿيندو آهي.
انهن ڳالهين ڪٿڻ ڪري رات جو گهڻو حصو پڻ ڪلندي ڪڏندي نبري ويندو آهي. سَپڙ ڪَنا ٻار، اهي ڳالهيون جهڻي ياد ڪري وٺندا آهن، پوءِ پنهنجن هڪجيڏن ۽ مڪتب پاين کي ڪري به سڻائيندا آهن. انهن مان ڪي ته پاڻ کي ان آکاڻي جي قالب يا پيٽي ۾ خيالي طرح اُٿي تصور ۾ ئي ان جو مانجهي يا جوڌو جوان ڄاڻي، دل ئي دل ۾ پيا چوندا ته: اهو شهزادو، وزير، سوداگر، جادوگر، فقير يا درويش آءٌ هجان: ته چڱو. يا ته ماڳهين ڪي مقام، ڏائڻ، چراخ، آفت، ديوَ ۽ راڪاس جي ڳالهين ۽ چورن ۽ خونن جي ڳالهين ٻڌڻ سان سوڙها ٿي سمهي پوندا آهن يا ته مرڳو سڏ ڪري چوندا ته بابا، او اما، آءٌ توسان ٿو سمهان؟ هتي گروه ڪهاڻين جو ٺاهيندڙ ۽ ٻيو ٽولو آکاڻين جو ڪٿندڙ شمار ڪيو وڃي ٿو. اسان هت ڳالھ جي ڪٿڻ ”الف“ ۽ ڳالھ جي پڇاڙي ”ب“، يعني نمونا پيش ڪريون ٿا.

**الف ـ ڳالھ جي شروعات:**

پلاپائي، ٺاٺ باٺ سان نخري ناٺ سان، ڪيسر تلاءَ سان، تنهن مٿي ماري، تنهن ۾ گل بيگ راڻي، تنهن جون ٻانهيون ٻه، هڪڙي مهران ته ٻي محبت!

هوشيار ٿي ڳالھ سڻجو: ڳالھ تي ٽڪا لڳا آهن! اک نه پورجو، ڳالھ جو مٺو نه ڪوڙجو!

ها، ته هڪڙو هو بادشاه، بادشاهن جو بادشاه پاڻ خدا آهي، پر هو هن ڪوڙيءَ دنيا جو بادشاه هو. سندس نالو خدا ترس بادشاه هو. الله جو ڏنو وٽس سڀ ڪجھ هو: راڄ ڀاڳ، مال رزق، لشڪر خزانا، پيڙا ٻانها ٻلڪ ڪنهن به شيءِ جي هن وٽ کوٽ ڪانه هئي، سندس عدل به اهڙو هو جو شينهن ٻڪري گڏ چرندا هئا ۽ هڪڙي ئي تلاءَ تان پاڻي پيئندا هئا. تنهن هوندي به بادشاه اولاد جو سيڪڙيات هو، پاءُ مٺيءَ جي پنوڙي ڪاڻ واجهائيندو وتيو.

گهڻيئي ڏيھ ڏوريائين، خير خيراتون ڪيائين، مجتائون مجيائين، سکائون سکيائين، باسون باسيائين، پير فقير پيٺيائين، پر ڪٿان به مراد جو موتي حاصل نه ٿيس.

هڪڙي ڏينهن، هڪڙي چؤواٽي تي منجي اونڌي ڪري ان جي مٿان چڙهي سمهي رهيو. اتان هڪڙي سامين فقيرن جي قطار اچي لنگهي، ٻي لنگهي، ٽئين لنگهي، اهڙيءَ طرح جڏهين ڇھ قطارون لنگهي ويون ۽ ستين قطار آئي ته اُن ۾ هڪڙو جهور پوڙهو سامي هو،

جنهن جي اکين جا پرون/ پنجر به اچا ٿي ويا هئا ۽ چپر اکين تي لڙڪيل هئس، ان فقير جو پير منجيءَ کي لڳو ۽ چرڪ پري پوئتي هٽيو ۽ بيهي پڇڻ لڳو ته ”جن آهين، ڪي پوت آهين، پري آهين، ڪي ديوَ آهين، ڪير به آهين؟ اٿي پري ٿيءُ ته آءٌ لنگهي وڃان.“ بادشاهه چيو ته ”نه جن آهيان، نه پوت آهيان، هڪڙو انسان آهيان. جيئن پيون قطارون لنگهي ويون آهن، تيئن تون به لنگهي وڃ“. فقير چيو ته: ”اي آدم جا ٻچڙا! مون پنهنجيءَ حياتي ۾ ڪڏهن ڪا ڪِيل به نه اورانگهي آهي، سو تو هيڏي ساري ماڻهوءَ کي ڪيئن اورانگهيندس! اٿي جاءِ ڏي ته هليو وڃان“. بادشاهه چيو ته انهيءَ ڳالهه تان لهي وڃ، مَٿين يا نه مَٿين سا تنهنجي دل جي خوشي! باقي جيستائين منهنجي من جو مطلب پورو نه ٿيندو، تيستائين هتان هرگز نه اُٿندس.“ تنهن تي جوڳيءَ چيو ته ”اي آدمزادا! تون پنهنجي من جو مونجهارو ٻڌا“، آءٌ الله کان پنڻي اول تنهنجي من جي مُراد پوري ڪندس، پوءِ اڳتي وڌندس.“ انهيءَ تي بادشاهه اٿي فقير آڏو ڳوڏا کوڙي هٿ جوڙي چوڻ لڳو، فقير سائين! آءٌ پٽ جو ڳهوريو آهيان، سو موليٰ جي گنج مان وٺي مون کي ڏيار.“ فقير بادشاهه جي ڪنڌ تي هٿ رکيو ۽ پنڻي ٿپري دعا ڪري چوڻ لڳو ته ”الله سائين سڄي جڳت جو والي آهي، گهٻراءِ نه، تنهنجون به جوڙيون سجوڙيون ڪندو،

دل وڏي ڪر، هيئون نه هار. آءٌ توکي ڏَس ڏيان ٿو سوڪن لائي ٻڌ. اُئين ڪندين ته اُميد پائيندين، جهولي پريندين!“.

**بادشاھ چيو ته ”امر ٿئي؟“.**

فقير چيو ته ”سڀاڻي صبوح جو سويلي گز ڪمان کڻي پنهنجي باغ ۾ وڃي انب جي وڻ ۾ ڏڪ هڻج، جي انب ڪريو ته پٽ اٿئي، پر جي پڻ ڇٽيو ته ڌيءَ اٿئي. اهي پنهنجي راڻيءَ کي کارائج، ڪندو منهنجو خدا، باقي ٻڪ ٻڪاڻي اولادي ٿي پوندين ۽ اها آس الله توکي پاڻهي پسائيندو“. بادشاھ خوش ٿي فقير کي گس ڏنو، رمتو فقير رمندو رهيو ۽ پاڻ سڌو محل جو رخ رکيائين. سڄي رات سڀاجهي سائين کي ستائيندي، ليلهائيندي، زاريون ڪندي صـُبوح ڪيائين. صبوح جو فقير جي فرمودي موجب هٿ منهن ڌوئي، تير ڪمان کڻي باغ ۾ آيو. پنهنجي پروردگار کي سنڀالي، بسم الله ڪري، گز کي گوشي ۾ چليءَ تي چاڙهي، ڪمان کي ڪشي وٺي جو تير کي تڻڪ ڏنائين ته ڪرم ڪريم جا رحمتون منهنجي رب العالمين جون ٿيون، ڏڪ سان گڏ، هڪڙو ٻاڙهو گدري جهڙو ڀڪل انب ڇڄي اچي پٽ تي پيو. بادشاھ خوش ٿي اُن کي کنيو، چنبي ڦوڪي، ڌوئي ڌمالي، چمي پوءِ کڻي اچي پنهنجيءَ راڻيءَ کي پنهنجن هٿن سان کارايو.

**- هاڻ ٻالھ کٽندڙ ٻارن کان پڇندو:**

سوال: ڪيئن ڳالھ پيا سڏو يا ننڊ پيا اُٿو؟ ورندي ڏيو؟
جواب: ٻڌون پيا، ننڊ ناهي. هائو، جيءُ.
ڪٿڻدڙ:
* جيءُ، ته ڪير پيءُ، وڏو ٿيءَ، ابو ٿيءَ ٻيو ٿيءُ ڏاڏوَ ٿيءَ!
* وهي ڏاند، پيڙجي ڪماند، مري نه چاڪي ته چٽي نه ڏاند.
* ڊاڳ ٻڳڙيون، ڍنڍ شوروو ماڻهو سهي جي ڪل.
* ٺڪ ٺڪ جون ريوڙيون، ڪاٺ جو ڳبيت، ناني سڏي، جوهر جلي، ماءُ پٽ کي نه پلي! سپني سهيلين سان سور سلي، هٿ هٿيو ٿي هار چني.
* ٺٽي جو تماڪ، صاف پاڪ، ڦوڪ پري، دم وٺي پوءِ ڳالھ سڏجو، چو ته ڳالھ تي ٽڪا لڳا آهن.
* سو ڳالهيون سگهيون گذرن پر ڏينهن پنهنجي مدار تي نبرن.
- خدا جي حڪم سان راڻي پيٽ سان ٿي ته سندس چوگرد دايون دَدايون، گوليون ٻانهيون هٿ ٻڌيو، چيلھ چست ڪريو، چوگرد چاڪريءَ ۾ بيٺيون هونديون هيون. ويچاريون حڪمَ جون بنديون، خبر ناهي ته ڪيڏيءَ مهل چوٽڪارو ٿئي! الله الله ڪندي نيٺ ته ڏينهن به اچي پريا، نائين مهيني ڏهين ڏينهن راڻيءَ پاڻ سنڀاليو. هڪڙو سج کي شرمائڻ وارو، چوڏهينءَ جي چنڊ جهڙو شهزادو ڄائو.

چوڏاري واڌايون وري ويون، مبارڪن جو هل هلاچو هلي ويو، شرنايون قرنايون، دهل دماما، نيل نفيلون (نفيرون) وڄي ويون، نغار خاني ۾ شادماني جي شاهي نوبت وڄڻ لڳي.

بادشاهه شهزادي جي بخت معلوم ڪرڻ لاءِ ڪئين نجومي، رَمال، مُلا مُوسڙا گهرايا. ڪن ڍارو هنيو، ڪن فال وڌي، ڪن نقش پريو. پر سمورن صلاح ڪري چيو ته، ”شهزادي جو بخت بالا آهي، پر ارڙهن ورهين جي عمر ۾ خلل خيال آهي.

بادشاهه انهن کي انعام اڪرام ڏيئي روانو ڪيو. قادر جي قدرت تي قائم رهي. شهزادي جي ڄمڻ جي خوشيءَ ۾ بادشاهه هڪ مهيني پوري جو جشن ڪرڻ جو حڪم ڏنو.

سڀڪو شاهي توشاخاني مان توڻ ڪٽي، بورچين وٽ وڃي جُڄ ڪري. گهر جي اٽي کي هٿ نه لائي، نڪي پنهنجو پاڻ پٽائي، دل کولي جشن ملهائي.

شِيرٽيون ڦِيرٽيون، ڪوفتا ڪباب، نان پڪوان، اکروٽ بادام موجود ٿي ويا.

* چوڌاري ڪجريون پيون ڪسن، ٻڪريون پيون نچن، گلمن ۽ قالينن تي طول وِهاڻن سان مالڪ ۽ مهمان لڳا ويٺا آهن.

Gul Hayat Institute

- ڳالھ جو ڳانو ته گھر گھرَ کھنبو ويس ڍڪجي ويو، غريب غربو ڏتجي ويو. بين متو وڄڻ لڳو، هرڪو خوش ٿي کلڻ لڳو. طرحين طرحين جا طعام تيار ٿي ويا، ڪائڻ وارا به ڪپ ڪوڙي جنبي ويا. موالي سوالي ڪائي خوش ٿي مڇ تي هٿ هڻي ڏاڪار ڏيندو پڳو ويو، شهزادي جي حق ۾ دعا خير هٿ کڻي پنندو رهيو.

- جن اسان جهڙن وٽ سگهو ڪپڙو ڪونه هو، تن به ڏھ اگڙيون ڏيڍيون پاسيريون سٽڻ ۾ سبي، گليءَ جو گرٿو چاڙهي، پٽڪي کي پيلي پڪ ڏيئي، ليڙون لڪائي، ڏاپ تي پٽڪو ٻڌي، قميص کي ڪلف ڏئي، جتيءَ کي جُندا وجهائي، ڪوڙو تيل مکي، مڇ مروٽي، محلات ڏانهن منهن ڪيو. هڪبئي کي هلو هلو جو هوڪو ٿي ڏنو، جيڪو رهيو تنهن ڏانهن ڪنرو ڪونه ڏنو. ڪاڌن جا ڪيئي قسم: قورما، چورما، تريناڪ چوزو، چلغوزو، سوڍا لمليٺ، سيل سگريٽ.

- ڪُپ گوڏا ڪوڙ، پيٽ ڦوڙ، اوگرائي ڪوڙي، اميدپوري. اسرار غم وسار، وات ڦاڙ، جيڪي اچي سو ڏو پيٽ ۾! پيٽ به ڦوڪجي ڦوڪجي سيٽاھ ٿيو، هر ڪنهن پيٽ تان هٿ ڪنيو. پر جي ڪنهن چشڪي ڪاڻ چوريءَ جو گرھ ٿي ڪنيو، ته پيٽ ڦاٿو ٿي، پر لُڪيءَ هيٺان نٿي نيو.

Gul Hayat Institute

- شهزادو اڄ ننڍو سپاٽي وڏو نيٺ اچي جوڏو جوان قوتڪرائي وارو ٿيو. اميرن وزيرن جي پٽن جا وڳر ۾ چانگ چوڪرن جي وٺيو روز شيل شڪار تي ويندو هو، سارو ڏينهن گهوڙا ڊوڙائي ڊوڙائي رات جو اچي آرامي ٿيندو هو. اهو شهزادي جو ڏهاڙي جو نيم ٿي ويو هو. هڪڙي رات جو دير دير سان شڪار تان موٽيو اها چوڏهين جي رات هئي. جڏهن شهزادو شهر جي ٻاهران تلاءَ تي پهتو ته عجب اسرار ڏٺائين: پرين جي شهزادي سؤ سهيلين سوڌو تلاءَ ۾ تاريون پئي ڏنائون ۽ ڏاهيءَ راند رچايون ويٺيون هيون. شهزادو به اتي بيهي تماشو ڏسڻ لڳو. جڏهن پريون، وهنجي سهنجي ٻاهر اچي ڪڙيون ٿيون ته شهزادي ۽ شمشاد پريءَ جون اکيون اکين سان لڙيون، عشق جي پيچ چڙهيون، دليون دلين سان اڙيون. هيڏانهن هيءُ هڪو ٻڪو اور گهور ٿيڻ لڳو ته هوڏانهن پري به عشق ۾ چري ٿي پئي. نڌان هڪٻئي سان ملاقات ڪري. پريءَ پنهنجيءَ ولايت جو شهزادي کي نشان پتو ٻڌائي، سينڌ جو وار چني ڏنو ۽ وعدو وٺي ويندي رهي.

ان ڏينهن کان وٺي شهزادي جو کائڻ پيئڻ حرام ٿي ويو، نه ستي سک نه ويٺي آرام، پريءَ جي سوداءِ ۾ ٿڌا شوڪارا پرڻ لڳو. بادشاهه کي اها خبر پئجي ويئي، جنهن جو دين دنيا ۾ اهو هڪڙو پٽ هو تنهن شهزادي جي چترائڻ ڪاڻ

Gul Hayat Institute

ڪئين حيلا حوالا هلايا، هزارين ويج حڪيم گهرايا. سوين شهزادين جا سگ سڳايا. پر ڪنهن به ڦڪي فرق نه ڪيو. هڪڙي ڏينهن پيءُ کان موڪلائي اچي ڳاڙهي جون خـُـرزينو پرائي اڻ ڏٺي ڏس ڏي روانو ٿيو.

پلاپائي، جتي ڪله خوشيءَ جا جشن جلسا هئا، اتي شهزادي جي پٺ ورائڻ تي گهر گهر ماتام مچي ويو، سپڪو ناڪام ٿي ويو.

- ساڻي جن سائين لهر نه لوڏو تن کي، چڱو جن جي من ۾، مدو سي نه پسن، توڙي رُڃ رهن، تان به ڪندون ڪائين ڪير سان.

- ڳالهه ڪٽندڙ پوءِ انهيءَ شهزادي کي جنن، ڏائڻين، ديون، راڪاسن، ارڙ نانگن، آفتن ۽ جادوگرن سان جنگيون ڪرائيندو، جملي چٽن کي جيتيندو، نيٺان نيٺ اچي منزل مقصود تي پهچندو يعني اُن پريءَ دل چريءَ سان شادي ڪرائي، اڏ راڄ اڏ ڀاڳ وٺي پنهنجي وطن ورائيندو. پڇاڙيءَ ۾ هن طرح چئي ڳالهه ختم ڪندو.

ب - جيئن منهنجي مٺي محبوب هن شهزادي جي من جي مـُـراد پوري ڪئي. تيئن جڳ جهان جون مرادون پوريون ڪري. ڪارڪون ورهائيون چه: به مون کي مليون، به ڳالهه ڪرڻ واري کي ڏنائون، به آڪاٽي ٻڌائڻ واري ڪٽي ورتيون. جهڙو ميڙو تن جو، تهڙو جڳ جهان جو!

سوال: ڪيئن ابا، جاڳو پيا يا جـَوَ ڊيري گڏهه رکوال؟

*      *      *

**ٻاراڻا ٻول:**

شاعري سڪي ڪانه ويندي آهي، پر شاعري اها جنهن کي ڪٽي ڏاتر ڏياري. ڪن حالتن ۾ شعر جو بنياد ”ٻاراڻا ٻول“ آهن. جيڪي ننڍي هوندي ٻالجتيءَ ۾ ڇوڪريون توڙي ڇوڪرا پيا ورجائيندا آهن. انهيءَ ٻولن ڪري سندن ٻولي پڪي پختي ٿيندي آهي. اهي اهڙي طريقي سان ٺاهيل آهن، جو ٻارن کي ياد ڪرڻ ۾ دير نٿي ڪانه ٿي لڳي. ڇو ته منجهن دهرائڻ ۽ ورجائڻ جو ڊول رکيل آهي. ٻارڙا اهي آڪاڻين وانگر ياد ڪري راڳ سان چوندا ۽ ٻين کي چئي ٻڌائن ٿا. مثال طور:

پئسو لڌم پٽ مان، پئسي جو ورتم گاهه،
گاهه ڏنم ڳانءِ کي، ڳانءِ ڏنو کير،
کير ڏنم امڙ کي، امڙ ڏنو لولو،
لولو ڏنم ڪانءَ کي، ڪانءَ ڏنو ڪنپ،
ڪنپ ڏنم راجا کي، راجا ڏنو گهوڙو.
چڙهي گهمان چڙهي گهمان،
چندن ڦٽاڪو،
جيئي منهنجو ڪاڪو،
ڪاڪو ويٺو ماڙيءَ تي،

وچونءُ ڏنگيس ڏاڙهيءَ تي.
ڪاڪي ويٺي ڪوٺي تي، وچون ڇهٽس چوٽيءَ تي.
*　　*　　*
ٽنبڙي ڙي ٽنبڙي! اسين تنهنجا ماڻهو،
ڇپينداسون ڏاڙهون،
هيءَ ڪِرڪِر ڪهڙي، ستن پائن جهڙي،
ستئي پرڻايا، اڇو ٻڪو (ٻانهين) پايان.
اڇي ٻڪي ليهه، پائر منهنجا ٽيهه،
تهين آنديون ڪٺوريون،نيون نڪوريون،
الله ڏيندو ابي کي، پلا گهوڙا پٽن کي،
ڌن ڏيندو ڌييُن کي، هيرا موتي ننهن کي،
لنڊي گڏه دائيءَ کي.
*　　*　　*
ديگڙو دم تي، پائر منهنجا ڪم تي،
ديگڙو هيٺ، پائر منهنجا سيٺ،
ديگڙو پٽ تي، پائر منهنجا کٽ تي.
*　　*　　*
ايندي ويندي، گوڏا گسائيندي،
چلهه پٺيان لڪندي، ناريل پچندي،
مونکي نه کارائيندي، پيٽ سورَ مرندي.
*　　*　　*

Gul Hayat Institute

اوجو بوجو، ٿانڊو روپو،
ڏَن ٻائي ڏن ڏي، پپر جو پن ڏي،
پينگهي ۾ پُٽَ ڏي، پُٽن ڳاڙهي ڪٽَ ڏي،
در در منٽڙا، ڳانا جيما پچڪون پون!
* * *
ايندس ويندس، پاءُ ڪي لوڏيندس،
پاءُ منهنجو هاري، پٽي ايندو ٽاري،
لونگن ڦوٽن واري، پاڃائي موچاري،
نٿ بولي واري، نٿ بولو نڪ ۾،
ڦيرائي هٿونس پٺ ۾.
* * *
ان ڏي ڏن ڏي، پپر جو پن ڏي،
پپر پراٽو، ٻانپڙ ڪاٽو،
سيتا ڏُڪي، چايس ڪِڪِي،
ڪوسيون مانيون ٿڌاڙا سيرا،
ججمان ڪائين، پري پاسيرا.
* * *
ارچڪ - مرچڪ - ڏاٽا ڏرچڪ -
آگ پٿيهر - ٿويو ٿيهر -
لوهو لاٿئون - چنڊ
گهاٿئون

Gul Hayat Institute

نانگڻ جوڳڻ کارا ڪُتَ ي، ٻُـٽي چِـٽي.

*    *    *

هن پڙيءَ تي نور چائو، تنهن جو نالو ٻلو،
ٻلي جو ٻوٽ ڪٺيان، سهي جو سِـسو.
اوري وچان موري وچان،
ڪلڪ تارو، سونو والو،
روپو ڏندو، پچي پنڊو.

*    *    *

آ ڏي ڏکڻ پاڏي،
ڏکڻ ۾ ساندارو،
پي چڙهيو تارو،
تاري هنيو منڊ،
پي چڙهيو چنڊ،
چنڊ ڪئي چانداڻ،
پي چڙهي ماچاڻ،
ماچاڻ لاٿا آنا،
پي چڙهيا ڪانا،
ڪانن ڪئي هير،
پي چڙهي وير،
وير ڏني پٺ،
پي چڙهيو اُٺ،

Gul Hayat Institute

اُٺ سان ٺي جٺ.

*　　*　　*

ماڪوڙا ڙي ماڪوڙا ماڻهين پڪي ماني،
مانيءَ ۾ ڪنبا، هڻ ماڻهين پڻهين ڪي ڏنبا.

*　　*　　*

ماڻڪ مندڙا! آيو آهين؟
هائو بيبي آيو آهيان،
تنهنجي ڪتي ڏاڙهيو آهيان،
لٺ ڪٽي پڳو آهيان.

*　　*　　*

انوکي تلي زير زبر اُو پيش پنگا،
ذرتي ذٻي تنوين تندا،
جزم ڪنڍلي مــَدَ لنبا.

*　　*　　*

جو ڊمبو جو ڊيمبو واتڙيءَ ڦٽو،
جا واٽ جا واٽ، چٻر سان چانئي،
جا چٻر جا چٻر، گهوڙا کائين،
جي گهوڙا جي گهوڙا لڏڙي لاهين،
جا لـِڏ جا لـِڏڙي، ڪنپار آڻين،
جي ڪنپار جي ڪنپار، ٺانئڙا جوڙين،
جي ٺانوَڙ جي ٺانوَڙا، ماڙهوڙا وٺين،

Gul Hayat Institute

جي ماڙهو جي ماڙهو، رېڙي رڌين،
جا رېڙي جا رېڙي، ٻارڙا ورتين،
جي ٻارڙا جي ٻارڙا، لئي لئي تيڪين.
هم چڪ، ڏم چڪ، ڪالا بادام چڪ،
گهوڙي دا لغام چڪ.
* * *
الف بي، اما ماني نئي ڏي، ڏاڏو ڏوئيءَ سان ڏنپي،
بابو ٻچ ٿو ڪري
چاچو چماٺون هٽي،
مامون مار ٿو ڪڍي، الف بي.
مڇو ماما ڪيڏانهن وئين؟ ــــــــــ ننگرَ ٺاٽي.
اُتان ڇا آندءِ؟ ــــــــــ پلوگهوڙو.
ڪٿي ٻڌين؟ ــــــــــ جاءِ بجاءِ.
هنگي ڇا؟ ــــــــــ ٻه پولڙيون.
مٽي ڇا؟ ــــــــــ تيل ڦڙي.
دهل ڪي توتاڙي؟ ــــــــــ ڊيچڪ ڊيچان.
* * *
رات ڏيئو ڇا ٻاريو هووَ؟ ــــــــــ ماما آيو هو.
ماما ڇا آندو؟ ــــــــــ صندوق.
صندوق ۾ ڇا هو؟ ــــــــــ بندوق.
بندوق تي ڇا هو؟ ــــــــــ ڪارو ڪٿو.

Gul Hayat Institute

ڪٺي ۾ ڇا هو؟ ________ ٿالهي، وٺو.

ٿالهي، وٺي ۾ ڇا هو؟ ________ تيل ميٽ.

تيل ميٽ ۾ ڇا هو؟ ________ ڦٽي ڦٽوٺو.

ڦٽي ڦٽوٺي ۾ ڇا هو؟ ________ جون.

جون ۾ ڇا هئي؟ ________ ليک.

ليک ماري تيک، مون کي ڪوسا ڪوسا ڪوسامڙا چڪاءِ.

* * *

نانگي گـُـڪي ڇاپئي ڳولين؟ ________ سئي.

سئيءَ کي ڇا ڪندينءَ؟ ________ ڳوٿري سبيندي‌س.

ڳوٿريءَ کي ڇا ڪندينءَ؟ ________ پئسا وجهنديس.

پئسن کي ڇا ڪندينءَ؟ ________ مينهن وٺنديس.

مينهن کي ڇا ڪندينءَ؟ ________ کير ڏهنديس.

مون کي چڪائيندينءَ ________ ابا هائو.

پلا ٿورو چڪائيندينءَ؟ ________ نانيءَ جو کير ڪارو ڪارو.

مٺا! چکي پوءِ ٿا ڪارو پيءَ پوءِ ٿا ڪار ڇئو.

* * *

Gul Hayat Institute

ناني گڪي ڪيڏانهن ٿي وڃين؟ ________ ڪاٺيون ڪرڻ.
اسين به هلون؟ ________ پير سڙندوَ.
جتي پائي ٿا هلون؟ ________ بڪ لڳندوَ.
ماني ڪٽي ٿا هلون؟ ________ اُڃ لڳندوف.
دلو ڪٽي ٿا هلون؟ ________ ابا هلو.
ناني گڪي پير سڙي ويا.________ مئا چو ٿي آئيوَ.
* * *
منڊا ڙي منڊا! ڪيڏانهن ٿو وڃي؟ ________ جاءِ وٺڻ.
جاءِ اجها.________ بس، ايتري؟
هيءُ چا هي؟ ________ صفو. ________ واه واه!
هيءُ چا هي؟ ________ رنڌوڙو. ________ واه واه!
هي چا هي؟ ________ آڳنڌ.________ واه واه!
هي چا هي؟ ________ وراندو ________ واه واه!
هي چا هي؟ ________ ڪاڪوس ________ واه واه!
ڪرف ڪوليو؟ ________ ڪنجي ڪانهي.
چڱو آءُ جاءِ جو، جاءِ منهنجي.



Gul Hayat Institute

*   *   *

**- راند ڪرڻ ڪاڻ گڏ ٿيڻ ۽ آگ ٻولائڻ جون جدولون:**

اَڪ جي ڪاٺي، نم جو پايو، راند جو سعيو،

جيڪو نه ايندو تنهن جي ناني گونگي، چلهه ۾ ٻارڻ جي بندي.

- هيڏي هيڏي پڳ، ڪنهن جي پيءَ تي ____________ منهنجي پيءَ تي.

*   *   *

ارچڪ مرچڪ ڏاٽا ڏرچڪ.

آگ، پٽولڻ، نانگڻ، جوڳڻ،

ڪارا، ڪٺا، ٻٺا، چٽا.

*   *   *

چڪو، نوڙي، ٻبڙڪ، ٻؤن.

*   *   *

اوڙيان ڏوڙيان، چؤڪٺ ڦوڙيان،

ڪاڃڻ(1) جهڙو ڪاٺ ڪيان __________ نني ڪپي ڪي وڏَ؟

*   *   *

لڪ لڪوتي، ڪينگر ڪي لوتي، پاٽيءَ پري ڦوتي.

ڦوٽا ڇٻيندي، لونگ لٽيندي، عطر ڇٽيندي.

هيٺيون پڇي ڪي مٿيون؟ __________ پچ ڙي مٿيان.

Gul Hayat Institute

* * *

يڪڻ، لئن مون، نار، آر، ويئي، يڪو.

* * *

اُرم، ترم، تيتال، ميڪال، مڪا، چڪا.

فال، فرينگ، لاٽونگي، ٽيٽونگي، چل.

* * *

اسين وياسين ڪاٺين تي، مٿان پيو مينهن.

لڏي سين سوپاري، ڏٺيسين سوناري.

تنهنجي ننڍڪي وڏ؟ يا تنهنجو گدڙ ڪي شينهن؟

* * *

من منياريو جهار، پيرون پڪار پار،

منهنجا پيچي تون نظر ڪري نهار.

* * *

چيڪلي پايان، پيرڙو گسايان،

پير ۾ ڪڙي، لال سوناري گهڙي.

پير ۾ ڪنبو، هڻ سوناري کي ڏنبو،

ڏنبو ويو گسي، ماڻس ويئي رُسي.

* * *

نينگرا! تون چريو آهين ڇا!

وادي گهڙيو آهين ڇا!

وادو چور آهي ڇا!

Gul Hayat Institute

تون مون آهين ڇا!

* * *

راند ڇڏي پڄي وڃڻ تي چون:
آگ نه ڏيندو آگي جو،
پٺ سو ليمي پنگيءَ جو.

* * *

ڪڪل ڪڪل (گوڪل گوڪل) ڪير ڪير وٺي! ڏؤنرو ڪي دڪي؟

* * *

ڪان ڙي ڪان، سسيءَ سمر ٻڌان
ڳائو ڪير پيان، ڪير اڏ ڪڙهيو،
راڻي جي رال ۾ گدرو ڪچو ڪو پڪو؟

**پکي ڏارڻ واريون وندرون**

سنڌ ۾ چـَتون ڏارڻ واري وندر گهڻو ڪري زالون ڪنديون هيون، جڏهن ته مرد ماڻهو ڪڪڙ، تتر، بربلون، ٿاريليون، باز، بانشا ۽ شڪرا ڏاري ورونه ڪندا هئا.

**چتونءَ جون چانگارون:**

سنڌ ۾ طوطا ڏارڻ ۽ کين پاڙهڻ جو گهڻو رواج آهي. خاص طرح سان سنڌ ۾ ڇڙب چنديون، سُنڌ، بي اولاد زالون ۽

وڏيون ڪنواريون نينگريون طوطو يا مٺو ڌاري، ان کي پاڙهي پاڻ وندرائينديون آهن.

طوطي جا کنپ ساوا، چهنب ڳاڙهي، زبان ماٺهوءَ جهڙي، ڳلي ۾ ڪنٺي هوندي آهي. طوطو گهڻو ڪري وڻن جي پورن ۾ آکيرو ٺاهي ويهندو آهي، ۽ شيون خاص طرح پير سان جهلي کائيندو آهي.

ڌاريندڙ زالون، چتونءَ کي لوهه جي تارن يا لوهه جي پٽن واري پڃري ۾ جنهن ۾ اُن لاءِ پاڻي ۽ اَني کٽي جون ڪٽوريون، ويهڻ واسطي وچ ۾ سيخ ۽ لڏڻ لاءِ لڏڪڻو پڻ ٺهيل هوندو آهي. هن جي بازن وارا کنپ ٿورڙو ڪتري ڇڏين.

طوطو شيخ تي، يا پڃري جي تارن يا پٽن تي پير مضبوط ڦٻائي گردوليون يا بازوليون پيو پائيندو ۽ لڏندو آهي. هن کي کاڌي کائڻ لاءِ ٻاجهر جو اٽو ڪَٽي ڌُڌ يا جهڻ سان ملائي کارائين. ڦل ڦول، جن ۾ انب، گدرو، بادام، انجير، صوف، سائو مرچ، ڪريلو پڪل وغيره به کائڻ لاءِ ڏين.

پوئين رات جو يا فجر مهل زالون چتونءَ جو پڃرو کٽي يا هن کي پڃري مان ڪڍي پڙهائڻ شروع ڪنديون آهن. ڪي وري ٻنپهرن يا منجهند جو جنهن مهل سانءَ ستي [ماٺ ميٺ] لڳي پيئي هوندي آهي، منهن مٺوءَ جي ڪنن تي رکي مٺو هٿ ۾ پڪڙي اهي جملا سندن ڪنن ۾

ٻرائيندڙيون آهن، جي گهڻو وقت ٻڌي نيٺ منُو پاڻ ورجائيندو آهي، يا پنهنجي سر ويٺو دهرائيندو آهي. انهن کي چتونءَ جو پڙهڻ يا چتونءَ جون چانگارون چون. اهي زالون منجهند جو منُوءَ کي ڏيهاڙي آرڙهه ۾ وهنجارين ۽ سندس پڃرو پڻ ڌوئي صفا رکنديون آهن.

طوطي کي ڪُلان ذات [بي وفا] ڪري ڪوٺيندا آهن. سو هن ڪري جو هو ڪڏهن به ماڻهوءَ سان هري مري نه ويندو آهي، جڏهن به چوڪارو يا آزادي مليس، ته امالڪ پڙڪو کائي اُڏامي ويندو آهي. ڌاريندڙ جي سڏن واڪن جي پرواهه نه ڪندو آهي، انهيءَ ڪري زالون هن جا پرَ يا کنڀ ڪتري ڇڏينديون آهن. ته اُڏامي نه سگهي. چتون ٻليءَ کان ڏاڍو ٻجندو آهي، جڏهن ان کي ڏسندو آهي ته سڀ ٻاتيون ۽ لاتيون وسري وينديون اٿس، پنهنجي اصلي خانداني ٻولي ”ٽيون ٽيون“ ڪري سر کپائيندو آهي. هيءُ پکي ڪڏهن ڪڏهن مٺيون مٺيون لاتيون به لوَندو آهي ۽ ڪائن ۽ ڪبرن جي آوازن جا هوبهو نقل ۽ اهلون به ڪندو آهي. منُوءَ بابت ڏند ڪٿائن ۽ لوڪ ڪهاڻين ۾ عجيب غريب ڳالهيون آيل آهن، پر انهن سڀني ۾ سٺي ۾ سٺي ڳالهه پارسي ٻوليءَ ۾ ”دراين چه شڪ“ مشهور آهي.

**سنڌي ٻول:**

**ڍانگارون هيءُ آهن:**

* مٺو پٽ! اما کي پپي ڏي.
* پڑهي پٽ طوطو، پٽ ڳلين ڦلين پھتو.
* مٺو پٽ پڑهي، ڪاڄ سري، وائيءَ وري.
* مٺو پٽ پڑهي، الله نبي ياد ڪري.
* مٺن مٺائي، پٽ کائي کير کنڊ ملائي.
* ٻيٻي پٺيتي، پٽ پڑهي ٿو.
* در تي حلوائي، پٽ کائي کير ملائي
* سـُهڻي طوطي جي طوطي، پٽ جي چهنب تي موتي.
* چور چور، ڦـُـٽ جو اُتو ڪٺو ڪائي ويو چور.
* پير پير، خواجه خضر پير، داتا دستگير.
* مٺوءَ پٽ جو وڳو، جنهن کي سوا سؤ جو صابڻ لڳو.
* چور چور، ڏُٺي، انب وڻ تان لٿي،
* ڪائي ويئي مٺوءَ پـُٽ جي ڪـُـٽي.
سرائيڪي ٻول:
* طوطي ڪون طوطي، پٽ مٺي سائي پوتي،
سا لال ڪٺيءَ ڏوتي.
* * *
* جـُـڳ جـُـڳ جيءُ، پير نبي، حق الله، پاڪذات الله.
* حقا حقا، پٽ پيٺي مڪا، دين ڪون سلام، ڪفر ڪون ڌڪا.
* جـُـڳ جُڳ جيءُ، تساڏا نانءُ تساڏا جيءُ،

Gul Hayat Institute

* چل چل بزار، پٽ دا هٿ هي خدمتگار.

*　　*　　*

* علي وَ ولي، ڪل بلا ٽلي، مسيت ۾ محمد، چوغان ۾ علي،
* علي علي جو ڪهي، مشڪل تنهن کي نه پئي،
* بيبي پٽيتي سوني رُپي رانديون رهي.
* چٽ پٽ پونچي چتر سجان، پڙهي پٽ طوطو صحيح قرآن.
* پڙهي قرآن، ٿئي مسلمان.

هندون زالون چونديون هيون:

چٽ پٽ پونچي چتر سجان،

چئو پٽ طوطا، الله ئي الله.

## ڪُڪِڙ:

ڪڪڙ ذارڻ جي وندر عورتون توڙي مرد ٻئي ڪن. انهن مان بيدا ۽ گوشت گهر ۾ ٻوڙ لاءِ ڪتب اچن. جڏهن ته مرد ڪڪڙ ويڙهه لاءِ ذارين. (1)

ايڪيهه ڏينهن آري تي ويهڻ کان پوءِ ڪڪڙ جا آنا ڦٽندا آهن، جن کي چوزا چون، انهن کي جڏهن ڪنپڙيون ڇمنديون آهن، ته ٻچا يا پٺا ڪوٺجن، ان کان پوءِ ڏُڏر، تان جو وچي جوان ٿيندو ته ٻانگون ڏيندو. ان حالت ۾ ٻچن پيدا ڪرڻ لاءِ نر ٻانگو يا ٻانگر ڪوٺبو ويندو، پوءِ نرين تي ڏُڏا يا ٽُڪا وڏڻ لڳندس ۽ اهي ٽڪا وڏي وچي ڪڙهون ٿينديون، پوءِ

هن کي زير ڏُڏيو يا پڪ نريو ۽ ڪڙپيل چون. اهو ڪڪڙ ويڙهه ڪرڻ جي لائق سمجهبو.

ڪڪڙن ۾ هڪڙا اصيل جي قدبت ۾ ڳؤرا ٿين ۽ ٻيا ترڙا، جي هلڪڙا هوندا آهن ۽ وڙهي ڪونه سگهندا آهن. هنن جا ڪئين رنگ ٿين ۽ انهن رنگن جي نالن سان ڪوٺجن. جهڙوڪ: کهنبو، ڦليو، ڪارو، ڳاڙهو، پيلو، جائو، هيرو، خاڪي، لالپر، ڪبوتر، تيتريو، پيلو ڦليو، ڪارو ڦليو، ڪارو جائو، بصريو جائو، کهنبو هيرو، خاڪي هيرو، مسيو وغيره.

نسلي ڦيريون گهيريون به منجهن ٿينديون آهن. جيئن ته ڪرڪنات، هن جون اکيون، چهنب، نريون بلڪ بدن جي کل به ڪاري هوندي آهي. موزپر، هن جي نرين تي، پير جي چيچ تائين کنپڙيون ٿينديون آهن. ڳيجهو، هن جي ڳچي کٿل، کنپن کان سواءِ هوندي آهي. پشوري، هن جو مغز وڏو، پير ننڍڙا، آڱريون سنهڙيون، اک ننڍڙي، جوئر جي داڻي جيتري، قد لانيرو، سينو ويڪرو، مٿي تي موڙ، هن جي پير جي تري پٽ تي نه کپندي آهي.

**موڙن موجب ڪڪڙن جا قسم:**

چنبول، تکمو، ٿڪيءَ موڙ يا منو، سنياسي يعني موڙ لڙڪيل، ست موڙ يعني گهڻن موڙن وارو.

**ڪڪڙ، ويڙهه واسطي ٿاهڻ:**

ڪوڪڙي، ڪڙپيل ڪڪڙ کي ڏور تنهن ۾ پؤنر ڪلي ٿامي جي، تنهن ۾ پنجوڙي وجهي، ڪڪڙ جي نريءَ ۾ اٿڪائي ڪليءَ ۾ ٻڌي ڇڏين. انهيءَ جاءِ تي واري وڇائي ڇڏين ۽ جي آرڙه هجي ته ڏهاڙي واريءَ تي ڇنبڪار ڪن. هن جي اڳيان هڪ طس يا لوٽي جي منهن تي اڳڙي ڇڪي ٻڌي اُن تي اَنُ رکي کارائين. جيئن سندس ڇهنب کي ڪا سخت شيءِ نه لڳي، متان ڇهنب پـُري پوي، ٻيو پاٽيءَ پيئڻ کاڻ هڪڙي ٺولهي يا جمن ۾ پڻ پري رکندا آهن. ڪوڪڙي، ڪڪڙ کي ڏيهاڙي ڳتڪارون پيا ڪندا آهن ۽ چيٽي وجائي ٻانگن ڏيارڻ تي هيرائيندا اٿس. جيئن چيٽي پيئي وڄندي ته ڪڪڙ، ”ڪڪڙوڪو ڪڪڙوڪو“ آواز ڪري ٻانگ ڏيندو آهي. گهڻن ڪڪڙن جي آواز کي جي اَسور (سحور) جوڪندا آهن. ڪڪڙن جا دَس (دڦ) چون جنهن ۾ ڪنپڙاٿيون ڪٿيري ۽ بدن سان هٽي هٽي ٻانگ ڏيندا آهن. ڪڪڙ چيٽيءَ تي نه رڳو ٻانگون ڏيندو آهي، پر پرَ ٿيڙي ڪاندربو به آهي. ان تي ڪوڪڙي کيس شاباس پيو چوندو آهي ۽ آپاريندو پيو اٿس.

ويڙه جي ميدان کي ڪڪڙ جو آکيڙو چون، جتي ويڙهو ڪڪڙ ۽ ڪوڪڙي، خفتي ۽ تماشبين سـوَن جي تعداد ۾ اچي گڏ ٿيندا آهن. اڳين اهي ڏايون جمعي ڏينهن تي ۽ هاڻ هر آرتوار تي ٻڌيون وجن ٿيون.

ويڙهه ڪان اڳ بازي، روڪڙن پئسن ۾ لڳائين ان کي ”تر“ چون، ويڙهه شروع ٿيڻ ڪان پوءِ جيڪا بازي لڳي، تنهن کي مٿُ يا مٿاڇي ڪوٺين. اها بازي بعضي بعضي وڏي وڃي هزارن سان لڳندي آهي ۽ هارائيندڙن جو گهر ڏول ڪري ڇڏيندي آهي. آکيڙي ۾ ويڙهائڻ کان اڳ ڪڪڙ ويڙهائڻ کي ڪڪڙ ڦڙڪائڻ سڏين. جڏهن ڪڪڙ آکيڙي ۾ وڙهڻ لاءِ ايندو ته هن کي خفتي ڦوهاري تي ڦوهارو ڏيئي تازو توانو پيا ڪندا. ڪڪڙ هڪبئين کي ڇهنبن، نرين ۽ ڪڙهن سان ڏک هڻي رتورت ڪري ڇڏيندا آهن. انهن ۾ گلوءَ واري، چوٿَ، قنداق، اڏڪچي، پنا، نري، ڪڙهه ۽ خالي ڏکن جا نالا ڳڻيا ويندا آهن ۽ جي ڪي ڏک ڏکڻن هنڌن تي لڳن تن کي ”اَٽر“ ڪوٺين. خاص ڏک کي ”ڪاري“ سڏين. هن ڏک لڳڻ سان ڪڪڙ ڦيريون پيو کائيندو آهي ۽ توائي ٿي ويندو آهي. هن ڏک لڳڻ تي تماشبين کان دانهن نڪري ويندي آهي ۽ چوڏاري هلاچو ۽ ڪوڪريو پيو پرندو آهي.

ڪوڪڙي، ڪڪڙن کي سارو ڏينهن ويڙهائيندي نه ٿڪبا آهن، جيستائين ڪو ڪڪڙ، اُتي جو اُتي مري پوي، يا ڏک هڻڻ ڇڏي ڏي يا انڌو ٿي پوي يا آکيڙي مان پڇي ڪنهن پاسي منهن ڪري پڃ وڃي.

**بيماريون:**

ڪڪڙن ۾ ڪيترن ئي قسمن جون بيماريون ٿينديون آهن، جن ۾ ڪڪئي يا لڙهو تمام نـُـگرو مرض آهي. هن ۾ ڪڪڙن کي اڇا دست ٿي پوندا آهن ۽ ٿن ڏينهن ۾ ڪڪڙ چـُـڙي چـُـڙي مري ويندو آهي. ان جو علاج گهڻو ڪري ڪڪڙ جي پچ مٿان لڙهي جي چنبڊي ڪنهن اُماڙيءَ سان ساڙي ڇڏيندا آهن ۽ ”ڳڙ ۽ ٿوم“ جام کارائيندا آهن.

**تتر:**

ڪڪڙن وانگر تترن کي به ماڻهو چوڇ چاهه سان پالين. هنن جا به قسم ٿيندا آهن. هڪڙا ڪارا تتر ۽ ٻيا اڇا تتر. پر گهڻو ڪري شوقين اڇن تترن جي ڌارڻ جو انسٽو ڪن، جو ته اهي هن ملڪ ۾ گهڻا ۽ عام جام آهن. ڇا ڪن جو بانس جي بانگهن، ڦانگن، ڇينين ۽ ڇيهن مان ٺهيل خاص تترن جو پڃرو وٺي ان ۾ انَ پاڻيءَ لاءِ ڏاٻليون رکن ۽ هڪ يا ٻه تتر ڌار ڌار منجهس رهائين. تتر کي سيند هڻڻ تي ٻولائين يا تنوار ڪرائين. جيئن خفتي سيند هڻندو ته تتر ”ڪيڙا ڪڪ ڪيڙا ڪڪ، ڪيڙو ڪيڙو“ تنواريندو، ڌاريندڙ خوش ٿي شاباس ڏيندس جيڪو سيند هڻي نه ڄاڻندو سو وري چوندو ”ٿهه ٿهه“ ته ان تي ٻولي ڪندو رهندو. تترن جا ننڍا ٻچا پاليا ويندا آهن، انهن جي پالنا تي وڏي محنت ڪئي ويندي آهي. انهن کي جهنگ ۾ سڪل ڇيٽا پوري، پڃري مان ڪڍي اُڏوهي کارائيندا آهن، جنهن تي گهڻو زور

وٺندو آهي. ڪي خفتي تترن کي به ويڙهائيندا آهن، پر هنن جي ويڙهه ڪڪڙن جهڙي شاندار نه ٿيندي آهي. توهان ڏسندا هوندا ته تترن جا شوقين ميڙن ملاکڙن ۾ ڳاڙهيءَ ڳئي ۽ ڳاڙهي پوش سان تترن جا ٻٽا يا هڪا ڪٽا پڃرا ڪڍي پيا هلندا آهن. اها هنن جي وڏي وندر آهي.

**بلبل ۽ ٿاريلي:**

بربل / بلبل کي پوري به ڪري ڪوٺيندا آهن. اهو هن ڪري هوءَ جلد هري مري ويندي آهي ۽ مرندي مري ويندي آهي، پر پنهنجي ڏاريندڙ جي ڪڏ ڪين ڇڏيندي آهي. هيءُ پکي جهرڪيءَ کان جان تان وڏو هوندو آهي. هن جا به قسم آهن. هڪ بلبل جنهن جي ماديءَ جي پڇ هيٺان زرديون کنيڙيون هونديون آهن، جڏهن ته ٻي قسم جنهن کي ٿاريلي چون هنن ۾ وري هڪڙا نر جن کي ”ڪالرو“ ڪوٺين انهن جي مٿي تي مور يعني ڳاڙهو ٿلهو وار بيٺو هوندو آهي ۽ پيا سينڌرو يعني ماديون آهن، هنن ٿاريلي بلبلن جي پونجهڙيءَ ۾ پڇ هيٺان ڳاڙهي رنگ جون کنيڙيون ٿين ۽ سفيد ڳل ڪارن ڳول گهيرن ۾ ۽ کنپن جو ناسي سليٽي رنگ ٿيندو آهي.

سياري جي مند ۾ جڏهن کېڙن ۾ مَڪِ ٿيندي آهي ۽ پيرون پچندا آهن. ته بربلين/بلبلن جا ولرن جا ولر اچي نڪرندا ٿيندا آهن. پوءِ ڪي حريف هنن کي ڪوڙڪن ۾ ڦاسائي

وڪڻندا آهن ۽ شوقين وٺي هنن کي پيٽ جي چوڌاري وٺيل سڳو پيٺي ٻڌي، ان ۾ ڦندڻن ۽ موتين وارو ڌورو وجهي، هٿ تي کڻي پيا هلندا آهن ۽ هن کي ڪتل، گجر، خوراڪ، ۽ پيا سٺا سٺا کاڌا کارائيندا آهن، سندس اڳيان هڪڙو هٿ مٺيرو جهلي چوندا ته ”هل پوري چپي تي“ يا سينڍ هٽي ٽپا ڏياريندا اٿس. گهر جي پٽ جي ڪنڊ ۾ هڪ ڪماڻ وانگر ڪاٺي کوڙي ان تي ويهاريندا آهن ۽ چون ته بربل اڏي تي ويٺي آهي. ٿاريلي، هي پکي بربل کان پيٽو آهي. هن کي بربل وانگي ڦاسائي وڪڻندا آهن، پر هن جي قيمت گهڻي هوندي آهي. چاڪاڻ ته هيءُ پکي بربلن وانگر ولرن جا ولر نه هوندا آهن. هن کي به پيٺي ۽ ڌورو وجهي هٿ تي کڻندا آهن. هن پکيءَ جي پونجه ۾ پڇ هيٺان وري کهنبي رنگ جون کنپڙيون ٿينديون آهن. ٿاريلي چڊي پادي ڏسڻ ۾ ايندي آهي. سندس ڪاڌو ساڳيو بربل جهڙو هوندو آهي.

**بانشو، باز ۽ شڪرو:**

هي شڪاري پکي آهن. هنن ۾ باز جي جنس مادي آهي. هنن کي هيرائڻ جي لاءِ پهريائين اکين تي چمڙي جا کوپا جن ۾ به سنهڙا ٿونگ هوندا آهن چاڙهين، پيرن ۾ وڏيون جن کي دوال چون ۽ هڪڙو گهنگهريو به وجهن. هنن پکين جا چنبا تکا آهن. تنهنڪري چمڙي جا دستانا هٿ تي چاڙهي، پوءِ هن جي ڌور هٿ ۾ قابو رکن. هنن پکين کي

تلور پکي ۽ هرڻن جي شڪار ڪرڻ جي سکيا ڏني ويندي آهي. هنن جي تاتيندڙ کي ”بازدار“ چون بازدار جي بچ جنهن کي هڪل چون اُن تي باز ان پکي يا هرڻ پويان اُڏامندو، پکي هوندو ته وجي اوراتيندس ۽ هرڻ هوندو ته سندس سڱن تي ويهي اکين ۾ ٺونگا هڻي انڌو ڪندس. هن جي گهنگهري جي چمڪي تي بازدار گهوڙو ڊوڙائي، اتي پهچي، شاباش ڏئي ڪانئس اهو ڇڏائي حلال ڪندو. جي مري ويو ته باز کي طعام ڪرائيندو. باز جي وٺ کي ”پخالءِ“ سندس آواز کي ”زيل“ چون. اونهاري ۾ جڏهن گرميءَ کان کنپ ڇڏي ويندا اٿس ۽ جيستائين بيا کنپ نڪرن، تيستائين چون ته باز ”ڪُريز“ ۾ آهي. هي پکي مزاج ۾ نازڪ به آهن ۽ پهلوان به آهن. اصل ٿڌن ملڪن جا رهاڪو آهن.

**ڪتا:**

هن ملڪ ۾ رکوالي، وندرن ۽ شڪار لاءِ ڪتا ڌارڻ پڻ شمار ڪيا وڃن ٿا(1). جتي ماڻهو رهن ٿا اتي ڪتو به اوس ملي سگهندو. ڪن صدين کان وٺي ڪتي جو ماڻهن سان گهاٽو سبنڌ آهي. ڪتي ڇهين مهيني ويامندي آهي ۽ ڪيترائي گُلر ڄڻيندي آهي. ڪتو نر بالغ تڏهن ٿيندو آهي، جڏهن پوئين ٽنگهه مٿي کڻي پيشاب ڪندو آهي. ڪتي کي پگهر اصل ڪونه ٿئي! ڪيترو به ڊوڙندوآهي ۽ ڊوڙي

ٻوڙي ٿڪي پوندو آهي يا گهڻي گرميءَ سببان ڪنهن ڇانوَ ۾ ويهي آرام ڪندو آهي ته ڄڀ لڙڪي پوندي اٿس، جنهن مان گگ ريلا ڪيو پئي وهندي اٿس. ڪتي جي هيءَ به خصلت آهي ته ڪڏهن به پيٽ ڀري نه کائيندو آهي، جي روزانو پيٽ ڀرڻ جيترو کاڌو ڏبس پيو ته وچ ۾ ضرور ويلا واريندو يا لنگهڻ ڪيندو، ڇو ته هي تمام سمجهو جانور آهي، هن کي هيءَ ڳالهه ڪُڪي ٿي ته متان ڪڏهن سک مان نڪري وڃي ڏک ۾ پوان، ته پوءِ ڪٿان پوري ڪندس. ڪُتن ۾ جيڪو ڪتو رڳو پيو ڀؤنڪندو آهي، سو ڪڏهن به چڪ نه پائيندو ۽ کهڙو به ڪتو اُلر ڪري اچي ۽ جي گهروڙي پونبو يا ٻجو ڏبس ته هشمت هلي ويندس ۽ ڀؤنڪڻ کٽي بند ڪندو. ڪتو، جي ڇتو ٿي پوندو آهي تڏهن به پنهنجي ڌڻي يا مالڪ جي ساڃاهه هوندي اٿس.

ڪتو هڪڙو سياڻو ۽ وفادار جانور آهي،(2) تنهنڪري ٻهراڙيءَ ۾ جتي ڇڊو پاڊو گهرڙو، يا ڪا وانڍ يا اوطاق جتي مال موجود رهندو آهي، ته ڪتو به ضرور رکڻو پوندو اٿن. خانه بدوش، رولو ۽ گهومو قبيلا پاڻ سان ڪتن جو چڱو تعداد وٺي هلندا وتندا آهن. ڌنارن، ڌراڙن ۽ ڀهنوارن جي لاءِ ته ڪتو سر جون سٽون ڏيندوآهي. مالدار پنهنجو چؤپايو مال الله داني، پر ڪتي جي آسري تي ڇڏي وتندا آهن، الوليون ڪندا. ڪتي جي وفاداري بابت گهڻيئي

ڳالهيون سنڌ ملڪ ۾ مشهور آهن، جن مان ڏاڙهيارو جبل جيڪو ضلعي لاڙڪاڻي ۾ آهي. اتي وفادار ڪتي جي قبر جي نالي سان هڪ ماڳ مشهور آهي.

ڪتي کي ”ڪُور ڪُور“ ڪبي ته ڊوڙي اچي اڳيان بيهي پڇ کي لوڏي، پنهنجي وفاداري ۽ فرمانبرداريءَ جو مظاهرو ڪندو آهي. جي ڪنهن تي بڇ ڪرائڻي هجي، ته رڳو هو رڇڇ هورڇچ چوڻ سان ان جي مٿان چڙهي ويندو ۽ رک رکان ڪندو ئي ڪين!

سنڌي ٻوليءَ ۾ پهاڪو آهي ته ”ڪتن بنا شڪار ڪهڙو؟“ ڪتن کي شڪار ۽ مِـرُن (سوئرن) جي ويڙهه واسطي پڻ ماڻهو شوق پئي ڌاريندا آهن. سهي ۽ ٻليءَ جي وٺڻ لاءِ سينڌ هڻي بڇ ڪندا آهن. پر مرون (جنهن جي نر کي سوئر يا سور ۽ ماديءَ کي ڦـُونڊڻ چون) جي مارڻ ۽ رڇن سان ويڙهه ڪرائڻ جي لاءِ هوشيار ڪتن کي سکيا ڏيندا آهن. تعلقي ٺٽي الهيار جي شهر بڪيرا شريف ۾ مخدوم صديق محمد شاهه قريشيءَ جي لوڏ، ٺٽي سومري تعلقي ٺٽي الهيار ۾ رئيس الهه بخش نظاماڻيءَ جي لوڏ ۽ مٽياري تعلقي هالا ۾ چاموٺن واريون لوڏون ۽ پير مهدي شاهه روهڙيءَ واري جون لوڏون مشهور هيون. اهي مرونءَ تي وٺي وڃي بڇون ڪرائيندا هئا. هڪڙا ٺونڪي ڪتا، ٻـَهي ٻـَهي مرونءَ کي ٿم مان ڪيندا هئا، ته ٻي لوڏ لڳندي هيس

پٺيانس، پوءِ جيڪو هوشيار، چاڙو ۽ ڏيکاريل ڪتو هوندو سو ساڻس ٻٽ ٻوڙندو ويندو ۽ جتي به ڪو وجھ لڳس ته يڪدم مروڙ ڪي ڪَنَ ۾ بند (چڪ) هڻي بل ڏيئي ٻئي پاسي تي اُٿلي پوندو ۽ اٿلڻ سان مروڙ جو ڪنڌ (جيڪو پاسيرو چوري پوري نه سگھندو آهي) وٺجي ۽ مروٽجي پوندو ۽ پوءِ وٺي هِڏڪارون ڪري زمين آسمان مٿي تي کڻي ڏيندو. تان جو ڏڦي وارو پهچي، ڏڦو هڻي آنڊا گجيون ڪڍي ڪندس ٻاهر. اهڙيءَ طرح ڪتن ۽ سوئر جي ويڙه ڪرائي شوقين ماڻهو تماشو يا رونشو ڏسندا آهن.

سنڌيءَ ۾ هڪ پهاڪو به مشهور آهي: ”مروان موت، ملوڪان شڪار[(1)]“

ڪتو ڪڏهن به پنهنجي ڌڻيءَ جو نقصان ٿيڻ برداشت نه ڪندو آهي[(2)] . پر ڪتي ۽ فقير جو پاڻ ۾ ڪو السني وير آهي. فقير ڏٺائين ته ڪتو مچريو. چون ٿا ته: ڪتو ڌاڙهي، فقير کي اها ڌانائي ٿو ڏي ته ”اي بيوقوف، ڏس ته ٻڪ، ڏک ۽ سک ۾ آءٌ پنهنجي ڌاريندڙ جي در تي ڪريو پيو آهيان ۽ تون اِنسان ٿي ڪري، پنهنجي حقيقي مالڪ جي چانئٺ ڇڏي ۽ ان ڪان منهن موڙي وتين ٿو ٻندن جي درن تي جتيون گسائيندو ۽ ليلڙائيون ڪندو. ڪو شرم ڌار!“ ڪتو، ڪتي جو دشمن به هوندو آهي. سندس حد مان هرويرو ڪو اوپرو ڪتو لنگهڻ جي همت نه ڪري

سگھندو آهي. جي بيمار هئڻ سبب پيو ڪجھ ڪري نه سگھندو آهي، ته گرندو ضرور، تنھنڪري چوڻي آهي ته:
”وڙهڻ ڪم ڪتن جو.“

ڪتو ڪتيءَ سان لڳ ڪرڻ کان اڳ ان جو سوڪ چٽي پوءِ ٻُڪي هڻندو آهي. هن جي ذات نڪرڻ کان پوءِ سندس بولاندو اندر سڄي وڻجي ڳنڍ ٿي پوندو آهي ۽ ڳپ پڪو ڪرڻ ۾ اٽڪل 15 - 20 منٽ ڪتيءَ سان اٽڪي بيهي رهندو آهي.

ڪتي کي ڪتيءَ سن سنجوڳ ڪرڻ لاءِ راتين جون راتيون پٺيان هلي چڪ چنبا سهي آماده ڪرڻو پوندو آهي. جيڪو ڏاڍو ڪتو هوندو آهي، ته ان لاءِ ٻيا ڪتا ميدان ڇڏي پري ٿي بيهندا آهن، جيستائين هو پنهنجي هوس پلي وٺي.

سال ۾ ٻه پيرا ڪتن ۾ ڪت ٿيندي آهي. ڪت جي وقت پاڻ ۾ وڙهي وڙهي ڦتجي پوندا آهن. ڪتن جا رنگ ۽ نسل ڪري جدا جدا نالا رکيل آهن.

---

(1) ڪاڄڻ = شهتير = ڇٽ جي مک وڏي ڪاني، مٿان ڇت پوندي آهي. (نظرثاني ڪندڙ)

(1) نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)

Gul Hayat Institute

[(1)] ڪتا، بگهڙ جو هڪ نسل آهن، جنهن کي سڄي دنيا ۾ سڀ کان پهرين ايشيائي لوڪن ڌارڻ شروع ڪيو. سنڌ جي شڪاري قبيلن وٽ ڪتن جا ولر ٿين ٿا، ان مان وسهڻ ۾ اچي ٿو، ڪتا ڌارڻ جو ڪم سنڌ ۽ ڏکڻ هندستان جي شڪاري قبيلن شروع ڪيو هوندو. (نظرثاني ڪندڙ)

[(2)] ولايت جي ڪتن بابت گهٽيون ڏاهپ جون ڳالهيون پڙايون وڃن ٿيون، اتي کير جا پاڇيا، شيشي جي ٿهيل ٽانڪين ۾ جن کي ڦيٽا لڳل هوندا آهن ۽ پاسي ۾ ماپ جي پٽي پڻ جڪڙيل هوندي آهي، اها ٽانڪي ڪتا ڪاهي وڃي ٿيٽين کي روزانو کير ڏيئي ايندا آهن. ڪتا گاڏي ڪاهي گراهڪ جي در تي پهچي ڀونڪ ڪندا، ۽ ٿيٽي، ٿانءُ ڪڍي ان ٽانڪيءَ جي نل جي ٻنجي کولي کير واهيندو. ڪتو بيٺو ڏسندو، جڏهن سندس نشان ٽيل سنڌي تي کير پهچندو، ته ڪتو وري ڀؤنڪ ڪندو. گراهڪ ٻنجي بند ڪري کير کڻي گهر ويندو ۽ ڪتا وري ٽانڪيءَ کي اڳتي ڇڪيندا تان جو هفتي پوري ٿيڻ تي ٿيٽيءَ جي گهر جي در تي ڀونڪي بل ڏيندا ۽ پئسا وٺي مالڪ کي اچي پهچائيندا.

ڪتن ۾ قوت مشام يا نوس نوس جي عادت زوردار ٿيندي آهي. ولايت ۾ ڪتن کي، ڏهاڙي ماڻهن جي هٿن پيرن جي بوءِ سنگهايو ڇڏين، پوءِ ڪتا نوس نوس ڪندا وڃي منزل مقصود تي پهچندا آهن. جو ته ولايت ۾ پٿريلي زمين تي ڏوهارين جا پيرن يا هٿن جا نشان ظاهر بظاهر ڏسڻ ۾ نه ايندا آهن. هتي اسان جي ملڪ ۾ به پوليس ڪاتي ڪتا ڌاري، سيکاري، ڏوهارين کي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ناڪام ٿي. سرڪسن ۾ به ڪتا عجيب ۽ غريب ڪرتب ڏيکاريندا آهن.(ليکڪ)

[(1)] نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)

[2] ڳالھ ٿا ڪن ته: هڪڙو بيمار ڪتو، هو هوا ۾ پيو هو، پڻ ڏينهن ڪان وٽي مالڪن هن جي اڳيان مانين ۽ پيٽ جا ڍير ڪٽي گڏ ڪيا هئا، پر ڪتي اک ڪنئي نٿي ڏنو ته ڇا آهي، ڇا نه آهي؟ انهيءَ اناج جي ڍپ تي هڪڙي ڪتي اتي اچي اهي ڪاڏا ڪائڻ لڳي، ته اهو ڪتو ڪتيءَ جي بانس تي ٿورڙو ڪنڌ مٿي ڪٽي هن کي ڏسي وري ڪري پيو. اتي ڪو ڀڳوان جو ڀڳت به بيٺو هو، تنهن ڪتي جي هڙي حالت ڏسي يڪدم چئي ڏنو ته ”اي ڪام ديوتا، توکي به نمشڪار هجي.“

## رنگن موجب نالا:

ڪارو يا ڪالُو، هن جو رنگ چند ڪارو هوندو آهي.

ڀهڙو يا ڀهوڙو، ڪي به به رنگ گڏوچڙ هوندا اٿس.

**راڱو:**

ڪنهن به رنگ مٿان وري ڪارا پٽا پٽا هوندا اٿس.

**ڪمانگر:**

ٽن چئن رنگن وارو يا ڪوراڙ بلا جهڙو هوندو آهي.

**چيتو:**

ٻـُڙ ٻـُڙ ياداڻ داڻ بدن تي هوندي اٿس.

**هيرو:**

صفا سفيد رنگ اڇو هوندو آهي.

**ڪـَڪڙ:**

خاڪي رنگ تي مائل هوندو آهي.

**بادامي:**

Gul Hayat Institute

ناسي رنگ تي يا بت تي ڳاڙها ۽ ناسي چِٽا چِٽ هوندا اٿس. ٻيا آهن ڪارا ڳاڙها پيلا رنگن وارا.

**نسلي نالا:**

1. تازي: ٻُوٿڙي چهنبدار، هلڪو پوشيدو، قدبت ۾ ٻگهيرو، سنهڙي وَرَ تي پچڙي وڏا ۽ شوقين ماڻهو ڏيک ويک واسطي ڏاريندا آهن 2.ڪارائي: لاڙ پاڱي جو ڪتو، ٿلهو، وڏو ۽ بدن موڪرو 3. بوجو يا بوجرو: گهڻن گهاٽن ۽ وڏن وارن وارو، جنڊ ڪتي يا ڪتو، شهري ٽؤنڪندڙ ڪتو 4. پستو: ننيڙو، بندرو ۽ ٻمڪو ڪتو. 5. دونر: دونهير يا دنير، ٿلهو، ٻگهو ويڪرو ڪتو هوندو آهي. منهن ۽ وات وڏو هوندو اٿس. ٻلڊاگ: ولائتي نسل جو وڏي ويڪري وات ۽ موڪري مغز، ٻگهي قد وارو ڪتو، ٻلٽري، وڏين واڇن، وڏي مغز، اونهين اکين ۽ ڇوٽي قد وارو ڪتو، وولف ڊاگ، ڪتي ۽ ٻگهاڙيءَ جي ميلاپ مان پيدا ٿيل ڪتو. ڪي ماڻهو پنهنجي پسنديءَ موجب به ڪتن تي نالا رکندا آهن. جهڙوڪ: موتي، هيرو، ٻگهڙ، سپاڳو، مچڏ، شينهن مار، ڏينپو، پؤنر، پلڪي وغيره [(1)](#).

ڪتو رکي رکي جيڪا ٻگهي رڙ ڪندو آهي، ان کي اوناڙ چون. گهڻا ڪتا، جهول ضلعي سانگهڙ ۾ هوندا هئا.

جن تان مشهور چوڻي آهي ته ائين اچي گڏ ٿيا، جهڙا جهول ۾ ڪتا.

**ٻلي:**

”ٻليءَ جو نسل دنيا جي خوبصورت ۽ سگهارن جانورن ۾ ٿئي ٿو، شينهن، چيتا، تيندوا، جهنگليون ٻليون انهيءَ نوع (Species) واري نسل سان لاڳاپو رکندڙ آهن. سنڌ ۾ گهرو ٻلين کان علاوه جهنگلي ٻليون به ٿين.“(2)

ٻلي يا ٻليءَ جي پلونگڙي کي ماڻهو شوق لاءِ ڌاريندا آهن. ڪٿي ڪٿي رڳو ڪئُ مارڻ لاءِ يا ڪو رنگ وڻي ويندو اٿن يا بج گهاٽا لسا ۽ نرم هوندا آهن ته چاهه پئي پاليندا آهن ۽ هن کي کير پياري وڏو ڪندا آهن، ۽ ماديءَ تي کيري ۽ پسي نالا رکندا آهن. چوڻي آهي ته: ”ست ورهين جي ٻلي اچا پئي ڪونجي ڪيِري،“ ٻليءَ جي عادت هوندي آهي ته ماڻهو ٻلي لڌي وڃن، پر ٻلي اها جاءِ نه ڇڏيندي آهي، جتي نيجي وڏي ٿيندي آهي. ٻلي ڇهين مهيني ويامندي آهي ۽ ٻه - چار پلونگڙا ڏيندي آهي. هن جا ٻچا هفتو کن نيٽ انڌا هوندا آهن ۽ پوءِ مس مس اکيون کوليندا ۽ مياؤ مياؤ ڪري ميڪندا آهن. ٻلي بلا توڙي پٽون (وچونءَ) کي ماري ڇڏيندي آهي. ٻلين جا ڪيترائي رنگ ٿيندا آهن، جن ۾ ڪي لسا ته ڪي دٻڪن وارا هوندا آهن. وسئون ٻلي کي ڪو ڪونه ماريندو آهي. چاڪاڻ ته ماڻهن

Gul Hayat Institute

۾ سنسو ويٺل آهي ته جيڪو ٻلو ماريندو، تنهن تي ”ست
ورهي پونديئ“/”سادي ست ورهي پوندي“ يعني پورا ست
سال گهر جو منهن ڏسڻ نصيب نه ٿيندس. پاست سال
تڪليف ڏسندو. ٻلي رات جو اونداهي ۾ تمام چٽو ڏسندي
آهي، تنهنڪري ڪانئس ڪئا پڇي نه سگهندا آهن.

چڙون چٽرون، سٺون جٺيون، چرچا پوگ ۽ ٺوڪرون ۽
مذاقون:

”کل، پوگ، انسان جي فطرت جو هڪ حصو آهي.
ظرافت جا ڪيترائي قسم آهن. لفظن وسيلي، جسم جي
حرڪت وسيلي، شاعري وسيلي ان جو اظهار ڪيو ويندو
آهي.(2)

هي معاملو اهڙو آهي، جهڙو ڪنهن ماڻهوءَ جي
سرشت ۾ قدرتي طرح لاچوٽ ۾ چرچو هٽڻ، رت ۾ جنبش
يعني نچڻي شاعريءَ جو شعور ذات طور پريل هوندو آهي،
تهڙي طرح مٺيون مڙئي خصلتون يا رمزون ڪن ٿورن
ماڻهن ۾ هونديون آهن. اُهي ئي ماڻهو انهن کي چڱيءَ ريت
نڀائي سگهندا آهن. جيئن چٽر، ٺوڪ يا مذاق ڪندي اڳلي
تي خار، غصو، ڪاوڙ، منيان ۽ چڙ چڙهي وڃي يا نه
چڙهي ۽ ڏند ڪڍي کلندو رهي.

هتي جي حاڪمن جي درٻارن ۽ ڪچهرين ۾، شادين
مرادين ۾، چيڙن ونگارن ۽ آبتن ۾، جنگين ۽ لڙاين ۾،

شڪار جي موقعن تي پڻ چرچا گهڻا، مسخريون پوڳ، جٺيون تعديون، ڪلاساٽيون ۽ خوشطبعيون ٿينديون هيون. سنڌ جي ملوڪن انهيءَ ڪردار کي به مهمان نوازيءَ جي نيهي وانگر خاصو نڀايو هو. ڪيترن ئي قسمن جي چهچٽن، سانگن، چُٽڪن ۽ لطيفن ۾ ڀاڻ ملهايو ۽ موڪيو هو ۽ داد حاصل ڪيو هو. انهن مان ڪي مختصر واقعاتي ورونهون پڙهندڙن آڏو پيش ڪندس ته اندازو لڳائي سگهن، ته هتي جا پُرس، رُک مُهان نه، پر ڪِل مُک ۽ خوشمسخرا هئا.

**چٽرون:**

ٻار خطاب [مڪتب] ۾ پڙهڻ واسطي مائٽ چڏيندو هو، ته جيڪو ٻار هڪڙ، ٻتڙ يا ٻاتو هوندو هو ۽ اهو جيڪي غلط سلط الفاظ يا جملا ڳالهائيندو هو، ته ان تي نالو ئي انهن لفظن وارو رکندا هئا. مثال: هڪ چوڪر نالي عرس کي مڪتب ۾ ويهاريائون. هو ناٿائو هو. جڏهن خُطابي ڪنيڻ ايندا هئس، ته ماءُ کي چوندو هو ته .امان آءٌ بوباٽي يعني سپاٽي ويندس. ان تان هن تي نالو عرس بوباٽي پئجي ويو. وڏي هوندي به ڪنهن سٿ منجهه، شادي ۽ وهانءَ ۾ پڇا ٿيندي هئي، ته عرس بوباٽي الائجي آيو يا ڪه نه؟ انهيءَ طرح ٻارن تي استاد سندن ٻيل ٻول، ڪار حرڪت، ڪُند ذهين ۽ ڳالهاءُ موجب نالا رکندا هئا يا

شاگرد ۽ عوام اهڙا نالا چونديي رکندو هو، جي هن جي خصلتن سان ٺهڪي ڦهڪي اچن. ڪن تي وري سندن تڪيه ڪلام وارو نالو ڌريو ويندو هو، گهڻن ماڻهن جا تڪيه ڪلام وارا لفظ هن قسم جا آهن: ٻڌءِ نه، جيڪو سو، جنهنڪري، چڱو خاشو، خيرن سان، الله توکي نيڪي ڏي، ابي کي چوان، اگر مگر، جيڪو سو مگر يعني، يعني، ۽ انهن کان به گهڻا وڌيڪ لفظ آهن، جي ماڻهو استعمال ڪن ٿا ۽ انهن لفظن سان سڏيا وڃن ٿا.

نصرپور ۽ بکيرا شريف تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ ڪوبه ماڻهو مئل توڙي جيئرو اتفاقي رهيل هوندو، جنهن تي ٻيو نالو جنهن کي سنڌيءَ ۾ ”ال“ چون، پڇ وانگر اٽڪايل نه هوندو، جنهن ۾ سندس عيب ثواب ڏيکاريل هوندا آهن. نصرپور ۾ ته هڪ قبيلي کي ٻُدا ۽ ٻئي قبيلي وارن کي...... سڏين. هو ان تي چڙن ئي ڪونه ۽ خوش ٿي جواب ڏين.

ڪي ماڻهو ”پوڙهي“ چوڻ تي، ڪي ماما يا ڪاڪا ڪوٺڻ تي ڪاوڙجي پون. اهي پاڻ کي پنهنجي خيال موجب جمار ۾ ننڍڙو هئڻ سمجهندا آهن.

هڪ ماڻهو ”ڪوڏيءَ“ تان چڙندو هو، ته ماڻهو انهيءَ کي ڪوڏي ڪوڏي چئي ڪپڙا لهرائيندا هئا يعني پاڻيءَ مان ڪيندا هئا. هڪڙو پرديسي اتفاقي هن جي پر

مان اچي لنگهيو ۽ کنگهيو. هن جو کنگهڻ ۽ چڙيل جو اتي ئي گارين جي رک ڪڍي بيهڻ. نڏان هن پرديسيءَ هن کان پڇيو ته ادا، مان ته ٻاهرتُو ماڻهو آهيان، مون ته ڪڏهن تنهنجو نالو ورتو ئي ڪونهي، پوءِ مون تي هيءُ گارين جو برهڙيو چولاتو اٿئي؟ هن چيو ته ”تو مون کي ڪوڏي ٿي ڪوٺيو، پر ٻڇي کنگهڻ لڳو آهين. اهو توکي چوٺ وارن ضرور ٻڌايو آهي، ته هيءُ ڪوڏيءَ تي ٿو چڙي.“

خطابين مان ڪن جا نالا پيريءَ تائين هلندا ايندا آهن ۽ ڪڏهن به بدلجي نه ويندا آهن، مثال طور، ڪپ، گوڙو، پڳت، ٻگهلو، ڏُنر، مچر، منگهڻ، دَتِر، لغڙ، ٽانگڙ، جل ڦٽاڪو، ڪبوتر، ڳجه، ڪڪڙ وغيره.

چڙون:

ڏوٺ ڏمر، چڙ خار، ڪاوڙ مٺيان، غصو نفرت، ڪست، ڪرٿيون ڪائڻ، وڏوڙڻ ڏند ڪرٽڻ، ڳاڙهو ٿيڻ ٽامڻي هڻڻ واسطي ڪنهن تي غلط الزام / بهتان/ڏوٻاسو/تهمت ٿڦڻ، اوپالو ڏيڻ، اُهو اِهو ڪرڻ، چڻ ٻاه تي تيل هارڻ جو ڪم ڪرڻ آهي. هتي چيڙائڻ يا پاٽيءَ مان ڪيڻ جي لاءِ هيءُ لفظ ڪتب آڻين: چِخي! تيلي! ڪنپ! ٿين! ڪُڙ! هُش ٻلي، ٻچا ٿي تڪين!، اَخ ٿوُ!، ٻوڏ!، ڦوٽ!، هل جلوان!، هل الڪَان!، هل مچو!، هل پَڪُو!، ليڙ پيا!، ڦاڙي ڦاچڪو!، ماءَ جا وڏيڪ!، ائين

ته نه ٿيو!، چل ڦوسي آڪيري!، ٿـُـڪ ٿئي ڏاڙهيءَ ۾!، ٿارو ٿئي جو ٿريو آهين!، چا ٻلي چا جلاب!، اجا دلي دورُ آهي! ڪتو ڪتو! چريو چريو! پلا منڪر! پلاڙي موذي! پلا مروانَ! ڪرُ، ڪودي! تووي (پـُوڪر)!، ڪـِلُ ڪتل!، ٻينج ڪتل نئوناريل! پلا لعنتي! ڍري ڪر! چڪ اڳتي! جوءِ جا مريد! جوءِ جا مهري!، پلا ڪنٺور پچ ٿو هٽين! پلاڙي مڪُ مٿو ٿي پٽين!، ڪوڙو ڊُرڙو!، ٿـُـڪ پٽ تي چڏي وري چٽ! تنهنجي ٻچيءَ تي نماز رها“!

ڪي ٻار هڪٻئن جي نالن ونڻ سان به چٿر ڪن:

چون عرس، نڪي زال نڪي مڙس!،

علي، ٿوم دي ڦلي!،

لالو، ڪالو!،

ڪاٺو اڪ بداٺو!،

ڦتن، ڦڏئي!،

صديق، ماري تيڪ، ملا چوڙ ڳيا مسيت!

هاجران گاجران ڪائي ڪچا ٻير، اُٺ جيڏي اوجهري گابي جيڏا پير،

مهربان، عاليشان، پڳل ڪٺولو چنل واڻ، جنهن تي ويٺو فلاڻو خان.

ڪي وري نندڙن ٻارن کي هن طرح چيڙائين: چؤ چيڪو ميٺ، هو چوندو ميٺ. مٿان وراڻي ملنديس: ڦاٿئي

پيٺ!، ڇئو ڪارو ڪٿو. پڇئي مٿو!، ڇئو ڪاريون مريون. پڇئي تريون!، ڇئو ڪنڊ. پڇئي ڪنڌ!، ڇئو ڪانو، گڏڙ تنهنجو نانو!، ڇئو پاڏو. گدڙ تنهنجو ڏاڏو!

شڪارين جون ڇڙون ۽ ٽنوليون:

اڳي سنڌ ديس ۾ مرونءَ [سوئر] جو شڪار عام طرح ڪيو ويندو هو. ان جي مارڻ واسطي ڪتن جون لوڌون، ڏقيرا، هاهوڙيا، دهلاري، توبچي يعني بندوقچي ۽ تماشبين وڃي گڏ ٿيندا هئا. اتي جي اوچتو مرون ٿَم مان نڪتو ۽ ماڻهن جي پاسي رخ رکيائين ته ٻانهين جون ٻانهيون پڇي وڃي پار نڪرندو هو. اهڙي موقعي تي يارن جي حالتن جو نقشو ٽنولين رستي ڪڍي ڪل جون ماڪون وجهندا هئا. چوندا ته، سوئر، ٿَـمَ مان نڪرندي ئي فلاڻي توبچيءَ کي اک ڏيکاري چيو ته ”اڙي ڇڏ بندوق اتي، يڪدم ڇڙه وڻ تي!، بس يار پوءِ ته توبچيءَ کي ڪنڊي ڪرڙي جي ڪابه ساڃاهه ڪانه ٿي پيئي، اک ڇنڀ ۾ ٻير جي چوٽيءَ تي ويو! وري مرونءَ منهن دهلارين ڏي ڪيو، پوءِ ته پٽڪا، جتيون ۽ شرنايون ڇڏيندئي اتي مڙسن تار لوڙهي تان وٺي جو ٻـِڌ ڏنائون ته تيليءَ کڙڪوبه ڪونه ٿيو! فلاڻي اجان مرونءَ جي هڏڪار ٻڌي ته اَتي سڪي بند ٿي بيهي رهيو. ابا ڏسون ته فلاڻو به پر ۾ بيٺو پنگ چاڙهي! پر واه ڙي واه فلاڻا توبچي، ڪارتوس لـَڌُس ئي ڪين، تنهن هوندي به

Gul Hayat Institute

دونالي بندوق ۾ به مرچائي پڪوڙا وجهي ٺڪاءُ جو بندوق ڪرائي، ته سوئر جا اتي پير، ته اتي ڪنڌ! انهيءَ ريت چرچا پوڳ ڪندا هئا ۽ ڪلن جا ڪوڪريا وجهي چڙهيندا هئا. سائين، پوليس جي وراڙي مهل، يارن جون جتيون ۽ پٽڪا مڙيندي هئا حال! پنج پـُرهي پٽ تان اهڙا ته بل ڏنائون، جو پٽ باڙي يا گرانٽ پئي ڏسڻ ۾ آين ۽ فلاٽو واه، جيڪو مولهاتو مٿي تي بڌي اُڪرندا هئا، سو گهر اچي سنڀال ڪيائون ته الائجي ڪيئن اُڪري آياسين! ڪي ته اتي ئي ڌهندا سٽيون ٿيندا ڏَن ٿي پيا!

**موالين جون چٽرون:**

ھڪڙو موالي جنهن بئي موالي جو حقو نهيل ڏٺو ۽ هو ٺورو پرپرو پاسي تي ويل هو. حقي جو هٿ ۾ نڙ ڪٽي چيو:

پنُ نه اٿم پاند ۾، پهرين ويٺو پيئان،
جو دم شال جيئان، ته هٿ نه ڪڍان حقي مان.

هن ايترو چيو، تيستائين حقي جو ڏٽي اچي ويو، ۽ اهو پولٽو بڌي چري ويو، يڪدم هڪڙو هٿ هن جي گُتڙ ۾ وجهي چوڻ لڳو:

پن نه بڌين پاند ۾، پهرين ويٺو پيين!
وجهي هٿ ڏاڙهيءَ ۾، جوتو لاهيو ٿو بيهين،
پوءِ جو دم پيو جيئين، ته هٿ لايين حقي کي!

**هڪڙي چوٽي آهي ته:**

موالي ويهن مچ تي، ته سـَو سـَو بڪواسون ڪن، صبوح جو، جو اٿن، ته هڪ نه هجي هانُ ٿي.(1)

**جنگ جي ميدان ۾:**

يار، تلوارن کي تيورن کان تيار ڪرائي جا مڪين کي جرڪائي، گهوڙن کي ميدان ڪٽائي، جڏهن پـِڙَ تي پهتاسين ته فلاڻي کي گهوڙي تان لهڻ شرط اچي پيٽ ۾ وڪڙ پيا، دست بيهنس ئي نه! همراه کي تريون پيا هٽون، دلداريون پيا ڏيون، ته متان هيٺي بولي اٿئي، اجهو ٿا پگڙن وانگر پچو رکون، پر يار جو ڪاڪڙو خشڪ، مٿ پاٽيءَ جو پي ويو. چوي ته امان الائجي ڪٿي آهي! فلاڻا ته اهڙا باهڙيا جو ڏس جي خبر نه پوين، اصل دشمن جي مورچن مهندا وجي بيٺا، هاڻ نه اڳتي ٿين ته نه پوئتي! وايون ولهليون [ولڙيون] ٿي وين، موت اکين اڳيان ڏسي هوش حواس گم ٿي وين!

ڌاڙيلن جي اچڻ جو ٻڌي، وڏيرن گهوڙن جون نڪي چوڙيون اڳياڙيون ته نڪي کوليائون پچاڙيون، اگهاڙين پٺين تي ٽپ ڏيئي لانگ ورائي ويهي رهيا ۽ وٺي جو گهوڙن کي تڙيائون ته گهوڙا ڪلا پٽائي وٺي ڀڳا، پوءِ پچاڙيءَ وارو ڪلو پڄندو پڄندي نڪاءُ ٿيو وڃين ٽپڻ تي يا ڪياڙيءَ ۾ ته پويان ڏسن ئي ڪين، چون ”گڏو آهين پاڙي

هن ٻه - ٿي ٿڪون هنيس، ٻه - ٿي پوندا هٽي، آٽي پائرن پيڙو ڪيائينس. جڏهن پوئي يا پاهت اڳاڙڻ جي مهل ٿي ته فلاٽي چيو ته مون کي سڌ ڪانه هئي، پسئو پاڻ سان ڪونه اٿم، لکي چڏيو. ڪَتي ڪٽي ڏيڱو وڪٽي، پوءِ پاهت ڏيندس. فلاٽي چيو پوئو ڏيان ٿو، پر اهي روپيا جهڙا ڪر ڪوهﮥ اُڇليم. پڇيائونس ته چو؟ چيائين بس ”پاڙيو گهوٿ ته منگتا چاچي!“

**سِٺون:**

ڪو وقت هو ته سِٺن واري نظم جو سنڌﮥ وڏو مان هو. اهو ئي شعر پسند ڪيو ويندو هو، جي مسخرا ڪا مسخري يا ٺٺولي ڪندا هئا، ته سٺون سٽائيندا هئا. ان وقت جون ڪجھ سٺون هِت ڏجن ٿيون:

کر کودڙيو، کرَ کودڙا، تن جا ٻٺيءَ چوٺ ٻيهاڻ،
تن جي رهاڻ، گلو ئي گارڪيو.

*　*　*

هوند ري، حريف کي، چريو سيڪو چوءِ،
ملهي اچي مارڪي ته ويهاربو پوءِ!

*　*　*

بي ٻُٽو، ٻچڙو، ڪميٽو پيٺ پريو ڪائي،
ملهي اچي مارڪي ته سائين پيو سڏائي،
جي ڳميو پيو ڳالهائي، ته ٻه بختاوَر آهي بودلو!

Gul Hayat Institute

*      *      *

ڪميٽو ڪپڙا ڪري ٿو ڏسي پنهنجو ڏيل،
ڏسيو پنهنجي ڏيل کي ٿو دوڙائي دليل،
ته مون جيها ملڪ ۾ هوندا ڪي قليل،
جڏهن گڏيس اصيل، ته وڃائون ويس وسري.

*      *      *

ڪوڙا قاضي پاڻ مان، ويا فرق چڙي،
چڱا مڙس لڳا ٿيا، ڳالھ وڏئون گڏي،
هاٿي کپي اشراف کي، ويهي توڙي لڏي.

*      *      *

رڍ چا ڄاڻي راڳ مان جنهن جي ٻولي ٻي،
سرمنڊل جي ساز مان ساندو چا سمجهي،
جيڪو هندي ڄاڻي ڪينڪي، تنهن کي سنڌي چا سلجي!

*      *      *

رڍن اڳيان رباب، وڄائيندي ورهيه ٿيا،
نڪي لائين دوستي، نڪي ڏين جواب.

*      *      *

ڳوھ، اڳيان ڳالهاءِ، جي ڪٽي مرليون محبت جون هٽين،
ته به ڦِڪيون ڏيندي ڦوڪون، جن ۾ لاءُ نه ساءُ،
هن موڳيءَ کي مجلس جو، ناهي سُڌ سماءُ،
نور، کپر کي نه پئي، پِرتين ڳالھ پساءُ.

*     *     *

ڦلو، هڪ ڳوناٽو هو مزي جهڙو واٽيو هو،
ڏينهن جو فقير هو، رات جو امير هو.
چاٽندو اکر به ڪين هو، پڙهندو هو وڏا پستڪ.
پارسي هئائين پنهنجي ٺاهي، انگريزي هئائين نئين بنائي،
ڳالهيون اُن جون سڻي ها ڪو. ڪـلِ ۾ اونڌو ٿئي ها سو.

*     *     *

ڪريما جا بجڪا ڪٽي ويا ڇهه چور،
ٻه انڌا ٻه منڊا، ٻه لوڻيا لغور.

*     *     *

جتي هنج هئا اتي ڪانگن ڪانگيرا ڪيا،
ويچارا ”وليداد“ ڇئي ولر ڪري ويا،
وڃي اَلَ پيا، انهن اوطاقن ۾.

*     *     *

اڄ پي الله جا ڪي عجب رنگ ٿو ڏسان!
جتي پير ماڻهوءَ جو ڪونه هو، اتي لچن جا لنگهه ٿو ڏسان!
جي صاحب سخا جا هئا، تن جا پويان پنندي ملنگ ٿو ڏسان!
جن وٽ عدل انصاف هو، اتي ليلائيندي للهنگ ٿو ڏسان!
جيڪي قاضي قضا جا هئا، تن جا پويان پيئندي پنگ ٿو ڏسان!
جتي هوبو هنجهن جو هو، اتي ڪارا ڪنگ ٿو ڏسان!

جتي محبتي ماڳ هئا، اتي سدائين جهيڙو جنگ ٿو ڏسان!
چئي محمد فقير ته اجا به ڪيئي، الله جا رنگ ٿو ڏسان!
* * *
ڪُڪُڙ تنهنجا قائم هونداڪونه ڪٽندن ٻلو،
پري ڏي فقير کي تنهنجو پاوَن ڪندو پلوَ!
* * *
آتڻ پوٽي آتڻ پوٽي، پاند تيڏي ڪـَڪي،
پار ڀهندي ماڙيءَ هيٺون، تند هزاري ڪـَتي،
ڙي ٽانڊي دا ڀهاناڪيتي، يار ڳوليندي وتي!
* * *
به ٻچاپڙا، به گهرَ ويڙهائو، ٻيئي ٻـَن ڏجن،
ٻيهيَ وچ بازار ۾، پئسي پنج وڪٽجن،
جي خريدار ڪـُرڪن، ته ڏه به ڏيئي چڏجن.
* * *
ويا مور مري هنجهـ نه رهيو هيڪڙو،
انهن آکيرن تي ويٺا چپ چڙهي
وطن ٿيو وري، ڪوڙن ڪانيرن جو.
* * *
ڪڏَ ڪوٺيندي پپڻ گـَتي لاهيارو ٿو وسي،
لـِنڊ ته ڪيون ٻـُچين جو، ڪنهن دڙيءَ مٿي دسي.
* * *

Gul Hayat Institute

ٻٽيھ منڊ منڊي ۾ اسيءَ ۾ ڪاٽو،
شيرو شرارتي ٿيو، شمرو آپاٽو،
گنجو ساماٽو، ته مـِڙن کٽي ماٺ ڪئي.
* * *
بيوقوف بازار ۾، سنگتي نه کٽجي ساڻ،
اول ڪٺائي پاڻ، پوءِ سار لهي ساٿين جي.
* * *
نه پير عيسيٰ، نه پير موسيٰ، بڙا پير پئسا،
خانڻ خوشامد ان جي ڪري، جنهن جا پـُر هجن کيسا.
* * *
آخر مليو نه جي رب ٻيو سڀ مليو، ته ڇا ٿيو؟
دنيا ۾ دل جو مطلب پورو ٿيو، ته ڇا ٿيو!
هر علم ۾ ٿي ڪامل، پڙ ڪر عمل کي شامل،
عالم ٿيو نه عامل، دفتر لکيو ته ڇا ٿيو!
آهي ”قليچ“ ارمان، ڪيو شرڪ توکي شيطان،
من جي نه ٿيو مسلمان، ڪلمو پڙهيو ته ڇا ٿيو!
* * *
ٻـَاڏيءَ ليکي ٻه، ٽيڏيءَ ليکي ٽي، پر وچان ئي واحد هـِيڪڙو.
* * *
مرد مانَ سان، رَنَ ران سان،

گانڊو نان سان، ناڙو جان سان،
گهم ”ڏنا“ ڏيان سان.
* * *

اُتاولي عاشق ۽ چالاڪ محبوبه جي سِٽ:
اَتاولو عاشق:
قرب ۾ تنهنجي قريبّ! ڪُسي ٿيس ڪباب،
يا ته لايو دوستي يا ته ڏيو جواب؟
چالاڪ محبوبه:
سڪ ۾ تنهنجي سپرين آءٌ به پلي جيان پچان،
روپيو ڏي روڪڙو، پوءِ جت چئين اُت اچان؟
اتاولو عاشق:
لڪن جهڙي لاڏلي، شاهي تنهنجو شان،
واسطي رپئي هڪڙي پنهنجو وڃائين ٿي مانُ.
**چالاڪ محبوبه:**
مانُ ته منهنجو مصطفيٰ رکيو سيد سچي،
جي تون نٿو ڏين ته پـِـن وارو ٿو اچي؟
**اوتالو عاشق:**
پن وارو ايندو ڪينڪي جاسين ٿو جيان،
رپيو آهي هيڪڙو، سو راج پـِـنيو ٿو ڏيان.
* * *

**هڪڙي عاشق تي هـَجوَ يا سِـٽ:**



Gul Hayat Institute

ساراهيان سچو ڏٽي صاحب رب ستار(1)
لڙي ويس لڙهه(2) ڏي ته وٺان وچي خبر چار،
ڏنم گـَـهـَـنـدي(3) گهرن جي ته ويٺا ڪن منهنجي پست پچار،
ڏورئون مونکي ڏسي ورتئون، نڪتا چڙا چار.
دسي مون کي دنبيءَ(4) وٺ ڏنئون مڪن سندي مار.
سماهون جيڪي سيلهه هئا، سي چيڪي ويا چوڏار.
ڏاڙهونءَ جهلي ڏاڙهيءَ مان ڏني هاٿيءَ جيئڻ هـُشڪار،
جيئڻ جهلي مونکي جهاڀ ڏني ڪوڙيم ڪنڌ ڪپار،
ڪـُـوڪ نه پهتي ڪڙيي تائين، اُت هئا هارين جا به هزار
ڪٺل اتي ڪاسڪيلي (خاصخيلي) هئا، پيا پروچڪار ٻار،
ملڪ سچو هو ماچين جو، پيا چانهان چوڏار،
ماريو هئائون مـُـٺ ڏري تي پر اچا هئي چمار.
ڪيم خط خيري(1) تي، ڪو نياپو نروار
ته چاڙهي اچو چنبڙن(2) مان هن سچيني(3) تي سوار(4)،
سو وري چاڙهي آيو چنبڙن مان تاڻي تپيدار،
هن چيو مان ته اهو ڪم نه ڪريان، ٿو ڪريان نمبر شمار.
چيم ڪٽي ۾ ڪٽڻ خواري ٿيندي، آڻجو محافي(5) جو مقدار.
روئڻ لڳا راهب(6) جن، ته هئي هئي روليئين ٻار،
پڙهجو جاسين(7) جوان تي جا اڳتي جو آذار،

ٺُـڪر ٺُـڪر مون وٽ ڪونهي نڪو ڳهه ڳچيءَ جو هار،
هيڪي ٻڌي در مهندان سابه ڏڪي منجهان ڏار(8)،
ٻارهن اِسم(9) ”ٻروچ“ چئي، مون چاڙهيا هئا چوڌار،
پوءِ الهه جي آڌار، لاٿائين لاڳاپا لڙهه جا.
واڻين تي ٺاهيل سِٽي(10)
ساراهيان سچو ڏٽي جو خاوند پاڻ خدا،
ڏيڳا منهنجا ڏيول، تون ڀاندا(11) ڳالهه ٻڌا؟
گس ويندن سين ”گوهر“ چوي، چانڊوُ ڪري چرچا،
هن کي مغروري مايا جي يا ڪي تو زيان ڪيا؟
لـُنبا، تو کلڻ مـَٽيا، تڏهن ٿو ڳلا ڏيارين گام ۾!
ڳلا ڏياريانءِ گام ۾، تو سـُڻ ”گوهر“ مون گـُفتار:
ته منهنجي هو مارڻ لئي ترت ٿيا تيار،
پين پهه پنجوڙن جو ڪـَنو ڪيئون ڪاٻاڙ،
ته ڪاهي اچونس ڪل سين بندي منجهه بازار،
بولو منجهن بانڪو هو تنهن اچي پـُڇ جهلي پاڙ،
واري آڳوٺي وريندُ ويٺو بندي ڪنڌ ڪپار،
۽ رسيو اُٺي سامن وڏي تڪبيري تڪرار،
نڙيءَ ڪان نهال جهليو، متان لـُوئي(1) ڪري لار،
لاٿئون جلد جلد ئي مان شتابي شهڪار،
وڏي ٺُـڪي واڻين مونکي تهتان ڪيو تيار،
آنڊا اوجهريون اندر موڪليا: آهي پهت جني جو پار،

۾ ڍڪي رڪيئون ڏونگري ٻارن لئي ٻيهار،
ڦري پـُٽو ڦقڙن لئي چاندومل چوڌار،
ته پڇائي ڌيان پروءَ ڪي، جو آهي ننڍڙو ٻار.
پوءِ دمي وڌائون ديگڻ ۾، ديگڻ ڪيا ڏڏڪار،
مينگهو، مولو پاڻ ۾ خوشيون ڪن خيال،
هٽيو هٿ هٿن تي ڪن تماشا ۽ تال،
آءٌ رجهي اچي راس ٿيس پـَـٽَ ۾ پائمال،
سـُڌي ڪٽيو، سـُرڪ پريو چون چڱو چشڪي وال،
ڪٽي اچو ڪـُمچا، ٿالهيون وٺا ٿالهه،
ويهي رهيا واٽيا اُت ڪري سپ قطار،
پري رڪين تن اڳيون ڪونديون ۽ ڪـُونار،
ڪائي سپئي خوش ٿيا، ڏاڍا ڏين ڏَڪار،
پر ساعت گذري سٺ آين، آندن ڪيا گـُڙگار،
ٻوڙي نه پهتا ڊاڳي(1) تائين، ٻي ويجهي هئي نه وٽڪار،
گهرَ گهٽيون ڪـُنبون پاسا، تيڪي ڪيؤن تيار،
اها ٿئي ”گوهر“ مون گفتار، هاڻي آگو عرض اگهائي مون.

**مينگهواڙن تي سٺ:**

مٿي اين ماڙي(2) رَي خاڪ پيٺا ڪائـُون،
هيڪ ٻڌان ڳنڍان نا، پيجي لڱان نا لائون،

هيٺا شبڊ ٿا ڳايون، سُٽاوڻ سيٽجي پيٺي رهو.

## مسخرن جون مسخريون:

مسخرن جون ڪوَتون ڳالهيون، سخن ۽ گفتا سوين ماڻهن جا ڏُک درد گهڙيءَ پل ۾ لاهيو ڇڏين. ڪو دم ته دنيا جي غمن المن کان آجا تاجا ٿي ويندا آهن. هنن وٽ ڪل پوڳ به آهي، ته نصيحت هدايت به آهي.(3)

### 1. مسخري:

سنڌ جو هڪ قديمي مسخرو هو ۽ هڪڙي نواب صاحب وٽ رهندو هو(4). سندس حاضر جوابي وارا پول ۽ گفتا عجيب هوندا هئا. هڪ ڏينهن نواب صاحب کي ڏاڍي چڙ چڙهيل هئي، مسخري کي چيائين ته ”ڪچهريءَ مان اٿڻ کان اڳ جي مونکي نٿو کلائين ته سوريءَ تي چاڙهيندو سانءِ.“ مسخري ويچاري ڪيئي نقل نظير پيش ڪيا. نواب اهڙو ڪِلي جهڙي پٽ! نيٺ ڪچهريءَ جو وقت پورو ٿيو ۽ نواب صاحب اٿي هلڻ لڳو. هاڻ اگهِ ڏنو ته جي ديري ۾ ويو، ته پوءِ موت اجهو آيو! سو ڊوڙي وڃي نواب صاحب جي ڏاڙهيءَ ۾ هٿ وڌائين ۽ چيائين ته ڪلين ٿو يانه؟“ نواب صاحب چيس ته ”بيوقوف، بي ادبي نه ڪر“ مسخري چيو ته ”سر ڪان مٿي ڪابه ڳالهه ڪانهي!“ نواب صاحب کلي

ڏنو. هڪ پيري اگهڻ ڪچهريءَ ۾ ڪل جهڙي ڳالهه ڪئي، جنهن تي سڀ ڪچهريءَ وارا، پيٽ وٺي کلڻ لڳا. هي نواب صاحب ڏانهن انعام ملڻ جي نظرن سان گهورڻ لڳو. نواب صاحب پنهنجي سونهاريءَ تان هٿ ڦيرايو، ۽ هٿ کي خالي ڏسي چيئين "تنهنجا ڀاڳ! مون دل ۾ چيو ته هٿ گهمائڻ سان جيترا وار ڏاڙهيءَ جا ڇڻندا اوتريون مهرون اگهڻ کي انعام ڏيندس، پر هڪ وار به نه ڇڻيو آهي!" مسخري ته پهه جواب ڏنو ته "حضور اعليٰ - اهو هٿ توهان جو هو، پر جي منهنجو هٿ ۽ توهان جي ڏاڙهي هجي، ته پوءِ ڪئين سال ويٺا ليکو جوڙ ڪرايو ها!

**2. مسخري:**

هڪ پيري ٺٺدي آدم جي ٺاٽي جي صوبيدار هڪ مسخري کي پاڻ وٽ گهرايو[(3)] ته مهمان آيا آهن ۽ اچي مسخري ٻڌاءِ، انهن کي خوش ڪر ته انعام ڏينداسون. هڪ پوليس وارو هن کي پيراٽيءَ مان آڻڻ واسطي موڪليائين، پر پليڏني ٺرٺپ جواب ڏنس ته "ڪين هلندس، صوبيدار جي ڪڙيي تي ڪونه ويٺو آهيان." سپاهي ساڳيو جواب اچي صوبيدار کي ٻڌايو. خير ڳالهه آئي وئي، هڪڙي ڏينهن ڪنهن ضروري ڪم سانگي پليڏنو ٺنڊي آدم آيو. هن کي ڪنهن سنتريءَ ڏسي ورتو، سو ڊوڙي اچي صوبيدار صاحب کي سڏايائين. صوبيدار هڪ مسلح سپاهي

Gul Hayat Institute

موڪليو، ته وجي ڪنپي اچينس. سپاهي هن کي ٿاڻي تي وٺي آيو. صوبيدار پڇيس ته ”پليڊنو تون آهين؟“ هن چيو ته ”ايئن چون ٿا.“ پوءِ سوار ڏي نهاري چيائين لاهينس پٽڪو. پليڊني هڪدم سوار جو پٽڪو ٽَڦڙ هٽي ڪيرائي وڌو ۽ صوبيدار کي هٿ جوڙي چوڻ لڳو، ته سائين ٻيو ڪو حڪم؟ صوبيدار کان ٺهڪ ڇڏائي ويو ۽ چيائين توکي ڪنهن چيو پٽڪي لاهڻ جو؟ هن چيو سائين پوليس عملدار جو حڪم هو. مون سمجهيو ته هي سپاهي ڪوڙ بدوڙ هڻندو هوندو ۽ شايد وڏو چغلخور آهي. صاحب جي چوڻ ۾ ناهي، تڏهن حڪم ڪيو اٿس لاهينس پٽڪو! هي ڪم تمام تکڙو ڪرڻو پيم!

**3. مسخري:**

هندن جي وهانءَ ۾ هڪڙي وڏي ڄڃ، ٻيراڻيءَ جي سراءِ ۾ اچي لٿي هئي. پليڊني کي خبر هئي، ته مسخري اوس وجهرائيندا. سو ڪٿان ڳوهه ڦاسائي هڪڙي طس کي سوراخ ڪري ان ۾ وجهي مٿان بند ڪري رکي ڇڏيائين. رات جو سڏ ٿيس ته طس مٿي تي رکي اچي واڻين کي چيائين ته ”پائي! آءٌ مسخري پوءِ وجهندس، اول وجان ٿو ٿندي آدم، طس ۾ منهنجي زال جا زيور ۽ ڳهه ڳهڻا پيل آهن. سياڻي پائيچاريءَ جي ڪاج تي وڃڻو اٿئون، سو گروي رکي ٿو اچان، مٿان دڪان بند ڪري سيٺيون وجي سمهي

نه رهن. هڪڙي واٽيي چيس ته گهٽو گهرجئي، هن چيو ته پورا سئو روپيا. واٽيي چيو ته انعام ڪان پوءِ باقي پئسا وجهي، توکي سؤ پورا ڪري ڏيندس، پوءِ شروع ڪيائين: (1)

اول ۾ الله پلو، سائين وڏو ساهه پلو،
اتر وارو پير پلو، داتا دستگير پلو!
ونئڻ جي تان سندي پلي، مينهن تان ڪندي پلي!
سياري ڪان اونهارو پلو، پرٽئي ڪان ڪنوارو پلو!
سڪيءَ ڪان ٻوڏ پلي، ڪٺيءَ ڪان، گوڏ پلي.
پلي ۾ پلاءُ پلو، سيوهڻ ۾ شهباز پلو!

**تانگهڙ گـِڙ گـِڙ تان.**

هن گهٽيون اهلون، چبارا ۽ مسخريون، چرچا پوڳ ۽ سانگ ڪري پئنچات کي ڪلايو، پڇاڙيءَ ۾ انعام رکو پنج روپيا مليس. ان تي ڪاوڙجي چيائين ته واه سائين واه! مونکي ٿندي آدم به ڪونه وجڻ ڏنوَ ۽ پاڻ به پورو انعام ڪونه ڏِنوَ! هاٽي ٿندي آدم جا سيٺيون سمهي پيا هوندا. جي ٿيڙ ٿو واپس ڪٽيو وجان ته زال موچڙا هٽندي، تنهنڪري توهان وٽ امانت رکيو ٿو وجان، صبح جو اچي ڪٽندس. ائين چئي ٻاهران در ڏيئي وري اچي چيائين ٿورو ترسو ۽ نڪاءُ ڪرايائين لٺ، طس ڪي. پاڻ ٿپ ڏيئي ڪٺ تي چڙهي بيٺو. ڳوهه ڪاهي پئي واٽين ۾. ڪي ستا پيا هئا، ڪي ليٽيا

پيا هئا، ڪي بيخبر ويٺا هئا. بس ڳوٺ جي پچ پچان ۾ ڦوڪن واٽين ۾ ڌمچر مچائي وڌو. هنن ۾ هلر هول ڌسي هيءُ چوڻ لڳو واه ڙي دهري تنهنجو سون! واه ڙي ڪنمال تنهنجو جرڪو! واٽين جو ساهه مٿ ۾ اچي ويو، چون ته پلينا پڳوان جي نالي جهلينس نه ته شپوءَ (صبح) جو اُڙد (ڀير) ڌوتين جو ڌوئٽو پوندءِ! اڙي بيڙيءَ ڀڏا پڪڙينس نٿو! هڙئي راج مهاچڻ رولي ۾ پئجي ويئي آهي!

## 4. مسخري:

هيءُ هڪ نظم سندس ٺاهيل، ڳاڌين ۾ ترنم سان چئي ماڻهن کي خوش ڪندو هو: (1)

ٽرين وٺي هليو مسٽر دائود خان

ٽِيٽي به مان آهيان، ٽڪيٽ ڪليڪٽر به مان آهيان،

گارڊ جو مون ۾ گمان - ٽرين وٺي هليو مسٽر دائود خان.

سندس پيءُ وفات ڪئي. ان جي کاتي تي ڪجهه زمين جو ٽڪر هو. هن پنهنجي کاتي ڪرائڻ لاءِ تعقلي جي مختيارڪار صاحب کي درخواست ڏني، جنهن ڪيس گهرائي چيو ته ڇهه مهينا ترس، پوءِ کاتو ڪيو ويندو. ٺهه پهه صاحب کي چيائين ”تڏهن آءٌ ائين سمجهان ته ڇهه مهينا بابو مئوئي ڪونهي؟“ مختيارڪار ڪلي پيو ۽ کاتو ڪرڻ جو حڪم ڏنائين.

## 5. مسخري:

هڪ مسخري چيو ته ”مون ۽ بابي مسخري وجهي وجهي پورا هڪ سئو روپيا گڏ ڪيا. پوءِ اچي ڳڻتيءَ ڳڙر ڪان ورتو ته متان چور پئسا چورائي نه وڃن. تنهنڪري هنن کي سَجائتو ڪجي. نيٺ صلاح بيهاريسون ته “مون چيو ته به گڏهيون ڪٺي وٺون بيئي پيءُ پٽ پنهنجي سر خوش رهون، بابو چوي ته آءٌ گهوڙي ڳنهندس، مون کي گهوڙيءَ تي چڙهي گهمڻ جو ننڍپڻ کان وٺي شوق آهي. آخر بابي وارو مشورو قبولي، گهوڙيءَ ڪاڻ پڇائون ڳاڇائون ڪيوسين. هڪڙي ويچوال جو نصيب ڦٽو، تنهن اسان کي سئو روپين ۾ گهوڙي ڏيڻ منظور ڪئي، اسين بئي پيءُ پٽ تاڙيون هڻندا ٺهڪ ڏيندا گهوڙي ڏسڻ وياسين. ڏسون ته گهوڙي آئني ۾ بيٺي چري، پر وَلـَرَ ڪانگن جو مٿانس والارا پيو ڏي. هڪل ڏنيسونس ته هڪڙي ڪن ڪان سٽي بي مان ڪڍي چڏيائين. تنهن تي مون وٺي زنبوٽا بچيا مانس ته دنب مٿي ڪٽي پستيون هٽي بيهي رهي! پوءِ ته مالڪ ٺنگ ۾ ٺوڙهو، ڳچيءَ ۾ ڳراهو وجهي ٻاهر گهلي آيس. چا ڏسون ته پنن تي ڦٽ، چيله تي چٺا، منهن ۾ بانو، اک ۾ داڻو، اُبت ڏاٽي چـَڙُن ڪاٽي، چٽ نپاڳي، چڙه ته تعدي، پر ڏٽي چئي ته سؤ روپين مان تڪو به گهٽ ڪونه ڪندس. بابي کي شوق ڪنيو بيٺو هجي، ته ڪيئن به ڪري چڙهي آنتو ڏياريانس. هن جو بل ڏيئي چڙهڻ ته اها ڏرتي

Gul Hayat Institute

اهي پير، وري جو اچي چٽن تپايس ته نرا ڪٽي پوين پيرن تي بابي کي ڪواز ڪرائڻ لڳي. مون سنڀال ڪئي ته هائو ٻيلي، گهوڙيءَ جا پير اُٺڙي چڪا آهن ۽ بابي جون ٻه متيون منجهائي رکيون اٿس. هاڻ ٻيئي ڪرڻ کي ٻنھ ويجها آهن، هاڻي چاڪريان؟ جي بابي کي ٿو ٻـڪ وجهان ته سؤ روپين واريءَ گهوڙيءَ جو سر ٿو وڃي ۽ جي گهوڙي کي ٿو تري ڏيان ته بابي جو ٿي ٻنڊ رُلائي! پوءِ صاحب ٿيم سائي، مون وڃي گهوڙيءَ کي ڳچيءَ ۾ پاڪر وڌا ۽ مدوءَ ۾ مڪون هڻي، ڪيومانس پيرين سيرين. گهوڙيءَ جو وٺي چلانگ ڪاڏو ته بابو سائين او هـُت وڃي ڪريو.

گهوڙيءَ کي ڪاهي همراه وٺ پهتس ته پوين پساهن ۾ هو. پر سندس پر ۾ ڏسان ته ڪانئس ٻه وڏي واردات پر ۾ پئي آهي، چيم ته ماڻهو ڪلندا چوندا ته اسماعيل مسخري جي پيءَ اها واردات ڪئي آهي جو گهوڙيءَ تان ڪرندي ٿي وئي. وٺ ڦڪڙي! اسماعيل ماٺ ڪري پهرين واردات جو بلو پيٽي ڪر پوءِ پيو پٺهين سان سرچجانءِ. سائين، اول واردات ڪٽي دفنائڻ جو خيال ڪيم. بازار مان وڃي چار چؤبڪا، هٿا ڪٺا، ٻڪيءَ نوڪ ٻـُچي ڪرايي تي ڪري آيس ۽ پاڻ سان ورتون ۽ واجھ به ڪٽائي آيس. اڇڻ سان واردات کي اٿلائي پٿلائي ڏاڍا قابو رسا ٻڌائي، ڪٽي ٻچين کي مٿا ڏياريم ۽ ڪنهن پراڻي قبرستان جو پڇائي واردات

ڪٽائي ٺيس روانو. مقام ڪو پرپرو هجي ۽ هلندي هلندي اچيو ٺي خدا جي رحمت وسي، اهڙو ته مينهن جو چچڪو آيو جو واردات ڳرڻ لڳي، هيٺ لاهڻ جو حڪم آءٌ به نه ڏيان. ويچارا سچي واٺ واردات جون ليڳاڙيون ڇٽيندا ڇٽيندا نيٺ اچي مقام تائين پهتا.

**6. مسخري:**

(الف) هڪڙي پيري بدين يارهينءَ جي ميلي تي مٺيهار ڪو سامان وڪڻ ويو(1). بدين جي بازار ۾ پنهنجي وکر جو هوڪو ڏنائين "اڳٺ ڦٽي، زال ويئي مڙس ڪي وٽي". هڪڙو مختيارڪار جو نائڪ اتان بار بچا وٺيو ٺي ويو. سو هن جو هوڪو ٻڌي، ڪاوڙيو ۽ بار چڏي اچي مختيارڪار کي ٻڌايائين ته هڪ اوپتوءَ ماٺهوءَ مون سان ٺٺولي ڪئي آهي. مختيارڪار جو اتي جو مئجسٽريٽ به هو، تنهن هن کي گهرايو. عثمان اتي پهتو، مختيارڪار دپايس ته ماٺهن سان مسخريون ٿو ڪرين! مان ٺيپ ڏيئي چڏيندوسانءِ. هن آلو پولو ٺي چيوَ ته سائين مون کي خبر ڪانهي ته هٿ اڳٺ ڦٽي رڪندڙ زال، ماڻهن کي ڪانه وٽندي آهي؟ مختيارڪار چيس نالائق نڪر ٻاهر ته هٽئين نه لت! انهيءَ تي عثمان چيو مالڪ، ٺيپ ڏئي چڏين ها، ته ارمان ڪونه ٺئيم ها پر اهو گڏه واري لت جو دڙڪو تو جهڙي ماجسٽريٽ جي منهن تي نٺو پوي.

**7. مسخري:**

بدين ۾ يارهين واري ميلي تي شيدين مغرمان تي ناچ پي ڪيو ۽ هي پي چيائون:

اي! لا الا الاالله محمد رسول الله، پير بدين وارو.

اهو ٻڌي عثمان به انهن جي وچ ۾ وڃي نچڻ بيٺو ۽ چوڻ لڳو:

اي! لا الا الاالله محمد رسول الله، عثمان ستابيءَ وارو!

ستابي، سندس ماءُ جو نالو هو. اهو ٻڌي هن ڪي شيدي پير اڳيان وٺي ويا ۽ اهو ڪلام ٻڌايائونس، پير هن کان پڇيو ته تو اسان جي نالي تي چو مسخري ٻڌي آهي؟ هن چيو ته سائين لا الا الاالله محمد رسول الله ته ٻڌو اٿم، پر اڳتي واري ڳالهه اڄ ٻڌي آهيم، تنهنڪري دل چيو ته آءٌ به پاڻ تي هڪڙي اذ ڳالهه جوڙي ڇڏيان. پير ڦڪو ٿيو وري شيدين کي ائين چوڻ کان هميشه جي لاءِ منع ڪري ڇڏيائين.

(ت): ٻي هڪڙي مسخري، مسخري وجهي پوري ڪئي ۽ ڪپڙو وڇائي چوڻ لڳو ته “هي پلاند پيران پير، داتا دستگير جو اٿو، مسخري سموري سئي اٿوَ. هاڻي بيٺل سپئي سنگتي پئسا اڇلي هي جهولي پريو. آءٌ انهن مسخرن مان ڪونه آهيان، جيڪي چوندا آهن ته: جنهن وٽ ناهي تنهن تي ميار ناهي يعني هوندي تي هونگار، اديون شاهه لطيف جئي. ٻيلي سچي پڇو ته منهنجو پاڙو ڪٺو پيو آهي. سو جي

ڪنهن وٽ پئسو ڏوڪڙ ناهي ته مهرباني ڪري پاسي واري همراه کان ڪجهه رقم چڏائي به منهنجي پورت ڪري، نه ته ڏينهن قيام تائين ڪين بخشيندو سانوَ!

## 8. مسخري:

هڪڙو مسخرو عربن سڳورن وارا ڪپڙا ڍڪي يعني ڊگهو چوغو، مٿي تي منديل (رومال) ان جي مٿان عمامه (نوڙو) ويڙهي، رمضان شريف جي مهيني ۾ ڪنهن ٻهراڙيءَ ڳوٺ جي وڏيري وٽ اچي ٽڪيو. هنن هن کي عرب ڄاڻي نماز پڙهائڻ لاءِ منٿ ڪئي. هن چيو ته آءٌ بيمار آهيان ۽ گهڻي مسافري ڪئي اٿم هت توهان وٽ آرام وٺڻ جي لاءِ آيو آهيان: البت جي حياتي آهي، ته توهان کي عيد نماز پاڙهيندس، پوءِ هو سڄو رمضان مال مليدا کائيندو رهيو. جڏهن عيد جو ڏينهن آيو، ته هن کي جام فطرو ۽ پاڪرون مليون. کيس گهوڙي تي چاڙهي سرگس ڪڍي عيد گاهه ڏي نيائون ۽ کيس نماز پڙهڻ جي لاءِ امام بنايائون. مسخري ڏاڍي مخرج سان قرآن شريف جي قراِّت ڪئي، جنهن ۾ الحمد ۽ الحمزه جون سورتون پڙهيائين پوءِ رڪوع ڪيائين. انهيءَ ۾ پندرهن ويهه منٽ لڳي ويس جو جهلي جهلي وڏي آلاپ سان ۽ شد مد سان هڪ هڪ اکر ٿي چڪي ڪديائين. جڏهن پهرئين سجدي ۾ ويو ته پورو اڌ ڪلاڪ لڳس انهيءَ وچ ۾ جماعتي يعني نمازي مقتدي،

ٿڪي ٿڪي مٿي ڪنڌ ڪٽي ڏسڻ لڳس ته جيئرو آهي ڪ مري ويو. پر ڏسن ته چري پري پيو اڄا سجدي ۾ آهي، اڌ ڪلاڪ ڪان پوءِ ڪنڌ مٿي ڪٽي الله اڪبر ڪيائين ۽ وري الله اڪبر چئي ٻئي سجدي ۾ ويو. ماڻهن کي پڪ ٿي ته اهو به پهرئين وانگر ڊگهو سجدو ڪندو، تن ڪنڌ مٿي ڪونه ڪنيو ۽ هي آهستي آهستي ڪري يڪدم اٿي وڃي گهوڙي تي چڙهيو ۽ گهوڙو هڪلي هليو ويو. جڏهن جماعتي گهڻو وقت سجدي ۾ پئجي پئجي ٿڪجي پيا ته هڪڙي ڪنڌ مٿي ڪٽي ڏٺو، ته امام آهي ئي ڪونه. سو ٻين کي رڙيون ڪري چيئاين ته اُٿو اٿو امام اٿوَ ئي ڪونه. سڀئي اٿي ڏسن امام نه دارد! سو چوڻ لڳا ته اهڙو ته خدا جي عشق ۾ هي عرب سڳورو فنا ٿيل هو جو سجدي ۾ ئي وڃي پلي ولايت ڪان نڪتو. واه واه! جڏهن مسجد ڪان ٻاهر آيا ته وڏيري چيو ته ابا منهنجو گهوڙو به گم آهي، هاڻي پڪ وجي ولايت ڪنئي هوندائين.

پوڳاين جا پوڳ:

سنڌ ۾ انيڪ پوڳائي مشهور آهن، جن جا ڪيل پوڳ راڄن ۾ مشهور آهن.

**1. پوڳ:**

هڪڙو پوڳائي شڪاري مٿيارين جي سيدن وٽ رهندو هو ۽ ڏاڍو پوڳائي هو. موقعي ملڻ تي مالڪن سان

چرچو ڪندي ڪين گسندو هو. سيد به ساڻس گهٽيون جٺيون ۽ تعديون ڪندا ۽ ڪرائيندا هئا(1).

هڪ پيري سيدن چا ڪيو، جو جتيءَ جي ڪڙين ۾ بول پرائي پٽ سان اُپو رکائي ڇڏيائون. سومر مال چاري شام جو ڪچهريءَ ۾ آيو ۽ جتي واري بول کي تيل سمجهي انهيءَ وقت ۾ جتيءَ کي نرم ڪرڻ لاءِ تيل وجهي رکندا هئا هٿ پري ڏاڙهي ۽ مٿي کي مکڻ لڳو. هو هريل هو ۽ هميشه ائين تيل هٿ ڪندو هو. ان ڏينهن، تيل ته هوئي ڪونه، هن جو هٿ پري مکڻ شروع ڪيو ته ڪچهريءَ ۾ ٺهڪن جا ڪوڪريا پئجي ويا، پوءِ هيءُ به سمجهي ويو ته تيل ڪونهي، مٿ جي چٽ پئي اچي، سو وٺي پڳو، وجي هٿ منهن ڌوتائين. ڪي ڏينهن مٺس کلون پي ٺيون.

هڪڙي ڏينهن هن چا ڪيو جو سڪل سانڍاڻ ڪٺي چاٽي انهيءَ جي ڏابلي پري ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيائين. سيدن جي ڪچهريءَ ۾ چلم جو نڙ ۽ ناس جي ڏابلي پئي ڦرندي هئي. ڪي پيا ڦوڪ پري تماڪ جي تعريف ڪندا هئا ته گلا، ۽ ڪي ناس جو چيٽ چاڙهي هڪبئي کي ناس جي تکائيءَ ۽ مٺائيءَ جون سڌون ڏيندا هئا. سو سومر به پنهنجي ناس جي ڏابلي ڪڍي به - ٽي چيٽا چاڙهي وري ڪيسي ۾ وجهي ڇڏي، ڪچهريءَ وارن چيس ته چو؟ ناس تروجي ورتو آهي چا جو اسان کي اج صلاح به نٺو ڪرين. سومر

”اڙي“ چئي هوءَ ٻي ڪريب واري ڏاٻلي ڪڍي، سيني جي آڏو رکي. هر هڪ چيڙو پريندو ۽ سنگهيندو ناس ڪيندو ويو ۽ چيائونس ته هيءُ کهڙو نسورو گند ڪٽي آيو آهين هيءَ ناس ڪٿان ورتي اٿئي؟ تون ته پشوري ناس ڏيندو هوئين؟ سومر چيو ته برابر سچ ٿا چئو وڏا پارکو آهيو. هيءَ ناس ڪانهي پر تنهن ڏينهن جيڪو مون تيل مکيو هو ۽ اوهين ڪليا هئا هيءُ ان تيل جو ڪڙ آهي. اميد ته ادلي جو بدلي ٿي چڪو هوندو.

**2. پوگ:**

سيدن، چرچي طور سومر جي زال کي چوائي موڪليو ته مڙسهين سومر، سائين وڏي سان پرار ٻيلي ۾ مرونءَ جي شڪار تي گڏجي ويل هو. هينئر خبر آئي آهي ته سومر کي مرونءَ ڦاڙي وڌو. چوائي موڪليو اٿن ته سندس گهر خبر نه ڪجو اسان ڪيس هتي دفنائي ٿا ڇڏيون. مائيءَ کي چونداسين ته ڪم سان موڪليو اٿئونس. پندرهين - ويهين ڏينهن اچي ويندو- اها خبرداري ڪجو. پر اسان کي خيال ٿيو ته مرڻ وارو ته مرڻ کي مري ويو هاڻي مئلن جون خبرون ڪانگ به ڪندا، سو اسان توکي اها خبر لِڪِ چپ ٿا ٻڌايون. جيئن سائين وڏي کي ان جو پرو نه پوي.

Gul Hayat Institute

خبر ملڻ سان مائي ڪٽي پنڻ وڌو، خوب رني، پٽي پٽي هٽي چاتي چني رکيائين، منجهان منجھ سياڪو ڪرڻ لڳي. ٻن چئن ڏينهن ڪان پوءِ سومر سائين وڏي سان گڏ شڪار تان جيئرو جاڳندو موٽي آيو. گهر ۾ گهڙڻ سان طاق لڳي ويس. زال ڪان پڇيائين هيءُ ڪهڙو ظلم ڪريو ويٺي آهين؟ هن چيو ته سيدن مون کي رئاڙي رئاڙي اڌ مئو ڪٽي ڪيو آهي، چيائون ته توکي مرونءَ ماري وڌو آهي. پوءِ منهنجا ٻه هئا هٿ ۾ ٿيون منهن.وري مونکي ڪا دلڏير به ڪانه ڏنائون. سومر چيو نهيو، آءٌ جيئرو آهيان تون اٿي سانجهڻ ڪر. سيدن پئي سا مون پئي. ڳالھ ونئون سئون. هڪڙي ڏينهن سومر ڪارا ڪپڙا ڍڪي درياءَ پار سن جي ڳوٺ ۾ ويو، جتي سيدن جي وڏي پيڙ رهندي هئي. هن منهن مٿو پٽي اوچنگارون ڏيئي چيو ته ”اڄ سائين وڏو بهشت گهڙيو مون کي قاصد ڪري موڪليو اٿن ته قاصيداٿو پهچائي اچ. اڄ شام جو سائين کي ڪٽندا منهن ڏسڻو هجيوَ ته سيگهڙائي سان اچي رسو. بس سن ۾ماتم مچي ويو ٻڌون وڃي ويون. سيد سانباهو ڪري نڪتا. هي وري تهتان مٿيارين ۾آيو، ۽ سيدن کي چيائين ته سائين سن کان پيو اچان اڄ جيجان وڏي جهان ڇڏيو. مون کي چيائون جي وڃين ٿو، ته اها خبر وڃي ڪج شام جو ڏٽيءَ جي شيءِ ڏٽيءَ جي حوالي ڪنداسون. سيدن ۾ انهي خبر ٻڌڻ سان واويلا پئجي

ويئي. يڪدم اُنن تي پوش وجهائي درياءَ تي آيا ته پتڻ اُڪرڻ. اجا پتڻ تي پهتا ته ڏسن ته سن وارا سپئي منهن مٿا پٽيندا اچي لٿا. هيڏانهن هنن به ڪٽي پٽ وڌي. اصل محشر برپا ڪري ڇڏيائون. پوءِ هڪ ٻئي کان پڇيائون اوهين ڪيڏانهن ٿا وڃو؟ سن وارن چيو ته مٿيارين ۾ جو سائين وڏو گذريو آهي ۽ مٿيارين وارن چيو ته سن ۾ جو جيجان وڏي گذري آهي. آخر معلوم ٿين ته اهي ٻئي جيئرا آهن، پوءِ هي مسخري ڪنهن مچارائي آهي؟ پتو پيو ته سومر شڪاري اهو پوگ ڪري سيدن کي هلاڪ ڪيو آهي، پوءِ وڃي گهلي گهران ڪڍي آيس. سومر چيو ته منهنجي زال به نڌڻڪي ته ڪين هئي، جنهن کي توهان منهنجي موت جو نياپو ڏئي ڪٽي بڇڙو ڪيو هو.

## 3. پوگ:

هڪڙي پيري چاندين جي بنگلي ۾ گهڙيس ته هڪڙو پؤتار ويٺو هجي(1). ويجهو وڃي سلام واريو مانس ته جواب ڏنائين، وري هٿ ٻڌي پڇيو مانس ته پؤتار اوهان ياڻ شريعت جا ڪير آهيو؟ چيائين ته "مان خانصاحب ڪوئنريجو(2) آهيان" پوءِ مون کان پڇيائين ته "ابا، تون ڪير آهين؟" مان چيو ته "سائين، مان خانصاحب ٿيي جو آهيان." چيائين ته مان اج تائين اِهو قبيلو ڪونه ٻڌو آهي! مون چيو "سائين، سؤ پيرا سئو هوندو. ڪؤنرو ۽ ٿيو ٻئي

هڪڙي آويءَ مان پچي نڪتا آهن. تو هان ڪؤنريجا آهيو ۽ مان ٿپيجو آهيان. ان ڳالھ تي پوتار ڏاڍو ڪليو.

**4. پوگ:**

هڪڙو ڪاڏو هاري پنهنجي زال کي جنهن تنهن ڳالھ تان هيسي چوندو هو ته ”اجا منهنجي اک ڪانه ڏٺي اٿئي“. هڪڙي پيري (ڪاڏو) ڪٺي پيس زال چيو ته وڃي زميندار کان وٺي اچ. زميندار، جو ٿوري گهڻي طبابت به ڪندو هو. تنهن کي ورهيي لاءِ منٿ ڪيائين. هن چيو ته هينئر اسان پاڻ ڏولائن ۾ آهيون في الحال وڃي پٽي سٽي پوري ڪر، پوءِ جون ڳالهيون پوءِ سان. هي موٽي گهر آيو ۽ ڪياڙي ڪنهڻ ويٺو. زال پيڇس ته زميندار چا چيو؟ هن چيو ته اَن ڏيڻ کان انڪار ڪيائين. زال چيو ته پوءِ اک نٿي ڏيڪارئيس؟ هن چيو هائو. اک ڏيڪاري مانس، چيائين ته اها ڪانه ٿيندي گهڻن ڏينهن جي جهريل آهي.

**5. پوگ:**

هڪ ڏينهن داڪٽر کان تپ جي دوا وٺڻ ويس. مون کان پڇيائين ڪڏهن کان تپ آيو اٿئي ۽ ڪيڏي مهل ايندو اٿئي؟[(1)] مون چيو ته سائين اٺ ڏينهن ٿيندا ته بيهر تپ ٿو اچيم، چيائين ته سمجهيم توکي ”واري جو بخار“ ٿي پيو آهي. مون چيو ته نه سائين واري جو ڪونهي هڪ نه ٻئي ڏينهن تپ ٿو اچيم. ڪاوڙجي چيائين ته پوڪ انهيءَ کي

ته واري جو بخار چئبو آهي. مون چيو ته سائين، واري جو بخار اهو، جيڪو اڄ مون کي اچي ته سُپاڙي وري توکي اچي، ڪلي پيو.

### 6. پوڳ:

قادو ۽ محمد مسخرو پٽ شاهه تي پاڻ ۾ گڏجي مسخري وجهڻ لڳا. قادوءَ کان محمد پڇيو ته اڙي ذات جو ڪير آهين؟ قادوءَ سنجيدگيءَ سان جواب ڏنس ته ادل، مان ٻروچ(2) آهيان. محمد چيس ته شيدي، شيديءَ جو پٽ، تون وري ٻروچ ڪيئن ٿئين؟ قادو چيو ته مان پراڻو بلوچ ناهيان، مان نون مهينن کان تازو ٻروچ ٿيو آهيان ۽ ٻروچ ٿيڻ ۾ ڏاڍيون تڪليفون ڏٺيون ۽ مصيبتون جهليون اٿم. شل ڪنهنجو ڪتو به ٻروچ نه ٿئي! تنهن تي محمد چيس ته ٻروچ ٻڌنداءِ ته هٿي ڪچونبر ڪڍي رکنداءِ. هن چيو ته هينئر ٻروچن جي صاحبي ڪانهي. پاڪستان سچو مارشل لا جو ملڪ آهي. آئون به اڳي شيدي بادشاهه هئس جو افريقا ۾ منهنجن پائرن جون پنجاهي کن بادشاهيون آهن. وڃي پڙهيلن کان پڇي ڏس، جيڪي روز اخبارون ٿا پڙهن. تنهن ڪري سنڀالي ڳالهاءِ. جهڙو تهڙو ته مان به ناهيان، پر شوق ڪٽي ٻروچ ڪرايو اٿم. محمد پڇيس ته ڪيئن ٻروچ ٿيو آهين؟ قادوءَ چيو ته يار ڳالهه ئي نه پڇ جي اهي اهنج سامهون ٿا اچنم ته اندر ئي سڙيو وڃيم. نه نه، هاڻ چئي

ٻڌاءِ. چڳو ڀلا سڻ، “ڀهريان ٽي مهينا، هٿ منهن ڌوئڻ ڇڏي ڏنم، ٻيا ٽي مهينا وارَ وڌائڻ به ڇڏي ڏنم، پر ٽيان ٽي مهينا ڪپڙا ڌوئارڻ ته نهيو، پر طهارت ڪرڻ به ڇڏي ڏنم، تڏهن وڃي مس مس چند ٻروچن ۾ شمار ٿيو آهيان!

**7. ڀوڳ:**

قادوءَ چيو ته هڪ رئيس وٽ مسخري وڃهي ڪجھ گهريم، چيائين ته موڊ ۾ ناهيان، وري هڪڙي ڀئي هنڌ ويٺو هو نشا ٻشا ڀئي ڪيائين، انعام گهريو مانس ته چيائين تو ته موڊ ئي ڦٽائي ڇڏيو. تنهن تي چيومانس ته سائين موڊ منهون ڪونه آهين باقي سونڊ منهون ضرور آهين!

**ٺوڪون:**

ٺوڪون هونئن ته گهڻن ئي قسمن جون آهن. اسان ٻين ڪي ڇڏي هت رڳو تهذيب واريون ۽ پهاڪن، اصطلاحن ۽ چوڻين واريون ٺوڪون ڏيون ٿا:

پهاڪن ۾ ٺوڪون:

* اڙي منهن لٿل اٺئي صبح جوڳهين ڪان مار ڪائي آيو آهين چا؟

* منهن تي ٻلي گيسي ڪري ويئي اٿئي!

* صبح سان جهرڪي پونڊو ڏيئي ويئي اٿس!

* انهيءَ ڪم ڪرڻ لاءِ ڪو ڪولهي ٻولهي ڳولھ!

* پيٽ ۾ پوليس ڀئي ڊوڙي ۽ آنڊا قل پيا پڙهن!

* پڇاڙيءَ جو پيرو آهي: مئي تي ياسين!
* منهن ته چڻ چٽ جو مُنهن! حلوي کائڻ لاءِ مهانڊو گهرجي!
* ڇڄ ۾ ڇچا نه لپي، چي، آءٌ گهوٽ جي ڦڦي!
* کنيئون گهران ئي ڪونه، ڦريا رستي تي!
* ڏيڏريءَ کي به زڪام ٿيو آهي!
* منهن نه مهانڊو، گڏه جو بولانڊو!
* نڪ نه ناسان، ڪٺ چڙه پـَـه ڪاسان!
* ڪودي به خوش ٿي آهي، ته مون کي ڏٽين سڄاتو آهي!
* گهر وچ نڪر نلهي، ٻاهر شير بهادر ٻلي!
* آئي رات، وڃهي وات!
* آئي ٿانڊو ڪٽڻ، ٿي وينٺي بورچياڻي!
* ٿلهو ته اهڙو آهين، جو منجهئي راڄ ڊاپن!
* ڪائڻ مهل ڪرو، ڪم مهل پرو!
* رلي هڪڙي، ڇٽا چار، جيڪو پهرين اچي سو پائي سجهي، باقي پيا ڳلن کي هٿ ڏيئي رات نبيرين!
* هيءُ ته پيٽ تي به مهانگو اٿوَ!
* پاڙين ٻڌو اٿو ته دلي اڍائي ڪوه!
* اک نهي ئي ڪانه ڪبڙ خان چنڊ ڏٺو!
* ماءُ جنڊ ڪيڏي، پٽ ڦڙڪا پائي!
* لپي لٺ به ڪانه، چي، بابي جي گهر بندوقون!

* ڪوڏي وات ۾ وجهي ڪٿينس! حرام ڪو ڪچي!
* اهڙو مرچوٺ جو ڪاٺي ماني تان ڪل نه لاهي.
* چورن جو ٻڍي، رلي منهن تان ڪير لاهي!
* وڏو وهانءُ ٻن دمڙين جو!
* رت ڏني ڪان پوءِ ڪنهن جو يار ناهي!
* رُسي آهي گهوٽ سان، ڳالهائي نٿي ڳوٺ سان!
* ماني آهيس ڍؤ تي، موچڙوآهيس گهٽ!
* پوئي ڍائي سان شل نه ڪنهن جي پوي!
* مسيت سڳوري پاڙن سان ڪيون اٿئي!
* شايد هاضمو خراب ٿي پيو اٿئي!
* هروپرو پنهنجي بيعزتي خراب نه ڪراءِ!
* ڪٺي منهن سنبوسي جهڙو اچي اڳيان بيٺو آهين!
* پاڙين کي پاڙيون پائي ڏيو پاٽ ۾ ته ڪاءُ چاچا ڪاءُ!
* پاڙي ڏئي مڻ ٿاهيو ماڳ مانيءَ جو.
* پاڙين مٿان پٽ، ڪانگن ڪيرائي.
* حرامڙو هٽي به پاڱا ڪٺي
* حـُـتوءَ جو چرچو ماءُ ۽ پيڻ سان.
* چونچن گهر چلا پڪا چونچا ننڍا وڏا نچڻ لڳا.
* جيڪي لڳي سو ڪاٺيءَ اک ۾.
* متو آهين مچ ٿلها ٿو ٿونا هٽين
* ٿلهو ماٺهو خواه مخواه معتبر

Gul Hayat Institute

## *نظر ڪري نهار پوٺ ٻچيءَ جو ٻچڙو.

(1) انگريز، ڪتن تي نالو ٽيپو رکندا هئا. ٽيپو سلطان، دکن هندستان ۾ بادشاه ٿي گذريو آهي. هو وڏو محب الوطن ۽ بهادر بادشاهه هو انگريزن کي ميسور جي لڙائيءَ ۾ ٽوٽا چٻارايائين. انگريزن هن جي بيعزتي خاطر ڪتن تي اهو نالو رکيو. اسان کي کپي ته پلجي به ڪتن تي اهو نالو نه رکون ۽ نڪي سڏيون. (ليکڪ)

(2) نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)

(2) نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)

(1) نظرثاني ڪندڙ پاران واڌارو آهي. (ادارو)

(1) مٿيون قصو بلڪل سچو آهي، پر هيئن: مياڻي واري جنگ مان ڪي سرائي ڀڳا هئا. (ليکڪ)

(1) هيءَ سِٽ شادي خان لغاري ويٺل ڳوٺ راوت خان لغاري تعلقي ٽنڊي الهيار جي کان ملي، جا سگهڙ گوهر جي چيل آهي. (ليکڪ)

(2) لڙهه = هڪ ڳوٺ جو نالو تعلقي ٽنڊي الهيار ۾.

(3) گهندي = ڪنرو يا ڪن ڏيڻ.

(4) دنبي: ٻيري هڪ وڻ.

(1) خيرو: سندس مائٽ.

(2) چنبڙ: ڳوٺ ۾ ٽاٽو.

(3) سچينو: جنهن ٻچ ڪئي هئي.

(4) سوار: پوليس جو ماڻهو.

(5) محافو: سواريءَ جو قسم.

(6) راهب: سندس وڏو پاءُ.

(7) جاسين: ياسين قرآن شريف جي سورت.

(8) ڊار: رُلي رُلي ڏڪي ٿيل.

(9) اسم: نار يا هرلا.

(10) گوهر خان، شادي خان جو نانو هو ۽ راوت لغاري تعلقي ٽنڊي الهيار جو رهاڪو هو. واٽين ڪي چيزائڻ ڪاڻ هي سٽ سٽي هئائين. (ليڪڪ)

(11) پانڊو: لنڊو، پڇ وڍيل.

(1) لوئي: شريان يا شهنس، جنهن مان رت وهي ويندو آهي.

(1) ڊاگو، واريءَ واري ڪڏ.

(2) ماڙي، پٺوري پير جي، تعلقو سامارو ضلعو ٿر پارڪر ۾ آهي.

(3) هن پٽ ۾ اڳڻ مسخرو اول، پوءِ پليڏنو بيراٽيءَ وارو. سومر شڪاري مٺيارين وارو، دائود مسخرو دادوءَ وارو، ۽ موجوده وقت ۾ محمد خان (خانصاحب سرٿو) مسخرو دادوءَ وارو ۽ قادو شيدي ماتليءَ وارو مشهور مسخرا هيا. (ليڪڪ)

(4) اِها ڳالھ اڳڻ مسخري جي آهي. (ليڪڪ)

(3) اها ڳالھ پليڏني مسخري بيراٽي واري جي آهي. (ليڪڪ)

(1) اها ڳالھ پليڏني مسخري جي آهي. (ليڪڪ)

(1) هيءَ نظم ۽ ڳالھ دائود مسخري دادوءَ واري جي آهي. (ليڪڪ)

(1) هي ڳالھ نالي عثمان ميمڻ طنبوري واري جي آهي، جيڪو ٽنڊوالھٰ يار جو رهواسي هو. (ليڪڪ)

(1) هي پوڳ سومر شڪاري جا آهن. (ليڪڪ)

(1) هيءَ پوڳ خان صاحب سروٿو عرف محمد خان مسخري جو آهي. (ليڪڪ)

Gul Hayat Institute

(2) ڪوريجا: اصل راجپوت ڪونئر جي اولاد آهن. (ليکڪ)

(1) هيءَ ڳالھ قادو شيدي جي آهي. (ليکڪ)

(2) بلوچ: بلوچستان جي رهاڪن کي چئبو آهي. اتي جا شيدي جن کي اسان مڪراني ٿا ڪوٺيون سي به پاڻ کي بلوچ سڏائين ٿا. بلڪ هندو به پاڻ کي بلوچ هندو ڪوٺائين. (ليکڪ)

Gul Hayat Institute

# باب يارهون

## راند روند

راندیون ماڻهوءَ کي صحتمند، چست ۽ چؤبند رکن ٿيون. هن اسان جي ڏيه يعني سنڌ جي ساڃيه ۾ تمام گهڻن نمونن جون رانديون کيڏيون ويندیون آهن. انهن مان کي راتوڻيون يعني چاندوڪين ۾ ۽ ٻيون ڏهاڙڪيون آهن، کي سڪيءَ يعني ڌرتيءَ جي مٿاڇري تي ته کي پاڻيءَ ۾ پلٽي کيون ٿيون وڃن، کي آسمان جي پولار ۾ رانديڪن جي اُڏائڻ سان ته، کي کڏون کوٽي کيڏيون ويندیون آهن. رانديون، هڪڙيون نينگرن جون ته ٻيون نينگرين جي لاءِ، کي مڙساڻيون ته کي زالاڻيون ڌار ڌار ڍنگن جون ٿين.

مرداڻين راندين ۾ هڪڙيون ٻل، ٻوڌ ۽ سگهه واريون، جن ۾ حرفت ۽ حرکت به اچي وڃي ٿي. تنهن کان سواءِ سير شڪار، نچڻ ڪڏڻ، شرطون پچائڻ به راندين ۾ شامل ڪيل هوندو آهي. ورزشون، ڪَسرتون، جانبازيون به راندين جائي قسم ڪري ڳڻيا ويا آهن. وري انهن ۾ کي ليکن جي ڦانڌن يا ڪوڏر قطعن يا ڪپن کنيل رانديون

ٿين.ڪي ڳڌ يا بد، ڳل ۽ ڳلٽيءَ واريون پڻ هونديون آهن. ان کان سواءِ ڏڙهي يا ڪينهوڙي واريون ۽ ٻڪ ٻوڙ واريون ڳهٽي ۾ ڳهٽيون رانديون هلندڙ آهن.

رانديون ڪي ٿولين يا ٿولن ۾ ميڙن سان ٿيون کيڏن، ته ڪي اڳواڻن يعني هارين جي هدايت ۽ حڪم هيٺ هونديون آهن، پر ڪي پنهنجي سر چڙيون چـُڙ ٻانڊ رانديون به ٿين. ڦرڻ، ڦيرائڻ، ڦيراٽين ۽ ڦرموٽين واريون رانديون ۽ رانديڪا الڳ هوندا آهن. مينهن جي مانداڻن، برسات جي بوهرن، بارش جي بد بدن، پلرُ جي پالوٽن، اوهيرن جي اوڪن ۾ چاچر جي چيرن جون، موج مستي واريون رانديون ٿينديون آهن. ٻيو آهن واقعاتي ۽ اسڪولي رانديون، جي ٻارن کي پڑهڻ سان گڏ سيکاريون ۽ کيڏايون وينديون آهن.

1- راند ڪرڻ جي شروعات: ٻارڙا سريلي ۽ جهيلدار آواز ۾ چوندا:

اڪ جي ڪاٺي، نم جو پايو، راند جو سعيو،
جيڪو نه ايندو تنهن جي ناني ڳڪي،
چلهه جي پوئتان چڪي.

ايئن چوندا سڄي پاڙي يا ڳوٺ، واهڻ ۽ وسيءَ جو چڪر هڻندا وتندا، جن به ٻارن کي خبر پئي پوندي سي

Gul Hayat Institute

ٻوڙندا ٻوڙندا اچي ماڳ تي مڙندا. پهرين ڪندا نبيرو ته ڪهڙي راند ڪجي ۽ آگ ڪير ٿو ڏي.

**آگ ڏيندڙ: ڪيڏڻ وارن مان هڪڙو چوندو:**

هيڏي هيڏي پاڳ، ڪنهن جي پيءُ تي؟ [هٿ ڪولي اشارو ڪندو] جي ڪنهن پاٽهي چاٽهي چيو ته: منهنجي پيءُ تي! ته اهو آگ ڏيڻ لاءِ تيار ٿي بيهندو، پر جي ڪو پيءُ جي پاڳ رکائڻ لاءِ راضي نه رهيو، ته پوءِ پڪيڙيندا جدولون ۽ ڪنڌيون (جنهن تي فال پوي) ٻار سپ قطار يا صف ۾ ٿي ويهندا هڪ هڪ تي هڪڙو لفظ هڪ ٻار سچيندو ويندو، جنهن تي پويون لفظ پهتو اهو ڇٽو. وري ان جي پر پر واري ڪان جدول جاري ٿيندي. تان جو باقي هڪ وجي بچندو، جيڪو اٿي آگ ڏيندو.

1. موڪ: اِرچڪ، مرچڪ، ڏاما، ڏرچڪ، آگ پٿولڻ، نانگڻ، جوڳڻ،

ڪارا، ڪٿا، ٻٿا، ڇٿا. ڇٿا وارو نڪري ٻاهر ٿيندو.

2. موڪ: اُرم، ترم، تال، متال، مڪا، چڪا، فال، فرنگ، لاٿونگي، ٿيٿونگي، چل. چل وارو نڪري ٻاهر ٿيندو.

3. موڪ(1) وَڪٿ (يڪٿ)، لئين، مون، نار، آر، وئي، يڪو.

يڪوءَ وارو نڪري ويندو.

سنڌ ۾ انيڪ ٻاراڻيون ۽ وڏن جون رانديون آهن.

Gul Hayat Institute

ٻاراڻين راندين ۾ هيٺيون رانديون شامل آهن.

1. ٻليءَ پيرڙو
2. گل گلولي
3. سرڻ ۽ باز
4. لال ڦيري گل ڦيري
5. چرڪ پرائڻ
6. انب ڦسائڻ
7. آڱرين جو اُٺ هلائڻ
8. ڳاڙهو ٽيڻ
9. پلر گهوڙا راند
10. جهوجهو ماڻي راند
11. آگ گاڏي راند
12. چيچ مڪڙو راند
13. ڦرڦرسوئنٽو راند
14. پپي ٻڏڻ
15. ڏيڏر ڪڏڻ
16. سوني ماڪوڙي ڪڏڻ

چوڪرين جون رانديون هن ريت آهن:

ٽپا ڏيڻ ۽ ڪُڏڻ

نوڙيءَ تي ٽپڻ

چيڪلي راند

Gul Hayat Institute

ماڻهو ڪاپائڻ راند
گڏين جي شادي ڪرڻ
اُس چانوءَ ڪُڏڻ
ٿلهه پٽ راند
ناني ڳڪي راند وغيره
ءِ ان ريت ٻيون ميڙاڪي واريون طاقت آزمائڻ واريون، شرط لڳائڻ واريون رانديون هن ريت آهن:
تيف تيف راند
ليٽ ڪبوتر راند
آپٽا گلولا راند
ڪوڏي ڪوڏي راند
ڇهي ڇهي مروڙو راند
مالهيءَ جا مڳ پيلڻ راند
گدرو ڪچو يا پڪو راند
ڏاڪ چمي راند
ڪوڏي لڪائڻ راند
اٽي ڏڪر راند
بلور چِٽڻ راند
گلٽي راند
ڪڪڙي چِٽڻ راند
ڏوري واري نڙانڊي راند

Gul Hayat Institute

گل واري نڙاندي راند
گليل راند
اکر پوري راند
اِڪي ٻڏي راند
ڏونگھي پچڻ راند
تاس کيڏڻ
چڪي واري راند
سٹ ڪُٹ راند
چنهر کيڏڻ راند
چهالي راند
بگھڙ ٻڪريون راند
نوٽڻي راند
تزي ٿاپونءَ راند
لوڻ ڪاڻ راند
وانجهي راند
چيڪلو راند
لاٹون راند
وانگي لاٹون راند
ڦرموٽي راند
چرخي ڦيرائڻ راند
ڪاڳر جي ڦرڻي راند

Gul Hayat Institute

ڦيروٽي راند

دورڳو راند

لوڏ راند

ڪندروءَ راند

مڇي ڦاسائڻ راند

برهڙا ڪرائڻ راند

ٺڪ ٺڪالي راند

ڪچا ڪوڏ ويڙهائڻ راند

لغڙ اُڏائڻ راند

گـُڏي اُڏائڻ راند

دوڙ پـُڄائڻ

جليبي جهٽڻ راند

چنبو چڏائڻ راند

ٻيلهاڙو راند

ملهه راند

ان کان سواءِ سنڌ ۾ ٻارن ۽ وڏن جون انيڪ رانديون آهن. (1)

------

(1) هي ڪنڊي خاص طور اِتي ذڪر راند ۾ گهٽو ڪتب ايندي آهي.

Gul Hayat Institute

[(1)] سنڌ ديس جون رانديون“ (از: ولي محمد طاهرزادو) نالي ڪتاب I ۽ II سنڌي ادبي بورڊ پاران ٻن ڀاڱن ۾ ٻاراڻو ادب سيريز ۾ ڇپائي سال 2006ع ۾ پڌرا ڪيا ويا آهن. (ادارو)

Gul Hayat Institute

# باب ٻارهون

## پاڻي ۽ پوکون

سنڌي سڀاجهڙن کي، قدرتي وسيلن مان ٽن طريقن سان پاڻي ملندو رهيو آهي،“ انشاءَ الله تاقيامت ملندو رهندو.

**1- پاتالي پاڻي:**

ڌرتيءَ کي هيٺ کوٽڻ سان هيءُ پاڻي ملي ٿو. مثلاً= کوهن وسيلي ۽ هاڻ ٽيوب ويلن رستي. سنڌ جي اترئين حصي ۾ اهي کوهه ٽيهن کان چاليهن پرهين [والن] تائين هيٺ کوٽيل هوندا آهن، ۽ اڀرندي طرف يعني ٿر پاڳي ۾، پنجاهه کان سٺ پرهين تائين کوٽجن ٿا، وچولي ۾ وري ويهن کان ٽيهن پرهين تائين کوهيون توڙي کوهه کوٽيا ويندا آهن، پر لاڙ واري پاڳي ۾ ته ٻن کان پنجن پرهين تائين ويئرون يا [کوهيون] کنئيون ويندين آهن.

کوهن جي تري ۾ پاڻيءَ جا نار يا وهڪرا هوندا آهن. کوهه پنهنجي مقرر حد تائين يعني جيستائين مٿس هوا جو



Gul Hayat Institute

داب موجود هوندو، انهن وهڪري وارن نارن سان پرجي بيهندو، پوءِ منجهانئس ڪيترو به پاڻي پيو ڪيبو ۽ ڪجھ وقت ڇڏي ڏبس، ته وري ساڳي ڪرَ وٺي بيهندو ۽ جي پاڻي ڪيڻ ماڳهين بند ڪري ڇڏبو ته اندريان نار وهڪرو ڦيرائي ويندا ۽ باقي بيٺل پاڻي ڪنو ٿي نيٺ سڪي ويندو. کوهن جو پاڻي، ماڻهن، وهٿن، پکين جي پيئڻ جي ڪم به اچي ٿو تنهن کان سواءِ مٿس آبادي به ٿئي ٿي، جنهن کي واڙي يا آرڻ به چون. ڪن کوهن جو پاڻي کارو، ڪن جو ٻاڙو ۽ ڪن جو مٺو ٿيندو آهي.

ٿر جا کوه تمام اونهان ٿيندا آهن، تنهنڪري ٻوڪن يا نارن بجاءِ ڪوسن يعني وڏن ساندارن وسيلي جن کي پاڏا، سان يا اُٺ ڇڪيندا آهن، پاڻي ٻاهر ڪڍن، اتر ۾ کوهن مان پاڻي نارن رستي ٻاهر آڻين ۽ وچولي ۾ نار، دٻا، گهڙا ۽ ٻوڪا استعمال ڪن، جي ورت (1) واري پاڻي ڇڪين.

عـــمر آيـــو اوچتو! ڏورانهن ڏٺائين،
ويس ورت هٿن مان، روح ۾ رُنائين،
ڇڙ هندي ڇپائين، چنـــو سگ سرتئين. (ڀٽائي رح)

**2- مينهن وسيلي پاڻي:**

برسات، بارش يا مينهن اونهاري توڙي سياري سنڌ ۾ وسندو آهي. سانوڻي وارا مهينا: چيٽ، آکاڙ، سانوڻ ۽ بدو ليکيا ويندا آهن. انهن ۾ لڙ پٽي گهٽو چاڙه ڪائيندو آهي. چو



Gul Hayat Institute

ته انهيءَ وسَ واريءَ ڦيريءَ تي چار ئي مهينا درياھ دمجي وهندو آهي، ۽ ڇَـئي پئي پوندي اٿس. ٿر ۽ ڪوهستان ته آهن ئي ڪڻ تي انهيءَ مينهن جي پاڻيءَ تي، ٿر جي ٻاجهر ۽ ڪوهستان جي جوئر گوها ڏيئي گونچ ڪيندين آهن. سياري ۾ نِـهان جيتري بارش ڪانه پوندي آهي. مينهن وسڻ جو ڪوبه ڪاٿو ڪونهي. وسي ته ست ست ڏينهن پيو پوي ۽ ٻوڙ ٻوڙان ڪري ڇڏي ۽ جي نه، ته لاڳيتا ٽي - ٽي، چار - چار سال بنهين بس!

**3- (الف) دريائن جو پاڻي:**

سنڌو ندي مان نڪرندڙ نهرن [چاڙهن] ڦاٽن ۽ واهن جو پاڻي سنڌ جي گهڻي حصي کي سرسبز ۽ شاداب ڪري ٿو. هتي هڪ درياءُ سنڌو ندي وڏي ۾ وڏو درياءَ آهي، هن کي سنڌ ملڪ جي ماءُ ڪوٺيو ٿو وڃي، جنهن جون ڏارون ديس جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچي ويون آهن. ٻي آهي حب ندي، هيءَ ندي ڪراچيءَ جي الهندي طرف کان اٽڪل 160 ميل هالار جبلن مان نڪري، قلات کي سنڌ کان ڌار ڪري ڪراچيءَ جي ڪياماڙيءَ وٽ عربي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. مٿس گهڻي آبادي ڪانه ٿئي، ڇو ته هن جو وهڪرو ڪٿي ڊرو ته ڪٿي تڪڙو هوندو آهي ۽ آبادي لائق سندس ڪنارن تي زمين ڪانهي رڳو ٽڪرن جي وچ مان وهندڙ آهي، ۽ ٽي آهي لياري ندي، هيءَ اڳ وهندڙ

هئي، پر هاڻي پنجاه سالن کان وٺي سڪل ٿي رهي ڪڏهن ڪڏهن مينهن جو پاڻي منجهس تلاءَ ٺاهي بيهندو آهي.

**(ب) نئين:**

برسات جي ڏينهن ۾ هالار جبلن مان هيٺيون نيون به وهي اچي سنڌو نديءَ جي پرپ ڪن ٿيون. اُهي هيءُ آهن: نئي موهن، نئن مسن، نئن بازڪنجو، نئي گاج، نئي بارڻ ۽ نئي ملير. نئين ۾ پاڻي تمام تيزيءَ سان وهندو آهي، تنهنڪري هنن تي به پوک ڪانه ٿيندي آهي. البت جي نئين کي بند (بدم) ٻڌي ريگيوليٽرن وسيلي پاڻي واهين ۾ پکڙين ته ڪوهستان جو گهڻو ڀاڱو آباد ٿي وڃي. هوند ڏڪار جي راڪاس جو ڪوهستان ۾ نالو ٻڌڻ ۾ نه اچي. پر ڪير اهي ڪشالا ڪري ۽ ڏک پٽي! نئن ملير تي باغ ۽ واڙيون آهن ۽ ڪجهه آبادي به ٿيندڙ آهي.

Gul Hayat Institute

[1] ورت: رسو: کوهه مان پاڻيءَ جا ٻوڪه چڪڻ وارو رسو. (نظرثاني ڪندڙ)

**(ج) واهه ۽ ڦاٽ:**

اتر سنڌ ۾، شاهي واهه، لکي واهه، بيگاري واهه، سنڌو واهه، الهندو نارو، اڙل واهه، ميرڻ واهه، خيرواهه، اپرندو نارو

وچولي ۾، نصرت واھ، داد واھ، سدا واھ، ساڳرو واھ، مارڪ واھ، شهداد واھ، شاهو واھ، راڄ واھ، نصير واھ، سرفراز واھ، ٻگهاڙ واھ، خانواھ، پونڦاڙ واھ، گهلو واھ، سون سيري واھ،ڪيسانو واھ، ريڻ واھ، دانگي واھ، صوبدار واھ، ڳاهورو واھ، ناگنا واھ، ساجنا واھ، الله ڪنئي واھ، جمال واھ، غريب واھ، چام واھ مبارڪ واھ هوندا هئا. ڏکڻ ڏي، خچر واھ، دنبالو واھ، چرخيلو واھ، دڏڪو واھ، ڏوڪيا واھ، قاضيا واھ، مولچند واھ، علي بحر واھ، گجو واھ، گاجا واھ، مير واھ، ماٽڪ واھ، امام واھ، ڪوروواھ، باگو واھ آهن. اپرندي ڏي، ڪپرو واھ، بان واھ، ٿر واھ، عمر واھ، شادي واھ، هيرل واھ، چوڙ واھ، ڪيرا واھ، منڙائو واھ، دوسو واھ، جمڙائو واھ اجا به آهن. هنن واهن ۾ هڪڙا سمن جي زماني جا ڪوٺايل ۽ ڪي ڪلهوڙن جي ڏينهن جا ۽ ڪي ميرن جي صاحبيءَ جا، وري ڪي انگريزن جي زماني جا به آهن. نوان واھ سکر بئراج، ڪوٽڙي براج، گڊو بئراج جي نالن سان سڏجن ٿا، جي پاڪستان جي ايامڪاريءَ ۾ شمار ڪيا ٿا وڃن ۽ اجا هڪ بئراج جي رٿ پڻ آهي، جا اميد ته جلد عمل ۾ ايندي.(1)

* سن 1852ع ۾ سر بارٽل فريئر اپرندي ناري جي ڪاٽي ڪٽائي ۽ ان مان چامڙو واھ ڪوٺارايو ۽ ڦليلي ۽ گھاڙ ڦاٽن جي پڻ مرمت ڪرائي.
* سن 93 - 1892ع ۾ سرجيمس جمڙائو واھ جي رٿ تيار ڪرائي جنھن ۾ جيمس آباد ڪان ڏگھڙيءَ تائين وھڻ جي تجويز ڏيڪاريل ھئي، ۽ الھندي برانچ جمڙائو جي شھدادپور ڪان تعلقي ٽنڊي الھيار ڪي آباد ڪرڻ لاءِ رٿيل ھئي. ڪم چالو ٿيو. واھ 1900ع ۾ تيار ٿيو ان جو افتتاح بمبئيءَ جي گورنر سنڌ ھرسٽ ڪيو ھو.
* سن 1870ع ۾ انگريزن شھداد واھ ڪي جو لٽجي ويو ھو پيھر ڪوٺارائي پاڻي وھڻ جوڳو بڻايو.
* ٿر پاڳي ۾ عمر واھ، ٿر واھ، منڙائو، چوڙ واھ، چام واھ، بان واھ، سر فريئر بارٽل جا ڪوٺايل آھن.
* سن 1856ع ۾ چوڌاري ملڪ ۾ وڏو ڏڪار پيو. جنھن کي ”چپني“ جو ڏڪار ٿا ڪوٺين. چپن معنيٰ چاونجاھ. ان ڏڪار ۾ ڪڇ، ڪاٺياواڙ، گجرات ۽ ٿر ٿھلجي ڏلھجي سنڌ ڏانھن اٿلي پيا. ڏڪار اھڙا راڳا ڪيا، جو ماڻھو مال ملڪيت، ڍور ڍڳا وڪڻي ويل وارڻ لڳا. مال ته اڪيچار مري ويو ھو، باقي وڪيائون، ڪٽائون ۽ ڪاڏائون پر حالتون اھڙيون ڳنڀير ٿي ويون ھيون جو پنجين روپين پُٽَ ۽ ڌھن ڪان پنجاھ روپين تائين ڏيئون وڪڻي، ماڻھن پيٽ

Gul Hayat Institute

جي دوزخ جي باھ ڍري ٿي ڪئي. انهن آيل ماڻهن جي لاءِ انگريزن نوان رستا ٺهرائڻ ۽ نوان واھ کوٽائڻ جون تجويزون ٺاهيون. جمڙائو به انهن رٿن مان هڪ هو. جڏهن کوٽيو پي ويو، ته ماڻهو خوش ٿيءُ ڳيت ڳائيندا هئا.

جيئي جمڙائو، جنهن جي ڪڇي پئي ڪاٽي،

جيئي جمڙائو!

ٿيندو ان سهانگو، پئسي لڳندي پاٽي،

جيئي جمڙائو!

اهو جمڙائو سن 1900ع ۾ تيار ٿيو. انگريز سرڪار حڪم ڪيو، ته جنهن کي جيتري زمين گهرجي سو پنهنجو اوستائين نشان ڪري ڇڏي. سرڪار سستي اگھ ۾ 25 روپين ايڪڙ سو به قسطن ۾ پئسا وٺڻ منظور ڪيا. سؤ ورهين ۾ پئسا پورا ڪري ڏيڻ جي شرط تي ماڻهن زمينون ڪنيون.

**(ج) 2- ڦاٽ:**

اڳي ڦاٽن ۾ ڦليلي ڦاٽ جنهن جو منڍ ڳهلن جي ڳوٺ وٽان هو سو انگريزن بند ڪرائي، نئون منهن ڄامشوري ڪان ڪٽايو ۽ مٿس ريگيوليٽر رکايو. هن ڦليلي جو اصلي نالو ”پيل پائيل“ ايرانين نالو رکيو ۽ احمد شاھ دُراني جي وقت ۾ منجهانئس لشڪر هاٿين تي چڙهي لنگهيو هو. اهو نالو

فقط حيدرآباد لڳ استعمال ٿيڻ لڳو، پر حيدرآباد جي خطي

ڇڏڻ کان پوءِ هن کي ”گوني“ ڪوٺيندا هئا. چوندا هئا:

گوني، سدا آهي اونهي!

ٻيو ڦاٽ پڇاري هن کي ٻه سڏاري سندس منهن ڇام شوري وٺان ڪڍايل آهي. ٻيا ڦاٽ آهن: بگهاڙ، ڪلري، گهارو، اوچتو، حجامڙو، ڦراڙي، مير ڇاجيو، جي سڀ سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪن ٿا. ڦاٽ انهيءَ ڊوري کي چئجي جو درياءَ مان پاڻهي ڦاٽي نڪري ۽ ان جي ڪابه کوٽائي نه ڪجي ۽ واهه جي معنيٰ اصل ۾ شهر آهي، پر هاڻ هن نموني رائج آهي، ته پاڻيءَ جو وهڪرو جو هٿراڌو کوٽايو ويو هجي.

انهن واهن ۽ ڦاٽن مان ڪي اڄ تائين موجود آهن، ته ڪي هميشه جي لاءِ ختم ٿي ويا!

**پوکون:**

پوک جي لاءِ، پاڻي، منڊون، مهينا، نکٽر/نکٽ/نڇتر، زمين ۽ اوزار وڏي ڳالهه ڪڙم تمام ضروري آهي.

سڀ کان وڏي گهرج هاري يا ڪڙم جي آهي، جنهن ۾ هن جا ڏڳا هلٽ سلٽ سڀ اچي ٿو وڃي.

**الف - پاڻي ڏيڻ:**

پوک ته پاڻي، اهو پاڻي مينهن جو هجي، کوه جو هجي يا ڪنهن نديءَ توڙي نهر جو هجي، پر هجي ضرور. مٿي اسان سنڌ ديس مان ڪن پراڻن ۽ نون وهندڙ واهن توڙي

ڦاٽن جو بيان ڪري آيا آهيون. سچ پچ ته پاٽي زمين تي پهچائڻ جي لاءِ ننڍين ننڍين پاٽيءَ جي شاخن يعني واهن، واهين، ڪڙين، ڪورن، گنن، پارن، نالين، ڪسين، پيچن، ونجهين ۽ اڏن جي گهرج آهي. جي هر هنڌ پهچي آبادي ڪرائين ٿيون ۽ ڪرائيندڙيون هيون.

توهان اڳوڻن واهن کي يا انهن جي پڙن کي ڏسي خيال ڪندا، ته اهي واهه توڙي ڪڙيا ڏنگڙا ونگڙا ڪيڏانهن جا ڪيڏانهن وٺ گهٽ ڪائيندا نظر چڙهندوَ! انهيءَ جو ڪارڻ اهو هو، ته جڏهن به ڪنهن وڏي ماڻهوءَ يا وڏيري کي ڪٿي ڪا زمين جاگير يا زمينداريءَ طور حق ۾ ٿي آئي، ته ان زمين کي آباد ڪرائڻ جي لاءِ انهيءَ ڪنهن وڏي واهه مان نڪرندڙ شاخ کي انهي پڌ يا زمين ڏي ڪور، ڪڙيي يا واهيءَ جي صورت ۾ ڪوٺائي ٿي آندو، پر جي وچ تي ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ يا ننڍي مهاڳيدار جي پڙ چيڙ چبيڙ، وٺ بيگر ٿي ڏني، ته پهريائين ان ڏانهن ڪاٽي ڪٽائي ٿي ويئي، اتي پهچي وري وٺ ڪائي ڪوٺيندڙ اصلي مرڪز ڏي ٿي ويا. ان ۾ سڏائي هڪجهڙائيءَ جو ڪو ويچار ڪونه ٿي رهيو. رڳو ڪنهن پر پاٽي پهچڻ جي اون ۽ تانگهه هئي. اهو پاٽي چڙيو، پڌرو ۽ لڙ سڌيو ويندو هو. انهن ڏينهن ۾ وڏا واهه چار مهينا ۽ ننڍا ڪڙيا ۽ ڪورون اڍائي - ٽي مهينا

مس وهنديون هيون ۽ پوءِ پاڻيءَ ۾ چنارا يا سنگهارا پئجي ويندا هئا.

(ب) 1- مندون ۽ مهينا:

مندون، چار ٿينديون آهن:

1- اونهارو: آرڙهه يا نهان هي مند اٽڪل چار مهينا هلندڙ آهي.

2- سيارو: سيءُ، هيءُ به چئن مهينن جي مند ٿيندي آهي.

3- سرءُ يا خزان: هيءَ به مهينا کن هلندي آهي،

4- بهار: هيءُ پڻ ٻن مهينن جي مند آهي، پر هت بهار بجاءِ سانوڻي شمار ٿئي، ۽ اونهارو، سيارو ۽ سرءُ مشهور مندون آهن.

سياري ۾ سيءَ تمام گهڻا پوندا آهن. ماڻهو پنهنجا اوچڻ بدلائي ڪپهه ۽ اُنَ جا ڪن. اڪثر بند ٿيل جاين ۾ گهارين. نومبر کان وٺي جنوري تائين سيارو هوندو آهي. گرمين يعني اونهاري ۾ لڪون ۽ جهولا گرم لڳندا آهن. ماڻهو هلڪو لباس ڍڪين، پگهر بدن مان ريلا ڪري پيو وهندو آهي، بدن تي آرايون نڪرن، ڪڏهن ته راتيون به سخت گرم هونديون آهن. اهڙيون جو محمد صديق ۽ مسافر، انهن جو هن نموني نقشو چٽيو آهي: (1)

ويساک جو مهينو جنهن ۾ لُڪون ۽ جهولا،

جڻ آسمان اڇلايا ٿي گرم گرم گولا،

ڪن کي پڪو هٿن ۾ ڪن جا ڪڌن تي ڪٿولا،
گڏريو ٿي ڏينهن ڏڪن ۾ ۽ رات جا به رولا.

هن مند جو مارچ کان جون مهيني تائين اثر رهندو آهي. سانوڻي، برساتون پيون ته سانوڻيون ٿيون. سڄو ملڪ ڪشمير ٿي ويندو آهي. دل بهار ٿي ويندي آهي، هيرون پيون لڳنديون آهن، پر جي برسات نه پئي، ته ست مهينا آرڙهه ديوتا جو ڪوپ چانيو رهندو آهي. باقي مهينا سرءُ جي موسم رهندي آهي. هن ۾ تپاولي جام ٿيندي آهي. هن ۾ مڇر پيدا ٿيندا آهن. ڪيرا پچندا هئا، چٽائون ٿينديون هيون، پاڻي رڳو ڍبن ۽ تلائن ۾ بچندو هو. جنهن تي مڇر آنا ڦوڙيندا هئا ۽ موسمي تپ جو زور هوندو هو. لاڙ پاڳي ۾ ته جنسي ظلم هوندو آهي.

**مثال:**

لاڙ آهي ساڙ، سڄو ملڪ آزار،
پاڻيءَ ۾ آهن پونئرا، جو پيئي سو بيمار!

*　　*　　*

لاڙ آهي ساڙ سڄو ملڪ آزارا،
قسمت سانگ هٿ اچانگ اچيو اڙن ويچارا!

*　　*　　*

مطلب ته سياري ۾ سيءُ، آرڙهه ۾ آرايون، ڪنهن کي ساراهي ڪنهن کي ساراهيون.

Gul Hayat Institute

سانوڻ جي انڌي کي سارو ملڪ سائو پانسجي!

*　　*　　*

ڳڌهه کي سانوڻ سريو ته هينگون ڏيئي هلايائين!

*　　*　　*

سياري جي منڍ ۾ وچڙو ڪٽي اندر سمهجي،
سياري جي پڇاڙيءَ ۾ سَوَڙ ڪٽي ٻاهر نڪرجي.

*　　*　　*

اونهاري جي تتي ڏينهن، سانوڻيءَ جي وسندي مينهن،
سياري جي آڌي رات، شل پوي هنگڻ تات!

*　　*　　*

اُتر هاڻ اُتريو، اڌ سياري جو ڪتريو (ڦڳڻ مهيني ۾ چون)

*　　*　　*

اهي مثيون چوڻيون آهن، جي مندن يا موسمن لاءِ ماڻهو بيان ڪندا آهن.

**(ب) 2- مهينا:**

اسان وٽ هن ملڪ سنڌ ۾ هندي، سنڌي، عربي ۽ انگريزي مهينا استعمال ۾ ايندڙ آهن.

**هندي:**

چيٽ، ويساک، ڄيٺ، آکاڙ (آساڙ)، سانوڻ، بدو (ڀادون)، آسو (ڪُوار)، ڪتي (ڪاتڪ) ناهري (اگهن) پوهه (پوس)، مانگهه (مهه)، ڦڳڻ.

**سنڌي:**

محرم، صفر، عرس، يارهين، ٻارهين، هڪڙو خالي، ٻيو خالي، [ننڍو يار، وڏو يار] لڪانو، براد، رمضان، شوال، ذوالقعد، ذوالحج.

**عربي:**

محرم الحرام، صفر، ربيع الاول، ربيع الاخر يا ربيع الثاني، جمادي الاول، جمادي الثاني، يا جمادي الاخر. رجب المرجب، شعبان، رمضان المبارڪ، شوال، ذوالقعد، ذوالحج.

**انگريزي:**

جنوري، فيبروري، مارچ، اپريل، مئي، جون، جولائي، آگسٽ، سيپٽمبر، آڪٽوبر، نومبر، ڊسمبر. ڏينهن جا نالا پڻ هن نموني اچن ٿا.

**هندي:**

شڪر وار، سنيچ وار، آرت وار، سوم وار، منگل وار، ٻڌ وار، وهسپت وار.

Gul Hayat Institute

**سنڌي:**

جمعو، ڇنڇر،آچر، سومر، اڱارو، اربع، خميس.

مُندن ۽ مهينن واريون چوڻيون:

ڇيٺ آهي پيٺ!

*     *     *

ڪتيءَ هلي ڪؤنچا ڪيا، هاڻ چلي آيو چيٺ!

*　　*　　*

ڇيٿي مينهن، پوڙهيءَ پُٺَ، ڪن پاڳ پرين کي ملن!

*　　*　　*

بدي جا ڏاما ڪائي ٻانپڻ ڦوس ڏي ته مک مري!

*　　*　　*

بدي جي چٽائن جو چٽيو، مائتن جو پٽيو سگهو سائو نه ٿئي!

*　　*　　*

ڪتي آهي چتي ڪتي، رڳو وٺ وٺان آهي منجهس!

*　　*　　*

ناهري ڏي ٻهاري ته سج وڃي ٻهري!

*　　*　　*

پوهه لاٽالوهه، ڪَلڙ ڪوهه!

*　　*　　*

مانگهه رُهيون، ڏڏن ڏنارن جون ڳُيون!

مانگهه، لٿي تانگهه!

*　　*　　*

ڦڳڻ ڦوهه لٿو سارو، راتيان سيارو ڏينهان اونهارو

**نکٽ يا نچتر يا نڪشتر:**

آبادي ڪندڙ يا پوک ڪرڻ وارن لاءِ اهو ضروري هوندو آهي، ته نکٽن(1) کان واقف هجن ۽ انهن جو لهڻ اپرڻ

Gul Hayat Institute

سڃاڻن، ڇو ته رات جو آڌيءَ مانجهيءَ پوک جي واهيت ڪرڻ، پاڻي ڏيڻ، جوڳون بدلائڻ جو تعلق تارن سان رکندا هئا، تنهن ڪان سواءِ ڪن ڳرهن ۾ تارن جو سڌو سنئون اثر پوکن تي پوندڙ هوندو آهي. سندن سڃاڻپ جا مشهور معروف هيءُ نکٽ هئا:

1. ڪهڪشان يا کيرڌارا، جنهن کي سنڌ جا ماڻهو نوح نبيءَ جي ٻيڙي به چوندا آهن ڪي وري هن کي تارن جي گسڙ به چوندا هئا.

2. قطب تارو، هيءُ هڪ هنڌ بيٺل تارو آهي ۽ سر اتر طرف بيهندو آهي. تنهنڪري اُتر جي آڌار تي ٻيون ڏسيون (طرف) به سهي ڪري وٺندا هئا.

3. ڪتيون: ڪتيون سنجها ۾ اڀرڻ لڳيون، ته لس ٻاجهريون پوکيندا هئا. هن کي ڊاک جو ڇڳو ۽ پروين به چوندا آهن.

4. ٽيڙو. ٽي تارا لام ۾ ۽ انهن جي هيٺان ٽي تارا آڏا اُڀا هوندا آهن.

نکٽ سڀ نئي ويا، ٽيڙو اُڀا ٿئي

5. ائٽ تارو اڀرندو ته مال کير گهٽائي ڇڏيندو. هي تارو بدي ۽ اسوءَ جي مهينن ۾ اڀرڻ شروع ڪندو آهي. خود سمنڊن جو پاڻي به لهي ويندو آهي. جيڪي جيت ٻرن کان ٻاهر رهندڙ هوندا آهن، سي مرڻ لڳندا آهن. هن کي ٻيا نالا به ڏين ٿا جهڙوڪ: بي سرو، اگٿ، سهيل يمني وغيره.

هنن جي اپرڻ تي ڪنڊين ۾ سڱر پچندا آهن ۽ گيدڙيون ڳاڙهيون لال ٿينديون آهن.
6. ڪٿ. چار تارا رامبس شڪل ۾آهن، اها ڪٿ قطب تاري جي چوڌاري ٿي ڦري. ڪوهه ۽ پٿون، هڪ تارن جو ميڙ آهي، هن جا اڳيان تارا پٿونءَ جي مڇن وانگر اڌ گولائي تي ۽ پويان تارا ڏنگ وانگر مٿئين پاسي وريل هوندا آهن.
چون ته:
* پٿون ڪڍي نهائين، (دنُ)
* ته پوک وجي چاڻهين. (هنداڻو)
چاڻهين جي ولين پوکڻ جي لاءِ پٿونءَ جو اپرڻ بهتر وقت لڳندو اٿن. پٿونءَ جي ڪاپار واري پاڳي اپرڻ تي درياءَ ۾ پلو وڌڻ شروع ڪندو هو ۽ ڏينهن پڻ وڏا ٿيڻ لڳندا هئا.
7- ايٺ يا ڪُلڪ تارو. هن جي اپرڻ تي واهن جي پاڻين ۾ حَنارو پوندو هو. پاڻي واهن جا پاچاٽا ٿي ويندا هئا.
8- ٿينگو تارو، نواڙ يا وهائو تارو، آڌي تارو ۽ لڌا يه گڏوگڏ هلندڙ تارا پڻ جوڳن جي مٿ سٽ ڪرڻ لاءِ سندن وقت ۽ نشانن جي سڃاڻپ ڪرائيندڙ هئا.
ذرتيءَ جو اهو ٽڪرو جيڪو پوک لائق هجي، جتي مند آهر فصل پوکي سگهجي.
**زمين:**
**زمين جي ورنن جا قسم:**

نئين نڪور ذرتي يا زمين کي ”نهوَر“ ڪوٺين. اڳي پوکي وري چڏي ڏنل زمين کي ”ڪرڙ“ چون. بنا ريج واري زمين کي اروٺ، ڪرءُ يا آريج، درياءَ جي پرواري ريٺ، پڪي زمين سڏين ۽ چيڪيءَ زمين کي ٺاڪ يا رِپَ نالا ڏين. انهن کان سواءِ ٻيا قسم هيءُ آهن: ٻٺ، جنهن ۾ ڪو سلو نه اُپري، قدرتي بيٺل گاهه واري کي ريل چون ۽ جنهن ۾ ٿوررڙو گاهه هجي، ته ان کي آڏوري ڪوٺين. دڙ، ٻِسر پُٺ وارياسي، بوب ڪلراٺي، ڪلراٺي اڇي ڦليءَ يا اُئي، ڪلر مٿان گجيءَ وانگي بيهندي آهي، جنهن ۾ غريب ماڻهو ڪپڙا وجي ڌئندا آهن. جنهن مان گهڻو پاڻي واهڻ سان هن کي مٿو ۽ آبادي لائق بنائي سگهجي ٿو ۽ ٻي ٿئي ڳاڙهو يا ڪاروڪلر. هن ۾ لوڻ تمام گهڻو هوندو آهي، تنهنڪري ڪَڪَ وغيره ٿين، ٻي خاص آبادي ڪانه ٿي سگهندي آهي. لاڙ پاڳي جي ڪا زمين مٺي ڪلراٺي آهي، جنهن ۾ ڪمند ۽ ساريون پليون ٿينديون آهن. پٿريلي يا ٺاڪرو زمين ته ڪا ڪوهستان جي آهي. ان ۾ جتي ريتائتي زمين آهي، ان ۾ برسات پوڻ تي جوئر جو فصل جام ٿيندو آهي. آباديءَ هيٺ آيل زمين، پاڻي نه ملڻ ڪري آبادي سڪي وڃي ته ان کي ورڻو ڪوٺين، پر ٻرنه انهيءَ زمين کي چون جنهن کي ريج ڪرائڻ کان پوءِ ٻئي سال پوکڻ جي لاءِ ڇڏجي. مٿانهين زمين کي چاڙهه واري زمين ۽ هيٺانهين کي

جهڪاڻ يا جهول واري زمين، دوآبي واري زمين کي ٻيگهو يا ٻلهار زمين، ٻن ٽڪرين يا پٽن واري هيٺانهين زمين کي ماٿري يا وادي چون، جبلن مٿان سڌي زمين کي مٿانهون پٽ، ڳوٺ جي ڦِٽل زمين کي پڊُ ڪري ڪوٺين. بنجر، غيرآباد يا نوبتي زمين کي سڏين، بوپر، سنهي مٽيءَ واري زمين جنهن ۾ مُرئي تائين پير اندر ڌِڄي وڃي. ارڇي جُوءِ، جتي گاهه ۽ مال جو ڪو چارو نه هجي، اوتاڙ اُچٽ، مٿانهين زمين، اُڪرڻ، ريج سڪي ويل زمين، ائنٺو، هڪ ڀيرو آباد ڪيل زمين، پاڙت، ٿڪل زمين جنهن کي پاڻ جي ضرورت هجي، اوبٽ، هيٺ مٿانهين زمين، اوساءِ، چيرن ۽ ڦوڙن واري زمين جيڪا سڪڻ کان پوءِ ڦاٽي پوندي آهي.(1) اوڏو وَٿو، سنئين سڌي زمين. سرڪاري طرح زمين جا ٽي قسم آهن: هڪڙي قبولي جيڪا مالڪن جي هٿ قبضي ۾ آهي، آباد ڪن ٿا ۽ ڍل ڀرين ٿا، ٻي ناقبولي ائين پيل سرڪاري زمين جا ڪنهن اجا خريد نه ڪئي آهي، ۽ ٽئين ”بندشي“ جيڪا سرڪار جي شرطن جي پورائي نه ٿيڻ ڪري نه مالڪ جي آهي ۽ نه سرڪار جي، جڏهن مالڪ شرط پورا ڪندو، ته سندس ٿيندي.(2)

زمين جي ماپ:

اڳي هڪڙي ننڍي قسم جي ماپ رائج هوندي هئي، جنهن ۾ پير پير پرسان رکي ماپ ڪئي ويندي هئي ۽ ٻي وري هٿن، ٻاڙين ۽ گرانٽن سان ماپ ٿيندي هئي.
مثلاً: ٻه مٺيون برابر هڪ هٿ، (1) (ٻه مٺيون فوٽ جي برابر آهن)
ڏيڍ هٿ برابر هڪ نري،
پنج نريون برابر هڪ پره.
(پٽين ۽ نڪن جي ماپ ۾ اها جدول پڻ ڪم ايندي هئي)
چار آڱر برابر هڪ چاڙڪي،
چار چاڙڪيون برابر هڪ هٿ
[ڪپڙن ماپڻ ۾ اها جدول ڪم ايندي هئي]
وڏي قسم واري ماپ جيڪا گهڻي زمين جي لاءِ استعمال ٿيندڙ هئي،
ويهه ويسا برابر هڪ جريب،
ٻه جريب برابر هڪ ايڪڙ. (ايڪڙ برابر 4840 چورس وال)
Gul Hayat Institute
(خاص زرعي زمين لاءِ اها جدول آهي)
ٻاڙي يا گرانٽ، آڱوٺي جي چوٽيءَ کان چيچ جي چوٽيءَ تائين ڇڪيل مفاصلو آهي.
ٻه سڌ برابر هڪ ميل،
ٻه ميل برابر هڪ ڪوهه،

چار ڪوھ برابر ھڪ جوجن.

(ھيءَ جدول پنڌ جي لاءِ زمين جي ماپ ظاھر ڪندي آھي) جيڪا زمين آبادي ھيٺ اچي ويندي ھئي، تنھن کي ”ٻني“ ۽ جيڪو ٽڪر آبادي ڪرڻ کان رھجي ويندو ھو، ان کي ”ائنٽو“ ۽ جنھن ٽڪر ۾ گاھ پوکيل ھوندو ھو يا قدرتي طرح گاھ پيدا ٿي پوندو ھو، ته اُن کي ڪٽچو يا ڪوچو ڪوٺيندا آھن. پٽن ۽ ٻہن واري زمين ٻبوڙ ۽ دڙين دڪين واري زمين کي ”دَڙ“ سڏيو ويندو آھي.

**ٻيون ماپون:**

ويسي ۾، ٽي پڪيون وکون يعني جيڪو پير پھرين کڻجي وري انھيءَ تي ٻيون وارو اچي ته اھو مفاصلو ويسي برابر ٿيو. تنھنڪري ڪي ھن نموني زمين جي ماپ ڪندا آھن: ادائي گرانٺون برابر ھڪ نري، پنج نريون گھندو يا پُرھ، ويھ گھندا ويسو، ٻه ويسا جريب، ٻه جريب يا چاليھ گھندا ھڪ جي لاءِ ايڪڙ، ستن کان ڏھن جريبن تائين ھڪ نمبر يا ڪئي ويندي ھئي. ڏھن کان ويھن جريبن تائين ھڪ نمبر ليکيو ويندو ھو.

**کوھن جي لاءِ ماپ:**

ھڪ پاڪر برابر پُرھ.

پُرھن سان کوھن ۽ رسن جي ڊيگھ معلوم ڪجي ٿي (ادائي وال برابر پُرھ).

**پٽين جي ماپ لاءِ:**
پٽيون اڳين، اوڏ ڳنب جون وجهندا هئا. ٿونٺ ڪان وچين آڱر جي چوٽي تائين ”نري“ شمار ڪندا هئا، ۽ ٿونٺ ڪان هٿ جي وچين آڱر تائين ماپ آٽي، وري پوئتي موٽائي هٿ جي ڪرائيءَ جي پيڏيءَ تائين ماپ کي نري ڪوٺيندا هئا. اها نري هڪ وال جي برابر آهي.
**قبرن جي زمين جي ماپ:**
پير پير جي پر ۾ رکي نوَ پير هڪ قبر جي ماپ ڳڻبي هئي. گهوڙن جون وکون پڻ پير پير جي پر ۾ رکي ماپيندا هئا ته کهڙي گهوڙي جي وک وڏي آهي.
**ڪانٽي يا ڪامن جي ماپ:**
ماڻهو هٿ اُپوڪري سڌو ٿي بيهندو ته ان جي اها پانچ (ديگه) پن گزن جي برابر ٿيندي ۽ سيني تائين هڪ گز (وال) شمار ڪن. به پُرهه برابر هڪ گز (اول) آهي.
**پوکيءَ جا اڳوڻا اوزار**
1- نار يا هرلو:
هنن کي واهي پاڻي هيٺان واهه مان چڪي، مٿي چاڙهه واري زمين کي پيار بو آهي ۽ ان پوک کي چرخي پوک چئبو آهي.
2- هَرُ:

Gul Hayat Institute

هن سان زمين کي کيڙي هيٺيون پاسو اٿلائي مٿي ڪبو آهي، جيئن زمين وڌيڪ طاقت واري ٿئي ۽ سلا سولائي سان اپرن.

3- سانئڙ / سانور / ترُ / سهاڳو:

هن جي زمين مٿان گهمائڻ سان ٻج ڍڪجي ويندو آهي ۽ زمين پڻ سنئين ٿي بيهندي آهي.

4- وٿوهڙ:

اگِ ۾ هن سان وڏا وڏا پتر پچندا هئا ۽ هاڻي ان جي عيوض گِرٽي يا ريڙهو ڪتب آڻين ٿا.

5- ڪهاڙو:

هيءُ نار مٿان اڏاوت وارو ڪاٺ ترڻ (چلڻ) ڪاٽين ڦوڙڻ ۾ ڪم ايندو آهي.

6- ڪهاڙي:

هن سان جهنگ وڍيندا آهن ۽ ڦرن ڦلن لاءِ چاري جون ٽاريون ڪپيندا آهن.(1)

7- ڪوڏر:

هن سان زمين جي کوٽائي، بندن، ٻنن وغيره جو ڪم ڪيو ويندو آهي.

8- ٻياني يا ٻيانو:

هن سان ڏينگهرن جا پُور ڪٽي لوڙهو ڏبو آهي، يا ڪهڙ (ڪوڙيون) ڪٽي سٽي ڪري ساڙيون ويندڙيون آهن.

Gul Hayat Institute

9- رنبو:
هن سان گاهه ڪيڻ ۽ گُڏ ڪرڻ ۾ ڪم ايندي آهي.
10- ڏاندار يا ڏانداري:
هن سان ٻنن تي مٽي چاڙهي ويندي آهي.
11- ڏانتو / ڏانٽي:
هن سان ڪانن مان سنگ لٽي (ڪپي) ڌار ڪبا آهن ۽ ڪانن کي اڙئون لٽبو آهي.
12- هٿڙي ڪهاڙي:
هن سان ڏيڱن واسطي گاهه مان ڪتر ڪندا آهن.
13- گاگڙو / ڪونبو:
هن ۾ ان پري مٽي کٽي وائربو آهي.
14- ٽنگڙيءَ:
هن سان اَن جو پڳر اٿلائبو آهي ۽ واءُ نه هئڻ جي حالت ۾ ٽنگڙيءَ سان ڪاڏر مٿي اڇلي اُڇلي به اَن وائرين.
15- ڪيڻ:
هن سان مٽي ميڙي زمين جي جهول يا جهڪاڻ پري ويندي آهي ۽ دڙيون پٽيون وينديون آهن، ڪيڻ هٽڻ جو رواج سن 1933ع کان پوءِ هتي شروع ٿيو، جڏهن سکر بئراج وهيو ڪيڻ جي پاسن وارين نوڙين کي انگهائي، چوندا آهن.
16- کهيڙو:

Gul Hayat Institute

هن سان گاهه ڪپڻ، چانپو وڍڻ، ٻٽن جون پاڙون ڪڍيون ويندیون آهن.
17- پاهوڙي:
هن سان نار جو پڙ صفا ڪرڻ، وٿاڻ صفا ڪرڻ ۽ انُ ريڙهڻ جو ڪم ورتو ويندو آهي.
هنن سڀني اوزارن کي گڏي ڪڙميءَ جو هلٽ سلٽ چون.

## نظم

ٻج نه پوکي جي ڪو هاري،
سکون ڪائڻ لئه عمر ساري.

پوءِ اکين سان ڏسون نه اَن،
پاڇي ميوو گل نه پَن.

ڪپاهه جي ڪو پوک نه ڪري،
ڪٿان جيڪر پنهنجي سري.

ڪپڙا هوند نه ڪڏهن ملن،
بت ڍڪڻ لئه ماڻهو سڪن.

Gul Hayat Institute

ڪاريگر جي پوءِ هوشياري،
ٺئي اجائي پل ۾ ساري!

چاڪو سبي چاڪو پري،
استادي ڪيئن ظاهر ڪري.

چاپو سرھ نه هاري پوڪي،
تيل نه ڪنهن پر ملي توڪي.

ڪڙمي ڪم ڪان ڪري انڪار،
ساري دنيا ٿئي لاچار.

Gul Hayat Institute

ڪڙمي ڪم وڏا ٿو ڪري،
چاڙ نه اهڙي هو ٿو ذري.

ڪڙمي جي تعليم وڻن، چڱو سڌارو جيڪر ڪن.

**ڪڙمت:**

ڪڙمت ۾ سيئي وندبدار، ڊور ڊڳا، وهٽ وانا، کيتي ٻاڙيءَ جا اوزار يعني هلٽ سلٽ سيئي اچي وڃن ٿا کيتيءَ جو پهرين ڪم حضرت آدم عليه السلام ڪيو. اهو پهريون ڪڙمي هو. هاري، هرَ جي هلائيندڙ کي چئجي، نار واهيندڙ کي ناري سڏين. اَڏن جا آوانڌا اٽبنڌا لوڙهي ۽ ٻانڌا ٻڌي، تنهنڪري ڪوٺينس ٻانڌ يا ٻانڌياريو. زمين کيڙي چيري ڦاڙي ٿو، ان ڪري چونس کيڙائو يا کيڙيارو. اَن جي رانھ سنڀالي، تنهنڪري راهو يا راهڪ به سڏينس. پراڪرت ٻوليءَ ۾ کيتيءَ کي چون راڌي ان نالي ڪري راڌو يعني پوک ڪندڙ ڪوٺجي. ٻنيءَ جي نگهباني ڪري ۽ واهيت به ٿو ڪري، ان سبب ڪري واهي به چوندا اٿس. سڄو هلٽ سلٽ سنڀالي ٿو، تنهنڪري سندس نالو ڪڙمي به آهي. ٻيا نالا ختم ٿي چڪا آهن. اوٺيڙو، ٻنير وغيره.

**هارين جا اصلاح:**

پنهنجي رانھ پوکي وارو آهي؟

کهڙو اڳيون جوڙو وهيو آهي؟

ڪهڙي ٻناري جي ڪتر هنئي اٿس؟
ڪهڙا ڏاندار جا ٻنا ڪيا اٿئي؟
ڪهڙو ٻناري جو پاڻي ورايواٿئي؟
ٻنيون ۽ ونيون ڪن مَڄُن وڃن!

**زميندار:**

زميندار معنيٰ زمين رکندڙ يا زمين جو مالڪ. هيءُ مرضيءَ جو مالڪ هوندو آهي ته پنهنجي زمين پاڻ پوکي يا ٻي ڪنهن کي پوکڻ جي لاءِ لاپي تي، ايريي تي، مقاطعي تي هارپي يا سيريءَ تي به ڏيئي ڇڏي. سريءَ ۾ زميندار هاريءَ کي مهيني سر مهيني پگهار ڏيندو رهندو ۽ پيدائش جو پاڻ مالڪ بنبو آهي. مقاطعي تي، هاڻي زمينون ڏنيون ٿيون وڃن، جنهن ۾ هڪ سال کان وٺي، ويندي ويهن سالن تائين زمين في ايڪڙ مقرر روپين تي ڏنو وڃي ٿو. مقاطعي جا شرط دستاويز تي لکي رجسٽر ڪيا وڃن ٿا. هر سال جي رقم اڳواٽ يا ڪل رقم اڳواٽ ورتي ويندي آهي. مقاطعيدار ڪوشش ڪري ڪڙم پنهنجو رکندو آهي. ٻانڌاڻي/ايريي تي، ڏهن جريبن وارو نمبر چاليهن روپين ۾، ٻارهن جريبن وارو نمبر پنجيتالهين روپين ۾ ويهن جريبن وارو نمبر پنجاهه روپين ۾ ڪڏهن ڪڏهن اهو سٺ روپين به ڏنو ويندو هو. ويهن جريبن کان مٿي نمبرن جي ماپ ڪانه ٿيندي هئي. ايريي جي رقم وصول ڪرڻ جو مدو

ڪاٺيون آڻڻ، آبت / ونگار تي جوڙي سوڌو حاضر ٿيڻ ”ڪاٽي ڪرڙي ته سدائين هاريءَ جي حصي ۾ هوندي هئي. ان ڪي زميندار ابواب چوندا هئا. ٻئي مهل سڀ ابواب ڪاٽڻ کان پوءِ زميندار اڌو اڌ يا ٻه حصا پاڻ ڪٽندو هو ۽ هڪڙو حصو پيدائش جو هاري کي ڏيندو هو. هاريءَ وٽ ڍڳن جو جوڙو ضروري آهي، ڪيڙي هاريءَ جي حصي ۾ ٻج زميندار جي حصي ۾ ايندو آهي. پر لاڙ واري پاڱي ۾ مهانگو ٻج جهڙوڪ ڪمند جو ٻج ”اڌو اڌ“ تي آهي. يعني ٻج جو اڌ زميندار پريندو ۽ اڌ هاري پريندو آهي. جن هارين وٽ جوڙو نه هوندو آهي، ان کي سرڙيو هاري چوندا آهن. فصل جو چوٿون حصو سندس حصي ۾ ايندو آهي.

## هارين تي نظم

Gul Hayat Institute

منهنجي ديس جا پيارا هاري،
واه ٻني تو آهي سينگاري.

هاري ٻنيءَ ۾ دل سان ڪمائن،
جوٽيو جوڙا، هر هلائن،
جبل هجي يا پوري واري،

منهنجي ديس جا پيارا هاري،
واهه ٻني تو آهي سينگاري.

فصل پوکڻ جو ڪريو سعيو،
اَڏون ٿاهيو، پاڻي واهيو،
ڏينهن هجي يا رات انڌاري،

منهنجي ديس جا پيارا هاري،
واهه ٻني تو آهي سينگاري.

مُند ۾ هرڪا پوک ڦٽي ٿي،
جوئر ٻاجهر سنگ ڪڍي ٿي،
ووئنٽن ڪئي آ واهه بهاري،

Gul Hayat Institute

منهنجي ديس جا پيارا هاري،
واهه ٻني تو آهي سينگاري.

سنڌو ساوڻ موج ڪري ٿو،
پلٽيو پلٽيو پٽ پري ٿو،
ٻيلا ٻيلا، ٻاري ٻاري،

منهنجي ديس جا پيارا هاري،
واهه ٻني تو آهي سينگاري.

غلام رسول ٿي سياڻو هاري،
رُت سارين جي آهي پياري،
ڏس وڃي پئي ڪونج قطاري،

منهنجي ديس جا پيارا هاري،
واهه ٻني تو آهي سينگاري(1).

**مجيري:**

Gul Hayat Institute

مجيري انهيءَ ماڻهوءَ کي چيو ويندو هو، جيڪو هاريءَ کي ڪٽڻ ڪٽائيندو هو. يعني ڪيتي ٻاري لاءِ ٻج، هر ڦار وغيره جي ٽپاڙيءَ جو خرچ شاديءَ غميءَ تي پهچ سارو ڏوڪڙ ۽ ڪاڌي لاءِ ورو (ورهيو) يا توڙ ۽ لٽو ڪپڙو به، گهٽو ڪري مجيري تي ڏيندو آهي، جنهن جو خرچ فصل لهڻ تي هاريءَ جي حصي مان ڪٽيو ويندو آهي. اڳي [1947ع کان اڳ] هٿ واڻيا يا مودي هوندا هئا، جي هاريءَ جي سموري پورت ڪندا هئا ۽ سندن وندي ٻڌبي هئي جا ٻٽئي ٿيڻ تي انهن کي ملندي هئي، جنهن ۾ نفعو نقصان سڀ سندن سر تي هو. جي هاريءَ کي سندس زميندار ئي ڪٽڻ ڪٽائيندو هو، ته اهو سندس نه رڳو زميندار پر مجيري به سڏيو ويندو هو ۽ زمينداريءَ سان گڏ مجيرپ جو حصو به ڪٽيندو هو.

**ونڊيون:**

چوڻي آهي ته:

”پاچو آدم قد اچي، تڏهن به هاري پيو هچي!“

ٻنيءَ تي ٻه - ٽي ماڻهو ضرور ڪم ڪندا هئا، تنهن کان سواءِ اُٺ ڍڳا به ڪم ڪندا هئا، تنهنڪري انهن سڀني جون حصا پتيون رکيون وينديون هيون، انهن کي ونڊيون چوندا هئا.

هارين ۾ هڪڙو، خاص هر ڏيڻ جي حوالي هوندو آهي، ٻيو پاڙي وارائڻ ۽ ٻارن ۾ پاڙي پيارڻ تي ٿيون ڪتر ۽ هرلي هڪلڻ ۽ جوڳن کي مٿائڻ ۽ وهٽن وانن جي نظر داري پيو ڪندو هو.

جي ڪنهن زميندار جا گهڻا هاري هوندا هئا، ته هرهڪ کي پنهنجي پنهنجي جڙَ يعني ٻني ٽڪر ڌار ملندو هو. هرهڪ جڙ ۾ پنج - ڇهه ايڪڙ زمين آبادي هيٺ ايندي هئي. هر هڪ هُرلي تي ڇهه وندبون ويهنديون هيون. جي آباديءَ ڪرڻ کان اڳ نبيري پوءِ اسم (ائٿ) چاڙهيندا هئا. هرهڪ وندبيءَ ۾ وري چار کر يا پايا ڳٽيا ويندا هئا. پايا هن طرح ورهاست ڪندا هئا: پنجن - ڇهن سالن جي عمر واري ڇوڪر کي هڪ کر يا هڪ پايو ملندو هو. اهو مال چاريندو هو يا ڌانداري ڪدائيندو هو، ڍڳن کي گاهه ۽ ڪتر ڏيندو هو، لاهه ڍوئيندو هو،ان کان وڏو سٻرٺ يا سرٺ نينگر اٺن - ڏهن سالن ڄمار وارو هوندو هو، ته ان کي ٻه کر يا پايا ڏنا ويندا هئا. ان جو ڪم ڏهائي ڪرڻ، ماني آڻڻ، کير پهچائڻ، وهٽ کولڻ ۽ ٻڌڻ، رنبو، ڪهاڙي ڦار نپائي اچڻ وغيره جهڙا ڪم ڪندو هو، تنهن کان وڏو ڳرٺ پندرهن - ارڙهن سالن جي ڄمار وارو، ان کي ٽي کُر/ٽي پايا ملندا هئا. اهو ڪچو جوان ڪري ليکيندا هئا ۽ اهو هر ڪم ڪار ۾ ٻانهن ٻيلي ٿي بيهندو هو يعني پاڙي وارئيندو هو، هرَ

وهندو هو، جهنگ وڏائيندو ۽ ٻنا ٻڌارائيندو هو. انهيءَ کان پوءِ ويهن - پنجويهن سالن جي عمر واري کي ڦوهه جوان شمار ڪندا هئا ۽ ان کان وٺي ويندي ڪرڙ وَڏِ تائين، ونڌيءَ جا چار پايا يا سڄي ونڌي مقرر ڪيل هوندي هئي. اهو سڀئي ڪم ڪندو ۽ پوک جي پوکائي ۽ ٻج ڇٽڻ ۽ واهيت به مٿس هوندي هئي. اهو انهي اهري تي ڇڏيل يعني مٿين ماڻهن مان ڪيس ڪهڙي جي مدد جي ضرورت ٿيندي، ته ان کي آڌي پاڻ وٽ ٻيهاريندو هو. ماڻهن کان پوءِ وهٽن جون ونڌيون هن طرح مقرر ڪيل هيون.

هڪ ڏاند جو هڪ پايو ۽ جوڙي جا ٻه پايا، پر جي جوڙو پلو هوندو هو ته ٿي بعضي چار پايا به ڪٽندو هو. اُٺ جا ٻه پايا هئا، پر ڪنهن ڪنهن اُٺ جا ٽي يا چار پايا به ڏنا ويندا هئا. جهڙو وهٽ تهڙي ونڌي هوندي هئي. هڪڙي سڄي ونڌي مجيري ڪٽندو هو. مطلب ته ڇهن ونڌين مان ٽي ونڌيون ٻنيءَ ٻلي ته ٽي ونڌيون زميندار واسطي هونديون هيون. ونڌين ۾ ڪو رولو پوندو هو، ته امين يا ٿياڪڙ جيڪو نبيرو ڪندا هئا، سو سڀئي قبول ڪري اُٿندا هئا. ونڌين ورڇڻ کان اڳ گُڏ، آهت، اولياءَ جو رڪب، خيرات جو مڻ مڻ ڪڍي ڌار ڪندا هئا.

آهت ۾ وايو، جيڪو نار، هرلو ۽ هر وغيره مرمت ڪندو هو، مينگهواڙ، جيڪو نيٽو،ناڙو، وڏي، ڳلي، ڳنڍ ٽوپو

ڪندو هو، ڪنپار، جيڪو لوٿا، ڪنگريون، دلا، مٽ ۽ ٺپا، دڪيون ۽ ڪنيون ڏيندو هو، حجام جيڪو هارين جي سيرپ يا سنوارت اچي ڪندو هو، سڀ شامل هوندا هئا. آهت جي معنيٰ آهي، آئي ويل مدد ڪرڻ. ڪي ماڻهو پنهنجو پاڻي وڪڻي ٻين کي ڏين. اهو پاڻيءَ جو جيڪو روڪڙو عيوضو ملي، انهيءَ کي حقابو چون يعني ”حقِ آب“ معنيٰ پاڻيءَ جو حق.

**پوکن جا طريقا:**

آڳاٽي دور ۾ پوکن جا هي طريقا هئا:

**1- چرخي پوک:**

زمين مٿي ۽ پاڻي هيٺ هوندو هو، پوءِ واهن، ڍنڍن، ڍورن، تلائن ۽ ڦاٽن جي پاڻين تي نار يا هرلو چاڙهي، پاڻي مٿي چڪي آبادي ڪرائي هئي.

**2- موڪي پوک:**

زمين هيٺ پاڻي مٿي هوندو هو. هن پوک جو رواج گهڻو ڪري سنڌ جي لاڙ واري ڀاڱي ۾ هوندو هو ۽ اڃا به ڪٿي ڪٿي آهي. ٻراجن نڪرڻ کان پوءِ، ته سنڌ جي گهڻي حصي ۾ هي موڪي پوک ٿيندي ٿي رهي، رڳو ڪڙيي يا واٽر ڪورس کي ٽڪي ڏيڻ سان پاڻي زمين ۾ اچي پوي ٿو ۽ پوک ٿئي ٿي.

3- چاهي پوک:

ڪوهن تي نار چاڙهي سنڌ جي اترئين حصي ۾ پوک ڪئي ويندي آهي ۽ ٿر واري پاڱي ۾ ڪوهن مان ڪوسن وسيلي پاڻي ڪڍي، آبادي ڪندا آهن. ان کي ولڙيون چون. جن ۾ پاڇي بقر وغيره پوکيو ويندو آهي.

**4- باراني پوک:**

هيءَ پوک برسات جي پاڻيءَ تي ٿيندي آهي. سنڌ جي ٿر واري حصي ۽ ڪوهستان ۾ مينهن جي پاڻيءَ تي پوک ٿيندي آهي.

**5- سيلابي پوک:**

سانوڻيءَ ۾ جڏهن سنڌو ندي اُٿلون ڪندي هئي، ته درياءَ جي ٻنهي ڪنارن لڳ ميل - ٻن ۾ زمين رجي ويندي هئي ۽ جڏهن پاڻي لهي وڃي ڪرون وٺندو هو، ته هاري انهيءَ ريج ٿيل زمين تي بوسي پوکون ڪندا هئا. هينئر درياءَ کي وڏا بند ٻڌل آهن ۽ ڪيترا وڏا وڏا واهه نڪتل آهن، تنهنڪري اتفاق سان ڪا ٻوڏ يا اُٿل ٿي ٿئي.

**آبادي لاءِ آڳومت ڪرڻ:**

جنهن وقت جي اسين ڳالهه ڪريون ٿا، ان وقت سنڌ ۾ گهڻي پاڱي چرخي پوک ٿيندڙ هئي. تنهنڪري آڳومت به چرخي پوک بابت پيش ٿا ڪريون.

ڪنهن به زميندار ڪنهن به هاريءَ کي زمين هارپي تي ڏني، ته هاري پهريائين وڃي زمين ”ٽپيندو“. يعني ان نمبر

جي ڪنهن هنڌان ڪجھ جهنگ وڌي چڙهندو. ان کي ڏسڻ سان پتو پوندو هو، ته نمبر ڪنهن پوکڻ جي لاءِ وٺي چڙهيو آهي. چاڙهيڪن جا ڏينهن ويجها ايندا هئا ته ڪنهن اُپڪيريءَ يا ٽاڪ تي سٽائو سهنجو گهيڙ ڏسي يا ڪنهن پراٽي پاڏ مٿان اسم چاڙهيندو يا ته ماڳهين نئون سئون پڙواڏو/کوهاڏو اتي ڪٽائيندو جتان، سولائي سان سندس زمين ريج وٺي سگهي.

**پڙواڏو ڪٽڻ:**

هاري مليل زمين جو ٽئنچ وٺي وهندڙ واه يا ڪڙيي جي ڪنڌي لڳ ڪڙيي مان ڪسي يا نالي ڪڍي، سهنجيءَ جاءِ تي پهچي پندرهن ڪان ويهن فوٽن جي ديگهہ ۾ ويڪر ۾ ڪامو (ڪڏو) ڪٽندو. اهو هيٺ لڳندڙ پاٽيءَ واري نريءَ جي تري برابر کوٽي بيهاريندو ڪي ته وري ان ڪان به ڪجھ هيٺيرو کوٽيندا آهن، ته مٿان لٽ / ريٽ اچي ترو پري مٿي نه ڪري چڙهي. پڙواڏي کوٽڻ مهل ۽ نريءَ کوٽڻ وقت اهو خيال رکندا هئا، جي زمين سخت ۽ پڪي هوندي هئي، ته نري سرنگھ وانگر گجهڻ ۾ ڪٽندا هئا، يعني اها ڪسي اندران ئي اندران وڃي پڙواڏن ۾ پوندي هئي ٿهندو. اهڙي پڙواڏي کي کوهاڏو به ڪري کوٺيندا هئا. انهيءَ نموني زمين ولڻ سان مٿان ٻاهن رکڻ جو گهٽو بچاءُ ٿيندو هو.

Gul Hayat Institute

ٻاھُو / ٻانھو اھي ڪاٺ آھن، جي پڙواڏي جي ڪنارن سان لڳائي رکندا ھئا، تہ پڪون ھيٺ ڪري پڙواڏي کي پوري نہ چڏين ۽ اسم بيھارڻ ۾ پڻ آساني ٿيندي ھئي. پڙواڏي کي ھنن حصن ۾ ورھايو اٿن:

پڙواڏي جي وچئين حصي کي ”تڙ“ چوندا آھن.

جنھن جاءِ تي ڪنگر يا لوٺا پاٽيءَ سان پرجي مٿي وڃن، ان کي گھڙيالو چوندا آھن، پڪين سرن سان اوساري ڪيل کي کوھاڏو چون، پوءِ ان پڙواڏي جي آمھون سامھون ٻن پاسن کان ھڪجيڏا ڪاٺ گدي گدي زمين ۾ پورين ۽ انھن مٿان گڏون ھونديون آھن، جن تي نار جو وھو، ڦرندو آھي ۽ گڏين کي ناھور [ناڪور] چون.

**تڙ چا آھي:**

تڙ ھن نموني ٺھندو آھي. پڙواڏي/کوھاڏي مٿان ٻاھُو سڌا ڪري رکندا جي ڪو ھيٺ مٿي ھوندو، تہ ان کي ھيٺان ڪاٺ جون دوڳيون، سرون يا چاپائيون ڏيئي سڌو بيھاريندا. اھي اھڙي طرح سمھاربا ھئا، جيئن وچ وارو پاڳو کليو رھي. ٻاھو چوٿو يا ڪمزور ھوندو ھو تہ ان کي ھيٺان اُپيون ٽيڪون يعني ڪاٺ جا ڪنڊٽا يا ضامن ڏيئي چڏيندا ھئا. ان وچ واري کلئي حصي کي تڙ چئبو ھو ۽ ان تي ئي نار يا ھرلي جو پاندو يا پاندي رکي ويندي ھئي. تڙ جي ھڪڙي پاسي تي ٻاھو ۽ ڪپر سان لڳ ھڪڙو ٻاھُو

پڙاڻ وهاڻي ڏيئي رکبو هو. پڙواڏي جي سيرانديءَ تڙ جي ڪنڌيءَ لڳ ٽڪرائي رکيل پرواري ڪاٺ کي ”پرجهلو“ چوندا آهن، ان جي ٻئي پاسي پاروني جي ٽيڪ کي ”جهلڻ“ چون، پرجهلي مٿان ڪانگ جو پچ سوگهو ڪندا هئا. ٻاهن جي مٿان لڙها، انهن مٿان پچر ۽ پچرن مٿان ڏڪ رکي پوءِ انهن تي ڪِپُ، ڪرڙن جو جهڪ، ٻُوهه ۽ سڻ رکي، مٿي وجهي پاسا بند ڪندا هئا. پڙواڏي جي انهيءَ ڍڪيل پاڱي کي ڳجهڻ چوندا هئا. پڙواڏي واري مٿئين سموري ڪانوڙ کي مڏ چيو ويندو هو. نئين پڙواڏي جي ڪڏي کي تڙ ۽ پراڻي پڙواڏي جي ڪڏي کي پاڏ چوندا هئا. هاري پوءِ اوڻو ملائيندو يعني زمين جون دڙيون دڪيون ڪيندو. ان ڪان پوءِ جي ٻگهڙ / ٻڪري / وڪري [معنيٰ ٿوري پوک] ڪرڻي هوندي هيس ته گهڻي مٿاماري نه ڪندو هو، پر جي ڪٺي اولو [ٻنيءَ جي جهڪيل ڪنڌ] هوندي هئي، ته ڪڙون [وڏا بند] ٻڌندو هو جيئن پاڻي ڊوري نه ڪري وجي ۽ ٻيڙ ٻندي [چوڌاري لوڙهو] به ڏيئي ڇڏيندو هو، يا ته رڳو آڙو [ننڍو بند] چوڌاري ٻڌل ڪافي سمجهيو ويندو هو.

**نار يا هرلي جي بناوت:**

نار وڏن ٽن ڀاڱن ۾ ورڇيل آهي: 1. چٽ، 2. چڪر ۽ 3. ڀانڊو. اهي ٽيئي ڀاڱا ملائي انهن کي نار ٿو چئجي.

**سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي ته:**

نَوَ نوداڻي نَوَ حقا ته هرلا سُڪا،
نَوَ نوداڻي ڏه حقا ته هُرلا پڪا(1)

(1) اتر ۾ بيگاري واھ اڃيئي موجود ھو، پر سن 1850ع ۾ انگريزن ان کي ڪشادو ڪرايو ھو. (ليکڪ)

(1) مولوي محمد صديق مسافر جو والد نائجبار- آفريڪا جو رھواسي ھو، جتان ھو ننڍپڻ اغوا ٿي عربستان ۾ وڪاڻو، پوءِ ٽالپر ڏؤر ۾ سنڌ ۾ آندو ويو. ھن جي ھن لائق پٽ سنڌ جي تعليمي ترقي لاءِ وڏو ۽ بنيادي ڪم ڪيو آھي. (ادارو)

(1) نڪٽ / نڪٽن کي نچتر يا نکشتر به چيو ويندو آھي. (ليکڪ)

(1) اھڙي زمين کي اوبڙ به چون. (نظرثاني ڪندڙ)

(2) ھاٽي بندش جو قانون ختم ڪيو ويو آھي. (ليکڪ)

(1) آويڙا، لوھ جا به ھڪجھڙا ٽڪرا گھڙي پاڻ ۾ ملائي ھي اوزار ٺاھيندا آھن جنھن کي ڪھاڙي چون.

(1) ھي نظم پورھيت شاعر غلام رسول مستاني جو آھي. (نظرثاني ڪندڙ)

Gul Hayat Institute

(1) نظرثاني ڪندڙ طرفان واڌارو آھي. (ادارو)

## (الف) چٽ:

ھڪ پارھن فوٽ ڊگھو، فوٽ - سوا ويڪري قطر وارو گول ڪاٺ، جنھن جو ھيٺيون حصو اٽڪل چار فوٽ ڪن ديگھ ۾ ۽ ٿلھائي ۾ ڏوپ چٽي بند ٿيل وانگر ڏسڻ ۾ ايندو.

مٿان ويڪراڻ ۾ هيٺ گولائي سوڙهي ٿيندي وڃي ڪند وٽ ڇهنبدار ٿي بيهندي، ان ڪاٺ جو مٿيون حصو فوٽ کن هڪجهڙي گولائيءَ ۾ پر مٿيون حصو البت ٿورڙو گهٽ گولائي وارو ٿي بيهندو آهي. ان کي نار جو مُهرو سڏبو ان ۾ ڇٽ جڪڙجي بيهندو آهي. ان مُهري جي وچ وارو ڪپو، ڇٽ کي پاڻ سان ڇهڻائي ٿو بيهي. سو هن طرح سان. ٻه تختا / پاٽيا / داٻڙا سل چوڙ ٿيل هڪٻئي تي آڏا رکيل تن جو وچ ڳپي چورس يا گول ڳاڙک گهڙي مهري جي مٿان اُڪاري ٻڌير وٽ ٺوڪي ويهاريندا. ان جو لچڪو [گنبي يا چپر هٽي مضبوط ڪندا] لهي ويندو. پوءِ انهن جون پچاڙيون اڌ گولائي ۾ چل وٺي رکندا. ٻن ادائن فوٽن جي وچوٽي وٺي انهن جي مٿان ٻه تاڙيون يا چورسا پٽين وانگر گهڙيل، اهي ٻه ڇٽ جي ونگن يعني ونگڙين پٽين ۾ ٺوڪي ويهاريندا. اهي ونگون ٻن حصن ۾ ورهايل هونديون آهن. هڪڙيون مٿئين داٻڙي جي تاڙين ۾ اڌ گول پچاڙين سان وڃيو ٿيون لڳن ۽ ٻيون وري هيٺئين تختي مان نڪتل تاڙين ۾ پچاڙين کي سوگهو ڪنديون آهن. ٻنهي پاسن [هيٺين توڙي مٿين] ونگن کي ڳنڊي بيهارڻ جي لاءِ ”آرا“ جيڪي ٿوم جي ڳڙين جهڙا ڪاٺ جا ڪٻڙا يا چڪرا چوڙسل تي گهڙيل آهن، سي ڦهڪائي بيهاريندا آهن. انهن ڪٻڙن ۾ ونگن کي وري ڪاٺ جون ميخون سوراخن ۾

جن کي سوهڻ(1) يا سوئل چون، هٽي قابو ڪن، پوءِ اهو سڄو گولائي ۾ ٿهيل پچرو بنجي پوندو آهي، جو آهي چٺ. ان چٺ سان مهري جي وچ وٽ هڪ ست ـ اٺ فوٽ ڊگهو ڪاٺ يا پاٽيو جو فوٽ ڏيڍ ويڪرو هوندو آهي، سو پڻ جڙي جٽي چڙهيندا آهن. جنهن کي ڳاڏيءَ جو نالو ڏين. ان جي پچاڙي ۾ اونٺو گهڙي سلي هٽن، ان کي ڪماڻ [پٽيلو] ڪوٺين، اهو ٺوڪي بيهارين ان ڳاڏيءَ وسيلي چٺ ڦرندو جو سڄي نار کي ڦيرائيندو آهي.

**(ب) چڪر جي بناوت:**

نار لاءِ ٻيو هڪڙو گول ڪاٺ جنهن کي لٺ چون، ان جي منڍ ۾ چڪر جڪڙيل هوندو آهي. هن لٺ جي چڪر واري پاسي ڊگهائي سنوالي ۽ پوچڙ واري پاسي گهٽ رکندا آهن. ان گهٽيل پاسي ڏي اٽڪل ٽن ـ چئن فوٽن وٽ وچ ٿلهيرو ٿيندو اٿس. اُن اٽيل گولائي واري پاڱي کي ڊيڊي /ڊُڍي چون. اتي پاڊو ڪپندو آهي. هن لٺ جي پچاڙي گولائي ۾ ڇهنبدار ٿيندي آهي، انهيءَ ڇهنب کي "وَهو" سڏين. لٺ جي منڍ ۾ چوڙسل ڪري، هڪڙو تختو چيرن سان سوگهو ڪري ٺهڪائي لڳائين. ان تختي مان اڙيون لنگهائي،ونگن جي وريل اڌ گول پٽين ۾ کوڙين. انهن کي سوهڻ هٽي ونگن جي منهن ۾ "مکڙا يا ڏندا" ونگن سان جوڙي جٽ ڪن، جن جون ڇهنبون هوبهو ماڻهوءَ جي ڏندن وانگي ڏسڻ ۾ اينديون

آهن. جڏهن چٽ کي وهٽ ڳاڏيءَ اڳيان ٻڌي ڇڪيندو آهي، ته چٽ جا ڇڪر جي ڦرڻ تي، ڇڪر واري لٺ پٺيان پاندي به پٺي ڦرندي آهي. ڇڪر، زمين سان لڳي روڪجي، نه بيهي تنهنڪري ڇڪر هيٺان ڪڏڙي ڪوٺي چڙين جنهن کي ”ڇهي“ چون.

ڇڪر ۽ چٽ ۾ هيءُ فرق آهي، جو چٽ کي ٻن اڍائن فوٽن جي وڇوٽيءَ تي به تختا لڳندا آهن ۽ ونگن ۾ قابو ٿيندا آهن. جن کي آرا يا ڪبڙا پاڙ ۾ ڳنڍي بيهاريندا آهن، پر ڇڪر ۾ فقط هڪڙو داٻڙو [تختو] منهن ۾ هوندو آهي ۽ اراڪو نه ٿئي، بجاءِ ان جي ونگن سان مکڙا يا ڏندا شامل هوندا آهن. چٽ ٻائڙ [مقدار] ۾ وڏو ٿيندو آهي ۽ ڇڪر ان کان گهٽو ننڍو هوندو آهي. باقي بناوت جو نمونو ٻنهي جو گهٽو ڪري ساڳيو هوندو آهي.

**(ج) پانڊي جي بناوت:**

ڇڪر واري لٺ جي ڊيگهه وٺ سلَ سلينڊا آهن، جي ٻن قطارن ۾ ٿين. انهن ۾ اڍائي - ٽي فوٽ، چورس انچ - سوا جون پٽيون نوڪين جن کي ”اوپارا“ سڏين. اوپارن جي پڇاڙين ۾ چارفوٽ ڊگهيون به - اڍائي انچن واريون چورس پٽيون چوڙسل ڪري نوڪي لڳائين. انهن پٽين کي ”ڦرهيون“ سڏيندا آهن. انهن ڦرهين کي گولائي ۾ قابو ڪرڻ جي لاءِ وري ونگڙيون پٽيون جن کي ”وَنگون“

چيڙو ڪپُ ڪري، ڪنهن ٻاهُو يا ڪنهن پڇر سان ٻڌن ۽ باقي حصو پاندي جي ڦرهين تي رکي ڇڏين. جيئن جيئن پاندو پيو ڦرندو آهي، ته اها پٽي ڦرهين سان ٽڪرجي ”ٽڪٽڪ“ جو آواز پئي ڪندي. آهي انهيءَ ڪري هن کي ٿهڪٽو به ڪوٺين ۽ ڪي جهل به چون. هيءُ پاندي کي پوئتي هٽڻ نه ڏيندو آهي. جي پاندو پوئتي ڦريو ته سپ لوٽا، جي پاٽيءَ سان پريل هوندا سي مالهه کي هيٺ چڪي وجي تڙ ۾ خالي ٿيندا. انهن کي روڪڻ خاطر ٿه ڪٽي جو نار ۾ هئڻ ضرور ڄاتو ويندو آهي. انهيءَ کي پرچل [برجل] به چوندا هئا.

**مالهه:**

آتهه [ڊپن] کي سٽي ڪٽي، نرم ڪري انهيءَ مان رسو وٽي ٺاهيندا هئا. يا پيش جا ڦرها وٺي، انهن کي پُسائي سٽي ڪٽي انهيءَ مان به نوڙ وٽيندا يا ڪاٻاڙ جي ٻن - ٻن رسن مان اُهي نوڙ ٺاهيندا. انهن نوڙن جي ٻاڙي هڪ فوٽ جي مفاصلي تي ڪاٺ جون گهڙيل ايرڙيون جيڪي ٻاڙي کن ماپ جيتريون ٻنهي پاسن کان ڪپيل چيپاٽڙيون هونديون آهن ۽ پاڃاريءَ جي مٿينءَ ڪونهاٽيءَ وانگر ڏسڻ ۾ ايندريون آهن. تن جا ٻئي چيڙا ٻنهي نوڙن جي وڪڙن ۾ سڌائي ۾ ونگيندا ويندا ۽ جڏهن سپ ايرڙيون پوريون ٿيون يا گهربل مقدار ۾ ايرڙيون ڳنڍ جي ويون، ته ان رسي جا پڇڙ پاڻ ۾

ڳنڍي، هار وانگر گول ڪندا آهن، جنهن کي ”مالهه“ ٿا ڪوٺين.

ان مالهه ۾ هڪ هڪ ايرڙي چڏڻ ٻاريءَ تي سندَ [لوٺا يا ڪنگريون] ٻي نمبر ايرڙي تي رکي مچ [واڻ] جي نوڙي جي ٻاڙ سان سنڌ جي ڳچيءَ ۾ ڳاري ڌيئي وڪڙ چاڙهي، هڪڙو سنڌوڙيءَ تي ۽ ٻيو لسو ٻڌندا ويندا. سنڌ ٻڌجي ويندا، ته مالهه پانڌي تي چاڙهيندا پوءِ جيڪو به سُنڌَ پَڇندو پيو ته مالهه چڙهيي ئي ٻڌي ڇڏيندا. جي کوهاڏو هوندو ته ٽنگڻ مالهه چاڙهيندا جي تانگهو پڙواڏو هوندو، ته لڙڪيل مالهه جنهن کي نيساري مالهه پڻ چون. اها ڪم آڻين. پڙواڏي [کوهاري] جو پاٽي جي پانڌي سان پيو ٺڪربو، ته مالهه کي گسڪڻ کان روڪڻ لاءِ ڦرهين سان چڪي ٻڌي ڇڏين. ان کي ”ٻائڙ ٻڌو“ [ٻاڙوُ ڌو] هرلو سڏين، پر جي مالهه ڦرهين سان مالهيل يا چڪيل نه هوندي آهي، ته ان هرلي کي ”چاڙهو هرلو“ يا ٽرنگڻ چون. هرلي جو پاٽي نيسر کان هيٺيرو هوندو ته ان کي نيسارو هرلو چون. کوهاڏن ۾ کوهن تي چاڙهيل مالهه ڪنهن پاسي رڙهي نه وڃي، ته ان جي لاءِ ڪنهن پچر ۾ رسو ٻڌي، مالهه جي پر ۾ لڙڪائي ڇڏين. ان کي مالهيارو يا مالهيٺو سڏين. کوهه جي پاڙ جي ۾ مالهه کي روڪڻ واري ڪاٺيءَ کي باقُه چون. ياد رکڻ گهرجي، ته هرلي ۾ رڳو چٺ ۾ پانڌي ٺيندي آهي. چٺ ۾

جيڪي ڦرهيون هونديون آهن، تن جا چيڙا ٻگهيرا چڊيندا آهن، جي وري پانديءَ جي ڦرهين ۾ اٽڪي ان کي ڦيرائيندا آهن.

نار يا هرلي کي هلڪي ڪرڻ ۽ سريلي آواز ڪڍائڻ واسطي تيل جا ڦها پري وَهي ۽ ناهَور کي ڏيندا آهن. درياءَ جي هيٺ لهڻ تي پاڻي مٿي چاڙهڻ واسطي ٻچڙه يا ٻيهڙ چاڙهيندا آهن. جنهن ڪوهه تي آمهون سامهون ٻه نار وهندڙ هوندا آهن. اُن کي جُنگ ڪوهه سڏجي ٿو. ڪوهه واري نار جي ڳاڏيءَ کي ٻانپو چيو ويندو هو.

**نار [هرلو] چاڙهڻ:**

چاڙهيڪن جا ڏينهن آيا ته هر طرف هُرلا چڙهيا. هُرلي جا ٻه حصا ٿين: هڪ چٺ ۽ ٻي پاندي. پڙواڏو ڪوتجي تيار ٿيندو، ته ٻه اُپا ڪاٺ جن کي ٻُنديون چئبو آهي، انهن کي مچا، ٻسانگيءَ ڪان ٿورو مٿرو ڏيندا آهن. انهيءَ ٻه ڦانگيءَ جي ڳِنڍِ وٺ پوري وچ ۾ ڪپ ٿيل هوندو آهي، جنهن کي ناهور چون، انهن ٻُندين مٿان پاندي جي لٺ سڏائي ۾ رکي، ان لٺ جا وَها يعني بدوڙي وانگر گهڙيل ڇهنبدار پچاڙيون، هڪڙو هڪڙيءَ ۾ ٻنديءَ تي ۽ ٻيو وَهو پارونيءَ جي ناهوَر تي رکن. پاروني اها ڪاٺي هوندي آهي، جيڪا آنڪڙي وانگر يا ڳاڏيءَ جي اوٺڻي وانگر ڳونپاتي گهڙيل هوندي آهي. ان جي مٿئين حصي جي پچاڙيءَ ۾ ناهور جي

ڳڏِ ۽ ونگ واري پاسي مٿان چٽ جي ڪُندَ جي ڳڏ نپيل هوندي آهي، هن کي گوڏو به چوندا آهن. پارونيءَ کي روڪي يا جهلي بيهڻ واري ڪاٺ کي تراٺ [پرجهلو] چون، جيڪو ٻاهن سان ٺيڪ تي بيٺل هوندو آهي. پڙواڌي جي پڳھ برابر جيڪو ٻاهُو رکندا آهن. ان تي هڪڙو لڙهو جو ٻگھ پکي جي ڳچي ۽ چنهب وانگر پيو لڳندو آهي تنهنجو چيڙو جهلڻ يا ٻاهوءَ ۾ ڦاسائي ۽ چهنب وانگي جيڪو حصو هوندو، سو پانڌي يا پانڌي جي وچو وچ اُپو ٿي بيهندو، جنهن تي پاڙچي جو بند ٿيل سرو رکندا ۽ ڪليل حصو نيسر مٿان رکندس. پاڙچو، نيساري وانگر هڪ ويڪرو گهڙيل ڪاٺ جو دوڳ آهي. هن جي ڊيگھ به - اڍائي فوٽ ۽ ويڪر فوٽ ڏيڍي هوندي آهي. اڌ فوٽ يا پورو فوٽ ڪَپيل يا وچان مايو نڪتل هوندو اٿس. نيسر، به پاڙچي وانگر ڪپيل هوندي آهي. منڍ وارو پاسو بند هوندو اٿس ان تي پاڙچي جي پچاڙي رکيل هوندي آهي. نيسر جي ڊيگھ اٺ - نوَ فوٽ، ويڪر فوٽ ڏيڍ وچان مايو نڪتل يعني نپيل هوندي آهي، نيسر جو گهٽو ۽ ڏگهو حصو اڏ مٿان رکيل هوندوآهي. ۽ ٿورو ۽ مٿيون حصو پڙواڌي منجھ مٿيرو هڪڙي ڪاني، جنهن کي ڪبرَ [نيسراٽي] چون، ان مٿان رکيو ويندو آهي. ڪا نيسر ڪليل هوندي آهي ۽ ڪنهن جي

مٿان ڏڪوريون [ننديون ڪاٺيون] ڏيندا آهن، ڪٿي نار ڪي ان مٿان جهَڪ وجهي پنجو ورائي چڏيندا آهن.

**ب ـ چٽ چاڙهڻ:**

تڙ سان هڪ اڳڙياٺ باهو پڪ سان پٽل هوندو آهي، جيڪوو پڙواڏي جي ڪنڌيءَ کي هيٺ ڪرڻ نه ڏيندو. ان تي پاروني يا گوڏو رکيل هوندو. جيڪڏهن گوڏي ۾ گڏ هيٺيري هوندي، ته ان کي گٿهڙو ڏيندا [چاپائي يا ڪاٺ جي دڪي] جنهن ۾ نئين گڏ نپيل هوندي، چٽ جي لٺ جي ڪُنڊ ان گِڏ ۾ وجهي چٽ اُپو ڪندا ۽ سندس اَرا پانڊيءَ سان اٽڪي بيهندا. پوءِ مٿانئس ڪاڄڻ سڏائي ۾ سمهاريل هڪ ڪاٺ رکن، جا پيلپائن تي رکيل هوندي. ان جو هڪڙو پاسو سل چوڙ ٿيل مُن جا ٿوٽي آهي ۽ ٻيو پاسو پَخاني رکن [هڪ ٻسانگي ڪاني سامهون ڪتل]. ان جي ٻنهي ڦانگن جي وچ ۾ هڪ ڏڪ ٻڌن، جنهن کي وري پهاج [واٽُوري] سڏين، تنهن جي مٿان ڪاڄڻ جو ٻيو چيڙو رکندا آهن. جو چورڻ ڦيرڻ ۾ سڻائو ٿيندو آهي. ان ڪاڄڻ جي وچ تي مڪڙو جو مڇي مارڻ جي ڪنڊيءَ وانگر ٿيندو آهي، سلُ ڪري ڪاڄڻ ۾ ٺوڪين.ان مڪڙي جي وڪڙ ۾ چٽ جي لٺ جو مٿيون پاسو روڪجي بيهندو آهي. مڪڙيءَ کي ڪاٺ مان گهڙيل ڪاني، [جنهن کي ٻنجو چون] ڪامِڻ جي ڪپ ۾ هٽي سوگهو بيهارين.

**ج - پڙ ۾ منھ:**

ڪاچڻ جي ابتڙ نريءَ واري پاسي ڏانهن مٿان هڪ ٻيوڪاٺ جو ڪاچڻ کان جانتا ننڍو هوندو آهي، سو پخاني ۾ ٻيءَ ٿوٽي مٿان سڌو سمهارين. ان کي لاٽڻ چوڻ، پوءِ انهن ٻنهي مٿان ڪاٺ ڪلا ۾ ڪک ڪانا وجهي چڙهين، ان کي منهڙو [باڏ] سڏين جو پڙ مٿان چانوَ ڪري بيهندوآهي.

پڙ، نار جو پڙ کوهاڏي [پڙواڏي] کان پرپرو هوندو آهي، پر هرلي جو پڙ، کوهاڏي [پڙواڏي] جي ٻنهين مٿان ٺاهيندا آهن. پڙواڏي جي نريءَ مٿان تڙاٺ ٻاهو ته اڳ ۾ ئي رکيل هوندو آهي، انهن تي وري لڙها، پجر ۾ ڏک [ڪايا] رکي، انهن تي ڪرڙن جو جهڪ [ڪرڙن جا پُرڪٽ] سِڻ، ٻُوھ / اَڪارو رکي پنجو ورائي سڌو ڪن، جنهن تي ڍڳو يا ڏاند، ڳاڏي سان ٻڌل پيو ڦرندو آهي. تنهن ٽُڪر يا گولائي کي پڙ ڪري ڪوٺين. پاٽيءَ جي چاٺ پڙ تي لڳي پڙ پسائي نه رکي، تنهنڪري چاٺ کي روڪڻ جي لاءِ پتر آڏي ڏين.

**پتر هن نموني ٺاهين:**

جنهن طرف پتر ڏيٺي هوندي، ان پاسي ٿوٽيون هڪٻئي کان وچوٺيءَ تي کوڙي گڏيندا، پوءِ ووٽانئيون يا ڪانا، سٺي پڪيڙي چار انچ کن بر واري پتر کي پٺيان وريو يا لڙهيو ڏيئي، جي به ڪانن ۾ ووٽانئين مان لڙهن وانگر ور وراٺا

Gul Hayat Institute

ڏئي، نوڙين سان وڪوڙي ٻڌي ڏاهيندا، ۽ پٽر کي پٺيان رکي ڇڪي انهن سان جڪڙيندا ۽ اهڙا ٻه وَر يا هڪ هنپرو ۽ هڪ مٿيرو ٻڌندس، پوءِ ڪٽي ٿوٽين سان ٺهڪائي ڇڪي ٻڌي ڇڏيندس.

پٽر جي پوئتان ڍورن جا آهورا، ڪُتر جي ڪوٺي ۽ هارين جو سامان سڙو رکيل هوندو آهي. ڪي هاري وري چانولي جي لاءِ وڻ پوکيندا آهن، جن ۾ ڪنبو، ٻَٻُر، سريل، پپر، ٻڙ، گدامڙي، ٻير، چار، ڪبڙ وغيره هوندا آهن.

هُرلن ۽ نارن تي نظم

رک نگاهه نهور تي، جهلڻ نه جهلندياس.
ٻاهو عضوا عجيب جا، ڪاڪيون ڪاهيندياس،
ونگ سنگ واٺون وندر جون، سهجون سپ ڪجانس،
اوپارو اٽچاڻ کي، گنبي گوڏو ڏجانس،
ڦرهي پنهنجي پرسان، ورَ ويڙهي ورندياس،
ارڙيون، ارڙا، نه ڪجو، مهل تي ملندياس،
پاڳي ساڳيا سٽهل جا، تنهن جي شال ٿيندياس،
پاڙڇ پن پريت جو، اوچڻ ٿي ڏرندياس،
نيسر پنهنجي پرسان، ٻاري ٻاجهه ڪندياس،
ڇئيءَ کي ڇڳو ڪري، وجي ڏاتر ڏات ڏجانس،
پاروني ٻه پلن جي وجي، گولي گس ڪندياس،
ترياٺ سان تڪڙي وجي، ماروءَ کي ملندياس،

مُهر ري محبوب جي، چڪر ٿي چلندياس،
آڏاڳيءَ لئه عجيب جي، واڳي ٿيو وتندياس،
هٿي مڪڙو محبت جو، ڪاڇڻ ٿي پونڊياس،
لاھ منارا آب جا، پاڻي چو پچنڊياس،
تار به تند عشق جي، وجي ”لٺ“ تي لوچيندياس،
ٿاهر، ٿڙ ٿنپريءَ جو وجي، ته ٿوٽڻ تي ٿوڙيندياس،
جانب جوھر جيءَ جو، وجي ڏورٽو ڏوريندياس،
ڪانءَ، به ڪانگيرو ڪيو، وجي پڙاٿ تي پونڊياس،
پيس ڪڍ قرب جي، ڳاڏيءَ سر ڳهنڊياس،
دعا ڪريو مون پائرو، وجي نار اڳيان نوند ياس،
آڪي ”الهداد“ عشق منجهاران شال مولا سان ملندياس!(1)

**ٻيون حقيقتون:**

1. جاڙا نار: هنن ۾ وهٽن جي وهڻ جا به پڙ هوندا آهن: به پاندا، چار پاڙچا ٻه به پاندن جي وچ ۾ ٿين ۽ پنجين ٿئي نيسر. هنن جي پاٽيءَ کي ٻناري جو پاٽي ڪوٺين.

2. ٻيهڙ نار: پاٽي تمام هيٺ هوندو آهي، ته تري ۾ هڪڙو نار يا هرلو چاڙهي ان جو پاٽي مٿي پڙواڏي ۾ آٽي، وري انهيءَ تي ٻيو نار يا هرلو چاڙهي پوءِ اهو پاٽي زمين جي سڌائي تي آٽين. اهڙا ٻيهڙ گونيءَ تي گهٽا چاڙهيل هوندا

آهن. جڏهن پاڻي تاڙ ڏيئي ويندو آهي، ته پاڻيءَ جي ڪا ٻڻ انهي طريقي سا پوري ڪندا آهن.

3. هرلو: نار ڪان گهٽ پاڻي چڪيندو آهي، هرلي جي پڙواڏي ۾ جي گهٽو پاڻي هوندو، جنهن ۾ پانبي اڌواڌ ٻڌي بيهندي آهي ۽ گهٽي پاڻيءَ ڪري ماله گسڪڻ لڳندي آهي، ته انهيءَ ماله کي پانبيءَ سان چڪي ٻڌي چڏيندا آهن. اهڙي هرلي کي ٻائڙ ٻڌو يا ٻاڙوڌو هرلو چون. جي پاڻي هيٺ هوندو، ته چاڙهو هرلو ۽ جي پاڻي نيسر جي برابر هوندو، ته ان کي ”نيسارو هرلو“ ڪوٺين، ٻائڙ معنيٰ پانبي جو مقدار يا قطر جي ماپ.

4. نار جي نري: واهيءَ يا ڪسيءَ مان پاڻي اچڻ بند ٿيو يعني پاڻي چڄي ويو ۽ سنگهارو پئجي ويو، ۽ پوڪ کي هڪڙي پيچ جي ضرورت هوندي، ته هاري اصلي پڙواڏي تان هرلو پٽي، ڪڙيي يا ڪور تي به آمهان سامهان ٻاهُو سڌا رکي، انهن مٿان پڙ ٺاهي، هرلو واهائيندا هئا، اهڙي هرلي کي ”لانگڙيو“ ڪوٺيدا هئا.

5. ٻيلهڻ: ڪي هاري وري هڪڙو وڏيڪ هرلو جتي واه ۾ پاڻي گهٽو هوندو هو يا ڪنهن ڍنڍ، تلاءَ يا کڏ مٿان چاڙهي ان جو پاڻي پنهنجي ڪڙيي ۾ آڻي پوءِ اصلي پڙواڏي وارو هرلو هلائيندا هئا. اهڙي ٻئي هرلي چاڙهي پاڻي پهچائڻ کي ”ٻيلهڻ“ ڪوٺيندا هئا.

Gul Hayat Institute

6. جاڙا هُرلا: ڪٿي ڪٿي جاڙا هُرلا به وهندا هئا، پر انهن جا پاڙ چا گڏيل نه هوندا هئا، هرڪو پنهنجي پنهنجي پڙ تي پيو وهندو هو، پر منهه هڪڙوئي هوندو هئن. پراڻي هرلي کي ڊينگو يا ڊينگلو ڪري ڪوٺيندا هئا.

ڪافي:

ٿل: ڇا ڳاڏي ڇا ڳِڙڪار، ڇا اسان جو ارٿ وهي آڏار تي

وهندا روز وڃن ٿا يارو، ٻڏائون ڏاند ٻگو ۽ ڪارو،
پاڻي پاڙڇ پريو نيسارو،آئي آنڌيءَ جي وار:
ڇا اسين ڪاهي پياسين ڪوڏار تي!

نوان ناؤڪا بنا ٻهاري، ٻِروٽي ٿي هرهڪ ٻاري،
هارين هَرَ هٿ چونيا واري، سلن جو سينگار:
ڇا اسين ڪوڏيا جوئر جي ڪار تي!

پنهنجي پوک رسايائون رانهي، هر هڪ هاري سينو ساهي،
ٻڌي چؤنڪ ڪئان پيا ڪاهي، لڳو واءُ وٽڪار:

Gul Hayat Institute

چا اسين موڙهين ٻڌڻ جي مار تي!

آخر ڪي سنگ نسري آيا، مٿان مڪڙن مورچا لايا،
هيٺان هارين هُل مچايا، داٽن جا ڏڏڪار:
چا سپ ٿيا سَٿڻ جي سار تي!

پوک پرت جي ثابت هوندي، ڏڪو ڏومون مور نه ڪيندي،
هر برک کان باري نيندي پاٽيءَ جا پلتار:
چا رَکَ نيٽن جي نار تي!

”امين محمد“ عبرت آهي، نيٺ وڏائون لابار لاهي،
ڳاه ٻڌائون ڳوڏا ڳاهي، وائر جي وسڪار:
چا اسان داٽا نيا درڪار تي!(1)

**ڪافي ٻي:**



Gul Hayat Institute

ٿل: دم دم جا ديدار، اپر اسان جي نار تي.

بگا ڏاند ٻڌائون ٻيئي، تن جي ڳالھ ڪريان آئون ڪيھي،
وھن ڏارون ڏار، ڳاڏيءَ جي ڳِتڪار تي!

پاروني ھڪڙي چڪريون ٻيئي، آرا انھن جا آھن اھيئي،
وھن باروبار وو لٺ واري للڪار تي!

ڦرھيون ونگڙيون آھن اوپاريون، ارڙيون سُو ھن مالھ موچاريون،
جھَلڻ جا جھلڪار، وو لوتن واريءَ ٽڏڪار تي!

ڏُڍي چوٿنڪ جوئر جا نِسري، ڳنا تنھن جا ماڪي مصري،
ڪيرن جا به خمار، وو آھن پيھي واري پونجار تي!

Gul Hayat Institute

ڪانگن ڪانگيرو وَهين واهيرو، ڪبرن ڱيرن ڪيو اچي گهيرو،
ڳوڙهن جا وسڪار، وو جهرڪين جي جهونگار تي!

آيو نيسر پاڙچ ۾ پاڻي، مرشد اچي ٿيڙم ساڻي،
سا جوئر پچايم جار، وو آهن ڪم ”سچل“ جا ڪلتار تي!

ڪي جاڙا نار يعني ٻٽا نار انهن کي ڪوٺين، جن جا پڙ ٻه ۽ پڙواڏا ٻه ٻه هوندا آهن ۽ نيسرون ٻه ٻه هونديون آهن، جي ٻئي هڪڙي اڏ ۾ پاڻي آڻيندا آهن ۽ جن نارن جو پڙواڏو هڪ ۽ پار ٻه، پاڙچا چار ۽ نيسر هڪ هوندي آهي، ان کي ٻنارو چون هرلو چڙهي دنگ ٿيو ته درياهه شاهه جو روٺ باسي پچائي ورهائي کائيندا هئا.

**زمين ڪمائڻ:**

اصل نه پوکيل زمين کي نئين ورن [نهور] سڏين. هاري انهيءَ زمين جو پهريائين جهنگ وڍيندو يعني ٻيٽلن يا اُپريلن وڻن، ٻوٽن، ٻوهن، جهلن، اڪن، ڪرڙن وغيره کي پاڙئون ڪڍي چڏيندو. ان کي ڪوٺين ”جهنگ وڍڻ.“ پوءِ اهو وڍيل جهنگ ڪُهڙيون [ڪوڙيون] ڪري هڪ هنڌ گڏ

ڪن جن کي ”ڪُوهڙ“ ڪوٺين. ڪُ + هريه، ساوا ڍينگر، ڪجھ سڪيرڙا ٿين، ته انهن کي باھ ڏيئي ساڙي ڇڏين. چون ٿا اھا چار يا رک آبادي کي پاڻ جھڙي اوج ڏيندي آھي. ڪُوهڙن ساڙڻ کان پوءِ، ديوين، ڪنڊين ۽ ٻين وڻن جون پاڙون جن کي لاھ سڏين ٿا، سي ڪوڏارن/ڪهيڙن سان کوٽي ڪڍي ڪٽي ڍِڳ ڪن. لاھ ڪڍيل زمين کي هوشياريءَ سان هر ڏبو آهي. لطيف سائين چيو آهي ته:

لاهن کان لاڙو، ڪيو ڪين جنهن،
هرڪلي ۾ ناڙو، ٿئي تنهن تڪر ٿيا. (پٿائي رح(1) )

**لطيف سائين فرمايو آهي ته:**

کيڙيندي ڪَتن ۾، اڪيون جاءِ ڪجن،
ٿولُ ٿتي هيڪڙي، ٿئي ٿول ٿڙن،
ڍِڳا چيڪ چرن، هاريءَ هر ڪلهي تي.(1)

بعضي ڪي ٻنيون ڳوٺن کي ويجھڙيون هونديون آهن ته ڪُوهڙي ساڙين ڪونه بلڪ انهن جو، چوڌاري لوڙهو ڏيئي گهٽ بند ڪري ڇڏين، جيئن چوپايو مال پيل ڪري نه سگهي. اهي ڍينگرن جا پورُ ٻياني تي ڪٽي وجي لوڙهي ۾ سٽيندا آهن. لاھ ڪڍي دنگ ڪيائون ته نيسر جي سڏائي ۾ مٽي يا پنجو ٻڦي، باقي [دڙو ڪن] ان مان اَڏ کوٽي وجي ٻنيءَ جي وچ تائين ڇڏين. پوءِ ٻني واري زمين کي پارن ۾ ورچين.

Gul Hayat Institute

اڳي ڪيٽون ڪونه هونديون هيون، تنهنڪري جيڪي ٻارا جهڪاڻ يا جهول ۾ هوندا هئا ته انهن کي اتيئي اَڙا ٻنا ٻڌي ڪٽي هر ڏيندا هئا.
اَڏ مان ونجهيون، پيچون ۽ انهن جا آوانڌا، ڳنڍيا ۽ ٻارن لاءِ ناؤڪا ۽ ڪنڌيون ڪوٺي، پيچ جو رستو جوڙيندا هئا. انهن جا ٻارا، ننڍا وڏا، گول ٿيڏا، چورس ٽڪنڊا نمونن جا هوندا هئا. رڳو اها ٿيٺ رکي ويندي ته منجهن پيچ سولي ٿي سگهي ٿي يا نه!
**ونگارون:**
ڪاٽي ڪٽڻ، لاھ ڪڍڻ، هرَ وهڻ جي لاءِ گهڻو ڪري ونگارون [آبتون] چيڙون وغيره ٿينديون هيون. زميندار ڪا آبت ڪرائيندو يا ڪو ڪامورو چيڙ گهرندو هو، ته ان کي بيگر ڪوٺيندا هئا ۽ اتي آيل ماڻهن کي ايل سڏيندا هئا.
جيڪو ونگار وهرائيندو هو، اهو سڀني لاڳاپي وارن هارين کي ڪوڙرن ۽ جوڙن سميت اچڻ جي ڪوٺ ڏيندو هو ۽ اُن ڏينهن تي تاهري [چانورن ۾ ڳڙ وجهي] جون ديڳون لهرائي ڪارائيندو هو. ونگار، هڪ ڏينهن ڪان وٺي، ٽن ڏينهن تائين هلڻ جو رواج هو ۽ ڏاندن کي ٻڻ گاھ ٻڻو ڏنو ويندو هو.

Gul Hayat Institute

سيپني آبتن ۾ هَرن وهڻ واري آبت رؤنشي واري هوندي هئي، چو ته ان ۾ ڏاندن جي جوڙن جي پَلائي ۽ ڊِلائي جي پرک پوندي هئي. ڪيترا ماڻهو اهو تماشو خاص طرح ڪم سيڙهائي به هلي اچي ڏسندا هئا: وچ زمين ۾ اگهين هڪڙي ڪنگري پوري چڏيندا هئا ۽ پلائڻ خاطر ٻيون به ڪيتريون ڊگڙيون مٿيءَ جون ڏسڻ ۾ پيون اينديون هيون. سپڪو جوڙي وارو ڪا ڊگڙي تاڙ ۾ رکي اتان مهڙ شروع ڪندو ته شايد اتي ئي وچ ٿيندو ۽ ڪينگري نڪرندي، پوءِ هلندي وٺ - وٺان ۽ هل هلان هرَ به هڪ ساريڪا ڏيندا ويندا وچ ۾ مانجهو نه چڏيندا چوته هاريءَ جي چاٽپ جي خبر هرَ ڏيڻ سان پئي پوندي. اهڙي تاهوت هوندي جو ميل پنڌ تي يارن جو ڪڙڪو پيو ٻڌڻ ۾ايندو، تان جو جيڪو پهرين وچ واري جاءِ تي پهچي ڪنگري ڪيندو هو اُن هاريءَ کي پٽڪو ٻڌائيندا ۽ اُن جي جوڙي جي بلي بلي پئي پوندي. انهن آبتن ۾ هاري ڏاندن کي سينگاري سجائي اچي وهائيندا هئا. هرَ اهڙا گهاٽا ۽ اونها ڏيندا هئا، جو ٻنجو ڦري ڏوڙ ۽ دز ٿي ويندو هو.

**هر جي بناوت:**

هرُ، چوني/ ڦار کان سواءِ سڄو ڪاٺ جو ٺهيل هوندو آهي. هن ۾ هڪ پاچاري، ته هن جي ديگهه اٽڪل پنج فوٽ ۽

ويڪر اڍائي فوٽ ڪن ٿئي. هيءُ هرَ جو منڍ وارو حصو آهي، باقي حصا هيٺ ٿين.
پاڇاريءَ جي مٿين گهڙيل ڪاٺي کي ڪونهاٽي [ڪونهٽ ڪاٺي] چون ۽ هيٺينءَ ڪاٺيءَ کي تراٽ سڏين. ٻنهي کي پاڻ ۾ ملائي مضبوط رکڻ جي لاءِ ٻه ڪاٺيون وچ ۾ اٽڪل ٻه - اڍائي فوٽ اور پريون سل ڇَوڙ تي سوگهي رکڻ لاءِ ٺوڪيل هونديون آهن، جن کي ”ٿنيڙيون“ ڪوٺين.
ڪونهاٽي ۽ تراٽ جي ڇيڙن وٽ مٿان ڪان هيٺ سڌائي ۾ آرپار ٻه وڏا ڳاڙک سليل هوندا آهن، جن ۾ ڏيڍ فوٽ ڪن ديگهه جا ٻه ڪلا جن کي ڏورٽا سڏين، ڏيڻ جي ڳچين کي قابو رکڻ واسطي گهرگهلا ڪري وجهندا آهن.ڪونهاٽيءَ جي پوري وچ تي منجهانئس هڪ ڪاٺ جي بونبڙي اٽيل هوندي آهي. ان کي ڪَرَهو ڪوٺين. جنهن ۾ هرَ جي هرنيه ڪاٺي، چمڙي يا ڪنهن رسي سان ناڙو وڪوڙي ڇڏيندا آهن.
ٻيو، باقي هيٺيون حصو ان مان هڪ چار - پنج فوٽ مستطيل گهڙيل ڪاٺي، جنهن جي اڳئين حصي ۾ هڪٻئي کان پوري وڇوٽيءَ تي چار - پنج سليل سوراخ ٿين. ان ڪاٺيءَ کي هرنيه سڏين. هن جي پڇاڙي هروٽي ۾ ۽ منڍ پاڇاريءَ جي ڪَرهي ۾ قابو ڪن. هرنيا جي سوراخن ۾ مخروطي ڪِلو گهڙي وجهن، جن کي ڪُڪري ڪوٺين،

Gul Hayat Institute

جنهن ۾ ناڙو ونگي، پوءِ ڪَرهي ۾ قابو ڪندا آهن. ٽيون آهي هروٿو، هن ڪانيءَ جو مٿيون حصو ٿورو وٿائتو ۽ چورسي وانگر تراشيل گهڙيل هوندو آهي، اهو ٻه فوٽ مٿيرو آهي ۽ هيٺيون ٽڪر وري ٻڌ دنبڙيءَ وانگر ٿلهيرو گهڙاٽ ٿيل ڪُڙهجي پاسن کان چل ورتل هيٺ چنهبڙيدار گولائي ۾ چليل هوندو آهي. اٽڪل ڇهه انچ تر کان مٿي ان ۾ آڏ پاسيرو ڏرو کونپيل آهي، جنهن ڏري کي ”قوت“ چون. جنهن ۾ ڦار يا چُوني گهوٻو هٽي سوگهي ڪندا آهن. گهوٻو، ڪاٺ جو چپر وانگر هڪڙو گٽڪو آهي، جو لوهه جي چونيءَ کي ان ۾ روڪي ٿو رکي. اُن قوت واري ڏري مٿان جيڪو سل هوندو آهي، ان ۾ هرنيه جي چوڙ ڦاسائي رکي ويندي آهي ۽ ان چوڙ کي پٺيان هڪ ڪاني جي جڙ هٽي، مضبوط ڪيو ويندو آهي. ان ڪانيءَ جي جڙ کي وري چچڙي چون.

**ڦار/چونيءَ جي بناوت:**

هر جي چوني نانگ جي ڦڻ وانگر ٿيندي آهي ۽ لوهه مان ٺهيل آهن ۽ چهنبدار هوندا آهن، جو زمين آسانيءَ سان چيري سگهندا آهن. هاڻي ڪَنر هرَ به نڪتا آهن، جن جي بناوت هروٽي ۾ ٿوري ڦريل آهي.

**هرَ جي پاڱن جو وچور:**

ڪَرھو ڪُونھاٺيءَ جي وچ واري بونبڙي. اوڳ يا اوڇھ، اھا چپر آھي، جا ھرنيه ڪاٺيءَ جي ھروٺي ۾ ٺوڪڻ سان جي گھٽي سل ۾ وچوٺي بچندي آھي ته ھرنيه سان گڏ ھٽي ھن کي سُڪ ڪري بيھاربو آھي.

**ڪُڪُري:**

اھا ڪاٺ جي گھڙيل گولائي واري مخروطي ڪِلي جيڪا جنڊ جي ھٺئي وانگر ھرنيه جي سوارخن ۾ وڌي ويندي آھي. چچڙي، اھا چپر يا جڙ يا ميخ، جيڪا ھرنيه جي ھروٺي واري سل ۾ پچاڙي وجھڻ سان ان جي پٺيان واڌ ۾ لڳائي ويندي آھي. ٺيڙيون، اھي به پٺيون جيڪي پاچاريءَ جي ڪونھاٺي ۽ تراٺ کي پاڙ ۾ ڳنڍي بيھارين ٿيون. چوني، لوھ واريءَ جو اٽڪل ست - اٺ سير وزن ٿيندو آھي. ناڙو، اھو چم جو رسو، جيڪو ھرنيه ڪاٺي کي پاچاريءَ ۾ ٻڌڻ جي لاءِ ڪتب ايندو آھي.

**ڏانداري جي بناوت:**

ھن ۾ ھڪڙو ڊگھو لسو لڙھو ڳن وانگر پيل ھوندو آھي. ھڪ گھڙيل چورسي واري ڪاٺيءَ ۾ سلچوڙ تي فوٽ ڏيڍ جا ڏنڊا (پٺيون) ٺوڪيل ھوندا آھن. ڏانداري به ماٺھو ٻنيءَ جي ٻنن تي پنجوءَ [مٺيءَ] چاڙھڻ جي لاءِ ڪتب آڻين. ڳن ۽ چورسي واري سنڌ وٺ ھڪڙو ٺوڙھي [رسو] ٺڪر

ٻڌن، پوءِ ھڪڙو ڳڻ واري پاسي ڪان زمين ۾ جھوڪيندو ۽ ٻيو ٿوڙھو چڪي مٿي ڪندو.

**ھرَ ۾ ڏاند جوٽڻ:**

پاڇاريءَ جي ٻنھي پاسن ۾ ڏڀَن جون ڳچيون وجھي چيڙن وارن ٿونگن ۾ ڏورٽا وجھندا، ته ڳچيون لوھ ٿي ويندیون، پوءِ انھن ٻن ڏڀَن مان ھڪڙو ٿيندو آندرو، جنھن جي سڱن ۾ رسيءَ ٽڪر پيل ھوندو آھي، ان کي چون اوسيرَ، ۽ ٻيو ٿئي ٻاھرو ڏڳو. اوسير چڪڻ سان آندرو بيھي رھندو ۽ ٻاھرو ڦري ايندو آھي. نه ته به ھڪل تي آ.... آ.... آ چئبو ته ٻاھُرو ور ڪائيندو ۽ آندروءَ کي وري اُڌو... اُڌو... چون ته ويجھو ٿي ھلندو.

ڪو ڏڳو سڱن جو ڏاڍو ھوندو آھي ۽ رسيءَ جي چڪ تي نه بيھندوآھي، ته اھڙي اھنڊ ڏڳي کي "نٿ" ھڻندا آھن: چا ڪن جو، نڪَ جي بينيءَ ۾ ڪنھن چھنبدار تکي گھڙيل ڪاٺيءَ سان ٻُولِي وانگر ٿونگ ڪري، ان ۾ وارن مان وٽيل ڏورو وجھي چڙھيندا آھن، اھا ٿي نٿ. ان ڏڳي جو رسو نٿ واري ڏوري يا مُھري واري ڏوري ۾ اٽڪائي رکن. جيئن ٿورڙئي چڪ تي اھو ڏڳو ھلي يا بيھي رھي.

*　　*　　*

پوکين تان ڪي پوک، جيسين پاٽي اٿئي ٻار ۾، وٺ به ويندءِ نڪري، سُڪي ٿيندي سوڪ،

Gul Hayat Institute

جتي لٽندو لوڪ، تتي سڪندين سنگ ڪي.

**هرَ ڏيڻ:**

هَرَ ٻن قسمن جا ٿيندا آهن: هڪڙا سُڪيءَ جا ته ٻيا سائيءَ جا.

**سڪيءَ جاهر:**

سڪيءَ جا ڪيترائي هرَ زمين کي ڏبا آهن، ته جيئن زمين جو هيٺيون حصو اٿلي مٿي اچي ۽ ڪيمائي جزا ظاهر ٿي بيهن، پهريون پيرو هر ڏيڻ کي کيڙ چون، ٻيو هر ڏين ته ان کي ٻيلھ ۽ ٽئين کي ٽيلھ يا اُٽار سڏين. ۽ سائيءَ جا هرَ ٻه زمين کي گهٽا ڏيئي مٿان سانور گهمائي چڏيندا آهن، سائي زمين جڏهن وٺ تي ايندي آهي يا ڳيري پڪي جي کنڀن جي رنگ [ورن تي پوري ڏسڻ] ۾ ايندي آهي تڏهن هرُ ڏيئي آئيٽ [ٻج چٽيندا] ڪندا آهن. جي زمين ڊِلي يا ٿَڪل هوندي آهي، ته جَمُ يا پاڙ وجهي، پوءِ مٿان وري هرَ ڪيندا اٿس. اڳاتي ڏينهن ۾ جمَ ڳوٺ جي اروڙين وارو سڪل سڙيل گند ڪچرو هوندو هو. هينئر ته اهو پاڻ استعمال ٿئي ٿو في ايڪڙ 25 - 30 گاڏيون ورچيون وينديون آهن. ايڪڙ ۾ ڊيڳڙيون ڪندا ويندا، پوءِ ڪوڏار سان پڪيڙي مٿان هرَ ڏين. چون ته: ”پاڳئون وجي پر پاٽئون نه وجي!“

**سائيءَ جا هرَ:**

زمين آلي ٿي وٺائتي يا آيوڪي ٿي يا ڳيري ڪنپ جهڙي پوري ڏسڻ ۾ آئي، ته ان کي ٻج ڇٽڻ جا هر ڏيندا هئا، ۽ جي وٺ چڙهي ويئي زمين سوڪ ڪاڌي ته هاريءَ جو سمورو پورهيو پاڻيءَ ۾ هليو ويندو هو. تنهنڪري هاري هزارين ڪم ڇڏي بلڪ مئل ماءُ به ڇڏي وٺ کي وجڻ نه ڏيندو هو.

زمين جو پاڳ آهي هرَ سان.

* * *

**ٻولاٽا:**

ٻني ڇئي ته تون مون کي جهنگ ۾ سنوار،

ته آئون توکي شهر ۾ ڪرايان سينگار.

زمين جو پاڳ ته آهي هرُ.

هرَ شروع ڪرڻ مهل ڏنل اُناٽا:

* * *

الله توهار، لڏي ويا لوهار!

هاري جيڪا پهرين هرَ جي رَهڙ يا اوٺ ڪرڙ زمين کي ڏيندو، ان کي اوڙ سڏين. اهي اوڙون ڏيندو ويندو اٽڪل ٻه وکون کن اڳتي وڌي، اوڙ ڏيئي انهيءَ وارو وچ زمين جو

Gul Hayat Institute

اوڙن سان پريندو. اهڙي پريل ٻن وکن واري زمين کي ”جَاٺَ“ چون. ٻن اوڙن جي وچ واري اُٿيل ٻني کي ”او مهرو“ چون، جا ٿن کي اوڙن يا چپرن سان پرڻ مهل به اُناٽا ۽ پلهاٽا ڏين.

جاٺين جڙيو، پاڳين پريو،
هاري ڏاند جو بخت وريو،
ڪلمو محمد ﷺ تي پڙهيو.(هاري ڏاند، جيڪو هرَ ۾ وهي)

*　　*　　*

جاٺ، وٺ الله ۽ ٻنيءَ جي واٺ!

*　　*　　*

جاٺ، اها اٿئي رب جي راضپي جي واٺ!

*　　*　　*

جاٺين جوڙيا، ڪنهن نه موڙيا،
جن ٻڌا، تن چوڙيا.

هرهڪ ٻاريءَ جي هڪ طرف کان هرَ ڏيڻ شروع ڪري، جڏهن انهيءَ ٻاري جي چيڙي يا جاٺ پوريءَ ٿيڻ تي پهچي، وري پوئتي موٽ کائبي آهي. ان سيرانديءَ واري زمين کي، هاري ساڻ، سارڻ ۽ ساٽو نالن سان سڏيندا آهن. اتي پهچي ڏيڳي کي کٻي.... کٻيءَ جي هڪل ڪندا، ته ڏاند يڪدم ڦري اڳينءَ اوڙ جي پر ۾ اوڙ ڪيندو هلندو، ساڻ وٽ به پهچڻ تي اُناٽا ۽ پهلوٽا چون.

Gul Hayat Institute

ڦِر بابا، ساڻ تي!

*            *            *

ساڻ، سچو رب سُڄاڻ، ڪلمو محمد تي آڻ!

ڪلمي جوڙيا ٿيا ٿمرين سجوڙيا!

*            *            *

ڪٻي پٽ ساڻ، پهرين ڏينداسين واٽ الله جي

پوءِ ڪيئنداسين پاڻ.

*            *            *

ساڻ، اٿئي سڃاڻ!

انهن جاٽن، جي اوڙن پريندي جي وچ ۾ ڪا وچوٿي رهجي ويئي، ته ان کي ”مانجهو اُميرو يا پاڳو“ سڏين ۽ جنهن زمين کي هرُ اچي ويو، ان کي ”ڪَڙ“ ڪوٺين، پوءِ ان ڪَڙ ٿيل يا ڪِيڙ جي ويل زمين يا ڪيڙي ٿيل جا اُپا ٿيل ڪڙا يا پٽر وٿوهڙ سان پڇي پوري چڏيندا هئا. هر جي هرهڪ وراٽي کي اوسير سڏين. مشهور پهاڪو ته: ائين آهن جيئن ڪيڙيءَ ۾ ڪڙا! هاري اميري، مانجهي يا حصي جي رهجي وڃڻ ۽ وري ان کي پرڻ مهل هيءُ پهلوٽا ڏيندا آهن:

آءُ پٽارا! پاڳي ۾ پائيوار ٿيءُ!

هرَ هڪ هاري سهنجائتو هلائيندو آهي، پر به - ٽي جڻا ٿيا، ته ڳالهين ۾ ڏينهن چٽو. انهيءَ تي چون: گهٽين هارئين

هَرَ نه هلي، گهٽين زالين گهر نه هلي! ٺر ملڪ جي هرَ کي ٺري ماڻهو اَرئو ٿو ڪري ڪوٺين جو هلڪو ٿيندو آهي.
جيترو هر، تيترو ڦر،
* * *
سيڪال ڳال، هرَ نال.
هرَ ڏيڻ سياري سونُ، آڪاڙ چاندي،
سانوڻ، پورهيو تاوَڻ، بدي جو هرُ بادي.
آڪاڙ سونُ يا سانوڻ چاندي،
ٻ بدي، ڪو ٿو پٺڪي بادي.
* * *
جهَل ڪُلهو، ته ٿين ٿلهو!
* * *
ڪلمي سان وَهي، ته لوڏو نه لهي!
* * *
ڪلمن جا جوڙيا، جن ٻڌا تن ڇوڙيا!
* * *

Gul Hayat Institute

**پاڻي واهي اچڻ:**
جنين ڏاند نه ٻج، تن به تنهنجو آسرو،
اول ڏيئين انهن کي، پوءِ اوپارين سج! (ڀٽائي رح)
هاريءَ پاڻيءَ جي ليکي وهي اچڻ جي سُڌ سُئي ته سُک ڦٽي پوندس ڪوڏر ڪلهي تي رکي ميل - اڏ پنڌ ڪري

وچي اڳ وٺندس. ڪڙمي يا نَيڙَ جي وچ ۾ ڪو ڊينگر، پٽر، زنبوٺو هوندو ته هٿائيندو ۽ جي پڪ ڪريل هوندي يا آڏ يا ڪا ڇاپ هوندي، ته سوريندو صاف ڪندو پاٽيءَ جو گس گهڙيندو ايندو تان جو واهي آٽي ڪسيءَ يا ناريءَ مان اُڪاري پڙواڏي جي گهڙيالي ۾ گڏ ڪندس. گهڙيالو پريو ته جوٺيندو وهٽ کي هرلي يا نار ۾.

**وهٽ واهڻ:**

وهٽ جي آڏاري، [اَلڙ يا جڙ] اَٺهو هوندو، ته ان کي اول پڃن ڏيندا. پڃن ڏيڻ ۾ وهٽ کي يعني رسو ٻڌي، اکين تي کوپا چاڙهي آنڌاري ٻڌي، پوءِ ابتو سبتو گول چڪرن ۾ ڦيرائيندس. هڪ ماٺهو وچ ۾ بيهي رسو جهليندو ۽ هڪڙو پويان پيو تڙيندس، جي ڪا ارڏائي ڪيائين، ته گهڻو وقت پڃن ڏياريندس ته جيئن هر قسم جي گهه ڇڏي ڏي. جڏهن ڪڙي پڪو پختو ٿيو، ته پوءِ هرلي ۾ هلائيندس.

**هرلي ۾ جوٽڻ:**

ڳاڏي اڳيان وهٽ بيهاري اکين تي ٻٽاکوپا جي ڍپن ۽ پيش مان، ناريل جي ڏونگهين وانگي نهيل هوندا آهن ۽ پاڻ ۾ جُٽ هوندا آهن، سي اکين مٿان رکي، انهن جو ڪشو سگُن پويان يا ڪياڙي وٽ ڇڪي ٻڌي، مٿانئن وري وال کن ڪيڙي جي پٽي جنهن کي آنڌاري يا ٻٺ چون، ڇڪي ٻڌندس، جئن ڪابه شيءِ ڏسي ٺاهه نه ڪائي ۽ پيو وهي. ڊڳو

Gul Hayat Institute

هوندو ته ڪونهڻ يا ڪلهي تي ۽ اُٺ هوندو مدوءَ مٿان ٿوهي جي اڳيان پنڊي رکندا، جا ٻپن سان پريل ۽ مٿان ڳوڻ يا چمڙي جي کل چڙهيل ۽ تنهن جي مٿان ڪاٺ جون چوڪڙيون، ايرڙين وانگر جڪڙيل هونديون، تن جي پاسن ۾ لوهه جا ڪنڍا يا بارڪش لڳل هوندا آهن. ان پنڊي کي ٺٺ به سڏين، پوءِ ڳاڏيءَ مان نڪرندڙ به رسا، جن کي ڪڍ ڪوٺين، سي پنڊيءَ جي بارڪشن ۾ سوگها ۽ مضبوط ڪري ٻڌن [رسن جا پوچڙ ڳاڏيءَ جي ڪاٺ ۽ پٽيلي ۾ قابو هوندا آهن ۽ ان جو وچون ڏورو ٿيل حصو بارڪش مان اُڪرندو آهي] وري انهيءَ ڪڍ جي رسن کي وهٽ جي پيٽ هيٺان وڍيءَ سان چڪي بلائتو ڪن، جيئن ڪَڍَ گسڪي يا کسڪي نه سگهي. ڪي وري ڪڍَ جي وڍ وجهڻ کي روڪڻ جي لاءِ وهندڙ وهٽ جي ٻاهرئين پاسي ڪاٺيءَ جي پسر ٻڌن ۽ ڪي چمڙي جي پٽي يا وڍي ٻڌندا آهن، جنهنڪري وهٽ جو بدن چلجي يا ڏکوئجي نه سگهندو هو. وهٽ جي ڳچيءَ ۾ ڪنڌاٺ [ڪنڌ وارو ڪاٺ] جيڪو چورسي وانگر چمٽي جيئن ڳچيءَ ۾ سولو ٻيهي. ڪنڌاٺ جي لڙهي جو پچڙ مهري سان ڊيگي جي سڱن واري رسي سميت اٽڪيل رهندو، ۽ ٻيانيءَ وارو حصو ڳچيءَ ۾ وجهي ان کي جوٽو يا ڏورٽو وجهي چڙين. هيءُ رڳو گولائي ۾ هلڻ لاءِ هوندو آهي. هن جو ڪو زور يا بار وهٽ کي ڪٽڻو

ڪونه ٿو پوي. گهڻو ڪري اُٺ نار ۾ ۽ ڏاندَ هرلي ۾ ٻڌندا هئا. وهٽ جوتجي تيز ٿيو ته هاري چوندو:

هاڻي آسرو الله جو،

پاڻي درياهه شاهه جو.

يا

پاڻي فلاڻي واهه جو.

پوءِ ڪندو ڳٽار: شابس پٽ! هل پٽارا. وهٽ وهڻ شروع ڪندو ۽ جي چوڙيندو ته ٻچڪار [ٻُتڪار] ڪري، پٺي ٺپري پوءِ ڪوليندس.

**ٻنيارا وهٽ ۽ جوڳون:**

جوڳن ۾ ٽي ڍڳا ۽ هڪڙو اُٺ يا چار ڍڳا رکندا هئا، جي واري واري تي هرلي يا نار ۾ وهندا هئا. هرهڪ وهٽ ٻه - ٻه پهر لاڳيتا وهندو هو. رات ڏينهن ۾ اَٺ پهر شمار ڪندا هئا، تنهنڪري ٽن ڪلاڪن جو هڪ پهر ليکبو هو. ڏاند جيڪو هرَ ۾ هلندو هو، تنهن کي ”هاري ڏاند“ ۽ جيڪو جوڳ ۾ وهندو هو تنهن کي ”جوڳي ڏاند“ يا جوڳيڙو ۽ جيڪو ڏاند پاڻيءَ جي ڇڇڻ تائين اُڏارو آڻيندا هئا، ان کي ”پاڻيهارو ڏاند“ ۽ ڪي ڏاند وري ڪاسڪيءَ تي آڻيندا هئا. جن جو اجورو ڪڙي ڪنئي ڪان پوءِ سورهن ڪاسا ڏيئي پورو ڪبو هو. پاڻيهاري ڏاند جو اجورو ٻه پايا هوندو هو. انهن ڏينهن ۾ ڪڙيا ادائي يا ٽي مهينا وڏ ۾ وڏ وهندا هئا.

روڪڙ ۾ انهن جو اجورو هن ريت هو، ڏيڍو 25 روپيا، اُٺ ٿي پايا يا 30 روپيا جي هرلي ۾ وهندو هو، پر جي نار ۾ وهيو ته پوءِ 50 روپيا روڪڙا به ڏئين ڪي ملندا هئا.(1)

**ريج ڪرڻ:**

هرلو وهيو ته ريج چڻو، پاٽي اَڌ مان ونجهين ۾ آوانڏن ۾ ۽ اتان ناؤڪن ۾، ۽ اتان ٻارن ۾ گڙگاٽ ڪندو پيو وهندو. پهرئين پاٽيءَ کي پنجو پرائڻ ڪوٺيندا هئا، تان جو سڄي ٻني رجائجي [ريججي] ويندي هئي، انهيءَ وقت جو نظارو جيڪو نار جو سچل سرمست چٽيو آهي، سو مٿي پڙهي آيا آهيون. زمين پوک کان اڳ هڪڙو پيرو ريج ٿي يا پاٽي پيتائين ته ان کي ”روٽي“ ۽ ٻه پيرا پيتائين ته ٻه - روٽي سڏيندا هئا ۽ ٽيون وارو هوندو هو، جي ٿي ٿي. پهرئين پيچ کي ڪَچي روٽي به ڪوٺيندا هئا، جيڪا پنجوءَ کي آلي ڪرڻ جي لاءِ هوندي هئي.

(1) لطيف سائين لفظ سوهڻ استعمال ڪيو آهي. ”هُو جي واڍي واڻيا، سي سوهڻ سڀ سڙيا.“ (نظرثاني ڪندڙ)

Gul Hayat Institute

(1) هي نظم سگهڙ الهداد جو چيل آهي. (ادارو)

(1) هي نظم فقير امين محمد جو چيل آهي. (ادارو)

(1) هيءُ نظرثاني ڪندڙ پاران واڌارو آهي.

(1) نظرثاني ڪندڙ پاران واڌارو آهي. (ادارو)

(1) هيءَ پراڻي دؤر جو اجورو هو. (ادارو)

Gul Hayat Institute

# باب تيرهون

## فصل (پوکون)

اتم کيتي، وڌندڙ واپار،
نيچ نوڪري، پنڻ بيڪار!

هن ديس ۾ گهڻو ڪري پوک ٻه ـ فصلي ٿيندي هئي ۽ ڪٿي ڪٿي ٽيون فصل به ٿيندو هو، جنهن کي آڏائون سڏجي ٿو. هڪڙي فصل جو نالو ڪَتي يعني خريف، جيڪي سنڌي مهيني ڪتي کان اتر ۽ وچ سنڌ ۾ پوکجڻ شروع ٿيندو آهي، هن ۾ ٻاجهر، وڃڻ، جوئر، ڪمند، نير ترَ، تماڪ، سڻي، مڪائي، گوار، ريپڙ، چپڙ، ميها وغيره پوکيا ويندا آهن ۽ لاڙ واري حصي ۾، ناري ۾، لاڙڪاڻي ۽ جيڪب آباد ضلعن جي ڪن حصن ۾ وري ساريون پوکين، جن جا لابارا اسوءَ مهيني ۾ پوندا آهن.

ٻيو فصل، چيٽ يا ربيع، هن ۾ ٻيجهڙ ڪڻڪ، چڻا، مٽر، توريو، ڄانبو، سرنهن ۽ ٻيون بوسي پوکون ٿينديون هيون. هيءُ آباديون ڪچي ۽ درياءَ جي ريٽ واري زمين يا سيلاب واريءَ زمين تي ٿينديون هيون. ٽيون فصل،آرڻ يا آڏائون هو. آڏائون، يعني جلدي اوڌ ڏيندڙ يا وڌندڙ، ڪٿي ڪٿي وارياسي زمين تي برسات جي پوڻ کان پوءِ ريج

رهيل هوندو هو، ته هيءُ فصل پوکيندا هئا، ته کوهن تي پاڇي بڪر پوکيو ويندو هو. هيءُ نهري يا پوهه جي مهيني ۾ پوکيو ويندو هو ۽ ڦگڻ يا چيٽ ۾ ڪچندو هو. هن ۾ گدرا، ونگا، چانهان وغيره ٿيندا هئا.

پوکون

ڪيتي، سر سيتي!

**ٻاجهريءَ جو ٻج ڇٽڻ:**

وٿائتي زمين کي هرَ ڏيڻ کان پوءِ ٻاجهر جي ٻج جي جهولي يا پاني پري، هاري هٿ وڌائي پري پري تائين ٻج ڇٽيندو ويندو. اها سمڪ رهي ته ڪهڙو پاسو يا ڪهڙو ٻارو ڇٽي ڇڏيو اٿم،ان لاءِ ٻن ڇڱن وکن تائين هرَ سان اوڙ اصل اوڙن جي ابتڙ ڪيندو، جنهن کي واٽي چون. واٽي ڪيڻ مهل هيءُ اناٽو ڏين:

هڻ پٽ! واٽي، اٿيئي رب ساٽي!

يا

هڻ پٽ واٽي، پاڻ سان رب ٿيندو ساٽي!

**سانئر گهمائڻ:**

جنهن جنهن ٻاري ۾ ٻج ڇٽي ڇيه ڪندو، ته ان جي مٿان سانئر ڏيندو. سانئر، هڪڙو چورسو ٻگهو گهڙيل تريل ڪاٺ ٿيندو آهي. جنهن جي وچ ۾ هڪ ڏڪ يا ڳن پيل هوندو آهي. اهو ٻه فوٽ کن ٻگهو ۽ مٿو ڪپيل هوندو اٿس.

Gul Hayat Institute

سَل چوڙ تي منجهس ٿوڪيل هوندو آهي، ان جي ڪپيل مٿي ۾ رسو چڪي ٻڌي، اهو پاچاريءَ جي ڪرهي ۾ ناڙي چڙهيندا. سانئر گهسڻ ڪري جيڪو ٻج اوڙن ۾ پيل هوندو، سو ڏڪجي ويندو ۽ پڪي چڳي نه سگهندا. چوندا آهن ته:
سؤ هرَ ته هڪڙو سانئر!
سانئر کي، سهينور، سانوَر، سهاڳو يا ترُ نالن سان ڪوٺين. ڇٽيل ٻج واري مٿي ڏانديءَ سان ٻنن تي چاڙهي چڙهين ته ٻنا به ڦٽي ساوا ٿي بيهندا آهن. جيڪو ٻج باقي بچيو، سو هرلي تي اچي ڪونهر ڪري ڪني ۾ وجهي رڌي کائين. انهن کي اُهڪت جا ڪونهر ڪوٺين. ٻج ڇٽجي راس ٿيو، ته هاري ڏڳن هڪلڻ وارو لڪڻ پڙ تي اڇلي چوندو ته ”اڄ اسان ٻنو جهليو!“
ڇٽيل ٻج کي پهريون پاڻي پندرهن ڏينهن کان پوءِ ڏيندا هئا، ان کان اڳ واري وقت کي چوندا ته ڪچي روٽيءَ تي يا پنجوءَ تي پوک بيٺل آهي. اهو پاڻي جيڪو ڏين تنهن لاءِ چون ته هڪ روٽي ڪيل آهي يا ڪانن وارو پاڻي ڏنل اٿس. وري ٻيو پاڻي ڏيڻ تي چوندا، ته ٻڌي چؤنڪ ۽ نساري ۾ آهي. انهيءَ پاڻيءَ کي ٻه روٽي به چون. انهيءَ پاڻيءَ تي ڪاني جي چوٽيءَ ۾ هڪ ڳوڙهو ٻڌُ ٿي بيهندو ۽ پوءِ شڪل بدلائي چورس ڪعب شڪل وٺندو، جنهن کي چؤنڪ چون. جلد ئي اَن جي داڻ داڻ جا نشان منجهانس

ظاهر ٿين ان ڪي نسارو چون جو نسري ٿيو سمورو سنگ، ڪي ته ٿيون پاڙي به ڏين، جنهن ۾ سنگ ڪيرا ٿيل اڌ پڪا ٿي بيهن. انهن کي آپون ڪوٺين. ڪي ڪيرن سنگن جي نالي چون ته هاڻ جيءُ پيو اٿن. ان کان پوءِ ٽن - چئن هفتن کان پوءِ لوب (لاباري) لائق ٿين. جي پاڙي پيارڻ ۾ ڪمي بيشي ٿي، ته ٻني لوب لاءِ وڌيڪ وقت وٺندي، نه ته اڍائن کان ٽن مهينن تائين پچي راس ٿي پوندي هئي.

ٻاجهر جڏهن ڪيرن سنگن تي ورندي آهي، ته ٻُور جهليندي آهي ۽ جي ٻُور نه جهليائين، ته اَن هرگز نه ڪندي. ڪسي سنگ رڳو جهلي بيهندي. جي مٿانئس ماڪ پئي ته تمام گهڻو اَن ڪندي نه ته گهر ڪار ڪري ويندي، يعني گهٽ اَن جهليندي جي برڪڻ يعني اتر - اولهه جي هوا لڳي ته اَن طاقت چڏي ڏيندو هو.

**ٻاجهر جون جنسون:**

هڪڙي ”سَروُ“ يعني ان ڪندڙ ۽ ٻي ”ڪُرُو“ يعني اَن نه ڪندڙ. جيڪا رڳو گاهه يا چاري جي لاءِ وهڻ جي ڪاڻ لاءِ پوکبي آهي ۽ جلد اپرندي رهندي آهي. سَروُءَ جو سلو سڌو سنئون اپرندو ويندو، پر جي ڪو مرض لڳس ته ڪروُ ٿي پوندو يا ٻُگهه، نسرڻ ڪان پوءِ داڻو ماري ويندڙ، سَروُءَ جون به به جنسون آهن: هڪڙي ”نر“ ته ٻي ”مادي“. نر، ٻاجهريءَ جو سنگ سنهون ۽ ڊگهو، پر داڻو

سخت ٿيندو آهي، ماديءَ جنس جو سنگ ٿلهو ڦوڦينڊو ۽ داڻو نرم ٿيندو اٿس. ٻاجهريءَ جي پوک ۾ مڪائي ۽ ترن جا ڇاٽا به هٽي ڇڏيندا آهن، ۽ اَڏن جي ويجهو سٽيءَ جون ٻاريون ۽ ونجهين تي ميها ۽ چانهان، ريپڙن ۽ چيڙن جون چونگيون پڻ ڇٽي ڇڏيندا آهن، جن کي بريون به چون. پڪڙندڙ ولين ۾ وري ڪدوءَ جي ول منهمٿان پئي ويجهندي هئي. ٻاجهر آپونءَ ۾ آئي ته مڪائي به ڪلنگي ڪيندي هئي.

ترن جون ڪٿي چونگيون هڻندا هئا، ته ڪٿي للهور پوکيندا هئا. ٻاجهريون سال ۾ به پيرا به پوکيون وينديون هيون، پر سو تڏهن جڏهن ڇيٺ جي مهيني ۾ مينهن وسندو هو ۽ زمين رجي ويندي هئي، ۽ ٻي پوک نوَن پاڻين جي اچڻ تي سانوڻ ۾ سا وَڪبي هئي. برساتي ٻاجهر جو هڪڙو لابارو سانوڻ ۾ ته سانوڻيءَ پوک جو اسوءَ ۾ پوندو هو. مينهن تي جهنگ ۾ ٻيا ڌٿ به اپري غريبن جي ڪاڏ خوراڪ بنبا هئا، مثلاً سائون، مانڌاڻو، ڪرنگهه، مڪٽي، پرٿ، سيارچ، چيٽو وغيره. ٻني پوکي اُن جي پليءَ پٽ واهيت ڪندا هئا چوندا هئا، ته

ڪُني لٿائجي پر ٻني نه لٿائجي!

يا

ٻنيون ۽ ونيون ڪن نرڄن ڇڏيون!

ٻاجهرين جا لابارا اسوءَ مهيني ۾ پوندا آهن.

**نظم**

اجهو اسوءَ جو مهينو آيو،
لاباري جو آهي سعيو.

اڇو ٻنيءَ ۾ ڏسون هلي،
واه ٻني ٿي آهي پلي.

سنگ سپيئي ڪيئن نه لُڏن ٿا،
پڪي تن تي نچن ڪُڏن ٿا.

ڏسو ته ڪڙمي ڪيئن اچي ٿو،
خوشيءَ منجهان سو ڪيئن نچي ٿو.

هٿ سندس ۾ ڏانٽو آهي،
سنگ تنهن سان پيو ٿو لاهي.

ڏسو ته ڏانٽو ڪيئن هٽي ٿو،
سنگ لٽي پوءِ ڪٽي ٿو.

Gul Hayat Institute

هڪڙو هڪڙو سنگ وڏي،
جهول تڏهن هو پنهنجي پري ٿو.

هاڻي تن مان آن ڪڍي ٿو،
آن ڏسي خوش ڏاڍو ٿئي ٿو.

ساراهي ٿو سندس وڏائي،
چئي ڏٺي تو ڪئي آ پلائي!

فصل کي هڪڙو نقصان فصل جا جيت پهچائيندا آهن ته پيو جانور پهچائيندا آهن.

**ٻاجهر جا مرض:**

پوکن کي هڪڙيون سماوي مصيبتون نقصان پهچائن ٿيون. جهڙوڪ: بارش، واچ، جهڪ، طوفان، ٻوڏ ۽ سوڪ، ماڪڙ پيا جيت جنتر ۽ ڪيٽ ڪنڌر پڻ. ڪيڙا، ٻوڪڙو. پر جي سانوڻ ۽ بدي ۾ مينهن نه وٺو ته اُڏوهي يا موراهي به وٺندي آهي. مٿان مينهن پيو ته مري وينديون ۽ تِڏ به زيان ڪندي آهي. بگ، ٻاجهر ۽ جوئر کي لڳي، هوائن جي ڦيرگهير به پوکن کي ڪنهن ڪنهن وقت نقصان پهچائيندي آهي.

موسم ڪري ته ڪري جهڪ،



Gul Hayat Institute

زمين ڪري ته ڪري اڪ،
ماڻهو ڪري ته ڪري بڪ.

**پيهو ٺاهڻ:**

ٻه ٻيلنگهه، يعني ٻسانگيون ٿوڻيون جن جو ڳنڍ ڪان هيٺ حصو ٿي فوٽ ڪن ۽ ڦانگن وارا ٻئي پاڳا 7 - 8 فوٽ ڪن مٿڀرا هوندا آهن. ٻه انگهي اهي ٻيئي ٻيلنگهه هڪٻئي جي سامهون پوري وچوٿيءَ تي زمين ۾ اندر ڳُدي ڳُدي پوريندا ۽ پاسن ڪان ڏڪورا ۽ پچر رکي انهن جي مٿان ڪرڙن جو مور يا جهڪُ، ٻوهه، سڻ يا ڪپ يا اڪارو وجهي، مٿان ڪانا پکيڙي چٽ وانگي جوڙي ڇڏيندا. اهو پيهو ٻنيءَ جي وچ تي اڏجي ڪپ تي يا مٿانهينءَ دڙيءَ تي ٺاهي بيهارين. ڪي وري ڪنهن ٻير يا ڪنهن ٻئي وڻ ڪي چانگي [جيڪو ٻنيءَ اندر بيٺل هوندو آهي] مٿائن منهه جوڙين.

**ڪانپاٽي:**

سٽ جي وٽيل رسين مان ٺهيل هوندي آهي، ان جي وچ تي چلي يعني ڳوڙهي رکڻ جي جاءِ ويڪري مڙهيل ٿئي، رسيءَ جا ٻه پاسا هڪڙو ٿلهو ۽ چوٽيرو ۽ ٻيو سنهو ٻگهيرو ٿيندو آهي. انهيءَ ٻگهي پاسي واري رسيءَ جي پوچڙي سنهڙي ٿيندي ويندي تان جو ان جي آخر ۾ ”سيٺ“ ٻڌندا آهن. اهو سيٺ، ريشم، سٽي يا آڪاري مان يعني اڪ جي ڪاٿين جي ڪل چلي لاهي سڪائي ان مان ڦندڻ ٺاهين.

جو ٺڪاءُ ڪيڻ جو ڪم ڏيندو آهي. ٻيو چيڪي مٿي ڳوهي ان مان ڳوڙها يا گولا ٺاهي سگهائين.

هڪڙو هاري اها ڪانپاٽي ۽ ڳوڙها کڻي مٿي پيهي تي بيهي ڳوڙهو چِليءَ ۾ رکي، ڪانپاٽيءَ کي مٿان ڦيرائي ڦيرائي جنهن پاسي پکين جا ولر ڏسندو ان پاسي ڳوڙهو ڦٽو ڪندو. ڳوڙهي ڇٽڻ سان ڪانپاٽيءَ جي ٻچ مان وڏو ٺڪاءُ نڪرندو آهي. پکي انهي ٺڪاءُ تي چرڪ پري پڄڻ لڳندا آهن. ڪٿي وري پيش جو ٺهيل نوڙ کڻي ان جي پوچڙي ۾ سيٺ لڳائي، ٻنيءَ جي چوگرد ڦرندا ۽ ٺڪاءَ ڪيندا وتندا آهن. اڳي ڪو وقت هو ته لوهه جي نالي ۾ پوٺاش وجهي مٿان ڊگهي سيخ هڻندا هئا، ته تڏهن به ٺڪاءُ نڪرندو هو، پر اهو ڪم خطري کان خالي نه هو ڇو ته ڪڏهن ڪڏهن نالي ڦاٽي پوندو هئي ته هڻندڙ کي زخمي ڪري وجهندي هئي ۽ ٻيو پوٺاش جو خرچ به گهڻو ايندو هو. ڪي ته خالي دٻن ۾ ٺڪريون ۽ پٿر وجهي چوڌاري اهو دٻو ڇڻڪائيندا وتندا هئا، ته پکي پڄن. جهار گهڻو ڪري صبح جو سويل ۽ شام جو واهيرن وير گهڻي ۾ گهڻو حملو ڪندي آهي. تنهنڪري اهي ٻيئي مهلون هاريءَ کي هوشيار ٿي جهار هڪلڻي پوندي آهي. جهار ۾: جهرڪيون، ڳيرا ۽ ڪانگ وغيره پکي شمار ڪندا آهن. جهرڪين ۾ هڪڙو ننڍو پکي، جنهن کي ”ٻوڙي“ چون ٻڃڻ جوئي ڪونهي، پِلي

Gul Hayat Institute

ڪيترائي نڪاءَ ٿين پر لوڙو به ڪونه هٽي، جيستائين ڪو مٿان اچي پويس.

**بوتو بيهارڻ:**

فصل کي بچائڻ لاءِ ڪن پوکن جهڙوڪ: ڪمند يا آرڻ جي لاءِ وري جهار هڪلڻ بجاءِ ”اوڙهيو“، ڏيڪائو، گڏو، اُوٺو، اهوڙو، موتڙو، چرڪارو، اوٺو، نشانو، مولهيو، يا بوتو بيهاري ڇڏين. چاڪن جو به ڪانيون هڪبئي مٿان آڏيون صليب وانگر ٻڌي انهن تي چولو يا قميص وجهي ڇڏين يا ٺڪر جي لوٺي جو ترو سيڙهي يا چن سان اَچو ڪري، ڪاٺيءَ جي چوٽيءَ تي اونڌو ڪري رکن، جيئن جانور يا چور سمجهن ته ڪو ماڻهو بيٺو نظرداري ڪري.

**جهار جي هڪل:**

ٻنيءَ جي وچ تي پيهي اڏي، هاري ڪانپاڻي ڪٽي پيو جهارَ هڪليندو. ڳوڙهو ڪانپاٽي ۾ وجهي، ڦيرائي ڦيرائي هڻندو. هر فصل تي هڪل جا ٻول الڳ هوندا آهن.

جهار هڪلڻ تي نظم

پنهنجي پوک سنپار، پراٽي پيهي تي چڙهي،
ڪِميا ڪانپاٽيءَ سان ڪِدي ڪلپت جهار،
ڏيئي واڙ ويساهه جي ”سامي“ پرم نوار،
ته ڪٽين بيحد بار، انپئي اکٿ اناج جا!

Gul Hayat Institute

ٻاجهر پڪي ته جهارُ هڪلڻ جو سانباهو ڪن. پهرين پيهو ٿاهين.

**ٻاجهر تي:**

وَهيو ...... وَهيو...... وَهيو، هور وَهيو (ٺڪاءُ)

ٻوڙي.... ٻوڙي...... ڪلا ٿئي. (ٺڪاءُ)

ڪٻر..... ڪٻر... ڪٻر ڪورياٽي،

اچئي ٿو ڳوڙهو، ڪندئي سوڙهو (ٺڪاءُ)

ٿر ۾: هولو...... هولو...... هولو. (هولو چون ڳيري کي)

**ڪڻڪ تي:**

ٻلو...... ٻلو....... ٻلو. (ٺڪاءُ)

سارين تي:

ٻلو ..... ٻلو ...... ٻلو ......

(ٻلو چون چٽونءَ کي)

مڪائي تي:

ڪاٽي ..... ڪاٽي ..... ڪاٽي.

لڪو ...... لڪو ...... لڪو (ٺڪاءُ)

(لڪو ۽ ڪاٽي چون ڪانگن کي)

**جوئر تي:**

هاها...... هاها....... ڪلا ٿئي.

**وائي:**

Gul Hayat Institute

ادا، پيهي وارا يار! پنهنجي پوک سنپار،
متان جهڙي نه وڃنئي جهار!
ڏاند ته تنهنجا ڌُبرا، ڏيندن سگهه ستار!
ٻنا ٻڌج ٻاجهه سين، واهج هرُ هيڪار،
سلا تنهنجا ساوا تن جي نرتئون ڪج نهار!
سگهو وٺائج سُٺ جو، خاصي ڪانپاٽي ڏار،
پوچڙ وٺائج پٽ جو، جاڳي هڪل جهار!
اديون "عبداللطيف" چئي ستر رک ستار،
لڏيان دار بقاءَ ڏي، ڪلمي ساڻ قرار! (1)

سنڌ ۾ انيڪ فصل پوکيا وڃن ٿا، هر علائقي ۾ جدا جدا ۽ ڪي هڪجهڙا فصل ٿين ٿا:

**ٻيون پوکون:**

**سڻي:**

اڳي سنڌ ۾ سڻي جام پوکي ويندي هئي، هن جا گل تورئي رنگ تي ٿيندا هئا ۽ پوک ۾ اهي گل گلزاري ڪري بيهندا هئا. سونهن جي لاءِ به هاري به - چار ٻاريون پوکيندا

Gul Hayat Institute

هئا ۽ فصل تيار ٿيڻ کان پوءِ ان جي ڪانيءَ تان ڪل چلي لاهي پوءِ ڪتب آڻيندا هئا. پهاڪو مشهور هوندو هو ته، اهڙو ملوڪ آهي، جهڙا سڻيءَ جا گل!

**مڪائي:**

هيءَ پوک ٻاجهرين کان به اڳ پچي راس ٿيندي آهي. مڪائي جا پن ۽ ڪانا وهٽن کي ڪُتر ڪري کارائين. جي ڪي ماڻهو هرلن تي گهمڻ وڃن يا سنگت ساٿ اوچتو اچي نڪرندا، ته وڏيءَ دل وارا هاري انهن جي چاڪري ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي ٻنيءَ جي سوغات مڪائي پچي آڻي، هرلن تي ڏيڳ ڪندا، پوءِ ڏينگر ساڙي سموري مڪائي ڪنپن سوڌي انهن ۾ پچڻ واسطي وجهندا. ڏينگر سڙي ختم ٿيا ته اها سڙيل مڪائي ڪنهن لوٽي، ڪني يا دٻي اندر اڌ - منو ڪلاڪ ڍڪي بند ڪندا ته جئين ٻاڦ ۾ رجهي (پچي) وڃي ۽ دم ڪائي، پوءِ سيڪي ڪي اجازت ملندي ته هاڻي ڪنپ کوهي سنگ صفا ڪري ڪائو. سائين جي اها مڪائيءَ ڪائي ڏسو، ته سچي چمار چپ چٽيندا وتو! مڪائي جي مٺي ماني ۽ مٺو پٽ به رڌي ڪائبو آهي. اَن جي اٽاٽ ۾ ماڻهو مڪائي کي به اَن جي بدران ڪائيندا آهن ۽ ڦُلا به پچندا آهن.

**ترَ:**

ٻاجهر جي ڏينهن ۾ هاري تر به پوکيندا آهن. ترن جو فصل جڏهن تيار ٿيندو آهي، ته تر گهنگهرين جي اندر

هوندا آهن. تنهنڪري هنن جون ڪانيون لٽي سٺا ڪري رکن ۽ ترن ڪيڏڻ مهل ڪپڙو وڇائي ان مٿان ڪانيون چنبڙڻ سان ترَ چٽي هيٺ اچي ڍير ٿين. ترن جون به جنسون ٿين: هڪڙا اڇا تر ۽ ٻيا ڪارا. ٻنهي کي گڏي ڪتب آڻين. ترن مان تر ٻوڙيندا، ريوڙيون، ترن جي ڏاٽي، ترن جي چوري، ٿاهين هنن مان تيل ڪڍي دوائن ۾ ڪم آڻين ترن جو تيل طاقت وارو ٿئي.

**وونئڻ:**

”وونئڻ جو اصل وطن سنڌ آهي، سپت سنڌوءَ واري حڪومتي دؤر ۾ سنڌ جي آبادگارن وٽ وونئڻ جون انيڪ جنسون هيون. سن 2500- 2000 ق.م ڌاري سنڌو سلطنت جي پوکي راهي ڪندڙ لوڪن، سپت سنڌوءَ جي سمورن دريائن جي ڪنڌيءَ ۽ ڪنارن سان ۽ سنڌوءَ جي ڇاڙن سان گڏ، انيڪ آباديون/ڳوٺ قائم ڪري ڪپهه پوکڻ شروع ڪيو، سن 2000- 1800ق.م ڌاري، انهن سنڌو لوڪن ڪڇ ۽ گجرات جي روهن ۽ ڪوهن جي دامن واري زمين تي ڪاري ۽ پوري ڪپهه جي پوک شروع ڪئي، انهيءَ زمين ۾ هوا مان گهم چوسڻ جي وڏي صلاحيت هئڻ جي ڪري، ڪاري ڪپهه جي سُڪي پوک شروع ٿي، اِن ريت، سنڌو سلطنت جي انهيءَ ڏاکڻين صوبي جي ڪپڙي جي صعنت جي ترقي ٿي ۽ دنيا سان واپاري ناتا وڌيا.“ (1)

Gul Hayat Institute

وونئڻ جي ٻج کي ڪڪڙا چئبو آهي. اهي هن نموني پوکين. رات جو انهن کي پسائڻ جي لاءِ ڪنهن ڳوڻ ۾ وجهي اها ڪنهن ڍوري جي آڌ ۾ پوڙي رکندا آهن ۽ صبح جو، ڪيڙيل زمين ۾ ڇٽيندا هئا. انهن وونئڻ کي سنڌي وونئڻ سڏيندا هئا. وونئڻ جا سلا ٿيا ته ڳڏ ڪيڻ شروع ٿي يعني وچ مان ٻيا اپرندڙ گاهه ۽ سلا سوري ڪيدي وڃبا هئا. ڳُڏ ڪيڻ لاءِ ماڻهن کي بروقت روڪڙا ٽڪا ڏيڻا پوندا آهن. اڄڪلهه سنڌي وونئڻ رڳو نوابشاهه ۽ نوشهري جي آسپاس ٿورا ڪي گهڻا پوکيا وڃن.(1)

”سنڌ ۾ هن وقت ٽنڊو ڄام، ڪوٽ ڏجي ۽ سڪرنڊ جي وونئڻ جي تحقيقاتي مرڪزن، رحماني، قلندري، ناياب 78، ريشمي، شاهين ۽ ڪرسو نو، سڪرنڊ ۽ ديسي نرم تيار ڪيون آهن. جيڪي سنڌ ۾ عام جام پوکيون وڃن ٿيون، اهي جنسون سنڌي وونئڻ ۽ ٻين وونئڻ جي جنس کي ملائي پيدا ڪيون ويون آهن.“(2)

وونئڻ جي ڇٽ ڪيڙ به ٿئي، ته ناڙي ڪيڙ به ڪن. هنن جو ڦهريون وارو پرپور لهندو آهي، ۽ پوءِ ايڪڙ تي چند مڻ مس مس لهندا آهن. هنن لاءِ ڏهه - ٻارهن هر ڏبا آهن، هنن جو ريشو ڊگهو ۽ نرم آهي ۽ اگهه به وڌو اٿن. سنڌي وونئڻ تي گهڻي محنت ڪانه ڪرڻي پوندي هئي. به - ٽي اُبتا سبتا هرَ ڪيدي ٻج ڇٽي ڇڏبو آهي. پوءِ پنج - ست

پيرا منجهانئن چونبدائي ڪئي ويندي هئي. پاڻي ملڻ تي، برسات پوڻ تي پيا نوان گوگڙا ڦٽندا هئا. گوگڙا سڪي سونگڙيون ٿينديون هيون، جن مان زالون ڳاٽيون ۽ ڪانبا ٻڌي ڦٽيون ڪڍي وٺنديون هيون. وونئڻن جي چونباٽيءَ جا به زالن کي بروقت پئسا ڏنا ويندا آهن. وونئڻ پاچاٽا ٿيا يا پيليا ته هاري انهن جو وونئڻانيون وڍي پارڻ جي ڪم، منهه ۽ پترن جي ڪم آڻيندا هئا. وڍڻ کان پوءِ جي ڪا بارش اچي نئي ته وونئڻن جون رهيل وونئڻانيون ٻيهر ڦُٽي پونديون هيون ۽ گوگڙا جهلينديون هيون ۽ تمام گهڻو مال اڳئين کان وڌيڪ منجهانئن پڙپئندو هو. مثال.

اَن جي تان ڪنڌي پلي!

وونئڻ جي تان سُنڌي پلي!

## وونئڻن جا مرض:

وونئڻن کي لڳندڙ مرض ٻن قسمن جا آهن:

1. جيت، 2. ڪينئان

رس چوسيندڙ جيت: ٿرڙو اچو، ٿرڙو پورو، سائو مهلو، اچي مک ۽ جونءُ هن ۾ اچي وجن ٿا.

ڪينئان: چٽڪمرو ڪينئون، سائو ڪينئون، گلابي ڪينئون، ٻن ڪتريندڙ ڪينئون، جڏهن ته اجڪلهه آمرڪي

Gul Hayat Institute

ڪينئون سُنبي وونئڻ جي فصل سان هاجا ڪيا آهن. جڏهن ته برسات، مينهن جي ڪري پاٽي بيهڻ سان اهو مرض تهان زور وٺندو آهي.(2)

**جوئر:**

جوئر يا جوار گهٽو ڪري اتر سنڌ ۽ ڪوهستان ۾ پوکي ويندي آهي، پر هتي وچولي سنڌ ۾ به ٿوري گهٽي پوکي وجي ٿي. هن جا ڪيترائي قسم آهن. اُبهري، بادڻ، اچڙي، اچو بازيگر هن جو سنگ وڏو ٿيندو آهي ۽ ڪمان وانگر هوندو آهي. اچو ڪارٿهو (تري)، اچو گرگلو، اچي ڪوڏي يا ڪڏري، بتڙي، هن جي چلڪي ۾ به به داڻا ٿيندا آهن، بغادر يا بغدار يا بگدار، اچي ڪلڻ، بهارو، ڪاري توري، ڪُندي يا چبي توري، مني، ڪاٽي اچي، سنڙي يا ذات، ڳاڙهي ديسڙي. هن جي سڪن ڪانن کي ڪانگڙ يا ڪڙٻ ۽ ساون ڪانن کي ڳنا ڪوٺين. جوئر جا ٻچڙ ڪن يعني سنگن مان داڻا ڪڍي ڍڳ ڪري رکن. اڳي ته اگهه به ادائي روپيا مس هوندو هوس، هاڻ ته جيترو اگهه ٻاجهر جو اهوئي اگهه جوئر جو آهي. جوئر جا ڦلا به تڙڪائي ٿاهين.

**تماڪ:**

تماڪ گهٽو ڪري بدي جي مهيني ۾ پوکيندا هئا، چو ته اهو مهينو تماڪ کي تيز ڪرڻ جي لاءِ چڱو ليکيو ويندو هو. هوڏانهن بدي جي مهيني ۾ وري واهن جو پاڻي

تاڙ ڏيڻ شروع ڪندو هو. ڪڙين ۾ ڍهيون سانگهارا پئجي ويندا هئا. پر تڏهن به سرويچ جفاڪش هاري هن کي به نه ڇڏيندا هئا. تماڪ پوکڻ واسطي زمين جا ڪڙيا ٺاهيندا يعني ننيڙا ٻنا لاڳيتا جن جي وچ ۾ پاڻي ٻيهڻ جي ناري، ڪرين ۾ پاڻ به ڏيندا هئا. اهو ٻاڪرو پاڻ هوندو هو. جي ڏسندا هئا ته تماڪ بيزور ٿيندو وڃي، ته انهن جا ڪڙيا يعني شاخون پڇي ڇڏيندا هئا، فقط ٻڪي ڏانديءَ تي پن وڌڻ لڳندا هئا. پر پاڻيءَ جي ڪا ٻٺ ڪري به هن پوک کي شڪست ملندي هئي. هاري پاڻئيندو هو ته گهٽ ۾ گهٽ ٻه پوسارا ڏيانس. هڪڙو ته آسانيءَ سان ڏيئي ويندو هو، باقي ٻئي پوساڙي لاءِ ڏاڍا سور پيٽا پوندا هئڻ. اڳي دؤر ۾ مڙس هوندا هئا مهمير، سو هلاڪيءَ کان هرگز ڪين ڪيٻائيندا هئا. جهڻو هٿي پاڻيءَ جو پورائو ڪندا هئا. جهڻو هن طرح هنيو ويندو هو. جتي واهه يا ڪڙي ۾ پاڻيءَ جا ڏبا ڏسندا هئا ته ان کي لوهه جي پترن پڇن يا بالٽين ۽ چمبرن سان ڏوڪي ڏکي آڻي نري يا ڪسيءَ ۾ ڪٺو ڪندا ۽ پوءِ هرلو وهائي پويون پيار ڪرائي وٺندا هئس. جي پاڻي نه پهتو ته بجر ٿي پوندو. تماڪ پنڊين ۾ بند ڪيو ويندو هو جنهن ۾ رڳو تماڪ جا ڏاٺا ۽ پن هوندا آهن. تماڪ مان بيڙيون ٺهن ۽ موالي ماٺهو چلم ۽ حقي جي ڦل ۾ وجهي ٽانڊو چاڙهي ڪش ڪڍن.

## ڪمند:

سنڌ جي لاڙ واري حصي ۾ ڪمند (ڪماند) جام ٿيندو هو ۽ ڪائڻ واسطي استعمال ٿيندو هو. هاڻي جتي به شگر ملون آهن، اتي جي آسپاس وارن سڀني تعلقن ۾ ڪمند جي پوک ٿئي ٿي. هن جون گريون ڪپي انهن جو اک وارو پاسو مٿي جهلي رنبي سان اڌوگابرو زمين ۾ پوريندا آهن. جڏهن ماڻهوءَ قد جيڏو ٿيندو آهي، ته ڪهاڙين سان پاڙن کان ٿورو مٿڀرو وڍيندا اٿس ۽ سنڌين کي پاڻي ڏيندا آهن، ته وري ڦٽي پونديون آهن. انهن کي ”اور يا اُول“ ڪوٺين. پهرين پوک جو ٻج ٽي سال کن هلندو آهي. تنهن ۾ پهريون وارو پرپور لهندو اٿس ۽ ٻئي سال ”اور“ وارو ڪماند گهٽيل هوندو آهي ۽ ٽئين سال هلڪو فصل لبندو اٿس. ڪماند کي پاڻ جي گهرج تام گهڻي هوندي آهي.

ڪٽڪ ڪماند مڪئي، ٻي پڻ ڪيتي ڪُل،
پاڻ ٻاجهئون نه مڇي، تون ڳالھ اها نه ڀُل.

ڪماند کي پاڻ ڏيئي ڀُڙا ڪري چڙيندا آهن. سياري جي سيءَ تي وڏيڪ ميناج منجهس پيدا ٿيندو آهي. ڪمند مان گُڙ به ڪڍائي ويندي آهي. مٿي هئڻ ڪري جانور توڙي ماڻهو پڇي زيان ڪندا آهن، تنهنڪري هن کي مضبوط لوڙها ڏنا ويندا آهن، اوڙها ۽ نشان به لڳائيندا آهن.

Gul Hayat Institute

ڪمند جا به قسم ٿيندا آهن: هڪڙو بانٺي جنهن جي ڪل سخت ٿئي جيڪو ڪنڊ لاءِ ملن ۾ وجي ۽ ٻيو ڪائڻ جو ڳاڙهو توڙي سائو. ڪمند مان ڳڙ ۽ مُستي [ڳاڙهي ڪنڊ] به ٺاهين. مٿيون مانپو مٿا پت ڪماند جي رس يعني ڳڙ مان بنائين ڳڙڏاٽيون ۽ وڙا به ڳڙ جا ٺهن. (1)

سنڌ ۾ ڪمند ٻن موسمن ۾ پوکيو ويندو آهي.

پهرين: 15- آگسٽ کان سيپٽمبر جي آخر تائين

ٻيو: 15- فيبروري کان مارچ جي آخر تائين

ڪمند جون ڪيتريون جنسون پوکيون وڃن ٿيون، جن ۾ ٿيٽرون، بي.ايل4، پيار ۽ ٽنا 10، آهي ٽنا 10 جي مهل سر واڍي نه ڪئي وڃي ته اها نسريو اچي ۽ فصل طاقت ڇڏيو وڃي.(2)

**ساريون:**

ساريون ناري، لاڙ توڙي اتر الهندي سنڌ ۾ پوکيون وينديون آهن. سارين مان وري چانور ٿيندا آهن. جن جون ڪيتريون ئي جنسون آهن: ڪنگٽي، سنڙيا [جي سٺ ڏينهن ۾ پچي راس ٿيندا آهن] ٺمڙيا، موتيا، گنجا، رتڙيا، باسمپتي، سڳداسي، رنگوني، جوشي [ٺهڪايل]، بيگمي، ڪارائي، پرمل، ڪورواهي، نارائي، جڄٽي، چچرائي، سداگلاب ۽ بنگالو، بدڙيون، بازيڪر، بارو، باسپتي، ججئي، اچڙائي، اچا پوپائي، اچا ٻڙانگ، اچا گلاب، بوئيدار، بگري وغيره.

Gul Hayat Institute

ساريون پوکڻ:

”ساريال فصل، سنڌ جي اُتر ۽ لاڙ واري ڀاڱي ۾ هزارين ورهين کان پوکيا وڃن ٿا. سن 2500 ق.م ڌاري اُتر سنڌ ۾ سارين جا پلا فصل ٿيندا هئا.“(1)

پهريائين ٻج پنج ڇهه سير، زمين جي هڪ ويسي يا اڌ ويسي ۾ ٻاريون ٿاهي پوکبو ۽ ڳائو پاڻ ڏبس، جيڪو ٿي چار انچ زمين کان مٿيرو ٻيهندو، پوءِ ڏيندس پاڻي. اهو ٿيو ٻيجارو، اهو پندرهن ڏينهن ۾ سلن جي صورت وٺندو. پوءِ هٿ سان ڇڪي ڪڍي، انهن جا ڳرڙا يا موڙهيون يا موراڙيون مٿ ۾ جهلي، ڪيڙيل زمين ۾ روت ڪندا يعني رنبي سان کڏ کوٽيندا ان ۾ سلو ويهاريندا. پر جي پاڻي ٻيٺل هوندو ۽ زمين گپ واري هوندي ته هٿ سان ئي رُنبيندا ويندا ۽ سڄي زمين ۾ سلا ويراج ٿيڻ کان پوءِ ڪم لٿو.

”اتر سنڌ ۾ پهرين جون 10- آگسٽ تائين، سارين جون مختلف جنسون جهڙوڪ: اري 8، اري 6، دي آر 82، ڊي آر 83، ڊي آر 92، سداحيات ۽ لطيفيءَ جا رونبا ڪيا ويندا آهن. جڏهن ته ڏکڻ سنڌ [لاڙ] ۾ 20- مئي کان 15- جولاءِ تائين رونبو مڪمل ڪيو وڃي ٿو. لطيفي چانور خوشبودار ٿين، اُتر سنڌ ۾ ڪنگڻي ۽ لاڙ ۾ رتڙيا چانور جام ٿين.“(2)

Gul Hayat Institute

جيڪو ٻج ڪڙيل زمين ۾ هٿ سان ڇٽين ته ان کي ”ڪورڙ“ ڪوٺين، پر جي ريج ٿيل زمين تي ٻج ڇٽي مٿان هر ڏين، ته ان کي ”داڦ“ چون. رُتڙيا، مٿانهين زمين تي نسرن، گنجا، سخت زمين تي. ٻيجاهو يا ٻيجاريون، آکاڙ جي مهيني ۾ ٿاهين. اسوءَ مهيني ۾ سراسري لابارا پئجي ويندا آهن. اٽڪل سارين کي پچڻ ۾ ٽي مهينا لڳندا آهن. لابارو بينڙ پاٽيءَ ۾ ول يا پلال لٽي ڪندا آهن. لابارو تڏهن وجهن جڏهن سنگ گهنڊ هٽندا يا لڙڪي ڏوڙا ٿيندا. ساريون گهٽي پاٽيءَ، ڪلراٺي زمين تي پليون ٿينديون آهن. پر ڪو ڪو ڪلر اهڙو ٿيندو آهي جتي سلي اپرڻ جي اميد نه هوندي آهي، ته اتي ”اَرو“ ڪن يعني ڪلر کي گهاٽا هرَ ڏيئي پاٽيءَ سان ٻارا پري ڇڏين. پوءِ اتي جيڪو گاهه ۽ ڪک ڪانا پيدا ٿين تن کي هرَ ڏيئي زمين دوز ڪن. وري پاٽي پرين، تان جو ٻٽي پيرا انهيءَ نموني ڪلر کي پاٽي ڏين، گاهه کي سائي پاڻ وانگر منجهس ئي دَٻي ڇڏين، تان جو اها زمين پڙ پوک لائق بنجيو وڃي.

ساري جي ولين کي پرار/پلال چون. جيڪي سارين جون سُنڊيون لٽڻ کان پوءِ رهجي وڃن، انهن کي ٻُئي چون. سارين جا ته اڇا ته اندران ڇانور ڳاڙها نڪرن ۽ جي ته ڳاڙها ته ڇانور اڇا ڏين. ڇانورن مان پيٽ ۾ مانيون تيار ڪري کائيندا آهن. پلي ۾ پليون ساريون، ايڪڙ تي ويهه

Gul Hayat Institute

مڻ کن لهنديون آهن. هاڻي هڪڙو نئون بج ”اِري“ چانور جو سڄي ملڪ ۾ پوکيو ٿو وڃي اهو ايڪڙ تي سئو مڻن کان به وڌيڪ ٿو لهي. سارين جي پوک کي هڪ شاعر ”فاضل قائميءَ“ هن نموني ساراهيو آهي:

**نظم**

چوکر هوڏي ذرو نهار،
ڏس سارين جي پوک تيار.
* * *

ڪڙميءَ ڪونهي سک جو خيال،
پورهيي ۾ رهي هر حال.
* * *

محنت جو هي مليس ڦل،
فصل سندس تان پلون پل،
* * *

ساوڪ ڏادي سونهن ڪري ٿي،
ڏٺي سِپن جي دل ٺري ٿي.
* * *

پسجي پڪل ان پريان ئي،
ذرتي گاهه سان آهي چانئي.
* * *

Gul Hayat Institute

سنگ لڏن ٿا جي چوڏاري،
پيارو تن کي چاڙٺي هاري.
* * *
ساهه سئون ٿو تن کي چاڙٺي،
مور نه پائني سو مٺ ناڙٺي.
* * *
سنگن مان جو اَن ٿئي ٿو،
تنهن سان پنهنجو گهر پري ٿو،
* * *
چئي ٿو منهنجي روزي آئي،
سکي گذر لئه خدا ملائي،

*
**نظم**
سمو هڪ سهائو صبح جو عجب هو،
هئي واندڪائي گهمڻ لئي سبب هو،
زير نظر هڪ ڪمال ڪسب هو،
زراعت سندو فن توجه طلب هو،
ڪچيون ساريون ڪٿ، ڪٿي هو نِسارو،
ڪٿي گهنڊ وريل هئا، ڪٿي هو لابارو.

Gul Hayat Institute

لٿي فصل تي ٿيا دوباريءَ جا سعيا،
پاڇاريون ڪٽي هرَ پئي هارين سنڀاهيا،
اڇي پنهنجا پنهنجا ٿي جوڙا ڏُڪايا،
ڏٿا ٻيڪريون ڏيئي، وراٺا ورايا:
ڪنهن جات ٻولي، هنيو ڪنهن ٿي نعرو،
نظارو هي سارو لڳو ٿي پيارو.
-

**سارين جا مرض:**

رائي، ڪڪي، گڏر، روڙو، ڪوئو، سيانتو ُهيءُ پن ڪترينڊڙ جيت آهي، ڪنگي يا ڪنگيري [هيءُ ڪينئن جو قسم آهي،] جهڙ ۾ پيدا ٿئي، اُس نڪري ته مري وڃي. سندس رنگ ڳاڙهيڙو ٿئي پهرين پنن کي ۽ پوءِ سنگن کي وڻندو آهي.

”اڇڪلهه سارياڻ فصل لاءِ نقصان ڪار جيت، اڇي پٺي وارو مهلو، پن ويڙهو ۽ گڏر آهن، سنڌ ۾ پيلو گڏر، گلابي گڏر، اڇي گڏر ۽ پٺيرو گڏر آهن. جڏهن ته سڄي دنيا ۾ 800 ڪان مٿي جيت مشاهدي هيٺ آيا آهن، جيڪي سارياڻ فصلن کي نقصان پهچائن ٿا.“(1)

موڪي

نيون پوڪون

**چيٽ:**

هيءَ پوڪ اڳ درياءَ جي سيلاب تي ٿيندي هئي. جنهن سان گڏ ٻيون به پنجڙ بوسي پوڪون ٿينديون هيون، پر هاڻ سکر بئراج، ڪوٽڙي بئراج ۽ گڊو بئراج واهن جي تيار ٿيڻ تي سڄي سنڌ ۾ موڪي پوڪ ٿيڻ لڳي آهي:

ساوڪ سري جي سهڻي بئريج جون بهاريون، چانور ۽ ڪڻڪ ساريون، پوڪون مڙئي پياريون، سائينءَ ڪيون سجايون، ڪڙمين سنديون ڪمايون.

هيءَ آبادي اُنهن واهن تي انهيءَ ڪري گهڻي ٿئي ٿي جو واهن جو پاڻي مٿانهون آهي ۽ زمين هيٺانهين آهي، تنهنڪري، ايڪڙ - ٻيڪڙ ڪان سواءِ هر هنڌ پاڻي موڪ ٿو پهچي. واهن ۾ مين ڪينال مان برانچون، براچن مان سونهيون يا شاخون، ڊسٽري بيوٽريون ۽ مائينرو ۽ انهن مان واٽر ڪورس ۽ ڪڙيا ٽا نڪرن، جي سمورو ملڪ آباد ڪريو ڇڏين.

Gul Hayat Institute

**نظم:**

راحتون ۽ رس رچڻ وارا وري، رونقون ۽ رنگڙا ڪئين چيٽ ۾.

چھچٽا چوڏار آهن اڄ عجيب، جهار هڪلي هيج مان هاري غريب،
ڪيت ڪٽڪن جا پچڻ وارا وري، واه سونهن سنگڙا ڪئين چيٽ ۾!

چاڻ ڪٽڪن ۾ پيا لابارڙا، لائيءَ خاطر لوب تي لايارڙا،
اڄ سيان آهن اچڻ وارا وري، ٿا وڻن دڳ دنگڙا ڪئين جيٽ ۾!

هر طرف ڪان هير ۽ هيڪار آهه، گام گلشن ۽ چمن گلزار آهه.
پؤنر ۽ پوپٽ نچڻ وارا وري، خوب ٻهڪن جهنگڙا ڪئين چيٽ ۾!

Gul Hayat Institute

قرب ڪؤڙين ۽ ڪرم قادر ڪيا، مال ۽ ”مجذوب“ مارو خوش ٿيا،
مُلڪ تي ميڙا مچڻ وارا وري، دل چري ڪن چنگڙا ڪئين چيٽ ۾!(1)

**ڪٽڪ جي چٽ:**

هڪڙي ٿئي چٽ ڪيڙ يعني هٿ سان ٻانهن ٻگهاري، ٻاجهريءَ وانگر ٻج ڇٽبو آهي، ٻي ٿئي گُڙٻي، ريج ٿيل زمين تي ٻج ڇٽي، مٿان هرَ ڏيئي ڇڏين. اهو ٻج تڏهن ڇٽيندا آهن، جڏهن سڌندا آهن ته موسم نڪريو ٿي وڃي ۽ ٿي آهي ناڙي، هرَ جي هروٽي پٺيان لوهه جو نڙو لڳل ٿيندو آهي، هرَ پيو هلندو ۽ نڙي مان ٻج هيٺ وهي اوڙن ۾ پيو پوندو ايندو ۽ ٻج پاٽهي ڍَڪبو ويندو. نه ته مٿان سهاڳو گهمائيندس.

**چيٽ:**

سرءُ جي مند پوري ٿيڻ ڪان پوءِ چيٽ [ربيع] پوکڻ شروع ڪن، ڪي ٻيجهڙ پوک ڪن يعني تيلي ٻج پوک لاءِ بوسي زمين تيار ڪن. چيٽ جي پوک لاءِ زمين کي ڪتيءَ ۾ ئي گهڻو پاڻي ڏيئي رجائي ڇڏين ۽ پوءِ پوک بوهيارا ڪري اپرڻ لڳندي آهي. ۽ بوسي آڪاڙ جي مهيني ۾ لابارا وجهن. اوڙا يا سٽريون ڪري رکن، ڪٽڪ جون جنسون ٻوجري، ڪهٽو، هن جو داڻو سخت ۽ ٿلهي ڳپ وارو ٿئي ٿو. تڏري، سنهڙي جيري جهڙي ٿئي، رڙي، داڻو سخت پر ٻمڪڙو ٿئيس. نوڙهي، هن جي سنگ تي سوئا سوئا ڪونه

ٿين. هاڻي وري هڪ نئون ٻج جنهن کي پاڪ - ميڪسيڪو ٿا سڏين، سو پوکيو ٿو وڃي. اها ڪڻڪ ايڪڙ تي ستر-اسي مڻ لهي ٿي. پر داڻو سنهڙو اٿس ۽ رنگ ڳاڙهو ۽ اٽو ميرانجهڙو اٿس. اصلي ڪڻڪ، گهٽي ۾ گهٽ ته ٻٽيهه 32 مڻ ايڪڙ تي لهندي هئي.

”اڄڪلهه سنڌ ۾ ڪڻڪ جي جنسن مان، انڊس 66، پاڪ 70، بليو سلور، لڪورا، نوري، ڊبليو ايل 711، سوناليڪا، پيون، زيڊ.اي 77، ٽنڊي ڄام 83، مهراڻ 89، انمول 91، آبادگار 93 پوکيون وڃن ٿيون.

ڪڻڪ جي پوک اُتر سنڌ ۾ 7- نومبر کان 30- نومبر تائين ۽ ڏکڻ سنڌ ۾ 1- نومبر کان 20- نومبر کان تائين مڪمل ڪئي ويندي آهي.(1) ڪڻڪ مان ڪاجرواٽو، ميدو خميرو، ڏارو يا ٻاٽ، نشاستو ۽ سوجي ٺهندا آهن، ۽ منجهانئن پٽ، ماني، لئي، لپئي، ڏارو. بسڪوٽ، حلوو، سيون، سيرو، مالپڙا، مليدو، پوريون ۽ پڪوان وغيره ٺهندا آهن.“(2)

Gul Hayat Institute

### ڪڻڪ جا مرض:

”ڪڻڪ جون بيماريون، ”ڦن رتي“، پيلي رتي، ڏانڊي واري ڪاري رتي آهن، زرعي ماهرن جي مشورن سان صحيح تاريخ تي پوک ڪرڻ سان اهي مرض نٿا ٿين.(3) ڪڻڪ، ڇٽن ۽ توريي جا مرض ساڳئي قسم جا

آهن. رتي، جا ماڪ پوڻ ڪري پيدا ٿيندي آهي ۽ داڻو ڪوڪلو ڪري ڇڏيندي آهي. پارو، مالھو ۽ تڏ، ٻڏڪ يا ڏڏڪ، هن ۾ سنگ ڪارا ٿي ويندا آهن.“

چٽن، السي ۽ ترن جي مورجڻ وقت، جي ڪنوڻ يا وڄ جو چمڪات ٿيو ته انهن پوڪن ۾ ڪينئون پيدا ٿي پوندو آهي، ٻيو جيت آهي، اِلي يا اِليون جو به تيلي ٻجن کي نقصان رسائيندو آهي.

**لابارو:**

ان آهي ته ايمان آهي!

**کرو:**

لاباري شروع ڪرڻ کان اڳ ديرو [خرمن يا کرو] ٺاهيندا. ڇا ڪندا جو ڀڪو پٽ ڏسي ان مان جهنگ وڍي دڙيون ڪڍي، چلي ڪرڙي لسو ميدان ڪندس. ڪي هاري لاباري وجهڻ کان اڳ هُرلا به جهُلائيندا آهن يعني انهن جو ڪانوڙ لاهي هڪ هنڌ مڏ ڪري رکي بي اونا ٿي، پوءِ لاباري ۾ هٿ وجهن.

**لاباريا يا لاهيارا:**

سيڪو پنهنجي حَڙَ [پوکيل زمين] لاءِ لاباري وجهڻ جي لاءِ لاهيارن کي ڪوٺ ڏيندو. هنن جي اچڻ تي انهن مان هڪڙو مرد ماڻهو يا خود هاري ڪانا ڪپڻ لڳندو، جنهن کي ڪانڙيو ڪوٺين. اهي ڪانا ڪوڙا يا سڙيون ڪندو

Gul Hayat Institute

ويندو. پوئتان لاهياريون زالون ڏانئي سان، ڪانن مان سنگ وڍينديون ڪاري يا ڪانبي ۾ وجهنديون ويندديون، جڏهن ڪارويا ڪانبو پريو ته وڏي وجي ڪري تي پنهنجي ڍڳڙيءَ تي لاهينديون. شام جو، لئلن [وڍيل] سنگن جون هاري اوٽا ۽ پٽيون يا اوڪت ڪندو. ڇٽيءَ وٽيءَ ڪي ٿي پٽي ملندي. زالون اهي سنگ ڪٽي گهر ۾ آڻي انهن ڪي ڏنڊن سان ڏانگورا وجهنديون سٽي، ڪُٽي هٽي ڏاچوڙا ڪڍي رکندن. پوءِ اهو اَن سوڻ خاطر پاڻ به ماني پچائي ڪائين ته پنهنجائپ توڙي پاڙي پٽيءَ ڪي نئين وٽ ڪرڻ لاءِ پاڻي ڏيڍ ڏين. ڪانڙيي ڪي ڏهين پٽي ڏيندا هئا.

**دَن:**

لُدل ڪانا پاڪر پري ڳٽندن ۾ يا ٻنڌڻ ۾ ٻڌي ڳڏا ٿاهيندا، هرهڪ ڳڏي جو پنجويهه يا ٽيهه سير وزن ٿيندو آهي. اهي ڳڏا هڪٻئي مٿان سمهاري سٿيندا ويندا ته پوءِ ان کي ڦيڙهو يا دَن سڏين، پر ڪانا اپا ۽ سوڙها ڪري رکندا ويندا ته پوءِ ان ڪي يا سٿو سڏين. انهن جي چوڌاري لوڙهو ڏيئي ڇڏين ۽ ضوررت سارو مال ڪي چاري لاءِ ڏين. بعضي برسات پوڻ تي ٻاجهري جا ٻنهرَ يعني سنڌاري وري به پٽي پوندا آهن.

ڪٿي ڪانڙيي ڪي سورهين پٽي ملندي هئي ۽ ڪي هاري يڪو لابارو وجهڻ بدران جيڪي سنگ پڪل ڏسن

Gul Hayat Institute

سي لٽي، پٽ تي ڪانا وچائي تن جي مٿان ڏگ ڪري رکندا آهن [خاص ڪري ٿر ۾] ۽ مٿانئن ٻيا ڪانا پکڙي انهن سنگن کي ڍڪي رکن انهيءَ کي ڪَرهي ڪوٺين. ڪي ٻُٽنگ لٽن يعني ٻينڙ ڪانن جي چوٽين مٿان سنگ لٽي وٺن.

هاري ڀهرئين ڏينهن لُدل سنگن مان ڪجھ چندي ڦوڪي اَن ڪڍي، اُن ۾ ڳڙ وجهي لوٽي يا ڪني ۾ وجهي رڌي، سيپني ڪري وارن کي ڪارائيندا آهن. انهن کي گوگي جا ڪوهر ڪري ڪوٺين. چون:

**گوگا چوهاڻ، پريا تنهنجا ماڻ،**

ڪنڊي ڪرڙي تي تنهنجي آڻ.

يا

گوگا چوهاڻ، پريا تنهنجا پاڻ.

**ٻيڙا ٻني لائجان:**

لابارن ۾ لُنديون لتاڙٽيون پونديون آهن. بلائون سڀ گوگي جي حڪم هيٺ آهن، تنهنڪري اُن جي نالي تي خير ڪيندا هئا. هونئن به ڪک هيٺان، لک پيو آهي. ڪک آهن بلائون لک آهي انسان جي زندگي!

ڪٽڪن جي لابارن ۾ ڪانڙيو ڪونه ٿئي. زالون سج چڙهي نڪرنديون، چوته ٺار ۾ ڪٽڪ لبي نه سگهندي آهي. بيئل ڪٽڪ جون ڪانيون مٺ ۾ جهلي پاڙ کان مٿپرو ڪپڻ لڳنديون ۽ جهول پرنديون وينديون. ڪٽڪن جا

Gul Hayat Institute

لابارا زالون ۽ مڙس گڏجي ڪندا آهن. ڪٽڪ جي ڪانيءَ ڪي ناڙي چون.

نظم

پپن ڪڙي پيهي تي بيهي، پلپل ڪريان پُوڪار،
ڪانوَ تڙي تو طرف منجان ٿي، من ڪو پهچئي پار!

رونبا نڪتا اوپر نڪتا، نڪتو پئي چڻ ساھ،
ساوَن مان پيلا ٿيا تيلا، لاب پيا ٿيو ڳاھ،
تڏهن به تون آئين نه مسافر، ڪهڙي ڏيانءِ ميار!

وائرُ ۾ چچ ويه ويه پيرا، چڻ ٿي هٿ مان ٽڙڪيو،
پيارو پورهيو بار لڳو پئي، توريءَ هڏ هڏ تڙڪيو،
تن ميرو ٿيو ڏوڙ وسائي، چيڙھ وڄايم وار!

Gul Hayat Institute

ديرا ميرا لڳن مسافر، تو نه ڪيو جي ديرو،
اوطاقن ۾ اوندھ پانيان، پيو نه جي تنهنجو پيرو،
من منهنجي ڪي ڪين وڻن ٿا، توريءَ اَن انبار!

اُڪريءَ ۾ منهن پائي ويٺي، مهري ٿي ڪڙڪايان،
آهٽ پائي چرڪ پري، اک ور ور در ۾ پايان،
مايوسيءَ ڪان ان ڪٽن کي، ڏيان ٿي ڪيڏي مار!

آس وجائڻ واري ناهيان، چوته ڳهيلي آهيان،
تڏهن ته دم دم دڳ واجهائي پئي ٿي دل پر پايان،
نيٺ ته هڪ ڏينهن ايندين، ”دڪايل“ پاڙيندين اقرار!
ان ڳاهڻ
**هلر هڪلڻ:**
هلر لاءِ جدا پٽ گهڙيو ويندو آهي. پٽ پوڙا پاڙان ڪڍي، پوءِ ان ميدان جي وچ ۾ هڪڙي مني يا ٿوٽي ڪوڙبي آهي، ان کي ميڙه چون. ميڙه جي پر ۾ سنگن جا سُپ پري آٽي لاهين. پوءِ پاجهر جا هجن يا ڪٽڪ جا، ڪٽڪ ته ناڙيءَ سوڌي آٽي گڏ ڪن. ميڙه واري ڪانيءَ جي تري ۾ هڪ لوه جو ڪڙو يا سينهون ٺاهي وجهن. ان ڪڙي يا سينهي ۾ به رسا ٻڌن مٿئين رسي کي ميلهو يا مالهو ڪوٺين. ٻنهي رسن جي وچ ۾ ٻڙاها جوڙين، جن ۾ وهٽن جون ڳچيون سوگهيون ڪري ٻڌن. سپني وهٽن تي پوٺاڙا چاڙهين يا

چڪو ٻوٽ تي ٻڌن. گهڻو ڪري ڏاند هلر ۾ هلن، پر ڪٿي ڪٿي ٻيا جانور يا ڍينگر به ڪتب آڻين. ميڙهه جي پرواري کي ميڙهي ڍڳو ۽ آخر واري کي پوچڻبڌ وارو وهٽ ڪوٺين. هڪڙو هالارو ڳاهو يا ڳاهيندڙ ماڻهو پٺيان لڪڻ يا بانٺو کڻي ڍڳن کي پيو هڪليندو ۽ هلندو. جنهن ۾ اها خبرداري ۽ سجاڳي ڪندو ته ڪو وهٽ ڇيڙو ته ڪونه ٿو لاهي، جي لاهي ته هٽ ۾ وٺي پري اڇليندو ۽ ڪنهن جو ٻوٿاڙو ڍرو ٿيو، ته ڇڪي ٻڌندو. ڪيپ هڪڙو ڳاهجي چڪو ته نئو پڳر وجهندو يا ڳاهيل ڳاهه پڪڙي ويو ته ان کي ريڙهي ٿوپ ڪندو. اهو ڪم پاهوڙي يا ڏانداريءَ سان ڪندو رهندو. هلر اٽڪل ڇهه ڏينهن ڪن هلندي آهي. واهو هلر هلڻ مهل هيءَ اُناڻا ڏيندو: اهي ڏاڍي جهيل، بلند ۽ سريلي آواز سان چوندو. پري ڪان اهو آواز دل کي ڏاڍو پيو سيبائيندو آهي ۽ نار جي رينگٽ وانگر پري پري تائين پيو ٻُرندوآهي.

**اُناڻا يا پهلوڻا:**

اَلهي مَلهي هلر هلي!

* * *

هَلي ملهي ڏاندا، وهي ٿيا واندا!

* * *

الله جوڙيا، ڪنهن نه موڙيا!

* * *

Gul Hayat Institute

هَلي مَلهي، هر هلي، ڳاهي ڳوڏي!

*　　*　　*

ميڙهي متو، ان ۾ گتو،
اَن پريندي ڏڙوائي ٺڪو!

*　　*　　*

هل هلايون، پلن ڏاندن پليون ڳاهيون،
ڪر پلايون، پلن ڏاندن پليون ڳاهيون!

ڪٽڪ جي هلر ڪي ڍينگرن مٿان بار رکي ۽ اڳيان هڪ وهٽ اُن جي گهلڻ لاءِ ميڙهه ۾ ٻڌي هلائيندا آهن. اُن لتاڙيل ان کي ڳاهه ڪوٺين. پوءِ اهو سمورو اَن ٻُلرن، ٻِٽن، ٻُوچڙن، ٻوري، ٻُهه، ڪندرن، ڪڏن يا ڪڏرن، پرارو وغيره سوڌو وائرڻ جي لاءِ گڏ ڪن. ڪٽڪ جو ان لاباري ڪرڻ کان پوءِ لاهيارا سٿريون ڪٽي ويندا آهن، باقي جيڪي ٻارن ۾ ڪري پوندو آهي، سو غريب ماڻهو چونڊي پنهنجي ڪم آڻيندا آهن، ان کي ”چونڊو“ چون. ڦٽين جا ٻه پچاڙيءَ ۾ چونڊا ڪرائي، پوءِ وونئڻ پيلائي ڇڏيندا آهن، يعني وهٽن کي چرڻ جي خاص اجازت هوندي آهي.

**ان وائرڻ/اوڏڻ:**

هوا يا واءُ چڙڪبو ته گاگڙن يا وڏن ڇڄن ۾ جن کي ڪونڊا به ڪوٺين، اَن جا پري، مٿي ٻانهون جهلي لار ڪري اَن لاهڻ، اوڏڻ يا وائرڻ شروع ڪن. جنهن پاسي

واءُ گهلندو، تنهن جي مٿينءَ واري تي ٿي بيهن. ان سان گڏ ٻٽ، ٻُلر ۽ ڪڏا هيٺ ڪرندا ويندا، باقي ٻُوهي، ٿُه، ٻُه اُڏامي پري وڃي پوندا. اُن ڪريل اَن کي ٻَچو، آوت يا آورت چون. ان سان گڏ ٻُچر يعني جن سنگن ۾ اَن ناهي يا پڪين کائي ڇڏيا آهن، سي آڳرتا ريڙهي پري ڪن ۽ ٻنگ يا ٻٽنگ يعني ڪچو ان به وائرڻ ۾ نڪري ويندو، پوءِ اُن اَن جي ڍڳ کي ”چُڙڪ“ ڪوٺين، جي هوا نه لڳندي آهي، ته اَن جي ڍڳ کي ٽنگٽين سان مٿي اڇلي اُڇلي وائرين، هن ۾ گهٽي ڏکيائي ٿيندي آهي. اهو طريقو بلڪل اٽانگو ۽ ديرائتو آهي. واءُ لڳڻ جي لاءِ هي اٺاٽو ڏين:

لڳ لڳ حاجي گاگڙا!

چوڙ واءُ جا ڌاڳڙا!

هڪ جڙ جي اناج کي ٻَچو چون، پر گهٽين جڙن جو اناج گڏيو، ته پوءِ انهن کي ”رانهه يا راهه“ سڏين. رانهن جي سنپال ڪندڙ ماڻهوءَ کي ڪانگٽڙو ڪوٺين. ننڍي رانهه کي ”ڏڙ“ سڏين. انهن کي چوڌاري ليڪو يا آڻ ڪڍن ته ڪير چورائي نه وڃي. ان ليڪي کي ”رڪ“ چون ڪي اَن جو ٻنو ٻڌي ڇڏين. سرڪاري ڍل نه ڏيڻ جي حالت ۾ اُن ان ڪٽڻ تي بندش وجهڻ جي لاءِ ”ٺپو يا اگٽي“ هڻي ڇڏين. اهو ٺپو هڪ ڪاٺ جي ڦرهيءَ تي اکر لکيل هوندا آهن، جي ڦٽين

يا اناج تي مٿان پاسن کان مٿي پکيڙي،ان تي اهي کپيل يا نپيل اکر هٽي نشان ڪندا آهن.

**ڪنڊي اناج:**

هلر هلي بس ڪندي ۾ اناج وائرجي دنگ ٿيندو آهي، ته ڪي غريب ماڻهو ڪنڊيءَ جو اناج هٿ ڪرڻ لاءِ ان کري واري جاءِ تي پهچي زمين ڪجھ هيٺيري ولي ان مان داڻا چاڻي ڪڍي اچي پيٽ گذر ڪندا آهن. ڪنڊي جو مطلب آهي زمين ۾ آڏ پاسيرا پوريل داڻا.

**ان جي تور ۾ ٻٺي:**

ان مئيندڙ کي مٺتو يا مهتو سڏين يا ڏڙوائي چون. ڏڙ ٿيو اَن جو ڍيگ + وائي، معنيٰ آواز ڪندڙ، جيڪو ٿانءُ يا جهول پري تورين ان کي ڏڙو سڏين ۾ مخالف پاسي کي وَٽَ چون. مشهور آهي ته،

اگھ ڪٿيو ڪائجي، پر ماڻ ڪٿيو نه ڪائجي!

مڻ به وَٽَ يا تورا آهن يا ماپڻ جا هٿڻ وغيره، جنهن ڏينهن پيدائش جي ٻٺي ٿيندي. ڏڙوائي ڪاٺ جو ٿويو يا ڪاسو نهيل ٿانءُ ڪٽي جيڪو جانورن جي چاري واري ٺڪر جي ڪونڊي وانگي هوندو آهي. ڏڙوائي جهيلدار سر سان ٿويا ڳٽڻ شروع ڪندو. هڪڙو هاري ان ريڙهي ويجهو ڪري پيو ڏيندس. هن نموني ڳٽپ ڪندو:

**ڳٽپ ماپ:**

او....... هيءُ......... بابرڪت! (هڪڙو)

او هيءُ ڪل جو پلو!

او...... هيءُ...... جوڙو! (ٻه)

سائين ڪندو سجوڙو!

او..... هيءُ...... ٽي!

پري پري پائرن کي ڏي!

او.... هيءُ...... چار!

مولا بيڙا ڪندئي پار!

او...... هيءُ...... پنج!

لڳي ويندا گنج!

اهڙي طرح واڪ ڏيندو پيو مئيندو. ڪي وري اتي ٽُڪون ۽ ڪَٺون پيا ڪندا، ته سورهن خرار ٿيندا، نه نه ويهه خرار پيا ڏسجن وغيره. رانهه جا چاڙو ته رڳو رانهه جي چؤڏاري پير پير جي پر ۾ رکي ڦري اچي ٻڌائيندا آهن ته هيترو اناج آهي!

جي ڪنهن هاريءَ دل لائي پورهيو نه ڪيو هوندو، سندس رانهه گهٽ بيٺل هوندي مٿس قرض جون چار ڪوڏيون چڙهيل هونديون، ته ڏڙوائي ڳٽپ ۾ پوڳ ڪندو ۽ چوندو:

او....... هيءُ....... بابرڪت! يا بها برڪت

الائجي روٽيءَ ۾ رُلايئه!

او..... هيءُ.... جوڙو!
ڪي الائجي سُمهي سڪايئه!
او..... هيءُ...... ٽي!
ڪي الائجي جهار ڪان جهاٽيئه! [جهٽايئه]
او..... هيءُ....... چار!
ڪي الائجي لائيءَ ۾ لُٽايئه!
او...... هيءُ....... پنج!
الله ڪري ڏيندءِ گنج!

اَن مئجي پورو ٿيو ته وڏو واڪ ڏيندا ته فلاڻي جا هيترا خرار ٿيا. ڪي هاريِ، رانه مٿان نريون هڻي ڪاٿو ڪندا هئا، پنجويهن ٿوين جو خرار بيهندو هو.

**ٻهيون ٻانڍڻ:**

ماپ ٿي ته ڪيندا پهرين خدا ڪارڻ، ڪنهن پرواري پير، اولياءَ يا درويش جي پاني، پوءِ آيل فقير فقراءَ کي ٻه پاٽي - ٻه پاٽيون ڏيندا. ان ڪانپوءِ اهت وارن کي ڪاسبين کي حصو ملندو. جنهن ۾ مينگهواڙ، ڪنڀار، لوهار ۽ حجام هوندا. پوءِ ورڇيبون وندبون، وهٽن جي ڏار، هارين جي ڏار، مجيريءَ جي ڏار ۽ زمينداري حصو ڪيِ ڪندا ڏار. جنهن جي پورت نه ٿي، ته مجيريءَ جي حصي مان ڏيئي ڪندا پورائي. هاري ٻه ٻچن جي قوت لاءِ مجيري ڪان منٿ ڪري وٺندو داڻا ڪٽا ۽ ٿيندو پڪو قرضي. پوءِ مهيني سر

مهيني مجيريءَ کان ”ورو“ (ورهيو) پيو وٺندو نه ته مليل اناج آٽي گهر ۾ گنديءَ يا پليءَ ۾ رکندو. گندي مٽيءَ جي ٺهيل هڪ نادي آهي، جنهن جي تر ۾ هڪ سوراخ جنهن کي آئڙ چون. ان کي اگڙيءَ جو ليڙو ڏئي رکن ضرورت سارو ان مان ان ڪيندا آهن. قرضي هاري مجيريءَ کي چوندو ته رهيل حساب آئندي ”ڪوڏر“ تي ڏيندس. مطلب ته وتئه اچي ڪمائي پئسا لاهيندس، پر ايندڙ سال تي! تور ۾ ٻائيتاليه سير مڻ جا توري ڪٽندا هئا،پر ايڪتاليه وڪٽندا هئا. محنتي هاريءَ کي مجيري پٺڪو ٻڌائيندو هو يا ويه روپيا روڪڙا ڏيندو هو. شين جي تورڻ ۽ مئڻ جون هيءُ ڪنڌيون (جدولون) رواج ۾ هيون:

**جدولون**

1- سون تورڻ جي:

چار مگ برابر هڪ رتي،

اَٺ رتيون برابر هڪ ماسو،

ٻارهن ماسا برابر هڪ تولو يا ڏُڪو.

2- وکر تورڻ جي:

پنج تولا برابر هڪ آنو،

چار آنا برابر هڪ پاءُ،

چار پاءَ برابر هڪ سير -

اڍائي سير برابر هڪ ڌڙي،

Gul Hayat Institute

به ڏڙيون برابر هڪ پڙڪي،
چاليهہ سير برابر هڪ مڻ -
اَٺ مڻ برابر هڪ کندي.

**3- اناج مئڻ جي:**

چار چوٿايون برابر هڪ پاٽي،
چار پاٽيون برابر هڪ ٽويو،
چار ٽويا برابر هڪ ڪاسو،
سٺ ڪاسا برابر هڪ خرار،
اٺاويهہ مڻ برابر هڪ خرار.

**4- ناڻي جي ڳڻپ جي:**

پنج ڪوڏيون برابر هڪ دمڙي،
به دمڙيون برابر هڪ ڪسيرو،
به ڪسيرا برابر هڪ آڌيلو،
به آڌيلا يا ٽي پايون برابر هڪ پئسو،
به پئسا برابر هڪ ٽڪو،
به ٽڪا برابر هڪ آنو،
به آنا برابر هڪ ٻياني،
به ٻيانيون برابر هڪ پائلي،
به پائليون برابر هڪ آڌيو،
به آڌيا برابر هڪ روپيو.

Gul Hayat Institute

پندرهن روپيا برابر هڪ گيني، [مهر، اشرفي، ۽ ساورن].

آباديءَ جي سڄي ڪاروهنوار تي چيل هڪ نظم

ڏَڪيندو ڍول اچي ڏڌ ڏهاري،
چريي هن چنگل تي ڪندو صاحب ستاري،
هاڻ ٻُڌ ته ٻڌايان تولي هي حال هڪواري:
وٺي پر پڙي جي وجي ڪيم ڪُرمت ڪراري،
پٺي کوهي پوک ڪيم سهجئون سوپاري،
چاڙهيم اچي چاه مان هت نار نرواري،
ٿاڪ، ٿِڪڙ، ٿنيڙيون، ٿنيا پرت پري پاڃاري،
ڍوئي مالھ نماٽي،پاٽيءَ لوٺن لهنواري،
ڳاڏيءَ جي ڳٽڪار تي لاتم للڪاري،
چاه سان ”چنگل“ چئي لاتم بر ۾ بازاري،
پٺن تي پوش پيو ٿي ساوڪ سونهاري،
کٻڙن ۾ کڙڪا ٿيا ڪئي ڪندن ڪوهياري،
بس صاحب سينگاري، هي ڌرتي ڌوڙ پري ڪٽي!
* * *
لڳين سگين سهٽو ڌس ڪڪڙو ڪوهيارا،
هڪڙا ليٽڻ لٺ تي ٻيا ڪن پڙَ تي پسارا،

هن جا قدم قرب پريا هئا سدا سوپارا،
اکياڙيون اکين تي هيس هت کوپا موچارا،
”چنگل“ چئي چريي جا ڏس چوڏاري چارا،
ماريا تنهن ميل ڪيئي نر هٽي نارا، (نعرا)
اَوجهڙ عاقل ڳوٺ جا ڪل ڏاند ٿيا ڪارا،
حاصل به همٿ ڪئي پر ويا وري وسوڙل ويچارا،
جنهن جي سوپ ستار ڪري تنهن سان کهڙا ٽڏَ ٽارا،
ڪَڪڙي پنهنجي قرب سان سپ سور يا سنگهارا،
ڇهُيءَ تي ”چنگل“ چئي هئا چڪري جا چمڪارا،
مُهرو ڳاڏيءَ وچ ۾ پيو ڪري وَڪڙ ۾ وارا،
لٽ ليٽي ڏوڙ ۾ آيا عشقئون اوپارا،
ڦرهيون ڏس فراق جون تنهن سان ونگڙا ويچارا،
لڳيون گنبيون گوندر جون تن سان ڳجهن جا ڳارا،
نهوَر ناز ڦِٽا ڪيا لٿا پاروٽيءَ پاڙا،
ڪانءَ به رکيو قرب هو ڪيا سوئل سنپارا،
جَهلڻ جيءُ جهوري وڌو سپ ڪنيائين سر بارا،
پڙئن تي پَڙ ٻاڻن سان ڪيا ڪڪڙي ڪنارا،
مالهي مالھ محبت جي پوئي ڪٽي سر ڪارا،
اڏوَهي امانُ ٿي پري ٻاجھ پريا ٻارا،
هڻ لپا چاڙھ ٻنا او ڪوڏر وارا!
هرَ وُڙهاسين حُب مان ڪٽي چونيون ۾ نارا،

Gul Hayat Institute

وڏي ڪاٿ ڪهاڙيءَ سان ٿاهيم منهن موچارا،
خوشيءَ مان ڪانپاٽيون وٺي جهار ڏنم جهارا،
پڇي ڪٽڪون راس ٿيون پيا لس لابارا،
ڳاهه ٻڌاسون فراق جا وچڙيا ڪٽا ويچارا،
ڏيئي چچ چوهه سان ٿاهيم ڏڙا ڏڌڪارا،
هاٽي مرشد موچارا، اولا لاهه اکين جا![(1)]

**هارين جا اصطلاح:**

پنهنجي رانهه پوکي وارو آهي!
ڪهڙو اڳيون جوڙو وهيو آهي؟
ڪهڙي ٻناري جي ڪتر هنئي اٿس؟
ڪهڙا ڏاندار جا ٻنا ڪڍيا اٿئي؟
ڪهڙو ٻناري جو پاٽي ورايو اٿئي؟
ٻنيون ۽ ونيون ڪن مَڃُن ڪان وڃن!
-------

Gul Hayat Institute

[(1)] هيءَ وائي شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمه الله جو آهي. (ادارو)

[(1)] نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي (ادارو)

[(1)] نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)

[(2)] نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)

[(1)] ڪنڊ جو اڳهه سرڪار مقرر ڪندي آهي. (ادارو)

[(2)] ٿتا-10 زرعي سائنسدان محترم خان ڪيرئي جي ايجاد آهي. (نظرثاني ڪندڙ)

[(1)] نظرثاني ڪندڙ پاران واڌارو آهي. (ادارو)

[(2)] نظرثاني ڪندڙ پاران واڌارو آهي. (ادارو)

[(1)] نظرثاني ڪندڙ پاران واڌارو آهي. (ادارو)

[(1)] هي نظم شاعر مجذوب جو آهي. (نظرثاني ڪندڙ)

[(1)] نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)

[(2)] ڪٽڪ جو اڳهه هر سال سرڪار مقرر ڪندي آهي. (نظرثاني ڪندڙ)

[(3)] نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)

[(1)] هيءَ نظم چنگل فقير جو آهي. (ادارو)

Gul Hayat Institute

# باب چوڏهون

# سگهڙ جوڳن جو پورهيو ڪارهيو

(الڪاسب حبيب الله)
[پورهيت الله جو دوست آهي]

**لطيف سائين جو آخري بيت آهي ته:**
پورهيو سندو پورهيتن، والي ڪيم وڃاءِ.
ٻهراڙين ۾ ڦُٽي ڦوٽي، لائي لاباري جي اون پلڻ ڪان پوءِ، شهرن ۾ گهريتيون، گهر جي سانجهڻ ورتڻ ڪان پوءِ، ٻُهاري سهاريءَ ۽ ڏڏي ولوڙيءَ ڪانپوءِ، ڪونه ڪو پورهيو ضرور ڪٽي ويهي ڪنديون هيون. انهن ۾ ڪي ته اهڙيون حاذق حڪيماڻيون يا ماهر ويڄاڻيون هونديون هيون، جو ٻارڙن جو ساٿ ڦوڪارو، ستي ڦڪي، آڌ مک، چن چڪيءَ جو هٿ هٽڻ، ٻني ليڙي ٽاهي ٻڌڻ جا ڪم پارٽئون سدائين پيون ڪنديون هيون، جو ته انهن ڏينهين، وسينءَ، واهڻ، ڳوٺن شهرن ۾ هروپرو ايترا دس دفترن جا ڪين هوندا هئا، نڪي ڪي هيون ايتريون اڪيچار اسپتالون. بس، هيءُ ئي هُڏن واريون هاتڪون هيون.

پيون وري هيون پورهيتيون مائيون، جي ٺورڙي ئي اجوري ملڻ تي ڪنهن به ڪار کي لڳي وڃڻ عيب ڪين سمجهنديون هيون. انهن ۾ چرخو ڪتڻ، چنبچڙ، ڏري پيسائي، چر پرت، سرمو ستارو، زري مقيش، ڪپڙو سبڻ، ڪچ ڪورڻ، اوبرا اوبڻ، رليون ڳنڍڻ، اڳٺ اُٽڻ، سيون جوڙڻ، پيڙيون ٻڌڻ ۽ ٻيا عام پورهيي جا ڪم ڪرڻ سندن شيوو هو. لطيف سائين چيو آهي ته:

ڪاپائتي قرار، منجهان پورهيئي آيو(1)

چرخو چورڻ

**آٽڻ ۽ چرخو:**

هو آٽڻ، هو چرخو، هو اورڻ اولاڪو، صبح سپاڪو، سرتيون ڪيم وسارجو!

چرخي کي، ارٽ، ائيٺ ۽ پيرم به چيو ويندو آهي، ۽ چرخي ڦيرائڻ کي پيرم پيرڻ پڻ سڏين. ڪپاهه ڪتيندڙ جوءِ کي ”ڪاپائتي“ ۽ ڪتڻ جي عيوضي يا اُجوري کي ”ڪاپو“ ڪوٺين. جنهن هنڌ ويهي ڪپهه ڪتجي، ان کي سڏين آٽڻ [آسڻ] بنان منديءَ واري ائٺ کي پرٿ چون. زالون گهرو ڪم ڪار ڪان وانديون ۽ آجيون ٿي آٽڻ ۾ ايديون. اتي ڪنهن وٽ چرخو هوندو ته ڪنهن وٽ ارٽي ته ڪنهن

وٽ اوبرا هوندا، پوءِ چرخي واري ڪپھ ويٺي ڪتيندي، ڪا لوليها [ڪپھ جون نوڙ وانگر وٽون] جوڙيندي ته ڪا ڪپھ جون پوڻيون يعني ٿاڦيل پها ته ڪا پانديون [ڪپھ جا ٻُڙا] پئي ٺاهيندي.
ارٽي: ڪاٺ جي داٻڙيءَ تي به هڪجيڏيون ٿنپيون جن کي مُونا به چون، جي سل چوڙ وسيلي کُتل هوندا آهن. اهي ڏيڍ فوٽ کن ڊگها ٿين، ٻنهي جي چوٽيءَ کان ٿورو هيٺڀرو به به ٻٽا سوراخ جي آڱرين پائڻ واري ٻيلهڙي وانگر پيا ڏسڻ ۾ ايندا. انهن مان هيٺئين ٽنگ ۾ هڪڙي ويلڻ جهڙي ڊگهي ڪاٺي ۽ مٿئين ۾ لوھ جي گول ڊُريءَ جهڙي سيخ پيل هوندي آهي. اهي ٻئي لابت ٺهڪي بيٺل هونديون آهن، پر سخت ڳنڍيل نه، البت لچڪيدار رهنديون آهن. انهن ٻنهي جي وچ ۾ زال ڦٽيءَ جو ٻُڙو ڏيندي ۽ مُوني جي ٻاهرين پاسي (چئن درن کي پيراٽي بند ڪرڻ لاءِ رکبي آهي) ساڄي انهيءَ نموني مڪڙي يا هٿي هوندي اٿس. ان کي جهلي اوٽ ڪوري يعني ارٽيءَ کي پيئي ڦيرائيندي ته ڪپھ ڪاٺ واري ويلڻ کي ڦيري ۾ ڇهٽي بيهندي ۽ ڪڪڙو ڪُسي ڪُسي هيٺ ڪري پوندو. پوءِ ڪپھ روڙي لاهي جدا رکندي ويندي.

چرخي جي بناوت:

آيو ڪونه چرخو چريءَ ڪي ڪتڻ ۾،
ويو وقت گذري سڙيءَ جو سمهڻ ۾،

چرخو، هڪ آڏي رکيل دابڙي تي ٻه مُونا سل چوڙ وسيلي ڦهڪايل هوندا آهن. انهن مُونن جي چوٽيءَ کان هيٺپرو هڪڙو هڪڙو ٿونگ نڪتل هوندو اٿن، جنهن ۾ هڪ ويلڻ وانگر اوپارو ٿلهي ٻُڌر ڪاٺي، جنهن جي وچ مان لوهه جي سيخ نڪتل هوندي آهي، انهن ۾ اٽڪائي رکندا آهن. لوهه جي سيخ بدران جي ڪاٺي پيل هوندي، ته ان کي اوراڪ چون. جيئن کوهه جي پوئنڻ اوراڪ تي ڦرندي آهي. انهيءَ کي ڱجهه ڪوٺين. ڱجهه جي ٻنهي پاسن کان چار چار يا ڇهه ڇهه ڦرها/پريا جي مستطيل لڪ واريون پٽيون آهن ۽ ڪنارا نپيل اٿن ۽ وچ ۾ ٿونگ ٿيل اٿن، سي سيخ ۾ پوندا آهن. پوءِ انهن کي هڪٻئي جي آڏو، تاڏو بيهاري نپيل ڪنارن کي هڪڙي پڪي ڏور يا ٻائڙ ڦيرائي قابو ڪندا آهن ۽ ٻاهرين پاسي هڪڙي مُوني جي، مڪڙي هٿي ارٽيءَ جي هٿيءَ وانگر يا گولائي واري بيضوي برش جي ڪاٺ جي تري وانگر هوندي آهي، سا سل چوڙ وسيلي

ڳنڍيل هوندي آهي. ان ارٽ جي حصي کي ”چڪر“ چون ۽ ٻئي داٻڙي تي مونا لڳل هوندا آهن. اهو داٻڙو چڪر واري داٻڙي سان ٻن يا هڪ ايسوٽي يا ٻانهين وسيلي ڳنڍيل ۽ جڪڙيل هوندو آهي. ٻي داٻڙي جي ٽن مُونن مان ٻه ٻاهريان هڪجيڏا ۽ ٿيون وچون وڏو، وچ ۾ خال ٿيل هوندو آهي. جنهن خال کي ”ونگ“ سڏين. پاسن وارن مونن ۾ لوهه جي ٽڪ چموٽين [ڪوڪڙين] ۾ اٽڪي بيهندي آهي ۽ پئي ڦرندي آهي، ٽڪ، لوهه جي ڇهنبدار ٻگهڙي سنهڙي سيخ آهي، جنهن جو وچ ٿلهيرو آهي، جنهن تي ريڙون يا ڏاڱا ويڙهيل هوندا اٿس ۽ چڪر مان هڪ ڏور جنهن کي ”مالهه“ ڪوٺين، هار وانگر ڦرندي، ونگ مان نڪري ٽڪ جي ٿلهير پاڱي تي وراڪو کائي پئي ڦيرائيندي اٿس. ٽڪ جو هڪڙو پاسو ٻگهو جنهن پاسي ڪپهه ڪتجي سڳو ٻانهن جيڏو ٻگهو سٽ جو ٿيندو آهي، تنهن کي ”لاٽ“ چون.

**ڪتڻ:**

چرخو چوري ڪت ڪا تار!

ڪاپائتي هڪڙي هٿ سان چرخو پئي هلائيندي ۽ ٻئي هٿ سان ڪپاهه جو لوليهو يا پاندي ڪٽي ٽڪ جي منهن ۾ ڏيندي ته ڪپهه وٽ کائي سڳو بنجي ويندي، سڳو گهڻو ٿيو ته ارٽ جهلي ابتو ڦيرو ڏيندي ۽ ٽڪ ۾ پيل ناڙي/نڙانديءَ تي [جا ناڙيءَ جي ڪانيءَ مان پُڪا پُڪا

ڪيل هوندي يا ناڙي جي ول جا ڪيل ٽڪرا سڪائي ٿاهبي آهي، هنن جو پيٽ پورو هوندو آهي ۽ ٽڪ منجهانئن لنگهندي آهي] ويڙهي، وري سُبتو ڦيرو ڏيئي ڪپهه جي پوٽي هلائيندي. ٿورو ذرو ڪپهه جو بچيو ته ساٽس يڪدم ٻي پوٽي ڳنڍيندي ويندي ۽ ڌاڳو يا لاٽ ٻانهن ڊگهي ڪري اڌ پره ۾ ڪيندي يا ان کي هٿ تي وراڪو ڏيئي ڦورو ڪري پوءِ نڙانديءَ تي چاڙهيندي ۽ ناڙي پري، ته اها لاهي ٻي اٽڪائيندي، ڌاڳي نڪرندي ڪٽي لسي تند بجاءِ تمام سنهڙي ٿي ويئي، ته ان کي ”لينجهه“ ڪوٺيندي ۽ لينجهه چني ڇڏيندي، پر جي ڪٽي ٿلهيري تند ٿي ته ان کي ”پڙو“ سڏيندي، پڙي کي پڇي وري هلڪو ۽ هڪساريڪو ڪري هلائيندي، پر ڪٽي تَند وٽ تي وَٽ کائي ويندي آهي، ته انهيءَ کي وري ”رونڊو“ چون. رونڊو روڙي يا ڪولي پوءِ تند هلائيندي ۽ جي مونجهه تند ۾ ٿيندي، ته اها چني اُميث ڏيئي ڪتڻ جي ڪار ڪندي. جڏهن ڦورا ٺهندا ته واپاريءَ کي ڏيئي پنهنجو محنتاڻو وٺي ايندي. سٺ سڦرو اهو جيڪو هڪساريڪو هجي ۽ لڙاٽيل نه هجي.

چو اوڳي ڇڏيئه ارٿ الاڻي،
جيءُ جُسو ويهه تنهن سين واڻي،
توبهه توبهه ڪيو تند پئي تاڻي،
لينجهه پڙي ڪڍ چني چاڻي،

هر دم حق جي تند تنوار،
چرخو چوري ڪت ڪا تار.

چرخي جي مالڪ لاهي چڏين ته چون چرخو اولاٽي چڏيو اٿم. جي اُليڙيو ته محاورو يا پهاڪو ڏين ته مونا ڦرها ڏار ڪري چڏيائين ٿڪ ۾ وَر پيو ته تند وٿجي، ٿهي نه سگهندي آهي، جيستائين ورُ نڪري.

**پيسائي:**

اَن ڏرڻ: ڪي پورهيتون وري اناج جي ڏرڻ، چڙڻ چندڻ ۽ پيهڻ جو ڪم چڱو موچارو ڪنديون هيون.(1)

سارين جي ڏرائي خاص طرح ٿيندي هئي. سارين جي لُبي اچڻ تي اهي ڪرين ۾ گڏ ڪندا هئا. پوءِ پورهيتون ڪرين تي وجي سارين کي ڏري ته ۽ توتڙ ڪڍي ڏار ڪنديون هيون ۽ انهن مان نڪتل چانورن کي ڪورا چانور ڪوٺيو ويندو هو. اهي جنديءَ تي ڏربا هئا.

**جنڊي:**

جنڊي، نڪر جا به پڙ جند وانگر پر ان کان وڏا هوندا آهن ۽ ڪنپار آويءَ ۾ وجهي پچائيندو آهي. هن جي بنهي پڙن جي پيٺ تي چُگهه چُگهه ٿيل هوندا آهن. زالون هڪ مٿيءَ جو ڏير بنائي ان کي ماٿ يا ڏيبو سڏين ۽ ان جي مٿان

Gul Hayat Institute

جنڊيءَ جو هيٺيون پڙ ڦهڪائي جمائي ڇڏين، جو آلي مٽيءَ ۾ ڪپي بيهندو. پوءِ ان جي ”ڪمر“ [وچ واري ٿونگ ۾] گهڙيل ڪاٺي ڪلو يا ڪير نوڪي ويهارين ۽ مٿان ٻيو پڙ جنهن جي وچ وارو خال يا ڳاڙک موڪرو يعني ويڪرو هوندو آهي، ان کي ڳاري سڏين. ان ڳاريءَ جي وچ ۾ مٺ جيتري مڪعب گهڙيل ڇليل لڪ ٺيل ڪاٺي جنهن جي وچ ۾ سوراخ سڪيل هوندو آهي، سا نوڪي ڳاريءَ ۾ ويهاريندا ۽ وچون سوراخ هيٺئين پڙ جي ڪير ۾ وڌو ويندو. مٿئين پڙ جي ڪناري لڳ پڻ هڪ ٿونگ هوندو، جنهن ۾ هڪ گهڙيل ۽ رنديل ڏڪر جنهن کي هٿيو چون، سو کپائي، ان کي جهلي پورهيت جنڊي ڦيرائڻ شروع ڪندي ۽ هڪ هٿ سان ڦيرائڻ ۽ ٻئي سان اَن جي لپ پري ڳاريءَ ۾ پئي وجهندي ساريون ڏرجي هيٺ پيون ڊهنديون.

**چڙ ۽ چنڊ:**

ساريون ڏرجي ويون ته ڪوندن يا ڇڇن ۾ وجهي [جي سرَ جي تيلين مان نهيل هوندا آهن] انهن کي چنڊڪا ڏيئي تاربو، ته تهه ۽ توتڙ اڏامي ويندا ۽ چانورن کي هڪ هنڌ ڍير ڪري پيون رکنديون. پوءِ انهن کي ڇينديون ۽ چڙڻ لاءِ اکري يا ننگهه ڪم آڻين.

**اُکري / ننگهه:**

اُڪري ٺڪر جي ٺهيل هوندي آهي، ڪنڀار نهائينءَ ۾ پچائيندا آهن. هن جو منهن ويڪرو خلاصو فوني جي بونب وانگر ۽ هيٺيون حصو سوڙهي تر وارو جاڏو هوندو اٿس. ننگھ، پڻ اڪريءَ جي هيٺئين حصي وانگر جمني يا پيالي واري گولائي مڪعب پٿر جي گھڙيل ٺڪيل هوندي آهي. هن کي زمين ۾ مضبوط ڪري پوري، مٿان لنبي چڏين. جڏهن سڪندي آهي، ته زالون اَن جي ٻڪي يا واڏائي وجهي ويهي اناج چڙين. چڙڻ ۾ ڪڏهن ٻه ٻه ڄڻيون ٿي ويهن. سندن هٿن ۾ ڪاٺ جي گول اڀائي فوٽ کن گھڙيل گهريتڙي جيت وانگي وچ سنهون ڪپيل جنهن ۾ مٿ وجهي سوگھي جهلين ۽ پاسا ٿلها ۽ گول هوندا اٿس. تنهن ۾ مٿ ڦاسائي مٿان ڪان ڪري پري ننگھ يا اُڪريءَ جي پيالي واري مرڪز يا ٺڻ تي هڻن ۽ هڪ هٿ سان چانورن کي اٿلائين پٿلائين، تان، چانورن تان چنو لهي ويندو ۽ چانور اڇا جهڙا ٻنگ ٿي بيهندا. جڏهن سيئي چڙجي ويا ته وري سُپ يا ڇڄ ۾ وجهي تاري چنڊڪا ڏيئي چنو ڪڍي وڃنديون. چانورن کان سواءِ ڪڻڪ، ٻاجهر ۽ جوئر کي به زالون اُڪريءَ ۾ وجهي ٻه ٽي ڌڪ هڻي، پوءِ چنڊينديون آهن ته انهن مان مٿي پتر ۽ ڪک ڪاڳر چنڊڻ سان يڪدم نڪري ويندا آهن. ماني پچائڻ خاطر اناجن کي جنڊ ۾ وجهي پيهنديون ۽ اٽو ڪنديون آهن.

**جنڊ:**

هن جا ٻه پڙ پٿر جا ٿيندا آهن. هيٺيون پڙ ڏڙَ کي آليءَ مٽيءَ جو ڍيپو يا ماٽ ٺاهي، اها مٽي ٺڪر جي تار يا تانئر جي وچ تي رکي ان جي مٿان پڙ سوگهو ڪري ڄمائبو آهي. هيٺئين پڙ جي وچ ۾ هڪ ننڍڙو سوراخ هوندو آهي. ان سوراخ ۾ ڪاٺيون اڳڙين سان ويڙهي وجهي جن کي چپرون، چون پوءِ لوهه جو ڪير يا ڪِلو ٺوڪي لڳائبو آهي، ان کي ”ڪمر“ ڪوٺين. مٿئين پڙ جي وچ ۾ هڪڙو وڏو ڳارک (سوراخ) ٿئي، جنهن کي ڳاري چون. ان ڳاريءَ ۾ مڪعب مٺ ڪاٺيءَ جي گهڙيل لچڪدار جنهن کي وچ ۾ ٿونگ سليل هوندو آهي، سا وچ ڳاري ۾ جڪڙي ويهارين ۽ ان جو ٿونگ ڪير ۾ وجهن. ان مٺ کي ”مڪڙي“ ڪوٺين. ڪير جي مٿان ٻيو هڪڙو گهڙيل ٺڪرو هوندو آهي، [جنهن جي وچ ۾ پيالي وارو ٿونگ ٿئي ۽ پاسا نپيل هوندا اٿس] جنهن کي مڪڙو/مڪڙ جهڙو ڪري ڪوٺين. آڻ يعني لوهي چلي سان مڪڙيءَ جي ڪک مان هار وانگر ڏورا، هڪڙو هڪڙي پاسي ۽ ٻيو ٻي پاسي ڪان وجهن، جن کي جوٽا به چون. اهي جوٽا، مڪڙي وارن نپيل پاسن کي ڦيرائي، پوءِ ڏورن جي پوري وچ تي ڏاڍيريون اٽڪون باجر چانپيون [جن کي آڪيڙا يا آريڪا ڪوٺين] ڏيئي وٺ چاڙهين. ان وٺ ڏيڻ جي جنڊ جي مٿي

ڪٽڻ ڪوٺين. هن ڪري جنڊ هلڪو يا ڳرو ٿيندو آهي. مٿئين پڙ جي پاسي جي ڪناري ۾ ٻيو به ننڍڙو تونگ ٿيندو آهي، جنهن ۾ هڪڙو ڏيڍ فوٽ ڪن جو گهڙيل ۽ رنديل ڏڪر ڪي هٿيو سڏين، وجهي زال ماٺهو جنڊڪي ڦيرندي آهي ۽ ٻئي هٿ سان ان جي لپ ڳاريءَ ۾ پئي وجهندي آهي.

**اَنُ - پيهڻ:**

زالون گهڻو ڪري جنڊ اَسر ڪان پوءِ اٿي پيهنديون آهن. ان مهل جنڊ جوگرڙاٽ اهڙو سريلو ۽ وڻندڙ هوندو آهي، جو ننڊ جا گهيرٽ چڙهي ويندا آهن. جنڊ هاري، سُپُ اَن جو پري پاسي ۾ رکي هڪڙي جوٺ سڌي ۽ هڪڙي ٽنگ پکيڙي پيهڻ ويهندي. لپ پريندي ڳاريءَ ۾ پئي وجهندي، اَن پيسندو تار ۾ پيو گڏ ٿيندو. جڏهن جنڊ اُڀاٽيندي ته هڪڙو اڳڙيءَ تڪر جنهن کي ”نائو“ سڏين، سو ڳاريءَ ۾ وجهي تڪڙا تڪڙا ڦيرا ڏيندي ته سمورو رهيل اَن وچي پڙن ۾ پوندو ۽ پيسجي ويندو. جنڊ جهلي انهيءَ نائي سان پيٺل اٽو ميڙي ڪيڍي طس پري رکندي.

زالن ڪان جيڪي جنڊ ٿيون ڪڍن جي ڪنهن دير مدار بابت ڪٺي پڇبو آهي، ته ڪيترو وقت لڳو ته امالڪ چونديون ٻن پاٿين يا ٿويي پيهڻ جيتري دير لڳي هوندي. گويا جنڊ پيهڻ به گهڙيال جو ڪم ڏيندو هو.

محاورو: (جنڊ اباٽو ته به وار ورائتي)

**سئيءَ جو پورهيو:**

”سگهڙ زالون ۽ نياڻيون گهر جي ڪم ڪاج مان وانديون ٿي ڪري، پرت پريندون، هٿ سان ڪپڙا سبنديون، ڪي سنڌي ٽوپيون ٺاهينديون، ڪي گج ۽ گهگها پرينديون، پرت به نت نوان هر مچ، دوسوتي، ستارا، مڪيش، سلميٰ ستاري وارا نت نوان نمونا نور نچوئي جوڙينديون. سنڌ ۾ اهڙو هنر به آهي جيڪو دنيا جي آڏو هن جا نمونا آڻجن ته هڪ عالم دنگ رهجي وڃي.“ (1)

**ڪپڙو سبڻ:**

گوڏواڙ سلوارون، جن جا ڏر وهيٽي، پوءِ هٿ جي بخيي تي ويهي سبنديون هيون. ٻگها پهراڻ، جن جي ڳچي ڪابي پاسي تي ڪنُون يا ڪَهِي ٻيڙي تي، پاسن ۾ بالا، ڪچن ۾ ڪچورايون پانهوڙيون خلاصيون رکنديون هيون. چولا جن تي قيطون ڪارو لڳايو ويندو هو ۽ قميصون جن جي ڳلي پٽي (ڳلفي) قناويز ريشمي ڪپڙي جي رکنديون هيون يا لسو ڳلو هرڪ جي پٽيءَ سان ڪاج ٻيڙا ٽانڪي ڪنديون هيون: قميص يا چولي کي هيٺان ڳچيءَ جي گول ٽڪرو اَستر وانگر به رکنديون هيون، جنهن کي ”مَلو“ ڪوٺين. ڪن چولن کي مغزي يا طُوئي رکنديون هيون.

اجرڪن، ڪيسن ۽ ڪٽن جي ٻن ٽڪن کي ڳنڍڻ جي لاءِ ڪنڊڙو، ڪيل يا ڪير ريشمي يا سوٽي ڌاڳو هڻي ملائيندا ويندا هيون.

**پرت پرڻ:**

سٽڻ جا پير، چولن جون ڳچيون، گج، لاوٽيون پيٽيون، قصابا [ڪسابا]، ٽوپيون، بوچٽيون، ڪمربند، آڳا، ٻانهون، پيس جتين جون مٿيون ڪلون، رومال، سبوٽ چولا وغيره هرمچ جي پورن سان چري، ويهي پريندا هيون.

**پورَ:**

ڪاٺ جي ننڊين ننڊين دوڳين تي ڪاريگر هنن قسمن جا پور ويهي اُڪيريندا آهن. هرمچي جا: پڳڙو، پيٽ ڦاٿو، ڦلي، ڦول، ڦلڪاري، گل، گلڪاري، ول، ٿه مکي، چؤمکي، پتاشو، ٻُڙي، پنکڙي، لام، جنجيرو، ڪان پيرو، پوپٽ، مسڪرو، نانگ ڦڻ، مورکنپ، ٽکندي، ڪوٽ، اڌڪوٽ، منوڪوٽ، پرٽو، دڳني، تائيٺ، دلپاڪ وغيره. ان کان سواءِ پرت ۾ ڪنگري ۽ وَٽ به پريندا هيون، جن جو پور نه ٿيندو هو. ٻيا هيءُ قسم ٽوپي ۽ پرت جا هئا: آنڪڻ، بادامچو، بادلو، اُرمو، اوٽي، ٻُهي، اُرمڙو، اڌچني، اڌڙي، ٻيڙو، هيج، سينابند، ٻائوريا، ڪُڻ، ٻوٽا، پوٽيون، ٻوٽيڙيون، ٻٺو ڪڻ، ٻهرال، ٻلانگڙي، ٻيجوڙو ۽ بغدادي. انهيءَ پرت کي اهڙو سهڻو سوڌائي ۾ پريو ويندو هو، جو

ڪنهن منهه مارڪي ۾ اهڙا پرت ڏسيو اکيون پيون ٿرنديون هيون. زالن جا وات ڦاٽي ويندا هئا. هاسيڪار [حاصل ڪار] هلي وجي انهن ڪاريگرياڻين جو ڏس پنڌ پچي پاڻ پرت پرائيندیون هيون.

”سنڌي پرت ۾ ”هرمچ“ خاص پرت ليکيو وڃي ٿو. هن پرت سڪڻ مهل سگهڙ زالون سيڪڙاٽ نياڻين کي پهرئين پُڳڙو، پوءِ ليڪ [پڳڙي جي لائين] پوءِ پيٺ ڦاٽي ان کان پوءِ ڦُلي. ان ريت هوريان هوريان هرمچ پرڻ ۾ پڙ ٿيڻ تي، ڪبي ۽ ڪبي ول ۽ اهڙا ٻيا انيڪ نمونا سيکاريا ويندا آهن. ”هرمچ“ سان گڏ ٽِڪ پرڻ به سيکاريو ويندو آهي. ٽِڪُ پهرين ڪچي ڪئي ويندي آهي، انهيءَ ڪچي ڪرڻ ۾ ٽِڪُ مثان، ڇهه ڪنڊون ستارو سُئي ڌاڳي سان ٺاهيو ويندو آهي، انهيءَ ستاري کي پوءِ ساڳئي ڌاڳي ڪنڊڙي هٽڻ ۽ اُرمو ورائڻ واري نموني سان پڪو ڪيو ويندو آهي.“(1)

**رليون سبڻ:**

سنڌ ديس جي رلي ڇئي ڪٽي بس ڪر! اڄ به هتان جون مايون صحابتون اهو پورهيو ڪنديون اچن. رليءَ سبڻ جي لاءِ ڪنهن وقت اوڙي پاڙي جون جويون هڪ هنڌ اچي ڪٺيون ٿينديون. ڪو تڏو توئري وڇائي رلي پٺاريندیون. رليءَ جا ٽي حصا ٿيندا آهن: هڪڙو هيٺيون پڙ

Gul Hayat Institute

جاميٽريءَ واريون شڪليون ڪتري، اهو چنبي جو چنبو ٽڪرُ پڙ مٿان رکي ٿڦي ڪناريون ورائي زالون سبي سوگهو ڪنديون آهن، انهن رلين کي ٽُڪ واريون رليون چيو ويندو آهي. رلين ۾ ٿر پاسي جي رلين جو سيبو يا ٽوپو اهڙو ته پيو وٽندو آهي، جهڙا سيلاني موتي پوئي ڪٽي رکيا اٿن. انهيءَ لاءِ اتان جي رلين جي لاءِ چون ته اُٺ ناٽي جو ٿيون لهن!

**سرمو ستارو /سلما ستارا ۽ ٻيا پرت پرڻ:**

ڪپڙن، اونڌرن، وڳن، وسين، جورن تي وڏا ماڻهو ۽ شاهوڪار، سيٺيون، وڏيرا ۽ ٽيسنگ گڙنگ شادين مرادين لاءِ زري يا زر دوزيءَ جي ڪم ۾ ڏورن، سُرمي ستاري جو ڪم يا مڪيش، مُڪو، ستارا، دبڪو، هرمچ جو ڪم ڪرائيندا آهن. اهو ڪم ڪاٺ جي قالب [فريم] جنهن کي ڪارچوب چون. ان تي ڪپڙي کي چڪي ٽانڪي پوءِ سئيءَ سان ويهي مٿيون زردوزيءَ جو سامان وندي ورچي گلن پکين ۽ ولن ڪنارين جي پرپ ڪبي آهي. اهي ڪپڙا هزارين روپيا ڪائيندا آهن، چو ته اهي شيون سچيون هونديون آهن. پراڻي ٿيڻ کان پوءِ به وڪامي وينديون آهن.

Gul Hayat Institute

پر ڪي غريب قومون اوڏ، سامي وغيره سرمي ستاري بدران ڪچ ڪوڏيون، ٺڪون، ٺوئنر، جهابا ۽ جهوڙا رکائين.

**موتين جي پُوچ:**

اسان وٽ موتين جو ڪم گهڻو تڻو هار سينگار جي وَٿن تي ٿئي ٿو. مثلاً زالن جي چوٽيءَ ۾ ٻڌڻ جون سڳيون. سرون، هار، ڪنڊليون، سرميداڻيون، وجڻين جا تر ۽ ڳن، اڳٺن جون نريون ۽ گر وغيره ۾ هوشيار زالون موتين جي پوچ مڙهه به ڪنديون آهن، پر ننگرپارڪر تعلقي ۾ لونگن، سوپارين، ڦوٽن، بادامين، آرسين، دٻلين وغيره تي رنگارنگي موتين جي پوچ ڪئي ويندي آهي. بعضي ڪن پردن تي موتين جي پوچ جا پکي، جيت، پوپٽ، گل، ٻوٽا، ولون به ٺاهيون ويندريون آهن. اهو ڪم انهن گُجرن جو ڏسڻ وٽان آهي!

**اَڳٽ اُٽڻ:**

اڳٺن جي گهرج تمام گهڻي قدر آهي. اها سٽڻ ڪهڙي جنهن ۾ اڳٽ نه هجي! سٽڻ پائي ته اڳٽ اوس ڏاري! اڳٽ کي ڪي وري اناڳ به چون. نه رڳو سٽڻ ۾ پر اڳٽ ٻين شين ٻڌڻ جي ڪمن ۾ به اچي ٿو.

**پٿهڙ/ اڳٽ:**

هنن اڳنن جي ڪوري، تاجي ڪڍي، ان ۾ جهڙو گل رکائڻ چاهيندا، اهڙي نموني جي چونڊ ڪري چيڙيون يعني تاس جون چورس ڪٽيل طاقيون يا پٽيون، جن کي ڪنڊن وٽ لوهي ڪلف جي چابيءَ وجهڻ واري خاني جهڙا سوراخ ٿيل هوندا آهن ۽ ان جي پوئتان ڏاڳن کي ڏار ڪرڻ جي لاءِ ڪاٺ جي ڦٽي پيل هوندي آهي ۽ ڪل سؤ اڳنن جو آڏو، ٿاهڻ يا اُٽڻُ جي لاءِ اوڃي وارين کي موڪليندا آهن.

اُٽندڙ عورت، هرهڪ اڳٺ جي ڊيگهه واري پچاڙي سرڪڻ ڳنڍ سان ڪليءَ ۾ اٽڪائي، هڪڙو ٽڪر جو لوٺو، طس يا دڪي اونڌي ڪري ان جي مٿان اَڏو رکي، اڌي جي منڍ وارو اڳٺ پنهنجيءَ سئينءَ جوٽ تي ڪپڙو، ڦڙڪو يا چمڙي ٽڪر رکي، ان تان ڦيرائي سوگهو جهلي، هڪڙي هٿ ۾ ڪاٺيءَ جي هٿي جا ڪاتي وانگر ٿيندي آهي، جنهن سان نوڪ ڏيئي اوچي کي ڳُتيندي ۽ ٻئي هٿ ۾ سٽ جي ڳوٿي جهلي تاڃيءَ جي پيٺ مان اُڪاريندي ۽ چيڙين کي ڦيرو ڏيئي مٿان هٿيءَ جي نوڪ ڏيندي، ته سڳا هيٺ وارا مٿي ۽ مٿي وارا هيٺ لهي تاڃي جو پيٺ پيا ٿاهيندا. جڏهن سڄو اڳٺ اُٽجي پورو ٿيندو ته سرڪڻ وجهي بند ڏيئي ڪجهه پوچڙ لاءِ ٽڪر ڇڏي وري ٻيو اٽڻ لڳندي، تان جو ٻن ٽن ڏينهن ۾ اَڏو اُٽي ختم ڪندي. گلن وارن اڳنن جو

محنتاڻو سنوالو (جهجهو) ملندس ۽ لسن جو ڪجهه گهٽ ملندو. پٺهڙ اڳڻن تي گلن رکڻ جو هنر نصرپور ۾ تمام هوشيار ۽ ڪاريگر زالون ڪنديون آهن.

**چارياوان اڳٹ:**

هنن اڳڻن جي لاءِ پهريائين چار ڪليون ڌرتيءَ تي کوڙيون. جن جي شڪل هن ريت ٺڪندي بيهندي. ٻه ڪليون آمهون سامهون، پر پري ڇڊيون ۽ ٻه هڪٻئي جي پر ۾ هونديون، پوءِ تاڃيءَ جو سُٽ ڪِلين تي ويڙهبو وڃبو. جتي ٻه ڪِليون ويجهيون آهن، اتي ڌاڳو لاماٺ ٿيندو يعني هڪٻئي مٿان آڏو ٿي اُڪرندو. انهيءَ جاءِ کي ”دم“ نالو ڏين ۽ اهو دم ئي پهريون اوڃي جو خانو ٿي بيهندو. سڄي اڳٹ جي تاڃي هار وانگر نڪتل هوندي آهي. اها تاڃي ڪي زالون وري ڪاٺ جي مٿئينءَ شڪل وانگر نڪتل ڪارچُوب تي ٻه ڪيندیون آهن. اهي ڪاٺ جي ٻانهين يا ايسن ۾ ڪاٺ جون ڪليون بلائيتون ڪتل هونديون آهن. تاڃي سُٽ، ڪشميري توڙي ريشمي پٽ جي ڪپڙي ڪم آڻي سگهبي آهي. ڪا صاف سفيد ته ڪا وري رنگ برنگي ٿيندي آهي. ان جا ويڙهيل ڍيرا هوندا آهن. نڪتل تاڃي وري اڳڻن واري قالب يا ٻي ڪارچوب تي چاڙهبي آهي. ان جي شڪل هن نموني هوندي آهي. ٻارن جي کوڙن جي منجڻ وانگي جيڪا اسڪولن ۾ ارٿ مٿيڪان نالي سان

مشهور آهي. ان منجھ جون مٿيون پٽيون چيڙيون چيپاٽون هونديون آهن. جن ۾ هڪڙي چورس دامن يا چورسو گهرگهلو هيٺ مٿي پيو ٿيندو آهي، اڳٽ کي ڍرو ڪرڻ واسطي هيٺ لاهبو اٿس ۽ چڪي رکڻ لاءِ مٿي کبو اٿس، پوءِ چيپاٽن ۾ ٿيل ٿنگن مان ٻن ۾ ڪوڪا وجهي، چورسو بلائتو بيهاربو آهي. دامن کان هيٺ رڳو فريم يا قالب آهي. اڳٽ اُٽڻ مهل اها دامن ڍري ڪبي، ته اڳٽ جهول هٽي بيهندو ۽ اٽندڙ عورت تاجي هڪڙي هٿ تي پکيڙي جهلي، ٻئي هٿ سان تندن کي لاماٽ ڪرڻ شروع ڪندي يعني هڪڙيون هيٺ چڙهيندي ته ٻيون مٿي ڪٽندي، پر اها چونڊ نمبروار واري پئي ڪندي. برَ جو اوڇو پورو ٿيو ته ڪانھ جي ڪاني اوچي کي آڏي ڏيئي مٿي چڪي بيهاريندي ويندي. سارو قالب ڪانين سان پريو ته اوڇو ڳُتيندي، ڪانيون ڪڍندي ويندي، تان جو سڄو اڳٽ اُٽي وڃي پار پوندي. ڪجھ پوچڙ چڙهي، اڳٽ ڪارچوب تان لاهيندي. پوءِ پوچڙن وٽان وچوچ ڪتري پوءِ پلاندن کي ڳنڍيون ٻڌندي، جن کي هريرون به سڏين. انهن کان پوءِ ڳر ۽ نريون ٻڌي ڪاٽنڊ رکٽي هوندي يا قلا باط جا ڏورا وهائي، چمڪائيندس يا جهاٻا جهوڙا، ڦنڌڻ ٺؤنر رکي جنسار ڪندس. هنن اڳٽن جي اٽت اندر، ڏاهيون ۽ پڙ زالون ڦلڪاري به رکنديون آهن. ڪي ٻٽي تاجي يعني به ڏار ڏار

رنگن جون تندون هڪڙي ابتي پاسي ڦيرائين ته ٻي سبتي پاسي ڦيرائي تاڃي ڪدين، پوءِ انهن اڳٽن کي کيساوان، ڳُپين تي اڳٽ ڪوٽين. اهي اڳٽ مهانگا وڪامندا آهن.

**ڪُچ ٽڪون:**

پاڪستان جي پاٽيپٽ شهر ۾ ڪچ جون ٻٽيون آهن. جن ۾ ڪاريگر سنهي پتلي ڪائي جا پترا ٺاهي. انهن کي پٺ کان پاري جو ليپو چاڙهيندا آهن ته اهو شيشو آرسيءَ وانگر ٺهي پوندو آهي ۽ منجهانئس منهن پيو ڏسبو آهي. ان کي ڪوٽين ڪچ [ڪانچ]. اهو ڪچُ ٽين جي دٻن يا [ڪارن يا چٻن] ۾ بند ڪري هن ملڪ ۾ موڪليو ويندو آهي ۽ ان مان ئي ٽڪون ٺهنديون آهن، جي زالون جنسار طور ڪپڙن تي مڙهينديون آهن.

**ڪچ پچڻ:**

مالڪ ڪچ جو چٻو چٻو يا دٻو ڏٻو ڪري پورهيت زالن کي موڪليندا آهن. اَهي چڻو جي ڳوڙهيءَ ۾ روهيءَ واري پٿر جي ڪڻ يا ٹُڪراٹو، جنهن جي ڇهنب ٻاهر نڪري بيهي، ان ۾ دٻي سڪ ڪنديون، پوءِ ان کي نالو ڏين ”ڪُرنڊ“. اُن ڪُرنڊ سان شيشي جي پترن تي پوروچوٽ لينگها ڪڍي، چپٽين جي زور سان انهن کي پچي مستطيل پٽيون ڪنديون، وري ان مستطيل پٽين کي اٽڪل پائي جي ماپ جيترن چورس ٽڪرن ۾ ليڪا ڏيئي

پچنديون. انهن مان ڪي وري ٽڪنڊي شڪل جا ٽڪرا به ٺهندا ۽ جيڪي تمام ننڍڙا ذرڙا بچندا، تن کي ”ڪُتلي“ ڪوٺين. پوءِ اهي ٽيون اڻ ڪوريل ٽڪون، جي مالڪن کي پهچائي پورهيو وٺنديون.

**ڪچ ڪورڻ:**

اهي چورس ٽي آيل اڻ ڪوريل ٽڪون، وري پين پورهيتن ڏانهن موڪليون وينديون آهن. جن وٽ هڪڙيون خاص قسم جون قئنچيون/ڪٽرون هونديون آهن. اهي ٽڪ هٿ ۾ کڻي ٻئي هٿ جي آڱرين ۾ ڪتڙ جهلي، ٽڪن جون ڪنڊون ڪوري لاهي وٺنديون ته گول ٽڪ ٺي پوندي. ڪچ جي ڪورڻ جا به نمونا آهن: هڪڙو چٺو، جنهن جي ٽڪ سُوڌي ۽ پائي وانگي گول بيهندي آهي ۽ ٻيو ”گلو“ جنهن جون رڳو ڪنڊون لٿل هونديون آهن ۽ ٽيون ”ڪانگلو“ جنهن جون ٽي ڪنڊون گولائي ۾ لاٿيون وينديون آهن، باقي هڪ ڪنڊ رهندي آهي. لٿل ڪور کي ”رائو“ سڏين. اهي ٽڪون گجن، اُگِيچڻين، رومالن، ٽوپين وغيره تي لڳل هونديون آهن، جن کي سگهڙون پرت سان سوگهو ڪنديون آهن، جي وري اونداهيءَ ۾ يا سج جي روشني ۾ يا رات جو ٻتين جي سوجهري تي ڏاڍي چمڪ ڏمڪ ڪنديون آهن ۽ اکيون ڪيريون ڪري ڇڏينديون آهن.

**اوبڻ:**

سُٽ يا پَٽ جا ڦورا اوبرن تي ويڙهڻ کي اوبڻ ٿو چئجي. چو ته اوبرن تي اوبڻ سان ان جون ڏار ڏار چڳون ۽ چڙيون ٺاهي سگهجن ٿيون. ارٽن تي نڙا پرڻ کي به اوبڻ سڏيو ويندو آهي.

**اوبرو:**

ڪاٺ جي هڪ گول لسي ڳني جنهن جو وچ ٿُلهو سرو ۽ ٻنهي پاسي ڇهنبدار پچاڙيون ٿين. ان ڳنيءَ جي مٿان ڪاٺ جون چپٽڙيون ڊگهيون مستطيل پٽيون، جن جو وچ ويڪرو ۽ سوراخدار هوندو آهي، تن کي ”کُهيون“ ڪوٺين. انهن جون پچاڙيون ڪَپيل هونديون آهن، سي هيٺيان توڙي مٿان ٻه - ٻه يا چار - چار ڳنيِ ۾ وجهي، انهن کي پڪيڙي آڏ پاسيريون بيهاري هڪڙي ڏوري سان نمبروار ڪپيل پچاڙيون وراڪي چڊيون ته ٿيو اوبرو.

اوبڻ واريون اوبري جي ڳني چلائين لوهي سيخ پٽ ۾ کوڙي تنهن ۾ اٽڪائي ڍڳ چاڙهي اوبڻ شروع ڪنديون. ڪي ننڍڙا اوبرا هوندا ته اوبرن جي منجڻ ۾ ٻه اوبرا وجهي، انهن جو پٽ يا سٽ ٻه - تارو ڪري اوبينديون.

**منجڻ:**

منجڻ جي هن نموني شڪل هوندي آهي: ٻه دهريون ايسون جن کي وچ ۾ هڪڙي پسر سل چوڙ وسيلي قابو

بيهاريندي، مٿينءَ کي ٻه آرپار سوراخ ۽ هيٺينءَ کي، پياليءَ وارا نيپل ٻه سوراخ هوندا آهن.

ريشم جا ڪيترائي قسم ٿين ٿا. پهريائين ڪچو ريشم چين، خيوا يا بخارا کان ايندو آهي. ڪچي ريشم ۾ هڪڙو ٿئي ”سفيدگل“ جو چين کان ٿو اچي ۽ ٻيو ٿئي ”ڳاڙهوگل“ جو بخارا کان گڏن جي صورت ۾ جن کي بدڙيون چون ايندو آهي. ڪنهن بدڙي ۾ ڏهه ڇڳون ٿين، ته ڪنهن ۾ ٻارهن. اهو اوبي ان مان رنگ برگي ريشم جون ”ڇڙيون“ بنائين ۽ ٻيو هلڪو قسم ان کي ”بانٺ“ ڪوٺين، جنهن مان ريشمي ڏورا وٽون رسون وغيره ٺاهين. ٽين ٿئي ”ڏڪري“ هن مان ٿؤنر، جهاٻا، جهوڙا ۽ پٽ جا ڦندڻ جوڙين. پر سڀئي قسم اوبرن تي اوبي پوءِ رڱاوت ڪندا آهن.

**سَئِون ٺاهڻ:**

سَئُن کي ڪي ڪي لاڙ ۾ سيويون به سڏين. هاڻي ته گهر گهر سَئُن جوڙڻ جون مشينون موجود آهن، پر ڪو سمو هو ته کائڻ جا شوقين هٿراڌو سيون جوڙائي رڌائي کائي لطف ۽ چشڪا وٺندا هئا. اهي گهريتيون زالون ٿوري اجوري وٽڻ سان ٺاهي ڏينديون هيون. ٺاهڻ جو دستور هن طرح هو. هڪڙو گهڙو يا دلو اونڌو ڪري ان جي تري کي ذوئي ذمالي مٿو سرنهن جو تيل مکي ڪجھ وقت اُس ۾ سڪڻ رکندس. ڪٽڪ جو اٽو پرڻ مان ڇاڻي، وري ململ

جهڙي سنهڙي ڪپڙي مان ٻيو پيرو چاڙهي، ميدي جهڙو نرم ۽ ترڪڙو بنائيندڙيون هيون، پوءِ انهيءَ ۾ پاڻيءَ جي چرون چرون وجهي ڳوهي، منهن ڏيئي نرم، پر ڪجهه ڏاڍيرو بنائي. ان مان چاڻا ٺاهي رکنديون ۽ اوماهيل گهڙو ڪٽي هڪ منجي اونڌي ڪري ان جي پاڳي ۾ دلي جي گردن اٽڪائي، منجيءَ تي ويهي، اتي جو ڳوڙهو يا چاڻو ڪٽي دلي جي پٺ تي رکي، ٻنهي هٿن سان ويلڻ لڳنديون ۽ ٻنهي پاسن کان ڏار وانگر سَيوُيون لڙڪي لڙڪي هيٺ لهي پيون گڏ ٿينديون. جڏهن هٿ جي پرپ جيتريون ٿينديون ته ڏيدي هٿ تي اهي سيون ڌوريون ڪري رکي وجي ٻاهر اس ۾ وچايل تڏي يا ڪنهن ڪپڙي مٿان سڪڻ رکنديون ۽ ان کي ”هٿ“ چونديون هيون. اهي هٿ سڪا ته ڪٽي چبي يا چليءَ ۾ حفاظت سان ڏٽين کي ڏياري موڪلينديون هيون.

**بيڙيون ٻڌڻ:**

پن جي بيڙين ٻڌڻ جو هن ٽٽي گهٽو چالامانو آهي، چو ته اڳوٽا پورهيا گهٽو ڪري سپ چُڪي ويا آهن.

زالون تنبول جا پن جيڪي ڳنن ۾ بند ٿي ايندا آهن ۽ پُڙو پُڙو الڳ ٻڌل هوندو آهي، ان مان گهُرج آهر پُڙا خريد ڪري، رات جو پاڻيءَ ۾ پسڻا رکن، صبوح جو هڪڙي خاص قسم جي قئنچيءَ سان انهن پنن کي ڪترڻ شروع ڪن ۽ بيڙيءَ جي خاڪي واري ماپ جيترو پتو ڪٽين.

انهن پتن مان ڏانديءَ ۽ پن جو ساڄ ڪدي چڍين. پتي جون ڪي ڪورون ننديون ته ڪي وڏيون ٿين. اهي ڪٽيل پتا ڪنهن آليءَ ٿپڙيءَ (ٻوريءَ) جي ٽڪر ۾ ويڙهي رکن ته جيئن سوڪ ڪائڻ کان بچيل رهن. ڇو ته سوڪ جي حالت ۾ وٽ ڪائي نه سگهندا ۽ ٽڙڪي پوندا، پوءِ هرهڪ ڪور جو پتو ڪٽي چاٻ، جنهن ۾ تماڪ جا نمونا: ڪهنبو، ڪسونبو ۽ موتيو وغيره پيل هوندا، تن مان چپٽي پري ڪوريل پن تي رکي آڱرين جي زور سان پتي کي موڙ ڏينديون، ته پن گول پوپي وانگر ٿي ويندو. ان جو هيٺيون حصو سوڙهو ۽ مٿيون ويڪرو، ابتي مخروطي شڪل وانگر ٿي بيهندو، پوءِ ان کي هيٺان ڪچي سٽ جي تند جو وٽ ڏيئي بلائنتو ڪنديون ۽ مٿان ٻيو تماڪ خال ۾ وجهي ان کي پري، مٿان ڪنارن جي ٻينج ننهن سان داٻ ڏيئي ٻنجينديون ته ٻيڙي تيار ٿي پوندي. اهڙيون ٻيڙيون ڏينهن ۾ پنج سؤ کان وٺي هزار - ٻن تائين ٻڌي سگهنديون آهن.

**ٻيا عام پورهيا:**

* جن ماڻهن جا پنهنجا گهرو هنر وغيره هوندا آهن، تن کي پنهنجون عورتون ئي اتي هٿوباري ڪرائينديون رهنديون آهن.

Gul Hayat Institute

* کنپارن جون زالون پنهنجن ورن سان مٿي ڪڻڻ، ٿانءَ ٺپڻ، داءُ ڏيڻ، ڪٽي آويءَ تائين آڻڻ ۽ نهائين ۾ سٽڻ ۾ شامل رهنديون آهن.

* رڱاوت ڪندڙن جون عورتون ننگا ميل ڪرڻ، ننگ چرڻ ۽ پينبدين ٻڌڻ ۾ مردن جي مدد ڪنديون آهن.

* لوهارن، ڪارين جون جويون ڌمڻ ڌئڻ، وڏاڻ هڻڻ ۾ مڙسن سان ٻانهن ٻيلي آهن.

* ڪورين جون گهرواريون نڙا پرڻ، ڏهيون ڪپڻ، پيچي ٺاهڻ، ڪپڙا ته ڪرڻ، تاچي اٽلائڻ ۾ ٻيلهيپ ڪنديون رهن ٿيون.

* ڪن هنڌن تي ڪي پورهيتون ڦيش يا پيش جي ڦرهن مان (سٽي ڪٽي) رسا ٺاهڻ، واڻ وٽڻ، ٻهاريون ٺاهڻ، تڏا، نکون ۽ چٽريون جوڙڻ، ڪٺون واڻڻ جو ڪم ڪنديون آهن. ڪي پيش، تيلين، ٻين، ناڙي، ڪک ڪاچرن ۽ ڪٻڙن ۽ لين جي لامن مان ڪارا، چٻا، چاٻون، ڏلها، پنڊيون، دٻڪيون، چڪا، چليون، چبريون، چڪون، پکا ۽ رانديڪا وغيره ۽ مچ مان واڻ وٽي ڪٺون مڙهڻ، موڙا ٺاهڻ جا ڪم ڪنديون رهنديون آهن. سنڌ جون سدوريون ڪڏهن به وانجهيون ٿي ڪين ويهن. جنهن به وقت گهر جي ڌوپ ڌڙي، چنڊ ڦوڪ، ليپي پوچي، ڪاٺي ڦانگي آڻڻ، چيٽا ٿڦڻ

وغيره ڪان والنديون ٿين ۽ ڪارون ڪار ڪو ڪم نه هوندن ته هڪبئي جي مٿن ڪي ويهي سِيرون ڏينديون آهن.

--------

(1) نظرثاني ڪندڙ پاران واڌارو آهي. (ادارو)

(1) هينئر ته سڄو ملڪ مشينون ئي مشينون ٿي ويو آهي.

(1) نظرثاني ڪندڙ پاران واڌارو آهي. (ادارو)

(1) نظرثاني ڪندڙ پاران واڌارو آهي. (ادارو)

(1) نظرثاني ڪندڙ پاران واڌارو آهي. (ادارو)

Gul Hayat Institute

# باب پندرهون

## پالتو جانور

سنڌ جي ٻهراڙين ۾ گهڻو ڪري انسانن سان گڏ ڪي جانور جن کي وهٽ ڍور وغيره نالن سان سڏيو وڃي ٿو سي گڏوگڏ گذارين ٿا: انهن ۾ سواري لاءِ اُٺ، گهوڙا، خچر ۽ گڏه ڪم ايندا آهن. ۽ ٻيو آهي چوپايو مال، جنهن ۾ وري مينهن گانءِ، ڳئون/ ڍڳي، ٻڪري ۽ رڍ اچي ٿيون وڃن، جن جو کير کاڌو ٿو وڃي. پالتو جانورن لاءِ ٻُچڪر، ڳِتڪر، چيچڪر، هُشڪر، چچڪر، هونگر، ڪڳي، الغار ۽ سينڍ وغيره.

اُٺن جو کير به پئجي ٿو چاڪاڻ ته اُٺ حلال جانور آهي. هن جو کير پرهال جي بيماري [جنهن ۾ پيٽ گهڻو ٻاهري نڪري ايندو آهي] جي لاءِ اڪسير هوندو آهي. چوپائي مال جا نرَ جن کي وري پاڏا، سانهه، ڍڳا، ڏاند ۽ ڍڳا، ٻڪر گهيٽا وغيره ڪوٺيو ٿو وڃي، تن جو گوشت ذبح ڪرڻ کانپوءِ مسلمان ۽ ٻيون قومون کائين ٿيون ۽ انهن مان ٻيا جيڪي ڪارج سرن ٿان تن جو الڳ الڳ احوال ڏجي ٿو. سواري وارن وهٽن جون ماديون به سواري جي ڪم

اينديون آهن، جهڙوڪ: ڏاچي يا اُٺ، گهوڙي، خچري ۽ گِڏِهه، سواري يا چڙهيءَ جي سڀني وهٽن کي گڏي يڪي نالي سان ”پاوَنگ“ ڪوٺبو آهي.

**اُٺ:**

سينگاريائون سيد چئي، ڪرها منجهان ڪوڏ.

اُٺ به پالتو جانور آهي. هن جي ماديءَ کي اُٺ، ڏاچي، ڏاگهي، اُٺي، ناق وغيره نالن سان ڪوٺيو ويندو آهي.

هن جو نر ماديءَ کي ڪينسي ڪينسي هُشائي پولهه تي ويهي پوءِ لڳ ڪندو آهي ۽ ان جي سار ۾ ڦهريائين بوڙ يعني سنهڙي آلت داخل ڪندو ۽ ويهي جهوٻا ڏيندو. بوند ٿلهي ٿي پوندي اٿس. اوٺار، هن کي اولي اولي اوليهي جو مخرج سان آواز ڪري شهوت يا مستي پيدا ڪرائيندا آهن. اُٺي ڦرجڻ کان پوءِ ٻارهين مهيني ويامندي آهي. گهڻو ڪري سياري جي موسم ۾ ڦربي آهي ۽ وري سياري ۾ ئي ويامندي آهي. ڦرجڻ جي معنيٰ آهي ڦرجهلڻ. نر، ڦر کي گوُنرو ۽ مادي کي گوُنري سڏيندا آهن. اسلامي روايت موجب هڪ اٺي، ڦهريائين حضرت صالح عليه السلام نبي سڳوري جي ڏينهن ۾ پيدا ٿي جنهن ساڻ گوُنرو به گڏ هو.

نندپڻ يا ڄمار بابت: ڪيرڏائڪ ڦر کي گوُنرو، پوءِ ڪيرو، پوءِ اٺور، جنهن ڪير پيئڻ ڇڏيو هجي، پوءِ سرل، پوءِ

ڪنواٽ، پوءِ توڏو، آخر ۾ ٻُور اُٺ چون. ڄمار موجب ٻه ڏندو ٻهاٽو يا دوڪ [ٻن - ورهين ڄمار جو] چئو ڏندو يا چوڳو [چئن ورهين جو] پانجاريو [پنجن ورهين جو] ڇٽ، ڇڳو، ڇه ڏندور [ڇهن ورهين جو] اٺن ورهين کان پوءِ نڪتل ڏند ڍڄي پوندا اٿس ۽ وري انهن جي جاءِ تي ٻيا ڏند نڪرندا اٿس. انهيءَ ايامڪاري ۾ ڪُنداريل ڪوٺيندا اٿس. نون سالن جو ٿيو ته ڪانٺيو اَٺن سالن ڄمار جو نيش، نون سالن جو ڪانٺيو نيش سڏينس جنهن کان پوءِ ڀُور [جوان] جو نالو ڏينس، جوانيءَ کان پوءِ اَمروش، يارهن سالن عمر جو ۽ پوءِ اَرموش تيرهن سالن جو پڪڙوٽ آخر ۾ ڪڳو، يڦن جنهن جا ڏند توڙي ڏانئون مڙئي ختم ٿي ويندا آهن. ماديءَ کي گوٺري ٻهاڻ، پوءِ اُنڙي لڳ کي ويجهي پوراف لڳي ويل اُٺ کي ڊڪي پوءِ ويامو، آخر ڄمار ۾ پوڙهي ڏاگهي، فرتوت نالا چونس.

اُٺن جا نالا: شاهه ڀٽائي جي رسالي مان ۽ ٻين شاعرن جي ڪلام مان اُٺن جا جيڪي نالا مليا آهن سي هيءُ آهن: ڏاگهو، چانگو، توڏو، موڏو، روڏو، ليڙو [ڪول واهه ديس جي اٺن جو نالو آهي] ڪرهو، پالهه [ٻن ٿوهن واري اُٺن جو نالو، جي آڳاٽي زماني ۾ به سنڌ ۾ موجود هئا]، بودو، بوتو، ميو ۽ بعير ۽ شُتر، گهڻن اٺن جي گڏ هجڻ يا اوٺي ڏڻ کي وڳ [گلو/گائو] چوندا آهن. اُٺن چارڻ واري کي اوٺار نالي

سان سڏين. اُنن جي ليٽڻ جي جاءِ کي آليٽ ۽ ويهڻ جي جاءِ کي جهوڪ ڪوٺين.

**اٺن جا نسبتي نالا:**

ڏاتي اُٺ ڏيٺ يا ٿر جي ڏيٺ واري حصي جي اُنن کي سڏين. اُهي ڏگها سنهڙا، رنگ جا پورا، ڏسڻ ۾ سهڻا ۽ هلڻ ۾ تکا هوندا آهن.

”سچڻ ڏاتي اٺ جيئن، ٺُلها نه ٿيندا“(1)

ٿر جون ڏبون يا پٺون، جي سوين فوٽ اتانهيون آهن، تن تان لهي ۽ چڙهي ويندا آهن. اُٺ ڪارائي، ڪارا، وار گهنديدار، هنن جا ڪياڙ وڏا ۽ ويڪرا ٿين. اُٺ سنڌي، ڳرا وڏا، رنگ جا ڳاڙها ٿوٺان، بار ڍوئڻ جو ڪم، نارن ۽ هرلن ۾ وهن، سواريءَ جي لاءِ پڇ ٻڏي مهري ڪبو اٺن. طاقت ۾ مڙن اٺن کان گهٽا آهن، بر مڙو: اهو اٺ جنهن جي ماءُ سينڌڻ ۽ پيءُ ڪاڇي هجي. اُٺ مڪراني، چوٽڙا، ٻوٽڙي سنهڙي، بدن جا هلڪا، ڏسڻ ۾ ڪوجها. اُٺ بختي، بغدي لاڏو (بلخي)، اتفاقي ڪو ڪو ڏسڻ ۾ ٿو اچي، نه ته هنن جو ٻڻ (نسل) ذري گهٽ ختم ٿي چڪو آهي، ڪي چون ٿا ته اهو ٻن ٿوهن واري اٺ جو نسل آهي.

اُنن جا رنگ: پور ڳاڙها، ڪارا، بگا، ساوا، ڪٽڪ رنگا ۽ پور، آدم.

**ڪم ڪاروارن اُنن جا قسم:**

هڪڙا مهري، جن تي سواري ڪئي ويندي آهي، ٻيا لاڏو جن تي بار ڍويو ويندو آهي، ٿيان وهو، جي نارن، هرلن، چيچڙن، جانداهين، گهاٽن ۽ گاڏين ۾ وهندا آهن.
پنڌ: اُنن کي ڪچي مان [جڏهن ڪنواٽ يا سرل هوندا آهن] پنڌ سيکاري مهري يعني سواري ڪرڻ جي لائق بنايو ويندو آهي. اُنن جي هڪليندڙ ۽ سيکاريندڙ کي جت ڪوٺيو ويندو آهي. اسان جي ديس ۾ هيءُ ماڻهو هوشيار پنڌ ڏيندڙ يا جت آهن ۽ هئا: غلام حيدر جروار ڳوٺ آمري ٿنبي الهيار وارو، رحيمڏنو شورو ڪٽڙ وارو، مريد، عثمان ۽ عرس جروار ۽ قاضي ڪمال بکيرن وارو. اُٺ جي پنڌ کي ٽور به چئبو آهي، جنهن ۾ وک، وچڙال، قدم، لُرَ، پوزر، ۽ پاڄ يعني سراڙيَ هلڻ جا قسم اچي وڃن ٿا.
بيان: جڙي يا الڙ ڪنواٽ کي ناسن جي چوٽين ۾ ٽونگ ڪري، ناڪيلي يا لاٽي، جا شطرنج جي مهري، ٿنگيءَ جهڙي ٿيندي آهي ۽ ڪاٺ مان گهڙيل آهي نڪ جي چوٽيءَ ۾ وجهي، ان جي مٿئين حصي ۾ سٽ جو ڏورو، [جنهن کي چمرِ چون] وڪڙ ڏيئي سوگهو ڪن. ڪن اُنن کي ٻنهي پاسن جي چوٽين ۾ ناڪيليون پائين ۽ ڪن کي هڪڙي پاسي جي هڪڙيءَ چوٽيءَ ۾، پوءِ سٽ يا ڏاس جو وٽيل پنج - ڇهه پرهه رسو جنهن جون پڇاڙيون سنهڙيون ٻگسو ٿين، انهن پڇاڙين کي ڏواليون سڏين، سي انهيءَ چمر

۾ ٻڌي قابو ڪن. هاڻي انهيءَ رسي کي مهار ڪوٺيو ويندو [ڪي هيدي به چونس] انهيءَ مهار جي اِشاري تي اُٺ اوڏانهن مڙندو، جيڏانهن آهي مهار پئي ٽٽڪبي. [چڪبي] اُٺ کي اورسو ڪن [مهار اڇلائي، ابا ابا، ڪري مهار ڪنڌ تي اڇلي، ڪنڌ هيٺ ڪرائي مهار وجهن.] بعضي ڪي اُٺ نَڪَ جا نرجا [ڏاڍي نڪ وارا هوندا آهن] يا اَهنڊ ۽ مست هوندا آهن، سي لاٽي توڙي مها رکي ذرو به نه ليکيندا آهن، ته اهڙن اُنن کي ”هڏتر/ترَهڏ“ هڻندا آهن. چا ڪندا جو گهوڙي يا ڍڳي جي پڇ جا وار پاڻيءَ ۾ ڪاڙهي ڪؤنرا ڪري، انهن مان چمر وٺي، پوءِ نڪ جي چوٽيءَ کان ٿورو مٿيرو ڇِل وٺ ٿونگ ڪري اها چمر اتي وجهندس ۽ ان سان مهار جون دواليون ڳنڍيندا، بس پوءِ ڪهڙو به اڙٻنگ اُٺ هجي، ترهڏ لڳل هوندس ته سوار جي حڪم هيٺ هلندو. مجال جو ڪا مستي به ڪري سگهي! بَرو يا برنگو، اهو اُٺ جنهن جي نڪ جا بر چڙهي ويندا آهن، ته انهن کي وري چلڙيون يا پٽ جون وٽون وجهي مهار ٻڌندا آهن ۽ ڪن کي سينگار جي لاءِ چانديءَ جون چلڙيون ٿوپي وجهندا آهن.
پنڌ سيڪاريندڙ سوار يا جت، اُٺ جي ڪمر مٿان ٿوهي لڳ رلي وٽي رکي ڪَشَنَ سان پيٽ کان چڪي ٻڌي سُڪ ڪري چڙهيندو آهي ان کي ”ٻرهو“ سڏين. پوءِ لڪڻ ڪٽي

ٻرهي تي چڙهي اُٺ هڪليندو، جڏهن ٻنڌ سڪي تيار ٿيندو ته مٿانئس رکندا گاشو، ٻنان گاشي واري اُٺ کي ”اولاٺو“ وهٽ ڪري ڪوٺين. جي پاکڙي وارو گاسو نه هوندو آهي، ته انڊو يا ٻنڊو ڪري [اُٺ تي ڳوٺيون يا رليون ٿوهي مٿان ڊگهيون پکيڙي انهن کي تنگ سان ٻڌي] پوءِ چڙهن. مهري اُٺ جو گاسو: اُٺ جي اگهاڙي پٺيءَ تي ”ٿپڙ“ رکي، ان جي مٿان ٻٽگ يا جهل، تنهن تي توشڪ يا زيرگاديون، جي ٻه ٿينديون آهن، هڪڙي جا ٽڙا اُپا جهلي، تن تي پاکڙو رکندا آهن. پاکڙو، ڪاٺ جي پسرن کي لوهه جا پٽ لڳل دمدمي يا موريءَ وانگر جڙيل ٿئي ٿو. اڳئين پاڳي کي آگوا يا پرٽو، وچ واري گول ڪمان کي ”اگهوڙي“، ۽ پوئينءَ ڪمان کي چوُنڪ چون ٿا، پاسن وارين پٽين کي ”پسرون“ سڏين، جي پيڪڙن سان قابو هونديون آهن. اهو پاکڙو رکي، هڪڙي ويڪري پٽاهڙ اڳئين حصي جي پسرن تان اُڪاري اُٺ جي پيٽ وٽان چڪي ٻئي پاسي جي پسر وٽ آٽي سوگهي ٻڌن. ان پٽاهڙ کي ”تنگ“ سڏين. پسرن جي ٻنهي پاسي خاني خاني لڳ ٻه ٻه چمڙي جون وڌيون، جي ڪل چار هونديون آهن، ٻڌبيون آهن، جن کي ”دوال“ ڪوٺين. انهن جي چيڙي ۾ لوهه يا پتل جا اڌگولائيءَ تي اڌ فوٽ، منڊيءَ وانگي ٿهيل ”رڪيب يا پاڳوڙا“ هوندا آهن. انهن جي ڪانچي مان دوال مٿي لوهه جي زبانن سان پچي

قابو ٿين ٿا. پاڪڙي سوگهي رکڻ واسطي هڪ ٻيٽو يا هيڪوٽو سوٽي رسو ڳچيءَ وٽان ڦري، پاڪڙي کي پويان ڊرڪڻ يا سرڪڻ کان روڪيندو آهي، ان کي اڳوٺ، گوربند [گلو بند] چون. پٺيان هڪڙو پچڙڪ يا ٿوڙهو، پڇ جي پوچڙيءَ ۾ ٻڌي، پڇ کي ڪمان ڪري پاڪڙي جي پسر ۾ اٽڪائي ڇڏيندا آهن. پاڪڙي کي رسو ”پچلانگ“ چون، پڇ وارو ٿوڙهو، جي لاڏوءَ اُن کي ٻڌل هوندو، ته ماڻهو ان کي سواريءَ جو اُٺ سمجهي مٿس مسافري ڪندا آهن. سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ چوڻي آهي ته: ”پڇ ٻڌي مَهَرِي ڪيو اٺن“ جنهن جو مطلب مقرر ڪم جي لائق ناهي. پاڪڙي مٿان هڪ سوَڙ يا ٻٽي رليون ۽ انهن جي مٿان چادر يا ٽوال يا کيس يا چمڙي جي نطعه جا هيڊي رنگ جي چادر وانگر هوندي آهي پکيڙي، ڪشٽن يا ڏورين سان اندو، گاسي جي ڳنڍِ کي چئبو آهي. سُڪ ڪري ٻڌي. پوءِ جت اڳئين خاني ۾ لڪڻ ڪٽي چڙهن ۽ پوئين خاني ۾ سواري ڪندڙ کي چاڙهڻ جي لاءِ اُٺ کي هشائيندو. جڏهن مٿس چڙهي پير رڪيبن ۾ وجهي ويهندا ته اُٺ کي ڳتڪر ڪري اُٿاريندو ۽ منزل طرف هڪلڻ لڳندو. اُٺ کي ويهارڻ واسطي ”هُش هُش“ چون، ڪنهن گهٽ گهيڙ يا لاهه تان لهڻ مهل ”جيت جيت“ ڪن. اٺن جي وڳ کي هڪلڻ مهل هونگر ۾ چون

Gul Hayat Institute

”اَپ... هو... اَپ“ ۽ بيهارڻ لاءِ اهڪارو يعني اي.... هي... اي... هي چون.
جڏهن ته لطيف سائين اٺ تي سواريءَ وارو آواز هن ريت ڏنو آهي:
هَاهُر ڪندو هل، ته ڪجايون ڪرن ڪي.(1)
مهري اُٺ جي سينگار جو سامان: سنجڻ مهل اُٺ کي ساج [ساز] يعني [سينگار واريون شيون] به وجهندا آهن: جهڙوڪ: ٻوٺ تي چانديءَ يا سٽ جو نقطو يا مهرو، ڳچيءَ ۾ جنوئي [جا تڪندي تائيٿن جي قطار، سٽ جي ڏوريءَ ۾ پوتل سجي گردن کي ڦري ايندي آهي.] جنهن جي وچ ۾ هڪڙو چانديءَجو جهابو پيو لڙڪندو آهي، هن کي گوهر به چوندا آهن، ٻيون چانديءَ جون روپيون ڳانيون، موتين جون سهيليون، سرون ۽ لڙهيون جڙت جڙيل، پرت پريل هونديون آهن ۽ ڪن تي گهنگهريون ۽ ٺؤنر ٹانڪيل هوندا آهن. اهڙا اُٺ ڪنهن گهوٽ جي سرگس يا ترگس ڪڍڻ جي سواري هيٺ يا ميلي ملاکڙي ۾ پڃائڻ جي بهاري واسطي شوقين ماڻهو سينگاري چڙهندا آهن.
بارگير لاڏو اُٺ جو پلاڻ: پهريائين اُٺ جي پٺيءَ تي ٺپڙ، ان جي مٿان پلاڻ رکندا آهن. پلاڻ، هڪ چوڪنڊياري شڪل جو سنج آنڪو يعني قبر وانگر مٿي اُٿيل ٿو ٿئي ۽ ٿوهي کي گهيرو ڪري ٻيهندو آهي. اهو، ڪاريگر ڪاٺ

سٽي ڪُٽي اُن ۾ وجهي ايندا يا بوتو پريندا آهن. ان جي مٿان ڪرڙي يا ڳوڻ جو پوش چاڙهين ۽ هيٺان ڳوڻ جو استر ضرور ڏين. هن جو اڳيون حصو پرڻي وانگر ٿورو مٿپرو اُٿيل ٿيندو آهي، جنهن ۾ به ڪاٺيون منڌيئڙي وانگي هڪبئي سان آڏ پاسيريون گهڙيل ۽ سبيل رهنديون آهن، جن کي ڪتبَ ڪوٺين. اهي بيئي ڪاٺيون ڪشڪن يا چمڙي جي زيهن يا سوٽي پڪين ڏورين سان پاڻ ۾ ٻڌل هونديون آهن. بگهاڙين مٿان پلاڻ جي پاسن کان گول ڳنين واريون ڪاٺيون پڻ بوتي اندر ڳنڍيل رهنديون آهن. انهن ڪاٺين کي ٻُج يا بجون سڏين ۽ پلاڻ جي پوئينءَ ڪاٺيءَ کي ڪونٽي [ڪئونٽ] ڪوٺين. پلاڻ جي ڪرڙيءَ مٿان ٽِنب ڪاڻ ڪوڏ ۽ ٺؤنر ٺانڪين. اهو پلاڻ، ٽپڙ مٿان رکي، هيٺان پيٽ سان پٺهڙ يا تنگ سان چڪي قابو ڪن ۽ پوءِ ان مٿان پرڪيون، اناج جون ڳوٿيون رکي لڏين. ڪي پرده نشين عورتون جڏهن ڪيڏانهن وڃن ته پلاڻ تي پوش سان ڪجاوا رکائي مٿان انهن تي چڙهي شادي مرادي تي وڃن. ڪجاوا بنان پوش به اُٺن تي ٻڌبا آهن.

ڪجائو: ڪاٺ مان گهڙيل ڦرهين يا پٽين جو هڪڙو پڃرو آهي. جنهن کي چار پاڳا ٿين ٿا، جن ۾ اهي ڦرهيون سل چوڙ ڪري ٺوڪي ويهارين، هن جا به حصا آهن، هرهڪ حصي کي ”ڪُٿو“ چئبو آهي. هڪڙو ڪُٿو اُٺ جي

[ٿُوهي جي] هڪ طرف ۽ ٻيو ڪٿو ٻئي طرف ڪپي ٻيهندو آهي. اهي ٻئي حصا منديئڙي وانگر، ڪجائي جي ڪٽبن سان ڳنڍيل هوندا آهن. پاڳن ۾ لوھ جا ويڪرا ڪُنڍا ٺوڪيل هوندا آهن جن ۾ اُپا ڏنڊا گول گھڙيل وجهي، انهن جي مٿان ڪاٺين جي گهڙيل چٽي رکندا آهن، تنهن جي مٿان وري ڳاڙهي حلواڻ ڪپڙي جو سرائون پوش جنهن تي ڪٽر يا ڪٽاھ جا ٽڦ ٽڦيل هوندا آهن، جن کي پاسن کان گڏيون به رکيل هونديون آهن، سو لڙڪائبو آهي. انهيءَ ڪجائي ۾ ڇهن ڪان اٺن تائين زالون ويهي سگهنديون آهن. ڪجاوا ڇڃ جو مَرڪَ ڪري سمجهيا ويندا آهن. جڏهن ڪجائي وارو اُٺ اٿي هلندو آهي، ته به ماڻهو هڪڙي طرف هڪڙو، ٻي طرف ٻيو ڪجائي جو اوهار /اَهار [توازن] جهلي هلندا آهن. ان لاءِ پاسن کان رسن جا ٽوٽا ٻڌي ڇڏيندا اٿس.

لاڏو اُٺ جي ٽنڊ جو سامان: پوٺ تي، ڏاس مان ٺهيل موڙ، جن تي ڪوڏيون ۽ ٽوئر به ڏانڪيل هوندا آهن، اهي مکراٽي وانگي پوٺ تي پکڙي ٻيهندا آهن. ڳچيءَ ۾ ڪوڏن سان ڳانيون، ڳانديا، ٽليون، ٽلا، پيٺ جي پاسن کان پٿهڙن وارا جهاٻا ۽ ٽليارا، جن کي ترڀارا به چون ۽ گوڏن مٿان چيرون به ٻڌندا آهن، جن جي چمڪي تي اُٺ مگن ٿيو پيو هلندو آهي.

اُٺ جوٽڻ: اُٺ گهٽو ڪري نارن، هرلن، گهاٽن، چيچڙن، جانداهين ۽ اُٺ گاڏين ۾ جوٽيا ويندا آهن. ٽر واري حصي ۾ اُنن سان هرَ به ڪيندا آهن ۽ ٽر جا هندو پاپڙا شادين ۾ سرگس اٺن تي ڪڍن ۽ پيرون رکي وڃائين.

اُٺ کي نار يا هرلي جي ڳاڏيءَ اڳيان بيهاري، اکين تي کوپا چاڙهي مٿان وال - ڏيڍ ڪپڙي جي پٽي، جنهن کي ”اکياڙي“ سڏين سا کوپن تي رکي، ڪياڙيءَ پٺيان چڪي ٻڌي ڇڏين، جيئن ڪجهه به ڏسي نه سگهي ۽ پڙ تي پيو وهي. ڪنڌ مٿان مڏهوءَ تي نٽ رکندس، جنهن ۾ پنڊي يا پيڙهو، جنهن مٿان ڪاٺ جون چڪڙيون جڪڙيل هونديون آهن، انهن ۾ کَپ کَپ ٺيل هوندا آهن، جن کپن جي وچ ۾ ڳاڏيءَ جون ڪنديون ڦاسائي رکن، پيٽ کان تنگ وانگي هڪ چمڙي جي وڏي چڪي ڪُنڍن کي بلائتو ڪندا ۽ ڳچيءَ ۾ ڪنڌاٺ وجهي ڪندس آسرو الله جو!

**گهاٽي جي بناوت:**

سچو ڪاٺ جو ٺهيل هوندو آهي. ڪاٺ جي چار فوٽ کن ڊگهي، به فوٽ قطر واري ٽڙي، ان کي مچيل پاسي کان کپي، چلمچيءَ وانگر ٻن پاڳن ۾ وڏا ڪانچا سليندا آهن. هيٺيون پيالي وارو تنگ البت ڪجهه سوڙهو ۽ مٿيون موڪرو ۽ ٻنهي جي وچ ۾ سوڙهي ڪنگٽي رهندي آهي. اُن ٽڙيءَ جو ترو گُدي گُدي زمين اندر پوريندا آهن ۽ اُن

جي مڇيل پاسي جي ڪنارن تي ڪَپ ڪري چار ريلوي سليپرن جهڙا ڪاٺ سل چوڙ وسيلي هڪٻئي تي ٺهڪائي ڦهڪائي رکندا آهن، جن کي چؤنڪي چون. اهي چارئي ڪاٺ، ٽڙيءَ مٿان جڪڙيل هوندا آهن. انهيءَ ٽڙيءَ جي سوراخ يا ٻاڙڪ ۾ گهاٽي جي لٺ، جنهن جي چوٽي ڪنڊُ ۽ هيٺان دکيءَ واري گولائي ڏنل هوندي ۽ پاڻ مهري وانگر سڄي گولائي تي گهڙيل ٿئي ٿي. ان لٺ جي ڪنڊُ تي، پيالي جي گولائي واري ٺونگ وارو مڪڙو رکي، هڪڙي ٿاڦي يعني ايسوٽي جهڙي ڪاٺيءَ سان سرائيءَ وسيلي ڳنڍيل رکندا آهن. يعني ٿاڦي ۽ مڪڙي جون پڇاڙيون انجيس وانگر هڪٻئي ۾ ڪُپي ٻيهنديون آهن ۽ آرپار سوراخ سڌائيءَ ۾ ٺيل هوندو اٿن. ان ۾ لوهہ جو ڪير يا ڪِلو وجهي، هنن ۾ لچڪدار ڳانڍاپو قائم ڪندا آهن، گهاٽي جي وهڻ وارو حصو جنهن ۾ هڪ ٻيلهہ کي ٻسانگي ڪاٺي، انبوريءَ جي وات وانگي چؤنڪيءَ هيٺان ٽڙي سان ٺڪرجي گسي پئي ڦِرندي، اُن ٻيلهہ جو ٻيو پاسو لسو پاٺيي وانگي هوندو، جنهن کي ڳاڌي ڪوٺين، ڳاڌيءَ جي ٻاهرين پڇاڙيءَ تي چار ٻاڙڪ چوڌاري ڪري انهن ۾ چار ڏڪ ٺوڪي، پوءِ انهن ڏڪن کي واجهہ سان واٽي ڇٻي جي شڪل بنائي، ان جي وچ ۾ آلي مٽي يا سرن يا پٿرن جا ٽڪر رکي، پرپ يا پراءُ ڪن. ڳاڌيءَ جي پوري وچ ۾ هڪڙو سل سلي، ان ۾

هڪڙي چورس دامن ڪپائي ٿوڪين، ان کي ”ٿنپي“ سڏين. ٿنپيءَ جي چوٽيءَ کان ٿورو هيٺڀرو ٻه سوراخ ۽ ان جي مٿان ٿاڦيءَ جي تري کان ٿورو مٿڀرو ٻه سوراخ ٿين. انهن سوراخن ۾ هيٺ توڙي مٿي ٻه ڪاٺ جا گهڙيل ڪلا جن کي ڏورٽيون سڏين، گهرگهلا ڪري پائين ۽ پوءِ هيٺئينءَ توڙي مٿئينءَ ڪلي يا ڏورٽيءَ کي ناڙي، واجهه يا نيٽي سان ناڙي چڙين، ته ڳاڌيءَ جي پراءُ جو زور لٺ جي ڪُنڊ تي وڃي پوندو ۽ تارازي يا ساهميءَ جي ڪاني وانگر ڳاڌي وچو وچ ٿي بيهندي، ۽ پراءُ وٽان هڪ ڪَڏ ۽ ڳاڌي ۽ ٿنپيءَ جي وچ وٽان ٻي ڪَڏ نڪري، وهٽ جي پنڊيءَ ڏي ويندبون. گهاڻي واري اُٺ کي ڪنڌاٺ ڪونه وجهن، پر ڳچيءَ جو رسو مڪڙي ۾ وراڪي چڙين. اهڙي نموني اُٺ پيو ڦرندو ۽ گهاڻي ۾ پيل ٻج پيو پيڙهبو. هڪ ماٺهو چوڻڪين مٿان ويهي ميڙو ورائيندو يعني جيڪو ملڊو ٻاهر ڪنارن تي اُپري ايندو، ته ان کي ريڙهي هيٺ ڪرائيندو ويندو، تان جو سمورو ٻج پيڙهجي ويو، ته ان جو تيل، ٻئي هيٺين پيالي واري سوراخ ۾ گڏ پيو ٿيندو. پوءِ اُٺ بيهاري، ڳاڌيءَ کي هيٺان سر يا ڪاٺ جي دوڳيءَ جي تڏَ ڏيئي بيهاري ٻج مان نهيل نار رنبي سان کرچي ڪڍي ڌار ڪندو ۽ تري ۾ پيل تيل تيلاندي يا لوهه جي ڪُپڙي سان پري پري ٻاهر دڪيءَ ۾ وجهندو. ڪجهه رهيو ته اڳڙي جنهن

ڪي نائو ڪوٺين، سا ٻوڙي ڪڍي نپوڙيندو. گهاٽي ۾ تر، چانپو، ڪوپرو، سرنهه، توريو ۽ ڪڙن جا ٻج پيڙهيا ويندا آهن.

چيچڙو: هيءُ سچو لوهه جو ٺيندو آهي. سندس لوهه جون ٽلهيون موٽيون وزندار گراريون ٿين، جن جي وچ ۾ ڪماند جا بل وجهي، انهن جو رس ڪڍيو ويندو آهي. انهيءَ رس مان ڪجهه، ڳڙ توڙي مستي ۽ کنڊ جڙندي آهي. هن ۾ به اُٺ جوٽبو آهي.

گاڏي: سنڌ ڏيهه ۾، اڳي اُٺ گاڏيون ڪونه هونديون هيون، هاڻي رواج پيو آهي ۽ مڪرانين ئي هتي اُهي گاڏيون سڀ کان پهرين هلايون. اُٺ گاڏيءَ ۾ اُٺ کي جوٽڻ کان اڳ اڪين تي ڪوپا [اڪيانڙي] چاڙهين، مدهوءَ تي ڪڙائُو، ڪاٺي يا هنو رکن. اهو هنو اوڏن جي مٿيءَ کٽڻ واري ڪجائي وانگر ابتو رکيل يا ڏاڪائين رهل وانگر پر ابتو رکيل هوندو آهي، هيٺان پنڊي هوندي اٿس، جنهن ۾ بارڪش لڳل هوندا آهن، جن ۾ گاڏيءَ جا پول جوٽن جي سنگهرن سميت اچي گڏجن ٿا. انهن کي سوگهي رکڻ جي لاءِ پچ وٺان ۽ پيٺ وٺان وڏيون ڇڪِي ٻڌندا اٿس. گاڏي خود هڪ مستطيل تختو جنهن جا ٿورا پاسا اُٿيل ٿين موٽر وارن ربڙ جي ڦيٿن تي سراين مٿان رکيل هوندي آهي.

**اُٺ جو بيان:**

آڏي ٻڌم وڻ جاءِ، ماڻَ مکڙيون چري،
ڪُڏا تورو ڪرهو، لڪيو لاٽي کائي،

ان ميي سندي ماءِ!، مون ڳالهڙين ڳوڙها ڪيو. (ڀٽائي رحمه الله)

اُٺ جو ڪاڏو جهنگ آهي، جتي اُٽائو يا اَڏاوِڻيو چيڪ پيو چرندو آهي. ڪبڙ، ڄار، نم، ٻير، لئي لاڻو جيڪي ايندس سو ويندو رڙڪيندو، جي مالڪ ڪو گاهه ڪري ڏنس ته اهو به ڪين ڇڏيندو. جنهن ۾ بصر جا پن، چانپو، سرنهه لڪ ڪڙڪتر به کائي ويندو آهي. هيءُ حلال جانور آهي، هن کي ذبح ڪري هن جو گوشت ماڻهو کائيندا آهن، پر اسان جي سنڌ ۾ اُٺ جو گوشت ماڻهو ڪونه کائين. ڪي ماڻهو اُٺين جو کير ڄمائي ڏؤنرو ڪن، جنهن کي ”اُست“ سڏين ۽ اڻ چاول کير کي آخڪي چون. اُٺ توڙي ان جي ڏاچيءَ کان ساڳيو ڪم ورتو ويندو آهي، يعني سواري، بار لڏڻ، سنجڻ ۽ جوٽڻ جو. ڏاچيءَ جي ويامڻ کان پوءِ هن جو کير ته ماڻهو کائيندا آهن، پر اهو نڪو ڪاڙهبو آهي، نڪي ڄمائي ڏؤنرو ڪبو آهي. اهو کير ٻرهل ۽ هيانچي واري ماڻهوءَ کي ماتا جي بيماريءَ کي ظاهر ڪرڻ واسطي پياريو ويندو آهي. هن کي اوٺو کير ڪوٺين، اُنهيءَ کير ۾

جي ڏاچيءَ جو پچ گهمائي پوءِ پيئبو ته ڏاڍا دست ٿي پوندا آهن جن کي اُتيسار جا دست سڏين.
اُٺ پنڌ ڪري ٿڪجي ايندو آهي، ته جت ان کي ڳڙ پاڻيءَ ۾ ڳاري ۽ لوڻ ملائي پياريندو آهي، ته ٿڪ پچي پوندو اٿس.
اُٺ کي پيٽ ۾ ٻه ڪليون ٿينديون آهن. جڏهن ٻه پاڻي پيئڻ جو وجهه لڳندو اٿس، ته ٻيئي ڪليون يا اوجهريون پاڻيءَ سان پري چڙهيندو آهي ۽ مچندو آهي، ته ٿوهي تي چربي وري ويندي اٿس. ٻئي ڏينهن ڪٿي جي چارو يا پاڻي نه ملندو اٿس، ته ٿوهي جي چربي ۽ ٻيءَ ڪليءَ جو پاڻي اندران ئي اندر ڳاري پنهنجي ڪتب آڻي جياپو ڪندو آهي. هن کي "سُڪيءَ جو ٻيڙو" به ڪري ڪوٺين. ان جو ڪارڻ هيءَ آهي، ته رڻپٽ يا صحرا ۾ مُسافري ڪندي، جي مسافرن کي ويجهيءَ چڪ ۾ پاڻي پوا نه هوندي آهي، ته هڪڙي اُٺ کي ڪهي انجي ڪليءَ مان پاڻي ڪڍي پي مرڻ کان بچندا آهن. اُٺ قافلن جي صورت ۾ تمام گهڻو سامان کڻي، پري پري جا مفاصلا ۽ منزلون پٽيندا هئا. انهن ڏينهن ۾ لاريون، گاڏيون ۽ جهاز وغيره ڪين هئا. اُٺ راڳ جو به شوقين آهي. عرب ملڪ ۾ حُدِنحواني ۽ سنڌ ۾ ٻيلهڻ جي گيت ڳائڻ تي رات جو تکو هلندو ۽ گهڻو پنڌ ڪندو آهي. سياري ۾ اُنن کي مستي ٿيندي آهي، وات مان گجوڙ پيا

ڪرندا اٿن ۽ ڏند پيا ڪرٽيندا آهن. اهڙن اُٺن کي مست اُٺ سڏين. اها مستي گهٽي شهوت کان ٿيندي اٿن. اهڙن اٺن کي پيرن ۾ نير پيڪڙا يا پيند زيريون يا ڏاوڻ، بغلن ۾ بغليون لوهه جون ۽ ونگ وجهي سوگهو ڪندا آهن. پوٺ تي پوچو يا ٽنگڙو پڌي چڙين ته چڪ نه هٽي:

نوَ نير، ڏهه ڏاويٽون، پندرهن پينب پياس،
بگهاڙيون بغلن ۾، لڪين لوهه لڳياس،
جڏهن سڄڻ ياد پياس، ته چرڪ چنائيين هيڪڙي. پٽائي رحمه الله)

چون ٿا ته ميندري سومري جو اُٺ، وڳهه ڪوٽ کان ڪاڪ لنداٽي تائين رات وچ ۾ ٿي - چار سئو ميل هٽي موٽندو هو! اڄڪلهه اُٺن جي قيمت ٽن - چئن سون کان هزارن پن هزار روپين کان به وڌي ويئي آهي. هن وقت پاڪستان ۾ اٽڪل اَٺ لک اُٺ ٿيندا. اُٺن جي ويهڻ جي جاءِ کي جهوڪ ۽ مسافريءَ وارن اٺن جي ويهڻ جي جاءِ کي کوڙي ڪوٺين. اُٺ جي آواز کي گوڙ يا گڙ [گڙڻ مصدر مان] ۽ هن جي چيٽي کيج ليڏوٽا [پولٽا، ڦولٽا] سڏين ۽ تِيڪ کي گسي چون. اُٺ جي عادت آهي ته جي مٿس بار پيو لڏبو ته به رؤنڪندو، پر جي بار مٿانئس پيو لاهبو تڏهن به پيو رِنگندو. انهيءَ ڪري چون ته اُٺ پريو به رنگي ته سڪٽو به رڙي!

جڏهن سبيا ٿي پورا، تڏهن رڙيا ٿي گورا

**لطيف سائين چيو آهي:**

اڳي اُٺ رڙن، مون پيري ماٺ ٿي

اُٺ جي پيرن کي داڨوڙا سڏين. اُنٺي کي ڦر نه ڏائي وچي ان لاءِ ٽڻن تي جالنگ چاڙهين.

**اُٺ جون بيماريون:**

چالي، اک جي مٿان ڳوڙهو نڪري پوندو اٿس، پوزو، پوچو، يا پوچن، پير مٿان ڳوڙهو نڪرندو اٿس، ان کي چون، پر اهو جڏهن ڦاٽي پوندو آهي، تڏهن ان کي ”راڦو“، ڪوٺين. ڏورو يا ماچو، پوئين ٽنگ ۾ سيٽ ٿئي، ٽنگ ورائي هلي نه سگهندو آهي، رندو، اُٺ جي قبضيءَ کي ڪوٺين، هن ۾ چهنبدار پولٽا پيٽ مان نڪرندا اٿس. گر، پٽڙيون [زڪام] ڪچ لڳڻ، بدَ يعني ڪوڙي لڳڻ، گگهي يعني گهٽو، ڪنپ واءُ، ڪمري، هن بيماريءَ ۾ ڏکي مس مس اُٺ اٿندو آهي. ڪرڪارو، بندجي پوڻ، ٿاپو وغيره بيماريون ٿين. خفتين وٽ انهن جا علاج به موجود هوندا آهن. جي اُٺين کي وهرُ ٿيندي آهي ۽ ٻين وهٽن سان ڪؤسنديون ۽ ڪسنديون آهن، ۽ انهن کي هلي وچي ڌيه هٽنديون آهن، جنهن مان سمجهيو ويندو آهي، ته مادي

ڦرجڻ جي لاءِ آتي آهي. بد هٽڻ، هن ۾ اُٺ جو ڪچو ٿنگن سان گسي ڦٽ ڪندو آهي. ايبي، اُٺ جي نڙيءَ ۾ ڳوڙهو نڪري پوندو آهي. ايڏر، اُٺ جي ڪوڙي جو هنڌ گاٺ پوڻ سبب سخت ٿي پوندو آهي. اُوڙو، اها اٺ جي بيماري آهي، جنهن ۾ ٿنگن ۽ ڪوڙي جي وچ وٺ پيٺ ۾ ڳوڙهو نڪرندو اٿس. اُچلو، اها بيماري جنهن ۾ ”بکو“ يا ڌُڏو يعني پوئين چنگهن جو مٿيون حصو ويندي پنيءَ تائين پيو ڏڪندو آهي. بغلي، اُٺ جي اها بيماري آهي، جنهن ۾ اُٺ جي رانَ پيٺ سان گسي گسي ڦٽ ڪري وجهندي آهي.

**گهوڙو:**

گهوڙن ۽ گهوٽن، جيتڻ ٿورا ڏينهڙا. (پٽائي)

اونڪُرا: گڏه، خچر ۽ گهوڙي کي گڏي چئبو آهي. اسان گهوڙي جو بيان ڪريون ٿا، زميندار ۽ پاڳيا گهوڙا شوق ڪري پالين.

گهوڙن جا نالا: هيءُ به پالتو جانور آهي. هن کي فارسي ٻوليءَ ۾ تمام گهڻن نالن سان سڏبو آهي: مثلاً جنگ، خَتلي، خوشخرام، اسپ، حَيوُن، آبرش، تيزگام، تگاوُر، نريان، بادپا، بارو، آتش بان، آتش پا، آتش عنان، ايراق، بانشو ۽ باد رفتار گهوڙو. نريان، ماديان گهوتڪ، ڪان، ڪيڪانڊ، بدو ايذ، ڊاڪڙو، ٽپرو ۽ ٽُٽون نالن سان سڏيو وڃي ٿو. پر سنڌي ٻوليءَ ۾ نيلو، نيرو، تازي، ترڪي ۽

Gul Hayat Institute

ايراني گهوڙو سڏيو وڃي ٿو. هن جي ماديءَ کي گهوڙي، بامني، بودلي، تري، ناز، نيلي وغيره نالن سان ڪوٺين ٿا.
ٻيا وري رنگن ڪري نالا آهن: روجهي، بادامي ۽ ڪبوتري ۽ ٻانيوڙي، ڪڇي نسل جي گهوڙي سڏجي.
ڪنڌ ٻڳهي ڪاسو ڇَري، رنگ روجهي رؤدار، اهڙين پارين ”عنات“ چوي ڏاتر مون ڪا ڏيار.

هن ۾ ڪي ڪي گهوڙا اٽپاٽيارا هوندا آهن.

**گهوڙن جا رنگ:**

ڪميت هيءُ گهڻن ئي قسمن جا ٿين ٿا: ڪارنيرو ڪُميت، مڪڙو ڪُميت، ديناري ڪُميت وغيره. خاص طرح ڳاڙهي پڪي رنگ وارو گهوڙو ڪميت ڪوٺبو آهي.
ڪبوتريو: سليٽي رنگ وارو هن جا ٻيا قسم آهن: سپيو ڪبوترو ۽ ديناري ڪبوتريو.
ديناري: جنهن جي بدن تي، روپين کان وڏا ديڪ ديڪ يا گول نشان ٿيندا آهن جي جدا جدا رنگن جا ٿين ٿا.

**چينو:**

اڇو ۽ ڪارو رنگ ملي سائيرو پيو ڏسڻ ۾ ايندو آهي، هن کي کيسائون به ڪوٺين ۽ سائو چينو به چون. بدن تي اڇا

Gul Hayat Institute

اڇا ڪوڏين جهڙا چٽا هوندا اٿس. سڄو بدن چيني ءَ جي ٿانءَ وانگر چلڪڻو ڏسڻ ۾ ايندو آهي.

**بُورَ:**

به چيني گھوڙي کي چون ۽ اشهرا خضر به.

**سنجاف:**

سفيد هلڪو پيلو، ٿورو خاڪي مائل رنگ ميرانجهڙو ڪو ته نوريئڙي رنگ جهڙو به ٿئي، سنجاف جي گھوڙن کي جافون يا جابون گھوڙيون نالي سان سڏين.

**نقرو يا بگلو:**

سفيد تيز اڇو، جيئن ڪنهن ماڻهوءَ کي اسين پورو يا جنڙو چوندا آهيون. جيڪو اُس تي ڏسي ڪونه سگهندو آهي. اهڙي رنگ واري کي پولي چون. هن گھوڙي جون اکيون به اڇيون ۽ ڪڇيون ٿينديون آهن، سُٽ پيو وهندو اٿس.

**انبلڪ / ابلق:**

هي نالو، آسمان ۾ ڪارا ۽ اڇا ڪڪر گڏ هلندا ڏسي ڏنل آهي. ساڳي طرح جي سرمي سان لڙڪ گڏ وهندا آهن، ته انهن کي به ابلق چوندا آهن، پر گھوڙن ۾ اڇا ڪارا يا اڇا ڳاڙها دبڪ هوندا ته ان کي ابلق ڪوٺيو ويندو آهي. تنهنڪري ڳاڙهو ابلق ۽ ڪارو ابلق هن جون خاص جنسون سڏبيون آهن.

**سرخو/ اشهب:**

هيءُ لفظ ئي اسان وٽ غلط استعمال ٿئي ٿو. چاڪاڻ ته سرخ جي معنيٰ آهي ڳاڙهو پر سرخو چون اڇي گهوڙي کي جنهن لفظ جو اصلي لفظ ”صوفو“ يعني اُن جي رنگ جهڙو هو، پوءِ بدلجي سرخو ٿيو آهي. هن رنگ جو گهوڙو اڇو ميرانجهڙو ٿئي ٿو، اکيون ۽ پڇ ڪارا ٿيندا اٿس. ڪن کي ڪارن وارن جي لغار پڻ هوندي آهي، جيڪا گهڻن سفيد وارن ۾ جيري يا ڪٿي وانگر گهوڙي جو رنگ بنائي رکندي آهي. هن جا قسم، سرمائي سرخو، چينو سرخو ۽ سائو سرخو ٿين.

**مڪڙو:**

يعني مڪڙ جي رنگ جهڙو، پيلاڻ تي يا ڪجھ ساواڻ تي تکيرڙو يا ميٽائون رنگ ٿيندو اٿس: هن جا قسم: موتيو مڪڙو ديناري مڪڙو ۽ ٻيا به ٿين.

**ادهم/ڪارو:**

هن کي مشڪي به چون، پر هوندو نپور ڪارو آهي. جي ڪجھ هڪلو ڪارسرو ۽ ڳاڙهاڻ ڏانهن مائل هوندو آهي يا گهاٽو ناسي رنگ هوندو اٿس ته ان کي به مشڪي ڪوٺين، اشهب ادهم، ميرانجهڙو گهوڙو.

**سمنڊُ:**

هيءُ مڪائي جي داڻن جي رنگ جهڙو ٿيندو آهي، هن کي پڪو پيلو رنگ به چئي سگهجي ٿو. هنجون ٻشڪون ۽ پڇ

ڪارو هوندو آهي، هن کي ڪي پيلو يا پيئڙو به سڏين. هن کي جي منهن تي اڇو بانو يا ڇٽو هوندو آهي ته پوءِ ان کي يزيدي سَمندُ سڏين. پر ڪنوٽيون، بشڪون ۽ نريون ڪاريون هجنس ۽ پٺيءَ تي ڪارو پٽو هجيس ته ”شينهن سمندُ“ سڏيو ويندو آهي. اهڙي رنگ جي هڪڙي شينهڻ سمندُ گهوڙي، پير سائين پاڳاري جي خاندان ۾ مشهور هئي.
”تن جا آچارج اهڃاڻ، جي مٿي پيئڙن پهريا“

**بور/اشقر:**

بور نالي چون ”بور آهي شهزور“. هلڪڙي ڳاڙهي سونهري رنگ کان وٺي، ويندي گهاٽي ڳاڙهي رنگ تائين سيني گهوڙن کي بور بنائين. هن جا قسم آهن: ناسي بور، اڇن چانين واري کي چينو بور چئبو. ٽامائي رنگ واري کي، روجه رنگو [رانجهو يا رونجهو] ڪوٺيندا آهن.

**نظم**

مارئي تنهنجي ملڻ لئي سنجافون پلاٽيون سومري:
سرخين، سمندَين سنج پيا ٿو عمر انبلڪون اونڌري،
پل پليون بورون، باداميون بودليون هلن پنڌيري،
ڪُميتن، ڪَبوترين سان اٿيو، چينائڻ چٽا چري،
سُمند سراڙيندي وڃي ”سونهارو“ چئي ناز ناچ ڪري،
روجهي کي رؤ ڏاران نٿي ساعت هڪ سري.
مشڪيءَ تي مارئي، ٿو چڙهي سوين سينگار سَندري.

عاشق ٿيو عمر سومرو سو ٿو ويڙهه ڏي وري،
تنهن سان به ٿي پير پري، ڪر ڪا ملڻ جي مارئي!

گهوڙن جون نشانيون: پنج ڪلياڻ، جي ڪنهن گهوڙي يا گهوڙيءَ جون چارئي نريون اڇيون يا چارئي پير ڏوتل ۽ دوناڙ تي اڇو چٽو/بانو هوندو ته ان کي پنج ڪلياڻ ڪوٺين. اهي نشانيون ڪنهن به رنگ جي گهوڙي کي ٿي سگهن ٿيون.
پدم: پنج ڪلياڻ گهوڙي جي سنبن مٿان ڳاهين تي اڇيون منگليون ۽ ڪارا پٽا هوندا، ته اهو پدم چئبو.
تيرگوش: هلڻ ۽ پڇڻ ۾ ٻئي ڪن پوئتي ورائي پڇندڙ گهوڙو.
تيرگوش ڳڙهي: اتر سنڌ جو چونڙو گهوڙو پوئتان ڪن واري پڇندڙ.
ڪنڊل يا ڪنڊڙيو: ڪنهن جون ڪنوٺيون پڇڻ مهل هڪٻئي سان ٽڪري بيهن ۽ اڳيان جهڪيل هجن.
مينهن ڦريو: هڪڙي رنگ مٿان ٻئي رنگ جون ڦڙيون يا ٻڙيون ٻڙيون ڏسڻ ۾ اچن.

اڙل: ٻگھين ٻشڪن جي ايال وارو گھوڙو جو ٿھڻو، ٻهاڻ ۽ ڪڏڻو هوندو آهي. بودليو، ڪارو پنج ڪلياڻ جنهن جون پويون ٽنگون جهڪيل هونديون.

اَٽ منگل: اهو گھوڙو، جنهن جي پيشاني، پڇ، ٻشڪون اَيال، ڇاتي ۽ چار پير اڇا هوندا آهن.

بگلو: اڇي رنگ جو گھوڙو جنهن جي بدن تي سنهڙا ڳاڙها ٽٻڪا هجن.

داڦڙ: اهو گھوڙو، جنهن جو هڪڙو پير اڇو هجي.

آل: سرخ رنگ وارو گھوڙو.

اسڪول: جنهن جي سڄي ۽ کٻي هڪ هڪ ٽنگ اڇي هجي.

اُبت ڏاڙيو: اڳين ٽنگ جو کابو ۽ پوئين جنگھ جو ساڄو پير يا اڳين ٽنگ جو ساڄو ۽ پوئينءَ جو کابو پير يا ٽنگ اڇا ڏوتل هجن.

سبت ڏاڙيو: اڳيون ٻئي ٽنگون يا رڳو پويون ٻئي ٽنگون سفيد هجن.

گھوڙن جا ڪم: گھوڙا توڙي گھوڙيون سواريءَ، بار ڪڻڻ ۽ گاڏيون ڇڪڻ جي ڪم اچن، جنگ ۾ ته ڪم ئي گھوڙا ايندا هئا، جن جي لاءِ شاھ چيو آهي:

گھوڙن ۽ گھوٽن، جيئڻ ٿورا ڏينهڙا، ڪڏهن منجھ ڪوٽن، ڪڏهن راهي رڻ جا!

**اولاڪ:**
هنن گهوڙن تي ٿپال ڪٽي پهچائي ويندي هئي ۽ جن گهوڙن تي بار لڏيو ويندو آهي، تن کي ”بارگي يا بارگير“ گهوڙا ڪري سڏين ٿا.
گهوڙن جا عجيب ۽ غريب ڪرتب، سرڪسن ۾ به ڏيکاريا ويندا آهن.
**چم:**
گهوڙيءَ کي سٺي ٻڻ جهلڻ لاءِ اجورو ڏيئي ميڙائيندا آهن. هن جي پولهه تي چڙهي گهوڙو ڦريندو آهي، ڦرجڻ معنيٰ ڦر جهلڻ. هيءَ ٻارهين مهيني گهوڙي ويامندي آهي. هن جي نر ڦر کي وڇيرو ۽ ماديءَ کي وڇيري سڏين. اها وڇيري جڏهن وڏي ٿي ڦرجڻ جي ايامڪاريءَ ۾ ايندي آهي، تڏهن ان کي ڀهاڻ ڪوٺيندا آهن. وڇيرو ٽن سالن جو دوڪ، ٻه ڏندو يا سرل سڏبو آهي. پوءِ چوڳ چؤڏندو يا چؤسالو چون ان کانپوءِ پنجن سالن جو پانجاريو، اٺن سالن جو گهوڙو اٺور، ۽ بودڪي، ڇهن سالن جي گهوڙي سڏبي آهي، تيرهن سالن جو پور جوان هوندو آهي ۽ پوءِ پوئتي هٽڻ لڳندو آهي.
**سنجڻ ۽ پنڌ سيکارڻ:**

گھوڙن کي پنڌ سيکاريندڙ کي سئس سڏبو آهي. سئس پهريائين گھوڙي کي سنجيندو، ڇا ڪندو جو وات ۾ لوهه جو لغام جنهن جي لوهه جي ڪڙين ۾ سُٽ جون واڳون پيل هونديون، سو وات ۾ ڏيندس، جي شوخي اڙٻنگ گھوڙو هوندو، ته اَٽيرڻ ڪندس يعني لوهه جو الياڻ جنهن جون ڇهنبڙيون خاردار (ڪَنڊن جهڙيون) ٿينديون آهن، ٿوررڙيءَ ڇڪ اچڻ سان ڪاڪڙو روڙي ڇڏينديون آهن، سو وجهندس. لغام الياڻ ڏيڻ کان پوءِ ڪاڏيءَ هيٺان مڇيءَ سان هڪڙي پٽهڙ يا ٻٽو رسو ٻڌي، اڳين ٽنگن جي وچ مان ڇڪي آٽي پيٽ وٽ تنگ سان سوگھو ٻڌن. ان کي ”لَوند“ چون. بعضي چمڙي جي وڏي پڻ لَوند طور ڪم آڻين. پوءِ چوندا ته هاڻي گھوڙو قواعد ۾ آهي.

لغام مٿان سرواڳ، جا پڻ سُٽ جي هوندي آهي ۽ ڪنن پويان ڪياڙ وٽ اٽڪي بيهندي. دونار تي مڇي هوندي، تنهن جي مٿان مکراٽو به ٻڌن يا ته نه، ڳچيءَ ۾ ٻگخور جو هن کي سوگھو ڪندو ۽ پوئتان سرڪڻ نه ڏيندو. پٺيءَ تي هڪڙو نيرو ڪپڙو جنهن کي ميل خور چون، سو رکي ان جي مٿان نود جو نهيل تل، تل مٿان ٽڙا يا ٽڙيون [ٽڙا وڏا ٿيندا آهن، ٽڙيون ننڍيون] رکبيون پوءِ انهن تي هنو رکبو آهي هنو گيدوڙي جي ڪاٺ مان نهيل هوندو آهي ۽ ان جي اڳئين حصي کي ”پُرٽو“ جو ڏٻي مينهن جي سڱن وانگر يا

انگريزي اکر ٿي وانگر هوندو آهي، پڇڻءَ ڪاٺيءَ ڪي اگهوڙ، پاسن ڪي پسرون، هني جي وچ ۾ هڪڙو چمڙي جو فوٽ سوا ٽڪر، جنهن جي ميخ پٺ ويڪري هوندي آهي ۽ اها ڪوڪن ۽ ميخن سان اگهوڙيءَ ۾ لڳل هوندي ۽ اڳ ٿڦٽيءَ وانگر سوڙهو، چم جي ڪشي سان پرٽي ۾ قابو ڪيل هوندو آهي، ان کي چون مرد اچل يا مرد شل. اهو بعضي چانديءَ جي تارن سان يا پرت پريل يا لسو هوندو آهي، هني جي مرد اچل هيٺان هڪڙو چمڙي جو پٽو ورائي گهوڙي جي پيٽ هيٺان چڪي، هني جي پاسي ۾ لوھ جي زبانن سان قابو ڪندا آهن. ان کي؟ تنگ چون، جو سيني سنجن کي سوگهو ۽ بلائتو ڪري بيهاريندو آهي. پوءِ هني مٿان ڪيس، چادر يا ٿوال چوٽو ڪري رکي ان کي به بئي پلاننگ سان چڪي پختو ڪندا، هني جي پسرن ۾ چمڙي جون وڏيون لوھ جي زبانن سان لڙڪيل هونديون آهن، جن کي ”دوال“ چون. انهن دوالن ۾ لوھ يا پتل جا رڪيب يا پاڳوڙا جي منديءَ نموني تي البت ٿهيل پيا لڳندا آهن، سي دوالن ۾ پيا لڙڪندا. اهي رڪيب به هوندا ۽ ٻنهي پاسي اٽڪيل رهندا آهن. اجا به هنو ڏرڪي يا گهِرڪي نه وڃي، تنهن لاءِ هڪڙو ڪپڙو جو رڱ رتل هوندو آهي يا ڳاڙهو حلواڻ، اٽڪل به پرهيه ڪن هوندو آهي، سو گهوڙي جي پڇ هيٺان اڙڪ ڏئي آٽي هني جي ڪڙن ۾ قابو ڪندا

آهن. وڏا ماڻهو وري لونگيون ڦيري ٻڌندا آهن. بهرحال انهن کي ”دُمچي“ نالو ڏنو اٿن. دمچي، گهوڙي جي دُنب تي پکڙي نه بيهي، تنهن لاءِ وري هڪڙو ٻيلهڙو وانگر چمڙو يا ٻيٽو ڏورو ان جي وچ ۾ روڪڻ واسطي ڳنڍيندا آهن، جنهن کي ”پُشتنگ“ ڪوٺين. انهيءَ نموني جيڪي ٽيڙ گهوڙي مٿان رکن، تن کي ”اُڙدڪ يا سنج“ ڪوٺين. هني مٿان ڪپڙو ٻڌي رکڻ کي ”گاشو“ چون. ڪي وري هني جي سنجن بجاءِ زين رکندا آهن. زين سڄي چمڙي جي ٺهيل هوندي آهي، جنهن ۾ هيٺان تل جو نمد پاسن ۾ رڪيب دوالن سميت هوندا آهن. فقط ميل خور رکي ان جي مٿان رکبي آهي. گهوڙو سنججي تيار ٿيو، ته سئس يا سوار لڪڻ هٿ ۾ کڻي، پير رڪيب ۾ وجهي، هڪڙو هٿ بشڪن ۾ جو واڳ سوڌو هوندس، ٻيو هٿ هني جي اگهوڙيءَ جي آڌر تي ٽيڪي، لانگ ورائي چڙهي ويهندو آهي ايال يا بشڪون گهوڙي جي ڪنڌ جي وارن کي چئبو آهي. ڪو وري اڙي سان چڙهندڙ واڳ جون به ڳليون ٿين، هڪڙي هن پاسي ته ٻي هُن پاسي واري سڏبي آهي. جيڪڏهن ڪو شوخ شرير گهوڙو هوندو آهي، ته سوار کي خاص موزا پيرن ۾ پيل هوندا آهن، جن جي پاسن کان اُپيون ميخون ظاهر بيٺل هونديون آهن، جن کي مهميزون سڏين، اهي مهميزون

Gul Hayat Institute

گهوڙي جي بغلن ۾ هٽي هن کي نرا کٽڻ يا مٿي اُپرڻ کان روڪيندو آهي. نه ته رڳو اَڙيون (اريون) پيو هٽندس.

**بار واري گهوڙي جا سنج:**

پر بار کٽڻ وارن گهوڙن کي وري هن ريت سنجِيندا آهن. پهرين ميل خور، ان جي مٿان ٽپڙي يا تل، ان جي مٿان ''ٻنهي'' يا مَلهو، هن ۾ ڳوٽيون يا ٻُه پريل هوندو آهي، يا اڳڙين پريل وريي وانگي جيڪو لوهه جي چمٽي وانگر پيو ڏسبو. مٿان رکي ان تي وري ٻيون ٽپڙيون يا ڳوٽيون رکي، چڪي تنگي ٻڌي سوگهو ڪندا آهن. پوءِ مٿانئس بار کٽڻ جو کڙيو، خرزين ٻورو يا ٻوجهو رکندا آهن. ساڻي ماڻهو وري مچيءَ جو ٽنگڙ رکن ۽ اڳ کان بل ڏيئي چڙهي ويهن.

**گهوڙي جو پند:**

گهوڙي جي هلڻ کي ٿور سڏين. جنهن جا ڪيترائي قسم آهن، ڏُگام، چرل، وچڙال، رَلو، چوٿو مُن، مُنِ، چوٿي، چؤٺ، آوار يا رؤ، تنهن کان مٿي ويرَ ڪرڻ ڪوٺين.

Gul Hayat Institute

**وکون:**

مادريو، چئوباز، چئو بار مٿي لس هلندڙ، وارڙيو، وارڙيو ويريو چوٺ، ٿور، سرارو، وک کاري هلندڙ هوندو ته لؤنبڪ، اڏ سراري، ٻَڪ، ''گهوڙو ڪري ته ڪري ٻڪ!'' جي رَلي ۾ پير کاري هلي ته ٻٽڙ چون. ٻڪ ۾ پير

گهلي ڪٽندو آهي. گاڏي واري گهوڙي جي پنڊ ڪي ڏُگ، تراٽ چون. چڙائي پڳل گهوڙي جي پاڄ ڪي، گيالف يا ميدان چون ۽ ان جي سنبن جي آواز ڪي ڪڙباٽ ڪوٺين. اسان جي پٽ ۾ گهوڙن جا سئس سوار هيءُ ٿيا آهن:

**سوار:**

سنڌ ۾ مشهور گهوڙا سوار رهيا آهن، انهن ۾ پريو پنهور دنبالو، مرزو لغاري ڳوٺ سعيد خان لغاري، وسايو ماڇي ويٺل بودو ماڇي، شير محمد فقير ويٺل ڊير لڳ ڦلهڏيون، بچو سهتو ٽنڊو باگو، قادن شاهه ميرواهه، استو جمعو حجام ۽ استو متارو حجام ٽنڊو الهيار، جعفر شيدي محبت ديرو، عيدو مگٽهار پير جو ڳوٺ، مرزو ڪالرو ويٺل ڏتو ڪالرو تعلقو ٽنڊوالهيار.

**گهوڙن جا ٻيا ڪم:**

اسان مٿي چئي آيا آهيون ته گهوڙا، سواريءَ ۽ بار کڻڻ جي ڪم اچن ٿا، پر گاڏين ۾ به وهندا آهن. جنهن گاڏيءَ ۾ گهوڙو جوٽيل هوندو آهي، تنهن کي گهوڙي گاڏي چئبو آهي، ۽ جن گاڏين تي ماڻهو سواري ڪندا آهن، تن کي ٽانگو، ٽم ٽم، وڪٽوريا يا وڏي گاڏي سڏبو آهي، ۽ جن گاڏين تي بار ڍوئبو آهي، تن کي گهوڙي بار گاڏي ڪوٺين. گهوڙي گاڏين جو رواج انگريز حڪومت جي ڏينهن ۾ هتي پيو هو.

جيڪو گھوڙو گاڏي ۾ ھلائڻو ھوندو آھي، ان کي اول ڪيڙيندا يا پؤن يا پاڻ ڏيندا آھن. يعني اکين تي لغام واري آنڌاري چاڙھي ڳچيءَ ۾ ھسلي يا طوق وجھي، انھيءَ جي ڪنڍن ۾ رسا وجھي، سي ڪنھن تختي سان يا پاڻيي سان وڪوڙي، ان تختي تي ڪوچوان چڙھي بيھي گھوڙي جي لغام جون رئنون ھٿ ۾جھلي، چھبڪ ڪٽي، گھوڙي کي ھلڻ سيکاري گاڏيءَ جي وجھ جو بنائيندو آھي. گھوڙو تيار ٿيو ته وڏيڪ پٺيءَ تي پنڊي رکي ان جي بارڪشن ۾ گاڏي جا پول ڦاسائي ۽ ڳچيءَ واري طوق سان چمڙي جا جوٽا ڳنڍي، سي پولن جي پڇاڙيءَ وارن ڪنڍن ۾ اٽڪائيندا ته گھوڙو، گاڏيءَ کي چڪڻ شروع ڪندو.

**جنگي گھوڙا:**

گھوڙا خاص طرح جڏھن جنگ جي ميدان ۾ ڪم ايندا ھئا، تڏھن انھن کي ”غازي مرد“ جو لقب مليل ھوندو ھو. حضرت عليءَ عليه السلام جي گھوڙيءَ کي ”دلدل“، امام حسين جي گھوڙي کي ”ذوالجناح“ ۽ رستم پھلوان ايران جي گھوڙي جو نال ”رخش“ ھو. حضور نبي ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن، جنھن گھوڙي تي چڙھي معراج ڪيو، تنھن کي ”براق“ ٿا ڪوٺين. گھوڙا جنگين ۾، دشمن جي لشڪر سان لتن ۽ چڪن سان وڙھندا ھئا،

Gul Hayat Institute

پنهنجي سوار جي زخمي ٿيڻ يا مرڻ تي ان جي ڪمربند ۾ چڪ وجهي آڻي پنهنجي چاوڻيءَ ۾ چڙهيندا هئا.

**ذوالجناح:**

امام حسين عليه السلام جي گهوڙي جو، ٻارهين ٻارهن مهيني يعني هر سال ماه محرم ۾، امام جي شهادت کي دل تي تازي رکڻ جي لاءِ ذوالجناح جو سرگس ڪڍيو ويندو آهي، ۽ ان کي سٺي نموني سينگاريو ويندو آهي ۽ اهو سينگار هن پر هوندو آهي: هن گهوڙي تي گهٽو ڪري پنج سنجي رکندا آهن. پنج سنجيءَ ۾، سنجن کان سواءِ گهوڙي جا ڳهه يا ساج به شامل هوندا آهن، جهڙوڪ: تل ۽ ٽڙا زريءَ يا مقيس يا پٽ جا پرت پريل ٿين. پهرين زريفت يا چمڪندوزيءَ تي جهل ان جي مٿان تل ٽڙا، پوءِ هنو ٿنگي ۽ ڊوال به چانديءَ جي تارڪشيءَ تي پريل هوندا، هني جي پرٽي ۾ پاڳ يا دَستار ٻڌي ويندي آهي، هني جي ٻنهي پاسن کان ڍالون يا سپرون مع تلوارن سوني يا چانديءَ جي قربانن يعني مٿين سان، مخمل جي مياڻن يا ڪُپن ۾ پيل، مٿان پاسيريون ٻڌل رهنديون آهن. گهوڙي کي ڳچيءَ ۾ ڳانيون، هسليون، سرواڳ، ڳلخور چانديءَ جي جنوئي ۽ ٻيا ٽيڙ يا ڳهه چاندي جا پڻ وجهن. جي چانديءَ جي تائيڻن ۽ نُٻدين سان جڙت جڙيل هوندا آهن. ان کان سواءِ موتين جون سرون لڙهيون تائيٺ ڪنمالون ۽ چندن هار پڻ وجهندا

آهن، گهوڙي جي دونار تي سون جون دهريون ۽ رومال ريشمي به ٻڌن، پيرن يعني سنبن کي گلابي يا ڳاڙهو رنگ ڪري، انهن ۾ پازيب، نورا چانديءَ جا پائين. پڇيءَ تي دنب مثان چاندي جا ڦل دمچيءَ سان گڏ ٻڌن، جي وڏا ويڪرا تائيث هوندا آهن ۽ ٿي هڪ طرف ته ٿي ٻي طرف دنب تي پکڙيل رهن ٿا. اهو گهوڙو هرهڪ پڙ تي جهنڊي ۽ مسجد ۽ ڪنهن اولياءَ الله ۽ سيدن پيرن جي حويلين جي چائنٺن تي مٿو ٽيڪيندو رهندو آهي. هن کي امام بارگاهن مان سينگاري ڪڍندا آهن.

**سرڪس جا گهوڙا:**

گهوڙا سرڪسن ۾ به عجيب ۽ غريب ڪرتب ڏيکارين ٿا. جهڙي رنگ جو رومال گهرجي، اهو رنگ آڻين. پيتي پٽي يا ذرتيءَ مان پوريل شيءِ ڪڍي اچن، پنهنجي ماسٽر جي چهبڪ يا اوڱيءَ جي اشاري تي ڪيترائي جانبازيءَ جا ڪم ڏيکارين ٿا.

**گهوڙي جو بيان:**

گهوڙي جي پيرن کي سنب، گهوڙي جي چيٽي کي لڏ، هن جي آواز کي هڻڪار ۽ جڏهن زورائتو آواز ڪندو آهي ۽ نڪ جون چوٽيون پيون لڳنديون اٿس، تڏهن انهيءَ آواز کي زيل چون. اڳيان پير مٿي ڪٽي ته انهن کي دڙها ۽ پويان پير مٿي ڪٽي اُڇلي ته انهن کي پستيون هڻڻ سڏين. گهوڙي

ڪي پنج واتي يا پنج هٿي بلا ڪري ڪوٺيندا آهن. چاڪاڻ ته اڳين توڙي پوين ٽنگن سان ته وڙهي، پر وات سان به چڪ هڻندو آهي. گهوڙي جي اڳئين پير ۾ هڪ رسو وجهي ٻڌجي ته ان رسي کي اڳياڙي ۽ جي ٻنهي اڳين پيرن ۾ به رسا وجهي ٻڌجي، ته انهن کي ”ڏُدستي“ چون. پوئين چنگه جي هڪ پير ۾ پيل هڪ رسيءَ کي ”پچاڙي“ ۽ ٻنهي چنگهن ۾ پيل ٻن رسين کي ”ڏُپري“ سڏين. گهوڙي کي گهٽو ڪري چيڪ يا اجلا نه چڙين. گهٽو ڪري لغام يا ڳچي ۾ ڳراهو رسو يا ٻوٽ تي ٻوٽاڙو ڏنل رسو هوندس، جي چرندو ته پير ۾ ٻگهو رسو وجهي پاڍي چڙهيندس. جيئن رسي جي ڊيگهه جيتري ٻائڙ ۾ چوڌاري ڦري پيو چرندو، جي پاڍيندس، نه ته پوءِ پيرن ۾ ڏاوڻ يعني ٽوڙهو وڪوڙي وجهندس يا نير يا شڪيل هڻندس. هڪڙي گهوڙي تي چڙهي ۽ ٻئي گهوڙي کي واڳ کان وٺي هلڻ کي ڪؤنتل ڪوٺين، پر گهوڙي تان لهي واڳ کان جهلي هلڻ کي گهوڙو ڏورڻ چوندا آهن. گهٽن ٻڌن جي آواز کي ”ڏيڪار“ چون. جتي گهوڙو ٻڌجي ان جاءِ کي ڪُڙه يا طنبيلو ڪوٺيو ويندو آهي. جي اهو اونداهو هوندو بونئر يا ڀهرو چونس.

## گهوڙن جو ڪاٺو:

گھوڙو گاھ برسيم، لوسڻ، ڪتر ڪانا ٿوٿا چرندو آهي. جنهن جاءِ تي اهي سندس کائڻ لاءِ رکن اتي کائين جي آڏ ٿاهين ان جاءِ کي ”اورٿو“ ڪوٺين. ڪن گهوڙن کي مالڪ روزانو ”داڻو“ به ڏيندا آهن يعني ٻاجهر يا ڪڻڪ جا داڻا توبري ۾ وجهي، توبرو هڪ ڳوٿريءَ وانگر ٻگهيرڙو ڳوٿرو يا ڪوُنڙو يا ڀاهوڙو آهي، جنهن جي ترَڪي اڌ تائين چمڙو ۽ مٿيان ڪرڙي وانگي ڏاس جو جڙيل ٿئي ۽ اُبنگ وانگر ڪشو پيو هوندو اٿس. هن کي ان سان پري گهوڙي جو وات اندر وجهي، پوءِ مٿان ۽ ڪنن پٺيان ڪشو اٽلائي چڙهين ته بيٺو چرندو آهي، ۽ جڏهن اهو توبرو خالي ٿئي ته هڻنڪندو آهي، ۽ مالڪ پوءِ تان توبرو لاهي وٺندو اٿس. اسان وٽ چوڻي آهي ته ”ٽٽوءَ کي ٽارو، تازيءَ کي اشارو“ ٽٽو چئبو آهي، بندري چوڻي قد واري گهوڙي کي، جيڪو ڍرو هلندو آهي، ان کي ٽارن يعني چڙين چاٻڪ، تلهڙن، لڪڻن، لٺين، ڏڪن سان پيا هڪليندا آهن، پر تازي يعني عربي، عراقي يا ترڪي گهوڙي جي نسل وارن کي رڳو اَڙي هڻبي ته واءُ ٿي ويندو آهي. اهي گهوڙا پلا ۽ قداور ٿيندا آهن. جن گهوڙن کي ميڙائڻ واسطي سانھ ڪري بيهارين تن کي چون ته اهو گهوڙو ”ڏرند“ آهي، يعني گهوڙين تي پوندڙ يا ڦرندڙ آهي.

**گهوڙن جون بيماريون ۽ علاج:**

گھوڙن کي ڪيترين ئي بيمارين ۾ مرض ٿين ٿا، جي چاڻو ماڻھو ڏسي سڃاڻي انھن جو علاج ڪندا آھن، تن مان ھيءُ مشھور آھن.

**چڪار:**

سنب مٿان ڳوڙهو نڪري پوندو آهي، جنهن کي ڏنپ ڏيندا آهن، ته آهستي آهستي نسوئجي ويندو آهي.

**هڏڙي:**

نريءَ يا گوڏي ۾ نڪرندي آهي، هن کي به ڏنپ ڏيندا آهن.

رس پاڻي: سنبن مٿان مُچا مُچا ٿي بيهندا آهن، انهن کي ڏنپ ڏيئي چڏائين، بعضي انهيءَ رس مان هڏ به پيدا ٿي پوندو آهي.

باديو: گوڏن ۾ هوا يا پاڻي پرجي پوندو آهي، هن لاءِ ڏنپ به ڏين ۽ گھوڙن کي دوائون به کارائيندا آهن.

**ڪامون/ڏندن جون مهارون پرجڻ:**

هنن پرجڻ ڪري چُري نه سگهندو آهي، اندران مهارن جون سيرون چوڙيندا آهن.

ماچو: اڳينءَ ٽنگ ۾ ٿئي ٿو، وهٽ سڌي ٽنگ ورائي نه سگهندو آهي، هن ريت ڏنپ ڏين. چا ڪن جو، جنهن ٽنگ ۾ ماچو هجي ان جي ابتڙ پاسي واري ڪن جي پاڙ ۾ ڪوڪو تپائي نبض تي رکي ڏنپ ڏين.

**سرگهيل:**

Gul Hayat Institute

هيءُ زڪام وانگر آهي، هن جي لاءِ ٻاجهريءَ جي ماني پچائي کارائين، آڏيريءَ جي ڏينن جو واس ڏين يا ڪاريون اڳڙيون نير ۾ ٻڏليون ساڙي انهن جو دونهون نڪ ۾ ڏين.

**سرگهيل هڏ ڦاڙ:**

هن ۾ وهٽ اکين مٿان يا نڙيءَ وٽان ڦاٽي پوندو آهي، هن واسطي دوائون ۾ مالا ڏيندا آهن.

**سرگهيل سڪو:**

گهوڙو ٻوڙائي ٻوڙائي يڪدم پاڻي پيارڻ ڪري ٿيندو آهي.

پونهار: پوئينءَ جنگهه ۾ ٿيندو آهي، جنگهه چڪجي بيهندي يا منڊي ٿي پوندي آهي.

بند: هن جي معنيٰ آهي چوڪڙو، ٽڪجي پوڻ ۾ عضون جو ٻڌجي پوڻ. تنهڪري وهٽ وڏيڪ هلي نه سگهندو آهي، رڳو پيو ٻڌ ڏيندو آهي. هن جي لاءِ ڪٿي جهڙي ڪيڙي ۾ ماهو چيڻو وجهي، نپوڙي، اهو پاڻي ٻاجهريءَ جي داڻن سان ملائي کارائبو آهي.

**آبگير:**

گهڻي ان کائڻ کان پيٽ ٻڦجي [آڦرجي] پوندو آهي، جنهن کي آڦري به چون، گيهه اوتيندا يا نائيندا آهن يا تيل ۾ ڏڌ به پيارين.

**پيٽ جو سور:**

بڪيي گهوڙي ڪي گهٽو ٻوڙائبو ۽ پوءِ گهٽو گاهه ڪائيندو يا گهٽو پاڻي پياربو، يا سڪل ٻه چرندو، ته سور پوندس، هن لاءِ ڏُن ڪان چار آڱر اڳيان پيٽ تي ڏنپ ڏيندا آهن.

**چيلهه جهلجڻ/واءُ ٿيڻ:**

پڳهريل گهوڙو، يڪدم پاڻيءَ ۾ وهنجارڻ سان جهلي پوي ٿو.

**چٺو پوڻ:**

سنج برابر ۽ چڪي رڪيل نه هوندا، ته پٺيءَ ۾ چٺو پئجي وڃي ٿو.

**جهڙ لڳڻ:**

اڳين پيرن جو سنب ٻئي نسب سان هلندي ٺڪربو آهي.

**منيا هڻڻ:**

اڳئين پير جو سنب ٻئي پير جي ڳاهيءَ يا مريي تي لڳندو آهي.

**چاڻو ٿيڻ:**

گهوڙين کي ٿيندو آهي، ڦرجڻ جي لاءِ وَهه چڙهندي اٿن. هن لاءِ گهوڙو ميڙائين، نه ته پاڻهي چڏي ويندو.

ٿابو: وهٽ جي ڪمزوريءَ ڪان اوچتو هلندي پير مڙي يا اٽڪي پوندو آهي.

Gul Hayat Institute

خاص طرح خفتين ۽ چاڙُن وٺ وهڻن جا ڪيترائي علاج آهن.
ريج: پڻ هڪڙي بيماري آهي جنهن ۾ وهٽ ”ڏچر“ يعني گهٽ ڪائيندو ۽ چرندو آهي، ”سچر“ نه هوندو آهي يعني جيڪي ڪائي سو جيوري وڃيس.

**برساتي/بدڪنار:**

هن ۾ رت ۽ چمڙي جي خرابي ٿي ويندي آهي.
بدنام: هن ۾ گهوڙين کي سنبن، گوڏن، ٽڙن ۽ سار ۾ ڦٽ ٿي پوندا آهن.
باد خور: هن مرض ۾ گهوڙن جا وار ڇڻي پوندا آهن.

**خچر ۽ گڏهه:**

هنن ٻنهي جانورن کي هڪڙي دفعي ۾ شمار ڪيو ويندوآهي. خچر تڏهن پيدا ٿيندو آهي. جڏهين گهوڙيءَ مٿان گڏهه ٽپي لڳ ڪندو آهي ۽ جڏهن اها گهوڙي ويامندي آهي، ته هڪڙي اڌوگابري گاڏڙ جنس جانور پيدا ٿئي ٿو، جنهن کي خچر ڪوٺين.

**خچر:**

نر جو نالو خچر، ماديءَ جو خچري آهي. جڏهن خچري خچر مان ڦر جهلندي آهي، ته ويامي ڪين سگهندي آهي. پوري ٻارهين مهيني ان جو پيٽ چيري ڦر ڪڍندا آهن ۽ ان کي استر چون. اهو استر بار ڪڻڻ جو مضبوط جانور ليکيو

ويندو آهي. چون ٿا ته ان جي چٺني ڪرن جي هيٺان چار پڪيون سرون رکي پوءِ مٿانئس بار پيو لڏبو آهي ۽ جڏهن چارئي سرون پڇي پور ٿي پونديون ته بار رکڻ بند ڪندا اٿس. ڪن جو ڪاٿو آهي ته سرن جي پڇڻ جي لاءِ به اٽڪل سؤ مڻن جو انداز هئڻ ضروري آهي. هتان جا پير سيد ۽ وڏا ماڻهو پنهنجي سفر لاءِ محافن ۾ سواري ڪندا هئا ۽ انهن کي خچر ڪاهيندا هئا.

انگريزن جي ڏينهن ۾ سرڪاري توبخانو خچرن کان چڪايو ويندو هو. اهو توبوخانو اهڙو ڳرو هوندو هو، جو فقط هاٿي چڪي سگهندا هئا. ڏس آهي ته خچر جي پچ جو وار ماڻهوءَ جي ٿيل هسي جي ڳوڙهيءَ جي پاڙ ۾ چڪي ٻڌي ڇڏبو آهي، ته پنجن ڇهن ڏينهن کان پوءِ هسو ڇڻي ويندو آهي.

**گڏه:**

سؤنٿي هجي ساڻ ته گڏه گوهي نه ڪري!

گڏهن تي نبين سواريون ڪيون آهن. اڄ به حضرت عيسيٰ عليه السلام جي گڏه تي مقبرو ٺهيل آهي، هن جي پوڄا ڪئي ويندي آهي.

هيءُ تمام سستو، ٿورکائو پالتو جانور آهي. هن جي نر کي گڏه، خرُ يا کرُ ۽ ماديءَ کي گڏهي ڪوٺيو ٿو وڃي. هن جي مادي، ڦرُ جهلڻ مهل چاٻا ڏيڻ لڳندي آهي، ان مان

سمجھ ۾ اچي ٿو، ته هن کي ڦرجڻ جي خواهش گھٽي ٿي رهي آهي. گڏهي ٻارهين مهيني ويامندي آهي. نر ڦر کي کودو يا کودڙو مادي ڦر کي کودي يا کودڙي سڏين. جڏهن کودي لڳڻ جي ايامڪاري ۾ ايندي آهي ته ان کي ٻيهاڻ ڪوٺين. وچ عمر ۾ ڪيري ٻه ڏندي، دوڪ، ڇئو سالي وغيره ڏندن موجب شمار ڪن.

کر کودڙيون کر کودڙا، تن جا ٻئيءَ چوٽ ٻهاڻ، تني جي رهاڻ، گلو سڄوئي گار ڪيو!

**گڏهن جا رنگ:**

ٻاجهريو، ڪٽڪ رنگو، ٻالهڙو، نيرو [عام رنگ]، ٽامڙيو، ڳاڙهو، ڪارو نپور، اڇو بگو، ۽ ڪار چوٽيو، جنهن جي ڪنن جون چوٽيون ڪاريون ۽ پاڻ اڇو هوندو آهي ۽ ديڪن وارو پڻ ٿئي.

**نسبتي نالا:**

خراساني: ڏگھو، قداور بدن جو مضبوط خراسان ملڪ جي نسل وارن مان آهي. هتي گھٽو ڪري پٺاڻ خرڪار مٽيءَ جي ڪم ۾ واهيندا آهن.

**لاسي:**

قد ۾ خراسانيءَ کان لاٺيرو پنڌ جو تکو، گھڻو ڪري سواري جي لاءِ ڪم اچي.

**سنڌي:**

هن جا گھڻئي قسم آهن، بدن جو هلڪو ۽ قد جو ننڍو ان کي ”ٽڪرُ“، ڪوٺين. سنڌي مضبوط ۽ وڏن گڏهن ۾ خاص طرح پاگھل، ويسر ذاتيون جي حيدرآباد لڳ ٿا رهن ۽ ڪنڀار ۽ چوهاڻن جون گڏهيون مضبوط تکيون ۽ قداور هونديون آهن. سندن پانچ پنج، ساڍا پنج فوٽ هوندي آهي.

**گڏھ:**

داين، ٻٺارن، جنڊاهوڙن، شاھ جي شڪارين ۽ ٻيون جيڪي سنڌ ۾ لاڏاڻو [خانه بدوش] قبيلا آهن، تن وٽ اوس آهن ئي آهن. اهي اهڙا مشهور ناهن رڳو بار برداريءَ ۽ لڏڻ ڍوئڻ جو ڪم ڏين ٿا.

**گڏهن جا ڪم:**

ڪنڀار، گڏهن تي ڪڙيو کاهي چاٽي يا بوجھو رکي ان تي ٿانون جوڙڻ جي لاءِ سڪي مٺي آڻين، ”آونگ“ يعني رڌ پچاءَ جا نڪر جا ٿانوَ ٺڪرڙ ۾ وجھي لڏين ۽ ڪٽي وجي وڪڻن، اوڏ، گڏهن تي ڪاٺ جا ٻندا، جندرا يا ڪجاوا رکي، انهن تي آلي مٽي ڍوهي پٽيون بنائين. دايا ۽ ٻٺارا توڙي خرڪار، گڏهن تي سرون، واري ۽ پنجو ڍوئيندا آهن. هاڻي گڏھ گاڏيون به نڪتيون آهن. جن ۾ گڏھ ٻڌجن.

ٿر ۾ گڏهن سان هرَ ڏين ۽ جندرا رکي پري پري کان پاڻي پري اچن. پورهيت ماڻهو جهنگ مان ڪاٺيون وڍي گڏهن تي لڏ رکي اچي شهرن ۾ وڪڻن. عام طرح ڀهراڙين ۾ گاهه پٺي، ان پيهائڻ وغيره جي لاءِ هر هڪ ماڻهو وٽ گڏهي هوندي آهي.

**گڏهه جو ڪاڏو:**

خاص ذاريل گڏهن کي ماڻهو هٿ جو ڪيل گاهه کارائين، ڪن کي داڻو به ڏين نه ته گڏهه جهنگ چري گند ڪچرو کائي پيٽ پري ٿو. گڏهه وري اهڙو نٽر ٿيندو آهي، جو هوڏ ٻڌي بيٺو ته هٽي ماري ڳيا ڪري ڇڏينس حرام جو هڪڙي وک به وڌيڪ هلي! اتي بيٺو اِٿ هٽندو. اِٿ چون پوين چنگهن جي ٻڌيون ٻڌيون لتون هڻڻ چوندا آهن. ان کي پست اچلڻ به چون، پلين گڏهين کي پوئينءَ چنگهه ۾ پنجوڙي ۽ اڳيان ڳراهو وجهي ٻڌن. هڪلڻ مهل تکن گڏهن کي لغام ۽ ڍرن کي پوٺاڙو يعني رسيءَ جو وڪڙ پوٺ کي ڏيئي چڙهي ويهي هڪلين. ٻنارا دوا يا اوڏ جن وَٽ گهڻا گڏهه هجن، سي هڪڙي ڏگهي رسي ٻن ڪلن ۾ ٻڌي انهيءَ ۾ ٿوڙهو ٿوڙهي اٽڪائي گڏهن جي پوئين چنگهه ۾ ٻڌن. ان رسيءَ کي ”تندو“ چون.

اسان جي ملڪ سنڌ ۾ وڏا ماڻهو گڏهه تي سواري ڪرڻ عيب سمجهن، پاڻ جي ڪنهن کي شرعي تعذير ڏيڻو

هوندو اٿن ته ڏوهاريءَ جو منهن ڪارو ڪري، موچڙن جي ڪنڌي ڳچيءَ ۾ وجهي، گڏھ جي پولھ ڏانهن منهن ۽ ٻوٿ ڏانهن پٺ ڪري ان ماڻهوءَ کي چاڙهي سڄو شهر ڦيرائيندا آهن. هوڏانهن عرب ولايت ۾ گڏھ جي سواري فخر جاتي ويندي هئي.

**ڏھ ڀلاڻ:**

سواريءَ واري گڏھ کي وات ۾ لغام ۽ ان ۾ واڳون مٿان سرواڳ، ڳچيءَ ۾ ڳانيون ۽ ڳانديا يعني ڳنڍين وارا وٽيل ڪارا ڌورا. ڳلخور، ٻوٿ تي مڪراڻو ۽ ڳچيءَ ۾ مٽڪن جون سرون، وجهندا آهن، پوءِ پٺيءَ تي ٽيڙي رکي ان جي مٿان آٿر، جي پڻ ڳوٺين ۽ ٽيڙن مان ٺهيل آهن، انهن تي اينبدي، ٻنهي يا ملهو رکي تنهن جي مٿان رلي پڪيڙي، ڊاڪن تي ڪنر، جي سينهوڙن جهڙا ٿيندا آهن، جن کي ڪشي سان چڪي ٻڌبو آهي، آٿرن کي سوگهي رکڻ جي لاءِ پٺيان پولھ کان رسو ڪشڻ کي نوارو پڻ چڪي ٻڌبو آهي ۽ پيٽ وٽان تنگ.

پنڌ: گڏھ کي گهوڙي وارا سپئي پنڌ ٿيندا آهن، ڪن حالتن ۾ پلن کان پلن گهوڙن کي پنڌ ۾ به گڏهيون ميدان ماري ويندیون آهن.

**گاڏيءَ ۾ جوٽڻ:**

Gul Hayat Institute

”گڏھ گاڏي“ جو ٺانٺو، بيل گاڏيءَ جي ٺانٺي کان جان تان ننڍو ٿيندو آھي. اڳيان ٺانگي وانگر ٻه پول ھوندا اٿس، جن جي وچ ۾ گڏھ کي جوٽيندا آھن. گڏھ کي انڌاريءَ وارو لغام ٻوٽ تي چاڙھيو ويندو آھي. پٺيءَ تي پنڊي ۽ ان تي کڙائو يا ڪاٺي يا ھنو رکبو آھي. اھو ھنو لوھ جو چؤپيري منجھ وانگر ٺئي ٿي ان جي بار ڪشن ۾ پول ۽ چاتي واري طوق سان جوٽا، جي ھڪن ۾ ڦاسندا آھن، لڳل ٿين. بعضي ھڪڙو ته بعضي ٻه ٻه گڏھ به ان گاڏيءَ کي ڇڪين. وچ وارو آندرو ان کي ”جوٽو“ ۽ پولن کان ٻاھر واري کي ”جُٽ“ سڏين. پٺاڻ ماڻھو وري ان کي ”پُخ“ ڪوٺين.

**گڏھ جو بيان:**

اسان سان بڪيرا تعلقي ٽنڊي الھيار واري ڪنڀار نالي پانڌي جيڪو وڏي ڄمار جو ھو ڳالھ ڪئي ته: قاسم ڪنڀار ويٺل قيصر ڳوٺ لڳ ٽنڊوآدم واري وٽ ۽ مون وٽ گڏھيون پليون اٽڪل ساڍا پنج فوٽ پانچ ۾ ھيون ۽ پنج پنج مڻ بار خوشي سان کڻي رلي ۾ ھلنديون ھيون. ان وقت جيتوڻيڪ گھڻي سھانگائي ھئي، تڏھن به منھنجي گڏھ ساڍن ڇئن سون روپين ۾ ڄام ملوڪ، ڄام ڪانيوءَ جي مائٽ ورتي، جا اڄڪلھ جي ملھن موجب چاليھ ھزار روپيا لھندي.

گڏھن تي بار کڻڻ کان سواءِ ٻه ٻه ماڻھو ٻيلھ چڙھي سواري ڪندا آھن، ميرن جي صاحبيءَ ۾ ھندن جا سيٺيون ۽ واڻيا

وڪال گڏهن تي سواري به ڪندا هئا، ته وٽج واپار، وڪرُ وڙو به آڻنيدا نيندا هئا، ۽ ميرن جي ادب ۽ احترام ڪان ڪڏهن به گهوڙي تي نه چڙهندا هئا. انگريزن جي حڪومت جي اڌ صديءَ تائين منجهن اهو رواج هلندو آيو، تنهنڪري وچائتن وٽ به پلوڙ گڏه هوندا هئا. ڪي ماڻهو گڏهن ڪي رڱو پوٿاڙو ڏين، پر ٻنارا ته رڱو سؤنٺيءَ سان هڪلين ۽ ورائن. هن جي چيڻن ڪي لڏ، هن جي آواز ڪي هينگ، هن جي پيرن ڪي ڪرَ، پوين چنگهن ڪي ٺؤنٺيون چوندا آهن.

گڏه، اهو جانور آهي، جنهن ڪي پگهر گهٽو ڪونه ٿئي، پلي سڄو ڏينهن ڪاڙهي ۾ بيٺو هجي. تڪي گڏه ڪي سؤ ڪوهن جي منزل تي پهچڻو هوندو آهي، ته ٻوڙندي هر پنجويهن ڪوهن ڪان پوءِ هڪڙو ٻگهو ڦونگهارو هڻي، وري به رئيءَ ۾ پئجي ويندو. گڏهن وارن ڪي گاڏهي ڪوٺين.

گڏهن ڪي گهٽو ڪري چٽي جو مرض ٿيندو آهي، جو آٽرن جي گسڪڻ يا گهٽ هئڻ سببان بار گهٽي هئڻ سبب پٺيءَ جي ڪل رُڙي ويندي اٿن ۽ پوءِ اها چُڪي چُڪي وڌندي ويندي آهي. تان جو پٺي جو ڪنڊو پيو ڏسبو اٿن. اهڙي حالت ۾ بار ڪڻڻ ڪان نر رهندو آهي، مالڪ پڻ منجهائنس آسرو پلي هن ڪي چيڪ چڏي ڏيندو آهي. ٻٺي يا چٽي واري

هنڌ تي لڏ يا مٿي برڪي ڪانگ جو ڪنپ ٻڌي چڙهيندا اٿس ته ڪانگ نه پٽينس. چِڙِ گڏه ڪانگن کي ڏسڻ ۾ آيو ته پاڻيءَ جون ڇهنبون پري پري چٽي تي نئيندس ته پلي چڪي ۽ پوءِ منجهانئس ڇهنبون جهوڪي جهوڪي پٽي پيا گوشت ڳڙڪائيندا آهن. جي ڏٺي نه ٿيس، ته اهڙيءَ طرح ڪانءَ ماس پٽي پٽي کائي ماريندس.
گڏهن بابت ڪيتريون ڪهاڻيون ڪتابن ۾ گڏ ڪيون ويون آهن. اڳوڻا بادشاه جي ڪنهن امير تي ڏمربا هئا، ته ان کي جيئرو ئي جيئرو گڏه جو پيٽ چيرائي ان ۾ اندر سبائي پوءِ درياه ۾ لوڙهائي ڇڏيندا هئا.
سواريءَ جو پيو ڪو جانور منزل تي پهتو ته اولاٽي ٿيڻ يعني سنجن لهڻ کان پوءِ ڪنهن اچي پوٺي تي ليٽاڙيون پائي ٺڪ پچندو پر گڏه اتي جو اتي لڏ ۾ ليٽي پوندو. انهيءَ ڪري ته چوندا آهن: گڏه لڏ ۾ ليٽي پنهنجي پسوري پڌري ڪندو آهي. هن وقت پاڪستان ۾ يارهن لک گڏه موجود آهن.

**ڳائو مال:**

ڳائي مال ۾ ڍڳيون، ڍڳا ڳابيون ڳابا اچي ٿا وڃن. هن مال جي ڌاريندڙن توڙي چارنيدڙن کي ڳنوار، آهير، ڳانئچو، ڌنار يا ڌراڙ ڪوٺين ٿا. ڳابن ۽ ڳابين جي چاريندڙ کي ڳابار سڏيو ويندو آهي.

هيءُ مال بُهي يا اُجوري تي به چاريو ويندو آهي ۽ اَڌياري تي به جنهن جو مطلب آهي ته جيڪي ڦر - لار ٿيندا سي مالڪ ۽ چارنيدڙ پاڻ ۾ اڌواڌ ڪري ورهائي ڪڻندا، يا چوٿ تي، يعني چئن ڦرن کان پوءِ هڪ بُهيءَ ۾ ڏنو ويندو يا رڳو ڏوپ تي ڏنو ويندو آهي. ڪٿي ته چاريندڙن جا پگهار به مقرر ٿيل هوندا آهن.

ڏوپ تي ڏنل مال جو کير چاريندڙ ڪتب آڻيندا ۽ ڦر - ڦلا ٿين مالڪن يعني ڀاڳين جا، ڪي ته ڏنارن کي وري (ورهيو) به ڏيندا آهن. هڪ سال جي توڻ ڳائي ۽ ماهي مال کي ڳڏي وانديون چون، ٻنهي مالن جي ڳڏيل ڌڻ کي گوهر ڪوٺبو آهي.

ڳئون، ڏهين مهيني ويامندي آهي. هن جي نرڦرن کي گابو، وهڙو، ڳوڏو، ٻڙڌو، بلد، بيل، ڏاند، ڍڳو نالا ڏين ۽ مادين کي گابي، وهڙي، اوسر، ڳانءِ، ڳئون ۽ ڍڳي سڏين.

**چمار بابت:**

اَلياوڙو، [تازو چاول ڦر] ۽ کيرو، [کير ڏائڪ ڦر] پوءِ چڇٽ، تنهن کان پوءِ اوٺاڪ [جنهن کير ڏائڻ ڇڏيو هجي] پوءِ ٿيندو ڪنبرايل، يعني نوان ڏند ڪڍڻ لڳندو، ٻن سالن جو ٿيو ته به ڏند نڪرندس ۽ هن کي ٻِگو، دوڳ، ٻڙندو يا ٻڏندو سڏين. چار ڏند نڪتس ته چوڳو، ڇهه ڏند نڪتا ته ڇڳو، اٺن ڏندن وارو آڏي، ان کان پوءِ مڙيل يا موٺيل، اٺن

سالن کان پوءِ گوندريو ان کان پوءِ سپ ڏند ڇٽي پيس ته پوءِ ٻُڍيا پوڏ.

ناري پاسي ڳئون جو ڦر/گابو/گابي) وڏي ڳئون/ٿيڻ تائين هيءَ مرحلا طي ڪندو آهي:

1. ڏاوچ [ڪير پيئندڙ]
2. ڪڙهي [ڪير ۽ ٻن چرندڙ]
3. چرهي [گاهه کائيندڙ]
4. گابي [ڏيڍ- ٻن سالن جي]
5. وهڙي [ٻه ڏندي]
6. ٿيهاڻ [ڍُڪي ٿيڻ جوڳي]
7. ڦهريات [ڦهريون ڦر ڄڻيندڙ]
8. ڳئون [سوا/آلوڙي]

ساڳيءَ ريت نرڦر، ڏاوچ، ڪڙهو، چرهو، گابو، وهڙو ۽ پوءِ سانُ ٿيندو آهي.(1)

ڪو وهڙو آماهيو يعني شهوت ٿيس، ته ٿيو آنڪو سانهه. ان کان پوءِ پڪو سانهه ۽ ڏيگين سان ڇڙواڳ هليو ۽ ڦرڻ لڳو ته ٿيو بجار سانهه. گابي شهوت ۾ اچڻ لڳي ته ان کي وهڙي يا وهريل چون، وهه، چربيءَ کي چئبو آهي. قدرت ڍورن جي پٺيءَ اندر سار کان سڌو مٿئين پاڳي ۾ چربيءَ جي ٻُور يا داڻ داڻ پيدا ڪندي آهي، جڏهن اها گهٽائي ۾ ٿيندي آهي، ته وهڙي ڦرجڻ جي لاءِ آتي ٿيندي آهي، ڇو ته ان ٻُر ٻُر ۾

Gul Hayat Institute

گهڻي گرمي هوندي اٿس ۽ بدن پيو پوسرندو اٿس. اهڙي گابيءَ کي بوراڪ، لاڳڙ يا اوسر سڏيندا آهن، جيستائين نر سانُ اُن پور کي جنهن ۾ ڏاڍي تپش هوندي آهي، پنهنجي بوند جي هڪڙيئي جهوڪ سان ڪرڙي نه لاهيندو آهي، تيستائين اها وهريل ڏاڍي وياڪل ۽ پريشان پئي ڦرندي آهي. جڏهن ٻڙڌ کي ائين يعني ميڙائين تڏهن وجي سُڪون ٿيندو اٿس.

ميڙائڻ جي لاءِ، بجار سانه ڌڻ يا گوهر سان گڏيو پيو هلندو آهي، جي ڪا هڪڙي ٽَڪَ هوندي ته ڌڻي پاڻ ڦيرائي ايندو. پر ڌڻ جي حالت ۾ سانهه هرهڪ پوريل وهريل ڏيڳيءَ جي سار سونگهي ان جي پولهه تي اُبري چڙهي ڦرندو، جي ڦرڻ ۾ دير ڪندو ته ڌراڙ ڌُڪائيندس ۽ هشڪاريندس ان لاءِ مخرج سان هيءُ آواز ڪندو.
”دوئي.... دوئي.... ٿُر ٿُر... هم دو.... ٿُر ٿُر... همد دو.“.
انهن آوازن ٻڌن شرط بل ڏيئي سار ۾ بوند داخل ڪري، هڪڙي يڪي جهوڪ ڏيئي هيٺ لهي پوندو. جنهن ماديءَ تان چڙهي هيٺ لٿو ته اها ئي ڦريل يعني ڦر جهليل، ڏڪي يا لڳل ۽ جڏهن ويامڻ جي ايامڪاريءَ کي ويجهي ٿيندي ويندي ۽ جي اينوهه هوندي يعني نئي سامائي ۽ ڦري هوندي ته اوهه هيٺ لاهڻ لڳندي، جنهن کي چوندا ته اوهيل آهي ۽ ويامڻ ۾ مهينو ڏيڍ مس ڪيندي. باقي ٻن - چئن ڏينهن تي

بيٺي، ته ويامو چوندس. اچا به جي سارِ مان سوچ ٿيل حصو جنهن کي آس چون ٻاهر لڙڪندو ڏٺائون، ته پوءِ ته اِجهاڪي اِجها! جي وهر ڪٽي ويئي، ته چون ته هاڻ ولهامي ويئي آهي.

ڦهريات جي ڦهرين پيري ويامڻ تي ان کي ايهو، اينهن، ايهوڙي، اِنوڙي نالن سان سڏين ۽ تازي ويائل کي آلوڙي، گهٽن ڏينهن جي ويائل کي سُئا، سئا ڪير ڏهائيندڙ کي سڏبو، ڪير نه ڏهائيندي ته سوڪيل يا وهڪيل سڏيندس. ڏهائي بند ٿيس ته پوءِ ڪوٺبي ڦندي، ڦرجڻ ڪان پوءِ ڦر ڪيرائي چڏي، ته ان کي اُٿلائڻ چون. جي ماڳهين نه لڳي، ته پوءِ ڦندر چونس، گهٽي گرمي سبب ڍڳيون ڪير نه ڏينديون آهن يا ٿلهي مواڙ هئڻ ڪري نه لڳنديون آهن. انهن کي ڪارڪون ۽ بوجري هيڊ ڪارائيندا آهن، ته جلد وهرجي پونديون آهن. ڦندرون، ڪاساين کي وڪڻن يا ڪنهن شادي غميءَ ۾ کهي هلائي چڏين يا ڪنهن پير فقير جي مجتا مجي، ڦندر اتي خيرات ڪن. ڦهرئين پيٺ ويائل کي ڦهريات، ٻئي پيٺ ويائل کي ٻهار ۽ ٽئين پيٺ ويائل کي ٿهار چون. ڍورن ۾ وانڍين جي پيرن کي ڪرُ، ۽ ڪرن جي چيرواري هرهڪ حصي کي ڪراندي. ڳائي مال جي آواز کي رنڀ ۽ فضله کي چيڻو يا بوسو چون.

**ڳائي مال جا رنگن جي ڪري نالا:**

اڇڙي، ڪاري، ڪڪڙي، چڱري، ڏڱري. ٻولهائي، ڪٻري، تيلي، ڪمري، ٻانپٽي،سائي، رائي راڻي (هن جو بدن ميٽائون ۽ اکيون سخت ڪاريون انهن جي هيٺان اڇا اڇا لينگها هوندا آهن،) ان ريت ڏڳن کي به انهن نالن جي رنگن سان سڏين ٻانپٽو، اهو ڏڳو ٿئي جنهن جو رنگ اڇو، اکيون اڇيون، پر پرون به اڇا هوندا آهن، چڱرو اهو ڏڳو جنهن جي پڇ جو هيٺيون مچو هجي. رائي، اها ڏڳي، جنهن جي بدن جو اڳيون حصو ڪارسرو ۽ پويان اڇي ميرانجهڙي هوندي آهي.

**سڱن موجب ۽ ٻيا نالا:**

سڱري، جنهن جا سڱ سنهڙا ۽ ٻگهڙا ٿين. ٿوني، هڪ سڱ پڳل يا پاڙون چٽ، موڏي، صفا سڱ نه، ڏُڏر، ٿورڙا سڱن جا تڪا نڪتل، ڏٻي هڪ، سڱ لڙيل، ڪولهي، ڪن کان ڪري، لنڊي، پُڇَ پٽيل. ڏٻو ڏاند هڪ سڱ وارو.

**ڳائي مال جا ڪم:**

هن مال جا ڏاند، هرلي، نار، هرَ، هلرَ، ڪيٽ، سهاڳي، چيچڙي، گهاٽي ۽ بيل گاڏيءَ ۾ وهن.

**بيل گاڏيءَ جي بناوت:**

بيل گاڏيءَ کي به چاڪ يا ڦيٿا، هڪ ٿانئو، ڌُري، پول ۽ پانجاري ٿين. سڄي گاڏي هن نموني ٺهيل هوندي آهي.

**نانهن:**



Gul Hayat Institute

هڪ ڪاٺ جي گهڙيل [گول فوٽ قطر] ٻائڙ واري دوڳي، سوا فوٽ يا ڏيڍ فوٽ چورس/ڪعب هوندي آهي. ان جي پوري وچ ۾ اڌ انچ نيم قطر وارو سوراخ نپيل ٿئي. ان نپيل دوڳيءَ کي ”نانهن“ ڪوٺين ٿا ان جي ٻنهي ڪنارن تي لوهه جا گول پٽا جن کي آمڻ چون، سي چاڙهي سوگهو ڪن ته ڪٺان ڏري يا ڦاٽي نه پوي. وچ واري سوراخ ۾ ساڳئي ميڪر جي لوهه جي سرلي جانڙي وانگر هوندي آهي، ٺوڪي ويهارين. نانهن جي سرليءَ وارن ٻنهي پاسن کان لوهه جا پترا جن کي توا چون، سي ڪپائي ويهارين ٿا ناهن جي ٻاهرين پاسي ٻڌر تي چورس کَپ ڪري، انهن ۾ سل چوڙ ڪري ڏيڍ، ٻن فوٽن جون چورس ڪاٺيون گهڙي ٺوڪين. انهن کي اَرا، سڏين: ارن جون مٿيون پوچڙيون پڻ گهڙي انهن جي مٿان ڪمان وانگر ٿلها چورسا ڪاٺيون نپي سوراخ ڪري سل چوڙ وانگر اهي ڪاٺيون اَرن مٿان ٺوڪي ويهارين. انهن ڪاٺين کي ”ٺيڪيون“ ڪوٺين، اهي ٺيڪيون ٻه اڍائي فوٽ ڊگهيون، اڍائي ٽي انچ موڪر ۽ عمق ۾ ٿين، اٽڪل ڇهه ڪن ارن سان پڇي چاڪ ٺائيديون آهن. هرهڪ چاڪ ۾ ٻارهن ارا ٿيندا آهن. پوءِ انهن جي مٿان لوهه جو پاٺو تپائي ٺيڪين تي چاڙهي پاٽي نائي ٺاريندا، ته ٺيڪيون ۽ ارا، نانهن ۾ جڪڙجي ويهندا. اهو ٿيو چاڪ يا ڦيٿو.

**ٿانٿو:**

هيءُ پيتيءَ وانگر نهي ٿو، ٽي پاسا بند باقي مٿيون پاسو کليل رکبو آهي. ٿانٿي ٺاهڻ جي لاءِ پهرين ان جو قالب يا فريم ٺاهبو. چاڪن جو چؤنوٽا به ايسوٽا سمهاري انهن کي سل چوڙ ڪري وري چار ايسوٽا انهن جي چيڙن ۾ سوگها اُپا ڪري ويهارين، جي ادائي فوٽ کن اُپا هوندا. انهن جي مٿان سل چوڙ ڪري، بانڪو يعني سمهاريل پٽيون ٺوڪين، بانڪن هيٺان پسرن جون پٽيون ۽ پانيل تختا پاسن ۾ هڻن، اٽڪل به فوٽ کن چار چار پٽيون اُپيون ٻنهي پاسي پانيل جي هڻن، انهن کي سوگهي رکڻ جي لاءِ هرهڪ پاسي لوهي ٻگهيون ٿي ٿي سيخون لڳائين. هيٺان تري ۾ به يا ادائي پاڙچا تختا ٺوڪين، پاڙچن تختن ۽ پانيلن وارن ايسوٽن کي مضبوط رکڻ لاءِ گوڏي وانگر گهڙيل واڏڪن جهڙا ڪٺا چئني ڪُنڊن تي ٺوڪي ويهارين. اڳيان هڪ تختو ڪنڊن کان چل ورتل ڪنڊن ڪپيل پول مٿان رکي ان کي به دامنون پاسن کان ٿڪندي نموني ۾ ٺوڪي هڻي انهن دامنن جون پچاڙيون هڪڙي ننڍڙي فوٽ ڏيڍ جي چورسي ۾ نپي ويهارين. ان کي مڪڙي چون ۽ سموري اڳئين ٺٽ کي منجڻ نالو ڏين. مڪڙي جي پچاڙين کان ٿورو پوئتي به وڏا سوراخ ڪين جن ۾ اَڏا يا ڏنبا اُپا ڪري وجهندا آهن،

جو بعضي گاڏي اُٺ تي پرڻي هوندي اٿن. انهيءَ ساري سجنٽ کي ٿانئو ڪوٺين.
ڏُري ۽ پول، ٿانئي جي هيٺئين پاسي پوري وچ تي هڪ ٻير جي ڪاٺ جو چورسو جيڪو وچ مان جهڙي نيسر وانگر نپيل ٿيندي آهي، ان کي پيتي سڏين پوءِ نپيل پاڱي جهڙي ۾ لوھ جي ڏُري يا سرائي جا مڻ - ٻه ڳوري ۽ پنج فوٽ ڊگهي وچ ۾ چورس ۽ پڇاڙين ۾ گول ۽ انهن پڇاڙين وٽ سوراخ ٿيل هوندا اٿس سان پيل پاڱي پيتيءَ ۾ ويهاري، ٿانئي جي هيٺان پول، ابتڙ طرف ۾ ٺوڪي مٿان اها پيتي ٿانئي سان ڪولين يعني لوھ جي ونگڙن پٽن سان ايسوٽن سان ٺوڪي ويهاريندا آهن ۽ ان پيتيءَ جو پول سان ڪُپيل حصو وچ تي جڪڙجي بيهندو آهي. ان ڏريءَ جي پڇاڙين ۾ چاڪ پوندا ۽ ان جي سوراخن ۾ آٽون يا چاٻيون پونديون، ته چاڪ سوگها ٿي ڦرندا. ڏُريءَ کان ٻاهر نڪري نه سگهندا، پول، چيل جي ڪاٺ جو نوَ فوٽ ڊگهو 4 باءِ 3 فوٽ عمق ٿوله وارو ٿانئي جي منجهه کان چار سادا چار فوٽ ٻاهر نڪتل ڊگهيرو هوندو آهي. ان واڌ کي اَوَدُ يا اُود پول چون. اُود جي پڇاڙيءَ ۾ هڪ ڪاٺ جو گهڙيل گوڏي وانگر ونگڙو ڪُڻ، جنهن کي اوٺو، اُوتڙو يا اونتڙو سڏيندا آهن، سو ڪلن سان ٺوڪي ويهارين. هيءُ گاڏيءَ جي سطح کي سنئون سڌو ڪري بيهاريندو ۽ پول کي پڇڻ کان بچائڻ جي لاءِ

رکندا آهن. اونٺڙي مٿان پول جي اَوَدَ واري پچاڙي تي پانچاريءَ جو پورو وچ، رسن واجهن يا ڪِلن سان سوگهو ڪندا آهن.

---

(1) نظرثاني ڪندڙ طرفان اضافو آهي. (ادارو)

(1) نظرثاني ڪندڙ پاران واڌارو آهي. (ادارو)

(1) نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)

**پاچاري:**

هڪ ٿلهيري ساڍا چار - پنج فوٽ ڊگهي ڪاٺي هوندي آهي، جيڪا گهڙي چلي ان جي ڪونهڻ وارو پاسو لسو ۽ ڪونهڻ وٽ سلاميءَ وارا اڌ گول اُٽاڳ ۽ وچ ۾ بونبڙي يعني ڪرهو، بنهي پاسي سوراخ، اٽاڳن ۽ پچاڙين ڪان ٿي انچ پرپرا هوندا اٿس. جڏهن ڏاند جوٽجن ته انهن سوراخن ۾ ڪاٺ جا ڪلا جن کي ڏورٽا چون، وجهي انهن ۾ چمڙي جا اَرنگا يا جوٽا اٽڪائي رکن، جيئن ڊگي جي ڳچي پانچاريءَ هيٺان ايندي ۽ پانچاري سندس ڪلهي يا ڪونهڻ تي بيهندي، ته اهي ارنگا يا جوٽا ڳچيءَ هيٺان ڦيرائي ٻاهرئين سوراخ جي ڏورٽي ۾ وڪڙيندا آهن، ته ڏاند سوگهو ٿي پيو هلندو آهي.

**ٻيل گاڏين جا ٻيا نمونا:**

Gul Hayat Institute

ايڪا، چڪڙا به ٿين ۽ هڪ ڏڳي واري بيل گاڏي به ٿئي. ان جي ٿانٽي جي پاسن ۾ به ڏگها ايسوٽا لڳائين جي ٿانگي گاڏي جي پولن وانگر ٿي بيهندا آهن ۽ مٿان انگڙياڻ، ڪونهڻ تي ٻهيڻ جيترو اڍائي - ٽي فوٽ ونگڙو ڪاٺ ٺوڪي چڙهين، جو ڏڳي جي ڪلهي تي رکي گاڏي هڪلبي آهي.

هرهڪ گاڏيءَ جا چاڪ، ڌُري گسي نه وڃي ان جي لاءِ هڪ لوه جو ڏٻو بانڪ ۾ ٺنگيل هوندو آهي، جنهن کي آواڻ ڪوٺين. منجهس تيل ۾ ٻڏل اڳڙيون پيون هونديون آهن، جتي به گاڏي چيچٽ ڪندي، ته گاڏير اها چڪني يا سٽيي اڳڙي ڪڍي، ناڻهن جي سُرلي ۾ دَٻاڙي وجهندو ته چاڪ ترڪڻو ٿي ڦرندو. گاڏي جي ڪيپ پرڻ مهل گاڏي وارو، چاڪن کي اونگڻ يعني ڪامروڪ ڏيئي بيهاريندو ۽ پوءِ مٿان مال سٿيندو ويندو. جي پول واري پاسي مال گهڻو پرجي پيو، ته گاڏي داٻئو ٿي پوندي ۽ جي پاڙڇي پاسي مال کي ليٽ ٿي ته اها گاڏي اُلار چئبي، ۽ جي مٿي چوٽ پري ته اُن کي اُٺ چون. اُٺ تي گاڏير ڏکيو ويهي سگهندو آهي، پرپ مهل مال سٿڻ ۾ پورو خيال رکيو ويندو ته مال جو وزن گاڏي تي هڪ ساريڪو ورچيل هجي. ڪيپ پري ته گاڏير ڇهڪ (جنهن ۾ ٽي فوٽ بانسوڳن ۽

پويان ٿي - سادا ٿي فوٽ چمڙي جي رسي ڳن سان چڪي ٻڌل هوندي آهي، سو هٿ ۾ ڪٽي ڍڳا جوٽي ڪندو الاتو هار. گاڏيرن جي لاءِ، چون ته ڪڏهن ڪين سڌرندا، هڪ ته الله جي زمين ٿا چيري هلڻ جي ڏکيائي ڪن، ٻيو ڳوڀن گگدامن تي چهبڪن جو شپڪو ڪندا وتن ۽ انهن تي ڪڏهن قياس ڪونه اچين، ٿيون انهن جي پوري پرگهور ڪونه لهندا آهن، جتي آيو اتي ڇڏي هليا ويندا نه گاهه جي، نه پاڻيءَ جي نه ڇانوَ ۾ آرام ڪرڻ جي پوري خبر وٺندن، پر وٺاڻ به پورو صفا ڪونه رکندا اٿن.

**ڍڳن جا قسم:**

ڍڳو، جيڪو هرَ، هلر ۾ هلي تنهن کي ”هاري ڏاند“ ۽ جيڪو گاڏيءَ ۾ وهي تنهن کي ”بيل“ [ڍڳي گاڏيءَ کي بيل گاڏي به چئبو آهي] جيڪو نار يا هرلي ۾ هلي تنهن کي ”جوڳي ڏاند“ ۽ جنهن جي پٺيءَ تي سواري ڪجي يا سامان سڙو ڍوئجي يا پخالون پرجن، تنهن کي ”پوٺي ڏاند“ چون. جنهن ڏاند کي ڪنهن نئين ڪم ۾ واهڻ لاءِ ڪيڙين سيکارين ان کي آڏاري يا جڙو ڏاند چون. ٻنان عيب واري کي سڙهه ڏاند ۽ پوڙهي کي ڦريو ڏاند يا ڍانڊو سڏين. ڪو ڍڳو چورائجي وڃي ته چور ۽ پاٺاريدار ان کي ڪنڌائتو ڍڳو ڪوٺين. ڪيترا ماڻهو پرميل آهن، ته هيءَ ڌرتي ڌٻي ڏاند جي هڪ سڱ تي بيٺل آهي.

Gul Hayat Institute

**ڳورن جي سينگار جو سامان:**

هن سامان جا ٻه قسم آهن: هڪڙو واڇي وارو سامان، جنهن ۾ سانپارا، سنپارون، سانپر، چڙا چڙيون، ٺلا ٺليون، ڪڙڪا ڪڙڪيون، گهنڊٽيون گهينگهريا، مٽر مٽريون، ڇنگ ڇيرون اچي ٺيون وڃن. هنن مان جن جو آواز ڳرو ۽ ٺلهو هوندو آهي [لار جي لڳڻ سان جيڪو آواز نڪرندو آهي،] ته ان کي هڪڙُ، سڏين ۽ جيڪو سنهون ۽ تکيرو جهانءِ تي هوندو آهي، ان کي ”سرَنُون“ سڏين. ٻيا آهن ڳچيءَ جي ٻڌڻ جا سامان. هنن ۾ ڳانيون، سهليون جي مٽڪن، ڪوڏين ڪوڏن ۽ پرت سان پريل هونديون آهن، ماهينڊ، مڇيون، مکراٽا، انڌاريون، موڙ، مهرا وغيره.

**مال پهرائڻ:**

صبح واري ڏهائي ڪرڻ کان پوءِ ڏنار يا ڌڻار مال جا رسا ۽ نير ڪيندو جي واڙيل مال هوندو، ته اَرليون لاهيندو ته مال پاڙو ڇڏي نڪري ٻاهر اچي اُگهل تي بيهندو. اتي ساروڻي ڪري پوءِ هڪلي اچي پاڙي پيارينڊن. جتي نرن جا ساڳا جدا ڪري پياريندو. چو ته مٿان اوکون هٽي هڪ ٻين کي پاڙيءَ کان ٿاهين. پاڙي پيارڻ جي لاءِ ڍورن کي چيڪاريندو، سنهيون سنهيون سينڊو هٽندو، پوڪرون ڪندو، توئي توئي چوندو ٿاهڙ مال ۽ ڌورامن کي پهريان آنه تي آٽيندو. مال تسجي پوءِ تسيو ته ڪو راڳ ڪاهيندي

ڪنهن سر ڪي جوءِ يا ڪنهن ريل ڏي. پاڻ راماڻا ڪندو، هونگرون ٻُنڪارون ڪندو ٻگهي ڏانگ ڪنڌ تي رکيو ڏئا ڏيندو هلندو. هونگر ۾ اي.... هي.... امان.... امان ۽ او.... هو..... آ.... هو.... هو... ڪندو وتندو. ڪنهن جي پيل ٿيڻ نه ڏيندو. ڪا هرياري (چاچوڪڙ) تڪ يا وهڙي هوندي، ته ان کي ڪنهن هيراڪ سان سلهڙ هٽي سلهاڙيندو يعني ٻنهي جي سڱن يا ڳچيءَ ۾ هڪڙو ئي رسو واجهي چڙيندو. يا جتي گهٽو گاهه هوندو ته اتي پير ۾ ٻگهو رسو وجهي ڪنهن وڻ، ٿڙيءَ، ٻپ جي يا سرَ جي ٻوڙي سان ٻڌي پاڍي چڙيندو. اهو پاڍيل وهٽ اتي جو اتي پيو ڦرندو ۽ چرندو. ڪن کي ارل يا ڳٽ ڳچيءَ ۾ وجهي چڙين، ته ڪن کي دٻڪ ڏيئي چڙين. باقي مال اَجلا چيڪ پيو چرندو.
ٿاڪ منجهند ٿي، ڌرتتي ته وڻن جي جُهنڊ جي ڇانءَ ۾ آٽي وسرام وٺائيندن، ڍور ڇانءَ ۾ اچي ويساهي وٺندا. ڪي ٿيڙا ٿيڙي پئي ڦوڪون پيا هڻندا ته ڪي ويٺا اوڳر ورائيندا. ڪي وري اکوٽي پيا ڪندا يعني ڌرتي ڪرُن سان کوٽي ٻڪي [دز] پيا اُڏائيندا ته ڪي اوساڪون ڪندا يعني پنهنجو ڪنڌ مٿو آسمان ڏي ڪٽي رنڀندا ناسون هڻندا.
ڏينهن آجهاڻو، پاچولا وريا ته ڌنار مال کي جهٽ جهوڙ وهٽائيندو، چڪ وات ڪرائيندو، تنواريندو، تائيندو، تڙيندو، تاهوت ڪندو اوهير يعني ڏهائي مهل تي آٽي وٺاڻ

تي ٺانيڪو ڪندو يا پاڻ پيڙو ڪندو. اوسر اوڪاٽيو، سمي پائي سک ٿيو سانوڻ سڏايو ته سنبيڙيا. سانگي ۽ سنگهار سنپت ڪندا سرچيءَ سيم ڏي، ولها ۽ ونهيان ڪو راڳ ڪاهي وسوئنن تي وانڍون هٽي پٽن پيڙا ٿي پاٽا بنائي ويهي رهندا. اتي گاهن جا گدام ساوڪن ۾ سبزن جون مينگهه ملهاريون لڳيون پيون هونديون آهن.

آيل مال کي وٿاڻ تي ڏورن کي ٿوٽي ٿنپي، مني منگهي، نيهري نير سان ڪلي ڪيري سان، ڪنهن کي ٺوڙهو ٺنگ ۾ ته ڪنهن کي ڳراهو ڳچيءَ ۾، ڪنهن کي سر ڪڻ سڱن ۾، ته ڪنهن کي پينگهي (پينڊي)، پنجوڙي پير ۾، ڪو منهيءَ جي منڊ ۾، ته ڪو سنگهر سان لانڍ ۾، ته ڪو وڳر سان وانڍ ۾، ونگيو وراڪيو پيو هوندو.

ڦر - ٺڪر، لار لشڪر جيڪي مال جي پهرجڻ کان پوءِ چڙيا وتا چيگون ڪندا، تن کي مال موٽڻ کان اڳ ۾ واجهي وڪوڙيندا ۽ جيڪي مال سان گڏ چراگاهه چرڻ ويا هوندا، ته انهن کي ڏائڻ جي سوس کان ٻوٽاڙيون ۾ چڪا جي نوڙين سان واٽيل چاريل هوندا آهن، ٻوٽ تي چاڙهي چڏين ۽ ڪن کي وري آنگهو يا ٻلڻ ٻوٽ تي ٻڌي ڇڏين. ٻلڻ، ٻن ڪاٺين کي جن جون ڇهنبيون گهڙيل هونديون وچ ۾ ڪپُ ڪري ڦئنچيءَ وانگر ٺاهي مٿان سوڙهيون ۾ هيٺ ويڪريون، سي نوڙيءَ سان ڦر جي ٻونار مٿان رکي

ڇاڙيءَ هيٺان ڦيرائي ٻڌي ڇڏين. اهو ڦر جي ماءُ کي ڏائڻ جي چڪ ڪندو ۽ ٻگو هٽندو ته ماءُ کي اوهه ۾ ٻسانگيون لڳنديون ته ٻل ڏيئي، ٿهي، هٿي پري ٿي ويندي.

**ڏُهائي ڪرڻ:**

مال چارو چري ڌيندو واندو ته سنڌَ ۽ رڃَ آٽيندا، جن ۾ پاڻي لپ پيل هوندي. هرهڪ سرڳي جيڪا ڦر تي مڙندڙ هوندي، تنهن جو ڦر ڇوڙيندو، پوءِ سنئين مهاڙيون ڏهڻ لڳندو. ڇٽل ڦر وڃي ماءُ کي ٿڻن ۾ ٻگا هٽندو، ڏڳڙيندو ۽ ڇڳڙيندو ته مادي مڙي ٻيهندي ۽ پيشاب ڪندي. ڌنار يڪدم ٻاڙڻ ڪندو، يعني ڦر کي ڪن ڪان جهلي ماديءَ جي اڳينءَ ٽنگ سان ڍنگ جي هڪڙي ڇيڙي سان سلهڙيندو ۽ ڍنگ يعني رسي جو ٻيو ڇيڙو ماديءَ جي پوين ٽنگن ۾ پچ اٽڪائي ڏاوڻ ڪندو. ڦر جو پولھ ٿيندو ماءُ ڏي ۽ ٻوٿ ٿڻن ڏي. ماءُ ڦر کي پئي ڇٽيندي، ۽ ڪير لاهيندي. ڏُهائي ڪندڙ ڪوبه رَڇ ڪٽي، اُپڪرو يا اوڪُڙو ويهي، اهو سَنڌُ گوڏن جي اَڙ تي مٿي جهلي، پاڻي جي ڍُڪ سان ٿڻ ڌوئندو ۽ سوئيندو، پوءِ بسم الله ڪري مٺيون ڪراين جي زور سان ٿڻن کي نچوئڻ لڳندو ۽ ڪير جون سيڙهون ۽ گوها بوهاڙا ڪري ٿانءَ ۾ پيو هٽندو، تان جو ڏهي وڃي ٿانءُ پريندو. ان وقت ڪير جا بوهاڙا، سيڙهن جا سرڙاٽ ۽ گوهن جا گهوگهاٽ مادين جي ڦرن کي ڇٽ ڇٽان ۽ ڦرن جي ڇسڪ

چسڪان ۽ ٻين جي رنبڻ رنبڻ ڏاڍي نزاڪت واري پئي لڳندي آهي. هرهڪ ماڻهو ڀاڳيي ٻنجڻ جو خواهشمند ٿيندو آهي.

ڦرُ، جي آلياوڙو [تازو چاول] هوندو، ته ڏنار ان جي لاءِ اوراسو ڪندو يعني هڪڙو پاسو ٽڻن جو ان جي ڏائڻ واسطي چڙهيندو، ۽ ڪجهه گاهه چروُ هوندو ته هڪ ٽڻ لاڪائس چڙهيندو، پر اوٿاڪ هوندو ته پوءِ رڳو چڳڙ ڏياري وڃي آهوري تي ٻڌندس.

جيڪي ارڳيون هونديون ڦرن تي آر نه هوندن سي ڪراڙيون رهنديون [ڏهائڻ ۾ ڏُڪايون ڪنديون.] انهن کي ڪَٿَر يا ڪيٿو ڪندڙ چون. ڏُهڻ وقت انهن جي لت چڙيءَ جو ڦهڪو پيو پوندو ۽ ڪي اوسر هونديون يعني ڦرن تي آرنبڻ هوندن، مگر ڦر مري ويو هوندو، ته ان ڦر جي کل لاهارائي اُن جو ٻهائتو يا ٻهاٽو يا کلڙي پرائي، اهو ٻوتو ماديءَ اڳيان بيهاري ڏُهائي ڪندا آهن ۽ ڪي وري پاڙڪ يا آريتي ٿينديون آهن. مطلب ته اهي چاري ڪائڻ سان مڙنديون آهن. انهن کي ڪاهرون، ڪونٿين.

ڏنار، ڏُهائي ڪري کير جو ٿانءُ رکندو ويندو، ته کير جي ڦيڻ ٿري، ماهيڙ، جيڪي کير وڪڻندا آهن، سي بروقت اهڙو اکين ڏٺو کير ٿيڻين کي اتي جو اتي مٿپ ڪري ڏيندا آهن ۽ جيڪي ڪٽي وڃي شهرن ۾ وڪڻن، انهن کي ڀچا

(بيچوا) چيو ويندو آهي. انهن کي ڪير توڙي پس ڪائڻ جي پل آهي. رات ڏينهن جهڻ ورتائين ۾ جي ڪو ڪير ڪٽي پيئندو به، ته ان سان ڏڌ ملائي پيهڙ يا ڦيڏرو ڪري پوءِ ڪائيندو آهي.
تازي ويائل ٿڪَ جو ڪير آوانڪو [ڪَچو] هوندو آهي، جنهن کي آلوڙو به سڏيندا آهن. ڦر جي چمڻ جي پويان چڙ نڪرندي ته اهو آلوڙو ڪير ڏهي وٺندا آهن. اهو ڪير نڪي پاڻ ڪم آڻين نڪي گهٽو ڦر کي پيارين پر ماڻهن کي ورهائي ڏين، جي وري انهيءَ ڪچي ڪير ۾ ڪنڊ ڦوٽا وجهي هلائي هلائي چاڙهي باه ٻاري پاٽي ٺهڪائين ۾ ان ديگڙي مٿان اهو ٿالهه ڍڪي رکن جو پاٽيءَ جي ٻاڦ يا اُٻ تي رجهي چَڪ ٿي پوندو آهي. جنهن کي پِس ٿا سڏين ۾ اهو چڪيون چڪيون ڪري ورهائي ڪائين. ماديءَ جي ويم ڳان پوءِ به ٽي ڏينهن ڪير آوانڪو هوندو آهي. جو پوءِ به ڪنڊ ڦوٽا وجهي ديگڙي ۾ رڌيندا ته ڊِڳ ڊِڳ ٿي پوندو آهي، ان کي چون ”برهي“ سا پڻ سُرڪي ڪائين.
ماهيڙ: هر ڪنهن مهيني جي يارهين تاريخ رات وارو ڪير ڪونه وڪڻن اهو ڪير گراهڪن کي مُبري پوري ڪري ڏيئي، باقي معصومن کي پياري ڇڏين. گراهڪن ڪان به اُن رات جا پئسا ڪونه وٺن. اُن مفت ڪير ورهائڻ ۾ پيارڻ کي

Gul Hayat Institute

”رات وارڻ“ يا بادشاهه پير، پيران پير، داتا دستگير سيد عبدالقادر جيلانيءَ جي نالي تي خير ڪيڻ ڪوٺين.

ٻورن جون ماديون ڪي ڪير ٿورو ته ڪي ڪير گھڻو ڏينديون آهن. جيتري ٿيهه ڪبن [خدمت ڪبي] اوترو ڪير وڌائينديون آهن، پر جيڪي گھڻو ڪير ڏين تن کي پٿاريون سڏين. انهن ۾ ڪي وري ڪير ٿورو ڏهائينديون آهن، پر مکڻائتيون هونديون، هنن جي ڪير مان مکڻ جام پيدا ٿيندو آهي.

پنجن - ڇهن ڏينهن کان پوءِ آلوڙي ماديءَ کي سُئا سڏيندا، سئا وري ڏِڪي ٿيڻ تائين پئي ڏهائيندي، پڇاڙيءَ ۾ ڪير گهاٽيرو ۽ کارسرو هوندو آهي، ته ان کي ”ڪانگهاري“ ڪوٺين. جي اوچتو ڏهائي بند ڪيائين، ته ان کي بِسَوڪي/وهڪيل چون ۽ وري جڏهن اڳتي هلي ڦرجي تيستائين ڦندِي سڏيندس. هڪڙيءَ مادي کي ٿڪَ به چون. جي ڪنهن تڪ جي هڪ ٿڻ ۾ خرابي ٿي پئي، ٿڻ چڙهي وڃي يعني ڪير منجهانئس نه اچي ته ان کي ٽِلهه ۽ ٻن ٿڻن ۾ خرابي يا بيماري ٿي پوي، ته ان کي ٻِلهه ڪوٺين، ۽ چارئي ٿڻ چٽ ٿي وڃن ته ان کي ڪوسڙ ڪوٺين. جا قصاب يا ڪاسائيءَ کي وڪڻي ڇڏين.

ڳائو توڙي ماهو مال حلال آهي. مسلمان ماڻهو انهن ٻورن کي ذبح ڪري انهن جو گوشت کائيندا آهن ۽ کلون ۽ هڏا

وڪامندا آهن، جن مان پيون ڪيتريون شيون ٺهنديون آهن. هنن جي ڦرن جي گوشت کي حلواڻ چوندا آهن.
هن وقت ملڪ ۾ اٽڪل ٽي ڪروڙ نوَ لک ڳائو مال آهي.

**کير مان ٺهندڙ شيون:**

نبار [نج کير] کير مان پس، مائو، ربڙي، برفي، پيڙا، ٿر يا ملائي، ڌوڌرو يا پنير، ڏڌ، مکڻ ۽ گيهه ٺهندو آهي. ڳاڙهو کير مان کيرڪون [کير ۾ کارڪون رڌل جن کي کيڪون به چون]، کير سيون [کير ۾ سيون رڌل]، کيرٽي (کير ۾ گهوٽيل چانور رڌل) کير جي [کير ۾ سڃا چانور رڌل] اِسڪري ملائي، آئيس ڪريم، ڪلفي، فالودو ملائي، [ڪونج ملائي]، پدنگ (کير ۾ بيضا ڪڪڙ جا رڌل)، ملڪ روز [کير ۾ شربت ملايل] ٺاهيندا آهن.
کير کيرول جي وڻن جي پاڙن ۾ پاڻ طور اوتيندا آهن. ٻاڪري کير ۾ پاڻي ملائي لسي ڪري پيئڻ سان پيشاب جو ساڙو چڙي ويندو آهي. کير کي ”پيراڪسير“ ڪري چوندا آهن. ان جو مطلب آهي ته ڪابه شيءِ کائي (شراب کان سواءِ) ان جي مٿان کير پئبو ته جيوري ويندو يعني اها شيءِ کير کي جاءِ ڏيندي، پر کير کائي مٿان ڪابه شيءِ ڪانه کائي سگهبي، ڇو ته بد هضمي ٿي پوندي. اجا به جي کير کائڻ مٿان گدرو، مڇي پلو، ڪڪڙ جو پوڙ وغيره کائبو ته بدن تي اڇا داغ ڇٽيءَ جا يا ڪوڙهه جو مرض ٿي پوندو.

ڪير ڪي ڪنهن خراب جاءِ يا اڻ ڏوتل ٿانءَ ۾ رکبو ته يڪدم ڪري ڊِڳ ڊِڳ ٿي پوندو ۽ کائڻ جي لائق نه رهندو. ان ڪري عام چوڻي آهي ته ”جيڪو پئسو پلي تي ڏجي سو ڪير تي نه ڏجي“. مطلب ته ان پئسي کي ڪکو هٿ لڳو هوندو ۽ ڪکي هٿ وارو پئسو ڪير واري وٽ ويو ته ڪکيءَ جَٿ سببان سمورو ڪير ڪاري رکندو.

**ڪير مان ڏڌ ٺاهڻ:**

ڏڌ مان مکڻ ۽ گيهه ٺاهڻ: وڪري ڪرڻ ۽ کائڻ کان پوءِ جيڪو ڪير بچندو سو پاڳياڻيون يا گهر جون سگهڙ زالون انبيڙين يعني ٿورو ڊُڪ ڏڌ، جنهن کي سنپاڻ چون، سو يا ڪو پنير جو ڦوٿو رات جو ڪير چاڏي يا ماٽيءَ ۾ نائي ان ۾ وجهي ڇڏين. اهو ٿيو ڪير سنبائڻ. ماٽي يا چاڏي ٺڪر جي هوندي آهي ۽ ڪنڀارن وٽان ملندي آهي. اها آٽي ان کي اموهي پوءِ ڪير نائيندا آهن. اها سنپائل ڪير واري ماٽي ڳيجٽيءَ سان ويڙهي يا ڪليو ڪنهن ڪاري هيٺ رکن سياري جي موسم ۾ ڪير کي باهه جو سيڪو ڏيئي، چڱيءَ طرح ٽيڙن ۾ ويڙهي بند ڪري ڪنهن مَنجهين جاءِ ۾ رکنديون آهن. صبح جو سويل اٿي مانڌاٽي، جهرٽو، منڌيئڙو، منڌي يا ڪٽي ته اُپيد يا اُپينگ سان ماٽي ۾ چاول ڪير [ڏؤنرو] ولوڙينديون آهن.

**مانڌاٽيءَ جي بناوت:**

هڪ گول ٻگهي ڪاٺي ڏنڊي وانگر ان کي ڳن يا ڳنڍي چون. ان جي مٿئين ڀاڱي واريءَ چوٽيءَ ۾ انچ - انچ هيٺيرو ٻه - ٽي ڪپ ٽيندا اٿس. هيٺين پڇاڙيءَ ۾ جاگولائي ۾ مخروطي هوندي آهي، سل چوڙ ڪري، گدري جي ڦاڪن وانگر ٻه کهيون هڪٻئي مٿان آڏيون رکي ڳنڍيءَ سان ٺوڪي ڇڏين. ان کي ڦل سڏين. ڳنڍيءَ جي وچ ۾ هڪڙو گهرگهلي سوراخ سان گول چڪرو ماني وانگي ڪاٺ جو ٺهيل وجهن جنهن کي من چون جوماٽيءَ مٿان ڍَڪ جو ڪم ڏيندو آهي ۽ ڳنڍيءَ جي وچ ۾ چمڙي جي وڍي/نيتو/سٽ جي نوڙيءَ جا ٻٽي وراڪا ڏين ۽ انهن جي پڇڙين ۾ ٻه ڳِليون يا اِٽيون، جن جو وچ ڪپُ ٽيل هوندو آهي، ڇڪي سوگهيون ٻڌي ڇڏين، وري هڪڙي ڪاٺ جي پٽي، اڌ ڦرهي وانگر جنهن جون پڇاڙيون چليل ۽ نپيل، وچ ۾ اڌگول سوراخ جنهن کي سِنگرَ سڏين. ان جي پڇڙين ۾ نوڙيون ٻڌي، نيهريءَ کي ڦيرائين. اهو سنگرَ من جي مٿان من کي قابو جهلڻ لاءِ ٻڌنديون آهن.

**ولوڙو:**

ولڙٺهاري، جڏهن صبح جو ڏسندي ته ڏونرو پختو چاول آهي، ته ماٽيءَ کي نيهري يا منگهي جي پر ۾ رکي ماٽيءَ جو ڍڪ لاهي مانڌاٽيءَ جا ٽي ابتا ٽي سبتا گرڻ مٿان گهمرا ڪڍائي، پوءِ ڦل اندر وجهندي، ۽ پاڻ ڪنهن منجيءَ تي ويهي، پيرن سان ماٽيءَ جي ڪنارن کي روڪي بسم الله

ڪري ڳِليون چڪي ولوڙو شروع ڪندي. انهن ڳلين کي اڳتي پوئتي چڪڻ سان ماٽيءَ مان ولوڙي جو اوزار: ڳه ..... گهو... گهو..... ڳهُ... گهو... گهو پيو ايندو. ”پره جو پٽن تي ڪن ولوڙا وايون“ آرڙه يا اونهارو هوندو ته ڏيري ڏيري ولوڙا ڏيندي. جيئن مکڻ تپي پٽڙو نه ٿي پوي. مکڻ جي تپندو ۽ پٽڙو ٿيڻ لڳندو ته ٺرڻ جي لاءِ چڏيندس يا ٿڌو پاڻي ملائي ٺاري پوءِ ڳڏيندس. مکڻ، ولوڙڻ تي سٺيا ڦُٽ ڦُٽ ٿي ڏڌ کان ڇڇي ڌار ٿي بيهندو. تان جو جهڻ جهڳي، اَڇ آڇلائي، هٿ سان مکڻ تاري، ٿاڦي ٿاڦي چاڙو بنائي ڪڍي ٻاهر ٿانءَ ۾ رکندي. بدنظر کان بچڻ جي لاءِ، نيهري جي پٺيان پٽ تي چيٽي جو پوندو ٿڦي چڏيندي يا ڀادر اونڌو ڪري ماٽيءَ جي پر ۾ رکندي، متان ڪا رَن مکڻ سيٺي يعني غائبانه چورائي نه وڃي يا چوي هڻ منجهاٽي هيترو مکڻ! ته ان واسطي اهو سوڻ اڳواٽ سٽي رکندي آهي.

مکڻ نڪرڻ کان پوءِ، باقي ڀاڻياٺ کي مهي، ڏهي، جهڻ ۽ ڏڌ چون. ڏهي، کي ڏؤنري جي لسين ڦٽين کي چون، مهي، اڌ ولوڙيي ڏؤنري کي سڏين جيڪا پيئڻ سان پيچن ۽ سوري جي لاءِ هِڪ ڪاڪ علاج آهي. ٻاڪري ڏڌ ۾ جي ڀاڻي گهڻو وجهن ته ان کي پاهي يا پاکي ڪوٺين. پاڳيا ماڻهو، ڏڌاويءَ سويءَ کي کائڻ جي لاءِ ورهائي ڏين. غريب ماڻهو

ڏڏ ماني کائي خوش ٿين. ڏڏ ڏيندڙ جي ٻچن کي دعائون ڪن. ٻارن کي چون:

”کير ته آهي پر،
ڏؤنرو ڏِڳ، پچي ٿو لڳ،
مکڻ، ڏيانءِ نه چکڻ،
ٻچڙا، کٽڙا پيءُ، ڏُتڙا ٿيءُ“

ٿورو ڏؤنرو چاول هوندو آهي، ته مايون جهرٽي سان، جو هڪ ڳني ۾ چڪرائون ڦل ڳنڍيل هوندو آهي. ان جي ڳني کي هٿن ۾ ئي جهلي ڦيرائي ڏؤنري کي لسو ڪري چڏين ۽ لوڻ پاٽي وجهي کائين، مکڻ ڪونه ڪڍن.

اُپينگ، اها مانڌاٽي آهي، جنهن جي ڳني ٿلهي ۽ ڊگهي ٿيندي آهي ۽ اڌمڻ کان مٿي مڻ تائين ولوڙڻ لاءِ اهو ڪم ايندو آهي، ۽ ان کي ماٿهو بيهي ولوڙيندو آهي. ان جي ماٽي اونڻ يعني ڪَڏ ۾ سوگهي رکي پوءِ ولوڙو ڪن. اُپيد يا اپينگ وانگر ٺهيل آهي، پر اهو مڻ کان مٿي کير ولوڙڻ وارا ڪم آٽيندا آهن. هن کي به ماٿهو چڪيندا آهن، هڪڙو هڪڙي گلي ٻنهي هٿن ۾ قابو جهليندو ۽ ٻيو ٻي گلي هن جي چاڏي پڻ اونڻ ۾ رکي ويندي آهي.

زالون ڇهه ڏينهن مکڻ گڏ ڪن ۽ ستين خميس جي ڏينهن تي سمورو گڏ ٿيل مکڻ ڪنهن ديڳ يا ديڳڙي ۾ وجهي باهه تي رجائين. مکڻ مان ڪٿ ڪڍڻ جي لاءِ به اناج ٻاجهر، چانور

وغيره ڏري ان ۾ وجهن، مکڻ جي کٿاڻ اناج کي وچي ڍهٺندي، باقي نبار گيھ وچي بچندو. ان کٿاڻ کي وسنان يا وشنان چون ۽ ان ۾ ٿوري کنڊ ملائي کائين. جيڪو ان نموني گيھ تيار ڪن ان کي ”اَن سڙيو گيھ“ سڏين، پر جي اناج بدران لوڻ جي لپ وجهي گيھ تڙڪائي ڪڍن ته اُن کي ”پالرُ گيھ“ ڪوٺين. اهو گيھ وزن ۾ اَن سڙيي کان گهٽو وزنائتو هوندو آهي. گيھ لاءِ چوڻي آهي ته، ”جيڪي ڪري گيھ، سونه ڪري ماءُ نه ڪري پيءُ“.

مينهن - ماهو مال

مينهون هن ميهار جون، چاهون چهڪ چَرن

مينهن ۽ ڏِڳين جي ڌڻ کي گڏي گوهر يا وانديون ڪوٺين. مينهن کير ڏهائيندڙ ٻاڪر يا ٻيڪر چؤپايو مال آهي. مينهن ڦرجڻ جي ايامڪاريءَ ۾ ايندي آهي، ته ڏِڪو ڪندي آهي. جتي به ڪو سانه، ڪونهان ۽ پاڏو سجهندس اوڏانهن سير ڪري هلي ويندي. بعضي ته ڌٽي خود وٺي وڃي ڦرائي ايندا اٿس. هيءُ ڏهن مهينن کان پوءِ وِيامندي آهي. هن جي نر ڦرن کي پاڏڙا، پاڏا، ڪونهان، سانهه ڪوٺين، مادي ڦرن کي پاڏڙيون پاڏيون، وڇون، ٿهاڻيون، انوريون ۽ مينهون سڏين. اهي سڀئي ماهو مال سڏجن، پر ننڍي مال کي لار يا وڇرا به چون.

**رنگن موجب نالا:**

گجر، [ڳاڙهي ڪڪي رنگ واري]، ڪاري، [نپور ڪارو رنگ] پوري، سفيد ميٽائون رنگ، پولي بت جو رنگ اڇو ۽ ڪارو پر برف جهڙو جيئن ڪوڙه واري ماڻهوءَ جنڙي جي اولاد واري ماڻهو جو رنگ ٿيندو آهي(1). چاوُل/چال [جنهن جي بونار تي ٻولھ يا بانو هجي] بگي بو [ جنهن جا چار پير اڇا هجن]بَنبُل [ اڇي پُڇ واري] بور، جي پڇ جي چوٽي ۽ چارئي پير اڇا هجن]، پنج ڪلياڻ، [جنهن جا چارئي پير اڇا ۽ ٻوٿ تي بانُو هجي.]

**سڱن موجب نالا:**

ڪنڊي، [جنهن جا سڱ چوڙي وانگر گول وريل هجن]، چوڙ ڪنڊي، [جنهن جا سڱ چلاوان يا چوڙن وانگر گول چڪر وانگر ڳتجي بيهن ۽ وچ مان آڱر مس مٽي]. گوشي، [سڱ ڪنڌ ڏانهن ۽ ٿورا اُپيرا]. تاسري، [سڱ ڪنن مٿان پڪڙيل ۽ ٿورڙا پاسيرا ۽ اُپسرا]. هاليءَ،ُجنهن جو هڪ سڱ مٿي چڙهيل ته ٻيو هيٺ لڙيل]. ٺونٺي، [جنهن جو هڪ سڱ پڳل هجي يا پاڙون چٽ ٿي وڃي]. ڏٻي، [جنهن جا سڱ صفا نه هجن]. دڏر، [جنهن جا سڱڙا ٽُڪن وانگر ننڍڙا ۽ ٿورڙا ٻاهر نڪتل هجن]، پل، [جنهن جا ٻيئي سڱ ڪنن کان هيٺ لڙڪيل ۽ ڳچيءَ ڏانهن وريل هجن].

اکين موجب نالا: ماڻڪي، [جنهن جي اکين جي تارن هيٺان اڇاڻ گهڻي هجي ۽ اها اڇاڻ چٽي هجي]. ڪجلي، [جنهن جون اکيون ڀؤنر ڪاريون هجن].

پيار جا رکيل نالا: ڍولي، پياري، مومل، راڻي، ٻيل، مور، ڪونج، نپوڙي، پنپوري، پاڳاري ۽ مهندار. انهن نالن سان جڏهن ڪوبه رکيل نالو وٺي ڏنار هڪل يا راماڻو ڪندو آهي، ته اها نالي واري مينهن پڇ ٿور ڪري ڊَڪندي ايندي.

**مينهن جي ڄمار بابت:**

هن جي تازي ڄاول ڦر کي آلياوڙو، پوءِ کير ڏائڪ يا کيرو ۽ کير ڇڏڻ تي اوٺاڪ سڏيو ويندو آهي. ٻن سالن کان پوءِ ڪُنڊاربو آهي، يعني نوان ٻه ڏند ڪيندو ته کيس ٻڏندو، وري ٻن سالن کان پوءِ ٻيا ٻه ڏند ڪيندو ته چوڳو، وري ٻن سالن کان پوءِ ٽيان ٻه ڏند ڪيندو ته ڇڳو وغيره سڏيو ويندو. اٺوريل، اها ٿيهاڻ، جيڪا ڦرجڻ کي بلڪل ويجهي هوندي آهي. ڦري ته پوءِ ان کي ڦريل/ ڍِڪي ڪوٺين. هڪ سال واريءَ کي ٻارهائي، پهريون پيرو ويامنڊڙ کي اَڙائي، پهريات، اَهنو، اهنوڙي، انوڙي، ايهوُ، اِينهن وغيره نالا ڏين، ٻي پيٺ واري کي ”ٻهار“ ۽ ٽئين پيٺ واري کي ٽهار سڏين، جيستائين نه ويامي ته آيائي سڏجي ۽ جيڪا ڦرجڻ کان پوءِ ڦر نه جهلي ڪيرائي ڇڏي، ان کي اُٺلاڻ. اهو چون ٿا ته گهڻي وهه پيدا ٿيڻ يا مڇڻ ڪري مينهن ۾ ڦر ڪيرائڻ

جو پوانسرو ٿيندو آهي. ويامڻ جي خبر، سندس اوھ جي لهڻ مان پوندي آهي. جي ”اوهيل“ هوندي ته مهينو - ٻه ويامڻ ۾ مس ڪيندي ۽ جي آس، يعني سارِ جي سوچ ٻاهر نڪري آيس، ته ويامڻ ۾ ويرم ڪانه ڪندي.
مال ۾ ڪي آڳاٽيون به ٿينديون آهن، يعني جيڪي ڏينهن لڳڻ جا هوندن ان کان اڳيرو ڦرجي پئي، ته آڳاٽي سڏبي. ڪن ڪن مينهن کي جلد آثار شهوت جي گرمي پيدا ٿيڻ ٿيندي آهي.
آناٽو، اٺن سالن واري چمار جي مال کي چون، جنهن چمار ۾ اَٺ ئي ڏند نڪري نروار ٿيندا آهن. ڪن کي ته ست به ڏند نڪرن ته ڪي ڇهن ڏندن نڪرڻ کان پوءِ وري ڏند ڪونه ڪين. اهڙي مال کي سنڙيو يا چڪڙيو چيو ويندو آهي. آناٽو مال ٺن سالن کان پوءِ مونٺيل يا مڙيل سڏيو ويندو آهي. اهو مال پوءِ ڪک نه وجهندو آهي، يعني متارو نه ٿيندو آهي، ان کي آيوڙي چئبو. آيوڙيءَ کان پوءِ گونديو ۽ ان کان پوءِ پُوڏ يا پُڏ يعني ڏند صفا چٽ!
ڪرت يا ڪم: ماهي مال جو ڪُونهون يا پاڏو گاڏين ۾ وهي، کوهن مان ڪوس ڪڍي، ايڪا ۽ چڪڙا ڇڪي، پوٺي هئڻ جي حالت ۾ مٿانئس پخالون رکي پاٽي پريندا آهن.

مينهن جو بيان: مينهن ۽ ڍڳين کي ڳڏي ڳوهر چون. ڳوهر لفظ سنسڪرت جي ڳوتر مان نڪتل لفظ ٿو ڏسجي، جنهن جو مطلب هڪ نُک يا نسل وارا آهن.

پاڳين جا پاڻ ونهين جا وٿاڻ خالي ڪين رهن!

مال ۽ مارو هڪبئي جو حال آهن. مارن بنان مال سُڃو! مال کي ڪي پنڌ پاڻ چارين يا ٻهي يعني اجوري تي چارائين. ڪي وري چوٿ يا اڌياري تي ڏين، چوٿ ۾ چوٿون حصو ڦرن ٽڪرن جو ۽ اڌياري ۾ اڌو اڌ ڦرن ٽڪرن ۾ ٿين، ڪي رڳو پڳو ڏهائي ڏيئي مال چارائيندا آهن. مارن کي مالوندُو، وَنهيان، ولهار، سانگي، سنگهار، سانبيڙا ڌرار ۽ پاڳيا پوتار سڏين. پاڳيو معنيٰ پاڳ وارو. هنن ماڻهن جا پاڳ پلارا آهن، جن کي هڙو برڪتي مال الله سائين عطا ڪيو آهي. چوندا آهن ته پاڳين جا پاڻا اٿهي پٿارين سان پريا پيا آهن.

**مال جو وٿاڻ:**

جتي جتي مال جا اَنبل آهن، اتي انهن جي وٿاڻن ۾ اُلٽا يا آهورا، [مٽي/نڪر جا ڪونڌا] ۽ ڪونر يا ڪونار لٽل ۽ ٿهيل هوندا آهن. وٿاڻ مٿان اولو، ڇنو، منهه يا ڇاپرو ٺاهي ۽ ڇڙيون ڇانگي ڇانولو ضرور ڪن. مال کي اَرليون ڏين، يعني پاڻي ۾ آٽي بند ڪن، تنهن لاءِ آهورن جي لڳ ڪلا، ڪيرا، منيون، منگها، ٺوٽيون، ٿنپا، نيه، نهيرا، کتل هوندا

آهن، جن سان مال کي سنگهرون، ٿوڙها، زنجيرون، پنجوڙيون، نوڙيون، رسا، نير، ڳراها، پينگها [پيند، پينڊا] ۽ پيکڙا پائي وجهي ٻڌي قابو ڪن.

مال جي چوڪيداريءَ جي لاءِ وٿاڻ تي ڪُتا به ضرور ٻڌل رکندا آهن. خاص طرح انهن جي ڪتن جا هڙا نالا هوندا آهن: موتي، راڳو، لڏو، ڪڪڙ، بگهڙ، ڀهڙو ۽ ٻيلائي. اهي ڏَنيِر ۽ دَک ڪتا هوندا آهن. انهن کي ڏينهن جو وڍيون وجهي واجهي رکن ۽ رات جو ڇُڙيا ۽ چريا وتن. تَنر مانين جا کايو موازيا گهمن. مجال آهي ڪنهن اوڦتوءَ ماڻهوءَ يا چور چَڪار جي، جو اهڙي مال ڏانهن اک به کڻي ڏسي، جنهن جي رکوالي ڪتا ڪري رهيا هجن.

اَرليون لاٿائون ته مال پاڻي کان پڙڪو ڏيئي ٻاهر نڪتو ته پويان پاڃيو پاهوڙي کڻي چيڙا ۽ مٽاڱو اوڳاٽ ۽ اولڙ ڳاهه جو ميڙي سيڙي ٻاهو اروڙيءَ تي اڇليندو، جو گهڻي وقت جي اتي سڙڻ کان پوءِ وري جم يا پاڻ ٿي پوندو ۽ ٻنيءَ ۾ وجهڻ سان پيدائش وڌائڻ جو ڪم ڏيندو، يا ته بوسا سڪائي ٻارڻ جي ڪم آڻيندا آهن. چون ته: سون جي رتيءَ کان رت جي رتي وڌيڪ!

چؤپايو مال جيڪو ڏُهي ۽ هيرائي اُن جو اوسڙ يا علاج وغيره ڪري ان کي ڏراڙ يعني ڏڻ ڏاريندڙ چئبو آهي ۽ جيڪو مال کي رڳو چاريندو وتي تنهن کي ڌڻار يا ڌنار

يعني ڏڻ چارڻ وارو چيو ويندو آهي. تنهنڪري مينهن جي چارينڌڙ کي ميهار ۽ وڇن جي چارينڌڙ کي وڇيار ڪوٺيندا آهن.

مال، وڻاڻ کان ٻاهر نڪري اچي اُگهل تي ويهندو آهي، جنهن کي اَجهور به چون ۽ جيستائين ڌنار اچي. ڌنار آيو ته اوٺاڳ ٿيندي يعني مال کي جهنگ ڏانهن پهريندو. ڪي راتوڏو يا رات پيٽ ۾ وجي مال چارين ۽ اَڏوهيون بنا ڏهائيءَ جي هڪلي وڃن ته ڪي وري ڏهائي ڪرائي پوءِ ڊڪيءَ، فجر، ٻئسي پرک، باک ڦٽيءَ، پيچ ڦٽيءَ، پرڀات، ڀنڀرڪي، ڀنوريءَ وقت مال نين. ڌنار، آنگر ڏيندو، هونگاريندو، هوڪريندو، اولڻ لڳندوَ يعني سُر سان آواز ڪندو، مال تڙيندو ويندو، جي مال کي اُج، اَڃهن، اُڃيھ يا تسيو هوندو ته سڄو ڪيراڳ ڪاهي ڪنهن تڙ، تلاءَ، ترائي، سرَ، ڍهي، ڪڏ، ڪَوھ، گهيڙ، حوض، آواڙي، آنھ، ٿوٻي، ڍٻي، چشمي، نياڻ، ڪوس ڏانهن نيندو، جتي ڪا نِڪ يا چلهو يا ”اُها“ پريل ڏسي ساڳا ڪري مال پياريندو ويندو ۽ مال کي چيڪاريندو رهندو: چي.... چي.... امان! توئيو..... توئي! پيو ڪندو. مال بر ٿي بيٺو ته پاڻيءَ لوھ نه ڪندو ۽ اتاڙجڻ يا ٿِهڻ لڳندو، پوءِ ته ڌنار ڪيترائي وس حيلا ڪري پر سڄو ”اَهڙُ“ منهن ڪري ٿيندو راهي.

**مال چارڻ جي لاءِ نيڻ:**

مال پاڻي پي پُر ٿيو ته ڏَنار هڪلون ۽ هوڪرون ڪندو، لڏيون واهيندو، مال کي رَند ۽ چارا وٺائي ڪنهن ريل يعني ساوڪ واري ڪوٺڇي ۾ آٽي ڪيندو يا ڪنهن جائتي جوءِ ۾ نيندن يا ڪنهن جهنگ ۾ اجلا چڏيندن، جتي ڍورن جا ٿولا چيڪ پيا چرندا. ماهي مال کي ته واهن ۽ دريائن جون ڪنڌيون، نهرن ۽ نيڙن جون ڪنارون. ڪورون ڪَسُيون، گنُون ۽ ڪڙين جا ڪپ ڪنارا وٺي پيو چاريندو، پڙ سينڍيون هٽندو، ڏانگ/لٺ پٺن پاڏون ڪنڌ تي ڪنواٽي وانگي رکي، ٻانهن جي ڪنج مٿان ورائي لڙڪائي، پهاڙي سُر ۾ ڏُئا ڏيندو هونگرون ڪندو وتندو.

هونگر: هوُن........ اوُن......... هو، اوُن....... آ... هو....... هو.

ٻيڪي: امان.... اما.... اي...هي.

ڏئو: آ.. هو.... ئو..... او.... هو..... هو....

منجج ڪو منجيو [نياپو يا سنديسو موڪلج].

آلاپيندو، جهرجهنگ جهونگاريندو، مال کي پيو چاريندو. ڪا مينهن ٿاهڙ هوندي، ته ان جي ڳچيءَ ۾ ڳٽ يا طوق وجهندو يعني ڪاٺ جو ڏُڪو يا ڏنبو جنهن کي ارل به چون. ان جو مٿيون پاسو ڪانچيل هوندو، ان ۾ نوڙ ٻڌل ڳراهو ڪري ڳچيءَ ۾ وجهندس ته پڇي ٿهي نه سگهندي. چاڪاڻ ته اهو ڏُڪو اڳين ٻنهي ٽنگن جي وچ ۾ اڙي بيهندو

۾ هلڻ مهل وچڙندو ۽ گهِربَو پيو هلندو. بعضي ڪن مينهن ڪي دَٻڪ به هڻندا آهن يعني سڱن ۾ هڪ اڳين ٽنگ کي هڪ رسي سان سوڙهو ڪري ٻڌندا ته جيئن مينهن جو ڳاتو هيٺرو جهڪيل رهي.
هن مال جو بعضي ڏٽيءَ کان سواءِ ٻي ڪنهن ماڻهوءَ سان هيج يا اوسر ٿيندو آهي. ڏهائي ۾ ته خاص انهيءَ ماڻهوءَ جي هٿ کان سواءِ ٻي هٿ تي نه هرندو آهي، نڪي مڙندو آهي. بعضي ڪن ماڻهن وٽ هي مال هرگز جٽاءُ ڪين ڪندو آهي، يا ته چور ڪاهي ويندا آهن، يا ته اُڦٽ مري پوندو آهي. اهڙي حالت ۾ پاڳيا ”اَل“ وجهندا آهن يعني ٻي ڪنهن مارو ماڻهوءَ جي نالي تي ڏارين.
جهنگ ۾ هڪبئي کي مينهون اَڙا يا ٿونا هڻنديون آهن، جي ويڙهه ۾ هڪڙي جو سڱ ٻئيءَ جي چوڙي ۾ چڙهي پيو ته هڪڙو سڱ پاڙئون چٽ ٿي پوندو، جي چٽ نه ٿيو ته ڪارائي سان سڱ ڪپي ڌار ڪندا آهن. ماهو مال عجيب طبيعت رکندڙ آهي، ڪڏهن ته ٿاٿ سياري ۾ به پاڻي ۾ پيو تڙڳندو آهي ته ڪڏهن ڦهر جي ڪاڙهي ۾ به دونهين تي پاڻ پيو تئيندو آهي. مينهن جو ڦر ڄمڻ سان پاڻي ۾ ترڻ ۽ تڙڳڻ لڳندو آهي.
اوسڙ ٿيو ته مال اوساڪون ڪندو يعني آسمان ڏانهن بونار ڪنڌ مٿي ڪٽي، مينهن جي لاءِ واجهه وجهندو. الله سائين کي

ٻاڏائيندو، مينهن پئي بس ٿيو يا اوسر اوڪاٽو ته الله جي رحمت جا شڪرانا ڳاڌيون ڏيئي ٻجا آٽيندو آهي.

اوهير يا ڍُهائي جي مهل ٿي، ته هيءُ مال موٽ ڪائيندو وٿاڻ ڏي ۽ ڍڪندو ايندو.

پڇنديون پٺاريون وري وٿاڻين آئيون. (پٺائي رحمه الله)

انهيءَ ٿاٽي ٿاپيون ڏيندو، ٿونا ۽ ڦوڪا هٽندو، ٿاهه ٿپا ڪائيندو، ڍڙها ڍيهون ڪڏڪارا ۽ ٻوڙون ڪندو ايندو.

نيريءَ وڇڻءَ جو ميهار آٽي اجهور تي ٻٽڪارون ۽ ٻچڪارون ڪري ٻيهاريندُن.

ڪانڌ مَ وڪڻ ڏڻ ڪنديون، سپوئي ڏار، اپريون، سپريون سسيون، سيئي پنهنجيون سار،

ته اڇي اڱُتا ٻهار، سرلا ڪنديون سڏڙا.[(1)](پٺائي رحمه الله)

مال، وٿاڻ تي ٻڌجي چڪو ته آٽي اڳيان چارو وجهندن، جنهن ۾ گاهه، ڪڙٻ، ڪانا، ٿوٿا، لوسڻ، برسيم، ڪاسني، پلال يا پرار، پالي، ول، ناڙو، ٻه جيڪو موسم سارو هوندو، سو ڏيندن. سڪار هوندو ته پاڪر پَري يا پرين جون پريون اڳيان آٽيندن، پر جي ڏڪار هوندو ته ٻه مينهن کي قوت ڪرائيندا آهن. مينهن کي جيترو ٻه چارو چاريو ويندو، سو سپ ٿورو. چوندا ڪين آهن ته ”ڍو جَهلي هڪڙي مينهن ٻيو پاپڙو“، ڪير وارين کي ته سائي سڪي

ڪُتر، ڪڙ، ڏارو، جنهن ۾ گوار، بوسو، چنو يا ڏريل اناج به هوندو آهي، ڪارائيندا آهن.

**ڏُهائي/ڏوپ ڪرڻ:**

رات ڏينهن ۾ ڏُهائيءَ جون به ويلون ٿينديون آهن، هڪڙي وچينءَ کان سمهاڻي تائين ۽ ٻي آڌيءَ لڙهيءَ کان پوءِ پهر سج مٿي چڙهيي تائين.

مال چارو پيو چرندو ته ڏهائي ڪندڙ ڪير جا سنڌ آٽي ڪٽا ڪندو، جن ۾ ساڙها، چؤنريون، ٿامي جست جا گهڙا، چؤنريون، ڪِيانَ، لوٽا، لوٽيون هونديون آهن. جڏهن ڏسندو ته ڪائي ڍؤ ڪيو اٿن، ته ڏوتل ڪو رڇ ڪٽي جنهن ۾ پاٽيءَ لپ پيل هوندي هٿ ۾ ڪندو، پوءِ وڇ يا پاڏو چوڙي ڇڏيندو جو ماءُ کي اچي ٿڻن ۾ ٿونا هڻي ڏائڻ لڳندو، ڪير ڏهائڻ جي لاءِ مڙي ٻيٺي ته يڪدم ٻاڙڻ ڪندو، يعني لار کي ڪن کان جهلي ماءُ جي اڳين ٽنگ سان ڊِنگ واري رسي جي هڪڙي پوچڙ سان وراڪيندو ٻئي پوچڙ سان مينهن جون پويون ٽنگون ۽ پچ ونگيندو. سُنڌ جي پاٽيءَ سان ٿڻ ڌوئي، سنڌ گوڏن جي وچ ۾ اُپو جهلي، اوڪڙو ويهي. بسم الله ڪري ٿڻن کي مٿين جون پيڙون ڏيئي گوها ڪيندو. ساڙهو پريندو ويندو. سرڳي هوندي ته کير بوهار ڪري پيو نڪرندو جي ڪرائي يا ٻانڌار هوندي ته ڪيٿو ڪندي، چڙيون هڻندي ڏُهائي ته ڪرائيندي ڪين، پر جي

ڪرايائين ته ڏاڍن سورن سان مڙندي. ٻَسوڪي يا وهڪي ويل ته ماڱهين ڪين مڙندي ۽ ڦر جي آرنپ واري تي ڦر مري وڃڻ ڪان پوءِ ڍهائي واري ڪي گهٽي محنت ڪرڻي پوندي آهي. ٻُهاڻو يا ڪلڙي مڙهائي مئل ڦر جو بوتو ٺهرائي(1) اڳيان اپو ڪندو جي اهو نه ٺهي سگهيو ته ڪاري گهٽيي جي پٺيءَ تي ڪير جون سيڙهون هٽي اهي چٽارائي ميڙائڻ جي ڪوشش ڪندو. پاڙيتي/پاڙڪ ڪندو يعني ”چاري ڪي ڪائڻ سان من مڙي پوي“، ”اوٻڻ“ جي هوندي ”ڦر تي آر نه هوندس“، ته چاري تي مڙي پوندي. جي ڦر الياوڙو، تازو چاول هوندو ته ڍهنڊ ان جي ڪاڻ اوريا سوڪندو يعني هڪڙي پاسي وارا به ٿڻ ڍهي وٺندو ۽ ٻيا به ٿڻ لار جي لاءِ ڇڏيندو نه ته نچوئي ڍهندو، جيڪو ڦر ماءُ ڪي ڏائي نه سگهندو ته ان ڪي اُهائو يا هٿايو ڪندو يعني هٿن سان ڪير پيارڻ تي هيرائيندو. پٿاريون آمڻ يعني گهٽي چاري ملڻ تي ڪير وڏائيندون آهن. مينهن شل نه آرو ڪري، ڍهنڊ ڪيترائي وس ڪندو، پر لت هٽي بيهي رهندي. ڪڏهن ڪير لاهڻ جي لاءِ مال ڪي ٻل ڏيندا آهن. چا ڪن جو ان جي سار ۾ ڦوڪ ڏين يا هٿ ڌوئي، سار ۾ اندر لنگهائي موڙو گهمائين! ڪي ڪي ڍهائي ڪرائيندي ئي آراتيون/سنڌوڙيل ٿين [يعني ٻن مهلن بجاءِ فقط هڪ مهل تي ڍهائي ڪرائين]. هن مال جو گهٽي

گرميءَ سببان ڪير گهٽ حاصل ٿيندو آهي. جنهن مان سمجهبو ته مال ڪي اُساٽ ٿي آهي. ڪي وري ٻيڪر/ٻياڪر هونديون آهن، ڪڏهن ڪڏهن مڙن ته ڪڏهن ماڳهين نه مڙنديون آهن.

تازي ويائل ٻٺاريءَ جي ڪير ڪي آلوڙو چون، جو ولوڙڻ ڄمائڻ جي ڏانءَ جو نه ٿيندو آهي. ان جو پس بنائي ڪائين. پورا ٽي ڏينهن تازي ويائل جو ڪير اوانڪو [ڪچو] هوندو آهي، جنهن جي ٻرهي ڪاڙهي پيئندا آهن ۽ جڏهن ڪير پڪو ٿيندو ته ڄمائڻ لڳندس. ان ۾ ٿورو سنياڻ يعني ڏڌ ڊُڪ وجهي انيڙيندا آهن. صبح جو چاول ڏؤنرو ولوڙي ڏڌ ۾ مکڻ ڪڍن. ماهي مال جي ڪير لاءِ مانداٽيون اُپينگ [اُپنديا] ٿين. انهيءَ ڪير جون ماٽيون اونڻ [ڪڏن] ۾ رکي اٿي بيهي ولوڙين هنن ڪي ٻه ٻه ماڻهو ولوڙيندا آهن.

بنان ڦرجڻ جي جيڪا مينهن ڪير ڏئي، ان ڪي سڪر سڏين. ٻي ڏهائي سوا پهر سج تائين ٿي ويندي آهي. اها ڪُڪُڙن جي دسن [دڦن] ٻڌڻ سان اٿي شروع ڪندا آهن. ٻنهي ڏهائين جو ڪير استعمال ۾ اچڻ کان پوءِ باقي ڪاڙهي يا ڪچو ڄمائي ڇڏين.

پره جو پٺن تي ڪن ولوڙا وايون.

**ڍورن جون بيماريون ۽ علاج:**

ماهي توڙي ڳائي مال کي گڏي ڍور سڌبو آهي. انهن جي اَوَسڙ يا علاج جو پاڳيا پاڻ بلو پيٽي ڪندا آهن.

**سمهڙو:**

هن بيماريءَ ۾ ڍور جو وات ۽ کر جهلبا آهن، وات چوري پوري نه سگهندو آهي، پيرن پر بيهي نه سگهندو آهي، وات ۽ پيرن جي کراندين ۾ ڪيڙا پئجي ويندا اٿن، جي علاج نه ڪبو اٿن ته چڙي چڙي مري ويندا آهن.

**علاج:**

وات ۾ سمهڙو ٿئي ته ڪُڪُڙ جو بيضو پچي وات جي اندران مالش ڪجي، ته ٻن - ٽن ڪلاڪن کان پوءِ جانور اوڳر ورائيندو ۽ اٿي گاه چرندو. لوڻ جي تري پري ڍور جي تارونءَ کي هٽجي ۽ ان جي پيرن ۾ گاسليٽ نائجي يا فنائل جون گوريون پوري پيرن اندر ٻرڪجن، ڌان [وکر] پساريءَ کان وٺي، اهو سڳن تي مالش ڪجي.

ڪيڙا پوڻ:

جنهن ڍور کي ڪيڙو پوندو، ان جو رت اوچتو ٺينديون ڪري وهڻ لڳندو آهي.

**علاج:**

ان جاءِ تي کانار ڪري سوئي سوئي ڪيڙو ڪڍي وٺجي. ڊي - ڊي - ٽي پائوڊر جو ان جاءِ تي ليپ ڪجي.

**اپامڻ:**

پرجي پوڻ/آڦرجڻ: ڪو وهٽ گهڻو گاهه کائيندو آهي، ته پرجي پوندو آهي، خاص طرح لوسڻ کائڻ سان ويچارن گگدامن سان جهٽ ٿي پوندو آهي.

**علاج:**

ان لاءِ ڪوشش ڪبي آهي، ته اوڳر ورائي ته پيٽ هلڪو ٿئيس. وات ۾ اڪ جي ٿاري وجهي چباڙائين، نسوار اکين ۾ وجهن، ڪي نڙيءَ مان پاڻهن اندر لنگهائي گاهه جا مڇن جا مڇا چڪي ڪڍي وٺن. يا ڪک ۾ ڏانٽو هڻي اوجهري ڦاڙي ان مان گاهه ڪڍي، وري ٽانڪو هڻي، مٿان ڏي - ڏي ٽي پائوڊر ٿڦي ڇڏين، ته ڦٽ ڇٽيو وڃي.

**ڪنپ واءُ:**

ڍور چاري سان گڏ ڪڏهن ڪڏهن پکين ڪڪڙن وغيره جا ڪنپ به چري ويندو آهي ۽ آپامجي پوندو آهي.

**علاج:**

پراڻو ڳڙ ۽ پنير ڪاڙهي پيارجي. مٿان ڪپڙو وجهي ڇڏجي، پگهر ورندس يا ٽيڪون هڻندو ته ڇٽي پوندو.

**ڪارو واءُ:**

هيءُ مڪڙ وانگر ڍگهو سائو جيت آهي هن کي بيبيءَ جو گهوڙو به ڪوٺين: وهٽ هن کي گاهه چاڙي کائي ويندا آهن ۽ اڦرجي پوندا آهن.

**علاج:**

Gul Hayat Institute

ڍور جي ڪنن جي چوٽين کي ٽڪو ڏيئي ڪارو رت ڪيندا آهن. آليون ليون تن جو مچ ٻاري انهيءَ جي دونهي جو واس ڏجي. وهٽ کي بند جاءِ ۾ رکجي جئن واءُ نه لڳيس مٽائنس ڳوٽرا ٽيڙ ڳِڍ وغيره وجهي چڙجن ڀگهر اچڻ تي خاصي فرحت ٿيندس.

گهٽي گوگهي: هن بيماريءَ ۾ ڍور کي نڙي ۾ ڳنڍ [ڳوڙهو] نڪري پوندو آهي. جانور ڳاٽ سڌو جهليو دانهون رنڀون ڪندو وتندو آهي.

**علاج:**

ڪاپار تي ڏنپ ڏجي چٺو ته واه نه ته اهو لاعلاج مرض آهي.

**ٿڌي:**

هيءُ ڍورن ۾ هڪ ماتا جي قسم جي بيماري آهي.

**علاج:**

هن جي لاءِ چيڪلو ڦيرائين، مصحف مال جي وٿاڻ تي رکن. پر لاعلاج مرضن ۾ هيءُ پڻ شمار ٿئي ٿو.

**ويائل ڍور:**

ويامڻ ڪانپوءِ ڍور کي گهٽي تڪليف هوندي آهي.

علاج: هن کي ٻاجهر جا ڪوهر ڳڙ سان رڌي کارائجن، ته ڄر نڪري ايندي ۽ رت پٽ چڙهي ويندو.

ڦر جو پيٽ ۾ مرڻ:

Gul Hayat Institute

بعضي ماديءَ جي پيٽ ۾ ويامڻ کان اڳ ڦر مري ويندو آهي.
علاج: هنجهو، واهو، ڳڙ جاڻ گهوٽي پيارجن، ته مئل ڦر ٻاهر اچي ڦهڪو ڪندو.
ڇن: مال هڪبئي کي اوکلون هٽندو آهي، وڙهڻ مهل ڊيه ٿونا زورائتا هٽندا آهن، اهڙي حالت ۾ بعضي اندران اندر مال جا آنڊا وچڙجي پوندا آهن.

**علاج:**

ڦٽڪي ۽ هيڊ تازي ڏڌل کير ۾ ملائي پيارجي.

**اوگهر يا انگهارو:**

مال جو اوهه سڄي پوندو آهي، ۽ منجهانئس پاٽي پيو سمندو آهي. چون ته ''ارهڻ'' ٿي پيو اٿس.

**ڦرَ جو اَمهاڙو اچڻ:**

ڪن مادين جا ڦر منهن کان اچڻ بجاءِ پٺ کان سارِ مان نڪرندا آهن ۽ پوءِ ڦاسي پون ۽ نڪري نه سگهندا آهن.

**علاج:**

جي ڦرُ جيئرو هوندو آهي، ته ڏاهو معالج هٿ ڌوئي هن کي سٽپ مکي هٿ سارِ مان اندر لنگهائي ڦر کي سمهاڙو ڪري ڦيرائي ڪڍي وٺندو آهي، پر جي ڦر مئل آهي ۽ ڦري نٿو سگهي ته پوءِ ان هٿ ۾ تمام تکو ڪرو ڪٽي هوشياريءَ سان ڦر کي وڍي ٽڪر ٽڪر ڪري ٻاهر ڪڍي وٺندوآهي.

Gul Hayat Institute

هيءُ تمام نازڪ ۽ هوشياريءَ جو ڪم آهي، جنهن تنهن کان ٿي نه سگهندو آهي.

**اهنبڍ ٿيڻ:**

نر وهٽ کو مارٽو/اؤنٽرو جيڪو رڳو پيو پنبندو آهي ۽ ويجهو اچڻ ڪين ڏيندو.

علاج: ان جا آنورا ڪڍائي/چپائي کسي [خصي] ڪرائي ڇڏين، يا ته ڪن کي نٿ ٿوپين - ڇا ڪن جو ڪاٺ جو سؤ گهڙي اهو نڪ جي بينيءَ ۾ هٽندا ۽ پوءِ نڪ مان ڪڍي ڏاس جو ڏورو نڪ ۾ وجهن. نڪ ٿوپڻ مهل وهٽ کي وڻ سان ڏاڍو ڪري ٻڌو ويندو آهي.

وروهي: هيءُ جانورن جي لاءِ هڪڙي قسم جو بخار آهي.

**علاج:**

مال جي پٺيءَ تي ڪرڙي پکيڙي وجهي ڇڏين، ته پگهر ٿئين، ۽ ڪارن مرچن جو دونهون نڪ ۾ ڏين.

**اپرو ڊور ٿيڻ:**

ڪي ڊور ڪاڌي جا سچر ٿين جيڪي ڪائين سو جلد هضم ڪري وڃن، پر ڪي ڏچر هوندا آهن يا ريح جي بيماري هوندي اٿن، ته هرگز ڪين مڇن.

**علاج:**

اپري ڊور کي اوتڻي/ڊڪ ڏين يعني تيل ڏڌ گڏي پيارين ريح جو علاج به ڪن.



Gul Hayat Institute

**رڍ - ريڍو مال:**

”رڍ چا چاڙي راڳ مان، ٻولي جنهن جي ٻي“

هن دنيا ۾ پهريائين هڪ دنبو بهشت مان آيو ۽ حضرت اسماعيل عليه السلام جي قربان ٿيڻ بدران ذبح ٿيو.

رڍن کي ريڍو مال ڪوٺجي ٿو. رڍ ۽ ٻڪري گهٽين عادتن توڙي لڇڻن ۾ هڪجهڙيون آهن. ٻڪرين کي برڪتي مال ڪوٺيو ويو آهي، ته رڍن ۾ به برڪت جي گهٽتائي ڪانهي. رڍ ڇهين مهيني ويامندي آهي. مادين سان گڏ نر به پيا چرندا آهن، هن جي ڦرجڻ جي ڪابه موسم ڪانهي. ڦرن کي دنبا دنبيون، گهيٽا گهيٽيون، گڊا گڊيون نالن سان سڏيو ويندو آهي. سيڻي ڦرن کي گڏي سَسُون سڏين.

هتي سنڌ ملڪ ۾ ريڍي مال جا ٻه قسم آهن: هڪڙو سڱر پڇُر جنهن جي نر کي دنبو ماديءَ کي دنبي ٿو ڪوٺجي ۽ ٻيو ٿوڙهو مال، جنهن جي نر کي ڪُڪُو ۽ ماديءَ کي ڪُڪِي ٿو ڪوٺجي. عام طرح سيڻي کي رڍون چئبو آهي.

**سڱر پڇڙ:**

گهٽو ڪري ڪوهستان جي پاڳي ۾ ٿيندا آهن. هنن مان ڪن ڪن نرن کي ٻن جي بجاءِ چار سڱ به ٿيندا آهن، پر مادين کي رُڳي ٻه سڱ هوندا آهن. رڍن سيڻي جا گهٽو ڪري ٻوٿ ڪارا ٿين ٿا، پر ڪن جا ٻوٿ ناسي رنگ تي يا اَڇا به هوندا آهن، پر پهاڪي ۾ چون ته ”رِڍون، مڙئي ٻوٿ

ڪاريون“ جبل ۾ ريڍي مال ڪي پاھو مال سڏين ۽ رڍ ڪي پھون به چوندا آهن ۽ هن جي چاريندڙ ڪي پھنوار ۽ رڍ جي چاريندڙ ڪي ريڍار نالن سان سڏيو ويندو آهي. رڍ ڪي ايل به چوندا آهن، تنھنڪري انھيءَ جي چاريندڙ جو ٻيون نالو آهي ايلپھنوار.

جاتي لاڙ پاڱي ۾، جيڪي ڳاڙها ڪُڪا ٿين تن کي ٿري توڙي سنڌي ماڻھو ”رچون“ چوندا آهن ۽ ٿر جا ٿري پنھنجي پاڱي جي اڇين رڍن کي ”پاروڙيون“ ڪوٺين.

جيسلمير جي ڪاڏار واري پاڱي جي رڍن کي ”ڪاڏاري“ ڪوٺيو ويندو آهي. هنن جا پڇ گڏه جي پڇ جيڏا ڊگها ٿيندا آهن.

رڍن توڙي گھيٽن جي وارن کي، جي ڊگها هجن ته ”اريٺ“ ۽ ننڍا هجن ته اُنَ ڪوٺيو ويندو آهي، ۽ جڏهن اهي وار رڍ جي بدن تان ڪتري لاٿا ويندا آهن، ته ان کي پُني چون ۽ نر جي بدن تان ڪتريا ويندا آهن، ته اُن کي پُٺا سڏين. پٺيون ۽ پُٺا وڪوڙي ڏار ڏار رکن.

اُن جڏهن ڪتبي آهي، ته ان جي تند کي ”پيڻ“ سڏبو آهي ۽ اڻ ڪتيل کي پھو يا پانڌو چئبو آهي. اُن کي جڏهن سٽي ڪٽي ڌوئين ته اُن کي ”پيبرڪ“ سڏين ۽ جڏهن سڪي صفا ٿئي، ته اروٽي ڪوٺين ۽ رڱجڻ کان پوءِ ”پشم“ چونس. اُن يا پٽي ڇھين ڇھين مھيني ڪتري لاهيندا آهن.

اَيون، سپني رڍن توڙي ٻڪرين کي گڏي سڏيو ويندو آهي. اُري يا اُريون، رڍن جا هڙئي قسم جن ۾ دنبيون ۽ گهيٽيون به اچي وڃن ٿيون. ايبري، کيري رڍ جو نالو آهي، پر اُرپ يا اورنب جيڪا رڍ ڦرجڻ کي ويجهي هوندي آهي ان کي چوندا آهن.

رڍن جا قسم هيءُ آهن: اوٺي رڍ، هن جي بدن جو رنگ ۽ ڪن هوبهو اُٺ جهڙا هوندا آهن.

ٻُسري: ننڍڙن ڪنن واري رڍ، ٻوهڻ به رڍ کي چون.

ايڙڪ: ويڙهو گهيٽي/وڏي دنبي کي سڏيو ويندو آهي.

ٻچي ٻوٽ ڪاري: هن رڍ جي ڪاڌي تي ٻگهن وارن جو مڇو هوندو آهي.

بيماريون: رڍن توڙي مينهن جون بيماريون بلڪل ساڳيون آهن.

بيان: اپري دنبي/گهيٽي جي دنب/پڇ متاري ڪرڻ جي لاءِ اُن جي پڇ جي ڇَڏن واري لسي پاسي کي جنڊ جي پهڻ سان ٿورو گهي، پوءِ ٽي مهينا هن کي ڇڏيا پسيل ۽ گاهه کارائبو ته دنب جي چربي پندرهن - سورهن سير تور ۾ ٿي ويندي. دنبي جي پڇ جي هيٺئين پاسي واري کل اهڙي ته سنهڙي ٿيندي آهي، جو هن کي ڪتي جو نوهندڙو لڳي ويو، ته سڄي چمار اهو ڦٽ نه ڇٽندو ۽ ڇوڙا کائي مري ويندو.

Gul Hayat Institute

رڍ کي پوين ٽنگن جي پؤتان ٽڻ چڪي ڏهبو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڏهائيندي ڦولهڙيون به لاهي وجهندي آهي، جي ڪير ۾ وجي پونديون آهن. ان تي پهاڪو ڏين ته:
”رڍ ڪير ڏي پر ڦولهڙين آڏيار“.
هن جو ڪير گهاٽو ۽ مکٽياتو ٿيندو آهي،تنهن ڪان سواءِ ملي به هوندو چوندو آهي، يعني هن جي ڪائڻ سان بدن تي ملو ۽ ڦٽ ڦرڙيون نڪري نروار ٿيندا آهن. حڪيم ريڍي ڪير ۽ گوشت ڪائڻ جي بيمارن کي منع ڪندا آهن، چو ته هن جو ڪير ۽ گوشت پراڻيون بيماريون به اٿلائي رکندو آهي. ماتا يا سيتلا جي بيماري واري کي ريڍو ڪير گهڻو پياريو ويندو آهي، ته سندس بدن مان ماتا جون ڦرڙيون پرجي نڪرن.
رڍ جي آواز کي ٻيڪاٽ/ٻي ٻي سڏين. هن جو ڪاتو هرگاهه، ٻوٽو، ڦل ڦول آهي. گهيٽو چوندو آهي ته ”اُٺ چري ٻٽيھ پر آئون چران چٽيھ“ ڪوبه ٻوڙو سئين لڱين ڌرتيءَ تي نه چڏيندو آهي. رڍ ۽ گهيٽو اهڙا ته هوشيار جانور آهن، جو ڏکئي ڪان ڏکي چاڙهي ۽ ترچن آڏن پاسيرن لڪن تان به ٻي ٻپا پيا هلندا ٻوڙندا آهن. هي مال نرا ڪٽي مٿي ٻڪرين وانگر ڪين چرندو آهي، پر منهن سدائين هيٺ ڪيو پيو پيٽ پاليندو آهي. هنن جو پاڻ ۾ جهيڙو جنگ ڪانه ٿئي.

هڪڙيءَ وڙهڻ جو خيال ڪيو ته ٻي امالڪ پڇي ويندي.
چوندا ڪين آهن ته فلاڻو جهڙي رڍ ڏنوَ.
ڪي ڪي ماڻهو اپڙڪ گهيٽا پالي تاتي ويڙهائيندا آهن ۽
بازيون ڪٽندا آهن.

**وچولي:**

هي مال حلال آهي، تنهنڪري هن کي ذبح ڪري گوشت کي کائين. خاص طرح سنڌ جا ماڻهو رڍي گوشت کائڻ کان ڪؤ ڪندا آهن. لاچار کان سواءِ ڪونه چکن متان ڪنهن بيماريءَ ۾ تڳڙجي نه پون. اهو پؤ دل ۾ سدائين هوندو اٿن. هن وقت پاڪستان ۾ اٽڪل هڪ ڪروڙ ٽيه لک رڍون موجود آهن.

**ٻاڪرو مال:**

”ٻڪر ٻاٻاڻن جا ولر ڪيو ٿي واري، ڳٽي اباڻن جي مون کي ٿي ڳاري!“

هيءَ کير ڏيندڙ مال ۾ شمار ڪئي ويندي آهي. ٻڪري برڪت وارو مال آهي، هڪ کان وٺي چئن ڦرن تائين ڄڻيندي آهي، ۽ هر ڇهين مهيني ويامندي آهي. ٻڪريون نبين سڳورن چاريون ۽ ڏاريون آهن.

ٻڪري کي جڏهن ٻڪر ٻور (آواز) ڪري ٻوڪيندو آهي، ته سڄي ڏوڙي ٿي ويندي آهي. هن جي نر ڦرن کي مملو، شملو، ليلو، ڇيلو، باگار، ٻوڪ، لائو [لاڳڙ جو ٻڪرين تي

پوي]، ٿير ۽ سانھ ٻڪر سڏيو ويندو آھي، ۽ مادي ڦرن کي ميمي جيڪا مھيني کن چمار جي ھجي، چيلي جا ٽن مھينن جي ھجي، پٺ سال ڏيڍ جي ۽ ائٺ يا اوٺ جا لڳڻ يا ڦرجڻ جي ايامڪاري ۾ ھوندي آھي تنھن کان پوءِ ٻڪري ڪوٺين.

ناري پاسي ٻڪريءَ جي ليلي/ليليءَ کي عمر جي حساب سان ھنن نالن سان سڏين.

1. ڏاوچ [کير پئيندڙ] 2. ڪڙھي [پن ۽ گاھ کائيندڙ ۽ کير پيئندڙ]

3. پن چري [پن چرندڙ]، 4. چيلي [ڏيڍ سال جي]، 5. پٺ [ٻن سالن جي]،

6. ايٺ [ٻه ڏندي]، 7. پھريات [پھريون ڦر ڄڻيندڙ]، 8. ٻڪري [مڪمل ٻڪري]. ساڳيءَ ريت ليلو، ڏاوچ، ڪڙھو، پن چرو، چيلو ۽ پوءِ ايٺ [ٻه ڏندو] ٿي ٻڪر سڏبو آھي(1).

نالا: ٻڪري کي ائي، ايمي، چارڪي نالن سان به سڏيندا آھن.

**چمار:**

ٻڪرين جي چمار پڻ ٻين جانورن وانگر ڏند مان ڏسي ڪٿبي آھي. پھرين کير ڏائڪ ڦر، ڪيدو يا ڪيرو، ڪپر ڇڏيندڙ ارڙو، پوءِ ٻڙاندي، ٻڏندو، چوڳو چوڏندو، ڇڳو ڇھ

ڏندو وغيره. پوءِ مڙيل، جنهن کي ٻه ڪليون ڦٽي نڪرنديون آهن. ٻڪريءَ کي اَٺ هيٺيان ۽ مٿان هيٺان اَٺ ڏند نڪرندا آهن. حلال جانورن سيڻي ۾ چمڙ وارا ڏند پچندا ويندا آهن، ۽ انهن جي جاءِ تي ڇهن مهينن کان پوءِ جوڙي نون ڏندن جي پئي نڪرندي آهي، جا انن ڏندن يا ڇئن جوڙين تي وڃي ختم ٿيندي آهي. جيئن ڏند نڪرندا ويندا ته چوندا ته آماهجي پئي. ٻن سالن واري کي اَئي چوندا آهن.

**ٻڪرين جا قسم:**

سنڌي، ڪاموري، لاکي، بري، ٿري، ٻڊي، بربري، بوتري، جابلي، ڪاڇڙ، ٿاپري.

**سنڌي:**

قد جي پوري پني، کير ٻن سيرن تائين ڏهائيندڙ سندس رنگن ۾، ڪاري، ڪيٽي، ميٽي/اَڇسري، ٻگي، سفيد پولي [پوري رنگ واري]، نيري [ڪجھ ساواڻ تي]، چانهين [سائي ميرانجهڙي]، پٿوري، [جنهن جي ڇاتي ۽ پيٽ اڇو ٿئي]، ڪمري يا ڇٽڪمري (اڇا ۽ ڪارا يا اڇا ۽ ڳاڙها دٻڪ دٻڪ هوندا اٿس]، ٽڪڙي، [منهن تي اڇو ٽڪو يا بانو هوندو اٿس]، ٽيري يا ٿاپري [پيٽ ڪارو پٺا اڇا ۽ پير به اڇا هوندا اٿس]، مڪڙي [جنهن کي ڳلن ۽ اکين وٽ ڳاڙها لينگها هجن]، ٻولاهي [منهن جو گهڻو حصو اڇو

Gul Hayat Institute

هوندو اٿس]، ان کان سواءِ ڪاري، ناسي ۽ ڳاڙهي رنگ جون به هونديون آهن.

**ڪاموري:**

هن جو نسل ايران، عراق ۽ عرب ملڪن جي ٻڪرين ۾ ڏٺو ويو آهي، هيءُ قداور ٿين. مهل تي چار سير کن کير ڏهارائين. هنن جا ڪَنَ ۽ ٿڻ ڪارا پر ڊگها وڏا ۽ هيٺ گهڻو لڙڪيل هوندا آهن. رنگ جون ناسي، ڪاريون، چٽڪمريون ۽ ڊبڪن واريون به ٿينديون آهن. هنن جو کير مٺو هوندو آهي. منجهس ٻڪراٽي ٻٽ نه هوندي آهي. هنن جو کير مکٽياتو ٺٺي ۽ ڄمائيندا پڻ آهن. ڪام اها گول ڪاٺي جيڪا جاءِ جي مهاڙي ۾ وجهبي آهي. هنن جا ٿڻ به گول ڪامن جهڙا آهن تنهنڪري ڪاموري نالو ڏنو اٿنس.

**لاڪي:**

هيءَ ڪاموريءَ کان قد ۾ لاٺيري ٿيندي آهي. به - اڍائي سير کير ڏهائي ڪرائيندي آهي. هن جا ٿڻ ڳئُون جي ٿڻن جي رنگ جهڙا ڳاڙها ٻُڙ ٻُڙ وارا هوندا آهن، هن جا ٻيا قسم بيرڪ ۽ بوتري آهن.

**بري:**

بري ٻڪري قد جي ننڍڙي ۽ هلڪي، ڏسڻ ۾ وٽندڙ، کير وڏ ۾ وڏ اڌ سير کن ڏيندڙ. هن جو کير نهايت طاقت وارو آهي ۽ دوائن ۾ گهڻو ڪتب ايندو آهي. هن نسل جي ٻڪريءَ

ڪي سندس نسل جو ئي چيلو ڦريندو ته ويامي سگهندي، پر جي ڪنهن ٻئي نسل جي ٻڪرَ ڦري ته ويامي ڪانه سگهندي ۽ اڻٿ مري ويندي، تمام نازڪ ۽ نفيس بنياد جي آهي. سندن سجاڻپ لاءِ ڪي قسم هيءُ آهن: ٻگي ٻري [رنگ اڇو، ٽنگون ننڍڙيون، ڪن ننڍڙا ۽ اڳتي وريل البت ٿڻ وڏا هوندا اٿس]، اڇي ٻري [وار ننڍڪا، ڪن ڪڙا، بعضي وارن ۾ ناسي يا ڳاڙهي رنگ جي ٻُر ٻُر به هوندي اٿس]، ڳاڙهي ٻري [هن جا وار به ننڍڙا هوندا آهن]. ڪل ٻرين ٻڪرين جا قسم هت ڏجن ٿا: ڪيٽي ٻري، ڏوڙاڪي ٻري، پوري ٻري، جهري ٻري، ڪاري ٻري، ٻگي ٻري، ڳاڙهي ٻري، وانگٺائي ٻري، هيڊي ٻري، ڪبري ٻري، ٿاپري ٻري، بادامي ٻري ۽ چيني ٻري.

”ٻريون ٻڪريون سڱن واريون ته بنا سڱن جي به هونديون آهن، ٻريون اڇيون، سال ۾ به پيرا ويامن، انڪري ڪي ”اجڙوال“ اهي شوق سان ڌارين جو هنن جو نسل گهٽو وڌندڙ آهي.“[(1)](#)

**جبلي ٻڪري:**

هيءَ قد جي ننڍي بدن تي ٻج، گهاٽا وار ڊگها، ڳچيءَ ۾ به لڙڪا جن ڪي جبلي ماڻهو چوڙا چون. اهڙين ٻڪرين کي چوڙيليون ڪري ڪوٺين. هي ميٽوڙي رنگ جون ٿين

Gul Hayat Institute

ٺيون. گهڻو ڪري سپ جاڙا يا جڙوان ڦر ڏينديون آهن(2)
.

**ٿري:**

هيءَ به قد جي ننڍي ۽ بوجري، کير گهٽ ڏيندڙ گهڻو ڪري ڪوس جي لاءِ ڌڻن جا ڌڻ وڏن شهرن جي مال جي پڙين تي وڪري لاءِ بيٺل ڏسڻ ۾ ايندا آهن.

**مڱياڻيون/وڱياڻيون:**

”ٻڪرين جو هيءُ قسم هالا، سانگهڙ، ٽنڊوآدم ۽ ٺٽي پاسي جا ڌنار ۽ مالوند شوق سان پالين، هنن ۾ ڪيترائي رنگ آهن، جنهن ۾ ناسي ۽ ڪارو هوندو آهي. هنن جا ڪن اچا هوندا آهن.

ٻڪرين جي هن قسم کي ڪاڇڙ به چوندا آهن، ڪاريون ڪاڇٽيون، کير ۽ گوشت جي حساب سان سٺيو ليکيون ويندڙيون آهن.“(3)

**ٻگي ٽُوري:**

”هيءُ نسل سنڌ ۾ ايترو عام ڪونهي، ڪن شوقين پاڇين وٽ اهو نسل ڏنو ويو آهي، اهي سڀيون اڇيون، سڱ اُڀا ۽ وڪڙن وارا، قد وڏو ۽ سهڻيون هونديون آهن. ٽنڊي الهيار پاسي جي زميندارن وٽ هنن جو نسل اڄ به موجود آهي، چوندا آهن ته اهو نسل ابن بطوطه نالي سياح سنڌ ۾ آندو هو.(1)

**ڪنن موجب سڃاڻپ جا نالا:**

ليڙي [ڪن ڪارا ويڪرا ۽ ڊگها هوندا اٿس]، بوتي يا ٻوٿي [ڪن ننڍڙا هوندا اٿس]، لهري [ڪن ڪارا، سوڙها ۽ ڊگهيرا اٿس]، لپي [ڪن ڪارا ويڪرا پر ننڍڙا اٿس]، پتني [ڪن ڪارا سوڙها انچ کن ڊگها اٿس]، ٻندي [ڪن ڪارا سنهڙا ٻه انچ ڊگها]، ڪزي، قضي [ڪن ڪارا سوڙها چار انچ ڊگها]، ٻوري لهري [ڪن اڇا سوڙها ۽ ڊگهيرا]، ٻوري لپي [ڪن اڇا ويڪرا ٿورا ننڍيرا] ٻوري ليڙي [ڪن اڇا ويڪرا ۽ ڊگها]، ٻوري [ڪن اڇا ۽ انهن تي ٻُر ڦُر هوندي اٿس]، ٻسري [ڪن اڇن چٽڪنوار ٻه انچ ڊگها] اوٺي ڳلهي [ڪن ڳاڙها چا رانچ ڊگهيرا]، هرڻي [ڪن اڇا، ڪنوٽيون وريل ۽ اُپا وار] ٻوٿار يا ڪري [ڪنن ڪٽي]، اينڊڪي [اڇي رنگ واري]، اڇوني [رنگ ڳاڙهو، ڪن اڇا، ڪير جي ڀلي]، ٻولهائي [رنگ ڪارو ٻت تي ڊگها وار، ٿڻ ڊگها، سڱ پورا پنا ۽ وريل قد پورو پنو] ٻيون آهن، اڇي چانهين ۽ ٻؤنري ٻڪريون.

Gul Hayat Institute

**سڱن موجب سڃاڻپ جا نالا:**

نهري [سڱ وڏا ۽ مٿي اُپا]، ڪوسي يا گوشي [سڱ تاسارا ۽ ٿورا مٿيرا اُپا] اڇوني ريڍي [رنگ ڪجھ ڳاڙهو، ڪجھ ڪارو، ڪجھ اَڇو، سڱ سنوان ۽ ڊگها، ٿڻ پورا پنا]، ٻهري [وڏن سڱن واري]، تاساري [سڱ پوئتي لڙيل]،

ڪنڊي [سڱ ڪنڊي يا چوڙي وانگر وريل] ڏبي [هڪڙو سڱ هيٺ لڙيل ٻيو سڱ مٿي اُڀو اُٿيل] ڏُڏر [انچ کن سڱ مغز ۾ گتل] ٺوڙهي [ٻنان سڱن جي موڏي]، ٺونٺي [هڪ سڱ ڀڳل]. ٻيا ٻڪرين جا نمونا ڪمري، ڪوراڙي، ڦلڦلي رنگن ڪري نالا ڏيندا آهن.

**ٻيون حالتون:**

اوهيل [جنهن جو اوهه نڪري آيو هجي] ويامو [ڦر ڏيڻ جي ويجهي هجي]، آلوڙي [تازي ويائل] سئا [گهڻن ڏينهن جي ويائل]، ڀهريات يا اينوڙي (ڀهريون ڀيرو ويائل)، ڪانگهاري [گهڻو وقت کير ڏهائيندڙ ۽ کير ڀچاڙيءَ ۾ کارسرو ڏيندڙ]، ڦنڊي [کير نه ڏيندڙ نڪي ڏُڪي ٿيل]، ڏُڪي [ڦريل، ٻڪر مٿس چڙهيو هجي ۽ پيٽ ۾ ڦر قرار وٺي چڪو هجي]، تاندوري، يا ٽانبوري يا ٽنبيل يا ٽبيل [جنهن ويامڻ جي ايام کان اڳ ڦر ڪيرائي ڇڏيو هجي] سنڍ يا مُناوَڻ [جيڪا ڦر صفا نه جهلي]، اِنڍي [ٻنان لڳڻ ٻنان ويامڻ جي کير ڏهائي اهو کير مڪروهه سمجهيو ويندو آهي].

**ٻڪريءَ جي ويم بابت:**

ڪي ٻڪريون سمهاڙيون ويامن يعني سندن پيٽ مان ڦر سنئون سڌو ٻاهر نڪرندو آهي، پر ڪي آمهاڙيون ويامنديون آهن يعني ڦر پيٽ ۾ ابتو ٿي ويندو اٿن ۽ ڄٽڻ ۾

ڏاڍي ڏکيائي ٿيندي اٿن. ڦر پنيرو ٿي ويندو آهي. پهريائين پولهه ٻاهر ڪڍڻ لڳندو آهي، جو نڪري نه سگهندو آهي، ڪاريگر ۽ چاڻو ماڻهو ٻڪريءَ جي سار ۾هٿ سٽپو ڪري وجهي، ڦر کي سبتو ڪري ٻاهر ڪڍن جي مري ويل هجي، ته ڪرو يا چاقو تکو هٿ ۾ جهلي ڦر کي وڍي ٽڪي ٻاهر آڻين. ٻڪريءَ جي دير سان ويامڻ جي لاءِ هيءُ علاج ڪن:

1. گهوڙا ول سڪل، جي اها نه هجي، ته سائي هٿ ڪري، ڪتري، رڌي پوءِ ٺاري پيارجي ته يڪدم ويامندي.

2. پراڻي ٻاجهري ڏري، ڪاڙهي پيارجي.

ويامڻ کانپوءِ ڳڙ ۾ ٻاجهر يا ڪڻڪ جا مٺا ڪوهر رڌي کارائجن، ته رت پت ڇڏي - ڦر کي ٻه تولو کن ڳڙ کارائجي. تازي ويائل ٻڪري کي سندس آلوڙو کير پيارجي ته کير تمام گهڻو ڏيندي.

**ڪاڌو:**

ٻڪري جهنگ چري جيڪو وڻ منهن سامهون آيس ته نرا ڪڻي چڙهي ويندي، جيستائين ڳچي پهچنديس اوستائين پئي چرنديس، نِمَ ٻير، ٻير، اڪ وغيره ڪوبه ڪونه ڇڏي. گهر ۾ ذاريل /پالتو ٻڪري کي ڏارو، گوار، بوسو، پاروٿين مانين جا ٽڪر پسائي کارائيندا آهن. پهاڪو ڏين ته ”ٻڪريءَ جو کير هن جي هوڙ هيٺ آهي.“ مطلب ته

جيترو چرندي، اوترو کير ڏيندي، ٻڪرين چارڻ جي لاءِ چالاڪ ۽ هوشيار ڌنار جي ضرورت آهي، چاڪاڻ ته هيءَ ڪسڪڻ ۽ ڀڄڻ جي چوهي هوندي آهي. انجلي چرڻ جي ڪوشش ڪندي آهي، ڌنار پورو ڌيان نه ڏنو، ته ڀيل ڪندي نه گسندي. ٻڪرين جي مرد چاريندڙ کي، اَير، ٻڪرار، پهنوار، نالن سان سڏين، ڪا زال چاري ته ان کي ائياري چون. ٻڪريون ڌاريندڙ کي ڌراڙ/ڌنار چئبو: ٻڪرين جي ڌڻ کي اَيون پڻ چون. هن جي چيٽي کي ڦولهڙيون، پولڙيون، ميگڙيون ۽ ڦوگڙيون سڏين. ٻڪري جي آواز کي ٻيڪڙاٽ چوندا آهن.

**ٻڪريءَ جو بيان:**

ڏُڪي ٻڪري ولھ ۾ ٻيهڻ ڪري ٽُبجي پوندي آهي، تنهنڪري ان جي لاءِ اولو يا ٻاڏ رکڻ ضروري آهي. هن جي تازن ڦرن اَلياوَڙا ۽ ننڍڙن کي لار ۽ ڏائيندڙن کي نوراپا، کير چڏيندڙن کي اوڻاڪ چئبو آهي. جيڪو ڦر هٿ سان کير پيارڻ تي هيرائجي، ان کي هٿايو يا اُهائو چون. ڦرن کي جنهن جاءِ ۾ بند رکجي، ان کي گوندو يا گندلو يا برڻو ڪوٺين، ۽ ٻڪرين کي جنهن جاءِ ۾ ڏڪجي، ته ان کي واڙ، ايواڙو، اَجهار/ايواڙو/لوڙهو به ڪوٺين. ٻڪريءَ جي ڏگهن وارن کي ڏاس يا ٻج ڪوٺين. اهي سال ۾ هڪ ڀيرو ڪتري لاهين ۽ ٻولاندو يعني منڌل چونس.

پوءِ وٺي رکن. ڏاس مان رسا، توبرا، کرڙيون، ڪاهيون، اوجا، پلاڻ، پورا ۽ فراسيون ٺهنديون آهن. ننڍڙن چيلڙن جي کلن مان ڏُهل ۽ ڏڪڙ مڙهبا آهن ۽ ان جي کل مان زيهون ڪڍي ڇڄ، گاگڙا ۽ ڪونڊا سبي ٽوپي ڏاڍا ڪندا آهن. ٻڪريءَ جي کل کي رڱي چمڙو بنائين. جنهن مان تمام گهڻو چمڙي جو سامان ٺهندو آهي. بوٽ، سپليپر، سپاٽا، چمپلون، پيٽيون (پيگون) دستانا، موزا، ڪڙتا، بدون، پکالون، ڪوٺرا، پرس يعني ٻٽون، فوٽ بال، والي بال، تنگ، هنن جا ڪور، بالاتنگ، [گهوڙن جا سنج گهوڙي گاڏين جي وهٽن جو سامان جنهن ۾ ٻين جانورن جي چمڙي کي به ڪتب آڻين ٿا] وغيره.

ٻڪري حلال جانور آهي، هن جي گوشت کي ٻاڪرو گوشت چوندا آهن. ننڍي چيلي جي گوشت کي حلواڻ چون.

ٻڪريءَ جون ڦولهڙيون ۽ مٿانگون پاڻ طور ٻنين ۾ استعمال ڪندا آهن. ٻڪريءَ جي اوجهري ويائل زال کي کارائين ته ٿڃ گهڻي ٿيندي اٿس. اڳي بخار واري يا بيمار ماڻهوءَ تي ٻڪري کهي ان جي کل بدن تي چاڙهيندا هئا ته نئوبنو ۽ تندرست ٿي پوندو هو.

**ٻاڪري کير جا فائدا:**

* هيءُ ڪير ماڻهو ڪائين، ڄمائي مکڻ ڪين، جي ڪنهن ٻار جي ماءُ کي ٿڃ نه هوندي آهي، يا ڇورڙو ٻار هوندو آهي، ته ان کي ٻاڪرو ڪير پياريو ويندو آهي.
* جيڪو ماڻهو ٻاڪرو ڪير ڪائي ۽ نم جي ڇانوَ ۾ رهندڙ هوندو، ان کي سله جو مرض ڪڏهن به ڪين لڳندو.
* پيشاب ۾ ساڙو ٿي پوي ته ٻاڪري ڪير ۾ پاڻي ملائي، لسي بنائي پيئجي ته ساڙو ڇڏي ويندو.
* وات اُٿي يا ڦلارجي پوي تهِ ٻاڪري ڪير جا گوها وات ۾ هڻائجن ۽ ڪاڪڙو لهي پئي ته پڻ سيڙهون هڻائجن.
* اکيون اُٿن ته ٻاڪري ڪير مان ڪپه جا پها پسائي اکين تي رکجن، ته ڇٽي وينديون.
* کوهه ۾ پونئرا پيدا ٿين ته پنج - ست سير ٻاڪرو ڪير کوهه ۾ وجهڻ سان سڀ مري ويندا آهن.
* مرداني طاقت جي لاءِ، ٻري ٻڪريءَ جي ٻن سيرن ڪير ۾ سفيد موصلي هڪ آنو، سفيد بهمڻ اڌ پاءُ ۽ مصري هڪ آنو ڪٽي ڪير ۾ وجهي ڪاڙهجي. جڏهن اڌ جيترو مال بچي ته لاهي ٺارجي. روزانو نيراني پنج تولا، ٻري ٻڪريءَ جي تازي ڪير سان وٺڻ سان طاقت/مردمي زور وٺندي، پر وچ ۾ جماع ڪرڻ کان پرهيز ڪري، جيستائين خوراڪ ختم ٿئي. دل جي طاقت واسطي، ٻري ٻڪريءَ جي هڪ پاءُ ڪير ۾ پنج ڇوهارا، ڏهه گورا بادامين جا، پنج

ڪارا مرچ پسائي رکجن. اهي صبح جو ڏنبي ڪونبي ۾گهوٽي اڌ آني ماڪيءَ سان گڏي کائڻ سان دل جي طاقت وڌي ويندي، اهو نسخو ٿيه ڏينهن ڪرڻو آهي.

دماغ جي طاقت لاءِ، بري ٻڪريءَ جو کير اڌ سير، ان سان هڪ آنو ماکي ملائي رات جو روزانه وٺڻ سان ويهن ڏينهن ۾ دماغي طاقت مڪمل ٿي ويندي.

**ٻڪرين جون بيماريون:**

1. ڦيٽ/ڦڦڙي هن کي سوڙهيءَ گهٽ به چون. اوچتو ڌڻ ۾ بيڪاٽ ٿيندو، بيڪاٽ سان گڏ ٻڪري ڦٿڪي مري پوندي آهي.

2. اڄڪلهه آفريڪا جي هڪ بيماري پ پ آر سڄي ملڪ ۾ پکڙيل آهي، جنهن ٻڪري کي زڪام ۽ بخار ٿئي ٿو.

**علاج:**

هن مرض جي لاءِ کِپ جو ٻوڙو ڪڍي، ان کي ڪتر ڪري پاٽيءَ ۾ رڌي اهو پاٽي چاٽي ناري سيني ٻڪرين کي پيارجي جيئن سير کن هر هڪ ٻڪري پيئي ۽ ٽي ڏينهن اهو علاج چالو رکجي. ٻيو ٻاجهر جا پراٽا ڪانا ساڙي انهن جي چار پاٽيءَ ۾ ملائي سڄي ڌڻ کي پيارجي.

**سمهڙو:**

1. پيرن جي ڪرن ۾ جيت يا جيوڙا پيدا ٿين ٿا، جنهن ڪان منڌيون ٿيو پون ۽ اوڳر به ڪانه ورائين.

2. هن جو علاج ٽيرامائسن (اينٽي بائٽڪ) آهي.

**علاج:**

هن لاءِ واڙ ۾ واري وڇائجي ۽ هنن جي ڪرن جي چيرن ۾ گاسليٽ اوتجي يا فنائل پوري ڀرڪجي. ٻيو هيڊ ۽ سينڌو لوڻ ڪٽي بيل ۾ ساڙي لپڙي ڪري پيرن تي ٻڌجي.

**گگهي:**

هيءُ مرض نڙيءَ ۾ ٿئي ٿو. نڙي سڄي پوي يا نڙيءَ ۾ ڳوڙهو نڪرندو آهي.

**علاج:**

هن واسطي اُٺ جو هڏو ٻي ڪنهن جانور جي ڪل سان گڏ، ٻڪرين جي ڦولهڙيون ۾ ساڙي ان جي رک جي آڌ نڙيءَ تي ڪجي، ٻيو ڪنن جون ٿوريون ٿوريون چوٽيون ڪپجن. جيئن رت نڪرڻ ڪري ڳوڙهيءَ جو زور گهٽجي.

**ماتا:**

هن ۾ ٻڪرين جي بدن تي ڦرڙيون نڪرنديون آهن ۽ وار ڇڻي ويندا آهن.

**علاج:**

هن جي لاءِ ماکي، پپريون ۽ ڪارا مرچ، ڪٽڪ جي سڪل ڏاري سان گڏي ڪارائجن، ٻيو شيشن ۾ گرم پاڻي وجهي، سڄي بدن تي ٿاڪور ڪجي.

**پيٽ جو سور:**

هن سور جي سڃاڻ جي نشاني هيءَ آهي، ٻڪري کي اُٺ ويهه گهٽي ٿيندي ۽ ٻيڪون پئي ڪندي.

**علاج:**

هن جي لاءِ ڪير ٻاڪرو جيترو ٻه ملي سگهي، ان ۾ لوڻ وجهي ڳاري پيارجي ته سور ڇڏي ويندو. ٻيو منٺو تيل ۽ ٻاڪرو ڪير گڏي پيارجي ته پيٽان ڇٽي پوندي ۽ سور ڇڏي ويندو.

**آڦري:**

گهٽي گاهه کائڻ سبب خاص طرح لوسڻ يا اناج گهٽي کائڻ کان پيٽ بمجي يا ڦڦجي پوندو آهي.

**علاج:**

هن لاءِ اڪ جا پن ڪارائجن ۽ ناس اکين ۾ وجهجي.

**گر يا خارش:**

بدن ۾ خارش ٿيڻ تي ٻڪريءَ جي ڪنهه ڪنهان پئي پوندي آهي.

Gul Hayat Institute

**علاج:**

هن واسطي ٿوم ڪٽڪ جي اٽي ۾ ڳوهي ڪارائجي. وار ڪتري روزانا ڪار بالڪ صابڻ سان سوڍا ائش سان ٿڌو پاڻي مٿان نائي وهنجارجي.

**پتو وڌڻ:**

هن ڪري ٻڪري ڏٻري ٿيڻ لڳندي آهي ۽ ڪاڏو نه ڪائيندي آهي.

**علاج:**

ڪِپَ ڪاڙهي پيارڻ گهرجي ۽ پچ مٿان منڌيئڙي وانگر ڏنپ ڏيڻ گهرجي.

**ڦِرٽو:**

هن مرض ڪان ٻڪريءَ ڪي پوانٽي يا ڦيري ٿي پوندي آهي ۽ ڇڪريون پئي هٽندي آهي.

**علاج:**

ٻنهي سگن جي وچ تي ڏنپ ڏجي.

**اڪ جو چلر:**

اڪ جي رس جي اک کي لڳنديس ته اک ڪڙهي ڪڙهي چلر ڪري ويندي آهي ۽ نظر، ان اک جي ٻٺ بند ٿي ويندي آهي.

**علاج:**

ڪجيءَ جا ساوا پن گهوٽي، انهن جو پاڻي ٻه - ٽي ڏينهن اک ۾ وجهجي ٻيو نيرانو وات ۾ لوڻ وجهي، جيتري پڪ گڏ ٿئي اها اک ۾ وجهي اک کي مهٽجي ٻه - ٽي ڏينهن روز ائين ڪندو رهجي.

**بت آڪارڄ:**

Gul Hayat Institute

اڪ جي ٻوڙن سان ڪنهڻ ڪري ٻڪرين جو ٻت پچي پوندو آهي.

**علاج:**

ٻڪريءَ کي گهاٽو ميٺ ملي، سڄي بدن تي ڦڦجي.

**تيڪ ٿيڻ:**

ڪي ٻوڙا ڪائڻ جي ڪري ٻڪرين کي تيڪ ٿي پوندي آهي.

**علاج:**

ٻڪريءَ کي گهوڙاول ۽ ڪِپَ ڪاڙهي، ٿاري پيارجي.

**وات پچڻ:**

واڇن وٽ ڳوڙهيون ڳوڙهيون نڪرنديون آهن.

**علاج:**

ککر جو مانارو جيڪو پراڻو هجي، سو ساڙي، ان جي چار مکڻ سان ملائي ڳوڙهين تي ليپ ڪجي.

**نوريئڙو ٿيڻ:**

ڪنهن به ٻاڪري مال کي ڪن کان جهلي گهلبو، ته ڪن سڄي پوندو ان کي نوريئڙو نڪري پوڻ ڪوڻين.

**علاج:**

تنهن واسطي انچ کن ڪن جي ماپ چوٽيءَ کان به ڇڏي، باقي ڪپي ڇڏجي، ان جي ڦٽ چٽڻ جي لاءِ ڳائي چيٽي جي چار/ٻپوت روزانه ڪن مٿان ٻرڪڻ ڪپي.

Gul Hayat Institute

**چوا:**

ڇيون ۾ ڇچڙيون پوڻ: اهي باھ جي توَ تي ويهندڙ مال کي پوندا آهن. اهڙو ڪو ٻيو ڇچڙ ورتل مال جي انهيءَ هڪڙيئي واڙ ۾ ڏڪبو ته ان جا جيوڙا ڇٽل مال ۾ اچي پوندا آهن.

**علاج:**

مال جا وار ڪتري، ايريو پسائي ان جي پاڻيءَ جو بدن کي مک ڏجي ۽ پنج - ڇھ پيرا ائين ڪرڻ گهرجي.

**ڳڙڪون پوڻ يا ٿڻ ڪٽڻ:**

اوھ ۾ ڪٿي ڪو ڪنڊو يا ڪاني لڳندي، ته اهو ٿڻ خراب ٿي ويندو آهي ۽ منجهانئس کير نه اچي سگهندو آهي.

**علاج:**

ان جي لاءِ گهوڙا ول گهوٽي، ڇاڻي، مصري وجهي پيارجي، ٽي هفتا ائين ڪجي. ٻيو اوھ توڙي ٿڻن کي روزانه ترن جي تيل جي مالش ڪجي، ٿيون ميندي پسائي ٿڻن تي ٿڦجي.

Gul Hayat Institute

**کير وهڻ:**

گرميءَ سبب يا گهٽي کير هئڻ سبب ٿڻ وهڻ لڳندا آهن.

**علاج:**

ٻاڪري کير ۾ اڌ جيترو لوڻ ملائي پيارجي، ٻيو گهوڙا ول ڪاڙهجي ۽ پاڻي جڏهن ڪڙهي ڳاڙهو ٿئي، ته ناري، سير

ڪن روزانه پيارڻ گهرجي، اهو علاج ٻه هفتا ڪرڻ گهرجي.

**اکين ۾ پچيون [چپيون] پوڻ:**

هيءُ گرميءَ ۾ گهڻي مٽيءَ جي اکين ۾ پوڻ ڪان ٿينديون آهن.

**علاج:**

ٻاڪري ڪير جي لسي ٻڪرين کي پيارجي.

**بوزارد:**

هن ۾ ٻڪرين جا چپ ڦُٽي ڦاٽي پوندا آهن ۽ گاهه وغيره کائي نه سگهنديون آهن.

**ٻيون بيماريون آهن:**

بج/ٻرڪو/ٻاڪرڪٿو جنهن ۾ ٻڪري رڙ ڪري مري ويندي آهي.

**وڏيڪ فائدن واريون حقيقتون:**

پاروٿيون مانيون، ڪٽڪ جو ڏارو، گوار ۽ سٽيءَ جي ٻج کائڻ سان ٻڪريون - کير وڌيڪ ڏينديون آهن. جنهن ٻڪريءَ جي بدن جي کل سنهڙي هوندي، سا کير گهڻو ڏيندي. ٻڪريءَ کي ٿورو چيله تي زور ڏيڻ سان ٻڪري جهڪي وجي ته اها کيرائتي هوندي.

* ٻڪريءَ جو پٽو ڪڙهندڙ آگر جي ڏوڏي يا پور تي چاڙهبو ته ڦٽ ڦاٽي پوندو ۽ چٽي ويندو. پٽي جي رس، مٽي

جي سور لاءِ لوندڙين تي ملبي ته سور ڇڏي ويندو ۽ ڪن جي سور لاءِ ڪن ۾ وجهبي، ڏاٿ جي سور لاءِ هؤڙ تي ملبي ته فائدو ٿيندو.

* ٻڪريءَ جي جيري ۾ سرمو گھوٽي چاليھ ڏينهن تائين رکجي ۽ پوءِ اهو استعمال ڪجي، ته شپڪوري [شب خوري(1)] ڇڏي ويندي.

ڪاسائي ٻڪريءَ جي دستي ران ڪپي، ان جو هيٺيون پايو وڍي باقي دستي توريندا آهن. ان جي جيتري تور ٿيندي ان جي حساب سان سڄي ٻڪريءَ جي گوشت جو ڇوٽو ڪاٿو ڪندا آهن. جن ٻڪرين کي گھٽو کير ٿڻن ۾ هوندو آهي، ته کير کي روڪڻ جي لاءِ گھاڻ ڪندا آهن، يعني ٿڻن تي ڳوٿري چاڙهين يا ريڙن سان ٿڻن جون چوٽيون وڪوڙي ٻڌي ڇڏين.

ٻڪريءَ کي سنسڪرت ٻوليءَ ۾ [اج] چئبو آهي. اجگر جيڪو ٻڪري ڳھي ويندي آهي، تنهن جو نالو به ان ڪري اج ٻڪري، گر ڳھندڙ رکيو ويو آهي. ٻڪرين جي ڌنار/ٻڪرار کي [اجڙوال] پڻ سڏيو ويندو آهي.

ٿوري وقت لاءِ ٻڪرين چاريندڙ کي وري [اڳيار] چون. ويهن - پنجويهن ٻڪرين جي ڌڻ کي [براتو] چيو ويندو آهي. ٻڪرين جي ڦرجڻ جي خاص مند سانوڻي آهي. جنهن

۾ نر ٻڪرن جو ٻڙڪو/شهوتي آواز پري پري ٻڌڻ ۾ ايندو آهي.

سگهاري تور پيدا ڪرڻ جي لاءِ [جيئن ننڍڙا لاڳڙ ٻڪرا، ٻڪرين تي ٽپي نه سگهن] انهن جي پونڊ [آلت] ڌاڳي سان چڪي ٻڌي ڇڏيندا آهن. ڪن ٻڪرين جي ٿڻن کي ”ٻندٻيندا“ آهن، جيڪي پاڻهي پنهنجو کير ڌائي ڇڏينديون آهن يا پوٺ تي پوٺاڙو چاڙهي ڇڏيندا اٿن. انهيءَ پوٺاڙي ڏيڻ کي به ”ٻندو“ سڏين. ٻر، اها ٻڪري سڏين جيڪا، ماٺهن کان به ٺهندي آهي. ”اڪوڙ“ اها ٻڪري، جنهن جا وار سال تي نه ڪتريا ويندا آهن.

---------

(1) ڪن ٻولين جي بدن تي ديڪ ديڪ هوندا آهن، اکين جون پنجٽيون به اڇيون سفيد هونديون اٿن.

(1) نظرثاني ڪندڙ طرفان واڌارو آهي. (ادارو)

(1) اهڙي ٻوتي کي ٺوري چوندا آهن. (نظرثاني ڪندڙ)

(1) نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)

(1) نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)

(2) هرڻ ڪنهن لاکي ٻڪريءَ کي ٻوڪيندو آهي ته ان مان جيڪو ڳاڻڙ نسل پيدا ٿئي ان کي ٻري چوندا آهن. (ليکڪ)

(3) نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)

(1) نظرثاني ڪندڙ پاران اضافو آهي. (ادارو)

Gul Hayat Institute

[1] رات جو نظر ڪم نه ڪرڻ واري بيماري. (ادارو)

Gul Hayat Institute

# باب سورهون

# انساني سڃاڻپ جا اکر

سِرجيو/سِجريو معنيٰ مَني/نطفي جو ڳڀڻ/ٻڇيرڻ ۾ قرار وٺڻ سنڪا يا سنگها/اميدواري = ٻار/حمل جو رحم ۾ رهڻ.
طِلف، طفل، ابهم، وهه جو ڦلو = تازو ڄاول ٻار.
ٿڌو ٻار = مئل ٻار ڄاول.
پُري پيل ٻار/وري آيل = جمي پوءِ مري ويل ٻار.
ڪِڪِڙو، ڪڪڙي، ڪِڪو، ڪِڪِي، چوچڪو، ٻارڙو، ٻارڙي = ٿڃ ڌائيندڙ ٻار کي چيو ويندو آهي.
هونگرڙيو، ٿڃ سان گڏ کير به پيئندڙ ٻار کي چيو ويندو آهي.
کيرَ ڇَٽو = کير پياڪ ٻار مري ويل.
ڪلهو/ٻچور = جنهن ٿڃ ڌائڻ ڇڏي هجي.
ريڙهڪ/سيرڪ = ٻانبڙا پائيندڙ ٻار. چوڪرو، نينگرو، ڇپرو، ٿابر = پنجن سالن عمر وارو ٻار.

Gul Hayat Institute

ڪونڊر، ڳرٽ، الڙ، چوڪراٽ، لسڙاٽ، لاسڙاٽ، ڏهن سالن جي/جو چوڪر.
گوڏو، نوجوان، مڇن جي ريھ وارو = پندرهن سالن جو جوان.
جوان مڙس، ڏڳ = ويهن سالن جو جوان.
مڙس، مرد، ماڻهو = ٽيهن سالن وارو ماڻهو.
ڪرڙودِ، آڌيڙ، هٽيل، اڌڙوٽ = چاليهن سالن جو ماڻهو.
ڪراڙو، ٻڍو، پوڙهو، پريو چاليهن سالن کان مٿي اسي سالن اندر عمر جو ماڻهو.
پيرسن، جهونو، مڙهو، يڦ، جُهور، ڪبڙاٽيون نڪتل اسي ورهين کان مٿي عمر جو ماڻهو.
چڙهو، ڪنوارو، لُنب، واندو = اڻ پرڻيل مرد.
چڙهي، ڪنواري لُنب، واندي = اڻَ پرڻيل عورت
گهوٽ، بنرو، بنو، لاڏو، لاڏلو = تازو پرڻيل بنري، لاڏي، لاڏلي = تازي پرڻيل عورت.
سگهرو، وَرُ، ڪانڌ = گهڻن ڏينهن جو پرڻيل مرد.
آسائتو/سيڪڙيات = اولاد ڄمڻ جي اميد رکندڙ = ٻچڙيوال، اولادي، عيالي، اولاد/وياءَ وارو ماڻهو يا زال.
نيٺو، ناگو = جنهن کي پيريءَ تائين اولاد نه ٿئي.
رنڙ/رنوڙ = جنهن مرد جي زال مري وڃي.
ٻه جويو = جنهن مرد جون ٻه زالون هجن.

ٽه جويو = جنهن مرد جون ٽي زالون هجن.
چجويو = جنهن مرد جون چار زالون هجن.
گهڻ جويو = وڌيڪ زالون رکندڙ مرد.
آهر =طلاقيل زال سان شادي ڪيل مرد.
ڪَدڙو/ڪڏام = مرداني طاقت نه رکندڙ.
مچو = زال جي چوڻ تي هلندڙ مرد.
ديوث/بيغيرت = زال جي ڪٽي ڪمائي ڪائيندڙ.
چورو = جنهن ٻار جو ماءُ پيءُ مري ويا هجن.
چٺيءَ جو چورو = جنهن نينگر جو ڄمڻ سان پيءُ ماءُ مري ويو هجي.
پيرڙيو = اهو ٻار جنهن جا ڄمڻ وقت پهرين پير منبر ڪان ٻاهر نڪتا هجن.
پٺ/موپي پٺ = پهريون ڇاول نينگر.
جاڙا/جڙوان = گڏ ڇاول ٻه نينگرَ.
ٽيڙوان = گڏ ڇاول ٽي نينگرَ.
پيٺ ڇٺو/ارڙ ڪرڙ = پويون ۽ آخرين ڇاول ٻار.
اَتوتي = هڪٻئي پويان ٻارَ ڇاول.
ٽڪڙ = ٻن ٻارن جي مٿان ڇاول ٻار.
ندورو، نڌٽڪو = جنهن ٻار جو ڪو به مٺ مائٽ جيئرو نه هجي.

وڳروارو، سدورو، ڪرَ وارو، ڪُڙم وارو، ڪٺنبيو = اهو ٻار جنهن جا سپ مٿ مائٽ جيئرا هجن.
پٺيلو = پرائو چاول ٻار، پاڻ وٽ سانديو يا نپايو ويو هجي.
سڳا پائر ۽ پيٽيون = جن جو ماءُ پيءَ ساڳيو هجي.
پيئيتا پائر ۽ پيٽون = جن جو پيءُ ساڳيو، پر ماٽيجا = مايون پيون هجن.
مائيتا پائر پيٽيون = جن جي ماءُ ساڳي ۽ پيءُ جدا جدا هجن.
ويڳا پائر پيٽيون = جن جو پيءُ ساڳيو، ته مائون جدا جدا ۽ ماءُ ساڳي ته پي ڌار ڌار هجن [ڪي مڙس گهٽيون زالون پرٽجن ۽ ڪي زالون گهٽا مڙس ڪنديون آهن. انهن جو اولاد پاڻ ۾ ”ويڳا“ سڏائيندا آهن].
ڪنائتو/سپڙ ڪنو - ڪنرا ڏيندڙ ماڻهو.
عورتن بابت:
ٻاگهي: وڏن ڪنن واري.
ڪِڪي/ڪِڪڙي = ٻوڙندڙ نينگري.
چوڪري/نياٽي = پنجن سالن جي عمر واري چوڪري.
ڪنواري، بالغ/بوراڪ = ٻارهن ڪان ارڙهن سالن جي عمر واري چوڪري.
ڪنوار/وينگس، ويرنه، وني، لاڏي، ٻنري، ورني = تازي پرڻيل.

سهاڳڻ، جوءِ، زال، وريتي، لڏڻ، مهري = گهڻي وقت جي پرڻيل.
آسائتي، اميدن پري، سيڪڙيات = اولاد ڪاڻ اُڪندي.
سنڍ، چڙي چانڊ، وانڊي = اولاد نه ڄڻيندڙ زال.
ڳرَ ڪرُي، ٻه جيوي، گرڀڻي، ڳڀوراڙي، گرڀ ونتي، ڳرهاري، حامله، ڏُڪي، پيٽ سان، اميد سان = پيٽ واري زال.
سوريتي = ٻار ڄڻيندڙ زال.
چڙل، هٿ پير لڌل، آڄي، آلوڙي چلوڻي، چلانتي [چلو – چاليهو] = ٻار کي جنم ڏيندڙ زال.
اينهوڙي، اهوڙي، پهريات = پهريون ٻار ڄڻيندڙ زال.
پُٽ - ماءُ = پهرئين ويم تي پٽ ڄڻيندڙ زال.
ڌيءُ ماءُ = پهرئين ويم تي ڌيءُ ڄڻيندڙ زال.
پٽن ماءُ = رڳو پٽ ڄڻيندڙ عورت.
ڌَڻ ڌيئي/ڌيئن ماءُ = رڳو ڌيئون ڄڻيندڙ زال.
چانگ چوڪرن، چلي ٻارن/گهيچر واري- جنهن عورت کي تمام گهڻو اولاد هجي.
ساگهر = گهر جا ماڻهو: زال مڙس ۽ انهن جو وياءُ.
ڏهاڳڻ، رن زال، رنڙِ، ڏنيل = جنهن جو مڙس مري ويل هجي.

ڦلاونتي = جنهن عورت جو مڙس مري ويو هجي، پر وياءُ نه پيدا ٿيو هجيس.
ٻه مڙسي = جنهن عورت جو هڪڙو مڙس اڳ ۾ مري ويو هجي ۽ ٻيو ڪيو هجيس.
ٽه مڙسي = جنهن عورت جا ٻه مڙس اڳ مري ويا هجن ۽ ٽيون ڪيو هجيس.
چوٺمڙسي = جنهن عورت جا ٽي مڙس مري ويا هجن ۽ چوٿون ڪيو هجيس.
گهڻ مڙسي = جنهن چئن کان وڌيڪ مڙس ڪيا هجن.
طلاقي عورت/طلاقيل = جنهن عورت کي مڙس ٽي طلاقون يا ٽي ڪڙيون ڏنيون هجن.

مائٽيون، اهو سَهَو يا مٽ مائٽ:
پيءَ جي مائٽيءَ ۾:
پيءُ جو پيءُ = ڏاڏو
ڏاڏي جي زال = ڏاڏي.
ڏاڏي جو پيءُ = پڙ ڏاڏو.
پڙ ڏاڏي جي زال = پڙ ڏاڏي.
پڙ ڏاڏي جو پيءُ = تڙ ڏاڏو.
تڙ ڏاڏي جي زال = تڙ ڏاڏي.
پيءُ جو ڀاءُ = چاچو.

Gul Hayat Institute

چاچي جي زال = چاچي.
پيءُ جي پيڻ = پڦي
پڦيءَ جو مڙس = پڦڙ.
ڌيءُ ۽ پٽ جي مائٽيءَ ۾:
پٽ جي زال = نُهن.
پٽ جو پٽ = پوٽو.
پوٽي جي زال = ننڍي نُهن.
پوٽي جو پٽ = تڙ پوٽو
تڙ پوٽي جي زال = ننڍي نُهن.
پٽ جي ڌيءُ = پوٽي.
پوٽيءَ جو مڙس = ننڍو ناٺي.
ڌيءُ جو مڙس = ناٺي/ڄاٽو.
ڌيءُ جي ڌيءُ = ڏهٽي.
ڏهٽيءَ جو مڙس = ننڍو ناٺي.
ڌيءُ توڙي پٽ جا ساهرا = سيڻ، سڄڻ.
گهوٽين جي ڪانڌ تي آيل = چاچي.
ڪنواريتن جي نينڊ تي آيل = ماجي.
ماءُ جي مائٽيءَ ۾:
ماءُ جو مڙس = پيءُ.
ماءُ جو پيءُ = نانو.
ناني جي زال = ناني.

Gul Hayat Institute

ناني جو پيءُ = پڙنانو
پڙ ناني جي زال = پڙناني.
پڙناني جو پيءُ = تڙ نانو.
تڙ ناني جي زال = تڙناني.
ماءُ جو ڀاءُ = مامو
مامي جي زال = مامي.
ماءُ جي ڀيڻ = ماسي
ماسيءَ جو مڙس = ماسڙ.
پيءُ جو ٻيو پٽ = ڀاءُ.
ڀاءُ جي زال = ڀاڄائي.
ڀاءُ جو پٽ = ڀائٽيو
ڀائٽيي جي زال = ننڍي نُهن
ڀاءُ جي ڌيءُ = ڀائٽيي.
ڀائٽيءَ جو مڙس = ناٺي.
پيءُ جي ڌيءَ = ڀيڻ
ڀيڻ جو مڙس = ڀيڻويو.
ڀيڻ جو پٽ = ڀاڻيجو
ڀاڻيجي جي زال = ننڍي نهن.
ڀيڻ جي ڌيءُ = ڀاڻيجي.
ڀاڻيجيءَ جو مڙس = ننڍو ناٺي.
چاچي جو پٽ = سؤٿ

Gul Hayat Institute

سؤٺ جي زال = پاڃائي.
چاچي جي ڌيءُ = سوٽ
سوٽ جو مڙس = پيٽُويو.
مامي جو پٽ = ماروٽ
ماروٽَ جي زال = پاڃائي.
مامي جي ڌيءُ = ماروٽ
ماروٽ جو مڙس = پيٽيويو.
پڦيءَ جو پٽ = پڦاٽُ
پڦاٽ جي زال = پاڃائي.
پڦيءَ جي ڌيءُ = پڦاٽ
پڦاٽ جو مڙس = پيٽيويو.
زال جو پيءُ = سهرو
سهري جي زال = سس.
سهري جو پٽ = سالو
سالي جي زال = سالي وني [سالوي]پينرو.
سهري جي ڌيءُ = سالي
ساليءَ جو مڙس = پاٺو، سنڍوُ.
مڙس جو پيءُ = سهرو، سهري جي زال = سُس.
سهري جو پٽ = ڏير
ڏير جي زال = ڏيرياڻي.
سهري جي ڌيءُ = نِڻانَ

Gul Hayat Institute

نِڻانَ جو مڙس = نراڍو يا نندو.
مڙس جي ڀي زال = ڀاڄ.

**انساني عضون جا نالا:**

سنڌي ٻوليءَ ۾ بدن جي حصن، عضون ۽ انگڙن جا نالا هي آهن: اسان جو پنڊو، بدن يا بت مکيه ٽن حصن ۾ ورهايل آهي. ان جي مٿئين حصي کي سرُ، سري، سسو يا ڳاٽ ٿو ڪوٺجي ۽ هيٺين حصي کي ڌڙ، ڍير ۽ ڍيري سڏيو ويندو آهي. جن ۾ وري جدا جدا ننڍا ننڍا عضوا اچي ٿا وڃن.

الف ـ ڳاٽ جا عضوا (وڏا):

ڳاٽ ۾ ڳچي، مُنهن، وات، نڪ، اکيون، ڪَن ۽ مٿو.

(1) ڳچيءَ جا انگڙا (ننڍڙا عضوا):

| ظاهر ٻاهريان | پٺيان ظاهر | مَنجهيان |
|---|---|---|
| هڪي يا لڪي، مٽڪو، سسي. | ڪنڌ، ٻه ٻنڌيون، ٻنڌين جي وچ واري ڪڌ يعني ڪياڙي. | نڙي، نرگهوٽ يا گگهه ٻه ساهه جون رڳون. |

(2) منهن جا انگڙا:

ظاهر ٻاهريان: ٻه ڄاڙيون، ڪاڏي، [هيٺئين ڇپ هيٺان ڪڏ يعني تڏي]، ٻه ڳل يا ڳٽا، ٻه لؤٽا، ٻه لؤندڙيون، نراڙ، نلاٽ/للاٽ/پيشاني.

(3) وات جا انگڙا:

| ظاهر ٻاهريان | منجهيان |
|---|---|
| ٻه ڇَپ هِيٺيون ۽ مٿيون، ٻه واڇون | ٻٽيه ڏند، جن ۾ چار هؤڙون ۽ چار ڏانٺون، موراهيون يا مهارون (ڏندن جي جڙن جو ماس) ڇپ يا زبان، ٻه مٺون، ڪاڪڙو ۽ ڪاڪڙي، تارون، ٻه ڪَليون يا ڳلڦڙا، ٻه ڄاڙين واريون هڏيون جن کي هڙٻاتيون يا ڦيڙاتيون چون. |

(4) نڪ جا انگڙا:

ظاهر ٻاهريان: ٻيني، ٻه ناسون [سوراخ]ٻه چوٺيون [ناسن مٿان پردا]

Gul Hayat Institute

(5) اکين جا انگڙا:

| ظاهر ٻاهريان | منجهيان |
|---|---|
| ٻه پپوٺيون يا ڇپر، چار اکين جون وٺون ٻه هيٺيون ۽ ٻه مٿيون، ٻه ٽُنرا، ٻه | ٻه دوڏا (سفيد حصو) ٻه تارا (ڪارو حصو) ٻه |

| | |
|---|---|
| وٽيون ٻه پونجهڙيون، ٻه ڪوپا. | ماڪيون يا پٽليون (نظر جا وڇ) |

(6) ڪن جا انگڙا:

ٻاهر ٻاهريان: ٻه ڪنارا يا مٿيون وٿون، ٻه ڪوڪڙا، ٻه پاپڙيون، ٻه نسبيون، ٻه جندڙا، ٻه ٻوگها [سوراخ].

(7) مٿي جا انگڙا:

| ظاهر ٻاهريان | منجهيان |
|---|---|
| کوپري، ٻه ڪپاٽ، ڪاپار، ٻه چوٽيون، ٽڪ، ٽيرُ يا ٽيڙ | مغز، ميڄالو |

ب - ڌڙ يا ڍير جا عضوا (وڏا):

ڌڙ ۾: ڇاتي، پيٽ، پٺي، چيلھ، ٻانھون ۽ ٽنگون.

(1) ڇاتيءَ جا انگڙا:

| ظاهر ٻاهريان | منجهيان |
|---|---|
| هسلي، هنجي يا هنجلي، سينو، ٻه ٻبيون [زالن جي حالت ۾ ٻه ٻبا]، بدن جي کل/چمڙو، ٻه پاسراٽيون/ پاسريون. | ڦانڊو، جؤنرا (ڦڦڙ ۽ جيرو گڏ) دل يا هينئون، هڏن جون ڪماڻون، شريان (ڳاڙهو رت واهيندڙ نلي) نس (ڪارو رت واهيندڙ نلي). |

(2) پيٽ جا انگڙا:

| ظاهر ٻاهريان | منجهيان |
|---|---|
| کل يا چمڙو، ڌُن، ٻيريا | معده [وڏو آنڊو]، آنڊا، ٻُڪيون (گرده) ٽِري يا هنيانچو |

(3) پٺيءَ جا انگڙا:

ظاهر ٻاهريان: ڪرنگهو، ٻه چوُنڪ، ٻه ڦٽيون ۽ ٻه پٺا.

(4) چيلهه جا انگڙا:

بيٺ، ڪرنگهي جي هڏي (زناني حالت ۾) منجهان خاص زالاٽا، نهائين، ٻه چَڏا، چَڏن جو (ڳيهڙ يا ڳپيرڙ، ٻڙودو يا رحم. وچ چُڏ، چير يا چيپاٺ، سُوڪ، سُوسڙي، (ٻه نرا. مثانو (مُٽ جي ٿيلهي). (پيشابخانو)، ٽيڙ: (مرداني حالت ۾) ٻه نرا، مثانو (مُٽ جي ٿيلهي) لُلُ يا لوٽڙو، مُتڻ نالي، آنورا يا خصيا. ڦوڪي ڳِدي، مقعد.

(5) ٻنهي ٻانهن جا انگڙا:

ظاهر ٻاهريان: ٻه ڪلها، ٻه ڪڇون، ٻه ڪنجون. ٻه ڏورا [ڏورن جا پٺا]. ٻه ٺونٺيون.

منجهيان: ٻه اِرڪون (ٺونٺن جي چوٽيءَ جا هڏا) نرين جي هڏين ۾ ٿئي [مِڪُ]. ٻه ٻُڪ، ٻه نريون، ٻه ڪَرايون، ٻه پيڏيون، ٻه هٿ.

هر هڪ هٿ ۾: هٿ جي پٺ، تري، پنج آڱريون: چيچ، ٻاچ، وچين، اشهد يا ڏَسٽي، ۽ آڱوٺو (هٿ جون آڱريون چڪي

ڪولجن، ته ان کي چئجي ٻُجو يا پوندو پر جي ڏوڙيون ڪري وڪوڙي ڪولجن، ته ان کي چون چنگل.
هرهڪ آڱر ۾: ٽي گريون، هڪ ٽٽي، ٻه ڏوڏا، هڪ پور، ٽي سنڌ، هڪ نَهن: ننهن جا ٻه ناٽا [ڪنارا]. آڱوٺي ۽ ڏَسٽيءَ آڱر جي وچ واري ڪنڊ کي ڪُرنڊ ڪوٺين ۽ ٻين آڱرين جي وچ وارين ڪندن کي ٻيانگڙيون سڏبو آهي. آڱوٺي ۽ ڏسٽي آڱر جي چڪيل ماپ کي ٻاڪُو. آڱوٺي ۽ وچين آڱر جي چڪيل ماپ کي بليس. آڱوٺي ۽ ٻاچ آڱر جي چڪيل ماپ کي ٻاچو. آڱوٺي ۽ چيچ آڱر جي چڪيل ماپ کي ٻاڙي، گرانٺ يا وِهِيٺ چئبو آهي.
(6) ہنهي ٽنگن جا انگڙا:
ظاهر ٻاهريان: ٻه ٻنڊڻ جي ٻاهر نڪتل هوندا ته [خاص زالاٽي حالت ۾] ٻه ڦَڙيون. ٻنڊڻ جو هڏو ٻه ڊاڪ. ٻڊڻ جي ٻاڙ وارو سنڌَ ٻه دڏون. ٻنڊڻ کي ڏار ڪندڙ سنڌو ڦوڪ يا ٻوڪ ٻه رانون. رانن جو اندريون پاسو ٻه سٿرون. ٻه گوڏا، گوڏن مٿان ٻه ڍڪيون. گوڏن هيٺان ٻه ڪُچون يا ڦنجون، ٻه پنيون، ٻه ٽنگ جون نريون، ٻه مُرا.
ٻه پير. هرهڪ پير ۾: پير جي پُٺ، ڪڙي، پير جي تري، پب. پير جو پنجو. پير جون پنج آڱريون. پير جي آڱرين جا نُهن. پير جي آڱرين جا سنڌ، پير جي آڱرين جي پور.
ج- وارن جو بيان:

زالن جا وار: چنڙا يعني چڙيل وار. ڄَٽُون يعني نراڙ مٿان سنهڙا وار. ميڍيا يعني ڪنن مٿان وار جي ڳتيل هوندا آهن. چوٽيون [مٿي جي سڱن وٽان نڪتل ڳُنڍيل چڳون]. وانگوڙو [ڪياڙيءَ مٿان ونگيل وراڪيل وار]. پنيا [ڪارا ڏگها وار] ٻچون [سينڌ جي اڳ وارا وار] سينڌ [مٿي جي وچ کان ٻنهي پاسي اٿليل وار] پرون [اکين جي کوپن مٿان وار. پنجر يعني اکين جي ڇپر يا پپوٽيءَ جي وٽ وارا وار] پنبٽيون، [اکين جي هيٺينءَ وٽ وارا وار]

مُڇون مردن جا وار: مٿئين چپ مٿان وار. شهپر يعني مٿئين چپ مٿان ڏگها وٽيل وار. تڏي يعني هيٺئين چپ هيٺان وار. ڏاڙهي ٻُچي، يعني کاڏيءَ تي وارن جو مُڇو. ڏاڙهي ٽڪچي [کاڏي ۽ ڳلن تي ڏار ڏار بيٺل ڇدا وار] ڏاڙهي چاپئين[منهن تي ڳلن ۽ کاڏي سان پرئپ ۾ برابر بيٺل وار] ڏاڙه يعني ڏاڙهيءَ جا هيٺ لڙڪيل ڏگها وار. بغل يعني، ڪڇن جا وار. ڪُچا [نهائينءَ مٿان اُپريل وار]

Gul Hayat Institute

عيبن يا وِڏن وارا لفظ:

**(الف) اک جا عيب:**

ڪاڻو: هڪ اک سان ڏسندڙ.

نپٽ انڌو: ڇائي ڄم کان نه ڏسندڙ.

انڌو: ٻنهي اکين سان نه ڏسندڙ.

ٻاڏو: هڪ اک جو تارو مٿپرو ٻيءَ جو هيٺپرو، هرهڪ ڪي ٻيٽي/ٻٽي اولڙي ۾ ڏسندڙ.
ٽيڏو يا ٽاڏو: اکين جا تارا ويٽين ۾ يا ونين ۾ پيئل، ترڇو ڏسندڙ هرهڪ شيءِ جو اولڙو ٽيٽو ڏسندڙ.
رونجهو: اکين جا پرون ۽ پنبٽيون ڪٿل.
جهانپو: ويجهي رکيل شيءِ نه ڏسندڙ.
چونچو/چنجهو: اکيون سنهڙيون ۽ اندر پيٺل.
ٽرڙو /ٿانئرو: ڪڪيون اڇيون اکيون ۽ نوچ ڪري ڏسندڙ.
شيرو: اکين جا تارا ناسي رنگ وارا.
شمرو: اکين جا تارا نيري رنگ وارا.
جهانورو /جهرلو: اکين ۾ وار نڪتل گهٽ نظر سان ڏسندڙ.
دوڏر: اکين جا دوڏا ٻاهر تي نڪتل.
اکروٹ: وڏين ۽ ڦاٽل اکين وارو.

**(ب) مٿي جا عيب:**

Gul Hayat Institute

مٿير: وڏي مٿي وارو.
ڏيدو: پاسيري مٿي وارو.
ڏونگهالو: ڪنگري وانگر مٿي وارو.
گنجو: مٿي جا وار صفا چٽ.
نوڙهو: مٿو ڪوڙايل.

موڏو: مٿي جو وچ وارن کان خالي.
روڏو: مٿي تي سنهڙا ۽ ڇڊيرڙا وار رکندڙ.

**(ج) نڪ جا عيب:**

نَڪِرُ: وڏي نڪ وارو.
مِنو: ننڍڙي نڪ وارو.
بُرو: بينيءَ وٽان نڪ چٽيل.
بِنو: وچ نڪ، هيٺ هني وانگر جهڪيل.
ناسونبو: نڪ جون چوٽيون پکڙيل.
گهُٽو: نڪ مان ڳالهائيندڙ.

**(د) ڪَنَ جا عيب:**

ٻوڙو: صفا نه ٻڌندڙ.
ڏِبر: وڏي سڏ ڳالھ ٻڌندڙ.
ڪرو/ڪولهو: هڪ ڪن ڪپيل، چپيل يا لتل رکندڙ.
ٻُٽو: ٻنهي ڪنن کان آجو.
لڙڪو: ڪنن جي پاپڙين وٽان گوشت جا ذرا وڌيل.
ڪن ڦاڙ: وڏن ڪنن وارو.
ڪن چير: ڪن چيريل.

Gul Hayat Institute

**(ھ) وات جا عيب:**

گونگو: صفا نه ڳالهائيندڙ.

واچر: ويڪري وڏي وات وارو.

چپر: هيٺيون چپ لڙڪندڙ.

ڊولو: مٿيون چپ مٿي وريل.

لِبو: اڳيان ڏند پڳل.

پڏو: ڏند توڙي ڏاڙهون پڳل.

کنبو: اڳيون ڏند اڌ پڳل/اڳيون هڪ ڏند ٻئي تي چڙهيل.

چور ڏندو: اڳين ڏندن جي پٺيان به ڏندَ نڪتل.

ڏندرو: اڳيان ڏند ٻاهر تي نڪتل.

ڏاندار: بيڊولا ڏند [سڌي گولائي ۾ نه رکندڙ]

کيرو: ڇائي ڇم وارن ڏندن وارو [جي پڳل نه هوندا]

مِٺر: مٿا ڦوڪيل، ڳل ٻاهر تي نڪتل.

هَڪَڙُ: ڳِمي ڳِمي ڳالهائيندڙ، ”ري“ اکر کي ”ڙي“ يا ڙي اکر کي ”ري“ يا هڪڙي اکر بجاءِ ٻيو اکر وٺندڙ.

ٻاتو: آواز ڏڏڙائي ڪيندڙ، هَٻَڪي هَٻَڪي ٻاتائي ڳالهائيندڙ.

ٻتڙ: هڪڙي اکر کي ٻه ٻه دفعا اڌورو چئي ڳالهائيندڙ.

Gul Hayat Institute

**(و) ڏَڙ جا عيب:**

ڪونڌ: سسيءَ لٽل.

گڪو: چاتي اندر پيٺل ڪرنگهو ڪمان وانگر ٿيل

ڪبڙو: چيلهه وٺان ورڪائي نميل/اُپپيتو ٿيل.

چَڍُر: ٻئي ٽنگو ڪپيل.

چچ، چَڍوُ، پيٽرَ/پيٽوڙي: پيٽ ٻاهر تي نڪتل ۽ ڦوڪيل.

ٿلهو: سڄو بدن ڦوڪيل.

متارو: بدن ٻل سان ڦوڪيل.

ڌمتال: قداور ۽ ڳري بدن وارو.

ٻانڊو: سڪلڙو، سنهڙو سيپڪ.

چامڙو يا بندرو: قد ڪاٺيءَ جو چوٺو.

ٻمڪو: ٿلهيرو ۽ بندرو.

منڌرو: قد بت جا سڀ عضوا تمام ننيڙا رکندڙ.

لنبو/لانبٽ: سنهڙو ۽ ڊگهو.

ڪُسرو: بدن تي چاتي ۽ منهن ۾ مڇون ۽ ڏاڙهيءَ جا وار نه رکندڙ.

Gul Hayat Institute

ٻُبر: ٻبيون وڏيون ۽ اُٿيل.

ڌُنَر: ڌُن وڏو ۽ ٻاهر تي نڪتل.

پيلر: خصيا يا آنورا وڏا رکندڙ.

لُٽر: آلت يا نس ڊگهيءَ وارو.

ڪَڪو: بدن جا وار هيڊا پورا ڳاڙهيرا رکندڙ.

جنڙو: بدن جا وار اچا ڪل ڪوڙهين جهڙي اچي رکندڙ، هي ماڻهو رات جو اونداهيءَ ۾ چٽو ڏسي ۽ ڏينهن جهانورو ٿي هلندو آهي.

ڪيرو: بدن ۾ حسن نه رکندڙ ڇهڻ سان ڪا خبر نه پويس.

ليڙو: جنهن جي سنڌن ۽ ماس ۾ هڏ نه هجي.

ڪرڪنو: پنهنجي مرضي موجب ڪم نه نڪري، نه هلي سگهي. ٿاٻڙندو هلي.

ڪدڙو: جنهن ڪي ڪڙائي انگيز مڙساڻي طاقت نه هجي.

پوش: بدن تي گهٽا ۽ گهاٽا وار رکندڙ.

جاٽولي: اها زال جنهن جا چِٽا چِڙيل ۽ پڪڙيل هجن.

**(ز) ٻانهن ۽ ٽنگن جا عيب:**

رونٽڙو: هڪ هٿ کا بيڪار.

رونٽو: ٻنهي هٿن کان بيڪار.

ٺُٺُ: هٿن جون آڱريون نه رکندڙ.

ڇاڳو: هٿ ۾ ڇَهه آڱريون رکندڙ.

ٺونٺر: هڪ ٻانهن ٺونٺ تائين نه هجيس.

ڏاٽو، ڏقر، ناڪوٽو: هٿن پيرن جا نُهن وڏا رکندڙ.

ٻانهو ٽڙيو: هڪ ٻانهن ڪُلهي تائين نه هجي.

ٻانهوٽيو: ٻئي ٻانهون ڪلهن تائين نه هجنس.

ڏاقڙ: ٻگهن پيرن وارو.



Gul Hayat Institute

ڪُرڏڙو: هڪڙو پير بيڪار.
ڪُرڏو: ٻئي پير بيڪار.
منڊو: ڏُڏ تائين ٽنگ بيڪار.
منڊڙو: گوڏي تائين ٽنگ بيڪار.
لنگڙو: منڊڪائي هلندڙ.
لولو: ٻنهي ٽنگن کان معذور.
ٽنڊڙو: هڪ هٿ بي طاقتور/سڪل هجي.
ٽُنڊو: هٿ بي طاقتو يا معذور هجي.
پنگلو: ٽنگون ٻانهو چوري نه سگهي.
بڊي، پيري: ٽنگون ۽ ٻانهون ڪپيل.
هنجهڙ: مُري سان ٻئي پير جي جَهڙ هٽندڙ.
مور: جنهن جون آڱريون ڦريل هجن.
ٻاچر: پير جي ٻاچ آڱر، چيچ کان به ننيڙي رکندڙ.
ليپر: هٿ يا پير جون آڱريون ڳنڍيل.

**(ع) ڪنڌ وارا نمونا:**

اُڪنو: ڪنڌ هيٺ ڏُرڪيل.
ڏونگهو: مٿو ويهاريل نه هجي.
لوٽير: مٿو بي ڊولو هجي.
مُچر: وڏين مچن وارو.
ٻُچي: ڪاڏيءَ تي وارن جو مُچو رکندڙ.

Gul Hayat Institute

ٺڪچي: ڪاڏي ۽ ڳلن تي چٻا وار رکندڙ.
جهپتال/جهپ: ٻگهي ڏاڙهي رکندڙ.
ڏاڙهيال: ڏاڙهي ۽ مٿي جا وار گڏيل هڪجيترا رکندڙ.

**(ط) انسانن وارا آواز:**
چودگار: ٿورو ٿورو ڪري کائڻ جو آواز.
ڦوڪو: وات مان زور سان هوا ڪڍڻ جو آواز.
سٽڪاٽ: نڪ مان مٿي چڪڻ جو آواز.
سَهڪڙو/سوُنڪو: ساهه جي تڪڙي ڪڇڻ جو آواز.
نيساسو، شوڪارو: وڏي ساهه کڻڻ ۽ ڇڏڻ جو آواز.
سُڏڪو، ڏُسڪو: روئڻ کي هڪدم بند ڪرڻ جو آواز.
نوسُ نوسُ، ناسڪو: نڪ مان تڪڙو تڪڙو هوا ڪڍڻ جو آواز.
ٿُش ٿُش، ٿشڪو: زالن جي کلڻ جو آواز.
ٺَهه ٺَهه، ٺهڪڙو: ٻارن ۽ مردن جي کلڻ جو آواز.
رڙَڪو: وَات ۾ رائي، سنهي ٻڙي وغيره جي ڀڄڻ جو آواز.
ڇَنڊڪو: ڇُمڻ ۽ ڇنڊڻ جو آواز.
پُوڪر: ڇَپن جو ڇپن تي وڄائڻ جو آواز.
پپڪر: هيٺيون چپ وات ۾ وجهي ”پهه ...... پهه.... پهه“ جو وهٽن کي بيهارڻ جي لاءِ آواز ڪڍبو آهي.

ڏيڪر: ڏندن جو ڏندن تي ٺڙڪڻ جو آواز.
هوڪر، هوڪريو: پري کان سڏ جو آواز. [پچاڙي ”او“ جو ٻگهو آواز ڪيبو آهي]
لَش لَش، لشڪو: بيتارو هلڻ جو آواز.
ڪِنجهڪو: بيمار ماڻهوءَ جي چنگهڻ جو آواز.
پُوڪار: پري کان تڙي ڏيڻ يا پچڻ جو آواز. [متان ويو آهين؟ خبردار!] .
پڙ پڙ، پڙڪو: وات مان نڪتل ٺورڙو آواز.
ٺرراٺ، رَڙهاٺ: ٺٺڻ جو لاڳيتو آواز.
هوُنگڙيون: ٻالڪن جي خوشيءَ جو آواز.
ڪُڙڪ، ڪُڙڪو: ٻار جو ننڊ مان اٿڻ جو آواز.
ڦُنڪي: نڪ مان ٻاهر هوا ڪڍڻ جو آواز.
اوڪارو، اُبڙڪو: اُلٽي يا قئي ڪرڻ جو آواز.
اوڳرائي: هاضمي جو آواز.
ڏاڪار: ڊِۏ ڪرڻ جو لاڳيتو آواز.
گهُٽڪو، گهوٽو: وڏي ڊُڪ پرڻ جو آواز.
ٺۏنڪار: لاڳيتو کنگهڻ جو آواز.
سُس پُس، ڦِسڪو: ڪنن ۾ ڳالهائڻ جو آواز.
للڪار: جنگي نعري هڻڻ جو آواز.
جهُونگار: هري هري ڳائڻ جو آواز.
سُرڪو، شُرڪو: وڏيءَ سرڪ پرڻ جو آواز.

Gul Hayat Institute

آهٽَ، سَرڙاٽ: ماڻهوءَ جي هلڻ جو آواز.

(ش) شوشاٽ: اوچتو ڏک لڳڻ جي ڪري سو/شو جو آواز وات مان نڪرڻ:
شرڙاٽ: گهٽي پاڻيءَ جي اوچتو وهڻ جو آواز

**(ي) جاندارن جا آواز:**
پڙڪو: پکيءَ جي اوچتي اُڏامڻ جو آواز.
ڦڙڪو: پکين جي پاڻ ۾ وڙهڻ جو آواز.
تنوار: تترن جي ٻولڻ جو آواز.
ڳٽڪار، ٽيڪڙو ٽيڪڙو: بلبلين جي ٻولڻ جو آواز.
ٻٽيڪو: ڪَبرين جي وڙهڻ جو آواز.
ميڪڻ، ميڪون: ٻلين جو آواز.
رنڀون، رانڀاٽ: ڍورن جو آواز.
ڍڪون: مينهن جو آواز.
ٻيڪڙاٽ: ٻڪرين جو آواز.
ٻُورَ: ٻڪر جو ٻڪريءَ ڦرڻ مهل ڪيل آواز.
ٻَڙڪو: ٻڪر جو شهوتي آواز.
ٻيڪاٽ: رڍن جو آواز.
ڪڪڙوڪو، ٻانگ ٻَّادَس (دف): ڪڪڙن جو آواز.
گروڙ يا چينگهار: هاٿيءَ جو آواز.



Gul Hayat Institute

چيٺون: لڏڙي جو آواز.
راڙيون: شينهن ۽ رِڇن جو آواز.
ڪڏڪار، ٺاڏيون: وهٽن جي ٽپڻ ڪڏڻ جو آواز.
چين چين: ڪئن.
ٽران ٽران: ڏيڏرن جو آواز.
ڪَيڪَڙاٽ: گدڙن جو آواز.
کيڪراٽ: ڦيڪاري يا لومڙيءَ جو آواز.
گگھوگھو: ڳيرن جو آواز.
گٽ گٽ گون: ڪبوترن جو آواز.
رون رون، رونگاٽ: آر، ٽڏ، ڪُٽ جو آواز.
ڦٽ ڦٽ، ڦٽڪو: پکيءَ جي ڦاسڻ جو آواز.
چُون چُون: پکين جي ٻچن جو آواز.
ڪڙٻاٽ: گھوڙن جي ڊوڙ جو آواز.
گُنجار: پوُنر جي اڏامڻ جو آواز.
ڳٽڪر، ڳٽڪار: وهٽ کي هڪلڻ جو آواز.
ٻُچڪر، ٻَچڪار: وهٽ کي ٻيهارڻ جو آواز.
هُشڪر: اُٺ کي ويهارڻ جو آواز.
هُونگر، هوڪر: ڍورن کي سريلي آواز سان هڪلڻ هلائڻ جو آواز.
ٿاپي يا لُرَ: اُٺن جي ڊوڙ جو آواز.
پيلڪ يا لُرَ: هاٿيءَ جي ڊوڙ جو آواز.

Gul Hayat Institute

ٺؤنڪار: ٺڪلي پکيءَ جو آواز.
ٿاڙهڪو: اُٺن جي وڳ جي هلڻ جو آواز.
لات: پکين جي مٺي ٻولي ڪرڻ جو آواز.
پُوڪر: گهڻن پکين جو گڏيل آواز.
لَڪ لَڪ: ڪتي جي پاڻي پيئڻ جو آواز.
هِڻڪو، هڻڪاري: [ذيل هڻڻ] گهوڙي جو آواز.
گهڻڪو، هِينگ: گڏه جو آواز.
گِڙڻ، گوڙ: اُٺ جو آواز.
گجڪار: شينهن جو آواز.
چِهَڪار: چيهن پکين جو آواز.
هُڏڪار: مرونءَ/سوئر جو آواز.
ٻرڪ، ٻوٻاٽ، ڦونگهه، ذيل: هرڻ جو آواز [جدا جدا موقعن تي]
سِينڌَ: نانگ جو آواز.
ڏاڪار: ڏيڏر جو آواز.
ڪان ڪان، ڪانگيرو: ڪانگن جو آواز.
چرڙاٽ: پکي چيرن جو آواز.
گهُوئوگهُو: چبي جو آواز.
سُرڙاٽ: جيتن جي سرڻ يا رڙهڻ جو آواز.
جهنگڻ، ڀڻ ڀڻ، ڀڻڪو: مکين جو آواز.
اَوناڪ، ڀؤنڪ، ڀؤنڪاٽ: ڪتن جو آواز.

Gul Hayat Institute

ملهاري: ميٺي پکيءَ يا ملهالي پکيءَ جو آواز.
ڪرڪر، ڪرڪو: ٻلا جو آواز.
ٻُهسڙ، اونائي، اوناڙ: ٻگهڙ ۽ گدڙ جو آواز.
ٻَگهاڙو: گهڻن ٻگهڙن جو آواز.
ڪؤنڪاٽ: پلونگڙن (گلرن) جو آواز.
ٿَاپ ٿَاپ، ٿپڪو: گهوڙي جي سُنبن جو آواز.
ڪَرڪ ڪَرڪ، ڪرڪو: ڪونجن جو آواز.
جهرڙجهرڙ، جهينگر: جهرڪين جو آواز.
جهينگارو: جهينگن يا گانگٽن جو آواز.
چانگار: چَتون يا طوطي جو آواز.
لپڪو، لامارو: پکيءَ جي جَهٽ هٽڻ جو آواز.
ٻرور: ٻاٻيهل پکيءَ جو آواز.
ٽيڪڙو: نوريئڙي جو آواز.

Gul Hayat Institute

(ڪ) بيجان شين جا آواز:
جيڪي به شيون گسرن، گسڪن، ٺَڪرن، ڦاٽن، ويڄن، ڇِڇن، ڪٽجن، پيسجن يا ڪنهن به ٻيءَ ريت آواز ڪدين ٿيون، هتي تن جو ذڪر ڪجي ٿو:
ڦس ڦس، ڦسڪو ڦوس: هوا جي نڪرڻ جو آواز.

ڪَٿ ڪَٿ، ڪَٿڪو: ڪنهن شيءِ جي ٽوڪڻ جو آواز.
ٽٽُونٽٽُون، چينگهار: چَڙن جي ڪڙڪڻ جو آواز.
چرڙ چرڙ، چيڪٽ: چيڪلن، چاڪن ۽ ڦيٿن جو آواز.
ٿَڙ ٿَڙ، ٿڙڪاٽ، ٿڙڪو: ڦلن پڳڙن پچڻ ۽ لوڻ جو باھ ۾ پوڻ جو آواز. ۽ ٿلهي ڪپڙي ٽاٽ وغيره جي ڦاٽڻ جو آواز.
زو زو، زُوڪو، زوڪٽ: هوائي جهاز جو آواز.
ڪرُ ڪرُ، ڪرُچو: تئي يا ڪڙاهيءَ ۾ ڪُرپي جي گسڻ جو آواز.
ڪڙڪڙ، ڪڙڪو: گاڏيءَ جي ٻوڙڻ جو آواز.
گهڙ گهِڙ، گهڙڪو: ريل گاڏيءَ جي هلڻ جو آواز.
ڌچَر، ڌمچڪڙ: جنگي طبل وڄڻ جو آواز.
جهَر جهَر، جهرڪو: بتي يا باھ جي وسامڻ جو آواز.
ڪُڙ ڪُڙ، ڪُڙڪو: ٿانئن جو آواز.
سَٽ سَٽ، سَٽڪو: ڪپڙن کي ڌَڪن هڻڻ جو آواز.
ٺَڪ ٺَڪ، ڪُٺڪو: ڪنهن شيءِ ڪُٽڻ جو آواز.
پُونپاٽ: ڪانپاٽيءَ جو آواز.
ڳَئي: درياءَ جي وهڪري جو آواز.
گوڙ: سمنڊ جي پاڻيءَ جو آواز.
شپ شپ، شپڪو/زپڪو: چهبڪن ۽ لڪڻن جي لڳڻ جو آواز.
ڌڙم: ڳري شيءِ جي مٿان ڪان هيٺ ڪرڻ جو آواز.

Gul Hayat Institute

شرشر، شرڙاٽ: هوائي جهاز اُڏامڻ يا پيشاب ڪرڻ جو آواز.
چين چين، چيچاٽ: جتي يا بوٽ جو آواز.
گھوگھو: ڏُڏ ولوڙڻ جو آواز.
گھوگھاٽ: ڪانپاٽي ڦيرائي هئڻ جو آواز.
سِرڪ: پير ترڪڻ جو آواز.
چرڪ: گوشت يا ماس ۾ ڪاتي، نيزي پالي چُپڻ جو آواز.
گھُپ: ڏقي، چاڪو، ڪاتيءَ جي اُپي لڳڻ جو آواز.
ٺُبڙڪو، ٺُبڙڪ: گلاس، لوٽي، وٽي يا ڪنهن ٿانءَ جو اندران پاڻيءَ ۾ پرجي نڪرڻ جو آواز.
چُلڪ چُلڪ، چُلڪو: پاڻيءَ سان اڌوري پريل ٿانءَ مان نڪرندڙ آواز.
ڇم ڇم، ڇمڪو: زيورن ۽ گھنگھرين جو آواز.
ڊُڙ ڊُڙ، ڊُڙڪو - گُڙ گڙ گُڙڪو: نڙ سان چلم جي ڦوڪ پرڻ جو آواز.
زَپڪو، زيپٽ: موچڙن لڳڻ جو آواز.
زُو زو، زوزاٽ: پکي اُڏامڻ جو آواز.
پان پان: خالي ٿانون رَڇن ۽ گھڙن ۾ مٿن جو آواز. (خالي مغز واري ماڻهوءَ جي مغز جو آواز).
شون شون: پچندڙ گوشت يا ڪباب جو آواز.
گَٽ گَٽ، گُٽڪو: گُگھيءَ مان نئندڙ پاڻيءَ جو آواز.

Gul Hayat Institute

سَر سَر، سَرڪو: نئين ڪپڙي پائڻ جو آواز.
شَپ شَپ، شَپڪو: پٽڻ ڪٽڻ جو آواز.
ٻِٻِ: چماٽ جو آواز.
ڪڻ ڪڻ، ڪڻڪو: ڪوڏين ۽ پئسن کڙڪائڻ جو آواز.
گسڪو: ڪنهن شيءِ جي گسرڻ جو گسرڻ جو آواز.
شون شان، شوڪو: وڻن جي ٽارين جو آواز.
دپ دپ، دپڪو: ڪُڏ مٿان هلڻ جو آواز.
ٺڦ ٺڦ، ٺڦڪو: ماني يا چيٽي ٺڦڻ جو آواز، پاڻيءَ ۾ ٺاڦوڙا هڻڻ جو آواز.
ٺش ٺش، ٺشڪو: پاڻيءَ جي ڪجڻ جو آواز، کير جي ڪڙهڻ جو آواز.
ٺَهڪو، ڪجوڙو: پاڻيءَ جي ڪوسي ٿيڻ جو آواز.
چيڪٽ: دروازي، دريءَ جي کلڻ جو آواز.
ڏَؤن ڏَؤن، ڏؤنڪو: ڌمڻ جي هوا پرجڻ جو آواز.
سَرڦ: ٻهاري ڏيڻ جو آواز.
چر چر، چرڙاٽ: قلم جي کلڻ جو آواز ڪٽ تي ويهڻ چرڻ جو آواز.
وَاڪو: ڪهاڙيءَ سان وڻن کي وڍڻ جو آواز.
ٺڙڪ ٺڙڪ، ٺڙڪو: ڪنهن مشين جي هلڻ جو آواز.
گهَڪو: ڪنهن شيءِ جي گسڻ جو آواز.
ڦهڪو: مٿان ڪان هيٺ ڪرڻ جو آواز.

ڪڙ ڪڙ، ڪَڙاهٽ: سڪل پنن جو آواز.
وَسڪو، وسڪارو: مينهن پوڻ جو آواز.
ڪَڙڪو: عورت جي جهيڙي ۾ پاٽيءَ جي تکي وهڻ جو آواز.
چُپ چُپ، چپڪو: سئو، سئي، ڪنڊو، تير وغيره جي لڳڻ جو آواز.
چرڪ چرڪ، چرڪو: اوچتو چهڪ اچڻ جو آواز.
گهَر گهَر، گهَرٽو: ڏنڊي ڪونڊي جي گهوٽڻ جو آواز.
گِسراٽ: ڪنهن شيءِ جي ڌرتيءَ تان گهلجڻ جو آواز.
رين رين، رينگاٽ: هرلي يا نار جو آواز.
چِنگهہ: بار هيٺان اچڻ يا ڪوڏر هڻڻ وقت نڪرندڙ آواز.
شُرشُرڙ: داغ ڏيڻ، گهٽا مرچ ڪائڻ ۾ ڏوبيءَ جو ڪپڙن سٽڻ جو آواز.
پڙ پڙ، پڙڪاٽ: بتي ۾ باهه جي اُٿڻ جو آواز.
ٻيڙ، پنپٽ: وڏي مڇ ٻرڻ جو آواز.
شُوڪو: ريل گاڏيءَ جو پري کان آواز.
ڪِڙڪاٽ: درين درن جو هوا جي زور تي نڪرندڙ آواز.
چيچڙاٽ: گهاٽي، پينگهي ۾ چيچڙي جو آواز.
زوزاٽ: تکي زوردار هوا جو ڪنهن شيءِ سان ٽڪرڻ جو آواز.
ٿاچا، ٿاهو: دهلن جو آواز.

دڏڪو: اوچتي پاڻي وهڻ ۽ اُلٽي ڪرڻ جو آواز.
ٺِڪ ٺِڪ، ڏڪ ڏڪ: واچ هلڻ جو آواز.
سِرڪ سِرڪ سِرڪ: پيرَ گسائي هلڻ جو آواز.
ڦَڦ ڦَڦ، ڦَڦڪو، ڀَڦڪو: ٻاڦ جي نڪرڻ جو آواز.
دڦڪو: دهل تي هٿ هڻڻ جو آواز.
دَڪ دَڪ، دَهڪو: دل جي هلڻ جو آواز.
ٺُڙ ٺُڙ، ٺُڙڪو: شين جي هڪبئي سان ٽڪرڻ جو آواز.
ڇَڻڪ ڇڻڪ، ڇڻڪو: جهنجهڻي يا دٻي ۾ ٺڪريون وجهي وڄائڻ جو آواز.
چَس چَس، چسڪو: ڏائڻ يا ڪنهن شيءِ جي چوسڻ جو آواز.
ڪِڙڪِڙ، ڪَڙڪو: نئين پني اٿلائڻ يا ڪپڙي جي اُکيلڻ جو آواز.
گِڙگِڙ، گِڙڪو، گڙگاٽ: پاڻيءَ جو سوڙهي گهٽ مان وهڻ جو آواز.
گرُ گرُ، گُرڙاٽ: جنڊ مان اَن پيهڻ جو آواز.
سُوسُو، سُوساٽ: ٿڌي واءُ لڳڻ جو آواز.
ڏِڀڪو، ڏبڙاٽ: پٽ يا ڪنهن ڳؤري شيءِ جي ڪرڻ جو آواز.
ٺاه: گوليءَ جي ڇٽڻ جو آواز.
ٺڪاءُ: بندوق يا باروت جو آواز.

Gul Hayat Institute

ڇَڇَڪو: مينهن يا پاڻيءَ جو ٿورو وقت آواز ڪرڻ.
سُرڪو: پاڻياٺ پيئڻ جو آواز.
چِپڪو: ڪائڻ جو آواز.
چَرڪو: گاهه ڪائڻ جو آواز.
پڙڪو پڙڪ، پڙڪ: باهه جي اوچتي ٻرڻ جو آواز.
گهوڪو: هوائي جهاز جو آواز.
گجگوڙ: ڪڪرن ۽ مينهن جو آواز.

**(ل) غلائي يا گهٽتائي ڪرڻ وارا لفظ:**

سنڌي ٻوليءِ ۾ روزمره اهڙا به لفظ استعمال ٿيندڙ آهن، جن کي دڙڪو، دهمان، گار، تَڙي، جُٺ، رعب، پِٺَ ۽ ڄَمت ڪرڻ وغيره لاءِ ڪتب آندا ويندا آهن. انهن ۾ هڪڙا خاص عورتن لاءِ ۽ ٻيا عورتن توڙي مردن واسطي گڏيل ۽ ٽيان رڳو مردن لاءِ نجا پڄا آهن.

عورتن جي لاءِ خاص آيل لفظن پويان بريڪيٽ ۾ [مؤنث] لکي، خاص مردن لاءِ پويان بريڪيٽ ۾ [مذڪر] لکيو ويو آهي، باقي گڏوچڙ جيڪي لفظ آهن، تن جي پويان ڪجهه به نه ڏنو ويو آهي.

لفظ ۽ معنيٰ لفظ ۽ معنيٰ لفظ ۽ معنيٰ

| | | |
|---|---|---|
| پنبد: چنبڙڻ ۽ چھٽڻ وارو | ران ذاتيو: طور طريقن ۾ عورتن وانگر هجي | نامرد: جنهن ۾ مرداڻي طاقت نه هجي |
| ٻنبد: وڏو لُچ | کدڙو: نامرد | اُڀھرو: تڪڙو |
| تِيسر: تيسي وارو | جوءِ جو مهاري: جنهن جو واڳون/مهارون زال جي هٿ ۾ هجن | ائونٺرو: اوٺرو، حرڪتي |
| هوڏي، هوڏير: هوڏ وارو | بي مڙسيو: جنهن ۾ مڙسي نه هجي | منهن چاڙهه: هر ڳالهه ڳالهه تي ڪاوڙ ڪندڙ |
| هٺيلو: ضديرو | ڪنٺور/ڪنٺار: ڳالهه ٻڌي اڻ ٻڌي ڪرڻ وارو | ماڪو: هر ڳالهه تي نه ڪرڻ وارو |
| ٻِچاپڙو: چور ۽ ساڌ، ٻنهي سان پورو، | اتاولو: بي صبرو، بي قرار | لباڙي: اجائي بڪ ڪرڻ وارو |

Gul Hayat Institute

سپني سان پورو
ترڪتالو: نخرو ڪندڙ
ترڪتالڻ: نخري واري
دولابي: ٺڳ
فريبي: مڪار، دولابي
دوکيباز: فريبي
پرمتڙيو: بيوقوف، ٻئي جي صلاح تي هلندڙ
ڪِٿَ: شرارت، ڪينچل

چِلولو: ڪيچلو
هيفي تخم: حيض وقت چاول
حرامي ڦر: لچ چوڪر
ميسڻو: اندر جو چالاڪ
تالڙو/تالر: نخريباز
دالڙو: ڏهائي لاءِ منهن ويڪرو
چَڪلائي: فاحش عورت کي هلائڻ وارو

بي بڏو: پوءِ ڊائو
ٿانڊيءَ تپڙو: چيڙاڪ
جَٽُ: اوٺي
جٽڻ: اُٺيون ڪاهيندڙ عورت
ڳُجهڙيو: مخفي
اڱڙيءَ ڪنيل:
وات ڦاتوڙو: گهٽو ڳالهائيندڙ

Gul Hayat Institute

ناخلف: نالائق
نادان: بيوقوف
ندورو: چندبو
ناسوندو: بي حيا
پَت ويو: بي اعتبار
پوڊائو: بي مزاج بي مروت
ڪنهن نه ڪار
جو: بيڪار
بيڪار: نڪمو
نڪار: بي ڪمو

چَڪلائڻ:
چوراٺو: عادتي چور
جواري: جوا ڪندڙ
جوارڻ:
هٿڙيباز: ڪيسي ڪٽوارو شودو
حرامي: لچ شرارتي
حرامڙي:
ناقص: نيچ
ماٺيپي مان نڪتل: حيوان

وات ڦاٽي:
وائڪو: خلاصو
وات جو چوٽ: بيحيا
ڏڦير: شڪاري
اتيت: سُچو، هيٺو
اگلو: ميرو
ساڙ سڙيو: ريسارو
راڄ رُلايو: برادري مان نڪتل
رتان وچوڙو:

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| بي تارو: سرتار کان ٻاهر | تالر: نخريباز | ندس: |
| ڪينچلو: حرڪتي (ڪيچلو) | بي پتيو: بيشرم | نٿر: نود، بي چيو |
| پاچوڪڙ: گوسڙو | ٻوٿ ڪارو | چاڙتو: پچ لٽڪائو |
| پاڳوڙو: گوسڙو | من ڪٽو: نااميد | پَنوُ: چاڙتو |
| ڪَپوٿ: نالائق پٽ | پئنترو: وايومندبل | ڪسبياڻي: پڙوي |
| بيچيو: نافرمان | اوڳر: موڙهل اڻ چاڻ | ريزالو: ذليل |
| اُڌريلَ: پچائي آندل زال | ڪُند ذهن: موڙهل موڳو | هٿ ٺوڪيو: سچو |
| بدنيت: پليت | اڻاسو: بي نڪو | مچو: وڏين مچن وارو |
| ڪوٻلو: وچ ڪٽيو، ڏَلو | اناڙي: جاهل | ابت پيرو: ڪُڏا ڪم ڪرڻ |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| پاڙين چڪاٽو: | چهپر: وات ڦاٽل | مچلو: فاحش |
| ديوث: بيغيرت | اتامڙو: تڪڙو | ڇُهڙو: ٻالو |
| بي غيرت: | ڏاڙهيءَ | چؤنڪ |
| بي لڄو | ڪوڙيو: بدنام | چندو: نپاڳو |
| ٻُهرَ: گهٽي ناز سبب خراب ٿيل ٻار | مٿي اگهاڙو: بي شرم | چڪرڏندو |
| هلڪو: ٿرڙو | جهتي باز: جهٽ هٽندڙ | ڪُندو: بدنيت منافق |
| ڦڏائي: ڦڏو ڪندڙ | ڪٿريل: وائڙو، موڳو | وائڙو: پريشان |
| ڦيٽهڙ: ڦيٽاڙو وجهندڙ | سرڪاپائو: مٿو ڪائيندڙ | چندال: نپاڳو |
| چرپٽ: اڌ چريو | چوتان: بيوقوف | چندالڻ: نپاڳي |
| انان مست: چريو | الڪان: بيوقوف | واهيات: بيهودو |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| الف اگھاڙو: نانگو | جلوان: گھران پاهر نڪتل | لانبڙ: گھٽو بيوقوف |
| لوفر: بدمعاش | چڊوُ: پيٽو | ڪُڏو: دغاباز |
| لاغرض | چڊري: پيٽي | ڪُلچٽو: خراب ڪم ڪندڙ |
| الغرض | پيٽوڙي: گھٽو کائيندڙ | پوررڙو: اپالو |
| بي ڪرو | حرامخور: حرام کائيندڙ | ڏئيت: راڪاس هبچي |
| ٺگ دليءَ جو | ڪھاڙو: تکو | تريناڪ: عيار |
| ٺگڙ دليءَ جي | ڦاڙي ڦاچڪو: | نود: ضدي |
| شودو: ٺگ | ماءُ جو وڏيڪ: | جاٺولو: چڙواگ |
| ٺوگي: دوکيباز | ليڙ پيو: | پاڪندي: ڪپيتيو |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| بشني: لليجو ڳنڊيچوڙ | ثيث مڪڙو: گهڻو ڳالهائيندڙ | هُوڙه: موڳو |
| چارسؤويه: ثڳي دولاب | ليلهرُ: بيڪار | بودلو: موڳو |
| لليجو: جيب ڪترو | چندو: نپاڳو | ثُث: سُچيو |
| مُردار: مئل، ناپاڪ | چسو: نه وڻندڙ | ٻثُور: نه وڻندڙ |
| بي تميز: بي افعال | ٻوگهلو: پورو، سادو | لغور: ڪيچرو |
| ناظرف: بي حياءُ | منحوس: نپاڳو | ڎوُتو: پڙوو |
| بيعقل: چريو | اڍنگو: بي لچڙو، بدفضيلت | ڪانچ: ڦڏائي |
| بد دماغ: چيڙاڪ، مغرور | سونڊ منهون: ٻوٿ سڄيل | ٻهروپيو: ٻه روپ رکندڙ |
| پٿو: پوڪ، بيوقوف | رُکو: بدمزاج، خشڪ | ارڏو: ضدي، ڪرڙو |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| لاپڙ چَتوَ: بڪ بڪ ڪندڙ | ھاڙھ، ڇُڇُ: ڪاٺڪو | ٿُڪو: بيڪار |
| شاهينگ: ڦورو | لفنگو: لوفر | گيدي: پڙوو |
| هوروالو: ڏپ وارو | لاندارو: گدلن جي گهل | بَدوُ: بدشڪل |
| ٿوٿ: بي افالو | لانگ چوٿو: | بدوئڻ: بدشڪلي |
| هڙ تڙيو: رولو | لنگوتاڙو: لاءِ پاءِ بيهندڙ | بيڊولو: جسماني بيهڪ سٺي نه هجي |
| اڙينگ: ضدي، سرڪش | لُچ: لوفر | شيطان: شرارتي |
| گيڌ: چيگِرو | چُلھ منٽو: بدلچڙو | اِبليس: وڏو شيطان/ لعنتي |
| چيگِرو: بدافعالو | ڏگري ڪنيل (مونث) | خناس: شيطان |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| نرڇو: نڪ جو ڏاڍو | ڏَلو: ڪُتَڙ پڙوو | احمق: بيوقوف |
| نِرلچو: جنهن کي لڄ نه هجي | ڪَچَر: پڙوو | گڏهه: بيوقوف |
| رذيل: ڪميڻو | پاڙيو: بزدل | مُهانچڙو: لڄارو، شرميلو |
| ڪِچرو: گدلو | پڙوو: ڪُتَڙ دلال | نالائق: بدفضيلت |
| ڪونچرو: حرڪتي، شرارتي | لوڻيو: ڇُتو | خبيث: شيطان |
| واترادو: بڪ ڪندر | گاندو: بزدل گيدي | خبيثياڻي: شيطان عورت |
| الهڙ: سيڪڙاڻ | ٽرڙو: هلڪي طبيعت وارو | ڪارو ڪپر: بدافعالو |
| مهٽيان: مهٽي هاب | ٽپُس: هلڪي طبيعت وارو | ڪَرُ: گڏهه |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| پيٽيان: پيڙ تي گار | بيجي تخم: حرامي | ڪريل: ڦتل بدلچڙو |
| ڏيجان: ڏيءَ تي گار | ڪميڻو: رذيل | بي سؤنتو: ڏنگو |
| لورو: گهٽ ذاتيو | نانگو: اگهاڙو | رنگيلو: ٽرڙو |
| هفت رنگي: بدچال عورت | رنگو: بدچال مرد | ڏُپستو چٽ: ٽپ چٽ |
| پليت: ناپاڪ، نجس | موڳو: وائڙو، منجهيل | مئو: نپاڳو |
| بدمعاش: آواره | مورک: جاهل | ماريو: مڇو |
| لنگور: بدچالو | بيوقوف: بي عقل | مصيبت پيو: آفت پيو |
| بي شرم: بي حيا | ٽيڙ: بنيادي حرامي | نپٽو: بي اولاد، منحوس |
| بي حيا: بي شرم | فصل ٻٽيرو: ٽان ٽان ڪندڙ | مجهول: سست، جاهل |

Gul Hayat Institute

پوڪ: بيوقوف

مردود: ذڪاريل

مرون: سوئر

نڪمو: خراب

ذليل: گهٽ ذات

ٺِڪو: خسيس مرد

ٺڪي: خسيس عورت

بچڙو: ڪنو خراب

گونهه خور: گلا ڪندڙ

بدلچٽو: خراب لچڻ وارو

بي محابو: لاپرواهه

نڪ وڍيو: بيغيرت

بي نڪو: بي شرم

مغرور: ضدي

لاپرواهه: غرض نه ڪرڻ وارو

سرڪش: بي چيو

نامعقول: نامناسب

گنوسڙو: گسائيندڙ

سپڙڪنون: ڪو به چڱو ڪم نه ڪندر

اُٺا - مار:

مڇڏ: نه چڏيندڙ

مٺر: چوپائي جي لٺ

بي ڏيانو: ڏيان نه ڏيندڙ

بڪبڪيو: واترادو

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| بي تالو: تال سر جي بنا | بي ساڪو: جنهن تي اعتماد نه ڪري سگھجي | بڪواتو: بڪ بڪ ڪندڙ |
| بدافعال: خراب عمل ڪندڙ | بدشڪل: خراب صورت | انڌو: نابين، بيشرم |
| ڪُواجو: ڪدڙو | بي برڪتو: نه وڌڻ وارو | بدفضيلتو: اخلاق نه هجي |
| بزدل: بڇڙو | ڪين ٿيو: ڪجھ نه ٿيو | بي مانُ: بي عزت |
| گينواريل: ڏڏ | نپاڳو: چنبو | ڪُپتيو: بي ايمان |
| پيٺ چٽو: گھٽو ڪائيندڙ | ملعون: لعنتي | ڦاٽوڙو دهل: راز نه رکندڙ |
| تيرنهن تالو: نخرا ڪندڙ | مشڪرو: مذاق ڪندڙ | مُٺو: ڦاٿل |
| هَنپو: مصيبت ماريل | هچارو: ويچارو | بدڪاريو: خراب ڪم ڪندڙ |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| بد عادتو: خراب عادت وارو | ڪوچڙو: گندو | لعين: لعنتي |
| سوئر: مرون | ڪجسو: جنهن مان چڱائي نه ٿئي | چغل: گلاخور |
| چغلخور: گلا ڪندڙ | گلا خور: لڱائي ڪندڙ | نمڪ حرام: وفا نه ڪندڙ |
| خنزير: سوئر | | |

(م) ننڍڙن ٻارن واسطي:

| | | |
|---|---|---|
| تِيڪر | ٽِتر | ڦُوسر |
| مُنٽو | هَنگٽو | ٻڄٽو |
| روئٽو | چِڙٽو | جهيڙاڪ |
| ڦڏائي | سنگهر | پِڇرُ |
| گِگِرُ | چَڪرُ | لترُ |
| بي ايمان | ڪُپتيو | |

Gul Hayat Institute

**ڪي سمجهاڻيون:**

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪن لفظن ۽ جملن جون معنائون ۽ مطلب ڦرندا ٿا رهن. سبب ته هر پنجاهه ورهين کان پوءِ ٻولين ۾ ڪن لفظن جو واهپو متروڪ ٿيندو آهي ۽ وري ڪي نوان لفظ يا اسم نئين مخرج سان انهن جي جاءِ والاريندا آهن.

اهڙي طرح چوٽيون، محاورا ۽ اصطلاح به ڦرندا گهرندا رهن ٿا. جيئن ته:

- تپيدار هڪ لفظ استعمال ڪندا آهن جو رشوت جو حقيقي پاءُ آهي. پر انهيءَ کي چون: ”لاپو“. اصل لفظ ”لاپ“ ان مان لاپو ۽ پوءِ بدلجي ٿيو آهي لاپو.

- ”ٻاٻيس“ چيو وڃي ٿو قرب يا پيار کي. هن جو اصلي لفظ آهي: ٻار کي ماٺ ڪرائڻ جي لاءِ چوڻ: ”بابا، بس، بابا، بس“ جو ڦري ٻاٻيس ٿيو آهي.

- الهڙ جي معنيٰ آهي نئون يا جڙو، جيڪو جانور وهٽ يا ڍور ڪيڙيو نه ويو هجي يا پوءِ نه ڌنل هجي، ان کي چئبو آهي. پر اصل لفظ اٿس ”اَله تو آهر“ يعني الله جي مدد ۽ پروسي تي. لفظ گهٽجي گهٽجي هاڻي ”الهڙ“ اچي پهتو آهي.

- چئبو آهي ته هاڻي انبن شاخون جهليون آهن. شاخون ته ٿاريون آهن، پوءِ هي شاخون ڪهڙيون؟ هنن جو اصلي لفظ ”اُساڪيون“ آهن يعني جيڪي انبڙيون اُس تي وڻ منجهئي پچي ڳاڙهيون ٿيون آهن.

- فلاڻو ماڻهو ”سڪالو“ آهي يعني بيمار آهي، هن جو اصلي لفظ اَسگهالو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ته پوري سگهه نه اٿس.

Gul Hayat Institute

- ٻليءَ ”رُھندڙا“ ھنيا اٿس. اصلي لفظ ”نُونھندڙا“ يعني ٻلي جي نَھن جون رھڙون آھي.

- ڪلھي ڪاني، ھاٽي چئجي ٿو: ”ڪنواٽي“ ڪنڌاٺ، ڪنڌ جو ڪاٺ آھي. ساھ ٻاھر ڪڍڻ کي ڦوڪ ۽ ساھ اندر چڪڻ کي پساھ ٿو چئجي.

- تڪڙي ساھ کڻڻ کي سھڪڻ. ٻگھو ساھ ٻاھر ڪڍڻ کي نيساسو ٿا چون. پر ٻگھو ساھ اندر کڻڻ کي دم گھٽڻ ٿا ڪوٺين.

- بوسي پوڪ، ھيءُ سياري وارين پوڪن جو نالو آھي، پر اصل لفظ آھي ته زمين کي گھڻو پيچ ڪرائڻ، ھاري، خريف جو بچت وارو پاڻي زمين کي ڏيئي رجائي ڇڏيندا ھئا، پوءِ سياري ۾ ان ريج تي جيڪا پوڪ ڪندا ھئا، تنھن کي بوسي سڏڻ لڳا. ٻيو ھنديءَ ۾ پَوھ جي مھيني کي پوس چئبو آھي، ۽ اھي پوکون پوسي به سڏيون وينديون ھيون، چاڪاڻ ته پوس جي مھيني ۾ زور وٺنديون، پوسي، ڦري بوسي لفظ ٿي پيو.

Gul Hayat Institute

- نڪ مان تڪڙو ساھ کڻڻ کي ”ناسون ھڻڻ“ نڪ سان واس وٺڻ کي ”سونگھڻ“ نڪ سان پاڻياٺ کي مٿي چڪڻ کي ”سٽڪڻ“ نڪ مان ميل ھيٺ ڪڍڻ کي ”سينگھڻ“ چئبو آھي.

**(الف) چوٽيون:**

ماڻهو چڙ ۾ اچي ٻي ڪنهن کي چئي ڏيندو آهي، ته وڃ ”ڦاڙهيءَ ڦاچڪو“ اصلي چوڻي آهي: ”ڦاڙهيءَ پوئان چڪن“ جابلو ماڻهو ڦاڙهي جي مادي ڦاڙهي جي شڪار لاءِ رلندا وتندا آهن ۽ ان جي شڪار تي چڪن هوندا آهن.

”ننگ جون پاڙون دوزخ ۾“ پهاڪو ڏنو ويندو آهي. پر اصلي آهي ته: ”جي ننگ پارڻو ته دوزخ ۾ به“ يعني ڪيڏي به تڪيلف سهي ٻار ٻچا پالبا.

”آسر پوٿيون ڳالهيون“ هن چوڻي لاءِ ڪن سمجهيو آهي، ته آسرمل جا پوٽا اهڙيون ڳالهيون ڪندا هئا، جي نه ٿيڻ جهڙيون هونديون هيون، پر ائين ناهي هن جو مطلب آهي: اهڙيون ڳالهيون ٿو ڪري، جهڙيون ايشور جي پوٿيءَ ۾ لکيل آهن. [خدائي صحيفن واريون ڳالهيون] اِيشوَر پوٿيون.

”لَيڙ پيئو“ هيءَ گار آهي يعني جنهن جو پيءُ ليڙو هجي، منجهس مرداني طاقت نه هجي، ته اِهو ماڻهو ”ليڙ پيئو“ ليکبو.

”ماءُ جو وڏيڪ“ هيءَ به گار آهي، يعني ماءُ جي پرڻي کان به اڳ ڄاول يا وڏيڪ ڄاول، جنهن کي ٻين لفظن ۾ حرامي چئجي.

**پهاڪا**

اصلي نوان

| | |
|---|---|
| - جيئن دير تيئن خير! | جيئن دير تيئن انڌير! |
| - ٻه ڀائر ٽيون ليکو! | ٻه ڀائر ٽيون ڪيٿو! |
| - لٺ ڪٽجي پاءُ پاران شاهدي ڏجي خدا ڪارڻ! | شاهدي ڏجي سنگت پاران لٺ ڪٽجي پاءُ خاطر! يا مهل تي هٽجي موچڙو باڪره ڪجي ڪوڙ تي. |
| - مڙس ٿجي يا مڙس جي پاڙي ۾ رهجي! | مڙس ٿي مڙس ڪي پاڙي مان ڪڍجي! |
| - رنون رب رُلايون ڏاڙهين کهڙا ڏوهه؟ | رنون راج ريجهايون ڏاڙهين کهڙا ڏانوَ! |
| - ڏاڍي جي لٺ کي ٻه مٿا | ڏاڍي جي لٺ بندوق برابر! |
| - جهڙو حال حبيبان، تهڙو پيش پريان | جهڙو حال حبيبان تهڙو پير پادر ۾ |
| - وار ته ڦٽي نه ته ڪوڙائي ڪٽي | زال ته ڦٽي نه ته چڏ ڪٽي |

Gul Hayat Institute

| | |
|---|---|
| - انڌ وٿ، منڊَ وٿ، پر نندِ وٿ | پراڻي جتي جهوني زال مٿائجي سال بسال! يا پراڻي جتي، جهوني زال، مٿائجي هر سال. |
| - ابي چاڙهي، ادي چاڙهي مون نه چاڙهي ته ڪنهن نه چاڙهي! | ابي چاڙهي ادي چاڙهي پوءِ به بک مرڻ، وڏي شرمساري! |
| - ماني ڍؤ تي موچڙو گهٽ | موچڙا ۽ ڍؤ تي ماني جِي ناهي پڪ |
| - مڙس ته ضدي نه ته چڏي ڏيوس | مڙس ته ڦڏائي نه ته ڪهي چڏيوس |
| - اشراف پنهنجي شرم ۾ ٿو مري | حرامڙو هٽي ته به پاڳا ڪٽي |
| جي پانئين صرفو ڪريان ته پَٽ هنداءِ | جي پانئين نالوڪيايان ته ٺاهنگي جو ٺاه |
| - سپ نه ماري سپ جو سيراف ماري | نڪي سپ ماري نڪي سيراپ ماري ڏينهن پورن جو ٿو پاپ ماري |

Gul Hayat Institute

- درياءَ پر تي براج پاڻي لئه هاري رڙي
چوڪر ڪُڏي اڄ اڄ نه مري سپان مري!
نه ٻڏي سپان ٻڏي

**(ب) وڏيڪ معرب لفظ:**

اهي لفظ جي ڦٽلن دڙن ۽ کنڊرن وانگر پاڻ ۾ فارسي يا عربيءَ جي ليڪ ٿا رکن، پر معنيٰ ۽ مطلب ۾ ڪو ڦيرو ڪونه آيو اٿن.

لاچوٺ: بروقت

لاپرواه، لاغرض: بي ڌيانو

قتل قيام: هرگز نه

حي حرام: بلڪل حرام

زن طلاق: هرگز نه

الفابيئون: صفا نه (ڪين ڪچيو)

يا باقي: صفا نه، خير ئي خير

اُم کي ويا: هميشه جي لاءِ ويا

خفا خون: بلڪل خون

الچپ من الماٺ: ماٺ ئي ماٺ

جُتي چڪات (زڪوات): جُتي زڪوات ۾ ڏيڻ.

نئون نڪره: نئون نڪور. وغيره

**(ج) غلط جملن جو استعمال:**

Gul Hayat Institute

- ”ٽوپي مٿي ۾ پائي يا وجهي پوءِ نڪر“ چوڻ غلط آهي. ٽوپي مٿي ۾ اندر پئجي ڪانه سگهندي، پر مٿو ٽوپيءَ ۾ اندر پيل هوندو آهي. چوڻ کپي: مٿو ٽوپيءَ سان ڍڪي پوءِ نڪر.

- ”جُتي يا بوٽ پيرن ۾ پائي پوءِ وڃ“ چوڻ غلط آهي. جُتي يا بوٽ پيرن اندر پئجي نه سگهندو. پر پير جتيءَ منجهه پيل هوندا آهن. چئجي ته: پير جتيءَ سان ڍڪي پوءِ وڃ.

- ”بتي يا ڏيئي کي ٻار“ چوڻ غلط آهي. بتي ۾ جڏهن باهه اندر وجهبي تڏهن ٻرندي. چوڻ گهرجي: بتيءَ يا ڏيئي جي وٽ ٻار.

- [در پور يا در ڏي] غلط آهي، پر چئجي: در بند ڪر.

- [ڪلف ڏي] غلط آهي. پر چئجي: ڪلف پاءِ ڪنڊي ۾.

**(د) اکرن جي ڪوٽ:**

هن ٻوليءَ ۾ اِملا ۾ گهڻو ڪري ڪن حرفن جي ڪوٽ محسوس ٿيل آهي، جن جي لاءِ وڌيڪ اکرن جي الف - ب تهجي ۾ ضرورت آهي. مثال:

**لفظ:**

سَنهي: نِهه اکر پنهنجي سر الڳ آهي.

ڳالهه: لِهه اکر پنهنجي سر الڳ آهي.

پڙهين: ڙِهه اکر پڙ پنهنجي سر الڳ آهي.
سمهه: مُهه اکر پنهنجي سر الڳ آهي.
ڳاڙهه: ڙهه اکر پنهنجي سر الڳ آهي.
مٿيان مخلوط اکر آهن ۽ آواز پنهنجو يڪو ڪڍن ٿا.
(2) ي مجهول، يا ي معروف ۾ فرق ڏيکاريل نه آهي.
سُڄاڻي، سُڄاڻي، سِئين، سِئين.
هن ۾ ڏسَندا ته اپي زير ڏئي اسان ياي مجهول کي ڌار ڪيو آهي، پر اُپي زير دستوري طرح مروج ناهي.
(3) او، اوَ وارا آواز سهنجائيءَ سان نٿا معلوم ڪري سگهجن، اوکو، هن کي اَوکو به چئجي ٿو.
پُورو، پورو. وغيره
(4) نُون غنه:
چين، چوين، سَنڌُ، سَنَڌَ.
ڪا نشاني مقرر ڪانهي. اعرابن مان آواز سڃاتو ٿو وڃي.(1)

**لکڻ:**

سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ ۾ ڪيترا لفظ غلط لکيا ٿا وڃن، جن کي درست ڪري لکڻ لاءِ هيٺ پيش ڪجي ٿو:

| غلط | صحيح |
|---|---|
| ياداشت | ياداشت |

| | |
|---|---|
| کارروائي | ڪاروائي |
| مختيار | مختار |
| سهولت | سهوليت |
| همٿ | همت |
| جرئت | جراءَت |
| ذات | ذات جماعت |
| ضمات | |
| زائفان | ضائفه |
| اضافو | اضعافو |
| سمڪ | سمعڪ |
| جُسو | جُثو |
| سمر | ثمر |
| سان ستي | سانحه سطحي |
| هاج | حاج |
| ميراٺي | ميراسي (هن لاءِ چيو ويندو آهي، ته راڄ ڪين ورثي ۾ مليل آهن، تنهنڪري ميراثي سڏبا آهن - ورثي ملڪيت ٿيندي آهي نه ماڻهو! پر جي غلام هوندا ته ورثي ۾ اچي سگهن ٿا.(1) |
| وسيت | وصيت (مئي ماڻهو جي ڪيل هدايت) |

Gul Hayat Institute

هاسيڪار حاصل ڪار

ملاڪڙو ملهه آڪاڙو

شڪيلا ثقيلا (ڳؤرا)

**(ه) گهڻي معنيٰ رکندڙ لفظ:**

گهڻا: اڪثر، اَجهاڳ، اڻکٽ، اکٽ، ڪثير، بيحد، بيشمار، بي انت، بي حساب، بي عدد، اڻکٽ، انچر، انيڪ، ڪينجهر، گنج، اَپار، بي پايان، اڻڳڻت، مُئو، جام، ججها، تمام، اڻميا، کِچ، لاتعداد، حشام، هجوم، قدرڪون، انبوهه، انبار، جوق درجوق، خلقون، ميڙ، ميڙا، پينپا، ڳچ، ڳپل، اُڙد، دلَ، ڪٽڪ، کوڙ، ڳٽپ کان ٻاهر، ڪاٿي کان ٻاهر، ولر، وڳر، ڳارا، رانهون، ترچٽ پٽ نه پئي، رانجهن، رنگ، نڪوي مٿو نڪو هو. ڍير، گدام، نُونر.

خبر: سُڌ، ڪلَ، سماءُ، ٿيٽ، کُڙڪ، سڏڪ، سمڪ، پتو، پيٽ، واءُ، وانئٹ، ڪرَ، گم.

قياس: ترس، رحم، ديا، ڪرپا، ٻاجه، مهر.

احسان: منگهيه، ٿورو، مهرباني.

ظلم: پاپ، بيداد، بغداد، ناحق، ويل، انڌير، ستم، انرٿ، انياءُ، هَچا، ڪِيس، قهر.

دستور: نمونو، ڍنگ، ڊول، طريقو، رواج، ريت.

واسطي: لاءِ، لئه، براي، بابت، ڪاڻ، ڪارڻ، خاطر، بابت

Gul Hayat Institute

ور: مڙس، مرد، ڪانڌ، پتار، پتي، آهر.
جوءِ: زال، عورت، اسٽي، استري، پتني، ضائفان.
ڪنوار: ونی، بنري، وينگس، لاڏي، لاڏلي.
گهوٽ: ونو، بنرو، بنو، لاڏو، لاڏلو.
بوءِ: خوشبوءِ، هُٻڪار، چٽ، ڌپ، ڪک، هوٻارو، سُگنڌ، ايناڻ، بانس
ڳر ڪُري: ٻجيوي، گرڀٽي، ڳپوراڙي، گرڀ ونتي، ڳرهاري، حامله، ڏُکي، پيٽ سان، اميدَ سان، پيٽ واري.
بيوقوف: مورک، چسو، پُوڪ، نامعقول، مجهول، ناظرف، بي تميز، گڏھ، اوڳو، موڳو، گيڏ، جاهل، بي سمجھ،نادان، نالائق، احمق.
---------

[(1)] هن لاءِ سنڌي عالمن جي ڪاميٽيءَ جي ضرورت آهي، جي پاڻ ۾ گڏجي املا جي لفظن کي انهيءَ نموني مقرر ڪن، جيئن پڙهندڙ کي ڏکيائي محسوس نه ٿئي. (ليکڪ)

[(1)] ميراثي جي اصلي صورتخطي ’ميراسي‘ آهي. هن جو اشتقاق آهي: مير + راس. ’مير‘ معنيٰ وڏو. ’راس‘معنيٰ راڳ. يعني راڳ جو چاڙو، ماهر گويو. (ادارو)

Gul Hayat Institute

# باب سترهون

## بڻ بڻياد

سنڌي ٻولي، اها شاهوڪار ٻولي آهي، جنهن جا ڳالهائيندڙ هر ڪنهن ٻوليءَ جا اُچار، آواز يا مخرج سهنجائي سان ادا ڪري سگهن ٿا. هن ٻوليءَ ۾ ڪهڙي به قسم جا اشارا، رمزون، غمزون، اهڃاڻ، ميچون ۽ چاندون ڏئي ۽ سمجهي سگهجن ٿيون. هن ٻوليءَ ۾ ٻين ٻولين جي ڏکين ۽ نون، مشڪل کان مشڪل لفظن ۽ محاورن کي پنهنجي وجود اندر هضم ڪرڻ يا مدغم ڪرڻ جي به غضب جي طاقت، ڏانءُ ۽ طريقو آهي.

عوام جي سهوليت جي لاءِ لفظن جا ذاتن يا بنيادن يعني اشتقاقن سمجهڻ ۽ ڄاڻڻ لاءِ هي حرف لکي واضح ڪيو وڃي ٿو، ته سنڌي ٻوليءَ ۾ سڌريل ٻولين واريون سڀ سهوليتون، سوکايون ۽ صلاحيتون موجود آهن، ته پوءِ چونه هن ٻولي جو درجو وڌائي، هن کي قومي ٻولين جي پَدَ تي پهچايو وڃي.

Gul Hayat Institute

ڪن صاحبن ٻوليءَ جي صوتيات تي پڻ ڪتاب لکي، قوم تي اهو احسان ڪيو آهي، ته لفظن جي ادائيگي بلڪل آسان آهي. صوتيات يعني آواز يا ٻول ڪڍڻ ئي ٻوليءَ جو بنياد تسليم ڪيو ويو آهي، ۽ ان کان پوءِ حرف يا اکر بعد ۾ لفظ ۽ جملا اچن ٿا. جملن جا قسم به موجود آهن يعني مفرد، مرڪب ۽ مرتب وغيره، جي گرامر جي سونهن کي دوبالا ڪن ٿا.

**الف - عربي جا مدغم ٿيل (سمائجي ويل) لفظ:**

| | | |
|---|---|---|
| اصل | سنڌيءَ ۾ | معنيٰ |
| عربي | ضم ٿيل | |
| اُف، اُفي | اُٿِي | چنڻ، سنگت ٽوڙڻ |
| اوبالي، البيلو | اَٻالو | پُورالو، پُورن ۾ |
| اِلا ماشاءَ | اَلا ماسي | بنا ويچار جي، ائين ئي |
| اَب | ابو، ابا، بابو | پيءُ، پتا |
| اُم | اَما، ماءُ | اَمڙ، اَمي |
| اِذن | هُذن، هدو | اجازت |
| آذقيه | آجڪو | بچت |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ازرقِ | اجرڪ | رڱيل ڪپڙو، نيري رنگ وارو |
| اتفاقاً | اتفاقي - اپاڪي | اوچتو |
| آئينه | آهيري | آرسي، درسني |
| اِجوان | جاڻ | هڪ وکر جو نالو |
| قِّغَن | واڱڻ(1) | پاڇيءَ جو قسم |
| بَقال | پاڪري | پاڪرو گوشت وڪڻندڙ |
| بصل | بصر | پوک جو قسم |
| بلخي (ملڪ) | بُختي، بُغدي | اُٺ جو قسم |
| بشريٰ (مبارڪ) | بسري | ڳڙهاري، منڌي ماني |
| ماءَ | مينهن | وسڪاري جو پاڻي |
| مهڙ | سهرو | زال يا مڙس جو پيءُ |
| عاجز | آزرت | ڪڪ، بيزار |
| ابهم | اپومڙو | ٻالڪ |
| عدم | اُڌمو | اندر جي چڪ |
| بخاري (ملڪ) | بلغاري | ڏاري ديس جون شيون |
| بلغم | بيلخم | ڪانگهارو |



Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| بني تميم | ٺهيم | هڪڙي ذات يا نسل |
| بني طيبه | ٺيپا | هڪڙي ذات يا نسل |
| بيعنامو (معرب) | بيانو | اڳواٽ طئه ٿيل سودو |
| تنور | تندور | ٻني يا زمين اندر چلهو |
| تفهص | تپاس | جاچ ڪرڻ، پرکڻ |
| تعويذ | تائيث | رِکيا، تائيث لکائي ٻڌڻ |
| تبت | ٿبيٽ | هڪ ملڪ |
| مسطرهِ | مستري | سڌائي ڇاٽندڙ (رازو) |
| ثغر | سگر | وٿ، رستو، گس |
| ثمر | سمر | سامان، توشو |
| اَساتذه | استادَ، اوستو | اوستو، ڪاريگر |
| جَسد | جسم | بت، بدن |
| جُعدهِ | جاد، جهند | ٻار جا پهريان چمڻ وارا وار |
| جوف | جُوکو | پيٽ خالي، لالچي |
| حوض | هود | ڪني پاڻيءَ جو ڏُبو، نڪَ |
| صبح | سپاڻ | ايندڙ ڏينهن |
| حَبس | اُبس | گُهٽ، گرمي، ٻوسٽ |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| حِرص | هِز، هِس | زور پچڻ، خيال لاهڻ |
| حسد | حدس | هوڏ، منڊائي |
| حاذق | هاتڪ | گهڻو ڄاڻندڙ، حڪيم |
| خندق | کنڌڪ، کنڌي | کڏ، وهڪ |
| خضر | کِڌر | خواجه خضر |
| خطاب | خُثاب، کُثاب | مڪتب، خثاب خانو |
| خديجه | کتيجان، خدَيتِ، کُتو | عورت جو نالو |
| خاتون | کاتون، کتان، کاتي، کَثُل، کَڦِي کاتان | عورت جا نالا |
| دار مياء (معرب) | درياء | ندي، نهر |
| درهم | دمڙي | سڪو، ڪي پيسا |
| دائرو | ڍارو | ڦرندڙ ڳوٺَ، چَڪو |
| دُئار | ڏوارو | جاءِ جو ڪليو لنگهه، وايو |
| دِلوُ | دِلو | پاڻيءَ جو گهڙو |
| ارڪان | اِرڪڻ | لچڻ |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ورع | وَرهيو (وروءَ) | هاري لاءِ اناج |
| لعابه | لِبَ | ڏندن پڳل پيو (ڦڏو) |
| آتبه | آتي، آهتي(1) | روزانه ايندڙ، گراهڪ |
| زئبات | جبَات | سينگار جو سامان |
| زلزله | جرجلو، ٿرٿلو | سخت ڌوڏو، ڌهڪاءُ |
| اسم | آسامي | نئين جاءِ پيدا ڪرڻ |
| اِسڪن* | اسڳنڌ | ڦٽ |
| اَفيون | آفيم | امل |
| سڪر | سڪر | سڪر جو شهر |
| سِطر | سٽ | سڌائيءَ ۾ لڪيل اکر |
| سيدي (سردار) | سردار | جناب، مسٽر، ميان |
| سانحه | سنهه ستي | واندڪائي، فرصت |
| سطح | (ساهه ستي) | |
| سَحُور | اسور | اَسر، لَڙيءَ رات |
| شعاع | سُهائو | سوجهرو |
| شمع | شم | متو يا ڏيات |
| شلوالُ | شلوار | ڪانچ |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| شهود | شودو | جاسوس |
| صندل | چندن | خوشبودار ڪاٺي |
| صدمَه | ڌمُون | ٺوڪر، اندر جي اُچل |
| ضوءَ | دئو، ڏيئو | سوجهرو ڪندڙ، بتي |
| ضعيف | ضائفان، زائفان | ڪمزور عورت |
| طشت | تسُ | ڪنو يا ٺڪر جو تسڙو |
| طبق | طباق | باسڻ، ٺڪر جو ٿانءُ، پاٽ |
| طلاطم | تلاءُ | چوليون هٽندڙ، سر ٽڙڪو |
| عڪس | اُس | |
| عالي | آري | هڪ بلوچ جو نالو |
| عاليَه | آرياڻي | بيبي، وڏ گهراڻي جي عورت |
| عذاب | آداب | ڏک، سور، درد |
| عُروهِ | وَرت | رسو يا نوڙي |
| علي | عولي، عَيلِي | (هيءُ نالو پٺاڻ وقت چوندا آهن) |
| عرق | ارڱ | چڪايل پاڻي |
| علحدهَ | آرادو | ڌار، جدا |
| غوث | گنوسڙو | جاسوس |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| غُرفَه | ڳُڙک | لوگھو، لياڪو، دري |
| فضول | ڦدوليون | اجايون ڳالھيون |
| فاطمه | ڦاپو، ڦاپل، ڦاپي ڦاتما | عورت جا نالا |
| فوم | ٿوم | وکر (عام طور پاڇيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ) |
| فِدريَ | ڦندر | ڦر نه جھليندڙ ڳئون، مينھن (ڪوس جو مال) |
| فرش | ڦٽچ | تڏو، تؤنري |
| صدره | صدري | سيني ڍڪڻ جو سبيل ڪپڙو |
| صوفَه | سُرخو | اڇي رنگ جو گھوڙو |
| قفل | ڪلف، ڪرف | در کي ڏيڻ جو تالو |
| قبَه | ڪُبو | گندن واري جاءِ (ڪپڙوماٽھو) |
| قبالَه | ڪاباڙو | اڳوات لکايل |
| قدح | ڪاڍائو - ڪاڏاھو | پاٽي ڪيڻ جو ماپو، ڳنر |
| قدريَه (ديڳ) | ڪِندُوري | ديڳ مان چانور چکڻ |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| قميص | خميس | بدن جو سبيل ڪپڙو |
| قلابازي (معرب | ڪَلٽي | اُٿلي اونڌو ٿيڻ |
| قطره | ڳٽرو | ٽڪرو، ذرو |
| قطع | ڪاتي | ڇُري، ڪپ |
| ڪَنزُ | خزانو | ڌن، دولت، ملڪيت |
| ڪؤس | ڪاسو | ماپو |
| ڪفايه | ڪيوٺ | سنجم، سانگ صرفو |
| ڪجل | ڪجل | اک لاءِ ڪاراڻ |
| ڪافور | ڪپور | وڪر |
| طغرل | ٽيگر، ٽيڙي | وڏائي، هٺ |
| لذت | لست | مزو |
| مرحوم | مرحيات | مري ويل، رحمت ۾ ٿيل |
| متعلوي | مٿياري | هڪ شهر جو نالو |
| مبلغ | مَبلڪ، مَبلڪ | تمام گهڻو |
| معرڪه | مارڪو | ڪچهري |
| ماداً | موازي | اوچتو |
| مرحوم | مرهيات | رحم هيٺ آيل |
| مات | ماد | مارُ |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| مقيس | مُڪو | پرت پرڻ جي زري |
| مطلع | ٿَلھ | ڪافيءَ جو منڍ |
| مويشي | ماؤسي | مال تي محصول (ميرن جي حڪومت ۾) |
| مطرقة | مترڪو | هٿوڙو |
| مواد | متن | پورو احوال |
| مسجد | مسيت، مهجد | عبادت جي جاءِ |
| نبض | نوض | ساھ جي ڌڪ ڌڪ هٽندڙ نس |
| نقد | نفز | روڪڙ |
| نعره | نارو | هوڪرو، هڪل |
| وحش | وهِٽ | گھرو پالتو جانور |
| ولولہ | وِلِلَ | جذبو |
| ناعور | نار | پاڻي مٿي چاڙهڻ جو چرخو، هُرلو |
| نقاره | نغارا | پير |
| افراد | اوپرو | ڌاريو |
| وحيلً | ويڌن | مصيبت (هڪڙي تي) |
| غوغاءُ | گوگيا | ڪُوڪرو |
| غريو | گوڙ | هُل |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| هاوي | آوي | نهائين، ڪوري |
| اَنا | آءُ | مان |
| ابرار | ڀلارا | چڱا ماڻهو |
| ابراهيمي | برهماڻي | هڪ ذات يا نسل (ابراهيم جو نسل) |
| باڪره | بوراڪ | ڪنواري ڇوڪري |
| حباب | هباب، اُباب | پاڻيءَ جو ڦوٽو يا بوڙيو |
| عاهر | آهر | يار، ڏاريو ماڻهو |
| بدن | بت | جسم، لڳ |
| علاقه | اولاڪو | لاڳاپو |
| مجازي | مجيجي | واقفڪار |
| قرعه | ڪُٽو | پُڪو يا فال |
| صاب | ساپيان | ڄاڻي واڻي |
| وطاءُ | وٿو | ڪٺورو |
| قطره | ڳٽرو، ڪَترو | ڪتر ٿيل ڦڙو وغيره |
| بحث | بئنش، بيٺ | ڳالھ ٻولھ |
| خوق | ڪؤ | پاسو ڪرڻ |
| بدرهِ | بِدَ | وڏي هڙَ |
| وداع | بدا | لڦو، ويو |
| بط | بطخ | بدڪ |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| جوزا | جاڙا | جڙوان، ٻٽا |
| برڪت | برڪت، برڪ | چڱو |
| بِيَو | ويري | ننڍي ڪوهي |
| باطية | بوتل | ٻاٽلي، بالٽي |
| بزاز | بجاج | ڪپڙو وڪڻندڙ |
| اِلهاب | اولانپو، اوپالو | ٻاهه جي ٻريل ڪاٺي، ڇپي |
| عليل | اُليل، اُليلون | اُليرون، اُلرون |
| اُلفي | اُفي | اوٺي |
| نحس | نِدس | نڀاڳو |
| باالمقطة | بالمختو | مفت |
| عول | ايل | قيدي، ٻاندي |
| علاج | ايلاز | ٻلو، پيٽي |
| آمنه | ايمڻا | عورت جو نالو (حضور ﷺ جن جي امڙ سائنڙ جن جو اسم مبارڪ) |
| محتاج | موٿاج | بيوس، گهرجائو |
| باب | ٻونب، ٻُنپو | ٻاهريون لنگهه |
| اعمال | اهمال | دوکو ڏيڻ، دغا ڪرڻ |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| اِذا | اِجهو | اشارو ويجهو |
| اِفق | اِرڪ | ٿونٺ جي هڏي يا ٿيڪ |
| اصطبل | طنبيلو | ڪُڙهه (گهوڙن جي) |
| عاق | آنڪو | نافرمان |
| ادا | عدَهه، اَدَهه | پورو، ڪرڻ |
| فوطَقه | پوتي | عورتاڻو مٿي ڍڪڻ جو ڪپڙو |
| رداءُ | رؤ | عورتاڻو مٿي ڍڪڻ جو ڪپڙو |
| اديم | اڌوڙ | چمڙو آبو هيل |
| نقطة | نُختي | مٿائي، جنهن مان لڏون ٺهن |
| وحوش | بهوش | گدلو |
| بلاحذر | بلحذير | ڪميٽو |
| وبال | بنبال | جنجال |
| وبا | بفا | بيماريءَ جو قسم |
| باسور | بواسير | موڪن جي بيماري |
| ابن | بن، بنو، وَنو، بنرو | پٽ يا گهوٽ |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| درع | زره | فوجي لباس جيڪو تلوار جي بچاءَ ۾ فوجي پائيندا هئا |
| قالب | ڪارب | ڍانچو، سانچو |

**ب - فارسيءَ جا سنڌيءَ ۾ سمائجي ويل لفظ:**

| اصل | سنڌي ۾ | معنيٰ |
|---|---|---|
| فارسي | ضم ٿيل | |
| آستان | ٿان، ٿاڻ، وٿاڻ | وهٽن بيهارڻ جي جاءِ، بيٺڪ |
| آستانو | ٿاڻو | پوليس جي جاءِ |
| خوانده | آخوند | پڙهائيندڙ، استاد |
| دريچه | دري | لوگهو، لياڪو |
| بچه | ٻچو | ڦرُ |
| بند | ٻنڌ | روڪ، آواندو |
| باورچي | بورچي | راڌو |
| خانچه | ڪانچو، گهانچو، جهانڪو | ننيڙي ڪڌ |
| خُوب بُرو | ڪوبلو | بچڙو ماڻهو |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| شادباش | شِاباس | جَس، آفرين (عزت افزائي ۽ همت افزائيءَ جو هڪ ڪلمو) |
| ديباچه | ڏماچ | ڪپڙو |
| تراشي | تري | گهڙي، چلي |
| زن | زال | عورت، جوءِ |
| برغلانه | پڙڪائڻ | خيال ڦيرائڻ |
| گِل - ڪِهگل | گچ، گارو | پسيل پنجو |
| پابندن - پيندن | پاڏڻ | وهٽ کي ٻگهو رسو وجهي ٻڌڻ |
| چيخ | ڪيه | دانهن |
| ماه | ماس | گوشت |
| پنجه | چنبو | ٻجو، پونڊو |
| آهسته | آراسته، آهستي | هوريان، ڌيري |
| ديده دانسته | ڏينا ڏاستي | پڌري پٽ |
| غنچه | گوشو | چڳو |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| چيره | ڪيرو | ڦاتل، ليڙو، نستو |
| آزاد | آجو | ڇڙواڳ، جاٺولو، چوٽ، واندو |
| بادشاه | باچا | حاڪم |
| اجمود | اجواڻ، جاڻ | وڪر |
| ابرو | پرون | اک جي ڪوپي مٿان وارن جو ليڪو |
| آخور | آهورُ | مال جي چاري جو ڪونر |
| آهنه | آئينه | آهري، آرسي |
| اروبليٰ | الوپلو | هٿوباري، همراهي |
| اروغ | اوڳرائي | ڏاڪار |
| بدتر | بَنز | بڇڙو |
| برآمده | براندو | وراندو |
| پشت | پٺ | ابتو پاسو |
| ڪُنده | ڪُندو | دغاباز |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| پيند | پينڌو، پينگهو | لڏڻ جو هندورو |
| سرمه | سوئيرو | اکين ۾ وجهڻ واري ڪاراڻ |
| مرد | مڙس | پتار، وَرُ |
| ڪودڪ | چوچڪ، ڪِڪِو | ننيڙو ٻار، ٻالڪ |
| ڪاروباري | ڪاٻاڙي | پراڻو سامان وکڻندڙ |
| ڪجاآر | ڪجاڙو | چا، ڪوھ |
| حاصل ڪار | هاسيڪار | اميد رکي |
| هسوار | سوار | وهٽ تي چڙهي هلندڙ |
| پَسري | پَسوري | ٻڻ، ٻڻياد |
| خَربوزه | ڪپوسڙو | گدرو، گدري جهڙو |
| بوزنه | بوزان | پولڙو |
| گاؤ | گانءِ، ڳئون | ڏڳي |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ماهه | مهينو | سال جو ٻارهون حصو ٽيهه ڏينهن |
| ڪاغذ | ڪاڳر | پنو |
| ڪليدي | ڪنجي | چاٻي |
| مداد | مس | سياهي |
| سرانجام | سرچامي | اٽسٽو |
| آل جال | اَلَچَل | انچر، گهٽا |
| ما | مان | آءُ |
| باديه | باڙدي | بالٽي |
| ڪوزه | ڪؤنرو | ڪرو |
| اسپغول | اسپنگر | پسارڪي وکر جو نالو |
| بلاق | بولو | نڪ جو ڳهه |
| بيخ | بيڪ، پاڙ | بنياد |
| بالشت | بليس | گرانٽ، ٻاڙي وهيٺ |
| شيرين | شيرو | سيرو |
| آفتاب | استاوو | بدنو يا ڪرو |

**انگريزيءَ جا سنڌيءَ ۾ سمائجي ويل لفظ:**

Gul Hayat Institute

| اصل انگريزي | سنڌي ۾ ضم ٿيل | معنيٰ |
|---|---|---|
| آرڊر | آڊر | حڪم |
| آرڊرلي | اردلي | خاص سپاهي |
| اسٽيشن | ٽيشڻ | ريل گاڏي بيهڻ جو هنڌ |
| انسپيڪٽر | انسپيٽر | عملدار |
| ايئر رنگ | ايرنگ | ڪن جو ڳهه |
| انڊيا | اِنڊيا | پارت |
| اسٽئنڊ | اسٽان | لارين جي بيهڻ جو هنڌ |
| باريٽر | باليسٽر | وڏو وڪيل |
| بٽن | بٽڻ | پيڙو |
| بِيوگِل | بِغل | توتارو (منُ) |
| بئاءِ | بوئي | نوڪر، ڇوڪرو |
| بئينڊ | بئينُ | واڃو |
| باڪس | باڪس - بڪس | پيٽي |
| پلاٽون | پلٽڻ | فوج |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| پبلڪ | پنبلک | ماڻهن جو ميڙ |
| پئنٽ | پتلون | ٻچانگي |
| پريزيڊنٽ | پريزيڻنڊ | راشٽر، صدر |
| ٽائوٽ | ٽوٽ | لوفر، لفنگو |
| ٽچ | ٽئينچ | ڇهڻ |
| ٽائيم | ٽيم | وقت |
| ٽڪٽ | ٽڪس | فردي، پٽري |
| ٽائيٽ | ٽاٽ | ٻلائٽو، سوگهو، مضبوط، قابو |
| ٿرڊ | ٿڊ | هيٺيون ڪلاس |
| جنرل | جرنل | فوجي عملدار |
| سينٽرل جيل | سينٽرجيل | وڏو قيد خانو، وڏو جيل |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| سپرنٽينڊنٽ | سپريڊنٽ | پوليس عملدار |
| ڊاڪٽر | ڏاڪدر، ڊاڪدر، ڊاڪٽر | معالج |
| راجرس (جرمني ملڪ ۾ ڪارخانو) | راڄسي | معياري اوزار |
| سئنڪلي | سنگهر | زنجير |
| ڊرائيوَر | ڊليوَر | چالڪ |
| سوپ | صابڻ | صابڻ |
| ائڊ دي ڪئمپ | آڙي ڪاپ | وڏو چالاڪ |
| رڪروٽ | رنگروٽ | نوَلو، الهڙ |
| روڊايشيا | روڏوشاهه | آفريقا جو هڪ ملڪ |
| گن مشين | گهنڊ مشن | گوليون وسائيندڙ بندوق |
| شاپ | چانپ | وڏو دڪان |
| فلئگي (جهنڊي وارا) | فرنگي | يورپي، گورا ماڻهو |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| فرسٽ ڪلاس | فسڪلاس | اول يا پهريون درجو |
| فالين | فالم | تيار ٿي بيهڻ |
| فوُٽ | ڦوُٽ | ماپ |
| لارڊ | لاٽ | وڏو ماڻهو |
| ليگ | ليگ | جماعت |
| آئيس ڪريم | اشڪريم | ملائي برف واري |
| بٽلر | ٻٽريل | ماني ڪارائڻ وارو |
| لائين | لئين | قطار |
| ماجسٽريٽ | ماجريٽ | عدالتي عملدار |
| ڊزن | درجن | پارنهن شيون |
| ماسٽر | ماستر | استاد |
| مل | ميل | ڪارخانو |
| ڪوچ مئن | ڪوچوان | گاڏير |
| ڪٽ پاڪيٽ | ڪاٽڪو | ڳنڍڙي چوڙ |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ڪليڪٽر | ڪليٽر | روينيو عملدار |
| ڪورٽ | ڪورٽ | عدالت |
| ڪُلي | ڪولهي | مزدور |
| واچ | وانچ | گهڙي |
| ويسٽ ڪوٽ | واسڪوٽ | صدري |
| وارنٽ | وارنڊ | ڪيس جو پٽر |
| اسٽئمپ | اسٽامپ | ٽڪيلون |
| اسپنج | اسفنج | مئل ڪڪڙ |
| هارن | هارون | توتاڙو |
| هارمونيم | هارمون | باجو |
| بئلنس | ٻالانس | بچت رقم |
| بيوٽيفل | بوفلو | سهڻو |
| بلڊاگ | بلڊاڪ | ڪتي جو قسم |
| باٽل | بوتل | ٻاٽلي، ٻالٽي |
| ڪيٽل | ڪٽلي | چانهه داني |
| رپورٽ | رپوٽ | پوڪار |
| ڊيوز | دئونس | نالائق |
| سينٽر | سنٽر | قطار يا وچ |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| گارڊ | گهاٽ | پوليس چؤنڪي |
| لئمپ | لاپ | بتي |
| اٿارٽي | هٿارٽي | اختياري |
| ٽائيٽ | ٽاٽ | سوڙهو، مضبوط |

**مقلوب سنڌي لفظ:**

مقلوب، انهن لفظن کي چئبو آهي، جي ساڳيءَ مخرج وارا لفظ يا اُبتا سبتا لفظن جا اکر، هڪٻئي جي اڳيان پٺيان ٿي بيهن، پر معنيٰ ۾ ڦير نه هجينِ. اها ٻوليءَ جي وڏيڪ خوبي آهي، ته لکڻ ۾ اکر بدل سدل ٿي وڃن، پر معنيٰ ۾ ڪوبه فرق نه اچي. ٻوليءَ ۾ اهڙن لفظن جي به کوٽ ڪانهي.

| اصل | بدل | معنيٰ |
|---|---|---|
| ازرق | اجرڪ | نيرو رڱيل ڪپڙو |
| اُتپن | اُپت | پيدائش |
| ڀُوجرو | جَنبورو | ڏگهن وارن وارو |
| حَ ْڀڪو | ڀُچڪو | ڇٻاڙڻ جو آواز |
| حسد | حدس | چڙهت جو خار |
| ڀُٽ | ٽُب | ٻوڙو |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| جاڙوڪرَ | جاڪوڙ | محنت، پورهيو، تڪليف |
| جنهن لاءِ | جيلانه | جنهن ڪاڻ |
| تنهن لاءِ | تيلانه | تنهن ڪاڻ |
| پلٿي | پاٿولي - پاٿاري | ويهڪ |
| ترهڏ | هڏتر | اٿ ڪي چڪي چمر ٿوپڻ |
| درهمي | دمڙي | سڪو |
| سرٿ | سٿر | همت پريو |
| پنجو | چنبو چنگل | ٻُجو، پونبو |
| ڳپور | ٻپرو | چوڪر، نينگر |
| پؤنر | نپور | گهاٽو ڪارو رنگ |
| زيره | ريزو | داٽا داٽا ۽ وکر |
| خوانده | آخوند | استاد |
| ساهڙ | ساهڙ | ميهار، ڏهندڙ |
| ساهنگو | سهانگو | سستو |
| شُبهه | شائبو | شڪ |
| نڪَ چٽو | نچڪٽو | وارن چونبٽو |
| سُڏڪا | ڏسڪا | روئڻ کي روڪڻ جو آواز |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| سِرجڻ | سجرڻ | بنياد وجهڻ، قرار وجهڻ |
| سِرڪڻ | رسڪڻ | رڙهڻ |
| فليتو | فتيلو، پليتو | وٽيل ڌورو يا وٽيل ڪاغذ |
| ٿت | تٿ | مقرر تاريخ (شاديءَ جي) |
| ٿيتي | تيٿي | روزانو ايندڙ گراهڪ،ٻڌل گراهڪ |
| قفل | ڪلف | ڪرف، قِالو |
| ڪاريا | ڪاريا | ڪم ڪرائڻ مصدر مان |
| ڪودڪو | چوچڪو، ڪِڪو | ٻارڙو |
| چِڪڙ | ڪچر | گپ |
| بگري | گبري | جهولي |
| ذليل | رذيل | ذڪاريل، ڪريل، وس ۾آيل |
| ڪانچو | جهانڪو | ڪڏ - ڪوٻو |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| مٿچرو | اچاترو مٿاچرو | سطحي ڪم ڪرڻ |
| طفل | طلف | ٻارڙو |
| وزارت | وزرات | وزير ٺاهڻ |
| وچن | چوڻ | ٻولڻ، انجام |
| آگم | آڙنگ | مينهن پوڻ جي گهٽ |
| حلوائي | حولائي | مٺائيءَ وارو |
| لمحو | لحمو | ڪن، ساعت، پل، گهڙي |
| ارڏنگ | اڏرنگ | بيماري جو قسم |
| اٽاڳ | اڳٽ | (اڳٽ) سٽڻ ٻڌڻ جو ناڙو |
| آتار | تنوار | ٻولي، لات، هڪل |
| اُتامڙو | اَئونٺرو، ايٺرو | حرڪتي، اُٻهرو |
| پرت | پٽر، پَٽُ | پنو |
| آماج | آجام - آچام | نشانو |
| آڍانگو | آڳانڊو | آسرو |
| ليڪت | لڪيت | ياد رکڻ |
| سهڪڻ | هسڪڻ | تڪڙو ساھ کڻڻ |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| مهريون، موراهيون | مهارون | ڏندن جو ماس |
| اصلي | اصيل | ڪجيءَ جو قسم |
| ارٿي | ائنٽڙي | ڪپهه ٽاڻن جي چرخي |
| اباڪٽو | اپاٽڪو | اُداس |
| بوگو | گوبو | بوڊو |
| بادگير | بازيگر | منگهه (هوا جو) |
| پچي | چپي | نڪ يا اک جو لعاب |
| نڪمو | ڪمينو | بيڪار |
| باگڙ | بَگڙو | ڦتل رنگ |
| نوش دارو | نوشادر | اچڙو (وڪر) |
| امروش | اَرموش | وڏي چمار وارو اُٺ |
| بادلي | بالدي | باڙدي |
| هيڪلو | اڪيلو | پنهنجي سر |
| چڪري | چيڪلي | ڦيراٽي |
| اهو سهو | اوي سوي | جيڪو ٿيڪو |
| تِرچ | چِتر | ڪورَ |
| برٿ | بَٿر | سوٿ، مضبوط |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ورسيو | وسريو | پليو |
| ٻاڏ | ڏاب | شلوار مٿان ٻڌل گوڏ |
| چندي | تنجي | پيشانيءَ جو ڳھ |
| ٻيپاهو | ٻاپيهو | چاهو |
| ٻگهارو | ٻرگهل | وڏو ڳڙک يا سوراخ |
| ٻڏو | ڏٻو | پاڻي ۽ تيل وغيره جو ٿين |
| ٻپي | ٻپي | چٽ، دلبو |
| چرب | چهبر | وڏو ڦٽ |
| گبري | ٻُگري | فقيرن جي جهولي |
| بغادر | بغدار | جوئراَ |
| بست و بند | بندوبست | پاڻيءَ جو ورهاڱو ڪرڻ |
| باڪره | بوراڪ | ڪنواري |
| چپاٽ | چماٽ، لپاٽ | ٿقڙ، ٿڦ |
| پرهيو | پهرايو | ڪپڙن ڍڪيو پاتو |
| ڪڄُ ڪڄُ | ڇُڪ ڇُڪ | چيڙ ڪرڻ |
| ورجي | وجڙي | ڪنوڻ |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| بغچو | بجڪو | ڪپڙي جو ڳوٿرو |
| ڪنبَ | پنگ | تاوان |
| تڪ | ڳٽ | ساهوارو |
| جناور | جانور | ڍور |

**جمع جا جمع لفظ:**

| | | |
|---|---|---|
| جيتُ | جيتَ | جنتر |
| گهوڙو | گهوڙ | گهل |
| راڄ | راڄُ | مهاڇڻ |
| پکي | پکي | پکڻ، پکراڙو |
| ٽِڪرُ | ٽِڪرَ | ٽِڪراٽو |
| وڻُ | وڻ | وڻڪار |
| ڪنڌي | ڪَنڌيون | ڪَنڌ |
| مينهن | مينهون | ميهاڳ |
| ڪاٺ | ڪاٺَ | ڪاٺوڙ |
| ڪوڪ | ڪوڪون | ڪوڪراٽ |
| ڳاٽو | ڳاٽا | ڳاٽَ |
| ڳيچُ | ڳيچَ | ڳاچَ |
| مک | مکيون | مکراڙ |
| دِٻَ | دٻون | دٻوڙ |
| ڪِرڙُ | ڪِرڙَ | ڪرڙاٽ |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ڪپڙو | ڪپڙا | ڪاپڙَ |
| وِڳو | وڳا | وسترَ |
| ويسُ | ويسَ | وڳاٽ |
| گڏو | گڏَا | ٻار - ڏَن |
| ماپَ | ماپون | ماڻَ |
| گند ڪچرو | گند ڪچرا | ارُوڙَ |
| ڪوڙي | ڪوڙيون | ڪرو |
| جشنُ | جشنَ | جُعجَ |
| ڪيڙو | ڪيڙا | ڪيٽ |
| مياڻي | مياڻيون | ماچر |
| سپاهي | سپاهي | سپاهه |
| ڪنگهه | ڪنگهون | ڪرتو |
| ڏُهلُ | ڏُهلُ | دمامَ |
| گڏهه | گڏهيون | گڏهوڙ |
| چيٽو | چيٽا | چيٽ |
| مڇي | مڇيون | مڇاڻ |
| ڪنُ | ڪُنَ | ڪينَ |
| جهرڪي | جهرڪيون | جهرڙ ۽ جهار |
| مليرُ | مليرَ | ملهارَ |
| پترُ | پترَ | پنجو |
| ڊينگهرُ | ڊينگهر | لوڙهو |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| پَنِ | پَنَ | پَنِ |
| ڪانُو | ڪانا | گڏو |
| مڪڙي (پيڙي) | مڪڙيون | مَڏِ |
| پنڊ (ڪپھ) | پنڊُون | پانڊو |
| پنڊاري | پنڊاري | پانڊاري |
| جنگي جهازُ | جنگي جهاز | آرماڙ |
| مڪڙُ | مڪڙَ | ماڪڙ |
| چينيو | چينيا | چانگَ |
| ملڪيت | ملڪيتون | اِملاڪ |
| اَنُ | اَنَ | اَناج |
| ڦُرِ | ڦُرون | ڦراڙ |
| ڦڙي | ڦڙيون | اوڙڪ |
| ڏاڙهي | ڏاڙهيون | ڏاڙه |
| مئلُ | مئلَ | مڙَه |
| ڏاتو | ڏاتو | ڏات |
| ڪدڙو | ڪدڙا | ڪدوُن |
| چورُ | چورَ | چور ٻڌي |
| ڪڪُ | ڪڪَ | ڪاڳر |
| ذات | ذاتيون | راڄ |
| پالتو جانورُ | پالتو جانوَر | وهٿ |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| چؤپايو مالُ | چؤپايا مالَ | ڍور |
| اَڪُ | اڪَ | آڪارو |
| موچڙو | موچڙا | ڪَلا |
| گُندي ڪپڙو | گُندي ڪپڙا | لَٽا |
| هڏو | هڏا | هڏُ گُڏ |
| جهنگ جو | جهنگ جا | مرون، راڱا |
| جانورُ | جانورَ | |
| عام جانورُ | عام جانوَر | پسون |
| پاڙ | پاڙون | لاھ |
| ڪنبو | ڪنبا | اَرِ |
| ماڙي | ماڙيون | مَاڙ |
| ڏوهي | ڏوهي | ڏاھ |
| نارُ هرلو | نارَ هرلا | هَلَٽُ |
| ڪوڏي | ڪوڏيون | ڪچُ |
| دڙي | دڙيون | دَڙ |
| ڪانگ | ڪانگ | ڪانگيرو |
| ٻارُ | ٻارَ | ٽيبرُ |
| چيلو | چيلا | چانگ |
| ٻيلهپَ | ٻيلهپون | ماڙُ |
| مچرڪت | مچرڪُتون | ڄارو |
| ٽاهوُ | ٽاهُو | ٽاڄا |

## ذاتن جو ٻڌياد سنڌيءَ ۾

| لفظ | ذاتو | مطلب |
| --- | --- | --- |
| ٻيانگڙي | ٻه + آڱري | ٻن آڱرين جي وچ وارو خال |
| ڪرنڊ | ڪنڊ+ رَنڊ | ٻن آڱرين جي وچ ۾ خال واري ڪنڊ |
| ڪانڊيرو | ڪنڊن+ ڊيرو | هڪڙو ننڍڙو ٻوٽو |
| پاڻهياري | پاڻيءُ+ هاري | پاڻي ڀريندڙ زال |
| وچويو | وچ+ آيو | وچ وارو ماڻهو |
| مانائتو | مان+ اَرٿو | مانُ لهندڙ |
| مڪٽياتي | مڪڻ+ ارٿي | اهڙي ڳئون يا مينهن جنهن جي کير مان گهڻو مکڻ نڪري |
| اناڙي | اڻ+ آريه | اڻ سڌريل |
| اَڳُٽ | آڳو+ پٽ | سٽڻ، شلوار لاءِ ناڙو |
| اَرڏو | اڻ+ريڏو | نه سرچندڙ |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| جوءِ | جاءِ+ويُ (فارسي) | چراگاهه يا ملير، ملهار |
| گهنگهر | گهاءُ+گهر، گهانگو+گهر | ڏکي جاءِ |
| ڏڦير | ڏون+ڦير | ٻن ۾ ڦيرو ايندڙ |
| واهوندو | واءُ+الهندو | برسات واريون هوائون |
| مچاترو | مٿ+اَڇُهت وارو | يا مٿچرو |
| اچا ترو | اڻ ڇَهت وارو | بي ڇتيو |
| آگهارڻ، اوگهارڻ | اُگهي+آڻڻ | پاڻيءَ مان ڌوئي ڪڍڻ |
| چاچولڻ | ڇچ+اولڻ | گهڻي پاڻيءَ مٿان تارڻ |
| آٿرائڻ يا آڇارڻ | اَڇ+ آڻڻ | پاڻي آٿرائبو آهي |
| جوگير | جَوَ+گير (فارسي) | گهوڙو گهڻا جَوَ کائي مٿان پاڻي پيئندو، ته ان کي جَوَ گير جو مرض ٿيندو. |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| | | وڏي پيٽ واري ماڻهوءَ کي به چون |
| سانتيڪو | سانت+هٿيڪو | ماٺ ۾ رهندڙ، آرام ڪندڙ |
| ٿانئيڪو | ٿاڻ+هٿيڪو | ڪنهن سولي هنڌ رهندڙ |
| ٿاڻ | اصل فارسي آستان | ٿاڻ، وٿاڻ، ٿان |
| پاڻ | پون+آڻ | پيٽين جو جمع پاڻ يا پاڻو |
| پيٽي | پون+آٽي | ٿوري جاءِ، جتي ماڻهو ٿورو وقت بيٺو يا ويٺو هجي |
| ڪٽنو | ڪنٽ+وٺو | ڳچيءَ ۾ وٺيل ڏورو پيل |
| وڏوڙو، واتوڙو | وات+وڙو | وات جو وڙ وچائيندڙ، ڪاوڙيل |
| ٻيلڙو | ٻيلھ + اڙو | ڳڏوڳڏ اُڙيل يا ٻئي + لَهہ اڙيل |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| مهاچڻ | مها + راڄن | وڏو راڄ هئڻ |
| پهاڄ | پوئين + هاڄ | هچڻ مان، مڙس جي ٻي زال |
| لنگهياري | لينگهن +واري | ڪپڙن ڦاٽل |
| لوئياري | لوئي + واري | ڪٿيءَ ڍڪيل |
| ڪُنپر | ڪنپ + ڪار | ڪنپ، گنب معنيٰ آلي مٽي. مٽيءَ جو ڪم ڪندڙ |
| لوهر | لوه + آر | لوه جو ڪم ڪندڙ |
| ناگناه | ناگن + واه | هڪ واه جو نالو |
| ساجناه | ساجن + واه | ساجن جي نالي تي هڪ واه |
| ڏونگهي | ڏون + اَنگهي | ٻه ٽڪر ٿيل |
| اوگهڙ، اُگهاڙ | اوڳه + گهڙ | هرَ جي اوڳه وانگر پڌرو ڏسڻ ۾ اچڻ. |
| سُڪالو، سگهالو | سگه + اَوَلو | بيمار |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| اَڳائو | اڳهين + چائو | زال يا مڙس جو اڳيون اولاد، اڳ چائو |
| سڳائو | سب يا شپ + چائو | سنئين طريقي چاول |
| ٽڪڙ | ٽيو + اوڪڙ | ٽن پٽن مٿان ڏيءَ يا ٽن ڏيئن مٿان پٽ جمي ان کي به ٽڪڙ چئبو. |
| ٽياڪڙ | ٽيون+ سڪر | امين، نبيرو ڪندڙ |
| نبيرو | نڌ + پيرو | آخرين فيصلو |
| سهاءِ ساهه | سُون + ونهانءُ | شاديءَ ۾ ڏنل سپن عضون جو سون |
| نئڙت | نمڻ + ارٿ | جهڪڻ |
| اُبڪو | اُب + اُلڪو | ٻپ، پؤ |
| ڏوڳڳري | ڏون + ڳرَ | ٻن حصن واري |
| ڪنگهر | ڪنگه + ڪڙُ | گهاٽو مواد |
| ڪانگهارو | ڪنگه + اوڪارو | گهاٽو لعاب اُڇلڻ |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| پئيند، پينڊو، پينگهو | پا + بند (فارسي) | پير ٻڌڻ |
| پيڪڙو | پا + ڪڙو | پير جو ڪڙو |
| ڪرانڊي | ڪر + ننڍي | هڪڙو ڪرُ |
| زيرانڊي | زير + آنتي | آنڊي جي هيٺان |
| پاڻيجو | پيڻ + جو | پيڻ جو پٽ |
| پيڻيويو | پيڻ + ونهايو | پيڻ جو مڙس |
| ماسات | ماسي + پٽ | ماسي جو پُٽ |
| ماروٽ | مامي+ پٽ | مامي جو پُٽ |
| ڀڦڙ | ڀڦي + ور | ڦڦي جو مڙس |
| ڪبو سڙو | خربوز + ڙو(فارسي) | گدرو |
| گنوسڙو | ڪن + نوشرو | ڪن ڏيندڙ، چغلي خور |
| ميسٽو | ماٺ + سياٽو | ماٺ ڪري ڳالهه سمجهندڙ |
| مهراڻ | مه + آب روان (فارسي) | وڏو پاڻيءَ جو وهڪرو |
| مهراڻ | مها+آرڻ (پراڪرت) | گهڻو ريج ڪرائيندڙ |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| مهراڻ | مهاڙ + رڻ | منڊ غيرت بازيءَ جو |
| ڪانپاٽي | ڪنپ+آپاٽي | پڪين هڪلڻ لاءِ ڳوڙهن وارو نوڙ |
| چولو | چؤ+لهو | چئن دامن وارو |
| گندي، ڪنڌي | ڪنڌ+اندي | پوتي، چُني، اوڍڻي وغيره |
| لخنالت | لک + لعنت | ڦٽڪار |
| پٽي | پير + اَٽي | پيرن جي مٽي سڪي |
| بپوت | پؤ + پوت | پوٽ جهڙو |
| ڪرڪسو | خرخسو (فارسي) | ڪڙيو جنهن مان ڪيسو نڪتل فارسيءَ ۾ ڪيسه معنيٰ ڳوٿري |
| اڙبنگ | اَڙَ + اُبنگ | اُبنگ جي آڌر تي بيپرواهه |
| گڙنگ | ڪروڙ + انگ | ڪروڙ پتي |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| اڪيچار | اَ+ڳڻ+ويچار | ڳڻڻ ۽ ويچار ڪرڻ کان ٻاهر |
| ٻڙهڙا | ٻوڙيا + ٻوڙيا | گهٽو مينهن |
| ڪٿارو | ڪٿ قٿ + وارو | ڪِٿ قٿِ وارو |
| ڪلٽي | گري + اُلٽي | اردو گاڏي اونڌي ٿي ڪري |
| آواندو | آنهه + ٻنڌو | ٻنڌو، ٻند، ٻنڌي ۽ بند فارسي مان نڪتل |
| ٻانهوڙي | ٻانهن + اوڙهي | آستين، ٻانهن ڍڪڻ وارو ڪپڙو |
| پاهوڙي | پا + آهوڙي | پيرن هيٺان مواد ڪيندڙ |
| ڇٻي ٻج | ڇاپرو + ٻج | ڇپر يا جبل جو بنياد پيل |
| ننگ جون پاڙون | ننگ + پارٽو | ننگ پارٽو ته دوزخ ۾ به |
| مُڪو | موڪليو | مخفف |
| پائٽيو | پاءَ + پيٽو | پاءُ جو پُٽُ |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ڪؤنچرو | ڪؤنس + وارو | حرڪتي |
| ڪيڪرو | ڪوڪي + وارو | ڪوڪي وانگي آواز ڪندڙ. پيو ڪيڪڙو پاڻيءَ جو جانور، جو ڪوريئڙي جهڙو ٿيندو آهي. |
| ڪيسانو | ڪيسن + واهڻ | ڪيسن ڻاهڻ وارو ڳونڙو |
| جاڙوڪار | جاڙ + ڪوڙ | گهڻي تڪليف |
| اوڪڙ، اوڪڙو | اوڪو ويهڪو | پيِن تي ويٺل |
| تاجي | تند + اُٽي | ڏاڳن جون تندون ٻيگهہ اٽيل |
| پيٺو | پيٺ + برو | ڏاڳن جون تندون ويڪر ۾ اٽيل |
| پيٺارو | پيٺ+ آرو | پيٺ وارو |
| پيٺارو | پيٺ + آرو | پيٺ وارو |
| ڦوسيارو | ڦوھ + سيارو | سياري جو وچ يا اوج |
| نڏٽڪو | نه + ڏٽيءَ ڪو | جنهن جو ڏٽي نه هجي |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| غيباٽو | غيب + هاٽو | غيبن هنيل |
| ڏنار | ڏٽ + وآر | ڏٽ چاريندڙ |
| ڏراڙ | ڏٽ + ڏار | ڏٽ ڏاريندڙ، مالڪ |
| ڪنڌار | ڪنڌ + آر | ڪنڌ نه ڦيري سگهندڙ، ٿلهي ڪنڌ وارو |
| ڳاٽ | ڳچاٽ | ڳچي |
| نِرچو | نر + لچو | بي لچو، بي غيرت |
| اوپٿو | اوپرو + پٿ | ڏاريو |
| پُٺُو | پٺ + ٺپو | ها ۾ ها ملائيندڙ |
| ڪُهائي | ڪچي + ويائي | ڪچو ويم، سقاط حمل |
| آرياٽي، علياٽي | عليءَ + وياءُ | سسئي جو لقب |
| منهيند، مهاندو | مُنهن + آندو | شڪل، خاڪو، ڳنديل ڏنل ڏورو |
| چرٽي | چڙهٽي | غلط استعمال - ڏاڪڻ |
| چرٽو | چؤڙو + پاٽئون | ويڪرو |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ٻياني، ٻيانگهي | ٻه + اَنگهي | ٻن شاخن واري ٻياني |
| ٽيڪيو | تختو | غلط استعمال: ٽيڪيي جي پٽ، صحيح: تختي جي پٽ |
| اُبداڙو | ابت + ڌَهانو | اونڌو سوراخ، ڪانچ جو |
| چيڙوٽي | چؤنڪ + اڳٽي | ابداڙي جا ٻه چؤنڪ جتان اڳٽ وجهڻ جو گس آهي |
| ڪاني | ڪان مان + ڪاني | يعني ڪاني ڪرامت |
| پانيڙا | پيپ + ريڙها | ٻار گوڏن پر هلندو آهي |
| ڳوٺرو، ڪوٺرو | ڪؤن + ٽيلهو | ٻيڙي ڪؤن وارو ٽيلهو |
| ٽيلهو | ٿهن، تهن + وارو | جنهن ۾ ڪي وٺون ته ڪري رکجن |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| وَڳيچڙي، اُڳيچڙي | وڳي + اوچڙي | وڳا وڙهيل |
| پرمار | پري هڻ + ءِ مار | جامڪي بندوق جي ڏڪ لاءِ اهو لفظ ٿهيو، پر سچ پچ ته ڪارتوس واري بندوق لاءِ هئڻ ڪپندو هو. |
| رولاڪ | رولو + آڪ | بيگانو - ڏاريو - اڻ سونهون |
| ڏوڪڙ | ڏي وٽ + وکر | وکر لاءِ ڪم ايندڙ ذريعو |
| ڳانپ، ٻانپ | ڳئون + رنپ | هن ڪي مم به چون - خوفائتي عورت |
| پپيانڪ | پؤ + آڻڪ | ٻپ ڏيندڙ |
| پوڳ | پوڄن مان ورتل | جهر ٻهر |
| نِڱيو | نڱ | نڪتو، نڪريو |
| چسو | چيهه + سوڏو | ڪنهن بيوقوف لاءِ چون |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| اُٽڙڻ | اُٽ + ٽڙڻ | ڪتل شيءِ کي لوڏي ٻاهر ڪڍڻ |
| ٽيٽ | ٽيڏي + ڏيٺ | ٽيڏي اک سان ڏسڻ |
| سَمڪ | سمعڪ | عربي لکڻ ۾ غلط رائج آهي |
| ٽڃُ | ٽڻ + مڃ | ٻالڪ لاءِ ماءُ جو کير |
| چرچو | آچريه + اشچرجيه | عجيب چاڻ |
| اوساڪيون، شاخون وڻ جون ننڍيون - ننڍيون ٽاريون | اوس + پڪيون<br>اُس + سڪيون | ڪجين ۽ انبڙين لاءِ چون |
| آڊوڪو | اڌ + آلو سڪو | ڪپڙو اڌوگابرو سُڪل يا الا |
| آنڪو | آلو + سڪو | ڪچو مٽيءَ جو نانءُ |
| اونگهي | اڻ + گيهي | بنا سٽپ جي |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ڪنڌاٺ | ڪنڌ + ڪاٺ | نار يا هرلي ۾ وهٽ جي ڪنڌ تي رکن |
| ڪنواٺي | ڪلهي + ڪاٺي | هن ۾ دبا يا دلي ٻڌي پاڻي پرين |
| انگڙو، آنڪڙو | انگ + اڙو | بارداني تي نشان ڪن |
| مينهوڳي | مينهن + مارڳي | گهڻو وقت مينهن جو پاڻي هلي |
| اُپاڪرو | اُپ + ڪوڙيو | ڪا شيءِ اُپي ڪري ڪوڙڻ |
| بوپر | پونءِ + پر | سنهي داڻ |
| ننداڪرو | نند + اکين وارو | ننديا اچڻ واري حالت ۾ |
| ڪانڊيپو | ڪانڊي + ايلپو | ڪانڊين جي خدمت چاڪري |
| سيڻپو | سيڻ + ايلپو | ڪنوار جي مائٽن جي خدمت |
| الاتهُار | الله + تو + آهر | الله تنهنجي مدد |
| ڪونڌر | ڪنول + نڌر | نهڻو - ڦوه جوان |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ڪونڌ | ڪنڌ + نوڌ | سر تلوار سان ڪٽيل |
| ٻاٻيس | بابا + بس | ٻار کي چئبو آهي بابا بس، پٽ (پيار) بس، ماٺ ڪر |
| آڌڙي، اڙي | آڌ + اَڙ | ڦڙتي |
| ڏارو | ڪيڏارو | معنيٰ مقابلو: وانجهي راند ۾ هاري پاڻ ۾ ڏارو يعني هٿ هٿ تي هڻي راند شروع ڪندا آهن، جنهن جو اصل ڪيڏارو آهي - مخفف |
| وينگس | ورن + گُل + ويس | سهڻن ڪپڙن واري سهڻي زال |
| ونهي، ورني | وَرَ + وَنهائي | ڪنوار |
| وانگوڙو | وارن + وَنگ + اڙو | زالون وار ويڙهي ڪياڙيءَ |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| | | مثان وڪڙ ڏئي پڏن |
| ملاڪڙو | ملھ + آڪاڙو | ملھ جو ميدان |
| جيجل | جيئي + جال | سدا جيئري هجي! |
| آڳٻيٺي | آڳ + ٻٺي | مٽيءَ جو چلهو باھ لاءِ تيار ڪيل |
| ٻٺارو | ٻٺ + آرو | سرن جي ٻٺي وارو |
| بوچٽي | پرت + چني | پرت پريل گندي |
| لاوٽي | لاھ + اوڊٽي | ڍڪيندڙ |
| آڪر | آلو + ڪير | تازو ڪير هفتو ڪن ويائل مال جو |
| اُپيٺو | اُپ + بيٺو | نميل يا رڪوع وانگر |
| اُٺو | اُپ + پٺو | ٻَول مٿي ڪنيل يا پٺا نميل |
| لانگوٺو | لانگ + اوٺ | ننڍي گوڏ |
| ڪڇوٽي، ڪڇو | ڪانچ + اوٺ | ڪڇو |
| سٿڻ | سوڏ + آسڻ | ويهڻ ۾ سوَلي |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| بچانگي، بسانگي، ٻڦانگي | به + شاخي | ٻن شاخن واري |
| مانيٽو | مات + ويهٽو | چپ ڪري ويهندڙ |
| ويڳاڻي | ويراڳ + هاڻي | اڪيلي يا پريشان |
| ڳٽتي | ڳڻ + ارٿي | ڪٽڪو |
| ڏولائو | ڏوھ + لاھو | آواز ڏوھ جو - اوکو پنڌ |
| ڪرلائو | ڪرَھ + لاھو | گوڙ شور جنگ جو |
| ڏُرت | ڏوھ + رھت | ڏڪار |
| ڏيٺارو | ڏيک + وَٿ + وارو | ڏيٺ ويٺ وارو |
| ھرتُڙيو | ھري + اُتڙيو | پنهنجي مرضي وارو |
| اُبهرو | اُڦٿ + ٻاھرو | جلو باز |
| اُتاولو | اَتاھ + اَوَلو | ڪاوڙيل، اُبهرو |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| آترويلا | آٿر+ويل | وهٽ، آٿرن رکڻ مهل بدڪندو آهي |
| اَپالو | اڻ + پل | بي وس، بي سگهو |
| تترانا | تتريءَ + آنا | پکي آنا آکيرن ۾ لاهين، پر تتر پکيءَ جي مادي آنا زمين جي ڏر ۾ لاهي |
| ڳنپير، ڪنپ، ڳنب، ڳنپ | ڳنپ + پير | مٽي جو مادو رکندڙ، وڏي گردي وارو |
| پاڍڻ | پا + بَڌڻ | وهٽ جو هڪ پير ٻڌي رسي سان ٻڌڻ ڪري گهمندو ۽ چرندو پيو آهي |
| ڦڪڙي | ڦيڪاري | لومڙي |
| سڳيٽو | سڱ + وهيٽو | سڱ ڏيندڙ |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ڏاوڻ | ڏانءِ + اُٽڻ | جانورن جا پير پڏڻ |
| پاڏئو، پاڏِهون | پٺ + ڏانهن | پٺيرو، پٺيءَ پر |
| ڪرڙوَڙِ | ڪُراڙو + اڏ | پڪي عمر جو، هٺيل |
| جُهونجهار | سونجه + جهار | عقل جا سلامي |
| ممڻ مچڻ | معاملو مچڻ | مخفف |
| پنپٽ | پونءِ + اُپ + تڪ | باھ جا وڏا شعلا |
| ٻُري | ٻوٻَ + اُپري | پري جو آواز |
| اُسڙڪ | اُس + ساڙڪ | انتظار |
| نڪٽ | نڪشٽر | مخفف |
| لوساٽ | لوءَ + اُساٽ | سخت گرمي جو اثر |
| ڪُڏائي | ڪُڏ + انڏائي | خراب عمل |
| هٻڪ، هٺڪ | هاٻو + اٺڪ | آواز جي روڪ |
| نِيٺو | نه + هٺو | وڏائي کان سواءِ |
| نپٺو | نه + پٺو | اولاد کان سواءِ |
| پئنچاتي | پنج + پاتي | راڄ وارو، راڄوٽي |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| آسرپوٺيون | ايشور + پوٺيون | اشلوڪ، مقدس سٽون |
| اوسيڙهو | اوچتي + سيڙهپ | انتظار |
| مَڪَڻُ | مٿن (لفظ بدليل) | لائڻ، لڳائڻ |
| ٻوٿاڙو | ٻوٿ + اڙو | جانورن کي کائڻ کان روڪڻ منهن جو ٻڌڻ |
| اَهنڊ | اڻ + مهينڊ | چڙواڳ |
| ورلاپ | ور + اَلاءِ + آپ | مڙس لاءِ جذبات |
| ڪاچر | ڪانه + جر | پاٽيءَ تي ڪانهن جا ٻوڙا |
| ڇُوچڙي | شوشو + سڙي | باروت جي هوائي |
| ڪَڙيو | ڪرَ + وُڙهو | واٽر ڪورس |
| پاٽياٽ | پاٽي + آٽ يا آڇ | پاٽيءَ جي روءِ تي |
| ڏڙڪي | ڏُوڙ + دِڪي | واه جو بند |
| ڏَڙڪي | ڏَرن + ڏڪي | ڏڪٽي |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| رَڦٽي | رعب + بدني | ڏکٽي |
| نُهن | نئين + وَهوُ | ڪنوار |
| ڪُڇائو | ڪچو + ڇائو | ڪچو ڦر |
| نهوڙيو | نهر + هڙيو | پوڙيو |
| نسنگ | نئي + سانگ | نيزي جي چوٽيءَ تي |
| ڪنجوس | ڪانا + چوس | بخيل |
| مرچوٽ | مر + چوند | ڪنجوس |
| آچر | آڏت + وار | سج جو ڏينهن |
| ٻگهني | ٻه + گني | گهٽن گٽن واري |
| ڪنگڻ | ڪولابو | چوڙو |
| انوچر | ان + اوچر | گهٽا |
| ٻانهوٽا | ٻانه + پٽا | زيور |
| ٻاپڙي | بابڙي | نينگري ڪي پيار جو سڏ |
| ڪيڪڙاٽ | ڪوڪراٽ | اوتاڙون |
| سانگهيڙا | سانگ + ووڙيا | مسافري ڪندڙ |
| سنگهار | سانگ + گهار | مسافريءَ ۾ رهندڙ |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ڏِنگ | ديھ + دنگ | ديھن جو مالڪ وڏو زميندار |
| ٻپور | ٻَپَ + پور | معصوم |
| ڪڇو | ڪج + لڄ | بي پرھيز |
| ڪرتوت | ڪاريه + اتيت | ڪم |
| گھپي | گھاءُ + پيھ | ڪروڌ، ڪُرڪُر |
| ڪانئر | ڪانءَ + اُور | ڪانءَ وانگر پڇندڙ |
| ڪارائو | ڪاريه + واھو | سنڀاليندڙ |
| پنپوري | ”پون پون“ (آواز) + پري | جيت (پاٽيءَ جي موسم وارو) |
| ڪانجاٽو | خانچه + خانو | فارسي |
| ڪڇھرا، ڪڇھري | ڪي + چھرا | چار صورتون |
| ڏنير، دنير | ڏچر + چريه | وڏو گوڙ، ونير، ڪارو |
| پيچ پني | پون + پوچ + پني | ماڪ مھل |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| مهانچڙو | منهن + ڪچڙو | شرميلو يا لڄاڙو |
| نويسرا | نوا + فيصلا | تڪرار نبيرڻ |
| نئين سڪي | نين + سوڪيم | نفيس ڏوتل |
| ٻار ڪي | ٻانهن + رکيا | ٻانهن جو تائيث - زيور |
| ارڪٽي | هرک + وٽي | جنهن جو هر ناز وٽندڙ هجي |
| ڏاڪو | ڏاچو + پڪو | حڪومت، جهندو بلند ڏاڄ معنيٰ جهندو |
| اڪيچار | اٽڪڻ + آچار | گهٽا |
| جانئو | ڇنگھ + گانو | مضبوط - طاقتور |
| پينگھ، پينگهو | پون + اينگھ | لوڏڻ لاءِ |
| ڦِنبو | پا + بند | بدليل لفظ |
| چاپئين، چاپُهين | چاپ + مينهن | منهن تي چاپيل ڏاڙهي |
| ٻُچو، ٻچي | بوٿ + لچو | مهاڙي |
| تيڪڻ، ديڪڻ | دوڙڻ | پيچ ڏُک ڪرڻ |
| ڪنوٺي | ڪن + وٺ | ڪن جي وٺ |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ڪِڻار | ڪنڌي + ماٿار | هموارڪنارو |
| نٿ | نڪَ + وٿ | نڪ وارو زيور |
| بولو | بينيءَ + وارو | نڪ وارو زيور |
| والو | ورن + وارو | ڪن وارو زيور |
| پينتل | پاٽيءَ + پيتل | سيلاب واري زمين |
| ڪينڪار | ڪينءَ + سهڪار | خوش خير عافيت |
| ڪنمال | ڪنٺ + مالھ | ڳچيءَ جو زيور |
| پؤنچي | پوتل + لچي | ڪرائي جو زيور |
| ڦيڏرو | ڦتل + ڏؤنرو | ڏڌ ۽ ڪير ملايل |
| ڪٺريو، ڪٽنيو | ڪنٺ + ٻوليو | گهٽ وڌ ڳالهايو |
| مڪياري | مڪ + نياري | ٻئي جي پروسي |
| ماپيرو | ماھ + پھريون | مهيني ۾ پھريون ڏينهن جيڪو سهائي ۾ اچي |
| ڪسارو | ڪس + وارو | ڪؤڙو، اڻ وٽندڙ |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| بنئسر | بينيءَ + سر | نڪ جو زيور |
| ڪنوار | ڪونئر | سهڻي عورت |
| سائين | سامي | وڏو، مربي |
| گهوٽ | گهوٽڪ | گهوڙيسواري |
| منگهٽ | مک + گهاٽ | منهن جو سينگار |
| ڏيساور | ديس + اور | پرديس |
| ڪٽر | ڪيٽي + وار | ڪيٽي وارو |
| پرڀات | پرڀ + رات | رات جو پويون پهر |
| ڪٽراڳ | ڪيٽو + روڳ | جهڳڙالو |
| نيت | نيٽن + پريت | هيٺاهين |
| نستونگ | نئي + ستت + دنگ | سربستي |
| سُوڪ | سوگ | معنيٰ ڏک |
| سنگتي | سنگ + پاتي | همراه |
| نِگهوسار | ننگهه + انوسار | چلجي وڃڻ |
| سگهرو | ساڻ + گهر | زال سميت |
| سانگهارا | سنوان + گهارا | پاڻي جي لاٺ ڪائجي |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ڪچونبر | ڪچو + بصر | بصر وغيره جي ڪتر جيڪا ڪچي |
| سوگ | سُونگهه | ڏک، ماتم، غم |
| نماڻي | نه + ماني | بي ماني |
| شاباس (فارسي) | شاد + باش | خوش رهڻ |
| ٻپرينگ | پنپور + پينگ | ويراني يا تباهي |
| آڳنڌ | اڳيون + هنڌ | اڱڻ ميدان |
| اُڌما | اوڌ + ڌما | ڌما ـ صدما |
| ڌهڪاءُ | ڌڪڻي + ٺڪاءُ | خوف ـ حراس دهشت |
| ڏاٻو | ڏاڍو + آبو | چپو چورو ڪرڻ لاءِ ترسڻ |
| هنبوچي چي | هم + بادشاه + چه چه | بلوچي لفظ خوشي لاءِ مطلب ڇا، اسين بادشاه آهيون. |
| ٻوُسٽ | ٻُهه سٽَ | ٻهه سٽي رکجي |
| آسودو | آس + وندو | سکيو ـ خوشحال |
| ورتاءُ | واردات + واءُ | رويو يا هلت |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ڍنگ، ڍونگ | دوکي + رنگ | دغا بازي |
| اُباٽکو | اُپو + روئڻ هارکو | اُداس پريشان |
| اهمائي | اهم + وائي | ضروري ڳالھ |
| چانئٺ | چؤنک + هيٺ | در جي چؤ جاٺي جو هيٺيون پاسو |
| ڏول | ڏک + هول | ڏکيائي |
| ٺٺپ | ٺانءِ + ٺوپ | ٺل |
| آهٽ | آواز + رهنديا رهٽ | هلڪو آواز يا کڙڪو پير جو |
| آٿت | آواز + اُستت | همٿائڻ |
| واچوڙو | واچ + واسوڙو | ڦيرٽي |
| ٺانٺو | نوڪيل + ڪاٺو | ڪاٺ ڳڙھ |
| چامڙو | چم + بندرو | قد جو ننڍڙو عمر جو وڏو |
| جاڙا | جوڙو | بدليل لفظ، ٻِٽو |
| ٻيبليو، پنپليو | پاڻ + پليو | پنھنجي جاءِ تان هٽيل |
| اَپسرا، اپڇرا | اُپ + ڪسرا | بنان عيب |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| اُچراند | اُوچي + پد | وڏي شان واري |
| ٻاگهي | ٻانڪي | بدليل لفظ معنيٰ بهادر |
| سُوڪي | سونگي | بدليل لفظ معنيٰ دَٻلي |
| مورچا | مورڪ + اچا | بي بوشي |
| ڏنڏا گير | دانه دانه + گير | فارسي ۾ - حاصل ڪندڙ |
| پنپئي | پون + پائني | اٿهي زمين ۾ ڪتل فقيرن جي ڪُندري |
| اوٻاسي | اوگر + ٻاٿ + واتي | ٿڪاوٽ |
| هرڪي | هرڪي | هرڪي پوڻ |
| پَرُ | پاڪ + ڪَپَرَ | اولياءَ تي چادر چاڙهڻ |
| هُڏي، هوڏي | هٿَ + اوڏي | شين جا مٿا سٿا |
| پڙلاءُ | پهاڙ + اَلاءُ | آواز جي جبل مان موٽ |
| پڙاڏو | پڙ + اَڏيو | نار يا هرلي جي کوٺيل ڪڏ |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| اوپر | اُب + پرو | جوش گرمي |
| واتوڙي | وات + واڙي | زباني چوڻ |
| چٽ، چٽي | چھ + راتي | ٻار جي ڇم جي ڇهين رات ۾ ان سنوڻ |
| اويلو | اڻ + ويل | کھلو |
| اڏوڏائي، اهڏ | (رعبي) اهل وداعي! آڏ | وڏائي جو دنگ |
| وڏائي | وڏائي | تڪبر غرور |
| ويچ | واچڪ + ويد | حڪيم |
| گيگ | گگ + وهڪ | گهٽو يا اجايو ڳالهائڻ |
| ڍيڪ، ڍينگ | ڍاؤ + چُڪَ | بي جا ڳالهائڻ |
| البيلو | ال معنيٰ بي + بال معنيٰ حال | بيپرواهه |
| موڪيا | مُنهن + پرڪيا | قبوليل |
| مُڪي | منهن + پرڪي | مُک منهن رکندڙ |
| ڪاراتجي | ڪارو + اباتجي | نراس ٿيڻ |
| ڏچو | ڏوھ + ڏاميچ | تڪليف ۾ اچڻ |
| پينگ | پونءِ + اينگھ | تباهي |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ڦڪرو | ڦڪَ + آڪرو | ڦڪن هڻڻ جهڙو |
| تاڪ | تڪيءَ – اڪ | چالاڪ - حرفتي |
| ترائي | تر + واهي | هيٺاهين |
| ترڪ تال | تيرڪ + تال | تالن تي ترندڙ |
| تريناڪ | ٿُوَر + آنا + آٽاڪ | وڏو چوزو |
| تلهڙ | ٿاري + هريه | سائي ٿاري سوئيل |
| توڏجڻ | تون + وڏو، تون وڏو | هڪبئي کي چوڻ، اُلرون ڪرڻ |
| اُلر، اولار | اُلارڻ + اول + لهر + (لهرائڻ) | هوا ۾ آڻڻ |
| تڪ، تگ | ترت + ڳيهڻ | هضم ڪرڻ |
| ٿاڏارڻ، تترائڻ | تڏ + ڏارڻ | ٿڏو ڪرڻ |
| ٿاڏارڻ | ٿڏو + اُڏارڻ | بنياد ڪيڻ |
| ٿُم | ٿانءِ + منجه | ڳجهي جاءِ يا محفوظ جاءِ |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| ٿاپرو | ٿاپ ٿاپ + وارو | روز يا پيڙون ڏيندڙ |
| ٿارو | ٿرڻ + وارو | ٿرڻ جو وارو |
| ٿاڪوڙا | ٿا ٿا + ڪوڙا | ڇهبڪن جو وارو وار |
| ٿسينگ | ٿيڙي + نسنگ | مغروري، وڏاءُ |
| ٿيگر | ٿيڙي + ۽ مگر | اجائي آڪڙ، ڦوند، سيٺ |
| ٿنپ | ٿڌو + ڏنپ | تمام ٿڌو، يخ |
| پاچاٿو | پاڇي + چاٿو | پويون - پڇاڙي وارو |
| لبو | لعابو (عربي) | ڳِگِر |
| پبو، ڪبو | ڪاڏي + لِبو | جنهن جا ڏند نه هجن |
| پٿاڙ | پٺو + ناڙ | اگهٺ |
| پَچند | پوئين + چند | هلڪي چپيٽ، ڏُهل جي هڪ وچت |
| پاچاندي، پچندي | پاچا + اَندي | چانوَ يا پاچي واري اَندي |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| پسوري | پسرَ + پري | پڏري ڪرڻ، اصليت ظاهر ڪرڻ |
| پئون سٽ | پهرين شرط | بدليل لفظ ڍارو اُڇلڻ وقت چون |
| پوڄاڙي | پوءِ + ڏيهاڙي | پويون پهر |
| پوٽيني | پهرين + پٺيتي | پهرين ڀار واري عورت |
| ڪانباري | ڪانپ + آري | ڪانپي واري، ڪانپ ٻڌل |
| هُرڻ | هردو + اولڻ | دل ۾ ڳولڻ |
| هيٿ | هيءُ + وٿ | ڪنهن ڪي پوندو ڏيڻ مهل چون |
| ڦاڙي ڦاڇڪو | ڦاڙ هيءَ + ٻئان + چڪن | شڪن (شڪاري پٽ) |
| ڦسو | ڦاسڻ + وسو | بي زور ـ هيٺو ـ ڦيڦو |
| ڦَڪَڙ | ڦوه + آڪڙ | فضول خرچ ـ ڪٽل ـ هٿ ڦار |
| ڦيٿ، ڦوٿ | ڦٿ + وٿ | لعنت ڪرڻ |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| جُهنڊ | جُبي + گُهنڊ | نئين چاول ٻار جاپهريان وار |
| جهنڊولو | جِهنڊ + وارو | اهو ٻار جنهن جا پهريان وار ڪٽيل نه هجن |
| چانپ ڪُڏو | چان + اُس + ڪڏڻ | راند ٻارن جي |
| چُٽر | چيڙ + وستر | ٽوڪ ڪرڻ |
| چُوٿا، چُوٿڙ، چٿڙ | چل + اُٽڙ | ٽڪرو، ٻرگهل |
| چوپا | چوپيل + واتا | رس نڪتل ڪانا |
| چسي | چاهه + هنسي | هٿ ملائڻ |
| چِندا، چنتا | چِت + وارتا | ڳُڻتي الڪو - اُجڪو |
| چونڊڙي، چوڪ، چونگ | چوڪ، چونگ | چُگهه انگڙي، چونگ چهڪ |
| چِلهر | چلهيل + اهوڙيل | اڏوري ڪٽيل |
| چِمرڪو | چمڙي + پٽڪو | چمڙي پٽڻ |

Gul Hayat Institute

| | | |
|---|---|---|
| اوڳرائي | اوڪ + ورائي | واتان گئس خارج ٿيڻ |
| چڙب، چاڙپ | چڙَ + دب | ڪاوڙ مان تنبيھ - دڙڪو - تڙي |
| چانگرا | چاھ + انگلا | ماٽا - انگل - نخرا |
| چيڪ، چيگ | چوڙيل + وڳ | آزاد چڙواڳ (جانور) |
| چيگرو | چيڙ + اڳرو | گدلو - ميرو چولو |
| داپڙو | داب + اڙو | تختو، ڦرھو ڌوئڻ (ڪپڙن وارو) |
| مهاڏو | منھن + آڏو | مهاڏو اَٽڪائي بيهي رهڻ |
| شرنائي | شور + شرن + وائي | وڄائڻ جو سازينو |
| داڙوُ | داد + وَڙُ | شفاعت ڪندڙ |
| ڏبڙاٽڻ | ڏبي + اوراٽڻ | تڙي ڏيڻ |
| دَتِ | ديھ + موت | |

Gul Hayat Institute

http://www.sindhiadabiboard.org/catalogue/Folk_Litrature/Book23/Book_page25.html

Gul Hayat Institute